جامي چانڊيو

# نئين سنڌ

## لاءِ تدبيرون ۽ حڪمت عملي

پيڪاڪ

# نئين سنڌ

## لاءِ تدبيرون ۽ حڪمت عملي

جامي چانڊيو

پيڪاڪ پبلشرس ڪراچي

كتاب نمبر 151

ڪتاب جا حق ۽ واسطا اداري ۽ ليکڪ وٽ محفوظ آهن. پبلشر ۽ ليکڪ جي اجازت
کان سواءِ ڪتاب جو ڪو به حصو ڪاپي يا شايع نه ٿو ڪري سگهجي.

# نئين سنڌ لاءِ تدبيرون ۽ حڪمت عملي

ليکڪ: جامي چانڊيو

ڇاپو پهريون: 2020ع

تعداد: 1000 ڪاپيون

لي آئوٽ: سيد آفاق شاهه

ٽائيٽل: ظفر آفتاب

قيمت: 800 رُپيا

پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

ڇپيندڙ

ايچ اينڊ آر پرنٽرس، ڪراچي، سنڌ

ڇپائيندڙ

پيڪاڪ پبلشرس، ڪراچي سنڌ

peacockpublishers@gmail.com

ڪتاب ملڻ جو هنڌ

پيڪاڪ ڪتاب گهر

404 رفيق سينٽر، عبدالله هارون روڊ، صدر ڪراچي- سنڌ

فون نمبر: 021-35680607، 021-35682020

peacockbookhouse@gmail.com

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

# ارپنا

سنڌ ۽ علمَ جي عاشقَ
۽ پنهنجي ڏاهي، دلبر دوستَ
جاويد ڀُٽي جي نالي،
جنهن کان جيئڻ جو حقُ
کسيو ويو!

جامي چانڊيو

# سنڌاءُ


- اداري پاران — ڊاڪٽر آفتاب ابڙو — 7
- مهاڳ — نصير ميمڻ — 11
- 

## قومي سياست

1 نئين ڪنڌ جي ورهاڱي سنڌ کي ڇا ڏنو؟ 3
2 قوم جو جديد تصور ۽ سنڌي سماج 9
3 ون يونٽ جو قيام ۽ سنڌ جي مزاحمتي جدوجهد! 14
4 سنڌ ۾ عوامي سياست ۽ قومي سوچ کي ڪيئن گڏائجي؟ 21
5 سنڌ جي قومي سياست ۽ سنڌ جو سياسي آئيندو! 27
6 سَگهه ۽ ساکَ جي بحران ۾ ورتل سنڌ جي قومي سياست! 31
7 عوامي سگهه ۽ سنڌ جي قومي سياست جو آئيندو! 39
8 سنڌ جي قومي سياست جو تنقيدي جائزو ۽ گهربل تدبيرون! 46
9 نظرياتي سياست ڪانسواءِ طاقت جو توازن تبديل ڪيئن ٿيندو؟ 59
10 سنڌ جي قومي سياست گهربل مزاحمت ڇو نہ ٿي ڪري؟ 65
11 سنڌ جي احتجاج کي سگهاري سياسي مزاحمت ڏانهن ڪيئن وٺي وڃجي؟ 71
12 سنڌين جي مزاحمت ۽ جدوجهد جو دائرو اڃا بہ وسيع ٿيڻ گهرجي! 76
13 سنڌ ۾ معياري تبديلي ڇو نہ ٿي اچي؟ 83
14 سنڌ جي وحدت لاءِ گهربل حڪمت عملي! 89
15 سنڌين جي قومي شعور جي بدنصيبي! 94
16 باشعور فردن جو قومي ۽ سياسي ڪردار ڪٿي آهي؟ 100
17 سنڌ جي شهرن جي مالڪي ۽ سنڌ جي قومي سياست 109
18 ڪراچيءَ جي مالڪي ڪرڻ جي ضرورت! 116
19 ڪراچيءَ کي مستقل امن ڪير موٽائي ڏيندو؟ 121
20 هيءَ سوڀ سنڌ جي قومي شعور جي آهي 125
(سنڌ پيپلز لوڪل گورنمينٽ آرڊيننس کي رد ڪرائڻ بابت لکيل)
21 چوٿين مارچ واري شاگرد جدوجهد ۽ موجوده شاگرد سياست 130
22 سانا: ڪاميابيءَ جو هڪ اُتساهيندڙ سفر 135

23 قومر سازيءَ جو عمل ۽ ادارن جو زوال! 141
24 ٽڪرا ٽيندڙ ايمر ڪيو ايمر، لساني سياست جو مستقبل ۽ سنڌ جو قومي مفاد! 147
25 سنڌي- بلوچ تضاد ڪنهن جي مفاد ۾ آهي؟ 153

## چونڊن جي سياست ۽ سنڌ جا مفاد

26 مفاهمتي سياست، سنڌ جي قومي وحدت ۽ نئون مڪاني نظام! 159
27 سنڌ کي ڪهڙو مڪاني حڪومتن جو نظام گهرجي؟ 166
28 سنڌ ۾ مڪاني چونڊن جو سوال ۽ سنڌ جا مفاد 173
29 چونڊون- 2008ع ۽ سنڌ جا مفاد 177
30 ڪراچي، ايندڙ چونڊون ۽ عدالتي فيصلي جو انجام 182
31 چونڊون2013ع: ياد رکو! ووٽ سنڌ جي امانت آهي! 186
32 ايندڙ چونڊون ۽ سنڌ جا قومي مفاد!(2013ع وارين عام چونڊن لاءِ لکيل) 192
33 چونڊون 2013ع: ايندڙ چونڊون ۽ سنڌ جو شهري سماج! 198
34 چونڊون 2013ع ۽ سياسي ڪلچر جي زوال جا اهڃاڻ! 203
35 2013ع جون چونڊون ۽ سنڌ ايجنڊا 209
36 چونڊن ڪانپوءِ سنڌ ۾ سياسي پارٽين جو مستقبل! 215
37 سنڌ ۾ اڪثريتي مينڊيٽ جا اصل محرڪ ڪهڙا آهن؟ 221
38 سنڌي وڏيرو ووٽ جو احترام ڇو نٿو ڪري؟ 227
39 جمهوريت جو ڍاڪو، چونڊون 2018ع ۽ سنڌ جا مفاد! 232

## پارلياماني سياست ۽ سنڌ جا مفاد

40 سنڌ جي پارلياماني سياست ۾ متبادل قوت ڪيئن اُڀرندي؟ 239
41 سنڌ ۾ سياسي متبادل ڇو نٿو اُڀري؟ 244
42 سنڌ ۾ سياسي متبادل ڪيئن اُڀاري سگهجي ٿو؟ 250
43 ڇا سنڌ ۾ ٽيون آپشن نٿو اُڀري سگهي؟ 257
44 سنڌ ۾ پ پ جو متبادل گرينڊ الائينس ۽ ٿرڊ آپشن جو سوال! 262
45 ڇا سنڌ ۾ سياسي برف رجي رهي آهي؟ 268
46 تبديليءَ جو سج ڪيئن اڀرندو؟ 275
47 وڏيرڪي نظام مان سياسي نجات ڪيئن ممڪن آهي؟ 280
48 سنڌ ۾ متبادل جو سوال؟ 286
49 18هين آئيني ترميم مان سنڌ کي ڇا مليو؟ 291
50 اٺون قومي مالياتي ايوارڊ ۽ سنڌ جو ڪيس! 298
51 آدمشماري 2017ع جا نتيجا اعتبار جوڳا ڇو ناهن؟ 304
52 رينجرز جا اختيار، صوبائي خودمختياري ۽ سنڌ ۾ ڪرپشن جو خاتمو! 310

53 سنڌ ۾ آئيني جمهوريت آهي يا بادشاهي؟ 316
54 پيپلز پارٽيءَ وٽ حڪمراني سنڌ جي ماڻهن لاءِ هجڻ گهرجي يا پوٽارن جي بادشاهيءَ لاءِ؟ 320
55 سنڌ ۾ عوام دوست ۽ اهل حڪمرانيءَ جو خواب ساپيان ڪيئن ماڻيندو؟ 325
56 صوبائي خودمختياري ڪنهن جي مفاد ۾ هئڻ گهرجي؟ 330
57 "ٻچو" هڪ فرد ناهي! 335
58 موجوده پير پاڳارو ثابت قدم ثابت ٿيندو؟ 339
59 پاڪستان مسلم ليگ (ف) جي سياست بابت ڪجهه بنيادي سوال! 345
60 ڇا نون صوبن جو قيام سنڌ جي حق ۾ آهي؟ 349
61 عمران خان جي سياست ۽ سنڌ جا مفاد! 355
62 سنڌ ۾ ملندڙ چچريل لاش ڪهڙا نتيجا آڻيندا؟ 361
63 چچريل لاش ۽ سنڌ لاءِ درست حڪمت عمليءَ جو سوال 365
64 سنڌ مان کنيي گم ڪيل ڪارڪن ۽ انساني حقن جي سنگين لتاڙ 369


## تعليم جو بحران ۽ سنڌ جو آئيندو!


65 سنڌ يونيورسٽيءَ کي ڪيئن بچائجي؟ 375
66 سنڌ يونيورسٽيءَ جي نئين سر اڏاوت جي ايجنڊا! 380
67 سنڌ يونيورسٽيءَ جو ڪوڏٽي آهي؟ 388
68 سنڌ جي خانگي ۽ شهري اسڪولن ۾ سنڌي ٻولي ڇو نہ ٿي پڙهائي وڃي؟ 393
69 سنڌ ۾ تعليمي ايمرجنسي لاڳو ڪرڻ جي ضرورت! 398
70 سنڌ ۾ تعليمي زوال جو ازالو ڪيئن ٿيندو؟ 405


## سنڌي ٻولي ۽ سنڌي اديب


71 آئين جي نظر انداز ٿيل اهم شق ۽ قومي ٻولين جو اڻ نبيريل تضاد 413
72 سنڌي ٻوليءَ جي جياپي لاءِ گهربل حڪمت عملي! 418
73 سنڌي ادبي سنگت جو ڪارج ڇا هئڻ گهرجي؟ 423
74 سنڌي اديبن جو ڪردار ڪهڙو هئڻ گهرجي؟ 428
75 اجوڪو سنڌي اديب سماج جي ترجماني ڪري ٿو؟ 434


## فڪري تنقيد


76 انارڪزم، 21هين صدي ۽ سنڌي سماج! 349
77 ڇا دانشور کي انارڪسٽ هئڻ گهرجي؟ 447
78 آئيندو سنڌ جي ايجنڊا تي ڪڏهن ايندو؟ 454

# اداري پاران

جامي چانڊيي صاحب جو نئون ڪتاب، "نئين سنڌ لاءِ تدبيرون ۽ حڪمت عملي" اوهان جي هٿن ۾ آهي، جنهن ۾ سنڌ جي سياست جو سائنسي انداز ۾ ڇيد ڪيو ويو آهي. جامي اهو ڇيد (Analysis) پنهنجي علم، ڏاهپ، تجربي ۽ سياسي فهم فِراست مطابق ڪيو آهي. سندس تجزيو ڪنهن سياسي پارٽي، گروهه يا طبقي جي آڌار نه آهي، بلڪ سنڌ ۾ ون يونٽ کان وٺي شاگرد سياست، ڪاهي ڌر، انقلابي پارٽين، جمهوري پارٽين، وطن دوست ڌرين جي تاريخي ڪردار سان گڏ، هن وقت تائين خاص طور 2013ع ۽ 2018ع وارين چونڊن ۾، سنڌ جي سياسي پارٽين جي ڪردار، ڄڙواڳي ۽ ڪارڪردگي آڌار ڪيل آهي.

جامي صاحب جا مختلف مقالا (Research Articles) جيڪي هن مختلف دورن ۾ لکيا ۽ مختلف اخبارن ۽ رسالن ۾ شايع ٿيا. انهن ۾ هن اهڙو ته پرپور ڏاهپ ڀريو انداز اختيار ڪيو آهي، جنهن لاءِ پٽائي ڇيو هو ته "وڪر سو وِهاءِ جو پئي پراٽو نه ٿئي." جامي جا ڏاهپ ڀريا اهي مضمون/مقالا، جيتوڻيڪ 2012ع، 2013ع ۽ ان کان پوءِ جا آهن، پر اڄ 2018ع ۾ جڏهن اسين پڙهون ٿا ته فهم ۽ ادراڪ آڌار ڪيل انهن تجزين ۾ تر برابر به فرق نه آيو آهي. سندس تنقيد به حقيقت پسنديءَ جي بنياد تي آهي. پراڻي محاوري مطابق "ساڳيا لاٽون ساڳيا چگهه" اسان جي سوچ ۽ عمل ۾ ڪو به فرق نه آيو آهي. اسان جا سياسي ۽ سماجي رَويا بلڪل ساڳيا آهن، اسان ڪنهن ادبي پروگرام يا سياسي جلسي ۾ نعرا ته هڪڙا هڻندا آهيون، پر عملي سياست ۾ اسان جا ويچار الڳ هوندا آهن. هزار ڪوشش جي باوجود اسان جي ترقي پسند ۽ قومي اڳواڻن جي سياسي سوچ ۾ ڪو فرق نه آيو آهي. اسان جي سياسي رٿابندي ۽ حڪمت عملي ڊرائنگ روم تائين محدود هوندي آهي. اهوئي سبب آهي جو اسان ڪنهن صوبائي تڪ تي ڪن ڌرين سان عارضي اتحاد به نه ڪري سگهندا آهيون. مطلب ته نه اسان تجربن مان ڪجهه حاصل ڪرڻ سگهيا آهيون. نه وري بدلجندڙ سياسي حالتن جو ادراڪ اٿئون!

انهن سياسي حالتن جي عڪاسي جامي هن ريت ڪري ٿو:

"سنڌي سماج جون قوتون نہ رڳو محدود آهن پر اُهي منتشر ۽ هڪ ٻئي سان تضاد ۾ پڻ آهن. ان ڪري سنڌ جي سجاڳ طبقي کي ڀرپور ۽ اثرائتو ڪردار ادا ڪرڻو پوندو. سنڌي سماج جي موجوده قوم پرست، وطن دوست ۽ ترقي پسند ڌرين مان ڪابہ هڪ اهڙي سگهاري ڌر نہ آهي، جيڪا اڪيلي سر سنڌ جو هي سڄو بار کڻي سگهي، انڪري هر ڳالهہ قوم پرستن تي ڀاڙڻ بدران سنڌ جي سمورن ساڃاهہ وند ماڻهن کي پنهنجي پنهنجي شعبي ۽ دائري ۾ هر سطح تي سماج جي سُونهين جو ڪردار ادا ڪرڻو پوندو.

جيسين سنڌ ۾ ڪا وڏي سگهاري سياسي پارٽي اُسري اچي، تيسين هن عبوري دور ۾ سماج جي سمورن شعبن جي سُجاڻ ماڻهن کي اڳيان اچڻو پوندو. سنڌ جو سجاڻ طبقو عوام کان گهڻي ڀاڱي ڪٽيل آهي. انجي سوچ، عمل، تحرڪ ۽ سرگرميءَ جو دائرو تمام محدود آهي، انجو وڏو حصو نہ تہ دنيا جي وڏين ڌارائن سان لاڳاپي ۾ آهي ۽ نہ عوام سان. وچيون طبقو هوندي بہ پنهنجن طبقاتي مفادن جي اڻ اعلانيل حدبندين ڪري ڪڏهن بہ عوام جي اورچ ۽ توڙ تائين رهبري ناهي ڪندو، جو سندس عارضي طبقاتي مفاد سندس غير معمولي ڪردار اُڀرڻ نہ ڏيندا آهن. پر ان باوجود هڪ حد تائين ئي سهي پر وچين طبقي جو قومي اڏاوت جي عمل ۾ اثرائتو ڪردار ضرور هوندو آهي. جي سنڌ جو وچيون طبقو ٻيو ڪجهہ نہ ڪري پر پنهنجي ذهني، تعليمي، فڪري ۽ پيشيورانہ سگهہ اسٽيٽسڪو بجاءِ عوام ۽ وطن جي نجات جي گهڻ طرفي عمل ۾ خرچ ڪري، تڏهن بہ سنڌي سماج ۾ معياري سياسي، معاشي ۽ سماجي تبديليءَ جي عمل جي رفتار تيز ٿيندي." (ص-23)

هن وقت سنڌ ۾ ڪرپشن خلاف وٺ پڪڙ سبب، سياسي منظر نامي ۾ ٿورو فرق آيو آهي، ڪامورا ۽ وڏيرا سر بچائڻ ۾ پورا آهن. سندن سوچ ۽ تدبيرون بدلجي رهيون آهن، ڪين هاڻي سنڌ ۽ اَهنجن ۾ ورتل سنڌي ماڻهو ڏاڍو ياد اچي رهيا آهن. اسان جي ڪاموري جي اها نفسيات رهي آهي تہ جڏهن هو ڪرسيءَ تي هوندو آهي تہ ڪيس عوام ۽ غريب ماڻهو زهر لڳندا آهن، ڪرسي ڇڏڻ کان پوءِ ڪين ماروئڙا ۽ جهانگيئڙا ياد ايندا آهن، سنڌ جي حقن بابت يادگيرين ڀريا ڪتاب لکي شاندار پروگرام ڪرائي پنهنجي پذيرائي ڪندا آهن ۽ عوام کي نصيحتون ڪندا آهن تہ سنڌ اتم آهي، سنڌ اهم آهي، اسان سيني کي گڏجي سنڌ جي ڳوٺن ۽ غريب عوام جي پرگهور لهڻ گهرجي.

ڪرپشن خلاف اهڙا اپاءَ تہ اڳ بہ ورتا ويا هئا، ڇا انهن عارضي اپائن سان، سنڌ جي اصل مسئلن: پاڻي جي کوٽ، تعليم جي تباهي، زراعت جو

زوال، روڊن توڙي سماجي ترقيءَ سان واسطو رکندڙ رٿائن جي تباهي گهٽ تي سگهندي! اسان لاءِ "آنڌي جهڙي پيڪين تهڙي ساهرين" اڳ اهڙا منصوبا ان لاءِ تيار ڪيا ويندا هئا تہ جيئن ڪميشن وٺي، انهن کي منڍ ۾ يا اڌ ۾ ڇڏي، هڙئي پيسا هڙپ ڪجن. جهان خان پاڻهي پيا فيصلا ڪندا. ان جي پيٽ ۾ هاڻي ہي روش اختيار ڪئي پئي وڃي، جو ڪامورا اهڙين ترقياتي رٿائن ۾ نيب جي ڊپ کان هٿ ئي نٿا وجهن. مالياتي سال جي چوٿائي (Quarter) گذري وئي آهي، پر سنڌ ۾ ڪوبہ اهم ترقياتي منصوبو شروع نہ ٿي سگهيو آهي. اڪثر آفيسر پورين منصوبن جا ڪيتا وينا لوڙين.

هن ڪتاب ۾ ڪل 79 مضمون آهن، جن کي ڇهن عنوانن ۾ ورهايو ويو آهي:

(1) قومي سياست
(2) چونڊن جي سياست ۽ سنڌ جا مفاد
(3) پارلياماني سياست ۽ سنڌ جا مفاد
(4) تعليم جو بحران ۽ سنڌ جو آئيندو
(5) سنڌي ٻولي ۽ سنڌي ادب
(6) فڪري تنقيد

سنڌي ٻوليءَ بابت پڻ جاميءَ جو موقف بلڪل چٽو ۽ واضح آهي، جيسين اسين پنهنجي ٻارن سان، گهر وارن سان ڪچهرين ۾ توڙي عام ونهوار وقت سنڌي نہ ڳالهائيندا سين تہ ان جو مستقبل اونداهون آهي. سنڌي ٻوليءَ کي هر حال ۾ مارڪيٽ جي ٻولي بڻائڻو پوندو. اوهان هزار جي خريداري ڪريو يا لک جي، واپاريءَ جو ايمان ان ۾ هوندو آهي تہ اوهان سان اڌو ڳاٻري ئي سهي پر ڳالهائيندو سنڌيءَ ۾ ۽ ڏسو تہ ڪيئن ٿو پنهنجي پراڻي رهائش لاڙڪاڻي، خيرپور وغيره ۾ چاڻائي، ان ڏس ۾ جامي صاحب لکي ٿو تہ:

"جاگيرداراڻي ۽ زرعي سماجن کانپوءِ صنعتي دور ۾ هاڻي عالمي طور اهو طئي ڪيل اصول آهي تہ مارڪيٽ ٻولين جي واهپي، ڪارج ۽ واڌ ويجهہ جو اهم ترين ذريعو آهي ۽ اجوڪي جديد دور ۾ اهي ٻوليون ئي بچنديون ۽ اڳتي وڌنديون، جن جو معاشي وهنوار ۽ ڪارج هوندو. اسان کي ان خوشفهميءَ مان نڪري اچڻ گهرجي تہ ڪو ٻولين جي بقا ۽ واڌاري جو اڪيلو ذريعو ادب ۽ شاعري آهي. عبراني، يوناني، اڪادي، لاطيني، پالي، ۽ سنسڪرت سميت دنيا ۾ انيڪ عظيم ٻوليون پنهنجو سياسي، معاشي ۽ سماجي ڪارج نہ رکڻ سبب دنيا ۾ مري ويون. جيتوڻيڪ انهن جو ادب اڄ بہ زندهہ آهي. ان حوالي

سان سنڌي ٻوليءَ جو مارڪيٽ جو وهنوار ۽ واهپو خاص طور وڏن شهرن ۾ تمام گهٽ آهي. ڀيو تہ ٿهيو. پر سڄي سنڌ ۾ ريلن ۽ بسن ۾ هوڪا بہ اردوءَ ۾ ٻڌڻ ۾ ايندا. اسان کي سمجهڻ گهرجي تہ مارڪيٽ ۾ سنڌي ٻوليءَ جي واهپي کي يقيني بڻائڻ کانسواءِ اسان جي ٻوليءَ جو مستقبل اونداهو رهندو." (ص-419)

ٻوليءَ بابت مانواري جاميءَ جا عالمانہ ويچار، سندس مضمون "سنڌي ٻوليءَ جي جياپي لاءِ گهربل حڪمت عملي!" پوري ڌيان سان پڙهڻ گهرجي.

جيتوڻيڪ فقط اها خواهش ئي ڪري سگهجي ٿي تہ جامي صاحب جا اهي فڪر انگيز مضمون ۽ مقالا بي. اي ۽ ايم. اي جي ڪورس تي رکيل ڪتابن "پوليٽيڪل سائنس" ۾ شامل ڪرڻ گهرجن. مڪمل نہ سَهي پر انهن جو تت ڏيڻ گهرجي. باقي سياست ۽ سماجي تاريخ جي شاگردن کي تہ اهي مضمون لازمي طور پڙهڻ گهرجن. ان ڏس ۾ اسان جا ڀيا ڪوڙ سارا عالم اديب پڻ سياسي گهرائي سان لکي رهيا آهن. پر انهن جو انداز انفرادي ۽ سوانحي هوندو آهي، جڏهن تہ جاميءَ جو انداز تحقيق ۽ تدريس وارو آهي. سنڌي ٻوليءَ ۾ اهڙين لکڻين جي ابتدا سائين محمد ابراهيم جويو، محترم رسول بخش پليجي، سائين جي ايم سيد، سائين سراج الحق ميمڻ، ف-م-لاشاري، انور پيرزادي وغيره ڪئي، جنهن کي تاريخ، فلسفي ۽ دليلن جي آڌار نئوس انداز ۾ محترم جامي چانڊيي ڪاملتا جو روپ ڏنو آهي.

اسان جو ادارو 'پيڪاڪ' جديد دور جي گهرجن مطابق سياست، علم ادب ۽ تاريخ بابت اڄ جي ڏاهن جا لکيل ڪتاب لڳاتار شايع ڪري رهيو آهي، جن کي بيپناهہ موٽ ملي رهي آهي. اهڙين اشاعتن سبب ٻوليءَ جي گهڻ گهرن جي راءِ آهي تہ اداري جو معيار ۽ گراف تيزيءَ سان وڌي رهيو آهي. سنڌن سوچ ۽ راين جو اسان احترام ڪريون ٿا ۽ وچن ورجايون ٿا تہ اهڙي سياسي ۽ سماجي ادب جي آبياري لاءِ هڙئي وسيلا ڪتب آڻيندا رهنداسين.

**ڊاڪٽر آفتاب ابڙو**

چيئرمين

پيڪاڪ پبلشرس

# مهاڳ

سنڌ ۾ سياسي، سماجي ۽ ادبي محاذ تي لڳاتار معياري تجزين وسيلي سنڌ واسين جي رهنمائي ڪرڻ وارن ۾ اسان جي دوست جامي چانڊيي جو نالو نهايت احترام لائق آهي. سنڌ ۾ هر قسم جو تعميري ڪم ڪندڙ ماڻهو جائز توڙي ناجائز تنقيدن ۽ فتوائن جو نشانو بڻجندو آهي، تيئن جاميءَ جي شخصيت بابت بہ هر قسم جي راءِ ۽ تبصرا سوشل ميڊيا تي عام ٿيندا رهيا آهن پر سُٺي ڳالهہ اها آهي تہ جامي اُنهن جون ورنديون ڏيڻ ۾ وقت وڃائڻ بدران پنهنجي تحقيقي ۽ تعميري ڪم ۾ جُنبيل رهيو آهي. سندس ڪتاب ”نئين سنڌ لاءِ تدبيرون ۽ حڪمت عملي“ هلندڙ ڏهاڪي اندر سندس ڇپيل 80 کان وڌيڪ مضمونن جو مجموعو آهي. اهي مضمون سنڌ جي حال ۽ آئيندي بابت مختلف موضوعن تي ونديل ويچارن تي ٻَڌل آهن. انهن مضمونن جا موضوع قومي، سياست، چونڊن جي سياست، تعليم، سنڌي ٻوليءَ ۽ فڪري تنقيد بابت آهن.

نہ رڳو اهي موضوع پر انهن هيٺ ڏنل سمورا مضمون اڄوڪي سنڌ جي مختلف مسئلن جي ڀرپور عڪاسي ڪن ٿا. هي اهي موضوع آهن، جن بابت سنڌ جون سياسي تنظيمون ۽ سول سوسائٽي ورهين کان جاکوڙ ۾ رُڌل رهيون آهن. جاميءَ پنهنجن مضمونن ۾ نہ رڳو انهن مسئلن جي نشاندهي ڪئي آهي ۽ انهن جو تاريخي ۽ معروضي حقيقتن جي روشنيءَ ۾ تجزيو ڪيو آهي پر ساڳئي وقت انهن جي حل بابت بہ بحث ڪيو آهي. بنا حل جي رڳو مسئلن تي ڳالهائڻ رڳو ماتم ڪرڻ جي برابر آهي. قومن جي عروج ۽ زوال جي تاريخ ٻُڌائي ٿي تہ عظمتون ۽ ذِلتون مستقل ناهن هونديون. وقت ۽ حالتن سان نهڪي نہ سگهندڙ نهايت شاندار تهذيبون بربادي‌ءَ جي ور چڙهي ويون. رڳو ويجهي ماضيءَ جو مثال وٺو تہ ٻي مهاڀاري لڙائيءَ کانپوءِ برطانوي راڄ جو انت آيو. ان کان اڳ برطانوي راڄ مٿان سج نہ اُلهندو هو ۽ ٻي مهاڀاري لڙائيءَ کانپوءِ يورپ کي آمريڪي مارشل پلان هيٺ سهائتا نہ ملي ها تہ ان جو انجام الائجي ڪهڙو ٿئي ها. ساڳيءَ طرح چين جيڪو برطانوي ۽ جپاني راڄ هيٺ آيل ملڪ هو، اهو مائو جي انقلاب کانپوءِ ڪَرُ موڙي اُٿيو ۽ اڄ چين دنيا ۾ هڪ مضبوط معيشت آهي. تاريخ جي انهن لاهن چاڙهن مان قومون پنهنجا رستا ناهين ٿيون

۽ پنهنجي وجود جي بقا ۽ اوسر جا نوان ڏَگَ ڳولي لهن ٿيون.

ٻين قومن جيان سنڌ بہ تاريخي لاهن چاڙهن مان گذرندي رهي آهي. 1947ع ۾ ننڍي کنڊ جي ورهاڱي ڪانپوءِ سنڌ تاريخ جي هڪ ڏکئي دور ۾ داخل ٿي، جتي ان جي قومي وجود ۽ سڃاڻپ مٿان ڏهاڪن کان تلوار ٽنگيل رهي آهي. ون يونٽ جي شڪل ۾ سنڌ جي هزارين سالن جي سڃاڻپ ۽ وجود کي ختم ڪرڻ، ڏارين جي ڪٽڪن جي آمد سبب پنهنجي ڌرتيءَ تي عددي ٿورائيءَ ۾ بدلجڻ جو انديشو ڏاڙيلن ۽ دهشتگردن هٿان وچولي طبقي جي اوسر اڳيان بند ٻَڌڻ جون سازشون، پنهنجا تاريخي شهر ڏارين جي حوالي ٿيڻ ۽ تعليمي ادارن مان سنڌي ٻوليءَ کي نيڪالي ڏيڻ جا ٽڪساٽ ۽ ٻيون انيڪ زهريليون سازشون جن جي خلاف سنڌي عوام هڪ شاندار جدوجهد ڪئي، اڄ سنڌ انهن مان اڪثر خطرن کي مات ڏئي چڪي آهي. ايترن سارن مسئلن جي هوندي ويجهي ماضيءَ ۾ سنڌ اندر ڪجهہ هاڪاري تبديليون بہ آيون آهن، جيڪي سنڌ جي آئيندي لاءِ بهتريءَ جي اُميد کي سگهارو ڪن ٿيون. انهن کي سمجهڻ ۽ اڳتي وڌڻ جي ضرورت آهي.

ورهاڱي ڪانپوءِ ڀريون پيرو سنڌي ماڻهوءَ ٻهراڙيءَ جي زرعي سماج مان نڪري صنعتي مرڪزن وارن شهرن ڏانهن اچڻ ۽ اُتي پيرَ کوڙڻ شروع ڪيا آهن. پاڪستان ٺهڻ وقت هڪ سوچيل سمجهيل منصوبي هيٺ سنڌ جا شهرَ ٻاهران آيل ماڻهن حوالي ڪيا ويا. سنڌي هندن جي لڏپلاڻ ڪانپوءِ باقي بچيل سنڌي ماڻهو ٻهراڙين تائين محدود رهجي ويا. ان سان سنڌ جي سماجي اوسر کي ڪاپاري ڌَڪُ لڳو. ايترن ڏهاڪن دوران سنڌي ماڻهو رڳو زرعي مزدور ۽ سرڪاري ملازمتن تائين محدود رهيو. شهري زندگيءَ جي چٽاڀيٽيءَ کان ٻاهر رهڻ سبب سنڌي ماڻهو شهري ڪاروبارن ۽ خانگي شعبي کان ٻاهر رهيو. هاڻي ويجهڙائيءَ وارن سالن ۾ سنڌي ماڻهوءَ ٻهراڙين مان نڪري ڪراچيءَ ۽ ٻين شهرن جو رُخ ڪيو آهي. ان سان سنڌ اندر هڪ وڏو سماجي چالُ آيو آهي. تازو ٿيل آدمشماريءَ ۾ هڪ پيرو ٻيهر سنڌ اندر سنڌي ڳالهائيندڙ آباديءَ جي گهڻائي ثابت ٿي چڪي آهي. ان سان سنڌين مٿان پنهنجي ڌرتيءَ تي اقليت ۾ تبديل ٿيڻ واري تلوار بہ هٽي وئي آهي. پنجاب ۾ معيشت سگهاري ٿيڻ ۽ خيبرپختون خواه ۾ امن امان جي صورتحال بهتر ٿيڻ سبب اُتان سنڌ ڏانهن لڏپلاڻ گهٽجڻ جو امڪان آهي. ڪراچيءَ ۾ امن امان بهتر ٿيڻ سبب سنڌين جي ڪراچيءَ ڏانهن آمد جي هڪ لهر شروع ٿي آهي، جنهن سان سنڌي ماڻهوءَ شهري زندگيءَ ۾ پيرَ ڄمائڻ شروع ڪيا آهن. ويجهي ماضيءَ دوران سنڌ ۾ آيل هاڪاري تبديلين ۾ اِها اهم وِکَ آهي.

هڪ ٻي اهم هاڪاري تبديلي سنڌي نوجوانن جو ملڪ کان ٻاهر نڪرڻ وارو لاڙو آهي. هڪ ڊگهي عرصي تائين سنڌي نوجوان ٻهراڙين مان پڙهڻ لاءِ گهڻي ڀاڱي ڄامشوري تائين پهچندو هو. ڪي آڱرين تي ڳڻڻ جيترا نوجوان ملڪ کان ٻاهر نڪري سگهندا هئا. ويجهڙائيءَ وارن سالن دوران وڏي انگ ۾ سنڌي نوجوان پڙهائيءَ ۽ روزگار لاءِ پرڏيهه وڃڻ لڳا آهن. ان سان هڪ پاسي سنڌي نوجوانن کي ٻاهرين دنيا ۽ اُتان جي سماجن جي سمجهه حاصل ڪرڻ جو موقعو مليو آهي ته ساڳئي وقت کين بهتر تعليم ۽ بهتر روزگار جا موقعا به حاصل ٿي رهيا آهن. اهو نوجوان نسل اچوڪي دور جي چٽاڀيٽيءَ کي مُنهن ڏيڻ جا رستا کولي سگهي ٿو.

هڪ ٻي هاڪاري وِکَ سنڌي عورتن جو اڳتي وڌڻ آهي. سنڌ جو جاگيرداراڻو سماجي ڍانچو پنهنجن روين ۾ اڌ انساني آباديءَ کي غلاميءَ ۾ رکڻ جو ڪارڻ بڻيل آهي. ڪنهن به سماج لاءِ اڌ آباديءَ کي قيد ۾ رکي اڳتي وڌڻ ممڪن ناهي. جيئن جيئن سنڌي وچولو طبقو شهرن ڏانهن اچڻ لڳو آهي، عورتن جي اڳتي نڪرڻ جا به رستا هموار ٿيڻ لڳا آهن. شهرن اندر سنڌي عورتون هوريان هوريان گهرن مان نڪري متحرڪ سماج جو حصو بڻجڻ لڳيون آهن. سنڌي عورت جو سماجي تبديليءَ ۾ هٿ ونڊائڻ هڪ مثبت اڳڀرائي آهي، جنهن جا اثر ايندڙ سالن ۾ نِروار ٿيندا.

جامي چانڊيي جي مضمونن ۾ سنڌ جي سياسي، سماجي ۽ ثقافتي معاملن بابت نهايت گهرائيءَ سان ڪيل مطالعو ۽ مشاهدو نظر اچي ٿو. ايم ڪيو ايم بابت جاميءَ جا مختلف مضمون هن ڪتاب جو حصو آهن. سندس مضمون "ايم ڪيو ايم: پس منظر ۽ پيش منظر" ايم ڪيو ايم جي سياست پُٺيان موجود محرڪن کي وائکو ڪرڻ بابت نهايت جامع مضمون آهي. اهي سنڌ واسي جن کي ايم ڪيو ايم جي اصليت بابت ڪي خوشفهميون ۽ غلط فهميون آهن، تن کي جاميءَ جي ان مضمون کي غور سان پڙهڻ گهرجي. گذريل سال ڏيڍ اندر سَگهه ڏٺين ان کي جهڙيءَ طرح هفتن اندر نِستو ڪري ڇڏيو ان مان صاف ظاهر ٿئي ٿو ته اها ڪا عوامي حقن لاءِ جاکوڙيندڙ عوامي پارٽي نه پر هڪ سونپيل ايجنڊا تي ڪم ڪندڙ گروهه هئي، جيئن ملڪ جا سَگهه ڌڻي وقت بوقت اهڙي قسم جي گروهن کي پنهنجن مفادن لاءِ جنم ڏيندا آهن ۽ پوءِ ايجنڊا بدلجڻ تي انهن مصنوعي آڪسيجن تي هلندڙ فردن ۽ ڌرين کي رستي جي رڪاوٽ سمجهي هٽائي ڇڏيندا آهن. مذهبي، فرقيوار ۽ نسلي انتهاپسنديءَ جي ٻاهه پڙڪائيندڙ اهي ڌريون ڪنهن وقت ايتريون سگهاريون هونديون هيون جو لڳندو هو ته انهن کي ضابطي هيٺ آڻڻ ڪنهن جي به وَس جي ڳالهه ناهي، پر

جيئن ته انهن قوتن جون پاڙون عوام ۾ نه هيون ۽ اِهي اُڌاري چاپيءَ تي هلندڙ راند يڪا هئا، تنهن ڪري ڪين ڪنٽرول ۾ آڻڻ ۾ ڪو گهڻو وقت نه لڳو. ايم ڪيو ايم به 80ع واري ڏهاڪي ۾ ضياءُ الحق جي دور ۾ سنڌين کي ايم آر ڊي هلچل ۾ عوامي سَگهه ڏيکارڻ جي ردعمل واري حڪمت عمليءَ جو حصو هئي. سنڌ جي ان سياسي عوامي مزاحمت واري سگهه کي چيپاڻڻ لاءِ ٻهراڙين ۾ ڌاڙيل ۽ شهرن ۾ دهشتگرد ٽولا پيدا ڪيا ويا. ٻنهي جو مقصد سنڌي وچولي طبقي جي اڀرندڙ اڳيان بندَ ٻَڌڻ هو جيڪو اسلام آباد جي بندوق واري طاقت جي مزاحمت ڪرڻ جهڙو ٿي پيو هو. حڪمرانن پنهنجي ان مفاد لاءِ اهو ناٽڪ ته رچايو پر اڳتي هلي اهي ٽولا حڪمرانن جي ضابطي مان نڪري انهن ٻاهرين طاقتن جي هٿن ۾ هليا ويا، جن کي ڪنٽرول ڪرڻ لاءِ اسٽيبلشمينٽ کي هٿن سان ڏنل ڳنڍيون ڏندن سان کولڻيون پئجي ويون. پاڪستان جي ڪوتاهه نظر اسٽيبلشمينٽ اهڙا ڪَئين بي عقليءَ وارا تجربا ڪندي رهي آهي، جن جا نتيجا ان کي هڪڙي پنيان ٻڇيءَ ۾ پوندا رهيا آهن. ان گروهه جي سرپرستيءَ جي اها انتها هئي جو پاءُ صديءَ تائين سنڌ اندر سندن مرضيءَ کان سواءِ حڪومت نه ٺاهي سگهبي هئي. وزيراعظم، پرڏيهي سفير، ميڊيا جا مالڪ سڀ پيا سندن ان هيڊ ڪوارٽر تي حاضريون ڀريندا هئا، جنهن کي اڳتي هلي سَگهه وارن پاڻ ئي دهشتگرديءَ جو اڏو ثابت ڪيو. اهو سڀ ڪجهه ٽيهن سالن تائين سندن اکين کان اوجهل رهيو جڏهن اهو سڀ ڪجهه ڪنهن ٻئي ملڪ ۾ ٿي رهيو هجي. درحقيقت اهو سڀ ڪجهه گيم جو حصو هو. وقت ثابت ڪيو ته دهشتگرد گروهه وقتي طور تي ڪيڏا به سَگهارا ڇو نه بڻايا وڃن، ڊگهي مُدي ۾ رڳو پُرامن جمهوري ۽ عوامي حقن واريون جدوجهدون ئي نتيجا ڏينديون.

ٿوري گهڻي فرق سان ساڳي ئي ڪهاڻي مذهبي ۽ فرقيوار گروهن جي آهي. ماضيءَ ۾ جن جهادي ٽولن کي ملڪ جا اثاثا قرار ڏنو ويو، تن کي هاڻي ڳولي ڳولي مارين پيا. دنيا هاڻي دهشتگرديءَ کي ڪنهن به نالي هيٺ قبول نه ڪندي. دهشتگرديءَ جي بين الاقوامي نيٽ ورڪ جي سرپرستي ختم ٿي چڪي آهي، تنهن ڪري ملڪي سطح تي به ڪين اڳ جهڙو آشيرواد حاصل نه ٿي سگهندو. سڄي ملڪ خاص طور تي ڪراچيءَ ۾ امن هاڻي حڪمرانن لاءِ اڻ ٽر گهُرج آهي. ان سان سنڌ واسين لاءِ نوان موقعا پيدا ٿيا آهن، جن مان لاڀ حاصل ڪرڻ جي ضرورت آهي. جامي چانڊيي ڪراچيءَ جي مالڪيءَ جي حوالي سان پنهنجن مضمونن ۾ ان جو ذڪر ڪيو آهي.

جامي چانڊيي جا وفاقيت جي معاملي تي لکيل مضمون پاڪستان جي رياستي ڍانچي ۾ آيل ان تبديليءَ جو حوالو ڏين ٿا، جيڪا صوبن کي سگهارو

ڪرڻ جو بنياد بڻجي سگهي ٿي. پاڪستان جي وفاقي ڍانچي ۾ صوبن (خاص ڪري ٿن ننڍين صوبن) ۽ مرڪز وچ ۾ ٽڪراءُ پهرئين ڏينهن کان جاري آهي. صوبن کي پنهنجي ماتحتيءَ ۾ رکڻ جي خواهش جي قيمت ملڪ جو اڌ حصو وڃائڻ جي صورت ۾ ادا ڪرڻي پئي. ارڙهين آئيني ترميم ملڪ جي وفاقي ڍانچي ۾ هڪ بنيادي تبديليءَ جي شروعات هئي. ان ترميم سان مرڪز ۽ صوبن وچ ۾ اختيارن جو توازن هڪ حد تائين ممڪن ٿي سگهيو. ڪنڪرنٽ لسٽ جي ختم ٿيڻ سان اهم معاملا سڌو سنئون صوبن ڏانهن منتقل ٿيا. سنڌ خاص طور تي صوبائي خودمختياريءَ لاءِ تمام ڊگهي جدوجهد ڪئي هئي. هاڻي جڏهن اهي اسم صوبن جي حوالي ٿيا ۽ ستين اين ايف سي ايوارڊ وسيلي سنڌ کي واڌو وسيلا به مهيا ٿيا ته اُصولي طور انهن جو لاڀ عام ماڻهوءَ کي ملڻ گهرجي ها پر بدقسمتيءَ سان خراب حڪمرانيءَ جي نتيجي ۾ عام ماڻهو ترقيءَ جي انهن موقعن کان اڄ به محروم آهي. ساڳئي وقت مضبوط مرڪز جي حامين پهرئين ڏينهن کان ارڙهين ترميم لاءِ ڪڏا ڪوڙڻ شروع ڪري ڇڏيا ۽ وفاقي حڪومت هوريان هوريان اهي سمورا ڪاتا مختلف نالن سان بحال ڪرڻ شروع ڪري ڇڏيا، جيڪي ان ترميم وسيلي صوبن حوالي ٿي چڪا آهن. هڪ پاسي وفاقي حڪومت جي رڙ آهي ته وٽس وسيلا گهٽ آهن ۽ صوبا ڪيس اين ايف سي ۾ ڪجهه حصو موٽائي ڏين ته ٻئي طرف مرڪزي حڪومت غيرضروري ڪاتا بند ڪرڻ لاءِ به تيار ناهي. مرڪزيت پسند ننڍي سوچ وارا همراهه اهو وساري ٿا ويهن ته مرڪز جي اصل مضبوطي صوبن جي سگهاري ٿيڻ ۾ آهي. ساڳيءَ طرح صوبن کي اختيار ۽ وسيلا ڏيڻ جا حامي به اهو وساري ٿا ويهن ته کين واڌو وسيلا ۽ اختيار عوام جون زندگيون بهتر ڪرڻ لاءِ مليا آهن. بدقسمتيءَ سان جمهوريت جو ثمر عوام تائين پهچڻ ۾ وڏي رڪاوٽ اهي پاڻ بڻيل آهن. بهرحال انهن سمورين رنڊڪن جي باوجود سنڌي سماج پنهنجي آئيندي جا رستا جوڙي رهيو آهي. پاڪستان ٺهڻ کان وٺي سنڌ واسين پنهنجي تاريخي سڃاڻپ، قومي وجود ۽ حقن لاءِ لڳاتار تحريڪون هلايون آهن. ون يونٽ خلاف جدوجهد کان وٺي ايم آر ڊي تحريڪ تائين ۽ ان کانپوءِ ڪالاباغ ڊيم مخالف ۽ ناٽي ورڇ توڙي قدرتي وسيلن لاءِ هلايل جدوجهدون سنڌ جي سياسي سگهه ۽ اجتماعي شعور جي نشاني آهن. البت بدلجندڙ وقت سان جدوجهدن جا طريقا نه بدلائڻ ۽ اُسرندڙ وچولي طبقي کي سلهاڙي نه سگهڻ سبب سياسي ڌريون ڏينهون ڏينهن پنهنجو اثر وڃائي رهيون آهن. جيئن جيئن سنڌ جو سماجي ڍانچو بدلجي رهيو آهي، ان کي سياسي تحريڪن سان سلهاڙڻ لاءِ به نوان طريقا گهُربل آهن. هاڻي فردن بجاءِ ادارن کي جوڙڻ ۽ سگهارو ڪرڻ جي ضرورت آهي. هاڻي سنڌ کي نئين دور

جي حقيقتن سان سلهاڙڻ جي ضرورت آهي. سنڌين کي نہ رڳو وفاقي حڪومت سان معاملا نبيرڻا آهن پر ساڳئي وقت صوبي ۾ پنهنجي سرڪار کان بہ سوال ڪرڻ جي ضرورت آهي، جيڪا اڪثر مسئلن تي يا تہ سڌو سنئون اختيار رکي ٿي يا وري وفاقي حڪومت کان مختلف فورمن تي پڇاڻي جو آئيني حق رکي ٿي. مثال طور پاڻيءَ جي معاملي تي جتي پنجاب کان 91ع واري ٺاهہ موجب پاڻيءَ جو حصو ڏيڻ جو مطالبو ڪرڻ ۽ ان لاءِ جدوجهد ڪرڻ جي ضرورت آهي اُتي سنڌ کي ملندڙ پاڻيءَ واري حصي جي استعمال بابت صوبائي سرڪار کان بہ پڇاڻو ڪرڻ جي ضرورت آهي. جتي سنڌو ڊيلٽا لاءِ پاڻيءَ جي گهُرج پوري ڪرڻ لاءِ وفاق کان مطالبن جي ضرورت آهي، اُتي صوبي جي سرڪار کان بہ اهو سوال ٿيڻ گهرجي تہ اڄ تائين ان انڊس ڊيلٽا کي ٿيندڙ ماحولياتي نقصان جو ڪوبہ سائنسي اڀياس ڇو نہ ڪرايو آهي. سنڌو ڊيلٽا جي ماحولياتي ضرورتن جو اڀياس ڪرڻ لاءِ سنڌ سرڪار پاڻ ڪا تحقيق ڇو نہ ٿي ڪرائي؟ هيءَ دور تحقيق ۽ دليل جو آهي، تنهن ڪري هر مطالبي کي سائنسي انداز ۾ پيش ڪرڻ ۽ اڳتي وڌائڻ جي ضرورت آهي. درحقيقت ڪالاباغ ڊيم مخالف جدوجهد ۾ بہ سنڌ جي سوڀاري ٿيڻ جو هڪ اهم ڪارڻ ان جا مضبوط فني دليل هئا. ناٽي ورچ تي بہ سنڌ وٽ هميشہ سگهارا دليل موجود رهيا آهن. انهن دليلن کي لڳاتار تجديد جي ضرورت آهي. ساڳيءَ طرح ٻين مسئلن تي بہ ساڳيءَ نوعيت جي فني تحيقيق جي ضرورت آهي. بدقسمتيءَ سان سوشل ميڊيا وسيلي سستي شهرت حاصل ڪرڻ جي جنون سنجيده ڪم ۽ محنت بجاءِ شارٽ ڪٽ وارا طريقا ايجاد ڪرائي ڇڏيا آهن.

ان ڏس ۾ ٻيو اهم معاملو آهي ادارن جو ڪردار. يونيورسٽيون بنيادي طور ريسرچ جا ادارا آهن. سماج سان لاڳاپيل اهم مسئلن تي يونيورسٽين کي ريسرچ وسيلي رهنمائي فراهم ڪرڻي هوندي آهي. پاڻي، ناٽو، آدمشماري، زرعي ترقي، صنعتڪاري وغيره جهڙن مسئلن تي بنيادي ريسرچ جو ڪم انهن ادارن کي ڪرڻ گهرجي ها. بدقسمتيءَ سان انهن ادارن پاران اهو ڪم نہ ڪرڻ سبب مختلف شعبن سان لاڳاپيل فرد انهن معاملن تي وس آهر هَٿَ پيرَ هڻي رهيا آهن. فرد ڪيترا بہ اهل ۽ مخلص هجن بهرحال ادارن جو متبادل نہ ٿا ٿي سگهن. جامي چانڊيو بہ وفاقيت، صوبن جي آئيني حقن، سماجي ترقيءَ ۽ سياسي معاملن تي لڳاتار اڀياس ڪندو ۽ لکندو رهيو آهي. ماضيءَ ۾ بہ اهي ڪم ڪجهہ مخلص فرد ڪندا رهيا آهن ۽ جامي بہ انهن جي نقش قدم تي هلندي پنهنجو ڪردار ادا ڪري رهيو آهي.

نصير ميمڻ

# قومي سياست

# ننڍي کنڊ جي ورهاڱي سنڌ کي ڇا ڏنو؟

14آگسٽ 1947ع - اڄ کان 65 سال اڳ ننڍي کنڊ جي ورهاڱي جي نتيجي ۾ پاڪستان نالي ملڪ وجود ۾ آيو، جنهن کي پاڪستان جي آزاديءَ جو ڏينهن ڪري ملهايو ويندو آهي. اهو مفروضو ان ڪري بہ درست ناهي جو جڏهن 14 آگسٽ کان اڳ پاڪستان جو وجود ئي ڪونہ هو تہ پوءِ اُهو آزاد ڪيئن ٿيو هوندو! ها البتہ انگريزن جي واپس وڃڻ سبب ننڍي کنڊ کي آزادي ضرور ملي پر اها عجيب آزادي هئي، جنهن ننڍي کنڊ کي ٻن حصن ۾ ورهائي ڇڏيو. ان بدنصيب آزاديءَ کان تہ غلاميءَ وارو ننڍو کنڊ بهتر هو، جنهن ۾ گهٽ ۾ گهٽ ان جو وجود ۽ وحدت تہ سلامت هئي. اهو درست آهي تہ ننڍو کنڊ ڪڏهن بہ پنهنجي تاريخ ۾ اکنڊ نہ رهيو هو ۽ اهو مختلف وطنن، قومن، مذهبن جي پوئلڳن، هزارين ٻولين ڳالهائيندڙ ۽ سوين ذيلي ثقافتن تي مشتمل هڪ ننڍو کنڊ هو پر ان جي بهرحال هڪڙي تهذيبي وحدت ضرور هئي، جيڪا مذهب جي نالي ۾ ورهاڱي سان رَئي تي وئي. جيتوڻيڪ ورهاڱي جا سبب مذهبي کان وڌيڪ سياسي ۽ آئيني يا وفاقي هئا، پر ان باوجود مذهب جو حوالو ورهاڱي تي حاوي رهيو.

سنڌ پنهنجيءَ تاريخ ۾ انيڪ لاهيون چاڙهيون ۽ بحران ڏٺا آهن پر شايد سنڌ جي تاريخ جي وڏي ۾ وڏي خودفريبي سنڌ جي پاڪستان ۾ شموليت هئي. انگريزن سنڌ کي 1843ع ۾ فتح ڪري 1847ع ۾ بمبئي سرڪار جو حصو بڻائي ڇڏيو ۽ 1935ع جي انڊيا ايڪٽ تحت 1936ع ۾ سنڌ کي هڪ صوبي جي جدا حيثيت ملي، اهو سمورو دور سنڌ لاءِ سياسي عدم استحڪام جي ڪري هڪ بدترين دور هو ۽ شايد اهو تلخ تجربو ئي هو، جنهن جي ردعمل يا نتيجي ۾ 1940ع جي قرارداد کانپوءِ سنڌ 3 مارچ 1943ع تي پاڪستان ۾ شموليت لاءِ پنهنجي اسيمبليءَ مان ٺهراءُ پاس ڪرايو ۽ 26 جون 1946ع تي سنڌ اسيمبليءَ ۾ پاڪستان جي دستورساز اسيمبليءَ ۾ شامل ٿيڻ جو فيصلو ڪيو. ٻيو تہ ٺهيو پر سائين جي.ايم.سيد جهڙن ماڻهن بہ پاڪستان ۾ شموليت کي سنڌ جو ڀاڳ ٿي سمجهيو. سائين محمد ابراهيم جويي 1945ع ۾ "سنڌ بچايو - کنڊ بچايو!" ۽ آخري مرحلي تي 1946ع ۾ علي محمد راشديءَ "فريادِ سنڌ" جهڙا ڪتاب

لکيا، پر سنڌين راءِ نہ هلي. نام نهاد مذهبي جوش آڏو سنڌين دليل بيهي نہ سگهيا ۽ سنڌ نيٺ پاڪستان جو حصو بڻجي وئي. انگريزن بہ سنڌ سان ٺڳي ڪئي جو سنڌ کي اصلوڪي حالت ۾ بحال ڪرڻ بجاءِ ان کي رڳو بہ آپشن ڏنا ويا، ڀارت يا پاڪستان؟ اُن زماني جي ليڊرشپ کي ڀارت بجاءِ پاڪستان ۾ شموليت جو آپشن بهتر نظر آيو ان جا نتيجا اسين ستن ڏهاڪن کان ڀوڳي رهيا آهيون.

منهنجيءَ نظر ۾ گذريل پنجهٺ سال شايد سنڌ جي تاريخ جا بدترين سال رهيا آهن. سڀ کان پهرين ڳالهہ تہ سنڌ هڪ وطن طور پنهنجي آزاد حيثيت ٻيهر نہ ماڻي ۽ اُها فقط هڪ صوبو ٿي رهجي وئي. ٻي ڳالهہ تہ سنڌ جو صدين کان ٿهي، جُڙي ۽ اُسري آيل وچون طبقو هڪ ڏڪ سان ڏرتيءَ کان ڇڄي ڀارت هليو ويو. جيتوڻيڪ ورهاڱي جي معاهدي ۾ ڪٿي بہ لڏپلاڻ جو ذڪر نہ هو پر هڪ سازش تحت ڪرايل فسادن ۽ لڏپلاڻ جي نتيجي ۾ جيڪي لکين مسلمان پناهگير ڀارت مان آيا، اهو سڄو بار سنڌ تي پيو، جنهن جي نتيجي ۾ سنڌ جو ڊيموگرافڪ توازن بگڙي ويو. جڏهن تہ ورهاڱي کان اڳ ٿيل آدمشماريءَ موجب سنڌ ننڍي کنڊ جو واحد صوبو هو جنهن ۾ اصلوڪن سنڌي ڳالهائيندڙن جو انگ ستانوي سيڪڙو هو. اڄ حالت اها آهي تہ ڀارت مان آيل اردو ڳالهائيندڙن کان سواءِ بہ سنڌ ۾ پنجاهہ لک غير ملڪي ۽ غير قانوني ڏاريا آباد آهن ۽ سنڌي ماڻهن کي پنهنجي تاريخي وطن ۾ ٿورائيءَ ۾ تبديل ٿيڻ جو جائز خطرو لاحق ٿي ويو آهي. ورهاڱي کانپوءِ سنڌ جا تاريخي ۽ وڏا شهر گهڻي ڀاڱي سنڌين کان کسجي ويا، جيڪي گذريل ٽيهن سالن ۾ سنڌين هڪ حد تائين پنهنجي عددي شرڪت ۽ مالڪيءَ جي تحرڪ سبب ورايا آهن، پر انهن شهرن تي مڪمل ڪنٽرول اڄ بہ اسان جو نہ آهي. ڪجهہ سال اڳ تائين تہ حالت اها هئي جو متحده قومي موومينٽ دعويٰ پئي ڪئي تہ ڪراچي، حيدرآباد، سکر، ميرپورخاص ۽ نوابشاهہ سنڌين شهر آهن. سنڌي ٻولي، جيڪا انگريز راڄ ۾ بہ سنڌ جي سرڪاري ۽ دفتري ٻولي هئي، اُها اڄ بہ پنجهٺ سال گذرڻ کانپوءِ بہ پنهنجي قومي حيثيت سرڪاري طور مڃرائڻ لاءِ ندڙڪي بڻيل آهي. فطرت سنڌ کي وسيلن سان مالامال ڪيو پر هن رياست ۾ ان تي قابض ڦورو طبقن سبب اُهي سنڌ ۽ سنڌي عوام کي نصيب نہ ٿيا .سنڌ وٽ سمنڊ آهي، جيڪو دنيا جي گهٽ قومن ۽ ملڪن کي نصيب آهي، ٻيو تہ ٺهيو پر ان ساموندي بندر جي ڪمائي بہ مرڪز کنيو وڃي. سنڌ ملڪ جي گئس جي پيداوار ۾ 71 سيڪڙو ۽ تيل جي پيداوار ۾ 56 سيڪڙو پيدا ڪري ٿي پر 2010ع

۽ 2011ع جي ٻوڏن سنڌي عوام ۾ غربت جي بدترين صورتحال کي بي نقاب ڪيو. ورهاڱي کان اڳ سنڌ جي تعليم جو معيار اڄوڪي پاڪستان جي سمورن صوبن کان مٿي هو پر اڄ ملڪ ۾ تعليم جو بدترين حال سنڌ ۽ بلوچستان جو آهي.

سياسي ۽ معاشي بحران سان گڏوگڏ سنڌ جي سماجي ڍَچَ ڍانچ شايد ٻين سمورن بحرانن کان وڌيڪ شديد ۽ پيچيده آهي. قبائليت، ذات پرستي، گروهه بندي، قبائلي فساد ۽ دهشتگردي، ڪاروڪاري ، ننڍي ننڍي ڳالهه تان خونريزيون، پوءِ ڏاول مٿين وچين طبقي جي وڏيرڪي ۽ جاگيردار نفسيات، سماٽ ذاتين ۾ به سرداري نظام جي بيماري ۽ بدعت جو اُسرڻ – اِهي سڀ سنڌي سماج جي سماجي بحران جا اولڙا آهن ۽ مان سمجهان ٿو ته ان ۾ بنيادي طور پاڪستان جي رياستي نظام، مفادن ۽ ان تي قابض قوتن جي حڪمت عملين جو هٿ آهي. پاڪستان کان اڳ جو سنڌي سماج پس مانده ضرور هو پر اهڙين بڇڙاين جو مجموعو نه هو.

اصل ۾ ملڪ ٺهڻ شرط هن ملڪ ۾ شامل قومن ۽ عوام سان تاريخي دوکو ٿيو. 11هين آگسٽ تي ملڪ جي پهرين آئين ساز اسيمبليءَ جي فلور تي ملڪ جي باني جناح صاحب واضح چيو هو ته پاڪستان ۾ رياست جو مذهب سان واسطو نه هوندو، پر پاڪستان جي سيڪيولر عوامي ۽ جمهوري رياست بڻجڻ جو خيال اڄ تائين هڪ خواب بڻيل آهي. مسلم ليگ ۽ جناح صاحب کي 1935ع جي انڊيا ايڪٽ تي سخت اعتراض هئا ته اهو مرڪزيت پسند آهي پر ان ساڳئي آئين کي 1947ع ۾ ملڪ جي عبوري آئين طور قبول ڪيو ويو، جيڪو 1956ع تائين هليو. نه رڳو اهو پر مرڪزيت پسنديءَ جا سخت مخالف مسلم ليگ ۽ جناح صاحب ملڪ ٺهڻ شرط سخت گير مرڪزيت پسند ٿي بيهي رهيا. جناح صاحب ته هڪ موقعي تي صوبائيت کي لعنت قرار ڏنو. جناح صاحب ئي هو جنهن ڍاڪا ۽ ڪوئيٽا وچي نه رڳو اردو ٻوليءَ کي واحد قومي ٻولي بڻائڻ تي زور ڀريو پر هن قومن جي وجود جو انڪار ڪندي رڳو پاڪستاني هجڻ تي زور ڏنو. 1924ع ۾ جناح صاحب پهريون ماڻهو هو، جنهن ننڍي کنڊ کي وفاقي طرز تي هلائڻ جي تجويز ڏني هئي ۽ دنيا ۾ وفاقيت جو روح ئي Diversity جو احترام ڪرڻ هوندو آهي پر پاڪستان کي نه رڳو وحداني طرز جي وفاق تحت هلايو ويو پر ان جي شناخت به قومن جي وجود کان انڪار تي ٻڌل رهي آهي. پاڪستان جا ٽيئي آئين پنهنجي جوهر ۾ مرڪزيت پسند رهيا ۽ 1935ع جي بينڪيتي آئين جو تسلسل ئي نه پر ان جو بدترين

چرپو بہ هٿا. دنيا ۾ وفاقي ملڪ جمهوريت ۽ قومن يا صوبن ۾ رياستن جي خودمختيار حيثيت ڪانسواءِ هلي نہ ٿا سگهن پر هتي قومن ۽ صوبن جي خودمختياري تہ پري جي ڳالهہ ملڪي تاريخ جي پنجهٺ سالن مان ٽيتيهہ سال سڌي آمريت رهي آهي.

پاڪستان ٺهڻ شرط ڪراچيءَ کي سنڌ کان ڌار ڪيو ويو. جيتوڻيڪ فيبروري 1948ع ۾ سنڌ اسيمبليءَ اتفاق راءِ سان ٺهراءُ پاس ڪري ڪراچيءَ کي سنڌ جي انتظامي ڪنٽرول مان ڪڍي مرڪز حوالي ڪرڻ جي مخالفت ڪئي هئي پر تڏهن بہ اُرهہ زورائيءَ سان مئي 1948ع ۾ پاڪستان جي آئين ساز اسيمبليءَ ڪراچيءَ کي ملڪ جو دارالحڪومت ٺاهي مرڪز حوالي ڪرڻ جو فيصلو ڪيو .بيو تہ ٺهيو پر خود مسلم ليگ جي سنڌ جي تنظيم بہ ان جي مخالفت ڪئي پر جناح صاحب جي هڪ طرفي فيصلي سان 23 جولاءِ 1948ع تي سنڌ کي جدا ڪري مرڪز حوالي ڪيو ويو. اهو "ڪراچي ۽ سنڌ" جو گمراهہ ڪندڙ اصطلاح ان دور ۾ متعارف ٿيو. جيڪو بدنيت قوتون اڄ سوڌو جاري رکيو اچن.

1949ع ۾ لياقت علي خان طرفان اسيمبليءَ مان پاس ڪرايل "قراردادِ مقاصد" هن ملڪ جي قومن ۽ عوام سان وڏو تاريخي دوکو هو. پاڪستان کي مستقل طور هڪ مذهبي رياست ۾ تبديل ڪيو ويو ۽ الميو اِهو آهي تہ اڳتي هلي ان کي آئيني تحفظ پڻ ملي ويو جو ملڪ جي ٽن آئينن يعني 1956ع، 1962ع ۽ 1973ع جو بنياد اهو ٺهراءُ آهي. پاڪستان کي هڪ فلاحي رياست طور هلڻو هو پر ملڪ جي قيام جي پهرئين ڏهاڪي ۾ ئي ان کي هڪ نام نهاد سيڪيورٽي رياست ۾ تبديل ڪيو ويو. نتيجو اهو آهي جو ساڍا ڇهہ ڏهاڪا عوام جا وسيلا سيڪيورٽيءَ جي نالي ۾ هڙپ ڪرڻ باوجود پاڪستان دنيا جي غيرمحفوظ ترين ملڪن مان هڪ آهي ۽ هاڻي تہ ان کي دنيا ۾ دهشتگرديءَ جي عالمي مرڪزن مان هڪ سمجهيو وڃي ٿو. 1955ع ۾ ملڪ ۾ جيڪو ون يونٽ لاڳو ٿيو، ان ڪري عملي طور بنگال کان بہ وڌيڪ نقصان سنڌ جو ٿيو. ون يونٽ جي دور ۾ هڪ طرف پنجاب مان سنڌ ۾ وڏي پئماني تي لڏپلاڻ ٿي تہ ٻئي طرف سنڌ جي لکين ايڪڙ بهترين زرعي زمين فوجين کي الاٽ ڪئي وئي. رڳو 1955ع کان 1958ع تائين غيرسنڌين کي 2,60531 ايڪڙ زرعي زمين الاٽ ڪئي وئي. 1958ع ۾ ايوب خان جي مارشل لا ڪانپوءِ ڦُرلٽ جي ان رفتار ۾ تمام تيزي آئي. ون يونٽ جي دور ۾ سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب کي ميسارڻ ۽ ڪُنداڻڻو ڪرڻ ۾ ڪابہ ڪسر نہ ڇڏي وئي. ون يونٽ جي بدترين دور سنڌ جي

زمين، آباديءَ، ڊيموگرافيءَ، وسيلن جي ڦُرلٽ، سنڌي ٻوليءَ، ادب ۽ مجموعي طور سنڌي قوم سان جيڪا ويڌن ڪئي، ان جو ازالو ۽ سدِباب هاڻي شايد ڪڏهن به ٿي نـ سگهي. ون يونٽ جو دؤر سنڌ مٿان هڪ ڦهري وار هو.

ملڪ جي قيام جي ابتدائي ڪجهه سالن ۾ ئي پاڪستان کي هڪ "سيڪيورٽي رياست" قرار ڏنو ويو. جنهن جو مطلب تـ ملڪ جي عوام جي پگهر جي ڪمائي ۽ قومن جا تاريخي وسيلا سندن سُک ۽ سلامتيءَ لاءِ نـ پر "ملڪي سلامتيءَ" لاءِ خرچ ٿيندا. اڄ تائين رياست ۽ ان تي قابض اسٽيبلشمينٽ سلامتيءَ جي آڙ ۾ ملڪي وسيلن جي ڦُرلٽ ڪري رهي آهي ۽ پاڪستان لاءِ هڪ فلاحي رياست جي خواب جي ساڀيان خود هڪ خواب لڳي ٿي. دنيا ۾ هاڻي رياستن جي سلامتيءَ کي عوام ۽ شهرين جي انساني سلامتيءَ (Human Security) سان مشروط سمجهيو وڃي ٿو پر اسان وٽ حڪمران طبقو ۽ رياست جا ادارا اهو سمجهڻ ۽ قبول ڪرڻ لاءِ تيار نـ آهن، ڇاڪاڻ تـ ان سان سندن ناجائز مفادن جو تاڃي پيٽو لاڳاپيل آهي.

هن ملڪ ۾ سنڌ سان بـ اڪيائيءَ جو ٻيو کهڙو ثبوت ڏجي جو ملڪ ۽ جمهوريت لاءِ قربانيون ڏيندڙن ۾ سڀني کان وڌو حصو سنڌين جو آهي ۽ رياست جو وهنوار هلائڻ لاءِ بـ سڀ کان وڌو پيداواري ۽ معاشي حصو سنڌ جو آهي پر رياست جي سمورن اهم ادارن ۽ طاقت (حڪومت جي نـ) جي توازن ۾ سنڌين جو حصو انٽي ۾ لوڻ برابر بـ ناهي.

اڄ پنجهٽ سال گذرڻ ڪانپوءِ بـ بنيادي سوال اهو آهي تـ ڇا هيءُ اُهو ئي ملڪ آهي، جنهن ۾ سنڌي ۽ ٻيون قومون اهو سمجهي شامل ٿيون هيون تـ بيٺڪيتي راڄ جي پڄاڻيءَ ڪانپوءِ سندن قومي زندگيءَ ۾ بـ ڪو خوشگوار ڦيرو ايندو؟ فيض صاحب درست چيو هو تـ:

"وہ انتظار تھا جس کا، یہ وہ سحر تو نہیں!"

حقيقت اِها آهي تـ پاڪستان جي رياستي جوڙجڪ ۽ نظام ۾ سڀني کان وڌيڪ سنڌ ۽ سنڌي ماٺهن ٻوڙيو آهي ۽ ان پوڳنا جي اڻ وٽندڙ سفر جو انت ڪٿي بـ نظر نـ ٿو اچي .هيءَ رياست ۽ ان جو نظام ۽ سمورو طاقت جو سرشتو جڻ تـ هڪ لوڻ جي ڪاڻ آهي، جنهن ۾ اسان جو وجود ڳرندو ٿو وڃي. هن ملڪ جا ٽي بنيادي تضاد آهن ۽ اُهي آهن قومي تضاد، ملڪ جو مذهبي رياست هجڻ ۽ ملڪ جو سيڪيورٽي رياست جي نالي ۾ فلاحي رياست کان انڪاري هجڻ. پر سوال آهي تـ جيسين اُهي تضاد حل ٿين، تيسين ان سموري صورتحال ۾ سنڌ ۽ سنڌين جو ڇا ٿيندو؟ سنڌيءَ ۾ چوندا آهن تـ، "تِر جي

ڳُتي، سؤ چوڻون ڪائي!" سنڌ مير صاحبن جي دؤر ۾ جيڪا پنهنجي "صاحبي" وڃائي، ڳڌريل پوٽا ٻه سؤ سال تاريخ ۾ ڏِڪا ڪائڻ ڪانپوءِ ٻه نظر نه ٿو اچي ته سنڌ جي هن تاريخي بحران جو ڇيهه ڪٿي ٿيندو؟

مان سنڌي قوم جي آئيندي کان مايوس قطعي ٻه ناهيان پر بهرحال اهو چئلينج ايڏو سولو ٻه نه آهي. مافيائين ۽ ڦورو مفادن جي پيشه ور ٽاڄي پيٽن جي وَر چڙهيل هن ملڪ ۾ سنڌي بحيثيت هڪ تاريخي قوم جي پنهنجو وجود ڪيئن بچائيندا – اهو شايد اڄوڪي سنڌ جو وڏي ۾ وڏو سوال آهي، جنهن تي مان پنهنجا ويچار مختلف مضمونن ۾ موضوع وار پيش ڪندس. ننڍي ڪنڊ بابت جڳ مشهور آمريڪي ماهر ۽ منهنجي دوست سيلگ هيرسن هڪ ڀيري واشنگٽن ۾ مون کي چيو هو ته "توهان جو ملڪ هڪ زهريلو ڦوڪٽو آهي، جنهن سان نه ڪيڏي سگهجي ٿو ۽ نه جنهن کي ڦاڙي سگهجي ٿو." ته پوءِ ڇا ٿو ڪري سگهجي؟ مان سمجهان ٿو ته سنڌ جو هيڙو سنڌي سماج جي غيرمعمولي سياسي طاقت (Power) ئي تاري سگهي ٿي، جيڪا اسان کي ڳڏيل شعور، تحرڪ، تنظيم ۽ رٿابنديءَ مان اُپارڻي آهي.

*(روزاني ڪاوش حيدرآباد، 14 آگسٽ 2012ع)*

# قوم جو جديد تصور ۽ سنڌي سماج

انساني تاريخ ۾ قوم جو جديد تصور 1789ع جي فرانس جي انقلاب کانپوءِ اُڀريو. ڇاڪاڻ تہ بادشاهتن ۽ شهنشاهتن جي طويل زماني ۾ قوم جو جديد سياسي تصور موجود نہ هو. لفظ نيشنلزم پڻ پهريون ڀيرو 1789ع ۾ هڪ فرانسيسي پادريءَ آگسٽن بيرئل (Augustin Barruel) استعمال ڪيو هو. هزارين سالن تائين ماڻهو ذاتين، ويڙهن، نسلي ۽ لساني گروهن ۽ قبيلن کي ئي قوم سمجهندا رهيا، ڇاڪاڻ تہ قبائلي ۽ جاگيردارانہ يا زرعي سماجن ۾ قوم جو تصور رت جي رشتن، نسل ۽ ٻوليءَ تائين محدود هوندو آهي ۽ شهنشاهتون جيئن تہ توسيع پسنديءَ تي مبني هونديون هيون، اُن ڪري قومي رياست يا قوم جو جديد سياسي تصور اُتي موجود ئي نہ هو. فرانس جي انقلاب کانپوءِ ارڙهين صديءَ ۾ يورپ ۾ قومي رياست جو تصور اُڀريو ۽ اهو تصور اُڻويهين صديءَ ۾ اچا مٿي ويو. ان حد تائين جو اُڻويهين ۽ ويهين صديون قومي رياستن جي تشڪيل ۽ قومي تحريڪن جون صديون رهيون.

سنڌ کي بہ انگريزن اُڻويهين صديءَ جي وچ ڌاري يعني 1843ع ۾ فتح ڪيو ۽ 1847ع ۾ سنڌ کي جڏهن بمبئيءَ ۾ شامل ڪيو ويو. تڏهن پهريون ڀيرو سنڌ ۾ جديد قومي سوچ ڪَرَ کنيا ۽ 1847ع کان پهرين اپريل 1936ع تائين 88 سالن ۾ سنڌ جي بمبئيءَ کان جدائيءَ جي جيڪا اُڻ تُڻ پيدا ٿي ۽ جاکوڙ ٿي، اُن سنڌ ۾ سياسي معنائن ۾ قومي شعور جا ٻجَ ڇٽيا. 1955ع کان 1970ع تائين ون يونٽ واري ڪاري دور ۾ سنڌ ۾ جيڪا ادبي، ثقافتي ۽ سياسي مزاحمت جي تحريڪ هلي، اُن سنڌ ۾ صحيح معنيٰ ۾ قومي شعور جا بنياد رکيا. جيتوڻيڪ سنڌ ۾ قومي شعور ۾ هوندڙن تہ انيڪ ماڻهن جو هٿ رهيو آهي پر سنڌ ۾ ان تصور ۽ فڪر جي آبياري ابتدائي طور سائين محمد ابراهيم جويي، حشو ڪيولراماڻيءَ ۽ سائين جي ايم سيد ڪئي ۽ پوءِ ان ۾ نوان رنگ ڪامريڊ حيدر بخش جتوئيءَ، رسول بخش پليجي ۽ شيخ اياز ڀريا ۽ ائين سنڌ جو جديد قومي تصور ۽ خاڪو وڏيءَ سَگهہ سان اُڀري آيو ۽ اڄ تائين ان جي حقيقت ۽ سَگهہ کي ڪير بہ لوڏي نہ سگهيو آهي.

سنڌ ۾ قوم جي جديد تصور کي سيني کان وڌيڪ سائين جي ايم سيد

چٽو ڪيو ۽ وطن، گڏيل تاريخ، ٻوليءَ، گڏيل ڪلچر ۽ گڏيل مفادن جهڙن عنصرن کي ان جو بنياد ڄاڻايو. حقيقت ۾ جيئن قوم جون شڪليون ڪي جامد نہ پر متحرڪ ۽ تبديل ٿيندڙ آهن، ائين قومن بابت جديد تصور پڻ متحرڪ ۽ هميشہ تبديليءَ ڏانهن مائل رهن ٿا. انهن سوالن تي ويهين صديءَ جي سماجي سائنسدانن جهڙوڪ اُمت اوذڪرملي (Umut Ozkirimli)، ارنيسٽ گيلنر (Ernest Gelner)، مونٽ سِرات گوئيبرنائو (Montserrat Guibernau) ۽ جان رالز (John Rawls) سميت انيڪ مدبرن تفصيل سان لکيو آهي. اِهي عالم قومي سوال جا وڏي ۾ وڏا ماهر مڃيا وڃن ٿا، جن جو مطالعو اسان جي عالمن، ليکڪن ۽ قومي سياسي ڪارڪنن کي ضرور ڪرڻ گهرجي. انهن کان سواءِ ويهين صديءَ جي شروعات ۾ لينن ۽ اسٽالن توڙي هوچي منهہ ۽ مائوءَ جا لکيل مقالا پڻ لاجواب آهن. سنڌي قوم بہ تاريخ ۾ ٻين قومن جيان انيڪ مرحلن مان گذري ۽ مختلف سماجي عنصرن مان ٺهي جُڙي تيار ٿي آهي ۽ اُها نہ تشڪيل جي تڪميل کي پهتي آهي ۽ نہ ڪڏهن پهچندي، ڇاڪاڻ تہ قوم سازيءَ جو عمل پڻ هڪ مسلسل نامياتي (Organic) عمل آهي ۽ انهيءَ ڪري اُهو زنده، متحرڪ ۽ مسلسل تبديل ٿيندڙ آهي. اسان کي ياد رکڻ گهرجي تہ سنڌي قوم ڪنهن هڪ نسلي يا هڪ مادري ٻولي ڳالهائيندڙ گروهہ تي مشتمل ناهي. ويجهي ماضيءَ ۾ ٻن موقعن تي اِهي مونجهارا اُڀري آيا، هڪ آدمشماريءَ پيري ۽ ٻيو تازو گوادر سانحي کانپوءِ. جيڪڏهن سنڌي قوم جي موجوده بيهڪ کي سامهون رکجي تہ اسان کي هڪ دلچسپ منظرنامو نظر ايندو، جنهن کي نسلي، لساني ۽ علائقائي نظر سان ڏسبو تہ پوءِ سنڌ جي قومي وحدت جي تصوير نظر نہ ايندي، جڏهن تہ ان تنوع (Diversity) کي سياسي ۽ جديد قومي تصور جي اک سان ڏسبو تہ اسان کي سنڌ هڪ تاريخي قومي وحدت طور نظر ايندي. نسلي طور سنڌ بنيادي طور اسان کي ڇٽن وڏن نسلي گروهن ۽ ٻين انيڪ نسلي گروهن تي مشتمل نظر ايندي، جنهن ۾ دراوڙ، سماٽ، سيد، بلوچ مڪيہ گروهہ ۽ بروهي، مغل، اوائلي پٺاڻ (ترين، آغا وغيره)، سيٽلر پنجابين جا گروهہ شامل آهن. انهن مان هرهڪ گروهہ تاريخ جي مختلف ڏاڪن تي سنڌي قوم ۾ ضم ٿيندو ويو آهي، جڏهن تہ دراوڙ سيني کان اصلوڪا ۽ قديم ماڻهو آهن، جن ۾ ڪولهي، ڀيل، باگڙي، اوڏ، ميگهواڙ ۽ ٻيون ذاتيون اچي وڃن ٿيون. جيڪڏهن سنڌي قوم جي سماج کي مادري ٻولين جي اک سان ڏسبو تہ سنڌ ۾ سنڌيءَ سان گڏ سرائيڪي، جدگالي، بروهڪي، بلوچي، مارواڙي، ڍاٽڪي، پارڪري ۽ ٻيون انيڪ مادري ٻوليون اچي وڃن ٿيون پر انهن سمورن گروهن جي مادري

ٻولي پل تہ ڪهڙي بہ هجي پر سنڌن قومي ٻولي سنڌي آهي، جنهن کي هو هر حساس موقعي تي اوليت پڻ ڏين ٿا ۽ اِها اسان جي قومي شعور جي علامت آهي، جنهن کي ڪجهہ دوستن تاريخ جو جبر پئي سڏيو. تاريخ جو جبر اهو تڏهن ليکجي ها جڏهن ڪو انهن تي سنڌي ٻولي زوريءَ مڙهي ها پر اسان جي معاملي ۾ ماڻهن پنهنجي مادري ٻولين تي قومي ٻوليءَ کي ائين ترجيح ڏني جيئن اهي اهم ۽ حساس موقعن تي پنهنجين ذاتين، نسلي ۽ قبائلي سڃاڻپ تي سنڌ جي قومي سڃاڻپ کي اوليت ڏيندا آهن ۽ ڏيڻ گهرجي. مذهب تاريخ ۾ ماڻهن جي ورڇ جو اهم محرڪ رهيو آهي پر سنڌ ۾ صدين کان مذهبي فرق جي ڪري ڪڏهن بہ سنڌ جي وحدت کي خطرو درپيش نہ آيو آهي، جيڪڏهن مختلف موقعن تي جزوي ۽ وقتي تضاد اُڀري بہ آيا آهن تہ اُهي سماج نہ اُڀاريا آهن پر بدنيت فردن ۽ گروهن مخصوص مفادن خاطر اُڀاريا آهن، جن کي سماج ڪڏهن بہ پنهنجو نہ ڪيو. ساڳيءَ طرح سنڌ ۾ ذيلي علائقن جي حساب سان ماڻهن جي ڪلچر ۽ مزاج ۾ پڻ وڏو فرق آهي. ٿر، ڪاڇي، ڪوهستان، وچولي، لاڙ ساحلي پرڳڻي، اُتر يا صدين کان شهرن ۾ رهندڙ ماڻهن ۽ گروهن جا مزاج، رويا، سوچڻ جا انداز ۽ ذيلي ثقافتي رنگ يقيني طور مختلف بہ آهن ۽ ڪيترن حوالن سان متضاد پڻ آهن ۽ اِهو سڀيءَ دنيا ۾ ٿيندو آهي، جو چوندا آهن تہ هر ويهن ميلن کانپوءِ ٻولين ۽ ثقافتون پنهنجا لهجا ۽ رنگ مَٽائينديون آهن پر ان جو اهو مطلب هرگز ناهي ۽ نہ ٿي سگهي ٿو تہ انهن ذيلي فرقن سان سنڌ جي قومي وحدت کي ڇيهو رسايو وڃي. اسان جي سمورن ڏاهن سنڌ جي عوام کي ڪڏهن بہ ذات، قبيلي، رنگ، نسل ۽ علائقي جي بنياد تي ورهائڻ جو درس ناهي ڏنو. ڪوبہ ماڻهو سائين جي ايم سيد، ڪامريڊ حيدر بخش جتوئيءَ، محمد ابراهيم جويي، رسول بخش پليجي، شيخ اياز ۽ ايم ايڇ پنهور جي ڪتابن ۽ لکڻين مان هڪ جملو بہ اهڙو ڏيکاري نہ سگهندو.

مٿئين بحث جي روشنيءَ ۾ اسان چئي سگهون ٿا تہ ذيلي سڃاڻپون ۽ فرق يا تنوع يعني ڀهڳٽائپ هر قوم ۾ هوندي آهي ۽ ان کي قوم جي بدبختي يا اندروني تضاد سمجهڻ بجاءِ ان کي قوم جو سماجي ۽ ثقافتي حُسن سمجهڻ گهرجي. نسلي ۽ ثقافتي رنگارنگي قومن جي سونهن هوندي آهي پر ڪي ناعاقبت انديش انهن کي قوم جا تضاد سمجهي اُڀارين ٿا، جيڪو رويو نہ رڳو درست نہ آهي پر اهو اسان جي گڏيل مفادن جي حق ۾ بہ نہ آهي.

ان حوالي سان مان ڪجهہ ٻيون ڳالهيون بہ سنڌ جي باشعور ماڻهن آڏو رکڻ گهران ٿو جن مان مکيہ هي آهن:

(1) قوم جو جديد تصور پنهنجيءَ سرشت ۾ تنگ نظر، محدود يا بيٺل نہ آهي، ان ڪري اسان کي پڻ ان کي محدود نہ ڪرڻ گهرجي. مان سمجهان ٿو تہ هر اهو اردو ڳالهائيندڙ يا ٻي ڪابہ ٻولي ڳالهائيندڙ سنڌي آهي، جيڪو سنڌ جو مستقل رهواسي آهي ۽ سنڌ کي پنهنجو وطن ۽ گڏيل سماج سمجهي ٿو. اسان کي ان تي ڪابہ ارهائي نہ هئڻ گهرجي تہ هو پنهنجي ٻولي ڇو ٿا ڳالهائين يا پنهنجو لباس ڇو ٿا پائين ۽ پنهنجو ذيلي ڏار ڪلچر ڇو ٿا رکن. جڏهن سنڌ اڳ ئي موجود هيترن سارين ذيلي ثقافتن، لساني ۽ علائقائي رنگن کي پنهنجي آغوش ۾ ويهاري سگهي ٿي تہ پوءِ اهو اُصول نون آيل ماڻهن تي بہ لاڳو ٿيڻ گهرجي. جي اُهي تاريخ جي جبر جي نتيجي ۾ سنڌ ۾ اچي آباد ٿيا آهن تہ ياد رکڻ گهرجي تہ هزارين سالن کان سنڌ جي اصلوڪن رهواسين يعني دراوڙن بہ کي دعوتون ڏئي سماتن، سيدن ۽ بلوچن کي سنڌ ۾ نہ گهرايو هو. قوم سازيءَ جو عمل هڪ مسلسل عمل آهي، جنهن جا در ڪڏهن بہ بند ٿيڻ نہ گهرجن. جي اُهي تاريخي عمل دوران سنڌي ڪلچر ۽ سماج جو حصو ٿي وڃن تہ بہ ٺيڪ ۽ نہ تہ بہ ذيلي سڃاڻپ ۽ ٻولي يا ڪلچر رکڻ انهن جو حق هئڻ گهرجي. اسان جو شرط رڳو گڏيل وطن سان پيار، سنڌ جي وطني وحدت جي ضمانت ۽ هڪ گڏيل سماج جي اڏاوت ۾ حصيدار ٿيڻ هئڻ گهرجي.

(2) سنڌ ۾ نسلي، لساني ۽ ثقافتي قوميت جي تصور بدران اسان کي "وطني قوميت" جي تصور کي هٿي وٺرائڻ گهرجي، ڇاڪاڻ تہ خطرو سنڌي قوم کي نہ پر ان جي تاريخي وطن جي وحدت کي آهي، جنهن کي ڪي بدنيت قوتون ورهائڻ گهرن ٿيون. اسان جڏهن بہ گڏيل وطن ۽ گڏيل سماج بجاءِ نسلي، لساني ۽ ثقافتي فرق تي اجايو گهڻو زور ڏنو تہ سنڌ جي جاگرافيائي وحدت کي هميشہ خطرا لاحق رهندا. اسڪاٽ لينڊ ۾ موجود قوميت جو شديد جذبو رنگ، نسل، ٻوليءَ ۽ ڪلچر يا مذهب جي بنياد تي نہ پر وطن جي بنياد تي آهي ۽ اهڙا انيڪ مثال موجود آهن. اسان کي سنڌ ۾ مستقل طور آباد ماڻهن جي ذيلي سڃاڻپن، ٻولين ۽ ثقافتن جو احترام ڪري، سنڌ جي گڏيل وطني سڃاڻپ ۽ قوميت جي تصور کي وڌيءَ ڏاهپ، جديد سوچ ۽ پنهنجائپ سان اُڀارڻو پوندو. نسلي شائونزم سنڌ جي وحدت لاءِ وڏو خطرو آهي. جڏهن اسان سنڌ جي وطني قوميت جي ڳالهہ ٿا ڪريون تہ اُن ۾ اها ڳالهہ ازخود شامل آهي تہ سنڌ ۾ دائمي اڪثريتي حيثيت هميشہ سنڌي ڳالهائيندڙ ماڻهن جي هئڻ گهرجي ۽ اُنهن جو تاريخي حڪمرانيءَ جو حق ڪنهن بہ بحث کان بالاتر آهي، ان ڪري انهن ٻن صورتحالن کي هڪٻئي سان تضاد ۾ بيهارڻ بجاءِ اُنهن کي هم آهنگ ڪرڻ

جي ضرورت آهي.

(3) سنڌ ۾ مستقل طور آباد ماڻهن سان مٽي مائٽيءَ، گڏيل ڪاروبار، سماجي طور اُٿڻ ويهڻ ۾ نه رڳو ڪوبه عار محسوس نه ڪرڻ گهرجي پر ان کي همٿائڻ گهرجي. سنڌ جي سياسي پارٽين کي ٻين ٻولين ۽ نسلي گروهن سان لاڳاپيل باڪردار ۽ سنڌ کي پنهنجو وطن سمجهندڙ ماڻهن کي پنهنجين صفن ۾ شامل ڪرڻ گهرجي. جيڪڏهن عوامي ورڪرز پارٽيءَ جهڙيون پارٽيون بنا ڪنهن ڪمپرومائيز جي ائين ڪري سگهن ٿيون ته ٻيون تنظيمون ائين ڇو نٿيون ڪري سگهن.

(4) سنڌ جي ثقافت هوندي به هڪ رنگي نه آهي. ٿر، لاڙ وچولي، ڪاڇي، ڪوهستان ۽ اُتر جي ذيلي ثقافتن ۾ فرق ناهن ڇا؟ جي ها ته پوءِ سنڌ جي ثقافت کي رڳو مخصوص عنصرن تائين محدود نه ڪرڻ گهرجي. اسان کي پنهنجي ثقافت جو دائرو ايترو ڪُشادو ڪرڻ گهرجي جو سنڌ ۾ مستقل طور آباد گروهه پڻ ان گڏيل ثقافت جي آئيني ۾ پنهنجي پنهنجي تصوير ڏسي سگهن. اهڙيءَ طرح ئي نوان آيل گروهه سنڌ کي پنهنجي وطن ۽ سنڌ جي سماج کي پنهنجو گڏيل سماج قبول ڪرڻ ڏانهن وِک وڌائيندا.

*(روزاني ڪاوش حيدرآباد، 23 مئي 2017ع)*

# ون يونٽ جو قيام ۽ سنڌ جي مزاحمتي جدوجهد!

هونئن تہ پاڪستان جي تاريخ ۾ سنڌ ڪي رڳو اياڻ ئي پلئہ پيا آهن، پر 14 آڪٽوبر 1955 جو ڏينهن سنڌ لاءِ بدبختين جو هڪ ڪارو دور ڪٽي آيو، جيڪو لڳ ڀڳ پندرنهن سال هليو (14 آڪٽوبر 1955ع کان وٺي پهرين جولاءِ 1970ع تائين) يعني برطانوي دور ۾ 1847ع کان 1935ع تائين 88 سالن کانپوءِ سنڌ هڪ آزاد وطن تہ نہ پر جيڪا صوبائي حيثيت حاصل ڪئي هئي، اها وري 1955ع ۾ هن ملڪ ۾ ڪانئس کسجي وئي. 1843ع ۾ جڏهن انگريزن سنڌ کي فتح ڪيو، تڏهن کان اڄ تائين 170 سالن جي عرصي مان 103 سال تہ اهڙا هئا، جن ۾ سنڌ کي ڪا جدا انتظامي حيثيت بہ حاصل نہ ٿي سگهي ۽ باقي وقت سنڌ کي جيڪا صوبائي حيثيت ملي، ان ۾ ورهاڱي کان اڳ 1937ع کان 1947ع جو ڏهاڪو سنڌ جي اندروني پارلياماني سياسي انتشار سبب سنڌ کي ڪوبہ لاڀ ڏيئي نہ سگهيو ۽ ورهاڱي کانپوءِ ون يونٽ جي 15 سالن جي ڪاري دور ڪانسواءِ بہ سنڌ کي جيڪا خودمختياري حاصل رهي آهي، اهو هڪ کليل راز آهي. ان ڪري چئي سگهجي ٿو تہ گذريل 170 سالن کان سنڌ کي پنهنجي حقيقي خودمختيار حيثيت نہ ملي سگهي آهي.

جيتوڻيڪ ون يونٽ جو اعلان تہ 14 آڪٽوبر 1955ع تي ٿيو پر حقيقت ۾ ان جا بنياد، سوچ جي حد تائين، پاڪستان جي ڄمڻ شرط پئجي چڪا هئا. نومبر 1947ع ۾ جناح صاحب جي معاشي معاملن بابت صلاحڪار سر آرچيبالڊ رولينڊس سڀ کان اڳ ۾ اها صلاح ڏني هئي، جنهن جي جناح مخالفت تہ نہ ڪئي هئي پر اهو چئي ان کي ٽاريو هو تہ ان لاءِ اڃا حالتون سازگار نہ آهن، جو جناح صاحب 1948ع کان ون يونٽ لاڳو ڪرڻ ٿي چاهيو. نيٺ 2 مارچ 1949ع ۾ آئين ساز اسيمبليءَ ۾ ملڪ فيروز خان نون وري اها ساڳئي تجويز پيش ڪئي، جنهن جي بيگم جهان آرا شهناز حمايت ڪندي اهو پڻ چيو هو تہ اولهہ پاڪستان جي چوٽيهن ضلعن کي پاڻ ۾ ملائي رڳو هڪ صوبو ٺاهڻ گهرجي. تاريخ جو الميو اهو بہ آهي تہ برطانوي راڄ ۾ صوبائي

خودمختياريءَ لاءِ جدوجهد جي دعويدار مسلم ليگ جي تڏهوڪي سيڪريٽري جنرل محمد يوسف خٽڪ اهو پڻ چيو هو ته ان سان پاڪستان ۾ صوبائيت جو خاتمو ايندو. البته مسلم ليگ جو تڏهوڪو صدر چوڌري خليق الزمان ان سوال تي ذاتي طور منجهيل هو. پنجاب جي تڏهوڪي وڏي وزير ميان ممتاز دولتانه پاڪستان ۾ وفاقي نظام جي مخالفت ڪندي ملڪ ۾ وحداني يعني اختيارن جي مرڪزيت تي ٻڌل نظام تي زور ڏنو هو. جيڪو پنجاب جي حق ۾ هو. سنڌ مان الوحيد اخبار ان جي سخت مخالفت ڪئي، جنهن کي اڳتي هلي ان ئي 'ڏوهه' جي سزا ۾ بنا ڪنهن نوٽيس جي بند ڪيو ويو. بهرحال گهڻ طرفي مخالفت سبب اهو منصوبو آئين ساز اسيمبليءَ طرفان جنوري 1953ع تائين ملتوي ڪيو ويو. سنڌ مان سائين جي ايم سيد سنڌ اسيمبليءَ ۾ مخالف ڌر جي اڳواڻ جي حيثيت ۾ ان جي سخت مخالفت ڪئي ۽ ان سان گڏ سنڌ هاري ڪميٽيءَ پڻ ان تي نهايت سخت موقف اختيار ڪيو. تاريخ جي رڪارڊ تي اها ڳالهه به رهڻ گهرجي ته پاڪستان جي آئين ساز اسيمبليءَ جي ڊپٽي صدر محمد هاشم گذدر پڻ ون يونٽ جي فارمولا جي مخالفت ڪئي. اصل ۾ بنگال ۾ مسلم ليگ جي شڪست ۽ حسين شهيد سهرورديءَ جي عوامي ليگ ۽ فضل حق جي ڪرشڪ سرامڪ پارٽيءَ جي اتحاد، يونائيٽيڊ فرنٽ پاران 309 سيٽن مان 233 سيٽون حاصل ڪرڻ ڪانپوءِ مسلم ليگ ۽ پنجاب ٻئي دل ۾ اهو طئي ڪري چڪا هئا ته ون يونٽ جي قيام ڪانسواءِ سنڌن ناجائز مفادن جو پورائو ٿي نه سگهندو.

حقيقت اها آهي ته سنڌ ۾ ون يونٽ خلاف تحرڪ ان جي قيام کان اڳ ئي شروع ٿي چڪو هو. ڪامريڊ حيدر بخش جتوئيءَ ان بابت تمام سخت موقف اختيار ڪيو ۽ انکي گريٽر پنجاب سان تعبير ڪيو. سنڌ اسيمبليءَ جي ميمبرن پير حسن بخش، سردار علي گوهر، علي نواز ڏهراج، امير بخش مهر، مير سندر خان سندراڻي، شفقت حسين موسوي، عبدالحميد جتوئي، سيد خير شاهه ۽ مير الله بچائي هڪ گڏيل بيان جاري ڪري ان کي رد ڪيو. ان مرحلي تي سنڌ جي اڳوڻي گهرو وزير قاضي محمد اڪبر پڻ ان جي مخالفت ڪئي. 23 آگسٽ 1954ع تي نوابشاهه ۾ آل پارٽيز ڪنوينشن ٿيو جنهن جي ايڊووڪيٽ غلام قادر صدارت ڪئي. ان ڪنوينشن ۾ پندرنهن هزار ماڻهو شريڪ ٿيا، جن مان لڳ ڀڳ ڏهه هزار هاري هئا. سنڌ جي هڪ فقيرمنش فرزند قاضي فيض محمد جو ان ۾ اهم ڪردار هو. هن ڪنوينشن ۾ "سنڌ جي سلامتي" نالي هڪ ڪميٽي پڻ ٺهي.

هوڏانهن ون يونٽ جي حمايتي ڌر بہ خاموش ويٺل نہ هئي ۽ نيٺ 3 سيپٽمبر 1954ع تي ون يونٽ لاءِ باقاعده اجلاس ڪوٺايو ويو. جنهن ۾ ايوان جي 56 مان 32 ميمبرن شرڪت ڪئي. سنڌ ۽ پنجاب جو ون يونٽ بابت تضاد وڌيڪ چٽو تڏهن ٿيو. جڏهن پنجاب جي ملڪ فيروز خان نون ان جي پرزور حمايت ڪئي ۽ سنڌ جي تڏهوڪي وڏي وزير پيرزادي عبدالستار ان جي سخت مخالفت ڪئي. ان لاءِ جواز اهو پيش ڪيو ويو تہ ملڪ جي مخصوص حالتن سبب پاڪستان ۾ زونل وفاقيت جو ماڊل ٺهڪي بيهندو (جڏهن تہ زونل وفاقيت جو ون يونٽ جي تصور سان ڪو تعلق نہ هو. بيلجيم ۾ اڄ بہ زونل وفاقيت جو نظام آهي. 1940ع جي لاهور ٺهراءَ ڪي پڻ زونل وفاقيت چئي سگهجي ٿو) اجلاس ۾ پيرزادي عبدالستار، سرحد جي خان قيوم خان ۽ بنگالين سخت مخالفت ڪئي. "ڪراچي سنڌي ڪميٽي" 3 نومبر 1954ع تي اجلاس ڪوٺائي ان جي مخالفت ڪئي ۽ پيرزادي عبدالستار جي ڪردار جي واکاڻ ڪئي، جڏهن تہ پيرزادي عبدالستار سڄيءَ سنڌ جو هنگامي دورو ڪري عوام کي متحرڪ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. سنڌ جي پرزور مخالفت ڏسي تڏهوڪي گورنر جنرل غلام محمد سنڌ مان پير علي محمد راشديءَ کي پاڻ سان ملايو ۽ مٿس اهو بار رکيو تہ هو سنڌ ۾ ان لاءِ سازگار حالتون پيدا ڪري، جو هو نہ رڳو هڪ ذهين سياستدان ۽ دانشور هو پر محمد ايوب کهڙي جي پڻ تمام ويجهو هو. نتيجي ۾ 18 نومبر 1954ع تي پير علي محمد راشديءَ هڪ پريس ڪانفرنس ذريعي ان رٿا جي حمايت ڪئي ۽ سرڪار پاران واضح ڪيو تہ مخالفت ڪندڙن کي حڪومت سختيءَ سان منهن ڏيندي. تاريخ جو هڪ الميو اهو بہ آهي تہ ون يونٽ جي لاڳو ڪرڻ جو ذمو پنجاب جي حڪمران طبقي هڪ ڊمي وزير اعظم محمد علي بوگره کي ڏنو جيڪو هڪ بنگالي هو. 22 نومبر تي بوگره سنڌ ۾ اچي سنڌ جي سياستدانن جو اجلاس ڪوٺايو ۽ مٿن زور ڀريو تہ هو ون يونٽ جي حمايت ڪن. سنڌ ان اجلاس ڪانپوءِ ٻري اٿي ۽ نتيجي ۾ سنڌ جي قومي آواز بڻيل اخبار الوحيد کي بند ڪيو ويو. ان ئي اجلاس ۾ بوگره ون يونٽ جي نفاذ بابت اعلان ڪيو هو. اهو بہ تاريخ جو الميو آهي جو خيرپور ڀرين رياست هئي، جنهن ان جي حمايت ڪئي، جنهن ڪانپوءِ بهاولپور رياست پڻ ائين ڪيو. نيٺ سنڌ اسيمبليءَ پاران ون يونٽ جي حق ۾ ٺهراءُ پاس ڪرائڻ جي سازش تيار ٿي ۽ ون يونٽ جي مخالف پيرزادي عبدالستار کي هٽائي سندس جاءِ تي محمد ايوب کهڙي کي سنڌ جو وڏو وزير بنائڻ جي رٿا تيار ٿي. ياد رهي تہ ايوب کهڙي کي "پروڊا" تحت ڇهن سالن لاءِ نا

اهل قرار ڏنو ويو هو، جو هن ڪراچيءَ کي سنڌ کان جدا ڪرڻ جي مخالفت ڪئي هئي. محمد علي بوگره جي وزير اعظم ٿيڻ پنيان به ساڳيو محرڪ هو ۽ اهو ئي سبب هو جو ناظم الدين جي حڪومت برطرف ڪري هڪ بنگالي محمد علي بوگره کي ملڪ جو وزير اعظم بڻايو ويو. ڇو جو پنجاب جي حڪمران طبقي اهو ڪم هڪ بنگاليءَ کان وٺڻ ٿي گهريو. ڇاڪاڻ ته اهو راتاهو بنيادي طور اولهه پاڪستان جي ننڍن صوبن سان گڏوگڏ هنيو به بنگال جي اڪثريتي جمهوري حق تي ويو هو. ان وقت گورنر جنرل غلام محمد جڻ ته ملڪ جو مالڪ بڻيو ويٺو هو. ايوب کهڙي کي آڇ ڪئي وئي ته هو جيڪڏهن وڏو وزير ٿي ون يونٽ جي حمايت ۾ ٺهراءُ / بل پاس ڪرائي ته کيس ون يونٽ جي قيام کانپوءِ مرڪزي ڪابينا ۾ پڻ وزير ڪري کنيو ويندو. ايوب کهڙو ان وقت سنڌ اسيمبليءَ جو ٺلهو ميمبر به نه هو، کيس ٽنڊي آدم- شهدادپور واري سيٽ تان بنا مقابلي کٽرايو ويو. ياد رهي ته سندس خلاف قاضي فيض محمد، رائو فتح محمد، عارف علي شاهه ۽ ڊاڪٽر مجيد نظامي مخالفت ۾ بيهڻ پئي چاهيو، پر فارم جمع ڪرائڻ وقت 2 ميل پري سندن گاڏيون روڪيون ويون، هو پنڌ ڪري به پهتا پر تيسين فارم جمع ڪرائڻ جو وقت پورو ٿي چڪو هو ۽ ائين ايوب کهڙو بنا مقابلي سنڌ جو ميمبر ۽ پوءِ وڏو وزير چونڊجي ويو. اها سڄي حڪمتِ عملي هڪ شاطر ذهن پير علي محمد راشديءَ جي هئي.

11 هين ڊسمبر 1954ع تي نيٺ سنڌ اسيمبليءَ ۾ ون يونٽ جي حمايت ۾ ٺهراءُ پيش ڪيو ويو، جيڪو پير علي محمد راشديءَ پيش ڪيو. اهو ٺهراءُ ڪيئن پيش ٿيو ۽ پوءِ ڪيئن پاس ٿيو، اهو به تاريخ جو هڪ وڏو الميو آهي. سڀ کان پهرين ته اهو اجلاس ڪراچيءَ بدران حيدرآباد ۾ ڪورٽ جي دربار هال ۾ رکيو ويو ۽ اهي ميمبر، جن بابت کهڙي ۽ راشديءَ کي پڪ هئي ته اهي مخالفت ڪندا، انهن کي دربار هال ته ڇا پر ڪورٽ جي احاطي ۾ ئي اچڻ نه ڏنو ويو. مير غلام علي ٽالپر کي ته گاڏيءَ مان لهڻ شرط کنيي کڻي وڃي عمرڪوٽ رسايائون، جتان وري اُٺ تي چاڙهي کيس مٺيءَ ۾ نظربند ڪيو ويو. ون يونٽ جي امڪاني مخالفت ڪندڙ ميمبرن تي ڪيس قائم ڪيا ويا ۽ نيٺ 11 هين ڊسمبر 1954ع سنڌ جي جديد تاريخ جو هڪ ڪارو ڏينهن ثابت ٿيو، جو جنهن سنڌ اسيمبليءَ کي سنڌ جي وحدت ۽ خودمختياريءَ جو بچاءُ ڪرڻو هو، ان مان سنڌ جي آئيني، سياسي، وطني ۽ جاگرافيائي وجود خلاف ۽ ون يونٽ جي حمايت ۾ ٺهراءُ پاس ٿي ويو. سنڌ اسيمبليءَ جي ڪُل 110 ميمبرن مان 8 ميمبر غير حاضر يا نظربند رهيا، 98 ميمبرن ان جي حق ۾ ووٽ

ڏنو ۽ چئن ميمبرن ان جي مخالفت ۾ ووٽ ڏنو. اهي چار ميمبر عبدالحميد خان جتوئي، غلام مصطفيٰ خان پرڳڙي، پير الاهي بخش ۽ شيخ خورشيد احمد هئا، جڏهن ته سائين جي ايم سيد کي اڳ ئي نظربند ڪيو ويو هو. بهرحال سنڌ جي وجود تي وار پنهنجي محافظ آئيني ايوان مان ٿيو. مرڪز کي اصل پئو سنڌ مان هو، ان ڪري جيئن ئي سنڌ مان بل پاس ٿيو ته 14 ڊسمبر 1954ع تي اعلان ڪيو ويو ته ايندڙ سال ون يونٽ جو قيام عمل ۾ اچي ويندو ۽ نيٺ 14 آڪٽوبر 1955ع کان ون يونٽ عملي طور لاڳو ڪيو ويو. اولهه پاڪستان ۾ مشتاق گورماڻي نئون گورنر ۽ ڊاڪٽر خان وڏو وزير مقرر ٿيا. ڊاڪٽر خان کي اولهه پاڪستان جو وڏو وزير مقرر ڪرڻ جا سبب حڪمت عمليءَ جا هئا، ڇاڪاڻ ته هڪ ته جناح صاحب ڊاڪٽر خان جي حڪومت کي ملڪ ٺهڻ شرط برطرف ڪيو هو، ٻيو ته حڪمران طبقي ۽ اسٽيبلشمينٽ پشتونن کي راضي ڪرڻ ٿي گهُريو ۽ ٽيون اهم سبب اهو ته جيئن ته اولهه پاڪستان جو عملي طور مطلب گريٽر پنجاب هو، ان ڪري هڪ پشتون اڳواڻ کي وڏو وزير مقرر ڪري اهو تاثر ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي وئي ته اولهه پاڪستان ۾ اقتدار جون واڳون پنجاب وٽ نه آهن.

ڏنو وڃي ته ون يونٽ جي قيام جا مکيه سبب ٻه هئا: هڪ ته حڪمران طبقي کي بنگال جي عددي اڪثريت پاڻ ۽ نه ٿي پئي، جو ڪين ڊپ هو ته جمهوريت ۾ هو اڪثريت ۾ ڪتي ايندا، جڏهن ته ملڪ جي سڄي ملٽري ۽ سول بيورو ڪريسي جو تعلق پنجاب ۽ سندس همنوا ٽولي سان هو، جيڪي اولهه پاڪستان ۾ هئا، ان ڪري پيرٽي يعني نام نهاد برابريءَ جي اصول تحت ون يونٽ جو جواز گهڙيو ويو. ٻيو ته، ان حڪمران طبقي سنڌ، سرحد ۽ بلوچستان جي وسيلن جي ڦرلٽ ڪرڻ ٿي چاهي ۽ نيٺ اهو ئي ٿيو. بنگال کي پنهنجي جمهوري حق کان مسلسل محروم رکيو ويو ۽ سنڌ جي زمينن، شهرن، وسيلن، ٻولي، ادب ۽ تاريخي وجود تي دائمي اڪثريتي حيثيت تي جيڪي راتاها لڳا، ان جو هاڃو اسان نه رڳو اڄ تائين ڀوڳي رهيا آهيون پر شايد هميشه ڀوڳيندا سون ۽ اهي گهاوَ ڀرجڻ جا ئي نه آهن.

7 آگسٽ 1955ع تي ون يونٽ مخالف محاذ جو ڪراچيءَ ۾ اجلاس ٿيو، جنهن جي ڪوٺ شيخ عبدالمجيد سنڌيءَ ڏني، جڏهن ته ان اجلاس جي صدارت خان غفار خان ڪئي. ان اجلاس ۾ سائين جي ايم سيد. عبدالصمد خان اڇڪزئي، ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي ۽ ٻين اڳواڻن شرڪت ڪئي. ون يونٽ خلاف سنڌ ۾ جدوجهد تيز ٿي ۽ حقيقت اها آهي ته سنڌ جي اديبن،

شاعرن، دانشورن ۽ قومي سياسي ڪارڪنن ان جدوجهد ۾ منهنداريءَ جو ڪردار ڪيو. بزم صوفياءِ سنڌ، سنڌي ادبي سنگت، سنڌ هاري ڪميٽي ۽ روح رهاڻ جي پليٽ فارم تان سنڌي ٻولي، ادب، ان جي وجود ۽ وسيلن جي بچاءَ ۾ گهڻ طرفي جدوجهد ان دور ۾ سنڌي سماج جي بنيادي سياسي تربيت ڪئي. "سنڌي شامون"، "جشن لطيف" ۽ "بزمِ صوفياءِ سنڌ" جا جلسا سنڌ جي جدوجهد جا غير معمولي محاذ هئا. ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي، سائين جي ايم سيد، رسول بخش پليجو، قاضي فيض محمد، شيخ اياز، شيخ عبدالمجيد سنڌيءَ سميت سنڌ ۾ ڪهڙو وطن دوست اديب، شاعر، دانشور، قومي ڪارڪن هو، جيڪو هن سٽ ۾ شامل نه هو. قومي شعور جي اڏاوت ۽ ٻڌيءَ جي حوالي سان به اهو دور سنڌ ۾ غير معمولي هو. سنڌ ۾ مزاحمتي ادب ۽ مزاحمتي سياست جا بنياد ان دور ۾ پيا.

اها سنڌي اديبن، دانشورن، شاعرن ۽ قومي ڪارڪنن جي سگهاري جدوجهد ئي هئي، جنهن جي نتيجي ۾ سنڌ جي نوجوانن ۾ قومي شعور پيدا ٿيو. چوٿين مارچ جي جدوجهد سامهون آئي ۽ سنڌ ۾ سگهاري شاگرد سياست جا بنياد پيا. يوسف لغاري، يوسف ٽالپر، لالا قادر، اقبال ترين سميت سوين شاگرد اڳواڻ ان جدوجهد جي پيداوار آهن. حقيقت ۾ ون يونٽ خلاف گهڻ طرفي جدوجهد سنڌي سماج جي ڀرپور تربيت ڪئي ۽ سنڌ ۾ قومي شعور ۽ قومي مزاحمت ۽ تحرڪ جو عمل تيز ٿيو، پر بدقسمتيءَ سان سنڌ جو اهو قومي شعور اڳتي هلي ڪري غير معمولي سياسي تنظيم جي شڪل اختيار نه ڪري سگهيو. جيتوڻيڪ ان جدوجهد ڪانپوءِ سنڌ ۾ انيڪ قومي ۽ ترقي پسند تنظيمون ٺهيون پر وري به ڪارڪنن جون تنظيمون ئي رهيون. اهي وڏي عوامي قومي يا انقلابي تنظيمن جو روپ اختيار نه ڪري سگهيون ۽ هاڻي ته چئن ڏهاڪن ڪانپوءِ ون يونٽ جي جدوجهد دوران اڀريل سموريون روايتون ڪمزور نظر اچن ٿيون. جيتوڻيڪ اڄ سنڌ ۾ ون يونٽ جي دور ڪان هزار ڀيرا وڌيڪ ڏکيون حالتون آهن پر اڄ سنڌ ۾ اديبن، دانشورن، قومي ڪارڪنن يا قومي سياست جي دعويدار سياسي پارٽين جو گهربل سگهارو ڪردار نظر نٿو اچي.

جيتوڻيڪ پهرين جولاءِ 1970ع تي يحيٰ خان جي اعلان تحت ون يونٽ ٽٽي ويو، جو ان کي وڌيڪ هلائڻ حڪمران طبقي لاءِ ممڪن نه رهيو هو. اڄ بظاهر ڪٿي ون يونٽ نه هجي پر جنهن غيروفاقي ذهنيت ۽ ناجائز ڦورو مفاد ون يونٽ ٺاهيو هو، اها اڄ به موجود آهي ۽ جنهن ڦرلٽ لاءِ اهو قائم ٿيو، اهو مظلوم قومن ۽ پنجاب ڪانسواءِ ٻين صوبن جي ڦرلٽ جو سرشتو اڄ به اهڙو ئي قائم

آهي. ان ڪري هاڻي اسان کي ون يونٽ خلاف جدوجهد تي فخر ڪرڻ سان گڏوگڏ بنيادي طور سنڌ جي آئيندي لاءِ سوچڻو پوندو ۽ پنهنجي قومي ڪردار جو تعين ڪرڻو پوندو.

پهرين جولاءِ يعني ون يونٽ جي خاتمي واري ڏينهن کي سنڌ جو قومي ڏينهن ڪري ملهائڻ گهرجي.

*(روزاني ڪاوش، پهرين جولاءِ 2013ع)*

# سنڌ ۾ عوامي سياست ۽
# قومي سوچ کي ڪيئن گڏ ائجي ؟

سياست جو عمل هونئن به پيچيده آهي پر سنڌ جي سياست پنهنجين مخصوص معروضي ۽ تاريخي حالتن سبب انتهائي وڌيڪ پيچيده ٿي چُڪي آهي. پ پ جي سياست اڳ به ڪا معياري يا گهڻي با اصول نه رهي آهي، ڇاڪاڻ ته پاڪستان جهڙي رياست ۾ ڪا پاپولسٽ سياسي ڌر بنيادي قسم جي ڪمپرومائيز ڪانسواءِ اقتدار ۾ اچي، اهو ممڪن نه آهي پر تنهن هوندي به محترمه شهيد بينظير ڀٽو جي هوندي ان ڪمپرومائيز جون ڪجهه حدون مقرر ۽ متعين ٿيل هيون پر هن ڀيري پ پ جي سياست جو جيڪو تجربو سنڌي ماڻهن کي ٿيو آهي، ان ماڻهن کي ڏينهن جا تارا ڏيکاري ڇڏيا آهن.

سنڌي ماڻهن سان پ پ جي ويساهه گهاتين جي هڪ ڊگهي فهرست آهي پر شايد سنڌ پيپلز لوڪل گورنمينٽ آرڊيننس- 2012ع سنڌي ماڻهن جي ويساهه جي تابوت ۾ آخري ڪوڪو هو. ان سموري صورتحال ماڻهن کي ڪجهه بنيادي سوالن تي ويچارڻ تي مجبور ڪيو آهي. تاريخ ۾ حادثا، منفي واقعا يا وڏا نقصان پاڻ سان گڏ نوان موقعا پڻ آڻيندا آهن، انڪري باعمل، دور انديش ۽ اميد پسند ماڻهو هاڃن کي به تبديلين جي گسن ۽ اڳتي وڌڻ جي موقعن طور ڏسندا آهن. ان لحاظ کان تاريخ ۾ سوشلسٽ انارڪيءَ جو به مثبت ڪردار رهيو آهي، ڇاڪاڻ ته جيسين ماڻهو اسٽيٽسڪو جي ڌرين کان مڪمل طور مايوس ۽ بيزار نه ٿيندو، تيسين اُهو متبادل گس ڇو ڳوليندو؟ انڪري پ پ جون هي ويساهه گهاتيون سنڌي عوام لاءِ هڪ وڏو هاڃو ته آهن پر گڏوگڏ اُهي ماڻهن کي سجاڳ ٿيڻ ۽ اڳتي وڌڻ جو موقعو پڻ فراهم ڪن ٿيون.

سنڌ جي سياست جو هڪ الميو اهو به آهي ته هتي پاپولر سياست هڪ پاسي آهي ته پاپولر ڊسڪورس ٻئي پاسي. سنڌ ۾ پاپولر سياست جون واڳون گهڻي ڀاڱي پ پ وٽ رهيون آهن ته وري پاپولر ڊسڪورس گڏريل ڇڻن ڏهاڪن کان قومي سياست ڪندڙ ڌرين وٽ رهيو آهي. سنڌ جي سياست ۾ اِهو ورهاڱو سٺ جي ڏهاڪي جي آخري سالن کان شروع ٿي ويو هو. سائين جي

ايم سيد سنڌ کي قومي فڪر ته ڏنو پر هو عوامي يا انقلابي سياستدان نه هو. انڪري هن جي فڪر ڏانهن اديب، دانشور، شاگرد ۽ هيٺين وچين طبقي جو هڪ حصو مائل ٿيو. جڏهن ته شهيد ذوالفقار علي ڀٽو ان ئي دور ۾ هڪ طوفان بڻجي اٿيو هو ۽ پنهنجي شخصي سحر ۾ عوام کي ويڙهي ۽ ميڙي کڻي ويو. نتيجي ۾ سنڌ جو قومي شعور ۽ عوام ٻن متضاد ڌارائن ۾ ورهائجي ويا. سائين جي ايم سيد ۽ شهيد ذوالفقار علي ڀٽي کانپوءِ تاريخ اهو موقعو سنڌ جي هڪ ٻئي غير معمولي دانشور اڳواڻ رسول بخش پليجي کي فراهم ڪيو ته هو سنڌ ۾ عوامي سياست ۽ قومي سوچ کي گڏائي سنڌ جي سماج کي تاريخي طور اڳتي وٺي وڃي ها پر افسوس جو پليجو صاحب غيرمعمولي جدوجهد ۽ فڪري سَگهه باوجود تاريخ ۾ اهو ڪردار ادا نه ڪري سگهيو. يا ائين کڻي چئجي ته هن پنهنجي بي مثال ڪتاب "صبح ٿيندو!" ۾ جيڪو سماج، سياست ۽ رياست جو ڇيد ڪيو ۽ جيڪو ڳَسُ ۽ نجات جي واٽ ڏيکاري، اهو پنڌُ تنظيمي ۽ عملي طور گهربل سطح تائين اڳتي نه وڃي سگهيو. نتيجي ۾ گذريل ڏيڍ سئو سالن کان مسلسل سياسي جدوجهد ڪندڙ سياسي شعور جي لحاظ کان اڳتي هجڻ ۽ وڏي ڳالهه ته نهايت متحرڪ هئڻ باوجود اهو سماج اڄ به ساڳئي تضاد جو شڪار آهي، يعني سنڌ ۾ عوامي يا پاپولسٽ سياست ۽ قومي سوچ جون ڌارائون هم آهنگ ٿيڻ بجاءِ متضاد ڏسائن ۾ ورهايل آهن. نتيجي ۾ ساڳيو سنڌي ماڻهو چونڊن ۾ ووٽ هڪڙين ڌرين کي ڏئي ٿو ۽ قومي احتجاجن ۾ گڏ قومپرستن، وطن دوستن ۽ ترقي پسندن سان بيهي ٿو. منهنجي نظر ۾ سنڌ جي سماج جو وڏو تضاد به اهو ئي آهي ته نام نهاد عوامي سياست ۽ قومي سوچ ٻن متضاد ڌارائن ۾ بيٺل آهن. انڪري جيسين عوامي سياست ۽ قومي فڪر هم آهنگ نه ٿا ٿين، تيسين سنڌ جي سياست ۾ اها گهربل قومي سياسي سگهه پيدا نه ٿيندي، جنهن جو غير معمولي دٻاءُ عالمي قوتون، پاڪستان جي رياست ۽ اُهي سموريون ڌريون محسوس ڪن، جيڪي سنڌ ۽ سنڌين جي قومي مفادن تي ميري نظر رکن ٿيون. قومي ۽ طبقاتي سوچ کانسواءِ پاپولسٽ سياست بنيادي طور اسٽيٽسڪو جي ترجمان هوندي آهي ۽ اُها تاريخ ۾ تبديليءَ جي مخالف قوتن ۽ مفادن جي ڳيجهو هوندي آهي ۽ ٻئي طرف حقيقي عوامي سگهه کانسواءِ قومي سياست ڪڏهن به ٺلهيون دانهون ڪرڻ کان اڳتي وڌي نه سگهندي.

سماج ۾ ڪوبه لقاءُ ٺلهي خواهش ڪرڻ سان نه ٿيندو آهي، ان لاءِ گهربل عمل ڪرڻو پوندو يا معروضي حالتون پيدا ڪرڻيون پونديون. انڪري سنڌ ۾ وسيع تر عوامي سياست ۽ قومي سوچ جي وِڇي ڀرڻ لاءِ مرحليوار تقاضائون پوريون

ڪرڻيون پونديون. ان ڏس ۾ ڪجهه بنيادي تجويزون ۽ رايا هيٺ ڏجن ٿا:

(1) عوام ۾ اهو احساس وڏي پئماني تي پيدا ڪرڻو پوندو تہ آخر هيستائين سنڌن مينڊيٽ جي منهندار قوتن ساٿڻ ويساهہ گهاتي ڇو ڪئي آهي؟ ڇا اهو محض اتفاق آهي يا ان طبقي ۽ اهڙي سياست ڪي پس و پيش ۽ لازمي طور ائين ئي ڪرڻو هو. عام ماڻهو جنهن وارتا يا لقاءُ کي ٿلهو اتفاق سمجهندا آهن، جدلياتي اُصولن موجب حقيقت ۾ اهو لازمي نتيجو هوندو آهي ڪن محرڪن جو. اهو ئي فرق هوندو آهي عام متاڇري ۽ سائنسي سوچ ۾ عام متاڇري سوچ سماجي لقائن کي لکئي جو ليک يا محض اتفاق يا انفرادي رويا سمجهندي آهي، جڏهن تہ سائنسي سوچ سبب ۽ نتيجن جي پاڻ ۾ لاڳاپي جي پرک ۽ ڇنڊ ڇاڻ ڪندي آهي. اسٽيسنٽڪو جي سياست ۽ انجي منهندار قوتن کي ائين ئي ڪرڻو هو، جيئن اُهي ڪنديون رهيون آهن ۽ ڪن پيون. انڪري سنڌي عوام ۾ اهو تنقيدي شعور پيدا ڪرڻو پوندو تہ سنڌن مينڊيٽ آخر ايڏو سولو ۽ سستو وڪر ڇو آهي، جنهن کي هر ڪو واري واري سان اقتداري ايوانن ۾ وڪڻي ٿو. جيتوڻيڪ عوام پاڻ بہ انهن بدترين تجربن مان سکي ٿو پر ان باوجود ڪين اها ڳالهہ بار بار کولي سمجهائڻ جي گهرج آهي تهجنهن سياست جو مول متو رڳو ڪُرسي ۽ ڪرپشن هجي، اُها عوام کي اهڙيون ئي ڀڳون ڀڏرائيندي! اهو شعور پيدا ڪرڻ وارو ڪم ترقي پسند، قومي، عوامي ۽ انقلابي سياسي ڪارڪن، اديب، دانشور ۽ قوم جا ٻيا سڄاڻ حصا ڪري سگهن ٿا.

(2) سنڌي سماج جون قوتون نہ رڳو محدود آهن پر اُهي منتشر ۽ هڪ ٻئي سان تضاد ۾ پڻ آهن. ان ڪري سنڌ جي سڄاڻ طبقي کي ڀرپور ۽ اثرائتو ڪردار ادا ڪرڻو پوندو. سنڌي سماج جي موجوده قومپرست، وطن دوست ۽ ترقي پسند ڌرين مان ڪابہ هڪ اهڙي سگهاري ڌر نہ آهي، جيڪا اڪيلي سر سنڌ جو هي سڄو بار کڻي سگهي، انڪري هر ڳالهہ قومپرستن تي ياڙڻ بدران سنڌ جي سمورن ساڃاهہ وند ماڻهن کي پنهنجي پنهنجي شعبي ۽ دائري ۾ هر سطح تي سماج جي سُونهين جو ڪردار ادا ڪرڻو پوندو.

جيسين سنڌ ۾ ڪا وڏي سگهاري سياسي پارٽي اُسري سگهي، تيسين هن عبوري دور ۾ سماج جي سمورن شعبن جي سڄاڻ ماڻهن کي اڳيان اچڻو پوندو. سنڌ جو سڄاڻ طبقو عوام کان گهڻي ڀاڱي ڪٽيل آهي. انجي سوچ، عمل، تحرڪ ۽ سرگرميءَ جو دائرو تمام محدود آهي، انجو وڏو حصو نہ تہ دنيا جي وڏين ڌارائن سان لاڳاپي ۾ آهي ۽ نہ عوام سان. وچيون طبقو هوئڻ بہ پنهنجن

طبقاتي مفادن جي اڻ اعلانيل حدبندين ڪري ڪڏهن بہ عوام جي اورچ ۽ توڙ تائين رهبري ناهي ڪندو. جو سنڌس عارضي طبقاتي مفاد سنڌس غير معمولي ڪردار اُڀرڻ نہ ڏيندا آهن. پر ان باوجود هڪ حد تائين ٿي سهي پر وچين طبقي جو قومي اڏاوت جي عمل ۾ اثرائتو ڪردار ضرور هوندو آهي. جي سنڌ جو وچيون طبقو بيو ڪجهہ نہ ڪري پر پنهنجي ذهني، تعليمي، فڪري ۽ پيشيوارانہ سگهہ استيتسڪو بجاءِ عوام ۽ وطن جي نجات جي گهڻ طرفي عمل ۾ خرچ ڪري، تڏهن بہ سنڌي سماج ۾ معياري سياسي، معاشي ۽ سماجي تبديليءَ جي عمل جي رفتار تيز ٿيندي. سنڌ جو الميو اهو بہ آهي تہ سنڌ جا نصيب ڦٽائيندڙ وڏيرڪو يا ان نفسيات جو حامل طبقو تہ پنهنجن ناجائز مفادن لاءِ پنهنجيون سموريون ذهني، سماجي، سياسي، معاشي ۽ سفارتي توانائيون استعمال ٿو ڪري پر اسان جو وچيون طبقو يا سجاڻ حصو پنهنجي ذهني، فڪري، سياسي، پيشيورانہ ۽ معاشي سگهہ جو پنج سيڪڙو بہ عوام، قوم ۽ وطن لاءِ ڪتب نہ ٿو آڻي. هيءَ 21 هين صدي آهي، جنهن ۾ اڳتي وڌيل سگهہ ۽ قوتون وڏيرڪي طبقي وٽ نہ پر مڊل ڪلاس وٽ آهن. جي وڏيرڪي طبقي وٽ رياست جي مدد سان ناجائز سماجي اثر آهي، تہ وچئين طبقي وٽ 21 هين صديءَ جو سڀ کان اثرائتو هٿيار يعني ميڊيا ۽ خاص طور سوشل ميڊيا آهي. جي وڏيرڪي طبقي وٽ روايتي سياست آهي تہ عوام ۽ وچئين طبقي وٽ نظرياتي ۽ تنظيمي سگهہ جو سياسي هٿيار آهي، جيڪو روايتي سياست کان هزار ڀيرا وڌيڪ سگهارو ٿي سگهي ٿو، پر شرط اهو آهي تہ اها سياست ذميوار، منظم ۽ ساک واري هجي. جي وڏيرڪي طبقي وٽ طبقاتي ٽيڪ آهي تہ سنڌ جو شعور سڄي دنيا کان مدد ۽ سگهہ حاصل ڪري سگهي ٿو. هن 21هين صديءَ ۾ آمريڪا جهڙو عالمي سامراج عراق ۽ افغانستان ۾ عوام جو قتلام نہ ٿو ڪري سگهي تہ سنڌي وڏيرو ڪهڙي باغ جي موري آهي، جنهن وٽ سڀ ڪجهہ ڪرڻ جو اختيار هوندو. فرق صرف اهو آهي تہ اهو طبقو پنهنجيون محدود توانائيون ۽ سگهہ پنهنجن ناجائز مفادن لاءِ مڪمل طور استعمال ڪري ٿو ۽ اسان انجي پيٽ ۾ مڙئي ڪم ٿا ٽپايون ۽ نتيجي ۾ طاقت جو توازن تبديل نہ ٿو ٿئي.

(3) سنڌ جي قومي سياست ڪندڙ تنظيمن کي پنهنجي سوچ، ڪم جي ڍنگ، پورهيي جي معيار، اڳواٽيءَ جي ڪردار، تنظيمي دائري، جدوجهد جي انداز ۽ قربانيءَ جي سطح کي تبديل ڪرڻو پوندو. ان ۾ ڪوبہ شڪ نہ آهي تہ پنهنجين سمورين ڪمزورين باوجود وري بہ اهي ننڍيون ننڍيون تنظيمون آهن،

جن هيستائين رياست ۽ حڪومتن يا سنڌ دشمن قوتن سان مهاڏو اٽڪايو آهي پر هاڻي حالتن جي تقاضائن ۽ معروضي محرڪن مطابق اِهي قوتون نهايت اڻ پوريون آهن. گذريل ڇهه ڏهاڪا اسان "پڳي سان پيريو آهي" پر هاڻي "رتي کي راس" ڪرڻو پوندو. سنڌ جي قومي سياست ڪندڙ ڌرين جون هيستائين تي وڏيون ڪاميابيون آهن، مثال طور: سنڌ جي قومي موقف جو چٽو ٿي بيهڻ، سنڌ ۾ وڏي پئماني تي سياسي ڪارڪنن جو پيدا ٿيڻ ۽ سنڌ جي اِشوز تي جدوجهد ڪرڻ، پر ساڳئي وقت انهن جون ڪجهه بنيادي ڪمزوريون به آهن، جيڪي سنڌن واڌاري ۽ گهربل ڪردار جڙڻ جي راهه ۾ رڪاوٽ آهن. مثال طور: ننڍين ننڍين تنظيمن کي وسيع تر عوامي سياسي پارٽين ۾ تبديل نه ڪري سگهڻ، سماج ۾ هر سطح تي وڏيرڪي طبقي آڏو معياري اڳواڻي ۽ تنظيمي سگهه پيدا نه ڪري سگهڻ ۽ ڪنهن به جدوجهد کي ڪاميابيءَ ۽ نتيجن سان توڙ تائين نه پڄائڻ. اسان کي اهو سمجهڻو پوندو ته وڏيرڪو طبقو ڪن مخصوص حالتن ۾ عوام جي مجبوري بڻجي پوي ٿو. جو سندس سڱُ رياست سان آهي ۽ هن جو نسل در نسل اقتدار سان سلهاڙيل هجڻ سندس وڏي سگهه آهي. جڏهن ته اها موروثي سگهه وچئين طبقي کي حاصل نه آهي .وڏيرڪو طبقو ته عوام جي مجبوري بڻجي ٿو پر هيٺين ۽ وچئين طبقي جي تنظيمن کي عوام جي چوائس بڻجڻو پوندو ۽ اها حيثيت اُهي صرف ۽ صرف تڏهن ماڻينديون، جڏهن اُهي وڏيرڪي طبقي جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ اثرائتون بڻبيون. اهي وڌيڪ اثرائتيون صرف ۽ صرف تڏهن بڻبيون، جڏهن انهن وٽ سنڌ ۾ هر سطح تي مضبوط تنظيم ڪاري هوندي، عوام سان سڌو لاڳاپو هوندو، هر سطح تي معياري اڳواڻي هوندي ۽ ڳراهڪيءَ جي ٻوليءَ ۾، وڌيڪ معياري ۽ متبادل سگهه (Counter Hegemony) هوندي. جيتوڻيڪ سياست ۾ نظريا، اصول، آئين، منشور، پروگرام ۽ جدوجهد سڀ اهم آهن پر جيڪڏهن ڪا شئي سڀ کان وڌيڪ اهم آهي ته اهو عوام آهي. شهيد ڀُٽي جا اهي چيل لفظ سياسي ادب ۾ بي مثال آهن ته، "سياسي جنت عوام جي قدمن هيٺان هوندي آهي." سنڌ ۾ عوامي سياست ۽ قومي سوچ جي وٿي تڏهن گهٽبي، جڏهن قومي سياست جو سڱ عوام سان ٿيندو. اڄا تائين اسانجون قومي سياست ڪندڙ تنظيمون ڪارڪنن جا گروهه آهن پر انهن کي سنڌ جي عوام کي پنهنجي سوچ، ڪردار ۽ عمل سان وڏيرڪي سياسي محڪوميءَ مان آزاد ڪرائڻو پوندو. وڏي ڳالهه ته هي ان لاءِ آئيڊيل دور آهي. ڪڏهن ڪڏهن تبديليءَ جي خواهش ڪبي آهي ته عوام ان لاءِ تيار ناهي هوندو ۽ ڪڏهن وري عوام ۽ دور تيار هوندو

آهي ته اسان جي صلاحيت، اوليت ۽ حڪمت عملي ان لاءِ رڪاوٽ بڻبي آهي. ڏسجي ته سنڌ جي سياسي ڪاڪ محل ۾ عوامي سگهه جي اها مومل ڪير ٿو ماڻي؟

(4) سنڌ ۾ هڪ وسيع تر سياسي يا قومي پليٽ فارم جي گهرج سدائين رهي آهي. سنڌي عوام جو قومي اتحاد ۽ پوءِ سنڌ قومي اتحاد ان ئي گهرج تحت وجود ۾ آيا پر جٽاءُ نه ڪري سگهيا. موجوده حالتن ۾ اها گهرج انتهائي وڌيڪ آهي، ڇاڪاڻ ته اڪيلي سر ڪير به موجوده صورتحال کي منهن ڏئي نه ٿو سگهي. مثبت ڳالهه اها آهي ته اها گهرج هر ڪو محسوس به ڪري ٿو. هن پيري اهو وسيع تر قومي پليٽ فارم رڳو سياسي تنظيمن تي ٻڌل نه هجي پر ان ۾ سنڌي ادبي سنگت ۽ سماج جا ٻيا حصا به شامل هجن ۽ هڪ قومي ايجنڊا تحت قوم جا سمورا حصا شامل هجن ته مان سمجهان ٿو ته سنڌ ۾ عوامي سياست ۽ قومي سوچ جي وٿيءَ کي هڪ لڳاتار ۽ معياري عمل ذريعي پري سگهجي ٿو. هن وقت قوم جي سڄاڻ حصي جو وڏو حصو ڪنهن به سياسي تنظيم ۾ نه آهي پر جي اهڙو ڪو گڏيل پليٽ فارم وجود ۾ ايندو ته قوم جو هر سڄاڻ فرد ۽ گروهه ان ۾ پنهنجي حصي پتيءَ جو ڀرپور ڪردار ادا ڪندو. ان پليٽ فارم جي هڪ وسيع مشاورتي ڪائونسل هجي، جنهن ۾ سياسي اڳواڻن سان گڏوگڏ دانشور، اديب، ٽيڪنوڪريٽ ۽ ماهر به گڏ هجن. مون اڳ به تجويز ڏني هئي ته سنڌ بچايو ڪميٽيءَ کي اهڙي پليٽ فارم ۾ تبديل ڪري سگهجي ٿو.

*(روزاني ڪاوش حيدرآباد، 30 آڪٽوبر 2012ع)*

# سنڌ جي قومي سياست
# ۽ سنڌ جو سياسي آئيندو!

سنڌ جي قومي سياست نہ رڳو مختلف ننڍين وڏين تنظيمن، گروهن ۽ فردن ۾ ورهايل آهي پر اُها گذريل چئن ڏهاڪن کان مختلف لاهين چاڙهين مان گذرندي هڪ اهڙي موڙ تي اچي بيٺي آهي، جتي سنڌ جي بقا تہ پنهنجي جاءِ تي پر خود قومي سياست جو مستقبل بہ پنهنجي جاءِ تي هڪ وڏو سوال بڻيل آهي. هڪ طرف جتي بنيادي اشوز تي سنڌي عوام جي قومي موقف کي مسلسل جدوجهد وسيلي اُڀارڻ سنڌ جي قومي سياست جي مجموعي ڪاميابي آهي، اُتي ايڊهاڪزم، مسلسل تنظيمي ڀڃ ڊاهہ، تنظيمن اندر ادارن جو سگهارو ۽ فعال نہ هجڻ، گڏيل جمهوري قيادت جو نہ هجڻ، ڪارڪنن جي گهربل تربيت نہ ٿيڻ، عوام سان وسيع تر تنظيمي ۽ سياسي رابطو نہ هجڻ، سنڌي عوام جي وڏي اڪثريت يعني هارين، مزدورن، عورتن ۽ نوجوانن کي گهربل سطح تي تنظيمن ۾ شامل نہ ڪرڻ، ڪجهہ قومپرست تنظيمن اندر بدترين ڏوهاري ڪلچر هجڻ ۽ سياسي ماحول ۾ اڻ سهپ ۽ سياسي تنگ نظريءَ مجموعي طور سنڌ جي قومي سياست کي هڪ "محدود دائري" تائين ئي محدود ڪري ڇڏيو آهي. نتيجي ۾ سنڌ جي قومي سياست حقيقي طور سنڌي عوام جي قومي مفادن ۽ مطالبن جي نمائندگي ڪرڻ باوجود عملي ۽ حقيقي طور قومي سياست سڏائڻ جي حقدار ان ڪري نہ آهي جو ان ۾ سنڌي عوام جي وسيع اڪثريت شامل ئي ناهي. نتيجي ۾ اڄ هڪ طرف پ پ پ جي صورت ۾ غير منظم ۽ نظرياتي طور تي بي هٿيار ماڻهن جو ڇڙواڳ انبوهہ آهي، جنهن وٽ نہ تہ ڪو پروگرام آهي ۽ نہ واضح پاليسي، واٽ ۽ سياسي مقصد تہ وري بئي پاسي سنڌ جي قومي سياست جون اُهي دعويدار سياسي جماعتون آهن، جن وٽ مطالبا ۽ موقف تہ جائز ۽ حقيقي قومي مفادن جا آئينيدار آهن پر سنڌي عوام جي وسيع اڪثريت ساڻن گڏ ناهي يا هنن اڄ تائين ان کي گڏ ڪڻڻ لاءِ گهربل سنجيده ڪوشش ئي نہ ورتي آهي. سڄيءَ دنيا ۾ اهو مڃيل اُصول آهي تہ حقيقي عوامي جمهوري، قومي يا انقلابي تنظيمون جدوجهد ڪري پوءِ

ان جي عوامي لاپ مان وري تنظيم سازي ڪنديون آهن ۽ پوءِ جدوجهد جي ميدانن تي لهنديون آهن، ۽ وري ان مان نئين سر تنظيم سازي ڪنديون آهن. سوال آهي تہ سنڌ ۾ قومي يا عوامي سياست جي دعويدار تنظيمن جي سائيز ۽ عوامي سگهہ اڌ صدي گذرڻ ڪانپوءِ بہ ٿوري گهڻي فرق سان ساڳي يا محدود ڇو آهي؟ ۽ سنڌ ۾ قومي يا عوامي توڙي انقلابيت جون دعويدار تنظيمون جدوجهد ڪانپوءِ وڏيڪ سگهارو ٿيڻ بجاءِ بتدريج محدود ۽ مختصر ڇو ٿيون ٿين؟ ڪائنڻ پڇبو تہ اُهي تمام سادگيءَ سان ان لاءِ سڌو الزام رڳو ايجنسين تي مڙهينديون. جڏهن تہ حقيقت رڳو ائين نہ آهي ۽ نہ وري ايتري سادي آهي.

پاڪستان ۾ سنڌ واحد صوبو آهي جتي عوام جو سياسي ۽ خاص طور تي قومي شعور ٻين قومن جي ڀيٽ ۾ گهڻو اُسريل آهي پر ٻئي طرف بدقسمتي اِها بہ آهي جو گذريل ڇئن ڏهاڪن کان سرگرم قومي يا وطن دوست سياست هئڻ باوجود سنڌ ۾ ڪابہ اهڙي سياسي تنظيم موجود نہ آهي، جنهن کي ٻيو تہ ٺهيو پر رڳو عوامي ليگ جهڙي سگهہ بہ حاصل هجي، جنهن جڏهن چونڊن ۾ حصو ورتو تہ ان اڪثريتي مينڊيٽ کٽي ڏيکاريو ۽ جڏهن ان مزاحمت جو فيصلو ڪيو تہ ٽيهہ لک ماڻهن جي قربانين سان پنهنجو آزاديءَ جو حق وٺي ڏيکاريو. اهو ٺيڪ آهي تہ بنگال ۾ اسان وانگر جاگيرداري ۽ وڏيرڪو طبقو موجود نہ هو ۽ سنڌ ۾ هٽ وٺي رياست مسلسل ان طبقي کي سياسي، معاشي ۽ انتظامي طور سگهارو ڪيو آهي، پر سنڌ ۾ ان طبقي کي حتمي سياسي شڪست ڏيڻ ايترو ڏکيو بہ نہ هو جو قومي ۽ عوامي يا انقلابي سياست جي اڌ صديءَ جي ڇمار ڪانپوءِ بہ اها هڪ اڌ اسيمبلي ميمبر بہ چونڊرائي نہ سگهي. اسان کي هاڻي رڳو بهاني باز نفسيات مان نڪري ڪجهہ حقيقت پسنديءَ سان پنهنجو بہ تنقيدي ۽ معروضي جائزو وٺڻ گهرجي. يقينن سنڌ جي ذميدار قومي سياست ۽ اڪثر تنظيمون اسٽيبلشمينٽ ۽ ايجنسين جي اکين ۾ ڪنڊي جيان چُڀنديون هونديون پر ان باوجود سنڌن ايڊهاڪزم، مسلسل تنظيمي ڀڃ ڊاهہ، محدود دائري، ادارن جي مضبوط نہ هجڻ، قابل ۽ ڪميٽيڊ گڏيل قيادت جي نہ هجڻ جا سبب رڳو خارجي نہ آهن.

باوجود ان حقيقت جي تہ سنڌ ۾ هميشہ اها خواهش موجود رهي آهي تہ سنڌ جي قومي سياست يا تنظيمن وچ ۾ جٽادار ٻڌي هجي پر بدقسمتيءَ سان اهڙا سمورا تجربا هيستائين ڪامياب نہ ويا آهن، ان ڪري نيٺ سنڌ جي ساڃاهہ وند ماڻهن تہ اهو چوڻ شروع ڪيو تہ ننڍين ۽ محدود پارٽين وچ ۾ رسمي اتحاد بجاءِ بهتر اهو ٿيندو تہ عوام ۾ سياسي ٻڌي هجي ۽ ان جو بنياد

سنڌ جا حق ۽ مفاد هڻڻ گهرجن.

محترمہ بينظير ڀٽو جي شهادت کانپوءِ ماضيءَ جي سمورن تلخ تجربن باوجود 2008ع ۾ بہ سنڌي عوام جي اڪثريت اُها خود فريب اميد رکي پ پ پ کي ووٽ ڏنو هو تہ اُها سنڌن دردن ۽ ساڻن ٿيل ظلم جو ڪنهن حد تائين سدباب ڪندي، پر پ پ پ وري بہ سنڌ سان اهو ئي ڪجهہ پئي ڪري، جنهن جا سنڌن ماضيءَ جي روشنيءَ ۾ سئو سيڪڙو امڪان موجود هئا. يعني مشرف دؤر ۾ سنڌ جي زمينن، وسيلن ۽ ادارن جي جيڪا ڀيلَ ڪئي وئي، ان جو ڪوبہ حساب ڪتاب ڪرڻ جو رڳو ارادو تہ ڇا پر تصور بہ سنڌ حڪومت وٽ موجود ناهي. اين ايف سي ايوارڊ هن سال بہ ساڳيو مليو. پاڻيءَ جي ناجائز ورڇ ۾ سنڌ جي پاڻيءَ جي حصي تي ڌاڙن جي صورتحال بدستور ساڳي آهي. سنڌ جي قدرتي وسيلن جي ڦرلٽ ساڳيءَ ريت جاري آهي. سنڌ حڪومت ۾ دهشتگردن کي ساڳيو مراعت يافتہ ۽ ناجائز حصو ملندو اچي. سنڌي عوام لاءِ روزگار جا در ائين ئي بند آهن جيئن اڳ بند هئا. باقي اقربا پروريءَ تحت "پنهنجا نوازي" جو ڏنڊو جاري آهي. مشرف دؤر ۾ سنڌ جا ضلعا خاص طور تي حيدرآباد جنهن نسلي بدنيتيءَ تحت ورهايا ويا، اُهي ساڳيءَ ريت برقرار آهن. مطلب تہ "ادو مئو ادي ڄائي، اسين اوترا جا اوترا". ان سموريءَ صورتحال ۾ لازمي طور سنڌ جي قومي سياست ڪجهہ وقتي ماٺار کانپوءِ هڪ ڀيرو وري تحرڪ ۾ آئي ۽ مختلف تنظيمن پنهنجي پنهنجي پليٽ فارم تان ڪجهہ اِشوز تي احتجاج، ڌرڻا ۽ هڙتالون ڪيون، جن کي سنڌي عوام موٽ بہ ڏني ۽ هڪ ڀيرو وري اها خواهش اُڀرندي نظر آئي تہ سنڌ جي قومي سياست جي دعويدار سياسي پارٽين ۾ ڪانہ ڪا هم آهنگي پيدا ٿيڻ گهرجي ۽ سنڌن ڪو گڏيل جدوجهد جو ڪردار متعين ٿيڻ گهرجي. تازو ان ڏس ۾ سيد جلال محمود شاهہ جي رهائشگاهہ تي ڪجهہ ڏرين جو هڪ اجلاس پڻ ٿيو آهي ۽ تنظيمن وچ ۾ اهڙو اتفاق جڙندي نظر اچي رهيو آهي.

منهنجيءَ نظر ۾ جتي هڪ طرف اِها پيش قدمي بهتر ۽ ساراهہ جوڳي آهي اتي ان ڏس ۾ سموري گهربل احتياط جي پڻ بيحد گهرج آهي، ڇاڪاڻ تہ جلدبازيءَ ۾ ٺهيل ڪوبہ اتحاد يا ان جي هڪ دفعو وري امڪاني ناڪامي جنهن مايوسيءَ کي جنم ڏيندي، اُها سنڌ جي سياست ۽ قومي مفادن لاءِ سخت هاڃيڪار ثابت ٿيندي. ان ڏس ۾ هيٺين تجويزن تي غور ڪري سگهجي ٿو.

(1) سنڌ جي سياسي پارٽين وچ ۾ سنڌ جي بنيادي اشوز تي ڪجهہ جزوي فرقن کانسواءِ وسيع تر هم آهنگي موجود آهي. ضرورت آهي تہ هڪ اهڙي

مطالبن جي ڊرافٽ يا چارٽر تي اتفاق ڪيو وڃي، جيڪو قومي شڪل اختيار ڪري ۽ جنهن کي سمورين تنظيمون پنهنجي پنهنجي نظرياتي دائري اندر رهندي گڏيل طور اختيار ڪن. اهڙيءَ صورت ۾ اهڙو چارٽر سنڌ جي آواز ۾ هڪ اهڙي سگهه پيدا ڪندو، جنهن جي سنڌ کي وڏي زماني کان سخت ضرورت آهي. نظرياتي طور تنظيمن وچ ۾ ڪيترائي بنيادي اختلاف ٿي سگهن ٿا پر جيئن مجيب جي ڇهن نقطن بنگال جي اڪثريتي عوام کي هم آواز ڪري ڇڏيو هو، تيئن ڪنهن متفقه قومي چارٽر جو نهڻ سنڌي عوام کي به هڪ ڌارا ۾ وٺي وڃي سگهي ٿو. ان ڪري گهڻو زور تنظيمي اتحاد بجاءِ موقف ۽ ڪنهن قومي چارٽر تي اتفاق تي هئڻ گهرجي.

(2) سنڌ جي قومي سياست ڪندڙ تنظيمن وچ ۾ ڪنهن رسمي تنظيمي اتحاد تي وڏيڪ زور ڏيڻ بجاءِ هڪ ٻئي سان متفقه قومي اشوز تي جدوجهد جي سلسلي ۾ گڏيل سهڪار تي زور ڏنو وڃي، يعني جيڪڏهن ڪا به تنظيم هڪ اهڙي اِشوءَ تي ڪا پُرامن سياسي جدوجهد ٿي هلائي جيڪو قومي طور متفقه هجي ته ان ۾ ٻين سمورين سياسي پارٽين کي رضاڪارانه سهڪار ڪرڻ گهرجي. تازو اهڙو سهڪار هڪ وڏي عرصي کانپوءِ عملي طور نظر به آيو. اهو سهڪار جيڪڏهن وڌيو ته نه رڳو اهو تنظيمن وچ ۾ دوستاڻي رويي کي وڌائيندو، ڪارڪنن ۽ عوام جا حوصلا بلند ڪندو پر اهو سنڌ جي آواز ۽ جدوجهد کي پڻ سگهارو ڪندو.

(3) ان ڏس ۾ ٽين ۽ آخري تجويز اها آهي ته سمورين تنظيمون پنهنجين پنهنجين تنظيمن کي قائم رکندي، ۽ پنهنجن نظرين تي پابند رهندي، ڪا اهڙي گڏيل جدوجهد جي مرحليوار حڪمت عملي طئي ڪن، جيڪا وسيع تر سنڌي عوام کي سنڌ جي قومي اِشوز ۽ مفادن تي سياسي طور متحرڪ ڪري سگهي ۽ سنڌ جي آواز کي به ايتري سگهه ڏئي سگهي جو اُهو اسلام آباد جي ديوارن سان ٽڪرائي ٺلهو واپس موٽي نه اچي. ڇاڪاڻ ته ڪين ياد رکڻ گهرجي ته سنڌ جي قومي سياست جو آئيندو به سنڌ جي سياست ۽ عوام جي قومي آئيندي سان وابسته ۽ مشروط آهي.

*(پندرهن روزه افيئر، 15 آگسٽ 2009ع)*

# سگهہ ۽ ساک جي بحران ۾ ورتل
# سنڌ جي قومي سياست!

سنڌ جي قومي سياست جي فڪري ڏارائن، سياسي ڪلچر، تنظيمي بحرانن، ليڊرشپ جي زوال ۽ منجهن گهربل سنجيدگيءَ جي کوٽ بابت سنڌ ۾ گذريل ڪيترن ئي ڏهاڪن کان بحث مباحثا ٿيندا رهيا آهن. حالتن آهر ڪڏهن انهن ۾ تيزي ايندي آهي تہ ڪڏهن اُهي پس منظر ۾ هليا ويندا آهن. جيتوڻيڪ 11 مئي 2013ع تي عام چونڊن ۾ پاڻ کي قومپرست سڏائيندڙ سمورين پارٽين/گروهن گهٽ يا سرگرم حصو نہ ورتو ۽ منجهائن رڳو ٽن سياسي پارٽين ان ۾ حصو ورتو پر چونڊن جي نتيجن کانپوءِ هڪ ڀيرو وري اهو بحث تيزيءَ سان اُڀري آيو تہ آخر سنڌ جي قومي سياست ۾ گهربل سگهہ ڇو نہ ٿي پيدا ٿئي ۽ سنڌي عوام جي وڏي گهڻائي ڪين ڇو نہ ٿي موٽ ڏي؟ منهنجيءَ نظر ۾ چونڊن کان قطع نظر بہ سنڌ ۾ قومي سياست جي تنقيدي، معروضي ۽ حقيقت پسند جائزي وٺڻ جي ضرورت آهي، جو ان کانسواءِ سنڌ جي قومي سياست جي ڪنهن بہ ڏارا ۾ معياري ۽ مثبت تبديلي اچڻ جو امڪان نہ آهي.

سنڌ جي قومي سياست جو هڪ الميو اهو بہ آهي تہ ان ۾ کُليل مباحثي جي روايت نهايت ڪمزور رهي آهي. ڪيترا ڏهاڪا اسان جي قومي سياست جي دعويدار سياسي گروهن رڳو هڪٻئي کي مڪمل طور غلط ۽ غدار ثابت ڪرڻ ۾ وقت گذاريو. سنڌ ۾ حقيقت پسند، سائنسي ۽ عقلي تجزين ۽ بحث مباحثن بجاءِ سنڌ جي قومي سياست ۾ مناظري جو لاڙو وڌيڪ حاوي رهيو آهي. ٻيو تہ هتي قومي ۽ وطن دوست سياست جون دعويدار تنظيمون مٿن تعميري ۽ مثبت تنقيد جي روايت کي نہ رڳو سَهن نہ ٿيون پر انهن مان گهڻا گروهہ تہ انتهاپسندي ۽ ڪردارڪشي ۽ بدزبانيءَ تي لهيو اچن. مون پنهنجي گذريل ادائي ڏهاڪن جي قلمي سفر ۾ گهرائيءَ ۽ تجربي سان ڏٺو ۽ محسوس ڪيو آهي تہ وڏيرا، پير ۽ حڪمران طبقا مجبوريءَ ۾ ئي سهي پر وري بہ تنقيد برداشت ڪري ٿا وڃن پر قومپرست يا وطن دوست توڙي ترقي پسند انقلابي سياست جا دعويدار گروهہ تنقيد کي قطعي طور برداشت نہ ٿا ڪن. اهو ئي

سبب آهي جو اسان جي معاشري ۾ سياسي ۽ ادبي تنقيد جو لاڙو پختگيءَ سان اُيري نہ سگهيو آهي، جو سنڌ ۾ تنقيد معنيٰ ڇڙ ڪاريهر تي پير رکڻ. جڏهن تہ معروضي، سائنسي ۽ عقلي تنقيد کان صرف ناجائز مفاد رکندڙ ڪمزور ۽ غيرعقلي قوتن کي ئي خوف ٿيندو آهي. مان سمجهان ٿو تہ ڇئن ڏهاڪن کان وڏيڪ وقت گذرڻ کانپوءِ بہ سنڌ جي قومي سياست جنهن نهايت ڪمزور حالت ۾ آهي، ان جي تقاضا آهي تہ ان موضوع تي سماج ۾ مثبت ۽ تعميري تنقيد ۽ پرک جي روايت کي سگهارو ڪرڻ گهرجي تہ جيئن سنڌ جي قومي ۽ وطن دوست سياست ۾ معياري تبديليءَ ڏانهن ڪا اثرائتي وِک کڃي سگهي. اهو سمجهندي بہ تہ هن مضمون جي موٽ ۾ طوفانِ بدتميزي اُٿي سگهي ٿو پر مان پنهنجي شعور ۽ ضمير موجب اهي سوال سنڌ ۾ کُليل مباحثي لاءِ کڻڻ جي سنجيده ڪوشش ڪريان ٿو.

سنڌ جي قومي سياست جي تنظيمن، اڳواڻن ۽ ڪارڪنن کي ان سوال تي سنجيدگيءَ سان غور ڪرڻو پوندو تہ آخر هڪ طرف ڏهاڪا گذرڻ کانپوءِ اِهي تنظيمون هڪ دائري کان اڳتي ڇو نہ ٿيون وڌن ۽ ٻيو تہ اُنهن ۾ مسلسل ڀڃ ڊاهہ ڇو ٿي ٿئي؟ "جيئي سنڌ" جي نالي ۾ اڄ سنڌ ۾ ڏهن کان وڏيڪ گروهہ آهن، جيڪي سائين جي ايم سيد جي فڪر ۽ سياست جي پوئلڳي ۽ تسلسل جي دعويٰ ڪن ٿا. سوال آهي تہ جڏهن فڪري روايت هڪ آهي، نعرو ۽ جهنڊو بہ ساڳيو آهي ۽ ماڳ جي دعويٰ بہ ساڳي آهي تہ پوءِ ڏهن کان وڏيڪ گروهن جو ڪهڙو جواز بچي ٿو؟ عوامي تحريڪ جنهن اڍائي ڏهاڪن کانپوءِ پنهنجو نالو بدلائي هاڻي قومي عوامي تحريڪ رکيو آهي، اُها هيستائين انيڪ ڀيرا تنظيمي ڀڃ ڊاهہ جو شڪار ٿي چڪي آهي. سنڌ ترقي پسند پارٽيءَ کي بہ ٻن ڏهاڪن کان وڏيڪ وقت گذري چڪو آهي پر ڏسبو تہ گذريل ٻن ڏهاڪن ۾ پارٽيءَ جا سينيئر ڪارڪن، جيڪي پارٽيءَ جا باني ميمبر بہ هئا، مختلف وقتن تي گروهن جي صورت ۾ پارٽيءَ کان ڌار ٿيندا رهيا آهن. تازو چوندن کانپوءِ منجهن ٿيل ٽوڙ ڦوڙ هن پارٽيءَ کي ڪاپاري ڌڪ هنيو آهي. سنڌ يونائيٽڊ پارٽي اڃا پنهنجي ابتدائي مرحلي ۾ آهي پر چوندن کان اڳ ئي ڪجهہ اهم اڳواڻ پارٽيءَ کي ڇڏي ويا. جي انهن "پارٽين" کان ان جو سبب پڇبو تہ وٽن ان جو تمام سادو جواب هوندو تہ اهي ڪارڪن غدار ثابت ٿيا. ان ڳالهہ کان قطع نظر تہ انهن پارٽين مان نڪتل ڪارڪنن سماج ۾ وڏيڪ مثبت ڪردار ادا ڪيو يا نہ پر سوال اهو آهي تہ ان ۾ بنيادي ڪمزوري انهن سياسي پارٽين جي آهي يا رڳو ڪارڪنن جي؟ جيڪڏهن انهن پارٽين جي تنظيمي

صلاحيت، عوامي سگهه، نظرياتي پختگي ۽ ساک اُتساهيندڙ هجي ها تہ پوءِ پارٽين مان نڪرندڙ يا خارج ٿيندڙ ڪارڪنن کي بنيادي ڏوهہ بہ ڏجي ها پر سنڌ ۾ قومي ۽ وطن دوست سياست جي دعويدار سياسي تنظيمن جي سگهہ ۽ ساک سنڌ جي سامهون آهي، ان ڪري انهن سياسي تنظيمن کي رڳو ڪارڪنن کي غداريءَ جا لقب ڏئي پنهنجي جِندُ آجي نہ ڪرائڻ گهرجي. ان جو حل حقيقت پسنديءَ سان پنهنجو تنقيدي جائزو وٺڻ ۾ آهي.

ان ۾ ڪوبہ شڪ نہ آهي تہ پنهنجين سمورين ڪوتاهين باوجود سنڌ جي قومي ۽ ترقي پسند سياست جو ئي نتيجو آهي جو اڄ سنڌ ۾ قومي شعور گهڻو اُسريل ۽ سگهارو آهي. پاڪستان جي ٻئي ڪنهن بہ صوبي يا قوم ۾ قومي شعور ايترو سگهارو ناهي جيترو سنڌ ۽ سنڌين ۾ آهي. اها قومي سياست ئي آهي، جنهن جي مسلسل اَپرين سيرين جدوجهدن ۽ تحريڪن جي نتيجي ۾ سنڌ ۾ عوامي سطح تي تحرڪ تمام گهڻو آهي. (جيتوڻيڪ هينئر ان ۾ سنڌي ميڊيا جو بہ اهم ڪردار آهي) سنڌ جي قومي مفادن تي سنڌ جي عوام جي وسيع تر ٻَڌي پڻ سنڌ جي قومي سياست جو ئي ڦل آهي پر ساڳئي وقت اِها بہ حقيقت آهي تہ سنڌ ۾ چئن ڏهاڪن جي قومي ۽ ترقي پسند وطن دوست سياست جي باوجود سنڌي عوام کي انقلابي نہ تہ يلا گهٽ ۾ گهٽ عوامي ليگ جهڙي ڪا معياري سياسي پارٽي بہ نہ ملي سگهي آهي. ان حقيقت کان ڪير انڪار ڪندو تہ سنڌ جي قومي سياست جي دعويدار تنظيمن جو اثر رڳو پنهنجي ڪارڪنن تي آهي پر انهن جو سنڌي عوام ۽ خاص طور هارين، مزدورن، نوجوانن ۽ نارين سان ڪوبہ وسيع تر سڌو تنظيمي لاڳاپو نہ آهي. اها بہ حقيقت آهي تہ پورهيت طبقا تہ پري جي ڳالهہ پر سنڌ ۾ هڪ ڪروڙ جي لڳ ڀڳ موجود ۽ گذريل چئن ڏهاڪن ۾ اُڀري آيل سنڌي وچولي طبقي جو هڪ سيڪڙو بہ انهن تنظيمن ۾ موجود نہ آهي. سنڌي سماج جو سمورو تعليم يافتہ معياري طبقو سنڌ جي قومي ۽ ترقي پسند وطن دوست سياست جي دائري کان ٻاهر آهي. هاڻي جيڪڏهن ڪو ان کي رڳو وچولي طبقي جي موقعي پرستي سمجهي تہ اِها ڪوتاهہ نظري ٿيندي. سوال آهي تہ ڇا سنڌ جون قومي ۽ وطن دوست سياست جون دعويدار تنظيمون اهڙي معيار جون آهن جو اُهي سنڌ جي وچولي طبقي جي گهڻائيءَ کي پاڻ ڏانهن ڇڪي سگهن يا اُهي انهن کي سچ پچ بہ پنهنجين صفن ۾ شامل ڪرڻ لاءِ سنجيده هجن؟ مان تہ سمجهان ٿو تہ انهن جي خواهش عملي طور اِها رهي آهي تہ سنڌ جو پڙهيل لکيل وچولو طبقو ڪائنن پري رهي تہ بهتر، ڇاڪاڻ تہ اُهي تنظيمون پنهنجي مخصوص مفادن سبب

محدود دائرن مان نڪرڻ لاءِ تيار نہ آهن.

مان سمجهان ٿو تہ هلندڙ ڍانچو نہ رڳو سنڌ لاءِ حساس ۽ اهم آهي پر ان نسبت سان سنڌ جي قومي سياست جي دعويدار تنظيمن ۽ گروهن لاءِ بہ فيصلائتو آهي. جي منجهن ڪا معياري تبديلي نہ آئي تہ اُهي وڏيءَ حد تائين سياسي ميدان تي غيرواسطيدار ٿي وينديون. اڄ جيڪو سنڌن ٿڪو پئسو اثر آهي، اُهو بہ قائم رهندي نظر نہ ٿو اچي. مان سمجهان ٿو تہ ان ڏس ۾ هيٺين نقطن تي غور ڪرڻ جي گهرج آهي.

(1) سنڌ جي قومي سياست بنيادي طور ساک جي بحران جو شڪار آهي. اها هاڻي ڪا راز جي ڳالهہ ناهي تہ پاڻ کي قومپرست سڏائيندڙ اڪثر تنظيمن جا اڳواڻ ۽ ڪارڪن اخلاقي ڏوهن، ڀتہ گيريءَ، زمينن تي قبضن جهڙن ڪُڌن ڪمن ۾ ملوث آهن. رڳو قاسم آباد جو ئي مثال وٺجي تہ ڪو دڪاندار ۽ ڪاروباري ماڻهو ڪانئن محفوظ ناهي. هاڻي جڏهن پاڻ کي قومي ڪارڪن سڏائيندڙ تنظيمن جا ڪارڪن عوام ۽ سنڌ جي اُڀرندڙ وچولي ڪاروباري طبقي لاءِ عذاب هوندا تہ پوءِ ماڻهو ڪين چو قومي ڪارڪن سمجهندا؟ ڇا اهو الميو ناهي تہ جنهن سنڌ ۾ ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي، سائين جي ايم سيد، قاضي فيض محمد، ڪامريڊ غلام محمد لغاري، رسول بخش پليجو، ڇاڇو حفيظ قريشي، شيخ عبدالمجيد سنڌي، شهيد فاضل راهو، شهيد نظير عباسيءَ جهڙا املهہ ماڻڪ پاڻ کي قومي ڪارڪن سڏائيندي فخر محسوس ڪندا هئا، اُتي اخلاقي ڏوهن ۾ ورتل، چوريون، ڦُريون ۽ ڀتہ گيري ڪندڙ ڏوهارين کي بہ قومي ڪارڪن سڏيو وڃي. جن تنظيمن جي صفن ۾ ڏوهاري عنصر يا ڪارڪن آهن اُنهن کي هرگز قومي سڏڻ نہ گهرجي، ڇاڪاڻ تہ ڪوبہ ڏوهاري قوم، وطن ۽ عوام جو ساٿاري نہ ٿو ٿي سگهي. الميو اهو بہ آهي تہ جن وطن دوست تنظيمن ۾ وري اخلاقي ڏوهن ۾ ورتل ڪارڪن ناهن اُتي وري اهڙو اڻ سهپ ۽ انتهاپسنديءَ وارو سياسي ڪلچر جوڙيو ويو آهي جو اُهي خودپسنديءَ جي نرگسيت ۾ مبتلا ٿي "ترقي پسند طالبان" بڻجيو پون، جنهن سان پڻ ساک جو بحران جنم وٺي ٿو. ان ڪري ساک جي بحران ۾ مبتلا تنظيمون ڪڏهن بہ وسيع تر عوامي ۽ سگهاريون تنظيمون بڻجي نہ سگهنديون.

(2) مون اها ڳالهہ بار بار لکي آهي تہ فردن ۽ خاندانن جي ذاتي ملڪيت طور هلندڙ سياسي تنظيمون ڪڏهن بہ گهربل سگهہ حاصل نہ ڪري سگهنديون. وڏيرڪيون جماعتون شخصيت پرستيءَ ۽ خانداني سياست جي بنياد تي ان ڪري هلن ٿيون جو اُهي بار بار حڪومتن ۾ اچن ٿيون ۽ پاور سان جُڙيل رهڻ

سبب ماڻهو انهن مان ذاتي مفاد حاصل ڪن ٿا پر هيٺين وچولي ۽ وچولي طبقي جون قومي سياست ڪندڙ تنظيمون ساڳيءَ طرح ڪڏهن به سگهه حاصل نه ڪري سگهنديون. اها شخصيت پرستي ۽ خانداني سياست ئي آهي، جنهن سبب سنڌي سماج جي وڏي گهٽائي، انهن تنظيمن ۾ شامل نه ٿي ٿئي جو ڪين معلوم آهي ته انهن پارٽين ۾ اندروني طور ڪابه جمهوريت نه آهي ۽ منجهن فيصلا ادارن بجاءِ مخصوص فرد ۽ تاحيات اڳواڻ ڪن ٿا. سماج ۾ شعور هڪ مسلسل تخليقي عمل آهي ۽ تاحيات اڳواڻيءَ جو ڪلچر ان آڏو غير فطري بند ٻڌي ٿو. ان ڪري جيستائين سنڌ جون قومي سياست جون داعي تنظيمون ۽ گروهه پنهنجو سياسي ۽ تنظيمي ڪلچر تبديل نه ڪنديون، تيسين منجهن سچ پچ قومي سگهه پيدا ٿئي، اهو ممڪن نه آهي.

(3) سنڌ جي قومي سياست جي اڪثريتي تنظيمن وٽ رڳو سَگهَا نعرا، ٿلهيون دعوائون ۽ ٻٽاڪون آهن ۽ انهن جو منطقي نتيجو سامهون آهي. ستر جي ڏهاڪي جي پڇاڙيءَ ۽ اَسيءَ جي ڏهاڪي ۾ انهن وٽ وري به سگهارا نظرياتي بنياد هئا. مثال طور سائين جي ايم سيد پنهنجي سوچ کي ڪتابن ۾ واضح ڪيو ۽ پليجي صاحب پڻ پنهنجي نظرياتي واٽ کي انيڪ ڪتابَ لکي چِٽو ڪيو. اَسيءَ جي ڏهاڪي کانپوءِ نظرياتي سياست زوال پذير ٿي ۽ شخصيت پرستي، نعري بازي ۽ اشوز جي ايڊهاڪ سياست جو لاڙو انهن تنظيمن تي حاوي ٿي ويو. ان ڪري نظرياتي زوال مان نڪرڻ کانسواءِ سنڌ جي قومي ۽ وطن دوست يا عوامي سياست ۾ معياري تبديلي ممڪن نه آهي. آهي ڪنهن تنظيم وٽ معروضي حالتن مطابق سائنسي تجزيو ته سنڌي عوام کي ڪهڙي سياسي واٽ وٺڻ گهرجي ۽ ان ڏس ۾ سنڌن واٽ ڇو ۽ ڪيئن ٺهڪندڙ آهي؟ اڪثريتي تنظيمن وٽ ته پنهنجو ڪو واضح منشور به ڪونهي ۽ نه وري وٽن ڪو چِٽو پروگرام آهي ته اُهي سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن کي درپيش چئلينجن کي ڪيئن مُنهن ڏيندا؟ ساڳي صورتحال حڪمت عمليءَ جي سوال جي آهي. سياست ۾ نظريي، منشور ۽ پروگرام سان گڏ حڪمت عمليءَ جو سوال پڻ تمام اهم آهي. سنڌ جي قومي ۽ وطن دوست سياست ۾ حڪمت عمليءَ جو سوال گهربل سنجيدگيءَ سان کنيو ئي نه ويو آهي. جيڪا سياست رڳو ايڊهاڪزم جو شڪار هجي، ان وٽ ڪهڙي ڊگهي مُدي واري حڪمت عملي هوندي؟ سنڌ جي قومي ۽ وطن دوست سياست جي دعويدار سياسي تنظيمن وٽ هر مسئلي جو حل بک هڙتال، جلوس، جلسو يا وڌ ۾ وڌ نالي ماتر لانگ مارچ ۽ ڪمزور ڌرڻا آهن، جنهن سان سنڌ مخالف قوتن جي ڪن تي جونءَ به نه ٿي چُري.

سنڌن ان سوال سان واسطو ئي نہ آهي تہ هو پنهنجين خواهشن يا دعوائن مطابق طئي ڪيل مقصد ڪيئن حاصل ڪنديون؟ ظاهر آهي تہ سنجيده ۽ سائنسي حڪمت عمليءَ کانسواءِ مقصد حاصل ڪرڻ ممڪن نہ آهن ۽ حڪمت عمليءَ جو سوال ئي هتي گم آهي. اهو ئي سبب آهي جو اسان جون لڳ ڀڳ سموريون جدوجهدون بي نتيجہ آهن. سنڌ جو آڇيو تہ پري جي ڳالهہ پر سنڌ جا شهر، وسيلا، درياهہ، حاڪميت جو حق، دائمي اڪثريتي حيثيت بہ اسان پنهنجي مرضيءَ مطابق بچائي نہ سگهيا آهيون. ان ڪري سنڌ ۾ نظريي ۽ حڪمت عمليءَ جي سوال کي وري گهربل سنجيدگيءَ سان ڪٿڻ جي ضرورت آهي. زرعي سماج جو گهڻو زور هوندڻ بہ رٿابنديءَ تي گهٽ ۽ توڪل تي وڌيڪ هوندو آهي، اهو ساڳيو حال اسان جو قومي سياست جي ميدان تي بہ آهي.

(4) وڏيرڪي سياست جي اصل سگهہ تنظيمي صلاحيت نہ پر اقتداري سياست هوندي آهي پر قومي، طبقاتي ۽ حقيقي عوامي سياست جي اصل سگهہ تنظيم هوندي آهي. سنڌ ۾ اَسيءَ جي ڏهاڪي تائين قومي ۽ وطن دوست تنظيمن جي تنظيمي صورتحال اڄ جي ڀيٽ ۾ وري بہ بهتر هئي. ڪارڪنن جي نظرياتي تربيت جو حال گهڻو بهتر هو، نظرياتي بحث مباحثا معياري هئا، ڪارڪن معياري سرگرمين ۾ متحرڪ هئا پر جيڪڏهن اڄ ڏسجي تہ ڪنهن بہ تنظيم وٽ بين الاقوامي ۽ ملڪي تہ ٺهيو پر سنڌ ۾ بہ ڪنهن سنجيده فورم تي ٻيهارڻ جهڙا پنج ماڻهو بہ نہ آهن. جن ٽن تنظيمن هن سال (2013ع) 11 مئي جي چونڊن ۾ حصو ورتو اُنهن وٽ سڄيءَ سنڌ ۾ ٻيهارڻ لاءِ ڏهہ مضبوط اميدوار بہ نہ هئا. سوال آهي تہ ڇا ان تنظيمي سگهہ جي آڌار اِهي تنظيمون رياست، سنڌ دشمن قوتن ۽ وڏيرڪي سياست جو مقابلو ڪري سنڌي عوام کي گهربل نتيجا ڏينديون؟ ظاهر آهي تہ جڏهن متبادل اڳواڻيءَ لائق ماڻهو پيدا ئي نہ ڪبا يا انهن کي برداشت ئي نہ ڪبو تہ پوءِ تنظيمن ۾ قيادت ڇا آسمان مان ايندي؟ 21هين صديءَ ۾ بہ اسان جون اهڙيون تنظيمون آخر مخصوص فردن جي تاحيات اڳواڻيءَ ۾ ويساهہ رکن ٿيون تہ پوءِ تنظيمون ڪيئن ۽ ڇو سگهاريون ٿينديون؟ اسان جون اِهي تنظيمون نہ شهرن ۾ ۽ نہ ٻهراڙين ۾ آهن تہ پوءِ آخر منجهن گهربل سگهہ ڪٿان ايندي؟ وڏن شهرن ۾ متحده ۽ ٻيون قوتون سگهاريون آهن، ننڍن شهرن ۽ ٻهراڙين ۾ وڏيرو مضبوط آهي تہ پوءِ ڇا پنج ڪروڙ سنڌين کي نجات رڳو تعليمي ادارن ۽ قاسم آباد يا نسيم نگر جي "سرگرمين" مان ملندي؟

(5) مڙئي ڪم ٽپائڻ خاطر محدود، بي نتيجہ ۽ سدائين اڌ ۾ ڇڏيل

جدوجهدون حقيقت ۾ هڪ طرف عوام جو اهڙين "جدوجهدن" مان ويساهه ڪڍائين ٿيون ته ٻئي طرف دشمن کي سگهارو ڪن ٿيون جو اهو سنڌن "پاڻي" ڪيچي ٿو وٺي. ڪامريڊ مائوزي تنگ چيو هو ته هلڪو ڏک ۽ اُبهرو حملو دشمن کي سگهارو ڪندو آهي. ون يونٽ خلاف اسان جي جدوجهد شاندار پر اهو ٺُٺو تڏهن جڏهن اُهو وڏيڪ هلي نه ٿي سگهيو. سنڌي ٻوليءَ کي اڄ تائين گهربل درجو نه چو نه مليو. ڪالاباغ ڊيم ڪٽي نه ٿيو پر گريٽر ٿل ڪئنال ٺهي ويو ۽ ان لاءِ پاڻي به ڪجي پيو. پنو عاقل ڇانوٽي ٺهي وئي، اوائي لک ٻهاري نه ڪپن جا نعرا لڳا پر انهن سميت چاليهه لک پرڏيهي ڏاريا اچي ويا. "شهر ڪنهن جا سنڌين جا، روڊ ڪنهن جا سنڌين جا" جا نعرا ته جام لڳا پر رڳو ڪراچيءَ ۾ رهندڙ چاليهه لک سنڌين جو هڪ سيڪڙو به سياسي طور منظم نه ٿيو جو اُتي ڪا اثرائتي تنظيم ڪاري آهي ئي ڪونه. اسان ته شهرن جي مالڪي نه ڪئي پر رهندو متحده سڄي سنڌ ۾ تنظيمي ڄار وڇائڻ ۾ ڪامياب وئي. سنڌ جي تعليم مرڻينگ، صحت ۽ ترقياتي ڍانچي جي حالت پاڪستان ۾ بدترين سنڌين جي علائقن جي آهي. سوال اهو آهي ته پوءِ ڪهڙي سنڌ جو آڇيو، ڪهڙي سنڌ ۾ انقلاب يا تبديلي؟ مان سمجهان ٿو ته هاڻي ننڍڙا ننڍڙا ئي سهي پر عوام کي ٺوس نتيجا ڏيکارڻا پوندا. سنڌ جو ماڻهو بي معنيٰ دعوائون ٻُڌي ٻُڌي هاڻي وڏيڪ بدظن ٿئي ٿو.

(6) سنڌ ۾ هر تنظيم ۽ گروهه کي پنهنجي پنهنجي سگهه جي پليءَ پت پروڙ آهي. ڪين خبر آهي ته اُهي اڪيلي سر ڪيتري جدوجهد هلائي سگهن ٿا ۽ ڪهڙا نتيجا حاصل ڪري سگهن ٿا. سنڌيءَ ۾ چئبو آهي "هڪ اڻ هوند ٻيو افعال ٻچڙا"، هڪ صلاحيت، سنجيدگيءَ، سگهه ۽ ساک جي کوٽ ۽ ٻيو اتحادن کي فضيلت سان هلائڻ جي روبي ۽ سياسي ڪلچر جي کوٽ. دنيا ۾ ڪهڙي قومي تحريڪ آهي، جيڪا وسيع تر ۽ جٽادار اتحادن کانسواءِ ڪامياب ٿي هجي؟ ڇا اهو ممڪن ناهي ته هاڻي رڳو نعري بازي ۽ "نه ڪپي نه ڪپي" تي زور ڏيڻ بجاءِ ڪنهن ڊگهي مُدي واري وسيع تر اتحاد جو بنياد رکي نه رڳو ان جو منشور ۽ پروگرام پر ان کان به وڏيڪ اهم آئين جوڙجي ته آخر گڏ ڪيئن هلي سگهجي ٿو؟ سنڌ کي درپيش جيڪي اجگر جيڏا چئلينج آهن، اُهي اڪيلي سر ڪنهن جي به منهن ڏيڻ جي وَس ۾ نه آهن ۽ نه وري سنڌ ۾ رات وچ ۾ وڏين سگهارين تنظيمن جي اُڀرڻ جو امڪان آهي. جيسين ائين ٿئي تيسين ان عبوري دور ۾ سنڌ کي ڪو سگهارو ۽ جٽادار ۽ ساک وارو وسيع تر قومي اتحاد يا پليٽ فارم ئي سهارو ڏئي سگهي ٿو. جنهن ۾ تنظيمن سان گڏ سنڌ جا دانشور،

اديب، فني ماهر ۽ ٽيڪنوڪريٽ پڻ شامل هجن. شرط اهو آهي ته اهڙو پليٽ فارم ڊگهي مُدي لاءِ هجي ۽ ان جو واضح منشور ۽ آئين هجي.

جيتوڻيڪ سنڌ جي قومي سياست جي مثبت ۽ منفي پاسن تي اجا به گهڻي ڇنڊڇاڻ ٿي سگهي ٿي. مان اُميد ڪريان ٿو ته هن پيري سنڌ جي قومي سياست جي هن تنقيدي ڇنڊڇاڻ جي موٽ ۾ غيرمنطقي ردعمل يا سطحي جذباتيت ۽ خودفريبيءَ بجاءِ انهن تي گهربل سنجيدگيءَ سان غور ڪيو ويندو ته جيئن سنڌ جي قومي سياست ۾ ڪا معياري تبديلي اچي سگهي.

*(روزاني ڪاوش حيدرآباد، 16 جولاءِ 2013ع)*

# عوامي سگهہ ۽ سنڌ جي قومي سياست جو آئيندو!

ون يونٽ جو سمورو دور سنڌ ۾ سياسي ۽ قومي شعور جي آبياري ٿي ۽ ضياءُ الحق جو پورو دور سنڌ ۾ ترقي پسند ۽ قومي سياست جو عروج رهيو. تنظيمون ننڍيون ئي سهي پر بيحد منظم هيون ۽ ڪارڪن نہ رڳو هر سطح تي متحرڪ هئا پر اُنهن جو نظرياتي معيار بہ پختو هو. عوامي تحريڪ، جيئي سنڌ محاذ، وطن دوست انقلابي پارٽي ۽ ڊي ايس ايف جهڙين تنظيمن جو ڪردار خاص طور ان حوالي سان اهم ۽ متحرڪ هو. سنڌ جي نظرياتي ڪارڪنن جو ڳوٺن ۾ وچي هارين ۽ شهرن ۾ پورهيتن ۽ هيٺين وچولي طبقي جي ماڻهن کي سجاڳ ۽ متحرڪ ڪرڻ توڙي مزاحمتي سياست ۽ تنظيم ڪاريءَ جي حوالي سان اُهو دور بيحد اُتساهيندڙ رهيو. ايم آر ڊيءَ جون ٻہ تحريڪون ۽ ڪالاباغ ڊيم خلاف سنڌين جي جدوجهد جي شروعات ان جا رڳو بہ مثال آهن. تنظيمن جا نظريا، اڳواڻ ۽ ڪلچر مختلف هئا پر سنڌن گڏيل تحرڪ سماج ۾ وڏي اُٿل پُٿل پيدا ڪئي.

1988ع ۾ ضياءُ الحق جي موت ڪانپوءِ ملڪ ۾ جمهوريت جي بحاليءَ لاءِ چونڊون ٿيون ۽ ملڪي توڙي سنڌ جي سياست جا محرڪ، انداز ۽ ميدان تبديل ٿيڻ لڳا. بدقسمتيءَ سان اسان جي قومي ۽ ترقي پسند سياست پنهنجي نرگسيت مان ٻاهر نڪرڻ لاءِ تيار نہ ٿي ۽ بدلجندڙ حالتن جو ادراڪ رکڻ ۾ خودفريبيءَ جو شڪار ٿيندي نظر آئي. 1988ع جي چونڊن ۾ پليجو صاحب ٺٽي مان قومي اسيمبليءَ جي ٽڪ تي بيٺو ۽ مان هن جي چونڊ مهم جي انتظامي ڪميٽيءَ جو ميمبر هئس. اسان سڄيءَ سنڌ مان پنهنجا ڪارڪن گهرايا، وڏي مهم هلي، اسان جا جلسا زبردست ٿيا ۽ اسان دل ئي دل ۾ ٺٽي ۾ بابو غلام حسين تي رحم کائڻ لڳاسين تہ ويچاري جو ڇا ٿيندو؟ مالياتي ۽ انساني وسيلا خرچ ڪرڻ، وڏا جلسا ڪرڻ، زبردست تقريرن ذريعي صحيح موقف پيش ڪرڻ ۽ ميڊيا کي پنهنجي حق ۾ ڪرڻ ۾ اسان وَسان نہ گهٽايو پر جڏهن چونڊ نتيجا آيا تہ اسان جي مَٿي تي هَٿ اچي ويا، جو بابو غلام حسين 80 هزار ووٽن

جي سرسيءَ سان پليجي صاحب کان چونڊ ۾ ڪٽي ويو. اِها ساڳي صورتحال چار ساقي ۽ ٻين اڳواڻن جي پڻ ٿي، جن چونڊن ۾ حصو ورتو هو. ويندي سائين جي ايم سيد ملڪ جي خلاف هئڻ باوجود ڪجهه اميدوارن جي کُليل حمايت ڪئي ۽ دوري تي پڻ نڪتو هو پر انهن مان هرهڪ وڏي پشيماني تي هارايو. مون کي ياد آهي تہ اُن زماني ۾ سنڌ جي قومي سياست پنهنجو تنقيدي جائزو ۽ بدليل حالتن ۾ سياست جي تقاضائن تي غور ڪرڻ بدران، اسان وٽ سنڌي عوام تي وڏي پشيماني تي ڇوهہ ڇنڊيا ويا ۽ چيو ويو تہ اُهو پنهنجي حقيقي اڳواڻن کي سُڃاڻڻ لاءِ تيار نہ آهي. نہ رڳو اِهو پر بجاءِ ان جي جو پنهنجي سياست جي انداز، تنظيمي صلاحيتن، عوامي رابطي، پاليسين ۽ حڪمت عملين تي غور ڪرڻ جي اِهو چوڻ شروع ڪيو ويو تہ چونڊن جي سياست مان سنڌ کي ڪجهہ نہ ورندو. اهو صحيح آهي تہ سنڌ جي ڳهڻ طرفي نجات لاءِ رڳو چونڊون ڪافي نہ هيون ۽ نہ آهن پر ڇا سنڌ جي مجموعي قومي مفادن لاءِ پارلياماني مورچي کي مڪمل طور ابن الوقت وڏيرن جي حوالي ڪرڻ ڪا درست حڪمت عملي ۽ ڏاهپ جي ڳالهہ هئي؟ مان سمجهان ٿو تہ هرگز نہ!

1988ع کان 2008ع تائين 20 سال اسان جي قومي ۽ روشن خيال سياست جيڪڏهن چونڊن يا پارلياماني سياست کان پاسيري هئي تہ سوال آهي تہ پوءِ ان دوران اسان جي انهن 20 کان مٿي تنظيمن اهڙو ڪهڙو ڪم پئي ڪيو، جنهن کي عوامي يا قومي سياست سڏجي؟ نہ "آزادي پسندن" آجپي ڏانهن ڪو پَنڌُ ڪيو ۽ نہ "انقلاب" جي داعين انقلابي سياست ذريعي انقلاب ڏانهن ڪا وِکَ کنئي. اُهي ئي سال ۾ روايتي هڪ اڌ جلسا، جلوس ۽ احتجاج، لانگ مارچون ۽ ڌرڻا، پر ڇا انهن جي تنظيمي صلاحيت وڌي؟ عوام سان رابطو سگهارو ۽ وسيع ٿيو؟ اڳواڻيءَ جو طريقو ۽ انداز بدليو؟ ڪارڪنن جي نظرياتي ۽ فڪري تربيت ٿي؟ سفارتي محاذ تہ پري رهيو پر رڳو ملڪي سطح تي ٻين سياسي ڌرين سان اتراڻتا لاڳاپا وڌيا؟ جواب ڏيڻ جي ضرورت نہ ٿي محسوس ٿئي، ڇاڪاڻ تہ اِهي ويهہ سال مجموعي طور سنڌ جي قومي، نظرياتي ۽ روشن خيال سياست جي واڌاري جا نہ، پر زوال جا پہ ڏهاڪا آهن. ها ان دوران ڪالاباغ ڊيم ۽ ڪجهہ اشوز تي سنو ۽ متحرڪ ڪردار ادا ڪيو ويو پر مجموعي سياسي بيهڪ ۾ سندن ڪردار، سگهہ، صلاحيت ۽ اثر ڏاڪي بہ ڏاڪي گهٽ ٿيو ۽ پوئتي ويو آهي. جيڪڏهن ان کي تسليم نہ ڪجي تہ اِهو اسان جي سياسي اخلاق يا سمجهہ جو سوال آهي.

2008ع ۾ پرويز مشرف جي موڪلائيءَ کانپوءِ هڪ ڀيرو وري پارلياماني

۾ جمهوري سياست جو ٻيو دور شروع ٿيو. 2008ع کان 2013ع تائين سنڌ ۾ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي بدترين حڪمرانيءَ پارٽيءَ کي نہ رڳو ملڪي پر سنڌ جي سطح تي بہ وڏو ڌڪ هنيو. ٻئي مڪاني نظام خلاف سنڌ جي ماڻهن جيئن ”سنڌ بچايو ڪميٽيءَ“ ۽ ٻين تنظيمن جو ساٿ ڏنو، ان مان صاف ظاهر هو تہ سنڌي عوام سياسي تبديليءَ لاءِ واجهائي رهيو هو پر سوال آهي تہ اسان جي قومي، ترقي پسند ۽ روشن خيال سياسي گروهن ان ڏس ۾ ڇا ڪا گهربل تياري ڪئي تہ آخر سنڌي عوام کي ڏاڪي بہ ڏاڪي هڪڙو سگهارو سياسي متبادل فراهم ڪجي؟ متبادل تہ پري جي ڳالهہ پر اسان جون تنظيمون بہ اتحاد يعني ”پونم“ ۽ ”سنڌ بچايو ڪميٽي“ بہ هلائي نہ سگهيون، جنهن ۾ ڪجهہ اڳواڻن پنهنجي انا ۽ خودپسند منفي سياست جي انتها ڪري ڇڏي. جن تنظيمن جي تنظيمي ۽ سياسي صلاحيت هڪ ڪائونسلر جي سيٽ کٽڻ جي بہ ناهي، انهن لاءِ اتحادن جي اجلاسن ۾ شرڪت سندن شان جي خلاف هو ۽ نيٺ انهن ۽ ٻين سببن جي ڪري اِهي ٻئي اتحاد بي اثر ٿي رهجي ويا. 2013ع جي چونڊن کانپوءِ سندن ڪوبہ سرگرم ڪردار نظر ڏسجي.

اهو تہ سمجهہ ۾ اچي ٿو تہ صوبائي ۽ قومي اسيمبليءَ جي سيٽن تي وڏيرن سان مقابلو تمام ڏکيو آهي پر پلا ان ڏس ۾ ڪا رٿابندي، حڪمت عملي ۽ سنجيده ڪوشش ورتي وئي؟ جي نہ تہ ڇو ۽ جي ها تہ اُها سنڌ جي عوام کي نظر ڇو نہ آئي؟ 2010ع ۾ پاڪستان جي آئيني تاريخ ۾ پهريون ڀيرو هڪ بهتر آئيني ترميم آئي، جنهن کي 18 هين آئيني ترميم چيو وڃي ٿو، ان ۾ آرٽيڪل 140-A تحت نہ رڳو مڪاني حڪومتن کي لازمي قرار ڏنو ويو پر ان کي صوبائي معاملو ڄاڻائي مڪمل طور صوبن جي حوالي ڪيو ويو، جنهن کي هن سال پنج سال پورا ٿيا. سوال آهي تہ جيڪڏهن مٿيون چونڊون في الحال اسان جي قومي ۽ روشن خيال تنظيمن لاءِ ڏکيون آهن تہ هنن 5 سالن ۾ مڪاني چونڊن لاءِ ڪا گهربل تياري ڪئي وئي؟ اثرائتا اميدوار ڳوليا ويا؟ پاڙي ۽ ڳوٺ يا وارڊ جي سطح تي عوام سان ڪا سڌي رابطي ڪاري ڪئي وئي؟ حالت اها هئي جو اسان جي انهن سياسي تنظيمن کي کٽڻ تہ پري جي ڳالهہ، رڳو ٺلها اميدوار بہ نہ ملي سگهيا. سڄيءَ سنڌ ۾ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جا انيڪ اميدوار بنا مقابلي کٽي ويا؟ معنيٰ تہ اُنهن جي سامهون ٺلهو بيهارڻ لاءِ بہ اسان جي انهن تنظيمن وٽ اميدوار ڪونہ هئا. هاڻي جڏهن مڪاني چونڊن جي پهرئين مرحلي ۾ سنڌ جي 8 ضلعن ۾ چونڊون ٿيون آهن تہ سنڌ ۾ قومي عوامي تحريڪ، سنڌ ترقي پسند پارٽي، سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي ۽ جيئي سنڌ محاذ

(رياض چانڊيو گروپ) جو ڪو به اميدوار ڪٿي نه سگهيو. ڏهرڪيءَ مان سنڌ ترقي پسند پارٽيءَ جي اڳواڻ ڇام فتاح سميجي پنهنجي ذاتي اثر رسوخ سبب پنهنجي سيٽ ڪٽي آهي، جيڪا ان ڳالهه جي ثابتي آهي ته جيڪڏهن تنظيمن وٽ اثرائتا ماڻهو ۽ ڪارڪن هوندا ته اُهي مقابلو ڪري ۽ ڪٽي سگهن ٿا.

ان صورتحال جا اسان جي هنن "قومي" تنظيمن طرفان انيڪ سبب ۽ جواز پيش ڪري سگهجن ٿا پر زمانو اسان جا جواز ۽ سبب نه ٻُڌندو پر نتيجا ڏسندو. مان سمجهان ٿو ته اسان جي انهن تنظيمن جي اِها صورتحال ڪو رات وچ ۾ نه ٿي آهي، اُها گذريل ڪيترن ئي ڏهاڪن جي سببن ۽ محرڪن جو منطقي نتيجو آهي، جن مان منهنجيءَ نظر ۾ مُکيه هي آهن، جيڪي شايد اسان جي انهن "نئيڊرين" تنظيمن جي "وڏن" اڳواڻن کي ناگوار لڳن پر مان سمجهان ٿو ته اُنهن تي سنڌ ۾ کُليل دل سان بحث مباحثو ٿيڻ گهرجي. هيٺيان سبب اُنهن تنظيمن تي به لاڳو آهن، جن جي نظر ۾ پارلياماني يا چونڊن جي سياست سنڌ جي مفاد ۾ ناهي، ته پوءِ متبادل واٽ تي سنڌن صلاحيت ۽ سَگهه جي ڇا صورتحال آهي؟ اها پڻ سيني جي سامهون آهي.

(1) سياست ڇو ۽ ڪنهن جي لاءِ ٿي ڪجي؟ اِهو هڪ بيحد اهم ۽ بنيادي سوال آهي. مان سمجهان ٿو ته ڪجهه فردن جا مثال ڇڏي ڪري اسان وٽ اُها ٺُلهي ليکي ذاتي، خانداني ۽ گروهي مفادن لاءِ ٿئي ٿي. اِهو ڪلچر وڏيرڪي سياست ۾ ته هلي وڃي ٿو پر ڪارڪنن تي ٻڌل هيٺئين وچولي طبقي جي سياست ۾ نه ٿو هلي سگهي، ڇاڪاڻ ته اهو طبقو آزاد خيال ٿئي ٿو. ڪارڪنن کي جڏهن يقين ٿي وڃي ته سنڌن تنظيمون چند فردن، خاندانن يا گروهن جون ذاتي، خانداني ۽ گروهي جاگيرون آهن ته پوءِ سنڌن ڪمٽمينٽ اُها نٿي رهي ۽ تنظيمون ڏاڪي به ڏاڪي زوال جو شڪار ٿين ٿيون.

(2) اڳواڻيءَ جو هيءَ تاحيات ماڊل هاڻي متروڪ ٿي چڪو آهي، ويندي اهو بحث مباحثو هاڻي وڏيرڪين ۽ سرمائيدار تنظيمن جي باري ۾ به ٿي چڪو آهي. تاحيات اڳواڻيءَ جو ماڊل تنظيمن مان آهستي آهستي سگهه کي اڌوهيءَ جيان کائي کوکلو ڪري ٿو ڇڏي. جڏهن پَڪ ٿي وڃي ته ڪاميابين ۽ ناڪامين ٻنهي صورتن ۾ هڪڙا فرد تاحيات اڳواڻ رهندا ته پوءِ ڪارڪنن کي انهن ۾ ڪهڙي دلچسپي باقي رهندي؟ ان ڪري اسان جي تنظيمن ۾ تاحيات اڳواڻ ۽ سنڌن من پسند فرد ئي فيصلي سازيءَ ۾ اهم هجن ٿا، جنهن جو نتيجو اِهو آهي جو تنظيمن ۾ ادارن جي اهميت نه هئڻ جي برابر آهي. وڏيرڪي سياست جو ماڊل ٻيو آهي پر نظرياتي ۽ قومي يا طبقاتي سياست تنظيمي ادارن

ڪانسواءِ اڳتي وڌي، اِهو ممڪن ئي نہ آهي.

(3) اسان جي تنظيمن جي اهڙي صورتحال سبب هڪ تہ تنظيمن مان معياري ۽ پُختا سياسي ڪارڪن ۽ اڳواڻ پيدا ٿيڻ جي رفتار نہ هئڻ برابر آهي، ٻيو تہ جي ڪجھ قابل ۽ ڪميٽيڊ ماڻهو تنظيمن ۾ آهن ۽ اُهي ڪو اختلاف رکن ٿا تہ ڪين غداريءَ جو ٺپو هڻي ڪڍي ڇڏيو ٿو وڃي ۽ ٽئين طرف سماج جا معياري ماڻهو اُنهن تنظيمن ۾ اچڻ لاءِ تيار نہ آهن. ظاهر آهي تہ پوءِ تنظيمون ڪهڙي سگھہ جي بنياد تي اڳتي وڌن؟ گذريل ٻن ڏهاڪن کان اسان جون اِهي تنظيمون مسلسل ان بحران جو شڪار آهن ۽ وڏي ڳالھہ تہ اسان جي انهن "قومي ۽ روشن خيال" تنظيمن کي ان جي ڪابہ پرواهہ نظر نہ ٿي اچي.

(4) بين الاقوامي صورتحال، رياست جو مجموعي بحران ۽ سماج جون بدلجندڙ طبقاتي، معاشي، سماجي ۽ فڪري شڪليون پڻ سياست ۽ عوام جي نفسيات تي وڏو اثر وجهن ٿيون پر نظر ائين ٿو اچي تہ اسان جي قومي سياست جي دعويدار سياسي تنظيمن وٽ ان جو ڪوبہ ادراڪ، گهربل حڪمت عملي يا ڊگهي مُدي واري رٿابندي نظر نہ ٿي اچي. اُهي تنظيمون اڄ بہ درست موقف، علامتي سرگرمين، اشوز جي سياست ۽ وقتي تحرڪ کي سڀ ڪجھہ سمجهن ٿيون. گذريل اڍائي ڏهاڪن ۾ عالمي، ملڪي ۽ سنڌ جي حالتن ۾ وڏا بنيادي ڦيرا آيا آهن، جنهن جا مثبت ۽ منفي ٻئي پاسا موجود آهن پر اسان جي تنظيمن وٽ ان ڏس ۾ ڪا حقيقت پسند سوچ ۽ ادراڪ نظر نہ ٿو اچي.

(5) ڪو وقت هو جڏهن سنڌ ۾ وچولي طبقي جي اڻ هوند کي اسان جي سياسي، معاشي ۽ سڀ طرفي سگھہ جو هڪ اهم سبب سمجهيو ويندو هو. پر ڪَچو ڦِڪو ئي سهي پر سنڌ ۾ هن وقت گهٽ ۾ گهٽ بہ هڪ ڪروڙ وچولو طبقو هوندو پر سوال آهي تہ ڪهڙو سبب آهي جو اُنهن جو هڪ سيڪڙو بہ اسان جي انهن تنظيمن ۾ وڃڻ لاءِ تيار نہ آهي. ڇا اِها هن طبقي جي سياست ۽ قوم جي مفادن کان لاتعلقي آهي يا اسان جون تنظيمون ان صلاحيت ۽ ڪردار کان وانجهيل آهن جو اُهي اُنهن کي پنهنجين صفن ۾ شامل ڪري سگهن؟

(6) سياست معنيٰ عوام، شهيد ذوالفقار علي ڀُٽي جي چيل ان ڳالھہ کان ڪوبہ انڪار ڪري نہ سگهندو تہ سياست جي جنت عوام جي قدمن هيٺان آهي. اسان جون تنظيمون ستر ۽ اَسيءَ جي ڏهاڪن ۾ بہ ڪي وڏيون عوامي تنظيمون نہ هيون پر معياري ۽ تربيت يافتہ نظرياتي ڪارڪن انهن جي سگھہ هئا، جيڪي هاڻي اڳ جي ڀيٽ ۾ تمام ٿورا وڃي بچيا آهن يا نہ هئڻ جي برابر آهن ۽ ٻئي طرف اسان جي تنظيمن جو عوام سان رابطو نہ هئڻ جي برابر آهي.

پلا جيڪڏهن هنن (مڪاني) چونڊن ۾ هيئين وچولي طبقي جا 417 آزاد اميدوار کٽي سگهن ٿا تہ پوءِ اسان جون هي تنظيمون ڇو نہ ٿيون عوام کان ووٽ وٺي سگهن؟ جواب هڪ کُليل راز آهي.

(7) سياست بنيادي طور موقف پيش ڪرڻ جو نہ پر عوام ۽ ڪارڪنن جي سگهہ کي منظم قوت ۾ تبديل ڪرڻ، تاريخ ۽ حالتن جي معروضيت کي سمجهي اڳتي وڌڻ، پنهنجي سگهہ کي مسلسل وڌائڻ، دشمن جي ڪمزورين جو فائدو وٺڻ، دشمن لاءِ مقابلي جا ميدان سُسائڻ ۽ پنهنجي لاءِ وڌائڻ ۽ مجموعي طور نتيجا ڏيڻ جو شعبو آهي. موقف تہ وڏيڪ بهتر دانشور بہ پيش ڪري سگهي ٿو پر تنظيمون عوام ۽ ڪارڪنن کي طاقت ۾ بدلائي تاريخ جا رُخ ڦيرين ٿيون، پر اهو تڏهن ٿيندو جڏهن انهن جو اهڙو ارادو هجي، ڪين حالتن جو صحيح ادراڪ هجي، گهربل حڪمت عملي هجي ۽ ان ڏس ۾ بنيادي پَندُ هجي. اسان جي صورتحال گَهہُ ڪندڙ گهوڙي وانگر آهي، جيڪو هڪ قدم اڳتي تہ بہ قدم پوئتي کڻندو آهي. آهي ڪا سوچ، ارادو ۽ تياري تہ آخر ڏهن سالن ۾ ملڪ ڪٿي بيهندو؟، سنڌ ڪٿي هوندي؟ ۽ اسان جي قومي ۽ روشن خيال سياست جو ان ۾ ڪردار ڇا ۽ ڪهڙو هوندو؟ جن تنظيمن جي هڪ ڪائونسلر کٽڻ جي حيثيت ناهي، انهن مان باقي ڪهڙين وڏين وِڪن جي اميد ڪجي؟

(8) ڪا بہ حيثيت، سگهہ يا ڪمزوري سماج ۾ حتمي ۽ آخري ناهي هوندي. پنهنجين ڪمزورين جو ازالو ڪري اڳتي بہ وڌي سگهجي ٿو. پنهنجي ڪردار جو جائزو وٺي پاڻ کي بدلائي بہ سگهجي ٿو ۽ ناڪامين کي هڪ موقعي (Opportunity) طور بہ وٺي سگهجي ٿو، پر سوال آهي تہ ان لاءِ حقيقت پسندي، سياسي ايمانداري ۽ منطقي سوچ گهرجي، جنهن جي اسان وٽ کوٽ نظر اچي ٿي. جيڪو پاڻ کي نہ ٿو بدلائڻ چاهي، ان کي دنيا جي ڪا بہ طاقت نہ ٿي بچائي ۽ بدلائي سگهي. اهو هڪ عالمگير معروضي ۽ منطقي اُصول آهي. هن صورتحال ۾ اسان جي قومپرست ۽ روشن خيال تنظيمن جي سَگهہ ۽ ڪارڪردگيءَ کان جيترو سنڌ جو عوام مايوس ٿيو آهي، ان کان وڌيڪ سندن ڪارڪن ويڳاڻپ جو شڪار ٿيا هوندا. پر تنظيمن ۾ شايد سڌو موقف رکڻ جي روايت اڃا مضبوط ناهي.

اسان جي سمورين تنظيمن کي اهو فيصلو ڪرڻو پوندو تہ اُهي تاريخ، وقت ۽ حالتن هٿان ڌاڪي بہ ڌاڪي ختم ٿيڻ چاهين ٿيون يا اُهي حقيقت پسند ٿي پنهنجو ڪو نئون اُتساهيندڙ ڪردار ادا ڪرڻ چاهين ٿيون؟ سندن

آڏو ٻئي امڪان موجود آهن ۽ ٻئي گَسَ کُليل آهن- فيصلو ڪين ڪرڻو آهي. چاڪاڻ ته بي رحم زمانو ڪنهن جي به مجبورين کي نه ته سمجهي ٿو سگهي ۽ نه "فرضي معجزن" جو انتظار ڪري ٿو سگهي. اسان جي سياسي تنظيمن کي اهو ڪائناتي سائنسي اُصول سمجهڻو پوندو ته ڪارج ڪانسواءِ جياپو ۽ واڌارو ممڪن نه آهي.

*(روزانه ڪاوش، 4 نومبر 2015ع)*

# سنڌ جي قومي سياست جو
# تنقيدي جائزو ۽ گهربل تدبيرون!

جيتوڻيڪ سنڌي عوام چڱي وقت کان اُهي واضح اشارا ٿي ڏنا ته اُهو تيزيءَ سان تبديل ٿي رهيو آهي، پر لڳي ٿو ته ڪنهن به ان جو گهربل نوٽيس نٿي ورتو. پ پ پ ان کي پنهنجو ”راڄ“ سمجهي، ان جي خواهشن، محرڪن، ڪيفيتن ۽ سگهه کي رڳو ”سنڌ ڪارڊ“ يا اقتدار جي ڏاڪڻ کان اڳتي ڪڏهن به نه ڏٺو. هونئن ته پ پ پ تي هميشه اهو الزام لڳندو هو ته اها اقتداري سياست جي راند ۾ سنڌ کي هڪ ڪارڊ طور استعمال ڪري ٿي. بجاءِ ان جي جو پ پ پ پنهنجي سياسي ڪردار ۽ عمل سان ان الزام جي ترديد ڪري ها، پ پ پ پاڻ مٿان لڳل ان الزام کي سئو سيڪڙو سچ ثابت ڪري ڏيکاريو آهي. سنڌ جي قومي سياست جيڪا گهڻي حد تائين هم خياليءَ باوجود انيڪ تنظيمن ۽ گروهن ۾ ورهايل آهي، ان به سنڌ جي عوام جي سياسي شعور کي سنڌ جي اشوز تي جدوجهدن لاءِ ته يقيناً استعمال ڪيو پر ان کي ڪنهن وڏيءَ حقيقي قومي تنظيم، سگهاري تحريڪ يا نتيجه خيز جدوجهد ۾ تبديل نه ڪري سگهي. نتيجي ۾ سنڌي عوام جو تمام اڳتي وڌيل سياسي شعور ۽ تحرڪ اجا به پَٽ ۾ پيل آهي، جنهن کي پهرين سمجهڻ ۽ پوءِ صحيح دڳُ ڏيڻ جي ضرورت آهي.

سنڌ ۾ پ پ پ ۽ ايم ڪيو ايم جي ناجائز اتحاد جي سنڌ دشمن فيصلن خلاف سنڌي قومپرستن جي سڏ تي سنڌ ۾ ٿيل ڪامياب هڙتال تي يقيناً سيني قومي سياست ڪندڙ ڌرين، سنڌي عوام، سنڌي ميڊيا ۽ انهن سمورن ماڻهن کي مبارڪون هجن، جن سنڌ جي قومي بقاءَ کي هڪ ڀيرو وري دنيا آڏو پنهنجيءَ سموريءَ سگهه سان واضح ڪيو. حقيقت اِها آهي ته اهو ڪو پهريون ڀيرو ناهي جو سنڌي عوام اهڙيءَ طرح پنهنجي قومي غيرت، سياسي سجاڳيءَ ۽ بقاءَ جو مظاهرو ڪيو هجي. جيئن ماضيءَ جي اهڙن موقعن سنڌي عوام جي قسمت ۾ ڪو بنيادي ڦيرو نه آندو، تيئن هن ڀيري به ڪا ضمانت نه آهي ته سنڌي عوام جي هيءَ قومي سجاڳي، غيرت، بقاءَ ۽ تحرڪ سنڌن نجات جو ڪو اثرائتو ذريعو بڻبا. ان ڪري هن ڀيري هن ڪاميابيءَ جي سحر ۾ لُڙهڻ جي بجاءِ هن

سموري صورتحال تي نهايت سنجيدگيءَ سان غور ڪرڻ، ان مان گهربل نتيجا ڪڍڻ ۽ ان کي ڪو ڏَڳُ ڏيڻ جي ضرورت آهي. مون پنهنجي گذريل 25 سالن جي شعوري ڄمار ۾ اهڙا گهڻا موقعا اڳ به ڏٺا آهن، جيڪي گهربل ڏڳُ نه ملڻ سبب راهن ۾ رُلي ويا ۽ وڏيڪ فرسٽريشن ۾ تبديل ٿي ويا. رڳو ضياءُ جي مارشلا ۾ ايم آر ڊيءَ جي تحريڪن کان پوءِ ٿي ڏسجي ته ڇا پليجي صاحب جي ٺاهيل "سنڌي عوام جي قومي اتحاد" کي گهٽ موٽ ملي، جو ڪراچيءَ ۾ لکين سنڌي ماڻهن جو سمنڊ اُٿلي پيو هو ۽ اردو اخبارن تعصب مان لکيو هو ته ڪراچيءَ جا شهري پاڻ کي اوپرو محسوس ڪري رهيا هئا. سائين جي.ايم.سيد ان لاءِ چيو هو ته ڪيس اونداهيءَ ۾ روشني نظر آئي آهي. پوءِ سائين جي.ايم.سيد جو جوڙيل سنڌ قومي اتحاد نه هيو. ڇا ان کي گهٽ موٽ ملي؟ سنڌي نياڻين پنهنجا ڳهه ۽ ڏاج به ڪيمپن تي اچي چندي ۾ ڏنا. بهارين خلاف لاڙڪاڻي ۽ اسٽار گيٽ ڪراچيءَ تي سنڌي ماڻهن جي باڪمال موٽ رڪارڊ تي آهي. گذريل ويهن سالن کان ڪالاباغ ڊيم ۽ درياهه بچائڻ جي جدوجهد ۾ سنڌ جو ڪهڙو باضمير ماڻهو هو، جيڪو شامل نه هو؟ ان ڪري سنڌ جي قومي سياست ڪندڙ ڌرين کي جدوجهد جي ميدان تي سنڌي عوام سدائين موٽ ڏني آهي. هيءَ ڪو پهريون موقعو ناهي. اصل سوال اهو آهي ته قومي سياست ڪندڙ ڌرين جون اُهي جدوجهدون ۽ عوام جون قربانيون ۽ شعور ڪنهن وڏيءَ تنظيم، سگهاري تحريڪ ۽ نتيجه خيز جدوجهد ۾ تبديل ڇو نه ٿا ٿين؟ اسان جون عارضي شاندار ڪاميابيون ڊگهي مُدي وارين ناڪامين ۽ نراسائين ۾ تبديل ڇو ٿيون ٿين؟ ڇا هن ڀيري به وري ائين ٿيندو يا ڪنهن معياري تبديليءَ ڏانهن ڪا ڳالهه يا وِڪَ سُرندي؟

هڪ ڳالهه ياد رکڻ گهرجي ته سنڌي عوام جيڪڏهن پ پ پ کي ائين اکيون ڏيکاري سگهي ٿو، جنهن پارٽيءَ سان انهن وڏ کان وڏ محبت پئي ڪئي آهي ته پوءِ ان جو مطلب ته سنڌ ۾ هاڻي اهو تنقيدي شعور رکندڙ باشعور عوام پيدا ٿي چڪو آهي، جنهن کي سياسي ٻوليءَ ۾ Critical Mass چئبو آهي. مطلب ته جيڪو سنڌي عوام محبتون آڇي سگهي ٿو، سَڏَ ۾ سَڏُ ڏئي سگهي ٿو ۽ قربانيون ڏئي سگهي ٿو، اُهو پڇاڻان به ڪري سگهي ٿو ۽ ان جي شروعات ٿي چڪي آهي. ان ڪري سنڌ جي قومي سياست ڪندڙ ڌرين کي به اهو سمجهڻ ۽ سوچڻ گهرجي ته هاڻي سنڌي عوام رڳو هَلَ هَلان تي بس نه ڪندو پر پس و پيش نوس ۽ نظر ايندڙ نتيجا گهرندو. سنڌي قومپرست ڌرين کي عوام جي هيءَ مليل موٽ اصل ۾ سندن ڪلهن تي هڪ وڏو بار به آهي. ظاهر آهي ته

سنڌي عوام ۾ اهو سياسي شعور ڪو اوچتو ڪنهن حادثي جي نتيجي ۾ نہ آيو آهي، پر مسلسل تجربن، خودفريبين، ٺلهن آسرن، سڪٽن نعرن، ويساهہ گهاتين، لڳاتار جدوجهدن ۽ معروضي حالتن جي ڪري آيو آهي، جنهن ۾ سنڌ جي قومي ۽ وطن دوست سياست، سنڌي ميڊيا ۽ سنڌ جي باضمير اديبن، دانشورن ۽ ساڃاهہ وندن جو پڻ اهم ڪردار رهيو آهي.

سوال آهي تہ آخر ڳالهہ ڪٿي اٽڪي پئي آهي جو سنڌ جي نجات جو گاڏو گول دائري ۾ ڦري تہ پيو پر اڳتي رڙهي نہ ٿو؟ جنهن کي لطيف سائينءَ هنن لفظن ۾ اظهاريو هو تہ: "اکين مٿي اکيون پڙ ۾ پيرَ ڳَناءِ". ان ڪري ياد رکجي تہ پنڌ ۾ ۽ ٺلها پيرَ گَسائڻ ۾ وڏو فرق آهي.

اڄ سنڌي ماڻهو جڏهن ذهني، نفسياتي ۽ شعوري طور هڪ وڏي متحرڪ دؤر مان گذري رهيو آهي تڏهن ضرورت ان ڳالهہ جي آهي تہ ان جي معروضيت کي سمجهي، ان کي مستقبل جي واٽ جو بنياد بڻائجي. عوام جو ردعمل، ڪاوڙ بيزاري، مزاحمت تہ هن جي داخلي ڪيفيتن جي ترجماني ڪن ٿا، پر آخر ان داخليت (Subjectivity) جي معروضيت (Objectivity) ڇا آهي؟ ان معروضيت جا محرڪ ڇا آهن؟ منهنجيءَ نظر ۾ ان جو محرڪ جي سادن لفظن ۾ بيان ڪجي تہ اها پنهنجي قومي نجات، حق خوداراديت ۽ عوام جي بنيادي سماجي، معاشي ۽ سياسي تبديليءَ جي تمنا آهي . اسان جي قومي سياست جو الميو اهو آهي تہ اُها معروضيت کي سمجهڻ بجاءِ گهڻو ڪري جذباتيت، نعري بازيءَ ۽ اشوز جي آڌار تي هلي ٿي. هاڻي اسان کي اها روش تبديل ڪرڻي پوندي، ڇاڪاڻ تہ بي نتيجہ ۽ لاحاصل سرگرميءَ ۽ جدوجهد سنڌي ماڻهوءَ کي ٿڪائي وڌو آهي. ائين ناهي تہ اسان جي قومي سياست جدوجهد نہ ڪئي آهي، قربانيون نہ ڏنيون آهن يا پورهيو نہ ڪيو آهي ۽ سنڌ جي تقدير بدلائڻ لاءِ خواب نہ ڏنا آهن ۽ ان لاءِ پاڻ نہ پتوڙيو آهي. يقيناً اهو سڀ ٿيو آهي، جنهن جي نتيجي ۾ ئي سنڌ جو ڪيس واضح ٿيو آهي، سنڌي عوام ۾ سياسي ۽ قومي شعور پيدا ٿيو آهي، سنڌ ۾ وڏي انگ ۾ ڪارڪن پيدا ٿيا آهن ۽ سنڌ مٿان ٿيندڙ حملن سان گهڻ طرفي مزاحمت ٿي آهي. سائين جي.ايم.سيد، ڪامريڊ حيدر بخش جتوئيءَ ۽ رسول بخش پليجي صاحب جهڙن سموريون حياتيون انهن جدوجهدن ۾ گذريون ۽ اڄ بہ انهن روايتن سان وابستہ تنظيمون ۽ فرد ان جدوجهد جي ميدان تي آهن، پر ان باوجود ڪو "ڀيو ڦهہ" آهي، جنهن جي ڪوٺ سبب سنڌ پنهنجي نجات، آزاديءَ ۽ تبديليءَ جي پرينءَ کي نہ ٿي پَسي.

اها هڪ حقيقت آهي ته سنڌي سماج ۾ تمام وڏو سياسي خال موجود آهي. اهو خال ڪنهن متبادل جي اُڀرڻ جو نه آهي، ڇاڪاڻ ته سنڌي ماڻهن ڪي پ پ پ جو متبادل نه گهرجي. پ پ پ ڪڏهن به سنڌي قوم جي حقيقي روح، مفاد ۽ موقف جي ترجمان پارٽي نه هئي. ٽين دنيا جي سماجن ۾ نمائندگيءَ جو معيار رڳو ووٽ نه هوندا آهن. حقيقت اها آهي ته سنڌ جي سماج جي سياسي عمر ڪا ڊگهي نه آهي. اسان جي پهرين قومي جدوجهد سنڌ جي بمبئيءَ کان عليحدگيءَ جي تحريڪ هئي. ان کان پوءِ ون يونٽ جي خلاف جدوجهد هئي پر ان ۾ سنڌ وٽ ڪي به سياسي پارٽيون ڪونه هيون. اها تحريڪ اديبن، دانشورن، شاعرن ۽ قومي ڪارڪنن هلائي. سنڌ ۾ سياسي تنظيمون سٺ جي ڏهاڪي جي آخر ۾ ٺهيون. جيئي سنڌ ۽ عوامي تحريڪ ان ئي دؤر جون پيداوار آهن. انهن چاليهن سالن ۾ اسان جي قومي يا وطن دوست سياست ڪنهن هڪ يا ٻن وڏين پارٽين ۾ تبديل ٿيڻ بجاءِ وئي ٽڪرن ۾ ورهائبي ۽ هاڻي جيڪڏهن تنظيمن جي ڳڻ ڪبي ته انهن جو انگ ويهن کان مٿي بيهندو. پهرين صف جي اهم پارٽين ڪي ڳڻبو ته به اُهي چار ضرور آهن، يعني عوامي تحريڪ، جسقم، سنڌ ترقي پسند پارٽي، سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي ۽ عوامي جمهوري پارٽي. ممڪن آهي ته اهو سچ اسان جي انهن معزز پارٽين کي نه وڻي پر حقيقت اِها آهي ته اسان جون سموريون قومي ۽ ترقي پسند سياست ڪندڙ پارٽيون حقيقي معنيٰ ۾ عوامي سياسي پارٽيون نه پر پنهنجن ڪارڪنن تي مشتمل پريشر گروپ آهن، جن کي قومي اشوز تي عوام کي سرگرم ڪرڻ ۽ جدوجهد ڪرڻ جي صلاحيت ۽ تجربو آهي، پر انهن مان هڪ به پارٽي اڃا ان ڏاڪي تي نه پهتي آهي، جنهن سان وسيع تر عوام گڏ هجي، جنهن جي وڏي تنظيم ڪاري هجي، تنظيم جا ادارا سگهارا ۽ فعال هجن، معياري ليڊرشپ جو هڪ ڪيڊر هجي، جنهن وٽ ڪا ڊگهي مُدي جي رٿابندي، حڪمت عملي ۽ واضح هدف هجن ۽ سڀ کان وڏي ڳالهه ته جنهن جو وجود ايترو طاقتور هجي، جو اهو ڪي گهربل نتيجا ڏئي سگهي. اهو سڀ چوڻ جو مطلب اهو هرگز نه آهي ته اهي پارٽيون غير اهم آهن يا انهن کي رد ڪري ڇڏجي؛ اصل سوال اها ڳهرج محسوس ڪرڻ جو آهي ته آخر ڪهڙا سبب آهن جو اسان جون پارٽيون ڏهاڪن کان لڳاتار جدوجهد ڪرڻ جي باوجود گول دائري ۾ ڦرڻ بجاءِ اڳتي نه ٿيون وڌن ۽ سنڌ کي به پلو پيو ته ٿهيو پر ڪا عوامي ليگ جهڙي پارٽي ڏيڻ ڏانهن به سنجيده وِک نه ٿيون وڌائين؟

اها ڳالهه واضح پئي آهي ته سنڌ ۾ اهڙي پارٽيءَ جي اُڀرڻ جو خال يا

Spaceموجود آهي، پر هاڻي اصل سوال گهربل صلاحيت، ساک، پورهيي، قربانيءَ جي سطح ۽ سنجيدگيءَ جي آهي تہ اهو خال ڪير ٿو پري؟ وقت ۽ عوام جي ڪنهن سان بہ ڪا ماڻتي ناهي هوندي. جيڪا ڌر معروضي حالتن آهر پاڻ کي تبديل ڪري ۽ گهربل پورهيي، قربانيءَ ۽ سنجيدگيءَ سان اڳتي وڌندي، اُها ئي سنڌي عوام جي حقيقي ۽ سگهاري قومي نمائندگيءَ جي مومل ماڻيندي. هڪ ڳالهہ طئي آهي تہ ڪنهن بہ سماج کي سياسي حوالي سان معياري عوامي ۽ ترقي پسند يا انقلابي سياست ذريعي ئي تبديل ڪري سگهجي ٿو. ٻيا سڀ شعبا ۽ فرد ان ۾ اهم ڪردار ادا ڪري سگهن ٿا پر سماج ۾ بنيادي تبديلي سياست ذريعي ئي ايندي ۽ ان جو مُک ذريعو سياسي پارٽيون ئي ٿي سگهن ٿيون. ان ڪري ظاهر آهي تہ انهن کي ئي تبديل ٿيڻو پوندو. اچو تہ ان حوالي سان ڪجهہ بنيادي نقطن تي غور ڪريون.

(1) اسان جون سموريون قومي سياست ڪندڙ ڌريون ايڊهاڪ بنيادن تي ڪم ڪن ٿيون. سندن هر ڪم ايڊهاڪ تي آهي سواءِ تاحيات فردن جي مستقل اڳواڻيءَ جي. اسان جي تنظيمن وٽ ڪابہ ڊگهي مُدي واري رٿابندي ۽ حڪمت عملي نہ آهي. جي ائين هجي ها تہ آزاديءَ جا نعرا هڻندڙ تنظيمون اڄ ملڪ لاءِ واقعي خطرو بڻيل هجن ها ۽ انقلابي سياست جون دعويدار تنظيمون رڳو اشوز جي سياست بجاءِ انقلاب لاءِ ڪم ڪري رهيون هجن ها. اسان جي تنظيمن وٽ اڳواڻن، ڪارڪنن، نعرن ۽ تنظيمي ڪلچر جو فرق آهي پر اشوز سيني وٽ ساڳيا آهن. ساڳين اشوز تي سڀ ساڳيءَ طرح اُٿي بيهي ٿا رهن پر ڪنهن وٽ بہ پنهنجي پنهنجي پروگرام، نظريي تحت ڪا ڊگهي مُدي واري رٿابندي ۽ حڪمت عملي ناهي ۽ جي ڪو چوي تہ آهي تہ بهرحال اها نظر نہ ٿي اچي يا ان جا اهڃاڻ ۽ نتيجا عوام ۽ سماج محسوس نہ ٿو ڪري. رڳو اشوز تي هلبو تہ ڪارڪن بہ نيٺ ٿڪجي پوندا ۽ عوام بہ. ان ڪري اسان جي قومي ۽ وطن دوست سياست ڪندڙ تنظيمن کي ايڊهاڪ ازم ۽ نِلهي اشوز جي سياست کان اڳتي وڌڻو پوندو. اشوز جي سياست معنيٰ تہ رڳو دشمن طئي ڪندو تہ اسان ڇا تي اُٿي بيهون؟ ان تي ضرور اُٿي بيهي مزاحمت ڪرڻ گهرجي پر اسان جي پنهنجي ايجنڊا ڪٿي آهي؟ رڳو اشوز جي سياست جو ٻيو نقصان اهو آهي تہ سياست ۾ ڏيکاءُ، سطحي مقابلي بازي، ميڊيا ۾ ڪوريج جي ڊوڙ ۽ شخصي اُڀار جهڙا منفي لاڙا ڏينهون ڏينهن وڌي رهيا آهن. نتيجي ۾ تنظيمن جي ترجيح بہ اهڙن ڪمن کي آهي، جنهن سان ميڊيا ۾ ڪوريج گهڻي ملي. معمول جي ڏينهن ۾ عوام سان رابطو، ڳوٺن، شهرن، پاڙن ۾ ماڻهن سان

گڏجاڻيون، سنجيده مباحثا ۽ تنظيم ڪاريءَ جهڙا بنيادي ڪم ڪٿي آهن؟ ان ڪري سنڌ جي پارٽين ڪي ايڊهاڪ ازم مان نڪري سياست اندر گهربل سنجيدگيءَ کي بحال ڪرڻو پوندو ۽ رڳو اشوز جي سياست بجاءِ پنهنجي ايجنڊا تحت ڊگهي مُدي وارين رٿابندين ۽ حڪمت عملين تي گهربل ڌيان ڏيڻو پوندو.

(2) جيئن مون مٿي چيو ته اسان جي قومي ۽ وطن دوست سياست ڪندڙ ڌرين جو گهڻو زور اشوز جي سياست تي آهي، پر تنظيم ڪاريءَ تي گهٽ آهي، ڇاڪاڻ ته تنظيم ڪاريءَ جي ڪمن کي اشوز جي سياست جي پيٽ ۾ ميڊيا ۾ ڪوريج نه ٿي ملي، پر حقيقت اها آهي ته سياسي پارٽين جي اصل سگهه سندن تنظيم ڪاري هوندي آهي. ڪارڪنن جي تربيت، تنظيم ڪاريءَ جو دائرو وسيع ڪرڻ، پارٽين ۾ نوان ماڻهو، نوان خيال ۽ تخليقي سگهه پيدا ڪرڻ هوندي آهي. گذريل چاليهن سالن کان جيترو زور اسان جي تنظيمن سياسي سرگرمين تي ڏنو آهي، جي ان جي اڌ جيترو به تنظيم ڪاريءَ تي ڌيان ڏنو وڃي ها ته اڄ اُهي پنهنجي صلاحيت ۽ سگهه جي ڪنهن ٻئي ڏاڪي تي هجن ها. جدوجهدن ۽ سياسي سرگرمين جي سياست ۾ وڏي اهميت هوندي آهي، پر تڏهن جڏهن اُنهن کي تنظيمي ۽ عوامي سگهه ۾ تبديل ڪيو وڃي. ڪامريڊ مائوءَ جو جڳ مشهور قول آهي ته، ”تنظيم ناهجي جدوجهد لاءِ ۽ جدوجهد ڪجي تنظيم لاءِ!“ اسان جو سڄو زور رڳو جدوجهد تي آهي، پر ان مان تنظيم ڪاري ڪرڻ اسان جي ايجنڊا تي گهٽ رهيو آهي.

(3) اڄوڪي دؤر ۾ سياست ۾ عوام کي ڪي ٿارزن نه گهرجن، پر مضبوط ادارا گهرجن. اسان جي قومي ۽ وطن دوست سياست ڪندڙ سياسي پارٽين ۾ ادارن جي حالت ڪنهن کان به ڳُجهي ناهي. هر تنظيم ۾ هڪ ڪِچن ڪيبنيٽ آهي، جيڪا هڪ فرد جي پويان سڄو وهنوار هلائي ٿي. ماڻهوءَ جي چمار ڪونهي. ماڻهو اڄ هوندا سڀاڻي نه هوندا، پر جي تنظيمن ۾ ادارا مضبوط، بااختيار ۽ فعال هوندا آهن ته اهي نه رڳو جٽاءُ ڪندا آهن، پر تنظيمن جي اصل سگهه پڻ هوندا آهن. سموري احترام باوجود اها هڪ حقيقت آهي ته سائين جي.ايم.سيد، ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي ۽ سائين رسول بخش پليجي پنهنجي اورچ جدوجهد ۽ اٿاهه ڪمٽمينٽ باوجود تنظيمن اندر سَگهارا ادارا ڪونه ناهيا. اهي اڳواڻ سنڌ جي سموري قومي سياست جا وڏا، بانيڪار ۽ Founding Fathers آهن، هنن جو سنڌ جي جديد سياسي تاريخ ۾ مرتبو ۽ مان هميشه رهندو پر ليکو ڪبو ته اها ڳالهه ضرور مڃبي ته انهن تنظيمون ته

ٿاهيون، جدوجهدون به ڪيون، قربانيون به ڏنيون پر پنهنجين تنظيمن اندر مضبوط ادارا ڪونه ٺاهيا. سياست جي انهن روايتن کي چار ڏهاڪا گذري ويا آهن ۽ جي انهن ۾ ادارا هجن ها ته اڄ سنڌ جي قومي سياسي سگهه تمام مٿانهين مقام تي هجي ها. ادارن جو مطلب نالي ماتر ذيلي محاذ يا اندروني تنظيمي شعبا نه آهن پر ادارن جو مطلب حقيقي معنيٰ ۾ گڏيل بنيادن تي فيصلي سازي ڪندڙ سرشتا آهن، جيڪي تنظيمن اندر ادارن جي سَگهاري شڪل وٺي بيهندا آهن.

سماج ۽ سياست ۾ ڪڏهن به دير نه ٿيندي آهي. پلا جي اهو ڪم هن بنياد وجهندڙ نسل نه ڪيو ته انهن روايتن جي تنظيمن جا موجوده اڳواڻ هاڻي ڪري سگهن ٿا ۽ رڳو اُهي چو ان دوران اُسري آيل پيون پارٽيون به ڪري سگهن ٿيون. رڳو سوال ان ڳالهه کي سمجهڻ، محسوس ڪرڻ ۽ ان تي عمل ڪرڻ جو آهي. هڪ ڳالهه طئي آهي ته جي اڄا به اسان جي قومي سياست ادارن بجاءِ رڳو اڳواڻن جي شخصيت پرستي ۽ نعرن جي آسري تي هلي ته پوءِ سياست ۾ اها سگهه پيدا ٿيڻ ممڪن نه آهي، جنهن جو سنڌي عوام ۾ هن دؤر کي انتظار آهي ۽ عوام ان لاءِ هر قرباني ڏني آهي ۽ وڌيڪ ڏيڻ لاءِ تيار آهي.

(4) اڄوڪي جديد دؤر ۾ ليڊرشپ جو مطلب رڳو ڪي مخصوص فرد نه هوندا آهن. ليڊرشپ جو اصطلاح Plural معنيٰ ۾ استعمال ٿيندو آهي. سنڌ کي هر شعبي، هر ميدان ۾ هر سطح تي معياري ليڊرشپ گهرجي، جيڪي ماڻهو هر سطح تي پنهنجي ماڻهن جي حقيقي اڳواڻي ڪري سگهن. اسان جي قومي سياست ڪندڙ تنظيمن ۾ جتي مٿين سطح تي معياري ليڊرشپ جي کوٽ آهي، يعني سنڌ ۾ جتي بيريسٽر غلام محمد ڀرڳڙي، شيخ عبدالمجيد سنڌي، سائين جي.ايم.سيد، ڪامريڊ حيدر بخش جتوئيءَ ۽ سائين رسول بخش پليجي جي پايي جا سياسي اڳواڻ هئا، جن جو علم، تجربو، ڪمٽمينٽ جي سطح، قابليت، نهٺائي ۽ پورهيي جو معيار اڄ به اتساهه جو ذريعو بڻيل آهي، اتي اسان کي ان معيار جي اڳواڻي نظر نه ٿي اچي، پر تنظيمن ۾ هيٺين سطح تي به اهو معيار تمام گهٽو ڪريل آهي. سنڌ ۾ ڪامريڊ غلام محمد لغاريءَ، شهيد فاضل راهو ۽ شهيد نظير عباسيءَ جهڙا ڪارڪن هئا. اڄ اسان جي قومي سياست ڪندڙ تنظيمن جي ٻئي درجي جي ليڊرشپ ڏانهن نظر ٿي ڊوڙائجي ته ڪنهن پارٽيءَ وٽ اهڙا ڏهه اڳواڻ يا ڪارڪن به نه آهن، جن کي ملڪي ته ڇا پر سنڌ سطح جي به ڪنهن فورم تي ويهاري سگهجي. پارٽين کي رڳو ڪارڪنن جو مقدار نه گهرجي، پر معيار به گهرجي. جي اسان جون سموريون

قومي سياست ڪندڙ پارٽيون ايمانداريءَ، حقيقت پسنديءَ ۽ سچائيءَ سان پنهنجو اندروني جائزو وٺن تہ ڇا اهي ڇٽي سگهنديون تہ وٺن تعلقي ۽ ضلعي سطح تي تہ ڇڏيو پر مرڪزي سطح تي بہ اهڙن معياري اڳواڻن جي ڪا اثرائتي ٽيم آهي، جيڪا سنڌ جي سمورن علائقن ۾ ۽ هر فورم تي تنظيم ۽ قوم جي معياري نمائندگي ڪري سگهي؟ ان ڪري اهو خال پرٽو پوندو. نہ رڳو پارٽيون پنهنجي اندر مان ڪا معياري ليڊرشپ پيدا نہ ٿيون ڪن پر سماج مان بہ ڪا نئين پرتي نہ ٿيون ڪن. هر پارٽيءَ ۾ پنهنجي قائد سان وفادار ماڻهن جو هڪ گروهہ آهي، جيڪو اندروني طور جمهوري ڪلچر نہ هئڻ سبب اُسري ليڊرشپ جي معيار ۽ سطح تي نہ ٿو رسي.

سوال آهي تہ ڇا هن ڳنڀير صورتحال ۾ اسان جون قومي سياست ڪندڙ پارٽيون ان حال سان سڄي عوام ۽ قوم جي اڳواڻي ڪنديون؟ سنڌ ۾ 29 ضلعا آهن، اسان جي پارٽين وٽ آهي ڪا اثرائتي ضلعي سطح جي قيادت آهي جيڪا وڏيرن جي سامهون عوام جي صحيح اڳواڻي ڪري سگهي؟ ظاهر آهي تہ پارٽين ۾ ٻئي يا ٽئين درجي جي اڳواڻي ڪو آسمان مان ڪانہ ايندي ۽ نہ وري ڪو معاشري مان دانشور پرتي ڪرڻ سان ايندي. اها ليڊرشپ تڏهن اُپرندي جڏهن پارٽين اندر جمهوري ڪلچر هوندو، خانداني سياست نہ ٿيندي، سوچڻ ۽ اظهار جي جمهوري آزادي هوندي، جمهوري اختلاف مان خطرو محسوس نہ ڪبو ۽ نظرياتي ۽ آدرشي سياست ٿيندي. جيڪڏهن پارٽين ۾ اڻ سهپ هوندي، ڏوهاري عنصرن لاءِ جاءِ هوندي، پتہ گيري ۽ اخلاقي ڏوهن کي ڪُڌو ڪم نہ سمجهبو ۽ ڪرمنل عنصر پارٽين جي صفن ۾ هوندا تہ پوءِ آخر پارٽين ۾ معياري ليڊرشپ ڪيئن ۽ ڇو اُسرندي؟ سنڌ جي قومي سياست ۾ هڪ ڏارا ڪي تنظيمي تنگ نظريءَ ۽ ڪارڪنن کان خوف جي نفسيات ڏڪ رسايو آهي تہ ٻين تنظيمن کي ڏوهاري عنصرن جي ڪري ساک جي بحران سخت نقصان رسايو آهي. قومن جي اڳواڻيءَ لاءِ ڪردار، دل جي ڪشادگي ۽ ساک گهرجي تہ جيئن ماڻهو پارٽين ۽ سندن هر سطح جي ليڊرشپ کي حقيقي طور پنهنجو نمائنده، ترجمان ۽ سگهہ سمجهن. سوال آهي تہ ڇا اسان جون تنظيمون پنهنجي ساک جي بحران مان نڪرڻ لاءِ پنهنجين صفن کي ڏوهاري عنصرن کان پاڪ ڪنديون؟ ۽ پنهنجو دامن ايترو وسيع ڪنديون، جنهن ۾ سڄي قوم جا سمورا باشعور حصا اُنهن ۾ شموليت کي پنهنجي لاءِ اعزاز سمجهن؟ عوامي ليگ جو اڳواڻ شيخ مجيب رسمي معنيٰ ۾ ڪو وڏو ذهين ماڻهو ڪونہ هو ۽ نہ وري ڪو وڏو عالم، فاضل ۽ وڏو وڪيل هو. هو عام ماڻهو هو

پر تنظيم جو معيار اهو هو جو بنگال جو سڄو شعور، روح ۽ ضمير ان پارٽيءَ ۾ هو، پيو ته ٿيو پر بنگالين جي وطن دوست بيوروڪريسي به ان سان گڏ هئي. سنڌ ۾ به ائين ٿي سگهي ٿو پر ڪٿي آهي اهڙي تنظيم جنهن ۾ شموليت ڪي سنڌ جو هر باشعور ۽ وطن دوست ماڻهو پنهنجي لاءِ اعزاز سمجهي؟ پلا جي هينئر ناهي ته اسان ڪي ان طرف وڃڻ گهرجي. سنڌ ۾ اڄ ڪڏهن به اهڙيون حالتون نه هيون، جنهن ۾ سڄيءَ دنيا ۾ رهندڙ هر باشعور ۽ باضمير سنڌي پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ چاهي ٿو. سنڌ جو الميو اهو آهي ته اسان وٽ تنظيمي صورت ۾ اهو ٿانءُ ڪونهي، جنهن ۾ سنڌ جي شعور ۽ عوام جي پلر جي پالوٽ ٿي سگهي.

(5) ان ۾ ڪوبہ شڪ ناهي ته اسان جي قومي سياست ڪندڙ تنظيمن سنڌ جي هر قومي اشو تي جدوجهد ڪئي آهي، پر اها به حقيقت آهي ته اسان جي ڪابہ جدوجهد توڙ تائين نتي پهچي ۽ ظاهر آهي ته پوءِ گهربل نتيجا به نه ٿي ڏئي. ضياءَ جي دؤر ۾ اسان چيو ته پنو عاقل ڇانوڻي نه ٿهڻ گهرجي. نيٺ اها ٿهي وئي ۽ اسان جا لکيل نعرا پٿين تي ئي رهجي ويا. ڌارين جي آبادڪاريءَ خلاف مسلسل آواز اُٿيو آهي، پر رڳو گذريل ويهن سالن ۾ 50 لک کان وڌيڪ ڌاريا سنڌ ۾ مستقل طور آباد ٿي چڪا آهن. غيرقانوني پرڏيهين جو انگ بہ 40 لک کان گهٽ ڪونهي، پر انهن جي آمد کي اسان روڪي نه سگهيا آهيون. انهن کي سنڌ ۽ ملڪ مان ڪيڏي واپس اُماڻڻ لاءِ ڪا نتيجہ خيز جدوجهد نہ هلي سگهي. سنڌي ٻوليءَ کي سنڌ جي شهرن جي تعليمي ادارن ۽ پرائيويٽ اسڪول مان عملي طور نيڪالي مليل آهي. آواز گهڻو اُٿيو پر ڪوبہ نتيجو اسان جي هٿ ۾ ڪونهي. سنڌي شاگردن جي ڪراچيءَ جي تعليمي ادارن ۾ داخلا تي بندش وڌي وئي، اسان ان کي واپس نہ ڪرائي سگهيا آهيون. سنڌ جي قدرتي وسيلن جي مالڪي 18هين ترميم ذريعي صوبي کي ته ملي، پر اسان کي ان مان ڇا مليو؟ ڪو ليکو چوکو ڪونهي. يونيورسٽين جو چانسلر گورنر ٻڌيو ويٺو آهي، آواز اُٿيا پر اختيار اُتي ئي پيا آهن. حيدرآباد جو ورهاڱو ٿيو، آواز اُٿاريوسين پر توڙ تائين ڪا جدوجهد نہ هلي، جنهن سان اهو فيصلو واپس ٿئي ها. گريٽر ٿل ڪئنال خلاف سوين احتجاجي جلوس ۽ لانگ مارچون ٿيون پر اُها نيٺ ٿهي وئي ۽ جدوجهد بہ ماٺي ٿي وئي. اهڙا پيا بہ اڪيچار مثال آهن. مطلب ته ڪهڙو اشو آهي، جنهن لاءِ اسان توڙ تائين جدوجهد ڪري گهربل نتيجا حاصل ڪيا؟

ڏٺو وڃي ته اهو هڪ وڏو سنيجده معاملو آهي ته اسان جي ڪابہ جدوجهد

توڙ تائين هلي ڪي ڳهربل نتيجا حاصل نہ ٿي ڪري. هڪ اشو اُٿي ٿو، اسين ان جي پويان سڀ گڏجي لڳون ٿا، وري ماٺ ٿيو وڃي ۽ اهي منصوبا يا مڪمل ٿين ٿا يا هلندا رهن ٿا. وري ڪو ٻيو اشو اُٿي ٿو ۽ اسان جي ساڳي ڪار. عوام کي ڏيکارڻ لاءِ نتيجو ڪونهي. رڳو ٻن معاملن تي نتيجا مليا، هڪ ون يونٽ جو ٽُٽڻ ۽ ٻيو ڪالاباغ ڊيم جو نہ ٺهڻ. ٻيا نتيجا ڪٿي آهن؟ اسان جي قومي جدوجهد ڪان تہ مائي جندو جي جدوجهد نتيجہ خيز هئي، جنهن جي ٻن ڏيئرن پاڻ سازي بہ قاتل کي ڦاهي ڏيارائي. منهنجيءَ نظر ۾ ان جا بہ بنيادي سبب آهن. هڪ تہ اسان وٽ ڏکهي مُدي جي ڪابہ رٿابندي نہ آهي. ٿلهي اشوز جي سياست جو اهو ئي نقصان هوندو آهي تہ پارٽيون پنهنجي ايجنڊا بجاءِ ٿلهو اشوز پويان پيون ڊوڙنديون آهن. ٻيو تہ اسان جي قربانيءَ جي سطح تمام ٿوري آهي. جان ۽ مال جي قرباني تہ پري جي ڳالهہ پر اسان پنهنجي وقت، صلاحيت جي ڀرپور استعمال، رسڪ کڻڻ، ننڊون حرام ڪرڻ، سخت ۽ مسلسل پورهيو ڪرڻ جي سطح کي بہ نہ رسيا آهيون. اسين سمورا Comfort Zone ۾ رهي جدوجهد ڪرڻ چاهيون ٿا تہ پوءِ ههڙي بي رحم رياست جي ڦورو نظام ۾ ٺوس نتيجا ڪٿان ملندا؟ سنڌ جي قومي سياست کي پنهنجي قربانيءَ جي سطح کي تبديل ڪرڻو پوندو. هن ملڪ جو سياسي Immune جو سرشتو ٿلهي مخالفت کي هضم ڪري چڪو آهي. جيستائين اهو اسان جي قومي سگهہ مان خطرو محسوس نہ ٿو ڪري تيستائين ان جي ڪن تي جوءَ بہ ڪونہ چُرندي. هتي مان اها ڳالهہ واضح ڪريان تہ سنڌ کي هٿياربند جدوجهد جي ڪابہ ضرورت نہ آهي. اسان جي سموري جدوجهد پُرامن جمهوري انداز ۾ هئڻ گهرجي ۽ اها بہ نسل پرستيءَ يا تعصب جي بنياد تي نہ پر سيڪيولر سوچ ۽ انسان دوستيءَ جي قدرن تي ٻڌل هئڻ گهرجي. حقيقت اها آهي تہ اسان اڃا سنڌي قوم جي پنج سيڪڙو ماڻهن کي بہ منظم نہ ڪيو آهي ۽ اسان جي ڪنهن بہ جدوجهد ۾ اڃا سنڌي قوم جو هڪ سيڪڙو ماڻهو بہ شريڪ نہ آهن. ڪروڙين ماڻهن جي منظم شعور، ٻڌيءَ، آواز ۽ مزاحمت ۾ جيڪا سگهہ آهي، ان جو اسان تازو مظهر مصر ۾ ڏٺو. سنڌ ۾ ڪنهن اشوءَ تي نيشنل هاءِ وي هڪ مهينو بند هجي تہ پوءِ ڏسون تہ ڪيئن نہ ٿي رياست اسان جي سامهون جهُڪي. باقي جي مُنڊائتي مينهن جيان بہ چار ڏينهن وسڪارو ڪبو ۽ سرگرمي ڏيکاربي ۽ پوءِ وري دل ۾ سڀ ڪجهہ قبول ڪري ونبو تہ پوءِ تہ جدوجهد جي جنهن گول دائري ۾ ڦرون پيا ان ۾ ئي ڦرندا رهنداسين ۽ دل ۾ پنهنجي عارضي ننڍڙين ڪاميابين تي خوش ٿيندا رهنداسين.

(6) سنڌ ۾ هيستائين اسان گهڻي ڀاڱي سنڌ جي مجموعي وڏن اشوز تي جدوجهد ڪئي آهي. هڪ اهم ترين پاسو جنهن کي اسان مڪمل طور نظرانداز ڪري ڇڏيو آهي، اهو آهي عوام جي سرزمين تي واهر ۽ سنڌن بنيادي مسئلن جي حل لاءِ لاڳاپيل ۽ نتيجه خيز جدوجهد ڪرڻ. حقيقت اِها آهي ته هيءَ رياست ۽ ان جا ادارا مڪمل طور تي ڏڀُ ڏئي ويا آهن. عام ماڻهوءَ لاءِ سرزمين تي يا ته رياست ۽ ان جي ادارن جو ڪو وجود نه آهي ۽ جي آهي ته ڪرپشن ۽ اقرباپروريءَ سبب سراپا عذاب آهي. مقامي طور عوام لاءِ يا ته رياست جا ڪرپٽ ۽ نااهل ادارا آهن يا وري عوام جو معاشي، سياسي، سماجي ۽ احساساتي رَتُ پيئندڙ رياست جي ڪيچهو وڏيرا شاهي. سمورين سياسي پارٽين، اين جي اوز، استادن، وڪيلن، سماجي تنظيمن جي باوجود ان تلخ حقيقت کان ڪير به انڪار نه ڪندو ته سرزمين تي عام سنڌي ماڻهوءَ جي واهر لاءِ ڪوبه موجود ناهي. نتيجي ۾ عوام لاءِ هڪ طرف رياست جا ادارا ۽ ٻئي طرف وڏيرا شاهي- يعني اڳيان باهه پويان پاڻي. عام ماڻهو وڏن قومي اشوز تي يقيني طور اسان جي قومي سياست ڪندڙ ترين جي سڏ ۾ سڏ ڏئي ٿو پر هن کي اجا تائين ڪانئن اها اُميد نه آهي ته اُهي لاقانونيت، پوليس، ڪرپشن، شهري سهولتن جي اڻ هوند، ناقص تعليم ۽ صحت جي سهولتن، پيئڻ جي صاف پاڻي يا ترقياتي معاملن ۾ به سنڌن واهر ڪري ڪين ڪي نتيجا ڏيندي. نتيجو اهو آهي جو عوام جي وڏي گهڻائي نڌڻڪائيءَ جي حالت ۽ ڪيفيت مان نڪتي نڪري. سنڌ معنيٰ ڇا؟ سنڌ معنيٰ رڳو زمين ناهي، پر ان جا ماڻهو آهن- جي اُهي نڌڻڪا، لاوارث، ڪمزور ۽ رياست جي ڪرپٽ ادارن ۽ ڦورو وڏيرا شاهيءَ جي رحم ڪرم تي هوندا ته پوءِ باقي هيءَ سڄي قومي جدوجهد ڪنهن جي لاءِ آهي؟ لطيف سائينءَ چيو آهي:

> پُڇن جي ميهارَ کي، پُڇي سي ميهارَ،
> فَاَذڪُروني اَذڪُرڪُم، ايءَ پروڙج پارَ،
> تُرهو تنين بار، عشق جنين کي آڪرو.

عوام جو ڏٽي تي بيهبو ته ماڻهو به اسان جي فولادي سگهه تي بيهندا.

سنڌ جي قومي سياست ڪندڙ سياسي پارٽين کي وڏن قومي اشوز سان گڏوگڏ عوام سان سرزمين تي گڏ بيهڻو پوندو، سنڌن واهر ۽ اڳواڻي ڪرڻي پوندي، نڌڻڪائيءَ جي حالت مان ڪڍي ڪين ڏڍُ ڏيڻو پوندو. تڏهن وڃي عوام جي اڪثريت قومي ۽ عوامي سياست جي ڏارا ۾ ايندي. اهو سڀ تڏهن ٿيندو جڏهن اسان جي قومي سياست ڪندڙ پارٽين جي مقامي تنظيم ڪاري

مضبوط هوندي، مقامي طور ليڊرشپ اثرائتي، ذميوار ۽ باڪردار هوندي. ڇا اسان جي سياسي پارٽين ڪڏهن اهو سوچيو آهي ته سندن ڪارڪن معمول جي ڏينهن ۾ مقامي طور ڇا ڪندا آهن؟ ڪهڙيون سرگرميون ڪندا آهن ۽ انهن جو عوام سان ڪيترو سڌو لاڳاپو هوندو آهي؟ ڇا اسان جي قومي سياست ڪندڙ سياسي پارٽين جون مقامي طور ساديون سوديون ئي سهي پر ڪي آفيسون آهن، جتي ڪي ذميوار ماڻهو ويٺل هجن ۽ عوام کي آسرو هجي ته سندن واهر لاءِ ڪا گهٽي کُليل آهي.

مٿي ذڪر ڪيل ان سموري ڳالهه ٻولهه جي باوجود ظاهر آهي ته اسان جي پارٽين ۾ گهربل تبديلي رات وچ ۾ نه ايندي ۽ جي اُهي تبديل نه ٿيون ته رات جي وچ ۾ ڪنهن نئين ۽ وڏي پارٽيءَ جي اُڀرڻ جو به ڪو امڪان نه آهي. سماج رڳو خواهشن تحت نه ٿو هلي، پنهنجي معروضيت تحت هلي ٿو. سنڌ جو اصل بحران يا ڪوٺ اها آهي ته اسان جنهن پارٽيءَ کي پنهنجا ووٽ ڏئي اقتدار جي ايوانن ڏانهن موڪليون ٿا، اُها نه ميدان تي هوندي آهي ۽ نه اُتي وڃي اسان لاءِ ڪجهه ڪندي آهي. قومي سياست ڪندڙ تنظيمون مٿي ذڪر ڪيل ڪمزورين سبب اڃا ان سطح تي نه رسيون آهن، جتي سندن اهڙو طاقتور ڪردار سامهون اچي، جيڪو عوام جي اڪثريت کي منظم به ڪري، کين طاقت ۾ تبديل به ڪري ۽ رياست ۽ ان جي پاليل سنڌ دشمن ڌرين کي جنهن جو سيڪ اچي. اسان ڏئي وٺي دانهون يا عارضي ۽ وچٽري مزاحمت ڪريون ٿا ۽ ان سان ڪي نتيجا نه ٿا ملن. سوال آهي ته سنڌ ۾ اهو پاور ڪيئن پيدا ٿئي، جنهن سان هن ٻڏيءَ جي ناهه ۾ سچ پچ ڪي ڏار پون ۽ سنڌي قوم جي نجات ۽ قسمت جي تبديليءَ جو گاڏو اڳيان سُري.

سنڌ ۾ هن وقت اهڙو ڪوبه هڪ ماڻهو يا اڳواڻ موجود ناهي، جنهن جي پويان سموري قوم اعتماد ۽ اعتبار سان لڳي پئي ۽ عوام جي ٻڌي ڪنهن وڏيءَ طاقت ۾ تبديل ٿئي. نه وري اهڙي ڪا پارٽي موجود آهي، جيڪا اڪيلي سر سموري قوم جي نمائندگي ۽ اڳواڻي ڪري گهربل سگهه کي سامهون آڻي- ته پوءِ نيٺ ڇا ٿئي؟ ان جو عبوري سادو حل ظاهر آهي ته اهو آهي ته اسان جي قومي سياست ڪندڙ ڌرين جو هڪ اهڙو جٽادار اتحاد جُڙي، جيڪو رڳو اشوز تي مبني نه هجي پر سنڌ جي بنيادي نجات ۽ تبديليءَ لاءِ هجي، جنهن ۾ گڏيل اڳواڻيءَ جو جمهوري تصور هجي، جنهن ۾ مقابلو شخصيت پرستيءَ يا شخصي اُيار جو نه پر وڌيڪ سنجيده پورهيو ڪرڻ ۽ ٺوس نتيجا حاصل ڪرڻ تي هجي، جنهن جو نه رڳو هڪ اندروني ضابطه اخلاق هجي پر ان ۾ شامل ڌريون

وسيع تر قومي مفاد ۾ دل سان ۽ سموري سنجيدگيءَ ۽ سچائيءَ سان ان جي پاسداري به ڪن. اهڙو اتحاد سنڌ جي باڪردار ۽ وطن دوست دانشورن ۽ زندگيءَ جي ٻين اهم شعبن جي ساک وارن اثرائتن ماڻهن ڪي به پاڻ سان گڏ ڪٺي ته جيئن نه رڳو اُهي به هن ساٿ ۾ اهم ڪردار ادا ڪن، قومي سياسي پارٽين جي علمي، شعوري، فطري ۽ ٽيڪنيڪي مدد ڪن پر اُهي اهڙي اتحاد جي جٽادار ڪردار جي ضمانت به بڻجن. صحيح کي صحيح ۽ غلط کي غلط چئي اتحاد ۾ امڪاني طور اُڀرندڙ منفي لاڙن جو تدارڪ ڪن. اهڙو اتحاد ڊگهي مُدي وارو هجي ۽ هڪ واضح پروگرام سان اچي ۽ سنڌ جي هر باشعور ماڻهوءَ کي شموليت جو سڏ ڏئي. مان سمجهان ٿو ته جي ائين سچ پچ ٿئي ته چوندبن ۾ ڪٿڻ ته ننڍي ڳالهه آهي، سنڌ جي نجات، ترقيءَ ۽ تبديليءَ جي خواب جي ساڀيان لاءِ اثرائتو قدم کڄي سگهي ٿو. جي سنڌ ۾ اهڙي سنجيده پيش قدمي ٿي ته اسان باضمير اديب ۽ ليکڪ به ان ۾ پنهنجي پتيءَ جو ڀرپور ڪردار ادا ڪنداسين، جاڪاڻ ته سنڌ کي هاڻ رڳو خواب نه پر ان جي ساڀيان گهرجي! لطيف سائينءَ چيو آهي:

گهڙيا سي چڙهيا، ائين اٿيئي،
مئي متي مهراڻ ۾، پيئو تپو ڏيئي،
ته ميهار مليئي، سنيوڙو سيڻاهه سين.

*(17 جنوري 2013ع)*

# نظرياتي سياست ڪانسواءِ طاقت جو توازن تبديل ڪيئن ٿيندو؟

سوويت روس جي زوال ڪانپوءِ دنيا ۾ تمام گھڻا گمراهه ڪندڙ مفروضا مشهور ٿيا. پروفيسر هنٽنگٽن چيو هو تہ، هاڻي دنيا ۾ تهذيبن جي ٽڪراءَ جو دور شروع ٿي چُڪو آهي، جڏهن تہ نہ دنيا جا سمورا مسلمان هڪ تهذيب سان واسطو رکن ٿا ۽ نہ وري مذهبي انتها پسنديءَ خلاف دنيا جي ڪنڊ ڪُڙڇ ۾ موجود ماڻهو ڪو هڪ رنگ، نسل، مذهب، ڪلچر ۽ خطي يا تهذيب سان واسطو رکن ٿا. دنيا ۾ ٽڪراءُ خيالن، نظرين ۽ مفادن جو تہ ٿي سگھي ٿو پر تهذيبن جو ٽڪراءُ ڪهڙي بنياد تي ٿيندو؟ انساني تهذيبون سڀ پاڻ ۾ ملندڙ آهن ۽ تهذيبن جا رنگ ۽ دور تہ جدا جدا ٿي سگھن ٿا پر انهن جا بنيادي قدر ساڳيا هوندا آهن. پوءِ بہ روس جي زوال ڪانپوءِ جي انساني تاريخ کي تهذيبن جي ٽڪراءُ جو دور سڏيو ويو. ساڳئي ئي دور ۾ هڪ ٻئي جپاني نسل جي آمريڪي دانشور فرانسس فوڪوياما ان دور کي ”تاريخ جي پڄاڻي“ سان ڀيٽيو. اهو هڪ ڪل جوڳو سطحي تصور هو، جنهن جو اظهار مون ساڻس روبرو بہ واشنگٽن ۾ جان هاپڪنس يونيورسٽيءَ ۾ ڪيو، جتي اسان ٻئي هڪ ويهڪ ۾ مقرر هئاسون. ڇا تاريخ جي بہ ڪا پڄاڻي ٿي سگھي ٿي؟ تاريخ تہ وقت جو سدا وهندڙ واهڙ آهي، اهو ڪيئن ٿو بيهي سگھي! ان آمريڪي دانشور سان 2009ع ۾ واشنگٽن ۾ منهنجيون گھڻيون علمي ۽ فڪري ڪچهريون ٿيون، جو ڪجهه وقت هُو هڪ تحقيقي ڪم ۾ منهنجو گائيڊ بہ رهيو (جنهن ٿنڪ ٽينڪ ۾ مون تحقيقي ڪم ٿي ڪيو، هو ان جو بورڊ ميمبر هو) سڻي ڳالهہ اها هئي تہ تيسين فوڪوياما جا نظريا ڪافي تبديل ٿي چڪا هئا ۽ هن ڪليل لفظن ۾ پنهنجي ”تاريخ جي پڄاڻي“ جي نظريي کي پاڻ ئي رد ٿي ڪيو. بهرحال فوڪوياما جو اهو مفروضاتي نظريو ماڻهن ۾ گمراهي ڦهلائڻ جو وڏو سبب ۽ ذريعو بڻيو. ساڳيءَ طرح سرمائيدار دنيا جي نام نهاد نيو-لبرل دانشورن جي هڪ حلقي عالمي سطح تي ان دور ۾ اهو مفروضو پڻ ڦهلايو تہ هاڻي دنيا ۾ نظرين جو دور ختم ٿي چُڪو آهي. ان مفروضاتي نظرياتي خودفريبيءَ کي وري ’جديديت

پڇاڙان' (Post Modernism) بہ ڪوٺيو ويو. مطلب تہ سوويت روس جي زوال کانپوءِ سرمائيدار دنيا جي سطحي ۽ تاريخ جي مادي شعور کان وانجهيل نام نهاد نيو-لبرل دانشورن دنيا ۾ ماڻهن کي گمراهہ ڪرڻ کان وسان نہ گهٽايو.

دنيا ۾ شعوري طور اياريل ان فڪري وائڙائپ جا اثر يقيني طور اسانجي سماج جي هڪ حصي تي بہ پيا. حقيقت اها آهي تہ نظريا ڪڏهن بہ پڇاڙيءَ کي نہ ٿا رسي سگهن. ها اُهي تبديل ٿي سگهن ٿا، هڪ حد تائين يا گهڻيءَ حد تائين متروڪ ٿي سگهن ٿا، جزوي يا مڪمل طور ناڪام ٿي سگهن ٿا پر نظرين جي انساني سماج ۾ اُسرڻ جو سلسلو بند ٿي نہ ٿو سگهي. يعني ڪو نظريو تہ سماج ۾ متروڪ ٿي ختم ٿي سگهي ٿو، پر ماڳهين نظرين جو دور ئي پڇاڙيءَ کي رَسي، اهو ممڪن نہ آهي. ان جو سبب هي آهي تہ جيتوڻيڪ مذهبي ۽ حڪمران طبقن جي مفادن جا آئينہ دار نظريا اختراعي هوندا آهن ۽ انهن جو سماج جي معروضي حالتن سان واسطو سائنسي بنيادن تي نہ هوندو آهي پر سڀ نظريا ڪو ذهن جو اختراع نہ پر مادي حالتن بابت اسانجي سمجهہ، شعور ۽ مفادن جا آئينہ دار پڻ هوندا آهن. ها اهو ضرور آهي تہ عوام دشمن ۽ غيرسائنسي نظريا فضول، سطحي، ڇسا، بدنيت، جهالت تي ٻڌل ۽ گمراهہ ڪندڙ بہ ٿي سگهن ٿا، تہ وري ٻئي طرف ان جي اُبتڙ نظريا تاريخ ۽ سماج جو سائنسي ۽ مادي شعور ڏيندڙ ۽ سماج جا سُونهان بہ ٿي سگهن ٿا. انڪري تاريخ ۾ نظرين جو دور ڪڏهن بہ ختم نہ ٿو ٿي سگهي. جيسين سماج ۾ تضاد آهن، طبقاتي ۽ قومي غلاميون ۽ گهٽ وڌايون آهن، تيسين عوام، سماج ۽ سائنسيت جا ترجمان نظريا ڪيئن ٿا ختم يا متروڪ ٿي سگهن؟

سنڌي سماج ۾ طاقت جو توازن ڇو نہ ٿو تبديل ٿئي؟ ۽ اسانجي روشن خيال قومي سياست گهربل سطح تي سگهاري ڇو نہ ٿي ٿئي، انجو هڪ بنيادي سبب سنڌ ۾ نظرياتي سياست جي روايت جو ڪمزور ٿيڻ بہ آهي. پ پ جا جيالا اڳ بہ نظرياتي طور پختا نہ هوندا هئا، جو انهن تي ميار ڏجي. جيئي سنڌ سان وابستہ اڪثريتي ڪارڪنن ٻيو تہ ٺهيو پر خود سائين جي ايم سيد جا ڪتاب پڙهڻ بہ ڇڏي ڏنا ۽ سياسي ڪلچر اهڙو ٺاهيو ويو، جنهن ۾ ڪتابي ڪارڪن کي "ياڙيو" سمجهيو ويندو هو. نتيجي ۾ ان رويي جيئي سنڌ جي سياست ۽ ڪارڪنن جي معيار کي ڪڏهن بہ اُسرڻ نہ ڏنو. ڪتابن، علم ۽ نظرياتي سياست سان وابستہ ڪارڪنن جو انگ هميشہ ٿورائيءَ ۾ ئي رهيو. جيتوڻيڪ بشير خان قريشيءَ جي اڻ ٽڪ جاکوڙ سبب جسقم ۾ ڪارڪنن جو انگ شايد ٻين پارٽين کان ڪجهہ وڌيڪ رهيو هجي پر سنڌن نظرياتي ۽

سياسي تربيت جو پاسو نهايت ڪمزور رهيو آهي. سنڌ ۾ نظرياتي سياست ڪي پليجي صاحب ۽ عوامي تحريڪ تمام گهڻو سگهارو ڪيو ۽ سنڌ ۾ نظرياتي ڪارڪنن جو هڪ وڏو انگ پيدا ٿيو پر هاڻي اها روايت اتي به ڪمزور آهي يا اڳ جي ڀيٽ ۾ لاٿ ۾ آهي. ساڳيو حال ٻين سياسي پارٽين جو آهي.

سنڌ ۾ نظرياتي سياست جي روايت جي ڪمزور ٿيڻ سبب طبقاتي سياست جو سنڌ ۾ عملي طور ڪو وجود ناهي. نالي ماتر هر پارٽيءَ وٽ هاري ۽ مزدور ونگ آهي پر مان نه ٿو سمجهان ته ڪنهن به پارٽيءَ وٽ ڪا اهڙي پورهيت تنظيم آهي، جنهن جو عملي طور سنڌ جي هارين ۽ پورهيتن سان سڌو سنئون رابطو هجي يا سنڌي هارين ۽ پورهيتن جو هڪ ننڍو حصو به سچ پچ انهن ۾ شامل هجي. حقيقت اها آهي ته سنڌ جي قومي سياسي پارٽين وٽ عورتن، شاگردن ۽ هيٺين وچولي طبقي جي ماڻهن جو ته وري به ڪُجهه ڳاٽيتو آهي پر انهن پارٽين ۾ هارين ۽ پورهيتن جو عملي طور ڪو به ڪردار نه آهي. سنڌ ۾ طبقاتي سياست جيتوڻيڪ اڳ به تمام ابتدائي ڏاڪي تي هئي، پر وري به اها وڏيرڪي طبقي ڪي نفسياتي طور سوڙهو ڪريو ويٺي هئي. هارين جي حقن لاءِ جدوجهدون ٿينديون هيون، طبقاتي نظرياتي ادب تخليق ٿيندو هو، شاعر شاعريءَ ۾ اُهي موضوع کڻندا هئا ته،

"نيٺ ته اُٿندا سٺ لک ڏاتا، ڏيهه اسانجي ڏاڏاڻي جا" (ملڪ نديم)

سماج ۾ طبقاتي سوال تي وڏو بحث مباحثو ٿيندو هو. نتيجي ۾ جي وڏيرو ۽ ڀوتار سماجي طور سگهارو به هو ته مجموعي طور سنڌ جو ساجاهه وند حصو هر سطح تي سندس نظرياتي گهيراءُ ڪندو هو، مٿس وڏيءَ جرئت سان آڱر کڻندو هو ۽ وڏيري لاءِ ائين ميدان خالي نه هوندو هو. نظرياتي سياست جي ڪمزور ٿيڻ سبب سنڌ ۾ طبقاتي تحريڪون هلڻ بند ٿي ويون، طبقاتي تنظيمون نالي ماتر اچي رهيون، اُهي نظرياتي سياسي ڪارڪن وڏي پئماني تي پيدا ٿيڻ گهٽجي ويا، جن جي نظرياتي پختگي سماج جو ڏيڍ ۾ سگهه هوندي هئي. نظرياتي ادب عوام جي رهبري ڪندو هو ۽ مجموعي طور طبقاتي سوال وڏيرڪي طبقي ڪي سماج ۾ ائين خالي ميدان نه ڏيندو هو. جيتوڻيڪ سنڌ ۾ وڏيرڪي سياست جي سگهاري ٿيڻ جا ٻيا انيڪ سبب آهن، جن ۾ بنيادي هٿ رياست جو آهي، پر حقيقت اها آهي ته سنڌ ۾ طبقاتي ۽ نظرياتي سياست جي روايت جي ڪمزور ٿيڻ به مدي خارج وڏيرڪي طبقي جي ڦورو ۽ موقعي پرست سياست ڪي هٿي ڏني آهي.

سنڌ ۾ نظرياتي سياست جي ڪمزور ٿيڻ جو وڏو منفي اثر اسانجي

سياسي ڪلچر تي بہ پيو آهي. اڳ اهو سياسي ڪارڪن يا اڳواڻ وڏيڪ معتبر ۽ عزت جي لائق هو، جيڪو نظرياتي طور سگهارو هو، جنهن کي سماج جو گهرو شعور ۽ حالتن جو ادراڪ هو، جنهن وٽ سياست ۾ عقيدا يا ذاتي مفاد نہ، پر آدرش وڏيڪ عظيم هئا. سياسي ڪارڪنن جي ڪردار ۾ بہ زوال انڪري آيو، جو اسانجي نظرياتي سياسي روايت ڪمزور ٿي. ڇا سائين جي ايم سيد جا ڪتاب پڙهندڙ قومي ڪارڪن ڪڏهن ڏوهن ڏانهن مائل ٿين ها؟ ضياءَ جي دور ۾ عوامي تحريڪ جو ڪارڪن ڇو آمريت لاءِ للڪار هو ۽ ضياءَ الحق پڇائون ٿي ڪيون تہ اهي عوامي تحريڪ وارا ڪير آهن؟ اها سگهہ سندن نظرياتي تربيت ۽ آدرشي ڪردار جي هئي. پليجي صاحب کان سنڌ جو پوتار طبقو تمام گهڻو خائف ڇو هو؟ سندس نظرياتي سياست جي ڪري! جيتوڻيڪ جيئي سنڌ، عوامي تحريڪ ۽ ڪاهي ڏر ۾ سخت اندروني نظرياتي تضاد ۽ اختلاف بہ هئا پر وري بہ اهي تضاد پس و پيش سماج ۽ سياست کي اڳتي وٺي ٿي ويا. نظرياتي سياست جي ان ڏارا ۾ ويندي ننڍين پارٽين جو بہ وڏو ڪردار هو. ڊاڪٽر ارباب کهاوڙ جي پارٽيءَ اُتر سنڌ جي ڪجهہ شهرن ۾ مزدورن ۾ زبردست ڪم ڪيو پر افسوس جو اُها پارٽي جٽاءُ نہ ڪري سگهي. اهو نقصان سنڌ جي سماج ۽ نظرياتي سياست جو هو. سنڌ دوست انقلابي پارٽيءَ پڻ نظرياتي ڪارڪنن جو سنو انگ پيدا ڪيو. ڊاڪٽر قادر مگسيءَ سائين جي ايم سيد سان بنيادي نظرياتي اختلاف ڪيا ۽ نيٺ پنهنجي تنظيم قائم ڪيائين، جيڪا نہ رڳو جٽاءُ ڪري وئي پر گذريل ڪجهہ سالن کان گهڻو سگهاري ٿي آهي .سنڌ ۾ نظرياتي سياست جو هڪ وڏو فائدو اهو بہ ٿيو جو سنڌ ۾ سياسي دانشورن جي هڪ تهي پيدا ٿي، جنهن سياست، ادب ۽ صحافت ۾ عوامي ۽ انقلابي روايتن کي سگهارو ڪيو.

حقيقت اها آهي تہ سماجن ۾ لاها چاڙها پيا ايندا آهن. سماجي، اقتصادي، سياسي ۽ ثقافتي بحران پڻ سماجن جي اوسر جا هڪڙا ڏاڪا آهن. اسانجو ان ڳالهہ ۾ پڻ پختو ويساهہ آهي تہ جيتوڻيڪ سماج جا ٻيا شعبا بہ بيحد اهم آهن پر سماج ۾ بنيادي تبديلي عوام دوست، ترقي پسند، انقلابي ۽ روشن خيال سياست ذريعي ئي ممڪن آهي، جو رياست ۽ سماج ۾ موجود ڦورو قوتن خلاف جوابي عوامي ۽ تنظيمي قوت صرف اهڙي سياست ذريعي ئي پيدا ڪري سگهجي ٿي پر سوال اهو آهي تہ ڇا نظرياتي روايت کانسواءِ سياست جو معيار بلند ٿي سگهي ٿو؟ ان جو ڪردار ۽ ڪارج سگهارو ٿي سگهي ٿو؟ ان ۾ اُها اخلاقي، نظرياتي ۽ سياسي قوت پيدا ٿي سگهي ٿي، جيڪا تبديلين جا

بنياد رکندي آهي؟ انڪري سنڌ ۾ اسان جنهن معياري ۽ سگهاري سياست جي خواهش ۽ سڌ ڪريون ٿا، جاکوڙ ۽ جدوجهد ڪريون ٿا، اُها قومي ۽ طبقاتي سياست جا نظرياتي بنياد سگهارا ڪرڻ کانسواءِ ممڪن ئي نه آهي .اسانکي هڪ ڳالهه ياد رکڻ گهرجي ته نظرياتي سياست جي سگهه جا سرچشما عالمگير آهن ۽ ڦورو وڏيرڪي سياست جي سگهه جو دائرو محدود آهي. اسانکي سنڌ ۾ گهڻين سياسي پارٽين جي وجود تي اعتراض نه ڪرڻ گهرجي، اسانجو اصل اعتراض اهو هئڻ گهرجي ته اُهي سگهاريون ڇو نه آهن. انهن جي اڳواڻن ۽ ڪارڪنن جو معيار وڏيڪ اتساهيندڙ ڇو نه آهي؟ انهن جو نظرياتي معيار ۽ سياسي اخلاق سماج جي وسيع اڪثريت کي لوڏي ۽ ڌوڏي ڇو نه ٿو؟ اها ساڳي ڳالهه اسانجي اديبن ۽ دانشورن تي به لاڳو آهي، جن کي نظرياتي سياست جو اڳواڻ دستو هئڻ گهرجي. مان نه ٿو سمجهان ته ڪو نظرياتي سگهه کانسواءِ انسان تبديل ٿي سگهي ٿو، ذاتي مفادن کان مٿانهون ٿي سگهي ٿو، بي لوث ڪمٽمينٽ ۽ قربانين جو رول ماڊل ٿي سگهي ٿو ۽ سڀ کان وڏي ڳالهه ته بامقصد عمل جو سُونهون ٿي سگهي ٿو. ماڻهو هڪڙي ڪمزور شئي آهي، ان ۾ اها سگهه فقط سمجهه، شعور، سائنسي، سماجي ادراڪ ۽ مجموعي طور نظرين سبب اچي ٿي. انقلابي ۽ سائنسي نظرين کانسواءِ سياست ۽ سماجي تبديليءَ جو ڪو به عمل بي روح هوندو آهي ۽ اهو پنهنجي هم عصر دور جي طاقت جي توازن جي پيدا ڪيل اسٽيٽسڪو جو غلام ۽ پُيڇهو هوندو آهي. سٺ، ستر ۽ اَسيءَ جي ڏهاڪن ۾ سنڌي سماج ۾ ڇالَ انهيءَ نظرياتي سياست ۽ فڪري ادب سبب آيا ۽ اهي روايتون ئي هيون، جن سنڌ ۾ وڏا ماڻهو پيدا ڪيا. هاڻي به اسانکي سنڌ ۾ نظرياتي سياست جي روايت کي وري سگهارو ڪرڻو پوندو ۽ فقط ۽ فقط تڏهن سياست ۾ معياري تبديلي ايندي، جڏهن ان ۾ اٿاهه ڪمٽمينٽ ايندي ۽ ظاهر آهي ته اُها قوم ۽ عوام جون تقديرون بدلائيندڙ ڪمٽمينٽ، عوام دوست، روشن خيال، سائنسي ۽ ترقي پسند نظرين کانسواءِ ممڪن نه آهي. اسانجي هاڻوڪي سياست نظرين بجاءِ فردن ۾ گهٽي پاڳي شخصيت پرستيءَ تي بيٺل آهي. روايتي وڏيرڪي سياست جو عوام تي اثر عارضي آهي پر عوام دوست نظرياتي سياست جو عوام ۽ سماج تي اثر نسلن تائين هلي ٿو. اهو اثر سماج جي بنيادي ڍانچن، مفادن جي بيهڪ ۽ طاقت جي توازن کي بنيادي طور تبديل ڪري ٿو. هڪ نظرياتي ڪارڪن جي سگهه هزارين روايتي ماڻهن کان وڌيڪ ٿئي ٿي ۽ هڪ نظرياتي سياسي پارٽيءَ جي سگهه روايتي سماجي ڍانچن کان تمام گهڻي مٿيري هجي ٿي. ساڳي طرح هڪ

نظرياتي دانشور ۽ ليکڪ جو اثر روايتي قلمڪارن جي پيٽ ۾ تصور ڪان به مٿي هجي ٿو. ڇاڪاڻ تہ نظرياتي ڪارڪنن، سياسي پارٽين ۽ دانشورن ڪي نہ رڳو تاريخ، سماج ۽ عوام جي محرڪن جو شعور ۽ ادراڪ هوندو آهي، پر منجهن انهن کي تبديل ڪرڻ جي فڪري ۽ عملي سگهہ پڻ هوندي آهي. پاڪستان ۾ رياست جي ڏاڍ، حڪمران طبقن جي تاريخي جبر، قومي ۽ طبقاتي محڪوميءَ، مذهبي انتها پسنديءَ ۽ غير سيڪيولر قوتن کي شڪست ڏيڻ سگهاري نظرياتي سياست، ادب ۽ فڪري روايت کانسواءِ ممڪن نہ آهي. ڇا اسان سنڌ جي قومي ۽ عوامي سياست ۾ نظرياتي روايت ڏانهن واپسي ۽ هڪ نئين دور جي شروعات لاءِ تيار آهيون؟

*(روزاني ڪاوش حيدرآباد، 15 نومبر 2012ع)*

# سنڌ جي قومي سياست گهربل مزاحمت ڇو نہ ٿي ڪري؟

سنڌ، انجي قومي ۽ جاگرافيائي وحدت، قومي مفادن، وسيلن يا ٻوليءَ جي مستقبل کي جيڪي بدترين خطرا درپيش آهن. ان بابت سنڌ ۾ ڪي بہ ٻہ رايا نہ آهن، انڪري اهو موضوع هاڻي بحث طلب ناهي رهيو. پر اصل سوال "نيٺ ڇا ڪجي؟" جو آهي. جنهن تي ڏهاڪن کان سنڌي سماج ۾ مختلف سطحن تي بحث هلندڙ آهي، جيترو اهو سوال اهم ۽ پيچيده يا گهڻ رُخو آهي، انجو جواب بہ ڪو هڪ نہ آهي ۽ نہ وري ٿي سگهي ٿو. جنهن کي سنڌ جو گهڻ-رخو بحران ۽ چئلينج جيئن نظر اچي ٿو اهو پنهنجي پنهنجي سوچ ۽ خيال آهر ان جا حل ڏسيندو رهيو آهي. ڪنهن کي سنڌ جو مسئلو محڪومي نظر اچي ٿو ۽ انجو سارو حل آجپو آهي. ڪنهن کي سنڌ جو مسئلو قومي، جمهوري ۽ طبقاتي اڻ برابري نظر اچي ٿو ۽ انجو حتمي حل "انقلاب" ۾ آهي، ڪنهن کي سنڌ جو مسئلو گورننس جي بحران جي صورت ۾ نظر اچي ٿو ۽ انجو حل سنڌ ۾ ووٽ ذريعي ڪا معياري تبديلي آڻڻ ۾ آهي، جيڪا وطن دوست، عوام دوست ۽ فضيلت ڀري حڪومت ئي آڻي سگهي ٿي. سماجي تنظيمن کي سنڌ جو حل سنڌ جي ترقياتي صورتحال ۾ تبديليءَ ۾ نظر اچي ٿو. مطلب تہ جيئن مسئلو هڪ ناهي، تيئن ان جا حل بہ اڪيچار پيش ٿين ٿا پر انهن سيني تجويز ڪيل واٽن ۾ هڪ ڳالهہ گڏيل آهي ۽ اُها آهي سنڌي سماج جي سياسي سگهہ.
سنڌ جي قومي بحران جي ڪٽي ڪهڙي پاسي کي بہ اهميت ڏجي ۽ انهيءَ لاءِ ڪهڙي بہ تجويز ڪيل حل کي ڪٽي اهم سمجهجي پر سنڌ جي نجات ۽ ترقيءَ لاءِ جنهن بہ واٽ کي اهم سمجهجي پر ان لاءِ غير معمولي سياسي سگهہ لازمي شرط آهي. سنڌ جو الميو اهو آهي تہ هر ڏر وٽ پنهنجو پنهنجو تجزيو ۽ امڪاني حل بہ آهي، پر انکي حاصل ڪرڻ لاءِ وٽس گهربل سگهہ ناهي ۽ الميو اهو آهي تہ ان ڏس ۾ ڪا گهربل سطح جي سنجيدگي بہ نظر نہ ٿي اچي.

سنڌ جي قومي سياست جو عملي طرح مطلب آهي "نہ سڄڻ کي آسرو ۽ نہ دشمن کي ڀئو". سنڌ جي قومي سياست جيڪا انيڪ تنظيمن، گروپن ۽

سياسي ڏارائن ۾ ورهايل آهي، ان يقيني طور سنڌي عوام ۾ سياسي شعور پيدا ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي ۽ سنڌ جي بنيادي اشوز تي واضح موقف اختيار پئي ڪيو آهي، پر ان جي باوجود اها حقيقت پنهنجي جاءِ تي موجود آهي تہ، مخالفت ڪرڻ ۽ وچولي سطح جا جلسا ۽ جلوس ڪيڻ ڪان وڌيڪ اُها جدوجهد ڪرڻ جي اهل نہ آهي. ان جو هڪ وڏو ۽ ويجهو مثال تازو سنڌ ۾ مڪاني نظام خلاف جدوجهد جي افسوسناڪ صورتحال آهي. جيڪي اڳواڻ سنڌ جي حفاظت لاءِ رت جون نديون وهائڻ جون ڳالهيون وڏي واڪ پيا ڪندا آهن، انهن ڪان هيستائين اهو بہ نہ پڇو آهي، جو اُهي رسمي مخالفت ڪان اڳتي وڌي پرامن جمهوري مزاحمت جي مرحلي ۾ داخل ٿين ۽ رياست مٿان گهربل دباءُ وجهن تہ جيئن پ پ پ ۽ متحده جو ناهہ اهو ڪارو قانون واپس وٺڻ تي مجبور ٿئي .اسانجي قومي سياست ڪان تہ ڪوئيٽا جي هزاره آباديءَ وڏي همٿ ڪئي، جن ٽي ڏينهن سخت سيءَ باوجود رستن تي پنهنجن پيارن جا لاش رکي، نلهو ڏيکاءُ وارو نہ پر سچ پچ اهڙو مزاحمتي ڌرڻو هنيو، جنهن حڪومت کي سندن مطالبن آڏو گوڏا کوڙڻ تي مجبور ڪيو. ان ڌرڻي ۾ ڪنهن کي بہ خطاب ڪرڻ يا فوٽو ڪيرائڻ جو شوق نہ هو، جنهن ۾ سندن عورتون، ٻار، ٻڍا ۽ ويندي معذور بہ ٽي ڏينهن ۽ راتيون سخت سرديءَ ۽ برسات ۾ لاش رکي ڌرڻو هٽي ويٺا رهيا. اسان وٽ ان ڪان سئو ڀيرا وڌيڪ اثرائتي مزاحمت ۽ ڌرڻي جي صورتحال هئي ۽ آهي، سڀ ڪان وڏي ڳالهہ تہ عوام ان لاءِ تيار هو ۽ آهي پر ڪٿي آهي اُها جدوجهد، مزاحمت ۽ اورچائي، جيڪا سنڌ دشمن حڪمرانن کي گوڏا کوڙڻ تي مجبور ڪري. عوام کي جيترو سڏ ڏنو ويو، عوام ان جي ڪين ڀرپور موٽ ڏني، جيترا ڀيرا هڙتال جو سڏ ڏنو ويو، سنڌ جي عوام سنڌ بند ڪري ڏيکاري، جنهن بہ ڪو جلوس، جلسو ۽ مارچ ڪيو، عوام ان ۾ شريڪ ٿيو پر جڏهن عوام کي جدوجهد جي اڳئين مرحلي، يعني پرامن جمهوري مخالفت نہ پر مزاحمت لاءِ سڏ ٿي نہ ڏبو تہ ماٺهو پاڻمرادو تہ ڪونہ ڌرڻا هڻندا ۽ شاهراهہ بند ڪندا؟

مون اڳ بہ لکيو هو تہ سنڌ کي هنيل هر گهاءُ دشمن کي ڦهي وجي ٿو، جو اسان جي جدوجهد نلهن جلسن، جلوسن، محدود لانگ مارچن ۽ تقريرن ڪان اڳتي وڌي ئي نہ ٿي. بنگالي بہ رڳو اسان جي قومي سياست جي پارٽين ۽ گروپن وانگر "نہ کپي نہ کپي" جا نعرا هڻندا رهن ها تہ ڇا پنهنجي نجات حاصل ڪن ها! بنگالين جي سگهہ جو اهو حال هو، جو هنن جڏهن چونڊن ۾ ٻيهڻ چاهيو تہ اڪثريتي مينڊيٽ کٽي ڏيکاريائون ۽ جڏهن سندن مينڊيٽ ڪان انڪار ڪيو

ويو ته پوءِ هنن اها مزاحمت ڪري ڏيکاري، جو جنرل نيازيءَ کي ڍاڪا ۾ هٿيار ڦٽا ڪرڻا پيا. اهي هونديون آهن قومي تحريڪون ۽ سندن سگهه. هتي ڍاڪا گذرڻ ڪانپوءِ به نه آزادي پسندن ڪا وِڪَ آڃي لاءِ گهربل طاقت کي حاصل ڪرڻ ڏانهن ڪنئي آهي ۽ نه وري قومي ۽ عوامي جمهوري انقلاب آڻڻ جون ڳالهيون ڪندڙن، انقلاب ڏانهن ڪا وِڪَ ڪنئي آهي. جن دوستن مزاحمت ۽ آڃي جون ڳالهيون ڪيون، اُهي به نسيم نگر کان اڳتي وڌڻ لاءِ تيار نه آهن. ڪٿي آهي اُها پُرامن جمهوري مزاحمت؟ ڀلا سنڌ جي انتظامي ورهاڱي جا بنياد رکندڙ هن مڪاني نظام کان وڌيڪ ڪهڙي قيامت ايندي، جنهن جو انتظار پيا ڪريون؟ حقيقت اها آهي ته سنڌ جي قومي سياست جي دعويدار تنظيمن ۽ سندن تاحيات ليڊرشپ هن ڀيري سنڌ جي عوام کي سخت مايوس ڪيو آهي. سنڌ بچايو ڪميٽيءَ مان سنڌ کي وڏيون اميدون هيون، جيڪو هڪ وسيع تر پليٽ فارم آهي پر ان رڳو هڙتالن جي سڏ ۽ ڪجهه ٿوڪن جلسن ۽ جلوسن کان وڌيڪ ڪوبه پوئتو نه پاريو. سنڌ بچايو ڪميٽي چاهي ها ته سنڌ جي عوام ۾ موجود ڪاوڙ ڏک ۽ مزاحمت جي جذبن کي ڪو دڳ ڏئي، سنڌي عوام کي پرامن جمهوري مزاحمت جي مرحلي ۾ وٺي وڃي ها. "سپنا" جيڪڏهن اهم سياسي ڌرين جو اتحاد آهي، اهو وسيع تر مزاحمت يا جدوجهد ته پري جي ڳالهه، هيستائين رڳو اهو به طئي نه ڪرائي سگهيو آهي ته ايندڙ چونڊن ۾ قاسم آباد مان ڪير بيهندو؟

انفرادي طور به مختلف سياسي پارٽين ۾ سطحي چٽاڀيٽي ۽ مقابلي بازيءَ جو رجحان نظر آيو. نتيجو اهو آهي ته ماضيءَ جيان هن ڀيري به حڪومت مڪاني حڪومت جو اهو ڪارو قانون هضم ڪري وئي آهي. جي اسان جي جدوجهد جي سطح، رفتار ۽ اسڪيل اهو ئي رهيو ته پوءِ سرڪار جي ڪن تي جونءَ به چو چُرندي؟ هن ڀيري اهو وري سچ ثابت ٿيو آهي ته اصل سوال قومي سياست لاءِ موجود گنجائش يا خال جو نه، پر سندن سياسي صلاحيت، گهربل سنجيدگيءَ، اڳواٽيءَ جي معيار ۽ جدوجهد جي سطح جو آهي. عوام ته ڪين هر دفعي ڀرپور موٽ ڏئي ٿو پر سنڌي عوام جون ڪانئن ڪهڙيون اميدون آهن ڪين ان جو احساس ڪڏهن به ناهي رهيو. عوام جون اميدون ته ٿهيو پر ڪين پنهنجين دعوائن مطابق ته عوامي ۽ سياسي قوت گڏ ڪرڻ جو احساس به ڪونهي.

هن ڀيري ته حالت اها هئي جو سنڌ جي اديبن، دانشورن، شاعرن ۽ مجموعي طور سول سوسائٽيءَ جي ماڻهن، جيڪا گڏيل جدوجهد شروع ڪئي، ڪيترن قومپرست اڳواڻن ان جي حمايت ڪرڻ بدران ماڳهين ان خلاف مهم

شروع ڪئي، جنهن مان سندن آسهپ واري سوچ جو اظهار ٿئي ٿو. ٽيون ته ائين گهرجي ها ته هن صورتحال ۾ سنڌ بچايو ڪميٽيءَ يا ڪنهن گڏيل پليٽ فارم تان سگهاري جدوجهد شروع ٿئي ها ته سنڌ جا اديب، دانشور، شاعر، فنڪار، وڪيل، شاگرد ۽ مجموعي طور سول سوسائٽيءَ جا ماڻهو پڻ سندن ساٿ ۾ گڏ هلن ها پر افسوس جو ائين نه ٿيو ۽ نتيجي ۾ حڪمران پرسڪون ۽ بي خوف نظر اچن ٿا.

منهنجي نظر ۾ هيٺيان سبب آهن، جن جي ڪري سنڌ جي قومي سياست جدوجهد جي ميدان تي گهربل مزاحمت نه ٿي ڪري.

سنڌ جون قومي سياست ڪندڙ سياسي پارٽيون مخصوص تاحيات اڳواڻن يا سندن خاندانن جون سياسي جاگيرون آهن، جنهن سبب عوام ۽ روشن خيال طبقي جي وڏي گهڻائي، انهن کان پري آهي. سوال آهي ته تاحيات اڳواڻن ۽ مخصوص خاندانن جي سياسي جاگير طور هلندڙ سياسي پارٽين جي اوليت به آهي ته قوم جا باشعور فرد ۽ حصا سندن صفن ۾ ڇو شامل ٿين؟ پارٽيون فقط تڏهن گهربل سگهه حاصل ڪنديون، جڏهن اُهي عوام جون حقيقي نمائنده هونديون ۽ جنهن ۾ فيصلا ڪي فرد نه پر ادارا ڪندا هجن. جيستائين سنڌ جون قومي سياست جون دعويدار سياسي تنظيمون ۽ گروهه تاحيات اڳواڻيءَ جي مدي، خارج تصور ۽ روايت مان جند آجي نه ڪندا، تيسين انهن ۾ غير معمولي سگهه پيدا ٿئي، اهو ممڪن ئي نه آهي.

حقيقت هيءَ آهي ته سنڌ جون قومي سياست جون دعويدار سياسي تنظيمون ۽ گروهه رسمي يا ٽوڪن جدوجهد کان اڳتي وڌڻ ئي نه ٿيون چاهين، نه ته ڇا جيئي سنڌ تحريڪ، عوامي تحريڪ ۽ ترقي پسند پارٽيءَ کي ڪي گهٽ موقعا مليا، جو اُهي وڏين سگهارين سياسي پارٽين ۾ تبديل نه ٿي سگهن ها. گذريل ڇٽن ڏهاڪن کان اسان چاڪيءَ جي ڏاند وانگر ساڳئي دائري ۾ پيا هلون ۽ سمجهون اهو پيا ته اڳتي پيا وڌون. لڳي ائين پيو ته ليڊرشپ کي تنظيمون گهرجن ئي ايتريون ٿيون، جو اُهي بس رڳو جلسا جلوس ڪيدي سگهن. وسيع تر عوام جي شرڪت يا غير معمولي ۽ لڳاتار جدوجهد جي سندن اوليت هجن ها ته اُهي عنصر سندن ڪردار، عمل ۽ جدوجهد مان نظر ڪيئن نه اچن ها؟ سندن اڳواڻيءَ جي ڪردار جو ڪم کين گهربل ايتري ٽوڪن جدوجهد مان هلي ٿو وڃي. ڪالاباغ ڊيم ته ڪٽي روڪرائي وياسين ۽ ان ۾ عوامي جدوجهد سان گڏ ٻيا به سبب هئا پر ڀلا ساڳي مخالفت گريٽر ٿل ڪئنال خلاف به ته ڪئي وئي، پوءِ اُهو ته نهي ويو اسان ڇا ڪيو؟ ڇا اهو ٿيڻ

نہ ڪيندو هو تہ موجوده حڪومت جي اچڻ شرط هڪ وسيع مزاحمتي جدوجهد شروع ٿئي ها تہ اها رٿا رد ڪريو پر جڏهن هنن اهو ناهڻ چاهيو تہ اهو ڪئنال اسانجي اکين اڳيان نهي ويو. ائين ئي ماضيءَ ۾ پنوعاقل ڇانوڻي ٺهي هئي. ائين ئي ڏارين جي آبادڪاريءَ بابت اسانجي جدوجهد سان ڪو خاص فرق نہ پيو. سنڌي ٻوليءَ بابت اسان جي صورتحال اها ئي ساڳي آهي پر ماڳهين وڌيڪ خراب آهي. وڏن شهرن جي مالڪيءَ جي دعويٰ جو عملي نتيجو ڇا آهي؟ قومپرست تنظيمون ڪراچيءَ ۾ پلاٽن تي قبضن کان وڌيڪ اتي رهندڙ چاليهہ لک سنڌين کي ڪيترو مُنظم ڪري سگهيون آهن؟ جنهن اقتدار پرست وڏيرڪي طبقي کي اسان گذريل پنجن ڏهاڪن کان سنڌ جو بدترين اندروني دشمن سمجهيو آهي، ان کي اسانجي قومي سياست مان عملي طرح ڪهڙو خطرو آهي؟ ساڳي صورتحال شهرن ۾ دهشتگردن جي آهي، انهن کي اسانجي هاءِ گهوڙا مان عملي طور خطرو آهي ڪهڙو؟ دشمن کي هميشہ خطرو محسوس ٿيندو آهي سگهہ مان، اها اسان وٽ ان سطح جي آهي ئي ڪانہ ۽ نہ ئي انجو ارادو ٿو ڏسجي. سياست نظريي، شعور، عملي جدوجهد، عوام جي شرڪت ۽ تنظيم ذريعي متبادل سگهہ پيدا ڪرڻ جو شعبو آهي. باقي جيڪڏهن رڳو دانهون ڪرڻيون آهن تہ پوءِ ان لاءِ سماج وٽ ٻيا شعبا بہ موجود آهن.

ٽين ۽ آخري ڳالهہ تہ، سنڌ جي قومي سياست جي دعويدار سياسي پارٽين وٽ اشوز جي سياست کانسواءِ ڪو وڏو ڊگهي مُدي وارو پروگرام نظر نہ ٿو اچي ۽ ان کان بہ وڌيڪ اهم سوال تہ وٽن پنهنجي جدوجهد ۽ مقصد جي ڪاميابيءَ لاءِ ڪا بہ ڊگهي مدي واري حڪمت عملي نہ ٿي ڏسجي. جيڪڏهن ڪنهن تنظيم وٽ ڪا ڊگهي مدي واري حڪمت عملي آهي تہ پوءِ اها ڪٿي آهي؟ اها سندن عمل ۽ نتيجن مان محسوس يا نظر ڇو نہ ٿي اچي؟ اسانجون تنظيمون مخصوص ۽ تاحيات اڳواڻن پنيان هلندڙ ماڻهن جا اهڙا گروهہ آهن، جن کي ڪا بہ خبر ناهي تہ سندن تنظيمن جي منزل ۽ واٽ ڪهڙي آهي ۽ اهم ڳالهہ تہ اُها منزل ڪيئن حاصل ڪبي؟

ڇا 5 ڪروڙ سنڌي ماڻهن جي نصيب ۾ اهي ويهن کان وڌيڪ منتشر سياسي تنظيمون ۽ گروهہ هوندا، جيڪي گڏجي سنڌ پيپلز لوڪل گورنمينٽ ايڪٽ 2012ع خلاف ڪو اهڙو ڌرڻو بہ هڻي نٿا سگهن، جو رياست ۽ حڪومت ان جو نوٽيس وٺڻ تي مجبور ٿئي. وقت اچي ويو آهي تہ، سنڌي عوام پ پ پ، پي ايم ايل (ف) جهڙين پارلياماني پارٽين سان گڏوگڏ سنڌ جي انهن تنظيمن، اڳواڻن ۽ گروهن جو بہ احتساب ڪن، جن جدوجهد جي ميدان تي سنڌ کي

سخت مايوس ڪيو آهي. ڇا اسانجي قومي سگهه ڪوئيٽا جي هزاره آباديءَ جيتري به نه آهي؟ منهنجو تجربو اهو آهي ته، جڏهن سنڌ جي قومي سياست جي دعويدار سياسي تنظيمن ۽ گروهن تي ڇڱيءَ نيت سان جائز تنقيد ٿي ڪبي آهي ته سندن ردعمل هميشه تمام منفي هوندو آهي. سنڌ جي سيني قومي سياست جي دعويدار تنظيمن ۽ گروهن کي گذارش آهي ته، سندن اهڙي سطحي ۽ خود فريب رد عمل سان ڪجهه نه ورندو. ڪين حقيقت پسند ٿيڻو پوندو، پنهنجي ڪمزورين جو ادراڪ رکڻو پوندو ۽ انهن جي حل لاءِ عملي ثبوت ڏيڻو پوندو ۽ سڀ کان وڏي ڳالهه ته ڪين سنڌ جي اڳواٽيءَ لاءِ پنهنجي اهليت کي نعرن ۽ دعوائن سان نه پر عمل ۽ نتيجن سان ثابت ڪرڻو پوندو.

مان سمجهان ٿو ته، اهو ڪري سگهجي ٿو. سچي سنڌ جو عوام، دانشور، اديب، شاعر ۽ سول سوسائٽي ان لاءِ تيار نظر اچي ٿي، پر اُها ڪنهن جي پويان لڳي؟ اهو وڏو بنيادي سوال آهي، جنهن جو جواب سنڌ جي سياست لاءِ هڪ وڏو چئلينج به آهي ته سندن لاءِ هڪ تاريخي موقعو پڻ. ماضيءَ ۾ اسان گهڻا تاريخي موقعا وڃائي ڇڏيا، ڇا هن ڀيري ڪنهن حقيقي قومي سياسي مزاحمت ۽ سگهاري جدوجهد جي اميد ڪجي؟

*(روزاني ڪاوش حيدرآباد، 23 جنوري 2013ع)*

# سنڌ جي احتجاج کي سگهاري سياسي مزاحمت ڏانهن ڪيئن وٺي وڃجي؟

پ پ پ-ايم ڪيو ايم سرڪار طرفان گورنر معرفت مڙهيل ۽ سنڌ اسيمبليءَ ذريعي پاس ڪرايل مڪاني حڪومتن جي سنڌ دشمن آرڊيننس ۽ بل خلاف سنڌي ماڻهن جي جدوجهد هر سطح تي جاري آهي، جنهن ۾ سنڌ جي قوم دوست ۽ ترقي پسند پارٽين، سنڌي ميڊيا، ليکڪن، اديبن، دانشورن، شاعرن ۽ سماج جي مختلف سجاڳ حلقن ۽ حصن جو ڳڻڀيل ڪردار شامل آهي. هڪ طرف سنڌي ماڻهن جو احتجاج جاري آهي ته ٻئي طرف متحده پنهنجي ڪاميابيءَ تي فاتحانه انداز ۾ جشن ملهائي رهي آهي ۽ پ پ پ جي حڪومت پنهنجي هن فيصلي تي لڇي ٽيڻ بجاءِ وڌيڪ اڳرائي پسند رويي سان وزيرن معرفت سخت بيان جاري ڪري رهي آهي.

سنڌ اسيمبليءَ مان پاس ڪرايل ان بل کانپوءِ سنڌ ۾ سياسي طور ڪجهه بنيادي سوال اُڀري آيا آهن جن تي اسانکي ڳڻڀيل طور غور ڪرڻو آهي ۽ انهن جا ممڪن حل ڪيڻا آهن.مان انهن بابت پنهنجا خيال، انديشا ۽ صلاحون هيٺ پيش ڪرڻ چاهيان ٿو.

(1) سنڌ ۾ مڪاني ادارن جو لاڳو ڪيل هي بدترين نظام رڳو مڪاني نظام جي ڳالهه ناهي، پ پ پ جي ڳذريل چئن سالن جي حڪومت اهو ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ته سنڌي ماڻهو اڪثريت ۾ هئڻ باوجود سنڌ جي وحدت تي ميري نظر رکندڙ ڏر وٽ يرغمال بڻايا ويا آهن. سنڌي ماڻهو سنڌ اسيمبليءَ مان پنهنجن تاريخي، قومي، سياسي، معاشي ۽ ثقافتي مفادن تحت ڪابه قانونسازي نه ٿا ڪري سگهن. سوال آهي ته جي سنڌ اسيمبليءَ مان به سنڌي پنهنجي قومي مفادن لاءِ ڪوبه بل پاس يا رد ڪرائي نه ٿا سگهن ته پوءِ ڇا دنيا ۾ بي ڪا اهڙي اسيمبلي آهي، جنهن مان ڪو سنڌ دوست قانون پاس ڪري سگهجي ٿو. جمهوريت ان لاءِ هوندي آهي ته عوام جي گهڻائي پنهنجي ڳڻڀيل مرضيءَ تحت، پنهنجي جائز مفادن لاءِ قانونسازي ڪري سگهي پر پاڪستان ۾ سنڌي اُها واحد قوم آهي، جيڪي هن موجوده جمهوري سڏجندڙ نظام اندر به

متحده جي ڪردار ۽ پ پ پ جهڙين موقعي پرست پارٽين سبب ان آئيني حق کان عملي طور ۽ ڄڻ تہ مستقل طور محروم رکيا ويا آهن. جي صورتحال اها رهي تہ پوءِ سنڌي ماڻهن کي اهڙي ڳيجهو جمهوريت ۽ اسيمبلين ۾ ڪهڙو ويساهہ باقي رهندو.؟ ۽ ڀلا ڇو رهندو؟ ان جو مطلب تہ پ پ پ رڳو سنڌ ۽ سنڌي عوام جي مينڊيٽ جي توهين ۽ تذليل ئي نہ پر ڄڻ تہ عملي طور اهو طئي ڪري ڇڏيو آهي تہ سنڌ جي پارلياماني سياست ۾ عملي طور سِڪو متحده جو هلندو. سنڌي ماڻهو رڳو اقتداري سياست جي رانديگر پارٽين کي ووٽ ڏيندا رهندا تہ جيئن اُهي سنڌ جو سودو ڪري سگهن. سنڌ واقعي وڏو ڪاربار آهي. هيو تہ ٺهيو پر لياقت جتوئي ۽ ارباب غلام رحيم بہ هاڻي رات وچ ۾ قومپرست ٿي ويا آهن. نصرت سحر عباسي ۽ مارئي راشديءَ کي تہ شابس آهي پر ڇا مسلم ليگ (ف) سياڻي "وارو" ملڻ تي متحده سان گڏجي اهو ساڳيو ڏنڊو نہ ڪندي؟ ان جي ڪهڙي ضمانت آهي؟ ڇا پي ايم ايل (ن) ۽ ٻيون ڌريون متحده سان گڏجي اهو سڀ ڪجهہ نہ ڪنديون، جيڪو گذريل پنجويهہ سالن کان سڀ ڌريون واري واري سان ڪنديون رهيون آهن. هن ڀيري سنڌي ماڻهن کي ڪنهن سان بہ انڌو وهنوار ڪرڻ جي روش ختم ڪرڻي پوندي. جي پ پ پ سنڌ جو سودو ڪيو آهي تہ مسلم ليگ (ف) ۽ مسلم ليگ (ق) ۽ مسلم ليگ (ن) بہ ماضيءَ ۾ ڪرسيءَ خاطر سنڌ تي ڪوبہ ڪارو وار ڪرڻ کان نہ ڪيٻايو آهي. اقتدار پرستيءَ جي هن حمام ۾ ڪير آهي جيڪو پنهنجي ٻي لباسيءَ کان انڪار ڪندو؟ ايندڙ چونڊون انڪري سنڌي عوام لاءِ وڏو امتحان هونديون.

(2)مڪاني نظام جي بل خلاف سنڌي عوام جي مخالفت ۽ هاءِ گهوڙا جاري آهي پر سوال آهي تہ ڇا اِها جدوجهد ڪنهن توڙ ۽ نتيجي تائين وينديي يا ماضيءَ جيان اِها بہ حالتن جي جبر سان اڻ اعلانيل ٺاهہ ڪري ڇڏيندي؟ 1988ع ۾ اسان جدوجهد ڪئي تہ "بهاري نہ کپن". اڌائي لک بهارين لاءِ "نہ کپي نہ کپي" ڪندي بہ ڪراچيءَ ۾ ٽيهہ لک غير قانوني بهاري، برمي، بنگالي، افغاني، پناڻ ۽ سڄيءَ دنيا جا ڪِروڙ اچي هتي ڪٺا ڪيا، جن کي اسانجي ٺلهي "نہ کپي نہ کپي" مان شايد ڪوبہ خطرو نہ آهي. ان ڪانپوءِ اسان پنو عاقل ڇانوڻي جي خلاف جدوجهد ڪئي. اسان نعرا هڻندا رهياسين پر اها ڇانوڻي اسانجي اکين آڏو نيٺ ٺهي وئي. سنڌ جي درياهہ ۽ پاڻي بچائڻ لاءِ اسانجي جدوجهد کي اڌائي ڏهاڪا ٿي چڪا آهن، ڪالاباغ ڊيم ڪٿي نہ ٺهيو پر سنڌ جي پاڻيءَ جي ڦرلٽ تہ بند نہ ٿي .آمريت هجي يا جمهوريت، پنجاب کي پاڻي چوريءَ کان ڪير بہ روڪي نہ سگهيو .گريٽر ٿل ڪئنال خلاف مشرف جي دور ۾ اسان لڳاتار

جدوجهد ڪئي پر نہ رڳو انجي اڏاوت جاري رهي پر ان پ پ حڪومت جي دور ۾ اها درياهہ دشمن رِٿا مڪمل ٿي، جيڪا ان خلاف جدوجهد جو هڪ اڳواڻ دستو هئي. "هي شهر ڪنهن جا-سنڌين جا" ..."هي رستا ڪنهن جا-سنڌين جا؟" جا نعرا هڻندي اسان کي ڏهاڪا گذري ويا آهن پر هاڻي تہ هن مڪاني نظام جي صورت ۾ اسانجي چونڊيل سرڪار اُهي شهر ۽ رستا متحده کي قانوني طور لکي ڏئي ڇڏيا آهن. ڏسجي تہ اها ڪهڙي اسيمبلي هوندي جيڪا انکي رد ڪندي؟ جيڪي ڏريون اڄ اسيمبليءَ ۾ انجي مخالفت ڪري رهيون آهن، اُهي سياڻي اقتدار ۾ پاڳي پائيواريءَ جي ڊوڙ ۾ شامل هونديون. اهو مڪاني ادارن جو بل ڪنهن کي ياد رهندو؟ سياڻي چونڊن ڪانپوءِ هن سرشتي ۾ جيڪي ميمبر ڪروڙين رپيا خرچ ڪري ايندا، اُهي پهرين پنهنجا مُور ڪڍندا ۽ ڪمائڻ جي رِٿا بندي ڪندا يا سنڌ جي واهر ڪندا.؟ 1937ع کان هيستائين تہ ائين ناهي ٿيو هاڻي وري ڪهڙا جاننا جوان ۽ سُورما اسيمبليءَ ۾ چونڊجي ايندا، جيڪي اقتدار ۽ ڪُرسيءَ کي لَتَ هڻي سنڌ جا ڏٽي ٿي بيهندا!.

"سنڌي ٻولي-قومي ٻولي" لاءِ تحريڪون جام هليون پر اسان اُها ڪنهن بہ سطح تي سرڪاري ٻوليءَ طور مڃرائڻ تہ پري رهيو پر خانگي اسڪولن کي بہ مجبور نہ ڪري سگهيا آهيون تہ اُهي يقيني طور سنڌيءَ کي پڙهائين. سنڌ مان تيل 56 سيڪڙو ۽ گئس 71 سيڪڙو نڪري ٿي پر اڃا تائين اسان سرڪار يا ڪوٺائي ڪندڙ ڪمپنين کي مجبور نہ ڪري سگهيا آهيون تہ اُهي عالمي قانونن تحت انهن علائقن کي ترقي ڏيارين، جتان تيل ۽ گئس نڪرن ٿا. اهڙا سوين ٻيا مثال ڏئي سگهجن ٿا .منهنجي چوڻ جو اهو هرگز مطلب ناهي تہ اسان جدوجهدون نہ ڪيون آهن پر بهرحال اهو سوال تہ پنهنجي جاءِ تي موجود آهي تہ اسان جون دانهون اِتي ئي ڇو ٿيون رهجيو وڃن ۽ سنڌ ۽ سنڌين خلاف هر ڪڏو عمل ڪاميابيءَ سان ٿيو وڃي. سوال آهي تہ ڇا هن پيري بہ ائين ئي ٿيندو؟ اسانکيَ ان سوال تي غور ڪرڻو پوندو تہ آخر ڪهڙي کوٽ آهي اسانجي جدوجهد ۽ حڪمت عمليءَ ۾، جو اسان جي ڪابہ جدوجهد نتيجي تي نہ ٿي پُڄي؟ منهنجيءَ نظر ۾ انجا ٽلهي ليکي بہ سبب آهن: هڪ تہ اسان وٽ اهڙي ڪابہ وڏي سگهاري تنظيم ڪانهي، جيڪا وڏيون اثرائتيون جدوجهدون هلائي سگهي ۽ وسيع تر سنڌي عوام کي انهن ۾ شامل ڪري سگهي. اسانجي سمورين جدوجهدن ۾ سنڌي عوام جو پنج سيڪڙو بہ شامل ناهي. جيتوڻيڪ سنڌي عوام انهن ۾ شامل ٿيڻ چاهي ٿو پر ڪنهن بہ تنظيم ۾ ايتري صلاحيت ناهي جو اُها ڪروڙين عوام کي متحرڪ ڪري سگهي ۽ هن نظام ۽ قوتن کي

اهو سڀ ڦهيو بہ انڪري آهي. هيو تہ اسانجي جدوجهد ۾ قربانين جي سطح ٻنهہ هيٺين درجي جي آهي. سويون واقعي سِرَ گهرن ٿيون، جيڪي اسان ڏيڻ جي ڳالهہ تہ ڪريون ٿا پر عملي طور اسانجي سياسي قيادت، دانشور، اديب، ڪارڪن، سول سوسائٽي ڏيڻ لاءِ تيار ناهي. هيءَ رياست اسانجون دانهون هضم ڪري وٺي آهي ۽ اسانجي جدوجهد مخالفت ڪان اڳتي وڌي پُرامن جمهوري مزاحمت جي دائري ۾ داخل نہ ٿي سگهي آهي.

جيتوڻيڪ اسانکي پر امن جمهوري ۽ عوامي مزاحمت ٿي سُونهين ٿي، پر اُها هجي بهرحال مزاحمت. اسانکي جدوجهد جا اُهي پُر امن سگهارا رستا اختيار ڪرڻا پوندا، جن ڪان رياست سچ پچ بہ ڪو دٻاءُ محسوس ڪري.. خواريءَ جو پوڄ هُنن کي ڪونهي.

مان محسوس ڪري رهيو آهيان تہ سنڌي نوجوانن ۾ انتها پسند لاڙا بہ اُڀري رهيا آهن پر حقيقت اها آهي تہ انتها پسند مهم جُوئي اسان لاءِ سياسي خودڪشي برابر هوندي. اڃا اسان پر امن عوامي مزاحمت جي سگهہ بہ پنج سيڪڙو استعمال نہ ڪئي آهي. اسانکي هڪ ٻئي تي پاڙڻ يا هڪ ٻئي ڪان جدوجهد ۾ ڪريڊٽ کڻڻ جي گوءِ ڪرڻ بدران جدوجهد ۽ قربانيءَ جو دائرو وسيع ڪرڻو پوندو ۽ انجي سطح پڻ مٿي ڪرڻي پوندي. جان جي قرباني تہ وڏي ڳالهہ آهي. اسان مان گهڻا آهن، جيڪي سچ پچ بہ پنهنجي صلاحيتن، وقت ۽ وسيلن جو وڏو حصو سنڌ لاءِ جدوجهد تي خرچ ڪن ٿا يا جن جي اوليت سنڌ ۽ سنڌين جا قومي مفاد هجن. اسين سڀ مڙئي ڪم ٽپائڻ ۾ لڳا پيا آهيون پوءِ اُهي قومپرست سياسي پارٽيون هجن يا ميڊيا، دانشور هجن يا اديب ۽ سماج جا سجاڻ حلقا. سنڌ کي گهربل نتيجا ظاهر آهي تہ ائين ڪونہ ملي سگهندا. مان ٻين تي آگر کڻڻ بجاءِ پنهنجي آگر پهرين پاڻ تي کڻان ٿو. سنڌ کي نتيجا تڏهن ملندا جڏهن ڏيانَ، صلاحيت، وقت ۽ وسيلن جي قرباني تہ گهٽ ۾ گهٽ ڏيڻي پوندي باقي وڏيڪ جو تہ ڪو ڇيهہ ناهي.

3. سنڌي سماج ۾ اڳ ئي پر تشدد لاڙا وڌي رهيا آهن. انڪري سنڌ جي جائز جدوجهد تي ميري نظر رکندڙ ڏريون چاهينديون تہ سنڌ جي هن احتجاج ۽ جدوجهد کي پرتشدد رخ ۾ وٺي وڃجي تہ جيئن اها بدنام ٿئي، عوام بہ ان ڪان پري ٿي بيهي ۽ اُها ناڪام بہ ٿئي. پ پ جا ارادا بہ اهڙا ئي ٿا ڏسجن. انڪري سمورين وطن دوست ۽ قوم دوست سياسي پارٽين کي تمام گهڻو محتاط رهڻو پوندو تہ جيئن سنڌ ۾ ڪابہ گهرو سياسي ويڙهہ ٿيڻ جو ڪو بہ امڪان نہ رهي. هن حساس موقعي تي ڪابہ انتها پسند مهم جوئي، پر تشدد ڪارروائي يا

اڳرائي پسند واقعو سنڌ جي هن جدوجهد کي ڪاپاري ڌڪ هڻي گوڏن ڀر ويهاري سگهي ٿو. اسانکي پنهنجين اڳوڻين سياسي روايتن جيان ڀر امن سياسي جدوجهد جا سگهارا رستا اختيار ڪري وسيع تر عوامي سگهه سان اڳتي مسلسل وڌي، هن جدوجهد کي ڪنهن منطقي نتيجي ۽ توڙ تي رسائڻو پوندو. اسانکي قومي ۽ سياسي طور مخالفت کان مزاحمت تائين اڳتي ضرور وڌڻو آهي پر ان جدوجهد کي نهايت ڏاهپ، احتياط ۽ سياسي انداز ۾ هلائڻو آهي، تڏهن ڏاڪي به ڏاڪي عوام وسيع طور هن جدوجهد ۾ شامل ٿيندو ۽ اهو دٻاءُ پيدا ٿيندو جيڪو حڪمرانن کي عوام دشمن فيصلا بدلائڻ تي مجبور ڪندو آهي.

ان ڏس ۾ منهنجيون هيٺيون تجويزون آهن:

1. سنڌ ۾ مڪاني نظام خلاف جدوجهد لاءِ گهڻا پليٽ فارم استعمال ڪرڻ بجاءِ هڪ پليٽ فارم کي اپارجي. سنڌ بچايو ڪميٽي اهو پليٽ فارم ثابت ٿي سگهي ٿي پر ان جو دائرو وسيع ڪجي ۽ اُن کي گڏيل اڳواڻيءَ جي اصول تحت هلائجي. سنڌي دانشورن ۽ اديبن کي به ان ۾ شامل ڪجي.
2. سنڌ ۾ وڏيون شاهراهون بند ڪرڻ لاءِ طويل ۽ عوام جي وسيع شرڪت سان لڳاتار ڌرڻا هڻجن.
3. سنڌ ۾ مڪاني نظام جو متبادل تجويز ڪجي، جيڪو ماهرن جي مدد سان ٺاهجي ۽ متفقه طور پيش ڪجي.
4. جيڪي پارٽيون اڄ اسيمبليءَ ۾ هن نظام جون مخالف آهن، انهن کان وچن ونجي ته اُهي چونڊن کانپوءِ هن نظام خلاف جدوجهد کي اوليت ڏينديون ۽ متحده سان ڪو به سنڌ دشمن ڪمپرومائيز نه ڪنديون.
5. جدوجهد جو مکيه مرڪز وڏن شهرن کي ٺاهجي ۽ ٻيون ٻوليون ڳالهائيندڙ سنڌ دوست ماڻهن کي گڏ ڪڄجي.
6. سنڌ جو هر باشعور ماڻهو هن جدوجهد ۾ پنهنجيءَ پتيءَ جو ڪردار ادا ڪري ۽ عملي ڪم ۾ حصو وٺي.
7. چونڊن کان اڳ گڏيل پليٽ فارم تان هڪ "سنڌ ايجنڊا" پيش ڪجي ۽ ايندڙ چونڊن ۾ ڪنهن فرد يا پارٽيءَ جي حمايت يا مخالفت جو بنياد ان "سنڌ ايجنڊا" کي ٺاهجي.
8. سڄي ملڪ ۾ اثرائتي رابطي ڪاري ۽ لابنگ ڪري تڪراري مڪاني نظام آڻيندڙن کي اڪيلو ڪجي ۽ سنڌ ايجنڊا لاءِ ٻين ڌرين کان حمايت وٺڻ جي ڪوشش ڪجي.

*(روزاني ڪاوش حيدرآباد، 9 آڪٽوبر 2012ع)*

# سنڌين جي مزاحمت ۽ جدوجهد جو دائرو
# اڃا به وسيع ٿيڻ گهرجي!

اسان وٽ عام طور تي سڄو ڌيان پنهنجين ڪمزورين ۽ ناڪامين جو پٽڪو ڳهٽو ٿئي ٿو پر هن ئي سماج ۾ روز ٿيندڙ جزوي ڪاميابين ۽ اُتساهيندڙ پيش قدمين جو ذڪر گهٽ ٿئي ٿو. ان جا ڳُلهي ليکي به سبب آهن. هڪ ته اسان وٽ پٽڪي جو لاڙو نفسياتي طور وڏي ويو آهي ۽ ٻيو ته هيءُ سماج ايترو ته ورهايل آهي جو جيڪڏهن ڪو سُٺو ڪم ڪو هڪ فورم يا گروهه ڪري ٿو ته ان لاءِ ٻين گروهن يا فردن طرفان اڻ سهپ جو لاڙو فوري طور سامهون اچي ٿو وڃي. مثبت ۽ گڏيل مفادن جي اک سان شين کي ڏسڻ جي روايت اسان وٽ اڃا وڏي پئماني تي اُسري نه سگهي آهي.

ان حوالي سان ڪراچيءَ ۾ ٿيل سنڌ لٽريچر فيسٽيول جي ڪاميابي سڄيءَ سنڌ لاءِ هڪ بيحد اُتساهيندڙ حاصلات آهي. وِڏون ڪيڻ وارا ته ان مان به انيڪ خرابيون ڪڍي ايندا پر حقيقت اِها آهي ته اها هڪ بيحد ڪامياب، اُتساهيندڙ ۽ سنڌ ۽ سنڌين کي هڪ نئين سڃاڻپ ڏيندڙ سرگرمي هئي، جنهن ۾ ليکڪن، شاعرن ۽ ڪارڪنن سان گڏ وڏي پئماني تي نوجوانن پڻ شرڪت ڪئي. هن سرگرميءَ ۾ اُهو سڀ ڪجهه هو، جيڪو اسان پنهنجي سماج ۾ ڏسڻ چاهيون ٿا، يعني روشن خيالي، سيڪيولر سوچ، ٻوليءَ سان محبت جو تخليقي اظهار، ادب، سياست ۽ سماج بابت تنقيدي ۽ تجزياتي بحث مباحثا، راڳ، رقص، موسيقي، مصوري ۽ ڪلا ڪيتر جا سڀ رنگ ۽ سڀ کان اهم ڳالهه نوجوان نسل کي انتهاپسنديءَ کان بچائي انهن تخليقي ۽ مثبت سرگرمين ۾ شامل ڪرڻ جو موقعو. ڪامياب ۽ اثرائتو سنڌ لٽريچر فيسٽيول اسان جي خوابن جي روشن خيال، سيڪيولر ۽ انسان دوست سنڌ جو هڪ ننڍڙو اولڙو هو. ان جي هڪ ڪاميابي ۽ سُٺي ڳالهه اِها به هئي جو ان ۾ لساني يا قومي تنگ نظريءَ جو ڪوبه اولڙو نه هو. مختلف ٻوليون ڳالهائيندڙ ۽ ٻين قومن يا ٻوليائي گروهن سان تعلق رکندڙ اديب، صحافي، سياستدان ۽ دانشور پڻ بحث مباحثن جو اهم حصو رهيا. سنڌ جو اهو ظرف ۽ روشن خيالي هر

فورم تي قائم ۽ سلامت رهڻ گهرجي. ڇاڪاڻ تہ هر قسم جي تنگ نظري اسان کي اڪيلائيءَ ۽ منفيت جي ڏُهڻ ۾ ڪيرائيندي ۽ روشن خيالي ۽ انسان دوست سيڪيولر سوچ اسان کي اڳتي وڌڻ جا وسيع ميدان ئاهي ڏيندي.

سنڌ ۾ هڪ عام تاثر اِهو آهي تہ سنڌي سماج ۾ هاڻي مزاحمت جو جوهر نہ رهيو آهي. مان ان خيال سان بلڪل بہ سهمت نہ آهيان، نہ رڳو سهمت نہ آهيان بلڪ ان جي اُبتڙ سوچ رکان ٿو. سماجَ حالتن آهر پنهنجون مزاحمتي شڪليون بدلائيندا رهن ٿا. مارشلائن جي دورن ۾ مزاحمت جون جيڪي شڪليون هجن ٿيون، اُهي آئيني ۽ سياسي دورن تي ساڳيءَ طرح لاڳو نہ ٿيون ٿي سگهن. مان سنڌ ۾ وڌندڙ ثقافتي، ادبي ۽ فڪري تحرڪ کي پڻ موجوده حالتن ۾ سنڌين جي پُرامن مزاحمت جي هڪ سَگهاري شڪل سمجهان ٿو. اُها ٻي ڳالهہ آهي تہ سنڌي سماج کي گڏوگڏ سَگهاري پُرامن سياسي ۽ سماجي مزاحمت جي پڻ وڏي گهرج آهي. پُرامن گهڻ رُخي مزاحمت جي حوالي سان منهنجيءَ نظر ۾ سنڌين جي مزاحمت جو پاڪستان ۾ بنگالين کانپوءِ ٻيو ڪو مثال نہ آهي. بلوچستان جي مزاحمت جي جيئن تہ شڪل پُرامن گهٽ آهي، ان ڪري ان جو احترام تہ ڪري سگهجي ٿو پر ان کي سنڌ سان ڀيٽي نہ ٿو سگهجي، ڇاڪاڻ تہ ٻنهيءَ جا محرڪ، ميدان ۽ شڪليون مختلف آهن.

موجوده حالتن ۾ هڪ طرف سنڌ جي سماج جي مختلف منفي توڙي مثبت لقائن کي سمجهڻ جي ضرورت آهي تہ ٻئي طرف ان کي اتساهہ ڏيڻ جي ضرورت پڻ آهي. هر شيءِ ۾ منفيت، هر شيءِ کي رد ڪرڻ، هر ڪم مان رڳو وِڏون ڪيڻ ۽ سڄو ڏينهن خود مذمتيءَ اسان جي سماج ۾ اُتساهہ کي گڏريل ٻن ڏهاڪن کان وڏو ڌڪ هنيو آهي. هاڻي ان صورتحال کي تبديل ڪرڻ جي ضرورت آهي. سمورين اندروني ڪمزورين ۽ ڪيترين ناڪامين باوجود مجموعي طور سنڌي سماج جي هنج انيڪ ڪاميابين کان قطعي خالي نہ آهي. انهن کي رڳو ڏسڻ، سمجهڻ ۽ انهن مان سماج لاءِ وڌيڪ اُتساهہ پيدا ڪرڻ جي ضرورت آهي. ان حوالي سان سنڌين جي هيٺين وڏين پر بظاهر نظر نہ ايندڙ ڪاميابين تي غور ڪرڻ گهرجي:

(1) 1955ع ۾ ون يونٽ جي قيام سان ۽ ملڪ جي سمورن آئينن ۾ قومن جي وجود جي انڪار باوجود سنڌي پنهنجي قومي تشخص ۽ وجود بچائڻ ۾ ڪامياب ويا آهن. مان سمجهان ٿو تہ هاڻي خطرو اسان جي وجود کي گهٽ پر ادارن، وسيلن، انفرادي آزادين، انساني حقن، صنفي برابري، معاشي وسيلن ۽ پورهيت طبقي لاءِ سماجي انصاف جي تقاضائن کي وڌيڪ آهي. سنڌي

مجموعي طور وجود جي خطري يعني Existential Threat مان نڪري آيا آهن ۽ هاڻي ايڪويهين صديءَ ۾ هن هيڏي ساري متحرڪ سماج جي قوم جو وجود ڪير ٿو ميساري سگهي؟ ائين ناهي تہ ڪو سنڌين اها وجود جي جنگ رڳو ون يونٽ جي ڏيڍ ڏهاڪي ۾ وڙهي هئي پر حقيقت اها آهي تہ سنڌي ماڻهو اِها جنگ انيڪ نظر ايندڙ ۽ نظر نہ ايندڙ ميدانن تي روز ۽ هر گهڙيءَ وڙهي ٿو. هاڻي قومن جي وجود جي انڪاري رياستي نقطہ نظر ۽ آئين باوجود سنڌين جو قومي ۽ تاريخي وجود هڪ اهڙي حقيقت آهي، جنهن کان انڪار جي جرئت هاڻي ڪوبہ نہ ٿو ڪري سگهي. سنڌ جي بظاهر گهٽ ڪامياب قومي عوامي جدوجهد مجموعي طور سماج جي اها هڪ وڏي ڪاميابي آهي.

(2) هن رياست سدائين سنڌي ٻوليءَ کي ڏِڪاريو، ميڻ کان انڪار ڪيو ۽ ان جي رستا روڪ ڪئي، ان سموري رياستي رستا روڪ باوجود حقيقت اِها آهي تہ سنڌي ٻولي ايڪويهين صديءَ ۾ پير رکڻ ۾ ڪامياب وئي آهي. هاڻي شايد سنڌي ٻوليءَ کي رياست جي ڪابہ محتاجي نہ رهي آهي، ڇاڪاڻ تہ جنهن ٻوليءَ کي ايترو وسيع، جيئرو ۽ متحرڪ سماج حاصل هجي ۽ اها جديد ڊجيٽل ۽ سائبر دور ۾ داخل ٿي چڪي هجي، اُها ڪڏهن بہ رياستن ۽ حڪومتن جي محتاج ٿي نہ ٿي سگهي. اسان جڏهن سنڌي ٻوليءَ جي قومي حيثيت جي ڳُڻ ڪريون ٿا تہ ان جو هرگز اهو مطلب نہ آهي تہ ڪو سنڌي ٻوليءَ جي قومي حيثيت کي ڪو خطرو آهي پر اها ڳُڻ اسان ان لاءِ ڪريون ٿا تہ جيئن ملڪ ۾ هڪ ٻوليءَ جي لساني ۽ ثقافتي هڪ هٽي ختم ٿئي ۽ ملڪ حقيقي طور وفاقي حيثيت ۽ ڪردار جو حامل ٿئي.

(3) سنڌين جا شهر ورهاڱي کانپوءِ چڻ تہ عملي طور کسجي ويا هئا ۽ سنڌي ماڻهو سدائين ان خوف ۽ عدم سلامتيءَ جو شڪار رهيو تہ ڇا سندن تاريخي شهرن ۾ سندن واپسي ڪڏهن ممڪن ٿيندي؟ ظاهر آهي تہ سنڌ جي وڏن شهرن کي 1947ع کان اڳ واري دور ۾ تہ داخل نہ ٿو ڪري سگهجي ۽ سموري دنيا ۾ ڪراچيءَ جهڙا وڏا شهر گهڻ قومي، گهڻ ٻوليائي ۽ گهڻ ثقافتي نوعيت جا هوندا آهن پر اڄ ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ سنڌين جي اهم ترين حيثيت تسليم ٿي چڪي آهي، جتي نہ رڳو سنڌي تمام وڏي انگ ۾ رهن ٿا پر انهن جو شهر جي سماجي، ثقافتي ۽ معاشي وهنوار ۾ اهم ڪردار آهي. وڏا، معياري ۽ بامقصد پروگرام وڏن شهرن ۾ سنڌين جي متحرڪ ڪردار ۽ حيثيت کي وڌيڪ سگهارو ڪن ٿا. اهڙن پروگرامن کي گروهي تڪرارن يا پسند ناپسند جي بنياد تي رد ڪرڻ ڪڏهن بہ درست نہ ٿيندو. ڪراچيءَ ۾

خاص طور تي سنڌين جو جيترو گھڻ طرفو تحرڪ وڌندو، وسيع ٿيندو ۽ تيز ٿيندو، ان جو مجموعي طور اسان جي قومي حيثيت کي ۽ شهرن جي مالڪيءَ واري عمل کي فائدو ٿيندو.

(4) سنڌين لاءِ ڪيترائي ڏهاڪا اهو چيو ويو تہ اُهي "ڪُنڊ جا ڪُوئا" آهن ۽ گهر کان ٻاهر نڪرڻ لاءِ تيار نہ آهن. ماضيءَ ۾ ان ۾ هڪ حد تائين حقيقت بہ هئي، ڇاڪاڻ تہ زرعي سماج جو مانيءَ مڃيءَ وارو سنڌي ماڻهو صدين کان هجرت يا لڏپلاڻ جو هيراڪ نہ هو پر گذريل ٽن ڏهاڪن کان سنڌين ان تاثر کي عملي طور اُبتو ثابت ڪري ڏيکاريو آهي. گذريل ٽن ڏهاڪن کان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڪروڙ سنڌين پنهنجن روايتي ڳوٺن ۽ ننڍن شهرن کان لڏپلاڻ ڪئي آهي. جيڪو ڳوٺن ۾ هو، اهو هڪ حد تائين ننڍن شهرن ۾ آيو آهي، جيڪو ننڍن شهرن ۾ هو، ان جو هڪ چڱو حصو وڏن شهرن ۾ آيو آهي. سنڌين جو چڱو انگ آمريڪا، يورپ، برطانيہ، دبئي، سعودي عرب، اسلام آباد، لاهور ۽ ٻين شهرن ۾ آباد ٿيو آهي. ان جو ئي نتيجو آهي جو ماضيءَ جي ڀيٽ ۾ سنڌين جو متحرڪ ڪردار ٻاهرين ملڪن توڙي اسلام آباد ۽ لاهور ۾ وڌيو آهي. ڪراچيءَ ۾ سنڌي شايد هن وقت سڀني کان وڌيڪ متحرڪ آهن، هاڻي شايد سنڌين جي عالمگيريت جي عمل کي ڪير بہ روڪي نہ سگهي. مان ان کي سنڌين جي تاريخ جي بي رحم حقيقتن سان پُرامن مزاحمت جي هڪ سَگهاري صورت سمجهان ٿو.

(5) ملڪ جي قيام کانپوءِ سنڌين وٽ اظهار جي آزاديءَ جا گَس محدود ۽ گهڻي ڀاڱي بند هئا. ون يونٽ جي دور ۽ ان کانپوءِ مسلسل سنڌين هن ملڪ ۾ جيترا اظهار جي آزاديءَ جا ميدانَ هٿ ڪيا آهن، ان جا مثال پاڪستان ۾ تہ ڀنهہ گهٽ آهن. سنڌين وٽ اڄ هڪ سَگهاري سنڌي ميڊيا آهي، جيڪا سمورين ڪمزورين باوجود پنهنجي مجموعي جوهر ۾ سنڌ دوست، عوام دوست، روشن خيال ۽ سيڪيولر سوچ جي حامل آهي. سنڌين جو سماجي ميڊيا ۾ پڻ سمورن منفي روين جي باوجود بيحد اثرائتو ڪردار آهي، جنهن جو هاڻي سياسي، سماجي، ثقافتي، طبقاتي ۽ قومي ڪارج پڻ سامهون اچڻ شروع ٿيو آهي. سنڌ جا ترقي پسند ۽ قومپرست سياسي گروهہ ڀل تہ وڏين عوامي تنظيمن جي صورت ۾ نہ هجن پر حقيقت اِها آهي تہ سنڌين جي نقطہ نظر کي ملڪي سطح تي پيش ڪرڻ ۽ سنڌين جي قومي حقن جي حفاظت ڪرڻ ۾ انهن جو اثرائتو ڪردار آهي. مجموعي طور سنڌ هڪ ووڪل سماج آهي، جنهن جي آواز جي اهميت کي هاڻي ملڪي ۽ هڪ حد تائين بين الاقوامي سطح تي

محسوس ڪيو پيو وڃي.

(6) سنڌين لاءِ وڏو عرصو اهو اهم چئلينج هو ته ملڪي سطح تي ته ٺهيو پر سنڌ سطح تي به خاص طور ڪراچيءَ ۾ انهن کي گهربل موقعا نه ملندا هئا يا چاهي واٽي نه ڏنا ويندا هئا. تنگ نظر ۽ تعصب ۾ ٻُڏل حلقن سنڌين، سنڌي ٻوليءَ، ان جي اديبن، ليکڪن، شاعرن، سياستدانن يا نوجوانن کي ڪڏهن به وسيع تر ڏارائن ۾ شامل نه ڪيو. ويندي ڪي ايل ايف جهڙي شاندار پروگرام ۾ به سنڌين کي شڪايت رهندي هئي ته سنڌي ٻوليءَ ۽ ليکڪن کي گهربل سطح جي نمائندگي نه ٿي ڏني وڃي. مطلب ته ڪراچيءَ جي شهري زندگي سنڌين کي ان ۾ گهربل حصو ڪڏهن به نه ڏنو. گذريل ڪجهه سالن کان ڪراچيءَ ۾ سنڌين جو معياري سياسي، ثقافتي، ادبي ۽ فڪري تحرڪ ايتري ته سَگهه سان سامهون آيو آهي ۽ ان جو ايترو ته اثر ٿيو آهي جو هاڻي سنڌي ڪراچيءَ ۾ Spaces نه هئڻ جي احساس مان نڪري آيا آهن. ڪراچي آرٽس ڪائونسل ۾ ٿيندڙ سنڌين جا وڏا ميڙ ۽ ايس ايل ايف جهڙا پروگرام ان جو ثبوت آهن. سنڌين جي اِها ڪاميابي ڪا معمولي نوعيت جي نه آهي.

(7) زرعي سماج سان وابسته هئڻ ۽ بيحد محدود ۽ ڪمزور نوڪري پيشه وچولو طبقو هئڻ سبب سنڌي ڊگهو عرصو روزگار جي حوالي سان مخصوص شعبن کان ٻاهر نڪري نه سگهيا، ان ڪري هنن جون انساني وسيلن جون صلاحيتون پڻ محدود رهيون. گذريل ٽن ڏهاڪن کان ان حوالي سان وڏي تبديلي آئي آهي. سنڌي ماڻهو ۽ خاص طور تي اڄوڪو نوجوان هر شعبي ۾ ويو آهي ۽ وڃي رهيو آهي. ڪراچيءَ ۾ اڳ سنڌي رڳو نوڪرين لاءِ محدود سطح تي ايندو هو جو موقعا ئي محدود هئا پر هاڻي سنڌي پورهيت توڙي ڪاروباري طبقو پڻ وڏي پئماني تي اچي ٿو ۽ آيو آهي. ان جي نتيجي ۾ ڪراچيءَ ۾ سنڌين جي مجموعي سگهه، حيثيت ۽ ڪردار ۾ وڏي مثبت تبديلي آئي آهي، جيڪا ڪا گهٽ ڪاميابي نه آهي. سنڌي سماج جو پيشه ورانه شعبن ۾ ۽ هر سطح تي داخل ٿيڻ زرعي سماج کان شهري سماج ڏانهن هڪ وڏي وِکَ آهي.

(8) سنڌي سماج ۾ ماڻن سان تعصب، ڪروڌ، ظلم، به اڪيائي ۽ بي انصافيءَ جي جاهلانه روين سان گڏوگڏ گذريل ڪجهه ڏهاڪن ۾ وڏي تبديلي آئي آهي. تعليم جو نظام تباهه حال هئڻ باوجود سنڌي ڇوڪرين جو وڏو انگ تعليم ۾ اڳتي آيو آهي. سنڌي ورڪنگ وومين جو انگ سُئيءَ حد تائين وڌيو آهي. ان حوالي سان سنڌي ڇوڪرين ۽ ماين کي اڃا به بيحد رڪاوٽون ۽

سماجي زنجيرَ آهن پر اسان کي ان پاسي تي وڌو ڏيان ڏيڻو پوندو، ڇاڪاڻ تہ هڪ متوازن، روشن خيال ۽ جديد سنڌ جو پهريون شرط ئي اسان جو ڇوڪرين ۽ ماين ڏانهن سڀ طرفو رويو آهي. هڪ ڳالهہ طئي آهي تہ اِهي روايتي رڪاوٽون سندن اڳيان گهڻو وقت بيهي نہ سگهنديون. جيڪڏهن روايتي تنگ نظريءَ وٽ پسمانده سماج جي باقيات آهي تہ سنڌ جي ماين وٽ ايڪويهين صدي آهي، جيڪا اهي سموريون ديوارون ڊاهڻ جي صدي آهي ۽ سنڌي مايون اِهي ديوارون ڊاهڻ جي پوري سگهہ رکن ٿيون.

(9) جيتوڻيڪ ٻهراڙيون اسان جي سَگهہ آهن ۽ ٻهراڙين سان وابستہ هجڻ اسان جي ڪا گهٽتائي نہ آهي پر متعصب ڌرين سدائين سنڌين کي پسمانده، تنگ نظر، رڳو ماين کي ڪاريون ڪري مارينڌڙ ۽ ٻهراڙيءَ جو ثابت ڪرڻ ۾ وسان نہ گهٽايو. جنهن سنڌ جي شهر شڪارپور جو ذڪر ڪارل مارڪس اُڻويهين صديءَ ۾ پنهنجي جڳ مشهور ڪتاب "هندستاني بينڪيت" ۾ ڪيو هو، ان کي رڳو ٻهراڙين جو هجڻ تائين محدود ڪيو ويو، جنهن جو مطلب هو تہ سنڌي نہ تہ شهري آهن ۽ نہ انهن لاءِ شهرن ۾ ڪا جاءِ ۽ گنجائش آهي. مون کي ڪراچيءَ ۾ ٿيندڙ هن گهڻ طرفي تحرڪ جو هڪ بيحد اُتساهيندڙ پاسو اِهو لڳندو آهي تہ انهن سان سنڌين جو هڪ جديد، روشن خيال، سيڪيولر، انسان دوست، ادب دوست، فن دوست ۽ ٻين کي گڏ کڻي هلندڙ هڪ سُڌريل سماج جو تاثر پُختو ٿئي ٿو. جڏهن اهڙن پروگرامن ۾ رضا رباني، حامد مير، وسعت الله خان، نازش بروهي، اطهر عباس، محمد حنيف ۽ پرويز هودڀائيءَ جهڙا ماڻهو اچي سنڌ جو روشن خيال چهرو ڏسن ٿا تہ اِها ڪا معمولي ڳالهہ نہ آهي. هڪ طرف اهو وڏيرڪي سنڌ کي روشن خيال سنڌ جو جواب آهي تہ ٻئي طرف سنڌين بابت غلط مفروضا ٺاهيندڙ بدنيت قوتن کي پڻ سنڌ جو جديد ۽ روشن خيال چهرو ڏيکارجي ٿو. سنڌ جي ڏاهي ۽ يگاني تخليقڪار نورالهديٰ شاهہ سان ان حوالي سان منهنجي اڪثر ڳالهہ ٿيندي رهندي آهي ۽ هوءَ پڻ سنڌين جي ان گهڻ طرفي تحرڪ کي وسيع تناظر ۾ ڏسي ٿي. سنڌين کي ايڪويهين صديءَ ۾ ان جي عالمي، سماجي، فڪري، سياسي ۽ شهري تقاضائن مطابق پنهنجي نئين سڃاڻپ پيدا ڪرڻي پوندي ۽ سنڌين جو اهو تحرڪ ان ڏس ۾ وڏيون اڳڀرايون ڪري ٿو، جنهن جو دائرو اڃا بہ وسيع ٿيڻ گهرجي.

مان سمجهان ٿو تہ مٿي ذڪر هيٺ آيل معياري تبديلين کي آسمان مان پاڻمرادو ڪونہ آيون آهن پر اُهي سنڌي سماج جي روشن خيال، وطن

دوست، عوام دوست ۽ انسان دوست حصي جي سڀ طرفي ۽ مسلسل مزاحمت ۽ جدوجهد جو ئي ثمر آهن، جن تي اسان کي نہ رڳو بجا طور فخر ڪرڻ گهرجي پر انهن جي دائري ۽ اثر کي وڌيڪ وُسعت بخشڻ گهرجي.

*(روزاني ڪاوش حيدرآباد، 31 آڪٽوبر 2017ع)*

## سنڌ ۾ معياري تبديلي ڇو نہ ٿي اچي؟

سنڌ ۾ تبديليءَ جي خواهش هر باشعور ماڻهوءَ کي آهي ۽ ان ڏس ۾ سماج جو هر باشعور ماڻهو، تنظيم ۽ گروهہ پنهنجي پنهنجي سوچ، سطح ۽ سگهہ آهر ڪم ڪري رهيو آهي. اهو سوال ۽ خواهش شايد هر سطح تي ۽ هر ماڻهوءَ جي سوچ ۾ آهي پر ان جي باوجود گهربل تبديليءَ جا اهڃاڻ نظر نہ اچڻ سبب سنڌ ۾ هڪ اجتماعي اُڻ تُڻ، بي يقيني، نڌڻڪائي، عدم سلامتي ۽ هڪ حد تائين اجتماعي ڳڻتيءَ جا لاڙا سماج ۾ هر سطح تي موجود آهن. اهو سوال ان ڪري بہ اهم ۽ حساس بڻجي وڃي ٿو، جو اِهي لاڙا ڪو رڳو مخصوص ماڻهن ۾ نہ، پر قوم جي هر سطح تي ۽ باشعور ماڻهن جي گهڻائيءَ ۾ آهن. مون ڏٺو آهي تہ سنڌ جا وطن دوست ڪامورا، اديب، دانشور، مخلص سياسي ڪارڪن، صحافي، استاد، وڪيل، واپاري، شاگرد - مطلب تہ زندگيءَ جي هر شعبي سان لاڳاپيل ماڻهن جي قومي حوالي سان نفسياتي صورتحال ساڳي آهي، پر ظاهر آهي تہ ڪا بہ تبديلي، اُها بہ سنڌ جهڙين پيچيده حالتن ۾ ڪو بہ هڪ گروهہ يا ڪجهہ فرد نہ ٿا آڻي سگهن. ان لاءِ هڪ اجتماعي خواهش ۽ عمل جي گهرج هوندي آهي.

مان پاڻ بہ گذريل پنجويهن سالن کان سنڌ جي علمي، ادبي ۽ سياسي کيتر ۾ مختلف سطحن تي سرگرم رهيو آهيان ۽ زندگيءَ جي هر شعبي ۽ ماڻهوءَ کي نهايت ويجهڙائيءَ کان ڏٺو اٿم ۽ هڪ عرصي کان سنڌ جي سماج ۾ گهربل معياري تبديلي نہ اچي سگهڻ جي سوال تي ويچاريندو رهيو آهيان. ان ڪري چاهيان ٿو تہ اجوڪي مضمون ۾ ان حوالي سان پنهنجا ويچار پيش ڪريان تہ جيئن سماج جا سنجيده فرد ان حوالي سان حقيقت پسنديءَ سان کُليل بحث مباحثو ڪري پنهنجو پنهنجو وڌيڪ متحرڪ، اثرائتو ۽ بنيادي ڪردار ادا ڪري سگهن. منهنجيءَ نظر ۾ سنڌ ۾ گهربل معياري تبديلي نہ اچي سگهڻ جا هيٺيان بنيادي سبب آهن:

1. ڪلهوڙن جي دؤر کان پوءِ سنڌ جو اياڳ شروع ٿيو ۽ مير صاحبن جي دؤر ۾ سنڌ جون جاگرافيائي حدون سوڙهيون ٿي، اجوڪيءَ سنڌ تائين محدود ٿيون. مير صاحبن جي دؤر سنڌ کي اندروني طور تمام گهڻو ڪمزور ڪيو، جو

ڪين رياستون هلائڻ جو تجربو نہ هو، جنهن ڪري سنڌ جي جاگرافيائي وحدت ٽن حصن ۾ ورهائجي وئي. سنڌي هندن ۾ وڏيءَ حد تائين اوپرائپ ۽ مظلوميءَ جو احساس پيدا ٿيو ۽ سنڌ جي پلين ٻنين ۽ ٻيلن ۾ شڪارگاهہ ٺاهڻ سبب سنڌ جي زرعي پيداوار ۾ وڏي لاٽ ٿي، پر سنڌ جي اصل بدبختي ميرن جي دؤر کانپوءِ مرحليوار شروع ٿي، جڏهن سنڌ کي انگريزن 1843ع ۾ فتح ڪيو ۽ اڳتي هلي 1847ع ۾ سنڌ کي بمبئي سرڪار جو حصو بڻائي ڇڏيو. حقيقت اِها آهي تہ سنڌ جيڪا آزاد ۽ با اختيار حيثيت 1843ع ۾ وڃائي، اها 1 اپريل 1936ع تي صوبائي حيثيت ۾ رسمي طور بحال تہ ٿي پر مان چوندس تہ سنڌ 1843ع کان وٺي اڄ تائين 169 سال گذرڻ کانپوءِ بہ هند توڙي پاڪستان ۾ هڪ ڏينهن بہ حقيقي طور خودمختيار حيثيت نہ ماڻي آهي. سوال اهو آهي تہ، ڪابہ قوم هڪ آزاد ۽ خود مختيار حيثيت کانسواءِ تبديل ٿي سگهي بہ ٿي ڇا؟ يا اها فطري طور ترقي ڪري سگهي بہ ٿي ڇا؟ هڪ قوم، جيڪا مڪمل طور غلامن جي بہ غلامن جي غلام آهي، اُها 21هين صديءَ جي تقاضائن مطابق ترقي ڪيئن ڪري؟ سنڌ جو گذريل 169 سالن کان حقيقي طور پاور کان پري رهڻ، سنڌ پسماندگيءَ، نڌڻڪائيءَ ۽ تبديليءَ جي ڌارائن کان پري رهڻ ان جي موجوده حالت جو بنيادي تاريخي سبب آهي. هاڻي جيڪڏهن ڪو پ پ يا ٻين وڏيرن جي اقتدار ۾ اچڻ کي سنڌ جو پاور سمجهي ٿو تہ اها هڪ وڏي خود فريب غلط فهمي هوندي. وڏيرن ۽ پوءِ ڏاول مٿئين وچئين طبقي جي سياسي پوتارن جو ڇا وڃي سنڌ جي خودمختيار حيثيت، تبديليءَ ۽ ترقيءَ جي عمل سان؟ رياست ۽ حڪومت جو نظام معياري نہ هوندو تہ سماج ۾ معياري تبديلي، خاص طور تي ترقيءَ جي معنيٰ ۾ ڪيئن ايندي؟

2. پلاجيڪڏهن قومون پنهنجي مخصوص معروضي حالتن ۽ محڪوم حيثيت سبب پاور کان پري رهنديون آهن تہ وري سنڌن سياسي سماج جي اڏاوت ان جو تدارڪ ڪندي آهي ۽ قومي طاقت جا متبادل رستا رڳو تلاش نہ پر تخليق ۽ تعمير پڻ ڪندي آهي. سنڌ جو الميو اهو بہ آهي تہ ان اڳواڻ ۽ مفڪر تہ وڏا پيدا ڪيا پر پارٽيون ننڍڙيون ۽ اهڙيون آپريون، جن وٽ رڳو دانهون آهن پر سرزمين تي گهربل عوامي، نظرياتي (ڪجهہ تنظيمن کانسواءِ) ۽ تنظيمي سگهہ ناهي. جي رڳو دانهن سان قومون سوڀون ماڻين ها تہ پوءِ تہ ٻيلو بہ ٻرانگهون هجي ها. پوءِ روسي، چيني، ويتنامي، آفريڪي ۽ فلسطيني بہ ائين ئي ڪن ها. هتي تہ سچو سوال دشمن اڳيان متبادل قوت اُپارڻ جو آهي، جنهن کي عظيم اطالوي ڏاهي اينتونيو گرامچيءَ (1937-1881) جوابي بالادستيءَ

(Counter Hegemony) سان تعبير ڪيو ويو هو ۽ ان لاءِ ٺهڪندڙ حڪمت عملين تي زور ڏنو هو. جيتوڻيڪ هن جو محور عالمي طاقت جو توازن هو پر ان جو اطلاق هر سطح تي ڪري سگهجي ٿو. اسان کي ياد رکڻ گهرجي تہ سنڌ جو بيڙو عوام جي انقلابي طاقت تاريندي، عوامي سَگهہ کان ڪَٽيل دانهون يا اخلاقي ۽ تاريخي جواز نہ! سنڌ ۾ ان ڪري بہ معياري تبديلي نہ ٿي اچي، جو تبديليءَ جي سرچشمي يعني سنڌ جي سياست ۾ معياري تبديلي نہ ٿي اچي. سنڌ جي سياست شخصيت پرستيءَ، ٺلهي نعري بازيءَ، دل جي سوڙهائپ، ذهن جي تنگ نظر لاڙن، اخلاقي بحران، سطحي مقابلي بازيءَ ۽ ڏيکاءُ پسنديءَ مان آجي ٿئي تہ گهربل سگهہ ماڻي نہ! مان گهڻين پارٽين جي هجڻ جو مخالف ناهيان پر اُهي سگهاريون ۽ وڏيون عوامي اعتماد رکندڙ پارٽيون تہ هجن نہ! اصل سوال معياري سياسي ڪلچر ۽ سنڌن سرزمين تي گهربل سگهہ جو آهي .ان ڪري سنڌ جي سماج ۾ معياري تبديليءَ لاءِ سنڌ جي سياست ۾ معياري تبديلي اشد ضروري آهي.

3. ڪنهن بہ سماج جو فڪري ڍانچو ان جا ڏاها، مفڪر، عالم، سنجيده اديب، استاد ۽ باشعور ماڻهو ناهيندا آهن، جن کي عام فهم ٻوليءَ ۾ Intelligentsia چئبو آهي. سنڌي سماج جو اهو علمي، فڪري ۽ ادبي حصو هڪ تہ گهڻي پاڱي علم، فڪر ۽ تاريخ جي وڏين ڌارائن کان ڪٽيل آهي ۽ ان جي گهڻائيءَ جو علم ۽ ادارڪ مقامي سطح جو آهي. ٻيو تہ ان جي قطعي گهڻائي بي عمل آهي يا گهربل ڪمٽمينٽ سان ڪم نہ ٿي ڪري. اها تنقيد مان ڪو رڳو ٻين تي نہ ڪري رهيو آهيان پر مان پاڻ کي بہ ان ڪوٽ ۾ شامل سمجهان ٿو. اسان سڀ رڳو پنهنجي مرضيءَ جا ڪم ڪريون ۽ ڪرڻ چاهيون ٿا، جڏهن تہ گهربل ڪم جي نوعيت ئي ٻي آهي. هڪ تہ سنڌ جي ساجاهہ وند طبقي ۾ قوم جي فڪري رهنمائيءَ جي صلاحيت گهٽ آهي، ٻيو تہ اسان مان ڪوبہ ماڻهو غير معمولي پورهيو نہ ٿو ڪري. سنڌ ۾ جنهن سطح جو پورهيو مرزا قليچ بيگ، ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي، سائين جي ايم سيد، محمد عثمان ڏيپلائيءَ، محمد ابراهيم جويي، رسول بخش پليجي، ايم ايچ پنهور، ڊاڪٽر بلوچ، شيخ اياز ۽ ان نسل ڪيو، ڇا اسان ۾ ڪو هڪ بہ آهي، جيڪو علميت ۽ پورهيي جي معيار ۾ انهن جي قطار ۾ بيهاري سگهجي؟ اسان مان هر ڪو هڪ ٻئي جي آسري ۾ آهي. جتي فڪري طور سُونهين واري ڪردار وارو طبقو غير معمولي علم کان وانجهيل، سخت محنت کان پري ۽ ڪمٽمينٽ جي هيٺين درجي تي هوندو، اتي تبديلي ڪيئن ايندي؟ سنڌ جو

ٿڪو پئسو پڙهيل لکيل طبقو هڪ ته ڪڙهيل ناهي، بيو اهو سماج جي معروضي حقيقت ۽ عوام جي حالتن کان بنهه ڪٽيل آهي، انڪري سندس سمجهه پنهنجي دؤر کي لوڏي نه ٿي. اهوئي سبب آهي جو اڄ سنڌ ۾ رول ماڊلز جو ڏڪار آهي. اسان مان گهٽا آهن، جن کي ماٺهو رول ماڊل طور ڏسن ٿا يا انهن جو علم، قلم، ڪردار ۽ عمل ماڻهن ۽ خاص طور نوجوانن لاءِ اتساهه جو وڏو سبب هجي؟ قومن جي اخلاقي، علمي، فڪري، سياسي، سماجي ۽ ثقافتي تعمير ته لطيف جي لفظن ۾ پاڻ "ٻري" پوءِ "ٻارڻ" جو منصب ۽ ڪم آهي. اسانجو اجتماعي الميو اِهو به آهي ته اسان سوچيون ٿي Second Person ۾ ٿا. معنيٰ ڏوهي به ٻيا، ڪم به ٻيا ڪن، قربانيون به ٻيا ڏين ۽ اسان رڳو تماشبين. مان سمجهان ٿو ته سنڌ جي ساڃاهه وند طبقي کي پنهنجو علمي، فڪري ۽ قومي ڪردار نئين سر طئي ڪرڻو پوندو، تڏهن هيءَ چپّ سنڌ جي ڪٽي سگهبي! انڪري سنڌي سماج ۾ معياري تبديلي سنڌ جي فڪري ۽ مٿئين ڍانچي ۽ ان جي منهندار طبقي جي سوچ، ڪردار ۽ عمل ۾ معياري تبديلي نه اچي سگهي آهي.

4. ياد رکڻ گهرجي ته هيءَ ايڪويهين صدي آهي، جنهن ۾ سماج کي هر شعبي ۾ ۽ هر سطح تي مضبوط ۽ ڪميٽيڊ ادارا گهرجن. زرعي معاشري جي پس منظر سبب اسانجي مزاج ۾ ئي ادارن جي گهربل اهميت نه آهي. اهو ڪم سنڌ ۾ هندو ڪندا هئا، جو سندن مزاج شهري به هو ۽ واپاري به هو. اسانجو سڄو زور رڳو فردن تي آهي. شخصيت پرستيءَ جي نرگسيت اسان کي بند دائري مان ٻاهر ڪڍي ادارن ٺاهڻ ڏانهن وڃڻ ئي نه ٿي ڏئي. جيتوڻيڪ اڳ جي ڀيٽ ۾ هاڻي ڪجهه فرق آيو آهي پر پوءِ به اهو ناڪافي آهي. اهو نه وسارڻ گهرجي ته هن جديد دور ۾ سماجن کي رڳو وڏا فرد نه پر سگهارا ادارا گهرجن. ان ۾ رڳو وڏيرڪو طبقو ڏوهي نه آهي پر هن حمام ۾ سنڌ جو وچيون طبقو به اوترو ئي بي لباس آهي. تعليمي ادارا، سياسي پارٽيون، ادبي تنظيمون، ثقافتي ۽ سماجي ادارن ۽ ويندي ميڊيا تائين، مجموعي طور انهن جو حال ڇا آهي؟ اُهي پاڻ اندروني طور ڪيترو تبديل ٿيا آهن، جو ٻاهر معاشري ۾ اُيڪ بحرانن ۾ ڦاٿل قوم ۽ سماج کي تبديل ڪندا؟ ڪمرشل ۽ منافع بخش ادارن ۾ ته وري به چار ادارا آهن پر رضاڪارانه جهان ۾ آهي ڪو هڪ به ادارو، جيڪو اسان دنيا کي فخر سان ڏيکاري سگهون؟ پوءِ اها ڪا سياسي پارٽي هجي يا سماجي يا ادبي ۽ ثقافتي تنظيم! انڪري اهو سوال ته آخر سنڌ ۾ معياري تبديلي ڇو نه نٿي اچي؟ ظاهر آهي ته معياري ۽ ڪميٽيڊ ادارن جي اڻ هوند يا کوٽ جي

صورت ۾ سماج ۾ معياري تبديلي ڪيئن ايندي؟

5. مسلسل ناڪامين، نڌڻڪائيءَ ۽ بي يقينيءَ سبب سنڌي سماج نفسياتي طور وڏي پيچ ڊاهه جو شڪار آهي. اڄوڪي سنڌي سماج جو الميو اهو به آهي ته ان وٽ ڪوبه اهڙو هڪ فرد يا ادارو نه آهي، جنهن تي قوم جي گهڻائيءَ جو مڪمل ويساهه هجي. سڄي قوم قومي مفادن تي متفق هوندي به ننڍڙن ننڍڙن مفادن، گروهن ۽ دائرن ۾ ورهايل آهي ۽ سندن مجموعي رَويو هڪ ٻئي کي رد ڪرڻ ۽ هڪ ٻئي کي زير ڪرڻ تي آهي. اسانجي سموري نفسياتي سگهه هڪ ٻئي کي ڪمزور ڪرڻ ۽ رد ڪرڻ ۾ استعمال ٿئي ٿي. نتيجو؟ سنڌ ۾ جيڪو به ڪم ڪريو اُهو تڪراري بڻبو. اها بيماري خاص طور وچئين طبقي ۾ آهي. سنڌ ۾ باشعور مڊل ڪلاس جي سموري ذهني سگهه، جيڪا ڪن ٻين خارجي قوتن خلاف استعمال ٿيڻ گهربي هئي، پر اها اندروني ڏڦيڙ ۽ هڪ ٻئي کي ڪمزور ڪرڻ تي استعمال ٿئي ٿي. قومي اشوز تي مخصوص گهڙين ۾ اسان هم آواز ٿي گڏ بيهون ٿا پر باقي سمورو وقت اسانجا رَويا ڇا ۽ ڪهڙا آهن؟ اهو هڪ اهم ۽ ڳڻتيءَ جوڳو سوال آهي. اسان وٽ هر ماڻهوءَ لاءِ هڪ ٺهيل تڪيل راءِ آهي ۽ اها به منفي. سنڌ ۾ ماڻهوءَ کان ڪنهن به پيش قدميءَ تي راءِ وٺو ته سندس بي ساخته ۽ پهرين راءِ منفي هوندي .انڪري مان سمجهان ٿو ته سنڌ ۾ اها هر ڳالهه کي رد ڪندڙ نفسيات پڻ تبديليءَ جي راهه ۾ وڏي رڪاوٽ آهي. سنڌ ۾ ڪوبه آئيڊيل حل، فرد، ادارا ۽ لقاءَ موجود نه آهن، انڪري اسانکي حقيقت پسنديءَ سان قبوليت جو ڪلچر جوڙڻو پوندو، جيڪو مرحليوار سنڌ جي سماج کي هڪ ڏَڳ ڏانهن وٺي ويجي.

6. اسانکي تبديليءَ جي ڊسڪورس ۾ اهو سوال پڻ کڻڻ گهرجي ته اسان اُها تبديلي ڪنهن جي لاءِ چاهيون ٿا؟ ڇاڪاڻ ته اسان جو مڊل ڪلاس جنهن تبديليءَ جي ڳالهه ڏاهڪن کان سوچي ۽ ڪري ٿو، اُها ان طبقي جي مفادن جي دائرن يا شين تائين محدود آهي. سنڌ جو مطلب اصل ۾ سنڌ جو عوام آهي، ان ۾ به سنڌ جا پورهيت ۽ مظلوم طبقا آهن، جن ۾ هاري، مزدور، هيٺيون وچيون طبقو ۽ عورتون شامل آهن. وچئين طبقي ۽ سنڌ جي عوام ۽ خاص طور پورهيت طبقن وچ ۾ تمام وڏي وٿي آهي. اُها وٿي سمجهه جي به آهي، مفادن جي به آهي ته اعتماد جي به. سنڌ ۾ هڪ ئي پارٽي آهي پ پ پ - جيڪا گهڻ طبقاتي آهي پر افسوس اهو آهي ته ان عوام کي هميشه سياسي ٻارڻ طور استعمال ڪيو ۽ هميشه ڏيکاءُ واري سطحي عوام دوستيءَ جي نعري بازي ڪئي. سنڌ ۾ معياري تبديليءَ لاءِ سنڌ جي حقيقي پورهيت عوام ۽ سموري

باشعور سماج ڏانهن هلڻو پوندو، جنهن ڪان اسان سڀ ڪٽيل آهيون. سنڌ جو مٿيون طبقو رياست جي ڪرپٽ سسٽم جي ڪمداريءَ ۾ پورو آهي، جو سندس ناجائز مفاد هن ڦورو نظام سان وابسته آهن. سنڌ جو وچيون طبقو پنهنجي تصور جي سنڌ سان عشق ۾ مبتلا آهي ۽ اُها سنڌ، جيڪا ڪانديري، ڪرڙ ۽ ڪبڙ جي سنڌ آهي، جنهن کي رياست جي ڪرپٽ ۽ بي رحم ڦورو نظام، نڌڪائيءَ، اَويساهيءَ، اقربا پروريءَ، ويساهه گهاتين، غربت ۽ لاقانونيت لتاڙي مرڻينگ ڪري ڇڏيو آهي. سنڌ کي اها معياري تبديلي گهرجي، جنهن ۾ سڀ ڪان اڳ لتاڙيل طبقن جي زندگين ۾ ڦيرو اچي. سنڌ جو هاري، مزدور ۽ عورت معاشي ۽ سماجي طور ڪنڌ کڻي سگهن.

مٿي ڪيل سموري بحث جو تتُ هيءُ آهي ته تبديلي ڪو معمولي عمل نه آهي ۽ اُها به بنيادي ۽ معياري تبديلي، پوءِ چاهي اها انقلابي هجي يا ارتقائي، ان جون پنهنجون تقاضائون هجن ٿيون. مٿي ذڪر ڪيل نقطن کي سهيڙجي ته چئي سگهجي ٿو ته سنڌ ۾ قابليت، ڪمٽمينٽ، ڪردار ۽ عمل کي بلند ڪرڻو پوندو. اهي چار عنصر ئي آهن، جن تاريخ ۾ قومن ۽ سماجن کي ناهيو آهي، نئون جنم ڏنو آهي. اهو ئي سبب آهي جو اسانجي پورهيي ۽ قربانيءَ جي سطح نه ٿي وڌي. سنڌ جي سماج کي قابليت، ڪمٽمينٽ، ڪردار ۽ عمل گهرجي، تڏهن ئي اسانجي پورهيي ۽ قربانيءَ جي سطح ۾ فرق ايندو ۽ تڏهن ئي سنڌ جي سماج ۾ معياري تبديلي ايندي. سنڌ ۾ معياري تبديلي نه اچي سگهڻ جا ذميوار به اجتماعي طور اسين سڀ آهيون ۽ ان کي ممڪن بنائڻ لاءِ به اسان کي پنهنجو پنهنجو ڪردار نئين سر متعين ڪرڻو پوندو.

تڏهن ئي ته لطيف سائينءَ چيو آهي ته،

مَ ڪَر سَنڌ سَري جي، جو تون ٿارئين ٿوهه،
پيتي جنهن پاسي ٿئي، منجهان رڳن روح،
ڪاتي چَڪَ ڪَڪوهُ، لاهي سِرُ لطيف چئي.

*(روزاني ڪاوش حيدرآباد، 6 جون 2012ع)*

# سنڌ جي وحدت لاءِ گهربل حڪمت عملي!

هيءُ ڪو پهريون ڀيرو ناهي، جو متحده جي سربراهه الطاف حسين ملڪ ۾ نون صوبن ٺاهڻ جي بهاني جي آڙ ۾ سنڌ جي ورهاڱي جو مطالبو ڪيو آهي. هو هن کان اڳ به انيڪ ڀيرا اهڙا مطالبا ڪندو رهيو آهي، پر سنڌين جي شديد مخالفت ۽ سنڌ جي وحدت بابت سنڌن مثالي ٻڌي ڏسي، هو هر ڀيري پنهنجي اهڙي موقف تان هٽ ڪڻندو آهي. هن دفعي اُن جو ڪو وڏو ڀرپور ردعمل نه اچڻ ڪري هو ۽ سندس جماعت وارا اهو مطالبو مسلسل ورجائي رهيا آهن. هن ڀيري الطاف حسين جي اهڙي مطالبي جو ڪو شديد ردعمل شايد ان ڪري به نه آيو، جو هاڻي الطاف حسين ۽ متحده جي روز روز بدلجندڙ موقف کي ملڪ ۾ ڪير به سنجيدگيءَ سان نه ٿو وٺي. ٻيو ته سندس تنظيم اندروني طور ايترو ته بدترين بحران جو شڪار آهي، جو هو ان تان ڌيان هٽائڻ لاءِ روز ڪو نه ڪو ناٽڪ ڪري شوشو ڇڏيندو آهي، ان ڪري الطاف حسين جي ڳالهه کي هاڻي ملڪ ۾ ڪو به سنجيدگيءَ سان ناهي وٺندو. باقي اها حقيقت آهي ته اردو ڳالهائيندڙ آباديءَ جي تنگ نظر ليڊر شپ کي سدائين اهو پيٽ ۾ سور رهيو آهي ته سنڌ جو ورهاڱو ٿئي ۽ کين ڌار صوبو ملي. الطاف حسين ڪو پهريون اردو ڳالهائيندڙ اڳواڻ ناهي، جيڪو اهڙو مطالبو ڪري ٿو، هو دراصل ان تعصبي ۽ ورهاڱي باز ذهنيت جو تسلسل آهي.

جيتوڻيڪ الطاف حسين جي ڪنهن به بيان يا مطالبي جي ڪٽي ڪا ساک هاڻي ملڪ ۾ نه هجي، پر اها بهرحال حقيقت آهي ته اهو رڳو اڪيلي الطاف حسين جو مطالبو ناهي، پر اها خواهش اردو ڳالهائيندڙ آباديءَ جي قطعي اڪثريت کي آهي، جنهن جو اظهار مختلف صورتن ۾ ٿيندو رهندو آهي، ان ڪري اهڙي مطالبي، امڪان يا خدشي کي ڪنهن به طور نظرانداز نه ٿو ڪري سگهجي، ڇاڪاڻ ته سنڌ ۾ رهندڙ 21 سيڪڙو اردو آباديءَ جي گهڻائيءَ جي اهڙي مطالبي کي حمايت حاصل رهي آهي، ان لاءِ سنڌي عوام جي نمائنده سياسي، سماجي ۽ فڪري قوتن کي هڪ وسيع تر حڪمت عملي تي عمل ڪرڻو پوندو.

سڀ کان اڳ اهڙي مطالبي جي جواز يا Legitimacy بابت ڳالهه ٻولهه

ڪجي ته ڇا اهو ڪنهن طور به جائز آهي. ان ڏس ۾ هيٺيان نقطا بنيادي آهن.

1. سنڌ پاڪستان ۾ هڪ صوبي جي حيثيت ۾ پنهنجي صوبي جي چونڊيل اسيمبليءَ جي 1943ع ۾ پاس ڪيل ٺهراءَ تحت شامل ٿي هئي. 1947ع جي آزاديءَ جي جنهن ايڪٽ تحت سنڌ پاڪستان ۾ شامل ٿي، ان مطابق به سنڌ ملڪي وفاق جي هڪ وحدت هئي، يعني ڇئي سگهجي ٿو ته سنڌ جو پاڪستان ۾ وفاق سان سماجي معاهدو ٿي سنڌ جي صوبائي حيثيت ۽ وحدت جي بنياد تي آهي، ان ڪري سنڌ جي ورهاڱي جي مطالبي جو عملي طور مطلب اهو آهي ته سنڌ جو پاڪستان سان پراڻو سماجي معاهدو ختم ڪجي. فرض ڪجي ته سنڌ جو ملڪي وفاق سان سماجي معاهدو ختم به ٿي وڃي، تڏهن به اهو اختيار ۽ استحقاق سنڌ جي اڪثريتي عوام ۽ سنڌ اسيمبليءَ جي به پاڱي ٿي اڪثريت کي حاصل هوندو ته اها پنهنجي آئيندي بابت ڪو فيصلو ڪري. ظاهر آهي ته قومن جي وطن ۽ وحدت بابت فيصلا ڪنهن اقليتي گروهه يا سندن جماعت جي مطالبن جي بنياد تي ته نه ٿا ڪري سگهجن.

2. ورهاڱي جي ايڪٽ ۾ معاهدي ۾ ته لڏپلاڻ شامل ئي نه هئي، ان ڪري جن به ماڻهن ٻنهي ملڪن مان هڪ ٻئي ڏانهن لڏپلاڻ ڪئي، اها قانوني طور جائز نه هئي، ان ڪري اهو ڪيئن ٿو ٿي سگهي ته غير قانوني طور ورهاڱي جي معاهدي جي ڀڃڪڙي ڪندي، جيڪي ماڻهو ڀارت مان پاڪستان لڏي آيا، تنهن جي پوين نسلن کي اهو اختيار ڏجي ته اهي سنڌ ۾ ڪنهن نئين صوبي جو مطالبو ڪن. اها ته سنڌين جي شرافت آهي ته اهي سنڌ ۾ رهندڙ هن 21 سيڪڙو آباديءَ جي قانوني حيثيت جو سوال نه ٿا اُٿارين ۽ هنن سان سنڌ ۾ گڏجي رهڻ چاهين ٿا.

3. الطاف حسين چوي ٿو ته، "صوبا انتظامي سهولت لاءِ ٺاهيا وڃن." سوال اهو آهي ته اڳ ئي وڏن شهرن ۽ خاص طور ڪراچيءَ ۾ رهندڙ اردو ڳالهائيندڙن کي ڪهڙي انتظامي تڪليف آهي، جو هو اهڙو مطالبو ڪري رهيا آهن. اها شڪايت ته جيڪب آباد، گهوٽڪي، ڪشمور، ميرپور ماٿيلي ۽ ننگر پارڪر جي ماڻهن کي ٿي سگهي ٿي ته ڪراچي کانئن گهڻو پري آهي، پر انهن ته اڄ تائين دانهن ڪڏهن به نه ڪئي آهي، ان ڪري ڪراچي ۾ رهندڙ ماڻهن کي نئين صوبي لاءِ انتظامي طور ڪهڙو جواز ٿي سگهي ٿو!

هاڻي ڏسجي ٻئي سوال کي ته ڇا متحده سنڌ جي ورهاڱي کي ممڪن بڻائي سگهي ٿي؟ جيتوڻيڪ هن ملڪ ۾ ڪجهه به ٿيڻ ممڪن آهي، ان باوجود مان سمجهان ٿو ته اهو ڪم آئيني ۽ سياسي طور ناممڪن حد تائين

نهايت ڏکيو آهي. ان ڏس ۾ هيٺيان نقطا اهم آهن:

1. پاڪستان آئيني طور هڪ وفاقي ملڪ آهي ۽ دنيا ۾ وفاقي نظام ۾ صوبن جي ورهاڱي يا نون صوبن ٺاهڻ جو اختيار مرڪز يا مرڪزي پارليامينٽ کي ناهي هوندو. اهو اختيار ۽ استحقاق حتمي طور صوبن جو هوندو آهي. پاڪستان جي آئين ۾ آرٽيڪل 2/234 تحت پڻ اهڙو اختيار صرف صوبن کي حاصل آهي. دنيا جي اڪثر وفاقي ملڪن ۾ جڏهن نوان صوبا ٺهيا ته اهي يا ته آمريتي دورن ۾ ٺهيا يا ملڪ ۾ ايمرجنسي لاڳو ڪئي وئي يا وري گهرو ويڙهه جي نتيجي ۾ نوان صوبا ٺهيا. مثال طور: ڀارت جڏهن پنجاهه جي ڏهاڪي ۾ چوڏهن مان اٺاويهه صوبا ٺاهيا ته ملڪ ۾ ايمرجنسي لاڳو ڪئي وئي، نائجيريا جڏهن آزادي ڪانپوءِ ٽن مان ڇٽيهه صوبا ٺاهيا ته ملڪ ۾ مارشل لا هئي ۽ ڪو به آئيني ڍانچو موجود نه هو. دنيا جي سڀني کان قديم ڪنفيڊريشن سئٽزرلينڊ جڏهن "برن" صوبي کي ٽوڙي نئون "جورا" صوبو (Guton) ٺاهيو ته ان لاءِ واسطيدار صوبي ۾ ريفرنڊم ڪرايو ويو، جنهن جو مطلب ته اتي به ڪنهن اقليت نه پر اڪثريت فيصلو ڪيو هو. روس وري ان جي ابتڙ ريفرنڊم ذريعي ٻارهن صوبن کي ملائي، نوان پنج صوبا ٺاهيا، پر فيصلو اڪثريت ڪيو. آمريڪا ۾ "اولهه ورجينيا" گهرو ويڙهه جي نتيجي ۾ ٺهي، ان ڪري دنيا جي ڪنهن به فيڊريشن ۾ نه رڳو اختيار مرڪز کي حاصل ناهي هوندو، پر ڪٿي به اقليت اهڙو فيصلو ناهي ڪندي. سوال آهي ته پوءِ متحده ڪهڙي اصول تحت ۽ ڪنهن ڪان اهو مطالبو ڪري رهي آهي.

2. جيڪڏهن ملڪ ۾ وفاقيت جي اصول جي پيڪڙي ڪندي، اهو اختيار صوبن ڪان کسي مرڪز کي ڏيڻ جو ڪو ٺهراءُ مرڪزي پارليامينٽ ۾ پيش به ڪيو ويو ته مان نه ٿو سمجهان ته پ پ، پي ايم ايل (ن)، اي اين پي، بلوچ جماعتون يا ويندي مذهبي جماعتون ان جي حمايت ڪنديون. پيو ته متحده ملڪ ۾ سڀني جماعتن جي پيٺ ۾ اڪيلي آهي. هن وٽ هاڻي ڪنهن به پاليسيءَ لاءِ لابنگ جي سگهه يا حيثيت ناهي رهي، ڇاڪاڻ ته اها بدترين ساک جي بحران جو شڪار آهي.

3. سنڌ جو وڏيرو هوندن ڪيترو به عوام دشمن، موقعي پرست ۽ مفاد پرست ڇو نه هجي، پر سنڌ جي وحدت جي سوال تي هو سنڌ جي عوام سان گڏ بيهندو، ڇاڪاڻ ته ان ۾ سندس طبقاتي مفاد به سمايل آهن، ان ڪري سنڌ اسيمبلي مان متحده ڪڏهن به سنڌ جي ورهاڱي جو ٺهراءُ نه ٿي پاس ڪرائي سگهي. پيو ته سنڌ ۾ رهندڙ ٻيون قومون يعني پنجابي، پٺاڻ، سرائيڪي ۽ بلوچ

ڪڏهن به نه چاهيندا ته سنڌ جو ورهاڱو ٿئي، ڇاڪاڻ ته ان صورت ۾ سنڌين مفاد به سلامت نه هوندا.

4. متحده جي اندروني بحران، بدنامي ۽ سياسي اڪيلائپ سبب خود اردو ڳالهائيندڙ ماڻهن جو هڪ وڏو حصو متحده کان بدظن ٿي، ٻين جماعتن ڏانهن ويجي رهيو آهي ۽ تحريڪ انصاف انهن ۾ خاص اهميت رکي ٿي، ان ڪري جنهن تنظيم جي پيرن هيٺان زمين کسڪندي وڃي، ان جي اهڙي مطالبي ۾ به اها گهربل سگهه پيدا ٿئي، اهو ڏکيو نظر اچي رهيو آهي. ٻيو ته خود ڪراچي اندر اردو آبادي اقليت ۾ آهي. 1998ع جي آدم شماري ۾ سنڌن شرح 43.2 هئي ۽ هاڻي اها عملي طور وڃي 38٪ سيڪڙو بچي آهي، جڏهن ته هاڻي ڪراچي ۾ سنڌين جو هڪ وڏو انگ رهي ٿو. ٻه ڏهاڪا اڳ اها صورتحال نه هئي. ان سموري صورتحال باوجود سنڌي ماڻهن کي اهڙن مطالبن تي ماٺ ڪري ويهڻ نه گهرجي، ڇاڪاڻ ته نون صوبن جو مطالبو ملڪ ۾ ڏينهون ڏينهن عام ٿي رهيو آهي ۽ پنجاب ۾ سرائيڪين، خيبرپختونخوا ۾هزاره آباديءَ ۽ بلوچستان ۾ پشتون آباديءَ وٽ ان جا تاريخي طور جائز جواز به آهن ۽ ظاهر آهي ته اهڙو مطالبو آهستي آهستي زور وٺندو. سفارتي حلقن ۾ گهڻو اُٿڻ ويهڻ سبب مون اهو به شدت سان محسوس ڪيو آهي ته آمريڪا، برطانيا، يورپي يونين ۽ ٻيا گهڻا ملڪ پاڪستان ۾ نوان صوبا ناهڻ جي حق ۾ آهن، جيڪا ڳالهه ڳڻتي جوڳي آهي. ٻيون ته منهنجو خدشو آهي ته جيڪڏهن پ پ پنجاب کي ٽوڙي سرائيڪي صوبو ناهڻ تي گهڻو زور ڏنو ته ردعمل ۾ مسلم ليگ (ن) ۽ (ق) به سنڌ کي ورهائڻ وارو ڪارڊ اُڇلائي سگهن ٿا، ان ڪري سنڌ جي وحدت کي يقيني بڻائڻ لاءِ اسان کي هيٺين تدبيرن تي عمل ڪرڻو پوندو. مثال طور:

1. سنڌ اسيمبلي پنهنجي ايندڙ اجلاس ۾ نهايت واضح لفظن ۾ ۽ پختي موقف سان ٺهراءُ پاس ڪري ۽ اهو پڌرو ڪري ته سنڌ پاڪستان ۾ هڪ وحدت طور شامل ٿي هئي ۽ ان جي ورهاڱي جو مطالبو سنڌ جي پاڪستان سان سماجي معاهدي کي ٽوڙڻ جي مترادف هوندو.

2. سنڌ جي وحدت جي سوال کي هر محاذ ۽ مورچي تان ايترو ته ڪٽجي ۽ اُڀارجي جو اهو ڊسڪورس "طاقت" بڻجي اُڀري سگهي. 21 هين صديءَ ۾ عام راءِ جي وڏي سگهه آهي.

3. سنڌ جي قومي سياست ڪندڙ تنظيمن کي پاڻ سڌاري، پنهنجي تنظيمي صلاحيتن ۽ سياسي سگهه کي وڌائڻو پوندو، ڇاڪاڻ ته اهڙي امڪاني صورتحال کي پس و پيش منظم سياسي سگهه ذريعي ئي منهن ڏئي سگهجي ٿو.

جيڪا ظاهر آهي ته اسان وٽ گهربل سطح تي ڪونهي. سنڌ جي قومي سياست ڪندڙ جماعتن، اديبن، دانشورن ۽ سماجي تنظيمن کي پنهنجي سرگرمين جو مرڪز ڪراچي کي بڻائڻ گهرجي.

4. سنڌ حڪومت، سنڌ جي سياسي جماعتن، سنڌي ميڊيا توڙي سول سوسائٽي کي ڪراچي ۾ رهندڙ سنڌين جي مالڪي ڪرڻ گهرجي. سنڌن ڊوميسائل، رهائش جا سرٽيفڪيٽ، ووٽر لسٽن ۾ داخلا، شناختي ڪارڊ، پاسپورٽ ڪراچيءَ ۾ ٺهڻ گهرجن ته جيئن منجهن ڪراچيءَ جي مالڪيءَ جو احساس سگهارو ٿي سگهي. سرندي وارا ماڻهو بيروزگار سنڌي نوجوانن کي ۽ ويندي مزدور طبقي کي ڪراچيءَ ۾ روزگار جا موقعا فراهم ڪرڻ ۾ وڏو اهم ڪردار ادا ڪري سگهن ٿا.

5. ڪراچيءَ ۾ رهندڙ هر سنڌي کي لائسنس وارا هٿيار ضرور وٺڻ گهرجن ۽ پاڙن جي سطح تي منظم ڪميٽيون ٺهڻ گهرجن. ڪراچيءَ جي چوڌاري سنڌي ڳوٺن ۽ ڳوٺاڻن سان رابطو تيز ڪرڻ گهرجي، جيڪو ڪم سياسي جماعتون ڪري سگهن ٿيون.

6. ڪراچي جي آباديءَ ۾ وڏو انگ ميمڻن، گجراتين، ڪاٺياواڙين، بوهرين، ڪڇين ۽ سنڌي ۽ بلوچ برادرين جو آهي. انهي سان اسان جي سياسي پارٽين جو رابطو تمام گهٽ آهي، جڏهن ته اهي سمورا ماڻهو سنڌي آهن ۽ سنڌ جي وحدت جي سوال تي اسان سان گڏ بيهندا، پر رابطي جي کوٽ کين عملي طور سنڌين کان ڌار ڪري ڇڏيو آهي.

7. اسان کي سنڌ جي وحدت بابت پنهنجو جائز تاريخي ڪيس سمورن سفارتخانن، سياسي جماعتن، ميڊيا جي ادارن ۽ سول سوسائٽيءَ تائين پهچائڻو پوندو، جنهن ۾ اسان هيستائين گهڻي سُستي ڪئي آهي.

*(22 سيپٽمبر 2014ع)*

# سنڌين جي قومي شعور جي بدنصيبي!

جيڪي قومون تاريخ جو ڪجھ عرصو آزاد حيثيت ۾ قومي خود اختياريءَ کان محروم رهن ٿيون، انهن ۾ جدوجهدن، قربانين، مزاحمتن ۽ بغاوتن جهڙين عظيم روايتن سان گڏوگڏ ڪجهه بنيادي نوعيت جون ڪمزوريون پڻ پيدا ٿين ٿيون، جن ۾ اندروني انتشار، آسهپ، احساس ڪمتري، منفي گروهه بندي سان گڏوگڏ خود قياسي خاص طور اهم آهي. جيئن ته اسان به گذريل ڏيڍ سئو سالن کان وٺي مسلسل غلاميءَ هيٺ ۽ قومي خود اختياريءَ کان محروم رهيا آهيون، ان ڪري لازمي نتيجي طور اسان ۾ به اجتماعي طور اهي منفي نفسياتي رجحان موجود آهن، جن ۾ خود قياسي معنيٰ خود مذمتي يا پنهنجو پاڻ تي رحم کائڻ هڪ ڪٽتيءَ جوڳو رجحان آهي. سنڌ ۾ اهو جملو عام طور فيشن ۾ چيو ويندو آهي ته سنڌي مرده پرست يا بي قدري قوم آهي، جڏهن ته منهنجي راءِ ان جي بنهه ابتڙ آهي. سنڌي عوام ۾ يقيني طور اُهي سموريون ڪمزوريون آهن ۽ ٿي سگهن ٿيون، جيڪي ڪنهن به پسمانده، ترقيءَ ۽ اختيار جي اڳين ڏارائن کان ڪٽيل سماج ۽ عوام ۾ هونديون آهن، پر ساڳئي وقت مان سمجهان ٿو ته سنڌي عوام جون ڪي خوبيون بنهه نراليون ۽ حيرت انگيز به آهن. انهن مان هڪ آهي، سنڌي ماڻهن جو انفرادي توڙي اجتماعي طور مهل تي "مڙس ماڻهو" (واضح رهي ته ان جو لازمي طور مطلب مرد ناهن، مڙس ماڻهو عورتون به ٿي سگهن ٿيون ۽ آهن. هتي ماڻهو جو مطلب مرد نه پر انسان جي معنيٰ ۾ وٺڻ گهرجي.) هجڻ. جڏي کان جڏو سنڌي ماڻهو به هونئن معمول مطابق ڪيئن به هجي، پر مهل تي مڙس ٿي بيهندو. جي ان کي روايتي سماجي معنيٰ ۾ وٺڻ بجاءِ سياسي ۽ قومي معنيٰ ۾ وٺجي ته شايد ڳالهه اجا به سولي ٿي پوندي.

مان شاگرد سياست جي دور کان وٺي ويندي گذريل ويهن سالن جي پيشه ورانه ۽ علمي ادبي زندگيءَ ۾ سنڌ ۽ پاڪستان جي ٻاڙي ٻاڙي انيڪ ڀيرا گهميو آهيان ۽ ملڪ جي هر قوم ۽ سماج کي تجرباتي طور ويجهي کان ڏٺو آهي. سنڌن عوام کان وٺي ويندي اديبن، شاعرن، استادن، وڪيلن، صحافين، سياسي ڪارڪنن ۽ اڳواڻن توڙي ماهرن سان ويجهڙائيءَ کان ڪم ڪرڻ جو به موقعو مليو اٿم. مان سمجهان ٿو ته سياسي شعور جي پختگيءَ ۾ تحرڪ جي

لحاظ کان پاڪستان جي ڪنهن به قوم ۽ ان جي عوام جو سنڌين سان مقابلو ڪرڻ بي انصافي ٿيندي. انگريزن تہ نندي ڪنڊ جا ڪيترائي علائقا پنهنجي تحويل ۾ ورتا هئا، پر بمبئي کان آزاديءَ جي جيڪا تحريڪ انگريزن جي دور ۾ سنڌ هلائي، ان دور ۾ اهڙا مثال گهٽ هئا. 1955ع ۾ اولهہ پاڪستان ۾ ون يونٽ مڙهيو ويو تہ ون يونٽ خلاف جدوجهد ۾ اڳواٽيءَ وارو ڪردار سنڌين جو هو. ان کان اڳ ۽ ان ساڳئي دور ۾ پنهنجي ٻولي، ثقافت ۽ سڃاڻپ جي جدوجهد ۾ سنڌي بنگالين کان جي اڳتي نہ هئا تہ پٺتي بہ نہ هئا. ان دور ۾ نيلام بند ڪريو، ووٽر لسٽون سنڌيءَ ۾ ڇپرايو ۽ اهڙيون ٻيون انيڪ جدوجهدون رڪارڊ تي آهن. شهيد ذوالفقار علي ڀُٽي ملڪ ۾ نئين پاپولر گهڻ طبقاتي پارلياماني سياست جو آغاز ڪيو تہ ڪيس سڀ کان وڌيڪ موٽ سنڌين ڏني (جيڪا هاڻي شايد سنڌين کي ڳچيءَ ۾ پئجي وئي آهي!) ضياءَ آمر جي خلاف جيڪي بہ وڏيون جدوجهدون ۽ مزاحمتي تحريڪون 1983ع ۽ 1986ع ۾ هليون، انهن جي منهندار سنڌ ۽ سنڌي ماڻهو هئا. ايم آر ڊيءَ جي 1983ع جي تحريڪ ۾ سنڌي عوام جي جمهوري جدوجهد ڪنهن طور بہ هڪ غير معمولي عوامي مزاحمت کان گهٽ نہ هئي. هتين خالي سنڌي عوام آمر ضياءَ کي ڏينهن جا تارا ڏيکاري ڇڏيا هئا. اهو ئي سبب هو جو ضياءُ الحق کي شايد جمهوريت کان بہ وڌيڪ نفرت سنڌين سان هئي، جنهن جو بدلو هن سنڌ ۾ شهري لساني دهشتگردن، اتر سنڌ ۾ ڌاڙيلن ۽ ڪلاشنڪوف ڪلچر، لکين افغانين جي سنڌ آمد ۽ سنڌي سماج کي سماجي طور منفي نِراجيت ڏانهن ڌڪڻ جي حڪمت عملين سان ورتو. اڄ بہ سنڌ سان ضياءَ جو روح ئي وڙهي رهيو آهي، پوءِ چاهي اهو ڪراچيءَ ۾ لساني فاشزم جي صورت ۾ هجي، اتر سنڌ ۾ قبيلائي دهشتگردي ۽ ڌاڙيل شاهيءَ جي روپ ۾ هجي يا سنڌ ۾ وڌندڙ ذات پرستين، تعليمي زوال، مذهبي اقليتن خلاف غير محفوظ ماحول توڙي وڌندڙ مذهبي انتهاپسنديءَ هجي. ضياءَ جي دور کانپوءِ جيڪا محتاج جمهوريت جزوي طور بحال ٿي تہ ان ۾ بہ سنڌين جو وڏو عمل دخل هو. ڇا 1988ع جي چونڊن ۾ سنڌي عوام جي سياسي سوچ جو اظهار ڪنهن خاموش پرامن جمهوري انقلاب کان گهٽ حيثيت رکندڙ هو؟ جنهن ۾ پير صاحب پاڳاري کي پرويز علي شاهہ، غلام مصطفيٰ جتوئي کي هيٺين وچئين طبقي جي ٻهڻ صاحب، نواب سلطان احمد چانڊيي کي وچئين طبقي جي هڪ عورت ڊاڪٽر اشرف عباسيءَ چونڊن ۾ هارايو. سنڌي عوام تاريخي طور سنڌ جي روايتي وڏيرڪي ۽ پوتار طبقي کي شڪست ڏئي وچولي طبقي کي اڳيان آندو. اها ٻي ڳالهہ آهي تہ پوءِ عوام سان وڏي مثالي ويساهہ

گهاٽي تي ۽ هن جڳاڙي ۽ ڪرپٽ سياسي سرشتي مان اپريل مڊل ڪلاس سياستدان عوام کي موٽ ۾ سواءِ دوکي، دولاب ۽ آمرن جي هيو ڪجهه بہ نہ ڏنو، پر عوام پنهنجي شعور جي پختگيءَ جو وڏو مظاهرو ڪيو. هاڻي عوام جو آندل اهو خاموش انقلاب جيڪڏهن ڪرپشن، اقربا پروريءَ، موقعي پرستيءَ، نااهليءَ ۽ "مفاهمت" جي وَر چڙهي ويو تہ پوءِ ان ۾ عوام جو تہ ڪو ڏوهہ نہ آهي.

ٻئي طرف جي سنڌي عوام جي سنڌ جي قومي اشوز تي ڏنل موٽ کي ڏسجي تہ ان جي پنهنجي هڪ تاريخ آهي. مان ڪنهن طور بہ ان ڳالهہ سان متفق نہ آهيان تہ سنڌي عوام سنڌ جي قومي، عوامي ۽ ترقي پسند سياست کي موٽ نہ ڏني آهي. سائين جي ايم سيد جڏهن پنهنجن ڪتابن ۽ فڪر ذريعي سنڌين ۾ قومي شعور پيدا ڪيو تہ سنڌ جي پڙهيل لکيل مڊل ڪلاس ان کي ڀرپور موٽ ڏني. عوام جي ڳالهہ هتي ان ڪري نٿي ڪجي جو سائين بنيادي طور ڪو عوامي سياستدان نہ هو. هن ڪانپوءِ سائين رسول بخش پليجي، سائين جي ايم سيد ۽ شهيد ڀُٽي کان ڏار هڪ جدا ترقي پسند سياسي واٽ ڏئي سياست ۽ پنهنجي فڪر کي سنڌ ۾ متعارف ڪرايو تہ ڪيس اها موٽ ملي، جنهن جي شاهدي خاص طور تي گذريل ٽي ڏهاڪا ڏيندا. سنڌ جي سياسي پارٽين جڏهن بہ وسيع تر اتحاد ٺاهيا تہ سنڌي ماڻهن پنهنجي سگهاري ساٿ ۽ روح سان انهيءَ ۾ ڪردار ادا ڪيو. "سنڌي عوام جو قومي اتحاد" ۽ "سنڌ قومي اتحاد" رڳو ان جا ٻہ وڏا مثال آهن. 1988ع ۾ سنڌي ماڻهن جنهن پارٽيءَ کي اقتدار جي ايوانن ڏانهن اماڻيو هو، جڏهن ان حڪومت بهارين کي گهرائڻ جا اعلان ڪيا تہ سڄي سنڌ ٻري اُٿي. لاڙڪاڻي جي پاڪستان چوڪ کان ڪراچيءَ جي اسٽار گيٽ تائين اهي سنڌي ماڻهن جا باغيانہ هجوم هئا، جنهن حڪومت کي اهو فيصلو واپس وٺڻ تي مجبور ڪيو. ڪالاباغ ڊيم خلاف سنڌين جي جدوجهد تہ هڪ وڏو مثال آهي. سنڌ جو ڪهڙو ماڻهو هو جيڪو ان قومي جدوجهد ۾ شامل نہ هو؟ پرويز مشرف جي دور ۾ اي آر ڊي فقط هڪ ڏيکاءُ هئي، جنهن مشرف خلاف ڪَکُ ڀڃي ٻيٽو نہ ڪيو پر اهو سنڌي عوام هو جنهن سڀ کان اڳ ملڪي تاريخ جي هن چوٿين آمر کي للڪاريو. مشرف دور ۾ سنڌين جي درياءَ بچائڻ جي جدوجهد جو ڪو مثال ناهي. حالت اها هئي جو پرويز مشرف نہ رڳو پنهنجي سموري آمراڻي دٻدٻي ۽ جبر باوجود ڪالاباغ ڊيم ٺاهي نہ سگهيو پر هو سنڌ ۾ عملي طور ڪرفيو هڻڻ کانسواءِ هلي بہ نہ سگهندو هو. اهو ئي سبب آهي جو ضياءَ جيان سنڌي ماڻهو پرويز مشرف جي بہ ڇڙ ٻڌجي ويا هئا .اينئي ڪالاباغ ڊيم ۽ گريٽر ٿل ڪئنال ايڪشن

ڪميٽي جا احتجاج، سنڌ پاٽي ڪميٽيءَ جون پاٽي ڪانفرنسون، عوامي تحريڪ جون لانگ مارچون، جسقم جا ڌرڻا، ترقي پسند پارٽيءَ جا جلسا ۽ احتجاج -ڪير هو جنهن جي سڏ تي سنڌي عوام نہ آيو. هن حڪومت جي دور ڪي ئي ڏسجي، جنهن ڪي اقتدار جي ايوانن ڏانهن اماٽيو بہ سنڌي ماڻهن هو. جڏهن حڪومت مفاهمت جي نالي ۾ سنڌ جي انتظامي ورهاڱي جو بنياد رکيو تہ سنڌ بچايو ڪميٽيءَ جي سڏ تي سنڌ تاريخي هڙتال ڪئي ۽ حڪمرانن کي چتاءُ ڏنو تہ جيڪي سنڌي کين ووٽ ذريعي اقتدار جي مسند تي ويهاري سگهن ٿا تہ اهي ساڻن ويساهہ گهاتين سبب پنهنجون حمايتون واپس بہ وٺي سگهن ٿا. آدمشماريءَ تي سڄو ملڪ ستو پيو هو پر سنڌي ماڻهو قومي سڏ ۾ سڏ ڏيو اُٿيو بيٺو هو. جسقم جي اڳواڻ ۽ سنڌ جي هڪ ارڏي پٽ بشير خان قريشيءَ جي اوچتي پراسرار موت تي سنڌين جي ہڏي ۽ گڏيل موٽ هڪ ڀيرو وري سنڌن قومي شعور جي ساک تي مهر ثبت ڪئي آهي.

هاڻ سوال آهي تہ جڏهن سنڌي عوام جو سياسي ۽ قومي شعور ايترو پختو آهي، جو کين رڳو سڏ ڏيڻ جي دير آهي ۽ سڄي قوم متحرڪ ٿيو وڃي. سنڌي عوام تہ پنهنجي ميڊيا کي بہ اهو سمجهي هميشہ موٽ ڏني آهي تہ اُها سنڌن آواز بڻجي ٿي. جي اها سنڌن زخمن تي مرهم نہ ٿي رکي سگهي تہ پلا سنڌن دانهن تہ بڻجي ٿي ۽ سنڌن ڏُڏ تہ ٿئي ٿي. ٽوپي ۽ اجرڪ جو ڏينهن هجي يا درياهہ جو، سنڌي ماڻهو لکن تہ ڇا، ڪروڙن جي انگ ۾ ٻاهر نڪري آيا. آهي ڪو مثال سڄي ملڪ ۾ اهڙي قومي ہڏي، تحرڪ ۽ سياسي/قومي شعور جي پختگيءَ جو؟ پر اصل سوال هاڻي غور طلب اهو آهي تہ پوءِ آخر سنڌي ماڻهن جي مقدر ۾ رڳو تڏهن بہ ذلتون، نڌڻڪايون، قومي عدم سلامتي، دانهون، هڙتالون، بک، بدحالي، تباهہ حال تعليم، برباد ترقياتي سرشتو ۽ اهڙي بي وزن حيثيت ڇو آهي، جو سنڌي سنڌ جا مالڪ ۽ اڪثريتي ڌر هوندي بہ ٻئي درجي جي حيثيت رکندڙ آهن؟ مان سمجهان ٿو تہ قومن جي حيثيت ۽ وزن جو سوال بنيادي طور تي هڪ سياسي سوال آهي. تضادن جي گهيرن ۾ جياپي ۽ آجپي لاءِ جدوجهد ڪندڙ قوم جيستائين سياسي طور سگهاري نہ هوندي، تيسين اها ڪنهن طور بہ طاقت جي توازن ۾ بنيادي يا اهم حيثيت حاصل نہ ٿي ڪري سگهي. ان ۾ ڪو بہ شڪ نہ آهي تہ اڄ سنڌي عوام ۾ جيڪو پختو سياسي شعور ۽ سياسي ہڏيءَ جو احساس آهي، اهو ڪو آسمان مان يا پاڻ مرادو پيدا نہ ٿيو آهي. اهو گذريل ڏيڍ سئو سالن کان سنڌ جي لڳاتار سياسي جدوجهدن، فڪري پورهيي ۽ تربيت جي نتيجي ۾ پيدا ٿيو ۽ اُسريو آهي. پر اصل سوال

اهو آهي تہ آخر اهو قومي شعور هڪ ڏاڪو اڳتي وڌي، ڪيفيتي تبديليءَ (Qualitative Change) مان گذري، ڪنهن ڀرپور منظم يا تنظيمي شڪل ۾ ڇو نہ ٿو اڀري؟ مان سمجهان ٿو تہ اڄ جيڪڏهن اسان ۾ ڪا بنيادي قومي کوٽ آهي تہ اُها هڪ اهڙي سياسي پارٽيءَ جي آهي، جيڪا صحيح معنيٰ ۾ قومي ۽ عوامي هجي، يعني ان جو رڳو فڪر قومي/عوامي نہ هجي، پر ان ۾ قوم ۽ عوام جي وڏي گهڻائي عملي طور شامل بہ هجي. اڄ سنڌ ۾ فڪر جي ڪا کوٽ ناهي. اڳ جي ڀيٽ ۾ ڪارڪنن جو انگ تمام گهڻو آهي، عوام وڌيڪ سجاڳ ۽ متحرڪ آهي، سنڌين وٽ سجاڳي ۽ اثرائتي ميڊيا آهي، اڳ جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ اسريل مڊل ڪلاس آهي، پر جي ناهي تہ هڪ اهڙي پارٽي ناهي، جيڪا حقيقي طور قومي ۽ عوامي سڏائڻ جي حقدار هجي. منهنجو اهو مطلب هرگز ناهي تہ ڪو سنڌ ۾ موجود قومي/عوامي سياسي پارٽيون اجايون يا غير اهم آهن. پنهنجين سمورين ڪمزورين سميت اهي سياسي پارٽيون ئي آهن، جيڪي سنڌ جي بچاءَ جو هراول دستو آهن، پر اصل سوال سنڌن گهربل ڪردار، سگهہ، ليڊر شپ جي معيار ۽ عوامي قوت جو آهي. ڀلا ڀري ڇو ويچجي، عوامي ليگ جو ئي مثال وٺجي، جنهن جو اڳواڻ شيخ مجيب، سائين جي ايم سيد، ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي، شهيد ذوالفقار علي ڀُٽي ۽ رسول بخش پليجي جيترو پڙهيل ۽ قابل بہ نہ هو، پر جيئن تہ وٽن عوامي ليگ جهڙي سگهاري قومي سياسي پارٽي هئي تہ هنن لازوال قربانين سان پنهنجي آئيندي کي محفوظ ڪري ڏيکاريو. اسان جو الميو اهو بہ آهي تہ اسان گذريل پنجن ڏهاڪن کان پارٽيون ٺاهڻ بدران رڳو اڳواڻ ٺاهيا ۽ شخصيت پرستيءَ وسيلي سنڌن امڪاني معروضي ڪردار کي بہ مسخ ڪري ڇڏيو. ياد رکڻ گهرجي تہ پارٽيون فردن يا تاحيات اڳواڻن جي ذاتي ملڪيت هونديون يا رڳو سنڌن شخصي مرضيءَ تي هلنديون ۽ ادارن ڏانهن جوابدار نہ هونديون تہ اُهي ڪڏهن بہ حقيقي عوامي سگهہ حاصل نہ ڪري سگهنديون.

سنڌ ۽ سنڌين جي قومي، سياسي ۽ ثقافتي شعور جي بدنصيبي ئي اِها آهي جو اهو تاريخي طور هڪ ڏاڪو اڳتي وڌي ڪنهن وڏي قومي عوامي پارٽيءَ ۾ تبديل نہ ٿو ٿئي. اها گڏيل ناڪامي اسان کي ميڄٽي پوندي ۽ حقيقت پسنديءَ سان ان جو حل بہ ڪيڏو پوندو. مان نہ ٿو سمجهان تہ سنڌين جو هڪ سيڪڙو بہ ڪو تنظيمي طور اسان جي سمورين قومي سياسي پارٽين ۾ شامل هوندو. عام ماڻهو ڪين اشوز تي موٽ ڏئي ٿو پر اهو اڄ بہ تنظيمن اندر موجود ناهي. هڪ سيڪڙو سنڌي ماڻهو بہ چئن لکن کان مٿي ٿيندا. سنڌ ۾ رڳو چار

لک ماڻهو به ڪنهن هڪ يا مختلف سياسي پارٽين ۾ عملي ۽ تنظيمي طور شامل هجن ته هن رياست ۽ سنڌ خلاف سازشون ڪندڙ ترين جو هنيانءُ ڦاٽي پوندو.

مان سمجهان ٿو ته سنڌ جو هي ڏاهڪو تاريخي طور تمام فيصلائتو آهي. هيءُ ڏاهڪو ئي آهي، جنهن ۾ سنڌ پنهنجي قومي ويڙهه حتمي طور کٽندي يا هارائيندي. اها ڳالهه به طئي آهي ته جيتوڻيڪ سماج جا سمورا فرد ۽ شعبا ان ۾ پنهنجو مثبت يا منفي ڪردار ادا ڪندا، پر اصل ۾ فيصلائتو ڪردار عوامي آهي. سنڌ جي سياسي قيادت ۽ سياسي پارٽين کي تاريخ اهو موقعو فراهم ڪيو آهي ته اهو ڪم جيڪو اڳيون نسل نه ڪري سگهيو، اهو اڄ ممڪن آهي. ڇاڪاڻ ته هن دور ۾ نه رڳو عوام سياسي تحرڪ ۽ پختگيءَ جي مٿانهين ڏاڪي تي آهي، پر هن دور ۾ جدوجهد جا ميدان به وسيع ٿي چڪا آهن. سنڌ جي نجات لاءِ آسمان مان ڪو به نه ايندو ۽ سنڌ جي آئيندي جي واٽ به موجود سماج جي معروضي قوتن مان نڪرڻي يا منظم ٿيڻي آهي. موجود سياسي پارٽين يا نئين اڀرندڙ قوتن مان تاريخ ان جي چونڊ ڪندي، جيڪا معياري ۽ گڏيل اڳواڻي، عالمي، ملڪي ۽ مقامي حالتن جي ادراڪ، شفاف سياسي ڪردار، جمهوري سياسي ڪلچر، عوامي سگهه ۽ جدوجهد جي صحيح واٽ ۽ حڪمت عمليءَ سان اڳتي وڌندي. جي سنڌ جي قومي شعور کي ڪنهن وڏي سگهاري سياسي پارٽيءَ ۾ تبديل نه ڪيو ويو ته مان سمجهان ٿو ته اشوز جي پويان ڊوڙڻ ڊوڙڻ، سهڪي، سنڌي عوام وري منفي نِراجيت/ انارڪيءَ ڏانهن ڌِڪجي سگهي ٿو. اسان جون جدوجهدون گهٽ يا گهڻي ڀاڱي گهربل نتيجن کان وانجهيل ان ڪري به آهن، جو اسان وٽ اهو گهربل تنظيمي ڍانچو ۽ عوامي سگهه ناهي، جيڪا سچ پچ به عوام لاءِ ڏِڍ ۽ عوام يا وطن جي ويرين لاءِ حقيقي خطرو هجي. ڪنهن وڏي سگهاري سياسي پارٽيءَ کان سواءِ "نه کپي، نه کپي" ۽ "هيڏانهن هلو"، "هوڏانهن هلو!" جي پويان ماڻهو ڪيترو ڊوڙندا؟ رياست، شهري لساني دهشتگردن ۽ سنڌ جي قوم فروش ڀوتارڪي طبقي کي اسان جون ٺلهيون دانهون نه پر ڪا حقيقي قومي عوامي سياسي پارٽي ئي شڪست ڏئي سگهي ٿي ۽ اهو ئي اسان جو وڏي ۾ وڏو قومي سياسي چئلينج به آهي. سنڌي عوام جي قومي شعور کي هڪ تنظيمي قوت ۾ تبديل ڪيئن ڪجي!؟ مان سمجهان ٿو ته اهو سوال هاڻي اسان جي قومي ايجنڊا تي ترجيحاتي طور هئڻ گهرجي، ڇاڪاڻ ته جڏهن ان جي حساسيت، اهميت ۽ محرڪن کي سمجهبو، تڏهن ئي ان خواب جي ساڀيان لاءِ ڪو حقيقي اثرائتو قدم کڻي سگهندو.

*(روزاني ڪاوش حيدرآباد، 24 اپريل 2012ع)*

# باشعور فردن جو قومي ۽
# سياسي ڪردار ڪهڙو آهي؟

سنڌي قوم جي موجوده حالت، سنڌس اهنجن، ڏکن، پيڙائن ۽ مسئلن بابت روئڻ، پٽڻ، ڏک ۽ همدرديءَ جو اظهار ڪرڻ هاڻي هڪ عام فيشن بڻجي پيو آهي. چاڪاڻ ته اهو ڪم ته هاڻي اُهي به ڪن ٿا جن جو چوويهه ڪلاڪ ڌنڌو وطن ۽ قوم فروشي آهي. ان ڪري موجوده نازڪ قومي حالتن ۾ وطن ۽ قوم لاءِ محبت جي تقاضا فقط ان فيشن تائين محدود ٿي نٿي سگهي. "پريِنءَ" ڪي پَسڻ لاءِ هاڻي ڪنهن "ٻئي فهم" جي ضرورت آهي. سنڌ ۾ ڪوبه مسئلو اُتندو ته هڪدم دانهن ٿيندي ته قومپرست ڪٿي آهن؟ سنڌ ۾ قومپرستيءَ جا دعويدار ڪيترا قومپرست آهن؟ اُها ڳالهه پنهنجي جاءِ تي پر ڇا سنڌ لاءِ هر موقعي تي اُٿڻ فقط ڪن مخصوص فردن ۽ تنظيمن جو فرض آهي؟ گذريل ٽن ڏهاڪن کان مون سنڌ جي قومي، ادبي ۽ سياسي زندگيءَ کي نهايت ويجهڙائيءَ کان ڏٺو ۽ پرکيو آهي ۽ پاڻ به ان جو سرگرم حصو رهيو آهيان. منهنجي سوچيل سمجهيل ۽ تجربن جي بنياد تي جڙيل راءِ آهي ته سنڌ ۾ ڪابه اهڙي تنظيم يا طاقت ناهي، جيڪا اڪيلي سِر ۽ مڪمل طور سنڌ جو هي گهڻ-طرفو ۽ سمورو بار کڻي سگهي يا سنڌ کي حقيقي معنيٰ ۾ هن سڄيءَ غلاميءَ، ذلت ۽ پَستيءَ مان نجات ڏياري سگهي. منهنجو اهو پختو ويساهه آهي، ته سنڌ ۾ جيستائين سمورا باشعور فرد پنهنجي پنهنجي پتيءَ جو ۽ ڪن حالتن ۾ ان کان به اڳتي وڌي هي سڄو بار نه کڻندا، تيسين سنڌي قوم ۽ عوام جي نجات ناممڪن آهي. سنڌ ۾ باشعور سڄاڻ ماڻهن جي گهٽائيءَ جو رويو اهو آهي ته هنن جو ڪم رڳو خيالي پُلاءَ پَچائڻ آهي. باقي علمي، فڪري، سياسي ۽ سماجي پورهيو ۽ جوکم جهڙا ڪم وڃي ٻيا ڪن. سنڌ جي هن حال کي رسڻ جو هڪ بنيادي سبب اهو به آهي. ان ڪري وقت اچي ويو آهي، ته هر باشعور ۽ فرض شناس ماڻهو پنهنجي اندر ۾ جهاتي پائي ڏسي، ته قومي بقا جي هن ميدان ۾ هو ڪٿي بيٺو/ بيٺي آهي؟ ۽ هن جو سنڌ جي قومي بقا جي هن گهڻ طرفي جدوجهد ۾ ڪهڙو انفرادي، قومي، ادبي، فڪري، علمي ۽ سياسي ڪردار آهي؟

اڇو تہ ان ڳالھہ جو جائزو وٺون تہ سنڌ جي باشعور فردن جي گھڻائي کھڙن ڪھڙن فڪري ۽ سماجي مرضن ۾ ورتل آھي ۽ اُھا ان جو تدارڪ ڪندي ڪيئن پنھنجو ڀرپور قومي ڪردار ادا ڪري سگھي ٿي.

**(1) ھر باشعور فرد پنھنجي تاريخي ڪردار جو تعين ڪري:**

سياست کي ھن ملڪ ۾ ايترو تہ گندو، خوار ۽ بڇڙو ڪيو ويو آھي، جو اُھا عوام لاءِ ننگيءَ، دوکي، دولاب ۽ ويساھہ گھاتيءَ جي علامت بڻجي پئي آھي، جڏھن تہ حقيقت ۾ سياست قومن جي تقديرن بدلائڻ جو علم، فن ۽ منظم جدوجھد جو نالو آھي. جڏھن سياست جھڙي سنجيده ڪم کي گندو، بڇڙو ۽ ڏنڏو بڻايو ويجي تڏھن تہ تھائين وڌيڪ ضرورت ھوندي آھي تہ ان جي سامھون حقيقي، قوم دوست، عوام دوست ۽ باڪردار سياست کي منظم ڪري ان جو وقار بحال ڪيو وڃي. اڄ کان لڳ ڀڳ اڍائي ھزار سال اڳ ارسطوءَ چيو ھو تہ جيڪو ماڻھو سياسي ناھي، ان کي مھذب سڏائڻ جو ڪوبہ حق نٿو پھچي. سنڌ جي باشعور ماڻھن جي گھڻائي اڃا ان ذھني ۽ فڪري بالڪپڻ مان نڪري ۽ اُسري نہ سگھي آھي، جو اھا غير سياسي ھجڻ کي "شرافت" جي نشاني سمجھي ٿي. ھڪڙي ڳالھہ بنھہ واضح ۽ طئي آھي تہ سنڌ جي نجات ٻين شعبن ۽ ڳالھين سان گڏوگڏ باڪردار، منظم ۽ سگھاري عوامي ۽ قومي سياست کانسواءِ ممڪن نہ آھي. جيڪا سياست قومي نجات ۽ بقا جو ذريعو ھجي، اھا چورن، ڀتي خورن، ڌوھارين ۽ بدڪردار ماڻھن جي حوالي ڪري نٿي سگھجي ۽ جيستائين سنڌ جو باڪردار ۽ باشعور ماڻھو ان ۾ شامل نہ ھوندو، تيسين ان ۾ اُھا قومي سگھہ پيدا نہ ٿيندي، جنھن جي سنڌ کي گھرج آھي. ان ڪري سنڌ جي ھر باشعور ماڻھوءَ جو فرض آھي، تہ اھو پنھنجو قومي ۽ سياسي ڪردار طئي ڪري. جيڪڏھن ڪنھن ماڻھوءَ کي ڪنھن بہ سياسي پارٽيءَ سان ويجھڙائي يا اتفاق محسوس نہ ٿئي تہ اُن کي گھٽ ۾ گھٽ سياسي سوچ اختيار ڪرڻ گھرجي، سياسي حالتن تي نظر رکڻ گھرجي ۽ سڀ کان اھم ڳالھہ تہ بنيادي معاملن بابت پنھنجي سياسي راءِ رکڻ گھرجي ۽ سماج جي سياسي تحرڪ جو متحرڪ حصو ٿيڻ گھرجي. ڪنھن فرد جي سياسي ھجڻ جو مطلب رڳو اھو ناھي تہ اھو لازمي طور ڪنھن تنظيم ۾ شامل ھجي. سياسي ھجڻ جو مطلب آھي تہ ان فرد جي سوچ سياسي ھجي ۽ اھو سياسي سماج جو متحرڪ حصو ھجي. جنھن ماڻھوءَ جي ڪابہ سياسي راءِ ناھي، ۽ جيڪو سماج جي مجموعي بامقصد سياسي تحرڪ جو متحرڪ حصو ناھي، اھو

هڪ سماجي ڍور مثل آهي. بنگال جتي ٻين ڪيترين ڳالهين ۾ اسان کان اڳتي هو، اُتي هنن کي اها به برتري حاصل هئي ته وٽن سياسي سوچ ۽ راءِ رکندڙ عوام ۽ خاص طور باڪردار سياسي مڊل ڪلاس هو. سنڌ ۾ به جيستائين ميچوئر، بهادر ۽ سمجهدار سياسي مڊل ڪلاس پيدا نه ٿيندو، تيسين سنڌ جي قومي ۽ عوامي جدوجهد سگهاري نه ٿيندي.

## (2) قومي مفاد کي ذاتي مفاد سمجهڻ:

سياسي طور حقيقي قومي جدوجهد ان کي سڏبو ۽ سمجهبو آهي، جنهن ۾ قوم جو هر باشعور فرد نه رڳو شامل هجي پر اهو ان کي پنهنجو ذاتي فرض به سمجهي. سنڌ ۾ خاص طور مڊل ڪلاس ۾ موقعي پرستيءَ جي وڌڻ سبب، ڏسڻ وائسڻ ماڻهن لاءِ به خصيص ذاتي مفاد قومي مفاد بڻجي پيا آهن. سنڌ ۾ هر ڏوهه، موقعي پرستي، ضمير فروشي ۽ بدڪرداري ماڻهو قوم جي نالي ۾ ڪاتي ۾ ڪن ٿا. سولي سنڌيءَ ۾ قوم جو نالو ماڻهن لاءِ هڪ "ڏنڊو" ۽ واپار بڻجي ويو آهي. جڏهن ته حقيقت ۾ موجوده قومي حالتن جي تقاضا اها آهي ته حقيقي قومي سوچ تحت سنڌ جي سمورن باشعور فردن کي قومي مفادن کي ذاتي مفاد ۽ قومي فرضن کي ذاتي فرض طور وٺڻ گهرجي. جيسين سنڌ ۾ اهڙي سوچ ۽ ڪردار پيدا نه ٿيندو، تيسين سنڌ اندر اها قومي سگهه پيدا ٿي نه سگهندي، جيڪا سنڌ کي هن ڏيڍ مان ڪڍي سگهي. جيسين سنڌ جي هن غلاميءَ مان نجات، وطن تي مالڪي ۽ خود مختياري، درياهه جي واپسي، شهرن جي وارثي، وسيلن تي حق، جدوجهد جي آزادي ۽ مجموعي طور قومي نجات جهڙا سوال سنڌ جي سمورن باشعور ماڻهن لاءِ ذاتي چئلينج نٿا بڻجن ۽ هو ان لاءِ گهربل جدوجهد نٿا ڪن يا ان جو سرگرم حصو نٿا بڻجن، تيسين سنڌي عوام جو قومي ۽ طبقاتي ڇوٽڪارو ناممڪن آهي. جيئن ماڻهو پنهنجي گهر تي ڌاڙي کي ذاتي مسئلو سمجهي کڻي ٿو، جيئن ذاتي بي عزتيءَ لاءِ هن جي انا مجروح ٿئي ٿي، جيئن هن کي پنهنجي گهر جي ياتين سان ظلم تي ذاتي غيرت اچي ٿي، جيئن اهو انفرادي مسئلن جي حل لاءِ ڏينهن رات جاکوڙي ٿو جيئن هو پنهنجي ذاتي دشمنن سان نفرت جو کليل اظهار ڪري ٿو، تيئن جيستائين هن ۾ قومي مسئلن، اهنجن، ظلمن، ڦُرلٽ، ڌاڙي، غلاميءَ ۽ بي عزتيءَ لاءِ ذاتي غيرت نٿي اچي ۽ هو ان لاءِ پنهنجي انفرادي حيثيت ۾ اُٿي نه ٿو بيهي، تيسين سنڌ جو هنن اڻ وڻندڙ ۽ چيڙائيندڙ حالتن مان نڪرڻ ممڪن نه آهي.

**(3) غير جانبداريءَ جي خود فريبيءَ مان جان ڇڏائجي:**

ڪائنات، فطرت ۽ سماج ۾ ڪوبه غير جانبدار ناهي، ويندي اُهي به نه جيڪي سمجهن ٿا ته اُهي غير جانبدار آهن. هيءَ ڪائنات، فطرت ۽ انساني سماج متضاد لقائن ۽ مفادن جي مظهرن ۽ تاڃي پيٽي ۾ موجود آهي ۽ انهن متضاد لقائن، قوتن ۽ مفادن ۾ مسلسل ڇڪتاڻ هڪ معروضي حقيقت آهي، جنهن کان ڪوبه انڪار ڪري نٿو سگهي. انساني سماج ته اڃا وڌيڪ پيچيده آهي. سنڌ جي قومي ۽ عوامي سگهه آڏو هڪ وڏي رڪاوٽ اِها به آهي ته سنڌ جي باشعور ماڻهن جي گهڻائي گڏيل قومن جي مبصرن وانگر غيرجانبدار ٿيو ويٺي آهي. سنڌ ۾ ماڻهو رڳو زبان سان قوم سان محبت جي دعويٰ ڪري پوءِ کهڙي به غداري ڪري، سنگين ڏوهه ۽ جرم ڪري، قوم جي ڳچيءَ ۾ فلمون وجهي، دشمن لاءِ ميدان هموار ڪري، سنڌ کي وڌيڪ تباهه ۽ بي حال ڪرڻ ۾ وسان نه گهٽائي، ان کي اسان جي باشعور فردن طرفان ڪوبه ردعمل نه ٿو ملي. ٻئي پاسي جيڪي ماڻهو سچ پچ به قوم لاءِ پورهيو ڪن، قربانيون ڏين، خطرا (Risk) کڻن، جدوجهدون ڪن، اسان جي باشعور ماڻهن جو ڪين سرگرم ۽ چٽو ساٿ نه ملندو، ڇو ته هو غير جانبدار آهن. منهنجيءَ نظر ۾ اسان جي باشعور فردن جي اِها ماٺ ۽ غير جانبداري پس و پيش دشمن ۽ سنڌدن مقامي ڳيجهو قوتن کي ڪم اچي ٿي. ڇاڪاڻ ته جيڪو حق جي پاسي نه هوندو، اُهو سڌيءَ يا اڻ سڌيءَ ريت ضرور باطل جي ڏر ليکبو. منهنجيءَ نظر ۾ تڪراري ٻٽيل پر حساس معاملن ۾ ماڻهو غلط ۽ صحيح پر هڪ پاسي بيهن ته جيئن شيون واضح ٿين، ماڻهن جو ڪردار واضح ٿئي ته جيئن خبر پوي ته سنڌ جي حقيقي قومي سگهه ڇا، کهڙي ۽ ڪيتري آهي؟ سنڌ ۾ هاڻي اهو ڪلچر متعارف ٿيڻ گهرجي ته چڱي کي چڱو چئجي، بدڪردار ۽ بڇڙي تي لعنت وجهجي، سُٺي ڪم ۾ ماڻهن سان گڏ بيهجي ۽ انهن جي مدد ڪجي ۽ ٻئي طرف بڇڙن ماڻهن کي اڪيلو ڪجي، ڪين هر سطح تي خوار ۽ ذليل ڪجي ته جيئن شيون واضح ٿين. سنڌ جي هر باضمير ۽ باشعور ماڻهوءَ کي حساس قومي معاملن ۾ اقوام متحده جو مبصر بڻجي غير جانبدار ٿيڻ جي ڪابه ضرورت نه آهي. ماڻهوءَ جو موقف صحيح يا غلط پر اهو هڪ پاسي هئڻ گهرجي ته جيئن سنڌ جي حقيقي قومي سگهه کي سمجهڻ، پرکڻ ۽ ماپڻ ۾ آساني ٿئي. ڇاڪاڻ ته هر فرد جي صحيح راءِ به وڏي سگهه آهي ۽ جي اهو اُٽي بيهي ٿو ته اڃا وڏي سگهه آهي ۽ ائين هڪ فرد جي سياسي بڇڙائي به قومي سگهه کي ڪاپاري ڌڪ هڻي ٿي. اياز چيو هو ته:

"هڪڙو ماڻهو لک ٽئي ٿو جي هو سچ چوي ٿو."

(4) هر هنڌ سنجيده سياسي گفتگو ڪجي:

جنرل ضياءَ جي دؤر ۾ هوٽلن تي عبارتون لکرائي هٽايون ويون هيون ته "سياسي گفتگوءَ کان پرهيز ڪريو!" اهڙين صرف جنرل ضياءَ نه ڪيو هو پر هر ظالم ۽ جابر حڪمران طبقو عوام جي سياسي گفتگوءَ کان ڏڄندو آهي. ڇاڪاڻ ته عوام ۽ باشعور ماڻهن جي مسلسل سياسي گفتگو سياسي شعور جي آبياري ڪندي آهي، نجات ۽ جدوجهدن جون واٽون ڪيندي آهي، ڪوڙ نڳيءَ ۽ دوکي جا پردا چاڪ ڪندي آهي، سچ کي زبان ڏيندي آهي، عوام جي خود پنهنجي تربيت ڪندي آهي ۽ متن ادراڪ جا نوان در کوليندي آهي. دنيا ۾ جمهوريت جي هڪ وصف اها به آهي ته "Democracy is the continuity of argument". يعني جمهوريت دليلن جي تسلسل جو نالو آهي. جاگيردار معاشرا ان ڪري به پسمانده هوندا آهن جو اُتي ڊائلاگ، دليلن ۽ خيالن جي ٽڪراءَ جو آزاد ماحول ۽ تسلسل نه هوندو آهي. سنڌ جا باشعور ماڻهو اڪثر ڪري پنهنجون گڏجاڻيون ۽ ڪچهريون ذاتي گلا خوريءَ ۽ خصيص ڳالهين ۾ وڃائين ٿا. ڪٿي ڪٿي ته سنجيده سياسي، علمي ۽ فڪري گفتگوءَ کان بيزاريءَ جا رويا سامهون ايندا آهن. منهنجيءَ نظر ۾ سنڌ جي باشعور ماڻهن جي سماجي، سياسي، ذهني، روحاني ۽ فڪري روين ۾ بنيادي تبديليءَ کانسواءِ سنڌ جي قومي ۽ عوامي سگهه ۾ واڌارو ناممڪن آهي ۽ نه ئي سنڌ جي سڀ طرفي خارجي، داخلي، قومي ۽ عوامي نجات ممڪن آهي. سنڌ ۾ هر سطح تي سنجيده سياسي ۽ فڪري گفتگوءَ جو ڪلچر پيدا ٿيڻ گهرجي. جتي به چار باشعور ماڻهو گڏجن، اُهي ڪوشش ڪري سماج، ادب، علم، فڪر ۽ سياسي حالتن تي ڳالهائين، سنڌ جي حالتن جي سببن ۽ محرڪن تي ڳالهائين، دشمن جي حڪمت عملين، پاليسين ۽ عيارين تي ڳالهائين، سنڌ جي نجات جي ممڪن راهن ۽ امڪاني واٽن تي ڳالهائين، سنڌ جي سگهه ۽ ڪمزورين تي ڳالهائين، سنڌ جي سمورين سياسي پارٽين جي ڪردار ۽ پاليسين تي ڳالهائين، ليڊرشپ تي ڳالهائين، نئين دؤر جي قومي تقاضائن تي ڳالهائين، سنڌ جي اديبن ۽ دانشورن جي انفرادي ۽ اجتماعي ڪردار تي ڳالهائين، سنڌ جي حڪومت ۽ اسيمبلين تي ڳالهائين، اليڪشني سياست ۽ نام نهاد "چونڊيل" نمائندن جي ڪردار تي ڳالهائين. مطلب ته جن به شين جو سنڌ جي بقا ۽ تباهه حاليءَ سان واسطو آهي، انهن تي ڳالهائين پر خود قياسيءَ سان نه، پر

حقيقت پسنديءَ ۽ اُميد پسنديءَ سان ڳالهائين. جيڪڏهن سنڌ جي باشعور ماڻهن ۾ سنجيده سياسي ۽ فڪري سوچ ۽ گفتگوءَ جي روايت پختي ٿئي ته مان سمجهان ٿو ته اهو رويو سنڌ فڪري ۽ سياسي يونيورسٽي ثابت ٿيندو ۽ سنڌي عوام جي حقيقي قومي نجات جي راهه ۾ بنيادي رڪاوٽون واضح ٿينديون ۽ پس و پيش سنڌي عوام جي قومي سگهه ۽ اوسر جا نوان ڏاڪا طئي ڪندي.

## (5) سياسي عقيدي پرستي ۽ شخصيت پرستيءَ کي رد ڪجي:

عقيدي پرستي (انڌي تلقيد) انسان جي شعور جي نه رڳو توهين آهي پر ان جي وادارِي جي دشمن پڻ آهي، ساڳيو ڪردار سياسي عقيدن ۾ تبديل ٿيل شخصيت پرستيءَ جو به آهي. وڏيرڪن، پسمانده ۽ جاگيردار معاشرن ۾ عقيدي پرستيءَ ۽ شخصيت پرستيءَ جو مرض وڌيڪ ٿيندو آهي. سنڌي سماج ۾ به اهو مرض تمام گهڻو آهي ۽ جن ماڻهن کي سنڌ ۾ باشعور سڏجي ٿو، انهن جا پاند به ان رويي کان آجا نه آهن. سماجي سائنسن جي جوهر ۽ سياست جو اصل ڪم سماج اندر Critical Mass پيدا ڪرڻ آهي، يعني سماج ۾ تنقيدي شعور جو حامل عوام پيدا ڪرڻ. سنڌ جي سياست توڙي سياسي زندگيءَ جو وڏو حصو اڃا تائين عقيدي پرستي ۽ شخصيت پرستيءَ جي ڪوڙهه ۾ ورتل آهي. جيڪڏهن سنڌ جي باشعور فردن اندر سياسي ڪردار ۽ تنقيدي شعور هجي ها ته شايد اسان جون قومي حالتون ايترو بدحال نه هجن ها. وقت اچي ويو آهي ته سنڌ جو باشعور ۽ باضمير ماڻهو هر سياسي پارٽيءَ، سوچ ۽ اڳواڻ جي سياسي ڪردار کي تنقيدي اک سان ڏسي ۽ جنهن کي جيترو درست سمجهي ان جي اوتري حمايت ڪري ۽ جنهن کي غلط ۽ نقصانڪار سمجهي ان کي وائکو ڪري. سنڌ جو ماڻهو ۽ خاص طور باشعور ماڻهو ڪنهن سان به ۽ ڪنهن جي پويان به غير مشروط طور نه هلي. هن هيڏيءَ ساري نازڪ صورتحال ۾ سنڌ جو باشعور ماڻهو محتاط ۽ ذميداريءَ سان نه هلندو ته هو پنهنجي پٽيءَ جو ڪوبه اثرائتو ڪردار ادا نه ڪري سگهندو. عقيده پرستي، تلقيد ۽ شخصيت پرستي ماڻهوءَ کي هڪ باشعور ۽ سوچيندڙ انسان مان ڦيرائي هڪ مشيني سماجي پُرزو بڻائي ٿي، جيڪو نه سوال ڪري سگهي ٿو، نه انڪار ۽ شڪ جي جرئت ڪري سگهي ٿو ۽ نه وري باشعور هائوڪار ڪري سگهي ٿو. وڏا ماڻهو وڏا هوندي به غلطيون ڪري سگهن ٿا، جزوي يا ڪن حالتن ۾ مڪمل طور غلط ٿي سگهن ٿا ۽ اُهي نيڪ نيت هوندي به قوم جا ڪم ڦِٽائي سگهن ٿا يا غلط فيصلا ۽ حڪمت عمليون اختيار ڪري سگهن ٿا پر

عقيده پرستيءَ ۽ شخصيت پرستيءَ جي روڳ ۾ ورتل ماڻهو ان جو تصور به نه ڪري سگهندا آهن ۽ نتيجي ۾ ڪوبه اهم ۽ معروضي ڪردار ادا نه ڪري سگهندا آهن.

(6) سنڌ دشمن فردن ۽ گروهن جو سماجي ۽ سياسي احتساب ڪرڻ گهرجي.

سنڌ ۾ غداريءَ، وطن فروشيءَ ۽ قوم دشمنيءَ جو لاڙو ان ڪري به ويجهي ماضيءَ ۾ تيزيءَ سان وڌيو آهي، جو سنڌ ۾ ڪوبه احتساب ڪونهي. ماڻهو ڪهڙي به غداري، قومي ڏوهه ۽ قوم دشمني ڪيو وري معتبر ٿيو پيو هلندو. بنگال ۾ ائين ممڪن نه هو. فلسطين ۽ ڪشمير ۾ ائين ممڪن ناهي. هتي ماڻهو رڳو زبان سان ڀٽاڪون هڻي، پوءِ ڪهڙي به غداري، رهزني ۽ سياسي بدڪرداري ڪري، ان تي سياسي ۽ سماجي طور سياسي يا سماجي زندگي تنگ نه ٿيندي. ٻئي طرف سنڌ جا باشعور ماڻهو ڪنهن سان به قتائڻ لاءِ تيار نه هوندا آهن. جيڪڏهن سنڌ ۾ غداري ۽ وطن فروشي ڪندڙن کي اها خبر هجي، ته اهڙي عمل کانپوءِ هو سنڌ ۾ معتبر ڪونه رهندا ۽ سنڌ ۾ هر جاءِ تي مٿن لعنت ۽ ڦٽڪار وسندي ته ماڻهو ائين ڪرڻ کان اڳ هزار ڀيرا سوچيندا. سنڌي وڏيرن ۽ مڊل ڪلاس توڙي اديبن ۽ دانشورن مان جن جن ماڻهن سنڌ کي ڏنگيو آهي، غدارين ۽ دلالين ڪيون آهن، ڇا اُنهن مان گهڻن جو سنڌ ۾ پُرامن انداز سان رڳو سماجي ۽ سياسي بائيڪاٽ ٿيو آهي؟ ۽ جي ائين ٿئي ته صورتحال ڇا وڃي بيهندي؟ منهنجو پختو ويساهه آهي، ته جي اسان جو باشعور ماڻهو پنهنجيْ پنهنجي دائرن ۾ اهڙيءَ سوچ تحت رڳو انفرادي جرئت ۽ غيرت جو عملي اظهار ڪري ته سنڌ ۾ غداريءَ ۽ وطن فروشيءَ کي پير کوڙڻ لاءِ به جاءِ نه ملندي. ها البته اهڙا ردعمل سياسي هئڻ گهرجن ۽ انهن ۾ مهم جُوئيءَ، تشدد پسنديءَ يا سياسي انتهاپسنديءَ کي شامل نه ڪرڻ گهرجي.

(7) قومي سوچ، عواميت ۽ وطن دوستيءَ جو عملي مظاهرو ڪرڻ:

سنڌ ۾ هر ماڻهوءَ جي اک ۾ قوم ۽ عوام لاءِ ڳوڙها آهن ۽ زبان تي قوم ۽ عوام جو درد آهي پر سوال آهي ته پوءِ به هيءَ قوم چڙهي چو نه ٿي؟ منهنجي ايمانداريءَ جي راءِ اها آهي ته سنڌ سان محبت جي دعويدار ماڻهن جي قطعي گهڻائي رڳو رسم پورائيءَ خاطر واڳونءَ وارا ڳوڙها ڳاڙي ٿي. سنڌ جي باشعور ماڻهن جي وقت، وسيلن، توانائيءَ ۽ سگهه جو پنج سيڪڙو به عملي طرح قوم جي نجات، بقا ۽ اوسر لاءِ نه ٿو گذري. سنڌي وڏيرو ازلي طور وطن ۽ قوم جو

ويري ۽ غدار آهي، عوام تباهه حاليءَ جو شڪار آهي ۽ هن رياست ان ڪي عملي طور پنهنجي پاليل ۽ تاتيل وڏيرڪي طبقي جي پيرن ۾ اُڇلائي ڇڏيو آهي، ان صورتحال ۾ جي سنڌ جو باشعور ماڻهو به پنهنجي وقت، وسيلن، ذهني سگهه ۽ توانائيءَ جو وڏو حصو قوم جي آزاديءَ ۽ ڇوٽڪاري توڙي واڌاري لاءِ نه سيڙائيندو ته ڇا آسمان مان ملائڪ اچي اهو ڪم ڪندا؟ مون اهو اڳ به لکيو آهي ته سنڌ جي باشعور ماڻهن جي گهٽائيءَ جو مسئلو اهو آهي، ته اهي سوچن ئي پاڻ کي ميدان کان ٻاهر رکي ٿا. ان روش به سنڌ کي هن حال تي رسايو آهي. اسان مان هر هڪ ماڻهو پنهنجي اندر ۾ جهاتي پائي پنهنجو احتساب پاڻ ڪري ته اسان جو ڪيترو وقت، وسيلا ۽ سگهه قوم ۽ عوام يا سماج جي ڇوٽڪاري ۽ واڌاري لاءِ گذرن ٿا؟ ۽ پوءِ ايمانداريءَ سان نتيجا ڪڍي. اهو ڏسجي ته ڪٿي سنڌ جي ڇوٽڪاري جي قصي جي نه رڙهڻ جو هڪ اهم سبب اهو به ته نه آهي ته سنڌ جو باشعور ماڻهو سنڌ جي زندگيءَ ۽ موت جي هن سياسي ۽ سڀ طرفي ويڙهه ۾ مهمان فنڪار ٿيو وينو آهي! جيئن مون مٿي چيو ته جيستائين سنڌ جو باشعور ماڻهو قومي فرض کي ذاتي ڪم ۽ فرض ڪري نه وٺندو ۽ ان لاءِ عملي طور بنا ڪنهن ڏيکاءَ جي سچ پچ به پورهيو نه ڪندو تيسين موجوده حالتن ۾ ڪو به بنيادي ڦيرو نه ايندو.

### (8) پنهنجي گهر، دوستن ۽ واسطيدارن ۾ قومي سوچ پيدا ڪجي:

سنڌ جي موجوده حالتن جو هڪ سبب اهو به آهي، ته سنڌ ۾ هڪ نهايت ٿورڙي اقليت حقيقي طور سنڌ لاءِ سوچي ۽ لوچي ٿي. عوام جي گهٽائي وڏيرن وٽ يرغمال آهي يا پنهنجن مسئلن ۾ ڦاٿل آهي ۽ مڊل ڪلاس جو باشعور ماڻهو ڳالهين ۽ ٻُوڙ ٻَچائڻ کان اڳتي وڌڻ لاءِ تيار نه آهي. هڪڙي ڳالهه طئي آهي ته جيستائين سنڌي عوام جي گهٽائي سنڌ جي ڇوٽڪاري جي وسيع تر جدوجهد ۾ پنهنجن سمورن وسيلن سان شامل نه ٿيندي، تيسين اسان وقت جو توازن تبديل ڪري نه سگهنداسين. سوال آهي ته اسان اُهي سمورا ماڻهو جيڪي باشعور هجڻ جي دعويٰ ڪريون ٿا، انهن پنهنجن ٻارن، عورتن، مائٽن، گهرن، دوستن ۽ ٻين واسطيدارن کي سنڌ جي وسيع تر قومي ۽ عوامي جدوجهد ۾ ڪيترو شريڪ ڪيو آهي؟ سنڌن سمجهه ۾ ڪيتري تبديلي آندي آهي، سنڌن روايتي تصورن ۽ قدرن کي ڪيترو متاثر ڪيو آهي؟ منجهن ڪيتري سجاڳي، جرئت ۽ پيش قدميءَ کي پيدا ڪيو آهي؟ اهي سوال اسان پنهنجو پاڻ کان پڇون ۽ انهن جا جواب پاڻ کي ئي ڏيون. سنڌي قوم جي نجات سطحي

۽ روايتي سوچ ۽ روين سان ممڪن نہ آهي. ان لاءِ جيڪو نئون ماڻهو گهرجي، اهو اسان سنڌ ۾ ڪيترو پيدا ڪيو آهي يا ڪريون پيا؟ اهو ڪم سنڌ ۾ پهريون پيرو رسول بخش پليجي ڪيو پر هاڻي اهو سلسلو سماج ۾ جهڪو آهي. سنڌي اپر مڊل ڪلاس جا ڀار تہ هينئر ئي عملي طور پنهنجي هن سڄي قومي وهنوار کان ڪٽيل ۽ لاتعلق بڻيل آهن. انهن سان تہ "پاڻان ڏوهہ چڙهن، جي ورق ورائين وترا" واري ڪار لڳي پئي آهي. اڪثر سنڌن گهرن ۾ سنڌي ٻولي نٿي ڳالهائجي. سنڌن ٻار تہ سنڌي ٻولي بنهہ گهٽ ڄاڻن ٿا. ان جو وڏو سبب اهو بہ آهي تہ اسان پاڻ ڪي ۽ پوءِ پاڻ سان واسطو رکندڙ سمورن ماڻهن ڪي تبديل ڪرڻ جو رويو عملي طور ترڪ ڪري ڇڏيو آهي ۽ آسري ۾ آهيون تہ ڪو ٻيو اچي اسان جو ٻار ڪٽي. منهنجي نهايت سوچيل سمجهيل راءِ آهي تہ جيسين هر باشعور ماڻهو سنڌ ۾ پختو سياسي، قومي ۽ عوامي شعور رکندڙ ماڻهن جي انگ ڪي ڏهوڻو، سئوڻو يا هزاروڻو نہ ٿو ڪري، تيسين سنڌ جي قومي ۽ عوامي چونڪاري ۽ واڌاري جو هي ءُ گاڏو اڳتي رڙهي نہ سگهندو.

سنڌ ۾ جيڪڏهن باشعور ماڻهو مٿين بنيادن تي پنهنجي سوچ، رويي ۽ ڪردار جو جائزو وٺن ۽ ان لاءِ عملي طور پاڻ پتوڙين، تہ سنڌ ۾ بہ گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڏهاڪي اندر وڏي سياسي، فڪري ۽ سماجي اُٿل پُٿل جو اُڀري اچڻ ممڪن آهي. اڇو تہ سنڌ ۾ اجتماعي ۽ قومي فرضن بابت مضبوط انفرادي ڪردار جي اهميت تي زور ڏيون، جيڪو ئي سنڌي عوام جي قومي سگهہ ۾ زبردست واڌاري جو سبب ۽ ذريعو بڻجي سگهي ٿو.

# سنڌ جي شهرن جي مالڪي
# ۽ سنڌ جي قومي سياست

سنڌ جي قومي سگهہ ۽ سياست بابت هر سطح تي ڳالهہ ٿيندي رهي ٿي پر گهڻي ڀاڱي ان کي سطحي انداز سان ڏٺو وڃي ٿو جڏهن تہ ضرورت ان کي حقيقت پسنديءَ ۽ سائنسي انداز سان ڏسڻ جي آهي. سنڌ ۽ سنڌين جي قومي سگهہ ۽ سياست جي گهربل سطح تائين مضبوط نہ هجڻ جا جتي ٻيا انيڪ سبب ۽ محرڪ آهن اُتي هڪ بنيادي سبب اهو بہ آهي جو قومي طور اسان پنهنجن وڏن شهرن جي مالڪي نہ ڪري سگهيا آهيون ۽ شهرن ۾ اسان جي معاشي، سماجي ۽ سياسي سگهہ تمام ڪمزور حالت ۾ آهي. هن مضمون ۾ اسان سنڌ جي شهرن جي مالڪيءَ ۽ قومي سياست توڙي سگهہ جي وچ ۾ لاڳاپي جو جائزو وٺنداسون ۽ نہ رڳو ان تجزيي مان گهربل نتيجا ڪڍنداسون پر انهن پاسن تي بہ روشني وجهبي جن ذريعي اسان پنهنجن شهرن جي مالڪي ۽ سنڌ جي قومي سياست ۽ سگهہ ۾ گهربل سطح جو واڌارو ڪري سگهنداسون.

**سنڌ جا شهر نڌڻڪائيءَ جو شڪار ڇو آهن؟**

اسان کي سنڌ جي پاڪستان ۾ شموليت جو پهريون وڏو نقصان سنڌ جي شهرن تي ڌارين جي قبضي جي صورت ۾ ٿيو. شهر قومن جي صدين جي پورهيي، اوُسر ۽ قومي رَتَ- ولوڙ جي نتيجي ۾ ٺهندا آهن ۽ اُهي دراصل اُنهن سماجن ۽ قومن جي ترقيءَ ۽ واڌاري جا بنيادي ذريعا هوندا آهن. پاڪستان ٺهڻ شرط سنڌ جا وڏا شهر هڪ ڌڪَ سان قومي طور اسان جي هٿن مان هليا ويا. شهر ڇا هليا ويا، دراصل قومي طور سنڌين جي حقيقي مالڪيءَ جا بنياد ئي لُڏي ويا. جيتوڻيڪ اڳ بہ سنڌي مسلمان عوام لاءِ وڏن شهرن ۾ اچي رهڻ ۽ روزگار حاصل ڪرڻ جا موقعا گهٽ هئا جو شهرن تي گهڻو اثر اسان جي سنڌي هندو سيٺين جو هو، پر ان باوجود اهو اسانجي قوم جو اندروني تضاد هو، جنهن کي صحيح حڪمت عمليءَ سان ۽ وقت سان حل ڪري سگهجي ها پر پاڪستان ٺهڻ شرط هڪ طرف اسان جو هندو مڊل ڪلاس سنڌ مان وڏي انگ

۾ هندستان لڏايو ويو ته ٻئي طرف پارٽ مان آيل پناهگيرن ۽ پنجاب جي مڊل ڪلاس اچي انهن تي قبضو ڪيو. هاڻي ته ان ۾ پٺاڻن ۽ لکين غير قانوني پرڏيهين جو به وڏو حصو آهي.

موجوده سنڌ جي منظرنامي کي ڏسجي ته جتي سنڌ جون ٻهراڙيون تباهه حال آهن، اُتي سنڌ جا سمورا وڏا شهر پڻ سخت بحرانن، ننڌڪائيءَ، دهشتگرديءَ، لاقانونيت ۽ لاوارثيءَ جو شڪار آهن. منهنجيءَ نظر ۾ ان جا ٽي بنيادي سبب آهن:

(الف) ان جو پهريون وڏو سبب اهو آهي ته شهرن تي عملي طور مالڪي يا ناجائز هڪ هٿي ڏارين جي آهي. جيتوڻيڪ اسان نسل پرستيءَ بجاءِ مختلف ٻوليون ڳالهائيندڙ مستقل رهواسين کي پنهنجو سمجهون ٿا ۽ اسان عملي طور به اهڙي رويي جو اظهار ڪيو آهي پر ساڳئي وقت زميني حقيقت اها به آهي ته اسان جي شهرن ۾ رهندڙ اردو ڳالهائيندڙن، پنجابي ۽ پشتو ڳالهائيندڙن اجا تائين ڪراچي، حيدرآباد، سکر، ميرپورخاص ۽ ٻين وڏن شهرن کي پنهنجو ۽ پاڻ کي ڌرتيءَ جاڻو سمجهي، انهن جي سنڀال نه ڪئي آهي، نه ته سنڌ جا وڏا شهر ائين تباهه حال نه هجن ها. دراصل جڏهن شهرن ۾ ڌرتيءَ جا وارث اڪثريت ۾ هوندا آهن ۽ ٻين ٻولين، نسلن ۽ قومن جا ماڻهو اُتي ٿورائيءَ ۾ هوندا آهن تڏهن اُهي قومي طور ڌرتيءَ جي سماجي ماحول ۾ ضم ٿي ويندا آهن پر جتي اوپريون ثقافتي اقليتون گهڻائيءَ ۾ هجن، اُتي تاريخ جي گنگا اُبتي وهندي آهي ۽ اقليتون انهن قومن ۾ ضم ٿيڻ بجاءِ پنهنجي مستقل مراعت يافته حيثيت برقرار رکڻ چاهينديون آهن ۽ ظاهر آهي ته اها حيثيت جمهوري ۽ انصاف پسند روين سان برقرار رکڻ ۽ وڌائڻ ممڪن نه هوندي آهي. سنڌ ۾ ورهاڱي کانپوءِ شهري آباديءَ جو ڊيمو گرافڪ توازن شعوري طور بگاڙيو ويو ۽ نون آيل/ آندل اقليتي حصن کي شهرن ۾ اڪثريتي حيثيت ڏئي سنڌي قوم جي متوازن ۽ فطري ارتقا جي راهن تي بند ٻڌا ويا ۽ اڄ ان جا نتيجا اسان جي سامهون آهن.

(ب) سنڌ جي شهرن جي ننڌڪائيءَ جو وڏو سبب اهو به آهي جو رياست شعوري طور ۽ حڪمت عمليءَ طور سنڌ جي شهرن جي فطري اوسر آڏو بند ٻڌڻ لاءِ اهڙيون حالتون پيدا ڪيون جن ۾ سنڌ جا شهر بظاهر وڌڻ باوجود حقيقت ۾ تباهه ٿيا آهن. شهري ترقيءَ کي پرکڻ جا جيڪي به معيار آهن، انهن آڌار ڏسبو ته سنڌ جا وڏا شهر ورهاڱي کانپوءِ مسلسل تباهه حاليءَ جو شڪار ٿيا آهن. شهرن جي ترقيءَ کي پرکڻ جا معيار رڳو سيمينٽ جي ڍڳ (نام نهاد جديد

عمارتن) ۽ آباديءَ جي غير فطري واڌ نہ پر ڪي بيا هوندا آهن. ان ڪري سنڌ جي شهرن جي تباهہ حاليءَ ۾ رياست ۽ ان جي حڪمت عملي توڙي ادارن جو وڏو هٿ رهيو آهي. جتي گذريل سٺ سالن کان سنڌ، بلوچستان ۽ سرحد جا شهر مسلسل تباهہ حاليءَ جو شڪار ٿيا آهن، اتي پنجاب جا شهر مسلسل اڳتي وڌيا ۽ ترقي يافتہ ٿيا آهن ۽ اهو ڪو اتفاق نہ پر هڪ رٿابندي ۽ حڪمت عمليءَ جو نتيجو آهي.

(ت) سنڌ جي شهرن جي نڌڻڪائيءَ جو هڪ وڏو سبب اهو بہ آهي جو اسان قومي طور انهن جي مالڪي نہ ڪري سگهيا آهيون. گذريل ڇهن ڏهاڪن کان اسان جي سياسي پارٽين ۽ ليڊرشپ وٽ ان حوالي سان ڪابہ مضبوط حڪمت عملي ۽ رٿابندي نہ رهي آهي. البتہ شهيد ذوالفقار علي ڀُٽي جي دؤر ۾ نوڪرين سبب ٻهريون پيرو سنڌي نوجوان چڱي تعداد ۾ شهرن ۾ اچي مستقل طور آباد ٿيا پر مجموعي طور اسان وٽ ان وڏي قومي مسئلي لاءِ ڪابہ ٺوس حڪمت عملي، رٿابندي توڙي دور انديشيءَ (Vision) جي کوٽ رهي آهي. اسان وٽ ان لاءِ ڪڏهن بہ ڪا مضبوط مهم نہ هلي، جنهن ۾ نوجوانن، پورهيتن، واپارين ۽ عام ماڻهن کي وڏن شهرن ۾ اچي آباد ٿيڻ ۽ روزگار ڪرڻ لاءِ آماده ڪجي ها. ان جو ئي نتيجو آهي جو گذريل ٽن ڏهاڪن کان ڪراچيءَ ۽ حيدرآباد ۾ رهندڙ سنڌين جي ٻارن جا ڊوميسائل اڄ بہ سندن اباڻن شهرن جا ٺهن ٿا. اڄ بہ هو شناختي ڪارڊن ۾ پنهنجي مستقل رهائش ڪراچي ۽ حيدرآباد جي نٿا ڄاڻائين. اڄ بہ عيد تي ڪراچي ۽ حيدرآباد جي سنڌين جي گهرن جو وڏو انگ خالي ٿيو وڃي ۽ ساڳي صورتحال چونڊن ۾ هوندي آهي. گذريل ٽن ڏهاڪن کان ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ رهندڙ سنڌي اڃا تائين پنهنجا ووٽ اتي داخل ڪرائڻ لاءِ تيار ناهن ۽ چونڊن جي ڏينهن ۾ اُهي گهرن کان ٻاهر نڪرن ئي نٿا. دراصل سڄو مسئلو سوچ ۽ رويي جو بہ آهي ۽ شهرن جي قومي وارثيءَ ۽ مالڪيءَ جو آهي. اسان پنهنجن شهرن جي ڪسجي وڃڻ تي هاءِ گهوڙا تہ ڪئي پر ان لاءِ ڪروڙين سنڌي عوام ۾ مالڪيءَ جو احساس پيدا نہ ڪري سگهيا آهيون، ۽ ان لاءِ سياسي، سماجي ۽ معاشي طور ڪابہ ٺوس رٿابندي نہ ڪئي وئي آهي.

## سنڌ جي قومي سياست ڪمزور ڇو آهي؟

جيتوڻيڪ سنڌ جي قومي سياست جي گهربل سطح تي منظم ۽ مضبوط نہ هجڻ جا انيڪ سبب آهن ۽ انهن سمورن سببن جي تفصيلي ڇنڊڇاڻ جي

ضرورت آهي پر ان جو هڪ واضح سبب اهو به آهي جنهن جو ذڪر اسان مٿي ڪري آيا آهيون، يعني سنڌ جي وڏن شهرن ۾ اسان منظم نه آهيون. اها ڳالهه طئي آهي ته سنڌ جي وڏن شهرن جي نڌڻڪائيءَ ۽ انهن ۾ وري اسانجي نڌڻڪائيءَ جي صورتحال ۾ اسان جي قومي ۽ عوامي سياست ۾ سگهه پيدا ٿئي، اهو ممڪن ئي نه آهي. اچو ته مختصر طور انهن سببن ۽ محرڪن کي ڏسون، جن جي ڪري شهر قومي ۽ عوامي سگهه جو ڪرنگهو هوندا آهن.

(1) شهر معاشي سرگرميءَ جا وڏي ۾ وڏا مرڪز هوندا آهن ۽ معاشي سرگرمي پڻ قومي ترقي، واڌاري ۽ سگهه جو بنياد هوندي آهي. جيڪڏهن سنڌي ماڻهو وڏن شهرن جي معاشي سرگرميءَ ۾ شامل ۽ اهم حصيدار نه هوندو ته هن جو اتي ڪو سگهارو سماجي، ثقافتي ۽ سياسي ڪردار به جُڙي نه سگهندو. سياسي سگهه به تڏهن اُسري سگهندي آهي، جڏهن ان جي پويان معاشي ۽ سماجي سرگرميءَ جا محرڪ موجود هوندا آهن.

(2) شهر رڳو معاشي سرگرميءَ جا ئي نه پر هر سطح تي چٽا پيٽيءَ جا به وڏا مرڪز هوندا آهن ۽ هڪ حد تائين صحتمند چٽا پيٽي معاشري جي نه رڳو سگهه هوندي آهي پر مسلسل سگهه کي وڌائڻ جو هڪ اثرائتو ذريعو پڻ هوندي آهي. ٻهراڙيءَ جي زرعي سماج ۾ چٽا پيٽي نه هوندي آهي جڏهن ته شهري سماج جو بنياد ئي ان تي هوندو آهي ۽ چٽا پيٽي رڳو معاشي نه پر ثقافتي، سياسي، علمي، فڪري ۽ سياسي ميدانن تي به هوندي آهي. مان ان سرمائيدارانه ۽ نفعي خور چٽاپيٽيءَ جي ڳالهه نه ٿو ڪريان، جيڪا سماج ۾ طبقاتي ويڇا وڌائي ڪوڙي چٽاپيٽيءَ ذريعي سماج ۾ بگاڙ پيدا ڪندي آهي ۽ رڳو مارڪيٽ جون نفعي خور گهرجون پوريون ڪندي آهي. مان ان صحتمند ۽ هڪ حد تائين فطري چٽاپيٽيءَ جي ڳالهه ڪري رهيو آهيان، جيڪا شهري زندگيءَ ۾ فردن، گروهن، ادارن، شعبن ۽ هڪ سماج جي صورت ۾ هوندي آهي.

(3) شهري سماج مڊل ڪلاس پيدا ڪرڻ جي سماجي صنعت پڻ آهي. سمورين ڪمزورين ۽ موقعي پرست رجحانن باوجود ڪنهن به قوم جي ترقي، واڌاري ۽ سگهه ۾ وچين طبقي جو ڪردار بيحد اهم هوندو آهي. خاص طور شهري سماج ۾ وچون طبقو ئي قومي واڌاري جا گهڻا چئلينج ۽ بارَ کڻندو آهي. 1970ع کانپوءِ سرڪاري نوڪرين مان اُڀري آيل جنهن سفيد پوش طبقي کي اسان پنهنجو مڊل ڪلاس سمجهيو، اهو ڪاغذي مڊل ڪلاس هو. سنڌ ۾ حقيقي مڊل ڪلاس تڏهن اُڀري ها، جڏهن وڏن شهرن جي معاشي سرگرمين ۾ اسان شامل هجون ها ۽ اهو وچون طبقو مارڪيٽ مان اُڀري ها ۽ اهو پنهنجي

طبقاتي ۽ قومي مفاد لاءِ اڳتي هلي پنهنجو سگهارو سياسي ڪردار اُڀاري ها. جيتوڻيڪ هاڻي 1990ع کانپوءِ اها صورتحال جُڙي آهي پر پوءِ بہ اسان ڪيترا ڏهاڪا ضايع ڪري ڇڏيا ۽ هاڻي جڏهن سنڌ جي وڏن شهرن ۾ اسان جي وچين طبقي جو وڏو انگ رهي ٿو، تڏهن بہ ان جو گهربل سياسي ۽ قومي فائدو وٺڻ لاءِ ڪا سنجيده رٿابندي ۽ حڪمت عملي نظر نٿي اچي.

(4) شهر ميڊيا جا بہ مرڪز آهن ۽ ميڊيا اجوڪي دؤر جي اهم ترين شعبن مان هڪ آهي. ميڊيا جي ذريعي ئي دنيا جو اسان سان ۽ اسان جو دنيا سان رابطو ٿئي ٿو. جيتوڻيڪ هاڻي سنڌي ٻوليءَ جي پرنٽ توڙي اليڪٽرانڪ ميڊيا گهڻو اُسري آئي آهي پر اڃ بہ وڏن شهرن ۾ (Mainstream) جي ميڊيا اسانکي گهربل حيثيت ڏيڻ لاءِ تيار نہ آهي. ان ۾ جتي سندن موروثي تعصب جو بنيادي هٿ آهي، اُتي اِها بہ حقيقت آهي تہ اسان جو شهري زندگيءَ ۽ خاص طور ڪراچيءَ ۾ ايترو اثرائتو ڪردار نہ آهي. جيڪڏهن سنڌي ماڻهو ڪراچي، حيدرآباد ۽ ٻين وڏن شهرن ۾ منظم هوندا ۽ انهن جون منظم سياسي ۽ سماجي سرگرميون هونديون تہ پوءِ تعصب باوجود نام نهاد قومي ميڊيا ان کي نظرانداز ڪري نہ سگهندي.

**ڇا وڏن شهرن ۾ سنڌي سچ پچ ٿورائيءَ ۾ آهن؟**

نفسياتي طور اسين ان ڪمتريءَ ۽ ڪمزوريءَ جي احساس ۾ ورتل رهيا آهيون تہ سنڌي ماڻهو شهرن ۾ ٿوري انگ ۾ آهن. ڪجهہ ڏهاڪا اڳ اها صورتحال برابر هئي پر هاڻي صورتحال گهڻي حد تائين تبديل ٿيل آهي. خاص طور تي 1990ع کانپوءِ زرعي معيشت جي تباهہ حاليءَ ۽ ڊاڙيل فيڪٽر سبب سنڌي ماڻهو پاڻمرادو حالتن کان مجبور ٿي وڏي انگ ۾ ڪراچي، حيدرآباد، سکر ۽ وڏن شهرن ڏانهن مستقل طور لڏي آيو آهي. اڳ رڳو نوڪري پيشہ ماڻهو شهرن ڏانهن ايندا هئا پر هاڻي نوجوان، پورهيت، دڪاندار، ننڍا واپاري وڏي انگ ۾ ڪراچيءَ، حيدرآباد ۽ ٻين شهرن ۾ لڏي آيا آهن ۽ اهو سنڌي سماج جي اندروني پيچ ڊاهہ ۽ اُٿل پٿل جو هڪ مثبت پاسو آهي. هڪ تحقيقي اندازي مطابق رڳو ڪراچيءَ ۾ سنڌي ماڻهن جو انگ پنجاهہ لک کان مٿي آهي. حيدرآباد جي سماجي زندگيءَ ۾ اڃ بہ سنڌي ماڻهو وڏي ۾ وڏو عنصر آهي. ان ڪري اصل مسئلو ۽ سوال اهو نہ آهي تہ وڏن شهرن ۾ سنڌي ماڻهو ٿوري انگ ۾ آهي، پر اصل مسئلو ۽ سوال اهو آهي تہ اسان سياسي طور انهن کي ڪيترو منظم ڪري سگهيا آهيون؟ حقيقت اها آهي تہ اسانجي ڪنهن بہ

پارٽيءَ ڪراچيءَ ۽ حيدرآباد، سکر، ميرپورخاص ۽ نوابشاهه جي سنڌين کي منظم ڪرڻ لاءِ هيستائين ڪابہ گهربل سطح جي سنجيده ڪوشش ۽ رٿابندي نہ ڪئي آهي. اڄ بہ ڪراچيءَ ۾ ننڍي ميڙاڪي لاءِ بہ ماڻهو بسن ذريعي ٻاهران آندا وڃن ٿا. عوام کي منظم ڪرڻ تہ ٺهيو پر اسانجي سياسي پارٽين جا وڏن شهرن ۾ تنظيمي ڍانچا ئي مضبوط نہ آهن، البت ڪجهہ تنظيمن پنهنجن ئي ماڻهن کي پڪ گيري، ڌوهن ۽ قبضہ گيرين ذريعي تنگ ۽ عدم تحفظ جو شڪار ضرور بڻايو آهي. رڳو قاسم آباد جو ئي مثال وٺجي، جيڪا چرڻ ننڍڙي سنڌ آهي، جنهن ۾ هر علائقي، شهر، ڳوٺ، ذات ۽ برادريءَ جو ماڻهو رهي ٿو ۽ تمام وڏي انگ ۾ رهي ٿو پر ڪابہ پارٽي دعويٰ ڪري سگهندي تہ ان سنڌي ماڻهن کي حقيقي ۽ سياسي طور اتي منظم ڪيو آهي؟ جيڪڏهن ڪراچي، حيدرآباد، ميرپورخاص، سکر ۽ نوابشاهہ جي سنڌين کي شهري حوالي سان ۽ سياسي طور منظم ڪيو وڃي تہ ڇا انهن جي طاقت آڏو ڪابہ دهشتگرد ٽڪ بيهي سگهندي؟ ۽ سڀ کان وڏي ڳالهہ تہ ان سان سنڌ جي قومي ۽ سياسي سگهہ ۾ جيڪو واڌارو ايندو ، تنهن جي نتيجي ۾ رياست ائين سنڌين سان سنگين مذاق ڪري سگهندي؟

ان ڪري هاڻي اسان کي ان ڪمتريءَ جي احساس مان نڪري اچڻ گهرجي تہ ڪو وڏن شهرن ۾ اسان سنڌي گهٽ تعداد ۾ آهيون. پر اصل سوال اهو آهي تہ شهرن ۾ اسان پنهنجي قوت کي منظم ڪرڻ لاءِ ڪا گهربل سنجيده ڪوشش ئي نہ ڪئي آهي.

**سنڌ جون سياسي پارٽيون وڏن شهرن جي مالڪي ڪيئن ڪري سگهن ٿيون؟**

منهنجيءَ نظر ۾ هينين طريقن سان سياسي پارٽيون شهرن ۾ پنهنجو اثرائتو ڪردار اُڀاري سگهن ٿيون:

(1) سنڌ جي سمورين سياسي پارٽين جا مرڪزي سيڪريٽريٽ ۽ آفيسون حيدرآباد سان گڏوگڏ ڪراچيءَ ۾ بہ هئڻ گهرجن. سنڌ جو انتظامي مرڪز تہ ڪراچي آهي پر اسان کي پنهنجو سياسي، سماجي ۽ ثقافتي مرڪز بہ ڪراچيءَ کي ئي بڻائڻ گهرجي.

(2) سياسي پارٽين جا اثرائتا ميڊيا سينٽر ڪراچيءَ ۾ بہ هئڻ گهرجن، جتي قابل ماڻهن کي ويهاريو وڃي تہ جيئن اُهي تيز رفتاريءَ سان ميڊيا سان مستقل لاڳاپي ۾ رهن.

(3) سنڌ جي وڏن شهرن ۾ رهندڙ سنڌين کي سياسي ۽ تنظيمي طور منظم

ڪرڻ لاءِ نوس رٿابندي ڪئي وڃي ۽ اهو ڪم سمورين سطحن تي ڪيو وڃي.

(4) سياسي پارٽيون پنهنجي سياسي ۽ تنظيمي سرگرمين جو مرڪز وڏن شهرن ۽ خاص طور ڪراچيءَ کي بڻائين. سياسي پارٽيون پنهنجون ساليانيون ڪانفرنسون ۽ وڏا ميڙ ڪراچيءَ ۾ به ڪن.

(5) ڪراچيءَ سميت سنڌ جي وڏن شهرن ۾ رهندڙ سنڌين کي منظم ڪرڻ لاءِ ثقافتي سرگرمين کي تيز ڪيو وڃي، ڇاڪاڻ ته ثقافت جو لوڪ پاسو ماڻهن کي گڏ ڪرڻ جو وڏو ذريعو آهي.

(6) ڪراچيءَ سميت سنڌ جي سمورن وڏن شهرن ۾ رهندڙ سنڌين جا ووٽ ووٽر لسٽن ۾ داخل ڪرائڻ لاءِ وڏي مهم هلائي وڃي. ياد رهي ته چونڊن ۾ حصو نه وٺڻ هڪ الڳ ڳالهه آهي ۽ ووٽر لسٽن ۾ نالن جو اندراج دراصل قوم جي سياسي ڊيموگرافيءَ جو سوال آهي. هيستائين اسان ان ۾ سخت لاپرواهي ڪئي آهي.

(7) سنڌ جون سياسي پارٽيون شهري مسئلن کي به کڻن ۽ پاڻ تان اهو ليبل لهرائين ته اهي رڳو ٻهراڙين جون پارٽيون آهن.

(8) ڪراچي، حيدرآباد ۽ سکر ۾ رهندڙ ميمڻ، بوهري ۽ گجراتي برادرين کي پنهنجي قومي ڌارا ۾ شامل ڪرڻ لاءِ حڪمت عملي ناهڻ گهرجي، ڇاڪاڻ ته اهي اسانجي قوم جو اهم ترين حصو آهن، جن کي شهرن ۾ دهشتگردن جي رحم ڪرم تي ڇڏيو ويو آهي.

(9) سنڌ جا اديب، شاعر، دانشور ۽ ليکڪ خاص طور وڏن شهرن ۾ پنهنجون علمي، ادبي، فڪري ۽ ثقافتي سرگرميون منظم ۽ تيز ڪن ۽ انهن ۾ ٻين ٻولين جي اديبن، شاعرن ۽ دانشورن کي به گهرايو وڃي، ڇاڪاڻ ته ڪنهن به آباديءَ سان نسلي تعصب اسانجي قومي مفاد ۾ نه آهي.

(10) وڏن شهرن ۾ سول سوسائٽيءَ کي به نئين انداز سان منظم ڪرڻ جي ضرورت آهي ۽ اُهي فورم به شهرن ۾ سنڌي ماڻهن جي قومي سگهه جي واڌ ۾ وڏو اثرائتو ڪردار ادا ڪري سگهن ٿا.

# ڪراچيءَ جي مالڪي ڪرڻ جي ضرورت!

جيتوڻيڪ ڪراچيءَ جي آباديءَ جي بيهڪ سياسي حوالي سان تمام گھڻي تبديل ٿي چڪي آهي، پر ان جي باوجود متحده هر قيمت تي ڪراچيءَ تي پنهنجي سياسي هڪ هٽيءَ کي برقرار رکڻ چاهي ٿي. اها ڪراچيءَ ۾ ٻي ڪنهن به سياسي پارٽيءَ جو وجود برداشت ڪرڻ لاءِ تيار نہ آهي. اها هڪ حقيقت آهي تہ ڪراچيءَ يا سموري سنڌ جا اردو ڳالهائيندڙ ڪو متحده سان گڏ نہ آهن پر جي ان آباديءَ جو ڪراچيءَ ۾ تناسب ڏسبو تہ، 1998ع جي آدمشماريءَ ۾ بہ اهو لڳ ڀڳ 46 سيڪڙو هو، پر ان جي باوجود هڪ جماعت رڳو هٿيارن، رياستي ادارن ۽ دٻاءَ جي سياست سان ڪراچيءَ جي سياسي مينڊيٽ تي ناجائز قبضو ڪريو ويٺي آهي ۽ اتي ڪنهن جو بہ وجود برداشت ڪرڻ لاءِ تيار نہ آهي. هن ڀيري چونڊن کان اڳ اهو يقين هو تہ جيڪڏهن ڪراچيءَ ۾ ماڻهن کي پنهنجي راءِ جي آزاديءَ جي حق جي استعمال لاءِ محفوظ ماحول ڏنو ويو، تہ متحده اڌ کان بہ وڌيڪ سيٽون وڃائيندي، پر هن دفعي نگران حڪومت گھڻي ڀاڱي جانبدار هئي، اليڪشن ڪميشن نهايت ڪمزور هئي ۽ ڪراچيءَ ۾ ائين ئي ٿيا هنيا ويا ۽ دٻا ڀريا ويا، جيئن هميشہ ٿيندو رهيو آهي . جيتوڻيڪ هن ڀيري ڪراچيءَ ۾ جماعت اسلامي، مسلم ليگ (ن)، سني تحريڪ، جميعت علماءِ اسلام سميت گھڻيون ئي پارٽيون متحده سان آمهون سامهون هيون پر متحده کي سيني ڪان وڌيڪ سوڙهو تحريڪ انصاف ڪيو. ڪراچيءَ ۾ خوف، دهشتگردي ۽ لاقانونيت باوجود تحريڪ انصاف انهن تڪن تان بہ وڏي انگ ۾ ووٽ ڪنيا، جن کي متحده جو روايتي ڳڙهہ سمجهيو ويندو آهي. ٽيهن هزارن کان پنجاهہ هزار تائين انهن حلقن مان ووٽ ڪٽڻ ڪو ٻوڳ ناهي. اليڪشن ڪميشن رڳو NA.250 ۽ ٻن صوبائي تڪن جي 43 پولنگن تي آچر تي ٻيهر چونڊ ڪرائي ۽ سيڪيورٽيءَ جو جوڳو انتظام ڪيو تہ سڀ اڇا ڪارا پڌرا ٿي پيا. اهو ئي سبب هو جو متحده ۽ پ پ انهن تڪن تان ٻيهر چونڊن جو بائيڪاٽ ڪيو جو ڪين خبر هئي تہ ڪين ووٽ نہ ملندا. جيتوڻيڪ ان کان رڳو هڪ ڏينهن اڳ تحريڪ انصاف جي صوبائي اڳواڻ زهره شاهد حسين کي قتل ڪيو ويو، جنهن جو واضح مقصد عام شهرين ۾

خاص طور تي تحريڪ انصاف جي ووٽرن ۾ خوف پيدا ڪرڻ هو. تحريڪ انصاف ان قتل جو چٽو ۽ سڌو الزام متحده سربراهه تي هنيو آهي ۽ ان لاءِ هن برطانوي حڪومت کي به جوابدار ڄاڻايو آهي، ڇاڪاڻ جو هاڻي متحده جو سربراهه الطاف حسين بنيادي طور برطانيا جو شهري ۽ مستقل رهواسي آهي. بهرحال ڪجهه به هجي، ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته هن دفعي ڪراچيءَ ۾ تحريڪ انصاف متحده جي ڪراچيءَ مٿان هڪ هٽيءَ جي تلاءَ ۾ زوردار پٿر اڇلايو آهي ۽ تحرڪ پيدا ڪيو آهي. ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته ان لقاءَ کي رڳو اچ نه پر متحرڪ حالت ۾ ڏٺو وڃي ۽ ان ڏس ۾ پنهنجي ڪردار جو تعين به ڪيو وڃي ۽ معروضي حالتن جي توازن ۾ ڪنهن امڪاني تبديليءَ جي صورت ۾ پنهنجي پتيءَ جو ڪردار ادا ڪيو وڃي. تحريڪ انصاف نه رڳو ڪراچيءَ ۾ هن پيري ڄمي متحده جو مقابلو ڪيو پر متحده سربراهه جي تقرير ۽ زهره شاهد حسين جي قتل خلاف نه رڳو ڪراچيءَ ۾ پر جنهن سطح تي لنڊن ۾ ماڻهن کي متحرڪ ڪري ميدان تي لاٿو آهي، اهو ڪو معمولي واقعو ناهي. لنڊن جي ميٽروپوليٽن پوليس کي ٻارنهن هزارن کان وڌيڪ شڪايتون موڪلڻ ۽ آچر ڏينهن برطانوي وزير اعظم ڊيوڊ ڪيمرون جي گهر آڏو پندرهن سئو ماڻهن جو پرجوش ۽ سگهارو احتجاج ايترو وڏو واقعو آهي، جنهن جا سنڌ جي سياست تي (ڪراچيءَ سميت) وڏا غير معمولي اثر پئجي سگهن ٿا. ميڊيا جي رپورٽن موجب، اهو احتجاج ايترو وڏو ۽ پرجوش هو، جو وزير اعظم پاڻ پنج منٽ اهو ڏسندو رهيو ۽ نيٺ وزير اعظم هائوس جي اسٽاف احتجاج ڪندڙن کان رسمي طور يادداشت نامو ورتو ۽ کين ان تي غور ڪرڻ جو يقين ڏياريو.

حقيقت ۾ ڏٺو وڃي ته ڪراچيءَ ۾ هاڻي جماعت اسلامي يا مذهبي جماعتون عوام ۽ خاص طور اردو ڳالهائيندڙ عوام ۽ سندن وچولي طبقي جي نمائندگي نه ٿيون ڪري سگهن. انهن جو دور ضياءَ جي دور سان گڏ ٺپ ٿي موڪلائي ويو. پ پ پ ۾ اها سگهه هئي پر ان ڪراچيءَ ۾ ڪڏهن به پير ڪونه کوڙيا، ڄمي ٻيهي سياست نه ڪئي. اها اڳ ۾ مذهبي جماعتن کان ۽ 1985ع کان ايم ڪيو ايم کان نفسياتي طور هيسيل آهي. سنڌي قومپرستن باقي سڄي سنڌ ۾ جيتري تنظيم سازي ۽ عوامي سطح تي سياسي ڪم ڪيو آهي، ان جي آڌار تي چئي سگهجي ٿو ته ڪراچيءَ ۾ اهي کهڙو ٻوٽو ٻارين ها، جڏهن ته حقيقت اها آهي ته ڪراچيءَ جي لياري، ملير، ڪارا در سميت گهڻا اهڙا علائقا آهن، جتي ميمڻ، ڪڇي، سنڌي، بلوچ ۽ ٻيا ماڻهو وڏي انگ ۾ رهن ٿا، جيڪي سنڌ جي قومي

سياست جو حصو بڻجي سگهن ٿا پر ڪجهه به هجي، اسانجي تنظيمن ۾ گهربل ارادو ۽ صلاحيت هجي ته ماٺهو به اڳتي اچن. رڳو ڪراچيءَ جي ڊفينس، گلشن ۽ جوهر سميت ڪيترن علائقن ۾ پڙهيل لکيل سنڌين جو انگ 15 لک کان گهٽ ناهي پر وٽن ڪو به سياسي گس ناهي.

تحريڪ انصاف ڪراچيءَ ۾ اهو خال پرڻ لاءِ جو هڪ اثرائتي ڏر طور سامهون آئي آهي، ان جا ڪجهه ٺوس سبب آهن. تحريڪ انصاف هن پيري ڪراچيءَ ۾ سيٽون پل ته گهٽيون نه کٽي سگهي، جو ڪين آزاد ماحول ئي ملي نه سگهيو پر چا اها گهٽ ڳالهه آهي ته ڪراچي جي NA-245 تي، جيڪو ناظم آباد جو اهم تڪ آهي، جنهن کي هميشه ايم ڪيو ايم جو سياسي قلعو سمجهيو ويندو آهي، اتي تحريڪ انصاف پاران متحده جي ريحان هاشميءَ جي سامهون 45000 ووٽ کڻڻ وڏي ڳالهه آهي. ساڳئي طرح فيڊرل بي ايريا، جتي عزيز آباد ۽ نائين زيرو موجود آهي، اتي NA-246 تي نبيل گبول سامهون تحريڪ انصاف جي امر شرجيل طرفان 32000 ووٽ کڻڻ ڪنهن معجزي کان گهٽ ناهي. NA-243 جي نارٿ ناظم آباد جي علائقي مان تحريڪ انصاف جي زاهد حسين هاشمي طرفان 30000 ووٽ کڻڻ ڪنهن تبديليءَ جي واضح اشاري کان گهٽ ناهي. اهڙي طرح NA-247 جيڪو لالو کيت جو علائقو آهي ۽ متحده جو وڏو ڳڙهه آهي، اتي تحريڪ انصاف جي راشد صديقيءَ طرفان 35000 ووٽ کڻڻ ۽ NA-251 محمود آباد جي حلقي مان تحريڪ انصاف پاران 39000 ووٽ کڻڻ کي تبديلي نه چئجي ته ٻيو ڇا چئجي؟ PS-103 ڪراچي-15 تي تحريڪ انصاف جي زرينه مسرور، PS-104 ڪراچي-16 تي تحريڪ انصاف جي صديق الله ۽ PS-120 ڪراچي-32 تي عابد جيلاني 17000 هزار کان وڌيڪ ووٽ کنيا. اهڙي طرح ٽن ٻين تڪن جهڙوڪ PS-105, PS-116 ۽ PS-119 تي به تحريڪ انصاف جي اميدوارن سراسري طور 20 هزار کان وڌيڪ ووٽ کنيا. PS-118 تي تحريڪ انصاف جي اميدوار 31802 ووٽ کنيا. انهن انگن اکرن مان واضح آهي ته ڪراچيءَ ۾ تحريڪ انصاف هڪ وڏي اهم ڌر طور اڀري آهي ۽ وڏي ڳالهه ته تحريڪ انصاف جا ڪراچيءَ ۾ اميدوار به گهڻي ڀاڱي اردو ڳالهائيندڙ هئا. جڏهن ته NA-250 تي متحده جي خوش بخت شجاعت کي شڪست ڏيندڙ اميدوار ڊاڪٽر عارف علوي پڻ هڪ پيشه ور ڊاڪٽر ۽ اردو ڳالهائيندڙ آهي.

ان ڪري مون مٿي چيو ته انهن نتيجن جي آڌار تي ڪراچيءَ ۾ تحريڪ انصاف جي وڌندڙ مقبوليت کي رڳو اچ جي صورتحال ۾ نه پر متحرڪ حالت ۾

ڏسڻ گهرجي. حقيقت ۾ تحريڪ انصاف بنيادي طور ساڄي ڌر جي وچولي ۽ مٿين وچولي شهري طبقن جي پارٽي آهي ۽ ڪراچيءَ ۾ شايد اردو ۽ ٻين ٻولين ڳالهائيندڙ وچين طبقي ۽ خاص طور نوجوانن ۽ عورتن ڪي اها پارٽي پنهنجي نظرين، مزاج ۽ مفادن ڪي ويجهي محسوس ٿئي. ڪراچي ۾ شايد اردو ڳالهائيندڙ آباديءَ جو هيٺيون ۽ هيٺيون وچولو طبقو تڪڙو متحده ڪي نہ ڇڏي سگهي، پر جنهن طبقي کي ڪراچيءَ ۾ تحريڪ انصاف متحرڪ ۽ منظم ڪيو آهي، انجي نمائندگي نہ تہ مذهبي جماعتون ڪري سگهن ٿيون، نہ پ پ پ ۽ مسلم ليگ (ن) ۽ نہ وري متحده. ان طبقي کي تحريڪ انصاف جهڙي پارٽي ۽ عمران خان جهڙي ليدر شپ ئي سياست جي ميدان تي آڻي سگهي ٿي. هن ڀيري ڪراچيءَ ۾ تحريڪ انصاف جي ساٿ ۾ انهن طبقن جا نوجوان ۽ خواتين وڏيڪ سرگرم، پرجوش ۽ متحرڪ نظر آيا، جيڪا هڪ مثبت ڳالهہ آهي. ٻيو تہ تحريڪ انصاف جا حامي آمريڪا، برطانيا، يورپ ۽ سڄيءَ دنيا ۾ آهن، جيڪا ڳالهہ متحده کي تمام ڏکي لڳي ٿي ۽ ڳچيءَ ۾ پڻ پئجي سگهي ٿي. ڏسجي تہ هن ڀيري هنن احتجاجن جي نتيجي ۾ برطانيا سرڪار ڇا ٿي ڪري ۽ متحده سربراهہ خلاف ڪهڙو قدم ٿي کڻي، پر گهٽ ۾ گهٽ متحده کي اها خبر پئجي وئي تہ ڪراچيءَ ۾ ڪيل ڪنهن بہ دهشتگرد ڪارروائيءَ جي نتيجي ۾ پنجاب، خيبر پختونخوا ۽ ٻاهرين دنيا ۾ سندن خلاف وڏا اثرائتا احتجاج ٿي سگهن ٿا، سفارتي محاذ تي سندن گهيرو تنگ ٿي سگهي ٿو ۽ ڪراچيءَ جي ميڊيا ڀل زبان نہ کولي پر پنجاب جي ميڊيا ۽ پرڏيهي ميڊيا سندن اڇا ڪارا پڌرا ڪري سگهي ٿي. هن ڀيري دلچسپ ڳالهہ اها آهي تہ پنجاب جون ٻئي وڏيون ڌريون سندن خلاف آهن ۽ اهو رڳو سنڌ جي مينڊيٽ جو اياڻ آهي، جو پ پ هڪ طرفي طور متحده کي سنڌ ۾ ايندڙ حڪومت گڏجي ٺاهڻ جو سڏ ڏنو .پ پ پ ڪان ايترو بہ نہ ٿيو تہ ان لاءِ هو متحده جي خواهش يا درخواست جو انتظار ڪن ها. هي تہ پاڻ وٽن موقعو هو تہ هو متحده کي واضح چون ها تہ گذريل پنجن سالن دوران سنڌ ۾ متحده جي شرطن تي هلڻ جو پ پ کي سخت نقصان رسيو آهي ۽ هاڻي گهٽ ۾ گهٽ سنڌ جي بنيادي مفادن ۽ وحدت جي سوال تي ساڻن ڪوبہ سرچاءُ نہ ڪيو ويندو پر ائين نہ ٿيڻو هو ۽ نہ ٿيو.

ان ڏس ۾ بنيادي سوال اهو آهي تہ اسان سنڌي جيڪي ڪراچيءَ جا حقيقي ۽ تاريخي وارث آهيون، اهي نيٺ ڇا ڪريون ۽ ان سڄي صورتحال ۾ پنهنجو ڪردار ڪيئن ادا ڪريون؟ منهنجي نظر ۾ ان ڏس ۾ اسان کي هيٺيان

قدم کڻڻ تي سنجيدگيءَ سان ويچار ڪرڻو پوندو:

1. سڀ کان پهرين ڳالهه ته سنڌ جي قومپرست ۽ وطن دوست پارٽين کي ڪراچيءَ ۾ رڳو پلاٽن جي سياست ڪرڻ بجاءِ حقيقي عوامي تنظيم ڪاري ڪرڻي پوندي. ڪراچيءَ جي ڊفينس، گلشن اقبال، جوهر، لياري، ڪلفٽن، ملير ۽ ابراهيم حيدري جهڙن سمورن علائقن ۾ يونٽ کولي تنظيمي ڪم کي سگهارو ڪرڻو پوندو.
2. ڪراچي ۾ تحريڪ انصاف جهڙيون پارٽيون جڏهن شهر ۾ دهشتگرديءَ خلاف احتجاج ڪن ٿيون ته انهن ۾ سنڌي ماڻهن کي شريڪ ٿيڻ گهرجي ۽ سنڌ جي قومپرست پارٽين کي پڻ ساڻن گڏ بيهڻ گهرجي.
3. پرڏيهه ۾ رهندڙ سنڌي پڻ اهڙن احتجاجن ۾ عملي طرح شريڪ ٿي ان آواز کي سگهارو ڪن، جيڪو پس و پيش اسانجي مفاد ۾ آهي.
4. ڪراچيءَ ۾ اردو ڳالهائيندڙ آباديءَ سان هر سطح تي ويجهڙائي پيدا ڪئي وڃي، ڇاڪاڻ سنڌ جو قومي ڪيس نسل پرستيءَ تي نه پر قومي سوچ تي ٻڌل آهي ۽ هئڻ گهرجي.
5. ڪراچي ۾ ٿيندڙ دهشتگرديءَ کي سوشل ميڊيا تي وڌ ۾ وڌ وائکو ڪرڻ گهرجي، ڇاڪاڻ ته جيڪو نام نهاد قومي ميڊيا رپورٽ نه ٿي ڪري، اهو ڪم سوشل ميڊيا ذريعي ڪري سگهجي ٿو.
6. ڪوشش ڪري ڪراچيءَ ۾ گڏيل امن محاذ قائم ڪرڻ گهرجي، جنهن ۾ اهي سڀ ڌريون، فرد ۽ فورم شامل هجن، جيڪي امن چاهين ٿا.
7. سنڌ جا سنڌ ۾ رهندڙ توڙي پرڏيهه ۾ رهندڙ پڙهيل لکيل ماڻهو سفارتي محاذ تي اڳواٽي وارو ڪردار ادا ڪن ۽ مسلسل واسطيدار ماڻهن، ادارن، حڪومتن سان لک پڙهه ڪن ۽ نتيجن کان بي نياز ٿي اهو ڪم لڳاتار ڪندا رهن. نتيجا هڪ مرحليوار مظهر ۾ ضرور سامهون ايندا.
8. ايندڙ 5 سال پ پ ۽ متحده جي حڪومت جي هر ان قدم جي ڀرپور ۽ گڏيل مزاحمت ڪئي وڃي، جيڪو سنڌ جي وحدت ۽ سنڌ جي قومي مفادن خلاف هجي.
9. سنڌ جون قومپرست پارٽيون، ليکڪ، سول سوسائٽيءَ سميت سنڌ جا سڀ شعبا پنهنجون وڌ ۾ وڌ سرگرميون ڪراچيءَ ۾ ڪن.

اهو سڀ ڪجهه تڏهن ٿيندو جڏهن سنڌ جي قومي ايجنڊا ۾ ڪراچيءَ جي مالڪي جو سوال شامل ٿيندو ۽ اوليت ماڻيندو.

*(روزاني ڪاوش، 21 مئي 2013ع)*

# ڪراچيءَ ۾ مستقل امن
# ڪير موٽائي ڏيندو؟

ڪراچيءَ ۾ مسلسل دهشتگردي، ٽارگيٽ ڪلنگ، لاقانونيت ۽ حڪومتن جي گوڏا کوڙ مصلحتن سبب هڪ بيحد ڳنڀير مسئلو بڻجي چُڪو آهي. ڪو ڏينهن اهڙو ناهي، جنهن ۾ دهشتگرديءَ جي راڪاسن ڪان شهر جا معصوم ماڻهو محفوظ هجن. اڳ اها صورتحال ڪراچيءَ جي رڳو چند علائقن تائين محدود هوندي هئي، پر هاڻي ته شهر جو ڪو اهڙو پاڙو يا علائقو ناهي، جتي روز لاش نه ڪرندا هجن. دهشتگرديءَ ۽ ڏوهن جون ڪارروايون نه ٿينديون هجن. پرويز مشرف جا نَوَ سال ته دهشتگرد قوتن کي ڪراچيءَ ۾ ڇڙ ته دهشتگرديءَ جو پروانو مليل هو پر پ پ پ جي گذريل حڪومت جا پنج سال به عملي طور پرويز مشرف جي حڪومتي پاليسيءَ جو تسلسل ثابت ٿيا. مفاهمتي پاليسيءَ جو عملي طرح مطلب هو ته، حڪومت ۾ شامل ڪنهن به ڌر جو ڪو به دهشتگرد نه جَهلبو، ڪنهن تي به ڪيس نه هلندو، ڪنهن به قاتل جي خلاف ڪارروائي نه ٿيندي، ويندي کين گورنريءَ ۽ وزارتن جا منصب ڏبا. ان ڪري گذريل پنج سال به ڪراچيءَ جو گهايل جسم ۽ روح رات ڏينهن رت ڳاڙيندو رهيو. نتيجي ۾ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي مفاهمتي پاليسي سخت ناڪام ثابت ٿي.

جيتوڻيڪ هاڻي چونڊن ڪانپوءِ ملڪ ۾ حڪومتون تبديل ٿي ويون آهن پر ڪراچيءَ ۾ ڪجهه به نه بدليو آهي. اتي اڄ به روز لاش ڪرن ٿا، ڀتي گيريءَ جي بازار گرم آهي ۽ ڪراچيءَ ۾ رهندڙ ماڻهن جي زندگين ۾ امن ۽ سڪون جو ڪو تصور موجود ناهي. اڳ ڪراچيءَ ۾ رڳو هڪ وڏي مافيا هئي پر هاڻي انجي ردِعمل ۾ انيڪ ٻيون مافيائون پڻ نه رڳو جنم وٺي چُڪيون آهن پر تمام سگهاريون پڻ ٿي چُڪيون آهن. هاڻي ته دهشتگرد گروهن ڇڙ ته علائقا ۽ پاڙا ورهائي ڪنيا آهن، جتي سندن هڪ هٽي دهشت ۽ هٿيارن جي زور تي قائم آهي. بس چونڊن ڪانپوءِ ايترو فرق ضرور پيو آهي جو مرڪزي حڪومت پاڪستان مسلم ليگ (ن) جي هئڻ سبب سنڌ حڪومت تي دٻاءُ وڌي رهيو

آهي، تہ اُها سنڌ ۾خاص طور ڪراچيءَ ۾ ڪو سگهارو ۽ فيصلائتو ڪردار ادا ڪري. هونئن تہ مسلم ليگ (ن) جي حڪومت اچڻ شرط اهو چوڻ شروع ڪيو هو تہ، ڪراچيءَ ۾ امن لازمي آهي، پر مرڪزي حڪومت جو ڪردار بيانن کان اڳتي نہ ٿي سُريو. تازو مسلم ليگ (ن) جي حڪومت جي وفاقي گهرو وزير چوڌري نثار پاران ڪراچيءَ جو دورو ڪرڻ مان صاف ظاهر آهي تہ، مرڪزي حڪومت جي ڪراچيءَ تي نظر آهي ۽ اُها شايد صدارتي چونڊن جو انتظار ڪري رهي آهي، جو ڪين پنهنجي صدر کي چونڊرائڻ لاءِ صوبائي اسيمبلين مان ووٽ گهرجن، پر اهو صاف نظر اچي رهيو آهي تہ، مسلم ليگ (ن) ڪراچيءَ کي شايد پ پ جي حڪومت جيان نِڌڻڪو نہ ڇڏي، ڇاڪاڻ تہ معيشت جي بحالي ۽ ترقي نواز شريف جي چونڊن دوران خاص ايجنڊا هئي ۽ ظاهر آهي تہ، ڪراچيءَ ۾ پائيدار امن کانسواءِ ملڪي معيشت جو ٻيڙو تَري، اهو ممڪن نہ آهي. انڪري پهريان سئو ڏينهن شايد مسلم ليگ (ن) جي مرڪزي حڪومت متحده تي هٿ هلڪو رکي.

ڪراچيءَ ۾ امن ڇو نہ ٿو بحال ٿئي، ان جا سبب تمام سادا آهن پر ان جو حل شايد حڪومتن کي انڪري پيچيده لڳي ٿو، جو ان لاءِ جيڪو سياسي اِرادو گهرجي، اهو نام نهاد مفاهمت يا مفاد پرستيءَ جي سياست مان نٿو اچي سگهي. حڪومتن کي اهو ياد رکڻ گهرجي تہ، هيٺين محرڪن جي موجودگيءَ ۾ ڪراچيءَ ۾ ڪڏهن بہ امن امان بحال ٿي نہ سگهندو:

- ڪراچي تي هڪ ڌر جي مستقل هڪ هٽيءَ سبب پائيدار امن ممڪن نہ آهي.
- ڪراچيءَ ۾ چاليهہ لک غير قانوني پرڏيهين جي موجودگيءَ ۾ مستقل امن ممڪن نہ آهي.
- ڪراچيءَ ۾غير قانوني هٿيارن جا انبار آهن ۽ جيسين ڪراچيءَ کي غير قانوني هٿيارن کان پاڪ نٿو ڪيو وڃي، تيسين ڪراچيءَ ۾ امن ممڪن نہ آهي.
- جن دهشتگردن جا ڏوهہ سياسي مصلحتن تحت گڏريل ايذائي ڌاڪن کان معاف ڪيا ويا آهن، اُهي جيستائين ٻيهر نہ اُٿلائبا ۽ ڪين قانون جي ڪَٽهڙي ۾ نہ بيهاريو ويندو، تيسين دهشتگردن جي نرسري ڪڏهن بہ بند ٿي نہ سگهندي.
- ڪراچيءَ ۾ رينجرس کي سنڌ حڪومت هر سال تيرنهن ارب ربيا امن امان لاءِ ڏئي ٿي پر عملي طور اُهي مڪمل ناڪام ويا آهن، انڪري

رينجرز واپس اُماڻي خاص طور تي ڪراچيءَ جي پوليس کي سگهارو ڪرڻ ڪانسواءِ ڪراچيءَ ۾ امن جي بحالي ممڪن نہ آهي.

- ڪراچيءَ جي شهري پوليس ۾ مختلف دورن ۾ شهري دهشتگردن جو وڏو انگ ڀرتي ڪيو ويو آهي، جن کي فارغ ڪرڻ ڪانسواءِ ڪراچيءَ ۾ پوليس ڪڏهن بہ ڪو گهربل آپريشن نہ ٿي ڪري سگهي.

تازو گهرو وزير چوڌري نثار پاران ڪراچيءَ ۾ اچي سنڌ جي وڏي وزير، گورنر ۽ ڊي جي رينجرز سان خاص گڏجاڻيون ڪرڻ، تنهن مان صاف ظاهر آهي تہ، مسلم ليگ (ن) جي مرڪزي حڪومت ڪراچي معاملي تي سنجيده آهي، ڇاڪاڻ تہ جنهن معيشت جي بحالي ۽ ترقيءَ جي هو ڳالهہ ڪن ٿا، اها ڪراچيءَ ۾ پائيدار امن ڪانسواءِ ممڪن ناهي.

ڪراچيءَ جي حوالي سان پيپلز پارٽيءَ جي حڪومت کي بہ سوچڻو پوندو تہ، هاڻي سندن اڳوڻي "مفاهمتي" پاليسي شايد سنڌ ۾ ساڳيءَ طرح هلي نہ سگهي، ڇاڪاڻ تہ هن ڀيري مرڪز ۾ حڪومت سندن نہ، پر مسلم ليگ (ن) جي آهي. پهرين تہ مسلم ليگ (ن) جي وزيرن پاران ڪراچيءَ بابت ڳالهائڻ تي سنڌ ۾ پ پ جي وزيرن ۽ اڳواڻن سخت ردِ عمل جو اظهار ڪيو پر هن ڀيري جڏهن چوڌري نثار سنڌ ۾ اچي ڪراچي مسئلي جي حل لاءِ سنڌ حڪومت کي پنهنجي سهڪار جي خاطري ڪرائي، تہ هاڻي سندن لهجو ٻيو آهي. جيتوڻيڪ سنڌ ۾ تازو ممتاز ڀُٽي سنڌ ۾ گورنر راڄ جي ڳالهہ ضرور ڪئي پر مان نہ ٿو سمجهان تہ، مسلم ليگ (ن) جي مرڪزي حڪومت ان حد تائين ويندي، ڇاڪاڻ تہ ان سان کين ٿي نقصان ۽ پ پ کي سنڌ ۾ سياسي فائدو ٿيندو. لڳي ٿو تہ، اهو ممتاز ڀُٽي جي ذاتي خواهشن يا خيالن جو اظهار هو، جنهن سان سندس پارٽيءَ جي ٻئي ڪنهن بہ اڳواڻ سُر نہ ملايو.

حقيقت ۾ ڏٺو وڃي تہ، سنڌ حڪومت کي موقعو مليو آهي تہ، اُها ڪراچيءَ کي دهشتگردي ۽ ڌوهن کان پاڪ ڪرڻ لاءِ سنجيده ٿئي. اهو شايد انڪري بہ هاڻي عمل جوڳو ڪم آهي، جو نہ رڳو متحده ساڻن اتحاد يا حڪومت ۾ شامل ناهي، پر خود مرڪز ۾ بہ سندن حڪومت نہ آهي، تنهنڪري هاڻي هو، نہ تہ هرويرو متحده جي آڱرين تي ڪيڏڻ لاءِ پابند آهي ۽ نہ وري مرڪز ۾ سندن حڪومت آهي. پ پ جي سنڌ حڪومت کي ان خلاف پائيتال مچائڻ بدران انکي هڪ زبردست موقعو ڪري وٺڻ گهرجي. ڇاڪاڻ تہ ان جا هٿ پير اڳ جيان ٻڌل نہ آهن. پ پ کي گهرجي تہ، ان مسئلي تي آل پارٽيز ڪانفرنس ذريعي ڪميٽي ناهي، ان کان ڪراچيءَ ۾ مستقل ۽ پائيدار امن

بابت هڪ جامع رٿا جوڙي وجي ۽ سنڌ جي چونڊ قابل، ايماندار ۽ فرض شناس آفيسرن کي پڻ ان ۾ شامل ڪيو وڃي، تہ جيئن اُهي ڪو عملي حڪمت عمليءَ جو فريم ورڪ ٺاهي ڏين. متحده اڳ ئي لنڊن ۾ هلندڙ جاچ سبب سخت تنظيمي ۽ سياسي بحران جو شڪار آهي ۽ پ پ جي حڪومت کي آخر ڪهڙي مجبوري آهي، جو اها روز ٿي دعوتناما متحده ڏانهن اُماڻي. ٻيو تہ جڏهن مرڪزي حڪومت پڻ ڪراچيءَ ۾ پائيدار ۽ مستقل امن جي بحاليءَ لاءِ سنڌ حڪومت سان مڪمل سهڪاري آهي، تہ پوءِ آخر ڪراچيءَ کي هٿيارن ۽ دهشتگردن جي چنبي مان آجو ڪرائڻ جي منصوبي تي عمل ڇو نہ ٿو ٿئي؟

حڪمت عمليءَ جي لحاظ کان هي ان لاءِ موزون وقت آهي. متحده خلاف اڳ ئي لنڊن ۾ جاچ هلندڙ آهي، تحريڪِ انصاف وڏي پئماني تي ڪراچيءَ مان ووٽ کڻي پڻ متحده کي سخت عدم تحفظ جي ڏهڻ ۾ ڪيرائي ڇڏيو آهي. مرڪزي حڪومت بہ ان ڏس ۾ سنڌ حڪومت سان گڏ بيهندي، جو اها ايجنڊا سندن اوليت تي پڻ آهي. اهي بين الاقوامي قوتون، جيڪي هميشہ متحده سان گڏ ۽ ساٿاري رهيون آهن، اُهي متحده سان ساڳين پريم پٽ جي سطح تي نہ آهن. ميڊيا بہ پهريون ڀيرو وڏي پيماني تي کليءَ طرح ڳالهائڻ شروع ڪيو آهي ۽ سڀ کان وڏي ڳالهہ تہ، سڄي ملڪ جو باشعور شهري، ڪراچيءَ ۾ امن چاهي ٿو. جيڪڏهن ان سموري صورتحال باوجود هن ڀيري پ پ جي سنڌ حڪومت ڪراچيءَ ۾ دهشتگردن خلاف قدم کڻي ڪي گهربل نتيجا نہ ڏنا، تہ شايد اهو ئي اشو سندن سياسي ڳچيءَ لاءِ ”ڦندو“ ثابت ٿئي، جو مسلم ليگ (ن) جي مرڪزي حڪومت شايد گهڻو وقت سنڌ حڪومت جو ڪراچيءَ ۾ ڪمزور ڪردار برداشت نہ ڪري سگهي. جنهنجو اشارو چوڌري نثار تازي دوري ۾ پڻ ڏئي ويو آهي. حڪومت کي ان ڏس ۾ تڪڙا مضبوط قدم انڪري بہ کڻڻا پوندا، جو 2014ع ۾ افغانستان مان جيڪي آمريڪي ۽ نيٽو فوجون واپس وينديون، تہ اهو سڄو فوجي سامان ڪراچيءَ ذريعي واپس ويندو ۽ تازو لياريءَ ۾ لياري ڪچي تضاد اُپارڻ جو هڪ سبب شايد اهو بہ هجي، جو ڪياماڙي لڳ اهو بندر لياري باءِ پاس سان لڳو لڳ آهي. ڪراچيءَ تي سياسي هڪ هٽيءَ جي ڪوشش پٺيان دراصل اُهي ناجائز سياسي مفاد ئي آهن.

سوال آهي تہ، ڇا سنڌ حڪومت هن ڀيري ڪراچيءَ ۾ مستقل ۽ پائيدار امن لاءِ ڪا جامع حڪمت عملي جوڙي، ان تي جرئت سان عمل ڪندي يا سندن هي دور بہ مفاهمتي پاليسيءَ جو تسلسل ثابت ٿيندو؟

*(روزاني ڪاوش، 24 جولاءِ 2013ع)*

# هيءَ سوچ سنڌ جي قومي شعور جي آهي!

سنڌ پيپلز لوڪل گورنمينٽ ايڪٽ 2012ع ۾ ساڳي تڪڙ ۽ غير سنجيدگيءَ سان سنڌ اسيمبليءَ مان رد ڪيو ويو، جيئن اهو پنجن منٽن ۾ پاس ڪيو ويو هو. ساڳي سنڌ اسيمبلي، ساڳي پارٽي، ساڳيا ميمبر، ساڳيو اشو ۽ ساڳيون جهمريون. ڪالهه سنڌ جي وحدت تي وار ڪري، هڪ سنڌ دشمن بل کي قانوني شڪل ڏني وئي ۽ اهو ساڳيو طريقو وري ساڳئي بل کي رد ڪرڻ لاءِ به ورجايو ويو. ساڳيو وزير ڪالهه به هن بل کي اسيمبليءَ مان منظور ڪرائڻ لاءِ "فاتحانه" رڙ ڪري رهيو هو ۽ وري به ساڳيو وزير ۽ سندس ساڳي فاتحانه رڙ بل کي رد ڪرائڻ لاءِ! اهو تماشو ڪروڙين سنڌين ميڊيا ذريعي ڪالهه به ڏٺو ۽ اڄ به ڏٺو. جيتوڻيڪ هن تڪراري بل جي واپسيءَ تي سنڌي ماڻهن ۾ خوشيءَ جو احساس اڀريو آهي پر هن صورتحال تمام بنيادي سوال پڻ اٿاريا آهن، جن تي نهايت سنجيدگيءَ سان غور ويچار ڪرڻ جي گهرج آهي.

سنڌ اسيمبليءَ مان سنڌ پيپلز لوڪل گورنمينٽ ايڪٽ 2012ع جي رد ٿيڻ جي خبر اچڻ شرط سنڌي ماڻهن جو پهريون رد عمل اهو هو ته ڇا هي ڪو نئون ناٽڪ ته ناهي؟ ڇاڪاڻ ته سنڌي عوام گذريل پنجن سالن (2008-2013ع) کان ايترا ته سنگين ناٽڪ ڏٺا، جو هو اهو اعتبار ڪرڻ لاءِ تيار ئي نه هئا ته ڪو پاڪستان پيپلز پارٽي سنجيدگيءَ يا سنڌ دوستيءَ ۾ اهو ڪم ڪري سگهي ٿي. ان ڏس ۾ اصل ۽ بنيادي سياسي اخلاق جو سوال هي آهي ته، جي هي بل ايترو ئي شاندار ۽ سنڌ جو تحفظ ڪندڙ هو ته پوءِ ان جي واپسيءَ تي ايڏيون جهمريون ڇو؟ ۽ جيڪڏهن اهو بل سنڌ دشمن ۽ سنڌ جي قومي وحدت تي هڪ وار ۽ سنڌ جي انتظامي ورهاڱي جي مترادف هو ته پوءِ اهو ائين لاپرواهيءَ سان اسيمبليءَ مان ڇو پاس ڪرايو ويو؟ ائين بل پاس ڪرائڻ کانپوءِ پ پ جي مرڪزي ۽ صوبائي قيادت پاران هن بل جي حمايت ۾ جيڪي سبق ليڪا لتاڙيا ويا، اهو سڀ ڇا هو؟ پاڪستان پيپلز پارٽي جا ماضيءَ جا ۽ موجوده حڪومتي دور جا سڀ غلط فيصلا هڪ طرف پر سنڌن هن بل بابت ادا ڪيل ڪردار مان ثابت ٿئي ٿو ته سنڌ جي عوام جي پارلياماني سياسي نمائندگي ڪيتري نه غير سنجيده قوتن وٽ آهي، جن لاءِ سنڌ جي وحدت ۽

مستقل قومي مفادن جو سوال بہ هڪ سوديبازيءَ جو ڪارڊ آهي. جن وزيرن ۽ پارٽي اڳواڻن حيدرآباد جي جلسي ۾ ۽ ان ڪانپوءِ هر موقعي تي هن بل جي سخت ۽ پرزور حمايت ڪئي، اهي هاڻي پنهنجي ان ڪردار کي ڪهڙو نالو ڏيندا؟ حقيقت اها آهي تہ هيءَ سموري صورتحال سنڌ جي عوام کي اهو چٽو نياپو ڏئي ٿي تہ هو ڪيترا نہ غير محفوظ آهن. هيءَ سموري صورتحال حڪمران پارٽيءَ جي سياسي ڪلچر ۽ ڏيوالپڻي جي بہ عڪاسي ڪري ٿي. معنيٰ هڪ شخص آصف علي زرداري کين ٻوڙي يا تاري، هن پارٽيءَ جا چونڊيل ميمبر، اڳواڻ، وزير، ڪارڪن ۽ عهديدار پنهنجن مفادن خاطر ڪجهہ بہ نہ ڪُڇندا! آهي ڪو سنڌن پنهنجو موقف، آهي ڪا سنڌن وات ۾ زبان، جيڪا ڄُري ۽ وقت اچڻ تي"نہ" بہ ڪري .ڪو هڪ بہ ميمبر اهڙو هو، جنهن اٿي بيهي تاريخ جي رڪارڊ لاءِ پارٽيءَ کي چيو هجي تہ اسان کي وطن ۽ قوم جا مفاد ڪرسيءَ ۽ پارٽيءَ کان مٿانهان آهن. افسوس جو اهڙو ڪو هڪ بہ نہ نڪتو ۽ جنهن سيد ظفر علي شاهہ ائين ڪيو، اهو هاڻي پ پ ڇڏي چڪو آهي. شهيد ڀٽي سان پارٽيءَ جي ماڻهن ڪيترن ئي موقعن تي اختلاف ڪيو. محترمہ شهيد بينظير ڀٽو سان پارٽيءَ جي ذميوار ماڻهن ڪيترا ڀيرا اختلاف ڪيو پر هي ڪهڙو سياسي ۽ تنظيمي ڪلچر پيدا ڪيو ويو آهي، جنهن ۾ ڪو بہ اختلاف نہ ٿو ڪري سگهي؟ جيتوڻيڪ سنڌي ماڻهن جي گهڻائي حڪومت جي هن قدم کي بہ هڪ ناٽڪ ۽ متحده سان سندن ڳٺ جوڙ جي حڪمت عمليءَ جو حصو سمجهي ٿي پر تنهن هوندي بہ منهنجيءَ نظر ۾ هيٺيان ٽي بنيادي سبب آهن، جن جي ڪري پ پ اهو بل موجوده اسيمبليءَ مان رد ڪرايو آهي.

(1) منهنجيءَ نظر ۾ ان جو پهريون سبب هن قانون خلاف سنڌي عوام جي قومي ٻڌي، سنڌ جي قومپرست پارٽين ۽ عوام جي لڳاتار جدوجهد آهي، جن ۾ سياسي پارٽين، اديبن، دانشورن، ڪارڪنن، سول سوسائٽي، سنڌي ميڊيا بہ پاڻ ملهايو. جنهن قانون يا نظام کي عوام ائين مثالي ٻڌيءَ سان رد ڪري، اهو هونئن بہ هلي نہ ٿو سگهي. پ پ کي اهو بل پاس ڪرائڻ ڪانپوءِ مڪمل طور محسوس ٿي ويو هو تہ هنن نہ رڳو سنڌ جي انتظامي ورهاڱي کي ممڪن بڻايو آهي پر پنهنجي سياسي پيرن تي بہ ڪهاڙو هنيو آهي. مون تہ اها ڳالهہ بار بار پنهنجي مضمونن ۾ لکي تہ پاڪستان پيپلز پارٽي هي بل پاس ڪرائي پنهنجو سياسي ۽ اخلاقي آپگهات ڪيو آهي، ان ڪري کين خبر هئي تہ سنڌ جو عوام هي نظام هلڻ نہ ڏيندو. سندن چيلهہ انڪري بہ ڀڃي ٿي پئي، جو مسلم ليگ

(ف) ۽ مسلم ليگ (ن) جهڙين پارٽين به هن نظام کي رد ڪيو ۽ سنڌ جي وحدت جي سوال تي چٽو موقف رکيو. مسلم ليگ (ف) ماضيءَ ۾ هميشه متحده سان هم آواز رهي آهي پر موجوده پير صاحب پاڳاري جي سربراهيءَ ۾ هن سوال تي مسلم ليگ (ف) هڪ مثبت ۽ ثابت قدم ڪردار ادا ڪيو. پ پ هن معاملي ۾ مڪمل طور اڪيلي ٿي چڪي هئي ۽ سڀ کان وڏي ڳالهه ته سنڌ جي عوام سان پنهنجو اڳوڻو جذباتي سڱ ٽوڙي ڇڏيو هو.

(2) هن بل کي واپس ورائڻ جو ٻيو سبب سپريم ڪورٽ ۾ هن نظام بابت هلندڙ ڪيس هو. جنهن ۾ هڪ طرف بئريسٽر ضمير گهمري مضبوط دليل ڏنا، ته ٻئي طرف حڪومتي ڌر قانوني طور ان جو بچاءُ ڪرڻ ۾ بلڪل ناڪام وئي ۽ سڀ کان وڏي ڳالهه ته خود سپريم ڪورٽ جي ججن جي بينچ جا رمارڪس هن نظام بابت تمام واضح رهيا. ڪين اها خبر پئجي وئي هئي ته سپريم ڪورٽ هن نظام کي جيئن جو تيئن هلڻ نه ڏيندي، ڇاڪاڻ ته ان قانون تحت واسطيدار شعبا شهري حڪومتن جي حوالي نه ڪرڻ لاءِ عدالت هونئن به "اسٽي" ڏئي چڪي هئي.

(3) ٽيون ۽ شايد موجوده حالتن ۾ سڀ کان اهم سبب ايندڙ چونڊون آهن. پ پ پ کي ضمني چونڊن ۾ عوام ۾ پنهنجي مقبوليت جو اندازو ٿي ويو هو. وزيرن سان سنڌ جي مختلف شهرن ۾ عوام جيڪي ڪجهه ڪيو اهو رڪارڊ تي آهي. ٻئي طرف سنڌ جي اديبن، دانشورن، سول سوسائٽيءَ، قومپرست پارٽين ۽ سنڌي عوام جو دٻاءُ به ڏينهون ڏينهن وڌي رهيو هو ۽ پ پ کي اهو اندازو ٿي چڪو هو ته ايندڙ چونڊن ۾ سندن ڪهڙو حشر ٿيندو! هي پهريون ڀيرو هو جو ماڻهو پ پ جو هن بل جي حوالي سان تمام سخت احتساب ڪن ها. هنن چونڊن ۾ هڪ پاسي سنڌ هجي ها ته ٻئي پاسي پ پ هجي ها. هاڻي جڏهن سندن حڪومت جا وڃي ٿي هفتا بچيا آهن ۽ سندن حڪومت ۽ اقتداري مفادن کي ڪنهن نقصان رسڻ جو ڪو به انديشو نه آهي ته پ پ هي بل واپس ڪرايو آهي ته جيئن وري عوام آڏو سرخرو ٿين. هن سموري تجربي مان بهرحال ڪجهه تلخ نتيجا هي سامهون آيا آهن، جن تي سنجيدگي سان ويچارڻ جي پڻ ضرورت آهي:

(1) سياست هڪ بيحد سنجيده ۽ ذميواريءَ وارو ڪم آهي ۽ خاص طور تي اها سياست، جيڪا اسيمبلين ذريعي قانون ۽ پاليسيون جوڙي قومن جي مستقل مفادن کي تاري يا ٻوڙي سگهي ٿي. پاڪستان پيپلز پارٽي چٽيءَ طرح ثابت ڪيو ته پ پ اڪيون ٻُوٽي پوئلڳي ڪندڙ ماڻهن جو غير مشروط هجوم

تہ آهي، پر ڪا جمهوري ۽ سجاڳ ذهن رکندڙ ڪارڪنن جي پارٽي هرگز نہ! ڪو هڪ ماڻهو نہ هو سچي پارٽيءَ ۾، جيڪو ڪرسيءَ، ميمبريءَ کي ٿڏي اچي قوم جي پاسي بيهي ها؟ هڪ اکر نہ نڪتو ڪنهن جي زبان مان، ڇا اهو جمهوري سياسي ڪلچر آهي؟ ڇا اها عوامي سياست آهي؟

(2) ٻيو نتيجو اهو سامهون آيو تہ هي پارٽي اقتدار يا ڪرسيءَ خاطر ڪمپرومائيز جي ڪنهن بہ حد تائين وڃي سگهي ٿي. معنيٰ تہ هن پارٽيءَ وٽ هاڻي ڪمپرومائيز جون ڪي حدون طئي ٿيل بہ نہ آهن.

(3) ٽيون ۽ سڀ کان خطرناڪ نتيجو اهو سامهون آيو تہ هيءَ پارٽي اڄ بہ سنڌ کي ٺلهو هڪ "ڪارڊ" سمجهي ٿي. سنڌ کي هڪ وطن، قوم ۽ ڌرتي ماءُ سمجهڻ بدران سياسي راند ۽ مفادن جي پورائي جو هڪ ڪارڊ سمجهڻ کان وڏيڪ ڇا ڪا بہ ڳالهہ سياسي طور خطرناڪ ٿي سگهي ٿي؟ بهرحال جيڪا بہ پارٽي سنڌ کي هڪ "ڪاز" نہ پر ڪارڊ سمجهندي، ان کي اهو حق ۽ اختيار هرگز نہ ملڻ گهرجي. ڪين شايد 21 هين صديءَ ۾ بدلجندڙ سنڌ جي محرڪن جو ڪو بہ ادراڪ نہ آهي. هي سٺ، ستر، يا اسيءَ وارو ڏهاڪو نہ آهي، پر هي ميڊيا جو دور آهي. ماڻهو پل پل کان باخبر آهي ۽ سڀ کان وڏي ڳالهہ تہ ماڻهو "صاحب راءِ" آهي. اهو سنڌ جي عوام جو گڏيل فيصلو هو، جنهن پ پ پ کي اهو بل رد ڪرائڻ تي مجبور ڪيو. هنن تہ ايترو بہ لحاظ نہ ڪيو، جو رد ڪرڻ وقت ڪٿي اهو چون ها تہ سنڌن اڳوڻو فيصلو غلط هو.

حڪمران جماعت پاڪستان پيپلز پارٽي هي بل واپس وٺي سنڌ تي ڪو بہ احسان نہ ڪيو آهي ۽ نہ وري ان سان گڏيل پنجن سالن کان سنڌ ۽ سنڌين کي لڳل گهاوَن جو ازالو ٿي ويو آهي. هي پنج سال سنڌ جي عوام جي ڏنل اڪثريتي مينڊيٽ جي هر گهڙيءَ توهين ٿيندي رهي، سنڌ ۾ بدترين حڪمراني رهي، ٻن ٻوڏن ۾ بہ ڪروڙ ماڻهو دربدر ٿيا، جيڪي اڄ سوڌو دربدر آهن. سنڌ ۾ ڪرپشن ۽ اقربا پروريءَ جي بازار گرم رهي، لاقانونيت ۽ مهانگائي عروج تي رهي ۽ سنڌي ماڻهو نڌڻڪا رهيا. ڇا هي بل اسيمبليءَ مان واپس بدلائڻ سان پ پ کي سڀ ڪجهہ ڦٻي ويندو؟

مان سمجهان ٿو تہ هن بدترين صورتحال ۾ رڳو هڪ فيڪٽر اتساهيندڙ آهي ۽ اهو آهي سنڌ جي عوام جو قومي شعور ۽ تحرڪ. ان ڪري هن بل کي واپس ورائڻ جو ڪريڊٽ بہ سنڌ جي عوام جي شعور ۽ گڏيل تحرڪ کي وڃي ٿو ۽ اهو وڏي فخر سان چئي سگهجي ٿو تہ هي سوڀ سنڌ جي عوام جي قومي شعور ۽ گڏيل تحرڪ جي سوڀ آهي. هن بل جو اسيمبليءَ مان رد ٿيڻ اڌ ڪم

آهي، ڇاڪاڻ تہ جيڪڏهن ان تي گورنر موجوده اسيمبلين جي مُدي ختم ٿيڻ اڳ ۾ صحيح نہ ڪئي تہ هن بل جي ڪا بہ قانوني حيثيت نہ هوندي ۽ اهو معاملو اُتي ئي رهجي ويندو . اها هاڻي پ پ حڪومت جي ذميواري آهي تہ اُها پنهنجي ويهاريل اتحادي گورنر کان جلد از جلد صحيح ڪرائي ۽ جي گورنر ان کي التوئ جو شڪار بڻائي يا صحيح نہ ڪري تہ پوءِ هن گورنر کي فوري طور هٽايو وڃي، ۽ هڪ اهڙو گورنر آندو وڃي، جيڪو اچڻ شرط هن بل جي مسودي تي صحيح ڪري. جي ائين نہ ٿيو تہ سنڌ جي عوام جو اهو شڪ يقين ۾ تبديل ٿي ويندو تہ اهو پ پ ۽ متحده جي گڏيل راند آهي.

*(روزاني ڪاوش حيدرآباد، 22 فيبروري 2013ع)*

# چوٿين مارچ واري شاگرد جدوجهد
# ۽ موجوده شاگرد سياست

قومن جي تاريخ ۾ ڪجهه ڏينهن جي تاريخي اهميت هجي ٿي، ائين سنڌ جي جديد سياسي تاريخ ۾ چوٿين مارچ جي اهميت بہ گهڻ پاسائين آهي. بظاهر تہ 1967ع ۾ ان ڏينهن تي سنڌ يونيورسٽيءَ جي شاگردن تڏهوڪي وائيس چانسلر حسن علي عبدالرحمان جي معاملي تي ڪمشنر مسرور جي خلاف حيدرآباد ۾ هڪ احتجاج ڪيو هو، جن تي حيدرآباد جي انتظاميہ ڏمرجي پئي ۽ ڪيترائي شاگرد گرفتار ڪيا ويا، پر حقيقت ۾ چوٿين مارچ جي جدوجهد جا گهڻ طرفا سبب بہ هئا تہ ان جا نتيجا بہ گهڻا سامهون آيا. اهو ون يونٽ جو دور هو ۽ سنڌي سماج سجاڳ ۽ باشعور هو، خاص طور تي سنڌي نوجوان تمام گهٽي پيڙا ۽ مزاحمت جي ڪيفيت ۾ هو. ان ڪري حسن علي عبدالرحمان جو معاملو تہ هڪ بهانو هو، ان تحرڪ جا اصل محرڪ سياسي هئا. سنڌي نوجوانن ان دور ۾ بيٺل پاڻيءَ ۾ احتجاج جو پٿر اڇلايو تہ سڄو سماج چرڪ پري جاڳي پيو. ان دور ۾ سنڌ جا روشن خيال ۽ باضمير اديب، شاعر، دانشور ۽ ڪارڪن تہ اڳ ئي ان ڪيفيت ۾ هئا پر چوٿين مارچ جي جدوجهد ان ڪيفيت کي هڪ لڳاتار عمل جو روپ ڏيڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. ان دور ۾ ان کان پوءِ جي ايندڙ دورن ۾ ٽئين دنيا جي اڪثر ملڪن ۾ ائين ئي ٿيو. اِشوز تہ بهانا هوندا آهن، اصل ۾ ضرورت انهن محرڪن کي ڏسڻ ۽ اُپارڻ جي هوندي آهي، جيڪي سماجن ۾ جدوجهدن جي وسيع ميدانن کي جنم ڏيندا آهن. مان پاڻ جيئن تہ پنهنجي وقت ۾ ايشيائي توڙي پاڪستان ۽ سنڌ جي ترقي پسند شاگرد سياست جو سرگرم حصو رهيو آهيان، ان ڪري اهڙين ڪيترين ئي تحريڪن جو اکين ڏٺو شاهد بہ آهيان. 1979ع ۾ نيپال ۾ شاگرد جدوجهد جي شروعات ان احتجاج سان ٿي، جيڪو نيپالي شاگردن پاڪستان ۾ ذوالفقار علي ڀٽي جي شهادت خلاف ڪيو هو پر جيئن تہ رياست ان خلاف تشدد تي لهي آئي، ان ڪري ڀٽي صاحب جي شهادت خلاف شروع ٿيل جدوجهد هڪ انقلابي شاگرد تحريڪ ۾ تبديل ٿي وئي. برما، ٿائيلينڊ، فلپائن سميت

ڪيترن ئي ايشائي ملڪن ۾ اڀرين ٿيو. ان ڪري اصل ڳالهہ محرڪن جي هوندي آهي. چوٿين مارچ جي جدوجهد بہ اڀرين آهي، جنهن جي نتيجي ۾ ون يونٽ خلاف جدوجهد تيز ٿي وئي. ان احتجاج ۾ بہ بنيادي نعرا ون يونٽ ۽ سنڌ جي زمينن جي نيلام خلاف ۽ سنڌي ٻوليءَ جي حق ۾ هئا. هيءَ اها ئي تحريڪ هئي، جنهن نہ رڳو سنڌ ۾ شاگرد سياست جا بنياد وڌا، پر سنڌ ۾ نوجوان سياسي ڪارڪنن ۽ اڳواڻن جهڙوڪ: يوسف لغاري، يوسف ٽالپر، مسعود نوراني، لالا قادر، اقبال ترين سميت هڪ وڏو تعداد اثرائتي سياسي ڪردار سان سامهون آيو. رسول بخش پليجي جي ڪهاڻي ”وڃيو هُئين تہ ويهہ“ بہ ان ئي پس منظر ۾ لکيل آهي. سٺ ۽ ستر جا ڏهاڪا هوندڻ بہ سچي دنيا ۾ خاص طور تي ٽئين دنيا ۾ وڏين اثرائتين شاگرد جدوجهدن جا دور هئا. مان سمجهان ٿو تہ اسانجو نسل آخري هو، جيڪو معياري شاگرد سياست جو حصو بہ رهيو پر ان پنهنجي اکين سان ان جو سج سوويت روس جي زوال کانپوءِ لهندي بہ ڏٺو.

قومون پنهنجي تاريخ کي هميشہ پرکينديون رهنديون آهن تہ جيئن ان مان ٿوس نتيجا ڪيئي اڳتي وڌجي. تاريخ جو ڪارج آهي ئي اهو. ويل وقت کي واپس نہ ٿو ورائي سگهجي پر ان مان نتيجا ڪيئي نہ رڳو سبق حاصل ڪري سگهجي ٿو پر انهن نتيجن کي آئيندي جو بنياد بہ بڻائي سگهجي ٿو. اسانکي بہ پنهنجي شاگرد سياست جي ڪارنامن ۽ ڪمزورين جو جائزو وٺڻ گهرجي ۽ ان پرک کي آئيندي جي شاگرد سياست جو بنياد بڻائڻ گهرجي.

جيڪڏهن سنڌ جي گذريل ڇئن ڏهاڪن جي شاگرد سياست جو جائزو وٺجي تہ ان کي ٽن ڌارائن ۾ ورهائي سگهجي ٿو. هڪ، سنڌ جي ترقي پسند شاگرد سياست، ٻي قومپرست شاگرد سياست ۽ ٽئين شاگرد سياست اها هئي، جنهن جو تعلق پاڪستان پيپلز پارٽيءَ سان هو. سنڌ جي ترقي پسند شاگرد سياست، جنهن سنڌي سماج کي شهيد نذير عباسي، ڊاڪٽر محبت ٻرڙي، ڊاڪٽر بخت جمال، علي گل ميتلي ۽ امداد چانڊيي سميت سوين تہ ڇا هزارين ڄاڻو، باعمل ۽ پختا شاگرد سياسي اڳواڻ ڏنا، پر الميو اهو آهي تہ سنڌ جي قومپرست شاگرد سياست ان روايت کي پنهنجو دشمن سمجهندي هئي ۽ اڻ اعلانيہ طور ترقي پسند شاگرد تنظيمن جهڙوڪ، سنڌي شاگرد تحريڪ ۽ ڊيموڪريٽڪ اسٽوڊنٽس فيڊريشن تي جڙ تہ بندش پيل هئي. انهن تنظيمن کي اسانجي قومپرست شاگرد سياست ڪڏهن بہ آزاديءَ سان تعليمي ادارن اندر کليل سياست ڪرڻ نہ ڏني. ان حد تائين جو شهيد نذير عباسيءَ جهڙي املهہ ماڻهڪ تي بہ سنڌ يونيورسٽيءَ جي انٽرنيشنل هاسٽل ۾ تشدد ڪيو

ويو. ضياءَ جو پورو دور ڇڙ تہ انهيءَ تي اڻ اعلانيل بندش هئي، جنهن جو مان پاڻ اکين ڏٺو شاهد رهيو آهيان.

حقيقت اها آهي تہ سنڌ جي قومپرست شاگرد سياست ۾ عام نوجوانن لاءِ وڏي جذباتي ڇڪ هئي. آچپي جو نعرو آهي ئي اهڙو جيڪو ماڻهن جي دلين ۽ روحن ۾ لهي وڃي ٿو. الميو اهو آهي تہ عدم تشدد جي فڪر جي پوئلڳي ڪندڙ تنظيم ۾ اڳتي هلي ڏوهاري عنصر داخل ٿيا، جن عملي طور تنظيم کي هاءِ جيڪ ڪري ورتو. نہ تہ ان تنظيم جا شروعاتي اڳواڻ اقبال ترين جهڙا ماڻهو هئا. اهو الميو رڳو قومپرست شاگرد سياست جو نہ پر سموري قومي سياست جو آهي، جنهن ۾ تمام گهڻا پڙهيل ڳڙهيل ۽ باڪردار ماڻهو هميشہ رهيا آهن پر مجموعي طور ڏوهاري عنصرن ان کي عملي طور هاءِ جيڪ ڪري ورتو. ان ڏس ۾ مرحوم عزيز پنگوار جي يادگيرين تي ٻڌل ڪتاب اکيون کولڻ لاءِ ڪافي آهي. انهن عنصرن نہ رڳو سنڌ جي تعليمي ادارن ۾ ترقي پسند شاگرد سياست جي رستا روڪ ڪئي پر خود پنهنجي تنظيمن اندر پڙهيل لکيل ۽ نظرياتي ڪارڪنن کي ڪنڌائتو ڪري ڇڏيو. جيڪي نوجوان ڪتاب پڙهندا هئا انهن کي ياڙيو ۽ اَڪارج سمجهيو ويندو هو ۽ نتيجي ۾ سنڌ جي شاگرد قومپرست سياست جي معيار، ڪردار ۽ ساک کي گهڻو ڌڪ لڳو. نتيجي ۾ ان تنظيم اندر پڙهيل لکيل ۽ نظرياتي ڪارڪنن جو وڏو انگ مورڳو سياست کان ئي پاسيرو ٿي ويو ۽ سنڌ جي قومپرست شاگرد سياست بہ سنڌ جي سياسي اڏاوت ۾ گهربل مثبت سياسي ڪردار ادا نہ ڪري سگهي.

تاريخ جو الميو اهو بہ آهي تہ لڳ ڀڳ ساڳي صورتحال پاڪستان پيپلز پارٽي جي شاگرد سياست سان بہ درپيش آئي ۽ ڏٺو وڃي تہ ان جي شاگرد ونگ ۾ ابتدائي دور ۾ نظرياتي ڪارڪن تنظيم جي اڳواڻي ڪري رهيا هئا، مثال طور ابتدائي دور ۾ اڳواڻي مولا بخش چانڊيي، حسين شاهہ بخاري ۽ ڊاڪٽر اسماعيل اديجي جهڙن ماڻهن وٽ هئي پر هن تنظيم سان بہ اهو ئي حشر ٿيو ۽ پ پ جيئن ئي 1971ع کانپوءِ اقتدار ۾ آئي تہ هن تنظيم تي هٿياربند سوچ ۽ قوتن جو تسلط قائم ٿي ويو. سنڌ جي تعليمي ادارن ۾ هٿيارن جو ڪلچر 1971ع کانپوءِ متعارف ٿيو. نتيجي ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ سميت سنڌ جي يونيورسٽين ۽ ڪاليجن ۾ جيڪي خوني جهيڙا ٿيا، ان ۾ نہ رڳو ڪيترائي معصوم شاگرد ۽ ڪارڪن مارجي ويا پر سنڌ جي تعليمي ادارن جي تباهيءَ جي شروعات ٿي، جنهن جو اجا تائين ڪو ڇيهہ نظر نہ ٿو اچي.

مان سمجهان ٿو تہ چوٿين مارچ جي تاريخي جدوجهد کي ڀيٽا ڏيڻ جو اهو

طريقو ئي لاڀائتو ثابت ٿيندو، جنهن ۾ اسان ماضيءَ جو حقيقت پسنديءَ ۽ ايمانداريءَ سان جائزو وٺي سنڌ جي موجوده شاگرد سياست ۾ ڪنهن معياري تبديليءَ جا بنياد رکون. ان ڏس ۾ هيٺين تجويزن تي غور ڪري سگهجي ٿو:

(1) اسانجي سياسي پارٽين کي اهو سمجهڻ گهرجي ته سياسي عمل يا سماج ۾ تبديليءَ جو هراول دستو شاگرد نه، پر پورهيت عوام آهي. ان ڪري سياسي پارٽين کي نوجوانن کي سياسي ٻارڻ طور استعمال ڪرڻ بجاءِ بنيادي طور عوام ۾ ڪم ڪرڻ گهرجي.

(2) شاگرد سياست ۾ ان جي نمائندگي ڪندڙ تنظيمن ۾ ڌوهاري ماڻهن لاءِ ڪابه گنجائش نه هئڻ گهرجي. هڪ ڌوهاري ماڻهو سياست کي پنهنجن ناجائز مفادن لاءِ هڪ اوزار طور استعمال ڪري سگهي ٿو پر اهو پنهنجي قوم، عوام يا پارٽيءَ کي ڪجهه به نه ٿو ڏيئي سگهي.

(3) شاگرد تنظيمن کي مڪمل طور هٿيارن جي سوچ کان پاڪ ڪرڻ گهرجي، ڇاڪاڻ ته 21 هين صديءَ جو سڀ کان اثرائتو هٿيار علمي قابليت، دليل ۽ ڪميونيڪيشن آهي.

(4) سياسي پارٽيون پنهنجي شاگرد تنظيمن جي سياسي، فڪري ۽ نظرياتي تربيت ڪن. نظرياتي سياسي ڪارڪنن کي تعليمي ادارن سان گڏوگڏ هارين، مزدورن ۽ عوام سان گڏ بيهي ساڻن گڏ ڪم ڪرڻ جو ڏڳ ڏنو وڃي، ڇاڪاڻ ته سياست جي اصل نرسري عوام ۽ جدوجهدون آهن.

(5) اڄوڪي دور ۾ عام شاگردن جي گهٽائي ان ڪري به شاگرد سياست کان ڪٽيل آهي، جو شاگرد تنظيمن وٽ معياري اڳواڻيءَ جي وڏي کوٽ آهي. شاگرد سياست ئي آهي، جنهن مان اسري وڏا عوامي سياسي اڳواڻ اڀرن ٿا پر اهو تڏهن ٿيندو، جڏهن شاگرد سياست ۾ معياري اڳواڻي هوندي.

(6) تعليمي ادارن ۾ مخالف تنظيمن تي اڻ اعلانيل يا عملي طور بندش وجهڻ واري سوچ ۽ روش مڪمل طور تبديل ڪرڻ گهرجي. سياست ۾ صحت مند چٽاڀيٽي هئڻ گهرجي. چٽاڀيٽي هٿيارن، علم دشمنيءَ بجاءِ قابليت، پورهئي ۽ بامقصد جدوجهد ۽ ڪردار جي هئڻ گهرجي.

(7) ڪو دور هو، جڏهن سنڌ جي ترقي پسند شاگرد سياست ملڪي، ايشيائي ۽ عالمي طور شاگرد تحريڪن سان واڳيل هئي. مون پنهنجي شاگرديءَ دوران ڀارت، نيپال، بنگلاديش، ٿائيلينڊ، فلپائن، برما، لائوس ۽ ٻين انيڪ تحريڪن کي اتي وڃي اکين سان ڏٺو ۽ اڄوڪي دور ۾ پنهنجي شاگرد تنظيمن کي ايشيائي ۽ عالمي شاگرد تحريڪن سان ڳنڍڻ وڌيڪ سولو آهي،

جو هي دور ڪميونيڪيشن جو آهي پر ان لاءِ شاگرد سياست جي معيار کي بهتر ۽ بلند ڪرڻو پوندو.

شاگرد، سماج جو نهايت سجاڳ ۽ متحرڪ حصو هوندا آهن ۽ سنڌ جي شاگرد سياست ۾ معياري تبديلي پس و پيش سنڌ جي قومي ۽ عوامي سياست ۾ پڻ بهتر تبديلين جو سبب بڻبي، پر ڇا اسان جون سياسي پارٽيون ان ڏس ۾ ڪو سنجيده قدم کڻڻ لاءِ تيار آهن؟

*(روزاني ڪاوش، 4 مارچ 2013ع)*

# سانا: ڪاميابيءَ جو هڪ اُتساهيندڙ سفر

1983ع جي ايم آر ڊيءَ جي تحريڪ جتي سنڌي ماڻهن منجهه لڪل مزاحمتي سگهه کي نروار ڪيو، اُتي رياست جي سفاڪي ۽ عوام دشمن چهري کي پڻ عالمي سطح تي بي نقاب ڪيو، جنهن ۾ ضياءَ شاهيءَ طرفان سنڌ جي ڳوٺن تي چڙهه ته جنگي حملا ڪري سوين بيگناهه سنڌين کي قتل ڪيو ويو. ان ڪري 1983ع جي ايم آر ڊيءَ جي تحريڪ سنڌين تي گهڻ طرفا ۽ گهرا اثر ڇڏيا ۽ اهي اثر رڳو سنڌ ۾ رهندڙ سنڌين تي ئي نه پر سڄيءَ دنيا ۾ رهندڙ سنڌي ماڻهن تي پيا. نارٿ آمريڪا ۾ رهندڙ سنڌين جي تنظيم "سنڌي ايسوسيئيشن آف نارٿ آمريڪا" (سانا) ان جو هڪ نتيجو هئي، جنهن ۾ اُتي رهندڙ سجاڳ سنڌين محسوس ڪيو ته انهن کي به ڪنهن تنظيم ذريعي آمريڪا ۾ ويهي، آمريڪا ۽ سنڌ ۾ رهندڙ سنڌين لاءِ ڪجهه ڪرڻ گهرجي. هن تنظيم جي ابتدائي باني ميمبرن ۾ ڊاڪٽر فيروز احمد، گل آغا، الطاف ميمڻ، نرنجن دوداڻي، خالد هاشماڻي، اقبال ترين، جاويد لغاري ۽ ڪجهه ٻيا دوست شامل هئا. 1984ع ۾ وجود ۾ ايندڙ سنڌين جي هيءَ تنظيم هر سال نارٿ آمريڪا جي مختلف شهرن ۾ پنهنجا ساليانا ڪنوينشن منعقد ڪندي آهي، جنهن ۾ سڄي نارٿ آمريڪا مان وڏي انگ ۾ سنڌي ماڻهو پنهنجي خاندانن سميت شريڪ ٿيندا آهن، جڏهن ته سانا ان موقعي تي سنڌ منجهان به سياسي اڳواڻن، اديبن، دانشورن ۽ ٽيڪنوڪريٽس کي خاص دعوتون ڏئي گهرائيندي آهي.

سانا جو 26هون ڪنوينشن هن ڀيري ٽيڪساس رياست جي شهر هيوسٽن ۾ ٿيو، جنهن ۾ مون کي به شريڪ ٿيڻ جو موقعو مليو. ان حوالي سان ڪجهه مشاهدا، ويچار ۽ تجويزون سانا ۽ سنڌ ۾ رهندڙ سجاڳ دوستن سان ونڊڻ چاهيندس.

(1) هونئن ته آمريڪا توڙي سنڌ ۾ سانا جي پس منظر، پيش منظر، ڪم، ڪارڪردگيءَ ۽ حاصلات جي باري ۾ هر سطح تي ۽ مختلف رخن کان بحث مباحثو ٿيندو رهي ٿو، پر مجموعي طور سانا بابت ڪنوينشن ۾ موجود ترقي پسند پنجابي دانشور منظور اعجاز جو اهو تبصرو نهايت ئي همٿائيندڙ ۽ اُتساهيندڙ لڳو ته "آمريڪا ۾ سنڌين جي ڀيٽ ۾ پنجابي ۽ اردو ڳالهائيندڙ تمام وڏي انگ

۾ رهن ٿا، پر اڃ تائين اُهي سانا جهڙي هڪ بہ تنظيم ٺاهي نہ سگهيا آهن، جيئن سانا نظرياتي، سياسي، سماجي ۽ پيشہ ورانہ معاملن کان قطع نظر سنڌي ڳالهائيندڙ ماڻهن کي هڪ پليٽ فارم تي گڏ ڪري رکيو آهي.* اهو سنڌي سماج جنهن ۾ تنظيمن ۽ ادارن جي ٺهڻ ۽ هلڻ ۽ خاص طور تي گڏجي هلڻ جي روايت نهايت ڪمزور آهي، اُتي منهنجيءَ نظر ۾ سانا يقينن هڪ ڪاميابي آهي، جنهن جي هر ڪنوينشن ۾ نارٿ آمريڪا جي ڪنڊ ڪڙڇ کان سوين سنڌي ماڻهو پنهنجي گهر وارن ۽ ٻارن سميت نہ رڳو شريڪ ٿين ٿا، پر جتي بہ اهو پروگرام ٿئي ٿو، ان کي هڪ ننڍڙيءَ سنڌ ۾ تبديل ڪري ڇڏين ٿا. ان ڪري منهنجيءَ نظر ۾ سانا جو مستقل مزاجيءَ سان ۽ جمهوري روايتن پٽاندر هلندو رهڻ خود ڪا گهٽ اُتساهيندڙ ڪاميابي نہ آهي. جي هيءَ تنظيم موجود نہ هجي ها تہ شايد آمريڪا ۾ رهندڙ سنڌي وڻ وڻ جي ڪاٺي تي پنهنجو گڏيل وجود تہ ڇا پر پنهنجي وجود جو احساس بہ وڃائي ويهن ها. ڇاڪاڻ تہ هڪ بيحد مصروف معاشري ۾ سانا جهڙي تنظيم سنڌي ماڻهن جي گڏيل رابطي، خيالن جي ڏي وٺ ۽ هڪٻئي سان ويجهڙائپ جو وڏي ۾ وڏو منظم ۽ اثرائتو ذريعو آهي.

(2) سانا جي ٻي خوبي ۽ ڪاميابي ان جي غير تڪراري حيثيت آهي. هر متحرڪ عوامي تنظيم وانگر سانا ۾ بہ فردن جا فردن سان اختلاف ٿي سگهن ٿا ۽ آهن، پر سانا جو وجود سيني لاءِ غير تڪراري ۽ گڏيل اُتساهہ جو ذريعو آهي. جيڪا ڳالهہ سنڌي سماج جي پس منظر ۾ هڪ وڏي ڳالهہ آهي. هر سماج ۾ ان جا ماڻهو مختلف سوچن، خيالن، روين جا حامل هوندا آهن، پر گڏيل مفاد بهرحال سندن اجتماعي سوچ جو سبب ۽ محرڪ بڻبا آهن. سانا ۾ بہ مختلف سياسي، سماجي ۽ پيشہ ورانہ پس منظر رکندڙ ماڻهو وڏي انگ ۾ موجود آهن، پر جيئن تہ تنظيم جمهوري روايتن تحت هلائي وڃي ٿي ۽ ان ۾ ڪابہ تاحيات اڳواڻيءَ واري سوچ موجود نہ آهي، ان ڪري سانا پنهنجو وجود ۽ ڪارج ڪاميابيءَ سان اڳتي وڌائيندي رهي آهي.

(3) سنڌ ۾ اڪثر ماڻهو اهو سوال ڪندا آهن تہ سانا سنڌ ۽ سنڌين لاءِ ڇا ڪيو آهي؟ منهنجيءَ نظر ۾ سانا سنڌ ۾ رهندڙ سنڌين جي تنظيم نہ پر نارٿ آمريڪا ۾ رهندڙ سنڌين جي تنظيم آهي، جنهن جو بنيادي مقصد ۽ ميندبيٽ اُتي رهندڙ سنڌين کي هڪٻئي جي ويجهو آڻڻ، سنڌين منجهہ پنهنجو ثقافتي ۽ قومي شعور اجاگر ڪرڻ، آمريڪا جي سطح تي ڪنوينشن ذريعي سنڌين جا ميڙاڪا ڪرڻ ۽ سنڌ جي اشوز کي اُڀارڻ آهي. ان ڪري سانا جي

ڪارڪردگي پرکڻ لاءِ اهو مناسب نہ ٿيندو تہ اُن کي ان اک سان ڏٺو وڃي تہ سانا سنڌ ۾ رهندڙ سنڌين لاءِ ڇا ڪيو آهي، ڇاڪاڻ تہ اهو فرض سنڌ ۾ رهندڙ سنڌين جي تنظيمن، ادارن، فردن ۽ اڳواڻن جو آهي، پر ان باوجود سانا سنڌ ۾ رهندڙ سنڌي شاگردن کي اسڪالرشپس ڏيندي رهي ٿي ۽ هاڻي فيصلو ڪيو ويو آهي تہ اُها سنڌ ۾ بہ تعليم ۽ صحت جي شعبن ۾ فلاحي ڪم شروع ڪندي، جنهن لاءِ سنڌ اندر هڪ فائونڊيشن جو بنياد وجهڻ بابت ڪنوينشن ۾ ڪافي بحث مباحثو ڪيو ويو.

(4) سانا جي 26هين ڪنوينشن ۾ جيڪا ڳالهہ مون کي گهڻي بهتر لڳي، اُها هيءَ آهي تہ هن ڀيري نوجوان نسل کي سانا جون واڳون سنڀالڻ لاءِ اُتساهيو ويو ۽ ڪنوينشن جا ڪجهہ سيشن آمريڪا ۾ ڄاول سنڌي نوجوان ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين پاڻ ڪنڊڪٽ ڪيا، خيالن جي ڏي وٺ ڪئي ۽ مستقبل لاءِ رٿابندي پڻ ڪئي. منهنجي خيال ۾ اها هڪ بيحد مثبت ۽ اُتساهيندڙ روايت آهي، ڇاڪاڻ تہ آمريڪا ۾ رهندڙ سنڌين جو حال بہ اهڙو ئي آهي، جهڙو يارت ۾ رهندڙ سنڌي هندن جو. فرق رڳو اهو آهي تہ ڀارت ۾ رهندڙ سنڌين جو نئون نسل هاڻي سنڌ ۽ سنڌين کان ڪٽجي ڀارتي ٿي چڪو آهي، جڏهن تہ آمريڪا ۾ رهندڙ سنڌين جو اُتي ڄاول نسل مڪمل طور آمريڪي آهي، جن مان گهڻن کي نہ سنڌ جي باري ۾ ڪا سُڌي ڄاڻ آهي ۽ نہ وري اُنهن جي گهڻائي سنڌي ٻولي ڳالهائي سگهي ٿي. نتيجي ۾ سانا ۾ اهو خطرو محسوس ڪيو پئي ويو تہ جيڪڏهن سانا ۾ سنڌين جا ٻار ۽ نوجوان نسل سرگرميءَ سان شامل نہ هوندو تہ پوءِ شايد ڪجهہ ڏهاڪن کان پوءِ هن تنظيم جي پوئواري ڪرڻ وارا ماڻهو تمام گهٽ انگ ۾ هجن ۽ تنظيم پنهنجو وجود، ڪارج ۽ اثر وڃائي ويهي. ان ڪري هن ڀيري سانا ۾ سنڌي ٻارن ۽ نوجوانن کي مختلف سرگرمين وسيلي اهو احساس ڏياريو ويو تہ سانا جون واڳون مستقبل ۾ انهن کي ئي سنڀالڻيون آهن ۽ هو ڀل تہ آمريڪا جا شهري هجن، پر هنن کي پنهنجي وطن، قوم، عوام، ٻوليءَ، ثقافت ۽ لباس سان محبت جي احساس کي زندهہ رکڻو آهي، نہ تہ هو پنهنجو قومي تشخص وڃائي ويهندا. بيحد خوشيءَ جي ڳالهہ اها بہ هئي تہ نوجوان نسل ۽ ٻارن پڻ سانا جي ان پيش قدميءَ کي زبردست موٽ ڏني ۽ هنن جو جوش، اُتساهہ، سوچون ۽ رٿابنديون سچ پچ تہ ڏسڻ وٽان هيون. هونئن عام طور سنڌي ماڻهو پنهنجي گهر جي عورتن کي سماجي ۽ قومي سرگرمين ۾ گهٽ شامل ڪندو آهي، پر سانا جي ڪنوينشن ۾ اهو ڏسي بيحد خوشي ۽ اتساهہ مليو تہ مردن کان وڌيڪ اُتي رهندڙ سنڌي عورتون ڪنوينشن ۾ سرگرم رهيون. ان

ڪري ڇڏي سگهجي ٿو ته سنڌي ٻارن، نوجوانن ۽ عورتن جي سانا ۾ وڌندڙ دلچسپي ئي حقيقت ۾ ان جي زندگيءَ، بقا ۽ اڳسر جي ضامن آهي.

(5) جيتوڻيڪ سانا جي 26هين ڪنوينشن ۾ سنڌ مان ڪافي دوستن (اي اين جي عباسي، ڊاڪٽر قادر مگسي، ڊاڪٽر سونو کنگهراڻي، ذوالفقار هاليپوٽي، سردار شاهه، غلام نبي مورائي، ڊاڪٽر جان محمد ميمڻ، عدنان کيهر ۽ ليکڪ توڙي هند مان مشهور سنڌي دانشور، وڪيل ۽ سياستدان رام جيٺ ملاڻي ) شرڪت ڪئي ۽ سنڌ جي سياسي، ترقياتي، تعليمي، ثقافتي، معاشي ۽ مجموعي قومي صورتحال تي پنهنجا ويچار ونڊيا، پر حقيقت ۾ ڏٺو وڃي ته ڪنوينشن جي موقعي تي ٿيندڙ غير رسمي "سنڌي ڪچهريون" به گهٽ اهم نه هيون، جن ۾ سنڌ سان لاڳاپيل مختلف معاملن تي تمام کُليل نموني وڏا بحث مباحثا ٿيا، جنهن مان هڪ ڳالهه جو اندازو ضرور ٿيو ته آمريڪا ۾ رهندڙ سنڌي، سنڌي ميڊيا ذريعي سنڌ بابت وڏيءَ حد تائين ڄاڻ رکن ٿا ۽ جن قومي چئلينجن بابت سنڌ ۾ رهندڙ سنڌي سوچين ۽ ويچارين ٿا، آمريڪا ۾ رهندڙ سنڌي پڻ انهن کان لاتعلق نه آهن.ڪنوينشن ۾ شريڪ سنڌين جڏهن ته تن ڏينهن لاءِ هيوسٽن کي هڪ ننڍڙيءَ سنڌ ۾ تبديل ڪري ڇڏيو هو ۽ وڏي ڳالهه ته هيوسٽن ۾ رهندڙ دوستن (خاص طور ماتليءَ جي نظاماڻين) ته هڪ سنڌي اوطاق به قائم ڪئي آهي، جتي هو هر ايندڙ سنڌيءَ جي وڏيءَ دل سان ميزباني ڪن ٿا ۽ ان بهاني اُتي تفريحي توڙي سنجيده ڪچهرين جو سلسلو ٻارهو ئي هلندو رهي ٿو.

(6) آمريڪا ۾ رهندڙ سنڌين جو هڪ چڱو حصو ڊاڪٽرن ۽ پروفيشنلز تي مبني آهي، جيڪي سانا ۾ پڻ تمام گهڻو سرگرم آهن. مون کي اهو ڏسي بيحد خوشي ٿي ته سينيئر ڊاڪٽرز ۽ پروفيشنلز توڙي وڏن ڪاروبارن سان وابسته سنڌي دوست سانا ۾ هڪ عام ڪارڪن جيان ڪم ڪندي وڏو فخر محسوس ڪن ٿا، ۽ مان سمجهان ٿو ته اهو ئي اسپرٽ آهي، جنهن سانا کي هيستائين نه رڳو زندهه رکيو آهي پر اُن کي سنڌ تائين وڌائڻ جا ارادا پڻ رکي ٿو.

سانا جي حوالي سان ڪجهه تجويزون، جيڪي مون ڪنوينشن ۾ به دوستن سان شيئر ڪيون ۽ چاهيان ٿو ته هتي به اُنهن جو ذڪر ڪريان، جيڪي ٿُلهي ليکي هي آهن ته:

جيتوڻيڪ اهو سوال خود سانا وٽ به ڊگهي عرصي کان سنجيدگيءَ سان غور هيٺ آهي، پر هاڻي وقت اچي ويو آهي ته ان کي گهربل سطح تي عملي صورت ڏجي ۽ اهو آهي سانا جو هڪ منظم سيڪريٽريٽ قائم ڪرڻ.

منهنجيءَ نظر ۾ اڄوڪي دؤر ۾ ڪابہ تنظيم منظم شعبن کان سواءِ ظاهر آهي تہ اڳتي وڌي ۽ ڀرپور نتيجا ڏئي نہ سگهندي. مان سمجهان ٿو تہ جيڪڏهن سانا سيڪريٽريٽ قائم ڪرڻ لاءِ خاص فنڊ گڏ ڪرڻ جي ڪا مهم هلائيندي تہ اُن کي يقينن موٽ ملندي، ڇاڪاڻ تہ سانا نہ رڳو غير تڪراري آهي، پر ان جي ساک تي بہ اڄ تائين ڪنهن هٽ نہ ڪئيو آهي. هن ڪنوينشن ۾ سانا جي ڊائريڪٽري شايع ڪئي وئي، جيڪا هڪ وڏو اهم قدم هو. پر ضرورت ان ڳالهہ جي آهي تہ سانا جي هڪ مستقل سيڪريٽريٽ لاءِ خاص طور رٿابندي ڪئي وڃي.

آمريڪا ۾ وڏي انگ ۾ سنڌي هندو رهن ٿا، پر بدقسمتيءَ سان اُهي سانا کي ڀرپور اهميت ڏيڻ لاءِ تيار نہ آهن ۽ اُهي پنهنجون سرگرميون ڌار ڪن ٿا، جنهن ۾ مذهب جي بنياد تي تفريق ڪري آمريڪا ۾ رهندڙ سنڌي مسلمانن کي شامل نٿا ڪن، ۽ جي ڪن بہ ٿا تہ تمام محدود پئماني تي. هن ڀيري ڪنوينشن ۾ رام جيٺ ملاڻيءَ جهڙو قدآور سنڌي دانشور، وڪيل ۽ سياستدان شريڪ ٿيو. جنهن جي تقرير پڻ ڪنوينشن ۾ شريڪ ماڻهن تي سُٺو اثر ڇڏيو. مان سمجهان ٿو تہ جيڪڏهن رام جيٺ ملاڻيءَ جهڙن ماڻهن کي ان ڏس ۾ اهو ٽاسڪ ڏنو وڃي تہ اُهي هڪ حد تائين سنڌي هندن جي ان روايتي سوچ کي تبديل ڪرڻ ۾ اثرانداز ٿي سگهن ٿا، ۽ اهڙو اظهار مون ذاتي طور رام جيٺ ملاڻيءَ سان بار بار ڪيو تہ هن کان پوءِ اهڙا ماڻهو موجود نہ هوندا، جيڪي سنڌي هندن منجهہ قومي سوچ پيدا ڪري ۽ سنڌن دلين منجهان مذهبي تعصب کي ممڪن حد تائين ڪڍي سگهن. جيڪڏهن ان ڏس ۾ ڪا نئوں حڪمت عملي ٺاهي ۽ ان تي مرحليوار عمل ڪيو وڃي تہ يقينن ڏاڪي بہ ڏاڪي اها صورتحال تبديل ٿي سگهي ٿي ۽ هر صورت ۾ ٿيڻ بہ گهرجي، ۽ جيڪڏهن هاڻي کان ئي ان حوالي سان ڀرپور هوم ورڪ ڪيو وڃي ۽ اثرائتا قدم کنيا وڃن تہ سانا جي ستاويهين ڪنوينشن ۾ سنڌي هندن جي شرڪت جي حوالي سان صورتحال گهڻي بهتر ٿي سگهي ٿي.

هونئن تہ اندروني طور سانا جي اندر مختلف تنظيمي ڪميٽيون جڙيل آهن، جيڪي پنهنجي پنهنجي دائري ۾ تمام سرگرميءَ، سنجيدگيءَ ۽ مستقل مزاجيءَ سان ڪم ڪن ٿيون، پر مان سمجهان ٿو تہ سانا کي هڪ اثرائتي سفارتي ڪميٽي پڻ ٺاهڻ کپي، جيڪا سنڌ جي اشوز تي آمريڪا جي حڪومت، ادارن، بااثر فردن ۽ ٿنڪ ٽينڪس سان مسلسل رابطي ۾ رهي. آمريڪا جهڙي معاشري ۾ اهو ڪم گهڻو ڏکيو نہ آهي ۽ جيڪڏهن سانا ان ڏس

۾ پنهنجي سينيئر ميمبرن تي مشتمل ڪا سفارتي ڪميٽي جوڙي ۽ ان لاءِ گهربل رٿابندي ڪري ته ڪجهه وقت اندر سانا جي ان ڪميٽيءَ جي ڪارڪردگيءَ جا اثر پاڪستان ۽ سنڌ ۾ پڻ محسوس ڪري سگهبا. اڄوڪو دؤر ڪميونيڪيشن جو دؤر آهي ۽ سفارتي ذريعا سياسي لابنگ جي حوالي سان تمام وڏي اهميت رکن ٿا. سنڌ جي سول سوسائٽي ۽ ڪجهه فردن هڪ حد تائين ويجهي ماضيءَ ۾ ڪجهه قدم کنيا آهن، پر بدقسمتيءَ سان اسان جي سياسي پارٽين ان حوالي سان ڪڏهن به ڪا منظم ۽ سنجيده رٿابندي نه ڪئي آهي. ان ڪري سانا جهڙيون تنظيمون جيڪڏهن سفارتي محاذ تي ڪا گهربل رٿابندي ڪن ته اهو ڪردار هو اثرائتي نموني ادا ڪري سگهن ٿيون.

جيتوڻيڪ هاڻي سانا پاڻ به سوچي رهي آهي ته اُها پنهنجي ڪم جو دائرو سنڌ تائين وڌائي ۽ ان ڏس ۾ ڪجهه رٿابندي پڻ ڪئي وئي آهي. مان سمجهان ٿو ته اها هڪ بهتر پيش قدمي آهي ۽ سانا کي گهرجي ته سنڌ ۾ ڪم ڪندڙ ساک وارن فردن ۽ ادارن سان ويجهو رابطو ۽ لاڳاپو رکي ته سنڌ جي حوالي سان ڪيتريون پيش قدميون سانا ۽ سنڌ جي سول سوسائٽي گڏجي ڪري سگهن ٿا. جيئن ته سانا هڪ غير تڪراري ۽ وسيع تر سماجي پليٽ فارم آهي، ان ڪري سنڌ ۾ پڻ ان کي سُٺي موٽ ملندي، ڇاڪاڻ ته سنڌ ۾ پڻ سمورا سنجيده فرد ۽ ادارا گڏيل قومي مقصد تحت سانا سان بهتر پيش قدمين ۾ ساٿ ڏيڻ کي ترجيح ڏيندا. ان سلسلي جو آغاز سانا طرفان هڪ ڪنوينشن سنڌ ۾ پڻ ڪرڻ سان ٿي سگهي ٿو، يعني سانا هر سال هڪ وڏي ڪانفرنس سنڌ ۾ پڻ منعقد ڪري، جنهن لاءِ وسيلا گڏيل ڪوشش سان هٿ ڪري سگهجن ٿا.

هڪ اهڙي سماج سان وابسته ماڻهو جن جي ادارن کي ٺاهڻ ۽ ڪاميابيءَ سان هلائڻ يا گهربل نتيجا ڏيڻ جي روايت گهڻي پختي نه آهي، اهڙي صورتحال ۾ آمريڪا ۾ رهندڙ سنڌين جي تنظيم سانا يقينن هڪ اتساهيندڙ مثال آهي، جنهن ۾ مختلف دؤرن ۾ مختلف دوستن پنهنجي پتيءَ جو وڏو پورهيو ڪري هن تنظيم ۽ ان جي جمهوري روايتن کي توازن سان هلايو ۽ زنده رکيو آهي، جنهن لاءِ سانا جو هر ميمبر ۽ ڪارڪن ڪيرون لهڻي.

*(پندرنهن وار افيئر، سيپٽمبر 2010ع)*

# قوم سازيءَ جو عمل ۽ ادارن جو زوال!

محڪوم ۽ ڪمزور قومن، طبقن ۽ فردن کي پست حاليءَ مان ڪڍي، طاقت جي توازن ۾ سگهاري حيثيت ۾ آڻي بيهارڻ رڳو خواهشن، حسرتن ۽ خود قياسيءَ جو ڪم نه آهي، پر اها هاڻي سماجي سائنسن جي تجرباتي علمن جي روشنيءَ ۾ هڪ مڪمل سائنس آهي ۽ نه رڳو اهو عالمي طور ڇيو ۽ مڃيو وڃي ٿو، پر ان تصور جا حقيقي ماڊل پڻ موجود آهن ته سماجن جي پستيءَ مان ڇال جو ڪم ٽن ڏهاڪن يعني ٽيهن سالن ۾ ڪري سگهجي ٿو. اڳ قومن جي عروج ۽ زوال کي صديون لڳنديون هيون، پر جديد انساني تاريخ ۾ ان عمل جي رفتار ايتري ته تيز ٿي چڪي آهي، جو اهو خواب ٽن ڏهاڪن ۾ ساپيان ماڻي سگهي ٿو. بشرطيڪ ان لاءِ وڏي سطح تي گهربل قدم کنيا وڃن ۽ ان لاءِ لازمي حالتن کي يقيني بڻايو وڃي.

اسان گذريل اڌ صديءَ کان پاڻ کي اها خود فريب آٿت ڏئي پئي هلايو آهي ته اسان غلام ۽ انيڪ گهيرن ۾ ڦاٿل آهيون، ان ڪري اسان جا هٿ ٻڌل آهن ۽ اسين ڪجهه به نه ٿا ڪري سگهون. اهو صحيح آهي ته اسان ڪلهوڙن جي آخري ڏينهن کان وٺي، مسلسل بحرانن جو شڪار رهندا آيا آهيون ۽ اسان کي قومي طور تي رڳو ساهي پٽڻ جو وقت به ملي نه سگهيو آهي، پر مان سمجهان ٿو ته اصل سوال بحرانن جو نه، پر انهن مان نڪرڻ لاءِ اسان جي تدبيرن جو آهي. اها شڪايتي نفسيات به اسان جي اجتماعي بي عمليءَ جو هڪ اهم سبب آهي.

سنڌ دنيا جو اڪيلو ۽ نرالو پرڳڻو نه هو ۽ نه آهي، جنهن پنهنجي آزاد ۽ خودمختيار حيثيت برطانوي بينڪيتي راڄ ۽ ورهاڱي کان پوءِ وڃائي. لڳ ڀڳ سڄيءَ دنيا ۾ ائين ئي ٿيو. بينڪيتي دور (Colonial Era) ۽ ان جي مهاياري لڙائي کان پوءِ تڏا ويڙهه سڄي دنيا جي درجه بندي نئين سر ڪئي ۽ ان لقاءَ جو شڪار ٻين انيڪ قومن ۽ سماجن سميت سنڌ به ٿي. اها ٻي ڳالهه آهي ته نئين بدليل صورتحال ۾ جن قومن ۽ سماجن کي سازگار حالتون مليون يا جن پاڻ شعوري طور سنئون ڏڱ ورتو، انهن جون تقديرون بدلجي ويون ۽ هاڻي 21هين صديءَ ۾ اهي قومي طور رٿابنديءَ جي اڳئين مرحلي ۾ داخل ٿي چڪيون آهن ۽

جيڪي قومون اسان وانگر رهجي ويون، اهي جياپي ۽ بقا جا گس ڳوليندي هٿوراڙيون هڻي رهيون آهن. فردن جو تاريخ ۾ غير معمولي ڪردار اڳ به هو اڄ به آهي ۽ هميشه رهندو. جو سوچ جي ترويج، احساس جي اُٿت ۽ ان بنياد تي تخليقي عمل جو ڪم ظاهر آهي ته فرد ئي ڪري سگهن ٿا. پر صنعتي ۽ شهري سماج جي اڏاوت کان پوءِ اهو مرحليوار چڙهه ته طئي ٿي چڪو آهي ته 21 هين صديءَ ۾ قومن ۽ سماجن جي گهڻ طرفي اڏاوت جو ڪم بنيادي طور سگهارن ادارن معرفت ئي ٿي سگهي ٿو. زرعي ۽ جاگيرداراڻي سماج جو وهنوار گهڻي ڀاڱي فردن جي آسري تي هلي ٿو پر جديد صنعتي ۽ شهري سماجن جي اڏاوت ۽ تيز رفتار ترقيءَ جو گاڏو مضبوط ادارن کان سواءِ هلي، اهو ممڪن نه آهي. اها ڳالهه جيتوڻيڪ ايلون ٽافلر، جان رالز ۽ ٻين گهڻن ڏاهن ستر جي ڏهاڪي ۾ چئي ڇڏي هئي، پر هاڻي ته ان کي هڪ طئي ٿيل معيار سمجهيو وڃي ٿو. (جديد فلسفي جي هڪ شاخ ساختيات (Structuralism) جو ته گذريل چاليهن سالن کان تحقيق جو محور ئي اهو نقطو رهيو آهي.)

جديد انساني تاريخ ۾ قومن ۽ سماجن جي اڏاوت ۾ رياستن جو اهم ڪردار آهي، ڇاڪاڻ ته رياست سماج جو سڀني کان سگهارو ادارو ۽ طاقت جو محور ۽ محرڪ آهي، پر ظاهر آهي ته ميرن جي زوال کان پوءِ سنڌ ڇئن سالن اندر 1847ع ۾ ئي ممبئي پريزيڊنسيءَ جو انتظامي حصو بڻائي وئي ۽ اهي 88 سال يعني پهرين اپريل 1936ع تائين سنڌ محڪوم رهي. 1937 جي چونڊن کان پوءِ ورهاڱي تائين جيڪي ڏهه سال محدود صوبائي خودمختياريءَ تحت سنڌ کي اختيار مليو، اهو اُسان جي اندروني سياسي ڏڦيڙ ۽ برطانوي پاليسين توڙي ڪانگريس ۽ مسلم ليگ جي تضاد سبب سنڌ کي نه ڦبيا ۽ ورهاڱي کان پوءِ ته سنڌ کي هڪ ڏينهن به سُک جو ساهه کڻڻ جو موقعو نه مليو.

شهيد ڀُٽي جو دور پنهنجين سمورين ڪمزورين باوجود سنڌ لاءِ نسبتن بهتر ثابت ٿيو. جو ان دور ۾ سنڌ ۾ ڪجهه ادارا ٺهيا. جن سنڌ جي وچولي ۽ تعليم يافته طبقي کي پيدا ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. پر مجموعي طور پاڪستان ۾ سنڌ جو ادارتي زوال گهٽيو ٿيو آهي، ان ڪري سنڌ کي رياستي ٽيڪ ته ڪڏهن به حاصل نه رهي، جيئن پاڪستان ۾ پنجاب ۽ اردو ڳالهائيندڙ وچولي ۽ سرمائيدار طبقي کي حاصل رهي آهي.

سنڌ سان هڪ تاريخي جبر اهو به ٿيو. جو صدين کان سنڌ ۾ وڻج واپار جو منهندار شهرن کي سنڀاليندڙ ۽ ادارا ٺاهيندڙ ۽ توڙي سنڀاليندڙ سنڌي هندو ته ورهاڱي وقت پاڙئون پٽجي ويا ۽ پويان جيڪو سنڌي مسلمان بچيو، هڪ ته

انهن ۾ تڏهن اهڙو وچولو تعليم يافته طبقو نه هئڻ جي برابر هو ۽ ٻيو ته زرعي سماج سبب انهن کي ادارا ناهڻ ۽ هلائڻ جو ڪو به تجربو نه هو ۽ نه ئي منجهن اهو لاڙو موجود هو. نتيجي ۾ اسان وٽ ورهاڱي کان پوءِ اڳواٽ موجود ادارا زوال پذير ٿيا آهن ۽ نون معياري ادارن جي ٺهڻ ۽ انهن جي اڳتي وڌڻ جي رفتار تمام سست رهي آهي.

ان الميي کي ڇا چئجي، جو سنڌ جي وڏيرڪي طبقي ته سنڌ ۾ جن شعبن ۽ ادارن کي پنهنجي قبضي ۾ رکيو آهي، انهن جي ته ان طبقي وڏي پيننگ ڪئي، انهن کي رڳو ذاتي ۽ طبقاتي مفادن لاءِ استعمال ڪيو آهي، پر ڀلا جيڪي ادارا گذريل ڇهن ڏهاڪن کان اسان جي پڙهيل لکيل وچولي طبقي وٽ رهيا آهن، انهن جو ڇا حشر ٿيو آهي؟ اسان جون يونيورسٽيون ڪهڙن پوتارن حوالي هيون، جن جو اهو رحم جوڳو حال ٿيو آهي؟ سنڌ جا ڪاليج ۽ اسڪول ڪنهن وٽ رهيا آهن، جو انهن کي درسگاهه سڏڻ تعليم جي روح ۽ جوهر جي توهين ٿيندي. هي سنڌ جا ادبي، علمي، تحقيقي ۽ ثقافتي ادارا ڪهڙن جاگيردارن وٽ رهيا آهن، جو اهي هڪ اڌ مثال ڇڏي ڪري مجموعي طور زوال پذير ٿيا آهن. هڪ نسل هو، جنهن ادارن کي قومي اڏاوت جي مورچن ۾ تبديل ڪيو، پر پوءِ اهو رويو به ان نسل سان گڏ ئي موڪلائي ڪري ويو. مرزا قليچ بيگ، علامه دائود پوٽي، ڪاڪي ڀيرومل، ڏيارام گدومل، حسن علي آفندي، ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ سميت انيڪ ماڻهن نه رڳو ادارا ناهيا ۽ هلايا، پر انهن کي سنڌ جي علمي، تعليمي ۽ ادبي اڏاوت جي ميدانن ۾ تبديل ڪيو. کانئن پوءِ علامه آءِ آءِ قاضي جنهن انداز سان سنڌ يونيورسٽي کي هلايو ۽ ناهيو، سائين محمد ابراهيم جويي جا سنڌي ادبي بورڊ ۾ چوڏهن سال ته مان چوندس ته سنڌ ۾ نئين سجاڳيءَ جو هڪ پورو دور کڻي آيا. ته ماهي مهراڻ جو ان دور جو معيار ڏسو، تاريخ، ٻولي ۽ ادب بابت بورڊ جون اسڪيمون ۽ انهن تي ڪاميابيءَ سان عمل ڏسو، ترجمن جون رٿائون سنڌي ٻوليءَ ۾ ڇا ته ادب ۽ علم جا خزانا کڻي آيون. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جن به ادارن ۾ رهيو، سنڌس سنڌي ٻوليءَ، ادب ۽ تاريخ تي ڪم ڏسو. انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ کي ڊاڪٽر غلام علي الانا جيئن ناهيو ۽ ميڊم مهتاب اڪبر راشدي جيئن اڳتي وڌايو. پوءِ اسان کي مجموعي طور سماج ۾ اهو رويو نظر گهٽ ٿو اچي ۽ سنڌ ۾ زندگيءَ جي هر شعبي ۾ ادارن جو زوال ٿيندو ويو. سنڌ ۾ هن وقت ڪو به ادارو اصلوڪي تحقيق نه ڪري رهيو آهي ۽ نه ئي وري اتي معياري تحقيق ڪندڙ ماڻهن جو ڪو چڱو انگ موجود آهي. ڪليم لاشاريءَ، بدر ابڙي، ڊاڪٽر

محبت ۾ رڙي ۽ اشتياق انصاريءَ اڪيلي سر جيترو معياري تحقيقي ڪم ڪيو آهي، اهو اسان جا هي زوال پذير ادارا نہ تہ ڪري سگهيا آهن ۽ نہ وري ڪري سگهڻ جا اهل نظر اچن ٿا.

سنڌ جي ساڃاهہ وند ماڻهن کي اها ڳالهہ سمجهڻي پوندي تہ هن 21هين صديءَ ۾ هن ادارتي زوال ۾ اسان دنيا سان ڪهڙو ڪلهو ملائيندا سين؟ سنڌ جو ڪهڙو چهرو دنيا کي ڏيکاريندا سين؟ ۽ سڀ کان وڏي ڳالهہ تہ هن 21هين صديءَ ۾ وڏي ٽيل نوجوان نسل کي ڇا ڏيندا سين؟ يونيورسٽيون رڳو ٻار پڙهائڻ لاءِ ٺوروئي هونديون آهن، اهي تعليم سان گڏ بنيادي طور اصلوڪي تحقيق جا مرڪز هونديون آهن. اسان وٽ يونيورسٽين جي استادن جي گهڻائي ڊاڪٽريٽ جي ڊگريءَ کي تحقيق لاءِ سند طور نہ، پر سماجي منصب ۽ مالي فائدن ۽ عهدن جو ذريعو سمجهي ٿي. نتيجو اسان جي اڳيان آهي، آهي ڪا اصلوڪي ۽ معياري تحقيق ۽ علم جي ترويج يا تخليقي ڪم؟ سنڌي ادبي بورڊ گذريل وڏي عرصي کان بہ معياري ڪم ڪرڻ کان وانجهيل آهي. سنڌي ٻولي اختياري يقيني طور گهڻن شعبن ۾ بهتر ڪم ڪيو آهي، پر سنڌي ٻوليءَ جي دفتري حيثيت کي رائج ڪرائڻ جو ڪم اڃا رهيو پيو آهي. سماجي شعبي ۾ سنڌ ۾ هزارين غير سرڪاري تنظيمون ٿيون آهن، انهن وٽ فنڊ بہ گهٽ نہ آهن، پر انهن مان گهٽيون تنظيمون اهڙيون آهن، جن کي ساک رکندڙ ادارا سڏي فخر سان پيش ڪري سگهجي؟ ڳڻڻ شروع ڪبو تہ هزارين تنظيمن هوندي آڱريون کٽي پونديون.

مان تہ سمجهان ٿو تہ سياسي پارٽيون بہ سماج جا ادارا هونديون آهن، پر اسان وٽ ڪا هڪ بہ تنظيم اهڙي آهي، جنهن کي سچ پچ ڪنهن اڳواڻ يا خاندان جي جاگير نہ، پر سماج جو هڪ سگهارو ادارو سڏي سگهجي؟ انهن مان اڪثر کي تہ ٽن چئن ڏهاڪن کان مٿي وقت گذري چڪو آهي. سگهارن فردن ۽ ڪمزور ادارن جي بنياد تي هلندڙ سياسي جماعتن جي ڪمزور حيثيت جو هڪ سبب اهو بہ آهي. جيڪڏهن تنظيمون ادارن وانگر هونديون ۽ هلنديون تہ پوءِ اهي هر دور ۾ نئين نسل کي منتقل ٿينديون ۽ هر ايندڙ نسل ان کي حالتن پٽاندر تبديل ڪري نئين سگهہ سان سماج ۾ آڻي بيهاريندو. تاحيات اڳواڻيءَ جو تصور ئي مدي خارج ۽ زرعي سماجن جي باقيات آهي. مان تاريخ جي ادراڪ جي بنياد تي چوان ٿو تہ ڪا تنظيم ڪيترو بہ سٺو منشور، اڳواڻ ۽ مقصد رکندي هجي، پر جيڪڏهن اها ادارن بجاءِ فرد جي پويان اکيون پوري هلندي تہ پس و پيش زوال پذير ٿيندي ۽ سنڌ ۾ اهڙا

ڪيترائي مثال موجود آهن.

سنڌ جو الميو اهو به آهي، جو سنڌ جي وڏيرڪي طبقي رئيس غلام محمد پرڳڙيءَ جهڙا يگانا ماڻهو پيدا ڪرڻ بند ڪري ڇڏيا. سنڌ جي هن وڏيرڪي طبقي منجهان انيڪ ماڻهو دنيا جي عظيم ادارن مان پڙهي آيا، پر حرام جو سندن سوچ، ڪردار ۽ عمل ۾ ڪو ڦيرو اچي. هارورڊ، آڪسفورڊ ۽ ڪيمبرج به هن طبقي جو ڪجهه نه بگاڙي سگهيا، پر افسوس ته اهو آهي، جو اڄ جي وچولي تعليم يافته طبقي منجهان به ستو انگ ٻاهران اعليٰ تعليم حاصل ڪري آيو آهي، پر ادارا سازيءَ جو رويو انهن وٽ به گهٽجي ويو آهي، اسان جي ڍانچي ۾ اُسريل وچولي طبقي جي ڪوتاهه نظري ته سمجهه ۾ اچي ٿي، جو اهي غريبن جا ٻار هڪ ڪرپٽ رياستي سرشتي ۾ ويا ته سندن اوليت رڳو پئسا ڪمائڻ هئي، پر هي اڄوڪو دنيا جهان گُهميل ڦريل وچولو طبقو به ادارن بجاءِ رڳو پنهنجي ذاتي مفادن جو مطيع هجي ته پوءِ اهو سوال ڳڻتيءَ جوڳو آهي.

اڄوڪي سڌريل دنيا ۾ حڪومتون هجن يا سماج جا نجي شعبا، اهي بنيادي طور ادارن جي سهاري تي ئي بيٺل آهن ۽ غير معمولي نتيجا ڏئي رهيا آهن. فرد انهن ۾ اچن ۽ وڃن ٿا، پر ادارن يا سماج تي ڪو به فرق نه ٿو پوي، پر اسان وٽ سٺيون روايتون ۽ ادارا به فردن سان گڏ موڪلائي ويا، جنهن جو مطلب اهو آهي ته انهن ادارن ۾ به سرشتا جٽادار نه، پر ٿلها فرد اهم هئا. ان حوالي سان ڪنهن هڪ اڌ فرد کي ڏوهه نه ٿو ڏئي سگهجي، پر مجموعي طور سموري سماج جي نفسيات اهڙي آهي، جنهن جو هڪ مکيه سبب منهنجيءَ نظر ۾ زرعي سماج جي نفسيات ۽ سنڌ جو بنيادي طور صنعتي ۽ شهري سماج ۾ داخل نه ٿي سگهڻ آهي. سنڌ جي بظاهر پڙهيل لکيل وچولي طبقي جو به جيئن ته نفسياتي طور رول ماڊل وڏيرو آهي، ان ڪري نه ٿو چئي سگهجي ته اهو مڪمل طور وچولي طبقي جي وصف تي پورو لهي ٿو.

هاڻي بنيادي سوال آهي ته ڇا ان تي ماتم جاري رکجي يا سنڌ ۾ فردن سان گڏوگڏ بنيادي طور ادارن کي اهميت ڏيڻ جي شروعات ڪجي! ادارا تڏهن ئي سگهارا ٿي، قوم جي اڏاوت ۾ وڏو اهم ڪردار ادا ڪري سگهن ٿا، جڏهن اهي ذاتي پسند، ناپسند ۽ اقرباپروريءَ بجاءِ خالص ميرٽ جي بنياد تي هلايا وڃن. منهنجي نظر ۾ اڄوڪي سنڌ کي سائين نثار صديقيءَ جهڙا رول ماڊل فرد گهرجن، جن کي به دعوائون ڪرڻ بجاءِ آءِ بي اي سکر جهڙو عظيم درسگاهه ناهي، اُياري ۽ ميرٽ تي هلائي ڏيکاريو آهي. منهنجو اڪثر اتي وڃڻ ٿيندو آهي ۽ اهڙا ادارا ڏسي نه رڳو دل ۽ روح خوش ٿيو وڃي، پر سنڌ جي محفوظ

آئينديءَ ۾ به ويساهه پُختو ٿيو وڃي. نثار صديقيءَ جو اهو ٿورو ايندڙ نسل به لاهي نه سگهندا.

سنڌ ۾ ادارن جي اهميت کي بحال ڪرڻ ۽ وڏيڪ اُپارڻ جي شروعات ائين به ٿي سگهي ٿي، جو سنڌ ۾ ڪاميابيءَ ۽ قابليت سان ادارا هلائيندڙ ماڻهن جي گهربل معيتا ڪئي وڃي، ادارا سازيءَ جو مرحلو ته بعد ۾ ايندو. ادارا ننڍا يا وڏا ناهن ٿيندا، پر ساڳيءَ طرح اهم هوندا آهن. منهنجي نظر ۾ ڪو ماڻهو ڪنهن شهر ۾ ڪو ننڍو اسڪول به هڪ اداري طور هلائي ٿو ته اهو شخص سماج جو محسن ۽ خدمت گذار آهي. بشرطيڪ ان ۾ سرشتو هجي، شفافيت ۽ ميرٽ هجي ۽ پنهنجي شعبي ۾ ان وٽ سماج لاءِ ڪو ٺوس پروگرام هجي. سنڌ جي ماڻهن کي هن مايوسيءَ جي دور ۾ جنهن اُتساهه جي ضرورت آهي، اهو گهربل اُتساهه رڳو اڪيلي سر ڪي فرد نه ٿا ڏئي سگهن، پر اهو جٿادار ۽ اڳتي وڌندڙ اُتساهه سگهارن ۽ ڪميٽيڊ ادارن معرفت ئي سنڌ جي عوام کي ڏئي سگهجي ٿو.

*(چنچر 15 آگسٽ 2015ع)*

# ٽُڪرا ٿيندڙ ايم ڪيو ايم، لساني سياست جو مستقبل ۽ سنڌ جو قومي مفاد!

گذريل ڪجهہ سالن کان متحده ٽڪرن ٽڪرن ۾ ورهائجي وئي آهي. پرويز مشرف جو دور سنڌن روايتي دهشت انگيز سياست جو عروج هو پر انيڪ معروضي سببن جي ڪري هاڻي اِها سياست سخت بحران جو شڪار ٿي چڪي آهي ۽ ايندڙ وقت ۾ اُها اجا وڌيڪ پيچ ڊاهہ جو شڪار ٿي ويندي يا ائين کڻي چئجي تہ اها سياست پنهنجي منطقي انجام ڏانهن وڌي رهي آهي. اردو ڳالهائيندڙ آباديءَ جي مٿين طبقي يا مٿين وچولي طبقي کي پل تہ ان جي گهڻي پرواهہ نہ هجي جو سنڌن طبقاتي مفاد رڳو ايم ڪيو ايم سان مشروط نہ رهيا آهن ۽ اُهي بدليل حالتن ۾ يا تہ پي ٽي آءِ جهڙين پارٽين ۾ وڃي سگهن ٿا يا پنهنجا ڪي نوان گروهہ جوڙي سگهن ٿا پر اصل سوال اردو ڳالهائيندڙ هيٺين ۽ هيٺين وچولي طبقي جي سياسي مستقبل، سنڌن سياسي نفسيات يا نون امڪاني لاڙن جو آهي. بظاهر کڻي اهو مٽي جو سُور سنڌين جو نہ هجي پر مان سمجهان ٿو تہ ان سوال تي اسان جي سياسي پارٽين، سوچيندڙ ماڻهن يعني مجموعي طور سول سوسائٽيءَ کي ضرور سوچڻ گهرجي، ڇاڪاڻ تہ ان سوال جو تعلق هر حال ۾ سنڌ ۽ سنڌ جي سياست ۽ سماج سان مشروط ۽ لاڳاپيل آهي. هن وقت ايم ڪيو ايم ۽ ان جي سياست جي گهڻ طرفي سياسي ۽ تنظيمي بحران کي نظر ۾ رکندي اسان کي نظر اچي ٿو تہ اردو ڳالهائيندڙ آبادي هڪ نفسياتي بحران ۽ سياسي مونجهارن جو شڪار نظر اچي ٿي. ايم ڪيو ايم جي سياست کين سدائين عدم سلامتيءَ جي اجائي خوف جي احساس ۾ رکي، ان کي پنهنجي ناجائز گروهي مفادن لاءِ استعمال ڪيو. هڪ طرف کين اِهو اجايو خوف ڏنو ويو تہ ٻئي طرف ايم ڪيو ايم کين اهو شديد احساس ڏنو تہ رياست، حڪومتن ۽ مجموعي طور پاور سان سنڌن لاڳاپي جو واحد وسيلو ايم ڪيو ايم آهي ۽ جيڪڏهن اُها نہ رهي تہ پوءِ سنڌن اهو پاور سان رابطو ڪٽجي ويندو ۽ ٽئين طرف ايم ڪيو ايم جي سياست کين عملي طور ملڪي سياست ۾ ڪنڌائتو پڻ ڪري ڇڏيو. ظاهر آهي تہ ايم ڪيو ايم جي بحران

انهن نفسياتي ۽ سياسي مونجهارن کي وڌيڪ پيچيده ڪري ڇڏيو هوندو. ان ڪري ضرورت آهي تہ سنڌ ۾ جمهوري ۽ قومي سياست ڪندڙ ڌريون پڻ انهن پيچيدگين کي سامهون رکي نہ رڳو پنهنجين پاليسين، روين کي نئين سر ترتيب ڏين پر ان لاءِ عملي طور تدبيرون ۽ حڪمت عمليون بہ جوڙين. جيڪڏهن ڪو ائين سمجهي ٿو تہ اهو اسان جي مٽي جو سُور نہ آهي تہ اِها سوچ غلط ۽ نقصانڪار ثابت ٿيندي. سنڌ جو هر سياسي ۽ ڪوبہ حساس معاملو ۽ سوال اسان جو گڏيل آهي ۽ اهو اسان جي ايجنڊا تي هئڻ گهرجي.

جيتوڻيڪ سنڌ ۾ "مهاجر نفسيات" ۽ ان بنياد تي "مهاجر سياست" پاڪستان جي قيام کان وٺي مختلف صورتن ۾ موجود رهي آهي پر ان جو بدترين روپ ۽ انتهاپسند صورت ايم ڪيو ايم هئي، جيڪا 1985ع کان پوءِ اُڀري ۽ اُڀاري وئي. جيئن تہ فاشزم پنهنجي بنيادي سرشت ۾ انڌو هوندو آهي، ان ڪري اُهو رڳو دهشت ذريعي وقتي ناجائز ڪاميابين تي ٽپا ڏيندو آهي پر فاشسٽ اهو ڏسي نہ سگهندا آهن تہ اها اهڙ دهشت ذريعي وقتي طور ناجائز ڪاميابيون تہ ماڻي سگهندي آهي پر اِها باهہ ان جي شعلن ۾ ورتل معاشرن جا ادراڪ، عقل، احساس، انصاف پسندي ۽ مجموعي طور انهن سماجن جا روح ساڙي ڇڏيندي آهي. دنيا ۾ جتي بہ اڻويهين صديءَ کان وٺي فاشسٽ تحريڪون اُڀريون، اُنهن جو اهو ئي انجام ٿيو ۽ سنڌ ۾ ايم ڪيو ايم ۽ سندن حامين جو بہ اهڙو ئي حال رهيو. جيئن هٽلر جي اُڀار وقت جرمنيءَ جا اڪثريتي دانشور ۽ اڪابر بہ سندس بدترين فاشزم جي نتيجن کي ڏسڻ کانسواءِ سندس مددگار ٿي پيا (ويندي ٿيوڊور هيوس جهڙو لبرل فلسفي بہ سندس حامي ٿي ويو، جيڪو ڪانٽس پوءِ جرمنيءَ جو پهريون چانسلر ٿيو)، بلڪل ائين هتي اسان جا اڪثريتي اردو ڳالهائيندڙ دانشور ۽ اديب دوست بہ ايم ڪيو ايم جا لڪل توڙي ظاهري حامي رهيا، گهٽ ۾ گهٽ سنڌين ڪڏهن بہ پنهنجين صفن مان دهشتگرد ۽ فاشسٽ سياست کي اڳتي وڌڻ ۽ اُسرڻ نہ ڏنو. البتہ سنڌين جي بہ ڪجهہ فردن ۽ گروهن ۾ انتهاپسند سوچ جون سياسي شڪليون موجود رهيون آهن.

ان حقيقت باوجود تہ ايم ڪيو ايم جي اهڙي سياست نہ رڳو سنڌ، سنڌين، ملڪ جي جمهوري عمل ۽ مجموعي طور عوام ۽ دراصل سڀ کان وڏو نقصان پنهنجي اردو ڳالهائيندڙ آباديءَ کي ڏنو. برطانيہ ۾ رهندڙ اسڪالر نڪولا خان جو تحقيقي ڪتاب "Mohajir Militancy in Pakistan" پڙهي مون کي اندازو ٿيو هو تہ حقيقت ۾ ايم ڪيو ايم گذريل ساڍن ٽن ڏهاڪن دوران

پٺاڻن ڪانپوءِ سڀ کان وڌيڪ پنهنجي اردو ڳالهائيندڙ مخالفن کي ئي ماريو هو بلڪل ائين جيئن هٽلر پنهنجي مخالف جرمن ۽ مسوليني پنهنجي مخالف اطالوين کي وڌيڪ مارايو هو. سنڌ ۾ ايم ڪيو ايم جي اهڙي دهشتگرد سياست جو عروج ڏسي ماڻهن کي لڳندو هو ته رياست جي مدد سان اُپاريل ان دهشت جي طاقت جو سج ڪڏهن به نه لهندو پر تاريخ جو ادراڪ رکندڙ ماڻهن کي تڏهن به سمجهه هئي ۽ هاڻي به آهي ته اهڙي سوچ، نفسيات ۽ سياست جو ڪوبه جتاءُ ۽ مستقبل ٿي نه ٿو سگهي. انهن گذريل ٽن ڏهاڪن دوران وقتي طور ته ايم ڪيو ايم اقتدار جا به انيڪ مزا ماڻيا ۽ ڪراچيءَ ۾ دهشت ذريعي پنهنجي سياست ۽ طاقت کي زنده رکيو پر ڏٺو وڃي ته ان سياست اردو ڳالهائيندڙ ماڻهن جي نسلن کي اهڙو ڪاپاري ڌڪ هنيو، جنهن مان نڪرڻ لاءِ يا ان جو سدِباب ڪرڻ لاءِ ڪين وري ڏهاڪا گهرجن. سندن هيٺين ۽ هيٺين وچولي طبقي جي نئين نسل جي هٿن مان ڪتاب ڇڏائجي ويا ۽ انهن جي جاءِ غيرقانوني هٿيارن ۽ دهشتگرد نفسيات ۽ ان جي نرگسيت ورتي. سندن هيٺين ۽ هيٺين وچولي طبقي جي نوجوانن مان علم، ادب ۽ انساني اڏاوت ڪندڙ شين بجاءِ ڏوهن، دهشتگرديءَ ۽ فاشزم جهڙن عنصرن جاءِ ورتي. اهو ايم ڪيو ايم جي گذريل ساڍن ٽن ڏهاڪن جي سياست جو ئي نتيجو آهي جو اڄ اردو ڳالهائيندڙ آبادي ملڪي سياست ۾ ويڳاڻپ جو شڪار آهي. اردو ڳالهائيندڙ آبادي ۽ خاص طور سندن هيٺين ۽ هيٺين وچولي طبقي ۾ پيدا ٿيندڙ ويڳاڻپ جو احساس ڪنهن نئين ۽ وڌيڪ بدترين ۽ انتهاپسند سياست جو روپ به وٺي سگهي ٿو ۽ اُهو حقيقت پسنديءَ ڏانهن وري هڪ مثبت رُخ ۾ به سفر ڪري سگهي ٿو. منهنجيءَ نظر ۾ اهو ئي سوال آهي، جنهن تي نه رڳو اردو ڳالهائيندڙ دانشورن کي، پر خود اسان کي، سنڌ جي قومي ۽ جمهوري سياست کي ۽ ملڪ جي سمورن روشن خيال ماڻهن کي سنجيدگيءَ سان غور ڪرڻ گهرجي. ان ڳالهه کان قطع نظر ته ورهاڱي ڪانپوءِ هندوستان مان آباديءَ جي لڏپلاڻ ناجائز هئي ۽ اها به حقيقت آهي ته اردو ڳالهائيندڙ آباديءَ جي حڪمران طبقي توڙي دانشورن جي اڪثريت ڪڏهن به سنڌ کي دل سان پنهنجو وطن نه سمجهيو ۽ هو سنڌين لاءِ ڪڏهن به مثبت ٿي نه سگهيا پر تاريخ جي اها تلخ حقيقت آهي ته اردو ڳالهائيندڙ آبادي سنڌ جي آباديءَ جو هڪ مستقل حصو آهي ۽ انهن کي پس و پيش سمجهڻو ۽ ميڙڻو پوندو ته سندن ڏکي مُدي وارا جائز مفاد سنڌ ۽ سنڌين سان هم آهنگيءَ ۾ آهن ۽ اهو اجايو تضاد سندن حڪمران طبقي ۽ رياست جي ناجائز مفادن جو ته پورائو ڪري سگهي ٿو پر سندن ۽ سندن ايندڙ

نسلن جي مفاد ۾ هرگز نہ آهي. ساڳيءَ طرح اهو اسان سنڌين کي بہ سمجهڻو پوندو تہ اهو تضاد جتي اردو آباديءَ جي حق ۾ نہ آهي اُتي اُهو اسان جي حق ۾ بہ نہ آهي. اسان کي پڻ اهو عالمي سياسي اُصول سمجهڻو پوندو تہ دنيا جي سموري عوام ۾ تضاد عارضي هجن ٿا ۽ انهن جو فائدو پس و پيش حڪمران طبقي کي ملي ٿو.

اردو ڳالهائيندڙ آباديءَ کي پس و پيش اهو ميڙڻو ۽ کين سمجهائڻو پوندو تہ سندن ڊگهي مُدي وارا جائز مفاد سنڌ ۽ سنڌين سان لاڳاپيل آهن ۽ سنڌ جي ورهاڱي جو خيال نہ رڳو ديواني جو خواب آهي پر اُهو کين وڏيڪ ويڳاڻپ ۽ سياسي بحران جي ڏهڻ ۾ ڪيرائڻ جو سبب بڻبو. کين اهو احساس ٿيندو يا منجهن اهو احساس جاڳائڻو پوندو تہ هيءَ عجيب ڳالهہ آهي جو ڏرتي ڌڻين جي اڪثريت کين نہ رڳو پنهنجو ڪرڻ چاهي ٿي پر ساڻن گڏ رهڻ چاهي ٿي، نہ تہ هونئن اڪثريت هميشہ جبر جي لاڙن جو شڪار ٿيندي آهي پر هيءَ عجيب ماجرا آهي جو هڪ ثقافتي ۽ لساني اقليت کي ٻين کان ڌار ٿيڻ جو گمراهہ ڪندڙ ڏگ ڏسيو ويو آهي تہ ٻئي طرف اڪثريت يعني سنڌي کين مستقل طور پنهنجو ڪرڻ چاهين ٿا ۽ ان جو عملي طور ثبوت پڻ ڏين ٿا.

ان سموريءَ صورتحال کي سامهون رکندي مان سمجهان ٿو تہ سنڌ ۾ هڪ نئين سياسي ڊسڪورس جي ضرورت آهي، جنهن جا ٽي بنيادي نقطا هجن. پهريون نقطو اهو هجي تہ سنڌ ۾ مستقل طور آباد آبادين ۽ خاص طور اردو ڳالهائيندڙ آباديءَ کي سنڌ کي پنهنجو وطن دل سان ميڙڻو پوندو. هو ڀل تہ سياسي طور سياسي پارٽين سان مقابلا ڪن، پنهنجن جائز حقن لاءِ هر سطح تي آواز اُٿارين، پر هڪ طرف انهن کي سنڌ کي پنهنجو وطن ميڙڻو پوندو تہ ٻئي طرف وفاق يا رياست کان سنڌ جا حق وٺڻ جي جدوجهد ۾ سنڌين سان گڏ بيهڻو پوندو. سنڌ کي پنهنجو آخري ۽ حتمي وطن سمجهڻ سان هو مستقل طور اجائي ۽ هٿ ٺوڪي پيدا ڪيل عدم سلامتيءَ جي احساس مان نڪري ايندا. اهو عمل هڪ طرفي انداز سان اڳتي نہ وڌي سگهندو. سنڌين کي بہ هر سطح تي کين اهو احساس ڏيارڻو پوندو تہ هي سندن ۽ سندن ايندڙ نسلن جو بہ وطن آهي، ان ۾ اندروني طور سياسي مقابلو يا چٽاڀيٽي تہ ٿي سگهي ٿي پر اهو تضاد يا فرق سنڌ جي وحدت خلاف ڪڏهن بہ نہ وڃڻ گهرجي. ٻيو نقطو اهو هئڻ گهرجي تہ سنڌي اهو هرگز نہ ٿا چاهين تہ اردو ڳالهائيندڙ آبادي سنڌ کي پنهنجو وطن مڃڻ لاءِ پنهنجي ٻوليءَ، ڪلچر، ادب، ثقافت، سڃاڻپ يا ويندي جائز گروهي مفادن تان هٿ کڻي. جڏهن سنڌي اهو چون ٿا تہ اردو ڳالهائيندڙ

آباديءَ کي سنڌ ۾ ضم ٿيڻ گهرجي يا سنڌي ٿيڻ گهرجي ته ان جو هرگز مطلب اهو نه هئڻ گهرجي ته ڪو هو پنهنجي ذيلي سڃاڻپ، جائز گروهي مفادن، ٻوليءَ تان هٿ کڻن، پر ان جو مطلب سياسي هئڻ گهرجي، معنيٰ اُهي شهريت جي معنيٰ ۾ سنڌي ٿين. سنڌين کي ان سان ڪوبه مسئلو نه هئڻ گهرجي ته اردو ڳالهائيندڙ آبادي پل ته پنهنجي ٻوليءَ، ڪلچر، ادب ۽ سڃاڻپ سان پيار ڪري ۽ ان کي قائم رکي. اسان جي اهڙي موقف سان ايم ڪيو ايم جهڙين قوتن لاءِ ڏکيو ٿي پوندو ته اُهي پنهنجي آباديءَ کي ڪنداڻتو ڪري پنهنجي لساني، نسل پرست ۽ فاشسٽ گروهي سياست جي بنياد تي ڏکهو عرصو پنهنجي آباديءَ کي عدم سلامتيءَ يا ويڳاڻپ جي احساس ۾ رکي سگهن. اسان جي ڪيترن ماڻهن ۽ گروهن کي اها ڳالهه بظاهر ڪٿي عجيب يا ڏُکي لڳي پر مان ان راءِ جو آهيان ته سنڌ جي سياسي پارٽين کي پنهنجا تنظيمي در اردو ڳالهائيندڙ آباديءَ لاءِ کولڻ گهرجن، انهن مان هر خيال ماڻهن کي پنهنجي ويجهو آڻڻ گهرجي ۽ هر فورم تي اردو ڳالهائيندڙ ماڻهن جي شرڪت کي يقيني بڻائڻ گهرجي. سنڌ جي قومي سياست جو مطلب هرگز نسل پرست يا لساني بنيادن تي قومي سياست نه هئڻ گهرجي. قومي سياست سياسي طور گهڻ نسلي ٿي سگهي ٿي، ان ۾ سنڌ ۾ مستقل طور آباد گروهه شامل ٿي سگهن ٿا ۽ شامل هئڻ گهرجن. اردو ڳالهائيندڙ آباديءَ جيان مان غلام محمد بئراج جي دور (1955ع) کان وٺي سنڌ ۾ مستقل طور آباد سيٽلر پنجابين کي به مڪمل طور سنڌي سمجهان ٿو ۽ هو به پاڻ کي ائين سمجهن ٿا. پنجابي سڃاڻپ هاڻي هنن جي قوميت نه، پر ذات جيان آهي.

21 هين صدي نسلي، لساني يا مخصوص ثقافتي دائرن ۾ بند نام نهاد هڪجهڙن معاشرن جي صدي ناهي. جديد ۽ ايندڙ دور جو معاشرو گهڻ پاسائون (Diverse) آهي. نام نهاد هڪجهڙن معاشرن جو تصور زرعي ۽ جاگيرداراڻي سماج جي حقيقت ۽ باقيات آهي. اجوڪو ۽ مستقبل جو معاشرو رنگ، نسل، ٻوليءَ ۽ هڪجهڙي ثقافت جي بنياد تي نه، پر شهريت جي اُصول تي قائم آهي ۽ قائم ٿيندو. اسان کي به اهو ادراڪ رکندي پنهنجي وطن، ٻوليءَ ۽ آباديءَ جي جائز مستقل مفادن جي تحفظ لاءِ روايتي سوچن جي دائرن مان نڪرڻو پوندو. سنڌيءَ کانسواءِ ٻيون ٻوليون ڳالهائيندڙ ماڻهو به سنڌ جا وطن دوست شهري ٿي سگهن ٿا، انهن سان ذيلي سطح تي تضاد ۽ مقابلي جون صورتون به موجود رهنديون پر مجموعي طور سنڌ جي وسيع تر مفادن جي خيال کان انهن کي هڪ لڳاتار عمل ۽ سوچ ذريعي هم آهنگ ڪرڻ ممڪن آهي.

حقيقت اها آهي ته ايم ڪيو ايم جي دهشت انگيز سياست ۽ خود اسان جي ڪيترن گروهن جي انتهاپسند موقف باوجود گذريل ٻن ڏهاڪن ۾ سنڌي ۽ اردو ڳالهائيندڙ ماڻهو هڪٻئي کان پري ٿيڻ بجاءِ سماجي، معاشي ۽ ثقافتي طور هڪٻئي جي ويجهو آيا آهن ۽ اهو عمل اڃا اڳتي وڌڻ گهرجي، اهو ئي ايم ڪيو ايم جي سياست جو جواب ۽ ان مخصوص متعصب سياست جو حل ۽ سنڌ جي وحدت جي ضمانت آهي.

*(روزاني ڪاوش حيدرآباد، اربع 07 فيبروري 2018)*

# سنڌي- بلوچ تضاد ڪنهن جي مفاد ۾ آهي ؟

بلوچستان مان هي ويجهي ماضيءَ ۾ چوٿون ڀيرو آهي، جو سنڌي پورهيتن جا لاش اماڻيا ويا آهن. سنڌ هر ڀيري اهڙين دهشتگرد ڪارروائين تي احتجاج ڪيو آهي، پر هن ڀيري سنڌ مان هر سطح تي شديد احتجاج ٿيو آهي ۽ هن ڀيري بہ بلوچستان مان اهڙن دهشتگرد واقعن تي بلوچ سياسي ڌرين طرفان ڪو چٽو موقف يا احتجاج ڀرپور نموني سامهون نہ آيو آهي. جيتوڻيڪ نيشنل پارٽي جي اڳواڻ مير حاصل بزنجي ۽ سردار اختر مينگل سوشل ميڊيا تي چٽو بيان ڏنو آهي ۽ نواب خير بخش مريءَ جي فرزند مهراڻ مريءَ پڻ ٽوئٽر ذريعي ان واقعي کي ننديو آهي، اها سٺي ڳالهہ آهي پر بلوچ ذميوار قيادت کي ان کان اڳتي وڌي ان بابت ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي ۽ سنڌين سان ڀائپيءَ جو ثبوت ڏيڻ گهرجي. سياسي قيادت رڳو سوشل ميڊيا ذريعي پنهنجو سياسي ۽ قومي فرض نڀائي نٿي سگهي، جڏهن تہ عطاءُ الله مينگل صاحب جهڙو ماڻهو اڳ جيان هن ڀيري بہ خاموش رهيو آهي. ان حقيقت باوجود تہ بلوچ سماج هڪ غير معمولي صورتحال کي منهن ڏئي رهيو آهي ۽ اُتي حالتون معمول تي نہ آهن، ان ۾ بہ شڪ ناهي تہ نہ رڳو بلوچن خلاف 1947ع کانپوءِ رياست جو هي پنجون آپريشن آهي ۽ هزارين بلوچ انهن آپريشن ۾ ماريا ويا آهن ۽ بلوچن تي پنهنجي ڌرتي تنگ ڪئي وئي آهي، پر پرويز مشرف دور کان هلندڙ آپريشن ۾ اڻ ڳڻيا بلوچ ڀيرو ماريا ويا آهن، جنهن بلوچن جي مزاحمت کي ويتر انتها پسنديءَ ڏانهن ڌڪي ڇڏيو آهي. ردِعمل ۾ بلوچن جي مختلف ويڙهاڪ گروپن جي اهڙين انتها پسند ڪارروائين ڪٿي ٻين جو جاني نقصان ڪيو آهي پر حقيقت ۾ انهن پنهنجو سياسي نقصان ڪيو آهي ۽ اج ملڪ ۾ بلوچن جي تحريڪ اڪيلائيءَ جو شڪار آهي.

حقيقت اها آهي تہ بلوچن سان ملڪ ۾ هميشہ ڪنهن قوم ساٿ ڏنو آهي تہ اُهي هميشہ سنڌي ماڻهو رهيا آهن. بلوچن خلاف جڏهن جڏهن بہ ملڪ ۾ فوجي آپريشن ٿيو آهي تہ سنڌين پرامن جمهوري انداز سان انهن جي حمايت کي هميشہ پنهنجو سياسي ۽ قومي فرض پئي سمجهيو آهي. نہ رڳو ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي، سائين جي ايم سيد ۽ پليجي صاحب هر ڏکئي وقت ۾

سنڌ حمايت پڻ ڪئي آهي، پر پيٽي صاحب جي دور ۾ تيل آپريشن ۾ ته مير علي بخش ٽالپر صاحب ته عملي طور سنڌ هر قسم جي مدد ڪئي ۽ مير محمد علي ٽالپر اڃا حيات آهي، جن جبلن تي گڏ وڃي سنڌ ساٿ ڏنو. جڏهن ته ان جي پيٽ ۾ بلوچن سنڌين جو گهربل ساٿ ڪڏهن به نه ڏنو آهي. اهو صحيح آهي ته شهيد پيٽو بلوچن خلاف آپريشن ۾ اسٽيبلشمينٽ جو سياسي هٿيار بڻيو، پر جڏهن هڪ عالمي سازش تحت ضياءَ شاهي شهيد پيٽي کي هڪ ڪوڙي ڪيس ۾ ڦاهي ڏني، تڏهن اخلاقي طور ۽ سياسي بلوغت جو مظاهرو ڪري بلوچ قيادت کي ان جي مذمت ڪرڻ گهرجي ها، پر هنن ائين نه ڪيو. هڪ ڀيري سردار عطاءُ الله مينگل حيدرآباد ۾ نواب يوسف ٽالپر جي رهائش گاهه تي اسان کي پاڻ چيو هو ته، پيٽي جي ڦاهي بلوچن لاءِ خوشخبري هئي. ايم ڪيو ايم جي ڀاڳيلن کي ڪجهه وقت عطاءُ الله مينگل ۽ نواب اڪبر بگٽيءَ پنهنجي ڳوٺن ۾ پناهه ڏني ۽ اهو لحاظ به نه ڪيو ته ڪو اهي دهشتگرد سنڌين جا به قاتل ۽ بنيادي طور دهشتگرد آهن. بلوچن ايم ڪيو ايم کان منهن تڏهن موڙيو، جڏهن انهن نواب اڪبر بگٽيءَ جي شهادت تي پرويز مشرف جو ساٿ ڏنو پر ڏکئي مهل ۾ سنڌين ساڻن ڪڏهن به اهڙو حساب نه ڪيو. مون کي ياد آهي ته جڏهن نواب اڪبر بگٽي ڊيرا بگٽي ڇڏي جبلن جو منهن ڪيو هو ته پليجي صاحب منهنجي گهر تي اڪبر بگٽيءَ جي تڏهوڪي ترجمان رئوف ساسولي معرفت سيٽس فون تي رابطو ڪري سنڌ مڪمل حمايت ڪئي ۽ پاڻ وٽس اچڻ جي ڳالهه ڪئي، جڏهن ته نواب صاحب کين اهو چئي اچڻ کان منع ڪيو ته حالتون سنگين آهن، توهان نه اچو ۽ صرف اخلاقي حمايت ڪيو. اها به تلخ حقيقت آهي ته بلوچ مجموعي طور تي سنڌين کي گهٽ سمجهندو آهي. بلوچستان جا بلوچ ته نهيو پر سنڌ ۾ بروچ ذاتين جو عام ماڻهو به سنڌي سماٽ کي پنهنجي برابر نه سمجهندو آهي. اهو اڄايو برتريءَ جو احساس منجهن پسمانده قبائلي سماج هئڻ جي ڪري آهي، جڏهن ته سنڌين هميشه بلوچن کي پنهنجو ڀاءُ، هڏ ۽ چَمُ سمجهيو آهي ۽ هر ڏکئي وقت ۾ سنڌ چٽو ساٿ ڏنو آهي.

مٿي ذڪر ڪيل سمورين اڻ وڻندڙ حقيقتن باوجود اصل ۽ وڏي حقيقت اها آهي ته پاڪستان ۾ بلوچ ۽ سنڌي مظلوم قومون رهيون آهن ۽ اهو رشتو هر عارضي ۽ ذيلي تضاد کان مٿانهون ۽ وڌيڪ اهم آهي. مظلوم طبقن ۽ مظلوم قومن جو پاڻ ۾ رشتو معروضي ۽ تاريخي طرح وڌيڪ سگهارو ۽ پائيدار ٿئي ٿو ۽ جڏهن جڏهن اهو ڪمزور ٿيندو تڏهن يقين رکڻ گهرجي ته ان جو فائدو سنڌ ڦورو ۽ غاصب قوتن کي ملندو ۽ اهڙو ئي خطرو هن وقت سنڌين ۽ بلوچن

جي تاريخي لاڳاپن کي نظر انداز ڪري ڏسڻ کان پاسو ڪرڻ گهرجي. هڪ طرف اهي ڇڙواڳ ۽ سنجيده اڳواڻيءَ کان وانجهيل ويڙهاڪ گروهه آهن جيڪي مسلسل نه رڳو سنڌين کي لاش موڪلي رهيا آهن، پر فخر وچان ان جي ڪليل ذميواري پڻ قبول ڪري رهيا آهن. چون ٿا ته هو جنگ جي حالت ۾ آهن ته ڇا جنگ جي ڪا به اخلاقيات نه هوندي آهي؟ جنگ ۾ پنهنجي ۽ پرائي جي تميز نه ڪبي آهي؟ جنگ ۾ عارضي ۽ ڊگهي مدي وارا مفاد ذهن ۾ نه رکبا آهن؟ ۽ سڀ کان وڏي ڳالهه ته جنگ ۾ مظلوم ۽ ظالم جو فرق نه ڪبو آهي؟ ڇا سياڻي سنڌي سنڌ ۾ ڌارين جي آبادڪاريءَ جي مخالفت ۾ بلوچن کي به شامل ڪن؟ بلوچ اڳواڻن جو ٻيو گهر ڪراچيءَ ۾ آهي، پوءِ ڇا سنڌي به اڪيون ڦيرائين؟ پر سنڌي ائين ڪو نه ڪندا، جو سنڌن سياسي ضمير ۽ خمير ۾ سائين جي ايم سيد، ڪامريڊ حيدر بخش جتوئيءَ ۽ رسول بخش پليجي جو پرامن، انسان دوست ۽ بالغ نظر موقف ويڙهل آهي، جنهن نسل پرستيءَ کي هميشه لعنت سمجهيو آهي. ٻئي طرف سنڌ ۾ به ڪجهه سياسي ذهن هن ڏکوئيندڙ واقعي جي آڙ وٺي بلوچ مخالف سوچ کي اُڀارڻ چاهين ٿا، جيڪو رويو نه رڳو اصولي طور غلط آهي، پر سنڌين ۽ بلوچن جي گڏيل مفادن لاءِ به هاڃيڪار آهي. اسان کي سمجهڻ گهرجي ته اهي ڇڙواڳ بلوچ ويڙهاڪ گروهه بلوچ قوم جي نمائندگي نٿا ڪن. انهن ساڳي انتها پسنديءَ تحت پنهنجن صفن مان به مبينا طور حبيب جالب ۽ ڊاڪٽر مولابخش دشتيءَ جهڙن اڳواڻن جا قتل ڪيا آهن. اسان جي دوست سينيٽر ثناءُ الله بلوچ کي جيترو خطرو راولپنڊيءَ مان هو ان کان وڌيڪ انهن ويڙهاڪ گروهن مان هو. اڄ به اڪثريتي بلوچ اڳواڻ جيڪي پرامن طور قومي حقن جي ڳالهه ڪن ٿا، اُهي پنهنجن ڳوٺن ۽ شهرن ۾ نٿا وڃي سگهن، جنهن جو ثبوت 2013ع جون چونڊون هيون، جنهن ۾ ڪو به بلوچ اڳواڻ پنهنجي چونڊ مهم نه هلائي سگهيو. جيڪا گوريلا ويڙهه سياسي سوچ ۽ تنظيم جي ضابطي ۾ نه هوندي ۽ جنهن جا ڪي بنيادي انساني ۽ نظرياتي اصول نه هوندا، اها اڳي پوءِ اونڌي ڪاهيءَ ۾ وڃي ڪرندي. ان ڪري بلوچ ويڙهاڪ گروهن جي اهڙين ڪاررواين جو سنڌن قومي تحريڪ کي پڻ شديد نقصان پهتو آهي.

اسان کي جتي اهڙن واقعن تي پنهنجو ڀرپور آواز اٿارڻ گهرجي، اتي اسان کي ڪڏهن به اهڙن واقعن جي نتيجن ۾ سنڌين ۽ بلوچن جي قومي ٻڌي يا رشتي کي ڇيهو رسائڻ لاءِ سوچڻ به نه گهرجي، ڇاڪاڻ ته ان سان ٻنهي ڌرين جي گڏيل ويري قوتن جي مفادن جو پورائو ٿيندو. سنڌين ۽ بلوچن جي موقف، سياسي حڪمت عملين جا فرق ۽ جزوي تضاد پنهنجي جاءِ تي، سنڌن وچ ۾

سماجي فرق بہ حقيقت، پر سندن ڊگهي مُدي وارا سياسي ۽ قومي مفاد سمورين شين کان مٿانهان هئڻ گهرجن. جيڪڏهن اهڙن واقعن جي نتيجي ۾ سنڌي ۽ بلوچ هڪ ٻئي کان ڌار ۽ هڪٻئي جي مخالف صفن ۾ ٿي بيهي رهيا تہ پوءِ اسٽيبليشمينٽ کي ٻيو ڇا گهرجي؟ پوءِ تہ هو اهڙا واقعا پاڻ بہ ڪرائي سگهن ٿا تہ جيئن اهو تضاد اڃا وڌي ۽ سندن مخالف قوتن جي قومي ۽ سياسي سگهہ ڪمزور ٿئي.

مان سمجهان ٿو تہ ان ڏس ۾ سنڌ جون روشن خيال، ترقي پسند ۽ قومي سوچ رکندڙ تنظيمون ۽ سندن ذميوار اڳواڻ ٻنهي حوالن سان اهم ڪردار ادا ڪري سگهن ٿا، يعني هڪ طرف هو ذميوار بلوچ قيادت سان ڳالهائي سگهن ٿا تہ ٻئي طرف سنڌ ۾ ردعمل کي ڪنهن بہ انتها پسند سوچ کان بچائڻ ۾ پڻ اهم ڪردار ادا ڪري سگهن ٿا. سياسي سوچ کي هميشہ متوازن رکڻ ۽ معروضيت سان نهڪائي هلڻ جي سلسلي ۾ سنڌ جا باشعور ليکڪ ۽ سڄاڻ ماڻهو بہ مثبت ڪردار ادا ڪري سگهن ٿا. منهنجيءَ نظر ۾ سنڌ ۾ ان حوالي سان فوري طور هيٺيان قدم کڻڻ جي ضرورت آهي:

(1) گڏيل فورم تان سنڌ جون روشن خيال، ترقي پسند ۽ قومي سوچ رکندڙ تنظيمون ڪو گڏيل موقف پڌرو ڪن، جيڪو چٽو بہ هجي ۽ متوازن پڻ ۽ جنهن ۾ هڪ طرف اهڙن واقعن جي مذمت هجي تہ ٻئي طرف سنڌي ۽ بلوچ اتحاد تي زور ڏنل هجي.

(2) سنڌي ليکڪن، دانشورن ۽ مختلف شعبن جي ذميوار ماڻهن جو هڪ وفد بلوچستان جو دورو ڪري ۽ سياسي اڳواڻن، حڪومت توڙي ميڊيا سان ڳالهائي پنهنجو درست ۽ متوازن موقف پيش ڪري ۽ بلوچ ويڙهاڪ گروهن کي اهڙن دهشتگرد واقعن جي ڊگهي مدي وارن نتيجن کان آگاهہ ڪري.

(3) ڪوشش ڪجي تہ اهڙي راءِ عامہ هجي، جو اهڙن حساس علائقن ۾ منصوبن تي سنڌي ماڻهو ڪم ڪرڻ کان پاسو ڪري.

(4) سنڌ حڪومت پاران بلوچستان حڪومت ۽ مرڪزي حڪومت سان ڳالهيون ڪيون وڃن ۽ ان ڳالهہ کي يقيني بڻائڻ لاءِ ٺوس اُپاءَ وٺي تہ جيئن اڳتي اهڙا واقعا نہ ٿين.

(5) سنڌ ۾، ۽ خاص طور ڪراچي شهر ۾ رهندڙ بلوچ دوستن کي راضي ڪجي تہ اهي ان حوالي سان اڳتي اچن ۽ اهڙن واقعن جي سخت مذمت ڪن ۽ ان جي نتيجن کان بلوچ ويڙهاڪ گروهن کي آگاهہ ڪن.

*(روزاني ڪاوش حيدرآباد، 16 مئي 2017ع)*

# چونڊن جي سياست
# ۽ سنڌ جا مفاد

# مفاهمتي سياست، سنڌ جي وحدت
# ۽ نئون مڪاني نظام!

نيٺ اُهو ئي ٿيو، جنهن جو خدشو هو. عوام جي هڪ چونڊيل ۽ جمهوريت پسنديءَ جي وڏي ۾ وڏي دعويدار ڌر مفاهمتي پاليسيءَ سبب هڪ چونڊيل اسيمبليءَ مان بل پاس ڪرائڻ بدران، رات جي اونداهيءَ ۾ سنڌ پيپلز ميٽرو پوليٽن آرڊيننس-2012ع اڻ چونڊيل گورنر معرفت جاري ڪري ڇڏيو. پ پ حڪومت سمجهي ٿي ته "عوامي" نالو رکڻ سان هي آرڊيننس شايد عوام ۾ مقبوليت ماڻي سگهندو. هن آرڊيننس تي بنيادي طور تي ٽي اعتراض ڪري سگهجن ٿا. هڪ ته، اهو چونڊيل اسيمبليءَ بدران هڪ آرڊيننس ذريعي گورنر کان ڇو پڌرو ڪرايو ويو؟ ڇا ارڙهين آئيني ترميم ذريعي صوبن کي اها خودمختياري ملڻي هئي جو چونڊيل صوبائي اسيمبلي ۽ صوبي جي چيف ايگزيڪيوٽو يعني وڏي وزير هوندي اهڙا اهم ترين ۽ حساس معاملا گورنر ذريعي نبيريا ويندا، جنهن جو آئيني طور صوبن ۾ ڪوبه پاليسي سازيءَ جو ڪردار نه ٿو جڙي. ٻيو اعتراض اهو آهي ته هڪ صوبي ۾ عملي طور ٻه نظام ڇو؟ ها- دنيا ۾ ائين ٿيندو آهي ته وڏا شهر ميٽرو پوليٽن طور هلايا وڃن ۽ ننڍن شهرن کي ميونسپل طور هلايو وڃي پر دنيا ۾ مڪاني نظام ڪڏهن به هڪ مخصوص ڌر کي راضي ڪرڻ لاءِ لاڳو نه ڪيو ويندو آهي. جڏهن ته متحده هر صورت ۾ سنڌ جي وڏن شهرن جي مالڪي پاڻ وٽ رکڻ چاهي ٿي. اڳ جيڪا مالڪيءَ جي دعويٰ صرف ڪراچيءَ تائين محدود هئي، اُها هاڻي حيدرآباد، ميرپورخاص، نوابشاهه ۽ سکر تائين وڌي چڪي آهي. انڪري جڏهن متحده جي دٻاءَ تي وڏن شهرن ۾ جدا نظام لاڳو ٿئي ٿو ته ان جو مطلب انهن کي جدا سياسي حيثيت ڏيڻ جو آهي. ٽين ڳالهه ته جڏهن ڪراچيءَ کانسواءِ ٻيا شهر يعني حيدرآباد، ميرپورخاص، سکر ۽ لاڙڪاڻو ميٽرو پوليٽن شهر جي ترقياتي سطح ۽ تقاضائن تي پورا ئي نه ٿا لهن ته پوءِ اُتي اِهو سرشتو ڇو؟ يا ته انهن شهرن لاءِ گهٽ ۾ گهٽ ايندڙ ڏهن سالن لاءِ وڏيون رقمون مختص ڪيون وڃن ته جيئن انهن کي حتمي طور ميٽرو پوليٽن شهرن جو درجو ڏئي سگهجي. سوال

آهي ته ڇا سنڌ اسيمبلي اهو آرڊيننس اينڊڙ ٽن مهينن اندر بل طور منظور ڪندي؟ ۽ جي نه ته پوءِ سنڌ ۾ عوام سان اها سنگين مسخري ڇو؟ معنيٰ هاڻي سنڌ بابت هر فيصلو متحده ڪندي ۽ ڌرتيءَ جي مالڪ سنڌين جو اسيمبلين ۾ اڪثريت هئڻ باوجود سندن بنيادي معاملن تي ڪوبه اختيار نه هوندو. پ پ پ جي گذريل ڇئن سالن جي حڪومت ته اهو ئي نياپو ڏنو آهي ۽ ان جو نالو رکيو ويو آهي "مفاهمت"!

هن رياست ۾ ان جي پيچيدگين سبب ملڪ ۾ آمريت هجي يا "ٽپائي جمهوريت"، سنڌ ۾ سنڌين سان روز ڪو نه ڪو مسئلو آهي ئي آهي ۽ هڪڙي چئلينج کي مُنهن ڏئي اڃا ساهه به نه ٿو پٽجي ته مٿان وري ٻيو چئلينج ڪاريهر وانگر ڦڻ ڪڍي بيهي ٿو رهي. هينئر وري سنڌ ۾ مڪاني حڪومت جي نظام تي متحده جي ناجائز مطالبن جو دٻاءُ ۽ مفاهمتي پ پ پ حڪومت جي ٻي وسيءَ جو چئلينج سنڌي ماڻهن کي توهين آميز چِڙ ڏياري رهيو آهي. بدقسمتي اها آهي ته پاڪستان جي سياسي تاريخ ۾ سياسي يا چونڊيل حڪومتن ڪڏهن به ميونسپل نظام کي نه حقيقي طور سمجهيو آهي ۽ نه وري ڪا اهميت ڏني آهي، نتيجي ۾ هر آمر ان کي پنهنجن ناجائز ۽ غير جمهوري مفادن لاءِ استعمال ڪيو. ايوب خان جي "بنيادي جمهوريت" ۽ پرويز مشرف جو نام نهاد "اختيارن جي منتقليءَ جو نظام" ملڪ ۾ وفاقي پارلياماني جمهوري نظام تي راتاهي جون ئي ڪوششون هيون. پاڪستان ۾ مڪاني حڪومت جو شعبو هونئن به صوبن جي ماتحت هو، جنهن کي پرويز مشرف ناجائز طور مرڪز حوالي ڪري ڇڏيو هو. ارڙهين آئيني ترميم ۾ ڪنڪرنٽ لسٽ جي خاتمي کانپوءِ مڪاني حڪومتن جو معاملو مڪمل طور هڪ ڀيرو وري صوبن ڏانهن منتقل ٿي چڪو آهي. هاڻي آئيني طور هر صوبو مجاز ۽ با اختيار آهي ته اُهو پنهنجي زميني حقيقتن ۽ گهرجن آڌار پنهنجو مڪاني حڪومتن جو نظام يا ميونسپل سرشتو ترتيب ڏئي. پر سنڌ ۾ متحده جي صورت ۾ ۽ پ پ پ جي مفاهمتي سياست سنڌ جي ڳچيءَ ۾ هڪ اهڙو ڳٽ پيل آهي جو سنڌي پنهنجي تاريخي وطن جي چونڊيل اسيمبليءَ معرفت پنهنجي لاءِ ڪابه قانونسازي نٿا ڪري سگهن ۽ مٿان وري جڏهن سندن پارلياماني حوالي سان نمائنده ڌريون مفاهمت جي نالي ۾ ۽ ڪرسيءَ خاطر سڀ ڪجهه قربان ڪرڻ لاءِ تيار ۽ آتيون هجن ته پوءِ اهو ڪم ويتر ڏکيو ٿي پوي ٿو.

پ پ پ حڪومت وٽ ان حوالي سان جيڪڏهن ٽڪو پئسو سنجيدگي ۽ سنڌ ۾ ڪو فضيلت ڀريو ميونسپل نظام ڏيڻ جو ارادو هجي ها ته اُها ٻيو ڪجهه

ٻہ نہ ڪري ها پر چونڊ اسيمبلي ميمبرن ۽ سياسي ماهرن تي مشتمل هڪ بورڊ تشڪيل ڏئي، انکي اهو هدف ڏئي ها تہ اهو دنيا جي ٻين وفاقي ملڪن جي ڪامياب تجربن جي بنياد تي سنڌ لاءِ مناسب ميونسپل سرشتو تجويز ڪري ۽ ان ڳالھ کي يقيني بڻايو وڃي ها تہ ڪابہ ڌر مڪاني حڪومتن جي نظام جي نالي ۾ سنڌ ۽ سنڌين جي بنيادي حقن سان هٿ چراند نہ ڪري. ان جو اِهو بہ حل هو تہ نظام اهڙو هجي، جيڪو ڪنهن مخصوص گروھ لاءِ نہ پر سمورن شهرين جي سهولتن لاءِ ڪم ڪري پر اهڙي قدم لاءِ جيڪا جرئت ۽ ارادو گهرجي، اهو ڪُرسي پرست مفاهمتي سياست جي داعي حڪومتن وٽ ڇو هوندو؟

مڪاني حڪومتن جو نظام نہ رڳو دنيا جي هر ملڪ ۾ رائج ناهي پر اهو هر ملڪ يا نظام سان لازمي ناهي تہ ٺهڪندڙ بہ هجي پر گڏيل قومن جي هڪ سئو چورانوي ميمبر ملڪن مان جيڪي اناويھ وفاقي ملڪ آهن، مڪاني حڪومتن جو نظام گهڻي ڀاڱي انهن ملڪن ۾ نہ رڳو ڪامياب ثابت ٿيو آهي پر ان کي وفاقي جمهوري نظام لاءِ لازمي پڻ سمجهيو ويندو آهي. جيئن تہ پاڪستان عملي طور ڀلي ڪٿي ڪا ڪامياب وفاقي رياست نہ هجي پر آئيني طور پاڪستان بہ دنيا جي انهن اناويهن وفاقي ملڪن ۾ شامل آهي، ان ڪري چئي سگهجي ٿو تہ مڪاني حڪومتن جو نظام پاڪستان جي صوبن لاءِ پڻ بهتر ثابت ٿي سگهي ٿو. جيئن تہ انساني سماجن جي نوعيت هر سطح تي ۽ هر ملڪ ۽ خطي ۾ مختلف آهي، انڪري دنيا ۾ ڪوبہ سياسي نظام هر جاءِ تي ساڳيءَ طرح لاڳو نہ ٿو ڪري سگهجي، ان ۾ معروضي حالتن آهر تبديليون لازمي هونديون آهن. ان حوالي سان دنيا جي سمورن وفاقي توڙي غير وفاقي ملڪن ۾ ميونسپل نظام جون شڪليون بہ مختلف آهن پر ان جا ڪجھ اصول گڏيل ۽ هڪجهڙا ضرور آهن. جهڙوڪ، (1) ميونسپل يا مڪاني حڪومت کي انتظامي لحاظ کان حڪومت تہ مڃيو ويندو آهي پر ان کي آئيني حڪومت يا رياست جي تشڪيلي وحدت ( Constituent Unit) هرگز تسليم نہ ڪيو ويندو آهي. وفاقي ملڪن ۾ رياست جون تشڪيلي وحدتون صوبا يا رياستون هونديون آهن ۽ انهن کي ئي حتمي اختيار حاصل هوندا آهن. انڪري ميونسپل يا مڪاني حڪومتن جو ملڪ جي آئيني، قانونسازيءَ جي عمل ۽ پاليسي معاملن ۾ ڪوبہ عمل دخل نہ هوندو آهي. (2) ميونسپل يا مڪاني حڪومتن جو ڪم صرف ۽ صرف شهري سهولتون، جهڙوڪ پيئڻ جو صاف پاڻي، ڊرينيج، روڊ، بنيادي تعليم، بنيادي صحت، ٽريفڪ، اسٽريٽ لائٽ، صفائي ۽ ماحولياتي بچاءَ وغيره هوندو آهي. ڪجھ ملڪن ۾ انکي مالياتي خودمختياري ڏيڻ لاءِ مخصوص

ٽيڪس گڏ ڪرڻ جو اختيار بہ ڏنو ويندو آهي. پر ان هوندي بہ اُهي آئيني ۽ انتظامي طور صوبن جي ماتحت ڪم ڪنديون آهن. (3) ميونسپل نظام جو بنيادي مقصد عام شهرين جي سهولتڪاري هوندو آهي ۽ جيڪڏهن ڪوبہ هڪ گروهہ يا آباديءَ جو حصو انکي رڳو پنهنجي مخصوص ناجائز مفادن يا هڪ هٽيءَ لاءِ استعمال ڪرڻ چاهيندو تہ اهو نظام نہ رڳو تڪراري بڻبو پر اهو ڪڏهن بہ فضيلت سان هلي ڪامياب بڻجي نہ سگهندو. (4) مجموعي طور هن نظام کي عدم مرڪزيت جو هڪ طريقو سمجهيو وڃي ٿو تہ جيئن شهري زندگيءَ جي روز مره جي معاملن ۾ سهولتن بابت اختيار ۽ ادارا عوام کان گهٽ پري نہ هجن ۽ عوام جي انهن تائين رسائي آسان هجي.

دنيا ۾ اُهي وفاقي ملڪ، جتي ميونسپل يا مڪاني حڪومتن جي نظام کي ڪامياب سمجهيو وڃي ٿو انهن ۾ آسٽريليا، آسٽريا، برازيل، ڪينيڊا، جرمني، ڀارت، ميڪسيڪو، نائجيريا، ڏکڻ آفريڪا، اسپين، سئٽزرلينڊ ۽ آمريڪا جهڙا ملڪ اچي وڃن ٿا. انهن ملڪن جي ميونسپل يا مڪاني حڪومتن جي سرشتن ۾ فرق ضرور آهن پر انهن جا اصول اُهي ئي ساڳيا آهن، جيڪي مٿي مون بيان ڪيا آهن. جيتوڻيڪ اهو نظام مختلف صورتن ۾ قديم زماني کان دنيا جي مختلف خطن ۾ موجود رهيو آهي پر جديد ۽ جمهوري معنيٰ ۾ اهو سرشتو ويهين صديءَ ۾ گهڻو اُسريو آهي ۽ اهو بہ خاص طور ٻي مها ياري لڙائيءَ کانپوءِ.

سئٽزرلينڊ جو ميونسپل نظام نہ رڳو دنيا جو هڪ قديم نظام آهي پر اهو دنيا ۾ سڀ کان وڌيڪ سگهارو بہ اُتي آهي. ان جو هڪ سبب اهو بہ آهي تہ سئٽزرلينڊ ڪا فطري يا تاريخي رياست نہ آهي پر اُها گهٽين آبادين تي مشتمل دنيا جي پهرين ڪنفيڊريشن ۽ هاڻي هڪ ڪنفيڊرل وفاقي رياست (Quasi Confederal-Quasi Federal) آهي، جنهن جي آبادي چاهتر لک آهي ۽ اتي پنجاهہ ميونسپالٽيون آهن، جن ۾ سڀني کان وڏي زيوريچ آهي، جنهن جي آبادي ٻارنهن لک آهي. جيتوڻيڪ سئٽزرليند ۾ ميونسپل نظام کي ٻين وفاقي نظامن جي ابتڙ آئيني ضمانت حاصل آهي پر ان باوجود انکي ڪي بہ آئيني يا پاليسي اختيار حاصل نہ آهن. ڪينيڊا ۾ بہ ميونسپل يا لوڪل گورنمينٽ کي هڪ ڪامياب نظام سمجهيو وڃي ٿو پر اهو مڪمل طور رياستن جي ڪنٽرول ۾ آهي ۽ وفاق جي آئين ۾ ان جو رڳو ذڪر بہ موجود ناهي. ڪينيڊا دنيا جو اهو ملڪ آهي، جتي اڪثريت ٻاهران آيل پناهگيرن جي آهي ۽ اتي جا اَسي سيڪڙو شهري ٻهراڙين بدران شهرن ۾ رهن ٿا ۽ ملڪ جي آبادي 2006ع جي آدمشماري مطابق لڳ ڀڳ سوا ٽي ڪروڙ آهي. ڪينيڊا هڪ وفاقي جمهوري

ملڪ هئڻ سان گڏوگڏ هڪ آئيني بادشاهت آهي، جتي اڄ بہ رياست جي سربراهہ برطانيہ جي راڻي آهي، جنهن جي نمائندگي مرڪز ۾ گورنر جنرل ۽ رياستن ۾ ليفٽيننٽ جنرل ڪن ٿا. ڪينيڊا ۾ ميونسپل نظام 1849ع جي ميونسپل ايڪٽ تحت لاڳو ٿيو ۽ اتي ٽي هزار اٺ سئو ميونسپالٽيون آهن. جرمني دنيا جو هڪ ڪامياب وفاقي ملڪ آهي، جتي ميونسپل نظام کي تمام اثرائتو لازمي ۽ ڪامياب سمجهيو وڃي ٿو. آباديءَ جي لحاظ کان يورپ جي سڀ کان وڏي ملڪ جرمني ۾ (جنهن جي آبادي سوا اٺ ڪروڙ آهي) 1949ع جي "بنيادي قانون" تحت وفاقي نظام کي نئين سر ترتيب ڏنو ويو. جنهن ۾ سورنهن رياستون (Landers) آهن ۽ هن ملڪ ۾ پڻ ميونسپل حڪومتون مڪمل طور صوبن/رياستن جي ماتحت آهن. پئسفڪ کنڊ جي ملڪ آسٽريليا، جيڪو پڻ گهڻي ڀاڱي آمريڪا ۽ ڪينيڊا وانگر پناهگيرن جو ملڪ آهي، ۾ ميونسپل نظام ڪامياب آهي پر اهو ٻين وفاقي ملڪن جيان گهڻو خود مختيار ناهي. آسٽريليا ۾ پنج سئو سَٺِ ميونسپل علائقا آهن، جن جي آبادي سئو ماڻهن کان وٺي ويندي ڏهہ لک تائين پڻ آهي. آسٽريليا ۾ ميونسپل نظام کي آئيني ضمانت حاصل نہ آهي ۽ نہ ئي اُهو هڪ آئيني ڍانچو آهي. انجي حيثيت صرف ۽ صرف انتظامي آهي. هن ملڪ ۾ بہ آباديءَ جو وڏو حصو يعني لڳ ڀڳ پنجهتر سيڪڙو آبادي شهرن ۾ رهي ٿي ۽ هن ملڪ کي دنيا جو سڀني کان وڌيڪ شهري سماج سمجهيو وڃي ٿو. آسٽريليا جو وفاق آئيني طور 1901ع ۾ وجود ۾ آيو ۽ هن ملڪ ۾ ميونسپل ادارا مڪمل طور رياستن/صوبن جي ماتحت آهن. جيتوڻيڪ آسٽريليا هڪ ڪامياب وفاقي جمهوري ملڪ آهي پر اُتي اڄ بہ آئيني بادشاهت قائم آهي ۽ ڪئنيڊا جيان هتي بہ گورنر جنرل کي راڻيءَ جو نمائنده سمجهيو وڃي ٿو.

جيتوڻيڪ ميڪسيڪو گذريل ڏيڍ سئو سالن کان وڌيڪ عرصي کان هڪ وفاقي ملڪ رهيو آهي، اُها ٻي ڳالهہ آهي تہ گذريل صديءَ ۾ ايڪهتر سال هن ملڪ ۾ هڪ پارٽي نظام رهيو، جيڪو ويجهي ماضيءَ ۾ تبديل ٿيو آهي. ميڪسيڪو ۾ ميونسپل يا لوڪل حڪومتن جو نظام اثرائتو ضرور آهي پر اجا تائين اهو گهڻي حد تائين خودمختيار ناهي. 2005ع جي آدمشماريءَ مطابق لڳ ڀڳ ڏهہ ڪروڙ آباديءَ جي هن ملڪ ۾ ايڪٽيهہ رياستون ۽ 2445 ميونسپل موجود آهن. ميڪسيڪو جو وفاقي آئين جيڪو 1917ع ۾ ٺهيو، اهو بنيادي طور آمريڪا ۽ اسپين جي وفاقي طرز جو حامل هو. هن ملڪ جي پهرين ميونسپالٽي ولاريڪا 1519ع ۾ ٺهي ۽ ان ڪانپوءِ پهرين ٽائون ڪائونسل 1524ع ۾ بيناڪيتي

راڄ ۾ جُڙي. ميڪسيڪو جو ميونسپل نظام صرف شهري سهولتن جي فراهمي تائين محدود آهي، جنهن جا پاليسي اختيار مڪمل طور صوبن يا رياستن وٽ محفوظ آهن. اولهه آفريڪا جي ملڪ نائجيريا جو شمار دنيا جي چند وڏن وفاقي ملڪن ۾ ٿئي ٿو جنهن جي گهڻ مذهبي ۽ گهڻ نسلي آبادي چوڏنهن ڪروڙ آهي. آفريڪا جو هي وڏي ۾ وڏو ملڪ برطانوي بينڪيتي راڄ جي پيداوار هو. 1916ع ۾ پهريون ڀيرو هتي Native Authority Ordinance تحت ميونسپل نظام رائج ٿيو. جيتوڻيڪ تي ڏهاڪا بدترين آمريتي راڄ ڏسڻ کانپوءِ نائجيريا ۾ وفاقي پارلياماني جمهوريت بحال ٿي آهي پر ان باوجود ميونسپل نظام مڪمل طور صوبن جي هٿ ۽ اختيار هيٺ آهي. دنيا جي سڀ کان وڏي پناهگير ۽ سامراجي رياست آمريڪا جيتوڻيڪ سئٽزرلينڊ جيان 1788ع جي آئين تحت دنيا جي هڪ اوائلي ڪنفيڊريشن آهي، جيڪا اڳتي هلي مرحليوار وفاقي رياست ۾ تبديل ٿي وئي. آمريڪا ۾ پنجاهه خودمختيار رياستن سان گڏوگڏ 89476 ميونسپل آهن، جيڪي رياستن جي آئين ۽ قانون جي ماتحت ڪم ڪن ٿيون. شهري سماج تي مشتمل هن رياست جي آباديءَ جو ٽياسي سيڪڙو ٻهراڙين بجاءِ ميٽرو پوليٽن ۾ پنجويهه سيڪڙو کان وڌيڪ آبادي وڏن شهرن ۾ رهي ٿي. جيتوڻيڪ آمريڪا جي سياسي نظام ۾ مڪاني حڪومتن يا ميونسپل نظام کي تمام اهم سمجهيو وڃي ٿو پر ان باوجود اتي بنيادي اختيار رياستن کي حاصل آهن ۽ آباديءَ جو ڪو به هڪ حصو يا گروهه انهن کي پنهنجي مخصوص مفادن لاءِ استعمال ڪرڻ جو تصور به نه ٿو ڪري سگهي. گهڻو پري ڇو وڃجي، اسانجو پاڙيسري ملڪ ڀارت، جيڪو آئيني طور ڪٿي هڪ يونين آهي پر عملي طور دنيا ۾ هڪ ڪامياب وفاقي ملڪ سمجهيو وڃي ٿو، ان ۾ اٺاويهه رياستون ۽ هيٺين سطح تي هڪ اثرائتو پنچائتي نظام رائج آهي. ڀارت ۾ پنچائت جو نظام سترهين صديءَ کان شروع ٿيو. ڀارت جي پهرين ميونسپل ڪارپوريشن 1687ع ۾ مدراس ۾ ٺهي. 1870ع ۾ وائسراءِ لارڊ مايو ڀارت ۾ ميونسپل نظام کي هٿي ڏني، جنهن کي گانڌي Village Republics سڏيندو هو. 1919ع ۾ Chelmsford Montague جي آئيني سڌارن ۾ به هن نظام کي هٿي ملي ۽ 1925ع تائين لڳ ڀڳ سمورن صوبن ۾ پنچائت سرشتو جوڙيو ويو. ورهاڱي کانپوءِ نهروءَ پهرين پنچائت جو افتتاح 1959ع ۾ راجستان جي رياست ۾ ڪيو ۽ پوءِ اهو نظام ڀارت ۾ گهڻو مقبول ۽ ڪامياب ثابت ٿيو. اٺاويهن رياستن، ستن يونين علائقن، هڪ سئو چوڏنهن ٻولين ۽ چوويهه قومي ٻولين جو ملڪ ڀارت جيتوڻيڪ تمام گهڻو گهڻ قومي، نسلي،

مذهبي ۽ لساني ملڪ آهي پر آباديءَ جو ڪوبہ هڪ گروهہ اهو تصور بہ نہ ٿو ڪري سگهي تہ پنچائت جو نظام رڳو سندن مخصوص ۽ ناجائز مفادن لاءِ ڪم اچي. جڏهن تہ ڀارت ۾ 886 رجسٽرڊ سياسي پارٽيون آهن، جن مان اليڪشن ڪميشن وٽ ڇهہ وفاقي ۽ ٽيونجاهہ صوبائي پارٽين طور رجسٽرڊ آهن پر جيئن تہ جمهوريت ڀارت ۾ سگهاري آهي، انڪري گروهي مفاد سياسي نظام کي پنهنجو ڳيجهو بنائڻ ۾ ڪامياب ۾ نہ ٿا ٿي سگهن.

اهي تہ صرف چند وفاقي رياستن جا مثال هئا پر اهڙا اڪيچار مثال ٻيا بہ ڏئي سگهجن ٿا. مونکي ذاتي طور انهن مان ڪيترن وفاقي نظامن کي اُتي وڃي ڏسڻ جو موقعو مليو آهي. پر هڪ پاڪستان آهي، جتي پنجهٺ سال گذرڻ باوجود سادا معاملا بہ فضيلت ۽ انصاف سان نبري نہ ٿا سگهن، يعني اجا تائين هي ملڪ آئيني طور وفاقي هئڻ باوجود ٻيو تہ ٺهيو پر پنهنجو ميونسپل يا مڪاني ادارن جو نظام بہ جوڙي ۽ ڪاميابيءَ سان هلائي نہ سگهيو آهي. سڄيءَ دنيا ۾ اقليتون ميونسپل نظام ۾ پنهنجي جائز حقن جي بچاءَ لاءِ جاکوڙينديون آهن پر هن ملڪ ۾ سنڌ آهي، جتي اڪثريتي سنڌي ماڻهو پنهنجي چونڊيل حڪومت هوندي پنهنجا جائز حق بچائڻ لاءِ دانهون ڪري رهيو آهي ۽ سندن چونڊيل سرڪار آهي، جيڪا مفاهمت جي نالي ۾ سڀ ڪجهہ ڏيڻ لاءِ تيار آهي. دنيا ۾ ميونسپل يا مڪاني حڪومتن جو نظام شهرين جي سهولتڪاريءَ لاءِ هوندو آهي، پر هتي قصو ابتڙ آهي. ميونسپل نظام هجي يا ڪوبہ پاليسي معاملو - اهو اتحادين کي راضي رکڻ لاءِ ٺاهيو ويندو آهي.

منهنجيءَ نظر ۾ 1979ع يا 2001ع جي ميونسپل ۽ لوڪل گورنمينٽ جي نظامن جي ڀيٽ جو سوال ئي اجايو هو. ٻئي نظام پنهنجيءَ سرشت ۾ غير جمهوري ۽ جمهوري وفاقيت جي اصولن مطابق نہ هئا. سنڌ کي اهو ميونسپل يا مڪاني حڪومت جو سرشتو گهرجي، جيڪو مڪمل طور صوبائي حڪومت ۽ اسيمبليءَ جي ماتحت هجي ۽ جنهن جا اصول هن مضمون جي شروع ۾ بيان ڪيل نقطن تي ٻڌل هجن. سنڌ کي اهڙو نظام گهرجي، جيڪو متحده ۽ وڏيرن جي ناجائز مفادن وٽان نہ پر سنڌ جي عوام جي مفاد ۾ هجي. يعني اهو صرف شهري سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ هجي ۽ انجو آئين، قانون سازي، زمين، روينيو ۽ قومن جي بنيادي تاريخي حقن سان ڪوبہ تعلق نہ هجي. ان حوالي سان مڪاني حڪومت جي نظام جي نالي ۾ سنڌ پيپلز ميٽرو پوليٽن آرڊيننس اڳ ئي آزاريل سنڌ ۽ انجي عوام سان هڪ ٻيو چيڙائيندڙ ڀوڳ آهي، جيڪو نہ رڳو هلي نہ سگهندو پر مفاهمتي سياست جي علمبردار پ پ کي بہ سياسي طور ٻوڙيندو.

*(روزاني ڪاوش، 8 سيپٽمبر 2012ع)*

# سنڌ کي ڪھڙو مڪاني حڪومتن جو نظام گھرجي؟

جيتوڻيڪ مڪاني حڪومتن جو نظام پاڪستان ۾ هميشہ هڪ تڪراري مسئلو رهيو آهي پر گذريل حڪومتي دور ۾ سنڌ ۾ اهو سوال تمام تڪراري رهيو. جڏهن تہ دنيا جي اڪثريتي جمهوري ۽ وفاقي ملڪن ۾ اهو نظام سيني ڪان وڌيڪ سادو ۽ غيرتڪراري هوندو آهي، ڇاڪاڻ تہ دنيا ۾ ڪٿي بہ مڪاني حڪومت کي آئيني حڪومت جو درجو حاصل نہ هوندو آهي ۽ ان جي اختيارن ۽ ڪم ڪار جو دائرو رڳو هيٺين سطح تي ماڻهن کي شهري سهولتون فراهم ڪرڻ تائين محدود هوندو آهي ۽ شهري سهولتن جي فراهمي ڪڏهن بہ تڪراري مسئلو ناهي هوندو. گهڻ-قومي يا گهڻ-علائقائي رياستن ۾ جيڪي آئيني ۽ سياسي معاملا تڪراري بڻبا آهن، مڪاني حڪومتن جو ان سان ڪوبہ لاڳاپو نہ هوندوآهي، پر پاڪستان جي سياسي نظام جي زوال پذيريءَ جو اندازو ان مان لڳائي سگهجي ٿو تہ دنيا جي جمهوري ۽وفاقي نظامن ۾ جيڪي معاملا اڳ ئي نبيريل ۽ اُڪلايل آهن، پاڪستان ۾ اڃا تائين انهن تي ڏڪيڙ ۽ تڪرار هلندڙآهي.

هونئن تہ سمورن جمهوري ملڪن ۾ پر خاص طور گڏيل قومن جي ميمبر 194 ملڪن مان28 وفاقي ملڪن ۾ مڪاني حڪومتن جي سرشتي کي سياسي نظام جو لازمي حصو سمجهيو ويندو آهي. جيئن تہ جمهوريت ۽ وفاقيت جا بنيادي اُصول آزادي، خودمختياري ۽ عدم مرڪزيت هوندا آهن، ان ڪري هيٺينءَ سطح تي مڪاني حڪومتن جي نظام کي دنيا جي سمورن جمهوري ۽ وفاقي ملڪن ۾ نہ رڳو اهم پر ضروري سمجهيو ويندو آهي. دنيا جي ڪامياب جمهوري ۽ وفاقي ملڪن ۾ ٽن حڪومتن يعني وفاقي، صوبائي/ رياستي ۽ مڪاني حڪومتن جي وچ ۾ اختيارن جو توازن اهڙيءَ طرح طئي ڪيو ويندو آهي، جو نہ رڳو ٽئي حڪومتون پنهنجن پنهنجن اختيارن جي دائري ۾ خودمختيار هونديون آهن پر اُهي هڪٻئي جون محتاج بہ نہ هونديون آهن. ها البتہ سڄيءَ دنيا ۾ مڪاني حڪومتون آئيني طور لاڳاپيل صوبن يا رياستن جي

ماتحت هونديون آهن.

جيتوڻيڪ مڪاني حڪومتن جو نظام دنيا ۾ سڀ کان اڳ اول سئٽزرلينڊ ۾ سورهين صديءَ ۾ اُسريو پر ننڍي ڪنڊ ۾ به اهو انگريز دور ۾ ئي ڪجھ علائقن ۾ لاڳو ٿي چڪو هو. ننڍي ڪنڊ ۾ سڀ کان اول 1688ع ۾ مدراس ۾ ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ پاران ميونسپل ڪارپوريشن قائم ڪئي وئي، جڏهن تہ 1842ع ۾ ڪنزروينسي ايڪٽ پاس ٿيو، جنهن ۾ مڪاني حڪومتن جي نظام کي واضح ڪيو ويو. 1846ع ۾ ڪراچيءَ ۾ پڻ ايڪٽ آف ڪنزروينسي پاس ٿيو، جنهن جو مقصد ڪراچيءَ ۾ سگھارو ميونسپل نظام رائج ڪرڻ هو. 1882ع ۾ لارڊ رپنس مڪاني خودمختيار حڪومتن بابت پنهنجون آئيني ۽ قانوني تجويزون ڏنيون. انگريز سرڪار 1907ع ۾ منٽو مارلي آئيني سڌارن کان هڪ سال اڳ "عدم مرڪزيت ڪميشن" قائم ڪئي. انگريز سرڪار 1927ع ۾ سائمن ڪميشن ۾ پڻ هندوستان ۾ مڪاني حڪومتن جي قيام تي زور ڏنو پر سائمن ڪميشن جي ناڪاميءَ سبب اها ڳالھ اڳتي نہ چُري. نيٺ وڃي 1935ع ۾ جيڪو حتمي انڊين ايڪٽ آيو، اُن ۾ اِنَ کي واضح ڪيو ويو. ورهاڱي کان اڳ ۾ برطانوي راڄ ۾ اڄوڪي پاڪستان ۾ پنجاب اهو واحد صوبو هو، جتي اهو نظام اڳ ئي لاڳو هو.

بدقسمتيءَ سان پاڪستان ۾ مڪاني حڪومتن جي سرشتي کي سياسي يا چونڊيل حڪومتن ڪڏهن بہ گھربل اهميت نہ ڏني جو پاڪستان جي پارلياماني سياست ۾ هميشہ اُهي پارٽيون ئي مَنهندار رهيون، جيڪي بنيادي طور مرڪزيت پسندسوچ رکندڙ هيون، جنهن جو منطقي نتيجو اهو نڪتو جو ان کي هر آمر پنهنجي ناجائز ۽ غيرجمهوري مفادن لاءِ بدترين طريقي سان استعمال ڪيو. سڀ کان اول جنرل ايوب خان "بنيادي جمهوريت" جي نالي ۾ 1959ع ۾ مڪاني نظام قائم ڪري جمهوريت تي راتاهو هنيو. يعني جيڪو مڪاني حڪومتن جو سرشتو جمهوريت ۽ وفاقيت جو بنياد هوندو آهي، ان کي ئي جمهوريت ۽ وفاقيت خلاف راتاهي جي آئيني هٿيار طور استعمال ڪيو ويو. ايوب خان جي ان متعارف ڪرايل نظام پاڪستان ۾ وفاقي پارلياماني جمهوري نظام جي تباهيءَ جا بنياد رکيا. جيتوڻيڪ 1975ع ۾ شهيد ذوالفقار علي ڀُٽي پيپلز لوڪل گورنمينٽ آرڊيننس جاري ڪيو پر ان تحت چونڊون نہ ٿي سگهيون ۽ اهو آرڊيننس عمل ۾ اچي نہ سگهيو. ايوب خان کانپوءِ جنرل ضياءُ الحق ٻيو بدترين آمر هو، جنهن 1979ع ۾ ميونسپل ايڊمنسٽريشن آرڊيننس تحت ڪمشنريٽ نظام يعني نام نهاد مڪاني حڪومتن جو سرشتو لاڳو

ڪيو. هن نظام جي اها بنيادي خرابي هئي ته اهو هڪ آمر طرفان جمهوريت تي راتاهي هڻڻ جو جواز هو پر اصل ۾ ان نظام جي ٻي وڏي خرابي اِها آهي ته اِهو مڪمل طور ڪاموراشاهيءَ جي راڄ جو نظام آهي. ظاهر آهي ته جمهوريت ۽ عوام جي راءِ ۽ خودمختياريءَ کان نفرت ڪندڙ هڪ آمر اِهو ٺي ڪري سگهيو ٿي. ضياءُ الحق جي دور جي پڇاڙيءَ ڪانپوءِ ڪنهن به سياسي حڪومت مڪاني حڪومت جي سرشتي کي سنجيدگيءَ سان لاڳو ڪرڻ لاءِ ڪابه ڪوشش نه ورتي. ائين وري 2001ع ۾ ملڪي تاريخ جي چوٿين آمر جنرل پرويز مشرف 'ڊيوليوشن پلان 2001ع' تحت ملڪ ۾ مڪاني حڪومتن جو نظام لاڳو ڪيو. جنهن جو ظاهر آهي ته بنيادي مقصد پنهنجي لاءِ اليڪٽورل ڪاليج ٺاهڻ هو. جنرل پرويز مشرف جي ڏنل ناظمي سرشتي ۾ ڪجهه جزوي چڱائين باوجود اهو نظام بنيادي طور صوبن جي آئيني حقن تي هڪ راتاهو هو. هن نظام کي سڌيءَ ريت صوبن بدران مرڪز جي ماتحت هلايو ٿي ويو. دنيا جي اڪثر ڪامياب ۽ جمهوري مڪاني حڪومتن جي اُبتڙ ناظم سڌيءَ ريت چونڊيا نه ٿي ويا. انتظامي طور ان سرشتي ۾ مڪمل عدم توازن هو. يعني نه رڳو ناظمي نظام صوبن جي ماتحت نه هو پر ان جا ٽئي حصا يعني ضلعي، تعلقي ۽ يونين ڪائونسل جدا جدا حيثيت ۾ ڪم ڪري رهيا هئا. ان نظام ۾ انتظامي چڪاس جو به ڪو سرشتو موجود نه هو. نيٺ هر آمر جي نظام وانگر پرويز مشرف جو اهو متعارف ڪرايل نظام پڻ 2008ع ۾ چونڊيل جمهوري حڪومت اچڻ شرط ختم ڪيو. 2010ع ۾ ميثاق جمهوريت تحت جيڪا 18هين آئيني ترميم ڪئي وئي، ان ۾ آئين جي آرٽيڪل 140-A تحت ملڪ ۾ ٽه-حڪومتي نظام کي لازمي قرار ڏنو ويو ۽ ان ئي آرٽيڪل جي شق يعني 140-A (1) تحت صوبن کي پڻ پابند بڻايو ويو ته اُهي پنهنجو پنهنجو مڪاني حڪومتن جو نظام لاڳو ڪن، جنهن جي (2) 140-A تحت اهو پڻ واضح ڪيو ويو ته مڪاني حڪومتن جون چونڊون پڻ اليڪشن ڪميشن جي ماتحت ڪرايون وينديون. آئين جو آرٽيڪل 32 (Principles of Policy) پڻ رياست کي پابند ڪري ٿو ته اُها مڪاني حڪومتن جي سرشتي جي حوصلہ افزائي ڪري، جنهن ۾ هارين، مزدورن ۽ خواتين جي نمائندگيءَ کي يقيني بڻايو وڃي، پر جيئن 18هين آئيني ترميم جي ٻين ڪيترن آئيني معاملن تي مڪمل عمل نه ٿي سگهيو آهي، تيئن مڪاني حڪومتن جو نظام پڻ ڪوبه صوبو لاڳو نه ڪري سگهيو. 18 مئي 2012ع تي سنڌ هاءِ ڪورٽ جي بينچ جسٽس فيصل عارب جي سربراهيءَ ۾ سنڌ حڪومت کي حڪم ڏنو ته اُها نوي ڏينهن اندر

چونڊون ڪرائي. ان کان اڳ فيبروري 2010ع ۾ پڻ سنڌ حڪومت کي اهو اختيار ملي چڪو هو تہ اُها لوڪل باڊيز جو نظام لاڳو ڪري، ان تحت آفيسر مقرر ڪري ۽ 120 ڏينهن ۾ پارٽي بنيادن تحت چونڊون ڪرائي. اپريل 2012ع ۾ چونڊون ڪرائڻ جو وقت وڌائي 165 ڏينهن مقرر ڪيو ويو.

تاريخ جي رڪارڊ تي اهو هميشہ ياد رهندو تہ گڏيل حڪومتي دور ۾ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي سنڌ حڪومت مڪاني حڪومتن جي نظام جي حوالي سان سنڌ ۾ اڪثريتي مينڊيٽ هئڻ باوجود بدترين فيصلا ڪيا. سڀ کان پهرين ڳالهہ تہ ان وٽ پنهنجو ڪو ويزن نہ هو، اُها رڳو متحده قومي موومينٽ ۽ سنڌ جي قومپرست ڌرين جي دٻاءَ تحت فيصلا تبديل ڪندي رهي. سڀ کان اول 2011ع ۾ سنڌ اسيمبليءَ بدران بابر اعوان ۽ گورنر عشرت العباد طرفان گورنر هائوس مان هڪ ٻئو نظام لاڳو ڪيو ويو، جنهن تحت ڪراچي، حيدرآباد ۽ سکر ۾ پرويز مشرف جو 2001ع وارو ناظمي نظام ۽ باقي سنڌ ۾ جنرل ضياءَ الحق وارو 1979ع جو نظام لاڳو ڪيو ويو. اهو حڪومت جي ڪمزوري ۽ بدحواسيءَ جو هڪ عجيب ثبوت هو. سنڌ ان فيصلي خلاف ٻري اُٿي ۽ نيٺ جولاءِ 2012ع ۾ حڪومت اهو سرشتو ختم ڪري سڄي صوبي ۾ 1979ع جو ڪمشنريٽ نظام بحال ڪري ڇڏيو ۽ 1967ع جي لينڊ روينيو ايڪٽ ۾ ترميمون ڪيون ويون. ائين بہ سال واري واري سان 1979ع ۽ 2001ع وارا نظام سنڌ ۾ عارضي طور لاڳو ٿيندا رهيا. حد تڏهن ٿي جڏهن 2012ع ۾ سنڌ پيپلز لوڪل گورنمينٽ ايڪٽ تحت هڪ بدترين مڪاني حڪومتن جو نظام سنڌ ۾ لاڳو ڪيو ويو، جنهن نہ رڳو سنڌ جي انتظامي ورهاڱي جا بنياد رکيا پر سنڌ حڪومت جا بنيادي کاتا پڻ ڪراچيءَ جي ميٽروپوليٽن شهري حڪومت حوالي ڪيا ويا. سڄي سنڌ ان ٻٽي نظام، جنهن کي سنڌ جي عوام سنڌ جي انتظامي ورهاڱي سان تعبير ڪيو، خلاف هڪ آواز ٿي اُٿي بيٺي ۽ سنڌ جي عوام، اديبن، دانشورن، قومپرست سياسي جماعتن ۽ ويندي سماجي تنظيمن، ميڊيا مطلب تہ سڄي سنڌ تيستائين بس ڪري نہ ويٺي، جيستائين اهو بدترين نظام ساڳيءَ سنڌ اسيمبليءَ مان ساڳيءَ طرح واپس نہ ٿيو. جيتوڻيڪ پيپلز پارٽي سنڌ ۾ متبادل سياسي قوتون نہ هئڻ سبب مئي 2013ع جي چونڊن ۾ تہ هڪ ڀيرو وري اڪثريتي پارٽيءَ طور کٽي آئي پر اها حقيقت آهي تہ مڪاني حڪومتن جي نظام تي گڏيل پيپلز پارٽيءَ جي حڪومت جي ڪردار هن پارٽيءَ جي ساک ۽ ڪردار کي وڏو ڌڪ رسايو، يعني جڻ تہ اهو طئي ٿي ويو تہ هيءَ پارٽي ڪرسيءَ خاطر ڪنهن بہ سطح تي سنڌ جي قومي

مفادن جو سودو ڪري سگهي ٿي.

هاڻي جڏهن سپريم ڪورٽ سيپٽمبر ۾ مڪاني حڪومتن جون چونڊون ڪرائڻ لاءِ صوبن کي حتمي حڪم جاري ڪري ڇڏيو آهي ته هڪ دفعو وري سنڌ ۾ اهو سوال ڪَرَ کڻي بيٺو آهي ته سنڌ ۾ پيپلز پارٽيءَ جي حڪومت ڪهڙو مڪاني حڪومتن جو نظام لاڳو ڪندي؟ هن ڀيري جيئن ته متحده قومي موومينٽ سنڌ ۾ حڪومت جو حصو نہ آهي، ان ڪري شايد پيپلز پارٽيءَ جي حڪومت تي ان ڏس ۾ دٻاءُ گهٽ آهي ۽ ٻيو تہ پارٽيءَ اندر بہ اِهو احساس هڪ حد تائين موجود آهي تہ 2011ع ۽ 2012ع واريون ساڳيون سنگين غلطيون ورجائڻ جو شايد هن ڀيري پيپلز پارٽي ڏڪ پچائي نہ سگهندي جو اُها هاڻي عملي طور ملڪ جي وڏي ۾ وڏي پارلياماني پارٽيءَ بدران هڪ صوبائي پارٽيءَ تائين محدود ٿي وئي آهي. اِها هڪ مثبت ڳالهہ آهي تہ هن ڀيري سنڌ ۾ مڪاني حڪومتن جو بل اسيمبليءَ ۾ آڻڻ کان اڳ سنڌ حڪومت سنڌ جي قومپرست پارٽين ۽ ڪجهہ دانشورن ۽ ماهرن سان پڻ رابطو ڪيو آهي تہ اُهي ان ڏس ۾ سنڌ حڪومت کي پنهنجا رايا ڏين. جيتوڻيڪ سنڌ جي قومپرست پارٽين سنڌ حڪومت کي ان ڏس ۾ اڃا تائين ڪي بہ تجويزون نہ اُماڻيون آهن پر سنڌ جي ڪجهہ دانشورن ۽ ماهرن پنهنجون تجويزون سنڌ حڪومت کي اُماڻي ڇڏيون آهن. مان ان ڏس ۾ چند تجويزون ميڊيا جي معرفت سنڌ حڪومت کي ضرور ڏيڻ چاهيندس. مثال طور:

1979ع ۽ 2001ع جا مڪاني حڪومتن جا نظام پنهنجي بيهڪ ۽ سرشتي ۾ مثبت، جمهوري ۽ عوام دوست نہ آهن، ان ڪري سنڌ ۾ مڪاني حڪومتن جو نئون سرشتو آڻڻ لاءِ انهن مان ڪنهن بہ هڪ کي ماڊل طور سامهون رکڻ نہ گهرجي.

سنڌ ۾ مڪاني حڪومتن جو نظام ڪنهن بہ مخصوص سياسي جماعت ۽ گروهہ بدران مڪمل غيرجانبداريءَ سان ۽ بنا ڪنهن فرق جي سنڌ جي عوام لاءِ آندو وڃي.

مڪاني حڪومت جو نظام مڪمل طور صوبائي اختيار هيٺ قائم ڪيو وڃي ۽ ضلعي توڙي ميٽروپوليٽن حڪومتن جي آڊٽ جا اختيار صوبن وٽ هئڻ گهرجن. يعني جيڪا سنڌ اسيمبليءَ مڪاني حڪومتن جو قانون پاس ڪرڻ جي مجاز آهي، ان کي ئي مڪاني حڪومتن جا حتمي اختيار هئڻ گهرجن.

مڪاني حڪومتن جي اختيارن جو دائرو رڳو شهري سهولتن جي فراهميءَ تائين محدود ڪيو وڃي ۽ صوبي جو ڪوبہ آئيني ۽ قانوني اختيار

مڪاني يا ميٽروپوليٽن حڪومتن جي حوالي نہ ڪيو ويجي، ڇاڪاڻ تہ مڪاني حڪومتون آئيني حيثيت جون حامل نہ هونديون آهن، انهن جو رڳو انتظامي ڪردار هوندو آهي ۽ اهو بہ شهري سهولتن جي فراهميءَ تائين.

سنڌ جي مخصوص حالتن ۽ شهرن ۾ ڌارين جي گهڻائي هئڻ جي ڪري روينيو ۽ پوليس جا اختيار مڪاني حڪومتن بجاءِ صوبائي حڪومت وٽ رهڻ گهرجن.

ڪراچي جيئن تہ سنڌ جي گاديءَ جو هنڌ آهي، جتي ساموندي بندرگاهہ، ڪارپوريٽ سيڪٽر ۽ صنعتون ملڪگير حيثيت جون حامل آهن، ان ڪري ان جي مالياتي وسيلن ۽ روينيو تي رڳو ڪراچيءَ جي ميٽروپوليٽن حڪومت جو اختيار نہ هئڻ گهرجي. ڪراچيءَ جي ميٽروپوليٽن يا ضلعي حڪومتن جو مالياتي اختيار رڳو ضلعي يا شهري سطح جي وسيلن تائين محدود هئڻ گهرجي.

ميٽروپوليٽن جي ميئر يا ضلعي ناظمن جي چونڊ ڏيلي ناظمن معرفت نہ پر سڌيءَ ريت ڪئي وڃي دنيا جي اڪثر ميٽروپوليٽن شهري حڪومتن جهڙوڪ لنڊن، برسلز، نيويارڪ، برلن وغيره ۾ اهو سرشتو لاڳو آهي.

مڪاني حڪومتن جي نظام سان گڏ صوبائي مالياتي ايوارڊ پڻ آندو وڃي، جنهن تحت معاشي طور پٺتي پيل ضلعن کي خاص گرانٽن ذريعي ترقيءَ جي ساڳي سطح تي آڻڻ لاءِ ڪوشش ڪئي وڃي. ڇاڪاڻ تہ صوبي ۾ معاشي وسيلن جي ناهموار ۽ بي انصافيءَ تي ٻڌل ورهاست هڪ طرف ڪراچيءَ کي دنيا جي چند ترقي يافتہ شهرن مان هڪ ۾ تبديل ڪري ڇڏيو آهي تہ ٻئي طرف سنڌ جي اڪثريتي ضلعن جي حالت ۽ ترقياتي ڍانچو نهايت خراب حالت ۾ آهي، جنهن بدترين تفريق ۽ اڻبرابريءَ کي جنم ڏنو آهي.

ڪراچيءَ جي ميٽروپوليٽن شهري حڪومت پنجن خودمختيار ضلعن تي مشتمل هئڻ گهرجي ۽ ميٽروپوليٽن جو ڪم رڳو منجهن رابطي ڪاريءَ جو هجي.

آئين جي آرٽيڪل 32 تحت مڪاني حڪومت ۾ خواتين، هارين ۽ مزدورن جي نمائندگي گهٽ ۾ گهٽ 33 سيڪڙو رکي وڃي.

سنڌ ۾ قدرتي آفتن يا حڪومتي نااهليءَ ۽ ناقص رٿابنديءَ جي ڪري ايندڙ ٻوڏن جي ڪري ضلعي سطح تي انهن صورتن کي منهن ڏيڻ لاءِ خاص شعبا قائم ڪيا وڃن، جن وٽ نہ رڳو وسيلا هجن پر انهن جي انتظامي صلاحيت پڻ وڌائي وڃي.

آئين جي آرٽيڪل 19-A تحت رياست جي وهنوار سان لاڳاپيل معلومات تائين شهرين جي رسائيءَ بابت ضلعي ۽ تعلقي توڙي يونين ڪائونسل سطح تي خاص ادارو قائم ڪيو وڃي تہ جيئن ان تي عمل آسان ٿي سگهي.

ضلعي ترقياتي بورڊ قائم ڪيا وڃن، جنهن ۾ چونڊيل نمائندن سان گڏ شهرين ۽ سول سوسائٽيءَ جي نمائندن کي پڻ شامل ڪيو وڃي ۽ سمورن ضلعي ترقياتي بورڊن کي صوبائي ترقياتي بورڊ جي ماتحت هلايو وڃي.

*(روزاني ڪاوش حيدرآباد، 6 آگسٽ 2013ع)*

# سنڌ ۾ مڪاني چونڊن جو
# سوال ۽ سنڌ جا مفاد

مڪاني حُڪومتُن جو نظامُ پاڪستانَ ۾ هونئن تہ مُنڍ کان ئي بيحد تڪراري رهيو آهي، ڇاڪاڻ تہ هڪ طرف ملڪي تاريخَ جي ٽِن آمرن، يعني ايوب خان، ضياءُ الحق ۽ پرويز مشرف، هن سِرشتي کي عوامُ جي ڀلائيءَ ۽ جمهوري مقصدَ بدران ڄڻ تہ عملي طور پارلياماني نظامُ جي نفي ڪندي ان جي متبادل طورَ هڪ هٿيارُ ڪري استعمال ڪيو. ايوب خانَ جو ”بنيادي جمهوريتَ“ (1959ع) وارو نظامُ هجي، يا ضياءُ الحقَ جو 1979ع وارو ڪامورڪو ميونسِپل نظامُ هجي، يا پرويز مشرفَ جو 2001ع وارو اختيارُن جي نامُ نهاد ”عدم مرڪزيتَ“ وارو ناظمي نظامُ هجي، اُهي سڀَئي تجربا دراصل پارلياماني جمهوري نظامُ تي هڪ راتاهي، ۽ عملي طور سياسي پارٽين کي ديوار سان لڳائڻ جي حڪمتِ عملي هئا. ٻئي طرف بد قسمتي اها بہ آهي تہ پاڪستانَ جي پارلياماني سياستَ ڪندڙ سياسي پارٽيُن بہ هميشہ مڪاني حُڪومتُن جي نظامُ کي سياستَ ۽ جمهوريتَ جي نفيءَ سان ئي منسوبُ ڪيو ۽ نتيجي ۾، ملڪي تاريخَ جي ڪا بہ سياسي حُڪومتَ جمهوريتَ جي لازمي جُزَ، يعني، ميونسپل يا مڪاني حُڪومتُن کي آئڻ جو اعزازُ نہ کٽي سگهي. 2010ع ۾ ٿيل 18هين آئيني ترميمَ جي آرٽيڪل 140- اي تحتِ هڪَ طرف مڪاني حُڪومتُن جي معاملي کي ڪنڪرنٽ لِسٽَ جي خاتمي سبب صوبن ڏانهن منتقل ڪيو ويو تہ ٻئي طرف اُنَ جي چُونڊُن کي آئينَ تحت لازمي قرار ڏنو ويو. بدقسمتيءَ سان گذريل صوبائي حُڪومتُون 2011ع کان وٺي پنهنجي دورَ جي پڇاڙيءَ تائين چُونڊون ڪرائڻ تہ پري جي ڳالهہ، پر اِنَ ڏِسَ ۾ صوبائي اسيمبليُن مان مڪاني حُڪومتُن جا ائڪٽَ بہ پاس ڪرائي نہ سگهيون. سڀ کان وڏو توهين آمِيز مثال ۽ نا اهليءَ جو مثالي نمونو تہ پي پي پيءَ جي صوبائي حُڪومتَ هئي، جنهن ٻن سالن ۾ ستَ ڀيرا آرڊيننس ۽ ائڪٽَ جاري ۽ پاس ڪرايا ۽ ردِ ڪرايا، ۽ پنهنجي مٿان ۾ٽي مڪاني نظامُ جو اهڙو داغ هنيو، جيڪو هاڻي ڪڏهِن بہ ڌوپجي نہ سگهندو.

جيتوڻيڪ چيف جسٽس افتخار محمد چوڌريءَ جي سربراهيءَ ۾ سپريم ڪورٽ اليڪشن ڪميشن ۽ صوبن جي ڳُهربل تياريءَ کي ڏسڻ کان سواءِ ئي ميڪانڪيت سان حڪمَ جاري ڪيا ته 18هين آئيني ترميمَ جي ضابطي تحتِ نه رڳو صوبائي اسيمبليُون پنهنجا پنهنجا ائڪٽ پاس ڪن، پر سُتت ئي چُونڊون ڪرائي مڪاني حُڪومتُن جي نظام کي عملَ ۾ آڻين. سپريم ڪورٽ جي اِنَ هدايتَ تحتِ ملڪَ جون چارئي صوبائي اسيمبليُون نه ته پنهنجا قانونَ جوڙي سگهيون، ۽ نه وري چُونڊُون ئي ڪرائي سگهيون، نتيجي ۾ اُهو معاملو اڃ سُوڌو سپريم ڪورٽ، اليڪشن ڪميشن، ۽ صوبائي حُڪومتُن جي وچَ ۾ تڪرارَ جو سببُ بڻيل آهي. گهٽ ۾ گهٽِ، اُن جو هڪُ فائدو ضرور ٿيو ته صوبائي حُڪومتُن مڪاني حُڪومتَ جي نظامَ کان ڪن لاڻارَ ڪرڻ بدران ان سلسلي ۾ بنيادي اَڳڀرائيُون ڪيون، ۽ سنڌُ ۽ پنجابَ جي صوبائي اسيمبليُن ته پنهنجا پنهنجا ائڪٽَ به جوڙي ورتا آهن. سڄيءَ دنيا ۾ ميونسپل ۽ مڪاني حُڪومتُن جي نظام کي جمهوريتَ ۽ وفاقي پارلياماني نظامَ جو لازمي جُزُ سمجهيو ويندو آهي، جَنهن جي جيتوڻيڪ آئيني حُڪومتُن جي برابر حيثيتَ ته نه هوندي آهي، ۽ نه ئي اُنهن کي قانون سازيءَ جو اختيارُ هوندو آهي، پرَ انهن جو بنيادي ڪمُ شهرين کي بنيادي سهولتُون فراهم ڪرڻ هوندو آهي. ڪيترن ئي وفاقي ۽ پارلياماني جمهوري نظامن ۾ ته مڪاني حُڪومتُن کي مڪمل مالياتي خودمختياري حاصل هوندي آهي، جهڙوڪَ سُئٽزرلئنڊ، بيلجِئم، جرمني، اِسپين، ڪئنيڊا، آمريڪا، نائيجَيريا ۽ اِيٿيوپيا وغيره ان جا خاص مثالَ آهن.

پاڪستانَ جي تاريخَ ۾ جڏهِن ڀيريون پيرو چُونڊيل سياسي حُڪومتُون مڪاني حُڪومتُن جي نظام آڻڻ لاءِ اَڳڀرائي ڪري رهيون آهن، ته الميو اهو آهي ته اُن جون بنيادي گُهرجُون ئي پوريون نه ڪيون ويون آهن. مثال طور، سڄيءَ دنيا ۾ چونڊُون چاهي مڪاني هجن يا صوبائي ۽ وفاقي، اُنهن لاءِ لازمي هوندو آهي ته ڀن لڳاتار چُونڊن کان پوءِ آدمشماري لازمي طور ڪرائي وڃي، خاص طور تي پاڪستان جهڙي ملڪ ۾، ۽ اُنَ ۾ به خصوصي طور تي سنڌُ ۾، جتي ٻاهرين غير قانوني آبادڪاري ۽ اندروني لڏپلاڻَ رياستَ جي ضابطي کان ٻاهر هجي (يا رياستَ جو اُنَ تي ضابطو رکڻ جو ارادو ئي نه هجي) ته آدمشُماريءَ جو سياسي ۽ مُعاشي پاسو ويتر حَساس ٿي وڃي ٿو. پاڪستانَ ۾ ته 1998ع کان پوءِ ڪا به آدمشُماري پنهنجا ٻئي مرحلا طئه ڪري ڪاميابيءَ سان مڪمِل نه ٿي سگهي آهي، ته اهڙيءَ صورتَ ۾ مڪاني حُڪومتُن جي ٿيندڙ چُونڊُن جو

سرزمينَ جي پيچيده حقيقتُن سان ڪهڙو واسطو هوندو؟ آدمشُماريءَ جو ٽيڻُ تہ پنهنجي جاءِ تي، پر سنڌ ۾ تہ هڪ پيرو وري خالص سياسي بنيادن تي نوان ضلعا ناهڻ ۽ تَڪَ-بنديُون ڪرڻ ۾ اقرباپروريءَ جا بدترين مثالَ قائم ڪيا ويا، جڏهن تہ نون ضلعن ناهڻ يا نئين سِر تَڪَ-بنديون ڪرڻَ جو معيارُ هرگز سياسي نہ، پر خالص اِنتظامي هئڻ گُهرجي. سياسي بنيادنِ تي نوان ضلعا ناهڻ ۽ تَڪَ-بنديون ڪرڻ جي بِدعتَ جيڪا پرويز مشرف وِڌي، اُها چئني صوبن ۾ خاص طور تي سنڌ ۾ اڄ بہ ساڳيءَ طرح عمل هيٺ آهي.

جيتوڻيڪ پنجابَ جي پيٺ ۾ سنڌ اِسيمبليءَ مڪاني حُڪومتُن جون چونڊون پارٽيءَ بنيادن تي ڪرائڻ جو سُٺو فيصلو ڪيو آهي، پرَ پيپلز پارٽيءَ سميت سمورين پارلياماني پارٽين مئي 2013ع جي عام چُونڊُن ۾ جهڙيءَ طرح خانداني سياستَ کي هَٿِي ڏِني، ۽ سيٽُن جي وِرهاستَ بہ گهٽي پاڳي تنظيمي ۽ سياسي بنيادن بدران خانداني بنيادن تي ڪئي، اُنَ سان نہ رڳو سماجُ ويتر ذات -پرستيءَ ۽ خانداني گِروهہ بنديءَ ۾ وِرهائجي ويو آهي، پرَ جمهوريتَ جي روحَ جي بہ بدترين نفِي ٿي آهي. سُوالُ اِهو آهي تہ جي هنَ پيري بہ مڪاني چونڊُن ۾ ٽڪيٽُن جي وِرهاستَ خانداني ۽ برادريُن جي بنيادَ تي ڪئي وئي تہ سنڌ ۾ اُها بدترين سماجي ڀڃَ ڊاهہَ ۽ نِراجيَتَ (اَنارڪي) پئدا ٿيندي، جنهن جا خطرناڪ نتيجا اسان کي سياسي ميدانَ ۽ عوامي سطحَ تي ڏهاڪَن تائين محسُوس ٿيندا، ڇاڪاڻ تہ سياستَ جو بنيادُ فردن، خاندانن ۽ برادرين بدران نظريي، پاليسيُن، منشُورَ ۽ وسيع تر عوامي مفادن تي هئڻ گُهرجي. سياستَ بظاهر ڪٿي ڪهڙا بہ نعرا هڻي، ۽ نظرياتي لباسَ پائي، جيڪڏهن اُها پنهنجي بنيادي جوهرَ ۾ واضِح فِڪرَ ۽ عوامي مفادن بدران خانداني ۽ گِروهي بنيادن تي هُوندي تہ اُها سماجَ جي اڏاوتَ ڪرڻ بدران اندران ئي اندران اُنَ کي جهورَي، اُڏوهيءَ جيان کائي پَورَو ڪري ڇڏيندي آهي.

ايندڙ مڪاني چُونڊُن جي حوالي سان هڪُ ٻيو بيحد سنجيده سُوالُ چُونڊُن جي شفافيَتَ جو آهي. جيئن مئي 2013ع ۾ چُونڊُن جو عمل مڪمِل آزاد تہ هو پرَ شفافُ نہ هو (جنهن کي جتي "وارو" لڳو، اُنَ اُتي نتيجا پنهنجي حقَ ۾ ڦيرائڻ لاءِ "گهٽِ" نہ ڪئي). جيئن تہ هي چونڊون خالص مقامي سطحَ جون آهن، ۽ ان ۾ حصو وٺندڙ بہ ڪي وڏا زميندارَ ۽ جاگيردارَ نہ پرَ ٿُلهي ليکي، وِچولي، هيٺئين وِچين طبقي سان واسطو رکندڙ هوندا. اِنَ ڪري جي هِن ڀيري بہ چونڊون شفاف نہ پر رُڳو "آزاد" ٿيون تہ اُن سان پڻ وڏي پئماني تي خانداني ۽ گِروهي تڪرارَ پئدا ٿيندا، جنهن جو منطقي نتيجو ڀيانڪِ سماجي نِراجيتَ ۽

پيچ ڏاهَه هوندو. سنڌ ۾ تہ اِهو سُوالُ اِنَ ڪري بہ حَساس آهي، جو سنڌ ۾ تہ هونئن ئي رياستي حڪمتِ عمَليُن ۽ ڪمزور سياسي سِرشتي سبب ذات پرستي، سماجي گِروهہ بندي ۽ خانداني سياستَ جو اُڀارُ پنهنجي منفيتَ جي انتها کي پُجي چڪو آهي.

سنڌ ۾ ٿيندڙ مڪاني چُونڊُن جو هڪ بيو افسوسناڪ پاسو اِهو بہ آهي تہ سڄيءَ سنڌ ۾ چُونڊُن ۾ بيهندا تہ ڪٽي غريبَ ۽ هيٺئين وِچولي طبقي جا، پرَ اُهي هوندا گهڻي ڀاڱي پوتارن جا ماڻهو چاڪاڻ تہ سنڌ جي ”قومي سياستَ“ جي دعويدار ”سياسي پارٽيُن“ (؟) جي تنظيمي ۽ سياسي صلاحِيتُن جا اڇا ڪارا تہ مئي 2013ع جي چُونڊُن ۾ چِٽيءَ طَرحَ پڌرا ٿي پيا. جو ڏهاڪن کان ”قومي“ ۽ ”عوامي“ سياستَ جي دعويدار سياسي پارٽيُن وٽ رُڳو هڪ ٽَڪَ لاءِ بہ گُهربل ايجنڊَ موجود نہ هئا. جي اُهي محدود سياسي گِروهن نما پارٽيون پنهنجي تنظيمي ۽ سياسي حالت تي حقيقت پسنديءَ سان نظر وِجهي ڪا سنجيده رِٿابندي ڪن ها تہ ايندڙ مڪاني چُونڊون سندن لاءِ هڪُ زبردست سياسي موقعو ثابتُ ٿين ها. پاڙيسري ملڪَ ڀارتَ ۾ جيڪي انيڪ مضبوط صوبائي/رياستي سياسي پارٽيون آهن، جن جون ڀارت جي ويهَہ کان وڌيڪ صوبن ۾ حُڪومتون پڻ آهن، اُنهن پنهنجي شُروعات مڪاني پَنچاءِتي نظامَ جي چُونڊُن ۾ حصي وٺڻ سان ڪئي هئي، پرَ سنڌ ۾ اڃا اهڙي معروضيتَ جو اِدراڪُ قومي سياست جي دعويدار سياسي پارٽين ۾ پري پري تائين نظر نٿو اچي. اِنَ سموري صورتِحال ۾ بنيادي سُوالُ اِهو آهي تہ ايندڙ مڪاني چُونڊون سنڌي سماجَ جي جمهوري اوسر جو بنيادُ ثابت ٿينديون يا وڌيڪ سماجي نِراجيَتَ ۽ پيچ ڏاهَہ جو سببُ بڻبيون؟

*(روزاني ڪاوش حيدرآباد، 22 نومبر 2013ع)*

# چونڊون_ 2008ع ۽ سنڌ جا مفاد

پاڪستان ۾ جيئن هر فضيلت واري ڳالهه جي روح کي مسخ ڪيو ويو آهي، تيئن جمهوريت ۽ چونڊن کي به عوام سان هڪ سنگين مذاق ۾ تبديل ڪيو ويو آهي. پاڪستان ۾ "چونڊون" چونڊ (Choice) جهڙي حَسين ۽ آزادي پسند تصور جي توهين آهن، جنهن ۾ نه رڳو ماڻهن جي ووٽ ۽ راءِ جو فيصلي سازيءَ ۾ ڪوبه عمل دخل نه آهي پر وٽن حقيقت ۾ ڪابه چوائس ڪانه آهي. جنهن ملڪ ۾ خود رياست وٽ سياسي فيصلي سازيءَ لاءِ خود مختياري نه هجي، قانون جي حڪمرانيءَ جو تصور به نه هجي، عدالتون يرغمال هجن، فوج سياست ڪندي هجي ۽ سياستدان "ڏنڊو" ڪندا هجن، پريس جي آزادي محدود هجي، دهشت ۽ عدم تحفظ ۽ خوف جو راڪاس لامارا ڏيندو هجي، اڪثر سياسي پارٽيون استيبلشمينٽ جون ڳيجهو بڻيل هجن ۽ چونڊن ۾ ڪٽنڊ جو بنياد دهشتگردي ۽ پئسو هجي، اتي چونڊون جا ٿينديون هونديون ۽ اهڙين چونڊن (؟) ذريعي ڪهڙي جمهوريت ايندي هوندي، ان جو تصور ڪري سگهجي ٿو. پاڪستان ۾ جيئن اُگهاڙي آمريت عوام سان ظلم آهي تيئن ناٽڪي جمهوريت پڻ عوام سان هڪ سنگين مذاق آهي. پاڪستان ۾ چونڊن جو مطلب آهي ته عوام گهٽي ۾ گهٽ بچڙائيءَ مان هڪ جي چونڊ ڪري. چند ميمبرن ۽ سياستدانن کي ڇڏي ڪري باقي اڪثريت جو حال اهو آهي.

ماضيءَ جيان هڪ دفعو وري 2008ع جي چونڊن جو رونشو عوام جي سامهون آهي. جن ماڻهن ۽ خاندانن سياستدانن جو روپ ڌاري سالن ۽ ڏهاڪن کان عوام جو سياسي، سماجي ۽ معاشي رَتُ پئي پيتو آهي، اُهي هڪ ڀيرو وري عوام جا "خادم" بڻجي عوام وٽ ايندا ۽ عوام سان ويساهه گهاتين جو هڪ نئون دؤر شروع ٿيندو. اچو ته 2008ع جي چونڊن جي حوالي سان ڪجهه بنيادي سوالن جو جائزو وٺون.

(1) ڇا چونڊون شفاف ٿينديون؟

اجڪلهه ميڊيا، عالمي برادري توڙي سياسي پارٽين ۽ سول سوسائٽيءَ وٽ چونڊ جي شفافيت جو سوال هر هنڌ بحث هيٺ آهي. رڳو عوام وٽ ان سوال

جي اهميت نہ رهي آهي جو ڪين خبر آهي تہ جن چونڊن ۾ سندن بنيادي ڪردار نہ آهي، اُهي ڪيترو شفاف هونديون يا ٿي سگهن ٿيون. هيٺين سوالن تي غور ڪرڻ سان معلوم ٿي سگهي ٿو تہ 2008ع جون چونڊون ڪيترو شفاف ۽ انصاف تي ٻڌل هونديون:

- مشرف جي گذريل آٺن سالن دوران جيڪي بہ چونڊون ٿيون آهن، ڇا اُهي شفاف هيون جو ڪانئس هينئر اها اُميد ڪجي تہ موجوده چونڊون شفاف هونديون؟
- آزاد عدليہ ۽ اليڪشن ڪميشن جي عدم موجودگيءَ ۾ ڪنهن بہ ريت شفاف چونڊن جو تصور ڪري سگهجي ٿو؟
- صوبن ۽ ضلعن ۾ جنهن قسم جون حڪومتون ويهاريون ويون آهن، ڇا انهن جي هوندي اميد تہ ڇا پر اهو تصور بہ ڪري سگهجي ٿو تہ 2008ع جون چونڊون شفاف ٿي سگهن ٿيون؟
- بوگس ووٽر لسٽن ۽ بدنيتيءَ جي بنياد تي ٿيل تڪ بنديءَ ذريعي ڇا شفاف چونڊن جو ٿيڻ ممڪن آهي؟
- قانون جي حڪمرانيءَ جي اڻ هوند ۽ دهشتگرد ماحول ۾ ڇا شفاف چونڊون ٿي سگهن ٿيون؟

انهن مٿين سوالن سان گڏ اهو سوال بہ اهم آهي تہ ڇا چونڊن ۾ ڏانڌليون ۽ فراڊ رڳو اليڪشن جي ڏينهن ٿيندا آهن؟ ڇا چونڊن ۾ فراڊ جو انتظام مڪمل طور ڳجهي ۽ ظاهري طور اڳواٽ ٿيل نہ هوندو آهي؟ دراصل بوگس چونڊن ۾ فراڊ لاءِ مڪمل طور اهڙو ماحول ۽ حالتون پيدا ڪيون وينديون آهن، جو انهن حالتن ۾ شفاف چونڊون ممڪن ئي نہ هونديون آهن. پاڪستان ۾ رياستي ادارن، ايجنسين، اسٽيبلشمينٽ ۽ سندن پاليل سياستدانن چونڊن ۾ فراڊ جي سموري سياسي ۽ سماجي ٽيڪنالاجيءَ کي نہ رڳو سمجهيو آهي پر ان کي ٺاهيو بہ آهي.

(2) ڇا چونڊن کان پوءِ ملڪ ۾ عوامي جمهوريت ايندي؟

عام طور تي اهو چيو پيو وڃي تہ هي چونڊون آمريت کان جمهوريت ڏانهن هڪ Transition هونديون. يعني سڀ کان اول تہ اهو سڀ تسليم ٿا ڪن تہ مشرف جو اٺن سالن جو دؤر جمهوريت نہ هو پر ملڪ تي هڪ فرد، اداري ۽ ٽولي جي مطلق العنان حڪمرانيءَ جو دؤر هو. سوال آهي تہ اختيارن جي مرڪزيت ۽ طاقت جي توازن ۾ ڪهڙو بنيادي ڦيرو آيو آهي، جنهن مان اهو لڳي ٿو تہ

ملڪ ۾ هاڻي عوامي جمهوريت ايندي. سوال آهي ته ڇا:

- ملڪ جي اڻ ڏٺي ڪاري جي مالڪ اسٽيبلشمينٽ حقيقي اقتدار ۽ اختيار مان هٿ ڪڍيو آهي جو اهو نظر پيو اچي ته ملڪ ۾ چونڊن ڪانپوءِ عوامي جمهوريت ايندي؟
- ملڪ ۾ اختيارن جي بدترين مرڪزيت ۽ طاقت جي توازن ۾ ڪهڙو ڦيرو آيو آهي، جنهن مان لڳي ته چونڊن ڪانپوءِ ملڪ ۾ عوامي جمهوريت ايندي؟
- جمهوريت جو مطلب رڳو بوگس چونڊن ۾ ووٽ وجهڻ نه آهي، پر جمهوريت جو مطلب آهي آزادي، برابري، چوائس، قانون جي حڪمراني ۽ عوام جو اختيار- پاڪستان ۾ اهي تصور هاڻي ڏند ڪٿائون سمجهيا وڃن ٿا ۽ انهن فيڪٽرس جي عدم موجودگيءَ ۾ بوگس چونڊن ذريعي جيڪا جمهوريت ايندي اُها عوام اڳ ئي ڏسي ويٺو. ٽين دنيا جي Client States ۾ ناٽڪي جمهوريت جو اهو ئي ماڊل عالمي سامراجي قوتن ۽ سندن مقامي ڇاڙتن حڪمرانن کي سوٽ ڪري ٿو ۽ دلچسپ ڳالهه ته Status-Quo جون سياسي پارٽيون به ان ئي واڙي جون مقيم آهن. پاڪستان جي موجوده رياستي ۽ آئيني ڍانچي ۾ عوامي جمهوريت اچي سگهي ئي نه ٿي.

(3) چونڊون ۽ سنڌ لاءِ خطرا:

جيتوڻيڪ اها هڪ طئي ٿيل حقيقت آهي ته هن ملڪ ۾ بوگس چونڊن ذريعي ناٽڪي جمهوريت ئي اچي سگهي ٿي پر ملڪ جي مخصوص حالتن ۾ 2008ع جي چونڊن کي سنڌ ۽ سنڌي عوام جي قومي مفادن جي حوالي سان به ڏسڻ گهرجي. ڇاڪاڻ ته هنن بوگس چونڊن ۾ باشعور ۽ باضمير ماڻهن کي پل ته دلچسپي نه هجي پر ان جي نتيجن جا اثر ظاهر آهي ته اسان تي پوندا ۽ شايد ملڪ ۾ سڀ کان وڌيڪ منفي اثر سنڌي عوام تي پئجي سگهن ٿا. ملڪ ۾ جيئن ته مستقبل ۾ هيٺيان سوال نهايت اهم ۽ حساس هوندا، ان ڪري سياڻي سنڌ توڙي مرڪز ۾ ڪهڙيون حڪومتون هونديون، اهو اسان لاءِ هڪ اهم سوال آهي. چونڊن ۽ مستقبل جي حڪومتن کي هيٺين سوالن جي روشنيءَ ۾ به ڏسڻ گهرجي:

- هوڻئن ته ايم ڪيو ايم پنهنجي قيام کان وٺي هيستائين سنڌ ۽ سنڌي عوام جي قومي مفادن کي ڪاپاري ڌڪ پئي هنيا آهن پر خاص طور تي مشرف جي گذريل اٺن سالن دوران جيئن هن دهشتگرد ۽ سنڌ دشمن

ٽولي سنڌ کي سياسي ۽ معاشي طور لُٽيو ۽ پيليو آهي، ان جو ڪو مثال نٿو ملي. ايندڙ چونڊن جي ان حوالي سان وڏي اهميت آهي ته جيڪڏهن هن ڀيري وري ايم ڪيو ايم، فنڪشنل ليگ يا مسلم ليگ (ق) سان گڏجي سنڌ ۾ حڪومت ٺاهي ته پوءِ سنڌ جو رهيل نور به چَٽُ ٿي ويندو.

- مشرف ٽولو پنجاب جي چوڌرين سان گڏجي سنڌ ۽ سنڌي عوام جي معاشي نسل ڪشي ڪندڙ ڊيمن ۽ ڪئنالن جي اڏاوت تي بضد آهي. ڪالاباغ ڊيم ۽ ٻين ڊيمن جي اڏاوت جا اعلان هاڻي ڪان ٿي رهيا آهن. ايندڙ چونڊن جي ان حوالي سان به اهميت آهي ته اهڙن اميدوارن ۽ پارٽين کي اڪثريتي طور هرگز نه کٽڻ گهرجي، جيڪي واضح طور سنڌو درياهه تي ڊيم ۽ ڪئنال اڏڻ جون حمايتي آهن.
- مشرف ٽولي پاڻ کي گذريل اٺن سالن کان سنڌين جو بدترين ويري ثابت ڪيو آهي.

هن جو سنڌ ۽ سنڌين خلاف تعصب هاڻي ڪنهن کان به لڪل يا ڳجهو نه آهي. ان ڪري جيڪي سياستدان ۽ سياسي پارٽيون سندس ڳيجهو ۽ ساٿس گڏ بيٺل آهن، انهن جو چونڊن ۾ اڪثريت ۾ کٽڻ مشرف جا هٿ مضبوط ڪرڻ جي مترادف ٿيندو. مشرف هينئر هر لحاظ کان اڳ جي ڀيٽ ۾ ڪمزور حالت ۾ آهي پر اهو هنن بوگس چونڊن ذريعي وري سگهه حاصل ڪري سگهي ٿو. ان ڪري مشرف جي حمايتي فردن، گروهن ۽ پارٽين جو اڪثريت ۾ کٽڻ سنڌ ۽ سنڌي عوام جي حق ۾ نه آهي.

## ڇا ٿيڻ گهرجي؟

پيچيده معاملن کي سادگيءَ ۽ سادن حلن ذريعي مُنهن ڏيئي نه ٿو سگهجي. 2008ع جون چونڊون به هڪ اهڙو ئي پيچيده مرحلو آهن، جنهن ۾ جيڪڏهن حصو وٺڻ اُصولي طور درست نه آهي ته ان کان ماڻهو لاتعلق به رهي نه ٿو سگهي. ڇاڪاڻ ته ان جا نتيجا بهرحال اسان کان لاتعلق نه هوندا ۽ اُهي اسان تي وڏو اثر ڇڏيندا. ان ڪري اهم سوال اهو به آهي ته پوءِ عوام ۽ باشعور ماڻهن کي چونڊن جي حوالي سان ڇا ڪرڻ گهرجي، ان حوالي سان هيٺين نقطن تي غور ڪري سگهجي ٿو:

- جتي چونڊن ۾ حصو نه وٺڻ سان مٿي ڄاڻايل خدشن ۽ خطرن جي حوالي سان ڪوبه فرق نه پوندو اُتي چونڊن ۾ حصو نه وٺڻ گهرجي. ڇاڪاڻ ته اهو به هن سڄي ناٽڪ کان ۽ اسٽيٽسڪو کان بيزاريءَ جو هڪ رويو ۽

احتجاج آهي.

- برادريءَ جي بنياد تي سياست ڪندڙ سردارن، وڏيرن ۽ ويڪائو سياستدانن کي ڪنهن به صورت ۾ ووٽ نه ڏيڻ گهرجي. برادريءَ ۽ قبائليت جي بنياد تي سياست سماج کي سورهن سال پوئتي ڌڪي ڇڏيو آهي. ان سياست عوام کي ذات ۽ برادريءَ جي بنياد تي ورهائي پاڻ ۾ ويڙهايو آهي ۽ سياست لاءِ امڪانن کي تنگ ڪيو آهي. جيستائين ان جون پاڙون نه پٽبيون تيستائين سنڌ ۾ وطن دوست قومي ۽ عوام دوست جمهوري سياست جي سگهاري ٿيڻ جا امڪان گهٽ ۽ محدود رهندا.
- سنڌي وڏيرو مجموعي طور ابن الوقت، وطن ۽ عوام جو غدار ۽ دشمن جو دلال رهيو آهي. ان جي خمير ۾ پنهنجي وطن، قوم ۽ عوام سان ويڙ ۽ غداري سمايل رهي آهي. ان طبقي جون گذريل ڇهن ڏهاڪن کان پارٽيون، گروهه ۽ ٽولا مختلف رهيا آهن، پر ان جو ڪردار ساڳيو رهيو آهي، يعني ابن الوقتي، غداري ۽ وطن ۽ عوام دشمني پر ضياءُ الحق جي دؤر کان پوءِ اِهو طبقو پنهنجي بدترين روپ ۾ سامهون آيو آهي ۽ رياست ان کي هٿ وٺي پاليو، تاتيو ۽ سگهارو ڪيو آهي. سنڌ ۾ هن وقت اهو طبقو مسلم ليگ (ف) ۽ مسلم ليگ (ق) جي روپ ۾ سامهون آيو آهي. مشرف جا اٺ سال ان ئي طبقي کي استعمال ڪري مشرف ٽولي ايم ڪيو ايم کي سنڌ جي اڇي ڪاري جو مالڪ بڻايو ۽ سنڌ کي دهشتگردن، سردارن، جاگيردارن، وڏيرن ۽ قبائلين جي آڙاهه ۾ اُڇلايو. هن دفعي جيڪڏهن هڪ ڀيرو وري اهو ٽولو چونڊن ۾ "کٽي" سامهون آيو ته سنڌ کي مستقبل ۾ بدترين ڏينهن ڏسڻا پوندا.

هنن چونڊن ۾ ايم ڪيو ايم پنهنجا نمائندا سڄيءَ سنڌ مان بيهاريا آهن ۽ هاڻي ته سنڌن مسلم ليگ (ق) ۽ ٻين سرداري گروهن سان رسمي طور چونڊ اتحاد به ٿيو آهي. ايم ڪيو ايم کي به خبر آهي ته اها ڪراچي، حيدرآباد ۽ ميرپور خاص جي مخصوص سيٽن کان سواءِ سنڌ ۾ ٻيو ڪٿان به سيٽون نه کٽيندي پر اها دراصل هڪ طرف سنڌين جو اڪثريتي ووٽ خراب ڪرڻ چاهي ٿي ته ٻئي طرف پنهنجي ٽوڪن نمائندگيءَ کي بليڪ ميلنگ ۽ ڊيل لاءِ هٿيار طور استعمال ڪرڻ چاهي ٿي. سنڌ ۾ ڪوبه ساک وارو سنڌي ايم ڪيو ايم پاران نه بيٺو آهي ۽ نه بيهي سگهي ٿو. سنڌين منجهان فقط ڏوهاري، موقعي پرست ۽ وڪاٽل ماڻهو ئي سنڌن ساٿ ۾ ويا آهن. هن ڀيري سمورن باشعور سنڌين جو فرض آهي ته اُهي دهشتگردن جي ان سازش کي ناڪام بڻائين.

# ڪراچيءَ ايندڙ چوندون ۽ عدالتي فيصلي جو انجام

ورهاڱي ڪراچيءَ کي هندستان مان ٽيل لڏپلاڻ جي صورت ۾ جيڪو گهرو گهاءُ ڏنو، تاريخ ان جا زخم اڄ تائين چٽي رهي آهي. هڪ حسين شهر، جنهن کي ورهاڱي کان اڳ ايشيا جو پيرس سڏيو ويندو هو، پنجهٺ سال گذرڻ کانپوءِ ترقي تہ ڪري چڪو آهي پر اڄ ايشيا جي انهن شهرن ۾ شمار ٿئي ٿو، جتي ڪنهن جي بہ زندگي، ملڪيت ۽ ڪاروبار محفوظ ناهي. ڪو ڏينهن خالي نہ آهي جڏهن دهشتگرد شڪاري بيگناهہ ۽ معصوم انسانن جو شڪار نہ ڪندا هجن. بنا ڪنهن رٿابنديءَ جي ڪراچيءَ جي وڏيل آبادي، زمين ۽ وسيلن تي ناجائز قبضا، ڪراچيءَ ۾ ڌرتي جي وارث سنڌي ماڻهن کي ٿورائيءَ ۾ تبديل ڪرڻ، ڪراچي يونيورسٽيءَ سميت وڏن تعليمي ادارن ۾ سنڌي شاگردن جي داخلائن تي بدنيت پاليسين جي صورت ۾ وڏل بندش سميت انيڪ مسئلا تمام سنگين آهن پر انهن سمورن مسئلن ۾، سڀ کان وڏيڪ سنگين مسئلو ڪراچيءَ کي دهشتگرديءَ جي زور تي هڪ ڌر طرفان سياسي طور يرغمال بڻائڻ آهي. دنيا جي وڏن شهرن ۽ تاريخ جي حادثن جي نتيجي ۾ ائين اڪثر ٿيندو آهي تہ وڏا شهر گهڻين ۽ مختلف آبادين تي مشتمل هوندا آهن پر ان جو حل قانون جي حڪمراني ۽ شهريت جي اصولن جو احترام هوندو آهي، جنهن ۾ رياست ان عمل کي يقيني بڻائيندي آهي تہ ڪو بہ هڪ گروهہ ناجائز طريقن سان شهر کي يرغمال بڻائي دهشت ۽ ڦرلٽ جو راڄ نہ قائم ڪري.

ڪراچيءَ جو معاملو گذريل ڇهن ڏهاڪن کان مسلسل ايترو تہ پيچيده ۽ سنگين ٿي چڪو آهي، جو ان سان ٽيل تاريخي هاڃن جو ڪو بہ سادو حل نہ ٿو نڪري سگهي. ڪراچيءَ کي هاڻي واپس 1947ع کان اڳ واري صورتحال ۾ نہ ٿو موٽائي سگهجي. دنيا ۾ هر مسئلي جو حل آهي ۽ ڪراچيءَ جيان غير فطري طور وڏيل شهرن کي بہ شهري رٿابنديءَ تحت فضيلت سان هلائي سگهجي ٿو پر ان لاءِ هڪ لازمي شرط اهو آهي تہ شهر ۾ قانون جي حڪمراني هجي ۽ ڪنهن بہ گروهہ کي اهو اختيار ۽ کليل حق نہ ڏجي تہ اهو دهشت، هٿيارن ۽

تشدد يا سياسي بليڪ ميلنگ ذريعي ان کي يرغمال بڻائي يا ان تي قبضو ڪري ۽ پنهنجي سياسي هڪ هٽيءَ کي هر قيمت تي قائم رکي.

ڪراچيءَ جي سنگين مسئلي جو سُٽ به ان ڪري ئي منجهيل آهي، جو هڪ لساني ڌر دهشتگرديءَ ۽ سياسي بليڪ ميلنگ ذريعي ڪراچيءَ ۾ ڪنهن جو به وجود برداشت ڪرڻ لاءِ تيار نه آهي. بظاهر ته سنڌن تضاد في الحال پشتو ڳالهائيندڙن ۽ ڪجهه ٻين ڌرين سان آهي، جن ساڳيا طريقا استعمال ڪري ڪراچيءَ ۾ سندن هڪ هٽيءَ کي چئلينج ڪرڻ شروع ڪيو آهي پر حقيقت ۾ سندن اصل تضاد سنڌي ماڻهن سان آهي، جو پس و پيش ڌرتيءَ جا وارث هئڻ جي حيثيت ۾، سندن ناجائز مفادن ۽ مقصدن جي پورائيءَ ۾ سنڌي ماڻهو ئي بنيادي ۽ حقيقي رڪاوٽ آهن ۽ رهندا. ان پس منظر ۾ تازو سپريم ڪورٽ جو ڪراچيءَ بابت فيصلو تمام اهميت جوڳو آهي، جنهن ۾ چيو ويو آهي ته ڪراچيءَ ۾ نئين سر تڪبنديون ڪيون وڃن ته جيئن ڪنهن به هڪ ڌر کي زوريءَ ڪراچيءَ تي هڪ هٽي برقرار رکڻ جو اختيار نه هجي. سپريم ڪورٽ جي ان فيصلي کي جتي ملڪ جي اڪثريتي پارٽين ساراهيو آهي، اتي متحده جي سربراهه الطاف حسين ان کي عدالتي مارشل لا سان تعبير ڪيو آهي ۽ ٻئي طرف وري پ پ جي ذميوار اڳواڻن به متحده سان سر ۾ سر ملائيندي، اهو راڳ الاپڻ شروع ڪيو آهي ته نيون تڪبنديون رڳو ڪراچيءَ ۾ نه سڄي ملڪ ۾ ٿيڻ گهرجن. سوال آهي ته حڪومت کي گذريل ساڍا چار سال ڪنهن روڪيو هو ته اها شفاف آدمشماري نه ڪرائي ۽ ڪراچيءَ سميت ملڪ ۾ نيون تڪبنديون نه ڪرائي. موجوده سرڪار ۾ ته ايتري جرئت به نه هئي ته اها رڳو اهو اشو پنهنجي ايجنڊا تي آڻي ها. آدمشماريءَ جي پهرئين مرحلي يعني گهر شماريءَ ۾ سندن اتحادي ڌر ڪراچيءَ ۾ ڇا ڪيو ۽ ڪيئن اصلوڪين سنڌي وسنڌين کي ڳڻپ کان ٻاهر رکيو، ڇا اهو هاڻي ڪو راز آهي؟ اڄ متحده چوي ٿي ته آدمشماريءَ کان اڳ نيون تڪبنديون نه ٿيڻ گهرجن. سوال اهو آهي ته توهان فضيلت سان آدمشماري ڪرڻ ڏيندئو ته اها ٿيندي نه! جي هر حساس عمل کي پنهنجي مخصوص ناجائز مفادن تحت هلائڻ جي ڪوشش ڪبي ته سنڌي ماڻهو اهو ڪيئن قبول ڪندا ۽ اهو ئي سبب آهي ته 1998ع کانپوءِ ڪا به آدمشماري ٿي نه سگهي آهي.

اصولي طور نيون تڪبنديون پوري ملڪ ۾ ٿيڻ گهرجن، پر ڪراچيءَ جي مخصوص حالتن سبب اتي اهو عمل چونڊن کان اڳ ڇو نه ٿيڻ گهرجي؟

ڇا پاڪستان ۾ ڪو ٻہ هڪ اهڙو شهر آهي، جتي چونڊن جي ناليءَ ۾ نسورو فراڊ ٿيندو هجي؟ ڇا اهو هڪ ڪليل راز نہ آهي تہ ڪراچيءَ ۾ عملي طور چونڊون ٿينديون ئي نہ آهن، اتي تہ اردو ڳالهائيندڙ آباديءَ ڪان ووٽ جو حق ئي کسيو ويو آهي. انهن جا شناختي ڪارڊ اڳ ئي زونل آفيسن وٽ جمع ٿيندا آهن. ڪراچيءَ ۾ تڪبنديون شهرين تي هڪ هٽيءَ جي خواهش رکندڙ ڏر گذريل پنجويهن سالن ڪان هميشہ پنهنجيءَ مرضيءَ موجب ۽ ناجائز مفادن تحت ڪرايون آهن. جي ائين نہ هجي تہ پوءِ ڪراچيءَ ۾ 46 سيڪڙو آباديءَ جي خود ساختہ نمائنده ڏر ڪيئن ٿي شهر مان 90 سيڪڙو سيٽون کٽي سگهي؟ ٻيو تہ اها 46 سيڪڙو اردو ڳالهائيندڙ آبادي ڇا سموري متحده سان وابستہ آهي؟ ڇا انهن جو هڪ چڱو انگ جماعت اسلامي، جميعت علماءِ پاڪستان، سني تحريڪ، پ پ پ، مسلم ليگ (ن)، تحريڪ انصاف ۽ ٻين جماعتن سان وابستہ نہ آهي؟ آخر متحده وٽ اهڙو ڪهڙو جادوءَ جو چراغ آهي، جو 46 سيڪڙو آباديءَ جي نمائنده ڏر ڪراچيءَ جون 90 سيڪڙو سيٽون کٽي نہ پر ڪٽي ٿي وڃي! ظاهر آهي تہ ان جا صرف ۽ صرف ہہ سبب آهن. يعني هڪ متحده جي مفادن ۽ مرضيءَ موجب تڪ بنديون ۽ ٻيو چونڊن جي ناليءَ ۾ سراسر فراڊ. 1985ع ۾ پهريون ڀيرو ايم ڪيو ايم چونڊن جي سياست جي حوالي سان منظر عام تي آئي، سندن ميندبيٽ جي اصليت تہ رڳو ان مان ئي ظاهر ٿي پوندي تہ گذريل اڍائي ڏهاڪن ڪان سندن صوبائي ۽ قومي اسيمبليءَ جي سيٽن ۾ مسلسل واڌارو ڪيئن ٿيو آهي؟ جڏهن تہ ان عرصي دوران ڪراچيءَ جي آباديءَ ۾ جيڪو 100 سيڪڙو واڌارو ٿيو آهي، ان ۾ اردو ڳالهائيندڙ آبادي قطعي طور شامل ناهي. ان عرصي دوران ڪراچيءَ ۾ پٺاڻ، سنڌي، سرائيڪي، بلوچ غير قانوني پرڏيهي وڏي پيماني تي آباد ٿيا آهن. سوال آهي تہ ان باوجود متحده جي سيٽن جو انگ ڪيئن مسلسل وڌيو؟ ان ڪري ڪراچيءَ تي متحده جي هڪ هٽيءَ جو بنيادي سبب اهي ہہ محرڪ ئي آهن، جن جو ذڪر مون مٿي ڪيو آهي.

سوال اهو آهي تہ ڇا سپريم ڪورٽ جي ان فيصلي تي عمل ٿيندو؟ جيڪا سپريم ڪورٽ هڪ خط نہ لکڻ جي ڏوهہ ۾ هڪ چونڊيل وزير اعظم کي نا اهل قرار ڏئي گهر موڪلي سگهي ٿي، اها ان فيصلي تي عمل کي يقيني بڻائيندي؟ هاڻي ڪٽي آهي رياست جي رٽ؟ متحده جو سربراهہ لنڊن مان ويهي هجوم گڏ ڪري واضح طور چوي ٿو تہ ڪين اهو فيصلو قبول ناهي ۽ اهو عدالتي مارشل لا جي مترادف آهي. ڇا اهو رياست کي چئلينج ڪرڻ ناهي؟

ڇا اها رياست جي رٽ کان بغاوت ناهي؟ رياست جي ادارن مان ڪو آهي، جيڪو ان تي زبان کولي؟ آخر هن ڊر کي ڪنهن جي ٽيڪ آهي، جو ڪين ڪجهه به ڪرڻ ۽ ڇوڙڻ جو ڪليل اختيار آهي ۽ ڪو به رياستي ادارو ان جي رد عمل ۾ تحرڪ ۾ نه ٿو اچي. جي ان جو سبب ڪراچيءَ ۾ سندن هٿياربند قوت آهي ته پوءِ رياست ٻين ڌرين کي کهڙو نياپو ٿي ڏئي ته صرف انهن جو لحاظ رکيو ويندو، جيڪي عملي طور رياست اندر رياست قائم ڪندا ۽ رياست کي چئلينج ڪندا. طالبان ۽ متحده جي ڪيس ۾ ته اهو ئي ثابت ٿيو آهي، باقي بلوچ آهن، سو انهن خلاف اڻ اعلانيل آپريشن ظاهر آهي ته سئولو آهي.

ڪراچيءَ ۾ ڪڏهن به امن قائم ٿي نه ٿو سگهي ۽ نه شفاف چونڊون ٿي سگهن ٿيون، جيستائين هن بدنصيب شهر کي ناجائز هٿيارن ۽ دهشتگرديءَ جي راڄ کان پاڪ نٿو ڪيو وڃي ۽ سپريم ڪورٽ جي فيصلي مطابق نيون تڪ بنديون انصاف جي بنياد تي نٿيون ڪيون وڃن. هي رڳو ڪراچيءَ شهر جو نه پر سڄي سنڌ ۽ پاڪستان جو مسئلو آهي ۽ هئڻ گهرجي، ڇاڪاڻ ته غلط ۽ بدنيتيءَ تي مبني تڪبندين ۽ دهشتگرديءَ سبب جيڪا ڌر اتان اڪثريتي سيٽون کٽي اچي ٿي، اها هر ايندڙ حڪومت کي بليڪ ميل ڪري ٿي ۽ هر حڪومت رڳو سندن ناجائز مفاد پورا ڪرڻ ۽ کين هر قيمت تي راضي ڪرڻ ۾ مصروف رهي ٿي. ان جو تازو مثال هن حڪومت جا گذريل ساڍا چار سال آهن. ڇيو پيو وڃي ته هن ڀيري جسٽس (ر) فخرالدين جي ابراهيم سبب چونڊون شفاف ٿينديون. سوال آهي ته جيڪڏهن ڪراچيءَ جي صورتحال ساڳي رهي ٿي ته پوءِ سنڌين لاءِ ڪهڙيون شفاف چونڊون ۽ ڇا جي جمهوريت! ادو مٺو، ادي ڇائي، اسين اوتري جا اوترا!

بال هاڻي سپريم ڪورٽ ۽ حڪومت جي ڪورٽ ۾ آهي ۽ سڀ کان وڏي ڳالهه ته رياست جي ڪورٽ ۾ آهي. ٻٽي شهريت رکندڙن کي ته اسيمبليءَ جي ميمبرشپ لاءِ نا اهل قرار ڏنو وڃي ٿو، جيڪو درست آهي پر اهو ڪٿان جو انصاف آهي ته هڪ شخص جيڪو برطانوي شهري آهي، اهو لنڊن مان ويهي هن صوبي ۽ ملڪ جي سياست کي ڊڪٽيٽ ڪري ٿو، کلئي عام فون تي خطاب ڪري ٿو ۽ ميڊيا ان کي لائيو نشر ڪري ٿي؟ ڇا عدالت کي اهو طئي نه ڪرڻ گهرجي ته ڪنهن ٻئي ملڪ جي شهريءَ کي سنڌ ۽ ملڪ جي سياست ۾ ڪا به مداخلت نه ڪرڻ گهرجي؟! ڏسجي ته پاڻ کي بيحد با اصول ۽ بهادر عدالت سڏائيندڙ موجوده عدالتي ڍانچو پنهنجي ئي ڪيل فيصلي جي ڪيتري پاسداري ٿو ڪري؟

(روزاني ڪاوش، 4 ڊسمبر 2012ع)

# چونڊون 2013ع
# ياد رکو! ووٽ سنڌ جي امانت آهي!

هونئن تہ 11 هين مئي 2013ع بہ عام ڏينهن جهڙو هڪ ڏينهن آهي. هن ملڪ جي تاريخ جو هر ڏينهن پاڻ سان گڏ سنڌ لاءِ بدبختين جا انيڪ سامان کڻي آيو آهي. ان ڪري 11 هين مئي کانپوءِ بہ ڪو آسمان هيٺ لهي ڪونہ ايندو. هن ملڪ ۾ ڪو انقلاب نہ ايندو. هن بدبودار ۽ محڪوميءَ تي ٻڌل عوام دشمن نظام ۾ ڪنهن مثبت تبديليءَ جي تڏڙي هيرَ ڪونہ گهلندي. هن ملڪ جي مظلوم انساني پورهيت طبقن ۽ مظلوم قومن جي قسمت ۾ ڪو وڏو ڦيرو نہ ايندو. ان تلخ حقيقت باوجود اهو ڪو ڏينهن سنڌ ۽ سنڌين لاءِ بيحد اهم آهي. ان لاءِ نہ تہ ڪو اهو ڏينهن سنڌ لاءِ ڀاڳ جا نوان سنيها کڻي پيو اچي، پر ان ڪري بہ تہ اهو سنڌ لاءِ وڏيڪ ڀيانڪ منظرناما، ڏکوئيندڙ حقيقتون، اڻ ٽر مصيبتون ۽ اڀاڳ جا نوان نيئر ۽ ڏهہ نہ پر اڻ ڳڻيون ڏانوٽيون بہ کڻي اچي سگهي ٿو. اڄ ملڪ ۾ ٿيندڙ ڏهين چونڊن جو ڏينهن آهي.

هونئن تہ چونڊ جي حق جو تصور ئي عجيب ۽ حسين آهي. اهو فرد جي آزاديءَ جو هڪ حق آهي، جنهن کي ماڻڻ لاءِ اسان هزارين سالن جو ڏکيو سفر طئي ڪيو آهي. هزارين سال اڳ انسان کي اهو حق حاصل نہ هو تہ اهو پنهنجي انفرادي قومي زندگيءَ جي فيصلن جو مجاز پاڻ هجي. انسان آزاد هجي تہ جيئن هو چونڊ ڪري تہ سندس انفرادي ۽ قومي زندگي ڪيئن هجي، هتي هو ڪهڙي سياسي، سماجي ۽ معاشي نظام ۾ رهي، ان جي اڳواڻيءَ جو حق ڪنهن کي ۽ ڇو هجي؟ هو ڪنهن کي پنهنجي اڳواڻيءَ جي لائق ۽ ان جو حقدار سمجهي. زندگي تي انسان جو انفرادي حق آهي ۽ ان بابت فيصلن جو مجاز ۽ خودمختيار بہ هو پاڻ هجي. هزارين سالن کان فردن، طبقن ۽ قومن کان اهو ڪائناتي حق کسيو ويو آهي. جمهوريت جو اصل روح ان حق کي ماڻڻ جو نالو ئي تہ آهي. ڪيتري نہ بدقسمتي آهي، جو هن ملڪ ۾ جمهوريت بہ رڳو ڏيکاءُ آهي ۽ شايد طبقاتي يا قومي محڪوميءَ جي سماج ۾ حقيقي جمهوريت اچي بہ نہ ٿي. جمهوريت بابت سرمائيدار ۽ سماج واديت جي نظرين ۾ اهو ئي تہ

فرق آهي. پاڪستان جو تہ الميو اهو آهي جو هتي نہ رڳو بدترين طبقاتي قومي محڪوميءَ جون شڪليون موجود آهن، پر ان ۾ جمهوريت جو وارث بہ اهو جاگيرداري ذهنيت جو علمبردار طبقو آهي، جنهن جو جمهوريت جي روح يعني فرد جي آزاديءَ سان نہ رڳو ڪو تعلق نہ آهي، پر انجا مفاد بہ جمهوريت جي اصل روح، اصولن ۽ قدرن سان بنيادي تضاد ۾ آهن. پاڪستان ۾ اهو جاگيردار ذهنيت جو حامل طبقو رڳو زرعي سماج ۾ نہ آهي، پر اهو توهان کي هر هنڌ ۽ هر صورت ۾ نظر ايندو. ٽين دنيا جي اڪثر ملڪن ۾ معاشرن سان اها ويڌن آهي، جنهن جو انت تاريخي اوسر جي معروضي حالتن ۾ بنيادي تبديلين سان ئي ايندو.

سنڌ لاءِ اهڙو ڪو ڏينهن انڪري بہ اهم آهي جو ايندڙ دور سنڌ لاءِ وڏيڪ ڳرا ۽ ڏکيا چئلينج ۽ خطرا کڻي اچي رهيو آهي. ان ڏس ۾ هيٺان اهم نقطا اسان کي ذهن ۾ رکڻ گهرجن.

1. عربي سمنڊ ۽ ڪراچيءَ جي بندرگاهہ سبب، سنڌ سڄي خطي جي سياست، معيشت ۽ سفارتڪاريءَ ۾ مرڪزي حيثيت رکي ٿي. ان ڏس ۾ ڪيپلان (Kaplan) جو جڳ مشهور ڪتاب Monsoon ضرور پڙهڻ گهرجي. جنهن جو حوالو هتي مڪاني نظام بابت پنهنجي لکيل مضمون ۾ نصير ميمڻ بہ ڏنو هو. ڪراچيءَ جو بندرگاهہ اهو سون آهي، جيڪو هاڻي ايندڙ وقت ۾ سنڌ جي تاريخي حيثيت ۽ وحدت جا ڪنَ چڱي سگهي ٿو. آمريڪا، ڀارت ۽ چين جا جيڪي مفاد هتي آهن، انهن ۾ سنڌي ماڻهو ڪنهن ڳڻپ ۾ بہ ان ڪري نہ ٿا اچن جو اسان مان نہ ڪنهن کي ڪو فائدو آهي ۽ نہ نقصان. عربي سمنڊ ۽ ڪراچي بندرگاهہ جي حوالي سان سمورن عالمي ۽ علائقائي ڌرين جو في الوقت مفاد انهن قوتن سان وابستہ آهي، جن جو سنڌين جي قومي مفادن سان تضاد آهي. ذوالفقار آباد جي رٿا ان ئي حڪمت عمليءَ جو حصو آهي.

2. سنڌ جي جاگرافيائي وحدت سنڌ ۽ سنڌين جو وڏي ۾ وڏو چئلينج آهي ۽ ان ڏس ۾ في الوقت اسان وٽ رڳو هڪ ئي پاور آهي ۽ اها آهي سنڌي عوام جي قومي ٻڌي ۽ گڏيل آواز. پر اهو بہ سياسي طور ڪنهن هڪ طاقتور صورت ۾ موجود نہ آهي. هڪ طرف اندروني طور متحده جهڙين ڌرين جي ڪراچيءَ تي ميري نظر آهي، تہ ٻئي طرف علائقائي ۽ عالمي قوتن جي ايجنڊا تي بہ سنڌي ماڻهو نہ آهن. ٽئين طرف ملڪ ۾ نون صوبن ٺهڻ جو اشو هاڻي ڏينهون ڏينهن وڌندو ۽ ان کي روڪڻ ممڪن نہ آهي. ان حوالي سان اسانجي ايندڙ حڪومتن جو اهم ڪردار هوندو.

3. سنڌ ۾ ڌارين جي آبادڪاري يا غير سنڌي آبادين جو تناسب هاڻي چاليهه سيڪڙي کان به مٿي چڙهي ويو آهي، جيڪو ائين وڌندو رهيو ته پوءِ سنڌ تي سنڌين جي حق حاڪميت جو سوال ئي بي معنيٰ بڻجي ويندو. ايندڙ پنج سال ۾ هلندڙ ڌاڪو ان ڌس ۾ تمام گهڻي اهميت رکي ٿو ۽ ايندڙ سنڌ اسيمبليءَ توڙي حڪومت جو ڪردار ان ڌس ۾ گهٽ اهم نه هوندو. چاڪاڻ ته ايندڙ حڪومت ان لاءِ حڪمت عملي ۽ پاليسي ناهي انکي گهٽائي به سگهي ٿي ۽ مجرمانه غفلت يا شعوري طور ان کي وڌائي سنڌين کان اهو تاريخي حق کسي به سگهي ٿي.

4. ترقياتي ڍانچي، انساني ترقي (يعني تعليم ۽ صحت) ۽ حڪومتي انتظام جي حوالي سان سنڌ بدترين حالت ۾ آهي. مشرف جا 9 سال سنڌ سان مثالي به اکيائي ٿي، ان کان اڳ نوازشريف جي دور ۾ به سنڌ ۾ ڪوبه ترقياتي ڪم ڪرڻ نه ڏنو ويو. گذريل پنج سال "سويلين بالادستيءَ" جي نالي ۾ ڪرپشن، مجرمانه غفلت ۽ نا اهلي جي ور چڙهي ويا ۽ جي ايندڙ پنج سال به سنڌ جي نصيب ۾ ان جو تسلسل آهي ته پوءِ سنڌ جي چند شهرن جي علائقن کي ڇڏي باقي سڄي سنڌ چڙ ته ڪنهن آفريڪي ملڪ جو ڏيک ڏيندي.

5. 21هين صديءَ ۾ قومن ۽ سماجن کي اڳتي وڌڻ لاءِ ادارا گهرجن، جن ۾ پيشورانه صلاحيت هجي ۽ جن وٽ ڊگهي مدي جي رٿابندي هجي، پر سنڌ جي پوتار وٽ سنڌي عوام خاص طور تي نوجوانن ۽ خواتين کي خيراتي وظيفن تي هيرائڻ جو فارمولو آهي. نه ادارا ٺاهيا ۽ نه موجود ادارن کي فضيلت سان هلڻ ڏبو. باقي ووٽ بئنڪ ٺاهڻ لاءِ ۽ عارضي مفاد حاصل ڪرڻ لاءِ ماڻهن کي مفت جي خيراتي وظيفن تي هيرائبو. صوبي جي ترقياتي ڍانچي، ادارن، تعليم ۽ معاشي وسيلن جي پيننگ ڪئي ويئي. جي وظيفن سان قومون ۽ معاشرا اڳتي وڌن ها ته پوءِ دنيا ۾ اهو طريقو ۽ سوچ جو انداز رائج هجي ها. زرعي سماج جي پوتارڪي طبقي جو هر ڪم ايڌهاڪ ۽ عارضي مفادن لاءِ هوندو آهي.

6. ترقي جو سوال، امن ۽ قانون جي حڪمرانيءَ سان لاڳاپيل آهي. سنڌ ۾ ترقي ڪيئن ممڪن بڻجي سگهي ٿي، جڏهن سنڌ شهري، نسلي ۽ قبائلي دهشتگرديءَ جي باهه ۾ سڙي رهي آهي ۽ قانون جي حڪمراني جو ڪو تصور ناهي، جڏهن دهشتگردي جون محرڪ قوتون اقتدار ۾ ڀائيوار هونديون ته امن چوءِ ڪيئن قائم ٿيندو؟

7. سنڌ پاڪستان جي وفاق جو حصو آهي. هن وفاق ۾ تمام گهڻن معاملن ۾ سنڌ ۽ سنڌي ماڻهو اڪيلا ٿيندا پيا وڃن. مثال طور پاڻيءَ جي

تڪرار تي سنڌ جو رڳو پنجاب سان ئي تڪرار نہ آهي، پر بلوچستان بہ سنڌ جي خلاف ڪيس ٺاهيو ويٺو آهي. جيڪڏهن سياڻي سرائيڪي صوبو ٺهيو تہ پاڻيءَ جو وڏو تڪرار سنڌ ۽ سرائيڪي صوبي وچ ۾ هوندو. مالياتي ايوارڊ تي بہ گڏريل پيري پنجاب، خيبر پختونخواه ۽ بلوچستان هڪ طرف هئا ۽ سنڌ الڳ ۽ اڪيلي. ڇاڪاڻ تہ مالياتي ايوارڊ ۾ روينيو ڪي بنيادي حيثيت ڏيڻ لاءِ ڪوبہ صوبو راضي نہ هو. جو ان سان سنڌ کي وڏو فائدو ملي ها. نون صوبن ٺهڻ جي سوال تي سنڌي ماڻهو ملڪ ۾ اڪيلو ٿيندو. پشتون، سرائيڪي، هزاره، اردو ڳالهائيندڙ سڀ نون صوبن جي حق ۾ آهن ۽ هوندا. پنجاب جون سياسي پارٽيون بہ سياسي مفاد سبب اهو زهر جو ڍڪ پيئڻ لاءِ تيار آهن، پر رڳو سنڌي ماڻهو آهن، جيڪي ان جي خلاف اٿي بيهندا! عالمي قوتون بہ پاڪستان ۾ نون صوبن جي ٺهڻ جي حق ۾ آهن. ان سڄي منظرنامي ۾ سنڌ اڪيلي نظر اچي ٿي ۽ ظاهر آهي تہ انهن سمورن معاملن ۾ سنڌ جي صوبائي اسيمبلي ۽ حڪومت هوندي، جيڪا هر محاذ تي يا تہ سنڌ جو سودو ڪندي يا انجو بچاءُ ڪندي ۽ ان لحاظ کان بہ ايندڙ حڪومت جو ڪردار تمام اهم هوندو. ڇاڪاڻ تہ اٺون مالياتي ايوارڊ 2014ع ۾ ايندو ۽ ملڪ ۾ آدم شماري بہ گهٽو ڪري 2014ع ۾ ئي ٿيندي. سنڌ جي مفادن جي تباهي يا بچاءُ جو دارومدار ان سوال تي آهي تہ سنڌ ۾ ايندڙ حڪومت ڪنهن جي ۽ ڪهڙي هوندي؟

8. پاڪستان ۾ هاڻي وڏن اڪثريتي مينڊيٽس جو دور موڪلائي ويو آهي. هاڻي ڪنهن بہ پارٽيءَ لاءِ سادي اڪثريت حاصل ڪرڻ بہ ڏکي ڳالهہ ٿي پئي آهي. سنڌ ۾ متحده جو فيڪٽر اهم ترين ۽ حساس معاملو آهي. ڇاڪاڻ تہ ڪابہ پارٽي ان کان سواءِ نہ رڳو حڪومت ٺاهي نہ ٿي سگهي، پر ٺاهڻ چاهي بہ نہ ٿي. سنڌ ۾ وفاقي سياست ڪندڙ مک پارٽيون ۽ پارلياماني سياست جا کيڏاري خاندان واري واري سان متحده سان گڏ رهيا آهن ۽ انهن سمورين ڌرين ۽ گروهن هميشہ ڪرسي خاطر سنڌ جي مفادن جو سودو ڪيو آهي. رڳو ٻئي مڪاني نظام تي پهريون پيرو فنڪشنل ليگ جو ڪردار هن پيري مختلف ۽ مثبت نظر آيو. باقي ماضي سيني جو ساڳي طرح داغدار آهي. هن پيري بہ ظاهر آهي تہ حڪومت سازي لاءِ ضرور سياسي پارٽين جو اتحاد ٿيندو، پر سوال آهي تہ هن پيري ان اتحاد ۾ سنڌ ۽ سنڌين جي مفادن جو بہ ڪو لحاظ ٿيندو يا اهو ناجائز ۽ سنڌ جي مفادن جو سودو ڪندڙ پارلياماني اتحاد جو ڇاڪيءَ جو ڏاند ساڳئي طرح پيو هلندو؟ اهو سنڌ ۽ سنڌين جي حوالي سان وڏو ۽ بنيادي چئلينج آهي.

9. جيستوڻيڪ ٻئو مڪاني نظام سنڌي عوام جي گڏيل ٻڌي، جدوجهد ۽ دٻاءُ سبب پيپلز پارٽي واپس وٺي ڇڏيو پر ان ڳالهه جا امڪان مڪمل طور موجود آهن ته جي هن پيري وري پ پ ۽ متحده جي گڏيل حڪومت آئي ته اهو نظام واپس آندو ويجي. هڪڙي ڳالهه طئي آهي ته مڪاني حڪومتن جو نظام پاڪستان ۾ لازمي طور اچڻو آهي ۽ اچڻ به گهرجي. 18هين آئيني ترميم ڪانپوءِ اهو هاڻي مڪمل طور صوبائي معاملو آهي. پر سوال آهي ته متحده جنهن طريقي سان اهو نظام آڻڻ جي خواهشمند آهي، ان ۾ ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ جڻ ته عملي طور مڪمل طرح جدا حڪومتي نظام جو خاڪو ۽ مفاد آهي، جيڪو نه رڳو سنڌين جي مفادن جي ابتڙ آهي، پر غير آئيني به آهي، جو آئيني طور ميونسپل يا مڪاني حڪومتون صوبن جي ماتحت آهن ۽ هئڻ گهرجن. ايندڙ پيري سنڌ اسيمبلي ۽ حڪومت اهڙيون هئڻ گهرجن، جن ۾ ڪابه ڌر اڪيلي سر ان حيثيت ۾ نه هجي ته اها اهو نظام بحال ڪري سگهي يا نئين سر لاڳو ڪري سگهي. جي هن پيري وري پ پ ۽ متحده ساڳي وڏي اڪثريت سان اسيمبليءَ ۾ آيون ۽ حڪومت ٺاهيائون ته اهي ضرور اهو نظام واپس آڻينديون. ان ڪري سنڌ جي مفاد ۾ آهي ته ڪنهن به هڪ ڌر کي وڏي اڪثريت حاصل نه هجي. سنڌ جي خاص حالتن ۾ "وڏي ۽ اڪثريتي مينڊيٽ" جي ٿيوري سنڌ لاءِ نياڳي ثابت ٿي، جو ان ۾ سنڌ جي سوديبازي ڪرڻ آسان ٿيو ويجي.

10. پاڪستان انتهاپسنديءَ جي باهه ۾ سڙي رهيو آهي ۽ هاڻي اهي سنڌ کي به ساڙي رهيا آهن. قومي مفادن سان گڏ اسانجا ڪي تهذيبي قدر، تاريخي روايتون ۽ نظرياتي ويساهه به آهن. ووٽ انهن کي ڪجي، جيڪي انتهاپسنديءَ جي هن جنگ ۾ جمهوري فڪر، سيڪيولر سوچ ۽ انساني قدرن ۾ ويساهه رکندڙ هجن. انتهاپسندي ۽ تنگ نظري هڪ وبا آهي ۽ اها سنڌ کي به ساڙيندي. ان ڪري ووٽ ڏيڻ مهل اهو بنيادي چئلينج به سامهون رکڻ تمام ضروري آهي.

سو ان سڄي پس منظر ۾ واسينگ نانگن جهڙن اُپن بيٺل اشوز جي موجودگيءَ ۾ اڄ ملڪ ۾ ۽ سنڌ ۾ چونڊن جو ڏينهن آهي. گذريل 43 سالن ۾ ٿيل 9 چونڊن ۾ جيڪڏهن سنڌي ماڻهو ووٽ جذباتيت ۽ انفرادي مفاد بجاءِ قومي مفادن کي سامهون رکي پوءِ ڏين ها، ته شايد سنڌ جي بدنصيبي جي فهرست ڪجهه ننڍي هجي ها. پلا گهڻو ٿيو سنڌي ماڻهن بار بار جذباتيت، عقيده پرستي ۽ ذاتي مفاد جي بنياد تي ووٽ ڏنو آهي. هاڻي اهو ووٽ فقط ۽ فقط قومي

مفاد سامهون رکي پوءِ ڏيڻ يا نہ ڏيڻ گهرجي. ماڻهو اڪثر سوال ڪن ٿا تہ کهڙي پارٽيءَ کي ووٽ ڏجي؟ مان سمجهان ٿو تہ هن ڀيري ووٽ ڪنهن پارٽيءَ بجاءِ اميدوار کي ڏسي ڏيڻ گهرجي، پوءِ ان جو تعلق کهڙي بہ پارٽيءَ سان هجي، پر هڪ ڳالهہ پڪ هجي تہ اهو اميدوار اها سگهہ گهٽ ۾ گهٽ سنڌ جي سودي لاءِ استعمال نہ ڪندو. ياد رکو! ايندڙ حڪومت ۾ سنڌ جي مفادن جو دارومدار سنڌي ماڻهن جي اچوڪي ڏنل ووٽ تي بہ آهي ۽ اهو موقعو وري 2018ع ۾ ايندو ۽ تيسين سنڌ ۽ پاڪستان جو منظرنامو ڇا هوندو، انجو تصور ڪري سگهجي ٿو.

*(روزاني ڪاوش حيدرآباد، 11 مئي 2013ع)*

# ايندڙ چونڊون ۽ سنڌ جا قومي مفاد!
(2013ع وارين عام چونڊن لاءِ لکيل)

جيتوڻيڪ چونڊن بابت اڃا بہ ملڪ ۾ غيريقينيءَ واري صورتحال موجود آهي، پر بهرحال مجموعي طور نظر ائين پيو اچي تہ سڄي ملڪ ۾ ايندڙ چونڊن جي تياري شروع ٿي چڪي آهي. سڄي ملڪ جيان سنڌ ۾ بہ چونڊون هميشہ پئي ٿينديون رهيون آهن پر سنڌ ۾ چونڊن کي ڪڏهن بہ سنڌي عوام جي قومي مفادن جي تناظر ۾ ڏسڻ جي ڪوشش نہ ڪئي وئي آهي. ڊگهو زمانو تہ اسان جي قومي سياسي پارٽين جو اهو موقف پئي رهيو آهي تہ چونڊن سان سنڌي عوام جي قومي مفادن جو تعلق ان ڪري بہ نہ آهي جو انهن سان سنڌ کي ڪڏهن بہ نجات، آجپو ۽ خوشحالي نہ ملندي. بدلجندڙ حالتن ۾ اها هڪ مثبت تبديلي آهي جو هاڻي سنڌي سماج جو باشعور حصو شدت سان اهو محسوس ڪري ٿو تہ اهو ميدان وطن فروش وڏيرن ۽ ان طبقي لاءِ خالي ڇڏڻ ۾ ڪابہ ڏاهپ نہ آهي جنهن سدائين پارلياماني سياست کي ناجائز مفادن جو نانگ بڻائي سنڌ ۽ سنڌي عوام جي قومي مفادن کي پئي ڏنگيو آهي. گذريل ڇهن ڏهاڪن جي تلخ تجربن کانپوءِ هاڻي سنڌ جون اڪثر قومپرست ۽ وطن دوست سياسي پارٽيون، دانشور، اديب، سول سوسائٽي ۽ سماج جا باشعور ماڻهو ان ڳالهہ تي متفق آهن تہ وڏيرڪي طبقي کي سنڌ ۾ پارلياماني سياست جي حوالي سان واڪ اوور نہ ملڻ گهرجي.

ان ۾ هاڻي ڪوبہ شڪ نہ آهي تہ پل تہ ڪٿي موجوده پارلياماني نظام ۾ اسيمبليون سنڌ ۽ سنڌي عوام جي قومي نجات جو بنيادي ذريعو نہ بڻجن پر ان حقيقت کان تہ ڪنهن کي بہ انڪار ناهي تہ هن 21هين صديءَ ۾ جمهوريت ۽ اسيمبلين جو ڪردار سياسي، معاشي ۽ سماجي طور ڪو گهڻ اهم آهي. چونڊون، اسيمبليون ۽ جمهوري عمل بهرحال پُرامن سياسي جدوجهد جا اهم مورچا ۽ ذريعا آهن، جن کي ڪنهن بہ صورت ۾ اڪيلي طور وڏيرڪي طبقي جي حوالي نہ ڪرڻ گهرجي. هونئن تہ سنڌ جي قومي ۽ وطن دوست سياسي تحريڪ جي روايت پشتونن ۽ بلوچن جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ سگهاري رهي آهي. سنڌ ۾ تحريڪون بہ وڌيڪ هليون آهن ۽ جدوجهدون بہ گهڻيون هليون آهن،

سياسي ۽ فڪري ادب بہ گهڻو تخليق ٿيو آهي، ٻين قومن جي ڀيٽ ۾ اسان وٽ سياسي ڪارڪنن جو انگ ۽ عوام جو قومي سياسي شعور بہ گهڻو اُسريل آهي، جو انهن تي ڏهاڪن کان مسلسل پورهيو ٿيو آهي پر هڪ ميدان تي پشتون ۽ بلوچ قومي تحريڪ اسان کان گوءِ کٽي وئي ۽ اهو آهي پارلياماني سياست جو ميدان (ان حوالي سان بلوچستان جي هٿياربند تحريڪ جو هتي مثال نہ ڏيڻ گهرجي جو هتي ڳالهہ پارلياماني سياست جي پئي هلي)، ان جي نتيجي ۾ ڏسبو تہ پشتونن ۽ بلوچن جي قومي سياست کي هاڻي ملڪي ۽ بين الاقوامي سطح تي وڌيڪ اهميت ملي ٿي، ڇاڪاڻ تہ جمهوري سياست جي روايت ۾ اسيمبلين ۾ انهن پارٽين جي موجودگي کين وڏي سياسي سگهہ بخشي ٿي. جيڪڏهن 1970ع کان وٺي اسان جون قومپرست ۽ وطن دوست سياسي تنظيمون چونڊن جي سياست جو ميدان خالي نہ ڇڏين ها تہ شايد اڄ صورتحال گهڻي مختلف هجي ها. اڄ انهن تنظيمن جي تنظيمي صلاحيت بہ گهڻو اڳتي وڌيل هجي ها ۽ وڏيرڪي طبقي کي ائين اڪيلي سر "ڪاڄ جو ڏٽي" ٿيڻ جو پروانو مليل نہ هجي ها. ائين نہ آهي تہ ڪو اسان جي لاءِ اهو ممڪن نہ هو پر حقيقت اها آهي تہ اسان اهو ميدان سنڌ جي ڪرسي پرست ۽ ابن الوقت طبقي لاءِ خالي ڇڏي ڏنو. جي ائين هجي ها تہ ڏکڻ ايشيا جي ڪيترن ئي ملڪن ۾ وچين طبقي ۽ عوام جون قومي، طبقاتي سياسي تنظيمون پارلياماني سياست ۾ ايترو مضبوط نہ هجن ها. هندستان، نيپال، بنگلاديش ۽ سريلنڪا ۾ اڄ بہ ڪيتريون ئي وچين طبقي سان واسطو رکندڙ ۽ عوامي سياسي پارٽيون آهن جن جو مٿين طبقي سان واسطو نہ آهي پر اهي بهرحال پارلياماني سياست ۾ پنهنجو وڏو اثر رکن ٿيون. مون کي ذاتي طور ڏکڻ ايشيا جي ڪيترن ملڪن ۾ وڃي اهو لقاءُ ڏسڻ جو موقعو پئي مليو آهي. ڏکڻ ايشيا جي ان سڄي پس منظر ۾ اها هڪ مثبت ڳالهہ آهي تہ سنڌ جون اڪثر قومپرست ۽ وطن دوست سياسي پارٽيون هن ڀيري چونڊن ۾ حصو وٺي رهيون آهن. ان ۾ ڪوبہ شڪ نہ آهي تہ سنڌي سماج سياسي، سماجي ۽ فڪري طور گهڻو ورهايل آهي پر ان جي باوجود هن ڀيري سنڌ جي سمورن باشعور ماڻهن کي چونڊن جي ان عمل کي رڳو ان ۾ حصو وٺندڙ قومپرست ۽ وطن دوست تنظيمن جي مٿي جو بار سمجهڻ نہ گهرجي. سنڌ ۾ جڏهن بہ ڪو قومي هاڃو ٿيندو آهي تہ ڀڙين دانهن اها ٿيندي آهي تہ سنڌ جا قومپرست ڪٿي آهن؟ هاڻي وقت اچي ويو آهي تہ کين ووٽ جي صورت ۾ موٽ بہ ڏجي. ايندڙ چونڊن جي قومي اهميت کي سمجهي سنڌ جي سمورن باشعور ۽ وطن دوست ماڻهن کي ان ڏس ۾ پنهنجو متحرڪ ۽ مثبت ڪردار ادا ڪرڻو

پوندو. ڇاڪاڻ ته اڪيلي سِر اهي تنظيمون شايد پهرين مرحلي ۾ ڀرپور مقابلو نه ڪري سگهن جو ان ميدان ۾ نه هنن جو ڪو تجربو آهي ۽ نه وري چونڊن ۾ نسل در نسل تجربيڪار طبقي سان ان ميدان تي مقابلو ڪرڻ ڪا سولي ڳالهه آهي. ان ڏس ۾ سنڌ جي سمورن باشعور ماڻهن کي انفرادي ۽ اجتماعي طور وڏو سرگرم ۽ ڀرپور ڪردار ادا ڪرڻو پوندو.

هڪڙي ڳالهه سنڌ ۾ بار بار ثابت ٿي آهي ته سنڌ جي پارلياماني سياست جي ميدان تي ڪنهن هڪ سياسي پارٽيءَ جي هڪ هٽي ڪنهن طور به سنڌ جي مفاد ۾ نه آهي. ان هڪ هٽيءَ جو ئي نتيجو آهي جو پاڪستان پيپلز پارٽيءَ سنڌ کي پنهنجي سياسي چلهه جو مارنگ سمجهي ٿي. هونئن به هڪ هٽي جمهوريت جي روح جي نفي آهي. صحتمند مقابلو ئي جمهوريت جو روح آهي. اها پ پ جي هڪ هٽي ئي ته آهي جنهن سنڌ جي شهرن ۽ خاص طور ڪراچيءَ جو اقتدار خاطر سودو ڪرڻ ۾ ڪابه هٻڪ محسوس نه ڪئي. ان ۾ به ڪو شڪ نه آهي ته پارلياماني سياست جي ميدان تي هڪ پارٽيءَ جي ان هڪ هٽيءَ کي سنڌ جون قومپرست ۽ وطن دوست سياسي پارٽيون نه ته رات وچ ۾ توڙي سگهن ٿيون ۽ نه وري اڪيلي سر رڳو پنهنجي موجوده تنظيمي سگهه جي آڌار توڙي سگهن ٿيون. پر جيڪڏهن هن ڀيري سڄيءَ سنڌ جا باشعور ماڻهو ان ڏس ۾ پنهنجو مثبت، متحرڪ ۽ ذميوار ڪردار ادا ڪن ته پوءِ گهٽ ۾ گهٽ گڏجي ان تبديليءَ جي شروعات ڪري سگهجي ٿي. مان ته ان راءِ جو آهيان ته جيڪڏهن ان هڪ هٽيءَ جي ٽُٽڻ جو فائدو پهرين مرحلي ۾ فنڪشنل ليگ، پاڪستان مسلم ليگ (ن) جهڙيون پارٽيون به کڻن ٿيون ته به ٺيڪ آهي جو مجموعي طور هڪ هٽيءَ بدران گهڻ-پارٽي ڇٽاپيٽي سنڌ کي فائدو ڏيندي. پنجاب ۾ سياسي پارٽين وچ ۾ مقابلو آهي ته ان جو فائدو پنجاب جي عوام ۽ ان جي سياست کي مليو ٿو. سنڌ ۾ جي اسان وٽ پهرين مرحلي ۾ ڪي اسان جي پسند جون ڌريون نه به آهن جيڪي ان جو وڏو فائدو کڻي سگهن، تڏهن به مان سمجهان ٿو ته پارلياماني سياست ۾ پيپلز پارٽيءَ جي هڪ هٽيءَ کي سَنڌاٽتو ڌڪ سنڌ کي فائدو ڏيندو. ان ڏس ۾ سنڌي ميڊيا، سنڌي ليکڪ، دانشور، سول سوسائٽيءَ جا ٻيا باشعور حصا يعني وڪيل، سماجي ڪارڪن، استاد، شاگرد وڏو اثرائتو ڪردار ادا ڪري سگهن ٿا. منهنجيءَ نظر ۾ هيٺين نقطن جي بنياد تي سنڌ ۾ اثرائتو ڊسڪورس يعني بحث مباحثو پيدا ڪرڻ جي وڏي ضرورت آهي:

(1) سڀ کان پهرين ڳالهه ته ماڻهن کي اهو سمجهائڻ جي ضرورت آهي ته ووٽ ذاتي واسطن ۽ فائدن جي حصول بجاءِ قومي مفاد ۾ ڏيو. سنڌ جي ماڻهوءَ

کي ووٽ جي قومي سياسي اهميت سمجهائڻ جي تسلسل گهڻي ضرورت آهي، جو عام ماڻهو ۾ خاص طور ڀهراڙيءَ جو ماڻهو ووٽ کي يا تہ جذباتي طور استعمال ڪري ٿو يا وري ذاتي واسطن ۾ مفادن لاءِ. ووٽ جديد دور ۾ پارلياماني سياست جو هڪ اهم ترين هٿيار آهي، جنهن سان سنڌ دشمن قوتن جي سگهہ کي ڪاپاري ڌڪ هڻي سگهجي ٿو ۽ وقت اچي ويو آهي تہ ائين ڪجي ۽ وڏي زور شور ۾ تياريءَ سان ڪجي. هي ابن الوقت وڏيرڪو طبقو جيڪو پارلياماني سياست کي ناجائز ذاتي مفادن جي حاصلات ۽ سنڌ فروشيءَ جي "پڙيءَ" طور هلائي ٿو، ان وٽ ان ڪانسواءِ ٻيو ڪجهہ بہ ڪونهي. جي ان طبقي جي پيرن هيٺان اها "زمين" ڪڍي ڇڏجي تہ 21هين صديءَ ۾ اهو طبقو سياسي طور پنهنجي موت پاڻ مري ويندو. هن طبقي جو سچو ڌڌڙو ان ڪري آهي جو اسان جي عوام ۾ روشن خيال طبقي ۾ سندن نمائندن ان کي صحيح معنيٰ ۾ هٽ وڏو ئي ناهي. اهو ڪم رات وچ ۾ يا هڪ ٻن چونڊن ۾ ڪونہ ٿيندو پر مرحليوار ضرور ٿيندو. اسان کي اهو سمجهڻ گهرجي تہ 21هين صدي هن متروڪ ۽ مدي خارج طبقي جي صدي ناهي. شرط اهو آهي تہ اسان کي پنهنجن سمورن ذهني، فڪري، سياسي، سماجي ۽ ٻين ذريعن ۽ وسيلن سان هن سنڌ جي نسل درنسل ويري طبقي جو گهيرو تنگ ڪرڻو پوندو. مجموعي طور جيترا گهڻ-طرفا وسيلا سنڌ جي باشعور مڊل ڪلاس وٽ آهن اوترا وڏيرڪي طبقي وٽ ڪونہ آهن. ميڊيا، قلم، ڊسڪورس، گهڻ-طرفو تحرڪ ۽ تحريڪون توڙي انيڪ فورم ۽ تنظيمون وڏيرڪي طبقي وٽ ڪونهن پر مسئلو اهو آهي تہ اسان پنهنجا سمورا وسيلا مڪمل طور هن طبقي کي ڪاپاري ڌڪ هڻڻ لاءِ استعمال نہ ٿا ڪريون، ٻئي طرف اهو طبقو پنهنجي سموري سگهہ ناجائز ذاتي، طبقاتي مفادن ۾ سنڌ کي ڪرسيءَ خاطر هڪ ڪارڊ طور استعمال ڪرڻ ۾ صَرف ٿو ڪري. ان ڪري وقت اچي ويو آهي تہ ماڻهن کي ووٽ جي قومي اهميت سمجهائجي.

(2) سنڌي عوام کي اهو سمجهائڻ جي گهرج آهي تہ سياست ۾ ڪابہ غيرمشروط شيءِ نہ ٿيندي آهي. سنڌ جي هيءَ تباهي ٿي بہ ان ڪري آهي جو سنڌي ماڻهن ووٽ گهڻي ڀاڱي عشق ۾ ۽ غيرمشروط طور ڏنا آهن. قومي مفادن ۾ ڇا جو عشق، ڇا جي شخصيت پرستي؟ سنڌيءَ ۾ لوڪ ڏاهپ جي هڪ چوڻي آهي تہ "بہ پائر، ٽيون ليکو". سنڌ ۾ ڪنهن معياري سياسي تبديليءَ لاءِ سنڌي عوام کي ائين ڪرڻو پوندو ۽ اها ڳالهہ سنڌ جي عوام کي باريڪ بينيءَ سان سمجهائڻ جي اشد ضرورت آهي. ظاهر آهي تہ ووٽ ۾ تبديلي عوام آڻيندو پر ان عوام تي اثرانداز ٿيڻ لاءِ سنڌ جو باشعور طبقو تمام اثرائتو ڪردار ادا ڪري

سگهي ٿو. سنڌي عوام کي سمجهائڻ جي ضرورت آهي ته هن ڀيري ووٽ ڪنهن نعري يا شخصيت بجاءِ پنهنجي قومي مفاد ۾ ڏيو. جڏهن پاڪستان پيپلز پارٽيءَ کي اڪثريتي ووٽ ڏيندڙ سنڌي ماڻهو سنڌن فيصلي خلاف قومپرستن جي سڏ تي هڙتالون ڪري سگهي ٿو، شهر بند ڪري سگهي ٿو، جلسن ۽ جلوسن يا احتجاجن ۾ وڏي انگ ۾ اچي سگهي ٿو ته پوءِ آخر اهو ووٽ قومي مفاد ۾ ڇو نه ٿو ڏئي سگهي؟ منهنجيءَ نظر ۾ اهو ممڪن آهي پر شرط اهو آهي ته ماڻهن کي رٿابنديءَ سان ان سوچ ڏانهن مائل ڪجي. ڇاڪاڻ ته جمهوريت ۾ احتساب ووٽ ذريعي ٿيندو آهي ۽ جنهن طبقي سنڌ جي عوام کي هيستائين پنهنجو سياسي هاري سمجهي ڪين هڪ اوزار ۾ ڪارڻ طور استعمال ڪري سنڌ کي پٺي ڏنگيو آهي، ان جو احتساب ٿيڻ تمام ضروري آهي. جيتوڻيڪ ان طبقي جي قومي ڏوهن ۽ وطن سان غدارين جي فهرست ايتري طويل آهي جو رڳو ووٽ ذريعي سنڌن احتساب انتهائي ناڪافي ٿيندو پر تنهن هوندي به قومي احتساب جو آغاز ووٽ ذريعي ڪري سگهجي ٿو.

(3) اهو ڄاڻندي به ته سنڌ جي قومپرست ۽ وطن دوست پارٽين ۾ انيڪ ڪمزوريون آهن ۽ خود انهن جي سياست جي انداز جي ڪيترن پاسن تي سنڌي عوام کي جائز طور اڪيچار اعتراض ۽ تحفظات آهن، جنهن ۾ سياسي جماعتن اندر اڻ سهپ، ڏوهاري عنصر يا غيرسنجيدگيءَ جا لاڙا اچي وڃن ٿا پر تنهن هوندي به مان سمجهان ٿو ته جيڪي قومپرست ۽ وطن دوست سياسي پارٽيون هن ڀيري چونڊن جي عمل ۾ حصو وٺڻ جون تياريون ڪري رهيون آهن، انهن جي ڀرپور مدد ڪرڻ گهرجي. ڇاڪاڻ ته اڪيلي سر اُهي هن وڏيرڪي طبقي جي مڇي مواڙ ٿيل اجگر سياسي بلائن جو مقابلو نه ڪري سگهنديون. هن ميدان تي انهن جو نه تجربو آهي ۽ نه وٽن گهربل معاشي ۽ انساني يا سياسي وسيلا آهن. ان ڪري سمورن باشعور سنڌي ماڻهن جو قومي فرض آهي ته اُهي ان ڏس ۾ جائز سياسي اختلافن کي پاسيرو رکي ۽ انهن تي پنهنجيءَ اُصول پسنديءَ سان قائم رهندي، سنڌن ڀرپور مدد ڪن. اسان کي خبر آهي ته ڪجهه قومپرستن يا وچين طبقي جي اڳواڻن جي اسيمبلين ۾ پهچڻ سان رات وچ ۾ ڪو آسمان نه ڪِرندو پر گهٽ ۾ گهٽ برف رجڻ شروع ٿيندي. هڪ نئين روايت جي شروعات ٿيندي ۽ اسيمبلين ۾ اڪيلي سر وطن فروش طبقي کي خالي ميدان نه ملندو. ان ڏس ۾ سڄي سنڌ ۾ باشعور ماڻهو چونڊن جي حوالي سان اثرائتو ڪردار ادا ڪرڻ لاءِ ڪميٽيون ٺاهي سرگرم ڪردار ادا ڪري سگهن ٿا. هن ڀيري سنڌ ۾ اهڙن باشعور ماڻهن جي جوڙيل

مقامي ڪميٽين طرفان هر تعلقي ۽ ضلعي تونٽي تڪ ۾ "احتساب ڪانفرنسون ٿيڻ گهرجن. هزارن ۾ لکن جي تعداد ۾ پمفليٽ شايع ڪري ماڻهن ۾ سجاڳي پيدا ڪرڻ گهرجي ته چونڊن ذريعي تبديلي ڇو ضروري آهي؟ ننڍي سطح تي ڳوٺن ۾ انهن باشعور ماڻهن طرفان عام ماڻهوءَ سان سڌيءَ ريت ڪچهريون ڪرڻ گهرجن ۽ سندن سوچ تي اثرانداز ٿيڻ گهرجي ۽ سڀ کان وڏي ڳالهه ته ليکڪن جي هٿ ۾ جيڪو قلم جو خطرناڪ هٿيار آهي، ان جو ڀرپور ۽ اثرائتو استعمال ڪرڻ گهرجي. مون کي يقين جهڙي اميد آهي ته ان حوالي سان سنڌ ۾ پارلياماني سياست ۾ معياري تبديليءَ ڏانهن هڪ اثرائتي وِک کڻي سگهجي ٿي.

*(روزاني ڪاوش حيدرآباد، 12 فيبروري 2013ع)*

# چونڊون 2013ع ايندڙ چونڊون
# ۽ سنڌ جو شهري سماج!

جيتوڻيڪ ايندڙ چونڊن ۾ وچي ٻن هفتن کان به گهٽ وقت بچيو آهي پر اڃا تائين ماڻهو چونڊن بابت انيڪ مونجهارن، خدشن، بي يقينيءَ ۽ اُتساهه جي ڪوٽ جو شڪار آهن. 1970ع کان وٺي 2008ع تائين جي ٽيل 9 چونڊن ۾ ڪڏهن به چونڊن جي حوالي سان عوام جي جوش، اتساهه ۽ سرگرميءَ جو گراف ايترو گهٽ نه هو، جيترو هن ڀيري آهي. تنهن هوندي به هر سطح تي چونڊن جي حوالي سان بحث مباحثو بهرحال جاري آهي. پاڪستان ۾ موجوده حالتن ۾ سڀني کان وڏو چئلينج سنڌين کي آڏو آهي، جن وٽ روايتي پارلياماني پارٽين ۽ خاندانن آڏو گهربل سطح تي ڪي بهتر ۽ سنڌ دوست متبادل پارٽيون ۽ اميدوار موجود نه آهن. هن ڀيري ڪجهه قومپرست، وطن دوست ۽ روشن خيال اميدوار پنهنجين پارٽين ۾ آزاد حيثيت ۾ بيٺا/ بيٺيون آهن، جن جي ڀرپور مدد ڪرڻ گهرجي پر انهن جو انگ، تياري ۽ اثر ان سطح جو ناهي جو ماڻهن کي ايندڙ چونڊن ۾ روايتي اليڪشني ڀوتارن آڏو مجموعي طور ڪو سگهارو سنڌ دوست متبادل نظر اچي. پ پ پ آڏو ڏهه- جماعتي اتحاد بابت مان اڳ به لکي چڪو آهيان ته اهو نه رڳو بنيادي طور رجعت پرست آهي پر اهو اڳتي هلي جتاءُ به نه ڪري سگهندو، ڇاڪاڻ ته ان جو ڪو گڏيل پروگرام، منشور يا سنڌ جي حوالي سان ڪا گڏيل ڪمٽمينٽ موجود ناهي. اڃا تائين خبر ناهي ته ڏهه- جماعتي اتحاد ۾ شامل پارٽيون سياڻي چونڊن کانپوءِ حڪومت سازيءَ جي عمل ۾ ڪي بنيادي اُصول به سامهون رکنديون يا پاڪستان پيپلز پارٽيءَ وانگر مفاهمت جي نالي ۾ سنڌ جو سودو ڪنديون ۽ سنڌي عوام جي مينڊيٽ جو ساڳيءَ طرح ذاتي ۽ گروهي مفادن لاءِ سستو سودو ڪنديون. جيئن انهن مان اڪثر پارٽيون ماضيءَ ۾ ڪنديون رهيون آهن. جيتوڻيڪ ڏهه- جماعتي اتحاد جون سڀ پارٽيون الڳ الڳ ۽ پنهنجي پنهجي پليٽ فارم تان بيٺيون آهن ۽ سندن منشور ۽ چونڊ نشان به ڌار ڌار آهن پر اتحاد جو به ته ڪو گڏيل پروگرام يا ڪي طئي ٿيل پاليسي ۽ سياسي اُصول

هٿرڻ گهرجن.

هنن چونڊن ۾ گهڻي ڀاڱي نظر ائين پيو اچي ته سياسي پارٽين جي اثر، نعرن، شخصيتن يا پروگرام بجاءِ گهڻي ڀاڱي ذاتي، خانداني ۽ گروهي اثر ۽ ويندي ذات پرستيءَ جو رجحان وڌيڪ اثرائتي محرڪ طور ڪم ڪندو. هونئن به جڏهن سياسي پارٽين جو اثر گهٽبو آهي يا اُهي عوام جي اُميدن تي نه لهنديون آهن ته پوءِ ان جي نتيجي ۾ خانداني سياست يا ذاتي اثر جو لاڙو تيزي سان وڌندو آهي. ان ڪري چئي سگهجي ٿو ته جڏهن سياست ۽ سياسي عمل ۾ ذاتي ۽ خانداني محرڪ وڌيڪ اثرائتا ٿي سامهون اچن ته ان کي سياست جي وقتي ناڪامي يا زوال جو اهڃاڻ سمجهڻ گهرجي ۽ هن ڀيري اهو اهڃاڻ تمام چٽو آهي، جنهن جي سڀ کان وڏي ذميوار پ پ پ آهي ۽ شايد ٻئي نمبر تي سنڌ جون قومپرست ۽ ترقي پسند ڌريون آهن، جن کي هنن چونڊن ۾ درست حڪمت عمليءَ ۽ اڳواٽ تياريءَ سان سنڌي عوام کي "ڀوتار بمقابله ڀوتار" جي سياست ۾ "ٽيون آپشن" ڏيڻ گهربو هو پر افسوس جو ائين نه ٿي سگهيو. هن ڀيري اهو بلڪل ممڪن هو پر ان آپشن تي سنڌ بچايو ڪميٽي يا سپنا ۾ شامل ڌرين گهربل ڪم ئي نه ڪيو ۽ هاڻي ته گهڻي دير ٿي چڪي آهي. وري پنج سال خبر ناهي هن ملڪ کي معروضي حالتون ڪٿي وڃي پهچائين! هي هڪ اهم موقعو هو. جيڪو هٿ مان نڪري ويو ۽ اسان جي قومپرست يا ترقي پسند سياسي پارٽين هڪ ڀيرو وري ثابت ڪيو ته اُهي اِشوز تي وقتي گوڙ ته ڪري سگهن ٿيون پر وڏي ۽ دورانديش سياست ڪرڻ کان اڃا گهڻو پري آهن.

مان سمجهان ٿو ته هن ڀيري جڏهن ڪي گهڻيون اتساهيندڙ حالتون نه آهن ته پوءِ سنڌي عوام ۽ خاص طور ان جي باشعور حصي کي "ٻڪي" سان ئي "ڀيرڻو" پوندو. اڻ وڻندڙ ۽ ناسازگار حالتن مان به ڪونه ڪو گس ته ڪيڍڻو پوندو. چاڪاڻ ته ضمير گهمري جي گذريل مضمون جي ان نقطي سان مان بلڪل سهمت آهيان ته ايندڙ پنج سال پاڪستان جي مخصوص حالتن جي تناظر ۾ سنڌ ۽ سنڌين لاءِ تمام اهم آهن ۽ جيڪڏهن هن ڀيري به سنڌ ۾ ساڳيءَ طرح ڪا "مفاهمتي حڪومت" آئي ته پوءِ سنڌ ۽ سنڌين جو مستقبل تمام اونداهو ٿي ويندو. پرويز مشرف جا گذريل نَو سال ۽ پ پ پ جا پنج سال سنڌ کي ڪاپاري ڌڪ لڳو. چوڏنهن سال سنڌ عملي طرح متحده ۽ ڪرسي پرست ۽ وطن فروش ڀوتارن جي ور چڙهيل هئي ۽ سنڌ ۽ سنڌين کي انهن اڄ ڪٿي پُڄايو آهي، اهو ڪو راز ناهي. سنڌ ۾ بک، بيروزگاري، بدامني، ڪرپشن، بدترين حڪمراني، اقرباپروري، دهشتگردي ته پنهنجي جاءِ تي پر

سنڌ جي ترقياتي ڍانچي جو حال اهو آهي جو اهو اڌ ڪلاڪ جي برسات ڪي بہ برداشت نہ ٿو ڪري سگهي. ڪرسي پرست پوتارن جي مختلف ٽولن مختلف پارٽين، نعرن ۽ شخصيتن جي آڙ ۾ سنڌ کي نہ رڳو صديون پوئتي ڌڪي ڇڏيو آهي پر ان جي وجود، سيڪاٽپ، ٻوليءَ جي آئبندي، تعليم، صحت، ترقياتي ڍانچي، اڪثريتي دائمي حيثيت، حڪمرانيءَ جي تاريخي حق ۽ شهر جي مالڪيءَ ۽ وسيلن جي ڦُرلٽ کي روڪڻ جي حوالي سان نڌڻڪو ڪري ڇڏيو آهي. ان ڪري اهو سوال تمام اهم آهي تہ ايندڙ پنج سال سنڌ ۾ حڪومت سازي ڪير ڪندو، سنڌ ۾ حڪمراني ڪيئن هوندي؟ سنڌ جي عوام، امن، تعليم، صحت، وسيلن ۽ ترقياتي ڍانچي جو ڪو ڌڻي هوندو يا سنڌ ۾ لاقانونيت، دهشتگرديءَ، ڪرپشن، اقربا پروريءَ ۽ عوام دشمن ۽ وطن فروش حڪمرانيءَ جو راڪاس وري پيو ڦرندو؟ هڪڙي ڳالهہ تہ طئي آهي تہ متحده قومي موومينٽ اڳتي بہ حڪومت سازيءَ جي عمل ۾ تمام اهم ڌر هوندي، ماڻهو تہ اهو سوال بہ ڪن ٿا تہ ڀلا جيڪا سنڌ دشمن مفاهمت پ پ پ، فنڪشنل ليگ ۽ ٻيا سنڌي پوتارن جا ٽولا واري واري سان متحده سان ڪن ٿا، ڇا ان جي اُبتڙ اِهي سڀ پارٽيون هن ڀيري ڪا سنڌ دوست مفاهمت ڪري پاڻ ۾ اتحاد نہ ٿيون ڪري سگهن ۽ ڇا اهو ڪو لکيي جو ليک آهي جو متحده هر دور ۾ ۽ هر حڪومت ۾ هر ڪنهن سان گڏ هوندي؟ ۽ هر حڪومت سندن اشارن تي پئي نچندي ۽ نائن زيرو يا گورنر هائوس جي درن جي سلامي هوندي؟

جيڪڏهن حقيقت پسنديءَ سان ۽ حڪمت عمليءَ جي خيال کان ايندڙ چونڊن کي ڏسجي تہ منهنجيءَ نظر ۾ هن ڀيري سنڌ جو شهري سماج ڪنهن مثبت تبديليءَ جا بنياد رکي سگهي ٿو. ٻهراڙيءَ جو ماڻهو ڪيترائي ڀيرا پوتارن کان بغاوتون ڪري چڪو پر پ پ پ عوام جي ان خاموش انقلاب کي سستي اگهہ تي وڪڻي ڇڏيو ۽ هر ڀيري ان جو ڪٽيو عوام ۽ سنڌ نہ پر پس و پيش پوتارن ڪاڏو. هن ڀيري گهڻو رجحان ذاتي ۽ خانداني سياست جو نظر اچي ٿو. ان ڪري شايد ٻهراڙيءَ جو ماڻهو ووٽ گهڻي ڀاڱي سياسي بنيادن تي گهٽ ڏيندو، پر شهري سماج جو سجاڳ ۽ باشعور ماڻهو ووٽ ڏيڻ جا ڪي سياسي اُصول يا معيار طئي ڪري سگهي ٿو.

شهري ماڻهو جيڪو سنڌ جي سمورن ضلعن ۽ تعلقن ۾ موجود آهي، اهو ٻهراڙيءَ جي ماڻهن جيان وڏيرڪي تاجي پيڙهي ۾ ڦاٿل نہ آهي ۽ نہ ئي ان جو ٽاڻي، ٽپيدار يا حڪومتي ادارن سان ايترو واسطو پوي ٿو. سنڌ ۾ هڪ اندازي مطابق هڪ ڪروڙ جي لڳ ڀڳ هيٺيون وچولو ۽ وچولو طبقو آهي، جيڪو

سرڪاري ۽ نجي شعبي جي نوڪرين ۽ ننڍي ڪاروبار ۽ ٻين انيڪ شهري شعبن سان وابسته آهي ۽ اهو ووٽر گهٽي ڀاڳي پوتارڪي نظام کان آجو آهي. جيڪڏهن سڄيءَ سنڌ ۾ هن پيري رڳو اهو شهري ماڻهو جيڪو تعليم يافته ۽ معاشي طور پنهنجي پيرن تي بيٺل ۽ سماجي طور نسبتن آزاد آهي، اهو جيڪڏهن اينڌڙ چونڊن ۾ هڪ ڊر ٽي ۽ هڪ سوچ تحت سرگرم ۽ متحرڪ ڪردار ادا ڪري ته گهٽ ۾ گهٽ سنڌ جي پارلياماني سياست ۾ برف رجڻ شروع ٿيندي ۽ روايتي ووٽ جي لاٽن ۽ موقعي پرست سياست جي ديوارن ۾ ڏار پوڻ شروع ٿيندا. مان ته سمجهان ٿو ته جيڪڏهن ڪنهن طبقي ۾ ماڻهن وٽ ڪابه بهتر چوائس موجود ناهي، تڏهن به ووٽ جي محرڪن، اميدوار يا سنڌس پارٽيءَ سان رويي ۽ ووٽ جي معيار ۾ تبديلي آڻي سگهجي ٿي. جيڪو ووٽ سڪٽي نعري، شخصيت پرستي، قبرن، پيرپرستي يا خاندان جي اثر يا ذاتي لاڳاپن جي بنياد تي پوندو، اهو هاڻي مشروط طور پوڻ گهرجي، اهو احتساب ڪانپوءِ ڏيڻ گهرجي. ان ڏس ۾ هيٺين تجويزن يا پيش ڪيل نقطن ڪي اينڌڙ چونڊن ۾ سنڌ جو پڙهيل لکيل شهري سماج جو سماجي ۽ معاشي طور آزاد حصو وڌيءَ سگهه سان ووٽ جو استعمال ڪري سگهي ٿو:

- سڀ کان اول ته سنڌ جو هر باشعور ماڻهو ووٽ ضرور ڏي ۽ پيو ته سنڌ جو ڪوبه باشعور ماڻهو غيرمشروط طور ۽ اڪيون ٻوٽي ووٽ نه ڏئي.
- ووٽ ذاتي، خانداني ۽ گروهي لاڳاپن يا ٺلهي نعري، شخصيت پرستيءَ جي بنياد تي نه ڏيڻ گهرجي.
- جيڪي ماڻهو بار بار آزمايل آهن ۽ جن جو ڪردار واضح طور سنڌ دشمن، عوام دشمن، ڪرپٽ، موقعي پرست ۽ مفاد پرست رهيو هجي، انهن کي قطعي طور ووٽ نه ڏيڻ گهرجي، پوءِ ڪٽي ان جو لاڳاپو ڪهڙي به پارٽيءَ سان هجي.
- جن اسيمبلي ميمبرن يا وزيرن جون سنڌ سان غداريون رڪارڊ تي آهن، انهن کي هر صورت ۾ وڏيون اثرائتيون مهمون هلائي هارائڻ گهرجي ته جيئن اُهي ٻين لاءِ عبرت جو مثال بڻجن.
- ووٽ سنڌ جي مفادن، ضمير جي آواز، جمهوريت جي روح، ماضيءَ جي تجربي ۽ آئيندي جا چئلينج سامهون رکي پوءِ ڏيڻ گهرجي.
- ڪو سنڌ دوست يا عوام دوست اميدوار ڀل ته بظاهر ڪٽنڊڙ نه هجي ۽ سندس روايتي سماجي حيثيت وڏي نه هجي پر ان باوجود ان کي ووٽ ڏيڻ گهرجي ته جيئن روايتي پوتارڪي سياست آڏو انهن ماڻهن کي اتساهه

ڏنو وڃي.

- جنهن به تڪ ۾ اميدوار ووٽ گهرڻ لاءِ اچن ته ڪانئن رڳو ذاتي ۽ گروهي مفادن لاءِ واعدا وٺڻ بجاءِ قومي ۽ گڏيل عوامي مفادن تحت پڇاڻو ڪجي ۽ اڳتي لاءِ واضح ڪمٽمينٽ ونجي.
- خواتين ۽ نوجوانن کي هر سطح تي همٿائجي ته جيئن اُهي سياسي عمل کان لاتعلق ٿي ويهڻ بجاءِ ضرور ووٽ ڏين ۽ مٿي بيان ڪيل معيارن تحت ڏين.

هن ڀيري ٿورا ئي سهي پر بهرحال ڪجهه اميدوار اهڙا ضرور بيٺا آهن، جيڪڏهن اُهي اسيمبلين ۾ آيا ته سنڌ جو آواز انهن ايوانن ۾ گونجڻ جو آغاز ٿيندو. مثال طور سيد جلال محمود شاهه، اياز لطيف پليجو، ڊاڪٽر رجب ميمڻ، محمد علي شاهه، مهتاب اڪبر راشدي، مير حيدر ٽالپر، ويرو ڪلهڙ، ضمير گهمرو، سيد زين شاهه ۽ اهڙا ٻيا ڪيترائي اميدوار ميدان تي لٿل آهن، جن مان جيڪڏهن ڪجهه دوست ايوانن ۾ آيا ته هڪ نئين روايت جي شروعات ٿيندي. مان سمجهان ٿو ته ان ڏس ۾ سنڌ جي شهري سماج جو سجاڳ حصو هن ڀيري وڏو اهم ڪردار ادا ڪري سگهي ٿو ۽ اهو تڏهن ٿيندو جڏهن اهو هن ڀيري ان ڪم کي قومي فرض سمجهي چيلهه تي سندرو ٻڌي ڪنهن گڏيل ڪردار لاءِ اُٿي بيهي!

(روزاني ڪاوش حيدرآباد، 23 اپريل 2013ع)

## چونڊون 2013ع ۾

# سياسي ڪلچر جي زوال جا اهڃاڻ!

ايندڙ چونڊون گهڻن حوالن سان مختلف ۽ منفرد هونديون، جنهن جا چٽا اهڃاڻ هن ابتدائي مرحلي تي ئي واضح ٿيڻ شروع ٿي ويا آهن. بظاهر هن ڀيري اميد نظر ٿي آئي ته جيئن ته هڪ چونڊيل حڪومت پنهنجي آئيني مدي جا پنج سال پورا ڪيا آهن، ان ڪري هن ڀيري اها ڪوبه 'ظلم جو داستان'، مظلوميت جو ڀهروپ ۽ شهيدن جا واسطا ڪٽي نه پر خالص پنهنجي ڪارڪردگيءَ جي بنياد تي عوام وٽ ويندي پر هن ملڪ ۾ سياسي نظام ڪي ڏاڪي به ڏاڪي اهڙي پد تي پهچايو ويو آهي، جو ڪنهن به تبديليءَ جو ڪتيو عوام نه ٿو ڪائي سگهي. هڪ عوام دشمن ٿورو طبقو آهي، جيڪو واري واري سان اقتدار جي مسند تي ويهي عوام جي وسيلن جي ڀيل ڪري ٿو ۽ هر ڀيري عوام جي ويساهن سان بدترين ۽ توهين آميز راند کيڏي ٿو. آمريتن ۾ وردي‌ءَ وارن جا سڏا جاوا ۽ 'سويلين بالادستيءَ' ۾ عوام جي رت پياڪ وڏيرن، پوتارن ۽ سرمائيدارن جا جاوا. عوام جو مثال ائين آهي، جيئن سنڌيءَ ۾ چئبو آهي ته، "انڌي جهڙي پيڪين، تهڙي ساهرين!" بس 'سويلين بالادستيءَ' ۾ هڪ چڱائي ضرور آهي ته عوام کي آمريتن جي ڀيٽ ۾ سياسي حق ڪجهه سرس مليل هوندا آهن، يعني ماڻهو گهٽ ۾ گهٽ دانهون ۽ ڪوڪون ڪري سگهي ٿو. اها ٻي ڳالهه آهي ته وڏيرڪي نظام جي "ٻروچن" جي ڪنن ۾ عوام جون دانهون نه ٻڌڻ لاءِ شيهو پريل هوندو آهي.

پاڪستان جي پارلياماني سياست هونئن به ڪڏهن نظرياتي يا اصولي نه رهي آهي، ڇاڪاڻ ته ملڪي تاريخ جو وڏو عرصو ملڪ ۾ سڌيون آمريتون رهيون آهن، پر هن ڀيري سياسي ڪلچر جي زوال جا اهڃاڻ واضح آهن ۽ ظاهر آهي ته جيڪي چونڊون سياسي ڪلچر جي زوال جي بنياد تي ٿينديون، انهن جي نتيجي ۾ ڪنهن وڏي مثبت تبديليءَ جا امڪان بنهه گهٽجي وڃن ٿا. منهنجيءَ نظر ۾ انهن اهڃاڻن تي سنجيدگيءَ سان غور ويچار ڪرڻ جي گهرج آهي، جن مان مکيه هي آهن:

**نظرياتي سياست جو سوال:**

جيئن مون مٿي چيو ته پاڪستان ۾ هوندي به پارلياماني سياست ۾ نظرين جو ڪو وڏو عمل دخل نه رهيو آهي پر هنن چونڊن ۾ ته سموري بحث مباحثي ۾ ڪٿي به سياسي پارٽين جي نظرين، پاليسين ۽ منشور جو ذڪر ورلي پڙهڻ ۾ اچي ٿو. سياست جو روح نظريا ۽ سگهه عوام هوندو آهي پر جيڪڏهن اهي ٻئي عنصر سياسي ڪلچر ۽ سياسي پارٽين مان خارج ٿي يا پاسيرا ٿي وڃن ته پوءِ سياست جو روح عوام دشمن "ڏنڌي" ۾ تبديل ٿي ويندو آهي. هن ڀيري چونڊن ۾ نام نهاد وڏين سياسي پارٽين وٽ ڪوبه نظرياتي اصول، پارٽي منشور، آئيندي جي پروگرام ۽ ٽڪيٽن جي ورهاست جي حوالي سان نظرياتي معيار سامهون نه آهي. گهٽ ۾ گهٽ اڳ ۾ پارلياماني سياست جي ميدان تي ساڄي ڌر، وچولي ڌر ۽ کاٻي ڌر ڏانهن لاڙو رکندڙ جماعتن جا واضح ۽ چٽا تصور هئا پر هن ڀيري پ پ پ، پي ايم ايل (ن)، پي ايم ايل (ف)، پي ايم ايل (ڪيو) ۽ تحريڪ انصاف جهڙين سياسي پارٽين کي ڏسي ڪو لڳي ٿو ته انهن منجهه ليڊرشپ، جهنڊي، نعري ۽ مختلف علائقن ۾ اثر کانسواءِ ڪو نظرياتي فرق به آهي!؟ مثال طور، ماضيءَ ۾ پ پ پ جي سڃاڻپ هڪ سيڪيولر پارٽيءَ واري رهي آهي. موجوده حالتن ۾ پ پ پ جي سموري موقف ۾ ڪٿي اشارو به ملي ٿو ته اها هڪ سيڪيولر جماعت آهي؟! جيتوڻيڪ پنهنجي منشور ۾ پ پ پ اڳ به ڪا سيڪيولر جماعت هجڻ جي دعويدار نه هئي پر گهٽ ۾ گهٽ عملي ڪردار ۾ اها سيڪيولر موقف رکندي هئي. هتي چونڊن ۾ سياسي پارٽين جا منشور پس منظر ۾ هليا ويا آهن. هن وقت ملڪ ۾ آهي ڪا وڏي يا مکيه پارلياماني سياست ڪندڙ پارٽي، جيڪا پنهنجي منشور يا پروگرام جي بنياد تي چونڊن ۾ حصو وٺي رهي هجي؟ منهنجيءَ نظر ۾ هڪ به جماعت اهڙي ناهي، جنهن جي اصل سگهه سندن نظريو، پروگرام يا چونڊن ۾ پيش ڪيل منشور هجي.

**خانداني سياست جو اُڀار:**

جيتوڻيڪ ماضيءَ ۾ به هميشه ملڪ جي پارلياماني سياست ۾ مخصوص خاندان حاوي رهيا آهن پر هنن چونڊن ۾ ته مڪمل طور خانداني سياست جو اڀار ٿيو آهي، جيڪو هڪ خطرناڪ ۽ غير جمهوري اهڃاڻ آهي. مثال طور، جنهن پ پ پ 1988ع ۾ وڏن وڏن جاگيردارن کي وچئين طبقي جي سياسي ڪارڪنن کان بدترين شڪست ڏياري، اها ساڳي پارٽي هن ڀيري ساڳين

جاگيردارن، وڏيرن ۽ نام نهاد بااثر سياسي خاندانن جي درن تي ايلاز ڪندي نظر آئي. ڇا ان کي سياسي ۽ تنظيمي زوال نہ چئجي؟ مهرن، چانڊين، مزارين، شيرازين، انڙن ۽ ويندي اربابن وٽ پ پ پ پاڻ لنگهي وئي. شيرازي تہ ڇوٽون پيرو پ پ پ ۾ واپس آيا ۽ چونڊن کان اڳ ئي پ پ پ ڇڏي ويا. ڇا پ پ کي خبر نہ هئي تہ اهي ڪنهن بہ پارٽيءَ جا ٿي نہ ٿا سگهن! هاڻي تہ مهرن جون بہ پ پ پ کان موڪلاڻيءَ جون خبرون اچي رهيون آهن. هن پيري سمورين پارلياماني سياست جي رانديگر سياسي پارٽين ٽڪيٽون نظرياتي يا ڪارڪنن جي سياسي ڪردار جي بنياد تي نہ پر خالص خانداني بنياد تي ڏنيون آهن. ان ڏس ۾ هن پيري سڀ کان بدترين صورتحال پ پ جي آهي. پ پ پنهنجي تاريخ ۾ پهريون پيرو ٽڪيٽون مڪمل طور خانداني بنياد تي ڏنيون آهن ۽ نتيجي ۾ پارٽيءَ ۾ هر هنڌ پيل ڏقيڙ تہ هاڻي ميڊيا ۾ بہ سامهون اچي رهيا آهن. ظاهر آهي تہ جڏهن سياسي پارٽيون سياسي بنياد تي نہ پر خالص خانداني بنياد تي ٽڪيٽون ڏينديون تہ پوءِ لازمي طور اهو ئي ٿيندو، جيڪو هينئر سنڌ ۾ ٿي رهيو آهي. ڪو فيصلو اهڙو ناهي، جنهن تي پارٽي ڪارڪن ۽ اڳواڻ احتجاج نہ ڪري رهيا آهن. هن پيري شايد پ پ جي سياسي زوال جو هڪ سبب اهو بہ هوندو. خانداني سياست اڌوهيءَ وانگر سياسي پارٽين کي اندران ڪائي ڪوکلو ڪري ڇڏيندي آهي ۽ سڀ کان وڏي ڳالهہ تہ اها نہ رڳو ڪارڪنن کي پارٽيءَ کان پري ڪري ڇڏيندي آهي پر عوام کي بہ خانداني سياست جي آڙاهہ ۾ اڇلي ڇڏيندي آهي. جڏهن سياسي پارٽيون سڀ فيصلا خاندانن جي بنياد تي ڪنديون تہ پوءِ عوام ڪيئن نہ خانداني سياست جي ڏهڻ ۾ ڪرندو. اهو ساڳيو عوام هو، جيڪو 1988 ۾ خالص سياسي طور سامهون آيو ۽ عام ڪارڪنن جي آڏو وڏن وڏن ڏنگ وڏيرن کي ڪيرائي ڏيکاريو. ويندي 2008ع جي چونڊن ۾ بہ عوام جو جذباتيت تي ٻڌل ئي سهي پر رويو ۽ سوچ سياسي هئي. هن پيري رڳو خاندانن جو ذڪر آهي، خاندانن جي سياست آهي ۽ خاندانن جي سگهہ آڌار چونڊن جي تياري پئي ٿئي. جڏهن ماڻهو ڏسن ٿا تہ اڳي پوءِ اهميت انهن خاندانن جي آهي تہ پوءِ ماڻهو بہ انهن کي ئي اهميت ڏين ٿا. سياسي پارٽين جو ڪارڪنن ۽ عوام بجاءِ نام نهاد وڏن خاندانن کي اهميت ڏيڻ دراصل سنڌن سياسي شڪست ۽ نظرياتي ڏيوالپڻي جو کليل اظهار آهي.

ڇا سڀ پ پ مخالف سنڌ دوست آهن؟

ان ۾ ڪوبہ شڪ نہ آهي تہ پ پ پ گذريل حڪومت ۾ سنڌ ۽ سنڌي عوام سان نہ رڳو بدترين ويساهہ گهاتي ڪئي، پر اقربا پروريءَ، ميرٽ جي لتاڙ

مثالي ڪرپشن ۽ نا اهل حڪمرانيءَ جي صورت ۾ سنڌ کي ڪئين دور پوئتي ڌڪي ڇڏيو ۽ ايندڙ چونڊن ۾ سندن بي رحم احتساب ٿيڻ گهرجي، پر ان جو هر گز اهو مطلب نہ آهي تہ پوءِ سنڌ ۾ مسلم ليگ (ف) جهڙي ساڃهي ڌر جي جماعت کي سنڌ ۾ پ پ جي متبادل طور اڀاريو وڃي يا پي ايم ايل (ن) ۽ خانداني سياست ڪندڙ وڏيرن کي چونڊن ۾ ميدان ناهي ڏجي. جتي پ پ سنڌ ۾ سنڌين سان ويساهہ گهاتيون ڪيون آهن، اتي ٻين ڌرين جو ماضي بہ اوترو ئي داغدار آهي. ڇا مسلم ليگ (ف) سدائين اسٽيبلشمينٽ ۽ متحده سان گڏ نہ رهي آهي ۽ ڇا هن وقت تائين موجوده پير صاحب پاڳاري ڪو واضح اعلان ڪيو آهي تہ اهي اڳتي ائين نہ ڪندا؟ موجوده پير صاحب پاڳارو تہ ٽر مان شاهہ محمود قريشيءَ جي حمايت جو اعلان ڪيو آهي ۽ اهو اتحاد بہ غوثيہ ۽ حر جماعتن جي قربتن جو آئينہ دار آهي. ڪهڙو حق ٿو پهچي شاهہ محمود قريشيءَ کي تہ اهو سنڌ ما . سيٽ کٽي؟ ۽ ان جي حمايت ڇو ڪجي؟ مسلم ليگ (ن) ۾ لياقت جتوئي جهڙا ماڻهو ويٺا آهن، جن پرويز مشرف دور ۾ ڪالاباغ ڊيم جي ڪليل حمايت ڪئي ۽ ان پارٽيءَ ۾ عرفان مروت جهڙا ماڻهو ويٺا آهن، جن ڄام صادق جي دور ۾ سنڌ ۾ جيڪي 'ڪارناما' ڪيا، اهي سڀ رڪارڊ تي موجود آهن. ٽئين طرف شيرازين ۽ اربابن جهڙا خاندان آهن. شيرازي سدائين پاور ۽ اسيمبلين ۾ رهيا آهن پر هنن جو آهي ڪو ڪردار سنڌ جي قومي مسئلن تي؟! ارباب غلام رحيم تي ڇا ڳالهائجي، جيڪو 21 هين صديءَ ۾ بہ معاشري جي اڌ آباديءَ يعني خواتين جي سماجي ۽ سياسي ڪردار کي سماج لاءِ نياڳ سمجهي ٿو. سندس شعور جي حالت اها آهي، جو هو 21 هين صديءَ ۾ بہ سنڌ جي مائرن، ڀينرن، زالن ۽ ڌيئرن يا نارين کي غلام ڏسڻ چاهي ٿو. ان ڪري ياد رکڻ گهرجي تہ رڳو پ پ دشمنيءَ ۾ ٻين رجعت پرست ۽ مفاد پرست قوتن جي حمايت ڪرڻ يا انهن لاءِ ميدان هموار ڪرڻ بہ نہ رڳو اصولي طور غلط پر خطرناڪ ٿيندو. هن ڀيري جيڪڏهن عوام وٽ ڪو بهتر متبادل ناهي تہ ان جو مطلب اهو نہ هئڻ گهرجي تہ رڳو ڇا پ پ دشمنيءَ ۾ اسان ٻين مفاد پرست ۽ رجعت پرست قوتن جي ونگار وهون! اسان کي هن ڀيري پارٽين مان چونڊ بجاءِ ڪجهہ بنيادي اصولن ۽ سنڌ جي مفادن کي اپارڻ گهرجي تہ جيئن ماڻهو هن ڀيري پارٽين، خاندانن، گروهن ۽ فردن کي غير مشروط يا ٿلهي جذباتيت ۽ عقيدت بجاءِ ڪجهہ اصولن ۽ قومي مفادن سان مشروط ووٽ ڏين.

**ڏهه- جماعتي اتحاد جو پروگرام ڪٿي آهي؟**

سنڌ ۾ تازو جڙيل ڏهه- جماعتي اتحاد بنيادي طور هڪ رجعت پسند اتحاد آهي، جنهن جو ڪوبه گڏيل نظرياتي يا سياسي پروگرام نه آهي ۽ نه وري اهو ٿي سگهي ٿو. جڏهن هڪ اتحاد جو بنياد رڳو پ پ مخالفت هوندو ۽ ان ۾ ساڄي ڌر ۽ قومپرست جماعتون گڏ هونديون ته پوءِ ظاهر آهي ته ان جو گڏيل پروگرام ڪيئن جڙي سگهي ٿو ۽ ڇا ٿي سگهي ٿو. اليڪشن ۾ اتحادن جا بنياد نظرياتي پروگرام ۽ منشور جي بنياد تي هئڻ گهرجن، پر جيڪڏهن اتحاد رڳو هڪ جماعت جي خلاف هوندو ته پوءِ ان جو چونڊن ڪانپوءِ ڪوبه مستقبل نه آهي، ڇاڪاڻ ته اهو عملي طور جٽاءُ ئي نه ڪري سگهندو ۽ جڏهن اسان سڄاڻ ماڻهو اهو چئون ٿا ته ووٽ جو بنياد عقيدو، پير پرستي، شهيدن جا واسطا، خاندان يا سطحي جذباتيت نه هئڻ گهرجي، ته ان جو واضح مطلب اهو آهي ته اهو بنياد ڪردار، سوچ، نظريو، پاليسيون ۽ منشور يا پروگرام هئڻ گهرجي. ان حوالي سان ڏهه-جماعتي اتحاد وٽ ڪهڙو پروگرام آهي يا ٿي سگهي ٿو؟ سوال اهو آهي ته جنهن اتحاد وٽ ڪو گڏيل پروگرام ۽ اڳتي لاءِ واضح ڪمٽمينٽ نه آهي ته پوءِ انکي مينڊيٽ مليو ته ان جو محرڪ ڇا هوندو؟ جڏهن اسان اهو اصول طئي ٿا ڪريون ته سياست جو بنياد نظريا، اصول، عوام دوستي، ڪردار، منشور ۽ پروگرام هئڻ گهرجي ته پوءِ ان حوالي سان ڏهه-جماعتي اتحاد ڪٿي ٿو بيهي؟

**قومپرستن هيل به تاريخي موقعو هٿان وڃايو!**

سنڌ جون قوم پرست ۽ ترقي پسند سياسي ڌريون تاريخي موقعا هٿن سان وڃائيندڙيون رهيون آهن. ون يونٽ جي خلاف جدوجهد جو سياسي لاڀ پ پ کٽي ويو. ضياءَ شاهي خلاف جدوجهد جو ثمر به پ پ، وڏيرا ۽ پوتارڪا ٽولا کٽي ويا ۽ اسان وٽ اها ئي "نه کپي-نه کپي!" هن ڀيري پ پ جي بدترين حڪمرانيءَ ۽ ويساهه گهاتيءَ سبب عوام جو پ پ سان جذباتي تعلق وڏي حد تائين ٽُٽي ويو ۽ سنڌ جي وحدت ۽ قومي سوال تي لڳاتار جدوجهدن سبب ايترو دٻاءُ پيدا ٿيو جو مسلم ليگ (ف) ۽ مسلم ليگ (ن) کي به هڪ حد تائين سنڌ جي سوال تي واضح موقف اختيار ڪرڻو پئجي ويو. ان سموري صورتحال ۾ هن ڀيري ٿيڻ اهو گهرجي ها ته سنڌ جون پارلياماني سياست ڪندڙ قومپرست ۽ ترقي پسند جماعتون ساڄي ڌر سان اتحاد ڪرڻ بجاءِ گڏيل اتحاد ڪري هڪ پليٽ فارم تحت سڄيءَ سنڌ مان بيهن ها، عوام آڏو هڪ منشور پڌرو ڪن ها

تہ شايد سنڌ ۾ صورتحال ٻي هجي ها. ان صورتحال ۾ سنڌ جا سمورا سڄاڻ ماڻهو ساڻن گڏ بيهن ها ۽ گهٽ ۾ گهٽ سنڌ جي عوام کي هڪ متبادل موقعو فراهم ٿئي ها ۽ چونڊن کان پوءِ اها واضح طور خبر پئجي سگهي ها تہ سنڌ ۾ قومپرست سياست جو ڪيترو ووٽ بئنڪ آهي. ان سان سنڌ ۾ هڪ ماحول جڙي ها ۽ هڪ طرف پ پ هجي ها، ٻئي طرف مسلم ليگ (ف) ۽ مسلم ليگ (ن) جهڙيون ساڄي ڌر جون جماعتون ۽ مختلف روايتي خاندان هجن ها تہ گهٽ ۾ گهٽ قوم پرست هڪ واضح ڌر طور نظر اچن ها پر افسوس جو هن ڀيري بہ اهو موقعو هنن هميشہ جيان هٿان وڃائي ڇڏيو. 1988ع کان اڳ بہ سنڌ قومي اتحاد جو وڏو اثر قائم ٿيو پر 1988ع جي چونڊن ۾ غلط ماڻهن ۽ اميدوارن جي حمايت ڪري سنڌ قومي اتحاد اهو اثر تباهہ ڪري ڇڏيو. رهيل ڪسر لياقت جتوئيءَ پوري ڪئي، جيڪو سنڌ قومي اتحاد جي مدد سان چونڊيو ۽ هن وڃي مفاد پرست سياست ڪئي ۽ سنڌ قومي اتحاد ماضيءَ جو قصو بڻجي ويو. هن ڀيري قومپرست ۽ ترقي پسند جيڪڏهن سنڌ بچايو ڪميٽي يا سپنا جي پليٽ فارم تان بيهن ها تہ شايد ٻيا بہ گهڻا وچولي طبقي جا اميدوار ساڻن شامل ٿي ان پليٽ فارم تان بيهڻ کي اوليت ڏين ها. پوءِ شايد ويرو ڪولهڻ، حاجياڻي لنجو ۽ محمد علي شاهہ جهڙا ماڻهو آزاد اميدوار طور نہ بيهن ها. گهٽ ۾ گهٽ ماڻهن وٽ هڪ متبادل پليٽ فارم هجي ها. بهرحال اهو نہ ٿيو ۽ هاڻي قومپرست ڏهہ-جماعتي اتحاد جي گوڙ ۾ ڪيترو نظر ايندا، اهو سڀ ايندڙ چونڊن ۾ ڏسبو.

مٿي بيان ڪيل سمورا نقطا دراصل پاڪستان ۽ سنڌ جي سياسي ڪلچر جي زوال جا اهڃاڻ آهن. جمهوريت تڏهن سگهاري ٿيندي آهي ۽ عوام کي لاڀ ڏيندي آهي، جڏهن ان کي پختو سياسي ڪلچر ميسر هوندو آهي. سوال اهو آهي تہ ڇا هن سياسي زوال جي اهڃاڻن جي صورت ۾ ڪا مثبت ۽ سگهاري تبديلي ايندي؟ گهٽ ۾ گهٽ هن ڀيري تہ چونڊن ۾ ان جو جواب منفي نظر ٿو اچي.

*(روزاني ڪاوش، 16 اپريل 2013ع)*

# 2013ع چونڊن ۾ سنڌ ايجنڊا

پاڪستان جي موجوده رياستي نظام ۾ چونڊون ڪڏهن سنڌ ۽ سنڌين جي نجات جو مکيه ذريعو نه به هجن، پر هڪ ڳالهه ڍاڪن جي تجربن مان بار بار ثابت ٿي آهي، ته چونڊيل حڪومت، اسيمبلين ۽ اقتدار جي ايوانن ۾ ويهندڙ سياسي پارٽين، سنڌ ڪي ڪاريهر ٻڌجي هر پيري ڏنگيو آهي، جڻ ته سنڌ کي تباهه ڪرڻ ۽ سنڌين کي قديم اونداهي دور ڏانهن ڌڪڻ جو مقابلو هجي، جنهن ۾ اقتدار پرست هر پارٽيءَ واري واري سان پرپور حصو ورتو آهي. سنڌ جي جسم ۽ روح کي جيڪي گهاءَ لڳل آهن، انهن جي آرسين ۾ عڪس ڏسبا ته انهن جي سچائپ ڏکي نه ٿيندي. اصل ۾ هڪ ناجائز مفاد آهي، هڪ ذهنيت ۽ رويو آهي، جنهن لاءِ سنڌ ڪو وطن، ڪا قوم، ڪا محبت، ڪو عشق، ڪو لطيف احساس، ڪو آدرش ۽ خواب نه، پر هڪ ڏنڊو آهي، هڪ ڏاڪڻ آهي. ٿورن لفظن ۾ ائين چئجي ته سنڌ انهن لاءِ ڪو مقصد (cause) نه، پر هڪ سياسي جُوا جو ڪارڊ آهي. هيءَ ڪهڙي ذهنيت آهي، جنهن کي پنهنجي تاريخ جو ادراڪ ناهي، جنهن جا سڀ حواس رڳو اقتدار ۽ ناجائز پئسي کي ئي محسوس ڪري سگهن ٿا. هو ان احساس کان ئي محروم آهن ته وطن جي هجڻ ۽ سڀ کان وڏي ڳالهه ته آزاد ۽ خودمختيار هجڻ جو لطف ڇا هوندو آهي. هو نه تاريخ ۾ پوئتي نهاري، پنهنجن اڳوڻن سوين نسلن جي وطنيت لاءِ ويڙهه تي فخر ڪري سگهن ٿا ۽ نه ان کي ايندڙ هزارين ۽ اڻ ڳڻين نسلن جي امانت سمجهي، ان جي خودمختيار حيثيت، وسيلن، وقار ۽ حسن جي تحفظ کي پنهنجو فرض سمجهن ٿا. هنن جون اکيون اهي خواب ڏسڻ کان وانجهيل آهن ته سنڌ کي جديد انساني تاريخ جي هڪ مهذب، سيڪيولر، خوشحال ۽ اڳتي وڌيل ديس ۽ قوم ۾ تبديل ڪرڻ لاءِ ڪهڙا ڪهڙا سماجي، علمي ۽ سياسي توڙي فڪري ٻج پوکجن، هنن کي اها سُتي پيل ئي ناهي.

هنن وطن، قوم ۽ عوام سان غير مشروط محبت جي اها ' ڇُڪي ' پيتي ئي ناهي، جيڪا انسان کي 'چريو' ڪري پنهنجي انفرادي مفاد ۽ خول مان آزاد ڪندي آهي. هي لطيف کان وٺي حافظ نظاماڻيءَ تائين 'چريا' ئي ته هئا ۽ آهن، جن جي حياتيءَ جو پل پل آدرشي گذريو. سنڌ اقتدار پرستن لاءِ ته صرف

هڪ ڪارڊ آهي، پر سوال آهي ته ڪيستائين؟ اهو چڙ ڏياريندڙ پوڳ هنن کي ڪيستائين ڦٻندو؟ مان سمجهان ٿو ته هن پيري چونڊن ۾ اهو سوال وڏيءَ شدت سان اُڀارڻ جي گهرج آهي. سنڌ جي سموري سماجا وند طبقي وٽ ڪٽي سنڌ جي نجات جا گس مختلف هجن، سندن سوچ ۽ فڪر جي انداز ۾ پل ته انيڪ فرق هجن، پر سنڌ ۾ ڪنهن معياري تبديليءَ جي سوال تي ڪي به ٻه رايا ناهن. ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته سنڌ جو شعور سنڌ جي معياري تبديليءَ جي سوال لاءِ عمل جي ميدان تي لهي اچي. سمورن جزوي، انفرادي ۽ گروهي توڙي فڪري اختلافن ۽ تضادن باوجود گڏيل طور اٿي بيهي. دنيا جو ڪوبه سماج اهڙو ناهي، جتي سڀني ماڻهن جا ويچار، فڪري واٽون يا عملي گس ساڳيا هجن. ماڻهن جا خيال، عمل، رويا ۽ ذهني لاڙا مختلف ۽ متضاد تي سگهن ٿا، پر گڏيل قومي مفادن تي ڪوبه اختلاف ناهي هوندو. سنڌ ۾ به هڪ اهڙي سهپ واري سياسي ۽ فڪري ڪلچر کي اپارڻ جي ضرورت آهي.

هونئن ته سنڌ جي باضمير دانشورن ۽ ليکڪن هميشه سنڌ جي قومي مفادن جي بچاءَ لاءِ پنهنجي قلم، فڪر ۽ عمل ذريعي پٽي جاکوڙيو آهي، پر تازو پ پ – متحده حڪومت طرفان ٻٽي مڪاني نظام جي صورت ۾ جيڪو سنڌ جي وحدت تي وار ڪيو ويو، ان خلاف هن پيري، سنڌي اديبن ۽ دانشورن سڄيءَ سنڌ ۾ پختي، منظم ۽ مسلسل جدوجهد ڪئي، سڄيءَ سنڌ ۾ احتجاج ۽ مزاحمتي مشاعرا ٿيا. جنهن سنڌ جي عوام کي نئون اتساهه ڏنو. وڏي ڳالهه ته سمورن اختلافن باوجود قلمڪار ۽ ڏات ڌڻي سنڌ جي وحدت جي سوال تي هڪ آواز ۽ گڏ نظر آيا. سنڌ جي مخصوص حالتن ۾ اها هڪ تمام مثبت روايت آهي، جيڪا اڳتي هلڻ گهرجي. جيئن ته هن جدوجهد ۾ ڪنهن جو به ذاتي يا گروهي مفاد شامل نه هو، ان ڪري هن جدوجهد جي ساک قائم رهي. گهٽي وقت کان سنڌ جي باشعور ماڻهن جي خواهش هئي ته سنڌ ۾ ڪا 'سنڌ ايجنڊا' ناهي، ان کي عوام ۾ ڪٽي وڃجي ۽ ان تي ڪا ڀرپور ۽ اثرائتي سجاڳي ۽ دٻاءُ پيدا ڪرڻ جي مهم هلائجي. جيئن ته چونڊون ٿيڻ واريون آهن، ان ڪري گڏيل صلاح اها بيٺي ته ڇو نه سنڌي دانشورن، اديبن ۽ سمورن ساجاهه وندن طرفان اها 'سنڌ ايجنڊا' چونڊن بابت سنڌ ۾ ڪٽي هلجي ته جيئن هڪ طرف سنڌ جي عوام ۾ قومي سجاڳيءَ جو عمل تيز ڪجي ته ٻئي طرف چونڊن ۾ حصو وٺندڙ پارٽين ۽ خاص طور وفاقي پارٽين تي اهو عوامي دٻاءُ وجهجي ته اهي اڳواٽ 'سنڌ ايجنڊا' بابت پنهنجي منشور ۾ پنهنجي سياسي پوزيشن واضح ڪن. اسان ڏٺو ته هر پيري پ پ حڪومت هر ڪُڏو ڪم اهو جواز

ڏئي ڪندي آهي تہ، وٽن عوام جو ڏنل مينڊيٽ آهي. اها مينڊيٽ جي غلط تشريح آهي. جمهوريت ۾ سياسي پارٽيون چونڊن کان اڳ عوام آڏو پنهنجو سياسي منشور پڌرو ڪنديون آهن ۽ پوءِ ان بنياد تي ماڻهن کان ووٽ گهرنديون آهن. اقتدار ۾ اچڻ کانپوءِ اهي پنهنجي منشور تي عمل ڪرڻ لاءِ پابند هونديون آهن. ڇا جيڪڏهن پ پ پ 2008ع ۾ اهو واضح ڪري ها تہ اها بہ مشرف وانگر متحده کي سياسي طور دادلو ڪري هلائيندي، سنڌ جي وحدت کي خطري ۾ وجهندي، ڪرپشن ۽ اقرباپروريءَ جي بازار گرم ڪندي ۽ سنڌ کي بدترين حڪمرانيءَ ذريعي زوال پذير معاشري ۾ تبديل ڪري ڇڏيندي، تہ ڇا سنڌي ماڻهو کين ووٽ ڏئي ها؟ هر گز نہ ! ان ڪري هن ڀيري ضروري آهي تہ چونڊن ۾ حصو وٺندڙ سياسي پارٽين تي گهربل دٻاءُ وجهجي تہ اهي 'سنڌ ايجنڊا' بابت پنهنجي اليڪشن منشور ۾ واضح پوزيشن اختيار ڪن تہ جيئن سنڌ سان ويساهہ گهاتيءَ لاءِ وري مينڊيٽ جو راڳ نہ آلاپيو وڃي. هن ڀيري سنڌ کي رڳو اقتداري راند جي هڪ ڪارڊ طور استعمال ڪرڻ جي سخت مزاحمت ٿيڻ گهرجي ۽ اها مزاحمت 'سنڌ ايجنڊا' کي بنياد بڻائڻ سان ئي ڪري سگهجي ٿي، ڇاڪاڻ تہ اها ايجنڊا ڪنهن هڪ فرد، گروهہ يا فورم جي نہ، پر سڄيءَ سنڌ جي قومي مفادن جي بچاءَ جي آهي. سنڌ ايجنڊا جو بنياد هيٺيان نقطا ٿي سگهن ٿا:

- سنڌ کي پاڪستان جي وفاق ۾ اهڙي خودمختيار حيثيت ملڻ گهرجي، جيئن دنيا جي وفاقي جمهوري ملڪن ۾ قومن کي حاصل هوندي آهي. اهو تڏهن ئي ممڪن آهي، جڏهن رياست جي جوڙجڪ هڪ نئين سماجي معاهدي تحت ۽ 1940ع جي ٺهراءُ جي روح مطابق هجي. اهو نئون سماجي معاهدو هڪ نئين آئين ساز اسيمبليءَ ذريعي هڪ نئين آئين تحت ٿي سگهي ٿو.
- سنڌ پاڪستان ۾ هڪ وطن طور شامل ٿي هئي ۽ ان جي جاگرافيائي وحدت ازلي ۽ ابدي آهي، جنهن تي سنڌي ماڻهو ڪابہ سوديبازي ڪرڻ جو تصور بہ نٿا ڪري سگهن. سنڌ جي تاريخي جاگرافيائي وحدت سان هٿ چراند جو اختيار ڪنهن بہ فرد، گروه، پارٽي، حڪومت يا اسيمبليءَ کي ڏئي نہ ٿو سگهجي.
- سنڌ تي حڪمرانيءَ جو تاريخي حق ان جي وارثن يعني سنڌي ماڻهن جو آهي. سنڌين جو اهو حق تڏهن ئي محفوظ رهي سگهي ٿو جڏهن سنڌ ۾ سنڌي دائمي ۽ قطعي اڪثريتي حيثيت ۾ هجن. سنڌ ۾ ڌارين جي

آبادڪاري ايترو تہ وڌي وئي آهي ۽ وڌي رهي آهي، جو جيڪڏهن ان جو ڪو تدارڪ نہ ٿيو تہ اهو وقت پري ناهي، جڏهن سنڌي سنڌ ۾ ٿورائيءَ ۾ هوندا ۽ نتيجي ۾ سنڌ تي حڪمرانيءَ جو حق وڃائي ويهندا. ان ڏس ۾ بہ قدم ضروري آهن يعني هڪ تہ ڪراچيءَ ۾ تيھہ لک کان مٿي پرڏيهي پناهگيرن کي واپس سندن ملڪن ڏانهن اماڻيو وڃي ۽ صوبائي سطح تي قانونسازي ذريعي ٻين صوبن کان اچي آباد ٿيل ماڻهن کي ملڪيتن خريد ڪرڻ ۽ ووٽ ڏيڻ جي حقن کي روڪيو وڃي.

- جيتوڻيڪ سنڌ ۾ سنڌي ٻوليءَ جي حيثيت بابت بل پاس ٿيل آهي، پر ان تي ڪنهن بہ سطح تي عمل نہ ٿو ٿئي. سنڌ ۾ سنڌي ٻوليءَ جي قومي ۽ دفتري ٻوليءَ جي حيثيت تي عمل لاءِ هڪ جامع رٿا جوڙڻ جي ضرورت آهي، خاص طور وڏن شهرن ۾ سنڌي ٻوليءَ ۾ تعليم جي حوالي سان.
- سنڌ قدرتي ۽ معاشي وسيلن سان مالا مال آهي، پر ان جا ماڻهو خاص طور پورهيت تمام غريب ۽ بدحال آهن. ساڳيو حال سنڌ جي ترقياتي ڍانچي جو آهي. سنڌ ۾ غربت، بدحالي ۽ ترقياتي ڍانچي جي صورتحال ۾ ڪو معياري ڦيرو تڏهن ايندو، جڏهن سنڌ جا قدرتي ۽ معاشي وسيلا سنڌ جي ڳوٺن ۽ ننڍين شهرن ۾ ماڻهن تي خرچ ٿيندا.
- سنڌ جو عوام مڪاني حڪومت جي جمهوري سرشتي جي خلاف ناهي. عدم مرڪزيت جمهوريت جو روح هوندي آهي. سنڌ ۾ هڪ اهڙي مڪاني حڪومتن جي نظام جي گهرج آهي، جيڪو ڪنهن مخصوص شهر، گروهہ، پارٽيءَ بجاءِ سنڌ جي ماڻهن کي ڪنهن بہ رنگ، نسل، مذهب، ٻوليءَ ۽ علائقي جي متڀيد کانسواءِ، شهري سهوليتون فراهم ڪري. جتي سنڌ ٻئي مڪاني نظام کي رد ڪيو، اتي 1979ع جي نظام کي بہ سنڌ جو عوام پسند نہ ٿو ڪري. سنڌ ۾ مڪاني حڪومتن جو نظام دنيا ۾ مڃيل ۽ مروج جمهوري اصولن مطابق هجي.
- تعليم ۽ صحت کان سواءِ ڪو بہ معاشرو اڳتي وڌي ۽ ان جي متوازن اوسر ٿئي، اهو ممڪن نہ آهي. ان ڪري سنڌ جي بجيٽ جو جوڳو حصو سنڌ جي تعليم ۽ صحت جي شعبن تي خرچ ڪرڻ گهرجي. انهن ۽ ٻين سمورن شعبن ۾ ميرٽ کي سختيءَ سان لاڳو ڪيو وڃي.
- سنڌ ۾ غير قانوني هٿيارن جا انبار خطرناڪ حد تائين وڌي چڪا آهن، خاص طور ڪراچيءَ ۾. سنڌ ۾ قانون جي حڪمراني ۽ پرامن ماحول جي لاءِ لازمي آهي تہ سڄيءَ سنڌ کي ۽ خاص طور ڪراچيءَ کي غيرقانوني

هٿيارن کان پاڪ ڪيو وڃي.

- گذريل وڏي عرصي تہ چا پر گذريل ڇهن ڏهاڪن کان سنڌ ۾ سڄي معاشي سيٽ اپ رڳو ڪراچيءَ ۾ ٽڪي آهي ۽ ٻئي طرف سڄي سنڌ جي ترقياتي صورتحال تباهہ حال آهي. سنڌ ۾ ضرورت آهي تہ ٻيا بہ وڏا شهري مرڪز ٺاهيا وڃن ۽ اهو تڏهن ٿيندو، جڏهن سنڌ جي ٻين علائقن ۾ صنعتن جو ڄار وڇايو ويندو. صنعتڪاريءَ کان سواءِ، سنڌي سماج جي پيداواري ناتن ۽ سماجي ٻيهڪ ۾ ڪا وڏي تبديلي اچي، اهو ممڪن نہ آهي. جديد شهر ۽ سماج جي اڏاوت صنعتي دور کانسواءِ ممڪن ناهي.
- سنڌ حڪومت کي پنهنجي پاڻيءَ بابت پاليسي جوڙڻ گهرجي، جنهن کي اسيمبليءَ مان پاس ڪرايو وڃي ۽ ان جو بنياد سنڌو درياهہ تي سنڌي ماڻهن جي حتمي حق ۽ عالمي اصولن تي ٻڌل هجي. ساڳئي طرح ايندڙ اين ماليائي ايوارڊ لاءِ سنڌ حڪومت کي پنهنجو ڪيس ساک وارن ماهرن جي مدد سان ٺاهڻ گهرجي. پاڪستان ۾ ماليائي ايوارڊ سنڌ جي ماليائي ڦرلٽ جو نالو آهي، سنڌ کي ماليائي ايوارڊ بابت واضح پاليسي هئڻ گهرجي. گذريل ڏهاڪي ثابت ڪيو آهي تہ ماحولياتي تبديلي سبب سنڌ هاڻي مسلسل ٻوڏن، ساموندي طوفانن ۽ وڏين بارشن جي منهن ۾ آهي، جنهن جو غير معمولي نقصان اسان بار بار ڏسي چڪا آهيون. سنڌ وٽ اهڙي صورتحال کي منهن ڏيڻ لاءِ ڪابہ رٿابندي ۽ صلاحيت نہ آهي. ان ڪري ضرورت آهي تہ سنڌ وٽ ان بابت هڪ وڏي رٿابندي ۽ ادارو هجي، جيڪو مستقل بنيادن تي ڪم ڪري.
- سنڌ ۾ مذهبي ۽ فرقيوارانہ انتهاپسنديءَ جو ٻج وڏي پيماني تي ڇٽجي رهيو آهي، جنهن سنڌ جي صديون پراڻي صوفياڻي مزاج تي وڏا ناڪاري اثر وڌا آهن. سنڌ ۾ سنڌي هندن کي بہ هڪ رٿابنديءَ تحت هيسايو ويو آهي ۽ ساڻن بدترين واقعن ڪين سنڌ مان لڏپلاڻ تي مجبور ڪيو آهي. ان ڏس ۾ سنڌ ۾ هڪ سگهاري تحريڪ ۽ قانونسازي جي گهرج آهي.
- سنڌ بابت اسانجا سمورا خواب فقط ڳالهيون ۽ ٺلهيون خواهشون ٿي رهجي ويندا، جيڪڏهن سنڌ ۾ اڌ آباديءَ يعني نارين کي سنڌي سماج ۾ هڪ آزاد، باوقار ۽ برابريءَ وارو درجو نہ ٿو ملي. ڪابہ سنڌ ايجنڊا ان نقطي کانسواءِ اڻ پوري هوندي. ان ڏس ۾ حڪومت کان وٺي سموري سماج جي ذميوار ڪردار کي اڀارڻ جي گهرج آهي. ان ڏس ۾ قانونسازيءَ، ادارن ٺاهڻ ۽ سوچ توڙي روين ۾ تبديليءَ جي ايجنڊا جوڙڻ

جي ضرورت آهي.

- جيئن دنيا ۾ ”ملينيم ڊولپمينٽ گولز“ جي ايجنڊا تي ڪم ٿي رهيو آهي، تيئن سنڌ ايجنڊا جا مٿيان نقطا بہ سنڌ جا ملينيم ڊولپمينٽ گولز هئڻ گهرجن. هن پيري چونڊن ۾ وري ڏمچر مچندو، سياسي جذباتيت ذريعي عوام جي اکين ۾ ڌوڙ وجهڻ جو طوفان بدتميزي اٿندو، وري جيئي جيئي جا چلڪڻا نعرا هوندا ۽ سنڌ ڪي ڪارڊ سمجهندڙ ميدان ۾ لهندا. سنڌ جا سمورا باشعور ماڻهو هن پيري ”سنڌ ايجنڊا“ هٿن ۾ کڻي اٿي بيهن. اميدوارن ۽ پارٽين کان سندن ماضيءَ بابت بيرحم پڇاڻو ڪن ۽ اڳتي لاءِ واضح ايجنڊا جو مطالبو ڪن. هن پيري سنڌ ۾ ’سنڌ ڪارڊ‘ جي سامهون ’سنڌ ايجنڊا‘ هئڻ گهرجي ۽ مون کي ويساهہ آهي تہ جي هٿ هٺ ڪبو تہ پس و پيش ”سنڌ ايجنڊا“ جي سامهون سنڌ ڪارڊ ”ڏوڙ“ ٿي ويندا.

*(روزاني ڪاوش، 9 مارچ 2013ع)*

# چونڊن ڪانپوءِ سنڌ ۾
# سياسي پارٽين جو مستقبل!

جيتوڻيڪ 2013ع جون چونڊون هاڻي ماضيءَ جو قصو ٿينديون پيون وڃن، پر ان جي محرڪن، لاڙن، نتيجن ۽ ايندڙ دور جي سياست تي ان جي پوندڙ اثرن بابت چوبول اڃا تائين هلندڙ آهي. هر صوبو، قوم، گروهه، طبقو ۽ سياسي پارٽي ان جو پنهنجن پنهنجن مفادن پٽاندڙ جائزو وٺي رهيا آهن. پنجاب، جيڪو هونئن سڄي ملڪ جو بالادست صوبو ۽ حاڪم قوم آهي، ان جون ته هن ڀيري ڏهه ئي آڱريون گيهه ۾ هونديون. پنجاب، توڙي مرڪز ۾ سندن نمائنده جماعت (مسلم ليگ نون) اقتدار ۾ هوندي ۽ سڀ کان وڏي ڳالهه ته اتحادي حڪومتن وانگر هنن جا هٿ پير ٻڌل نه هوندا. ان ۾ ڪو به شڪ ناهي ته گذريل ٽن ڏهاڪن ۾ هن پارٽيءَ پنجاب کي هڪ پسمانده زرعي سماج مان ڦيرائي هڪ نيم صنعتي ۽ جديد شهري سماج ۾ تبديل ڪري ڇڏيو آهي. ان ڪري ڏنو وڃي ته پنجاب جي ماڻهن ڪنهن به جذباتيت يا شخصيت پرستيءَ کان هٽي ڪري، خالص ڪارڪردگيءَ ۽ پنهنجي قومي مفاد تحت مسلم ليگ (ن) کي مينڊيٽ ڏنو آهي. خيبر پختونخوا ۾ به تحريڪ انصاف جي صورت ۾ هڪ نئين پارٽيءَ کي ڀرپور موقعو ملندو ۽ ظاهر آهي ته اها پارٽي ننهن چوٽيءَ جو زور لڳائيندي ۽ ڪوشش ڪندي ته بهتر حڪمرانيءَ ذريعي ان صوبي ۾ پنهنجو مستقل سياسي بنياد ٺاهي. بلوچستان ۾ جيتوڻيڪ هڪ گڏيل حڪومت هوندي، جنهن ۾ پختونخوا ملي عوامي پارٽي، نيشنل پارٽي ۽ مسلم ليگ (ن) شامل هونديون، پر هن ڀيري وڏ وزارت نيشنل پارٽيءَ جي صدر ڊاڪٽر مالڪ بلوچ کي پئي ملي. ڊاڪٽر مالڪ اَسيءَ جي ڏهاڪي ۾ بي ايس او جو هڪ نظرياتي اڳواڻ ليکيو ويندو هو. هو اڳ ۾ بلوچستان جو تعليم جو وزير رهي چڪو آهي ۽ هن جي دور ۾ تعليم جي حوالي سان مثالي ڪم ٿيا. گذريل دور ۾ هڪ سينيٽر جي حيثيت ۾ 18 هين آئيني ترميم ۾ صوبائي خودمختياري، قدرتي وسيلن تي صوبن جي اختيار، ان ۾ صوبن جو حصو 11.5 سيڪڙي مان وڌائي پنجاهه سيڪڙو ڪرڻ ۾ ڊاڪٽر مالڪ جي لابنگ جو

بنيادي هٿ هو. اها ڳالهہ مونکي 18هين آئيني ترميم ڪميٽيءَ جي سربراهہ سينيٽر رضا ربانيءَ هڪ ڀيري پاڻ ٻڌائي تہ جيڪڏهن 18هين آئيني ترميمَ جي ڪميٽيءَ ۾ افراسياب خٽڪ، مير حاصل بزنجو، حاجي عديل ۽ ڊاڪٽر مالڪ نہ هجن ها تہ شايد اها جُزوي ڪاميابي بہ ممڪن نہ هجي ها. پر سنڌ جا نصيب آهن، جو بہ ڀيرا اڳ ناڪام ثابت ٿيل، اسي سالن کان وڏي عُمر جي شخصَ کي سنڌ ۾ ٽيون ڀيرو وڏ وزارت ڏيڻ جو فيصلو ٿيو آهي. سبب ظاهر آهي تہ اهو ئي هوندو تہ ڪرسيءَ تي شاهہ صاحب هوندو ۽ عملي طور وڏ وزارت بلاول هائوس هلائيندو. مثان وري پ پ پ جي ڪجهہ اهم اڳواڻن تہ اهو اعلان بہ ڪري ڇڏيو آهي تہ ذوالفقار آباد ضرور ٺهندو، ٻيڻن جي ترقي ضرور ٿيندي، جنهن جو مطلب اهو آهي تہ اهي بحريہ ٽائون وارن کي ضرور ملندا، جو ان ۾ ڪربن جي تہ رڳو ڪميشن هوندي ۽ انهن اڳواڻن کي سنڌ ۾ ڌارين جي آبادي بہ نهايت مثبت لڳي ٿي. ۽ اهو بہ اعلان ٿي رهيو آهي تہ سنڌ ۾ جلد مڪاني حڪومتُن جو نظامُ پڻ لاڳو ٿيندو. خبر ناهي تہ اهو ساڳيو SPLGA وارو ۽ٽو نظام هوندو يا سنڌ جي انتظامي وحدت جو منهندار هوندو.

سنڌ ۾ پ پ پ جو ۽ ڪيئن ڪٽيو؟

پيپلز پارٽيءَ کي مجموعي طور هنن چونڊن ۾ سخت ڌڪ لڳو آهي. اُها هڪ ملڪي پارٽيءَ مان سُسي سنڌ سطح جي پارٽيءَ تائين محدود ٿي وئي آهي. اهي انديشا گهڻو اڳ ظاهر ڪيا پئي ويا، جيڪي نيٺ سامائجي معروضي طور سامهون آيا. هونئن بہ هڪ نيم صنعتي ۽ شهري سماج تي مشتمل پنجاب کي هاڻي پ پ ڏيندي بہ ڇا، ۽ ان جي نمائندگي ڪيئن ۽ ڪيتري ڪندي؟ پ پ پ کي بہ چونڊن کان گهڻو اڳ ان جو اِدراڪ ٿي چڪو هو. جنهن جي ڪري انهن هن ڀيري 'سنڌ ڪارڊ' بدران 'سرائيڪي ڪارڊ' ڪيڏيو پر ڳالهہ سندن ڳچيءَ ۾ پئجي وئي. سرائيڪين کين ان غير سنجيدگيءَ سبب ووٽ نہ ڏنو ۽ پنجابين کين اهو سمجهي ووٽ نہ ڏنو تہ اها پارٽي سندن صوبي کي ٽوڙڻ چاهي ٿي. سندن غير سنجيده حڪمراني ۽ بجليءَ جو بدترين بحران بہ ان جا وڏا سبب هئا. مان نہ ٿو سمجهان تہ پ پ پ هاڻي وري پنجاب ۾ اڳوڻي سگهہ ۽ حيثيت سان اُڀري سگهندي. هاڻي پنجاب ۾ مقابلو چڱو وقت مسلم ليگ (ن) ۽ تحريڪ انصاف جي وچ ۾ رهندو. خيبر پختونخوا ۾ پ پ پ جو اثر اڳ بہ ڪونہ هو ۽ بلوچستان ۾ جيڪو ٽڪو پئسو سندن اثر هو، اهو اڳوڻي وڏي وزير رئيساڻيءَ جي مثالي نااهل حڪمرانيءَ جي ور چڙهي ويو. باهہ ۾ ٻرندڙ بلوچستان کي پ پ پ طرفان جيڪو وڏو وزير مليو، ان مان ئي

بلوچستان بابت پ پ پ جي سياسي ڏاهپ واضح هئي.

باقي سنڌ ۾ ڪين مينڊيٽ ڪيئن مليو؟ مان سمجهان ٿو ته ان جا ٽي بنيادي سبب هئا، هڪ ته سنڌ ۾ سنڌن ڪو به اثرائتو سياسي متبادل اُڀري نه سگهيو. ڏهه جماعتي اتحاد چونڊن کان اڳ ئي ڪو ڀوتو ڀاري نه سگهيو هو. ٻيو ته ٺهيو پر جن قومپرست پارٽين پنهنجو سياسي نقصان ڪري ان اتحاد ۾ شموليت ڪئي، اتحاد جا اڳواڻ جلال محمود شاهه، ڊاڪٽر رجب ميمڻ، اياز لطيف پليجو، زين شاهه ۽ ٻين جي ٽڪن ۾ هڪ دفعو به نه ويا ۽ نه ماڻهن کي ڪو اتحاد جو تاثر ڏيئي سگهيا. هر اميدوار ووٽ پنهنجي ذاتي ۽ پارٽيءَ جي اثر جي بنياد تي ڪنيا. ڏهه جماعتي اتحاد جو ان ۾ ڪوبه اثرائتو ڪردار نه رهيو. ٻيو ته سنڌ ۾ انتظاميا پ پ پ ۽ متحده جي مرضيءَ جي هئي. سنڌ ۾ ته نگران حڪومت جو ڪو تصور به نه هو ۽ اليڪشن ڪميشن جو به اثرائتو ڪردار نظر نه آيو ۽ هيئين سطح تي وڏيون ڌانڌليون ڪيون ويون ۽ جتي جتي جنهن جو اثر هو، انهن سيئي ڏرين ڌانڌليون ڪيون. ظاهر آهي ته انتظاميا اڳ ئي گهڻي پ پ پ ۽ متحده سان ٻڌل هئي، ان ڪري ڌانڌلين جو موقعو انهن کي وڌيڪ مليو. هن ڀيري سنڌ ۾ پ پ پ وٽ هوندڙ به چُونڊُن ۾ عوامي سگهه ذريعي حصو وٺڻ بدران مقامي طور بااثر ماڻهن ذريعي چونڊُن کي خريد ڪرڻ جي حڪمتِ عملي هئي جيڪا ظاهر آهي ته طاقتَ، پئسي ۽ انتظامي پُٺ ڀرائيءَ سبب مڪمل طور ڪامياب نظر آئي.

## ڪراچيءَ ۾ متحده جو زوال شروع ٿي چڪو آهي؟

جيتوڻيڪ هن ڀيري به متحده هميشه جيان شهري علائقن مان سيٽن جو وڏو انگ کٽي ويئي، پر هن ڀيري تحريڪ انصاف جيتري وڏي انگ ۾ ڪراچيءَ مان ووٽ حاصل ڪيا آهن، ان مان نظر اچي ٿو ته اها جماعت ايندڙ دور ۾ ڪراچيءَ ۾ متحده کي سوڙهو ڪندي. اهو ئي سبب آهي جو متحده ۾ تنظيمي طور وڏي اٿل پٿل اچي ويئي آهي. ڪابه اهڙي ڌر ساڳين ماڻهن کي هميشه عهدن تي رکي، اهو ممڪن ناهي، جو ڊگهو عرصو عُهدن تي رهڻ سان انهن جو اندروني توڙي ٻاهريون اثر جُڙي ٿو. جيڪو ڪنهن به اهڙي پارٽيءَ کي نٿو آڏڙي، جنهن جو نعرو ئي آهي "منزل نهين، رهنما چاهئي!" هن تنظيم جي سموري ڪمانڊ هڪ فرد وٽ آهي ۽ هوندڙ به ڏسجي ته گذريل ٽن ڏهاڪن کان هن تنظيم جا اڳواڻ ڪجهه وقت منظر تي رهي يا ته مارجي ويندا آهن يا گمناميءَ ۾ هليا ويندا آهن. اجمل دهلوي ۽ آفتاب شيخ ان جا زنده مثال آهن ۽ عظيم طارق، عمران فاروق، رازق خان، طارق جاويد، اشتياق اظهر ۽ ٻيا انيڪ ماڻهو هئا، جيڪي

تنظيم ته ڇا، دنيا ۾ ئي نه رهيا. هنن ڇونڊن متحده کي واضح نياپو ڏنو آهي ته ڪراچيءَ تي سنڌن هڪ هٽيءَ جو سچ هميشه اُپ تي رهي نه ٿو سگهي. ان ڏس ۾ قومپرست تنظيمن سميت سمورين واسطيدار ڌرين کي ڪراچيءَ جي حوالي سان هڪ وسيع حڪمت عمليءَ جي ضرورت آهي.

## مسلم ليگ (ن) سنڌ ۾ پير کوڙي سگهندي؟

هن ڀيري مسلم ليگ (ن) جيئن ته مرڪز سان گڏ پنجاب ۽ بلوچستان ۾ پڻ حڪومتون ٺاهي رهي آهي، انڪري ان جي وڏي ڪوشش هوندي ته اها سنڌ ۾ به بهتر سياسي بنياد ٺاهي. ميان نواز شريف جي اها خواهش پراڻي آهي پر ان ڏس ۾ اڃا هنن ڪا وڏي سنجيده ڪوشش نه ڪئي آهي. شايد هو ذهني ۽ نفسياتي طور به ان کي تمام ڏکيو سمجهي ٿو. جو هن کي خبر آهي ته ڪراچيءَ ۾ متحده ۽ باقي سڄي سنڌ ۾ پ پ پ کان سياسي طاقت کسڻ شايد هن لاءِ ان ڪري به ڏکيو آهي، جو هو هڪ پنجابي آهي. هڪ ڀيري ميان نواز شريف ڪراچيءَ ۾ هڪ غير رسمي ڪچهريءَ ۾ سيد غوث علي شاهه، اِلاهي بخش سومري، ممنون حسين ۽ ڪجهه دانشورن جي روبرو مونکان پڇيو هو ته، ڇا سنڌ ۾ مسلم ليگ (ن) جي لاءِ سياسي گنجائش آهي يا ٿي سگهي ٿي؟ مون ان جي جواب ۾ کيس چيو هو ته، ها، جيڪڏهن مسلم ليگ (ن) پاڻ تان پنجابي پارٽيءَ جو ليبل لاهي، سنڌ جي اشوز تي چٽو موقف رکي، سنڌي عوام سان هر ڏکئي وقت ۾ گڏ بيهي، 1940ع واري پنهنجي (مسلم ليگ جي) نهراءَ جي مالڪي ڪري ۽ سڀ کان وڏي ڳالهه ته اها شيرازين ۽ اربابن جهڙن خاندانن بجاءِ سِڌيءَ ريت عوام ۾ وڃي تنظيم سازي ڪري. منهنجي ان جواب ڪانپوءِ نواز شريف اُٿي مون وٽ هلي آيو ۽ الاهي بخش سومري مون کي خوشيءَ وچان ڀاڪر پائي چيو ته، اڄ تائين سنڌ ۾ نواز شريف سان ائين ڪنهن به نه ڳالهايو آهي، پر افسوس جو مسلم ليگ (ن) ڇونڊن کان اڳ ۽ پوءِ سنڌي عوام بجاءِ انهن ئي خاندانن جي ذريعي سنڌ ۾ جاءِ ٺاهڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، جيڪي سدائين پارٽيون بدلائيندا رهيا آهن، جنهن مان ڪين وقتي طور ۽ سيٽن جي انگ جو ته فائدو ٿيندو پر ان سان سنڌين جي دلين ۾ جاءِ ٺاهڻ تمام ڏکيو آهي.

## ڇا مسلم ليگ (ف) سنڌ ۾ متبادل طور اُڀري سگهندي؟

مسلم ليگ (ف) هڪ ساڄيءَ ڌُر جي اهڙي جماعت آهي، جنهن جو بنيادي اثر، سنڌ جي مجموعي عوام نه پر ڪجهه ضلعن جي حُرن ۾ آهي. هيءَ پارٽي سدائين وڏي واڪي پاڻ کي "جي ايڇ ڪِيو" سان سلهاڙيل هجڻ جي دعويدار رهي آهي. نه رُڳو اهو پر ضياءُ الحق ۽ پرويز مشرف جي ويهه سالہ

حڪومتي دور ۾ پنهنجي آمرن جي پاليسين سان پٺ رهي آهي. موجوده پير صاحب پاڳاري پڻ مڪاني نظام خلاف سنڌي عوام سان گڏ بيهي پنهنجي پارٽيءَ بابت اڳ موجود تاثر کي تبديل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، جنهن جي نتيجي ۾ سنڌ جي ٽن قومپرست پارٽين ساڻس اتحاد به ڪيو. پر حقيقت اها آهي ته چونڊن جي سڄي عمل دوران موجوده پير صاحب پاڳارو سڄيءَ سنڌ ۾ وچين سنڌي عوام جي وڏي گهڻائيءَ کي متحرڪ نه ڪري سگهيو. باقي مسلم ليگ (ف) سنڌ ۾ تيستائين اُڀري نه سگهندي، جيسين اها سنڌ ۾ ڪو واضح پروگرام، نئون سياسي ڪلچر ۽ نئين ليڊرشپ نه ڪڍي ايندي.

**پارلياماني سياست ڪندڙ سنڌي قومپرستن جو مستقبل:**

جيتوڻيڪ سنڌ جي قومي تحريڪ جي ڪا هڪ تنظيم نمائندگي نه ٿي ڪري، جو اها مختلف گروهن، نظرياتي فرقن ۽ ٽولن ۾ ورهايل آهي، پر انهن مان جن ٽن تنظيمن هن ڀيري چونڊن ۾ حصو ورتو، انهن جو ڪوبه اڳواڻ مناسب ووٽ کڻڻ باوجود چونڊ کٽي نه سگهيو. مان سمجهان ٿو ته چونڊن کان اڳ سنڌن حڪمتِ عملين ۽چونڊ نتيجن سنڌن حيثيت ۽ ساک کي وڏو ڌڪ هنيو آهي. هڪ ته چونڊن کان اڳ ٽيهه سيڪڙو سيٽون کڻڻ ۽ پ پ پ کي بدترين شڪست ڏيڻ جي دعويدار تنظيمن وٽ ٻيو ته ٺهيو سڄيءَ سنڌ ۾ ڏهه مضبوط اميدوار به نه هئا. عوامي تحريڪ جو مضبوط اميدوار رڳو هڪ يعني اياز لطيف پليجو هو. سنڌ يونائيٽيڊ پارٽيءَ جا به مضبوط اميدوار ۽ ٻئي پاڻ يعني سيد جلال محمود شاهه ۽ سيد زين شاهه هئا، جڏهن ته ترقي پسند پارٽيءَ وٽ به ڏيکارڻ جهڙو اميدوار رڳو ڊاڪٽر رجب ميمڻ هو. ڊاڪٽر قادر مگسي خبر ناهي ڇو ڪنهن به تڪ تان نه بيٺو. انهن پارٽين جي حالت اها هئي جو وٽن انهن چند تڪن لاءِ به پورا پولنگ ايجنٽ نه هئا. اهو هڪ سنجيده سوال آهي ته آخر اسان جي قومي ۽ وطن دوست سياست ڪندڙ تنظيمن جي تنظيمي صلاحيت ايتري ڪمزور ڇو آهي؟ جڏهن سنڌن تنظيمي ۽ سياسي صورتحال اها هوندي ته پوءِ انهن مان نه ڪنهن کي خطرو هوندو، نه ڪنهن کي اميد ۽ آسرو هوندو. هڪ طرف انهن تنظيمن جي صورتحال اها آهي ته ٻئي طرف اُهي پاڻ بابت اکر به ٻڌڻ لاءِ تيار ناهن ۽ پوءِ ليکڪن ۽ دانشورن جي ڪردار ڪشيءَ تي لهي ايندا. جي ليکڪن جي ڪردار ڪشيءَ سان سنڌ جو ٻيڙو تري ته اسان جون اکيون ٺڏيون پر معروضي حالتن مان اڀريل سوالن کي جواب ته ڏيڻو پوندو. ماڻهن جي ته ڪردار ڪشي ڪري سگهجي ٿي پر تاريخ ۽ معروضي محرڪن جي ته ڪردار ڪشي به ممڪن ناهي. سنڌ ۾ هاڻي انهن

قومپرست يا وطن دوست سياست جي دعويدار تنظيمن کي سنجيدگيءَ سان پنهنجي سگهه سنڌ جي حالتن ۾ حقيقي تبديليءَ لاءِ صحيح گس ۽ حڪمت عمليءَ تي ويچار ڪرڻو پوندو ۽ ان ڏس ۾ نوس قدم کڻڻا پوندا.

### عوام پرستي ۽ عوامي ڏڪار کان بچڻ جي ضرورت:

سنڌ ۾ چونڊن کانپوءِ به رجحان تيزيءَ سان اُڀري آيا آهن. هڪڙو لڏو آهي، جيڪو سچو ڏينهن عوام کي گهٽ وڌ پيو ڳالهائي. الزام اهي ته سنڌي محڪوميت پسند آهن، مفاد پرست آهن، بي شعور آهن، منجهن گڏيل ضمير ڪونهي. مان سمجهان ٿو ته اها انهن جي غير سائنسي يا غير سنجيده ڳالهه آهي. عوام جي موجوده سوچ، روين، لاڙن جي نندا ڪرڻ جي بجاءِ انهن محرڪن ۽ معروضي حالتن کي سمجهڻ جي ضرورت آهي، جيڪي عوام جي سوچ ۽ روين جي تشڪيل ڪن ٿيون. ان ڪري عوام کي گهٽ وڌ ڳالهائڻ سان سنڌ جو آجپو ڪونه ملندو پر عوام جن حالتن ۾ رهي ٿو جن حالتن ۾ ان جو شعور جڙي ٿو ۽ پوءِ پنهنجو سياسي، سماجي، ثقافتي ۽ نفسياتي اظهار ڪري ٿو انهن کي پرکڻ، پروڙڻ ۽ ان مان نوس نتيجا ڪڍي ان جي بنياد تي آئيندي جي صحيح حڪمت عملي ناهڻ جي ضرورت هوندي آهي.

ٻئي طرف هڪ ٻيو وڏو عقيده پرست ۽ اسٽيٽسڪو جو حامي لڏو آهي، جيڪو چوي ٿو ته عوام تي اکر به نه ڳالهايو. عوام جو هر قدم، هر چيل لفظ، هر رويو ۽ سوچ جو اظهار مقدس آهي. انهن جي نظر ۾ عوام جي اجتماعي ڏاهپ هر حالت ۾ صحيح هوندي آهي. معنيٰ ته عوام جيڪو وهمن، وسوسن، جهالت، غلط رسمن، ريتن ۽ محڪوميءَ واري جاگيردارانه سوچ جي جن سنگهرن ۾ صدين کان ٻڌل آهي، اهي مقدس آهن، ڇو ته اهي عوام جي گڏيل ڏاهپ جون علمبردار آهن. اها عوام پرستي نه رڳو غير عقلي ۽ غير سائنسي آهي پر سخت رجعت پسند به آهي ۽ ان جا علمبردار اهي ٻٽبا آهن، جن کي اسٽيٽسڪو کي قائم رکڻو هوندو آهي. ان ڪري جيتري عوام دشمني خراب آهي، جيترو عوام لاءِ ڏڪار جو جذبو غير سائنسي ۽ غير انساني آهي، اوتري ئي تلهي عوام پرستي به رجعت پرست آهي.

اسان کي گهرجي ته هنن چونڊن جي نتيجن سبب جيڪي معروضي محرڪ اڀري آيا آهن، انهن کي سائنسي ۽ عقلي بنيادن تي سمجهون ۽ پوءِ ان آڌار تي پنهنجي پنهنجي ڪردار جو نئين سِر تعين ڪريون. اها ئي حقيقت پسنديءَ واري سائنسي واٽ ۽ دُرست حڪمتِ عملي چئبي.

*(روزاني ڪاوش حيدرآباد، 21 مئي 2013ع)*

# سنڌ ۾ اڪثريتي مينڊيٽ جا
# اصل محرڪ ڪهڙا آهن؟

جيتوڻيڪ چونڊن کان اڳ ئي اِهو چيو پئي ويو تہ هي چونڊون ملڪي تاريخ جون اهم ترين چونڊون ثابت ٿينديون، جنهن جا نتيجا ملڪ ۾ ان جي سياست تي غير معمولي ۽ غير روايتي اثر ڇڏيندا. اها ڳالهہ هڪ حد تائين درست ثابت ٿي آهي. عوام کي جتي ۽ جيتري بہ محدود آزادي ملي، عوام اُتي ڪمال ڪري ڏيکاريو. اهو ڄاڻندي بہ تہ چونڊون يا ان کان پوءِ ٺهندڙ حڪومتون ڪين ڪو بنيادي رليف نہ ڏينديون پر تنهن هوندي بہ عوام چونڊن کي هڪ سياسي موقعو سمجهي ان ذريعي پنهنجي سياسي سوچ، روين، پاليسين ۽ خواهشن توڙي نفرتن جو ڀرپور اظهار ڪيو. ان ڪري ضرورت ان ڳالهہ جي آهي تہ عوام جي حمايت، مخالفت، رويي، خواهشن توڙي نفرتن کي رڳو چونڊن جي تناظر ۾ ڏٺو ۽ پرکيو نہ وڃي. چونڊون تہ عوام جي اظهار جو هڪ سياسي فارم هو پر ان جو جوهر ۽ سنڌن روين ۽ فيصلن جا محرڪ رڳو چونڊن يا ايندڙ حڪومتن جي قيام تائين محدود نہ هئا. اچو تہ سڀ کان اڳ عوام جي سوچ ۽ روين جي محرڪن ۽ خاص طور سنڌي عوام جي خواهشن ۽ سياسي روين جو جائزو وٺون. مجموعي طور سنڌي عوام جي سياسي محرڪن، سوچن، احساسن ۽ روين جا بنياد هي آهن:

(1) سڀ کان پهرين ڳالهہ تہ سنڌي عوام جي گهڻائي هن موجوده نظام جي مروج مفادن ۽ شڪلين جي اسٽيٽسڪو کان سخت بيزار آهي. ماڻهو معياري تبديلي چاهين ٿا، اها تبديلي رڳو ليڊرشپ جي مهاڏن جي نہ پر اهڙي تبديلي هجي جيڪا هو پنهنجي ذهني، احساساتي، سياسي، معاشي ۽ سماجي زندگيءَ ۾ پاڻ بہ محسوس ڪن ۽ سڀ کان وڏي ڳالهہ تہ پنهنجي لاءِ بہ محسوس ڪن. هن ملڪ جو عوام ۽ خاص طور سنڌي عوام اسٽيٽسڪو جي سمورين شڪلين کان نہ رڳو سياسي، معاشي ۽ سماجي طور پر ذهني ۽ روحاني طور بہ بيزار ٿي چڪو آهي. سوال آهي تہ ڇا سياسي پارٽيون گهربل سطح تي عوام جي نمائندگي عوام جي گهرجن ۽ خواهشن پٽاندڙ ڪرڻ لاءِ تيار آهن؟ سوال

آهي تہ جيترو عوام چٽو واضح ۽ بنيادي شين تي ليڪو ڪڍي بيٺو آهي، ايترو سندس نمائندگيءَ جي دعويدار سياسي پارٽيون بہ واضح آهن يا نہ؟ نظر اهو پيو اچي تہ عوام اڳيان آهي ۽ سياسي پارٽيون محدود حد تائين ان پٺيان گهلجڻ تي مجبور آهن. اجا بہ ائين چئجي تہ وڏيون سياسي پارٽيون اسٽيٽسڪو ۽ عوام جي اُبتڙ مفادن جي وچ ۾ ٽنگيل آهن. نہ هو عوام مان هٿ ڪڍي ٿيون سگهن ۽ نہ اسٽيٽسڪو مان. دراصل هن سموري سياسي بحران جو هڪ وڏو سبب بہ اهو ئي آهي. اهي سياسي پارٽيون ان تضاد جو حل عوام جي حق ۾ ڪڍڻ بجاءِ ويتر ان کي ٽڏو ۽ ماٺو ڪرڻ جي ڪوشش ڪن ٿيون. ان ڪري جيستائين سياسي پارٽيون موجوده سياسي ۽ رياستي بحران جي محرڪن کي نہ سمجهنديون تيسين نہ تہ اُهي عوام جي حقيقي نمائندگي ڪري سگهنديون، نہ وري ڪي بنيادي نوعيت جا نتيجا ڏئي سگهنديون. اِها ڳالهہ انهن سياسي پارٽين تي بہ لاڳو آهي، جيڪي اليڪشني سياست کان ٻاهر آهن. چاڪاڻ تہ حقيقت اِها آهي تہ اُهي سياسي پارٽيون جيڪي پاڻ کي اسٽيٽسڪو جون مخالف يا قومي مفادن جون محافظ سڏرائين ٿيون، انهن بہ عوام ۾ گهربل سطح جو تنظيمي ۽ سياسي ڪم نہ ڪيو آهي ۽ نہ ئي عوام کي اسٽيٽسڪو جي سياست جو ڪو اثرائتو تنظيمي ۽ سياسي متبادل ڏنو آهي. سياست اندر رڳو صحيح موقف پيش ڪرڻ، عوام جي ضمير جي نمائندگي ڪرڻ ۽ ڪن خاص موقعن ۽ اِشوز تي سرگرم ٿيڻ ڪافي نہ آهي. جيستائين عوام کي سگهاري تنظيم نہ ٿي ڏجي تيسين سياسي طور عوام جي حقيقي نمائندگيءَ جي دعويٰ بہ نہ ٿي ڪري سگهجي.

(2) عام طور اهو فيشن ۾ چيو ويندو آهي تہ سنڌي عوام ۾ محروميءَ جو احساس آهي، حقيقت اِها آهي تہ سنڌي عوام ۾ محروميءَ جو نہ پر غلاميءَ ۽ نڌڻڪائيءَ جو احساس شديد ٿي ويو آهي. ماڻهن کي رياست ۽ ان جي پاليل خاندانن ۽ وڏيرن نڙيءَ تائين سوڙهو ڪيو آهي ۽ سياسي پارٽين کين عملي طور نڌڻڪو ڪري ڇڏيو آهي. هنن چوندن ۾ بہ سياسي پارٽين بجاءِ عوام پاڻ مڙسي ڪئي آهي. ماڻهن مزاحمت ڪئي آهي ۽ پنهنجي ويري قوتن کي رد ڪيو آهي. عوام دوست قومي ۽ جمهوري سياسي پارٽين جو ڪم هوندو آهي تہ عوام جي هر سطح تي واهر ڪن پر سنڌي عوام گذريل ڪيتري زماني کان سخت نڌڻڪائيءَ جو شڪار آهي. رياست، سرڪاري ۽ عوام دشمن وڏيرا، دهشتگرد، ڌاڙيل، لاقانونيت، غربت ۽ بي وسيءَ جا راڪاس "عوام بوءِ عوام بوءِ" ڪندا وتن ۽ عوام انهن وحشتن وچ ۾ پاڻ کي نڌڻڪو ۽ بي واهو محسوس

ڪري ٿو. گذريل ڪيتري وقت کان اقتداري سياسي پارٽيون عوام بجاءِ رڳو پنهنجو بچاءُ ڪرڻ ۾ رڌل رهيون آهن. سرزمين تي عوام جي واهر ڪير بہ نہ ٿو ڪري. اهو ئي حال قومپرست ۽ وطن دوست سياست جي دعويدار سياسي پارٽين جو آهي. سندن سڄو زور رڳو عوام جي حق ۾ سياسي موقف رکڻ تي آهي پر عوام سان سڌيءَ ريت سندن ڪيترو تعلق ۽ رابطو آهي يا وٽن ڪو تنظيمي ۽ سياسي انتظام آهي، جنهن ذريعي هو عوام جي عملي طور واهر ڪري سگهن؟ حقيقت اها آهي تہ عوام رياستي ادارن، وڏيرن، پوليس، دهشتگردن ۽ ڏاڙيلن سان چڱيءَ ريت پڄي سگهي ٿو، شرط رڳو اهو آهي تہ عوام جي واهر ڪئي وڃي ۽ اها واهر سياسي تنظيمون تڏهن ئي ڪري سگهنديون جڏهن اُهي هيٺين سطح تي تنظيمي طور منظم ۽ سگهاريون هونديون ۽ انهن جو عوام سان سڌيءَ ريت اثرائتو رابطو هوندو. جيڪو عوام بنا مالڪيءَ جي چونڊن ۾ سرڪاري وڏيرن کي بدترين شڪست ڏئي سگهي ٿو، جي ان جي واهر ڪئي وڃي تہ اهو ڇا نہ ٿو ڪري سگهي؟

(3) جيتوڻيڪ سنڌي عوام چونڊن ۾ حصو وٺي وڏيرن ۽ رياستي مدد سان هلندڙ پارٽين جو ڏينگو ڏيري ڪري ڏيکاريو پر حقيقت ۾ عوام اهو سمجهي ٿو تہ پاڪستان جهڙيءَ رياست ۾ رڳو چونڊن جي نالي ۾ ٿيندڙ سرگرميءَ سان سندن بنيادي مسئلن جو ڪو بہ حل نہ نڪرندو. ڇاڪاڻ تہ جتي ملڪ تي قابض اسٽيبلشمينٽ ئي خود مختيار ناهي اُتي ويچارين سياسي حڪومتن کي ڪيترا اختيار هوندا، اهو هاڻي عوام لاءِ ڪو راز نہ آهي. ان ڪري عوام سياسي مزاحمت ۽ پنهنجن حقن ۽ خود مختياريءَ لاءِ بنيادي جدوجهد چاهي ٿو. 1983ع ۽ 1986ع کان وٺي ويندي پاڻيءَ جي جدوجهد ۽ تازو محترمہ بينظير ڀٽو جي شهادت تائين عوام پنهنجي ڀرپور مزاحمت ۽ جدوجهد جو اظهار ڪيو آهي ۽ حقيقت اها آهي تہ سواءِ پاڻيءَ جي جدوجهد جي باقي سمورن حساس موقعن ۽ جدوجهدن ۾ عوام سياسي پارٽين کان گهڻو اڳتي رهيو آهي. هن ڀيري بہ محترمہ بينظير ڀٽو جي شهادت سنڌي عوام ۾ جيڪا غير معمولي سياسي سگهہ پيدا ڪئي ان جو نہ رڳو سياسي پارٽين گهربل فائدو نہ ورتو پر ماڳهين ان کي مانو ڪري ڇڏيو. دراصل 2008ع جي چونڊن جا نتيجا بہ ان ئي مزاحمت جو اظهار آهن. پاڪستان جو رياستي ۽ سياسي تضاد ان طرف وڃي رهيو آهي، جتي هاڻي عوام ۽ قوم جي نمائنده سياسي پارٽين کي بنيادي جدوجهد ۽ مزاحمت ڏانهن وڌڻو پوندو، ڇاڪاڻ تہ اهو هاڻي ثابت ٿي چڪو آهي تہ جيڪي قوتون ۽ مافيائون ملڪ جي سياسي، معاشي ۽ رياستي ڪار وهنوار

تي قابض آهن اُهي ائين سولائيءَ سان ان مان هٿ نہ ڪينديون. عوام انهن قوتن ۽ مافيائن سان پنهنجو وهنوار "سڌو" ڪري سگهي ٿو جيڪڏهن سياسي پارٽيون ان ڏس ۾ پنهنجو گهربل ڪردار ادا ڪن يا گهٽ ۾ گهٽ ان ۾ رڪاوٽ نہ بڻجن. 1983ع ۽ 1986ع ۾ عوام اسٽيبلشمينٽ خلاف زبردست جدوجهد ڪئي پر جڏهن سياسي عمل بحال ٿيو تہ عوام جي جدوجهد جي ان پارنهن سالن تي پاڻي ڦيريندي اسٽيبلشمينٽ سان بنيادي معاملن تي ڪمپرومائيز ڪيو ويو ۽ اسان عوام جون قربانيون ضايع ڪري ڇڏيون. 1988ع ۾ عوام پنهنجي ووٽ ذريعي خاموش انقلاب آندو پر اهو بہ ضايع ڪيو ويو. هينئر وري 2008ع جي چونڊن ۾ عوام کي جيڪو محدود موقعو مليو ان ڪمال ڪري ڏيکاريو آهي، جنهن ۾ رياست جي پاليل سرڪاري خاندانن جون سياسي طور ضمانتون ضبط ٿي ويون آهن پر سوال آهي تہ ڇا عوام جي آندل ان خاموش انقلاب کي سنڀاليو ويندو يا اڳ جيان سستي اگهہ تي ضايع ڪيو ويندو؟

(4) سنڌي عوام سنڌ تي سياسي ۽ معاشي توڙي سماجي ۽ ثقافتي طور پنهنجي مالڪي چاهي ٿو. رياست پنهنجا من پسند دهشتگرد ٽولا ۽ وڏيرا تيار ڪري ڪين پالي اها ڪوشش ڪئي آهي تہ سنڌ تي سنڌي عوام جي مالڪي ۽ حڪمراني نہ هجي. ڄام صادق، لياقت جتوئي، غوث علي شاهہ، علي محمد مهر ۽ ارباب غلام رحيم جا دؤر ان جا واضح مثال آهن. هن ڀيري سمورين رڪاوٽن باوجود سنڌي عوام پ پ پ کي پنهنجو اڪثريتي ووٽ ڏنو ۽ ان پٺيان بہ اهو محرڪ هو تہ جيئن ڪا فضيلت واري ۽ پنهنجي حڪومت سنڌي عوام کي ملي سگهي، جيڪا ڪين پنهنجائپ جو احساس ڏياري ۽ سنڌن زندگين ۾ تبديلي ۽ خوشحالي آڻي ۽ وڏي ڳالهہ تہ عوام ۽ اقتدار جي ايوانن وچ ۾ فاصلن جي ديوار ختم ڪري ڪين پنهنجي ۽ عوام دوست حڪمرانيءَ جو احساس ڏياري. سوال آهي تہ ڇا پ پ پ جي حڪومت عوام جي انهن اُميدن تي پورو لهندي؟ ڇا ان ڏس ۾ پارٽيءَ وٽ ڪا پاليسي، حڪمت عملي ۽ پروگرام آهي تہ ڪيئن سنڌ جي عوام کي پنهنجي حڪمرانيءَ ۽ حڪومت جو احساس ڏيارجي؟

(5) جيتوڻيڪ عوام جي گهڻائي غربت، بيروزگاري ۽ معاشي محتاجيءَ کان نجات چاهي ٿي، پنهنجن وسيلن تي مالڪي چاهي ٿي- پر اهو سڀ تڏهن ئي ممڪن آهي جڏهن سنڌ وٽ مڪمل خود مختياري هوندي. پاڪستان ۾ صوبن جي خود مختياري رڳو هڪ مفروضو بڻجي وئي آهي، جڏهن تہ پاڪستان جي قيام جي معاهدي جو بنياد ئي صوبن ۽ ان ۾ وسندڙ قومن جي

مڪمل خود مختياريءَ تي هو. سنڌي عوام تيسين غربت، مفلسيءَ، بک، بدحاليءَ ۽ محتاجيءَ مان جند آجي نہ ڪرائي سگهندو جيسين سنڌ کي سياسي ۽ معاشي طور مڪمل خود مختياري نہ ٿي ملي ۽ نہ رڳو سنڌ کي خود مختياري ملي پر سنڌ ۾ حڪمراني بہ اڪثريتي سنڌي عوام جي نمائندن جي هجي. باقي جي سنڌ جا مالڪ ايم ڪيو ايم ۽ وڏيرا هوندا ۽ پوءِ سنڌ کي خود مختياري ملي بہ تہ اُها سنڌي عوام جي ڪهڙي ڪم جي هوندي؟ سنڌي عوام چاهي ٿو تہ نہ رڳو سنڌن اڪثريتي نمائنده پارٽي اڪثريتي مينڊيٽ جو حق ادا ڪري ۽ سنڌي عوام جي سڀ طرفي مالڪي ڪري پر اها مرڪز سان بہ صوبي ۽ سنڌ جي عوام جي مفادن جي حوالي سان ائين ڊيل ڪري جيئن صوبي ۽ عوام جو حق ۽ سنڌن فرض آهي. پل تہ مرڪز ۾ بہ سنڌن پنهنجي ئي حڪومت چو نہ هجي. اينڌڙ وقت ۾ سنڌ ۾ سنڌي عوام کي تمام وڏا چئلينج سامهون آهن. پاڻيءَ جو تڪرار، اين ايف سي ايوارڊ جو نبيرو، آدمشماري، سنڌ ۾ ترقياتي ايجنڊا جو سوال، وفاق کان گهربل شيئر ونڻ جو معاملو، سنڌ جي قدرتي ۽ معدني وسيلن جي رائلٽي- اهي سڀ معاملا سنڌ حڪومت تڏهن ئي سنڌ ۽ سنڌي عوام جي حق ۾ نبيري سگهندي جڏهن اها مضبوط، واضح ۽ خود مختيار هوندي. پاڪستان جي سياسي مستقبل بابت ڪجهہ بہ چئي نہ ٿو سگهجي، ان ڪري هن پيري پ پ پ جي مينڊيٽ جو سنڌي عوام جي حق ۾ فائدو وٺي سگهجي ٿو، جيڪڏهن پارٽي ان ڏس ۾ سنجيدگيءَ ۽ ڪمٽمينٽ جو مظاهرو ڪري. سنڌ جي سياسي ۽ معاشي خود مختياريءَ کانسواءِ سنڌي عوام کي درپيش سنگين مسئلن جو حل ڪيڏي نہ ٿو سگهجي.

(6) هوننئن تہ پاڪستان ۾ سمورو عوام سياسي، سماجي توڙي معاشي طور غير محفوظ آهي پر حقيقت ۾ ڏٺو وڃي تہ پاڪستان ۾ سنڌ جي مخصوص حالتن ۾ سنڌي عوام شايد سڀ کان وڌيڪ گهڻ طرفن خطرن جو شڪار آهي. شهرن ۾ رهندڙ سنڌي عوام مٿان چوويهہ ئي ڪلاڪ دهشتگرديءَ جي خوف جي تلوار لٽڪندي رهي ٿي تہ وري ٻهراڙين ۾ وڏيرا، ڌاڙيل، ڏوهاري، پوليس ۽ لاقانونيت عوام لاءِ مستقل عذاب بڻيل آهن. عوام جي گهڻائي جڏهن ڪنهن پارٽيءَ کي پنهنجي حمايت ۽ اڪثريتي مينڊيٽ آڇي ٿي تہ اُن جو سڌو مطلب اهو هوندو آهي تہ عوام کي انهن گهڻ طرفن عذابن مان ممڪن حد تائين نجات ڏياري وڃي. جيڪي مٿي ذڪر ڪيل جڙون سنڌي عوام جي وطن، وسيلن، مفادن، پاڻيءَ، ناڻي، عزتِ نفس، آزاديءَ ۽ جياپي کي ڇهنيون پيون آهن اُنهن کي بدنظميءَ، لاپرواهيءَ، غير ذميواريءَ ۽ ڪم ٽپائڻ واري سياست ذريعي

منهن نٿو ڏئي سگهجي. گذريل سڄي عرصي ۾ سنڌي عوام هر اُن تنظيم، جدوجهد ۽ تحريڪ کي پنهنجو الهه تلهه آڇيو آهي جنهن مان کين اُميد ٿي ته سنڌن واهر ڪئي ويندي، پر افسوس اهو آهي ته جيترا پيرَ عوام اُنهن سياسي پارٽين سان پريا آهن موٽ ۾ اُنهن پارٽين وٽ گهربل تنظيمي سگهه، رٿابندي ۽ دور انديشي نظر نٿي اچي. اها ڳالهه پ پ سميت سمورين قومپرست ۽ وطن دوست سياسي تنظيمن تي لاڳو ٿئي ٿي. هر قومي ۽ جمهوري تحريڪ پنيان سنڌي عوام جي ڀوڙ ۽ عوام جو ساٿ اهو ثابت ڪري ٿو ته سنڌي ماڻهو پنهنجو، پنهنجن وسيلن ۽ وطن جو سڀ طرفو تحفظ چاهين ٿا. هن پيري عوام جي اڪثريتي مينڊيٽ پنيان به بنيادي طور اهي ئي محرڪ هئا جن ڪم ڏيکاريو. سوال آهي ته ڇا سياسي پارٽيون ۽ خاص طور اُهي جيڪي عوام جي مينڊيٽ جي بنياد تي اقتدار ماڻين ٿيون اُنهن کي اهو احساس ۽ ادراڪ آهي ته عوام ڪانئن ڇا ٿو چاهي؟

سياست ۽ سياسي پارٽيون اهي ئي سگهاريون ٿينديون آهن جن کي عوام جي مفادن، خواهشن ۽ تبديليءَ جي محرڪن جو ادراڪ هوندو آهي ۽ رڳو ادراڪ نه پر ان جي بنيادن تي رٿابنديءَ ۽ ان تي عمل ڪرائڻ جي تنظيمي ۽ سياسي سگهه هوندي آهي. هن پيري ڏسجي ته سياسي پارٽيون ۽ خاص طور اها ڌر جنهن جي ڪلهن تي سنڌي عوام پنهنجي نمائندگيءَ ۽ واهر جو بار رکيو آهي- اُهي ڪيئن ٿيون پاڻ ملهائين ۽ سنڌي عوام جي اتساهه ۽ ويساهه تي پورو لهن؟

# سنڌي وڏيرو ووٽ جو احترام ڇو نٿو ڪري؟

هزارين سال عوام دشمن سياسي نظامن جهڙوڪ قبائلي رياست، بادشاهتن، ملوڪيتن ۽ شهنشاهتن ۾ حڪمراني سان لاڳاپيل معاملن تہ تهيون پر ڪنهن بہ حوالي سان عام ماڻهوءَ جي راءِ جو ڪو احترام نہ ڪيو ويندو هو. عوام انهيءَ عوام دُشمن نظامن ۾ رڳو رعيت هو ۽ سندن حيثيت غلامن واري هئي، جن جو ڪم رڳو حڪمرانن جي اطاعت ڪرڻ ۽ سندن ڪارج پورهئي ذريعي پيداوار ڪرڻ هو. قديم ايراني شهنشاهہ سائرس اعظم (529-580 ق م) رڳو رعيت جي انساني حقن جي احترام جي ڳالهہ ڪئي هئي، رومي فلسفي شهنشاهہ مارڪس اوريلس (180-121 ق م) سماجي انصاف جي، مغل شهنشاهہ اڪبر (1605-1542ع) عوام سان سڌي رابطي جي يا جرمن ڏاهي بادشاهہ ۽ والٽيئر جي دوست فريڊرڪ ٻئي (1786-1740ع) عوام جي آواز کي ٻڌڻ جي ڳالهہ ڪئي هئي تہ اڄ تائين سندن تاريخ ۾ ڳڻ ڳايا وڃن ٿا. ساڳي طرح حضرت عمر رضہ جي عوام ڏانهن ذميوار حڪمرانيءَ جي دور کي اڄ بہ اسلامي تاريخ ۾ وڏي احترام سان ياد ڪيو ويندو آهي.

سياسي نظامن ۾ عوام جي راءِ جي اهميت جديد جمهوريت ۽ عوامي انقلابي نظامن جي ڪري پيدا ٿي آهي، جنهن جي شروعات ناڪام فرانسيسي انقلاب (1789ع) کان پوءِ ٿي، جڏهن نام نهاد اشرافيہ جي حيثيت جمهوري نظام ۾ رسمي طور ختم ڪئي وئي. جديد دور جي انسان کي ان ڳالهہ جو گهٽ احساس آهي تہ جنهن شيءِ کي اڄ ووٽ چيو وڃي ٿو، ان جي حاصلات لاءِ انسانذات کي ڪيترين نہ عظيم قربانيون ڏيڻيون پيون آهن، پر 21 هين صديءَ ۾ بہ هڪ سنڌي وڏيرو آهي، جيڪو اُن جي هر قسم جي تذليل جي آخري حدن تائين وڃڻ ۾ فخر محسوس ڪري ٿو، جنهن جو تازو مثال آغا سراج دراني آهي. آغا سراج دُراني تہ ڪٿي صفا دل جي ڳالهہ کولي رکي ڇڏي، پر حقيقت اها آهي تہ اُهي سڀ وڏيرا ۽ پوءِ ڏاول، جيڪي زبان سان نہ ڪٿي پر عملي طور اهو ئي ڪري رهيا آهن، جيڪو لفظن جي صورت ۾ آغا سراج بيان ڪيو آهي. مان سمجهان ٿو تہ رڳو هڪڙي آغا سراج دُراني کي گهٽ وڌ ڳالهائڻ سان ڪو وڏو فرق نہ پوندو، اهو دراصل هڪ فرد جو نہ، پر هڪ نظام جو، هڪ طبقي

جي ذهنيت ۽ عوام کي 21 هين صديءَ ۾ پنهنجي پيرن جي خاڪ سمجهندڙ طبقي جو اجتماعي رويو آهي. ان ڪري ان رويي کي هڪ فرد طرفان فرد ڏانهن نہ، پر هڪ طبقي جو ٻئي طبقي سان رويو سمجهڻ گُهرجي. هونءَ بہ هر سياسي سوال پنهنجي جوهر ۾ بنيادي طور طبقاتي سوال هوندو آهي.

مان سمجهان ٿو تہ اسان کي سنجيدگيءَ سان ان سوال جو گهڻ طرفو ۽ گهرائيءَ سان جائزو وٺڻ گهرجي تہ سنڌي وڏيرو سنڌي عوام جي ووٽ کي گُهربل اهميت ڇو نہ ٿو ڏئي؟ ان ڏس ۾ ڪُجهہ سببن تي هتي مان پنهنجا ويچار پيش ڪري رهيو آهيان.

(1) دُنيا ۾ عوامَ جي راءِ يعني ووٽن جو احترام اتي ٿيندو آهي، جتي حقيقي معنيٰ ۾ عوامي جمهوريت هوندي آهي. جتي ووٽ ڏيڻ واري کي عوام جي راءِ ۽ ووٽن جي فيصلاڪن سگهہ جو اندازو هوندو آهي ۽ جتي ووٽ وٺندڙ پارٽين ۽ اميدوارن کي پڻ اهو شديد احساس هوندو آهي تہ اها حڪمراني عوام جي آهي، جنهن جي صرف نمائندگيءَ جو حق عوام کين پنهنجي راءِ ۽ ووٽن ذريعي امانت طور ڏئي ٿو. ووٽن جو احترام ان نظام ۾ هوندو آهي، جتي جمهوريت جي نالي ۾ "اشرافيہ" جي بادشاهي نہ، پر جمهوريت هوندي آهي. پاڪستان جو مسئلو اهو آهي تہ هتي ملڪيِ تاريخ جي ستر سالن ۾ 1947ع کان 1955ع تائين ملڪ بي آئين هو يعني ملڪ جو ڪو پنهنجو آئين ڪو نہ هو ۽ 1956ع کان موجوده دور تائين ساڍا ٽيٽيهہ (33.5) سال ملڪ ۾ سڌيون آمريتون هيون ۽ باقي دورن ۾ هائبرڊ جمهوريت رهي آهي، يعني سڀ ڪُجهہ اڳ ئي طئي ٿيل هوندو آهي تہ جمهوريت ۾ عوام جي حيثيت ۽ ڪردار رڳو ووٽ ڏيڻ کان مٿي يا وڌيڪ نہ هوندو. هيءَ جيڪا ملڪ ۾ نالي ماتر جمهوريت آهي، اُها نہ رڳو عوام مٿان وڏيرن، جاگيردارن، سردارن، سرمائيدارن ۽ پوءِ ڍاول وچولي طبقي جي بادشاهيءَ جو بيو نالو آهي، پر اُها اصل ۾ مُلڪ ۾ اصل مالڪ اسٽيبليشمنٽ سان انهن قوتن ۽ طبقن جي محدود سياسي پارٽنرشپ جي هڪ شڪل پڻ آهي. ظاهر آهي تہ سنڌي وڏيرو بہ هن ئي نظام جو پرزو آهي ۽ اُهو جڏهن ووٽ ۽ ووٽر جي بدترين تذليل ڪري ٿو تہ اهو اصل ۾ اهو ثابت ڪري ٿو تہ هن نظام مٿان ليبل جمهوريت جو آهي ۽ ان جو طريقو هڪ حد تائين آئيني آهي، پر هيءَ نظام پنهنجي جوهر ۾ Oligarchy يعني امير طبقي جو نظام، امير طبقي لاءِ ۽ امير طبقي پاران نظام آهي. عوام هن نظام ۾ مالڪ ۽ اقتدار جو ڏڻي نہ، پر هڪ ميڪانڪي پرزو آهي. انڪري سنڌ ۽ ملڪ جي ماڻهن کي سمجهاڻو پوندو تہ جنهن نظام ۾ سندن وجود، مفادن، حقن ۽ راءِ

يعني ووٽن جو گهربل احترام ته ڇا، پر روز ۽ هر گهڙي تذليل ٿيندي هُجي، ان کي عوامي جمهوريت ڪنهن ريت به سڏي نه ٿو سگهجي.

(2) سنڌي وڏيرو انڪري به پنهنجي ووٽر ۽ سندس ووٽ جو احترام نه ٿو ڪري، جو ڪيس خبر آهي ته ملڪ جي پارلياماني تاريخ ۾ گهڻو عرصو اهو ووٽ هن کي سندس ڪردار جي ڪري نه، پر شهيدن يا ڪن ٻين سببن جي ڪري مليو ٿو. ڪيترا وڏيرا ته اهو چوندي بار بار ٻڌبا آهن ته جڏهن ووٽ عوام شهيدن جي قرض طور ٿو ڏئي يا شهيدن کي ٿو ڏئي ته پوءِ ذاتي حيثيت ۾ هو ووٽرن ڏانهن جوابدار ڇو هوندا؟ پلا 1970ع کان وٺي 2013ع تائين جي چونڊن ۾ گهڻا اهڙا وڏيرا آهن، جن کي ووٽ سندن ذاتي ڪردار، سوچ يا عوام جي خدمت جي بنياد تي مليو هُجي. جيڪي وڏيرا پاڪستان پيپلز پارٽيءَ ۾ رهيا آهن، انهن کي پُڪ ۽ بينظير صاحبه جي حياتين ۾ انهن جي ڪري ووٽ مليو يا وري سندن شهادتن کان پوءِ انهن جي قربانين جي ڪري ووٽ مليا. جيڪي وڏيرا پاڪستان پيپلز پارٽيءَ کان ٻاهر رهيا آهن، انهن جي اڪثريت کي وري غيبي قوتن ڪترايو آهي. اهڙيءَ صورت ۾ اُهي وڏيرا انفرادي حيثيت ۾ اهو سمجهن ٿا ته ووٽ جي اڪثريت کين ڪنهن ٻئي بنياد تي ملي ٿي، نتيجي ۾ هو ووٽرن جي ڪا به پرواهه ڪرڻ لاءِ تيار نه آهن. ڪي ماڻهو چئي سگهن ٿا ته هاڻي وڏيرن جو پنهنجو به ووٽن جو هڪ وڏو سگهارو بنياد قائم ٿي چُڪو آهي ۽ هاڻي کين مڪمل طور شهيدن جي ڪري ووٽ نه ٿا ملن. حقيقت اها آهي ته هڪ ته اهڙن وڏيرن جو انگ گهٽ آهي ۽ جي آهي ته ان ۾ به رياست جي ناڪاميءَ، عوام جي مڪمل لاوارثيءَ، پارٽين ۽ حڪومتن طرفان بيورو ڪريسيءَ کي مقامي وڏيرن جي تابع رکڻ ۽ ذات پرستيءَ جو وڏو هٿ آهي. سنڌ ۾ ووٽ جو گهربل احترام ٿيڻ جي شروعات تڏهن ٿيندي، جڏهن ووٽ ملڻ جا محرڪ ۽ بنياد تبديل ٿيندا.

(3) سنڌ ۾ اهو ڊسڪورس وڏي پئماني تي اڀارڻ جي ضرورت آهي ته اها اسان جي خام خيالي آهي ۽ رهندي جيڪڏهن اسان جو اهو خيال ۽ رويو رهندو ته ووٽن جا محرڪ به ساڳيا رهن ۽ سنڌي وڏيرو ووٽن جو احترام به ڪرڻ شروع ڪري. دنيا ۾ ڪنهن به ملڪ، دور ۽ معاشري ۾ حڪمران طبقن عوام ۽ سندن راءِ جو احترام پاڻمرادو شروع ناهي ڪيو. جيستائين انهن کي ان لاءِ عملي طور مجبور نه ٿو ڪيو وڃي ۽ حڪمران طبقو مجبور فقط تڏهن ٿيندو آهي، جڏهن عوامي سطح تي طاقت جو توازن تبديل ٿيندو آهي. جيتوڻيڪ طاقت جي توازن تبديل ڪرڻ ۽ ٿيڻ جا پيا به انيڪ ذريعا ۽ طريقا هوندا آهن،

پر جديد دور ۾ آئيني حڪومت ۽ جمهوريت اندر عوام جي راءِ ۽ ووٽ ٻه هڪ ذريعو آهي، جنهن جي غير معمولي سگهه کان انڪار نٿو ڪري سگهجي. اسان کي سمجهڻو پوندو ته اسان جو حڪمران طبقو ته تاريخ جو هڪ متروڪ ڪيل ۽ سياسي طور چِٻاڙي ڦٽي ڪيل مدي خارج وڏيرڪو طبقو آهي، جيڪو پنهنجي تاريخي سرشت ۽ جبلت ۾ نه رڳو جمهوري نه آهي، پر جمهوريت دشمن ٻه آهي. فرد جي آزاديءَ جو جديد تصور هن جي سوچ جي خمير ۾ ئي نه آهي. هن جو رول ماڊل اڄ ٻه بادشاهه آهن ۽ هنن وٽ عوام جو خاڪو اڄ ٻه انڌي، ٻوڙي ۽ گونگي عوام وارو آهي. هنن لاءِ عوام سندن "طاقت جو سرچشمو" آهي. هنن کي اهو عوام ٽورئي گهرجي، جيڪو پنهنجي لاءِ طاقت جو سرچشمو آهي. انڪري سنڌ جي عوام کي پنهنجي ووٽ جو پاڻ قدر ڪرڻو پوندو، پنهنجي طاقت جو اندازو پاڻ لڳائڻو پوندو ۽ ڪين اهو سوچڻو پوندو ته ڇا سندن ووٽ جي طاقت سندن ويري ۽ تذليل ڪندڙ مدي خارج طبقي جي طاقت جو سرچشمو ته نه آهي؟

(4) سنڌ جو وڏيرڪو طبقو عوام جي ووٽن جو قدر ان ڪري ٻه نٿو ڪري، جو کين خبر آهي ته کين ووٽ ڪنهن چونڊ منشور يا بهتر حڪمرانيءَ جي لاءِ نه، پر شهيدن، قبرن، جذباتيت، مجبوريءَ، ذات پات، راڄ ڀاڳ يا ٻين اهڙن محرڪن جي ڪري ملي ٿو. سنڌ جي عوام کي سوچڻو پوندو ته انهن محرڪن جي بنياد تي ووٽ ڏيڻ سان هو سڀ کان پهرين پنهنجي ووٽ، راءِ ۽ حيثيت جي توهين پاڻ ڪن ٿا ۽ باقي رهيل ڪم اڪين جو اڇو سنڌي وڏيرو ڪري ٿو. جڏهن سنڌ ۾ ووٽ گورننس يا پُڇاڻي جي بنياد تي ملندا ته پوءِ نه رڳو جمهوريت ۾ معياري تبديلي ايندي، پر ووٽ وٺندڙ سنڌي وڏيرو ٻه مجبور ٿيندو ۽ ان لهجي ۾ نه ڳالهائي سگهندو يا عوام جي مينڊيٽ جي ائين توهين نه ڪندو. سنڌ جي سمورن باشعور ماڻهن کي سوچڻو پوندو ۽ ڪي عملي تدبيرون جوڙڻيون پونديون ته ماڻهن جي ووٽن کي حڪمرانيءَ جي هن بدترين ماڊل مان نجات سان ڪيئن مشروط ڪجي؟ ائين ناهي ته ڪو پيپلز پارٽيءَ کان سواءِ ڪو ٻيو گروهه يا حڪومت آئي ته اُهي وري فضيلت سان هلندا. سنڌ ۾ اڳ ٻه مسلم ليگ (ن)، مسلم ليگ (ف) ۽ ٻيون پارلياماني پارٽيون وينديون ايم ڪيو ايم اقتدار ۾ مسلسل رهيون آهن. لياقت جتوئي پي ٽي آءِ ۾ شامل ٿيڻ سان ڪو پنهنجو سياسي ڪردار تبديل ته نه ڪندو، پر تبديل سنڌ جي عوام ۽ ووٽر کي ٿيڻو پوندو.

مٿي بحث هيٺ آيل نقطن کان سواءِ اسان کي اهو ٻه سمجهڻو پوندو ته

تذليل رڳو اُها ناهي هوندي، جيڪا روبرو ۽ زبان سان ڪئي ويندي آهي. ان انفرادي تذليل کان هزار ڀيرا وڌيڪ تذليل اُها آهي، جيڪا عوام دشمن، ڪرپٽ، نااهل ۽ پوءِ ڏاول حڪومتون روز ۽ هر گهڙيءَ پنهنجي عملي اپائن جي صورت ۾ ڪنديون رهن ٿيون. ميرٽ جي لتاڙ اقربا پروري، ڪرپشن، ڪميشن ڪلچر، بدانتظامي، لاپرواهي ۽ لاقانونيت ان جون ڀيانڪ شڪليون آهن. سنڌ ۾ جيترو گوڙ آغا سراج دُراني جي ڳالهائڻ تي ٿيو آهي، اُن کان وڌيڪ پُڇاڻو هن حڪمرانيءَ جي ماڊل جو ٿيڻ گهُرجي، جنهن ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي، مسلم ليگ (ن)، مسلم ليگ (ف) سميت لڳ ڀڳ سموريون پارلياماني پارٽيون شامل آهن ۽ جن سنڌ کي واري واري سان ڦريو، لُٽيو ۽ هن حال تي رسايو آهي.

آخري ڳالهه ته بلاول ڀٽو، جيڪو نه رڳو نوجوان آهي، آڪسفورڊ جو پڙهيل آهي، پر انهيءَ شهيد ذوالفقار علي ڀُٽي جو ڏوهٽو ۽ انهيءَ محترمه شهيد بينظير ڀٽو جو موٽي پُٽ آهي، جن جي تالي تي ووٽ ورتا ويجن ٿا ۽ جي هو به سنڌ جي عوام جي ووٽ جو تقدس بحال نٿو ڪرائي سگهي ۽ ان جي سرِعام تذليل جو نوٽيس نٿو وٺي ته پوءِ ماڻهو اهو چو نه سمجهندا ۽ سوچيندا ته هيءَ ڪو انفرادي رويو نه، پر هڪ اجتماعي رويو آهي.

*(روزاني ڪاوش حيدرآباد، اربع 18 آڪٽوبر 2017ع)*

# جمهوريت جو ڏاڪو،
# چونڊون 2018ع ۽ سنڌ جا مفاد!

جمهوريت ۾ انيڪ ڪمزورين ۽ خرابين تي سگهن ٿيون، پر ان جي هڪ متحرڪ خوبي اها آهي تہ ان ۾ عوام کي حڪومتن ۽ سياسي پارٽين يا پنهنجن نمائندن کي آزمائڻ جو موقعو ملندو آهي. ٽين دنيا جي اڪثر ملڪن ۾ معاشرن جو الميو اهو آهي تہ اتي انهن مدي خارج وڏيرڪن ۽ جاگيردار طبقن جمهوريت جي نظام تي اچي قبضو ڪيو آهي، جن جو بنيادي طور جمهوريت جي تصور، روح ۽ نظام سان ڪوبہ تعلق نہ آهي. پاڪستان سميت اهڙن ملڪن ۾ انهن وڏيرن ۽ جاگيردارن جا جوڙيوال تہ اهي ڳيجهو سرمائيدار ۽ مذهبي جماعتون بہ آهن، جن جو پڻ جمهوريت جي نظام سان ڪو پري جو بہ تعلق نہ آهي. ان باوجود پُرامن جمهوري طريقي سان ان طبقي يا طبقن مان جند ڇڏائڻ جو ڏگهي مدي وارو ٿي سهي، پر طريقو وري بہ سماج ۽ رياست جو جمهوري عمل آهي. ايڪويهين صديءَ ۾ انقلابي تحريڪن جي بہ جمهوري نظام سان سلهاڙجڻ جي روايت پختي ٿي رهي آهي.

پاڪستان جي سياسي تاريخ ۾ جمهوريت لاءِ وڏ ۾ وڏ جدوجهد سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن ڪئي. سنڌ ئي ايوب دور ۾ ون يونٽ خلاف سڀ کان وڏيڪ مزاحمت ڪئي ۽ تيستائين بس نہ ڪئي، جيستائين اهو وجي 1970ع ۾ باضابطہ طور ختم نہ ٿيو. ضياءالحق جي دور ۾ بہ جمهوري تحريڪ جي مَنهنداري، سنڌ ۽ سنڌين ڪئي. پرويز مشرف جي دور ۾ وڪيلن جي تحريڪ جو زور ڪٿي پنجاب ۾ هو پر ڪالاباغ ڊيم ۽ ٻين معاملن تي جدوجهد دوران سنڌ ۾ سنڌي اڳيرا رهيا. مجموعي طور اهو چئي سگهجي ٿو تہ ملڪ ۾ جمهوري جدوجهد جي سرواڻي هميشہ بنيادي طور سنڌ ۽ سنڌين سيني کان وڌيڪ ڪئي آهي. پر حقيقت ۾ ان جو ڪٽيو سنڌ جي وڏيرڪي طبقي ۽ سندن ساٿاري ڦورُو ڌرين کاڌو آهي. مون اڳ بہ بار بار اها ڳالهہ ڪئي آهي تہ عوام کي سمجهڻو ۽ کين سمجهائڻو پوندو تہ جمهوريت جي جنگ رڳو آمريتن ۾ نہ وڙهبي آهي، پر ان جو اصل ميدان آمريتن جي پڄاڻيءَ کانپوءِ تڏهن شروع

ٿيندو آهي جڏهن نالي ماتر جمهوريت (Electocracy) بحال ٿيندي آهي ۽ عوام دشمن يا ڦورو طبقا رات وچ ۾ جمهوريت جا وارث ٿي بيهندا آهن. ائين رڳو سنڌ يا پاڪستان ۾ ناهي ٿيو، اهو وڏيرڪي ۽ بورجوا جمهوريت جي سموري تاريخ ۾ ٿيو آهي. هتي تہ يورپ واري 18 هين ۽ 19 هين صدين واري بورجوا جمهوريت بہ نہ آهي، هتي تہ وڏيرڪي جمهوريت آهي، جيڪا اسٽيبلشمينٽ جي شرطن تي ۽ انهن پاران طئي ڪيل حدن اندر ڪم ڪري ٿي.

پرويز مشرف کانپوءِ 2008ع کان 2018ع تائين جو وڏيرڪي ۽ ڪاروباري طبقي جو نام نهاد جمهوريت جو ڍاڪو هو. هڪ طرف اهو طبقو عوام لاءِ اڳ جيان بدترين، ڦورو ۽ عوام دشمن هو، تيئن ان ڍاڪي عوام جي سياسي تربيت پڻ ڪئي آهي. ان ڍاڪي ۾ پهريون دفعو جذباتي ووٽ جو لاڙو گهٽ ٿيو آهي ۽ حڪمرانيءَ جو عوام دشمن انداز، ڪرپشن، اقرباپروري، ادارن جي پينگ ۽ ميرٽ جي لتاڙ عوام جي سياسي بحث مباحثي جا موضوع بڻيا آهن. انهن ئي ڏهن سالن ۾ عوام جي تجربي ۽ معروضي حالتن ملڪ جي وڏي ۾ وڏي پارٽي پاڪستان پيپلز پارٽيءَ کي ملڪ گير پارٽيءَ مان سُسائي نہ رڳو سنڌ تائين محدود ڪري ڇڏيو آهي، پر خود سنڌ ۾ بہ هاڻي ان جماعت لاءِ سياسي ميدان 2018ع جي چونڊن ۾ ائين سولو ناهي، جيئن اهو ماضيءَ ۾ هو. ان ڪري ئي تہ چئبو آهي تہ جمهوريت ڪيتري بہ ڪمزور يا نالي ماتر ڇو نہ هجي پر اها بهرحال عوام کي سياسي پارٽين ۽ پنهنجي طاقت کي آزمائڻ جا موقعا فراهم ڪري ٿي. 2018ع جون چونڊون گهٽ ۾ مثبت ۽ منفي حوالن سان ماضيءَ جي چونڊن کان مختلف هونديون. هڪ تہ هي ملڪي تاريخ جون پهريون چونڊون آهن جيڪي چونڊيل حڪومتن جي لڳاتار ٻن مُدن کانپوءِ آئيني طريقہ ڪار موجب ٿي رهيون آهن. جڏهن چونڊون مسلسل حڪومتن جي مدي پوري ٿيڻ کانپوءِ ٿين ٿيون تہ پوءِ عوام کي سياسي پارٽين ۽ حڪومتن کي آزمائڻ جو موقعو ملي ٿو ۽ سندن احتسابي سياسي عمل بہ تيز ٿئي ٿو جيئن هن پيري سنڌ ۾ نوجوانن ۽ پڙهيل لکيل ماڻهن ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي جي ڏهن سالن جي بدترين حڪمرانيءَ جي احتساب جي حوالي سان ٿي رهيو آهي. بورجوا يا وڏيرڪي ئي سهي پر جمهوريت ۾ ائين ئي ٿيندو آهي ۽ ٿيڻ بہ گهرجي. هن ملڪ ۾ سنڌ ۾ بہ عوام يا باشعور شهرين ۽ نوجوانن طرفان سياسي عمل جي شروعات ٿي چڪي آهي، جيتوڻيڪ ڪٿي ڪٿي ان ۾ انتهاپسنديءَ جا لاڙا بہ سامهون اچي رهيا آهن پر بهرحال مجموعي طور پڇاڻي جو اهو لاڙو سياسي، عوامي ۽ شهري حوالي سان هڪ بهتر ڳالهہ آهي.

هي چونڊون سنڌ ۾ ان لحاظ کان بہ اهم آهن، جو پهريون ڀيرو نوجوانن جو انگ هڪ تہ ووٽرن جي گهڻائي طور موجود آهي، ۽ ٻيو تہ اهو تمام گهڻو متحرڪ پڻ آهي، خاص طور تي سوشل ميڊيا ۾. هن موجوده نوجوان نسل جي هڪ اهم خوبي آهي ۽ ٻي ان نسل جي ڪمزوري آهي، جيڪا پڻ هنن چونڊن تي اثرانداز ٿيندي. خوبي اها آهي تہ اهو نسل سوشل ميڊيا ذريعي هڪ متحرڪ ۽ باخبر نسل آهي ۽ اهو روايتي سياست ۾ تبديلي چاهي ٿو. جنهن جو محرڪ هو پاڻ بڻجي سگهي ٿو پر سندن ڪمزوري اها آهي تہ ان نسل نظرياتي سياست جو دور نہ ڏٺو ۽ نہ ئي سندن سانڍ ۾ ڪي وڏيون سياسي ۽ مزاحمتي تحريڪون هليون آهن، جنهن ۾ سندن تربيت ٿي هجي يا سندن سياسي شعور سازي ٿي هجي. نتيجي ۾ نئين نسل جي سياسي حمايت يا مخالفت جا فڪري بنياد گهڻا پختا نہ ٿا ڏسجن. ان باوجود سنڌ جو نوجوان نسل تيزيءَ سان سياسي شعور حاصل ڪرڻ ڏانهن وڌي رهيو آهي. ڇاڪاڻ تہ پختو سياسي شعور رڳو ڪتابن مان نہ پر حالتن جي محرڪن کي سمجهڻ جي ادراڪ ۽ عوام سان سلهاڙجڻ مان پڻ ايندو آهي. 2018ع جي چونڊن جي هڪ اهم ڳالهہ اها بہ آهي جو اهي ملڪي تاريخ جون پهريون چونڊون آهن، جن ۾ جذباتي نعريبازي بجاءِ گورننس يا حڪمرانيءَ جي انداز ۽ عوام جي مسئلن بابت بحث مباحثو وڌيڪ حاوي آهي. اهو لاڙو اڳ ڪڏهن بہ چونڊن ۾ ان سطح تي نظر ناهي آيو.

حقيقت ۾ جمهوريت ۾ حڪمران طبقو ڪڏهن بہ پاڻ مرادو تبديلي ناهي آڻيندو، انهن کي عوام جون مزاحمتي تحريڪون ئي سياسي طور مرڻ يا منجو ڇڏڻ تي مجبور ڪنديون آهن. سنڌ ۾ ماضيءَ جون سموريون تحريڪون آمرن ۽ آمريتي دورن ۾ هليون جن جو بنيادي مزاحمتي حدف رياست جو آپيشاهي ڪردار هو پر هاڻي پهريون ڀيرو وڏيرڪي طبقي جي عوام دشمن ۽ مفاد پرست سياست جو گهيرو تنگ ٿي رهيو آهي ۽ ڏينهون ڏينهن وڌيڪ ٿيندو. شرط اهو آهي تہ اهڙي مزاحمتي لهر کي غير سياسي، انتهاپسند يا تشدد پسند لاڙن ڏانهن ڏڪجڻ کان بچائجي. ايم آر ڊي يا محترمہ بينظير ڀٽو جي شهادت وقت بہ پرتشدد لهرون اُٿيون هيون، پر انهن جو رخ رياست ڏانهن هو. ڇتاپيٽي جي سياسي عمل ۾ جيڪڏهن پرتشدد لاڙا وڌندا تہ اهي پس و پيش انتهاپسند قوتن کي هٿي ڏيندا. روشن خيال ۽ ترقي پسند قومي پرامن مزاحمتي سگهہ ۽ جمهوري ڀچاٽي ۾ جيڪا طاقت آهي، ان جو مقابلو پرتشدد هجوم ڪڏهن بہ نہ ڪري سگهندا. پُرتشدد ڪارروايون انقلابي عمل ۾ طاقت جو توازن تبديل

ڪنديون آهن پر جمهوري سياسي عمل ۾ اُهي منفي نتيجا آڻينديون آهن. هي چونڊون هڪ اهڙي دور ۾ ماحول ۾ ٿي رهيون آهن جڏهن سوشل ميڊيا هڪ نهايت سگهاري سماجي هٿيار طور استعمال ٿي ۽ سامهون اچي رهي آهي. پنهنجن سمورن منفي لاڙن باوجود سوشل ميڊيا عوام ۽ خاص طور نوجوانن جي آواز کي وڏو سگهارو ميدان فراهم ڪيو آهي. وڏيرا تہ ڇا، پر ڪامورا ۽ ويندي رياستي ادارا بہ سوشل ميڊيا جي آواز ۽ احتساب کان سخت لهرائين ٿا. ڪنهن دوست درست چيو تہ ڪالهہ وڏيرو جيترو تر جي صوبيدار کان لهرائيندو هو، اوترو ئي ۽ شايد ان کان سئو ڀيرا وڌيڪ اهو هاڻي فون جي ڪيمرا ۽ سوشل ميڊيا کان لهرائي ٿو. اها سوشل ميڊيا جي سگهہ هُئي، جنهن سبب ميان مِٺو کي هاڻي سنڌ ۾ ڪابہ سياسي جماعت گڏ ڪٽڻ جي جرئت نہ ٿي ڪري سگهي. مان سمجهان ٿو تہ سوشل ميڊيا جو وڌيڪ ذميوار استعمال اڃا بهتر ۽ حيرت انگيز نتيجا ڏئي سگهي ٿو.

منهنجي نظر ۾ مجموعي طور سنڌ جي پارلياماني سياست ۽ مجموعي طور سماج جي سياسي بيهڪ ۾ اهم تبديليون اچي رهيون آهن. گذريل ڏهہ سال عوام جمهوريت جي هن ڪرپٽ، نااهل ۽ عوام ڏانهن پاڻ کي جوابدار نہ سمجهندڙ جمهوريت جي ماڊل کي ڏٺو ۽ عوام پنهنجي مزاحمتي شعور جو رُخ انهي طبقي، پيٽ پرست سياست جي ماڊل ۽ حڪمرانيءَ جي مجرمانہ انداز ڏانهن بہ ڪرڻ جي شروعات ڪئي آهي، جيڪو عوام ۽ ان جي ووٽ کي رڳو اقتدار ۽ پيٽ پرست راند جو ٻارڻ سمجهي ٿو.

موجوده چونڊن کان اڳ جو ماحول ٻڌائي ٿو تہ هاڻ سنڌ ۾ پ پ پ جو اڳوڻو اُهو دور گذري چڪو آهي، جڏهن ماڻهو ڪين جذباتيت جي بنياد تي غيرمشروط ووٽ ڏيندا هُئا. پاڪستان پيپلز پارٽيءَ سان ماڻهن جي جذباتي وابستگيءَ جي آخري اليڪشن 2008ع واري هئي ۽ 2013ع ۾ بہ پ پ پ عوام جي محبوب پارٽي نہ رهي هئي ۽ اهو ئي سبب آهي جو آصف علي زرداري برادري جي سياست کي هڪ پاليسيءَ ۽ حڪمت عملي طور هٿ وٺي سنڌ ۾ زور وٺرايو. نتيجو اهو نڪتو جو اڳ وڏيرا هن پارٽيءَ جي پويان ڊوڙندا هُئا ۽ هاڻي هيءَ پارٽي سندن محتاج آهي. ان موقعي تي اهو دوکو نہ کائڻ گهرجي تہ جيڪڏهن پ پ پ گذريل ڏهہ سال سنڌ ۾ ڀينگ ڪئي آهي تہ ڪو جي ڊي اي وارن ان کان اڳ ۽ ان دوران سنڌ جي ڀينگ نہ ڪئي آهي ۽ اهي اقتدار ۾ اچي ڪو عوام دوست حڪمرانيءَ جو ماڊل متعارف ڪرائيندا. ان ڪري اصل احتساب ۽ پُرامن سياسي بغاوت ان طبقي خلاف ٿيڻ گهرجي. پوءِ چاهي اهو

پيپلو هجي يا ليگلو يا جي ڊي اي جو وڏيرو. سنڌ ۾ هن ڀيري متبادل جو به ايترو مسئلو نه آهي. ايترا سيرا ئي سهي، پر هن ڀيري نوان ۽ روشن خيال ماڻهو سچيءَ سنڌ ۾ بيٺا آهن. ڪٿ يا هارائڻ جي ڳُتڪي ڪان بي نياز ٿي درست ماڻهن جو ساڍ ڏيڻ سان ئي پارلياماني سياست ۾ تبديلي جي شروعات ٿي سگهي ٿي. هن ڀيري سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي، تبديلي پسند پارٽي، سنڌ ترقي پسند پارٽي، عوامي ورڪرز پارٽي ۽ ٻين گروپن جي سوين اميدوارن سميت آزاد اميدوار پڻ بيٺا آهن. سنڌ ۾ بهتر ته اهو ٿئي ها ته پ پ سامهون جي ڊي اي جهڙي رجعت پسند وڏيرڪي اتحاد بدران سنڌ جون سموريون وطن دوست، روشن خيال ۽ ترقي پسند ڌريون ۽ گروهه ڪو گڏيل اليڪشن پليٽ فارم ۾ جوڙين ها ته شايد ووٽ ڏيندڙن جي وڏي انگ تي اثرانداز ٿي سگهجي ها. مسئلو اهو آهي ته ڪجهه ماڻهو وڏيرن سان ته ويهي سگهن ٿا، پر اهي وچولي طبقي جي تنظيمن يا ليڊرشپ سان گڏ ويهڻ کي عيب سمجهن ٿا، ڇاڪاڻ ته اها واٽ سنڌن لاءِ شايد ٽڪڙو اقتدار جي ڏاڪڻ بڻجي نه سگهي. جيڪڏهن اهڙو ڪو گڏيل چونڊ اتحاد جڙي ها ته سنڌي ماڻهن جي اتساهه جي صورتحال به ٻي هجي ها. پنهنجن سمورن مثبت ۽ منفي لاڙن سميت ايندڙ چونڊون سنڌ ۽ ملڪ جي سياسي آئيندي لاءِ بيحد اهم آهن. مجموعي طور ملڪ ۾ ساڄي ڌر جي لهر آهي. سنڌ ۾ پارلياماني سياست جي حوالي سان نسبتاً بهتر منشور رکندڙ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ عوام سان گڏوگڏ خود پنهنجي منشور سان به بدترين دغا ڪئي آهي. ان صورتحال ۾ سنڌ جي عوام جي هڪ حصي جي هر قسم جي اسٽيٽسڪو کان بيزاري ۽ بغاوت حيران ڪندڙ نتيجا به ڏئي سگهي ٿي ۽ اهو به ثابت ڪري سگهي ٿي ته تبديليءَ جو پنڌ اڃا ڊگهو آهي.

*(روزاني ڪاوش حيدرآباد، 4 جولاءِ 2018ع)*

# پارلياماني سياست
# ۽ سنڌ جا مفاد

# سنڌ جي پارلياماني سياست ۾ متبادل قوت ڪيئن ابرندي؟

ايندڙ چونڊن ۾ جتي انيڪ سوال ابري آيا آهن، اتي "متبادل ڪير ٿيندو؟" جو سوال پڻ وڏيءَ شدت ۽ متضاد راين سميت ابري آيو آهي. حقيقت اها آهي ته ان سوال تي سماج ۾ هر سطح تي مونجهارا موجود آهن ۽ اهو سوال خاص طور تي انهن ماڻهن جي ذهنن ۾ وڏيڪ ڪَرَ کنيو بيٺو آهي، جيڪي تبديلي چاهين ٿا، ۽ ان ڏس ۾ پنهنجو ڪردار به ادا ڪرڻ گهرن ٿا. 1970ع ۾ ملڪ ۾ پهريون ڀيرو چونڊون ٿيون ۽ ويندي ويندي 2008ع جي چونڊن تائين پ پ پ کي سنڌ جي وڏي ۾ وڏي سياسي ۽ پارلياماني پارٽيءَ جو درجو حاصل رهيو آهي. جنرل ضياءالحق ۽ پرويز مشرف جي آمريتي دورن جي ويهن سالن کي ڇڏي باقي سمورين چونڊن ۾ سنڌ ۾ پ پ پ کي اڪثريتي مينڊيٽ ملندو رهيو آهي. پ پ پ سنڌي عوام جي ان غير مشروط محبت، سنڌن اميدن، قربانين ۽ ويساهن جي موٽ ڪين ڪهڙي ڏني، ان جو هڪ ننڍڙو مثال پ پ پ حڪومت جا گذريل پنج سال (2013-2008ع) آهن. سنڌي عوام ڪين اڪثريتي مينڊيٽ ڏنو ته پ پ پ سنڌ ۾ ڪا سگهاري حڪومت ناهيندي پر هنن جون پنج ئي سال رڳو نائن زيرو ۽ گورنر هائوس تي حاضريون ۽ سنڌن آڏو "جي حضوري" رهي. ماڻهن چاهيو ٿي ته پ پ پ حڪومت پرويز مشرف جي دور ۾ سنڌ کي لڳل گهائن جو ازالو ڪنديَ، هنن اهو ته نه ڪيو پر ويتر ٻٽي مڪاني نظام جهڙا وڏيڪ خطرناڪ گهاوَ ڏنا. سنڌي ماڻهن چاهيو هو ته سنڌن تاريخي شهرن ۾ سنڌن ڪا مالڪي ٿيندي، مالڪي ته ٺهيو پر هنن شهرن کي مڪمل طور متحده حوالي ڪري ڇڏيو. نوجوانن چاهيو هو ته ڪين انصاف جي بنياد تي روزگار جا موقعا ملندا، هنن بدترين اقربا پروريءَ جو مظاهرو ڪري ميرٽ جا ڪنڌا ڪٽي ڇڏيا ۽ قابل نوجوانن کي واضح نياپو ڏنو ته روزگار جا موقعا حاصل ڪرڻ لاءِ قابليت ۽ ميرٽ نه پر ناجائز پئسو گهرجي يا وري اهي وڏيرن جي درن تي ڌڪا کائين، فضيلت سان ميرٽ تي روزگار نه ملندو. 2010ع ۽ 2011ع جي ٻوڏ جي ستايلن کي اميد هئي ته ٻوڏن جي تباهڪاري سنڌن حياتين

۾ مثبت ڦيرو بہ آڻي سگهي ٿي پر هنن ماڻهن کي پنهنجي سيڪاريو ۽ غريب مائرن کي وظيفا حاصل ڪرڻ لاءِ ڏڪا کائڻ تي مجبور ڪيو. ماڻهن سوچيو هو تہ جمهوريت عوام لاءِ انصاف جا در کوليندي، قانون جي حڪمراني قائم ٿيندي، ۽ جمهوريت جو نتيجو امن هوندو پر دهشتگرد ۽ وڏيرا جڏهن جمهوريت جا ڏٽي تي عوام تي راڄ ڪندا تہ ڇا جو انصاف، ڇا جي قانون جي حڪمراني ۽ ڇا جو امن، جيڪو بچيو تنهن لٽ ڪٽيو!

ماڻهن کي اميد هئي تہ تعليم جو معيار بهتر ٿيندو پر جڏهن پرائمري اسڪول وڏيرن جون اوطاقون ۽ يونيورسٽيون نا اهل ۽ ڪرپٽ وائيس چانسلرن ذريعي ڪمائيءَ جا ذريعا بڻيون تہ پوءِ تعليم کي اوليت ڇو ملندي؟ ماڻهن کي ويساهہ هو تہ هيل درياهہ تي ڌاڙا نہ لڳندا، جو ان درياهہ کي بچائڻ ۽ سنڌ جي پاڻيءَ جي حفاظت جي جدوجهد ۾ پ پ پ بہ شامل هئي پر هنن گريٽر ٿل ڪئنال جي ناجائز اڏاوت کي جاري رکيو، ان لاءِ فنڊ جاري ڪيا. ڪالاباغ ڊئم جي خاتمي لاءِ ڪو بہ بل پاس نہ ٿيو، پرويز مشرف جي ڊئمن بابت خطرناڪ رٿا واپڊا وِيَن 2025 جو منصوبو رد نہ ٿيو. ارسا گذريل پنجن سالن مان هڪ سال تہ ڇا، هڪ ڏينهن بہ سنڌ کي سنڌو درياهہ مان پنهنجي جائز حصي جو پاڻي نہ ڏنو. ارسا جون اهي الائجي ڪهڙيون اختياريون هيون، جيڪي صدر پاڪستان، وزير اعظم ۽ ويندي پارليامينٽ ۽ ڪابينا کان بہ سگهاريون هيون. 1991ع واري پاڻي ٺاهہ تي هڪ ڏينهن بہ عمل نہ ٿيو. ڪراچيءَ ۾ 38 لک پرڏيهي غير قانوني طور رهيل آهن، انهن جي واپسيءَ لاءِ هڪ ڏينهن بہ نہ ويچاريو ويو. ڪراچيءَ جا سوين قديمي ڳوٺ پڪا نہ ٿيا، صدين کان آباد ماڻهن کي پنهنجين زمينن جا مالڪاڻا حق نہ مليا. آدمشماري شفافيت سان نہ ٿي، 5 سال گذري ويا پر سنڌ ۾ نئين سر تڪ بنديون نہ ٿي سگهيون. مشرف جي دور ۾ سندس شهري اتحادين جيڪا لکين ايڪڙ زمين ڦگڙن مٺ تي ڪٽي روينيو جو صوبائي رڪارڊ ئي ساڙي ڇڏيو، ان جي ڪا بہ جاچ نہ ٿي ۽ هڪ ايڪڙ بہ واپس نہ ورايو ويو. ڪراچيءَ ۾ هزارين بيگناهہ قتل ٿيا، ڪنهن هڪ بہ قاتل کي ڦاهي نہ آئي. اها وِڇُور ڏاڍي ڏکي آهي. اها هئي هزار نعمتن واري "سويلين بالادستي" جنهن جي غير مشروط وڪالت انهن دوستن بہ شروع ڪئي آهي، جيڪي ڪجهہ عرصو اڳ پ پ جي حڪمرانيءَ جي انداز جا وڏي ۾ وڏا مخالف هئا. اسانجي دوست ضمير گهمري جي گذريل مضمون جو تَتُ اهو ئي هو تہ، جيئن تہ پ پ جو سنڌ ۾ هيستائين ڪو متبادل نہ آهي، ان ڪري سنڌي ماڻهن کي پ پ کي ئي ووٽ ڪرڻ گهرجي، جنهن کي هو "تاريخ" سان

تعبير ڪري ٿو. انڪري سنڌي ماڻهن پ پ ڪي ووٽ نہ ڏنو تہ اهو رويو تاريخ جي ابتڙ ڏارا سان گڏ بيهڻ جي مترادف هوندو.

مان سمجهان ٿو تہ سنڌ ۾ پ پ پ، فنڪشنل، نون ليگ ۽ ويندي قومپرست ۽ ترقي پسند سياست جو بيرحميءَ سان ڇيد ڪرڻ جي سخت ضرورت آهي ۽ ان تناظر ۾ ئي سنڌ ۾ متبادل قوتن جي امڪاني اڀار جي سوال جي ڇنڊ ڇاڻ ڪرڻ جي گهرج آهي. ان ۾ ڪو بہ شڪ نہ آهي تہ گذريل ڏهاڪن کان پ پ پ، مسلم ليگ (ن)، ۽ مسلم ليگ (ف) واري واري سان سنڌ کي تباهہ حاليءَ ڏانهن ڌڪڻ ۾ ڪابہ ڪسر نہ ڇڏي آهي. انهن ٽنهي ڌرين هميشہ متحده سان گڏجي سنڌ ۾ بدترين حڪمرانيءَ ۽ سوديبازيءَ ذريعي سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن کي زوال پذيريءَ ڏانهن ڌڪيو آهي. حقيقت ۾ اهي سموريون پارٽيون جن جو اصل مقصد هر قيمت تي اقتدار ماڻڻ آهي، ڪڏهن بہ عوام ۽ سنڌ سان سنڌي عوام جي مرضيءَ مطابق ۽ تاريخ جي معروضي محرڪن مطابق وفا نٿيون ڪري سگهن. مسلم ليگ (ن) ۽ مسلم ليگ (ف) جيڪو تازو پنهنجي پاليسين ۾ جزوي ڦيرو آندو آهي، ان کي بہ ڏسجي تہ اهو جتاءُ بہ ڪري ٿو يا نہ، ۽ پس و پيش ڪيڏانهن ٿو وڃي. ان ڏس ۾ سنڌي قومي سياست تي بہ سخت تنقيدي اک رکڻ جي گهرج آهي. سنڌ جي قومي سياست، جيڪا في الحال رڳو جلسن ۽ جلوسن يا ڪمزور ڌرڻن کان اڳتي وڌي نہ سگهي آهي، ان جي ساک تي ان صورتحال ۾ بہ ڪيترائي سوال آهن، ۽ هاڻي جڏهن ان سياست جي ڌارا مان ڪجهہ ڌريون پارلياماني سياست ۾ قدم رکي رهيون آهن، تڏهن تہ ويتر مٿن نظر رکڻ جي گهرج آهي تہ اهي اڳتي هلي پنهنجو قومي ۽ وطن دوست جوهر برقرار رکن ٿيون يا هن ملڪ جي مخصوص مفاد پرست سياست ۽ "زماني گيريءَ" جي ور چڙهي ٿيون وڃن.

ان سموري صورتحال ۾ جڏهن پ پ سنڌ ۾ پنهنجي ساک وڃائي آهي ۽ عوام بہ ساڻن ماضيءَ جي پيٽ ۾ جذباتي "سڱ" ٽوڙي چڪو آهي، تڏهن اهو سوال پنهنجي جاءِ تي موجود آهي تہ پ پ پ نہ، تہ پوءِ آخر اهو خال ڪير پريندو ۽ پ پ پ جو متبادل ڪير بڻبو؟ حقيقت ۾ ڏٺو وڃي تہ سنڌ جي سياست تمام گهڻي پيچيده آهي، ۽ ان جي پيچيده سوالن جو ڪو سولو جواب يا پيچيده مسئلن جو ڪو سادو حل ٿي نہ ٿو سگهي. يعني پ پ پ جنهن گذريل 43 سال سنڌ ۾ عوام جي وڏي حصي جي دلين تي راڄ ڪيو آهي، ان جو رات وچ ۾ ڪا بہ پارٽي خال پري متبادل نٿي ٿي اڀري سگهي. ان مسئلي جو حل مرحليوار ۽ ڏاڪي بہ ڏاڪي سامهون ايندو، ان ڪري منهنجو خيال آهي تہ

پيچيده مسئلن جا سادا ۽ فوري حل تلاش ڪرڻ جي ميڪانڪيت ڪان پاسو ڪرڻ گهرجي. سنڌ جي مخصوص حالتن ۾ پ پ پ جهڙي سگهارو ماضي رکندڙ پارٽيءَ جو متبادل مرحليوار ۽ متحرڪ حالت ۾ ئي سامهون ايندو. ايندڙ چونڊن ۾ ان جي پهرئين مرحلي جي شروعات ٿي سگهي ٿي ۽ اهو مرحلو آهي عوام جي سوچ، سياسي روين ۽ ووٽ جي محرڪن ۾ تبديليءَ جو. اهي ڳئي دليل غير منطقي آهن تہ جيڪڏهن پ پ پ جي سامهون ڪا روشن خيال ۽ سنڌ دوست متبادل قوت نہ آهي تہ پوءِ پ پ پ جا ويهي ڳُڻ ڳائجن، ۽ ساڳيءَ طرح جيڪڏهن پ پ پ سنڌ سان بدترين ويساهہ گهاتي ڪئي آهي تہ ان جو اهو مطلب ٿيو تہ پوءِ هاڻي مسلم ليگ (ف) ۽ مسلم ليگ (ن) کي سنڌ جي نجات جو ذريعو سمجهجي. هن مرحلي تي جڏهن سنڌ وٽ پ پ پ جي سامهون ڪي روشن خيال، وطن دوست ۽ مثبت قوتون سگهاري انداز سان موجود نہ آهن تہ پوءِ اسان کي روايتي اقتدار پرست پارٽين جي چٽاڀيٽي ڪرڻ بجاءِ سنڌ جي مفادن کي اپارڻ گهرجي. عوام ۾ اهو شعور پئدا ڪرڻ گهرجي تہ هن ڀيري سڀ کان اول تہ ڪنهن بہ ڌر سان غير مشروط ۽ جذباتي وفاداريون يا خود فريب اميدون وابستہ رکڻ نہ گهرجن. صفا صاف ليکو ۽ بي رحم پڇاڻو ڪرڻ گهرجي پ پ پ کان، مسلم ليگ (ن) ۽ مسلم ليگ (ف) کان تہ هنن ماضيءَ ۾ سنڌ سان ڇا ڪيو؟ سنڌ کي ڇا ڏنو؟ ۽ اڳتي سنڌ جي مينڊيٽ کي ڪهڙن مقصدن لاءِ استعمال ڪرڻ گهرن ٿيون؟ شخصي سحر انگيزيت ۽ جذباتيت جي بنياد تي بيٺل ۽ ويساهہ گهاتيون ڪندڙ وڏيرڪي سياست جو متبادل عقليت پسندي، سنڌ دوستي ۽ مشروط لاڳاپن جي بنياد تي بيٺل روشن خيال، سيڪيولر ۽ جمهوري سياست ئي ٿي سگهي ٿي. ان حوالي سان ماڻهن کي بار بار ٻڌائڻو ۽ سمجهائڻو پوندو تہ ووٽ ذاتيات، خاندانن، سڪڻن نعرن ۽ قبرن تي عقيدن بدران سنڌ جي قومي ۽ عوامي مفادن کي سامهون رکي ڏيڻ گهرجي. اسٽيٽس ڪو جي پارٽين سدائين عوام کي "طاقت جو سرچشمو" هئڻ جا نعرا تہ ڏنا پر ڪين اهو تنقيدي شعور ڏيڻ جي ڪڏهن بہ ڪوشش نہ ڪئي تہ سياست جو بنياد جذباتيت ۽ عقيدي پرستيءَ تي نہ هئڻ گهرجي. ان حوالي سان جن پارٽين ۽ فردن بار بار سنڌ کي ڏنگيو آهي، انهن کي هڪ ڀيرو وري ويساهہ گهاتيون ڪرڻ جو "مينڊيٽ" نہ ملڻ گهرجي.

ياد رکڻ گهرجي تہ سنڌ ۾ متبادل قوت مرحليوار فقط ۽ فقط تڏهن اڀري سگهندي، جڏهن پارلياماني سياست جا معيار ۽ عوام جا رويا تبديل ٿيندا. هيستائين بدقسمتيءَ سان اسان جي پارلياماني سياست سحر انگيز فردن،

شهيدن جي قبرن ۽ جذباتي نعرن يا خاندانن جي آڌار هلي آهي، جنهن سنڌ کي هن حال تي پهچايو آهي. جڏهن سياست ڪجهه بنيادي اصولن، سنڌ ۽ عوام جي مفادن ۽ جمهوري قدرن جي بنياد تي ايرندي، ۽ سنڌ ۾ بي رحم پهچائي جو سياسي ڪلچر اُسرندو، تڏهن ئي متبادل پارٽي يا پارٽيون اڀري سگهنديون. جيڪڏهن سنڌ وٽ هن مرحلي تي پ پ پ جو ڪو متبادل نه آهي ته ان جو ڪٿيو هاڻي هرگز انهن کي ڪائڻ نه ڏجي، جن سنڌ کي وطن ۽ قوم سمجهڻ بدران سدائين هڪ ڪارڊ سمجهيو ۽ عوام جي مقدس مينڊيٽ کي سوديبازيءَ، بدترين حڪمرانيءَ، ڪرپشن، اقربا پروريءَ ۽ چور بازاريءَ جو ڏنڊو سمجهيو.

*(روزاني ڪاوش، 2 اپريل 2013ع)*

# سنڌ ۾ سياسي متبادل ڇو نٿو اُڀري؟

سنڌي سماج ۾ ٻيون ڪيتريون ئي ڪمزوريون ڇو نہ هجن پر هڪ روايت سنڌ ۾ تمام سگهاري آهي تہ هتي هر بنيادي سوال ۽ موضوع تي ڪليل بحث مباحثو ٿئي ٿو ۽ ان جي گهرائيءَ سان ڇنڊ ڇاڻ ٿئي ٿي. جيئن تہ سماج ۾ تبديليءَ جو عمل نہ رڳو گهڻ طرفو پر تمام پيچيده بہ آهي، ان ڪري ظاهر آهي تہ اڪيلي سر ڊسڪورس سان رڳو تبديلي اچي نہ ٿي سگهي، ان لاءِ معروضي حالتن تي اثر انداز ٿي، انهن ۾ اٿل پٿل پيدا ڪرڻ لازمي هوندي آهي، پر اها پڻ حقيقت آهي تہ مسلسل مباحثو ۽ تنقيدي شعور پڻ ان گهڻ طرفي عمل جو هڪ اهم ڍانچي ۽ حصو آهي. اهو تنقيدي شعور ئي آهي، جيڪو سماج ۾ معروضيت ۽ حقيقت پسنديءَ جو ادراڪ پيدا ڪري ٿو ۽ تبديليءَ جي محرڪن کي واضح ڪري ان سڄي عمل جي رفتار کي تيز ڪري ٿو. سنڌ ۾ الميو اهو آهي تہ تنقيدي شعور کي اڳتي وٺي ويندڙ قوتون نہ رڳو تمام محدود ۽ ڪمزور پر گهڻي ڀاڱي غير سنجيده بہ آهن.

تازو ڪاوش ۾ علي قاضيءَ ۽ نصير ميمڻ سنڌ ۾ سياسي متبادل جي سوال تي نهايت سنجيده مضمون لکيا آهن ۽ ضرورت آهي تہ ان مباحثي کي اڳتي وٺي هلجي. جيتوڻيڪ سنڌ ۾ اهو بحث نئون نہ آهي پر هن ڀيري چونڊن کان اڳ اهو سوال وري شدت سان اُڀريو ۽ 2013ع جي چونڊن جي نتيجن ڪانپوءِ تہ ويتر اهو سوال ڪَرَ کڻي بيٺو. جنهن جي نتيجي ۾ سماج جي ڪجهہ حصن ۾ ذهني ۽ سياسي مونجهارا ۽ ڇڪتاڻ ايترو تہ وڌي ويئي، جو گهڻن ماڻهن خود قياسيءَ جي ڪيفيت ۾ مورڳو سنڌي عوام کي ئي گهٽ وڌ ڳالهائڻ شروع ڪيو. جيڪو ظاهر آهي تہ هڪ غير حقيقت پسند ۽ سطحي رويو هو. اسان کي اهو سمجهڻ گهرجي تہ سماج ٿورن ماڻهن جي خواهشن جو محتاج ناهي ۽ نہ ئي اهو رڳو چند هزار ماڻهن جي تنقيدي شعور سان تبديل ٿيندو. سماج جا رويا مادي ۽ معروضي حالتن مان جڙن ٿا ۽ اُهي تبديل بہ انهن محرڪن آڌار ٿيندا. سنڌ ۾ سياسي متبادل ڇو نہ ٿو اُڀري؟ ان سوال جي پڻ سائنسي انداز ۾ ڇنڊ ڇاڻ ڪرڻ جي گهرج آهي، تہ جيئن اڳتي لاءِ درست ۽ حالتن سان ٺهندڙ حڪمت عمليءَ جا بنياد وجهي سگهجن.

سنڌ ۾ پارلياماني سياست 1937ع کان وٺي مجموعي طور وڏيرڪي طبقي وٽ رهي آهي، ۽ جيڪڏهن وچ وچ ۾ ڪي روشن خيال فرد هيٺين وچولي ۽ وچئين طبقي مان آيا به ته هڪ ته اُهي انهيءَ مفاد پرست سياست جي لوڙ جي ڪاڻ ۾ ڪري ويا ۽ جيڪي نه ڪريا ۽ نه ڪريا، اُهي انگ ۾ ايترا ٿورا هئا، جو انهن ڪڏهن به منهنداريءَ وارو ڪردار ادا نه ڪيو. سبب صاف ظاهر آهي ته جيڪو طبقو سماج تي سماجي ۽ معاشي طور بالادست هوندو، سياسي طور به اُهو ئي طبقو اڳيان اچي اقتدار ۽ اختيار تي قبضو ڪري ٿو. زرعي سماج ۾ ته اهو لقاءُ ويتر سگهارو هوندو آهي. سٺ جي ڏهاڪي جي پڇاڙيءَ ۽ ستر جي ڏهاڪي کان وٺي سنڌ جي وڏي ۾ وڏي پارلياماني پارٽي پاڪستان پيپلز پارٽي رهي آهي. بظاهر ماڻهن کي ائين ٿو نظر اچي ته ان جو محرڪ سنڌي ماڻهن جي هن پارٽيءَ ۽ ان جي شهيدن سان هڪ ننڍي جذباتي وابستگي رهي آهي پر حقيقت ۾ رڳو ائين ناهي، ان بظاهر جذباتيت پٺيان به ٺوس مادي ۽ معروضي سبب آهن، جن کي نه رُڳو گهرائيءَ سان سمجهڻو پوندو، پر متبادل جو سُوال سوچڻ وقت اُن جا امڪاني ۽ عملي حل به ڳولڻا پوندا. مثال طور: شهيد ڀٽو پنهنجي ذهانت ۽ غير معمولي صلاحيتن سبب نه رڳو ملڪي پر بين الاقوامي طور اُڀري آيو، جيڪو هڪ سنڌي هو. سنڌ هڪ صدين کان ڪنڌائتو سماج رهيو آهي، ان پهريون ڀيرو ڪنهن سنڌيءَ کي ان درجي ۽ حيثيت ۾ ڏٺو ۽ سڃاڻپ جي بحران ۾ ورتل هڪ قوم کي ڀٽي صاحب جي صورت ۾ هڪ ڀرپور نمائندگيءَ جو نفسياتي احساس ٿيو. ڀٽي صاحب ايترو ته "عوام .....عوام" ڪيو ۽ ايتري ته عوامي اٿل پيدا ڪئي، جو ماڻهن هن کان اڳ ۾ ڪڏهن پنهنجي ايتري حيثيت کي محسوس ئي نه ڪيو هو. ڀٽي صاحب مٿئين طبقي جي اڳواڻيءَ ۾ ئي سهي پر هڪ سگهاري عوامي سياست جا بنياد وڌا. اها عوامي سياست انقلابي نه هئي پر هڪ پاپولسٽ عوامي سياست هئي، جنهن ۾ ڪروڙين عام ماڻهو پهريون ڀيرو سياسي طور متحرڪ ٿيا، يعني پهريون ڀيرو سنڌ ۾ ڀٽي صاحب عوام کي پنهنجي هستيءَ جو احساس ڏياريو.

ڀٽي صاحب ڊگهي مدي واري انقلابي يا نظرياتي سياست ڪرڻ بجاءِ سڌيءَ ريت پاور پاليٽڪس جي ڳالهه ڪئي. ياد رکڻ گهرجي ته عام ماڻهو پنهنجا سياسي رويا "پاور" جي محرڪن جي بنياد تي جوڙي ٿو جو هن کي پنهنجا سمورا مادي مفاد پاور يعني اقتدار ۽ رياست سان وابسته نظر اچن ٿا. عام ماڻهو انهن کي وڏيڪ اهميت ڏين ٿا، جن لاءِ کين پڪ هجي ته اُهي پاور ۾ ايندا. 1970ع کان جڏهن جڏهن سياسي ڪردار بحال ٿيا آهن ته پيپلز پارٽي

واري واري سان مسلسل اقتدار ۾ رهي آهي، ۽ عوام لاءِ اها ڳالهه تمام اهم آهي.

ان ۾ ڪو به شڪ نه آهي ته تمام گهڻا نقصان ڏيڻ باوجود اهو شهيد ڀٽو ئي هو جنهن سنڌي سماج ۾ مادي مفادن تحت بنيادي تبديليون آنديون. سنڌي ماڻهو پهريون ڀيرو ورهاڱي کانپوءِ وڏن شهرن ۾ آيو. کين لکين نوڪريون مليون. (ڀٽي صاحب کان اڳ ملڪ جي رياستي ادارن ۾ سنڌي ماڻهن جي نمائندگي 3.1 سيڪڙو هئي، ڀٽي صاحب جي دور ۾ اها وڌي 7 سيڪڙو تائين پهتي.) اڄ سنڌ ۾ جيڪو به مڊل ڪلاس آهي، ان جا بنياد شهيد ڀٽي جي دور ۾ پيا.

هيءَ پارٽي انيڪ موقعي پرستين، ڪمزورين باوجود اڳواڻيءَ جي بحران جو شڪار نه هئي. شهيد ڀٽي کانپوءِ سنڌس نياڻي شهيد بينظير ڀٽو پارٽيءَ کي سگهاري اڳواڻي ڏني. هاڻي جڏهن پارٽيءَ وٽ معياري اڳواڻيءَ جو بحران آهي ته نتيجا ڏسي سگهجن ٿا، جو اها هڪ وڏي ملڪ گير پارٽيءَ مان سُسي سنڌ تائين محدود ٿي وئي آهي.

سنڌ ۾ هن پارٽيءَ جي هڪ سگهه اها به رهي آهي، جو سنڌ ۾ صنعتن جي نه لڳڻ ۽ سنڌي سماج جي فطري اوسر يعني شهري سماج جي گهربل سطح تي اڏاوت نه ٿيڻ سبب ماڻهن جو وڏو انگ اڄ به راڄن، ذاتين، برادرين ۽ گروهن ۾ ڦاٽل آهي، ۽ سماج جي اها بيهڪ پ پ پ کي فائدو ڏئي ٿي، جو اهڙن سماجن ۾ تبديليءَ جي رفتار تمام سست هوندي آهي. جڏهن ته ٻئي طرف پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي مخالف جن ٻن ڌارائن متبادل سياست ڪئي، انهن ۾ يا ته ملڪي سطح تي ساڄيءَ ڌر جون جماعتون هيون، جن جو نظريو، سوچ ۽ ڪردار پ پ پ کان به ويل هو. قومپرست سياست جيتوڻيڪ نظرياتي ميدان تي ته پ پ پ کي ملهه ماري وئي پر عوامي سياست ۽ خاص طور پارلياماني سياست جي ميدان تي اُها ڪي به ڪِٽپ جوڳيون ڪاميابيون ماڻي نه سگهي. ان جو سبب صاف ظاهر آهي ته اهو هو جو قومي سياست پارلياماني سياست ۾ حقيقي طور نه قدم رکيو ۽ نه ان جون گهرجون پوريون ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. سنڌ جي قومي ۽ وطن دوست سياست ڪڏهن به اهو طئه نه ڪري سگهي ته سنڌس جدوجهد ۽ مقصد جي حاصلات لاءِ حڪمتِ عملي ڪهڙي هوندي. سڄي ڄمار پارلياماني سياست ڪندڙ سائين جي ايم سيد 1970ع جي چونڊن ۾ هارائڻ کانپوءِ ۽ بنگال جي جدائيءَ کانپوءِ مورڳو پاڪستان کان ئي جدا ٿيڻ جي ڳالهه ڪئي ۽ سندس پارلياماني سياست جو باب 1970ع کانپوءِ بند ٿي ويو. ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي رڳو هڪ ڀيرو نواب سلطان احمد چانڊيي جي سامهون چونڊن ۾ بيٺو ۽ رسول بخش پليجو 1988ع ۽ 1990ع ۾

چونڊن ۾ هارائڻ ڪانپوءِ پارلياماني سياست کي ئي رد ڪري ڇڏيو. جيڪڏهن انهن تنظيمُن لاءِ پارلياماني سياست جي اهميت نہ هئي تہ پوءِ انهن کي ايتري تہ تنظيمي ۽ عوامي سگهہ پيدا ڪرڻ کپندي هئي جو کين اسيمبلين ۾ نمائندگيءَ جي گهرجَ محسوس نہ ٿئي ها. چند سئو يا هزار ڪارڪنن تي مشتمل گِروهَہ نہ تہ وڏيرڪي پارلياماني سياست جو متبادل ٿي سگهن ٿا، ۽ نہ ئي سنڌ جي قومي مفاد تحت رياست کي جهڪائي يا مجبور ڪري سگهن ٿا. 1970ع کانپوءِ قومي سياست ڪندڙ تنظيمن جو گهڻو زور اِشوز تي جدوجهد ڪرڻ رهيو آهي، پر مجموعي طور پارلياماني سياست سان سندن تعلق نہ رهيو ۽ نہ ئي انهن ان لاءِ گهربل سنجيده ڪوششون ڪيون. اهڙي صورتحال ۾ آخر پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جهڙي پراڻي، وڏي ۽ تجربيڪار پارٽيءَ جو گهٽ ۾ گهٽ سنڌ ۾ متبادل اڀارڻ ڪا سئولي ڳالهہ نہ آهي، ان لاءِ نئين سوچ، عمل ۽ حڪمت عمليءَ جي ضرورت آهي. پاڻ کي قومي سياسي پارٽيون سڏائيندڙ جن تنظيمن وٽ پ پ پ جي سامهون سچيءَ سنڌ ۾ بيهارڻ لاءِ ڏهہ ڏهہ سگهارا اُميدوار بہ نہ هئا، اُهي پنهنجيءَ موجوده سگهہ سان پ پ پ جو متبادل ڪيئن ٿا بڻجي سگهن؟ سنڌ ۾ قومي سياست ڪندڙ ڌرين کي هڪ نفسياتي خوف اهو بہ آهي تہ ڀوتارڪي طبقي کان پارلياماني سياست جو مورچو کٽڻ ناممڪن حد تائين ڏکيو آهي. مان سمجهان ٿو تہ عملي طور ائين ناهي، اسان رڳو ڀوتارڪي طبقي جي نظر ايندڙ سگهہ کي ٿا ڏسون پر اسان سندن ڪمزورين کي نہ ٿا ڏسون ۽ ساڳئي وقت اسان پنهنجي امڪاني سگهہ جا محرڪ نہ ٿا ڏسون. مثال طور:

(1) جي ڀوتارڪي سياست وٽ مفاد پرستيءَ جي سگهہ آهي تہ قومي ۽ ترقي پسند سياست وٽ نظريي جي سگهہ آهي. اسان کي اهو ويساهہ رکڻ گهرجي تہ تاريخ جي معروضي حالتن جي معروضيت سان ٺهڪندڙ نظرين جي سگهہ تاريخ ساز ٿيندي آهي، پر اسان وٽ قومي ۽ ترقي پسند عوامي يا انقلابي سوچ جي نظرين کي عوام تائين پهچايو ئي نہ ويو آهي.

(2) جي ڀوتارڪي سياست وٽ رياستي ادارن ۾ اقتدار جي ٽيڪ هوندي آهي، جنهن سان اهو طبقو عوام کي لٽ ۽ چٽ ڏيکاري ٿو، تہ قومي سياست وٽ ان جو حل تنظيم ٿي سگهي ٿي، شرط اهو آهي تہ اُهي تنظيمون نہ رڳو سگهاريون هجن پر مخصوص خاندانن جون ذاتي ملڪيتون نہ هجن ۽ اُهي ساک جي بحران جو شڪار بہ نہ هجن. منظم تنظيمون، ڀيو تہ ٺهيو، پر رياستن کي پڻ گوڏن ڀر ويهاري سگهن ٿيون. اسان جون تنظيمون ڪي سگهاريون پارٽيون نہ پر فردن جي ماتحت ڪجهہ سئو يا هزار ڪارڪنن جا گروهہ آهن،

جيڪي ڪنهن به طور پارٽيون سڏائڻ جي معيار تي پوريون نه ٿيون لهن.

(3) اهو صحيح آهي ته بار بار اقتدار ۾ اچڻ ۽ "پاور" سان واڳيل هجڻ سبب سنڌ جو پوتارڪو طبقو ۽ ان جي سياست عوام کي لَٽ ۽ ڇَٽ ذريعي پنهنجي ماتحت رکڻ ۾ ڪامياب وڃي ٿي، پر ڏٺو وڃي ته پاور رڳو اقتدار سان وابسته ناهي، پاور جون پيون به ڪيترين ئي صورتون آهن پر انهن کي اسٽيٽسڪو جي سياست جي سامهون هڪ سگهاري متبادل طور اپارٽو پوندو. گرامچيءَ ان کي "جوابي تسلط" (Counter Hegemony) سڏيو آهي. تاريخ جو اهو نچوڙ آهي ته طاقت جو مقابلو جوابي طاقت ڪندي، پر خواهشن ۽ سڌن سان ائين ڪري نه سگهبو. سنڌ ۾ اڃا سماج جي ڪنهن به حصي پنهنجي سگهه کي ايترو مٿي نه ڪنيو آهي، جو اهو طاقت جي توازن کي لوڏي ڇڏي ۽ نتيجي ۾ اهو توازن پنهنجي حق ۾ ڪري سگهي. رياست هڪ غير نامياتي وجود آهي، سماج هڪ زنده وجود، ان ڪري اهو پس و پيش رياست کان سگهارو هجي ٿو پر سوال اهو آهي ته ان کي گهربل سوچ، تنظيم ۽ عمل ملي، جنهن جي سنڌي سماج ۾ کوٽ آهي.

پوتارڪو طبقو عوام کي رڳو ڪوڙا خواب ڏيکاري، فريبي دلاسا ڏيئي ساڻن دوکا، فريب ۽ مڪر ڪري ٿو پر جيڪڏهن صحيح سوچ تي مشتمل سگهاريون سياسي پارٽيون هجن ته اهي عوام کي دليور ڪري سگهن ٿيون. دنيا ۾ ڪيترين تنظيمون انهيءَ جو چٽو مثال آهن. پيو ته عوام کي مالڪيءَ جو احساس گهرجي، اها مالڪي مادي به آهي ته نفسياتي به آهي. ننڍڙڪائيءَ جو احساس هڪ سماجي روڳ آهي، جيڪو سماج ۾ پس و پيش موقعي پرستيءَ جي لاڙن کي هٿي ڏئي ٿو. ڇا اسان جي قومي سياست ڪندڙ تنظيمن سچ پچ به سرزمين تي عوام جي ڪڏهن واهر ڪئي آهي؟ سنڌ ۾ اسيءَ جي ڏهاڪي ۾ شهيد فاضل راهو ۽ گذريل ڏينهن ۾ شهيد بشير خان قريشي قومي سياست کي عوامي رنگ ڏنو ۽ عوام سان مقامي مسئلن تي گڏ بيهڻ جي روايت کي سگهارو ڪيو ته ان جا نتيجا به سامهون آيا.

اهي ته مون رڳو چند مثال ڏنا پر جي غور ڪري ڏسبو ته معلوم ٿيندو ته هر ميدان تي پوتارڪي طبقي جي متبادل سگهه اپارڻ ممڪن آهي ۽ ان کان وڌيڪ سگهه اُپارڻ به ممڪن آهي پر ان تي گهربل حڪمت عملي ۽ سنجيدگيءَ سان ڪڏهن ڪم ئي نه ڪيو ويو آهي. سنڌ جي قومي، ترقي پسند ۽ وطن دوست سياست وڏيرڪي طبقي کي مسلسل ڊسڪورس ذريعي سنڌ جو ويري ثابت ڪيو ته اڄ ماڻهو وڏيري بابت ڪو چڱو تصور نه ٿا رکن، جنهن جو مطلب ته اها جدوجهد ڪامياب وئي. باقي جڏهن اسان جي قومي

سياست عوامي ۽ پارلياماني ميدان تي هن طبقي ڪي سوگهو هٿ وڌو ئي نه آهي، ته پوءِ ان جو سگهارو متبادل ڪيئن اُڀرندو؟ سنڌ ۾ متبادل جي سوال تي ويچاريندي اسان ڪي اهو پڻ سمجهڻو پوندو ته سنڌ ۾ پ پ پ جي موقعي پرست ۽ ويساهه گهاتيون ڪندڙ پارلياماني سياست جو متبادل ساڳيو مُدي خارج پوتارڪو طبقو يا ان جا مختلف گِروهه تي نٿا سگهن، ۽ نه ئي وري ٿيڻ گهرجن. پيو اهو به ته متبادل اڀرڻ جي سُوال سان انيڪ سماجي، معاشي، سياسي ۽ رياستي معاملا واڳيل آهن، جن کي گهرائيءَ سان سمجهڻو پوندو. اهو قطعي ممڪن نه آهي ته، رڳو دانشور، اديب، ليکڪ، وڪيل يا پارٽ ٽائيم سياست ڪندڙ فرد ۽ گِروهه گڏجي پارلياماني سياست جي ميدان تي ڪو پ پ پ جو متبادل بڻجي سگهن ٿا. اهي فرد ۽ گروهه ان ڏس ۾ اهم ڪردار ته ادا ڪري سگهن ٿا، پر بنيادي محرڪ قوت نٿا بڻجي سگهن. پارلياماني سياست جي ميدان ۾ متبادل قوت بڻجي اڀرڻ جو اهو خال اڳي پوءِ ڪا سياسي قوت يا قوتون ئي پري سگهن ٿيون، جنهن ۾ دانشور، اديب، استاد، شاگرد، ڪاروباري ماڻهو ۽ سماج جا ٻيا سُجاڳ حصا اهم ڪردار ادا ڪري سگهن ٿا، جيڪو انهن کي ڪرڻ به گهرجي ۽ ڪرڻو پوندو.

سنڌي سماج جي پارلياماني سياسي بيهڪ کي ڏسندي چئي سگهجي ٿو ته موجوده حالتن ۾ اهو متبادل جو خال نه ته محدود سگهه رکندڙ گِروهه پري سگهن ٿا، ۽ نه ئي وري وچين طبقي جا ساڃاهه وند سڏجندڙ چند فرد ڪي متبادل ٿي سگهن ٿا. منهنجيءَ نظر ۾ سنڌ ۾ متبادل قوت کي مرحليوار ئي اُڀاري سگهجي ٿو. ان ڏِس ۾ سماج جي سمورن ذميوار فردن ۽ گروهن کي پنهنجي پنهنجي ڪردار جو تعين ڪرڻو پوندو ۽ خيال پسنديءَ مان نڪري عملي طور هڪ رول ماڊل طور سامهون اچڻو پوندو.

متي ڄاڻايل سمورين پيچيدگين جي هوندي به اها هڪ مثبت ۽ اتساهيندڙ ڳالهه آهي ته اهو سوال هاڻي اسان جي سوچ ۽ فڪر جي قومي ايجنڊا تي بنيادي اهميت اختيار ڪري رهيو آهي، ڇاڪاڻ ته صاف نظر پيو اچي ته پ پ پ ۽ ٻين وڏيرڪن ٽولن جي صورت ۾ سنڌ جو موجوده حڪمران طبقو سنڌ کي وڏيڪ تباهيءَ جي ڏهڻ ۾ ڏڪي ته سگهي ٿو پر ان کي آجپي، قومي خوداختياريءَ ۽ خوشحاليءَ جي دڳ لائي نٿو سگهي. ان سوال، ته سنڌ ۾ متبادل قوت کي ڪيئن اُڀاري سگهجي ٿو، تي مان پنهنجا ويچار ايندڙ مضمون ۾ پيش ڪندس.

*(روزاني ڪاوش، 12 جون 2013ع)*

# سنڌ ۾ سياسي متبادل
# ڪيئن اُڀاري سگهجي ٿو؟

"سنڌ ۾ سياسي متبادل ڇو نہ ٿو اُڀري؟" جي موضوع تي مون گذريل مضمون ۾ پنهنجا ويچار پيش ڪيا هئا. اڄوڪي مضمون ۾ مان ان جي ٻئي پاسي يعني سنڌ ۾ سياسي متبادل ڪي ڪيئن اُڀاري سگهجي ٿو؟ جي سوال تي پنهنجا ويچار پيش ڪندس. جيئن تہ ڪنهن بہ اڪيلي فرد جا ويچار حتمي ۽ آخري ٿي نہ ٿا سگهن، تيئن منهنجا ويچار بہ قطعي نہ آهن. هي بحث جيڪڏهن گهربل سنجيدگيءَ سان اڳتي هليو تہ پوءِ مون کي اهو پڪتو ويساهہ آهي تہ گڏيل ڏاهپ سان يقيني طور سنڌ جي پارلياماني سياست جي متبادل جي سوال جو بہ ڪونہ ڪو گس نڪري پوندو.

سڀ کان پهرين ڳالهہ تہ اسان کي اجتماعي طور اهو نفسياتي ڏڍُ پيدا ڪرڻو پوندو تہ اِهو ممڪن آهي. پنهنجي امڪاني سگهہ ۽ تبديليءَ جي محرڪن تي پختي ويساهہ کانسواءِ اِهو ممڪن ئي نہ آهي تہ گهربل قومي سگهہ کي سياسي طور منظم ڪري، پيدا ڪري سگهجي. قومن يا طبقن ٽوٽي سياسي پارٽين جي سوڀ يا شڪست سياسي ميدان کان اڳ نفسياتي ميدان تي ٿيندي آهي. ان ڪري سنڌ ۾ وڏيرڪي طبقي جي ظاهري هيبت ۽ پارلياماني ميدان ۾ ان جي موجوده سگهہ کي متحرڪ حالت ۾ ڏسڻ جي ضرورت آهي. يعني اِهو ويساهہ پيدا ڪرڻو پوندو تہ سنڌ ۾ سياسي طاقت جو توازن تبديل نہ رڳو ڪرڻ گهرجي پر اهو تبديل ڪري سگهجي ٿو. چاڪاڻ تہ رياست جي مدد، مسلسل اقتدار سان جڙيل رهڻ، پارلياماني سياست جي تجربي، سماجي اثر، معاشي سگهہ ۽ اهڙن ٻين انيڪ سببن ڪري جيڪڏهن اڄ اهو طبقو تمام گهڻو سگهارو آهي تہ اهو لازمي ناهي تہ اها صورتحال سدائين ائين ئي رهي پر ظاهر آهي تہ اها تبديلي پاڻمرادو نہ ايندي، ان ۾ سنڌي سماج جي سمورين مثبت قوتن کي سگهاري ۽ متحرڪ ڪردار ادا ڪرڻو پوندو.

ان ڏس ۾ ٻيو اهم نقطو اِهو آهي تہ سنڌي سماج جي موجوده حالت ۾ اهو تاريخي ڪردار اڪيلي سر ڪا بہ هڪ ڌر ادا نہ ٿي ڪري سگهي ۽ نہ ئي وري

ڪو هڪ شعبو هن ڏاڪي تي اهو مقصد حاصل ڪري سگهي ٿو. سنڌ ۾ نہ تہ اهڙي ڪا سياسي پارٽي آهي ۽ نہ ئي ڪو بيو اهڙو شعبو آهي، جيڪو اڪيلي سِر تبديليءَ جي اُنَ گهڻ طرفي عمل جي مُحرڪ قوت بڻجي سگهي. ابتدائي مرحلي ۾ قوم ۽ سماج جي هر ذميوار ۽ سجاڳ فرد، گروهہ، شعبي کي ان ڏس ۾ هڪ طرف پنهنجي اثرائتي انفرادي ڪردار جو تعين ڪرڻو پوندو تہ ٻئي طرف گڏيل تحرڪ جو عملي حصو ٿيڻو پوندو. حقيقت اها آهي تہ انيڪ معروضي سببن جي ڪري اڄوڪو سنڌي سماج سياسي توڙي سماجي طور تمام گهڻي انتشار، ذهني مونجهارن ۽ سياسي طور بُتَ مان بيزاريءَ جي رويي جو شڪار آهي. اِهو شايد گڏريل پنجن ڏهاڪن کان گهربل نتيجا حاصل نہ ڪري سگهڻ جو نفسياتي ردعمل آهي. سنڌ ۾ جنهن سطح جا قومي چئلينج اسان کي سامهون آهن، اُن لحاظ کان اسان کي هڪ مثبت ۽ سهڪاري سياسي ۽ سماجي ڪلچر پيدا ڪرڻو پوندو، جنهن ۾ قومي مفاد ۽ سوچ تحت مثبت عمل ۾ هڪٻئي سان سهڪاري ٿيڻ جو رويو شامل آهي. اسان جو شايد اهو قومي سياسي مزاج ٿي ويو آهي، هر شيءِ کي رد ڪرڻ ۽ هڪٻئي کي اصل نہ سهڻ. جيئن جاپان ۾ ميجي انقلاب منتشر قوم کي هڪ قومي سوچ جي ڌارا ۾ آندو هو تيئن سنڌ کي بہ هڪ عملي قومي سوچ جي ضرورت آهي. مطلب تہ سنڌ ۾ وڏيرڪي سياست آڏو هڪ متبادل قومي قوت کي اُڀارڻ جي عمل ۾ اسان مان هرهڪ فرد، اداري ۽ شعبي کي پنهنجو عملي ۽ مثبت توڙي سهڪاري ڪردار ادا ڪرڻو پوندو.

ٽين اهم ڳالهہ تہ اسان کي اهو سمجهڻ گهرجي تہ اهو ڪم ڏاڪي بہ ڏاڪي ٿيندو. اهو ممڪن ئي نہ آهي تہ هتي رات وچ ۾ ڪا وڏي سياسي تبديلي اچي وڃي. تاريخ ۾ تبديلي هڪ پاڻ مرادو ۽ خودڪار (Auto Dynamic) عمل آهي، جنهن ۾ اسان جو ڪردار ان کي صحيح دڳُ ڏئي، ان جي رفتار کي تيز ڪرڻ هوندو آهي. سڄيءَ دنيا ۾ وچين طبقي جا ماڻهو گهڻي ڀاڱي خوشفهم بہ جلد ٿيندا آهن ۽ مايوسيءَ جي ڍٻڻ ۾ بہ جلد ڪِرندا آهن، جو اُهي اڪثر تبديليءَ جو محرڪ پنهنجي خواهش يا سمجهہ ۽ محدود عمل کي سمجهندا آهن، جڏهن تہ تبديليءَ جو عمل معروضي هوندو آهي ۽ ان جو تعلق وسيع تر عوام ۽ سڄي سماج جي مادي حالتن سان هوندو آهي. ان ڪري سنڌ ۾ وچون طبقو تبديليءَ جي حوالي سان يا تہ گهڻي ڀاڱي خواهشن جي ڪُميتَ (گهوڙيءَ) تي چڙهي، ان کي رسڻ چاهي ٿو يا وري جلد مايوس ٿي انارڪيءَ ڏانهن مائل ٿو ٿئي، جيڪي ٻئي رويا غيرسائنسي ۽ غيرحقيقت پسند آهن.

حقيقت اِها آهي تہ سنڌ ۾ پارلياماني سياست جي ميدان تي سياسي متبادل بہ مرحليوار يعني ڏاڪي بہ ڏاڪي اُڀرندو. پهرين ان جا ترڪيبي جزا جُڙندا ۽ محرڪ ٿيندا ۽ پوءِ انهن جو ڪو متين سطح تي گڏيل ڪردار نهي بيهندو.

منهنجيءَ نظر ۾ هيٺيان مرحلا آهن، جن جي لڳاتار عمل سان سنڌ ۾ متبادل قوت ڪي اُڀاري سگهجي ٿو:

(1) سڀ کان پهرين ڳالهہ تہ سنڌ ۾ وڏيرڪي سياست جي سنڌ دشمن ڪردار ۽ متبادل قوت جي گهرج جي سوال کي تمام وڏي پئماني تي اُڀارڻ جي ضرورت آهي. جيئن معاشيات جي ٻوليءَ ۾ "ڊمانڊ ۽ سپلاءِ" جو اُصول هوندو آهي. جيتوڻيڪ سنڌ جي گڏريل چئن پنجن ڏهاڪن جي طبقاتي، قومي ۽ ترقي پسند سياست توڙي روشن خيال دانشورن، اديبن ۽ سماج جي سڄاڻ حصن جي قلمي ۽ عملي پورهيي سبب عوام جي گهڻائي اِهو تہ سمجهي ٿي تہ وڏيرڪو طبقو ڪيترو مفاد پرست آهي پر هاڻي ان کي اِهو گهرائيءَ ۽ شدت توڙي پوري حساسيت سان سمجهائڻ جي ضرورت آهي تہ اهو طبقو ۽ سندس مفاد پرست ۽ وطن فروش سياست ۽ عملي سياسي ڪردار ڪيترو نہ سنڌ لاءِ زهر قاتل آهي. اهو ئي طبقو آهي جنهن گذريل ڇاهتر سالن کان (1937ع کان وٺي) پارلياماني سياست جي ميدان تي سنڌ کي ڪاريهر بڻجي ڏنگيو آهي ۽ اهو طبقو ڇئور وانگي تيسين بس ڪري نہ ويهندو، جيسين اِهو سنڌ جو سمورو سياسي، سماجي ۽ معاشي رَتُ پي ان کي پورو نہ ٿو ڪري. ياد رکڻ گهرجي تہ ڊسڪورس ۽ عوامي راءِ ايڪويهين صديءَ ۾ وڏي طاقت آهي ۽ سنڌ ۾ عوامي راءِ کي ان بنياد تي ناهڻ جي وڏي ضرورت آهي. اهو ڪم دانشور، اديب، شاعر، ليکڪ، ميڊيا، استاد، شاگرد، وڪيل يعني مجموعي طور سول سوسائٽي ڪري سگهي ٿي. ان ۾ خاص طور سنڌي ميڊيا ۽ ليکڪن جو اهم ڪردار آهي ۽ وڌيڪ جُڙي سگهي ٿو. اهو ميدان آهي جتي وڏيرو يا وڏيرڪي سياست سان واڳيل ماڻهو سنڌ جي شعور سان مقابلو نہ ٿا ڪري سگهن. ان ڪري اسان کي وڏيرڪي سياست کي مڪمل طور ۽ هر سطح تي واڪو ڪرڻو پوندو.

(2) سنڌ ۾ تبديليءَ لاءِ سوچيندڙ يا ان جي خواهش رکندڙ وچولي طبقي کي اها خبر ئي نہ آهي يا ان جو ڪيس اندازو ئي نہ آهي تہ هن رياست ۽ معاشري ۾ عام ماڻهوءَ سان ڪهڙي ويڌن آهي. هو روز ڪهڙي ذلت آميز ۽ محتاج زندگي گذاري ٿو ۽ اڃا بہ وڏي ڳالهہ تہ هن جي سنڌ ڪهڙي آهي ۽ ان سنڌ ۾ هن جا مسئلا ڪهڙا آهن؟ سنڌ ۾ پاڻ کي "باشعور" سمجهندڙ وچولي طبقي ۽ "بي شعور" سڏجندڙ پورهيت طبقن ۾ سوچ، عمل ۽ رابطي جي وڏي وِٿي آهي. وچولو

طبقو پنهنجي سوچ ۽ خواهشن جي دنيا کي سنڌ سمجهي ٿو ۽ عام پيڙهيل ماڻهو پنهنجي انفرادي مسئلن ۽ مڪاني حقيقتن کي سنڌ سمجهي ٿو. عام ماڻهوءَ جو سنڌ جي "تاريخي شعور" سان واسطو ۽ واهپو ناهي ۽ سنڌ جي "شعور" جي عام ماڻهوءَ سان قطعي لاتعلقي آهي. هڪ طرف وچولي طبقي جي خيالي سنڌ آهي ۽ ٻئي طرف پورهيت عوام ۽ سنڌن مجبورين جي ماريل سنڌ آهي. سنڌ ۾ سياسي تبديلي تڏهن ايندي جڏهن حقيقت ۽ شعور جو ميلاپ ٿيندو ۽ سنڌ ۾ اهو لنڪ ئي ڪُٽل ۽ ٽُٽل آهي. ان ڪري مان سمجهان ٿو تہ سنڌ ۾ وطن دوست ۽ عوام دوست سياسي پارٽين، دانشورن، ليکڪن ۽ سماجي ڪارڪنن کي عوام سان سڌيءَ ريت رابطو تيز ڪرڻو پوندو. يعني سنڌ جي مالڪيءَ جو مطلب ان جي اڪثريتي نڌڻڪي عوام جي مالڪي ڪرڻ آهي. سنڌ جو آجپو معنيٰ ان جي پورهيت عوام جو آجپو. سنڌ جي مالڪي معنيٰ ان جي نڌڻڪي عوام جي مالڪي ۽ سنڌ جا حق معنيٰ ان جي اڪثريتي عوام جا حق. عام ماڻهو رياست جي ناڪاميءَ سبب وڏيرڪي طبقي وٽ محتاج ۽ مجبور آهي جو رياست ۽ پاور جي "لَٺِ" بہ ان طبقي وٽ آهي تہ "چٺِ" بہ. جيسين عام ماڻهوءَ کي متبادل ڏِڍُ نہ ڏبو ۽ عملي طور ان سان گڏ نہ بيهبو تيسين سنڌ جو اڪثريتي عوام وڏيرڪي طبقي جي محتاجيءَ مان آجو نہ ٿيندو ۽ جيسين اهو طبقو آجو نہ ٿيندو، تيسين سنڌ آجي ٿئي اهو ممڪن نہ آهي. ان ڪري هاڻي سنڌ جي رڳو "مٿي" نہ پر "هيٺ" بہ مالڪي ڪرڻي پوندي. مون اڳ بہ لکيو هو تہ سنڌ جي قومي سياست ۾ اها روايت هڪ حد تائين شهيد فاضل راهوءَ ۽ شهيد بشير خان قريشيءَ وڌي پر افسوس جو اِها روايت اڳتي وڌي نہ سگهي.

(3) سنڌ ۾ سياسي توڙي فڪري ميدان تي خيال پسنديءَ جو رجحان گهڻو سگهارو ۽ عام آهي. ان ڪري اسان جون تحريڪون، نعرا، مطالبا ۽ جدوجهدون گهڻي ڀاڱي خيال پسنديءَ ۽ وڏين ڳالهين ڏانهن مائل وڌيڪ آهن. سنڌيءَ ۾ چئبو آهي وات جي پلاءَ کي گيهہ جي گهرج ناهي هوندي. نتيجي ۾ چئن ڏهاڪن جي پورهيي، جاکوڙ ۽ قربانين باوجود سنڌ جي قومي سياست جي هٿ ۾ گهٽيون يا نظر ايندڙ ڪاميابيون ناهن. مان سمجهان ٿو تہ هاڻي سنڌ ۾ وڏين ۽ ڊگهي مُدي وارين جدوجهدن يا مطالبن سان گڏ سرزمين تي ننڍيون ننڍيون ڪاميابيون حاصل ڪرڻ جي روايت عام ٿيڻ گهرجي. ماڻهن کي ويساهہ ملڻ گهرجي تہ ننڍيون ئي صحيح پر ڪاميابيون حاصل ڪري سگهجن ٿيون. "نيلام بند ڪريو"، "ووٽر لسٽون سنڌيءَ ۾ ڇپايو"، جهڙيون

جدوجهدون يا ڪالاباغ ڊيم خلاف جدوجهد ان جو هڪ مثال هو پر مان سمجهان ٿو تہ ڪن اهم اشوز تي ضلعي ۽ تعلقي يا ڳوٺ ۽ شهر جي سطح تي اها جدوجهد جيڪا نوس نتيجا ڏئي ۽ عوام کي مقامي سطح تي ڪاميابيءَ ۽ سگهہ جو ويساهہ ڏئي تہ اها بہ ڪا گهٽ اهم ڳالهہ ناهي. اصل ۾ ماڻهو سياسي طور رڳو ڳالهين يا سُٺي موقف جي پويان نہ ٿا لڳي سگهن. ماڻهن کي سگهہ، ويساهہ ۽ نتيجا گهرجن، ننڍيون ننڍيون ڪاميابيون حاصل ڪبيون تہ ماڻهو وڏن قومي اشوز تي بہ موٽ ڏيندا. ان ڪري سنڌ ۾ جدوجهد جي حڪمت عمليءَ کي بہ تبديل ڪرڻ جي ضرورت آهي.

(4) سنڌ ۾ وڏيرڪو طبقو پنهنجين سمورين بڇڙاين، غدارين ۽ مفاد پرستيءَ باوجود پنهنجي "ڌنڌي" سان ڪُل وقتي جڙيل آهي، جڏهن تہ وچولي طبقي جا نوانوي سيڪڙو سياسي ۽ سماجي ڪارڪن جز وقتي آهن. نتيجي ۾ اُهي عوام لاءِ سمورو وقت ائين ميسر ناهن جيئن وڏيرڪو طبقو موجود آهي. ان ڪري سوال رڳو ڪردار ۽ سوچ جو ناهي پر سوال عوام ۾ ڪُل وقتي طور موجود هجڻ ۽ کين وقت تي ڪم اچڻ جو بہ آهي. ظاهر آهي تہ وچولي طبقي جو پروفيشنل صحافي، دانشور، ليکڪ، استاد، وڪيل يا ڪو بہ ماڻهو ائين نہ ٿو ڪري سگهي، ان ڪري سنڌ ۾ هر سطح تي وچولي آبادگار يا شهري ڪاروباري طبقي کي وڏي پئماني تي سياسي ۽ قومي ڌارا ۾ شامل ڪرڻو پوندو. جي ان طبقي کي تنظيمي سگهہ حاصل هوندي تہ اهو سرزمين تي مرحليوار وڏيرڪي طبقي کي سوڙهو ڪري سگهي ٿو. هن وقت سنڌ جو وچولو آبادگار يا ڪاروباري ماڻهو سگهاري ساک واري قومي سياست يا تنظيمون نہ هئڻ سبب مجبوريءَ يا مفاد پرستيءَ تحت سنڌ جي وڏيرڪي طبقي جي پويان هلڻ تي مجبور آهي.

(5) سنڌي سماج جا سڀ کان اهم ۽ مظلوم ترين طبقا ۽ حصا هاري، مزدور، هيٺيون وچولو طبقو، غريب نوجوان ۽ مايون آهن. سنڌي سماج جي ڪنهن بہ جدوجهد، تنظيم يا تحرڪ ۾ انهن جو ڪو بہ بنيادي ڪردار نہ آهي. هاڻي اهو ڪيئن ممڪن آهي تہ سماج جو اهو لڳ ڀڳ اَسي سيڪڙو آبادي اسان جي قومي سوچ، جدوجهد، تحرڪ ۽ تنظيمن کان پري هجي ۽ اسان وڏيرڪي طبقي اڳيان ڪا وڏي قوت اُڀاري سگهون؟ هاري، مزدور، نوجوان ۽ خواتين ڪنهن جي بہ ايجنڊا تي نہ آهن. رڳو ڏيکاءُ خاطر انهن جي نالي ماتر نمائندگي آهي يا سندن نالن تي تنظيمون ٺهيل آهن پر انهن جي گهٽائيءَ تائين گڏريل پنجن ڏهاڪن کان ڪير بہ ناهي پهتو. جي پ پ پهتي آهي تہ ان

وٽ ڪوبہ نظريو، سوچ، عمل يا سگهاري تنظيم ناهي. بس هڪڙو ماڻهن جو غير تربيت يافتہ هجوم آهي، جنهن کي قومي مفادن جي سياست جي دائري ۾ نٿو آڻي سگهجي. ان ڪري سنڌ ۾ متبادل قوت فقط ۽ فقط تڏهن اُڀرندي، جڏهن سماج جا اهي چار حصا نہ رڳو متحرڪ ٿيندا پر اڳواڻيءَ جي ڪردار ۾ سامهون ايندا.

(6) تبديليءَ ۽ متبادل اُڀارڻ جي هن گهڻ طرفي عمل ۾ سنڌ کي هر ميدان تي، هر شعبي ۾ ۽ هر سطح تي رول ماڊل گهرجن، جن تي ماڻهو ويساهہ ڪري سگهن، جيڪي پنهنجن پنهنجن دائرن ۾ گهربل اڳواڻي ڪري سگهن، جيڪي اڪثريت لاءِ اميد، اُتساهہ ۽ تحرڪ جو محور بڻجي سگهن. تاريخ ۾ فردن جو ڪردار گهٽ اهم ناهي هوندو. ان ڪري سنڌ ۾ اهو ڪردار ڪجهہ مخصوص فردن کي نہ پر تمام گهڻن کي ادا ڪرڻو پوندو. اسان کي رڳو سنڌ يا ملڪي سطح تي نہ پر ڳوٺ، شهر ۽ تَر جي سطح تي پڻ رول ماڊل پيدا ڪرڻا پوندا. تڏهن روايتي وڏيرڪي طبقي سامهون ڪا قوت اُڀرڻ جو امڪان پيدا ٿيندو. اسان کي رڳو سنڌ جا نہ پر ضلعن، تعلقن، شهرن ۽ ڳوٺن بلڪ گهرن جي سطح تي سچا پچا سُورما گهرجن، جن جو مثالي ۽ اڳواڻيءَ وارو ڪردار هجي، جيڪي ٻين لاءِ اُتساهہ جي علامت بڻجي سگهن. اهو سياڻ ئي سنڌي سماج ۾ ڪيفيتي تبديلي آڻيندو. مائي بختاور، مائي جِندو، مَنُو ڀيل، ويرو ڪولهڻ جهڙن ماڻهن کي بہ سنڌ ۾ قومي سُورمن جو درجو ملڻ گهرجي.

(7) سڀ کان آخري ڳالهہ تہ سنڌ کي موجوده حالتن ۾ قومي تحريڪ لاءِ هڪ نئون معياري پليٽ فارم گهرجي، جيڪو پهرين مرحلي ۾ سياسي پارٽي هرگز نہ هجي. مان سمجهان ٿو تہ ڪمزور ۽ محدود سياسي پارٽين بجاءِ موجوده مخصوص حالتن ۾ هڪ سگهاري گڏيل پليٽ فارم جي وڏيڪ ضرورت آهي. جنهن ۾ هر اهو ماڻهو شامل ٿي سگهي ٿو جيڪو سنڌ لاءِ پنهنجو انفرادي ۽ اجتماعي ڪردار ادا ڪرڻ چاهي ٿو. موجود سياسي پارٽين جي جيڪا صورتحال آهي ۽ جنهن قسم جي ساک ۽ ڪردار جي بحران جون اُهي تنظيمون شڪار آهن، انهن ۾ سنڌ جي عوام يا گهٽ ۾ گهٽ وچولي طبقي جي گهڻائي پنهنجي پوري اعتماد ۽ ڪمٽمينٽ سان شامل ٿئي، اهو موجوده حالتن ۾ نظر نہ ٿو اچي ۽ نہ ئي وري ڪو پاڻ کي قومي پارٽيون سڏائيندڙ گروپن جي سوچ، ڪردار، عمل ۽ حڪمت عمليءَ ۾ ڪا مثبت تبديلي ڏسڻ ۾ اچي ٿي. ان ڪري ضرورت ان ڳالهہ جي آهي تہ سنڌ ۾ هڪ اهڙو پليٽ فارم اُڀارجي، جيڪو ڪنهن بہ فرد واحد جي ذاتي يا خانداني ملڪيت نہ هجي، جنهن ۾

حقيقي جمهوري ڪلچر ۾ گڏيل اڳواٽي هجي، جنهن ۾ ساک جو بحران نہ هجي ۽ ماڻهو ان تي ويساهہ ڪري سگهن. اهو پليٽ فارم هڪ اثرائتو فورم بہ ٿي سگهي ٿو تہ ڪو وسيع تر اتحاد بہ. جنهن جي واڳ ڪنهن مخصوص فرد يا گروهہ وٽ نہ هجي، جيڪو گڏيل ڏاهپ سان موجوده حالتن ۾ ماڻهن کي صحيح دڳ ڏئي سگهي. ظاهر آهي تہ ان لاءِ ڪوبہ آسمان مان نہ ايندو، اهو ڪم اسان کي پاڻ ڪرڻو پوندو ۽ دراصل پهرين مرحلي ۾ سنڌ جي شعور جو امتحان آهي ئي اهو تہ ڇا سنڌ ۾ ذاتي ۽ گروهي مفادن کان مٿانهون ٿي ڪو سگهارو پليٽ فارم جوڙي سگهجي ٿو ۽ ان کي توازن، گڏيل ڏاهپ ۽ جمهوري روايتن سان هلائي سگهجي ٿو؟ جيڪو واضح ٽارگيٽ طئي ڪري ۽ انهن کي عملي طور حاصل بہ ڪري ڏيکاري. واضح رهي تہ اهڙو پليٽ فارم سياست يا سياسي عمل جو سهڪاري هوندو ۽ اهو ڪنهن بہ ريت سياست جي نفيءَ جي تصور تي ٻڌل نہ هوندو. ان کي اسان معياري سياست کي اُڀارڻ لاءِ هڪ اثرائتي سماجي تحريڪ (Social Movement) پڻ سڏي سگهون ٿا، جنهن جو لاڙو اڄڪلهہ سڄيءَ دنيا ۾ تيزيءَ سان اُڀري رهيو آهي.

مان سمجهان ٿو تہ مٿي تجويز ڪيل نقطن يا مرحلن تي عمل ڪرڻ سان سنڌ ۾ وڏيرڪي سنڌ دشمن سياست جي متبادل قوت کي هڪ ڍانچي اندر ڪاميابيءَ سان اُڀاري سگهجي ٿو.

*(روزاني ڪاوش حيدرآباد، 20 جون 2013ع)*

# ڇا سنڌ ۾ ٽيون آپشن نتو اڀري سگهي؟

سنڌ ۾ پير صاحب پاڳاري جي سربراهيءَ ۾ ٺهيل ”گرينڊ الائنس“ جي قيام ۽ اُن ۾ قومي عوامي تحريڪ ۽ سنڌ يونائيٽيڊ پارٽيءَ جي شموليت کانپوءِ ان حوالي سان جتي پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي ڪرپٽ ۽ نااهل حڪمرانيءَ، ان جي سامهون جوابي اقتدار پرست ۽ موقعي پرست وڏيرڪي سياست بابت هر سطح تي بحث مباحثا شروع ٿيا آهن، اُتي هڪ پيرو وري سنڌ ۾ قومي سياست جي حال ۽ آئيندي ۽ سنڌ ۾ ڪنهن امڪاني ”ٽئين آپشن“ تي سوال پڻ اُٿي رهيا آهن. جيتوڻيڪ گهڻن ماڻهن جو خيال آهي ته سنڌ جون موجوده اڪثر قومپرست يا روشن خيال ڌريون هاڻي پنهنجو ڏپُ ڏيئي چڪيون آهن ۽ سندن موجوده قيادت توڙي تنظيمي بيهڪ ۽ سياست جي انداز ڪي ڏسي چئي سگهجي ٿو ته:

*نہ خنجر اٹھے گا نہ تلوار ان سے،*
*یہ بازو میرے آزمائے ہوئے ہیں۔*

پر مان بنيادي طور هڪ اُميد پسند ماڻهو هئڻ سبب اهڙي حتمي ۽ فيصلہ ڪن راءِ ڏيڻ کان هميشہ ڪيٻائيندو رهيو آهيان. ان جو سبب شايد رڳو منهنجي اُميد پسندي نہ پر معروضيت پسندي پڻ آهي ۽ مان شين جي سطحي ڏيک يا موجوده حالتن بجاءِ ان جي محرڪن ۽ اڻ دريافت ڪيل سَگهہ ۾ وڌيڪ ويساهہ رکندو آهيان.

سنڌ جي قومي سياست ڪندڙ تنظيمن جي موجوده اڳواڻن، تنظيمي بيهڪ، ڪارڪنن ۽ تنظيمي ادارن جي حالت يا پاليسين ۽ حڪمت عمليءَ سان ڪو ڪٿي ڪيترو بہ اختلاف ڇو نہ رکي پر ان معروضي حقيقت کان ڪير بہ انڪار نہ ڪري سگهندو تہ جڏهن رياست ۾ قومي تضاد ايترو سگهارو هجي ۽ خود سنڌ اندر سنڌين جو قومي ۽ دائمي اڪثريتي وجود خطري ۾ هجي تہ پوءِ تنظيمون تہ وقتي طور ناڪام يا ڪمزور ٿي سگهن ٿيون پر سنڌ جي قومي سياست جا سگهارا محرڪ ڪمزور ٿي نہ ٿا سگهن. افسوس اِهو آهي تہ اسان جون قومپرست ۽ روشن خيال تنظيمون ان سوال جي سببن تي غور ڪرڻ لاءِ تيار نہ آهن تہ جڏهن قومي ۽ حقيقي عوامي سياست جا محرڪ جيئرا ۽

سگهارا آهن ته پوءِ اُها سياست ۽ ان سياست جون واڳون سنڀاليندڙ تنظيمون ڪمزور ڇو آهن؟

سنڌ جي قومي سياست کي جيستائين طبقاتي حوالي سان ڀڻ رُخن کان نه ڏسبو، تيسين سنڌ جي قومي سياست ۾ ڪوبه ڇال اچي، اهو ممڪن نه آهي، اُهي به پاسا هي آهن:

(1) سنڌ توڙي ان جي قومي سياست جو مطلب ان جو عوام آهي، جنهن جي وڏي گهڻائي هارين، مزدورن، نوجوانن، خواتين ۽ هيٺين وچولي طبقي تي مشتمل آهي ۽ جيڪڏهن ڪنهن به تنظيم يا سياست ۾ انهن جي نه رڳو موجودگي پر متحرڪ شموليت نه هوندي ته پوءِ اهو ممڪن ئي نه آهي ته اُها سياست پارٽ کي قومي سڏائي يا عوام جي نمائندگيءَ جي ڪابه دعويٰ ڪري. سنڌ ۾ گذريل پنجن ڏهاڪن کان سنڌ جي قومي سياست سماج جي انهن بنيادي حصن کي گڏ ڪٽڻ ۾ نه رڳو ناڪام وئي آهي پر حقيقت اِها آهي ته ان ڏِس ۾ ڪا پيرائتي، سنجيده ۽ لڳاتار توڙي منظم ڪوشش پڻ نه ٿي آهي. اسان جون قومي يا عوامي سياست ڪندڙ تنظيمون نوجوانن ۽ هيٺئين وچولي طبقي تي مشتمل چند هزار ۽ هاڻي ته چند سئو ڪارڪنن کي ئي پنهنجي اصل سياسي سگهه سمجهنديون رهيون آهن. اُهي ڪارڪن تنظيمن کي جيئرو رکڻ، جلسا جلوس منظم ڪرڻ ۽ اِشوز تي احتجاج جا بندوبست ڪرڻ ۾ ته اثرائتا رهيا آهن پر پارلياماني سياست ۾ ڪجهه ٻوٽو ٻارڻ يا حقيقي معنيٰ ۾ عوامي سياست ڏانهن وِکَ وڌائڻ ۾ اُنهن جي قوت يا صلاحيت انتهائي ناڪافي آهي. چئن پنجن ڏهاڪن کان ساڳين دائرن ۾ ڦِرڻ سبب هاڻي ته اُنهن ڪارڪنن جي به وڏي حصي ۾ اُهو جوش يا تحرڪ نه رهيو آهي. اسان جي موجوده اڪثر قومي سياست ڪندڙ ڌرين جو هڪ بحران اِهو به آهي، جيتوڻيڪ اِهي ئي تنظيمون هيون جن گذريل چئن ڏهاڪن کان مسلسل جدوجهدون به ڪيون آهن، قربانيون به ڏنيون آهن، پورهيو به ڪيو آهي، ڪن وقتن تي عوام ۾ پنهنجي اها جاءِ به ناهي پر اڄ اُهي جنهن حالت ۾ آهن، ان جي سببن ۾ محرڪن تي ئي ڪين وڏيءَ سنجيدگيءَ ۽ حقيقت پسنديءَ سان غور ڪرڻو پوندو، جيڪو رويو منجهن سماج کي نظر نه ٿو اچي.

(2) سنڌ جي قومي سياست کي اِهو پڻ سمجهڻو پوندو ته حڪمران طبقي جا پارٽ ۾ بظاهر ڪٽي ڪيترا به اختلاف ڇو نه هجن، سندن تنظيمون، نعرا ۽ نظريا مختلف ڇو نه هجن پر سندن بنيادي مفاد ڳُتيل، هڪٻئي سان ڳنڍيل، هڪٻئي تي مدار رکندڙ ۽ هڪٻئي جي وجود سان سلهاڙيل آهن. سنڌي وڏيرو

ڪمزور بہ روپ بهروپ ڪري، پر سنڌس "اندر" ساڳيو آهي. مون کي تہ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ تي حيرت ٿيندي آهي، جيڪا هڪ گهڻ طبقاتي پارٽي هوندي ۽ منجهس وچولي طبقي جو چڱو انگ هوندي بہ سياسي ڪردار اُهو ئي مُدي خارج، وڏيرڪو ۽ عوام کي اقتدار لاءِ ٺلهو استعمال ڪندڙ آهي. انهيءَ ڪري مان انهيءَ وڏيرڪي ڪلچر کي لوڻ جي ڪاڻ سمجهندو آهيان، جنهن ۾ جيڪو ويو سو ڳري ويو.

جيڪڏهن ڪنهن کي اِها غلط فهمي آهي تہ پيپلز پارٽيءَ جي ڪرپٽ حڪمرانيءَ مان نجات پير صاحب پاڳارو، لياقت جتوئي، ارباب غلام رحيم، ممتاز ڀٽو ۽ ٻيا جاگيردار ۽ اسٽيبلشمينٽ جا حمايتي وڏيرا وٺي ڏيندا تہ ان کي پورڙائي نہ پر ڪو ٻيو نالو ڏيڻ گهرجي. سنڌ جي قومپرست ۽ روشن خيال سياست کي ان طبقي جي اندروني طبقاتي ۽ سياسي تضاد جو فائدو ضرور وٺڻ گهرجي پر ان جو حصو ٿيڻ کان مڪمل طور پاسيرو رهڻ گهرجي. ڇاڪاڻ تہ ان طبقي زمانن کان وٺي سنڌ کي واري واري سان لُٽيو، ڦُريو ۽ تباهہ حال ڪيو آهي. هنن جو پاڻ ۾ جهيڙو يا تضاد سنڌ، سنڌي عوام، سنڌ جي مالڪيءَ، ان جي نجات ۽ خودمختيار وجود يا ان جي آڏاوت جي خواب جي تدبيرن تي نہ پر سنڌ کي وڏيڪ ڦُرڻ جي واري تي آهي. فرق رڳو اِهو آهي تہ هڪ ڌر عوام کي ڏُتاري، ڪين لارا لپا ڏيئي سنڌن ووٽ معرفت اقتدار ۾ اچي پيينگ ڪري ٿي ۽ ٻيو وڏيرڪو ٽولو اهو تڪلف بہ گوارا نہ ٿو ڪري ۽ هو سڌو راولپنڊيءَ جي آشيرواد سان اچي ان مسند تي ويهي ٿو يا ويهڻ جا جتن ڪري ٿو. هنن جو اختلاف اِجهو ايترو آهي تہ جيڪي اربين روپيا اڄ آصف علي زرداريءَ جي ٽولي ۽ سندن وزيرن جي کيسن ۾ وڃن ٿا، اُهي سندن تجوڙين ۾ وڃڻ گهرجن، باقي سنڌ جي پيينگ ڪرڻ تي ٻنهي ٽولن جو غيرمعمولي اتفاق آهي، جيڪو بظاهر اختلاف جي صورت ۾ نظر اچي ٿو.

اهو سوال تہ سنڌ ۾ هنن عوام جو رَتُ پيئندڙ ٻن وڏيرڪن ٽولن کانسواءِ ڪو ٽيون آپشن بہ ممڪن آهي يا نہ؟ ان جو جواب آهي تہ ان ڏِس ۾ ڪنهن اڄ تائين ڪا وِڪَ کنئي ئي ناهي تہ پوءِ اِن آپشن مان آسرو ڪهڙو پلجي؟ جيڪا جنگ سنڌ ۾ اجا ٿي ئي ناهي، ان ميدان مان تڏا ويڙهہ ڇو ڪجي؟ سائين جي ايم سيد سچو زور قومي سوال تي ڏنو ۽ طبقاتي سوال کي گهربل اهميت ڪڏهن بہ نہ ڏني، ڪامريڊ حيدر بخش جتوئيءَ جي وفات سان هاري ڪميٽي عملي طور بيهجي وئي، پليجي صاحب طبقاتي سوال کي تمام گهڻو ڇنڊيو تہ ڪيو ۽ ان تي تمام گهڻو لکيو بہ پر هن عملي طور هارين ۽ مزدورن کي منظم

ڪرڻ جي سياست تنظيمي صورت ۾ هڪ مختصر وقت لاءِ ڪٺي ۽ پوءِ نقطءِ نظر تہ موجود رهيو پر عملي سياست جيڪا پنهنجي جوهر ۾ سچ پچ بہ طبقاتي هجي، اُها ٿي ڪونہ. ڪابہ ڏر وارا پنج ڏهاڪا رڳو نظرياتي مغالطا سُلجهائڻ ۾ پورا هئا يا پاڻ وڌيڪ ان ۾ ڦاٿل رهيا- تہ سوال آهي تہ سنڌ جي وڏيرڪي طبقي ۾ سرزمين تي هٽ وڏو ڪنهن آهي جو اُهو پنهنجو وجود خطري ۾ سمجهي ها! ٻئي طرف هيءَ رياست سدائين سندس جياپي لاءِ موجود رهي. ان ڪري مان سمجهان ٿو تہ سنڌ ۾ قومي سياست، طبقاتي سوال کي ڏيکاءَ خاطر ۽ رڳو نقطءِ نظر جي حد تائين نہ پر ان لاءِ حقيقي طور ڪي بنيادي وِڪون ڪٽي ۽ عوامي سياست ۾ سرزمين تي پير ڏري. ان ڏس ۾ ڪجهہ تجويزون ۽ تدبيرون هيٺ ڏيان ٿو:

(1) سمجهڻ گهرجي تہ سنڌ جي مخصوص حالتن ۾ وڏيرڪي سياست جو متبادل يا ٽيون آپشن هڪدم وڏيءَ سگهہ سان نہ اُڀرندو، اُهو مرحليوار اُڀرندو، ان ڪري عوام کي ٺلهي نعري بازيءَ ذريعي دوکو ڏيڻ يا پاڻ ڪنهن خود فريبيءَ جو شڪار ٿيڻ بدران معروضيت جي بنياد تي حقيقت پسند ٿيڻ جي ضرورت آهي. فقط اهو نقطءِ نظر ۽ رويو ئي جتاءُ ڪندو، جيڪو معروضي، حقيقت پسند ۽ اُصولي هوندو.

(2) سنڌي سماج ۾ ويجهي مستقبل ۾ ڪنهن بہ هڪ وڏي قومي يا روشن خيال تنظيم جي اُڀرڻ جو امڪان نہ آهي. ان ڪري ماضيءَ جا تجربا ڪامياب هجن يا نہ- اها ڳالهہ گهٽن کي وڻي يا نہ پر في الوقت هڪ وسيع تر اتحاد سنڌ جي مزاحمتي ۽ سياسي سگهہ کي منظم ڪرڻ جو واحد حل آهي.

(3) اهڙي ڪنهن ڊگهي مُدي واري ۽ وسيع تر اتحاد جو آئين يا تنظيمي ضابطہ اخلاق لازمي طور هئڻ گهرجن، ڇاڪاڻ تہ سنڌ جي قومي سياست کي حقيقت ۾ منشور نہ پر آئين جي انحرافيءَ نقصان رسايو آهي. اهو آئين نہ رڳو حقيقي طور جمهوري هجي، پر ان ۾ گڏيل اڳواڻيءَ ۽ شرڪت جا اُصول تمام چِٽا ۽ واضح هجن.

(4) اهڙو اتحاد هڪ گڏيل منشور کڻي سامهون اچي، جنهن ۾ سنڌ جا بنيادي مفاد جهڙوڪ حق حڪمراني، دائمي اڪثريتي حيثيت، وسيلن جي مالڪي، ٻوليءَ جي قومي حيثيت، سنڌ جي وحدت ۽ سنڌ ۾ بهتر حڪمرانيءَ ۽ ميرٽ جي بحاليءَ جهڙا معاملا شامل هجن. سنڌ جي وفاق ۾ موجودگيءَ يا عليحدگيءَ جا سوال هن اتحاد کان پري هئڻ گهرجن ۽ ان

لاءِ سموريون تنظيمون پنهنجي پنهنجي تنظيمي موقف تي ڪاربند هئڻ جون مجاز هئڻ گهرجن.

(5) اهڙي اتحاد ۾ ڪجهه ساک وارا دانشور ۽ ٽيڪنوڪريٽ مبصر طور شامل هئڻ گهرجن، جيڪي اهڙي اتحاد کي پنهنجو فڪري سهڪار به آڇين ته منجهن ڪنهن امڪاني اختلاف جي نبيري لاءِ به اثرائتو ڪردار ادا ڪن.

(6) اهڙو اتحاد رڳو روايتي جلسا ۽ جلوس نه ڪري پر هر شعبي ۾ سنڌ جو گڏيل موقف دليلن ۽ انگن اکرن سان تيار ڪري، سفارتي محاذ تي ملڪ ۽ دنيا اندر سنڌ جي ان موقف ۽ مفاد لاءِ پنهنجا انيڪ همدرد پيدا ڪري. سمورن صوبن جا مسلسل دورا ڪري ۽ سڀ کان وڌي ڳالهه ته سنڌ ۾ عوام جي حقيقي اشوز جهڙوڪ زراعت، صحت، تعليم، روزگار ۾ ميرٽ، ترقياتي اسڪيمن جي نِگهباني، انساني حقن جي لتاڙ کي روڪڻ، قبائلي جهيڙن جي پُرامن نبيري ۽ هڪ سيڪيولر ۽ روشن خيال سنڌ جي اڏاوت لاءِ عملي تدبيرون کڻي سرزمين تي لهي.

ياد رکڻ گهرجي ته ان سموري عمل دوران سموريون تنظيمون ۽ گروهه پڻ آزاد ۽ خودمختيار هوندا ته اُهي سنڌ ۾ عوامي تنظيم ڪاريءَ ذريعي پاڻ کي عوام آڏو هڪ سگهاري متبادل طور پيش ڪن. هر تنظيم لاءِ سنڌ هڪ کُليل ميدان هوندي ته اُهي پنهنجي اڳواڻيءَ جي معيار، تنظيمي صلاحيتن، ڪارڪنن جي تربيت، عوام سان رابطي ڪاري، درست نقطءِ نظر ۽ سرزمين تي عملي ڪردار ذريعي تاريخ ۾ پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪرڻ لاءِ پاڻ کي اڳتي آڻين.

ڇا موجوده حالتن ۾ بظاهر هن "يوٽوپيا" جهڙي خواب جي ساڀيان کي عملي تدبيرن ذريعي يقيني نه ٿو بڻائي سگهجي؟ منهنجو ويساهه آهي ته بڻائي سگهجي ٿو ۽ بڻائڻ گهرجي.

*(روزاني ڪاوش، 13 جنوري 2016ع)*

# سنڌ ۾ پ پ پ جو متبادل گرينڊ الائينس
# ۽ ٽرڊ آپشن جو سوال!

سنڌ جيڪا پاڪستان ۾ ٻين سمورن صوبن ۽ قومن کان سياسي ميدان تي وڌيڪ متحرڪ ۽ اڳيري رهي آهي، اها موجوده دور ۾ شايد سڀني کان وڌيڪ سياسي بحران جو شڪار ۽ پيچيدگين جي ڏهڻ ۾ ڦاٿل ۽ مونجهارن جو شڪار نظر اچي ٿي. 2013ع ۾ ۽ تازو مڪاني چونڊن کانپوءِ سڄي ملڪ ۾ اهو سوال وڌيءَ شدت سان اڀريو ته آخر جڏهن سنڌ ۾ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي حڪمرانيءَ جو انداز نه رڳو ناڪام ۽ ڪرپٽ پر سنڌ کي تباهه حاليءَ جي بند گهٽيءَ ڏانهن ڌڪيندڙ آهي ته پوءِ به آخر ان جماعت جي سامهون عوامي سطح تي ڪو گهربل متبادل ڇو نٿو جڙي؟ سنڌ کان ٻاهر ويٺل ماڻهن کي اها خرابي سنڌي عوام جي سياسي سمجهه ۾ نظر اچي ٿي، جنهن کي هو هڪ وڏيرڪي ۽ زرعي سماج جي ڦاٿل عوام جي ذهني غلاميءَ سان تعبير ڪن ٿا، پر حقيقت ان جي ابتڙ هيءَ آهي ته سنڌ ۾ عوام پڻ بنيادي سياسي تبديلي چاهي ٿو ۽ ان لاءِ هر طرف واجهائي پڻ رهيو آهي. پر جيڪڏهن عوام کي متبادل سياست جا خواب ڏيکاريندڙ سياست محدود تنظيمي دائرن مان ٻاهر نڪري عوام جي وڏي اڪثريت سان رابطي ۾ ئي نه ايندي ته پوءِ آخر عوام پنهنجي سياسي تبديليءَ جي خواب کي ڪهڙي ساڀيان ڏي ۽ ان سلسلي ۾ ڪنهن سان سياسي پير پري؟

**سنڌ ۾ پيپلز پارٽيءَ جي سياست ۽ حڪمرانيءَ جو انداز:**

سنڌ ۾ 2008ع کانپوءِ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي سياست ۽ حڪمرانيءَ جي انداز تي هر سطح تي ايترو ته لکيو، ڳالهايو ۽ ان جي ڇنڊڇاڻ ڪئي وئي آهي، جو هاڻي سنڌ ۾ ان بابت ڪٿي ٻه ٻه رايا نه آهن ته پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي قيادت ۽ حڪومت عوام کي رڳو اقتدار تائين رسڻ جي هڪ سياسي ڏاڪڻ سمجهي ٿي ۽ ان جو عوام، سنڌ جي مالڪيءَ، سنڌن آئين، سياسي، معاشي حقن جي تحفظ، وسيلن جي عوام دوست ۽ سنڌ دوست استعمال سان ڪو به واسطو نه رهيو آهي. سنڌن اوليت هر قيمت تي ڪرپشن، اقرباپروري ۽

هر اهو ڪم آهي جنهن سان سنڌ جي شعور، نوجوانن جي مستقبل، ترقيءَ، ميرٽ، ادارن ۽ سنڌ جي عوامي ۽ قومي مفادن کي ڪاپاري ڌڪ لڳي. آصف علي زرداري صاحب جي اڳواڻيءَ ڪانپوءِ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ ان ايجنڊا تي وڏي سنجيدگيءَ، ڪمٽمينٽ ۽ اهليت سان ڪم ڪرڻ ۾ هڪ لمحو بہ ضايع ناهي ڪيو. سنڌ ان سياست ۽ حڪمرانيءَ جي انداز جون شاهديون سنڌ جا ڳوٺ، تباهہ حال شهر، نوجوانن جا مايوس چهرا، ميرٽ جي بدترين لتاڙ جو شڪار ادارا ۽ مجموعي طور سنڌ جا سڀ انگ ۽ رنگ ڏيئي رهيا آهن. سنڌ ۾ سياسي متبادل نہ هئڻ سبب پل تہ اڪثريتي ووٽ اڄ بہ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ کي ملندا هجن پر ان ۾ ڪو بہ شڪ ناهي تہ جنهن سنڌ جي عوام جو لاڳاپو پاڪستان پيپلز پارٽيءَ سان محبت ۽ عشق جو هوندو هو اهو هاڻي مجبوريءَ جو سڱ آهي، جو سرزمين تي ڪابہ ڌر پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي تنظيمي ۽ سياسي سگهہ کي ڪاپاري ڌڪ نہ هڻي سگهي آهي ۽ مان نہ چوندس تہ ان ڏس ۾ ڪنهن گهربل ڪوشش ئي نہ ڪئي آهي. جنهن سنڌ جي عوام سان جيترا پير پريا، ماڻهن ان کي اوتري موٽ ڏني. مثال طور جڏهن عوامي تحريڪ، جسقم، ترقي پسند پارٽيءَ يا سنڌ يونائيٽيڊ پارٽيءَ سنڌ جي اشوز تي سنڌ جي عوام کي سڏ ڏنو تہ انهن کين هميشہ سنڌن توقع کان بہ وڌيڪ موٽ ڏني. پر سوال آهي تہ پارلياماني سياست جي ميدان تي عوام سان ڪنهن بہ گهربل سطح تي رابطا ڪاري نہ ڪئي ۽ ڪير جيڪڏهن عوام کي ڏاڪي بہ ڏاڪي ڪا متبادل واٽ، سگهہ ۽ تنظيم ڏيڻ جي ڪوشش ئي نہ ڪري تہ عوام کين ڪيئن موٽ ڏئي ها؟ ان ڪري اهو تاثر سنڌ ۽ سنڌي عوام بابت بلڪل بہ درست ناهي تہ عوام غير مشروط طور پاڪستان پيپلز پارٽيءَ سان گڏ آهي ۽ اهو ڪانئن ڇڄي ئي نٿو سگهي. سنڌي عوام جي راءِ ڏياچ آڏو ڪو چارڻ چنگ وڄائي تہ ڏسي!

### ڇا گرينڊ الائينس سنڌ ۾ پيپلز پارٽيءَ جو متبادل ٿي سگهي ٿو؟

سنڌ جي سياست جو الميو اهو بہ آهي تہ هتي هڪ طرف سياسي تبديليءَ ۽ ڪنهن سياسي متبادل ابرڻ جا محرڪ ۽ ميدان موجود آهن تہ ٻئي طرف ان خال کي تاريخ ۽ وقت جون حقيقي ترجمان قوتن بجاءِ اسٽيبلشمينٽ هميشہ پنهنجي مهرن هٿان پرڻ جي ڪوشش پئي ڪئي آهي ۽ پير صاحب پاڳاري طرفان جوڙيل موجوده گرينڊ الائنس انهن ڪوششن جو ئي تسلسل معلوم ٿئي ٿو. هن کان اڳ بہ ايس ڊي اي سميت اهڙيون انيڪ ڪوششون ٿي

چڪيون آهن. ان گرينڊ الائنس ۾ هڪ شخص ته اهڙو به شامل آهي، جيڪو هن ايڪيهين صديءَ ۾ به ڪارو ڪاريءَ کي غيرت جي علامت سمجهي ٿو. گرينڊ الائنس جو هڪ مک اڳواڻ لياقت جتوئي صاحب سنڌ جو وڏو وزير ۽ مشرف دور ۾ وفاقي وزير رهيو هو، پڌائي سگهندو ته سنڌ ۾ مثالي ڪرپشن ۽ ڪالاباغ ڊيم جي حمايت ڪانپوءِ ان دوران سنڌس پيا ڪهڙا ڪارناما هئا، جو عوام ڪيس سنڌ ۾ هڪ متبادل لاءِ حقي واجبي سمجهي؟ هن اتحاد جو ٽيون اهم اڳواڻ ارباب غلام رحيم ته ويجهو مثال آهي. ڇا ارباب غلام رحيم سنڌ ۾ وڏ وزارت جي مستند تي سنڌ جي عوام طرفان ويهاريو ويو هو؟ پرويز مشرف جهڙي آمر جنهن جو سنڌين سان تعصب ۽ وير هاڻي ڪا راز جي ڳالهه ناهي، ان جو سنڌ ۾ متحده ڪانپوءِ سنڌين مان من پسند ماڻهو ڪير هو؟ مان ته حيران آهيان ته ڊاڪٽر ذوالفقار مرزا جهڙو ماڻهو ان ماڻهو سان گڏ ويهڻ ڪيئن ٿو گوارا ڪري سگهي، جنهن شهيد محترمه بينظير ڀٽو لاءِ بار بار اخلاق کان ڪريل لفظ ڳالهايا هئا. آصف علي زرداري ۽ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي سياست ۽ حڪمرانيءَ جو انداز هڪ نه هزار ڀيرا مذمت لائق آهن، پر ڇا ان خلاف مزاحمت ارباب غلام رحيم سان گڏ ويهي ڪبي؟

پلا پيو ته ٺهيو، پر جنهن پارٽيءَ يعني مسلم ليگ (ف) هن اتحاد جي ميزباني ڪئي آهي، اها هيستائين واضح نه ڪري سگهي آهي ته اها هڪ مڪمل طور سياسي جماعت آهي يا پنهنجي عقيدتمندن جو ميڙ؟ ڇاڪاڻ ته جيڪڏهن اها هڪ سياسي جماعت آهي ته پوءِ ته پير صاحب جي مريدن کي وڏي دل جو مظاهرو ڪري پير صاحب جي سياست بابت تنقيدن کي کليل دل سان پڌڻ گهرجي، پر عملي طور ڪو مسلم ليگ (ف) کي هڪ سياسي پارٽي سمجهي، پوءِ پير صاحب وڏي مرحوم ۽ موجوده پير صاحب جي راولپنڊيءَ سان وفادار سياست تي تنقيد ڪري ڏسي ۽ پوءِ سنڌس مريدن جو ردعمل ڏسجو.

ان ڪري ياد رکڻ گهرجي ته پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي ڪرپشن، عوام دشمن حڪمرانيءَ جي انداز يا آصف علي زرداري جي نام نهاد مفاهمتي سياست جي ڪري ڇا انهن جا سياسي گناهه به ڌوپجي ويندا، جن وٽ سياست جو پاڪستان پيپلز پارٽيءَ کان به بدترين ماڊل آهي؟ هي ته سڀ اسٽيبلشمينٽ پاران ٽشو پيپر جيان بار بار استعمال ڪيل سياستدان آهن. ڇا واقعي به هنن کي پيپلز پارٽي جي ڪرپشن، اقربا پروري ۽ غلط حڪمرانيءَ سان اختلاف آهن؟ 1996ع ۾ جناب ممتاز ڀٽو صاحب هڪ وقتي وڏي وزير طور رڳو ٽن مهينن جي اقتدار دوران ان بدترين مالياتي ايوارڊ تي صحيحون ڪري

آيو. جنهن صوبن جو حصو 80 سيڪڙو مان گهٽائي 34 سيڪڙو ڪري ڇڏيو. مسلم ليگ (ف) هميشہ سنڌ ۾ اقتدار ۾ پائيوار رهي آهي ۽ مشرف جا 9 سال تہ سندن اقتدار ۾ وڏو حصو هو. ڀڏايو وڃي تہ سنڌ تہ ڇڏيو، اوهان انهن علائقن ۾ سڏارو آندو، جتان توهان کي بار بار ووٽ ملن ٿا. لياقت جتوئيءَ صاحب جي "ڪرپشن کان پاڪ ۽ شفاف حڪمراني" ڇا سنڌ جا ماڻهو وساري ڇڪا آهن؟ ڇا اهو ارباب غلام رحيم نہ هو، جنهن سنڌ جا ضلعا متحده کي سندن مرضيءَ تي ورهائي ڏنا ۽ جيڪو سنڌ جي اڌ آبادي يعني خواتين بابت جيڪي خيال ۽ ويساهہ رکي ٿو، اهي ڀڏي قديم دور جي ماڻهن کي بہ شرم اچي.

صاف ڏسڻ ۾ پيو اچي تہ هي اسٽيبلشمينٽ طرفان سنڌ ۾ سياسي خال پرڻ جي اها ئي ڪوشش آهي، جيڪا هو ڏهاڪن کان ڪندا اچن. سنڌ اسيمبليءَ کان پنهنجي شرطن تي اختيار گهرندڙ رينجرس سان ايڏي والهانہ محبت ڇو؟ ڇا هي ماڻهو واقعي سنڌ ۾ ڏوهن، دهشتگردي ۽ ڪرپشن جي خلاف آهن؟ سدائين متحده سان گڏ رهيا، ڪرپشن جا رڪارڊ قائم هنن بہ اوترا ڪيا، جيترا هينئر پيپلز پارٽيءَ وارا ڪري رهيا آهن. هي سنڌ سان محبت يا سنڌ ۾ بهتر حڪمرانيءَ نہ، پر رينجرس ۽ راولپنڊيءَ سان عشق جو کليل اظهار آهي.

## سنڌ ۾ متبادل جو حقيقي عوامي رستو ڇو نہ ونجي؟

جڏهن 2013ع جي چونڊن کان اڳ ئي 10 جماعتي اتحاد جو تجربو ٿي چڪو هو تہ پوءِ سنڌ جا ماڻهو حيران آهن تہ قومي عوامي تحريڪ ۽ ايس يو پيءَ جهڙين قومي سياست ڪندڙ تنظيمن کي هڪ ڀيرو وري اهڙي گرينڊ الائنس ۾ شموليت جي ضرورت ڇو پيش آئي؟ 2013ع جي چونڊن کان اڳ جيڪا مسلم ليگ (ف) سورهيہ بادشاهہ جهڙي سنڌ جي سپوت جي تسلسل جون ڳالهيون ڪري رهي هئي، اها حيدرآباد جي جلسي کانپوءِ متحرڪ سياسي ڪردار تہ پري جي ڳالهہ، پر سنڌ ۾ وري سورهيہ بادشاهہ جو نالو ڪٿندي بہ نظر نٿي اچي. جيتوڻيڪ هو انگريزن خلاف وڙهيو هو ۽ پاڪستان جي اسٽيبلشمينٽ کي شايد سندس نالو ڪڍڻ سان ڪو مسئلو بہ نہ ٿئي، پر سوال آهي تہ مسلم ليگ جي فڪر ۽ قومي نظريي کي رد ڪندڙ سورهيہ بادشاهہ جو نالو ڪا بہ مسلم ليگ ڪيئن ٿي کڻي سگهي؟ ارباب غلام رحيم جي حيدرآباد واري ورهاست کي تہ عوامي تحريڪ ۽ ايس يو پيءَ کليل نموني رد ڪيو هو. هاڻي هو وري سنڌ جو سڄڻ ڪيئن ٿي پيو؟

منهنجيءَ نظر ۾ قومي عوامي تحريڪ ۽ ايس يو پيءَ گرينڊ الائنس ۾ شامل ٿي ڪو بهتر فيصلو نہ ڪيو آهي. ان کان سئو ڀيرا بهتر هو تہ "سپنا" يا "سنڌ بچايو ڪميٽيءَ" جي اتحاد کي سنڌ ۾ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي ڪرپٽ ۽ نااهل حڪمرانيءَ خلاف سنجيدگي ۽ خلوص سان ميدان تي لاٿو وڃي ها. جيڪڏهن اياز لطيف پليجي کي مولانا اويس نورانيءَ، جماعت اسلاميءَ، ارباب غلام رحيم، لياقت جتوئيءَ، پير پاڳاري يا ممتاز ڀٽي صاحب سان ويهڻ ۾ ڪو عار محسوس نٿو ٿئي تہ پوءِ هن کي ڊاڪٽر قادر مگسي، جلال محمود شاهہ، عوامي جمهوري پارٽي ۽ سنڌ جي ٻين قومپرست سياسي جماعتن سان ويهڻ ۾ نہ رڳو ڪو عار محسوس ڪرڻ نہ گهرجي، پر پاڻ ان کي وڌيڪ اهميت ڏيڻ گهرجي. جلال محمود شاهہ کي بہ سوچڻ گهرجي تہ هو اڳ بہ هڪ اهڙي اتحاد ايس ڊي اي جو حصو رهي چڪو آهي، جيڪو راولپنڊيءَ جي آشيرواد سان سنڌ ۾ ٺاهيو ويو هو ۽ بريءَ طرح ناڪام ٿيو ۽ هن پيري وري ڪيس ساڳي غلطي ورجائڻ نہ گهرجي. سنڌ ۾ قومي سياست کي قومي ايجنڊا تحت هڪ متبادل طور اڀارڻ جو گس تمام ڏکيو ۽ ڊگهي مدي وارو ضرور آهي پر ان ڏانهن ڪو بہ شارٽ ڪٽ نہ رڳو مڪمل طرح ناڪام ويندو، پر قومي سياست جو رهيل نور بہ چٽ ڪندو.

اسين بہ سمجهون ٿا تہ سنڌ ۾ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي وڏيرڪي سياست ۽ ڪرپٽ حڪمرانيءَ جو متبادل ڪو رات وچ ۾ نٿو ابري سگهي، ان ۾ وقت لڳندو ۽ اهو عمل ڏاڪي بہ ڏاڪي اڳتي وڌندو پر ان لاءِ پهرين مرحلي ۾ درست واٽ اختيار ڪرڻ جي ضرورت آهي ۽ ان لاءِ بہ صورتون ئي ممڪن آهن: يا تہ ڪا تنظيم اڪيلي سر ايڏو پورهيو ڪري ۽ ايترو تدبر ڏيکاري ۽ پنهنجي ساک ٺاهي جو عوام ان کي پنهنجي نجات جو ذريعو سمجهي يا وري ان ڏس ۾ انهن سياسي جماعتن سان ڊگهي مدي واري ساٿ ۾ هڪ نئين رويي ۽ سوچ سان گڏجي اڳتي وڌجي، جيڪي سنڌ ۾ سياسي تحرڪ پيدا ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري سگهن. ياد رکڻ گهرجي تہ سنڌ ۾ متبادل سياسي واٽ اختيار ڪرڻ لاءِ جيڪڏهن عقيده پرستن، تنگ نظر جاگيردارن، بار بار آزمايل راولپنڊيءَ جي وفادارن سان گڏ وک کڻجي تہ اهو عمل سنڌ ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي جي سگهہ کي ڌڪ هڻڻ بجاءِ ويتر ان کي سگهارو ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪندو.

جيا سنڌ ۾ اهو ممڪن ناهي تہ "سپنا" يا "سنڌ بچايو ڪميٽيءَ" کي وري جياريو وڃي ۽ ان جو دائرو وسيع ڪري ان کي هڪ گڏيل ايجنڊا ۽ منشور

تحت گڏيل اڳواٽيءَ جي ماڊل تحت سنڌ ۾ ٻيهر متحرڪ ڪيو ويو. راولپنڊي جي آشيرواد سان ۽ رينجرس جي حق ۾ مظاهرا ڪري ڪو به اتحاد سنڌ ۾ جيڪا تبديلي آڻيندو، اها تبديلي ٿي سگهي ٿي، پر سنڌ ۾ سنڌين جي حق ۾ هرگز نه! سنڌ جي قومپرست ۽ ترقي پسند سياسي تنظيمن کي ياد رکڻ گهرجي ته مدي خارج ۽ بار بار استعمال ڪري اڇلايل وڏيرن معرفت سنڌ جي عوام سان رابطي ۾ اچڻ بجاءِ سنڌ ۾ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ ۽ گرينڊ الائنس آڏو "ٽرڊ آپشن" طور گهربل سنجيدگيءَ سان سامهون اچڻ سان ئي سنڌن حقيقي متبادل کي اڀارڻ ڏانهن پهرين وک کڻي سگهجي ٿي، ان جي ابتڙ هرگز نه!

*(سومر 11 جنوري 2016ع)*

# ڇا سنڌ ۾ سياسي برف رِجي رهي آهي؟

ڪنهن زماني ۾ سنڌ کي سياسي تحرڪ ۽ تحريڪن جي حوالي سان ملڪي سياست ۾ وڏي اوليت حاصل هئي ۽ هاڻي سڄي ملڪ جا ماڻهو اهو سوال ڪن ٿا ته جڏهن پنجاب، خيبرپختون خواه ۽ ويندي بلوچستان ۾ به سياسي حالتون بدلجي سگهن ٿيون ته پوءِ سنڌ ۾ سياسي برف ڇو نه ٿي رجي يا تبديلي ڇو نه ٿي اچي؟ ظاهر آهي ته اهو سوال تمام اهم آهي ۽ ٻاهريان ماڻهو سمجهن ٿا ته ان جو سبب سنڌ جي ماڻهن جي نِلهي شخصيت پرستي آهي. منهنجو سدائين اهو خيال رهيو آهي ته اِهو تجزيو مٿاڇرو ۽ سطحي آهي. عوام جي ان بظاهر شخصيت پرستيءَ پٺيان به ٺوس مادي، سماجي ۽ معاشي يا ٻيا محرڪ هجن ٿا، جيڪي مٿاڇريون حقيقتون ڏسڻ وارن کي نظر نه ٿا اچن. بظاهر نظر ايندڙ اِها جذباتي وابستگي يا سحرانگيزيت به پنهنجي اصل جوهر ۾ ٺوس معروضي حقيقتن کان ڪٽيل هرگز نه هوندي آهي. شهيد ذوالفقار علي ڀُٽي ۽ محترمه شهيد بينظير ڀٽو سان ماڻهن جي جذباتي وابستگي به ڪو نِلهي هوا ۾ نه هئي پر ان جا به ٺوس مادي ۽ معروضي سبب هئا، جن تي مان اڳ گهڻن موقعن تي لکي چڪو آهيان. سوال آهي ته آصف علي زرداريءَ يا هاڻوڪي پاڪستان پيپلز پارٽيءَ سان ته ماڻهن جي ڪابه جذباتي وابستگي نه آهي، ماڳهين سندن هاڻوڪي بدترين حڪمراني ۽ رڳو پيٽ جي پوڄا ڪندڙ سياست جو ماڊل عوام جي به وسيع حلقن کي نه ٿو وڻي پر پوءِ به هن جماعت جي سنڌ ۾ اڪيلي وڏي سياسي جماعت جي حيثيت ڪيئن ۽ ڇو قائم آهي؟ ان جو جواب مون سميت گهڻن ماڻهن وٽ اهو آهي ته اها هاڻوڪي صورتحال آصف علي زرداريءَ جي اڳواڻيءَ هيٺ هلندڙ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي ڪاميابي نه پر ان جي مخالف قوتن جي ڪمزوري يا ناڪامي وڌيڪ آهي. جي ائين نه هجي ها ته 2013ع جي چونڊن ۾ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ ۽ ان جي مخالف اميدوارن کي مليل ووٽ تقريبن هڪ جيترا ڇو هجن ها؟ جيتوڻيڪ 2013ع ۾ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي سامهون ڪو مضبوط ۽ اثرائتو سياسي اتحاد به عملي طور موجود نه هو. سنڌ ۾ اهو سوال ڪافي وقت کان بحث هيٺ رهيو آهي ته ڇا 2018ع جي چونڊن جا نتيجا به لڳ ڀڳ سنڌ ۾ ساڳيا هوندا يا

هن پيري ان جي نتيجن ۾ ڪو فرق ايندو؟

جيتوڻيڪ سنڌ ۾ ماضيءَ واري نظرياتي قومي ۽ روشن خيال ترقي پسند سياست جو تحرڪ ته اڳ جي پيٽ ۾ جهڪو آهي پر ويجهي عرصي ۾ پارلياماني سياست جي حوالي سان ڪجهه تحرڪ وڌيو آهي، جنهن تي مثبت توڙي منفي انداز سان سماج ۾ بحث ۽ چنڊڇاڻ جاري آهي، جيڪو عمل اجا وڌيڪ تيز ٿيڻ گهرجي. ڇاڪاڻ ته سياسي جمود ۽ ڪنهن به صوبي ۾ هڪ سياسي پارٽيءَ جي هڪ هٽي مجموعي طور جمهوري عمل، حڪمرانيءَ جي انداز توڙي عوام جي مفادن لاءِ وڌيڪ خراب هجي ٿي. سنڌ ۾ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي بدترين حڪمرانيءَ جي ماڊل جو هڪ اهم سبب اِهو به آهي جو هتي حڪومت سازيءَ جي عمل ۾ هڪ پارٽيءَ جي مڪمل هڪ هٽي آهي ۽ اُها جماعت پاڻ مٿان ڪو به سياسي دٻاءُ محسوس نه ٿي ڪري، ڇاڪاڻ ته ان کي سياسي طور ڪو به خوف محسوس نه ٿو ٿئي. سياسي ضمير جي بنياد تي حڪمرانيءَ ۽ سياست جي انداز کي درست ڪرڻ سنڌن سياسي مزاج هوندئن ئي نه آهي. اڃو ته هتي ان حوالي سان اُپريل ۾ اُڀرندڙ معاملن جي به ڪجهه چنڊ ڇاڻ ڪريون:

(1) سنڌ ۾ پير صاحب پاڳاري جي سربراهيءَ ۾ گرينڊ ڊيموڪريٽڪ الائنس هڪ ڀيرو وري متحرڪ ٿيو آهي. اهو اتحاد 2013ع جي چونڊن کان اڳ به جُڙيو هو پر پوءِ 2013ع جي چونڊن ۾ ان جو ڪو به سرگرم يا اثرائتو ڪردار نظر نه آيو. ووٽ ملڻ ته پوءِ جي ڳالهه آهي پر حقيقت اها آهي ته گرينڊ ڊيموڪريٽڪ الائنس پاران عوام کان وڏي پئماني تي ووٽ گهريا ئي نه ويا هئا. جي ڊي اي جي بيهڪ هن وقت به ساڳي آهي، باقي اهو وقت ٻڌائيندو ته هن ڀيري اهو اتحاد ڪيترو سرگرم ڪردار ادا ٿو ڪري. في الوقت هن اتحاد جي پنهنجي ڪا به سَگهه نه آهي، سندن سَگهه صرف اِها آهي ته سامهون موجود حڪومت ۽ حڪمران پارٽي پنهنجي سَگهه وڏي پئماني تي پل ته ڪٽي نه به وڃائي هجي پر سندن ساک يقيني طور بدترين انداز سان خراب ٿيل آهي، جنهن لاءِ ذميوار ٻيو ڪو نه پر سندن قيادت، حڪمرانيءَ جو انداز ۽ مجموعي طور سياست جو موقعي پرست انداز آهي. سوال آهي ته حڪمران جماعت جي ساک ته موجوده حالتن جي پيٽ ۾ 2013ع جي چونڊن کان اڳ اڃا به وڌيڪ خراب هئي، جو هنن سنڌ ۾ ٻٽو مڪاني نظام آڻي پنهنجي سياسي پيرن تي پاڻ ڪهاڙو هنيو هو پر پوءِ به جي ڊي اي يا ٻيون قوتون ان جو گهربل فائدو وٺي نه سگهيون. اها به حقيقت آهي ته 2013ع جي چونڊن ۾ ڊانڊليون به وڏي پئماني

تي ٿيون هيون پر اهو آپشن تہ جي ڊي اي جي وڏيرن وٽ بہ هو پر جيئن تہ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ وٽ ووٽ، ڊانڊلين ۽ پئسي يعني ٽنهي فيڪٽرس جي گڏيل سَگهہ هئي، ان ڪري ڪين سرسي حاصل رهي. ان حوالي سان ووٽن جو عنصر وري بہ وڏو فيڪٽر آهي، جيڪو سنڌ ۾ جي ڊي اي وٽ وڏي پئماني تي نہ آهي. جي ڊي اي ۾ پيل تہ نالا وڏا هجن پر سوال آهي تہ هڪ تہ جي ڊي اي جي اڪثريتي سياستدانن بابت اهو پختو خاڪو جُڙيل آهي تہ اُهي راولپنڊيءَ جا پيدا ڪيل آهن ۽ انهن جي ئي آشيرواد سان سياست ڪندا رهيا آهن، ڪين ماضيءَ ۾ بہ واري واري سان پيپلز پارٽيءَ جي مقابلي ۾ ئي لاٿو ويو هو پر سنڌن حڪمرانيءَ جو ماڊل بہ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جيترو ئي خراب بلڪ ڪجهہ معاملن ۾ هنن ڪان بہ وڌيڪ بدترين ۽ رجعت پرست رهيو. هاڻي ڇا انهن سياستدانن جو گروپ جن کي عوامي ٻوليءَ ۾ "چُتل ڪارتوس" چئجي ٿو، اُهي هاڻي گڏجي ڪهڙو ٻوٽو ٻاري سگهندا؟ اياز لطيف پليجي جون جذباتي ۽ روشن خيال تقريرون تہ ڪين ڪي ووٽ نہ ڏياري سگهنديون. ان ڪري جي ڊي اي لاءِ جتي هڪ طرف ساک جو چئلينج آهي، اُتي انهن وٽ سنڌ لاءِ ڪهڙو حڪمرانيءَ جو ماڊل آهي، جيڪو عوام کي موهيندو؟ ڇاڪاڻ تہ عوام تہ ارباب غلام رحيم ۽ سائين غوث علي شاهہ جا حڪمرانيءَ جا ماڊل ڏسي چڪو آهي، ممتاز ڀُٽي صاحب جي تہ اِها صورتحال آهي جو هو هڪ طرف اقتدار ۾ شامل ٿيڻ لاءِ ٻہ قومي نظريي تي ويساهہ رکندڙ مسلم ليگ (ن) ۾ هليو ٿو وڃي، جڏهن تہ سندس پنهنجو نظريو آزاد ۽ خودمختيار رياستن تي ٻڌل ڪنفيڊريشن جو آهي. جڏهن ممتاز صاحب جهڙو سينيئر سياستدان پاڻ پنهنجي نظريي جو احترام نہ ٿو ڪري تہ پوءِ عوام ان کي ڪيئن ۽ ڪهڙي موٽ ڏيندو؟ ذوالفقار مرزا جيتوڻيڪ بدين ۾ وري بہ سَگهہ رکي ٿو پر اسماعيل راهوءَ جي پاڪستان پيپلز پارٽيءَ ۾ شموليت ڪانپوءِ ان ۾ وڏو فرق ايندو، ڇاڪاڻ تہ اُهي ٻئي گڏجي بدين ۾ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ کي ڌڪيا ڏينهن ڏيکاري سگهيا ٿي. رهي مسلم ليگ فنڪشنل تہ اُها تہ گڏريل ٽن ڏهاڪن کان سدائين اقتدار ۾ پائيوار رهي آهي. سندن حڪمرانيءَ جي ماڊل جي هڪ تصوير سانگهڙ ضلعو آهي. ان ڪري اصل سوال اهو آهي تہ اهو درست آهي تہ ماڻهو تبديلي چاهين ٿا پر آخر جي ڊي اي وٽ عوام کي ڏيڻ ۽ اُتساهڻ لاءِ ڇا آهي جو 2018ع ۾ اهو اُ ـاد ڪو ٻوٽو ٻاري سگهي؟ ان سوال جو جواب جي ڊي اي کي زبان سان يا اخباري بيانن ۽ تقريرن سان نہ پر عملي طور ڏيڻو پوندو. ڪوبہ رجعت پرست ٽولو ۽ اسٽيبلشمينٽ جي آشيرواد سان هلندڙ اتحاد سنڌ

جي سياست ۾ هڪ متبادل سگهه طور سامهون اچي، ان جا ڪي به امڪان نظر نه ٿا اچن.

(2) سنڌ ۾ عمران خان ماضيءَ جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ سرگرم ٿيو آهي ۽ سندس پارٽيءَ سنڌ ۾ سُٺا ميڙ گڏ ڪيا آهن ۽ عمران خان سنڌ جي معاملن تي اڳ جي ڀيٽ ۾ چٽو ۽ بهتر موقف پڻ اختيار ڪرڻ شروع ڪيو آهي. مون ذاتي طور سنڌ جي مختلف علائقن ۾ ماڻهن سان سياسي معاملن تي ڳالهائڻ جي نتيجي ۾ اهو محسوس ڪيو آهي ته سنڌ ۾ نوجوانن ۽ وچولي طبقي جي هڪ حصي ۾ عمران خان ۽ پي ٽي آءِ لاءِ گُنجائش پيدا ٿي رهي آهي، جيڪا اڃا به وڌي سگهي ٿي پر سوال اهو آهي ته جلسن جي سياست جو چونڊن سان ڪو گهڻو واسطو نه آهي. 1988ع جي چونڊن ۾ مان پاڻ رسول بخش پليجي صاحب جي ورڪ لاءِ ٺٽي ۾ ٻه مهينا موجود هئس، جلسا عوامي تحريڪ جا شاندار ٿيا ۽ ووٽ بابو غلام حسين کٽي ويو. سنڌ ۾ قومپرست ۽ ترقي پسند جماعتون سُٺا ۽ اثرائتا احتجاج، جلسا ۽ جلوس ڪرڻ جو وڏو تجربو رکن ٿيون پر اُنهن کي گهربل ووٽ نه ٿو ملي. سبب اهو نه آهي ته کين ووٽ نه ٿو ملي سگهي، سوال گهربل حڪمت عملين ۽ سرزمين جي حقيقتن جو آهي، جنهن سان ووٽ جو گهرو تعلق هجي ٿو. نظر ائين ٿو اچي ته عمران خان اڃا پنهنجي شخصيتي سحر ۾ گهڻو مبتلا آهي، هو وڏن جلسن ۽ پنهنجن تلخ خطابن کي وڏو سياسي فيڪٽر سمجهي ٿو. هو ملڪ جي نظام بابت ڳالهائيندي اسٽيبلشمينٽ خلاف هڪ اکر به نه ٿو ڳالهائي، جيڪا سمورين خرابين لاءِ بنيادي طور ذميوار آهي. سنڌ جي تناظر ۾ سندس اهو رويو ۽ ڪاٿو غلط ٿيندو. سنڌ ۾ نه ته عمران جي سحرانگيزيت جو ڪو سِڪو هلي سگهي ٿو ۽ نه وري پي ٽي آءِ وٽ ڪو گهربل تنظيمي ڍانچو يا اليڪشن لاءِ گهربل حڪمت عملي نظر اچي ٿي ۽ نه ئي پارٽيءَ جو ڪو اهڙو ارادو نظر اچي ٿو. مان سمجهان ٿو ته پنهنجين سمورين نظرياتي ۽ سياسي ڪمزورين باوجود سنڌ ۾ پي ٽي آءِ وري به چڱو ووٽ کٽي سگهي ٿي پر پي ٽي آءِ کي سمجهڻو پوندو ته اُها نئين نسل، لياقت جتوئي ۽ يار محمد رند کي گڏ گڏ کڻي هلي نه ٿي سگهي. عمران جي اصل سگهه نوجوان ۽ وچولو طبقو ٿي سگهن ٿا، روايتي وڏيرا نه. لڳي ائين ٿو ته هن کي به ساڳي روايتي سياست جيان جلسن ۾ نوجوان، مايون ۽ شهري وچولو طبقو گهرجي ۽ چونڊن ۾ وڏيرا. اُهي ٻئي وڏا تضاد گڏ کڻي سنڌ جي سياست ۾ ڪو وڏو ٻوٽو پاڙڻ تمام ڏکيو آهي.

(3) سنڌ ۾ سرگرمين جي حوالي سان نظر پيو اچي ته علي قاضيءَ جي

تبديلي پسند پارٽي بہ ميدان تي اچي رهي آهي. گذريل ڪجهہ مهينن کان مسلسل ميڙ ٿيا آهن ۽ هاڻي اُهي سرگرميون تبديلي پسند پارٽيءَ جي نالي سان ۽ ان جي جهنڊي هيٺ ٿي رهيون آهن. شايد پارٽيءَ جي اليڪشن ڪميشن وٽ رجسٽريشن پڻ ٿي چڪي آهي. ماضيءَ ۾ منهنجون علي قاضيءَ سان هڪ دوست جي حيثيت ۾ ان حوالي سان ڪافي طويل ڪچهريون ٿي چڪيون آهن. هڪ ڳالهہ طئي آهي تہ هو ان ۾ سنجيده آهي ۽ هونئن بہ مون هن کي پنهنجي هر منصوبي ۾ ڪڏهن بہ غير سنجيده ناهي ڏٺو. تبديلي پسند پارٽيءَ جو جيئن تہ ٽارگيٽ ئي روايتي عوام دشمن پوتار طبقو آهي ۽ اها پارلياماني مورچي ذريعي سنڌ ۾ حڪمرانيءَ جو ماڊل تبديل ڪرڻ تبديلي چاهي ٿي، ان ڪري اهو خاڪو ۽ تجربو سنڌ ۾ نئون بہ آهي ۽ ان ۾ نوجوان طبقي ۽ وچولي طبقي لاءِ هڪ ڇڪ بہ ٿي سگهي ٿي. ان ڪري سنڌ ۾ موجود خال تي شايد ئي ڪي بہ رايا هجن پر اهو ٿيندو ڪيئن اهو هڪ بنيادي سوال آهي ۽ ان لاءِ علي قاصيءَ وٽ هڪ خاڪو رهيو آهي، جيڪو هو ڪافي سالن کان سنڌ ۾ سامهون رکندو اچي ۽ هاڻي تہ اهو خاڪو ناهي پر هڪ سياسي تنظيم ۾ تبديل ٿي چڪو آهي يا تبديل ٿي رهيو آهي. سوال آهي تہ ڇا 2018ع جي چونڊن ۾ ان تجربي ۾ خاڪي کي موٽ ملي سگهي ٿي؟ مان سمجهان ٿو تہ هڪ اليڪشن ۾ ڪٿي حتمي تبديلي نہ بہ اچي پر ان جي شروعات ٿي سگهي ٿي. تبديليءَ جو لفظ تمام گهڻ طرفو آهي، ان ڪري علي قاضي جنهن تبديليءَ جي ڳالهہ ڪندو ٿو اچي، اها رڳو حڪمرانيءَ جي انداز ۾ تبديلي آهي، جيڪا ظاهر آهي تہ ووٽن جي محرڪن ۾ تبديليءَ سان ئي مشروط آهي. مان سمجهان ٿو تہ تبديلي پسند پارٽيءَ جي حوالي سان اڳواٽيءَ جو ماڊل، سنڌ جي حالتن کي سامهون رکندي اثرائتي ۽ معروضي حالتن سان ٺهڪندڙ منشور، اسٽيبلشمينٽ بابت موقف، پارٽيءَ جي نظرياتي بيهڪ، عوام سان وسيع تر رابطہ ڪاري ۽ پارلياماني سياست ۾ معياري تبديلي آڻڻ لاءِ گهربل حڪمت عملين جا سوال اجا وڌيڪ عوام جي سامهون چِٽا ٿي اچڻ گهرجن. اجا هيءَ نئين ٺهندڙ پارٽي گهربل ٽيمپو ناهڻ لاءِ شايد ڪنهن وقت جو انتظار ڪري رهي آهي. سڀ کان وڏي ڳالهہ تہ علي قاضيءَ کي اسان کان وڌيڪ خبر آهي ۽ هوندي تہ پارلياماني سياست جون عملي تقاضائون پڻ ڪو معمولي فيڪٽر نہ آهن ۽ انهن ۾ هڪ اهم ترين فيڪٽر ڪُل وقتي سياست جو آهي. باقي مان سمجهان ٿو تہ جيئن تہ هي تجربو اڃا آزمايل آهي، ان ڪري اهو هڪ بهتر شروعات ٿي سگهي ٿو شرط اهو آهي تہ ان ۾ خيال پسنديءَ کي زميني حقيقتن سان جوڙيو وڃي.

(4) سنڌ ۾ قومپرست سياست يا ترقي پسند سياست پل ته هاڻي ماضيءَ جي پيٽ ۾ گهڻ متحرڪ يا گهڻ اثرائتي هجي پر سنڌ جي سياست ۾ ان جو اڄ به هڪ ڪردار ضرور آهي. سنڌ ۾ پڙهيل لکيل ماڻهن جي خواهش ته اِها هئي ته اڪيلي تنظيم طور نه سهي پر وڏيرڪي سياست جي سامهون سنڌ جي قومپرست ۽ ترقي پسند تنظيمن جو ڪو وسيع تر ۽ ڊگهي مُدي وارو اتحاد ئي ٽئين آپشن طور سامهون اچي سگهي ها پر بهرحال ائين ٿي نه سگهيو، جنهن جا انيڪ ٿوس سبب آهن. وچولي طبقي مان اُپريل اڪثر اڳواڻ جيتري خوشي ۽ فخر وڏيرن سان گڏ ويهڻ ۾ ٿا ڪن، جي اُهي پنهنجي طبقي جي ليڊرشپ سان ويهڻ ۾ ڪن ها ته اڄ اهڙن اتحادن جي بيهڪ ٻي هجي ها. انهن ۽ ٻين گهڻن گروهي مفادن جي سبب ڪري اِهو ٽيون آپشن ڪڏهن به عملي طور سامهون اچي نه سگهيو. سوال آهي ته 2018ع جي چونڊن ۾ جتي ٻيا هيترا سارا تجربا ٿي رهيا آهن ۽ سياسي برف رجڻ جي ڪجهه صورتحال سامهون اچي رهي آهي، ان ۾ سنڌ ۾ پارلياماني سياست ۾ ويساهه رکندڙ قومپرست يا ترقي پسند ڌريون به ڪو گڏيل اثرائتو پليٽ فارم جوڙينديون يا هن ڀيري سنڌن صورتحال 2013ع کان به وڌيڪ خراب هوندي؟ مون کي ته ذاتي طور سنڌن سياسي ڪردار ۽ اثر 2013ع جي چونڊن واري ماحول جي پيٽ ۾ وڌيڪ ڪمزور نظر اچي ٿو ۽ هيستائين ان ڏس ۾ ڪا پيش قدمي به نظر نه ٿي اچي. سنڌ ۾ عوامي ورڪرز پارٽي، سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي، عوامي تحريڪ، ترقي پسند پارٽي، عوامي جمهوري پارٽي ۽ ٻيا گروهه گڏجي ڪو گڏيل پليٽ فارم جوڙي سگهن ٿا ۽ ڪجهه علائقن ۾ ڪي مضبوط گڏيل اميدوار بيهاري سگهن ٿا پر اهو خيال عملي صورت وٺندي نظر نه ٿو اچي. مان سمجهان ٿو ته اِهي گروهه ۽ تنظيمون جيڪڏهن ڪو هڪ اثرائتو يا گڏيل پليٽ فارم به جوڙي نه ٿيون سگهن ته پوءِ عوام کي ڏوهه ڏيڻ جو وٽن ڪو به اخلاقي جواز باقي نه رهندو.

هن سموري صورتحال ۾ اُهي سمورا باشعور فرد، گروهه، فورم يا پليٽ فارم جن جو سڌيءَ ريت چونڊن جي عمل سان تعلق نه ٿو جُڙي، اُهي هڪ ذميوار سماج طور پڻ اثرائتو ڪردار ادا ڪري سگهن ٿا. ان ڏس ۾ عوامي اسيمبليون ٿي سگهن ٿيون، سنڌ جي ايجنڊا جُڙي سگهي ٿي، جيڪا سياسي پارٽين ۽ اتحاد تي دٻاءُ وجهڻ لاءِ ڪم اچي. عوام کي وڌيڪ باشعور ڪري سگهجي ٿو ته ووٽ کي ذاتي، گروهي، نسلي، راڄ، پاڙي يا قبيلائي بنيادن تي ڏيڻ بجاءِ سياسي طور ۽ سنڌ ۾ بهتر حڪمرانيءَ جي ايجنڊا ۽ احتساب تحت ڏيڻ گهرجي.

مٿي بيان ڪيل سمورن تحفظات يا نقطن ۽ خدشن باوجود مان سمجهان ٿو تہ سنڌ ۾ سياسي چٽاپيٽيءَ جو اهو عمل تيز ٿيڻ گهرجي. شرط اِهو آهي تہ ان ۾ اسٽيبلشمينٽ ڪنهن جي بہ ڌر نہ بڻجي، جي ڀِي اي پنهنجي ٻَل تي ميدان تي اچي، ڌانڌلين جا امڪان ممڪن حد تائين گهٽايا وڃن. ووٽر لسٽن کي درست ڪرڻ لاءِ وڏو دٻاءُ وڌو وڃي، تہ ڪ ننڍا ڪيا وڃن، اليڪشن ڪميشن جي ڪردار کي وڌيڪ شفاف ۽ اثرائتو ڪيو وڃي. چونڊن ۾ هٿيارن ۽ پئسي جي بي دريغ استعمال کي مڪمل طور روڪيو وڃي. ان ڪري ئي مون مٿي چيو تہ سنڌ ۾ ان حوالي سان سول سوسائٽي پڻ اهم ۽ اثرائتو ڪردار ادا ڪري سگهي ٿي.

*(روزاني ڪاوش حيدرآباد، 24 آڪٽوبر 2017ع)*

# تبديليءَ جو سج ڪيئن اڀرندو؟

سماج جي تبديلي هڪ گهڻ طرفو عمل آهي، جنهن ۾ ڪنهن به هڪ شعبي جو عمل دخل ناهي هوندو. ان ۾ علم، ادب، سياست، تعليم، حڪومتن، معاشيات ۽ هاڻي خود صحافت جو به وڏو عمل دخل آهي. اهو ڪو ٿوري مدي وارو عمل به نه آهي، سماجن جي تبديلي هڪ ڊگهي مدي وارو گهڻ طرفو ۽ پيچيده عمل آهي پر شعوري ۽ منظم ڪوشش سان ان ۾ تيزي آڻي سگهجي ٿي. پنهنجين سمورين سڻاين ۽ ڪمزورين باوجود اهو عمل اسان وٽ ڪيترن ڏاهڪن کان سرگرميءَ سان مختلف سطحن تي ۽ انيڪ صورتن ۾ جاري آهي ۽ جاري رهڻ گهرجي. علي قاضي انجو رڳو هڪ پاسو ڪنيو آهي ۽ گذريل ٻن ڏاهڪن کان لڳاتار ڪنيو آهي. هن اهو پاسو ڪنيو هو ته اسانجي انيڪ مسئلن جو حل بهتر ۽ ذميوار حڪمراني آهي ۽ موجوده اڪيچار مسئلن جو سبب اها خراب ۽ عوام دشمن ڪرپٽ حڪمراني آهي، جيڪا پوتارڪي نظام جي صورت ۾ سماج تي مڙهيل آهي. هو هر قسم جي پوتارن جي ڳالهه ڪري رهيو آهي.... پيپلا، ليگلا ۽ سمورا گروهه. علي قاضي ان معاملي تي لکي لکي نيٺ وڃي هڪ نتيجي تي پهتو جنهن جو نتيجو تبديلي پسند پارٽي آهي. اها پارٽي ڪيترو ڪامياب ٿيندي، اهو وقت ٻڌائيندو پر هو بهرحال ميدان ۾ ٽپي پيو آهي. جيڪو ڪجهه به نه ڪندو، سو ظاهر آهي ته تڪراري ڪونه بڻبو پر جيڪو ڪنهن ڪم ۾ هٿ وجهندو ته پوءِ هو هڪ متضاد سماج ۾ ضرور تڪراري ٿيندو ۽ علي قاضي به ان سفر جي شروعات ڪري چڪو آهي. هاڻي هو ڪجهه به نه ڪندڙ ماڻهن وانگر غير تڪراري نه رهيو آهي. اصل سوال تڪراري هجڻ يا نه هجڻ نه آهي پر اصل سوال اهو آهي ته ڪو ماڻهو تڪرار جي ڪهڙي پاسي بيٺل آهي. في الحال علي قاضي پوتارن ۽ عوام جي تڪرار ۾ پوتارن جي خلاف بيٺو آهي. عوام جي پاسي بيهڻ جا امتحان اڃا گهڻا آهن، جيڪي هن کي اڃا پاس ڪرڻا آهن. چاڪاڻ ته عوام جي راهه رڳو پوتارن جي مخالفت جو نالو ناهي.

علي قاضي منهنجو گذريل اڍائي ڏهاڪن کان دوست آهي. اسانجي سوچ ۽ فڪر ۾ ڪجهه معاملن تي هڪ جهڙائيءَ باوجود گهڻو فرق ٿي نه پر انيڪ

تضاد بہ آهن. اسانجا رياست، مذهب، سماج، طبقن ۽ انيڪ معاملن تي ويچار ۽ ويساهہ مختلف ۽ متضاد رهيا آهن ۽ اسان هميشہ ڏکيين ڪچهرين ۾ ان جو هڪ ٻئي سان کليل اظهار ڪندا رهيا آهيون. ان باوجود مان هن جي ڪجهہ خوبين جو وڏو مداح آهيان. هو سخت محنتي آهي، هڪ ڪامياب ۽ رول ماڊل پروفيشنل آهي، هو اڪثر ڪامياب پروفيشنلز وانگر سماج جي درد کان لاتعلق نہ آهي. هن کي پنهنجي قوم، عوام ۽ ٻوليءَ يا انصاف جي سوال سان پنهنجي طبقي جي حد تائين ڪميٽمينٽ آهي. هو خاموش تماشائي نہ آهي ۽ وڏي ڳالهہ تہ هڪ ٺهيل ٺڪيل، ڪامياب ۽ سيني لاءِ قابل قبول پروفيشنل. اها زندگي هن لاءِ ڪو بار بہ ناهي، جنهن کي هو ڇڏڻ ٿو چاهي ۽ پوتارن جي حڪمرانيءَ ۽ حڪمرانيءَ جي ماڊل کي اليڪشن ۾ چئلينج ڪرڻ ڪا اهڙي گلن جي سيج بہ نہ آهي، جيڪا ڪيس موهيندي هجي. هو پنهنجي پيشيوارانہ ۽ ذاتي زندگيءَ ۾ ڪو ابهرو يا سستي شهرت جو شوقين بہ نہ آهي، جو ڪيس ڪا جذباتي تسڪين گهرجندي هجي. هن جي طبقي جا اڪثر ڪامياب ۽ سکيا ماڻهو پوتارن سان قتائڻ بدران سندن ڪلچر ۽ ڪلب جو حصو ٿيڻ چاهيندا آهن ۽ جي هي بہ اسيمبلين يا اقتدار جي ايوانن ۾ پوتارن جي زور تي وڃڻ جو خواهشمند هجي ها تہ ڪيس ڪير روڪي ها ۽ ڪيس اهڙا موقعا چو نہ ملن ها پر هن پوتارن جو حصو ٿيڻ بجاءِ سندن ڪلچر ۽ حڪمرانيءَ کي پارلياماني مورچي تي للڪارڻ جو فيصلو ڪيو. جنهن جي آجيان ٿيڻ گهرجي.

اسان بہ هڪ عجيب سماج آهيون. سمورو وقت هن نظام کان بيزاريءَ جي ۽ تبديليءَ جي ڳالهہ ڪجي پر جيڪڏهن ڪو ان حوالي سان پنهنجي پنهنجي سوچ آهر ڪا سنجيده وک کڻندو تہ پوءِ ان جي مخالفت ڪبي، ان مان وڏون ڪڍبيون، ان ۾ ڪي سازشون ڳولهبيون ۽ تنقيد جو انداز اهو هوندو تہ جيڪر اهو ڪم نہ ٿئي ها تہ ڀلو هو. بطور ليکڪ جي، مان اهو پاڻ محسوس ڪندو آهيان تہ جي ليکڪ رڳو لکندو تہ چوندا رڳو لکڻ مان ڇا ورندو؟ عملي ڪم ٿيڻ گهرجي. جي ليکڪ عملي طور سماج سان گڏ بيهندو تہ چوندا تہ اهو ليکڪ جو ڪم ناهي، ضرور ڪو ذاتي مفاد هوندو. ”الائي تون ڇا ۾ راضي آن“ جي مصداق اهڙا فرد ۽ گروهہ ڪنهن ڳالهہ ۾ راضي نہ آهن. جڏهن بہ سماج ۾ ڪا وک کڄي ٿي تہ اسانجو پهريون ردعمل يا موٽ جو انداز منفيت يا نفيءَ کان شروع ٿئي ٿو. ڪجهہ نہ ٿئي تہ پٽڪو ڪبو ۽ ڪجهہ ڪم ڪرڻ لاءِ ڪو اڳتي ايندو تہ وري حوصلي شڪنيءَ جو پٽڪو شروع ٿيندو. انهن لاڙن تي مون بہ ڏهاڪا اڳ ڪاوش ۾ بہ مضمون لکيا هئا. ”ڪجهہ نہ ڪريو پارٽيءَ جو

فيصلو“ ۽ ”ڪجهه نه ڪرڻ ڏبو پارٽي جو منشور“. اهي ”ٻئي پارٽيون“ اڄ به اسانجي نفسيات ۾ روين جي صورت ۾ تمام گهٽو سرگرم آهن. مون گذريل ڪجهه عرصي کان علي قاضي ۽ سندس پارٽيءَ بابت به اهي تبصرا ٻڌا آهن ته، ”ضرور ڪنهن جي ٽيڪ هوندس“، ”ڪجهه نه ڪري سگهندو“، ”قوم لاءِ هن اڳي ڇا ڪيو آهي، جو هاڻي ڪندو!“، ”مڙئي ڪجهه ڏينهن جو شوشو آهي“.... وغيره. خبر نه ٿي پوي ته اهڙن تبصرن ۾ اسان ڇا ٿا چاهيون ته هو اڳيرائي ڪري يا ناڪام ٿئي. گهڻن ماڻهن کي هن جي ڪاميابيءَ بجاءِ هن جي مبينا ناڪاميءَ جو شديد انتظار آهي ۽ مٿان وري اهي ساڳيا ماڻهو سنڌ ۾ پارلياماني سياست جي بيهڪ ۽ حڪمرانيءَ جي انداز ۾ تبديلي به چاهين ٿا.

سنڌ جي قومپرست ۽ روشن خيال ترقي پسند پارٽين وٽ به تبديلي پسند پارٽيءَ لاءِ ڪا آجيان نظر نه ٿي اچي. علي قاضي نه سنڌ ۾ انقلاب جي ڳالهه ڪئي آهي ۽ نه قومي آجپي جي. هو نه مزاحمتي سياست جي ڳالهه ٿو ڪري ۽ نه هن جو ڪو قومپرست ۽ ترقي پسند سياست سان ڪو ٽڪراءُ آهي. هو نه ڪنهن کي انقلاب کان ٿو جهلي ۽ نه قومي آجپي کان. سو علي قاضيءَ ۽ سندس پارٽيءَ کان ڪين خوف نه ڪائڻ گهرجي. هو صرف پارلياماني سياست ذريعي ڀوتار طبقي کان اقتدار کسي حڪمرانيءَ جي انداز کي تبديل ڪرڻ جي ڳالهه ٿو ڪري. علي قاضي ڀل ته سڌي طرح طبقاتي ۽ قومي سياست جي ڳالهه نه ڪندو هجي پر ڀوتارڪي طبقي کان اقتدار ۽ سنڌ جي پارلياماني نمائندگي کسڻ بهرحال آهي ته طبقاتي سوال ۽ سنڌ ۾ حڪمرانيءَ جي ڍورو ۽ عوام دشمن انداز کي تبديل ڪرڻ کي قومي سوال کان ڪيئن ٿو ڌار ڪري سگهجي؟

سنڌ ۾ موجود اقتداري سياست جي عوام دشمن طاقت جي شڪل کي تبديل ڪرڻ جي ڪا به آسان يا سادي ۽ واضح صورت نظر نه ٿي اچي. ظاهر آهي ته اهو اسٽيٽسڪو مرحليوار ۽ مختلف ڏاڪن جي صورت ۾ ٽٽندو. جادوءَ جي لٺ ڪنهن وٽ به ناهي. سو ان ڏس ۾ سنڌ ۾ تجربا ٿيندا. علي قاضيءَ پاران تبديلي پسند پارٽيءَ جي پيش قدمي پڻ هڪ تجربو هوندو. اسانکي ان جي ناڪاميءَ جو انتظار ڪرڻ بدران ان جي ڪاميابيءَ ۾ پنهنجي حصي جو هٿ ونڊائڻ گهرجي. هڪڙا ان جو رسمي، تنظيمي طرح ۽ عملي طرح حصو ٿيندا پر ٻيو سماج ان جي اخلاقي مدد ڪري سگهي ٿو. بظاهر ڀل ته تبديلي پسند پارٽي هڪ فرد يعني علي قاضيءَ جي پيش قدمي هجي پر مان سمجهان ٿو ته اهو سنڌ جي وچولي طبقي جي اڀار جو سياسي اظهار آهي. هر طبقو جڏهن اڀري ۽ اسري بيهي ٿو ته اهو پنهنجو سياسي اظهار پڻ ڪرڻ لڳي ٿو. سياست ۾

معيشت جون شڪليون هونئن ته پنهنجي بنيادي جوهر ۾ طبقاتي اظهار جون صورتون هونديون آهن. سنڌ ۾ اڃا قومي سرمائيدار، هڪ طبقي طور اسري ناهي آيو جيڪو طبقي جي صورت ۾ جاگيردار، وڏيري ۽ پوتار طبقي کي هٽ ڳنڍي. سنڌ ۾ عملي طور اڃا پورهيت طبقي جون حقيقي نمائنده پارٽيون موجود نه آهن ۽ ظاهر آهي ته اهي صرف انقلابي پارٽيون ئي ٿي سگهن ٿيون. پر سنڌ ۾ گذريل چئن ڏهاڪن کان اڀري آيل وچولي طبقي هاڻي سوشل ميڊيا، قومپرست ۽ روشن خيال سياست، تيزيءَ سان وڌندڙ اربنائيزيشن ۽ ٻين صورتن ۾ پنهنجو طبقاتي اظهار ڪرڻ جي سگهاري شروعات ڪئي آهي. مان تبديلي پسند پارٽيءَ کي به ان طبقاتي پس منظر ۾ ڏسان ٿو، جيڪا هڪ مثبت پيش قدمي آهي.

مان سمجهان ٿو ته تبديلي پسند پارٽيءَ کي به پنهنجين حڪمت عملين ۽ سوچڻ جي انداز تي به تنقيدي انداز ۾ غور ڪري ڪجهه بنيادي تبديليون آڻڻيون پونديون. مثال طور:

1. تبديلي پسند پارٽيءَ جو پاڪستان جي رياست ۽ جمهوريت جي ماڊل بابت، توڙي وفاقيت جي شڪل بابت ڪو واضح خاڪو سامهون نه آيو آهي. پارٽي پل ته سنڌ سطح جي پارلياماني سياست ڪري پر ان کي عالمي ۽ رياستي معاملن بابت پنهنجو چٽو نقطهءِ نظر عوام آڏو آڻڻو پوندو، جنهن جي في الوقت کوٽ نظر اچي ٿي.

2. تبديلي پسند پارٽيءَ جو سمورو زور پارلياماني سياست تي آهي پر سماج جي ٻين اهم سماجي، قومي ۽ اڀرندڙ اشوز تي اها سرگرم نظر نه ٿي اچي. پل ته ڪٿي بظاهر انهن اشوز جو ووٽن سان سڌو تعلق نه به هجي پر ان جو سماج ۾ سياسي پارٽيءَ جي عوامي ۽ تنظيمي سگهه سان واسطو ضرور آهي. هيستائين اها پارٽي ووٽن بابت عوامي سجاڳيءَ جي مهم ڪانسواءِ ٻين اشوز تي سنڌ ۾ سرگرم نظر نه ٿي اچي.

3. پوتارڪي سگهه جيڪا چونڊن ۾ نظر اچي ٿي، ان جا بنياد گهڻ طرفا آهن. انهيءَ ۾ هڪ اهم محرڪ سنڌ جي سماجي بنياد آهي. ظاهر آهي ته ڪا سياسي پارٽي برادرين جي بنياد تي نه هلڻ گهرجي پر ان جو متبادل مقامي طور تنظيمي سگهه ۽ تنظيم جو روز مره جي معاملن ۾ عوام سان گڏ بيهڻ آهي. اها ساڳي غلطي اسانجون قوم پرست ۽ ترقي پسند تنظيمون ڪري چڪيون آهن، جو اهي پوتارن کي نعرن، جلسن ۽ احتجاجن ۾ ته للڪارين ٿيون پر انهن جو مقامي طور پوتار جي سماجي سگهه جي سامهون تنظيمي ڪردار بيحد ڪمزور آهي.

4. سياست جو جوهر فڪر آهي ۽ فڪر جو مطلب رڳو پوتارن جي نام نهاد مينڊيٽ کي رد ڪرڻ نہ آهي. جنهن سياست ۾ فڪري بنياد نہ هوندا، اها پس و پيش موقعي پرستيءَ جو شڪار ٿيندي. سنڌ جي قومپرست ۽ ترقي پسند سياست بہ تڏهن ڪمزور ٿي، جڏهن ان فڪري محرڪن کي عملي طور سياست ۾ گهربل اهميت نہ ڏني. تبديلي پسند پارٽيءَ کي بہ پنهنجي سماجي، معاشي ۽ سياسي پاليسين کي فڪري طور چٽو ڪرڻو پوندو.

5. سنڌ ۾ ڪابہ سياست حقيقي طور، قومي ۽ عوامي طور تيستائين ڪامياب نہ ٿيندي، جيستائين ان ۾ سنڌ جا هاري، مزدور، عورتون ۽ پيڙيل طبقا (پيل، باگڙي، اوڏ، ڪولهي، مينگهواڙ وغيره) شامل نہ هوندا. سنڌ جي قومي ۽ ترقي پسند سياست بہ انيڪ قربانين، جدوجهدن ۽ محنتن باوجود ان ميدان تي ڏڪ کائي وئي. جيڪڏهن تبديلي پسند پارٽيءَ جو بہ سڄو زور اليڪشن کٽي سگهندڙ ماڻهن ۽ عوام کان رڳو ووٽ حاصل ڪرڻ تي هوندو تہ پوءِ پورهيت ۽ پيڙيل طبقا ۽ عوام جا حصا سندن اوليت ڪڏهن بہ بڻجي نہ سگهندا. سنڌ جي سماج جو الميو ئي اهو آهي جو وچولي طبقي جو پورهيت مظلوم ۽ محروم يا پيڙيل طبقن سان اهو تعلق نہ آهي، جيڪو سياست ۾ اها سگهہ پيدا ڪندو آهي، جيڪا حقيقي تبديلين جي نقيب هوندي آهي.

*(روزاني ڪاوش حيدرآباد، آچر 08 اپريل 2018ع)*

# وڏيرڪي نظام مان سياسي نجات
# ڪيئن ممڪن آهي؟

وڏيرڪي نظام مان نجات جو سوال سنڌ جي سياست ۽ فڪر ۾ نئون ناهي، سنڌ جي ترقي پسند ۽ روشن خيال طبقاتي ۽ قومي سياست ۽ فڪر جي ايجنڊا تي اهو سوال هوڻ ۽ نہ 1930ع جي ڏهاڪي کان شروع ٿيو جڏهن سائين جي ايم سيد، حاتم علوي ۽ ٻين گڏجي سنڌ هاري ڪميٽيءَ جو بنياد وڌو هو پر اهو سوال عوامي سطح تي تڏهن سگهاري انداز ۾ اُڀريو جڏهن 50ع جي ڏهاڪي ۾ ڪامريڊ حيدربخش جتوئيءَ سنڌي هاري ڪاميٽيءَ جون واڳون سنڀاليون هيون. ان کان پوءِ سنڌ جي ترقي پسند ۽ روشن خيال قومي سياست ۾ اهو سوال هميشہ بنيادي سوال طور رهيو. اسان جي ڪجھ پارٽين پنهنجون هاري تنظيمون يا ذيلي محاذ بہ جوڙيا، پر سنڌ ۾ طبقاتي سياست تي گهربل ڌيان نہ ڏنو ويو. ون يونٽ کان وٺي قومي سوال جي شدت طبقاتي سوال جي اهميت کي ثانوي بڻائي ڇڏيو جيڪا منهنجي نظر ۾ هڪ سنگين غلطي هئي، ڇاڪاڻ تہ طبقاتي سوال کان سواءِ قومي سوال مڪمل ٿيندو ئي نہ آهي. طبقاتي ۽ قومي سوال هڪ ٻئي سان مشروط ۽ لازم ملزوم آهن ۽ هئڻ گهرجن.

علي قاضيءَ جي پيش قدمي سان سامهون آيل نئين سياسي پارٽي "تبديلي پسند پارٽي" جيتوڻيڪ فڪري معنيٰ ۾ طبقاتي سوال کنيو آهي پر ان سنڌ جي وڏيرڪي طبقي جي پارلياماني سياست تي ناجائز هڪ هٽيءَ، سندس مفاد پرست ڪردار ۽ ڪانئن ووٽ ذريعي اهو اختيار ۽ اقتدار کسڻ جي ڳالھ ضرور ڪئي آهي. مون اڳ بہ بار بار لکيو آهي تہ آمريتن ۾ سياسي مزاحمت جا طور طريقا ٻيا ٿيندا آهن پر آئيني ۽ سياسي حڪومتن ۾ سياسي تبديليءَ ۽ مزاحمت جا انداز ڪجھ جدا ٿين ٿا ۽ ووٽ ذريعي سياسي نمائندگي جي تبديلي بهرحال هڪ نهايت اهم ڳالھ ۽ اثرائتو ذريعو آهي. ان لحاظ کان تبديلي پسند پارٽي موجود پارٽين مان پهرين پارٽي آهي، جنهن پارلياماني سياست ۽ ووٽ ذريعي سياسي نمائندگي کي تبديل ڪرڻ جي ڳالھ سياسي ايجنڊا تي آندي آهي. اها ڳالھ تہ ٻيون پارٽيون بہ هڪ حد تائين هاڻي

ڪن ٿيون پر انهن جي اوليت اجا اها ايجنڊا نہ بڻجي سگهي آهي. تبديلي پسند پارٽيءَ ۽ علي قاضي کي ان ايجنڊا کي اوليت طور سامهون آڻڻ جو ڪريڊٽ ڏيڻو پوندو. في الوقت ۾ ان کان اڳ بہ اهو هڪ سگهارو موقف رهيو آهي ۽ اها خواهش بہ موجود آهي پر اصل سوال اهو آهي تہ اهو ٿئي ڪيئن؟ ڇاڪاڻ تہ اهو نہ رڳو ڏکيو ۾ ڊگهي مدي وارو عمل ۾ لقاءُ آهي پر مان سمجهان ٿو تہ اڄوڪي سنڌ جو وڏي ۾ وڏو سوال پڻ آهي. ان حوالي سان اسان کي سڀ کان اڳ تہ اهو سمجهڻو پوندو تہ وڏيرو زرعي سماج، برادرين جي راڄوٽي نظام ۾ ذات پرستي جي بيماريءَ جي پيداوار آهي ۾ ان طبقي کي مغلن جي دور کان وٺي مسلسل رياستي پُٺڀرائي رهي آهي، ڇاڪاڻ تہ وڏيرو هن سموري عوام دشمن نظام جو لازمي حصو ۾ نام نهاد سگهہ جو ذريعو آهي. ان ڪري پهرين تہ جيستائين زرعي سماج جي بيهڪ نٿي بدلجي، تيسين وڏيرو بنيادي طور متروڪ نہ ٿيندو. هن کي سماجي، معاشي ۾ سياسي آڪسيجن زرعي سماج مان ملي ٿي. اولهہ ۾ جاگيردار طبقي جو سياسي موت تڏهن ٿيو جڏهن اُتي صنعتي انقلاب آيو. پيداواري ذريعا مٽيا، نيون پيداواري قوتون ۾ طبقا وجود ۾ آيا ۾ جاگيردار طبقو صنعتي دور ۾ پنهنجو ڪو ڪارج ڳولي نہ سگهيو ۾ پس و پيش نئين اُڀرندڙ سرمائيدار ۾ وچولي طبقي سان مقابلو نہ ڪري سگهيو. اسان وٽ صنعتي انقلاب جو تصور بہ موجود ناهي. منڊيون صنعتي سماج جي پيداوار نہ، پر ڪجهہ سرمائيداريءَ جي کپت جون منڊيون آهن. اهڙين منڊين ۾ ڪرپٽ رياستي ادارن مان اپريل پگهاردار وچولو طبقو اڃا تائين نفسياتي، سماجي ۾ سياسي طور وڏيرڪي طبقي کي للڪارڻ جو ساهس نہ پيو ساري سگهي، پر ان باوجود گذريل ٽن ڏهاڪن ۾ انڌو منڌو جهڙو تهڙو وچولو طبقو سنڌ ۾ ضرور پيدا ٿيو آهي، جيڪو يقينن هڪ ڏاڪي تي اچي پنهنجو سياسي ڪردار ادا ڪرڻ چاهيندو ۾ علي قاضيءَ طرفان شروع ڪيل "تبديلي پسند پارٽي" بہ ان ئي لقاءَ جو مظهر آهي، جيڪو مجموعي طور هڪ مثبت ۾ اتساهيندڙ قدم آهي. شرط اهو آهي تہ اها پارٽي سنڌ جي سماج ۾ وچولي طبقي جي طبقاتي ڪردار کي گهرائي ۾ وسعت سان سمجهي ۾ ان کي اتساهہ، ويساهہ ۾ ڏگ ڏيئي سگهي.

مان سمجهان ٿو تہ تبديلي پسند پارٽيءَ يا سنڌ جي ٻين قومپرست ۾ روشن خيال تنظيمن کي پارلياماني سياست ۾ جيڪڏهن ڪنهن طبقي کان پهرين ڏاڪي ۾ ڪنهن امڪاني موٽ ملڻ جي گنجائش آهي تہ اها صرف وچولي طبقي پاران ئي ملي سگهي ٿي. وڏيرڪو طبقو ان مان هوندئن ئي خارج

آهي ۽ ڀهراڙين جو هاري ناري يا مجموعي طور زرعي سماج جو هيٺيون طبقو شايد ان ڪري به ان ۾ ڀهرين ڏاڪي تي وڏي پيماني تي نه اچي سگهي، جو اهو وڏيرڪي نظام ۾ قاتل آهي ۽ اهو رڳو وچولي طبقي جي نعريبازي يا خواهشن سان ان دائري مان نڪري نه سگهندو. اهو نئوس معروضي حالتن سبب اتي قاتل آهي ۽ اهو نڪرندو به نئوس محرڪن ۽ سببن جي ڪري. ان ڪري حقيقت پسند ٿي پارلياماني سياست جي حوالي سان ووٽن جي اُميد ڀهرين ڏاڪي ۾ وچولي طبقي مان ئي ڪري سگهجي ٿي، پر ان جو هرگز مطلب اهو ناهي ته انهن پارٽين جو منشور يا موقف به وچولي طبقي جي مفادن پاران اشوز تائين محدود هُجي. مالڪي مجموعي طور عوام، سماج ۽ خاص طور ڏتڙيل، پورهيت ۽ مظلوم طبقن ۽ حصن جي ڪرٽي پوندي، ڇاڪاڻ ته مجموعي طور وچولو طبقو طبقاتي طور موقعي پرست هوندو آهي ۽ اهو سماج جي نجات يا ترقي کي وچولي طبقي جي اک سان ئي ڏسڻ تائين محدود هوندو آهي. ان ڪري مون گذريل مضمون ۾ لکيو هو ته جيڪڏهن سياسي پروگرام جي بنيادن ۾ نظريا نه هوندا ته پوءِ سياست سطحيت ۽ موقعي پرستيءَ جي ور چڙهي ويندي آهي. سنڌ ۾ وڏيرڪي سياست مان جند ڪيئن ڇڏائجي؟ جي حوالي سان هيٺين نقطن تي انهن سمورين سياسي پارٽين کي غور ڪرڻ گهرجي، جيڪي سنڌ ۾ پارلياماني سياست جي بيهڪ ۾ تبديلي چاهين ٿيون:

(1) سڀ کان اول ته اهو سمجهڻو پوندو ته اهو ڪم نه سولو آهي ۽ نه ٿوري مُدي وارو آهي، پر اهو هڪ پيچيدو، ڏکيو ۽ مرحليوار يعني ڊگهي مُدي وارو ڪم آهي. ڇاڪاڻ ته وڏيرڪي سماج جي موجوده بيهڪ ۾ وڏيرڪي طبقي کي رڳو نعرن، خواهشن، جلسن ۽ جلوسن سان متروڪ نٿو ڪري سگهجي. اهو طبقو سماج جي معاشي، پيدواري بيهڪ جي تبديل ٿيڻ سان ئي متروڪ ٿيندو. اصل سوال اهو آهي ته ان ۾ مرحليوار حڪمت عملين جي درجه بندي ڪيئن ڪجي ۽ ان مان مرحليوار ٺوس نتيجا ڪيئن حاصل ڪجن؟

(2) اهو ٺيڪ آهي ته اسان وٽ صنعتي سماج جو ڏاڪو نه اچي سگهيو آهي، پر گذريل ٽن ڏهاڪن کان سنڌ ۾ مختلف سببن جي ڪري اربنائيزيشن سبب سنڌي شهري طبقو تيزيءَ سان وڌيو آهي. هڪ محتاط اندازي مطابق انهن جو انگ پنجاهه لکن کان هڪ ڪروڙ جي وچ ۾ هوندو. شهر رڳو ڪراچي ۽ حيدرآباد نه آهن، سنڌ جا سمورا تعلقا، تائون ۽ ضلعا شهري علائقا آهن ۽ اسان کي انهن کي ڳوٺ سڏڻ بند ڪرڻ گهرجي. ڳوٺ اسان جي سونهن آهن پر شهرن کي ڳوٺ ڇو سڏجي؟ سنڌ ۾ اهو اُڀري آيل وڏو شهري آباديءَ جو حصو

سياسي طور ڪنهن پاسي ناهي. سنڌ جون قومپرست ۽ ترقي پسند پارٽيون ان کي گڏ ڪٽي نہ سگهيون آهن ۽ نہ وري انهن اهڙي ڪا سنجيده ڪوشش ڪئي آهي. تبديلي پسند پارٽيءَ سان ڪو طبقو گڏجي سگهي ٿو تہ اُهو اهو ئي طبقو آهي. چوندن ۾ بہ اهو طبقو پنهنجي ووٽ جو آزاد استعمال ڪري سگهي ٿو ۽ جڏهن مان شهري وچولي طبقي جي ڳالهہ ڪري رهيو آهيان تہ ان جو مطلب رڳو مرد نہ آهن پر ان ۾ مايون بہ برابر جون شريڪ آهن، جن تائين ڪو پهچڻ جي ڪوشش پڻ نہ پيو ڪري. سنڌ ۾ ووٽ جي آزاد استعمال لاءِ ان تي فوڪس ڪرڻ جي گهرج آهي، شرط اهو آهي تہ ان طبقي ۾ اتساهہ ۽ ويساهہ پيدا ڪجي ۽ انهن کي سندن ووٽ جي سگهہ جو احساس ڏيارجي.

(3) سنڌ ۾ وڏيرڪي طبقي جي سگهہ سندن سماجي سگهہ ۽ سندن سماجي نظام بہ آهي. ذاتيون، برادريون، راڄ، قبيلا، اهي سندس سياسي سگهہ جا ذريعا آهن ۽ پيو تہ هن وٽ رياستي مشينريءَ جو پاور يا ان تائين رسائي جي سگهہ آهي. عام ڳوٺاڻي ماڻهوءَ کي اها ئي نام نهاد طاقت مجبور بہ ڪري ٿي ۽ سندس وڏيرڪي نظام جي حصي بڻجڻ جو سبب بہ بڻجي ٿي. ظاهر آهي تہ حقيقي سياسي پارٽين کي ڪنهن بہ صورت ۾ ذاتين، برادرين ۽ قبيلن جي بنياد تي سياست نہ ڪرڻ گهرجي. مون اڳ بہ بار بار لکيو آهي ۽ هاڻي بہ سمجهان ٿو تہ ان جو متبادل هڪ سگهاري تنظيم آهي. هڪ سگهاري تنظيم کان ڪو بہ وڏيرو وڏيڪ اثرائتو يا طاقتور ٿي نہ ٿو سگهي. شرط اهو آهي تہ اها تنظيم مقامي طور سچ پچ بہ سگهاري هُجي. ڏکڻ ايشيا ۾ اهڙين سگهارين تنظيمن جا ڪيترائي ماڊل موجود رهيا آهن، جن وڏيرڪي نظام جي مزاحمت تنظيمي متبادل طور ڪئي. سنڌ ۾ قومپرست، روشن خيال تنظيمون مقابلي طور منظم، سگهاريون، اثرائتيون ۽ باڪردار يا عوام سان سندن مسئلن جي حوالي سان گڏ بيٺل هجن ها تہ اڄ سنڌ ۾ وڏيرڪي طبقي جي سگهہ اُها نہ هجي ها، جيڪا هاڻي آهي. عام ماڻهو کي نظرين، نون نعرن ۽ خوابن جي ڳالهين کان وڌيڪ پنهنجي مسئلن جي حل ۾ دلچسپي هوندي آهي. سنڌ جو الميو اهو آهي تہ جيڪو وڏيرو عوام کي هر وقت ميسر آهي، ان جو عوام يا سنڌ جي مفادن سان ڪو تعلق نہ آهي ۽ جيڪي تنظيمون سنڌ ۽ عوام جي ڳالهہ ڪن ٿيون، انهن جو عملي طور عوام سان ڪو سڌو رابطو ۽ تنظيمي سهنڌ ناهي. سنڌ ۾ تبديلي اها سياسي پارٽي آڻيندي، جيڪا اها کوٽ پوري ڪندي. "وڏيرو بمقابلا سگهاري تنظيم" جو فارمولا ئي تبديليءَ جو سبب بڻجي سگهي ٿو.

(4) انيڪ منفي پاسن باوجود اسان وٽ هڪ مثبت ۽ اتساهيندڙ ڳالهہ اها

آهي ته سنڌ ۾ نوجوان آبادي جو پنجاهه کان ستر سيڪڙو جي وچ تي آهن. نوجوانن وٽ ماضيءَ جي نرگسيت يا پٽڪو ناهي، پر آئيندي لاءِ اميدون يا تقاضائون آهن. مون گذريل پندرهن سال سياسي ۽ فڪري تربيت ڏيڻ جي حوالي سان نوجوانن سان پڻ ڪم ڪيو آهي. حقيقت اها آهي ته هن وقت ڪنهن به سياسي پارٽيءَ جو سنڌ جي نوجوانن سان ڪو به تعلق نه آهي. نتيجي ۾ سنڌ جي آباديءَ جو اهو وڏو ۽ سيني کان اهم حصو سياسي تحرڪ يا عمل کان ئي ٻاهر آهي. نه سياست کين سمجهڻ لاءِ تيار آهي ۽ نه هو سياست کي سمجهڻ ۽ پنهنجي مقداري سگهه کي معياري سگهه ۾ تبديل ڪرڻ لاءِ تيار آهن. سنڌ ۾ هاڻي اڪثريتي ووٽر اهو نوجوان آهي، جيڪو اڪثريتي طور ووٽ ڏيندو ئي ناهي. هو ووٽ في الوقت ڏئي به ڇو؟ ڪيس ڪهڙو اتساهه آهي يا اميد آهي ته اهو ووٽ سندن محفوظ مستقبل جي ضمانت بڻجي سگهندو. تبديلي پسند پارٽي يا ڪا به پارٽي، جيڪا هن نوجوان نسل کي متحرڪ ڪرڻ ۽ کين اتساهه ڏيڻ ۾ ڪامياب وئي ته اها پارلياماني سياست جا بنياد ۽ لاڙا تبديل ڪري سگهي ٿي. چونڊن جي سياست ۾ "ها" ۽ "نه" جي ووٽن کان وڌيڪ "May be" جي امڪاني ووٽ جي بنيادي اهيمت هوندي آهي. ان امڪاني ووٽ جي اُٿ جو پاسو جيڪا پر ونندو اهو ئي اڪثريتي ووٽ کٽي سگهندو. موجوده پارلياماني نظام ۾ بنهه ٿورائيءَ جي ووٽن سان ميمبر چونڊجن ٿا ۽ حڪومتون جڙن ٿيون، جاڪاڻ ته اڪثريتي ووٽ جنهن نوجوان نسل جو آهي، ان کي هن نظام مان ڪا به اميد يا اتساهه ناهي. پارلياماني سياست ۾ تبديليءَ جو بنياد اهو نوجوان نسل ٿي سگهي ٿو.

(5) سنڌ جي سياسي پارٽين کي سنڌ ۾ مستقل طور آباد ٻيون ٻوليون ڳالهائيندڙ ماڻهن لاءِ پنهنجا تنظيمي ۽ سياسي در کولڻ گهرجن. اهو اصولي طور به درست ٿيندو ۽ انهن آبادين کي فاشسٽ پارٽين کان بچائڻ ۽ سنڌ جي ووٽ کي يقيني بنائڻ جي حڪمت عملي طور به درست ٿيندو. پل شروع ۾ ڪا وڏي موٽ نه ملي پر اسان کي پنهنجي طرفان پنهنجي موقف، تنظيمن ۽ سياسي عمل ۾ انهن لاءِ در کولڻ گهرجن. ساڳي راءِ منهنجي ڪراچي ۽ حيدرآباد جي گجراتين، ميمڻن، ڪڇين، آغا خانين ۽ ٻين اصلوڪن سنڌي، پر عملي طور ڪنجي ويل آبادين جي لاءِ به آهي. سنڌ جون قومپرست ۽ ترقي پسند پارٽيون جيڪڏهن شروع کان کين ويجهو رکن ها ته اڄ سنڌ جي شهرن ۾ اهي ايترا ڪمزور نه هجن ها ۽ سنڌ جي اها سگهه سنڌ دشمن فاشسٽ پارٽين جي ڪم نه اچي ها.

آخري ڳالهه ته سنڌ ۾ ماڻهن جو مري ويل ويساهه موٽائڻ جي گهرج آهي. ان ويساهه ۾ جيڪا اخلاقي سگهه آهي، اها ئي تبديلي جا بنياد وجهندي آهي. پر ياد رکڻ گهرجي ته اهو ويساهه ڳالهيون ڪرڻ يا نعرا هڻڻ سان نه، پر عملي طور ثابت قدم رهڻ ۽ پنهنجي فڪر، ڪردار ۽ عمل جي شفافيت سان ورندو يا پيدا ٿيندو آهي، جنهن جي اسان جي سماج ۾ کوٽ آهي.

*(روزاني ڪاوش حيدرآباد، اربع 11 اپريل 2018ع)*

# سنڌ ۾ متبادل جو سوال؟

سنڌ جي پارلياماني سياست ۾ متبادل جو سوال ڪو نئون نہ آهي. سنڌ جي پارلياماني سياست ۾ جيئن تہ اڪثريتي طبقو وڏيرڪو ئي رهيو آهي، ان ڪري سنڌ جي روشن خيال، وطن دوست، عوام دوست ۽ ترقي پسند ماڻهن ڏاهڪن ڪان سنڌ جي پارلياماني سياست ۾ متبادل جو سوال پئي اُٿاريو آهي ۽ ان جي خواهش ڪئي آهي. گذريل ڏهن سالن ۾ سنڌ ۾ پ پ پ جي نااهل ۽ بدترين حڪمرانيءَ جي انداز گذريل ڪجھہ عرصي کان ان سوال کي وڏيڪ شدت سان اُڀاريو آهي ۽ اهو ئي سبب آهي جو 2018ع جي چونڊن جي حوالي سان اِهو سوال وڏي پئماني تي ۽ هرهنڌ بحث هيٺ آهي.

سنڌ ۾ پ پ پ کان پڙهيي لکيي ۽ شهري ماڻهوءَ جي بددلي ۽ بدظنيءَ جي نتيجي ۾ جي ڊي اي سنڌ ۾ متبادل هئڻ جي دعويٰ سان سامهون آيو آهي. هڪ تہ جي ڊي اي ۾ ان سطح جي عوامي سگھہ نظر نہ ٿي اچي ۽ ٻيو تہ جي ڊي اي ڪا هڪ فڪر يا پروگرام رکندڙ سياسي پارٽي نہ پر هڪ اليڪشني اتحاد آهي، ٻيو تہ جي ڊي اي ۾ ڪجھہ فردن يعني اياز لطيف پليجي، ڊاڪٽر فهميده مرزا وغيره کي ڇڏي ڪري باقي تہ سمورا اُهي ئي رجعت پسند، عوام دشمن ۽ سياسي طور چٻاڙيل وڏيرا ۽ گروهہ آهن، جن پڻ پ پ پ جيان ۽ ڪن حالتن ۾ انهن کان بہ وڌيڪ منفي ڪردار ادا ڪيو آهي ۽ سنڌ جي سياسي ڪردار جا شاهد گذريل ٽي ڏهاڪا آهن، جنهن ۾ هنن سنڌ ۽ عوام جي مفادن سان کهڙي ويڌن آهي، جيڪا ناهي ڪئي.

سنڌ ۾ ماضيءَ جي ڀيٽ ۾ سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي، تبديلي پسند پارٽي، سنڌ ترقي پسند پارٽي، عوامي ورڪرس پارٽي توڙي آزاد اميدوارن جي صورت ۾ وچولي طبقي جا انيڪ ماڻهو بيٺا آهن، جن کي يقيني طور مثبت موٽ ملڻ گھرجي پر اُهي وري بہ انگ ۾ ايترا ڪونہ آهن، جو سموري سنڌ ۾ هڪ سگهاري متبادل جي صورت ۾ سامهون اچن. ان ڪري مان سمجهان ٿو تہ سنڌ ۾ پارلياماني سياست ۾ متبادل جي سوال کي ٿورو مختلف انداز ۾ ڪٿڻ جي ضرورت آهي. حقيقت اِها آهي تہ سنڌ جي پارلياماني سياست ۾ پارٽين سان گڏوگڏ وڏيرڪي ۽ وچولي طبقي جي پوءِ ڏاول "نئين وڏيري" جي طبقاتي

ڪردار ۽ سنڌن ناجائز مفادن جو مسئلو آهي. اسان وٽ سياست ۾ ماڻهن، لقائن، واقعن، لاڙن ۽ محرڪن کي طبقاتي اک سان ڏسڻ ۽ پرکڻ جو فڪري لاڙو هاڻي ڪمزور ٿي ويو آهي، جنهن کي ٻيهر اُڀارڻ جي ضرورت آهي. ڇاڪاڻ ته حقيقت ۾ سنڌ جو وڏيرڪو طبقو ۽ هاڻي ان سان گڏ وچولي طبقي مان اُسريل ڪرپٽ ۽ ٻوءِ ڏاول "نئون وڏيرو" (Neo-Feudal) آهي، جيڪو سياست ۽ اقتدار يا اسيمبلين ۾ پُڄڻ کي وطن، قوم، عوام ۽ پنهنجن آدرشن لاءِ نه پر طاقت، ناجائز دولت، ڪوڙي دٻدٻي ۽ رات وچ ۾ امير ٿيڻ لاءِ ڏاڪڻ سمجهن ٿا. اهو طبقو آهي جنهن هيستائين مختلف پارٽيون مَٽائي مَٽائي پنهنجن ناجائز مفادن جو پورائو پئي ڪيو آهي. انهن مان ڪجهه ماڻهو ساک وارا به هوندا ۽ آهن پر ٻنهه ٿورا ۽ اٽي ۾ لوڻ ڪان به گهٽ آهن. مفاد پرستي ۽ موقعي پرستي وچولي طبقي ۾ به طبقاتي ڪردار ۽ نفسيات طور هوندي آهي پر وڏيرڪي طبقي وٽ اُها پنهنجي بلندين تي هوندي آهي. 1937ع کان هن طبقي سنڌ ۾ پارلياماني سياست جي شروعات ڪئي ۽ اسيمبلين ۾ هن طبقي جي گهڻائي يقيني طور ڪڏهن به ڪو مثبت ڪردار ادا نه ڪيو، جنهن جو وڏو ثبوت ون يونٽ جي حمايت ۾ نهراءُ بحال ڪرائڻ آهي پر تنهن زماني ۾ مالياتي ڪرپشن جو لاڙو عام نه هو. اهو لاڙو ڀُٽي صاحب جي دور کان شروع ٿيو ۽ هاڻي هڪ رواج بڻجي چڪو آهي، جنهن تي هاڻي وڏيرڪن حلقن ۾ شرمندگي نه پر فخر محسوس ڪيو وڃي ٿو. اڳ اهو طبقو به ڪرپشن ۽ ايجنسين سان تعلق کي لِڪائيندو هو پر هاڻي اها سندن سَگهه ۽ فخر جوڳي ڳالهه شمار ڪئي وڃي ٿي. سنڌ جي وڏيرڪي طبقي پ پ پ، فنڪشنل ليگ، ق ليگ ۽ هاڻي ته پي ٽي آءِ ۾ به جاءِ والاري آهي، هر دور ۾ جمهوريت کي عوام جي آزادي، خوشحالي ۽ ترقيءَ جو رستو نه پر پنهنجي ناجائز مفادن جي پورائي جو رستو سمجهيو آهي. ان ڪري اهو سمجهڻ ته ڪو پ پ ڏهه سال پيينگ ڪئي آهي ته سياڻي جي ڊي اي جا وڏيرا سنڌ ۽ سنڌين جي واهر ڪندا، هڪ ديواني جو خواب لڳي ٿو.

حقيقت ۾ سنڌ جي عوام کي سياسي پيچيدگين ۽ حالتن جي هن ڏاڪي تي سياسي متبادل بابت تصور تبديل ڪرڻ گهرجن. ڇاڪاڻ ته في الوقت عوامي سطح تي پارلياماني سياست ۾ متبادل گهربل سطح تي ۽ عوام جي مفادن وٽان پليٽ فارم جي صورت ۾ نظر نه ٿو اچي. اهو يقيني طور اڳتي هلي معروضي طور حالتن ۽ محرڪن جي ڪُکِ مان جنم وٺندو پر ان ۾ وقت لڳندو، ڇاڪاڻ ته سياست جو تعلق سماجي ڍانچن سان به آهي. اهو سولو نه

آهي تہ جيڪو طبقو زرعي سماج تي گهڻو حاوي هجي اُهو سياسي ميدان مان ٻاهر نڪري وڃي. اهو رڳو سنڌ جو نہ پر سموري ملڪ، ڏکڻ ايشيا ۽ ايشيائي-آفريڪي سماجن جي گهڻائيءَ سان لاڳو آهي. وڏيرڪن، زرعي ۽ نيم سرمائيدار سماجن ۾ جمهوريت انهن طبقن جو معاشي، سماجي ۽ سياسي هٿيار آهي ۽ ان کي عوام جي تنقيدي شعور، منظم عوامي مزاحمتي تحريڪن ۽ ترقي پسند، روشن خيال ۽ انقلابي فڪر رکندڙ تنظيمن جي دٻاءُ سان تبديل ڪري سگهجي ٿو. باقي جيڪڏهن تنقيدي شعور جو حامل عوام ( critical Mass)، عوامي مزاحمتي تحريڪون ۽ تنظيمون بہ نہ هونديون ۽ رڳو ٽپا هڻندڙ عوام ۽ ووٽ ونندڙ وڏيرڪو يا امير طبقو هوندو ۽ گڏوگڏ اسٽيبلشمينٽ جا ڳجها هٿ بہ پنهنجو "ڪم" ڪندا رهندا تہ پوءِ هيءَ نظام عوام دوست بڻجي يا عوام لاءِ ڪم ڪري، اهو ممڪن نہ آهي.

ان ڪري مان سمجهان ٿو تہ متبادل موجوده حالتن ۾ ۽ ايندڙ چڱي وقت تائين وڏيرڪي سياست جي سامهون ڪنهن هڪ سگهاري پليٽ فارم جي صورت ۾ شايد نہ اُڀري سگهي پر متبادل دراصل سوچ، رويو ۽ سياست جو انداز هئڻ گهرجي. وڏيرڪي سياست جو متبادل تنقيدي شعور جو حامل عوام يعني Critical Mass ۽ سندن نمائنده قوتون ٿي سگهن ٿيون، جنهن ۾ ترقي پسند، روشن خيال سياسي تنظيمون، اديب، دانشور، سماج جا پروفيشنل فرد ۽ سمورا باشعور ۽ باضمير فرد ٿي سگهن ٿا. ان لحاظ کان سنڌ ۾ وڏيرڪي سياست جي متبادل يعني تنقيدي شعور جي حامل عوام Critical Mass يعني جون ايتريون تہ سگهاريون شڪليون موجود آهن جو اُهي وڏيرڪي طبقي جي سوچ، رويي، مفادن جي تاجي پيٽي، سياست جي انداز ۽ مجموعي عوام دشمن ڪردار کي تمام سوڙهو ڪري سگهن ٿيون. موجوده حالتن ۾ متبادل جو مطلب اهو نہ آهي تہ هڪ ڏر جي نااهل ۽ ڪرپٽ حڪمرانيءَ جي جاءِ تي ٻيو وري عوام دشمن ماڊل اچي. متبادل سوچ، سياست ۽ رويو هئڻ گهرجي.

جيستائين ٻنهي پاسي طاقت جي توازن جو سوال آهي تہ اسان کي سمجهڻ گهرجي تہ جيڪڏهن وڏيرڪي طبقي وٽ سماجي ۽ برادرين جي سگهہ، رياست جي ٽيڪ، پئسي ۽ وڏيرڪي سياست جي طاقت آهي تہ عوام يا سنڌ جي اُڀرندڙ وچولي طبقي ۽ روشن خيال ماڻهن، تنظيمن ۽ گروهن وٽ طاقت جا متبادل ذريعا آهن ۽ وڏيڪ ٿي سگهن ٿا، يعني عوام دوست شعور، بهتر ڪردار، سوشل ميڊيا، ترقي پسند ۽ وطن دوست عوامي تنظيمون، مزاحمتي تحريڪون، نوجوان نسل جو باغيانہ مزاحمتي شعور، دنيا سان

ڳنڍجڻ، ملڪگير ۽ هم خيال رابطا ۽ اتحاد پيدا ڪرڻ، ترقي پسند عوامي ڊسڪورس ۽ ٻيا انيڪ ميدان. جيتوڻيڪ سنڌ جي باشعور عوام جي هڪ حصي جنهن کي مان Critical Mass چوان ٿو هاڻي انهن ميدانن جو ابتدائي سطح تي استعمال ڪرڻ جي شروعات ڪري ڇڏي آهي، اها اڳ ۾ ٿيندي رهي آهي پر ضرورت ان کي وڌيڪ تيز ڪرڻ جي آهي.

اسان کي ويساهه هئڻ گهرجي ته ايڪويهين صدي وڏيرڪي سوچ، ڪردار، مفادن ۽ رويـن جي صدي ناهي. اها ڀل ته ڪٿي دنيا ۾ وقتي طور اُپريل انقلابي تحريڪن جي صدي نه هجي پر اها وري به روشن خياليءَ، ترقي پسنديءَ، تنقيدي شعور جي حامل عوام، عوام ڏانهن جوابدار حڪمرانيءَ، قانون جي حڪمرانيءَ، انسانن ۽ مظلوم طبقن ته ڇا پر جانورن، وڻن ۽ ٻوٽن جي حقن جي صدي آهي. جيڪو طبقو ۽ حڪمرانيءَ جو ماڊل عوام کي پيئڻ جو صاف پاڻي نه ٿو فراهم ڪري سگهي ۽ نوجوانن کي هن دور ۾ به ميرٽ تي روزگار جا موقعا نٿو ڏئي سگهي، اهو ان لائق ئي ناهي ته ڊگهو عرصو عوام جي تقديرن جو مالڪ هجي. ان ڪري مان سمجهان ٿو ته متبادل جو مطلب رڳو سياسي پليٽ فارم نه هئڻ گهرجي پر جيئن وڏيرڪي نفسيات، سوچ، ڪردار ۽ سياست يا عمل جو هڪ ماڊل آهي، جيڪو عوام دشمن، متروڪ، رجعت پسند ۽ ڦورو آهي، بلڪل ائين سنڌ ۾ متبادل وطن دوست، عوام دوست، ترقي پسند ۽ روشن خيال سوچ، فڪر، سياست ۽ عوامي لاڙن جو هڪ متبادل ماڊل ميدان تي لاهڻو پوندو.

هيءَ جنگ وچولو طبقو اڪيلي سر نه پر صرف ۽ صرف تنقيدي شعور رکندڙ عوام ئي وڙهي سگهي ٿو، جنهن جا ٻانهن ٻيلي يا ساٿاري عوام دوست تنظيمون، روشن خيال دانشور، اديب، وڪيل ۽ سمورن شعبن جا باشعور ماڻهو ٿي سگهن ٿا. وڏيرڪو طبقو مائوءَ جي لفظن ۾ ڪاغذي شينهن آهي، اهو رڳو ان ڪري طاقتور آهي جو عوام جي وڏي گهڻائي تنقيدي شعور ۽ پنهنجن حقن، فرضن، تاريخي ڪردار يا فيصلائتي سگهه کان بي خبر آهي. فيض صاحب علامتي انداز ۾ ان کي هڪ نظم ۾ ڪمال سان هيئن بيان ڪيو هو:

يہ گلیوں کے آوارہ بے کار کتے
کہ بخشا گیا جن کو ذوقِ گدائی
زمانے کی پھٹکار سرمایہ اُن کا
جہاں بھر کی دھتکار ان کی کمائی

نہ آرام شب کو، نہ راحت سویرے
غلاظت میں گھر، نالیوں میں بسیرے
جو بگڑیں تو اک دوسرے سے لڑادو
ذرا ایک روٹی کا ٹکڑا دکھا دو
یہ ہر ایک کی ٹھوکریں کھانے والے
یہ فاقوں سے اکتا کے مرجانے والے
یہ مظلوم مخلوق گر سر اُٹھائے
تو انسان سب سرکشی بھول جائے
یہ چاہیں تو دنیا کو اپنا بنالیں
یہ آقاؤں کی ہڈیاں تک چبالیں
کوئی ان کو احساسِ ذلت دلادے
کوئی اِن کی سوئی ہوئی دُم ہلادے۔

(سومر 09 جولاءِ 2018ع)

# 18هين آئيني ترميم مان سنڌ کي ڇا مليو؟

پاڪستان هڪ عجيب ملڪ آهي، جتي آئين ۽ جمهوريت مطلب تہ رياستي سطح تي هر شيءِ ٺلهو ڏيکاءُ خاطر آهي. هڪ تہ هن ملڪ ۾ آئيني حڪومتون رهيون گهٽ آهن ۽ آئين جي احترام يا ان کي مسلسل عوامي مفادن ۾ تبديل ڪرڻ جي روايت نهايت ڪمزور آهي ۽ ٻيو تہ جيڪو ٿڪو پئسو حق آئين ملڪ جي شهرين ۽ صوبن کي ڏئي ٿو انهن تي بہ عمل ڪرڻ جو عمل تہ ٺهيو پر ٺلهو تصور بہ سگهارو بڻجي نہ سگهيو آهي. اهو ئي سبب آهي جو عوام جي گهڻائي آئين کان هميشہ لاتعلق رهي آهي ۽ اهو لاڙو هاڻي وڌيڪ تيزيءَ سان اُڀري رهيو آهي. ملڪ ۾ انتهاپسند روين جي تيزيءَ سان اُڀرڻ جو شايد هڪ سبب اهو بہ هجي، جو ماڻهو آئيني طريقن مان ويساهہ ڪٽي رهيا آهن، جيڪو هڪ خطرناڪ لاڙو آهي. مثال طور 30 جولاءِ 2011ع تائين 18هين آئيني ترميم کي مڪمل طور لاڳو ٿيڻو هو پر سوال آهي تہ ان کي ٻن سالن جو مُدو گذرڻ وارو آهي پر ڇا ان ڏس ۾ ڪا حقيقي اڳڀرائي ٿي آهي ۽ خاص طور تي صوبن کي ان مان جيڪو حاصل ٿيڻو هو، اهو ڪين حاصل ٿيو؟ سنڌ جي حوالي سان بہ ان جو جائزو وٺڻ جي ضرورت آهي تہ سنڌ جي عوام کي ٻُڌايو وڃي تہ 18هين آئيني ترميم کي سنڌ مان ڇا وريو؟ ۽ اڃا بہ وڌيڪ اهم سوال تہ 18هين آئيني ترميم کانپوءِ سنڌ حڪومت کي جيڪي آئيني اختيار حاصل آهن، ان بنياد تي پ پ جي سنڌ حڪومت گذريل ٽن سالن ۾ ڪا اڳڀرائي ڪئي يا هاڻي ڪو ارادو رکي ٿي؟

18هين آئيني ترميم جو بل 8 اپريل 2010ع تي قومي اسيمبليءَ مان ۽ 15 اپريل 2010ع تي سينيٽ مان پاس ٿيو. جڏهن تہ 19 اپريل 2010ع تي صدر ان تي صحيح ڪئي ۽ ائين ان جي آئيني حيثيت تسليم ٿي وئي. پاڪستان جي آئين جي 280 آرٽيڪلز مان 18هين آئيني ترميم ۾ لڳ ڀڳ 102 آرٽيڪلز جو جائزو ورتو ويو ۽ نيٺ ان جي نتيجي ۾ 69 آرٽيڪل ترميم ڪيا ويا، 20 آرٽيڪل تبديل ڪيا ويا، 7 نوان شامل ڪيا ويا، 3 خارج ڪيا ويا، هڪ آرٽيڪل يعني 17هين آئيني ترميم جيڪا پرويز مشرف آرڊيننس ذريعي ڪئي، ان کي پڻ ختم ڪيو ويو. جڏهن تہ آئين مان 6هون ۽ 11هون شيڊيول پڻ

خارج ڪيا ويا. ان سان گڏوگڏ حڪومتي ڪم جي حوالي سان هن ترميم ۾ 11 تجويزون پڻ ڏنيون ويون. ڪنڪرنٽ لسٽ کي آئين جي چوٿين شيڊيول مان ڪڍي خارج ڪيو ويو پر ان مان ڪجھ اهم شعبا جهڙوڪ واپڊا کي وفاقي لسٽ 2 ۾ شامل ڪيو ويو. 18هين ترميم جي ڪميٽي جيڪا رضا رباني ءَ جي اڳواڻيءَ ۾ قائم ڪئي وئي هئي، ان ۾ مختلف وفاقي، قومپرست ۽ مذهبي پارٽين جا ستاويهه ميمبر شامل هئا. جڏهن تہ 1973ع جي مسخ شده آئين ۾ 102 ترميمون ڪرڻ باوجود ڪميٽيءَ جي مختلف ميمبرن 15 سخت اختلافي نوٽ پڻ لکيا، جيڪي آئيني ترميم جي مسودي ۾ رڪارڊ تي آهن.

پاڪستان جا سمورا آئين يعني 1947ع جو آزاديءَ جو ايڪٽ جيڪو 1947ع کان 1956ع تائين يعني 9 سال هليو، 1956ع جو ون يونٽ جي دور ۾ ٺهيل آئين، 1962ع جو ايوب خان جو صدارتي طرز جي نظام جو آئين توڙي 1973ع جو آئين بنيادي طور وحداني طرز يعني اختيارن جي مرڪزيت جي نظام تي ٻڌل هئا ۽ ٿلهي ليکي 1935ع جي انگريزن جي سامراجي آئين جو ئي تسلسل هئا. 1973ع جي آئين کي تہ ضياءُ الحق جي ائين ۽ پرويز مشرف جي 17هين ترميمن مڪمل طرح بگاڙي ڇڏيو هو ۽ ملڪ جو آئين ڪنهن بہ طور وفاقي آئين سڏرائڻ جي لائق نہ رهيو هو. انهن ترميمن نہ رڳو آئين کي غيرجمهوري وحداني نظام ۾ تبديل ڪري ڇڏيو هو پر ان سان وفاقيت جي اڳ ئي ڪمزور تصور کي بہ ڪاپاري ڌڪ لڳو هو. 14 مئي 2006ع تي محترمہ شهيد بينظير ڀٽو جي ڪوشش سان لنڊن ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي ۽ مسلم ليگ (ن) ۾ هڪ ناهہ ٿيو هو، جنهن کي "ميثاق جمهوريت" سڏيو ويو. ان معاهدي ۾ طئي ڪيو ويو هو تہ جمهوريت جي بحاليءَ شرط 1973ع جي آئين کي اصلي صورت ۾ بحال ڪيو ويندو ۽ حقيقت ۾ اپريل 2010ع ۾ ٿيل 18هين آئيني ترميم جو بنيادي پس منظر بہ اهو معاهدو ئي هو.

جيتوڻيڪ 18هين آئيني ترميم اهڙي نہ هئي جنهن جو مطالبو هن ملڪ ۾ مظلوم قومن ۽ طبقن جا نمائندا گڏريل ڇهن ڏهاڪن کان ڪندا پئي آيا آهن پر ان باوجود موجود آئين جي حوالي سان اها هڪ مثبت ڳالهہ هئي، جنهن جي نتيجي ۾ ملڪ ۾ پارلياماني نظام ڪجھ سگهارو ٿيو، ايوان صدر کان بنيادي اختيار پارليامينٽ ڏانهن منتقل ٿيا، ڪنڪرنٽ لسٽ جو خاتمو ٿيو ۽ وفاق جي ادارن جهڙوڪ "گڏيل مفادن جي ڪائونسل" (CCI)، قومي اقتصادي ڪائونسل ۽ رٿابندي ڪميشن ۾ صوبن جي بهتر ۽ اثرائتي نمائندگيءَ جو بنياد پيو. قدرتي وسيلن ۾ صوبن جو حصو 11.5 سيڪڙو مان وڌي 50 سيڪڙو

ٽيو ۽ وفاق جو حصو 88.5 مان گهٽجي 50 سيڪڙو تائين آيو. قومي مالياتي ايوارڊ (NFC) ۾ صوبن جي وڌايل حصي کي آئين ۾ تحفظ ڏنو ويو. صوبن جي حوالي سان 18هين آئيني ترميم جو شايد سڀ کان اهم پاسو ڪنڪرنٽ لسٽ جو خاتمو هو. جنهن ۾ 47 شعبا شامل هئا. آئين جو آرٽيڪل (4) 70 دراصل وفاق ۽ صوبن جي اختيارن جون حدون طئي ڪندو هو. جنهن ۾ وفاقي لسٽ 1، وفاقي لسٽ 2 ۽ ڪنڪرنٽ لسٽ شامل هئا پر 18هين آئيني ترميم ۾ ڪنڪرنٽ لسٽ مان 6 شعبا (جهڙوڪ بجلي، ايئرپورٽ، آدمشماري، اعليٰ تعليمي، تحقيقي ۽ سائنسي ادارن جا معيار وغيره) وفاقي لسٽ 2 ڏانهن اُماٽي، ان کي ختم ڪيو ويو. ان ترميم تحت وفاق ۾ 30 جولاءِ 2011ع تائين صوبن کي 17 وزارتون منتقل ڪيون ويون، جنهن ۾ ملڪ جا لڳ ڀڳ 158 شعبا اچي وڃن ٿا. جڏهن ته حقيقت اها آهي ته ڪنڪرنٽ لسٽ ختم ڪرڻ باوجود ڪيترا اهم شعبا وري به وفاق وٽ ئي آهن. مثال طور جيڪي 17 وزارتون صوبن ڏانهن اماٽيون ويون، انهن وٽ جيڪي 158 شعبا هئا، انهن مان صوبن کي صرف 38 شعبا ڏنا ويا، جڏهن ته انهن مان 2 شعبا مڪمل طور ختم ڪري 117 شعبا وري به وفاق وفاقي لسٽ 2 تحت پاڻ وٽ ئي رکيا. ساڳيءَ طرح هڪ طرف وفاق طرفان 17 وزارتون صوبن کي منتقل نه ڪيون ويون پر وري ان جاءِ تي وفاق 7 نيون وزارتون قائم ڪري ورتيون.

جيتوڻيڪ 18هين آئيني ترميم جي چنبڇاڻ جا تمام گهڻا اهم پاسا آهن، جن تي سنڌ اسيمبليءَ توڙي ان کان ٻاهر ڳالهائڻ گهرجي پر هتي مان رڳو ان جو سنڌ جي حوالي سان هڪ ئي پاسو کڻندس. 30 جولاءِ 2013ع تي 18هين آئيني ترميم جي مڪمل لاڳو ٿيڻ جي عمل کي به سال پورا ٿيندا. ان ڪري سنڌ اسيمبليءَ جي باضمير ميمبرن کي اسيمبليءَ جي فلور تي هيٺان سوال اُٿارڻ گهرجن ۽ ساڳئي وقت سنڌ جي سياسي ايوانن کان ٻاهر ويٺل سياسي پارٽين، ميڊيا، ليکڪن ۽ سول سوسائٽيءَ کي پڻ انهن سوالن کي هر سطح تي اُڀارڻ گهرجي. سنڌ حڪومت کي گهرجي ته اُها ان حوالي سان هڪ تفصيلي رپورٽ انگن اکرن سميت سنڌ اسيمبليءَ ۾ پيش ڪري ۽ حڪومت جنهن عوام کان مينڊيٽ وٺي آئي آهي، ان کي سمورين حقيقتن کان آگاهه ڪري. هونئن به 18هين آئيني ترميم ڪانپوءِ آئين جي بنيادي آرٽيڪل 19-A تحت اهو هر شهريءَ جو حق آهي ته اهوِاها ڄاڻ حاصل ڪري. اهي سوال ٿلهي ليکي هي آهن:

(1) سنڌ جي عوام کي ٻڌايو وڃي ته ڇا 30 جولاءِ 2010ع تائين سنڌ کي

وفاق ڪان 17 وزارتون منتقل ٿيون ۽ جي ها تہ انھن وزارتن سان گڏ انھن جو ماضيءَ جو سمورو رڪارڊ، مالي وسيلا، عمارتون، ملڪيتون ۽ مشينري پڻ منتقل ٿيا يا نہ؟ اهو سمورو رڪارڊ عوام آڏو پڌرو ڪيو وڃي.

(2) آئين جي آرٽيڪل (1) 154 تحت 18هين ترميم ۾ گڏيل مفادن واري ڪائونسل جي نئين سر جوڙجڪ ڪري ان ۾ صوبن کي اثرائتي نمائندگي ڏني وئي، جيڪا وفاقي لسٽ 2 ۾ شامل آهي. حقيقت ۾ ڏٺو وڃي تہ وفاقي لسٽ 2 جو عملي طرح مطلب ڪنڪرنٽ لسٽ ئي آهي، ڇاڪاڻ تہ ان ۾ شامل شعبن ۾ مرڪز توڙي صوبن ٻنهي جو عمل دخل آهي، جيئن ان کان اڳ ڪنڪرنٽ لسٽ ۾ هو. پر ان ۾ هاڻي گهٽي ياڳي بين الصوبائي معاملا آهن يا اهي شعبا آهن، جن ۾ وفاق صوبن کانسواءِ پاليسيون نہ ٿو جوڙي سگهي يا گهٽ ۾ گهٽ صوبن سان صلاح لازمي آهي. بهرحال ان باوجود (CCI) ۾ سنڌ کي سُٺي نمائندگي حاصل آهي. سنڌ حڪومت کي ٻُڌائڻ گهرجي تہ ان گذريل ٽن سالن ۾ سنڌ جي وفاق ۽ پنجاب سان تضادن جي باري ۾ گڏيل مفادن واري ڪائونسل ۾ سنڌ جي مفادن جو تحفظ ڪرڻ لاءِ ڪهڙيون درخواستون ڏنيون، ڪهڙا معاملا کنيا ۽ انهن جو نتيجو ڇا نڪتو؟ ڇاڪاڻ تہ گڏيل مفادن واري ڪائونسل جو جواز ۽ ڪارج ئي اهو آهي تہ اهو ادارو جمهوري طريقي سان مرڪز ۽ صوبن توڙي صوبن وچ ۾ تڪرارن کي نبيرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري. ان ڏس ۾ سنڌ جي پاڻيءَ جي حصي جي مسلسل چوري ۽ سنڌ کي اين ايف سي ايوارڊ مان گهربل حصو نہ ملڻ يا سروسز تي جي ايس ٽي (GST) جا اشوز تمام اهم آهن.

(3) 18هين آئيني ترميم ۾ قومي اقتصادي ڪائونسل (NEC) کي پڻ وفاقي لسٽ مان منتقل ڪري وفاقي لسٽ 2 ۾ شامل ڪيو ويو، جنهن جو مطلب تہ هاڻي ان ۾ صوبن جو اهم ڪردار جڙي سگهي ٿو پر ڇا سنڌ حڪومت ٻُڌائيندي تہ ان گذريل 3 سالن ۾ ان ڏس ۾ NEC ۾ سنڌ جو ڪهڙو ڪيس رکيو؟ ۽ ان جي نتيجي ۾ ڇا حاصل ڪيو؟ سمورن واسطيدار عالمي ادارن جي رپورٽن مان ظاهر آهي تہ سنڌ جو ترقياتي ڍانچو مڪمل طور تباهہ حال آهي، جيڪو صوبي جي معاشي صلاحيت ۽ پيداوار سان سڌيءَ ريت واڳيل آهي پر سنڌ NEC جي فورم تي پنهنجي مفادن لاءِ ڪهڙي قانوني ويڙهہ وڙهي ۽ موٽ ۾ ڇا حاصل ڪيو؟ اهي تفصيل پڌرا ٿيڻ گهرجن.

(4) 18هين آئيني ترميم کان ڪجهہ مهينا اڳ سنڌن قومي/ وفاقي مالياتي ايوارڊ آندو ويو. جنهن ۾ صوبن جو حصو 44 سيڪڙو مان وڌائي سال 2010-11ع لاءِ 56 سيڪڙو ۽ باقي چئن سالن لاءِ 57 سيڪڙو رکيو ويو. ان سان

گڏوگڏ 18هين آئيني ترميم ۾ آئيني ضمانت پڻ ڏني وئي، جنهن موجب صوبن جو حصو مرحليوار وڌي ته سگهي ٿو پر ان کي گهٽائي نه ٿو سگهجي. تڏهوڪي وفاقي حڪومت جي دعويٰ مطابق ان جي نتيجي ۾ صوبن ڏانهن اضافي 1077 ارب منتقل ڪيا ويندا آهن. سوال آهي ته سنڌ جي عوام کي واضح ٻڌايو وڃي ته ستين مالياتي ايوارڊ جي نتيجي ۾ سنڌ کي 2011ع کان وٺي ڪيترو وڌيڪ حصو مليو آهي؟ 18هين آئيني ترميم ۾ هاڻي مرڪز ۽ صوبن توڙي صوبن وچ ۾ مالياتي ورڇ لاءِ هڪ مستقل مالياتي سيڪريٽريٽ ٺاهيو ويو آهي، جيڪو لاهور ۾ آهي. اڳ سنڌ مان ان جو ميمبر قيصر بنگالي هو، جنهن بعد ۾ استيفا ڏئي ڇڏي. سنڌ جي عوام کي ٻڌايو وڃي ته هاڻي اهو ميمبر ڪير آهي ۽ ان جي ڪارڪردگي ڇا آهي ۽ خاص طور اهو ته سنڌ ايندڙ ائين مالياتي ايوارڊ جيڪو 2015ع ۾ ايندو، ان لاءِ ڪهڙي تياري ڪئي آهي. 18هين آئيني ترميم موجب هاڻي صوبن کي پنهنجا صوبائي مالياتي ايوارڊ پڻ ٺاهڻا آهن، جنهن ۾ اُهي مڪمل خودمختيار آهن. سوال آهي ته آخر سنڌ حڪومت ڇو نه ٿي صوبائي مالياتي ايوارڊ ترتيب ڏئي، جنهن ۾ سنڌ جي پٺتي پيل علائقي کي مالياتي ورهاست ۾ وڌيڪ اوليت ۽ اهميت ڏني وڃي.

(5) 18هين آئيني ترميم ۾ قدرتي وسيلن کي صوبائي حق تسليم ڪيو ويو آهي ۽ ان جي آمدنيءَ ۾ حصو 11.5 مان وڌائي 50 سيڪڙو ڪيو ويو آهي. سڀ کان پهرين ته سنڌ جي عوام کي ٻڌايو وڃي ته ان جي نتيجي ۾ هاڻي سنڌ کي ڪيتري رائلٽي ملي ٿي، ڇاڪاڻ ته پاڪستان انرجي بڪ 2012ع مطابق سنڌ ملڪي گئس پيداوار جو لڳ ڀڳ 72 سيڪڙو ۽ تيل ۾ 57 سيڪڙو حصو ڏئي ٿي. نه رڳو اهو پر سنڌ حڪومت اهو پڻ ٻڌائي ته جن علائقن جهڙوڪ بدين ۽ گهوٽڪيءَ مان گهڻي ڀاڱي تيل ۽ گئس نڪري ٿي، انهن جي ترقيءَ تي ان رائلٽيءَ جو ڪيترو حصو خرچ ٿئي ٿو؟ ٻين ڳالهه ته جيڪي تيل ۽ گئس ڪمپنيون هتي بزنس ڪن ٿيون، اهي عالمي قانون تحت پابند آهن ته پنهنجي مجموعي اُپت جو گهٽ ۾ گهٽ هڪ سيڪڙو ان علائقي جي ترقيءَ تي خرچ ڪن، جنهن کي Corporate Social Responsibility چئبو آهي، ڇا سنڌ حڪومت ڪا مانيٽرنگ ڪئي آهي ته اُهي ڪمپنيون سنڌ مان ڪيترو ڪمائين ٿيون ۽ موٽ ۾ ڪيترو مقامي ترقيءَ تي خرچ ڪن ٿيون؟

(6) آئين جي آرٽيڪل 25-A تحت بنيادي تعليم 5 سالن کان 16 سالن جي ٻارن لاءِ لازمي آهي، جيڪو سنڌن بنيادي حق آهي. ٽي سال گذري وڃڻ کانپوءِ ۽ هن سال ته تعليم لاءِ 21.7 سيڪڙو بجيٽ يعني 134.2 ارب روپيا رکڻ

باوجود ڇا سنڌ حڪومت پڌرو ڪندي تہ سنڌ ۾ 5 ڪان 16 سالن تائين جي عمر جا ڪيترا ٻار آهن ۽ انهن مان ڪيترن کي اهو حق حاصل آهي ۽ ان تعليم جو معيار ڇا آهي؟ سنڌ حڪومت کي ان ڏس ۾ سمورا انگ اکر اسيمبليءَ ۾ پيش ڪرڻ گهرجن.

(7) 18هين آئيني ترميم تحت صوبي اندر قائم يونيورسٽيون ۽ تعليمي بورڊ گورنر نہ پر چونڊيل وڏي وزير جي ماتحت هئڻ گهرجن. سنڌ واحد صوبو آهي، جنهن ۾ اهي اختيار اڄ سوڌو ناجائز طور گورنر وٽ پيل آهن. سنڌ حڪومت ٻُڌائي تہ اُها پنهنجو آئيني حق آخر ڇو نہ ٿي وٺي سگهي؟

(8) 18هين آئيني ترميم ۾ معلومات جي حق کي آرٽيڪل 19-A تحت شهرين جو بنيادي حق تسليم ڪيو ويو آهي پر اڃا تائين سنڌ ۾ ان ڏس ۾ ڪو سرگرم ادارو يا پاليسي نہ جوڙي وئي آهي، جنهن جي نتيجي ۾ اهو آئيني حق ماڻهو عملي طور حاصل ڪري سگهن. سنڌ حڪومت کي پڌرو ڪرڻ گهرجي تہ ان ڏس ۾ سنڌ حڪومت ڪهڙي اڳڀرائي ڪئي آهي؟ ۽ ڪهڙو طريقو آهي، جنهن تحت ماڻهو اهو حق حاصل ڪري سگهن ٿا.

(9) مجموعي طور تي گذريل سنڌ حڪومت کي گهربو هو تہ اُها سنڌ ۾ 18هين آئيني ترميم مان گهربل سياسي، آئيني ۽ مالياتي توڙي انتظامي لاڀ حاصل ڪرڻ لاءِ ماهرن جو ڪو اعليٰ سطحي بورڊ ٺاهي ها، جيڪو گهٽ ۾ گهٽ ٽن سالن لاءِ ڪم ڪري ها. بلوچستان وٽ رڳو اين ايف سي ايوارڊ ۾ هڪ قابل ميمبر ڊاڪٽر گلفراز احمد (جيڪو راولپنڊيءَ جو پنجابي ڳالهائيندڙ فرض شناس رٽائرڊ ڪامورو آهي ۽ هو گهڻو وقت بلوچستان ۾ ڪم ڪندو رهيو آهي) هو تہ سندن اين ايف سي ايوارڊ ۾ حصو 53 اربن مان 156 ارب تائين پهتو پر سنڌ ۾ اهڙو ڪوبہ انتظام نہ ٿيو. قيصر بنگالي سنڌ مان ميمبر هو پر اقتدار جي نشي ۾ مست وڏيرن ۽ غيرسنجيده حڪومت سندس هڪ بہ نہ ٻُڌي ۽ نيٺ هن استعيفا ڏئي ڇڏي. حقيقت اها آهي تہ اڃا تائين 18هين ترميم صحيح معنيٰ ۾ سنڌ ۾ لاڳو ئي نہ ٿي آهي ۽ مٿان 2015ع ۾ ائون اين ايف سي ايوارڊ اچڻو آهي، جنهن لاءِ سنڌ ڪابہ تياري نہ ڪئي آهي پر ڪو هجي، جيڪو سنڌ اسيمبليءَ ۾ حڪومت کان اهو پڇاڻو ڪري.

جيڪڏهن سنڌ اسيمبليءَ ۾ ڪو باضمير ميمبر اِهي سمورا سوال سنڌ حڪومت کان پُڇي ۽ ان کي نتيجن تائين ڪٽي وڃي تہ اسان سندس هر قسم جي ٽيڪنيڪل مدد ڪرڻ لاءِ رضاڪارانہ طور ساٿ ۾ هونداسين. منهنجي تہ تجويز آهي تہ سنڌ اسيمبليءَ اندر مختلف پارٽين جي سنڌ دوست ۽ فرض

شناس ميمبرن جو هڪ گروپ ٺهڻ گهرجي، جنهن جي اسان سنڌ جا ليکڪ ۽ مختلف شعبن جا ماهر ڀرپور مدد ڪريون ته جيئن اهو گروپ سنڌ اسيمبليءَ کي سنڌ جي مفادن جي سوداگيريءَ جي اداري بدران سنڌ جو محافظ ادارو بڻجڻ تي مجبور ڪري. مان تجويز ڏيو ڪريان ته ايندڙ سنڌ اسيمبليءَ جي اجلاس ۾ اهو سوال پنهنجي پوريءَ سگهه سان اُٿارڻ گهرجي ته سنڌ کي 18هين آئيني ترميم مان ڇا حاصل ٿيو؟ ۽ سنڌ حڪومت تي دٻاءُ آندو وڃي ته اُها ان ڏس ۾ تفصيلي رپورٽ اسيمبليءَ ۾ پيش ڪري.

*(روزاني ڪاوش حيدرآباد، 9 جولاءِ 2013ع)*

# ائون قومي مالياتي ايوارڊ
# ۽ سنڌ جو ڪيس!

ملڪ جو ستون قومي مالياتي ايوارڊ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي گڏيل مرڪزي حڪومت جي ٻئي سال يعني 10 ڊسمبر 2009ع تي آيو هو. جنهن جو مطلب اِهو ٿيو تہ هاڻي ملڪ جو ائون مالياتي ايوارڊ هلندڙ سال يعني 2014ع ۾ ٿي ايندو. ارڙهين آئيني ترميم ڪانپوءِ قومي مالياتي ايوارڊ (جنهن کي اصل ۾ قومي نہ پر وفاقي مالياتي ايوارڊ سڏڻ گهرجي) ۾ صوبن جي ڪردار کي ماضيءَ جي ڀيٽ ۾ مضبوط ڪيو ويو هو ۽ ان جو هڪ مستقل سيڪريٽريٽ پڻ قائم ڪيو ويو هو پر افسوس جو سنڌ حڪومت ان ڏس ۾ هيستائين ڪوبہ اثرائتو ڪردار ادا نہ ڪري سگهي آهي. اڳ ۾ قيصر بنگالي سنڌ جو ميمبر هو پر هن نيٺ اِهو چئي استعيفيٰ ڏني تہ سنڌ حڪومت ۾ ڪوبہ ساڻس گهربل سهڪار ڪرڻ لاءِ تيار نہ آهي، ان ڪانپوءِ سنڌ اڃا تائين ان فورم تي ڪوبہ اثرائتو ميمبر مقرر ڪري نہ سگهي آهي، جڏهن تہ سنڌ وٽ فضل الله قريشي، سيد محب الله شاهہ سميت ڪيترائي تجربيڪار ٽيڪنوڪريٽ موجود آهن. بلوچستان وٽ پنهنجو ڪو ايترو تجربيڪار ماڻهو نہ هو تہ هنن راولپنڊيءَ سان واسطو رکندڙ پر ڊگهو وقت بلوچستان ۾ ڪم ڪندڙ رٽائرڊ ڪاموري ۽ ٽيڪنوڪريٽ ڊاڪٽر گلفراز احمد کي اين ايف سي ايوارڊ لاءِ بلوچستان مان ميمبر مقرر ڪيو تہ ستين ايوارڊ ۾ بلوچستان جو حصو 5.13 سيڪڙو مان وڌي 9.09 سيڪڙو ٿيو ۽ بلوچستان جي بجيٽ بہ 53 ارب روپين مان وڌي 154 ارب روپيا ٿي. افسوس تہ اِهو آهي تہ اڃا تائين سنڌ ڪنهن قابل ٽيڪنوڪريٽ کي اين ايف سي ايوارڊ جو ميمبر مقرر نہ ڪيو آهي ۽ چيو پيو وڃي تہ مراد علي شاهہ کي اِها اضافي ذميواري ڏني وئي آهي. منهنجيءَ نظر ۾ جيڪڏهن پيپلز پارٽيءَ جي سنڌ حڪومت کي ڪو بيو ميمبر نہ ٿو وڻي تہ سندن ئي پارٽيءَ جو صوبائي جنرل سيڪريٽري تاج حيدر بہ ان ڏس ۾ مناسب ماڻهو هجي ها، ڇاڪاڻ تہ تاج حيدر کي مون ڪيترن ملڪي ۽ بين الاقوامي فورمس تي سنڌ جو مالياتي ڪيس اثرائتي نموني وڙهندي ڏٺو آهي. جيڪڏهن هن وقت بہ سنڌ

حڪومت ان ڏس ۾ سنجيدگيءَ سان گهربل قدم نہ کنيا تہ هن اهم ترين ملڪي فورم تي سنڌ پنهنجو ڪيس اثرائتي نموني وڙهي نہ سگهندي ۽ ان جا نتيجا پس و پيش سنڌ ۽ ان جو عوام ڀوڳيندو. گذريل حڪومت ۾ تہ وري بہ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ کي لاپرواهيون ڦٻي ويون جو مٿي مرڪز ۾ سندن حڪومت هئي ۽ بلوچستان توڙي خيبرپختونخواهہ ۾ اُها حڪومت ۾ شامل هئي، پر هن ڀيري تہ هو تمام ڪمزور حيثيت ۾ آهن جو نہ رڳو مرڪز ۾ سندن مخالف جماعت مسلم ليگ (ن) جي حڪومت آهي پر ٻين ٽنهي صوبن ۾ پڻ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جون مخالف حڪومتون آهن ۽ مالياتي ايوارڊ ۾ جڏهن بين الصوبائي ورچ جو مرحلو آيو تہ پوءِ هن ڀيري سنڌ مڪمل طور اڪيلائپ جو شڪار هوندي ۽ ان ڪمزور حيثيت جو سدِباب صرف ائين ئي ڪري سگهجي ٿو تہ سنڌ ان فورم تي پنهنجو ڪيس ڀرپور سگهہ ۽ مڪمل تياريءَ ۽ دليلن سان رکي. مان سمجهان ٿو تہ اُصولي طور تي ان ڪم جي تياريءَ لاءِ سنڌ ۾ گهٽ ۾ گهٽ ڪا تہ رڪني ڪميٽي هئڻ گهرجي، جنهن ۾ فضل الله قريشي، سيد محب الله شاهہ، تاج حيدر، بيريسٽر ضميري گهمري يا نصير ميمڻ کي کڻي سگهجي ٿو. پوءِ پل تہ سنڌ جي رسمي نمائندگي مالياتي ايوارڊ جي فورم ۾ ڪو هڪ اثرائتو ميمبر ڪري، جيڪو تاج حيدر بہ ٿي سگهي ٿو.

دنيا ۾ جتي بہ گهڻ-قومي يا گهڻ-رياستي وفاقي نظام آهن، اُتي وفاق ۾ گڏ رهندڙ قومن يا رياستن/ صوبن وچ ۾ مالياتي وسيلن جي ورهاست کي بنيادي اهميت حاصل هوندي آهي، جنهن کي معاشي وفاقيت (Fiscal Federalism) يا معاشي عدم مرڪزيت (Fiscal Decentralization) پڻ چيو ويندو آهي. اهڙين جمهوري وفاقي رياستن ۾ اهو استحقاق قومن يا رياستن/ صوبن جو هوندو آهي، تہ اُهي گڏجي طئي ڪن، تہ آخر وفاق کي پنهنجو انتظام هلائڻ لاءِ ڪيترا وسيلا ڏنا وڃن؟ ڇاڪاڻ تہ وفاق تہ هڪ معاهدي ۽ انتظامي سرشتي جو نالو آهي، جڏهن تہ ان جون اِڪايون قومن يا رياستن/ صوبن تي مشتمل هجن ٿيون. دنيا جي مختلف 28 وفاقي ملڪن ۾ مالياتي وفاقيت جا اُصول ۽ طريقا مختلف آهن پر انهن ۾ هڪ فرق بلڪل واضح آهي ۽ اهو هيءُ آهي تہ جن ملڪن ۾ اڄ بہ مرڪزيت پسند وحداني طرز جو وفاقي نظام آهي، اُتي مالياتي معاملن ۾ پڻ مرڪزيت پسندي آهي، جڏهن تہ عدم مرڪزيت تي ٻڌل وفاقي نظامن ۾ وفاقي ايڪايون (جن کي رياستون، صوبا، لينڊز ۽ ڪينٽنس پڻ چيو ويندو آهي) مالياتي معاملن ۾ پڻ مڪمل خودمختيار هونديون آهن. دنيا جي 28 ملڪن مان ڪينيڊا ۽ سئٽزرلينڊ اُهي ملڪ آهن، جتي وفاق کي صرف 45

سيڪڙو روينيو گڏ ڪرڻ جو اختيار هوندو آهي، جڏهن ته آمريڪا ۾ مرڪز کي 54 سيڪڙو ۽ آسٽريا، آسٽريليا، بيلجيم، برازيل، انڊيا، جرمني ۽ اسپين ۾ مرڪز کي 60 سيڪڙو کان 75 سيڪڙو روينيو گڏ ڪرڻ جو اختيار آهي، اهڙيءَ طرح ارجنٽينا، ملائيشيا، ميڪسيڪو روس ۽ ڏکڻ آفريڪا ۾ اِها شرح 80 سيڪڙو ۽ ٻن ملڪن نائجيريا ۽ وينزويلا ۾ اها شرح ماڳهين 97 سيڪڙو ۽ 98 سيڪڙو آهي پر انهن اڪثريتي ملڪن ۾ ٽيڪس گڏ ڪرڻ جي مرڪزي نظام باوجود صوبن يا رياستن جا جدا جدا اڪائونٽ هوندا آهن ۽ مرڪز پنهنجو حصو ڪٽي، اُهي رقمون واپس صوبن/ رياستن جي اڪائونٽس ڏانهن موڪلي ڇڏيندو آهي. مثال طور سئٽزرلينڊ، ڪينيڊا، بيلجيم ۽ جرمنيءَ ۾ وفاقي ملڪ ملڪي آمدنيءَ مان 30 سيڪڙو کان 40 سيڪڙو حصو ڪٽندا آهن، جڏهن ته ارجنٽينا، آسٽريليا، آسٽريا، برازيل، انڊيا، ميڪسيڪو، نائجيريا، روس، اسپين، ڏکڻ آفريڪا ۽ آمريڪا ۾ اها شرح 45 سيڪڙو کان 60 سيڪڙو تائين آهي. پر پاڪستان دنيا جو اهڙو واحد نام نهاد وفاق آهي، جتي "اُبتي گنگا" وهي ٿي. ڇهه ڏهاڪا گذرڻ باوجود پاڪستان ۾ وفاقي ڍانچو برطانوي بينڪيتي طرز جو آهي، جنهن جو بنياد اختيارن جي مرڪزيت ۽ مخصوص ناجائز مفادن جي تحفظ وارو رهيو آهي.

قومي مالياتي ڪميشن ايوارڊ پاڪستان ۾ شروع کان تڪراري ۽ پنجاب جي مفادن تحت ٺهندو رهيو آهي. جڏهن اوپر پاڪستان اسان سان گڏ هو ۽ اهو آباديءَ جي تناسب جي حساب سان سمورن صوبن ته ڇا! پر سڄي اولهه پاڪستان کان به گهٽائيءَ ۾ يعني 56 سيڪڙو هو ته اين ايف سي ايوارڊ جو بنياد آبادي نه پر روينيو ۽ زميني پکيڙ (Inverse Population Density) هئا. ڇاڪاڻ ته اُن زماني ۾ پنجاب رڳو ان صورت ۾ ئي ملڪ جي وسيلن جي ڦُرلٽ ڪري سگهيو ٿي؛ نتيجي ۾ بنگالين جي بار بار مطالبي باوجود آبادي، هڪ معيار طور مالياتي ورڇ ۾ شامل ٿي نه سگهي ۽ جيئن ته اولهه پاڪستان ايراضيءَ ۽ آمدنيءَ ۾ وڌيڪ هو، ان ڪري مالياتي ايوارڊ ۾ رڳو اُهي ٻه معيار رکيا ويا. پر بنگال جي عليحدگيءَ کانپوءِ، جڏهن پنجاب آباديءَ جي لحاظ کان باقي سمورن صوبن کان گهٽائيءَ جي حيثيت ۾ يعني 56 سيڪڙو ٿيو، ته شهيد ڀُٽي جي حڪومتي دور ۾ پهرين 1974ع جي اين ايف سي ايوارڊ تحت، صوبن وچ ۾ مالياتي ورڇ جو بنياد اڳ جيان روينيو ۽ زمين بجاءِ اڪيلي سر آباديءَ کي بڻايو ويو، ڇاڪاڻ ته بنگال جي جدائيءَ کانپوءِ پنجاب جي آبادي 56 سيڪڙو هئي. هونئن دنيا جي 28 وفاقي رياستن ۾ اهڙو ڪوبه وفاقي سرشتو نه

آهي، جنهن ۾ صوبن وچ ۾ مالياتي ورڇ جو بنياد ۽ معيار رڳو اڪيلي سر آبادي هجي. پرويز مشرف دور ۾ ڇهين ايوارڊ تحت سڀ کان اول ته 55 سيڪڙو حصو سڌيءَ ريت مرڪز ڪنيو، جنهن کي Vertical Distribution چيو ويندو آهي ۽ باقي رهيل 45 سيڪڙو حصي مان وري پنجاب کي 57.36 سيڪڙو، سنڌ کي 23.71 سيڪڙو، بلوچستان کي 5.11 سيڪڙو ۽ پختونخواهہ کي 13.82 سيڪڙو ڏنو ويو، جنهن کي ورڇ جوڳو پول چيو ويندو آهي. دنيا ۾ ڪٿي بہ ڪنهن بہ وفاقي نظام تحت وسيلن جي اهڙي ناجائز ورڇ جو ڪو مثال موجود نہ آهي. يعني پنهي طرفن کان ان فارمولا تحت ملڪ جي مالياتي ايوارڊ جي صورت ۾ مالياتي وسيلن جو وڏو حصو پنجاب کنيو وڃي. جڏهن تہ ملڪ جي مجموعي مالياتي آمدنيءَ ۾ سنڌ لڳ ڀڳ 70 سيڪڙو حصو ڏئي ٿي ۽ جيڪڏهن اين ايف سي ايوارڊ جو تعين روينيو جي پيداوار جي بنياد تي ڪيو وڃي تہ پنجاب جو حصو وڃي 23.04 سيڪڙو بيهندو ۽ سنڌ کي 69.02 سيڪڙو حصو ملندو. اهڙيءَ طرح جيڪڏهن اِها ورڇ رڳو ايراضيءَ جي بنياد تي ٿيندي تہ پوءِ بلوچستان جو حصو وڃي 82 سيڪڙو بيهندو. سوال آهي تہ جڏهن آمدني ۽ ايراضيءَ جي بنياد تي اڪيلي سر اِهي ايوارڊ نہ ٿا اچي سگهن تہ پوءِ اڪيلي سر ايراضيءَ جي بنياد تي اهو تعين ڪيئن جائز هوندو. نتيجي ۾ مالياتي وسيلن جي ورڇ پاڪستان ۾ هميشہ مرڪز ۽ صوبن توڙي پنجاب ۽ ٻين صوبن وچ ۾ مستقل تڪرار جو سبب رهي آهي.

پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي حڪومت 10 ڊسمبر 2009ع تي ملڪ جي ستين اين ايف سي ايوارڊ جو اعلان ڪيو هو. جنهن موجب مرڪز ۽ صوبن وچ ۾ وسيلن جي ورڇ هاڻ 44%-56% جي شرح تحت ڪئي وئي. جنهن جو مطلب اهو آهي تہ هاڻ صوبا 44 سيڪڙو بجاءِ 56 سيڪڙو کڻندا ۽ مرڪز 56 سيڪڙو بجاءِ 44 سيڪڙو حصو کڻندو. اِهو چڱو ٿيو جو 18هين آئيني ترميم ۾ هاڻي صوبن جي ان حصي يعني 56 سيڪڙو کي آئيني تحفظ حاصل آهي، جنهن مطابق صوبن جو حصو وڌي تہ سگهي ٿو پر ان کي گهٽائي نہ ٿو سگهجي. جڏهن تہ اُصولي طور ٿيڻ تہ ائين گهرجي ها تہ اها شرح 20%-80% رکي وڃي ها، جيئن اها 1996ع جي پنجين مالياتي ايوارڊ کان اڳ هئي. دنيا جي تاريخ ۾ شايد اهو پهريون واقعو هوندو جو 1996ع ۾ ٽن مهينن لاءِ چونڊيون ڪرائڻ لاءِ آيل ملڪ معراج خالد جي حڪومت اها شرح 20-80 مان تبديل ڪري 37.5-62.5 ڪري ڇڏي، يعني رات وچ ۾ صوبن جو حصو 80 سيڪڙو مان گهٽجي وڃي 37.5 بيٺو. جڏهن تہ ان حڪومت کي آئيني طور اهو اختيار بہ حاصل نہ هو.

افسوس جو ممتاز ڀُٽي صاحب جي حڪومت بہ ان تي صحيحون ڪري ڇڏيون. جيتوڻيڪ ستين ايوارڊ تحت صوبن وچ ۾ ورڇ گذريل پيري رڳو آباديءَ بجاءِ گهڻ رُخي بنياد تي ڪئي وئي آهي، پر بدقسمتيءَ سان اڃا بہ صوبن وچ ۾ وسيلن جي ورهاست ۾ 82 سيڪڙو حصو آباديءَ جي بنياد تي رکيو ويو آهي. جڏهن تہ غربت ۽ پسماندگيءَ جو حصو صرف 10.3 سيڪڙو، روينيو جي پيداوار ۽ ڪليڪشن صرف 5 سيڪڙو ۽ ايراضيءَ جي شرح جو حصو 2.7 سيڪڙو رکيو ويو آهي. جنهن جو واضح مطلب اهو آهي تہ ملڪي وسيلن جو قطعي وڏو حصو اڃا بہ وڏي صوبي پنجاب کي ئي ملي رهيو آهي. مجموعي طور تي جيڪڏهن ائين مالياتي ايوارڊ کي بہ ساڳيءَ طرح رکيو ويو تہ پوءِ قومي مالياتي ايوارڊ تحت هاڻ پنجاب کي 53.1 سيڪڙو، سنڌ کي 24.94 سيڪڙو، پختونخواهہ کي 14.88 سيڪڙو ۽ بلوچستان کي 7.17 سيڪڙو حصو ملندو، جنهن مان واضح ٿئي ٿو تہ ملڪ جي مجموعي روينيو پيداوار ۾ 69.2 سيڪڙو ڏيڻ وارو صوبو سنڌ هن پيري بہ رڳو 24.94 سيڪڙو حصو ڪٽي سگهندو، جنهن سان سنڌ جي احساس محروميءَ ۾ بدستور اضافو تہ ٿي سگهي ٿو، پر اُن جو سدِباب پري پري تائين نظر نٿو اچي.

اين ايف سي ايوارڊ جي حوالي سان هيٺين ڳالهين تي عمل ڪانسواءِ صوبائي خودمختياريءَ جي سوال جي اهميت هڪ دوکي ڪانسواءِ ٻيو ڪجهہ نہ هوندي:

(1) سڀ کان اڳ ۾ وسيلن ۽ آمدنيءَ جي ورهاست جي هن ايوارڊ کي قومي مالياتي ايوارڊ بدران "وفاقي ماليات ايوارڊ" سڏيو وڃي، ڇاڪاڻ تہ پاڪستان هڪ قوم نہ پر گهڻين قومن جو الحاق/ وفاق آهي.

(2) وفاق ۽ صوبن وچ ۾ جيڪا ناڻي جي ورهاست ٿئي ٿي؛ جنهن کي Vertical Distribution سڏيو وڃي ٿو، ان جو 1996ع کان اڳ وارو تناسب بحال ڪيو وڃي، جنهن موجب مرڪز کي 20 سيڪڙو ۽ صوبن کي 80 سيڪڙو ڏنو ويندو هو.

(3) موجوده آئين جي آرٽيڪل 160 (ڊي) مطابق بہ مرڪز کي صوبن وچ ۾ وسيلن ۽ ناڻي جي ورهاست ۾ ڪابہ مداخلت نہ ڪرڻي آهي، ان ڪري صوبن وچ ۾ ورهاست يعني Horizontal Distribution کي اين ايف سي ايوارڊ ۾ شامل نہ ڪيو وڃي. اهو صوبن جو استحقاق آهي، تہ هو اهي معاملا پاڻ ۾ جمهوري انداز سان طئي ڪن. پر اهو تڏهن ئي ٿي سگهي ٿو، جڏهن مرڪز ۾ صوبن جا ٽيڪس ۽ آمدنيءَ جا جدا جدا اڪائونٽ رکيا وڃن. جنهن ۾ ويهہ سيڪڙو ڪٽوتيءَ کانپوءِ صوبن جا سمورا وسيلا ۽ آمدني لاڳاپيل صوبن جي پنهنجن

پنهنجن اڪائونٽس ذريعي واپس ڪيا وڃن.

(4) صوبن وچ ۾ ناڻي جي ورهاست گهڻ رُخي فارمولا تحت اهڙيءَ طرح ڪئي وڃي، جنهن ۾ بنيادي اهميت روينيو ۽ غربت کي ڏني وڃي. سنڌ کي ان ڏس ۾ پنهنجو ڪيس دليلن سان ۽ دنيا جي ٻين وفاقي ملڪن جي تجربن جي بنياد تي تيار ڪرڻ گهرجي. (جيڪڏهن سنڌ حڪومت کي ان ڪيس جي تياريءَ لاءِ سمورو مواد گهرجي ته اسان جو سنڌ ريسورس سينٽر رضاڪارانه طور حڪومت جي معاونت ڪري سگهي ٿو، جتي اهو سمورو رڪارڊ موجود آهي)

(5) جنرل سيلز ٽيڪس کي مڪمل طور صوبن جي تحويل ۽ اختيار ۾ ڏنو وڃي. آئين جو آرٽيڪل 142 به اهڙي هدايت ڪري ٿو.

(6) صوبن جي ڪنهن به ٽيڪس کي وفاقي مالياتي ايوارڊ جي TORs ۾ شامل نه ڪيو وڃي.

(7) گئس ڊولپمينٽ سرچارج جو اُصولي طور مالياتي ايوارڊ سان ڪوبه تعلق نه آهي؛ ۽ نه هئڻ گهرجي. صدر کي رڳو انهن ٽيڪسن کي شامل ڪرڻ جو اختيار آهي، جيڪي مرڪز ۽ صوبن وچ ۾ ورهايا وڃن ٿا. جڏهن ته حقيقت ۾ جي ڊي ايس (GDS) ڪو ٽيڪس نه پر هڪ قسم جي في آهي. ان ڪري اهو مڪمل طور صوبائي معاملو هئڻ گهرجي؛ ۽ ان کي مسلسل مالياتي ايوارڊ ۾ شامل ڪرڻ جي جيڪا ڪوشش ٿي رهي آهي، اُها نه رڳو غير آئيني آهي؛ پر صوبائي خودمختياريءَ ۽ 18هين ترميم جي روح جي ئي خلاف آهي.

(8) وفاقي حڪومت تيل تي ڊيوٽيءَ کي پڻ اين ايف سي جو حصو بڻائڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهي، جڏهن ته آئين مطابق ان بابت ڪوبه فيصلو ڪرڻ جو اختيار صرف "ڪائونسل آف ڪامن انٽريسٽ" کي آهي. ان ڪري وفاقي حڪومت کي اهڙو ڪوبه اختيار نه آهي؛ ۽ تيل تي ڊيوٽيءَ کي ايوارڊ جو حصو نه بڻايو وڃي.

سنڌ جي هاڻوڪي بجيٽ 617 ارب روپيا آهي، جڏهن ته سنڌ جو روينيو لڳ ڀڳ 1500 کان 2000 ارب روپين جي وچ ۾ آهي. جيڪڏهن سنڌ حڪومت ائين مالياتي ايوارڊ ۾ گهربل تياريءَ ۽ دليلن سان وڃي ته اُها سنڌ جو مالياتي حصو وڌيءَ حد تائين وڌرائي سگهي ٿي، پر ان لاءِ سنڌ حڪومت کي ٻين صوبن ۽ خاص ڪري بلوچستان ۽ خيبر پختونخواهه جي حڪومتن سان وڌيءَ قابليت سان لابنگ ڪرڻي پوندي، ڇاڪاڻ ته نظر ائين ٿو اچي ته هن ڀيري ائين مالياتي ايوارڊ ۾ سنڌ اڪيلائپ جو شڪار هوندي.

*(روزاني ڪاوش حيدرآباد، 12 جنوري 2014ع)*

# آدمشماري 2017ع جا نتيجا
# اعتبار جوڳا چو ناهن؟

آئيني طور آدمشماري هر ڏهين سال لازمي هوندي آهي، ڇاڪاڻ تہ آدمشماريءَ ذريعي نہ رڳو ضلعن، تعلقن، صوبن ۽ مجموعي طور پوري ملڪ ۾ آباديءَ جي وڌڻ جو رڪارڊ محفوظ ٿيندو آهي پر جيئن تہ ملڪ ۾ صوبن وچ ۾ مالياتي ورڇ جو سئو سيڪڙو بنياد 1974ع کان وٺي 2006ع تائين آيل ڇهن (1974, 1979, 1985, 1990, 1996, 2006) مالياتي ايواردن ۾ صرف ۽ صرف آبادي هو ۽ ويندي 2009ع ۾ آيل ستين مالياتي ايوارڊ ۾ بہ آباديءَ جي بنياد تي ورڇ جو تناسب 82 سيڪڙو هو، ان ڪري سمجهي سگهجي ٿو تہ پاڪستان جهڙي ملڪ ۾ آدمشماريءَ جي اهميت ڪيتري ۽ ڪهڙن ڪهڙن حوالن سان آهي. سنڌ جي لاءِ آدمشماري ان ڪري بہ وڌيڪ اهم آهي جو سنڌ ملڪ جو واحد صوبو آهي، جتي نہ رڳو 30 لکن کان وڌيڪ غيرقانوني پرڏيهي رهن ٿا ۽ ٻين صوبن مان آباديءَ جي اچڻ جو عمل لڳاتار ۽ اڻ کُٽ آهي پر هتي مختلف لساني گروهہ ۽ سنڌن مفاد پرست تنظيمون سڄو ڏينهن ان چڪر ۾ آهن تہ ڪيئن بہ ڪري سنڌ ۾ سنڌين جي آباديءَ کي گهٽ ڪجي بہ ۽ ڏيکارجي بہ. اهو تہ سنڌين جو اجتماعي شعور آهي، جيڪو هيستائين سنڌ ۾ سنڌين جي اڪثريتي ۽ مالڪاڻي حيثيت جو بچاءُ ڪندو اچي، نہ تہ حڪومتن جي آسري تي اهو عمل ڪڏهن بہ سنڌين جي فائدي ۾ نہ وڃي ها.

ان سموري پس منظر ۾ ملڪ ۾ جيڪا آدمشماري آئيني طور 2008ع ۾ ٿيڻي هئي، اُها نيٺ وڃي 2017ع ۾ ڪئي وئي ۽ اُها بہ اهڙي جو ان جا نتيجا بيحد تڪرارن ۽ تضادن سان ڀريل آهن. هن ڀيري اِهو ٻُڌو ٿيو آهي جو ان معاملي تي سنڌ جو عوام، سياسي پارٽيون ۽ ويندي سنڌ حڪومت ۽ حڪمران جماعت سڀ هم آواز آهن ۽ هڪ صفحي تي آهن ۽ سنڌ حڪومت اِهو اعلان ڪيو آهي تہ اُها هن معاملي تي گڏيل مفادن جي ڪائونسل ۾ ويندي ۽ پنهنجا اعتراض پيش ڪندي. آدمشماريءَ جي هنن متضاد انگن اکرن مان ٻين گهڻن پاسن سان گڏ اهو سوال بہ اُٿي ٿو تہ رياست جي نيت 70 سال گذرڻ کانپوءِ بہ

ڪيتري صاف ۽ شفاف آهي؟ ان ڪري پاڪستان ۾ اهڙن حساس معاملن ۾ نيت سان گڏوگڏ اهليت جو سوال پڻ بار بار اُٿي ٿو. ان ڪري نظر ائين ٿو اچي ته ملڪ ۾ نه رڳو نيت جي خرابي آهي پر اهليت جو به وڏو بحران آهي.

2017ع جي آدمشماريءَ تي هن ڀيري به ٻين صوبن نه پر سنڌ گهڻو اعتراض ڪيو آهي. ظاهر آهي ته جاءِ اُها جلندي جتي باهه ٻرندي. جيڪو ٻوڙيندو، ٻڏنيتي ۽ به اڪيائيءَ جو شڪار ٿيندو، اُهو ضرور دانهون ڪندو. سنڌ جي نسبت سان آدمشماريءَ جي موضوع تي مان گذريل ٽن ڏهاڪن کان مسلسل لکندو رهيو آهيان، ڇاڪاڻ ته آدمشماري سنڌ لاءِ هميشه بيحد حساس معاملو رهيو آهي. ان سموري تجربي جي بنياد تي منهنجي راءِ آهي ته هن ڀيري آدمشماريءَ جي حوالي سان سموري ملڪ ۾ انگ اکر گڏ ڪري ۽ پوءِ صوبن جي سياسي صورتحال ۽ رياست جي اوليتن کي سامهون رکندي، ڪجهه ڊيموگرافڪ فارمولا هٽي، نتيجا ڏنا ويا آهن. اهو دليل انهن تضادن مان واضح ٿئي ٿو. جيڪي 2017ع جي آدمشماريءَ مان صاف محسوس ڪري سگهجن ٿا. مثال طور:

(1) سنڌ ملڪ جو واحد صوبو آهي، جتي ٻين صوبن ۽ ملڪن مان آباديءَ جو اچي خاص طور وڏن شهرن ۽ ڪراچيءَ ۾ آباد ٿيڻ، گذريل ستن ڏهاڪن کان هڪ معمول بڻيل آهي. اهو ئي سبب آهي جو جنهن ڪراچي شهر جي آبادي ورهاڱي کان اڳ تي لک هئي، ان جي آبادي هاڻي ويندي 2017ع جي آدمشماريءَ موجب به هڪ ڪروڙ سٺ لک ظاهر ڪئي وئي آهي، جيڪا حقيقت ۾ ان کان گهٽ ڏيکاري وئي آهي. ان سلسلي ۾ حقيقي صورتحال تڏهن سامهون ايندي جڏهن ٻوليوار تفصيل پڌرا ڪيا ويندا، ڇاڪاڻ ته گذريل ٻن ڏهاڪن ۾ ڪراچيءَ ۾ اردو ڳالهائيندڙ ۽ پنجابي آباديءَ جو تناسب وڏيءَ حد تائين گهٽيو آهي. ان جو هڪ اهم سبب هندوستان ۽ پنجاب مان آباديءَ جي اچڻ جي شرح ۾ غيرمعمولي گهٽتائي آهي. ٻئي طرف سنڌ کانسواءِ ملڪ جو ٻيو ڪو صوبو نه آهي، جتي ٻين صوبن ۽ ملڪن مان آباديءَ جو ڪو معمولي ديباءُ به هجي. هڪ طرف سرزمين جي صورتحال اِها آهي ته ٻئي طرف 2017ع جي آدمشماريءَ جا انگ اکر جيڪا تصوير پيش ڪن ٿا، انهن جو سرزمين جي حقيقتن سان گهڻو تعلق نظر نه ٿو اچي. گذريل 19 سالن ۾ اهو ڪيئن ممڪن ٿيو ته سنڌ ۾ مجموعي آباديءَ جي واڌ جي شرح نه رڳو پنجاب، بلوچستان ۽ خيبرپختون خواه توڙي ويندي فاٽا کان به گهٽ رهي هجي. 2017ع جي آدمشماريءَ جي انگن اکرن جي ساک ان هڪ دليل ۽ ثبوت مان ئي واضح ٿي وڃي ٿي. موجوده پڌري ڪيل نتيجن مطابق ملڪ جي مجموعي آباديءَ جي واڌ جي شرح 56.58 سيڪڙو آهي پر جڏهن اِها شرح صوبن جي سطح تي اچي ٿي

ته نتيجا بيحد متضاد نظر اچن ٿا. ملڪ ۾ پنجاب جي آباديءَ جي 119 سيڪڙو جي حساب سان ورهاڱي جو آخر منطق ڪهڙو آهي؟ پنجاب ته ملڪ جو اهو صوبو آهي، جتي ملڪ جو وڏي ۾ وڏو وچولو طبقو رهي ٿو ۽ ان طبقي ۾ گهٽتا ٻار ڄڻڻ جو رجحان ٻنهي گهٽ هوندو آهي. ٻيو ته پنجاب ان حوالي سان به ملڪ جو واحد صوبو آهي، جتان وڏي انگ ۾ هر سال ماڻهو ٻاهرين ملڪن ڏانهن لڏپلاڻ ڪن ٿا، جن ۾ سندن پورهيت طبقي سان گڏ وچولو ڪاروباري طبقو توڙي پيشه ورانه شعبن ۽ نوجوانن جو وڏو انگ شامل هجي ٿو. ٽيون ته ٻين صوبن مان به پنجاب ڏانهن ايندڙ ماڻهن جو انگ نه هئڻ جي برابر آهي ته ان سموريءَ صورتحال ۾ آخر پنجاب جي آباديءَ جو 119 سيڪڙو جي حساب سان گڏريل ٻن ڍاڪن ۾ ورهاڱي جو ڪو منطق يا اُصول ۽ لاڙو سمجهه کان ٻاهر آهي. صاف نظر اچي ٿو ته 2009ع ۾ ستين مالياتي ايوارڊ ۾ پهريون ڀيرو 18 سيڪڙو ٻيا معيار به شامل ڪيا ويا هئا، مثال طور آباديءَ جي بنياد تي 82 سيڪڙو سان گڏوگڏ غربت ۽ معاشي پسماندگيءَ جي بنياد تي 10.3 سيڪڙو، آمدني ۽ پيداوار جي بنياد تي 5 سيڪڙو ۽ ايراضيءَ جي بنياد تي 2.7 سيڪڙو شامل ڪيا ويا هئا ۽ ان کي پنجاب جي وڏي "قرباني" قرار ڏنو ويو هو (اها ٻي ڳالهه آهي ته 1947ع کان 1971ع تائين جڏهن اوڀر پاڪستان شامل هو ۽ ان جي آبادي 57 سيڪڙو هئي ته آباديءَ جو معيار مالياتي ايوارڊ ۾ نلهو شامل به نه هو) نظر ائين پيو اچي ته پنجاب جي آباديءَ ۾ اها رڪارڊ واڌ ڏيکاري ستين مالياتي ايوارڊ ۾ 18 سيڪڙو ورهاست ٻين معيارن ۽ اُصولن تحت ڪرڻ واري فارمولي جو مالياتي حل ڳوليو ويو آهي.

(2) بلوچستان کي جيڪڏهن ملڪ جي وسيلن مان ماضيءَ جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ ۽ بهتر حصو ملندو ته سنڌ جون اکيون ٺڏيون، ان تي سنڌ کي ڪڏهن به اعتراض نه هوندو پر سوال اِهو آهي ته جنهن صوبي ۾ گذريل پندرنهن سالن کان ٻنهي حساس صورتحال آهي ۽ جيڪو صوبو ٻاهين مان گذريو آهي ۽ جتي ٻاهران ايندڙ ماڻهن جو تناسب 1998ع جي آدمشماريءَ جي ڀيٽ ۾ ٻنهي نه هئڻ جي برابر وچي رهيو آهي، اُتي آباديءَ جي واڌ جو تناسب سنڌ کان به وڌيڪ يعني 88 سيڪڙو ڪيئن ٿيو؟ آخر سرزمين تي ڪو ته اهڙو لاڙو نظر اچي، جنهن مان نظر اچي ته ڪنهن ٺوس سبب جي ڪري بلوچستان ۾ آباديءَ جي شرح ۾ ايترو واڌارو ٿيو آهي. بلوچستان ۾ پاڪستان جي 43 سيڪڙو ايراضي آهي ۽ اُتي 1998ع جي آدمشماريءَ موجب آباديءَ جي شرح 5.1 سيڪڙو (65 لک، 65 هزار 885) هئي پر هاڻوڪن نتيجن موجب گذريل 19 سالن ۾ بلوچستان جي آباديءَ ۾ لڳ ڀڳ 58 لک ماڻهن جو واڌارو ٿيو آهي ۽ هاڻي

سنڌن آبادي لڳ ڀڳ 66 لکن مان وڌي هڪ ڪروڙ 23 لک ٿي وئي آهي. بلوچستان جي آباديءَ ۾ 88 سيڪڙو واڌ جو بظاهر ته ڪوبه ٺوس سبب نظر نه ٿو اچي ۽ صاف نظر اچي رهيو آهي ته ان پٺيان سياسي سبب آهي ۽ ڏيڍ ڏهاڪي جي مسلسل آپريشن ڪانپوءِ ان جو حل سنڌن معاشي سدِباب جي صورت ۾ ڳوليو ويو آهي. حقيقت اِها آهي ته بلوچستان ڪي موجوده وسيلن ڪان به وڌيڪ وسيلا ملڻ گهرجن اهو ڪم مالياتي ايوارڊ ۾ ايراضيءَ جي فيڪٽر ڪي 2.7 سيڪڙو مان وڌائي چار يا پنج سيڪڙو ڪرڻ سان به ڪري سگهجي ٿو پر جيئن ته ان سان پنجاب جي حصي ۾ وڏي لاٽ ٿئي ها، ان ڪري ان جو سئولو حل بلوچستان جي آباديءَ جي اضافي جي صورت ۾ ڪڍيو ويو آهي.

(3) اهڙيءَ طرح خيبر پختون خواهه جا نتيجا پڻ حيرت ۾ وجهندڙ آهن، جنهن جي آباديءَ جي واڌ به سنڌ ڪان 14.7 سيڪڙو يعني لڳ ڀڳ پندرنهن سيڪڙو وڌيڪ ڏيکاري وئي آهي، يعني سنڌ جي شرح 57.3 آهي ته خيبر پختون خواه جي شرح 72 سيڪڙو آهي، جنهن مطابق 1998ع کان پوءِ گذريل 19 سالن ۾ خيبرپختون خواهه جي مجموعي آباديءَ ۾ هڪ ڪروڙ ۽ لڳ ڀڳ 28 لک آباديءَ جي واڌ ٿي آهي. بلوچستان وانگر هيءُ صوبو به ان عرصي دوران هڪ وڏي زلزلي ۽ مسلسل دهشتگرد ڪارروائين سبب عدم سلامتيءَ جو شڪار رهيو آهي ۽ هن صوبي مان گذريل ٻن ڏهاڪن ۾ سنڌ ۾ وڏ ۾ وڏ آبادي منتقل ٿي آهي ۽ ان ۾ اهي لکين افغاني پناهگير شامل نه آهن جيڪي پڻ افغانستان کان مسلسل هن صوبي جي معرفت سنڌ ۾ داخل ٿيندا رهيا آهن.

(4) ان سموريءَ صورتحال ۾ سنڌ جا نتيجا آباديءَ جي واڌ جي مجموعي شرح جي حساب سان اڇرج ۾ وجهڻ جوڳا آهن ۽ هتي مٿي ڄاڻايل سمورن سببن باوجود گذريل ٻن ڏهاڪن ۾ آباديءَ ۾ واڌ رڳو 57.3 سيڪڙو ٿي ۽ ان تحت سنڌ جي آباديءَ ۾ واڌ صرف پوڻا به ڪروڙ ٿي آهي، يعني جنهن صوبي ۾ ٻن صوبن ۽ ملڪ مان گهڻي ۾ گهڻا ماڻهو اچي آباد ٿيندا هجن ۽ جتان ٻين صوبن يا ملڪن ڏانهن لڏپلاڻ جي شرح نه هئڻ جي برابر هجي اتي ٻين صوبن کان به گهٽ واڌ ٿي هجي! ظاهر آهي ته ان جو تعلق سياسي سببن سان آهي، جنهن ڪري سنڌ جي آباديءَ جا انگ اکر هٿ وٺي اهڙا ظاهر ڪيا ويا آهن. سنڌ جهڙي ڳُتيل آباديءَ واري ۽ گهڻيون ٻوليون ڳالهائيندڙ صوبي ۾ آباد ڪُل گهراڻن جو انگ 85 لک ۽ 85 هزار هجي، اهو بلڪل صحافتي ٻوليءَ ۾ "ٽيبل اسٽوري" وارو قصو ٿو لڳي، جنهن جو سرزمين جي حقيقتن سان تعلق نظر نه ٿو اچي.

2017ع جي آدمشماريءَ ڪجهه ٻيا به لاڙا ظاهر ڪيا آهن، جن جي روشنيءَ ۾ اسان کي سنڌ جي حوالي سان سوچڻو پوندو. اهو آهي ملڪ ۾ وڌندڙ

"اربنائيزيشن" (شهري علائقن جي وڌڻ) جو عنصر. هونئن مجموعي طور اهو لقاءُ سموريءَ دنيا ۾ وڌي رهيو آهي ۽ ڪينيڊا جو شمار ته اهڙن ملڪن ۾ ٿئي ٿو جتي هاڻي لڳ ڀڳ 80 سيڪڙو آبادي شهرن ۾ رهي ٿي. پاڪستان ۾ به گذريل ڪجهه ڏهاڪن کان اهو لاڙو وڌيو آهي ۽ 2017ع جي آدمشماريءَ موجب سنڌ ۾ به هاڻي شهري علائقن جو تناسب 52 آهي. منهنجي خيال ۾ ان کان خوف کائڻ جي ضرورت نه آهي پر ان حوالي سان منفي پروپيگنڊا بجاءِ سنڌ جي شهرن کي سچ پچ شهري سهولتن جي بنياد تي شهري بڻائڻ جي گهرجي آهي. ايم ڪيو ايم ۽ ٻيون ڌريون غلط پروپيگنڊا ذريعي شهريءَ جو مطلب رڳو ڪراچي يا وڌ ۾ وڌ ڪراچي، حيدرآباد، سکر، نوابشاهه ۽ ميرپورخاص وٺن ٿيون، جڏهن ته حقيقت ۾ سنڌ ۾ شهري آباديءَ جو مطلب سنڌ جا 182 شهر آهن، جتي ميونسپل نظام يا ڍانچو موجود آهي. ان ڪري اسان کي ان ڪوڙي ۽ زهريلي پروپيگنڊا جو توڙ ڪڍڻو پوندو ته ٻهراڙيءَ جو مطلب رڳو سنڌي ۽ شهريءَ جو مطلب رڳو اردو ڳالهائيندڙ نه آهي. سنڌ ۾ اڄ به اردو ڳالهائيندڙن کان شهري سنڌين جو انگ وڌيڪ آهي ۽ اُهي ڪراچيءَ سميت سنڌ جي 182 ميونسپل شهرن ۾ رهن ٿا، اها ٻي ڳالهه آهي ته انهن شهرن جي حالت اهڙي آهي جو 21هين صديءَ ۾ انهن کي شهر سڏڻ به غلط ٿيندو. شهر رڳو نالو رکڻ ۽ ميونسپل جو بورڊ ۽ غيرفعال ڍانچو ٺاهڻ سان نه ٿهندا آهن پر شهرن جو مطلب اُهي سهولتون ۽ ترقياتي ۽ شهري ڍانچو هوندو آهي، جن جي بنياد تي ڪجهه علائقن کي شهر سڏبو آهي، هتي ته 182 شهرن مان ڪنهن هڪ شهر ۾ به رڳو پيئڻ جو صاف پاڻي به "شهرين" کي ميسر نه آهي.

ايم ڪيو ايم هميشه جيان هن ڀيري به آدمشماريءَ جي نتيجن کي بهانو بنائي اهو ثابت ڪرڻ جي چڪر ۾ آهي ته سنڌ جي آبادي ساڍا 5 ڪروڙ آهي ۽ ان ۾ ٽي ڪروڙ آبادي صرف ڪراچيءَ جي آهي ۽ سندن غلط دعويٰ مطابق ڪراچيءَ ۾ اردو ڳالهائيندڙ آباديءَ جي قطعي اڪثريت آهي، جڏهن ته حقيقت ان جي اُبتڙ آهي. هڪ ته ڪراچيءَ جي آبادي ٽي ڪروڙ يعني سنڌ جي آباديءَ جو 60 سيڪڙو نه آهي، اِها بدنيت پروپيگنڊا آهي، ٻيو ته ڪراچيءَ ۾ اردو ڳالهائيندڙ آبادي هاڻي اڪثريت ۾ نه آهي ۽ ويندي 1998ع جي آدمشماريءَ ۾ به ان جي شرح ڪراچيءَ ۾ 43 کان 46 سيڪڙو هئي ۽ جيئن ته گذريل ٻن ڏهاڪن ۾ ڪراچيءَ ۾ لڳ ڀڳ ٽيهه کان چاليهه لک سنڌين جو اضافو ٿيو آهي ۽ سنڌين سان گڏ ڪراچيءَ ۾ پختون، بلوچ ۽ سرائيڪي آباديءَ جو انگ تمام وڌيو آهي، ان ڪري ماهرن جو اندازو آهي ته هاڻي ڪراچيءَ ۾ اردو ڳالهائيندڙ آباديءَ جي شرح ڪنهن به صورت ۾ 37 سيڪڙو

ڪان مٿي نہ هوندي. ان ڪري سنڌ حڪومت ۽ سنڌ جي ماهرن کي ايم ڪيو ايم جي ان غلط پروپيگنڊا جو ڀرپور ۽ مدلل جواب ڏيڻو پوندو.

هڪ وڏيڪ اهم ڳالهہ تہ 18هين آئيني ترميم ڪانپوءِ آدمشماري هاڻي مرڪز جو صوابديدي اختيار نہ آهي، اهو گڏيل مفادن جي ڪائونسل يعني وفاقي لسٽ ٻي ۾ شامل آهي، جنهن ۾ صوبن کي آئيني طور وڏي نمائندگي مليل آهي ۽ افسوس اهو آهي تہ سنڌ حڪومت 2011ع کان وٺي هن اهم آئيني فورم کي گهربل سنجيدگيءَ ۽ اهليت سان استعمال نہ ڪيو آهي. هاڻي جڏهن سنڌ حڪومت بہ 2017ع جي آدمشماريءَ جي نتيجن تي اعتراض واريا آهن تہ پوءِ ان ڏس ۾ گڏيل مفادن جي ڪائونسل کي ڀرپور استعمال ڪرڻ گهرجي. افسوس اهو آهي تہ سنڌ ۾ اهڙن حساس معاملن بابت سنڌ حڪومت وٽ ڪابينا ڪانسواءِ ڪوبہ ماهرن جو اهڙو مستقل ادارو يا ڪميشن موجود نہ آهي، جيڪو حڪومت کي اهڙن حساس ۽ اهم آئيني ادارن ۾ سنڌ جي ڀرپور ڪيس رکڻ لاءِ ماهرانہ نموني واسطيدار شعبن جا مدلل ڪيس ٺاهي ڏي. اڄ بہ سنڌ جو هڪ ماهر قيصر بنگالي بلوچستان حڪومت جو ڪيس وڙهي رهيو آهي، جو هو سنڌ حڪومت سان نہ هلي سگهيو ۽ سنڌ جا بہ اهم معاشيات جا ماهر ڊاڪٽر حفيظ پاشا ۽ سندس گهر واري ڊاڪٽر عائشہ پاشا پنجاب حڪومت لاءِ ڪم ڪري رهيا آهن. سنڌ ۾ اڃا بہ ماهرن جي ڪوٽ ناهي پر سنڌ حڪومت ان ڏس ۾ ڪوبہ سنجيده قدم کڻڻ لاءِ تيار نہ آهي. سوال اهو آهي تہ سنڌ حڪومت هن پيري مڪمل تياريءَ سان سنڌ جو ڪيس سي سي آءِ ۾ رکي سگهندي ۽ ڪي ٺوس نتيجا حاصل ڪندي يا اخبارن ۾ ٺلها اعتراض يا بيان جاري ڪندي؟

آخري ڳالهہ جيڪا هنن نتيجن مان ظاهر ٿي آهي تہ صوبن جي حقيقتن ۽ تڪرارن کان هٽي ڪري بہ پاڪستان ۾ آباديءَ جي مجموعي واڌ جي شرح خوفناڪ حد تائين وڏيڪ آهي. جي ٻن ڏهاڪن اندر آباديءَ جي وڌڻ جي شرح 56.58 سيڪڙو هوندي تہ تصور ڪري سگهجي ٿو تہ ايندڙ ٽيهن سالن ۾ ملڪ ۽ صوبن جي آباديءَ جي ڇا صورتحال بيهندي؟ هن ملڪ ۾ هڪ تہ آباديءَ جي واڌ جي شرح کي گهٽائڻ لاءِ حڪومتي سطح تي ڪا وڏي رٿابندي ناهي ۽ ان جو هڪ ٻيو سبب مختلف قومن، نسلي ۽ لساني گروهن جا پاڻ ۾ تڪرار ۽ پنهنجو انگ وڌائڻ جي ڪوڙ بہ آهي. اها اجائي ڊوڙ تيستائين ختم نہ ٿيندي جيستائين ملڪ ۾ شفاف ۽ حقيقي آدمشماري نہ ٿي ٿئي ۽ مالياتي ايوارڊ ۾ آباديءَ جي فيڪٽر کي 82 سيڪڙو کان نہ ٿو گهٽائجي.

*(روزاني ڪاوش حيدرآباد، 29 آگسٽ 2017ع)*

# رينجرز جا اختيار، صوبائي خودمختياري ۽ سنڌ ۾ ڪرپشن جو خاتمو!

سياست جي دنيا بہ عجيب آهي، صورتحال پيچيده ٿئي ٿي تہ ان بابت ماڻهن جا رايا، رويا، خيال ۽ مطالبا پڻ نہ رڳو تبديل ٿين ٿا، پر تضادن جو شڪار پڻ ٿين ٿا. ڪنهن تصور ڪيو هو تہ ڪا اهڙي صورتحال بہ سامهون ايندي جو پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي صوبائي حڪومت سنڌ ۾ رينجرز جي اختيارن کي محدود ڪرڻ تي زور ڏيندي ۽ ڪجهہ قومپرست ۽ روشن خيال تنظيمون ۽ ڪيترائي سجاڻ ماڻهو ڪراچيءَ ۾ دهشتگرديءَ سميت پوريءَ سنڌ ۾ حڪومتي سطح تي بدترين ڪرپشن جي صورتحال کي سامهون رکندي مطالبو ڪندا تہ "رينجرز جا سنڌ ۾ اختيار نہ رڳو بحال ڪيا وڃن پر وڌايا پڻ وڃن". گذريل ٻن هفتن کان سنڌ ۾ رينجرز جي اختيارن جي بحاليءَ ۽ واڌ جو مسئلو نہ رڳو سنڌ اندر بلڪ مرڪزي حڪومت ۽ سنڌ حڪومت وچ ۾ پڻ شديد تڪرار جو سبب ۽ موضوع بڻيل رهيو. نيٺ اربع واري ڏينهن سنڌ اسيمبليءَ مان پاڪستان پيپلز پارٽيءَ هڪ تڪڙو ٺهراءُ پاس ڪرائي، معاملي کي هڪ حد تائين حل ڪيو آهي پر ٺهراءَ ۾ رينجرز جي اختيارن کي نہ رڳو محدود ڪيو ويو آهي پر صوبائي ڪاتن تي ڇاپن، دهشتگردن جي سهولتڪاريءَ جي شڪ ۾ امڪاني گرفتارين کي پڻ صوبائي حڪومت جي اڳواٽ اجازت سان مشروط ڪيو ويو آهي. هن پيچيده منظرنامي ۾ اسان کي هيٺين نقطن تي ڳهرائيءَ سان غور ويچار ڪرڻو پوندو:

(1) ان ڳالهہ کان قطع نظر تہ هن وقت سنڌ ۾ ڪهڙي پارٽيءَ جي حڪومت آهي ۽ ان جي ڪارڪردگي ڇا آهي، اها ڳالهہ اهم آهي تہ 18 هين آئيني ترميم سان صوبن جي حيثيت ۾ هڪ حد تائين خودمختياري وڌي آهي ۽ صوبائي اسيمبلي توڙي حڪومت جي اختيارن جو دائرو وسيع ٿيو آهي. اهو ئي سبب آهي جو پاڪستان جي سياسي تاريخ ۾ پهريون ڀيرو وفاقي حڪومت ۽ خود رينجرز جهڙو سگهارو سمجهيو ويندڙ ادارو بہ گڏجي هن ڀيري سنڌ اسيمبليءَ يا حڪومت کان پنهنجيءَ مرضيءَ جو ٺهراءُ پاس ڪرائي يا فيصلو

ڪرائي نہ سگهيا. منهنجيءَ نظر ۾ صوبن جي اهڙي خودمختيار حيثيت مجموعي طور حقيقي وفاقي پارلياماني نظام، صوبن جي آئيني خودمختياري ۽ وفاق ۽ صوبن جي وچ ۾ اختيارن جي توازن لاءِ بيحد اهم ۽ مثبت آهي. اُها بي ڳالهہ آهي تہ حڪومت طرفان رينجرز کي اختيار نہ ڏيڻ جو اهم سبب صوبي جي آئيني، سياسي ۽ انتظامي خودمختياريءَ کي يقيني بڻائڻ نہ پر اهو خوف هو تہ اُها سندن ڪرپٽ وزيرن ۽ ڪامورن تي سوگهو هٿ وجهي سگهي ٿي. ڇاڪاڻ تہ جيڪڏهن سنڌ حڪومت کي سنڌ جي صوبائي خودمختياريءَ جي ايتري ڳڻتي هجي ها تہ اُها 18 هين آئيني ترميم تحت مرڪز کان سمورا اختيار مڪمل طور وٺڻ ۾ ڪامياب وڃي ها، انهن مالياتي ايوارڊ ۾ سنڌ جو پرپور ڪيس وڙهي ها ۽ وڏي ڳالهہ تہ گڏيل مفادن واري ڪائونسل جي اهم ترين آئيني فورم کي سنڌ جي مفادن جي بچاءَ لاءِ وڏيءَ قابليت ۽ پرپور طريقي سان استعمال ڪري ها. ان باوجود سنڌ بابت اهم فيصلا ڪرڻ جو اختيار مرڪزي حڪومت يا رينجرز وٽ وڃڻ بدران سنڌ اسيمبليءَ وٽ رهڻ ڊگهي مُدي جي مفادن جي لحاظ کان هڪ اهم ترين ڳالهہ آهي. صوبن بابت اهم يا حتمي فيصلن جو اختيار ۽ استحقاق ڪڏهن بہ ۽ ڪهڙيءَ بہ صورتحال ۾ وفاقي حڪومت يا سيڪيورٽي ادارن وٽ نہ هئڻ گهرجي، ڇاڪاڻ تہ ان جا ڊگهي مُدي وارا نتيجا نهايت خراب هوندا ۽ صوبي جي محدود خودمختياريءَ جو بہ نُور چَٽُ ٿي ويندو. سنڌ ۾ گذريل ڪيترن ئي ڏهاڪن کان حڪومتن جا بہ ماڊل سامهون آيا آهن، هڪڙو ماڊل پيپلز پارٽيءَ جي حڪومت جو ۽ ٻيو نئين گروهن ۽ متحده جي گڏيل حڪومتن جو. سنڌ ۾ ٻئي ماڊل بدترين ثابت ٿيا آهن ۽ ڪنهن ٽئين ماڊل جو في الحال تہ پري پري تائين ڪو بہ امڪان نظر نٿو اچي تہ پوءِ ڇا حڪومت جي افعالن کي ڏسي سنڌ جي خودمختيار آئيني ۽ سياسي حيثيت جي سوال کي ڇڏي ڏجي؟ مان سمجهان ٿو تہ هرگز نہ! پاڪستان پيپلز پارٽيءَ يا ٻي ڪنهن بہ پارٽيءَ جي سنڌ حڪومت ۾ ڪارڪردگي ڪيتري بہ خراب ڇو نہ هجي پر پوءِ بہ سنڌ بابت اهم فيصلن جو اختيار ۽ استحقاق سدائين سنڌ اسيمبليءَ وٽ رهڻ گهرجي.

(2) پاڪستان پيپلز پارٽي جڏهن رينجرز کي اختيار ڏيڻ جي حوالي سان صوبي جي آئيني خودمختياريءَ تي ايترو زور ڏئي ٿي تہ اِها سٺي ڳالهہ آهي پر ان کي اهو پڻ سوچڻ گهرجي تہ سندن سنڌ ۾ حڪمرانيءَ جو انداز پڻ صوبائي خودمختياريءَ جو آئيني ۽ سياسي استحقاق مجروح ڪرڻ جي مترادف رهيو آهي. 2012ع ۾ سنڌ اسيمبليءَ مان سنڌ ۾ ٻٽي مڪاني حڪومتن جي نظام جو

ڪارو قانون بہ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ ئي سنڌ اسيمبليءَ مان پاس ڪرايو هو ۽ اِهو بہ چند گهڙين ۾ ۽ ان ڏس ۾ پارٽيءَ طرفان پنهنجن ئي ميمبرن تي پڻ بندش پيل هئي تہ اُهي ان تي اکر بہ نہ ڪُڇندا. گذريل حڪومت ۾ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي وفاقي حڪومت پڻ بابر اعوان ۽ رحمان ملڪ معرفت سنڌ حڪومت جي خودمختياريءَ جو استحقاق مسلسل مجروح ڪندي رهي. چوڌري نثار ڪيترو بہ ڳالهائڻ جو ڇُوٽ ڇو نہ هجي پر وري بہ وفاقي حڪومت سنڌ حڪومت ۽ اسيمبليءَ جو لحاظ رکيو. گذريل حڪومت ۾ تہ رحمان ملڪ ۽ بابر اعوان اڌ رات جو گورنر هائوس ۾ اچي آرڊيننس جاري ڪندا هئا ۽ ڪيترن حساس موقعن تي وڏي وزير کي بہ اعتماد ۾ وٺڻ جي ضرورت محسوس نہ ڪئي وئي. ان ڪري پارٽيءَ کي اهو سمجهڻ گهرجي تہ سنڌ اسيمبليءَ ۽ سنڌ حڪومت جي آئيني اختيارن ۽ سياسي خودمختياريءَ جي نفيءَ جو اختيار يقيني طور وفاقي حڪومت ۽ رينجرز کي تہ نہ هئڻ گهرجي پر اهو اختيار سنڌن حڪومت يا دبئيءَ ۾ ويٺل پارٽي قيادت کي بہ نہ هئڻ گهرجي. ان ڏس ۾ اها ڳالهہ بہ اهم آهي تہ جيڪڏهن سنڌ بابت فيصلا اسلام آباد مان نہ ٿيڻ گهرجن تہ ساڳئي وقت اهو سوال بہ اهم آهي تہ اُهي فيصلا آخر دبئيءَ مان ڇو ٿيڻ گهرجن؟ نظر ائين ٿو اچي تہ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي حڪومتن هيٺ 2008ع کان 2012ع تائين سنڌ جا فيصلا ايوانِ صدر مان ٿيندا هئا ۽ هاڻي دبئيءَ مان ٿي رهيا آهن ۽ اها پڻ سنڌ جي آئيني ۽ سياسي خودمختياريءَ جي نفي آهي.

(3) رينجرز جي سنڌ ۾ موجودگيءَ جو معاملو ايترو سادو ناهي، جيترو بظاهر ڏسڻ ۾ اچي ٿو. رينجرز کي پهريون ڀيرو 1992ع ۾ سنڌ ۾ ۽ خاص طور تي ڪراچيءَ ۾ عارضي طور گهرايو ويو هو پر پوءِ نہ تہ ڪراچيءَ ۾ ڪڏهن بہ جٽادار امن قائم ٿيو نہ ڏوهارين ۽ دهشتگرد ڪارروائين ۾ گهٽتائي آئي ۽ نہ ئي وري رينجرز کي واپس بارڊر تي موڪلڻ جي ڪابہ صوبائي حڪومت جرئت ڪري سگهي. سنڌ جا ڪيترائي ساک رکندڙ سينيئر پوليس آفيسر ان راءِ جا آهن تہ جڏهن بہ سنڌ ۾ حڪومتي سطح تي رينجرز جي سنڌ مان واپسيءَ جو معاملو اُٿندو هو تہ ڪراچيءَ ۽ اُتر سنڌ ۾ حالتون اوچتو خراب ٿي وينديون هيون. گذريل 23 سالن دوران سنڌ جون حڪومتون رينجرز تي سنڌ ۾ لڳ ڀڳ 580 ارب روپيا خرچ ڪري چڪيون آهن پر سنڌ ۾ ۽ خاص طور ڪراچيءَ ۾ ڪڏهن بہ نہ تہ دهشتگرديءَ ۽ ڏوهن جو خاتمو آيو ۽ نہ وري جٽادار امن بحال ٿي سگهيو جڏهن تہ جي اِها رقم سنڌ ۾ پوليس تي خرچ ڪئي وڃي ها ۽ پوليس

۾ پرتيون ميرٽ جي بنياد تي ڪيون وڃن ها ته اڄ سنڌ پوليس ۾ اِها صلاحيت هر سطح تي موجود هجي ها ته اُها ڏوهن ۽ دهشتگرديءَ کي وڏيءَ ڪاميابيءَ سان مُنهن ڏئي سگهي ها. ٻيو ته رينجرز جيڪا بظاهر اڄ متحده خلاف آپريشن ڪندي نظر اچي ٿي، اُها گڏريل ٻن ڏهاڪن کان ان ڏس ۾ ڪجهه به ڪندي نظر نه آئي. ساڳيءَ طرح سنڌ ۾ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ کان اڳ به ڄام صادق، مظفر شاهه، لياقت جتوئيءَ، ارباب غلام رحيم جهڙن بدترين ڪرپٽ ۽ نااهل حڪومتون رهيون، پر ان سموري ٻن ڏهاڪن جي عرصي ۾ رينجرز کي سنڌ ۾ ڪرپشن خلاف ڪجهه ڪرڻ جي ضرورت ڇو پيش نه آئي؟ پرويز مشرف جا 9 سال متحده سنڌ ۾ اڇي ڪاري جي مالڪ هئي ۽ اُها مبينا طور ڏوهن ۽ زمينن جي ناجائز الاٽمينٽ ۾ به رڪارڊ حد تائين ملوث هئي ۽ رينجرز کي اختيار ڏيڻ لاءِ سنڌ اسيمبليءَ جي محتاجي به نه هئي، پوءِ ان وقت ڀلا ڇو ان کي فيصلائتو ڪردار ادا ڪرڻ ۽ آپريشن ڪرڻ جو خيال نه آيو؟ ان مان ثابت ٿئي ٿو ته هن مخصوص صورتحال ۾ رينجرز کي اختيار حاصل ڪرڻ يا آپريشن ڪرڻ جي ارادي جا ڪي مخصوص سياسي ۽ اسٽريٽجڪ سبب آهن.

(4) سنڌ ۾ هن وقت رينجرز ۽ ملڪي سطح تي فوج کي اهم اختيار ڏيڻ جا خاص سبب آهن. مان نه ٿو سمجهان ته آئيني ترميم تحت فوج کي جيڪي اختيار ڏنا ويا، اُهي سياسي قوتن ڪو پنهنجي رضامنديءَ ۽ خوشيءَ سان ڏنا هئا. اِها هڪ مخصوص صورتحال هئي، جنهن ۾ اڳواٽ طئي ٿيل منصوبي تحت اها ترميم آئين ۾ ڪئي وئي. سوال آهي ته جڏهن موجوده آئين تحت هونئن به حڪومت فوج کي ڪنهن به ايمرجنسيءَ جي صورت ۾ ڪنهن خاص ٽاسڪ لاءِ گهرائي سگهي ٿي ته پوءِ ان لاءِ آئين ۾ ترميم ڇو ڪئي وئي؟ حقيقت ۾ 18 هين آئيني ترميم کانپوءِ ملڪ جي وفاقي پارلياماني نظام ۾ اسٽيبلشمينٽ جا سياسي اختيار حاصل ڪرڻ يا فيصلن تي سڌيءَ ريت ايوانِ صدر ذريعي اثرانداز ٿيڻ جا دڳ بند ٿي چڪا آهن. ان صورتحال پهريان ڪجهه سال اسٽيبلشمينٽ کي ڪافي پريشان ڪيو ۽ پوءِ 2013ع کانپوءِ جيئن ئي نئون سياسي سيٽ اپ آيو ته پهرين اسلام آباد ۾ ڌرڻن جي صورت ۾ نواز شريف جو "ڏنگ" ڪڍيو ويو ۽ پوءِ رينجرز ذريعي سنڌ کي مڪمل طور ڪنٽرول ڪرڻ جي شروعات ڪئي وئي. بلوچستان هونئن ئي سندن واڳن هيٺ آهي ۽ خيبر پختونخوا ۾ جنهن پارٽيءَ جي حڪومت آهي، اُها هونئن به سندن پنهنجي آهي. چيو وڃي ٿو ته سنڌ جو وڏو وزير سنڌ ۾ ايپڪس ڪميٽيءَ جي اجلاس ۾ پنهنجو ڪو ڇڙتو موقف به پيش نٿو ڪري سگهي.

اسان کي پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي نااهل ۽ خراب حڪمرانيءَ تي سوين اعتراض آهن پر ڇا ان جو اِهو معقول حل هوندو تہ سنڌ ۾ عملي طور حڪومت اسٽيبلشمينٽ ۽ رينجرز جي حوالي هجي؟ سنڌ ۾ اڄ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي حڪومت آهي ۽ ممڪن آهي تہ سڀاڻي اُها نہ هجي پر جي هيءَ روايت پاڙون هڻي وئي ۽ ان کي عوامي يا مخالف جماعتن جي حمايت ذريعي سگهارو ڪيو ويو تہ پوءِ آئين صوبائي خودمختياريءَ بابت ڇا بہ چوي پر سنڌ ۾ عملي طور سمورا اختيار اسٽيبلشمينٽ وٽ ئي رهندا، جنهن جا ڏکهي مُدي وارا نتيجا تمام خوفناڪ نڪري سگهن ٿا. سياسي حڪومت سان تہ ماڻهو ڳالهائي سگهي ٿو، سنڌن خلاف کُليل احتجاج بہ ڪري سگهي ٿو، سنڌن پاليسين تي تنقيد ڪري سگهي ٿو ۽ ڪين مڪمل طور رد بہ ڪري سگهي ٿو پر سڀاڻي ورديءَ وارن سان حساب ڪتاب ڪير ڪندو؟ ان ڪري مان سمجهان ٿو تہ سنڌ ۾ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ بابت اسان جا اعتراض ۽ شڪايتون پنهنجيءَ جاءِ تي، پر رينجرز يا ڪنهن بہ اداري کي سنڌ اسيمبليءَ جي آئيني ۽ سياسي استحقاق تي مٿيرائي ڪنهن بہ صورت ۾ نہ هئڻ گهرجي.

(5) سنڌ ۾ اِها پيچيدگي بہ بحث هيٺ اچڻ گهرجي تہ هڪ طرف جڏهن اسان اهو اُصولي موقف رکون ٿا تہ وفاق يا ڪنهن بہ رياستي اداري کي سنڌ اسيمبليءَ جي پيٺ ۾ وڏيڪ اختيار نہ هئڻ گهرجن ۽ اهو بہ تہ هڪ سيڪيورٽي ايجنسيءَ جو صوبي جي سٺي يا خراب انتظامي معاملن يا ڪرپشن سان ڇا وڃي؟- اُتي اِهو سوال يقيني طور اهميت اختيار ڪري وڃي ٿو تہ پوءِ آخر سنڌ ۾ بدترين ڪرپشن، نااهليءَ، اقرباپروريءَ، قانون جي لتاڙ ميرٽ جي نفيءَ کي ڪير ڏسندو؟ انهن جو احتساب ۽ سدِباب ڪير ڪندو؟ جي ان جو جواب عوام جو ووٽ آهي تہ اهو جواب ناڪافي آهي. ووٽ ماڻهو رڳو پنهنجيءَ پسند سان نٿو ڏئي پر مجبوريءَ ۽ مصلحت تحت بہ ڏئي ٿو ۽ ووٽ ذريعي احتساب ٽين دنيا جي پس منظر ۾ هڪ محدود ۽ ناقص حل آهي. ان جا ڪي ادارتي طريقا بہ هئڻ گهرجن. ڇاڪاڻ تہ لڳي ائين ٿو تہ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي سنڌ ۾ حڪومت جي مرضي اِها آهي تہ اُها مسلم ليگ (ن) سان مرڪز ۾ ڊيل ڪري ايف آءِ اي ۽ نيب جي ڪارروايئن کي محدود ڪري ۽ ٻئي طرف سنڌ اسيمبليءَ مان پاس ڪرايل ٺهراءَ ۾ رينجرز جا اختيار هونئن ئي محدود ڪيا ويا آهن. مخالف ڌر سنڌ ۾ هونئن بہ اثرائتي ڪانهي. متحده کي رڳو پنهنجن مخصوص مفادن جي بچاءَ سان مطلب آهي، ان ڪري اُها بيا معاملا انهيءَ شدت سان ڪڍهن بہ نہ کڻندي، جو سنڌن ناجائز مفاد حڪومتن سان

سلهاڙيل هوندا آهن. سنڌ ۾ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي ڪرپشن تي ڳالهائيندڙ قومپرست اسيمبلين ۾ ڪونہ آهن. ان ڪري سنڌ ۾ اهو سوال تمام اهم آهي تہ پوءِ آخر سنڌ ۾ حڪومت جي بدترين ڪرپشن جو سدِباب ڪير ڪندو؟ ڇا صوبائي خودمختياريءَ جي آڙ ۾ سنڌ ۾ حڪومت کي مڪمل بي لغام ڇڏي ڏجي تہ اُها ميرٽ جون ڌڄيون اُڏائي ۽ ڪرپشن ۽ نااهل حڪمرانيءَ جا نوان مثال قائم ڪري؟ مان سمجهان ٿو تہ ان لاءِ ضروري آهي تہ سنڌ ۾ مخالف ڌر جا ميمبر يا خود حڪمران جماعت جا ڪي ذميوار ميمبر (جي آهن تہ) هڪ بل اسيمبليءَ ۾ پيش ڪن ۽ سنڌ اسيمبليءَ مان پاس ڪرايل قانون تحت هڪ اهڙو ساک وارو ادارو قائم ڪيو وڃي، جيڪو صوبي ۾ بي قاعدگين، ڪرپشن ۽ اقرباپروريءَ کي ہنجو ڏيڻ ۾ اثرائتو ڪردار ادا ڪري. اهڙي اداري ۾ حڪومتي ميمبرن سان گڏ مخالف ڌر جا بہ ميمبر توڙي سماج جا ساک وارا ميمبر پڻ شامل هئڻ گهرجن ۽ اهڙي اداري کي گڏيل مفادن جي ڪائونسل وانگر پڻ قانوني طور پابند ڪيو وڃي تہ سنڌن ڇهہ ماهي رپورٽون سنڌ اسيمبليءَ ۾ پيش ٿين. ان ۾ اها بہ گنجائش رکي وڃي تہ ڪوبہ شهري ڪرپشن، اختيارن جي ناجائز استعمال، وسيلن جي غلط استعمال توڙي ڪنهن بہ قسم جي باقاعدگيءَ لاءِ آسان طريقي سان شڪايت ڪري سگهي ۽ اهڙو ادارو نہ تہ نيب جيان ڌر بڻيل هجي ۽ نہ وري صوبائي محتسب جي آفيس جيان بي اختيار هجي. اهو ادارو مڪمل طور بااختيار هئڻ گهرجي. پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي موجوده حڪومت ۽ قيادت کي اهو چڱيءَ طرح سمجهڻ گهرجي تہ سنڌ جا ماڻهو جتي سنڌ ۾ سنڌ اسيمبليءَ جي حتمي ۽ خودمختيار حيثيت چاهين ٿا، اُتي هو اها اميد ۽ مطالبو پڻ ڪن ٿا تہ سنڌ جي اسيمبليءَ ۽ حڪومت کي سنڌ جي حقيقي ترجماني ڪرڻ گهرجي. سنڌ ۾ اقتدار ۽ عوام جي ووٽ کي رڳو ڪرپشن ۽ اختيارن جي ناجائز استعمال جي ڏاڪڻ نہ سمجهڻ گهرجي. سنڌ جي آئيني ۽ سياسي خودمختياريءَ جو مطلب ان ڪانسواءِ ٻيو ڪجهہ بہ نہ آهي ۽ نہ هئڻ گهرجي تہ سنڌ ۽ ان جي عوام جي سياسي، معاشي، تعليمي، شهري ۽ سمورن حقن جو مڪمل تحفظ ڪيو وڃي ۽ جي موجوده حڪومت اهو نٿي ڪري تہ پوءِ ڇو نہ اِهو سمجهيو وڃي تہ سنڌ جي خودمختياريءَ تي راتاهي ۾ اُها بہ برابر جي شريڪ آهي!

(جمع 18 ڊسمبر 2015ع)

# سنڌ ۾ آئيني جمهوريت آهي يا بادشاهي ؟

سنڌ هاءِ ڪورٽ، سنڌ حڪومت طرفان سنڌ جي آءِ جي اي ڊي خواجه کي منصب تان هٽائڻ خلاف ڪنيل قدم کي رد ڪندي اي ڊي خواجه کي بحال ڪري ڇڏيو. جيتوڻيڪ آفيسرن جون بدليون انتظامي سطح تي هڪ معمول جو عمل آهي پر اي ڊي خواجه جي بدلي تي عدالت ۽ سنڌ توڙي ملڪ ۾ ماڻهن جي ردِعمل مان گهڻا سوال جنم وٺن ٿا، جن جو سڌو تعلق سنڌ ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي جي حڪومت ۽ حڪمرانيءَ جي انداز سان آهي. ان ڳالهه ۾ ڪو شڪ نه آهي ته اي ڊي خواجه جي سماج ۾ عزت پنهنجي پيشه ورانه ڪردار ۽ ساک جي ڪري آهي، نه ته عام طور اعليٰ انتظامي منصبن تي ڪير اچي ٿو ۽ ڪير وڃي ٿو، ماڻهن کي ان جي ڪا به پرواهه نه هوندي آهي. اي ڊي خواجه جهڙن ماڻهن کي عوام طرفان ملندڙ عزت ان ڳالهه جو ثبوت آهي ته جيڪڏهن ڪو پيشه ورانه طور صاف ڪردار رکندڙ آفيسر هن ئي عوام دشمن سرشتي ۾ ڪم ڪري ٿو ته عوام انهيءَ کي جيءَ ۾ جايون ڏئي ٿو. سنڌ ۾ اهڙن ڪيترن ئي ساک وارن آفيسرن جا نالا وٺي سگهجن ٿا، جن پنهنجي ڪردار سان عوام جي جيءَ ۾ جايون جوڙيون آهن، ان ڪري اهو مان فردن کي نه، پر ڪردار کي آهي.

اي ڊي خواجه کي آءِ جي جي منصب تان هٽائڻ تي ماڻهو ان ڪري به ارها ٿيا، جو حڪومت ان بابت ڪو به ٺوس جواز ڄاڻائي نه سگهي ته آخر هن ڪهڙو غلط ڪم ڪيو يا قانون جي پڪڙ ڪئي، جو مٿس اهو قدم کڻڻ لازمي ٿي پيو هو. سوال آهي ته جيڪڏهن هڪ آءِ جي سطح جي ساک واري آفيسر کي ائين شاهي فرمان ذريعي هٽايو ويندو ته صاف ظاهر آهي ته صوبي ۾ مجموعي طور بيوروڪريسي کي ڪهڙي انتظامي ۽ سياسي ڪلچر تحت هلايو ۽ ڪانئن ڪم ورتو ويندو هوندو؟ ڇا هي آئيني جمهوريت آهي يا بادشاهت، جنهن ۾ صوبي جا فيصلا هڪ شخص آصف زرداري جي مرضي تحت ٿيندا هجن؟ ظاهر آهي ته اي ڊي خواجه "بادشاهه" سلامت جي "حڪمن" جي تعميل ۽ فرمانبرداري نه ڪري سگهيو هوندو، ان ڪري مٿس "دربار" جا "صاحب" ڇڙي پيا. اهو ته ڇڱو جو ميڊيا آزاد آهي، جيڪا دربار جا راز عوام آڏو فاش ڪري ٿي ۽ عدالتون ڪجهه سرگرم آهن، نه ته هتي قديم زماني جو

بادشاهي راڄ هجي ها.

جمهوري حڪومتن ۾ آفيسرن جون مقرريون يا بدليون ادارن ۽ شعبن جي ڪم، ڪردار ۽ ساک کي بهتر ڪرڻ لاءِ ڪيون وينديون آهن ۽ ان جو مجموعي مقصد اهو هوندو آهي ته عوام جي خدمت ۾ ادارن جو وڌيڪ سرگرم ۽ بهتر ڪردار هجي پر سنڌ ۾ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جيڪو اقربا پرور ڪلچر پيدا ڪيو آهي، ان ۾ رڳو ميرٽ جي لتاڙ، نوڪريون پنهنجي من پسند ماڻهن کي ڏيڻ ئي شامل ناهي پر هر اداري ۾ هر سطح تي "پنهنجو ماڻهو" ويهارڻ جي ڪلچر هيءَ سموري تباهي ڪئي آهي. اهو "پنهنجو ماڻهو" ڪلچر آمرن پيدا ڪيو پر موجوده حڪمران ٽولي ۽ خاص طور آصف علي زرداريءَ سنڌ ۾ هڪڙو بادشاهت جو ڪلچر پيدا ڪيو آهي، يعني "فرمانبردار" کي سڀ ڪجهه ڦبندو ۽ "نافرمان" کي عتاب هيٺ رکيو ويندو. ڇا اهڙي سياسي ۽ انتظامي ڪلچر کي جمهوري حڪمراني سڏي سگهجي ٿو؟ اي ڊي خواجه کي اهڙي انداز سان منصب تان هٽائڻ جو نياپو سنڌ بيوروڪريسي کي ڇا ويو؟ فرمانبردار اهم منصبن تي رهي سگهندا ۽ قانون جي پاسداري ۽ پنهنجي ضمير ۽ پيشه ورانه تقاضائن تحت ڪم ڪندڙ هتي ڪم نه ڪري سگهندا. سنڌ ۾ خراب حڪمرانيءَ، بدانتظامي ۽ ادارن جي زوال جو هڪ سبب اهو به آهي ته هر سطح تي اڪثريتي جاين تي غلط ماڻهو ويٺل آهن. جيڪو باضمير ماڻهو اتفاق سان ڪنهن منصب تي رسي ٿو وڃي ته پوءِ اهو بادشاهه ۽ سندس دربار لاءِ ناپسنديده شخص بڻجيو وڃي. آصف علي زرداريءَ جي مفاهمتي سياست هوندي ئي سنڌ ۾ مخالف سياست جا در بند ڪري ڇڏيا آهن، عوام ۽ سنڌ جي وسيلن جي ڦرمار جي ديڳ چوويهه ڪلاڪ چڙهي پئي آهي ۽ سنڌ ۾ سموري امير ۽ وڏيرڪي طبقي کي ڪوٺ آهي ته اچو اچي هن ئي ديڳ مان کائو مخالفت مان توهان کي ڇا ورندو؟ جمهوريت جو روح مخالفت، اختلاف ۽ مخالف ڌر هوندا آهن ۽ سنڌ اسيمبليءَ ۾ آهي ڪا حقيقي مخالف ڌر يا نظر اچي ٿو ته سياڻي هوندي؟ رهي بيوروڪريسي ته هڪ ته انهن جو وڏو حصو هوندي ئي بادشاهي نظام ۾ ڪم ڪندي دربار جو سلامي آهي ۽ جيڪي چار "مٿي ڦريا" اٿين نه ٿا ڪن، انهن کي به عدالتن ڏانهن واجهائڻو پوندو- پر عدالتون به آخر ڪيستائين؟ ڇاڪاڻ ته بنيادي طور اهو ڪم ۽ استحقاق عدالتن جو نه آهي. عدالت جي هن فيصلي کانپوءِ وڏن آفيسرن کي هٽائڻ جا فيصلا ڪابينا ذريعي ڪيا ويندا. ڪابينا ۾ هوندو ڪو هڪ به وزير، جيڪو آصف علي زرداري جي خواهشن جي نافرماني جو سوچي به سگهي؟ آصف علي

زرداريءَ تہ سنڌ ۾ سياسي ۽ تنظيمي ڪلچر ئي اهو جوڙيو آهي تہ، "جيڪڏهن موجون ڪرڻيون اٿو تہ چُپ رهو، زبانون گروي رکو ۽ ڪيسا ۽ تجوڙيون ڀرينداوجو." پارٽي ۾ ماڻهو شهيد ڀٽي سان اختلاف ڪندا هئا، بينظير صاحبہ سان کليل اختلاف ڪندا هئا ۽ پوءِ بہ يا پارٽيءَ جا اڳواڻ رهندا هئا، پر هاڻي ڪو آهي، جيڪو آصف علي زرداريءَ کي چوي تہ هن پارٽي کي جيڪو نقصان ضيا ۽ مشرف نہ ڏئي سگهيا، اهو "تو" ڏنو آهي. مون کي تہ ڪو بہ نٿو سجهي! اهو نسل ئي ويو هليو، جيڪو اختلاف ڪري سگهندو هو ۽ اهي اڳواڻ بہ ويا هليا، جيڪي اختلاف ٻڌي سگهندا هئا. خراب حڪمرانيءَ، ادارن جي زوال، اقربا پروري ۽ ڪرپشن جي ڪلچر سنڌ ۾ اهڙو ماحول جوڙيو آهي، جو ماڻهو منجهي پيا آهن تہ ڪين اجا بہ مرڪز سان وڏيڪ خودمختياريءَ جي ويڙهہ ڪرڻ گهرجي يا بادشاهت جي راڄ کان نجات لاءِ سندرا ٻڌڻ گهرجن، ڇاڪاڻ تہ سنڌ کي موجوده بيهڪ ۾ جيتري بہ خودمختياري ملي ٿي، اها هڪ فرد ۽ سندس خاندان جي تابع ٿيو وڃي. فرق رڳو اهو آهي، جو اختيار اسلام آباد کان دبئي منتقل ٿا ٿين.

سنڌ جي بجيٽ 18 هين آئيني ترميم کان اڳ سوا ٽي سئو ارب هئي تہ بہ سنڌ جا حال اهڙا هئا ۽ اڄ جڏهن اها بجيٽ لڳ ڀڳ نو سئو ارب آهي تہ بہ ان ۾ ڪو فرق نہ آيو آهي. 18 هين آئيني ترميم تحت ڪنڪرنٽ لسٽ جو خاتمو آيو ۽ سنڌ کي 16 نيون وزارتون منتقل ٿيون. ميون ٿا تہ هاڻي گهڻن فيصلن جو استحقاق مرڪز جو نہ، پر صوبن جو آهي، پر ڇا سنڌ جي ڪابينا آزاد فيصلن ڪرڻ لاءِ خودمختيار آهي؟ اهو درست آهي تہ هاڻي گورنر جي ڀيٽ ۾ سمورا اختيار وڏي وزير کي آهن، پر ڇا سيد قائم علي شاهہ فيصلن ۾ خودمختيار هو يا موجوده وڏو وزير خودمختيار آهي؟ اهو تہ هاڻي کليل راز آهي تہ اهم ۽ بنيادي فيصلا سڀ آصف علي زرداري ڪري ٿو ۽ سموري سنڌ حڪومت ان جي اکيون ٻوٽي تعميل ڪري ٿي. اي ڊي خواجہ ڪيس ۾ بہ ائين ئي ٿيو آهي. جيڪو زرداري صاحب پنهنجي پٽ ۽ پارٽيءَ جي چيئرمين کي اختيار ڏيڻ لاءِ تيار ناهي، اهو سنڌ جي ڪابينہ يا وڏي وزير کي اختيار ڏيندو؟

مان سمجهان ٿو تہ سنڌ جي سمورن باضمير ۽ قابل آفيسرن کي ان ڏس ۾ اهم ڪردار ادا ڪرڻو پوندو. توهان هن سڄي بادشاهي نظام جي مزاحمت ڪري سگهو ٿا ۽ ظاهر آهي تہ بيوروڪريسي جي مزاحمت جو مطلب صرف قانون جي پاسداري آهي. جيڪي آفيسر پاڻ هن ڪرپٽ ڪلچر جو حصو آهن، ظاهر آهي تہ اهي هن نظام جو حصو رهندا، ڇاڪاڻ تہ هن نظام ۾ ئي

سنڌ ڏهه ئي آگريون گيهه ۾ آهن- پر اُهي جيڪي باضمير آهن، جيڪي 21 هين صدي ۾ هن بادشاهي نظام کي عوام دشمن سمجهن ٿا ۽ جيڪي عوام جي خدمت کي پنهنجو شعار سمجهن ٿا، اهي قانون جي پاسداري ذريعي گهٽ کجهه ڪري سگهن ٿا. تاريخ ۾ انڪار جي وڏي اهميت آهي، انڪار ڦورو نظام جي ديوارن ۾ ڏار وجهندو آهي ۽ سنڌ جي فرض شناس آفيسرن جا انڪار گهٽو ڪجهه ڪري سگهن ٿا. ان لاءِ فيض احمد فيض جي لفظن ۾ "همتِ ڪفر" گهرجي. ڪو فرق نه ٿو پوي جيڪڏهن ڪابينه جي فيصلي ذريعي اي ڊي خواجه کي هٽايو ويو. اهڙيون خبرون پين شعبن ۽ وزارتن مان به اچڻ گهرجن. سنڌ انهن آفيسرن کي جيءَ ۾ جايون ڏيندي جيڪي پنهنجي اختيارن جي ناجائز استعمال کان انڪار ڪندا. اهو توهان جي ضمير تي ڇڏيل آهي ته يا ته عوام جي جيءَ ۾ جايون ٺاهيو يا وري جمهوريت جي نالي ۾ بادشاهت جي دربار جا سلامي ٿيو!

*(روزاني ڪاوش حيدرآباد، خميس 06 اپريل 2017ع)*

# پيپلز پارٽيءَ وٽ حڪمراني سنڌ جي ماڻهن لاءِ هجڻ گهرجي يا ڀوتارن جي بادشاهيءَ لاءِ؟

بئريسٽر ضمير گهمرو منهنجو دوست آهي ۽ هن جڏهن سنڌ ۾ ايڊووڪيٽ جنرل جو عهدو سنڀاليو هو ۽ مٿس سخت تنقيد ٿي هئي ته مون هن جي بچاءَ ۾ چيو هو ته، اِهو هن جو پيشيورانه حق آهي ته هو ڪوبه منصب اختيار ڪري پر شرط اِهو آهي ته ان ۾ وڪالت قانون ۽ صوبي جي آئيني حقن جي ڪري، نه ڪي سنڌ حڪومت جي ناجائز ڪمن جي- ان سڄي عرصي دوران هن تي ٻيرا مون سميت سڄيءَ سنڌ کي مايوس ڪيو آهي. پهريون ڀيرو تڏهن جڏهن شهاب اوستي پاران سنڌ ۾ پيئڻ جي صاف پاڻيءَ جي عدم دستيابيءَ خلاف ڪورٽ ۾ ڪيس داخل ڪيو ويو ۽ ان جي جواب ۾ جڏهن ڪميشن ٺهي ۽ ان جون رپورٽون آيون ته سنڌ جا ماڻهو زهريلو پاڻي پيئن ٿا ته ان جي جواب ۾ ضمير گهمري جا جواب زهريلو پاڻي پيئندڙ سنڌ جي عوام بجاءِ سنڌ جي ماڻهن کي زهريلو پاڻي پيارينڌڙ سنڌ حڪومت جي بچاءَ ۾ هئا. ٻيو ڀيرو تازو جڏهن سنڌ حڪومت هڪ قابل، لائق ۽ فرض شناس پوليس آفيسر کي "بادشاهي حڪمن" جي حُڪم عدوليءَ جي پاداش ۾ هٽائڻ جو فيصلو ڪيو ته اج تائين ضمير گهمرو سنڌ حڪومت جي اهڙي غلط فيصلي جي ڪورٽ ۾ مسلسل نه رڳو تائيد ڪري رهيو آهي پر ان جو بچاءُ پڻ ڪري رهيو آهي. ان ۾ هِن اِها اٽڪل استعمال ڪئي آهي ته مرڪز کي ان ۾ مداخلت نه ڪرڻ گهرجي. اهو صحيح آهي پر ڇا پوءِ سنڌ حڪومت جي هر غلط ڪم کي اهو چئي اکيون ٻوٽي قبول ڪجي ته اهو سنڌن آئيني اختيار آهي؟ ڇا آئيني اختيارن جي استعمال سان ڪي به شرط لاڳو نه هوندا آهن؟ يا آئيني اختيارن جو مطلب صوبي ۾ "ڀوتار" جي بادشاهت قائم ڪرڻ آهي؟ سنڌ ۾ جيڪو ماڻهو سرِعام "رئيس" کي ٻيرين پئي ملي ۽ "اديءَ" جا پرس کڻي هلي، اهو سنڌ جو گهرو وزير ۽ جيڪو پوليس آفيسر سنڌ ۾ پوليس جي شعبي کي سياسي مداخلت ۽ اقرباپرور ڪلچر کان نجات ڏيارڻ جي ڪوشش ڪري، اهو منصب تي رهڻ لائق ناهي. هيستائين سنڌ حڪومت جو سڄو زور اي ڊي

خواجه کي لاهڻ تي آهي ۽ ضمير گهمري جو زور ان تي آهي ته اهو سنڌ حڪومت جو آئيني اختيار آهي پر هيستائين سنڌ حڪومت اي ڊي خواجه تي ڪو الزام به نه هنيو آهي، جنهن سبب هن کي ان منصب تان هٽائڻ ضروري ٿي پيو هجي. ان معاملي ۾ ضمير گهمري کي سنڌ سرڪار بجاءِ پنهنجي ضمير جي پاسي بيهڻ گهربو هو، پر هن ترجيح سنڌ حڪومت کي ڏني. تيون پيرو ڪالهوڪي ڪاوش ۾ هن جو مضمون پڙهي بيحد افسوس ٿيو. هڪ ته سڄو مضمون من گهڙت مفروضن سان ڀريو پيو آهي، تاريخ جا غلط حوالا، آئيني حقن جي غلط تشريح ۽ مثان وري اجايون تاويلون ڪري سنڌ حڪومت ۽ آصف علي زرداريءَ جي سنڌ جي ڀينگ ڪرڻ واري گورننس جي ماڊل جي اجائي تعريف ۽ ان جو بچاءُ. هيٺ مان ان جي بنيادي نقطن تي پنهنجا ويچار پيش ڪري رهيو آهيان.

(1) ورهاڱي کان اڳ 30ع جي ڏهاڪي ۾ سنڌ ۾ ٺهيل پيپلز پارٽيءَ جو موجوده پاڪستان پيپلز پارٽيءَ سان ڪو پري جو به تعلق نه آهي. نه دور ساڳيو، نه ماڻهو ساڳيا، نه منشور ساڳيو، نه محرڪ ساڳيا ۽ نه تاريخ ساڳي. شهيد ذوالفقار علي ڀُٽي جي ٺاهيل پاڪستان پيپلز پارٽيءَ کي اڳوڻي پيپلز پارٽيءَ جو تسلسل قرار ڏئي هن اهو ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ته پيپلز پارٽي اڌ صديءَ کان سنڌ جي خودمختياريءَ جي جنگ وڙهي رهي آهي، انهيءَ ڪري هن اهو مفروضو به ٺاهيو آهي ته سائين جي ايم سيد ۽ شهيد الهه بخش سومرو به هڪ لحاظ کان جڻ ته موجوده پيپلز پارٽيءَ جا رڪن رهيا آهن، جيڪو تاريخ سان سراسر ۽ سنگين مذاق آهي. اهڙي دعويٰ ته ڪڏهن شهيد ذوالفقار علي ڀُٽي ۽ محترمه شهيد بينظير ڀٽو به نه ڪئي هئي. اِها دعويٰ گذريل اڌ صديءَ کان فقط اسان جي دوست ضمير گهمري ڪئي آهي.

(2) ضمير گهمري اهو تاثر اُڀارڻ جي پوري پوري ڪوشش ڪئي آهي ته جڻ ته پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي سياست جو بنيادي مقصد ۽ محور سنڌ جي خودمختياريءَ لاءِ جدوجهد رهيو آهي. اهو صحيح آهي ته آمريتن سان ويڙهه ۽ جمهوريت جي بحاليءَ ۾ هن جماعت اهم ڪردار ادا ڪيو آهي ۽ قربانيون ڏنيون آهن، پر اهو تاثر اُڀارڻ ته هن جماعت جو اصل محور ۽ مقصد سنڌ جي خودمختيار حڪمراني رهي آهي، اها سراسر بي انصافي ۽ غلط بياني آهي. هيءَ جماعت ته اڃا تائين پنهنجي پارٽي منشور ۾ سنڌين کي قوم ۽ ملڪ کي گهڻ قومي وفاق تسليم ڪرڻ لاءِ به تيار نه آهي ۽ نه ئي سنڌي ٻوليءَ کي قومي ٻوليءَ جو درجو ڏيارڻ هن پارٽيءَ جي بنيادي منشور جو حصو آهي. 18 هين

آئيني ترميم کي سندن گڏريل مرڪزي حڪومت جو سُٺو ڪارنامو چئي سگهجي ٿو پر گڏريل ڇهن سالن کان پاڪستان پيپلز پارٽيءَ ان مليل محدود خودمختياريءَ جو سنڌ ۽ ان جي عوام کي ڪهڙو لاڀ وٺي ڏنو آهي؟ ان جو ثبوت اهوڪي سنڌ ۽ ان جي خراب حڪمراني آهي. سنڌ جي بجيٽ ٽيڻي ٿي وئي پر سنڌ ۾ تعليم، صحت، غربت، روزگار جي فضيلت ڀرين موقعن ۽ ميرٽ جي لتاڙ ۾ ڪو به فرق نه آيو آهي، ڪرپشن ۽ اقرباپروري سندن حڪمرانيءَ جو بنيادي اُصول آهي.

(3) ضمير گهمري پنهنجي مضمون ۾ سنڌ اندر خراب حڪمرانيءَ جو اجايو بچاءُ ڪندي پنجاب ۽ خيبر پختونخوا جا غيرواسطيدار مثال ڏئي اهو ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ته پنجاب ۽ خيبر پختونخوا ۾ نسبتن بهتر حڪمرانيءَ جا سبب تاريخي ۽ سنڌ ۾ موجوده حڪمرانيءَ جا سبب جائز آهن. مجموعي طور هو اهو بهانو پيش ڪري ٿو ته بهتر حڪمرانيءَ ۽ رياستڪاريءَ لاءِ "علم، سگهه ۽ افرادي قوت" گهرجن. سوال آهي ته بهتر حڪمرانيءَ ۽ رياستڪاريءَ لاءِ گهربل "علم، سگهه ۽ افرادي قوت" آسمان مان ايندا يا انهن کي زمين تي هٿ ڪري انهن جو بهتر استعمال ڪيو ويندو؟ سنڌ ۾ علم، سگهه ۽ افرادي قوت جو ايڏو ڏڪار ٿي چڪو آهي، جو ويچاري سنڌ حڪومت کي حڪمراني بهتر ڪرڻ لاءِ علم، سگهه ۽ افرادي قوت جا عنصر هٿ نٿا اچن. 2011ع کان سنڌ حڪومت کي سنڌ مان ڪو قابل ماڻهو نه ٿو ملي جيڪو قيصر بنگاليءَ کانپوءِ قومي مالياتي ايوارڊ ۾ سنڌ جي اثرائتي يا هن کان به بهتر نمائندگي ڪري؟ سنڌ ۾ ماڻهن جو ايڏو ڏڪار ٿي ويو آهي، جو حڪومت کي سنڌ جي اڪثريتي يونيورسٽين ۾ بهتر، لائق ۽ ايماندار وائيس چانسلر نٿا ملن، سنڌ جي اسپتالن کي بهتر منتظم نٿا ملن، ڇاڪاڻ ته سنڌ ۾ سُٺا ڊاڪٽر يا انتظامي سربراهه نه آهن. وري جيڪڏهن پوليس جهڙن شعبن ۾ ڪو اي ڊي خواجه جهڙو قابل ۽ صاف رڪنڊڙ آفيسر اچي ٿو ته اهو پوتارن کي قبول نه ٿو پوي. سنڌ ۾ گڏريل ڏهن سالن کان ٻُڌايو ته صوبي جا گهڻا لائق، ايماندار ۽ فرض شناس آفيسر پنهنجي صحيح منصب تي رهيا هجن؟ ڪو آفيسر فضيلت سان ڪنهن منصب تي پنهنجو مُدو پورو نه ٿو ڪري ته پوءِ بهتر حڪمراني ۽ "رياستڪاري" ڪيئن ٿيندي؟ حقيقت اها آهي ته سنڌ ۾ "علم، سگهه ۽ افرادي قوت" جي کوٽ نه پر حڪومتي سطح تي عوام دوستي، ايمانداري، عوام جي خدمت جي جذبي، ميرٽ جي احترام، ادارن کي سگهارو ڪرڻ ۽ مجموعي طور سياسي "وِل" يعني ارادي جي کوٽ رهي آهي، جنهن جا

نتيجا سنڌ جو عوام ڀوڳي رهيو آهي.

(4) ضمير گهمري اهو صحيح لکيو آهي ته وڏي عرصي کانپوءِ سنڌ ۾ ڪنهن حڪومت پنج ٽرم پورا ڪيا آهن، جيڪي هڪ ڏهاڪي تي مشتمل آهن. سوال آهي ته ڇا رڳو ان تي خوش ٿجي ته سنڌ ۾ هڪ چونڊيل حڪومت پنج ٽرم پورا ڪيا آهن يا اصل سوال اهو آهي جنهن تي اسان جي دوست لکڻ کان لنوايو آهي ته انهن ڏهن سالن ۾ سنڌ کي مليل موقعي مان سنڌ ۽ ان جي عوام کي ڪو بنيادي لاڀ مليو يا ڀوتارن جا ٺٽ ٿيا ۽ ڀوتارن جي ستن پيڙهين لاءِ خزانا گڏ ٿيا؟ ڏهه سال هڪ وڏو عرصو آهي ڪنهن به صوبي ۾ بنيادي سڌارا آڻڻ، ادارن کي سگهارو ڪرڻ ۽ مجموعي طور حڪمرانيءَ کي بهتر ڪرڻ لاءِ. مهاتير محمد ٽن ڏهاڪن ۾ هڪ غريب ملڪ کي هڪ جديد ملڪ ۾ تبديل ڪري ويو. شهيد ڀٽو ڇهن سالن جي مختصر وقت ۾ ايترا ڪم ڪري ويو جو اڄ تائين پيا ڳائجن ۽ موجوده پيپلز پارٽيءَ لاءِ ڏهن سالن ۾ اهو به ممڪن نه هو ۽ آهي ته تعليم، صحت، امن امان، ترقيءَ جي ڍانچي ۾ مجموعي طور حڪومتي ادارن کي سگهارو ڪرڻ ذريعي حڪمرانيءَ کي بهتر بڻائي ها. جيڪڏهن اهڙي حڪمرانيءَ جو انداز ايندڙ چار ڏهاڪا پيا به هلندو ته سنڌ جو حال اهڙو ئي هوندو، پوءِ چاهي حڪومت پيپلز پارٽيءَ جي هجي يا ڪنهن ٻيءَ جماعت جي. ان ڏس ۾ اهم ترين سوال اهو به آهي ته پيپلز پارٽيءَ کي صوبي جا اختيار صوبي جي عوام، ادارن ۽ بهتر حڪمرانيءَ لاءِ گهرجن يا ڀوتارن جي سنڌ ۾ بادشاهيءَ لاءِ؟ جيڪڏهن ڪين اختيار سنڌ ۽ ان جي عوام لاءِ گهرجن ها ته اُها هيئن هيءَ سچو ڏهاڪو سنڌ ۾ اختيارن جو ناجائز استعمال ڪري ادارن، وسيلن ۽ اختيارن جي پيلَ نه ڪري ها.

(5) مضمون جو سيني کان عجيب نقطو اهو آهي، جنهن ۾ اسان جي دوست ضمير گهمري تاثر اُڀارڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ته جهڙوڪر سنڌ ۾ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي حڪومت تي تنقيد ڪرڻ جو مطلب سنڌ جي خودمختياريءَ کان انڪار جي مترادف آهي. جنهن صوبي ۾ سمورا ڀوتار وڃي آصف علي زرداريءَ جي "دربار" ۾ سربسجود هجن، اُتي جيڪڏهن حڪومت تي نلهي تنقيد به نه ٿئي ته پوءِ سنڌ جو سياسي منظرنامو ڇا هوندو؟ هن وقت سنڌ ۾ عملي طور ڪابه اثرائتي مخالف ڌر نه آهي ۽ جيڪڏهن آهي ته اُها ان تنقيد جي صورت ۾ موجود آهي، جيڪا حڪومت تي ٿي رهي آهي. جيڪڏهن اُها به بند ٿيندي ته پوءِ هن حڪمرانيءَ جي ماڊل کي آئينو ڏيکارڻ وارو ڪير هوندو؟ ها البته مان ان ڳالهه سان متفق آهيان ته مخالفت ۽ ونگاري

دشمنيءَ ۾ ضرور فرق هئڻ گهرجي. سنڌ ۾ جيڪي ٽولا سنڌ حڪومت تي سياسي تنقيد يا مخالفت بدران دشمنيءَ جو رويو اختيار ڪن ٿا، حقيقت ۾ انهن جو ڪم سولو بہ هن حڪومت پنهنجي ڪارڪردگيءَ سان ڪيو آهي. جڏهن حڪومتن جي ڪارڪردگي بهتر هوندي آهي تہ پوءِ اجائي مخالفت يا انارڪيءَ جا رويا پير ڪوڙي نہ سگهندا آهن. حقيقت اِها آهي تہ سنڌ ۾ پيپلز پارٽيءَ جي دشمنيءَ وارا فرد ۽ گروهہ تمام ٿورا ۽ جائز تنقيد ڪرڻ وارا ماڻهو وڌيڪ آهن، پر سوال آهي تہ ڇا هن حڪومت کي ڪو احساس آهي تہ ماڻهن جون ساڻن ڪهڙيون اميدون وابستہ هيون ۽ انهن موٽ ۾ عوام کي ڇا ڏنو آهي؟

اسان جو دوست ضمير گهمرو، جنهن جو مضمون ۽ ويجهي عرصي ۾ آيل سندس دليل سنڌ جي عوام ۽ سنڌ بدران سندس حڪومت جي ترجماني ڪندي نظر اچن ٿا، ان کي اهو چوندس تہ اسان کي طئي ڪرڻ گهرجي تہ اسان جون بنيادي وفاداريون پنهنجي وطن، عوام ۽ ان جي حال ۽ مستقبل سان آهن يا انهن حڪمرانن سان، جن وٽ سنڌ ڪو وطن، خواب، عشق يا زندگيءَ جو مقصدِ حيات نہ، پر هڪ ڪارڊ يا اقتدار تائين رسڻ جي ڏاڪڻ آهي.

*(روزاني ڪاوش حيدرآباد، ڇنڇر 27 مئي 2017ع)*

# سنڌ ۾ عوام دوست ۽ اهل حڪمرانيءَ جو خواب ساڀيان ڪيئن ماڻيندو؟

سنڌ ۾ سٺي حڪمرانيءَ جي خواب تي شايد ئي ڪو اختلاف هجي پر اهو خواب ساڀيان ڪيئن ماڻيندو؟ ان سوال تي سماج "واٽون ويهه ٽيون" جي صورتحال جو شڪار نظر اچي ٿو. ان صورتحال ۾ حڪمران طبقي لاءِ سنڌ "سٽيو گرهه" آهي، ان ڪري سماج ۾ ڪا به سياسي تبديلي ان طبقي جي حق ۾ نه آهي ۽ اهو طبقو سموريون ممڪن اٽڪلون ڪندي اها صرورتحال جيئن جو تيئن برقرار رکڻ چاهي ٿو. سنڌ جو هينئون طبقو هن سموري ڦورو ۽ عوام دشمن سرشتي کان سخت بيزار هوندي به في الحال چاڪيءَ جي ڏاند وانگر ساڳي اليڪشني گهاڻي جي چوڏاري ڦرڻ ۽ ان ۾ پس و پيش پيڙجڻ تي مجبور آهي، جو عوام کي سرزمين تي معروضي حالتون بدلجندي نظر نه ٿيون اچن ۽ ان جو هڪ وڏو سبب عوام دوست سياسي ڌرين جو نه هجڻ يا بيحد ڪمزور ۽ محدود هجڻ به آهي. ٺئين پاسي اسان جو موجوده وچولو طبقو آهي، جيڪو اجا پنهنجو سياسي ڪردار طئي نه ڪري سگهيو آهي ۽ ان طبقي جا متحرڪ فرد ۽ گروهه ٻن ابتڙ ۽ غير متوازن روين جو شڪار نظر اچن ٿا. هڪ گروهه آهي، جيڪو سمجهي ٿو ته سوشل ميڊيا تي سڄو ڏينهن حڪومت ۽ خاص طور پاڪستان پيپلزپارٽيءَ جي حڪومت کي گاريون ڏيڻ سان سڀ ڪجهه ٺيڪ ٿي ويندو. جڏهن ته ان جي ابتڙ ٻئي گروهه جو رويو اهو آهي ته جيئن ته هاڻي في الوقت سنڌ ۾ پاڪستان پيپلزپارٽيءَ جي اليڪشني سياست ۽ سگهه کي ڪو وڏو لوڏو ۽ خطرو نه آهي، ان ڪري جنهن سان پڄي نه سگهجي، ان سان شامل ٿي وڃجي. منهنجي نظر ۾ اهي ٻئي رويا نه رڳو پنهنجي جوهر ۾ سياسي، متوازن ۽ درست نه آهن پر هڪ ٺي سڪي جا ٻه پاسا آهن، ڇاڪاڻ ته ٺلهين گارين مان حڪمران طبقي کي ڪو خطرو ناهي ۽ موقعي پرست ماڻهن لاءِ ته هونئن به آصف علي زرداريءَ جي دربار جا در کليا پيا آهن، جيڪي ايندا سي اگهندا- پر سنڌ ۾ بنيادي سوال اُتي جو اُتي بيٺو هوندو ته سنڌ ۾ حڪمرانيءَ جو هي ڦورو ۽ عوام دشمن انداز ڪيئن ۽ ڪڏهن بدلبو؟ ان ڏس ۾ مان سنڌ جي

سمورن سنجيده ماڻهن، سياسي پارٽين، ميڊيا ۽ مجموعي طور سموري سماج آڏو هيٺيان نقطا ۽ ويچار رکڻ چاهيان ٿو جن تي جيڪڏهن صحتمند مباحثو ۽ حقيقت پسنديءَ سان غور ڪيو ويو ته هن جمود مان نڪرڻ جون راهون نڪري سگهن ٿيون:

(1) سنڌي سماج جي سياسي سوچ گهڻي ڀاڱي مختلف نظرياتي روايتن، ون يونٽ جي دور ۽ ايوب ۽ ضياءالحق جي آمريتي دورن خلاف مزاحمت مان جڙي آهي. عالمي طور به اهو دور انقلابن، قومي آزاديءَ جي تحريڪن، سامراج دشمنيءَ ۽ سياسي مزاحمت جو دور هو. سنڌي سماج جي سياسي سوچ انهن سمورن عنصرن ۽ محرڪن مان جُڙي راس ٿي، جنهن جو اسان کي بطور سماج جي بيحد فائدو پيو ۽ سنڌ ۾ سياسي شعور جون شڪليون گهڻو اڳتي وڌيل نظر آيون. جيتوڻيڪ دنيا، پاڪستان يا سنڌ ساڳيا آهن، پر ان دوران گهڻو ڪجهه مثبت ۽ منفي معنيٰ ۾ بدلجي به چڪو آهي. الميو اهو آهي ته سنڌ جي ذهني، فڪري ۽ سياسي طور متحرڪ ماڻهن، فردن ۽ گروهن جي سوچ اڄ به ٿلهي ليکي ماضيءَ ۾ ساهه کڻي رهي آهي. انهن محرڪن ۽ عنصرن کي بدليل حالتن جي بدلجندڙ حقيقتن سان سلهاڙڻ جي ضرورت آهي. اسان جي سماج جو شعور ۽ نظرياتي بيهڪ جنهن دور ۾ جڙيون، ان جا چئلينج بيا هئا. هڪ طرف سنڌ جي وجود، ٻولي، خودمختياريءَ، وسيلن جي مالڪي، اڪثريتي دائمي حيثيت جهڙا وڏا چئلينج هئا ته ٻئي طرف انقلاب ۽ آزاديءَ جي تصورن، نعرن ۽ لهرن جو سحر هو. ان ڪري سني حڪمرانيءَ جو سوال سنڌ ۾ بنيادي حيثيت ۾ اُڀري نه سگهيو. جيتوڻيڪ اڄ به اهي خواب، محرڪ ۽ چئلينج مڪمل طور نه ته متروڪ ٿيا آهن ۽ نه وري غير اهم آهن پر ان دوران گهڻين بين حقيقتن ڪَر کنيو آهي، پر ماضيءَ جي سوچ جي دائري ۾ جيئندڙ سماج جا لاڳاپيل حصا پنهنجي هممصر دور جي حقيقتن کي گهربل اهميت ڏيڻ لاءِ تيار نه آهن، جن ۾ به اهم معاملا سنڌ ۾ سني حڪمرانيءَ ۽ وڌندڙ مذهبي انتهاپسندي آهن. اسان کي سمجهڻ گهرجي ته سماج جو هر دور ماضيءَ جو تسلسل به هوندو آهي پر ساڳئي وقت پنهنجي هممصر دور جا نوان چئلينج پڻ کڻي ايندو آهي. جڏهن سماج جي بيهڪ، اُڀرندڙ مسئلن ۽ محرڪن جي نوعيت تبديل ٿئي ٿي، تڏهن سوچڻ جا انداز، تدبيرون ۽ لاڳاپيل حڪمت عمليون به تبديل ٿيڻ گهرجن.

(2) سياسي پارٽيون سماج جي سگهه جا اهم مورچا هوندا آهن ۽ ان ۾ به ڪو شڪ نه آهي ته اسان جي ترقي پسند، روشن خيال ۽ قومپرست سياسي

تنظيمن سنڌ جي بنيادي معاملن تي گڏريل چئن پنجن ڏهاڪن کان مسلسل جدوجهدون ڪيون آهن. انهن جي اڳواڻن ۽ ڪارڪنن قربانيون ڏنيون آهن ۽ انهن ڪي اشوز تي جدوجهد دوران عوام موٽ به ڏني آهي پر سوال آهي ته اڌ صدي گذرڻ ڪانپوءِ به اها سياست ايتري ڪمزور ۽ محدود ڇو آهي، جڏهن ته تاريخ جا محرڪ سندن پاسي آهن. مان سمجهان ٿو ته ان جي پين انيڪ معروضي يا تنظيمي ڪمزورين سان گڏوگڏ هڪ اهم سبب اهو به آهي ته اُهي حقيقت پسند ٿي پنهنجي سياست ڪي عوام ۽ بدلجندڙ حالتن سان ڳنڍڻ ۽ گهربل حڪمت عمليون اختيار ڪرڻ ۾ ڪامياب نه ويون آهن. سياست جو تعلق سماج سان گڏ رياست سان آهي ۽ بنهيءَ جو تعلق طاقت سان آهي، پوءِ اها طاقت موقف جي هجي يا تنظيمن جي، عوام جي حمايت جي هجي يا بامقصد تحرڪ جي، نهڪندڙ تدبيرن جي هجي يا ڏکهي مدي وارين رٿابندين جي، پر سياست جو بنياد آهي طاقت- الميو اهو آهي ته اسان جي تنظيمن وٽ بيو سڀ ڪجهه آهي، پر مٿي بيان ڪيل طاقت جي شڪلين جي وڏي کوٽ آهي. انهيءَ ڪري انهن جو ڪو بنيادي ڪردار جڙي نه پيو سگهي ۽ ان کان به وڌيڪ الميو اهو آهي ته دوست ان تي سنجيدگيءَ سان ويچارڻ لاءِ بہ تيار نظر نٿا اچن. مان سمجهان ٿو ته انقلاب ۽ آجپي جا نعرا ۽ خيال ڪهڙي بدنصيب ڪي نہ وٽندا، پر جيڪڏهن پنهنجي بنيادي فڪر تي قائم رهندي اسان جون تنظيمون مٿي بيان ڪيل طاقت جي شڪلين جي بنياد تي سنڌ ۾ بهتر ۽ عوام دوست حڪمرانيءَ ۽ مذهبي انتهاپسنديءَ جي سوال کي به گهربل اهميت ڏيندين ته اُهي نه رڳو پنهنجو وجايل سگهارو ماضي موٽائي سگهن ٿيون پر ان کان به گهڻو اڳتي وڃي سگهن ٿيون.

(3) 21 هين صديءَ ۾ في الحال اُبريل سياسي نظام جمهوريت جي مختلف شڪلين جو آهي. (اها ٻي ڳالهه آهي ته سرمائيدار دنيا ۾ ۽ ٽئين دنيا ۾ جمهوريت جي نالي ۾ عوام سان وڏا دوکا پڻ ٿين ٿا) سنڌ جي روشن خيال، ترقي پسند ۽ قومپرست جماعتن کي پڻ پنهنجي پنهنجي بنيادي موقف يا نظريي تي قائم رهندي پارلياماني سياست جي ميدان ۾ سنجيدگيءَ سان داخل ٿيڻ لاءِ ويچارڻو پوندو. اهو صحيح آهي ته اهو پنڊ وچولي طبقي تي ٻڌل تنظيمن لاءِ سولو نہ آهي، پر ان باوجود ان ڏس ۾ تنظيمون ڪي وکون کڻنديون، تڏهن سندن لاءِ ڪا جاءِ جڙندي ۽ وچولو آبادگار يا شهري وچولو ڪاروباري طبقو اوڏانهن سُرڻ شروع ڪندو. هن وقت سنڌ جي وچولي طبقي جي اڪثريت اسان جي تنظيمن کان ان ڪري به لاتعلق آهي، جو اُهي تنظيمون پارلياماني

سياست کان بلڪل لاتعلق بڻيل آهن يا ان ڏس ۾ سنجيده نظر نه ٿيون اچن. جيڪڏهن سنڌ ۾ ان ڏس ۾ 2018ع جي اليڪشن لاءِ ڪو سنجيده اتحاد جڙي ۽ گهربل حڪمت عملي سان تياري ڪري ته ڪٿي ميدان نه به ماري سگهي، پر سٺا ووٽ ڪٽي سگهي ٿو ۽ جيڪڏهن اتحاد نه به جڙي سگهي، پر سنڌ جي اهم سيٽن تي هڪٻئي سان سهڪار ڪري ته به ووٽ جي تناسب جي توازن ۾ سٺو فرق اچي سگهي ٿو. سڀ کان اهم ڳالهه ته سوال مڙئي اليڪشن ۾ بيهڻ جو نه آهي، پر ان کي سنڌ ۾ سٺي حڪمرانيءَ سان سلهاڙڻ جو آهي. ماڻهن کي اهو شعور ڏيڻ جو آهي ته اليڪشنون، حڪومتون يا جمهوريتون عوام دوست حڪمرانيءَ لاءِ هونديون آهن ۽ انهن جو مقصد ڦورو طبقي جي سٽن پيڙهين لاءِ جاگيرون ۽ ملڪيتون ناهڻ نه هوندو آهي. ان حوالي سان سڀ کان اهم ڪردار باشعور شهرين جو هوندو آهي.

(4) هر سماج ۾ ليکڪ ۽ سماج جا متحرڪ فرد ۽ گروهه عوامي راءِ يا شعور سازيءَ ۾ اهم ڪردار ادا ڪندا آهن. اسان وٽ ون يونٽ واري دور ۾ به اهو ئي لڏو هو، جنهن سنڌ ۾ هڪ روشن خيال، ترقي پسند، وطن دوست نقطهءِ نظر (Narrative) تشڪيل ڏيڻ ۾ اهم ۽ بنيادي ڪردار ادا ڪيو هو. ان زماني ۾ عوام تائين پهچ جا ايترا اثرائتا ذريعا موجود نه هئا ۽ نه وري سماج ۾ ايترو پڙهيل لکيل ماڻهن جو يا وچولي طبقي جو انگ هو. اڄ سنڌ ۾ وڏي پيماني تي وچولو طبقو موجود آهي، عوام تائين رسائيءَ جا انيڪ ذريعا موجود آهن. سوشل ميڊيا جهڙو غير معمولي ميدان موجود آهي پر بدقسمتيءَ سان اسان جو پڙهيو لکيو لڏو ۽ اڪثر ليکڪ يا متحرڪ ماڻهو ايترو ته سطحيت، ذاتي بغض، ذهني خلفشار، فڪري بحران ۽ سڃاڻپ جي بحران ۾ مبتلا آهن، جو ماڻهو تنقيد ۽ ڪردار ڪشيءَ ۾ فرق نٿا ڪري سگهن. صحتمند مقابلي ۽ ساڙ ۾ فرق نٿو ٿئي ۽ اجا به اهم ڳالهه ته سنڌن سموريون توانايون ۽ وقت گهٽي ڀاڳي انهن گروهي ۽ اجاين تڪرارن ۾ کپايو ڇڏي. ايترو ادب تخليق نه پيو ٿئي، جيترو اديبن جا پاڻ ۾ جهيڙا آهن. ايترو علم پيدا نٿو ٿئي، جيترا علمي ماڻهن جا پاڻ ۾ تڪرار آهن ۽ ايترو بامقصد عمل سماج ۾ ڪونهي، جيتري ڪجهه گروهن جي اجائي "ٺَٽ ٺَٽ" آهي. ڪُنيءَ ۾ ليي ڪجهه به ڪونه ۽ سڄو زور اُپامڻ تي آهي. سنڌ جو اهو ساڃاهه وند حلقو جيڪڏهن سنڌ ۾ عوام دوست ۽ بهتر حڪمراني، مذهبي انتهاپسنديءَ جي خاتمي، علم جي ترويج ۽ ادب جي تخليق تي گهربل ڌيان ڏي ته هيءُ سماج تيزيءَ سان ڪجهه ٻرانگهون اڳتي پري سگهي ٿو. سنڌ کي موجوده دور ۾ جنهن روشن خيال ۽ عوام دوست نقطهءِ نظر (Narrative) جي

گهرج آهي، اهو هڪ ٻئي کي گاريون ڏيڻ، هڪ ٻئي جي ڪردار ڪشي ڪرڻ، سماج ۾ انارڪي ڦهلائڻ ۽ غير سنجيده روين ۽ عملن سان ڪو نه ٿيندو. سماج تي اهو حلقو اثرانداز تڏهن ٿيندو، جڏهن ان جو ڪردار هوندو، جيڪو ذميوار هوندو، جنهن ۾ فڪري ۽ علمي پختگي هوندي ۽ سڀ کان اهم ڳالهه ته سماج جي گهري سمجهه هوندي.

(5) سڄيءَ دنيا ۾ سياسي تنظيمن يا سياسي تحريڪن سان گڏوگڏ سماجي تحريڪون به وڏي اهميت رکن پيون. سنڌ جي مختلف علائقن ۾ اهم معاملن تي ۽ خاص طور خراب ۽ ڪرپٽ حڪمرانيءَ خلاف سماجي تحريڪون به هلڻ گهرجن. في الوقت لڳي اهو ٿو ته سماج جا سمورا شعبا چڻ ته هڪٻئي جي آسري ۾ آهن. سڄي سنڌ ۾ اهڙا اشوز به موجود آهن ۽ هر ضلعي ۾ اهڙا متحرڪ ۽ سنجيده ماڻهو به موجود آهن، جيڪي سنڌ ۾ سگهارين سماجي تحريڪن جي شروعات ڪري سگهن ٿا. انهن تحريڪن جا محرڪ تعليم، صحت، امن امان، ڪرپشن، ميرٽ جي لتاڙ جهڙا معاملا به ٿي سگهن ٿا. عوام به يقيني طور اهڙي تحرڪ جو حصو بڻبو. سنڌ ۾ وڏين ڳالهين ۽ خواهشن سان گڏوگڏ ننڍڙين ننڍڙين تحريڪن ۽ حاصلاتن جا بنياد به پوڻ گهرجن.

آخري ڳالهه ته خراب حڪمرانيءَ جو مطلب اهو ناهي ته پاڪستان پيپلزپارٽيءَ جو حڪومتي ماڊل خراب آهي ته ڪانئن پوءِ جيڪڏهن ڪي ٻيا آيا ته سنڌ ۾ ڪو حڪمراني بهتر ٿيندي. ان ڪري سنڌ ۾ بهتر حڪمرانيءَ جي حاصلات کي رڳو ڪنهن مخصوص جماعت ۽ حڪومت سان مشروط ڪرڻ بجاءِ بنيادي زور سنڌ ۾ خراب حڪمرانيءَ تي ڏيڻ گهرجي ۽ سنڌ ۾ حڪومت جنهن جي به هجي، پر سنڌ جي عوام جو بنيادي سوال سنڌ ۾ عوام دوست بهتر حڪمراني هئڻ گهرجي، ۽ جڏهن حڪومتن جو احتساب حڪمرانيءَ جي انداز جي بنياد تي ٿيندو ته پوءِ سنڌ ۾ مرحليوار تبديليءَ جو دور شروع ٿيندو.

*(روزاني ڪاوش حيدرآباد، سومر 06 جون 2017ع)*

# صوبائي خودمختياري
# ڪنهن جي مفاد ۾ هئڻ گهرجي؟

پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي سنڌ حڪومت ۽ مسلم ليگ (ن) جي وفاقي حڪومت وچ ۾ آءِ جي سنڌ ۽ پنجاب ۾ پيپلز پارٽيءَ جي وڏيل سرگرمين جي معاملي تان اُٿيل تڪرار هاڻي وڏيڪ تيز ٿي چُڪو آهي، ايستائين جو پاڪستان پيپلز پارٽيءَ وفاق خلاف ضلعي سطح تي ڌرڻن جو اعلان ڪيو آهي. معاملي ۾ شدت تڏهن آئي جڏهن آصف علي زرداريءَ جي ٽن ويجهن ماڻهن کي ڳُجهيءَ طرح اغوا ڪيو ويو آهي. اُصولي طور صوبائي حڪومت جي اها ڳالهه درست آهي ته آءِ جي جي مقرري سنڌ ڪابينا جو استحقاق آهي ۽ ان ۾ وفاق سڌيءَ ريت مداخلت نه ٿو ڪري سگهي ۽ اها به حقيقت آهي ته جنهن انداز سان آصف زرداريءَ جي ويجهن ماڻهن کي ڪنهيءِ گم ڪيو ويو آهي، اهو طريقو غيرقانوني ۽ غيرآئيني آهي. ڪوبه جمهوريت پسند ڪنهن به ماڻهوءَ کي ائين ڪنهڻ کي جائز قرار نه ڏيندو، پل ته اُهي بدترين ڏوهاري ئي ڇو نه هجن. هر قسم جي ملزم ۽ وڏي ڏوهاريءَ لاءِ ملڪ ۾ وفاقي ۽ صوبائي قانون موجود آهي ۽ ان لاءِ سويلين ادارا موجود آهن. ماڻهن کي ائين ڪنهيءِ گُم ڪرڻ جو اهو طريقو غلط به آهي ۽ خطرناڪ پڻ، ڇاڪاڻ ته ان طرح غلط ماڻهن سان گڏوگڏ نظرياتي مخالفن کي به ڪنهڻ جو سلسلو تيز ٿيندو، جنهن جو بدترين مثال بلوچستان آهي.

سوال اهو آهي ته پاڪستان پيپلز پارٽيءَ کي ملڪي آئين، شهرين جا بنيادي حق ۽ صوبائي خودمختياري رڳو مخصوص موقعن ۽ معاملن ۾ ڇو ٿا ياد پون؟ مثال طور گذريل 9 سالن ۾ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي صوبائي حڪومت صوبائي خودمختياريءَ جي باري ۾ ڪيتري سنجيدگيءَ جو مظاهرو ڪيو آهي، اهو ڪو راز نه آهي يا وري اِها ساڳي حڪومت تڏهن مسلسل خاموش رهي جڏهن سنڌ ۾ مختلف قومپرست ڪارڪن رياستي ادارن طرفان ڪنهيا ۽ بيدرديءَ سان ماري رستن تي اُڇلايا ويا. ڇا اُهي سنڌ جا ڄايا نه هئا يا انهن جا ڪي آئيني ۽ قانوني يا انساني حق نه هئا؟ ان ڪري پ پ حڪومت جي ان

ڀٽي پاليسيءَ جو ئي نتيجو آهي جو ماڻهو يا سماج جا وسيع تر حلقا ڏکئي وقت ۾ ساڻن گڏ نہ ٿا بيهن. هتي مان رڳو صوبائي خودمختياريءَ جي حوالي سان پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي ڪردار جي چند چار ڪندس.

ان ۾ ڪوبہ شڪ ناهي تہ ملڪي تاريخ ۾ اسٽيبلشمينٽ يا ساڄيءَ ڌر جي وفاقي پارٽين ڪڏهن بہ صوبائي خودمختياريءَ جو نہ رڳو احترام نہ ڪيو آهي پر ان جي هميشہ نفي پڻ ڪئي آهي ۽ اِها بہ حقيقت آهي تہ 18هين آئيني ترميم ذريعي ڪنڪرنٽ لسٽ ختم ڪري صوبن کي نسبتن وڌيڪ خودمختيار ڪرڻ جو ڪم پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي گذريل مرڪزي حڪومتي دور ۾ ٿيو پر سوال اهو آهي تہ 18هين آئيني ترميم کي سَت سال ٿيا آهن، ان ڏس ۾ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي صوبائي حڪومت جو سنڌ ۾ ڇا ڪردار رهيو آهي؟ ان ڪان بہ وڌيڪ اهم سوال اِهو آهي تہ ڪنهن بہ وفاقي نظام ۾ آخر صوبائي خودمختياري ڇو اهم ۽ ضروري هوندي آهي؟ ظاهر آهي تہ صوبائي خودمختياري صوبي جي عوام، ان جي ترقي، ادارتي سَگهہ ۽ عوامي خدمت جي شعبن جي معياري ڪارڪردگيءَ لاءِ هوندي آهي پر پاڪستان پيپلز پارٽيءَ وٽ ان جو تصور مختلف آهي. سندن صوبائي خودمختياريءَ جي ماڊل جو تصور ۾ خاڪو اِهو آهي تہ اختيار، وسيلا ۽ ادارا هڪ حڪومت کان ٻيءَ حڪومت ڏانهن منتقل ٿين، صوبي جي عوام جو ان سان ڪجهہ نہ وڃي. صوبائي خودمختياري صوبي جي عوام لاءِ نہ پر حڪومت، ان جي وزيرن ۽ پارٽي سربراهن جي صوبائي بادشاهت لاءِ هوندي آهي. جي ائين نہ هجي ها تہ پوءِ آخر صوبائي حڪومت جي اختيارن ۽ وسيلن ۾ تمام گهڻي واڌ ٿيڻ باوجود سنڌ ۾ عوام جي معيارِ زندگي، ادارن جي ڪارڪردگي، غربت جي شرح، تعليم، صحت ۽ ٻين شعبن ۾ سڌاري جا آثار ڇتا ڇو نہ هجن ها؟ ڇا سنڌ جي ماڻهن کي رتيءَ برابر بہ محسوس ٿيو آهي تہ سنڌ صوبي کي آئيني، سياسي ۽ معاشي طور 18هين آئيني ترميم کانپوءِ وڌيڪ اختيار ۽ وسيلا ميسر ٿيا آهن؟ ان ڏس ۾ ڪجهہ ٻيا مثال بہ ڏئي سگهجن ٿا. قومي مالياتي ايوارڊ ۾ قيصر بنگاليءَ 2011ع ۾ استعيفا ڏني ۽ 2017ع تائين سنڌ حڪومت کي سنڌ ۾ ڪو هڪ بہ لائق ماڻهو نہ ٿو ملي، جنهن کي مالياتي ايوارڊ ۾ مستقل ميمبر طور مقرر ڪيو وڃي. ساڳيءَ طرح گڏيل مفادن جي ڪائونسل ۾ صوبائي حڪومت کي هاڻي وڌيڪ اختيار مليل آهن. پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي صوبائي حڪومت ٻُڌائي سگهندي تہ گذريل ستن سالن ۾ ڪو هڪ بہ معاملو گڏيل مفادن جي ڪائونسل مان سنڌ حڪومت حل ڪرائي سگهي هجي؟ جڏهن تہ ڪائونسل

جو هر ٽئين مهيني اجلاس ٿيڻ بہ لازمي آهي. ظاهر آهي تہ جڏهن اهڙن سنجيده ۽ حساس فورمز ۾ سنڌ جو ڪيس سگهاري انداز ۾ رکڻ لاءِ صوبائي سطح تي ڪو مستقل ادارو ۽ قابل ماڻهن جو ڪُل وقتي گروپ ئي نہ هوندو تہ پوءِ گڏيل مفادن جي ڪائونسل مان "خودمختيار" سنڌ صوبو ڪهڙو فائدو حاصل ڪري سگهندو؟ ملڪ ۾ آدمشماري هلندڙ آهي، هاڻي صوبائي حڪومت بہ دانهون پئي ڪري پر ڇا سنڌ حڪومت گذريل 9 سالن ۾ ڪا سنجيده ڪوشش ڪئي تہ نادرا سان ويهي سنڌ جي اصلوڪن رهواسين جا سڃاڻپ ڪارڊ ٺهرائجن، سنڌن نالا ووٽر فهرستن ۾ داخل ٿي سگهن، ڪراچيءَ ۾ سنڌي وسندين کي پڪو ڪجي ۽ کين جديد شهري سهولتون فراهم ڪجن؟ صوبائي خودمختياريءَ جو مطلب اهو بہ آهي تہ سنڌ اسيمبليءَ مان گهٽ ۾ گهٽ عوام دوست ۽ صوبي جي مفاد ۾ قانون سازي ڪئي وڃي. گذريل 9 سالن ۾ ڪيتري قانون سازي ٿي سگهي آهي؟ ان ڪري صوبائي خودمختياريءَ جي سوال کي سنڌ ۽ ان جي عوام جي مفادن سان مشروط نہ ڪبو ۽ رڳو ان کي پنهنجن ذاتي، گروهي ۽ تنظيمي معاملن ۽ مفادن لاءِ ذريعو سمجهبو تہ پوءِ ظاهر آهي نتيجو اُهو ئي نڪرندو جيڪو سنڌ ۾ اسان ڏسي رهيا آهيون.

ياد رکڻ گهرجي تہ انهيءَ صوبائي خودمختياريءَ لاءِ گذريل ڇهن ڏهاڪن کان سنڌ جي قومپرست ۽ روشن خيال ترقي پسند سياسي تنظيمن، اديبن، دانشورن ۽ مجموعي طور سموريءَ سنڌ جي باشعور ماڻهن مسلسل جدوجهد پئي ڪئي آهي. اهو پنڌ ختم ان ڪري بہ نہ ٿيو آهي جو اڃا تائين صوبن کي گهربل مڪمل خودمختياري ملي نہ سگهي آهي ۽ 18هين آئيني ترميم انهيءَ جي رڳو شروعات هئي پر هتي صوبائي خودمختياري هڪ قابل ۽ لائق پوليس آفيسر کي هٽائڻ لاءِ گهرجي، جو هن پوليس ۾ ڀرتيون ميرٽ تي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ پوليس جي شعبي ۾ سياسي مداخلت بند ڪرڻ جي ڳالهہ ڪئي. مرڪز، رياست ۽ اسٽيبلشمينٽ تہ اڃ تائين نہ تہ مڪمل صوبائي خودمختياريءَ کي تسليم ڪيو آهي ۽ نہ وري ان جو احترام ڪيو آهي پر سوال آهي تہ سنڌ ۾ صوبائي خودمختياريءَ جي ڳالهہ ڪندڙ حڪومت ان جو ڪيترو احترام ڪيو آهي؟ ڇا صوبائي خودمختياريءَ جو مطلب اهو آهي تہ سنڌ ۾ توهان کي بادشاهيءَ جو پروانو هجي، ڪوبہ توهان کان پڇڻ وارو نہ هجي، توهان ڪنهن آڏو جوابدار نہ هجو ۽ اختيار رڳو اسلام آباد کان دبئيءَ يا وزيراعليٰ هائوس منتقل ٿين؟ ماڻهو تہ توهان لاءِ هونئن ئي غيراهم آهن، جو

انهن جو ڪردار رڳو ووٽ ڏيڻ جو آهي. سنڌ ۾ اپوزيشن آهي ڪونه، ماڻهن جي آڏو جوابدار توهان ناهيو، عدالتون توهان کي گونگيون ڪپن، ميڊيا جون دانهون توهان تي هاڻي اثر نہ ٿيون ڪن ۽ اختيار توهان کي سڀ ڪپن، سنڌ ۽ ان جي عوام لاءِ نہ پر پنهنجي ذاتي، گروهي ۽ تنظيمي مفادن لاءِ- اهڙيءَ صورتحال ۾ آخر توهان پاڻ ئي طئي ڪريو تہ توهان ڪنهن جي آڏو جوابدار آهيو؟ غلام قادر مريءَ ۽ اشفاق لغاريءَ جا آئيني، قانوني ۽ انساني حق توهان کي ايترا پيارا آهن جو انهن لاءِ راولپنڊيءَ کي بہ اکيون ڏيکارڻ لاءِ تيار ٿي ٿا وڃو. سوال آهي تہ اها سياسي غيرت توهان کي سنڌ جي عام ماڻهوءَ لاءِ ڇو نہ ٿي اچي؟ حڪومتون ٺاهڻ ۽ اختيار حاصل ڪرڻ جو توهان کي وڏو شوق ۽ لاچار آهي پر انهن جي فرضن ۽ اختيارن جو استعمال ڪيئن ۽ ڪنهن جي لاءِ ٿيندو آهي، اهو توهان جي مٿي جو سُور ناهي.

سنڌ جو عوام هميشہ جمهوريت لاءِ وڙهيو. جي جمهوريت جو اهو ماڊل رهيو تہ ڇا سياڻي ماڻهو اهڙي جمهوريت لاءِ وري ڦاهيون، ڦٽڪا کائيندا، جيلن ۾ ويندا، قربانيون ڏيندا يا رستن تي آمريت کي للڪاري لَٺيون کائيندا؟ توهان جا پنهنجا ڪارڪن ئي سامهون نہ ايندا، عوام تہ پري جي ڳالهہ آهي. سنڌ جي ماڻهن سدائين مرڪز سان صوبائي خودمختياريءَ لاءِ ويڙهہ ڪئي، جي توهان وٽ صوبائي خودمختياريءَ جو خاڪو ۽ ڪارج اهو هوندو تہ ڇا ماڻهو اهڙي صوبائي خودمختياريءَ لاءِ وڏيڪ جدوجهد ۾ ڪو اُتساهہ محسوس ڪندا؟ جي عام ماڻهو ڏسندو تہ صوبائي خودمختياريءَ جو مطلب پوتارن جون تجوريون ڀرڻ هوندو ۽ سنڌ جا نصيب ساڳيا هوندا تہ پوءِ ماڻهن ۾ ڪهڙو اُتساهہ بچندو؟ جيترو ردعمل توهان غلام قادر مريءَ ۽ اشفاق لغاريءَ تي ڏيکاريو آهي، ڇا ان جي اڌ جيترو بہ ردعمل ڪڏهن توهان سنڌ جي پاڻيءَ جي معاملي تي ڏيکاريو يا اَئون مالياتي ايوارڊ اَڻڻ تي سامهون آندو؟ ڇا گذريل اڌ صديءَ کان توهان کي ووٽ ڏيندڙ سنڌ ۽ ان جي عوام جي حيثيت توهان وٽ غلام قادر مريءَ ۽ اشفاق لغاريءَ جيتري بہ ناهي؟ ضلعي سطح تي ڏرڙن جو اعلان توهان ڪڏهن سنڌ جي پاڻيءَ ۽ ناڻي جي سوال تي ڪيو؟ پوءِ سنڌ جو ماڻهو اهو ڇو نہ سمجهي تہ صوبائي خودمختياري توهان کي سنڌ ۽ ان جي عوام لاءِ نہ پر پنهنجن ذاتي، گروهي ۽ حڪومتي مفادن لاءِ ئي گهرجي؟ جيڪا سراسر صوبائي خودمختياريءَ جي تصور جي نفي آهي.

جي سنڌ ۾ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي حڪمراني بهتر هجي ها ۽ اُها صوبي جي انڌي منڊي خودمختياريءَ کي سنڌ جي عوام لاءِ ڪتب آڻي ها ۽

سنڌ جا وسيلا سنڌ جي عوام لاءِ ڪتب اچن ها ته اڄ اِها پارٽي ۽ حڪومت ائين اڪيلي نه هجي ها ۽ سنڌ جو عوام هنن سان گڏ بيهي ها. موجوده سياسي نظام ۾ عوام جي ووٽن کي عوامي حمايت سان تعبير نه ڪرڻ گهرجي. ووٽ اڪثريتي ماڻهو مجبوريءَ يا مفاد تحت ڏين ٿا، ان کي حمايت ۾ شمار نه ٿو ڪري سگهجي. شهيد ڀُٽي ۽ محترمه شهيد بينظير ڀٽو صاحبه سان سنڌي ماڻهو اڄ به سندن قربانيءَ ڪري محبت ڪن ٿا پر ڇا هو پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي موجوده حڪمرانيءَ جي ماڊل کي پسند ڪن ٿا؟ مان نه ٿو سمجهان ته ڪو هڪ به باشعور ۽ باضمير ماڻهو هن حڪمرانيءَ جي ماڊل کي پسند ڪندو هوندو.

پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي موجوده قيادت ۽ حڪومت کي سمجهڻ گهرجي ته سنڌ توهان سان صوبائي خودمختياريءَ جي معاملي تي تڏهن بيهندي جڏهن توهان اها خودمختياري پنهنجي بادشاهت لاءِ نه پر سنڌ جي عوام لاءِ استعمال ڪندؤ جنهن جو في الحال ته ڪو به امڪان نظر نه ٿو اچي.

*(روزاني ڪاوش حيدرآباد، 11 اپريل 2017ع)*

# ”ٻچو“ هڪ فرد ناهي!

ڪاوش جي 13هين مارچ جي اشاعت ۾ تعليم کاتي ميرپورخاص جي آفيس سپرنٽينڊنٽ ٻچُو مل جي گهر تي ڇاپي جي اسٽوري شايع ٿي آهي، جنهن ۾ موصوف جي گهر مان 25 ڪروڙن جا بانڊ ۽ ٻين دستاويزن سان گڏ سندس 25 ڪروڙن جي ماليت جا ثبوت هٿ آيا آهن. هن کان اڳ ڪالهه ساڳيءَ طرح هالا جي مشتاق شيخ بابت نيب طرفان ساڳي نوعيت جا تفصيل ميڊيا ۾ ظاهر ٿيا آهن، جيڪو حيدرآباد ۾ ٽريزريءَ جو اڳوڻو اسسٽنٽ ڊسٽرڪٽ اڪائونٽس آفيسر هو. ڏٺو وڃي ته ”ٻچُو“ ۽ ”مشتاق شيخ“ ڪو رڳو فرد ناهن، اِهي هن مڪمل طرح ڪرپٽ، ڦورو ۽ عوام دشمن نظام جا معمولي پُرزا آهن. اصل ”ٻچُو“ ته حڪومتن جي وزارتن، اعليٰ انتظامي عهدن ۽ دبئيءَ، اسلام آباد توڙي راولپنڊيءَ ۾ ويٺل آهن. ”ٻچُو مل“ ۽ ”مشتاق شيخ“ ته هن حڪمران طبقي ۽ ڪرپٽ سرشتي جا ڪاٺائو پُٽ آهن. هاڻي تصور ڪريو ته جي هن ڪرپٽ سرشتي جي معمولي ڪارندن وٽان اِهي خزانا مليا آهن ته پوءِ هن عوام جو چوويهه ڪلاڪ معاشي رَتُ پيئندڙ حڪمران طبقي وٽ ڪيترا خزانا هوندا! جي قارون هن دور ۾ هجي ها ته هنن جو ڪمدار هجي ها. ڀلا توهان سڄيءَ دنيا ۾ اهڙا محلن جهڙا گهرَ ڏٺا آهن، جيڪي توهان کي هن ملڪ جي ڊفينس هائوسنگ ۽ وڏن شهرن ۾ نظر اچن ٿا ۽ وڏيرن جا اُهي محل جيڪي هر ننڍي شهر ۽ ڳوٺ ۾ توهان کي نظر ايندا؟ توهان سڄي سنڌ گهُمي ڏسو، توهان کي چند خاندانن جا اهڙا محل نظر ايندا ۽ باقي سڄي سنڌ ۾ ڏوڙ پئي اُڏامي. ڀلا هڪ نوڪري پيشه پگهاردار طبقو ايترو خوشحال ۽ امير ٿي سگهي ٿو جيڪو توهان کي سنڌ ۽ هن ملڪ ۾ نظر ايندو؟ ڀلا حق حلال جي زمينداريءَ ۽ پگهارن مان اِهي خزانا ۽ ملڪيتون گڏ ڪرڻ ممڪن آهن، جيڪي سنڌ ۽ ملڪ ۾ اسان کي هنن طبقن ۾ نظر اچن ٿيون!؟ رڳو هنن خاندانن جي وڏن جا اباڻا گهرَ ۽ ملڪيتون ڏسڻ لاءِ چار ڏهاڪا پوئتي هلجي ته سڀ اڇا ڪارا پڌرا ٿي پوندا. سنڌ ۾ ملڪ جي زميندارن ۽ ڪامورن وٽ سُنا ۽ وڏا گهر هئا پر محل هرگز نه! ان ڪري توهان کي ڏانداريِن سان ميڙيل هنن خزانن جا ٺوس ثبوت ڀل ته نه ملن پر اِها ڳالهه ڪنهن به شڪ کان بالاتر آهي ته

اها عوام جي ٽيڪس جي ڦُريل، لُٽيل ۽ گڏ ڪيل دولت آهي، جيڪا هنن محلن، فارم هائوسز، ڪارخانن، ڪروڙن ۽ اربن جي گاڏين، ملڪي ۽ پرڏيهي بئنڪ اڪائونٽس جي صورت ۾ گڏ ڪيل آهي. ٻَچُو ۽ مشتاق شيخ هن پوري ڪرپٽ نظام جا معمولي عڪس آهن. سوال آهي ته ٻَچُو ۽ مشتاق شيخ ته جهلجي ويا جو ڪين نيب سوڙهو ڪيو آهي پر ڇا اُهي سوين ٻيا واڳهہ "ٻَچُو" بچي ويندا، جن جو وجود هنن جي ڪرپشن جو ثبوت آهي؟ سنڌ جا قِتل رستا، برباد تعليمي سرشتو، تباهہ حال صحت جو شعبو ۽ سنڌ جي عوام تي قيامتون برپا ڪندڙ آبپاشي شعبو خود وڏي ۾ وڏا ثبوت آهن.

مڃون ٿا ته ٿوري گهڻي ڪرپشن سڄيءَ دنيا ۾ هوندي، ٽين دنيا ۾ اڃا وڌيڪ هوندي، ملڪ ۾ ۽ ٻين صوبن ۾ به گهٽ نه هوندي پر سنڌ هن ڪرپٽ، نااهل ۽ اقرباپرور عوام دشمن ڪلچر جو بدترين شڪار ٿي آهي. ڪرپشن هتي هر دور ۾ هئي ۽ مشرف جي دور ۾ به عروج تي هئي پر 2008ع کان پوءِ جو ذڪر ان ڪري وڌيڪ ٿئي ٿو جو ان کان پوءِ ملڪ ۾ آئيني ۽ سياسي حڪومتون بحال ٿيون، جنهن کي جمهوريت چيو وڃي ٿو. اُها جمهوريت جنهن لاءِ نه رڳو عوام جدوجهدون ڪيون ۽ قربانيون ڏنيون، پر خود محترمہ بينظير ڀٽو پنهنجي زندگيءَ جي قرباني ڏني. سنڌ ۾ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي حڪومت کي پريا 9 سال اچي ٿيا آهن. ان سموري عرصي ۾ ڪو هڪ شعبو سُڌريو؟ ڪو هڪ ادارو بهتر ٿيو؟ ڪو هڪ ضلعو تعلقو، ڳوٺ يا شهر 21هين صديءَ ۾ داخل ٿيو؟ جڏهن جمهوريت جو مطلب رڳو عوام جا ٽَپا هجي، حڪمرانيءَ جو مطلب بادشاهي هجي ۽ اقتدار جو مطلب اکيون ٻوٽي عوام ۽ ڌرتيءَ جا وسيلا ڦُرڻ، لُٽڻ ۽ پنهنجا هنود ڪاسيءَ جي ڪَڏ جهڙا نه ڀرجڻ جيڏا پيٽ ڀرڻ هجي ته پوءِ ڇا ان کي به جمهوريت سڏجي؟ نام نهاد "اشرافيہ" جي هن ڦورُو ۽ رَتُ پياڪ سرشتي کي جمهوريت سڏبو ته روسو ۽ والٽيئر جا هڏا به قبر ۾ تڙپندا هوندا. جمهوريت معنيٰ فرد جي آزادي- ڇا هن سرشتي ۾ عام ڳوٺاڻو ووٽ ڏيڻ لاءِ سچ پچ آزاد آهي؟ مجبورين، راڄ، وڏيرن جي خوف ۽ ڪوڙن آسرن جي سَنگهرن ۾ جڪڙيل ناهي؟ جمهوريت معنيٰ برابري- ڇا هتي معاشي، سماجي، ذهني، احساساتي ۽ سياسي برابريءَ جو عام ماڻهو تصور به ڪري سگهي ٿو؟ جمهوريت معنيٰ انساني حق- جنهن سنڌ ۾ اَسي سيڪڙو کان وڌيڪ ماڻهو زهريلو پاڻي پيئندا هجن، نياڻيون ڳيا ڳيا ٿينديون هجن، قابل نوجوان روزگار لاءِ ڌِڪا کائيندا هجن، ٻارن جو 52 سيڪڙو اسڪولن کان ٻاهر هجي ۽ جيڪي اسڪول ويندا هجن، اُهي معياري تعليم کان محروم

هجن، اُتي انساني حقن جو تصور بہ ڪري سگهجي ٿو؟ جمهوريت معنيٰ قانون جي حڪمراني - قانون جي حڪمرانيٰ هجي ها تہ هتي بَچُو ۽ مشتاق شيخ جي مجال هجي ها جو ايتري ناجائز دولت گڏ ڪري سگهن ها ۽ سندن وڏا بَچُو دبئيءَ، ڪراچيءَ ۽ اسلام آباد ۾ ائين سُک سان ويهي سگهن ها.

هن ڏس ۾ مان آخري ڳالهہ سنڌ جي سماج ۽ سمورن باشعور ماڻهن سان ڪرڻ چاهيان ٿو. سنڌ هن ملڪ ۾ جنهن مقصد ۽ آدرشن لاءِ جدوجهد پئي ڪئي آهي، ان ۾ حقيقي جمهوريت، قومن ۽ صوبن جي برابريءَ تي ٻڌل وفاق، هڪ سيڪيولر رياست جي قيام ۽ سڀ کان وڏي ڳالهہ تہ مذهبي انتهاپسندن، نسل پرستيءَ، جاگيردارشاهيءَ ۽ هن ڦورو نظام کان نجات جا سوال شامل رهيا آهن. ظاهر آهي تہ آمريت جي بظاهر وڃڻ ۽ جمهوريت جي ناليٰ ۾ "بچُو نواز" ڦورو ۽ ڪرپٽ نظام جي اچڻ سان ڪو اهو پنڌ پورو نہ ٿو ٿي وڃي. هيءَ پنڌ ڏگهو آهي ۽ ڪڏهن بہ نہ رُڪجڻ گهرجي. سنڌ جي عوام جيڪا جدوجهد آمريتن خلاف ڪئي، سنڌ جي عوام کي اها جدوجهد هاڻي پين وڏن معاملن سان گڏ سنڌ ۾ خراب حڪمرانيءَ، ڪرپشن، اقرباپروريءَ ۽ ميرٽ جي لتاڙ وسيلن جي ڦرلٽ، ادارن جي زوال، تعليم ۽ صحت جي شعبن جي بحاليءَ ۽ بنيادي شهري حقن جي حاصلات لاءِ پڻ ڪرڻ گهرجي. آمريتن جي دور ۾ جدوجهد جا طريقا، محرڪ ۽ حڪمت عمليون مختلف ٿين ٿيون ۽ وڏيڪ مزاحمتي ٿين ٿيون، جڏهن تہ آئيني يا سياسي حڪومتن ۾ انهن جو طريقو ۽ مقصد مختلف ٿين ٿا. ڪجهہ ڏهاڪا سنڌ پنهنجي قومي سڃاڻپ، ٻوليءَ جي بچاءَ ۽ مجموعي طور وجود جي بقا جي جدوجهد ڪئي. سنڌ اهو ڏکيو مرحلو گهڻي ڀاڱي ٽپي آئي آهي، هاڻي سنڌ جي وجود کي خطري کان وڌيڪ سنڌ جي وسيلن، ادارن، ميرٽ، نوجوانن جي آئيندي، قانون جي حڪمرانيءَ ۽ ماڻهن جي بنيادي انساني ۽ آئيني حقن کي وڌيڪ خطرو آهي. ان ڪري اسان جي سياسي پارٽين، ليکڪن، صحافين ۽ سماج جي سمورن سڄاڻ حصن کي انهن پاسن تي پڻ گهربل ڌيان ڏيڻو پوندو. سنڌ ۾ تمام گهڻا مسئلا آهن، جيڪي خراب حڪمرانيءَ سان مشروط آهن ۽ جيڪي حل ٿي سگهن ٿا. جي سنڌ ۾ خراب حڪمراني، ڪرپشن، اقرباپروري ۽ ميرٽ جي لتاڙ جو اهو حال رهيو تہ پوءِ اسان مرڪز سان وڙهي جيترا بہ وسيلا وٺنداسون، اُهي ڪرپشن ۽ نااهليءَ جي هيءَ لوڙ جي ڪاڻ ڳيهي ويندي ۽ انهن کي ڳاري ڇڏيندي. جيئن سنڌ جي هڪ لائق فرزند شهاب اوستي سنڌ ۾ پيئڻ جي پاڻيءَ بابت ڪورٽ ۾ ڪيس داخل ڪيو آهي، اهڙو ساڳيو ڪيس صحت، تعليم، آبپاشيءَ ۽ يونيورسٽين

بابت پڻ داخل ٿيڻ گهرجي، جن ڪي هن نااهل ۽ ڪرپٽ حڪمرانيءَ مرٽينگ ڪري ڇڏيو آهي.

بَڇُومل ۽ مشتاق شيخ بابت تہ جاچ نيب ڪئي آهي پر هي جيڪي سنڌ ۾ وزارتن، اهم انتظامي منصبن تي ويٺل وڏا بَڇُو مل آهن، اُنهن جي جاچ ڪير ڪندو؟ شرجيل کي تہ رينجرز وارن سوڙهو ڪيو جو هو ڀڄي ويو، پين ۾ هٿ ڪير وجهندو؟ مان سمجهان ٿو تہ اِها اُميد سنڌ حڪومت مان تہ ڪرڻ اجائي آهي جو هيءَ ڪرپشن جي بازار مچايل ئي دبئيءَ واري "بَڇُو مل" جي آهي. ان ڪري ميڊم مهتاب اڪبر راشديءَ جهڙي ڪنهن اسيمبلي ميمبر کي اهڙو ڪو بل سنڌ اسيمبليءَ ۾ پيش ڪرڻ گهرجي، جنهن تحت سنڌ ۾ ڪرپشن خلاف صوبائي ۽ ضلعي سطح تي ڪو شفاف ادارو ۽ سرشتو جُڙڻ گهرجي، جتي دانهن ڪري سگهجي، جتي ڪو ٻُڌڻ وارو هجي، جتي ڪنهن صحيح جاچ جو طريقو هجي ۽ جتي ڪرپشن، اقرباپروريءَ ۽ ميرٽ جي لتاڙ ڪي ڪو ٻُنجو ڏئي سگهجي. اهو ان ڪري بہ ضروري آهي جو مڪاني حڪومتن ڪانپوءِ تہ ڪرپشن جي اها بازار هيٺين سطح تائين مچندي. سنڌ ۾ وڏيرڪو طبقو زرداري صاحب جي مفاهمتي فلسفي تحت مڪمل طور گڏ ٿي چڪو آهي، جيڪي چار خاندان ٻاهر ويٺل آهن، اُهي بہ آهستي آهستي سُري ساڳيءَ ديڳ مان کائڻ کي اوليت ڏيندا. سنڌ ۾ ٿورا گهڻا ايماندار ۽ فرض شناس آفيسر آهن پر گهٽائي ساڳئي ڪلچر جي پيداوار آهي، ان ڪري سنڌ جي حڪمران طبقي کي في الحال ڪوبہ خطرو يا دٻاءُ محسوس نہ پيو ٿئي. ان ڪري سنڌ ۾ حقيقي مخالف ڌر جو ڪردار سنڌ جي سمورن سجاڻ ماڻهن کي ادا ڪرڻو پوندو، ڇاڪاڻ تہ هن عوام دشمن ۽ ڪرپٽ نظام ۾ "بَڇُو مل" ڪو هڪ فرد ناهي!

*(روزاني ڪاوش حيدرآباد، 14 مارچ 2017ع)*

# موجوده پير پاڳارو ثابت قدم ثابت ٿيندو؟

سنڌ جي سياست وڏين ڪيفيتي تبديلين مان گذري رهي آهي ۽ اُهي تبديليون اهڙي لُڙاٽيل ماحول ۾ ۽ ائين ٿي رهيون آهن، جو انهن لاءِ مثبت يا منفي جا ليبل لڳائڻ اجا پري جي ڳالهه آهي. سماج ۾ ڪنهن به تبديليءَ جو عمل تمام پيچيده عمل هجي ٿو ۽ لازمي طور سڀ تبديليون مثبت يا اسانجي مطلب ۽ منشا مطابق هجن، اهو ضروري ناهي. سماج ۾ اُهي تبديليون، جيڪي اسان پاڻ پنهنجي شعوري عمل ۽ رٿابنديءَ سان پنهنجين قوتن آڏار آڻيون ٿا، اُهي تہ ڪنهن حد تائين اسانجي هٿ وس هونديون آهن پر جيڪي تبديليون سماج جا معروضي محرڪ پاڻ آڻين ٿا، اُهي قطعي طور لازمي ناهي تہ اسان جي سوچ ۽ خواهش مطابق هجن. اُهي پنهنجن نتيجن ۾ مثبت بہ ٿي سگهن ٿيون تہ منفي بہ!

پاڪستان پيپلز پارٽي جڏهن لڳ ڀڳ سادا چار ڏهاڪا اڳ وجود ۾ آئي هئي تہ اُها گهڻ-طبقاتي سياست جو هڪ اظهار هئي ۽ ان جو مجموعي ڪردار سمورين ڪمزورين سميت روشن خيال هو. وڏيرڪي ۽ غير انقلابي انداز ۾ ئي سهي پر اها سنڌ ۾ عوامي سياست جو هڪ سگهارو آغاز هئي. شهيد ڀٽو پاڻ سان گڏ نوان نعرا، رويا، سياست جا پاپولر انداز ۽ ڪردار کڻي آيو، جنهن موجود سماج ۾ وڏي اٿل پٿل آڻي، هڪ نئين سياسي دور جي شروعات ڪئي. اها حقيقت آهي تہ هن جماعت وٽ شهيدن جو هڪ قبرستان آهي، جنهن سنڌ جي عوام جي هن پارٽيءَ سان جذباتي وابستگيءَ کي هميشہ جياپو ڏنو. ماڻهن هن پارٽيءَ کي بي لوث محبتون ڏنيون، سندن وجود لاءِ اڻ ڳڻيون قربانيون ڏنيون، کين هميشہ سگهارو مينڊيٽ ڏنو ۽ سندن خلاف اسٽيبلشمينٽ جون سازشون ناڪام بڻايون. موٽ ۾ پ پ پ سنڌ کي هينئر ڇا ڏنو آهي؟ بدترين حڪمراني، مثالي ڪرپشن، اقربا پروري، ميرٽ جي لتاڙ، ادارن جي تباهي، عوام جي نڌڻڪائي ۽ ان ڪان بہ مٿي ڪُرسيءَ خاطر سنڌ جي مينڊيٽ جو سودو ڪري سنڌ جي انتظامي ورهاڱي ذريعي سنڌ جي وحدت تي ٺهري وار. پ پ پ ۽ اُن جي هاڻوڪي قيادت شايد سنڌين کي گذريل چئن ڏهاڪن جي غير مشروط محبت جي سنگين سزا ڏني آهي. حقيقت ۾ جي ان لقاءَ جو گهرائيءَ سان تجزيو

ڪجي ته مان چوندس ته پ پ پ هاڻي مدي خارج ٿي، پنهنجي ابتڙ ۾ تبديل ٿي Counter Production (نقصانڪار) بنجي چُڪي آهي. بيڙل پاڻي ڏپ ڪري زهر ٿي ويندو آهي ۽ اهو واپرائڻ سان خطري جو سبب بڻبو آهي. فطرت جي فلسفي يعني جدليات مطابق شيون مرحليوار پنهنجي ابتڙ ۾ به تبديل ٿي وڃن ٿيون. مون گهڻا سال اڳ پنهنجي ڪتاب "رياست جو بحران ۽ قومي سوال!" ۾ لکيو هو ته پ پ پ هاڻي مڪمل طور مدي خارج قوت ۾ تبديل ٿي چُڪي آهي، جنهن جا عملي ثبوت هاڻي اسان ڏسي رهيا آهيون .سائين جي ايم سيد هميشه چيو ته، هيءَ پارٽي پنجابي- پناهگير مستقل مفاد جي ونگار وهندي ۽ پليجي صاحب ڪيڏو نه سچ چيو هو ته، ننڍي صوبي/قوم جا ماڻهو موجوده نظام ۾ سچي ملڪ جي حڪمرانيءَ جي شوق ۾ هوندا ته پنهنجيءَ قوم جا مفاد وڪڻي ڪانسواءِ ڪڏهن به اقتدار جي مسند تي ويهي نه سگهندا. سنڌ جي انهن ڏاهن جون اڳڪٿيون جيئن ته تاريخ ۽ سماج جي ادراڪ جي بنياد تي ڪيل هيون، انڪري ڪيڏو نه ڪڙو سچ ثابت ٿيون آهن! موجوده مڪاني نظام جو ڪارو قانون ان ڏس ۾ ان خدشي جي تصديق جو آخري ۽ حتمي مثال هو.

ان سڄي صورتحال جي نتيجي ۾ پ پ جو اخلاقي زوال ته سنڌ ۾ مڪمل طور ٿي چُڪو آهي، اها ٻي ڳالهه آهي ته سماج تي قابض طبقي جي وڏي حصي جي ڪري پ پ پ اڃا به ڪجهه عرصو ووٽ ڪٺندي پر اهو محبت جو نه پر مجبوريءَ جو ووٽ هوندو .سنڌ ۾ سياسي متبادل جو سوال ته گهڻي عرصي کان وٺي سنڌ ۾ بحث هيٺ رهيو آهي پر تازو اهو سوال وڏيءَ شدت سان اڀريو آهي. اسانجي خواهش ته اها رهي آهي ته اهو خال سماج جون ڪي وطن دوست، عوام دوست ۽ روشن خيال سيڪيولر سياسي قوتون ڀرين پر هڪ ته سماج ۾ اهڙين قوتن جو وڏو ڏڪار آهي. قومپرست جماعتن جي صورت ۾ جيڪي پريشر گروپ آهن، اُهي احتجاج ۽ مزاحمت يا نظرياتي مورچي تي ته پ پ پ جو ڀرپور مقابلو ڪري سگهن ٿا ۽ ڪندا به رهيا آهن ۽ ان ميدان تي هنن جي سگهه پ پ پ کان گهڻو مٿي آهي پر ظاهر آهي ته پارلياماني سياست جي ميدان تي قومپرست جماعتون وڏيرڪي طبقي ۽ سندن نمائنده جماعتن جو مقابلو ڪرڻ جي پوزيشن ۽ حيثيت ۾ نه آهن. ان ۾ هنن جون تنظيمي ڪمزوريون ۽ صلاحيتون به ذميوار آهن پر سڀ کان وڏو سبب طبقاتي آهي. قومپرست جماعتن وٽ اهو طبقو آهي ئي ڪونه، جيڪو چونڊن ۾ بيهي سگهي، سماجي طور تمام با اثر هجي، پارلياماني سياست ۾ تجربيڪار هجي ۽ سڀ کان وڏي ڳالهه ته پارلياماني سياست جا خرچ ۽ ٻيا لوازمات پورا ڪري

سگهڻ جو اهل هجي. اهو پنڌ اڃا پري آهي. انڪري اقتداري ۽ پارلياماني سياست جي ميدان جي کيڏاري قوتن کي چڱي ريت معلوم آهي ته قومپرست، پ پ پ کي جڏهن پنهنجي جدوجهد ۽ مزاحمت سان ڪمزور ڪندا ته پس و پيش ان جو ڪثيو پارلياماني سياست جي حوالي سان اُهي نه کائي سگهندا. انڪري موجوده پير صاحب پاڳاري ۽ سندس جماعت جي نئين مڪاني نظام تي سگهاري ڪردار کي به گهڻا ماڻهو ان تناظر ۾ ڏسن ٿا.

موجوده پير صاحب پاڳارو ڪيترو وطن دوست ۽ ثابت قدم آهي، ان جو حتمي جواب ته ايندڙ وقت ۽ سندن مستقبل جو ڪردار ئي ٻڌائيندو پر هڪ ڳالهه ضروري آهي ته گذريل ڪجهه عرصي کان موجوده پير صاحب پاڳارو اهو تاثر ڏيڻ ۾ ضرور ڪامياب ويو آهي ته هو بيو نه ته به پنهنجي والد صاحب کان بهرحال گهڻو مختلف آهي .مڪاني نظام جي ڪاري قانون خلاف حڪومت کان ڏار ٿيڻ، قومپرستن سان ويجهڙائي پيدا ڪرڻ ۽ تازو 14 ڊسمبر تي حيدرآباد ۾ هن قانون خلاف تمام وڏي احتجاجي جلسي سنڌ ۾ سندس لاءِ هڪ بهتر تاثر پيدا ڪيو آهي. ان عرصي وچ ۾ موجوده پير صاحب پاڳاري ۽ سندس جماعت بابت سنڌ ۾ جيڪو بحث مباحثو ٿيو آهي، اهو ٻن انتهاپسند لاڙن جو شڪار ٿيندي نظر اچي ٿو. هڪ انتها انهن خوشفهم ماڻهن جي خواهشن ۾ آهي، جن جو خيال آهي ته سنڌ پير صاحب پاڳاري جهڙي ڪردار جي ڳولا ۾ هئي ۽ سنڌ ۾ ليڊر شپ جو خال هاڻي اهوئي پريندو ۽ اُهي ماڻهو هن ۾ سندس ڏاڏي سورهيه بادشاهه کي ڏسي رهيا آهن. مان سمجهان ٿو ته اهو ماڻهن جي خوشفهميءَ جو ٺلهين خواهشن تي ٻڌل رايو آهي. هڪ ته موجوده پير صاحب پاڳارو نه ته ڪو مزاحمتي اڳواڻ آهي ۽ نه وري ڪو اهڙو اڳواڻ آهي، ائين ناهي ته هو ڪو هاڻي نئون سياست ۾ آيو آهي، هو اڳ به اسيمبلين جو ميمبر ۽ وزير رهيو آهي ۽ جي هن جي دامن تي ڪو داغ ناهي، ته هن جو ڪو ڪارنامو به رڪارڊ تي ناهي .موجوده پير صاحب پاڳاري بابت سوچ جي ٻي انتها انهن دوستن جي آهي، جن جي نظر ۾ جيئن ته سندس جماعت هڪ عقيده پرست ۽ ساڃيءَ ڏر جي جماعت آهي، انڪري روشن خيال ماڻهن کي هن سان گڏ ويهڻ به نه گهرجي. منهنجي نظر ۾ اها به هڪ سطحي ۽ غير سياسي سوچ آهي. سياست ۾ ڪنهن سان به ويهي سگهجي ٿو، سوال آهي ته ان جا بنياد ڪهڙا آهن؟ جيڪڏهن موجوده پير صاحب پاڳاري ۽ سندن جماعت پنهنجي سموري ماضيءَ ۽ حال جي حقيقتن باوجود سنڌ جي وحدت خلاف هن ڪاري قانون تي واضح موقف اختيار ڪري پ پ پ ۽ متحده کي سوڙهو ڪرڻ ۾ اثرائتو

ڪردار ادا ڪيو آهي ته پوءِ آخر ان اِشوءَ تي ساڻن ڇو نه ٿو ويهي سگهجي؟ منهنجي نظر ۾ اها ڳالهه ته ڪنهن به شڪ کان بالاتر آهي ته موجوده پير صاحب پاڳارو ۽ سندس جماعت بنيادي طور ساڄيءَ ڌر جا روايتي اقتداري پارلياماني سياست جا ماڻهو آهن. ظاهر آهي ته هو سياڻي ايندڙ وقتن ۾ به حڪومتن جي ٺهڻ جو حصو هوندا، انڪري هو هڪ حد کان وڌيڪ نه ته ڪنهن به اقتداري سياست جي ڌر (اسٽيبلشمينٽ، پ پ پ، متحده وغيره) سان ڦٽائيندا ۽ نه وري ڪو وڏو رسڪ کڻي پاڻ کي ڪنهن بوهي ۾ وجهندا. سوال اهو آهي ته جي اهو سڀ ڪجهه ٿيندي نظر نه ٿو اچي ته پوءِ آخر موجوده پير صاحب پاڳارو ۽ سندس جماعت سنڌ جي سياست ۾ پلا ڀيو ڪهڙو مِشن يا اهڙو ڪردار ادا ڪري سگهن ٿا، جيڪو پس و پيش سنڌ جي مفاد ۾ هجي يا گهٽ نقصانڪار هجي.

حقيقت ۾ سماج ۾ رڳو عوام ۽ حڪمران طبقن جا ٿي نه پر حڪمران طبقي جا پاڻ ۾ به سنگين ترين اختلاف هوندا آهن. بلڪل ائين جيئن خود عوام جا پاڻ ۾ انيڪ تضاد هوندا آهن. جيئن ته حڪمران طبقي کي صدين ۽ هزارن سالن کان عوام کي ويڙهائي مٿن راڄ ڪرڻ جو تاريخي تجربو آهي، انڪري هو عوام جي اندروني تضاد جو ڀرپور فائدو وٺن ٿا پر عوام پنهنجي تاريخي پسماندگيءَ ۾ ۽ تجربي جي کوٽ سبب حڪمران طبقي جي اندروني تضاد جو فائدو وٺڻ ۾ ايترو اهل ثابت نه ٿيو آهي. موجوده پير صاحب پاڳاري ۽ سندس جماعت جي موجوده ۽ ايندڙ وقت ۾ ڪردار کي به ان تناظر ۾ ڏسڻ جي ضرورت آهي. ان ڏس ۾ هيٺيان نقطا غور طلب آهن:

(1) پ پ پ جي سنڌ جي پارلياماني سياست ۾ اڪثريتي حيثيت ۽ هڪ هٽي هاڻي سنڌ لاءِ نقصانڪار بڻجي چُڪي آهي ۽ سندن ان حيثيت کي اسانجي ڪابه وچئين طبقي جي قومپرست ڌر ايندڙ چڱي وقت تائين پارلياماني سياست جي ميدان تي منهن ڏئي نه سگهندي. انڪري ان عبوري دور ۾ پ پ پ جي نام نهاد سگهاري ۽ اڪيلي مينڊيٽ جي ڪاٽ محل ۾ سندن ئي طبقي جي ڪا ڌر ڏار وجهي سگهي ٿي. اهو ڄاڻندي به ته پي ايم ايل (ف) هڪ ساڄيءَ ڌر جي ۽ اسٽيٽسڪو جي ئي پارٽي آهي، جيڪڏهن پ پ جي وڏي مينڊيٽ جي طلسم کي ٽوڙي ٿي ته اهو اسانجي مخصوص حالتن ۾ سماج جو هڪ اڳيون ڏاڪو هوندو. پ پ پ جي هن حڪومت ثابت ڪيو آهي ته هڪ وڏي مينڊيٽ سان سنڌ جي مفادن کي نهايت آسانيءَ سان تين وال ڪري سگهجي ٿو ۽ گهٽ ۾ گهٽ ورهايل مينڊيٽ جي صورت ۾ اهو ڪرڻ ممڪن

تہ پوءِ بہ هوندو پر ڏکيو ضرور هوندو. منهنجيءَ نظر ۾ ايتري تبديلي بہ موجوده حالتن ۾ مثبت آهي.

(2) اها حقيقت آهي تہ پي ايم ايل (ف) بنيادي طور هڪ اقتداري سياست جي رانديگر جماعت آهي ۽ ماضيءَ ۾ اها سدائين اسٽيبلشمينٽ سان گڏ رهي آهي .هيءَ جماعت مستقبل ۾ بہ پ پ پ، ايم ڪيو ايم ۽ ٻين ڌرين سان اقتداري ناهہ ڪري سگهي ٿي، پر جيڪڏهن موجوده پير صاحب پاڳارو پنهنجي پارٽيءَ جي ماضيءَ جي ٻيٽ ۾ سنڌ جي بنيادي مفادن تي ڪا سوديبازي نہ ٿو ڪري تہ بہ اها هڪ مثبت ڳالهہ هوندي. جيئن هن ڪاري قانون خلاف واضح موقف اختيار ڪيو آهي يا ڪالاباغ ڊيم جي چٽي مخالفت ڪئي آهي، جيڪا سندس جماعت اڳ ڪڏهن بہ نہ ڪئي هئي .اقتداري سياست جون ڪيڏاري پارٽيون لازمي طور هميشہ ڪمپرومائيز ڪنديون. پلا جي اُهي ڪمپرومائيز غداريءَ جي سطح جا نہ هجن تہ بہ اها هڪ مثبت ڳالهہ هوندي.

(3) تاريخ ۾ ڪڏهن ڪڏهن اتفاق يا حادثا قومن جي تاريخ ۾ سماج کي مثبت چال بہ ڏيندا آهن. جيئن عوام يا وچئين طبقي مان ماڻهو ويڪائو بہ ٿي سگهن ٿا تہ ائين حڪمران طبقن مان ماڻهو انفرادي طور تبديل بہ ٿي سگهن ٿا. جي موجوده پير صاحب پاڳارو سچ پچ بہ اندر ۾ قوم ۽ وطن لاءِ ڪو درد رکي ٿو ۽ ڪيس سنڌ ۾ ڪو مثبت ڪردار ادا ڪرڻ جي تمنا آهي تہ پوءِ اها هڪ خوشگوار ڳالهہ هوندي .اهو انڪري جو وٽس روايتي، عقيده پرست ۽ پسمانده ئي سهي پر بهرحال هڪ غير معمولي منظم قوت آهي. لازمي ناهي تہ سماج ۾ سڀ قوتون روشن خيال يا اسانجي مطلب جون هجن پر اهڙيون منظم قوتون مخصوص حالتن ۾ قوم جي ڪم اچي سگهن ٿيون، جن جي اڳواڻ جي دل ۾ وطن ۽ قوم دوستيءَ جا ڪجهہ عنصر هجن. پيو تہ قومي مفادن جي ويڙهہ ۾ حڪمران طبقي خلاف طبقاتي ويڙهہ ڪندي بہ ساڻن هڪ حد تائين گڏ هلي سگهجي ٿو. چين ۾ ڪامريڊ مائو ڪومنتانگ جهڙي پارٽيءَ سان جپان خلاف اتحاد ڪيو. تاريخ ۾ اهڙا انيڪ مثال پريا پيا آهن.

هن سموري ڳالهہ ٻولهہ جو تت هيءُ آهي تہ موجوده پير صاحب پاڳاري جي هن جزوي طور سامهون آيل مثبت ڪردار کي ايترو بہ نہ ڪٽجي، جو خود فريب خوشفهميءَ جا ويهي چار اُٽجن. سنڌ کي اڳ ئي شخصيت پرستي، خود فريبيءَ ۽ خوشفهمين مسلسل ڏنگيو آهي. هاڻي وڌيڪ خود فريبيءَ جو رسڪ اسان قومي طور نہ ٿا ڪٽي سگهون. پر اسانجو مطلب اهو بہ ناهي تہ ڪيس هن

چڱي ڪم تي نہ ساراهجي يا ڪيس نہ ڏسجي تہ هو اڳتي ڪيئن ٿو وڃي؟ اسان جو ڪنهن سان بہ ازلي ابدي سياسي تعلق ناهي. جيڪو بہ سنڌ لاءِ هڪ قدم کڻندو تہ ان سان بہ پير پربا پر جي ڪڏهن سنڌ سان ويساهہ گهاتي ڪئي وئي ۽ سنڌ کي ڪو ڪارڊ يا ڪرسيءَ تائين رسڻ جي ڏاڪڻ سمجهيو ويو تہ پوءِ انکي بخش ڪيئن ٿو ڪري سگهجي!

آخري ڳالهہ تہ ڇا پير صاحب پاڳاري کي اندازو آهي تہ هن بابت سنڌ ۾ کهڙا بحث مباحثا هلي رهيا آهن؟ ڏسجي تہ هن پاڻ بابت سنڌ جي سياست ۾ جيڪو وقتي مثبت تاثر قائم ڪيو آهي، هو انکي اجا بہ اڳتي وٺي ٿو وڃي يا اهو تاثر چوندن جي گوڙ ۾ ان ڪان پوءِ ٿيندڙ اقتداري راند ۾ ماضيءَ جو قصو بڻجي ٿو وڃي .سندس مستقبل جي ڪردار بابت هاڻي بال سندس ڪورٽ ۾ آهي!

*(روزاني ڪاوش حيدرآباد، 18 ڊسمبر 2012ع)*

# پاڪستان مسلم ليگ (ف) جي سياست بابت ڪجھ بنيادي سوال!

پاڪستان مسلم ليگ (ف) جي سياست تنظيمي ۽ سياسي طور بحران ۽ تضاد جو شڪار نظر اچي ٿي، جنهن جا واضح اشارا امتياز شيخ جي استعيفا، صدر الدين شاھ راشديءَ جي پريس ڪانفرنس ۾ ڪيل گفتگوءَ ۾ گذريل ڪجھ عرصي کان پارٽيءَ جي اهم اڳواڻن طرفان پيپلز پارٽيءَ ۾ شموليت جي واقعن مان ملن ٿا. هونئن ته پاڪستان مسلم ليگ (ف) جي سياست بابت ڪڏهن به، ڪوبه مونجهارو نه رهيو آهي، جو ان جي سياست به هميشه "پٿو مخالف" بنياد تي رهي آهي ۽ نه رڳو پاڪستان قومي اتحاد جي مک اڳواٽي ان وٽ هئي، پر ضياءَ الحق ۽ پرويز مشرف جهڙن آمرن جي به سدائين عوامي ۽ سياسي سطح تي واڪاڻ ۾ آجيان ڪئي ويندي هئي. فنڪشنل ليگ جي سياست جو محور ڪڏهن به سنڌ ۾ جمهوريت نه رهيا، اهو ئي سبب آهي جو اها جماعت ڪڏهن به جمهوريت جي بحاليءَ جي تحريڪن جو حصو نه رهي ۽ نه ئي ان ڪڏهن سنڌ جي ڪنهن به مسئلي تي ڪو چٽو موقف رکي، سنڌ جي پاسي بيهڻ کي اوليت ڏني. جيتوڻيڪ سائين جي ايم سيد اهڙي ڪوشش به ڪئي ۽ پرويز مشرف جي ابتدائي سالن ۾ جڏهن ان ڪالاباغ ڊيم جي اڏاوت جو اعلان ڪيو ته هيءَ اها واحد جماعت هئي، جنهن ڪالاباغ ڊيم جي واضح حمايت ڪئي ۽ مشرف جو ساٿ ڏنو. جڏهن ته اهڙي واضح حمايت ته مشرف جي پارٽي مسلم ليگ (ق) جا سنڌي اڳواڻ به ڪرڻ کان قاصر هئا. مونکي ياد آهي ته انهن ئي ڏينهن ۾ رسول بخش پليجو صاحب ۽ آئون ان جماعت جي قيادت وٽ ڪنگري هائوس ڪراچيءَ وياسون ته جيئن کين ڪالاباغ ڊيم جي حمايت نه ڪرڻ جي گذارش ڪجي ۽ اسان کي ان وقت سخت مايوسي ٿي، جڏهن اسان کي سڌو ۽ ڪُتو جواب ڏنو ويو ته هر اهو ڪم ڪيو ويندو، جنهن سان سندن "حرن" کي فائدو ٿئي. پير صاحب وڏي ڪڏهن پنهنجي حرن کي سنڌ جي ثقافت، ٽوپي اجرڪ پائڻ يا سماج جو حصو ٿي رهڻ جي به تلقين نه ڪئي، اهو ئي سبب آهي جو حر جماعت جو پنهنجو هڪ الڳ ڪلچر آهي پر

ان جو سنڌي سماج جو حصو ٿي رهڻ ۽ ان جي ثقافت، سياسي ۽ معاشي مفادن لاءِ ڪڏهن به ڪو ڪردار نظر نہ آيو. ها اهو ضرور آهي تہ سورهيہ بادشاهہ جڏهن سياش چندر بوس جهڙن انقلابين جي صحبت ۾ هڪ باغيءَ ڪان وڌي هڪ آزاديءَ پسند اڳواڻ ٿيو تہ هن پنهنجي حرن جو مزاج بہ تبديل ڪري ڇڏيو ۽ سندس پوئين دور جا حر سنڌ جا فخر جوڳا سورهيہ، ويڙهاڪ ۽ مزاحمت ڪار هئا، جن پنهنجو ساهہ تہ ڏنو پر ويساهہ نہ وڃايو. محمد عثمان ڏيپلائيءَ جو ناول "سانگهڙ" انهيءَ جو عڪاس آهي. اها هڪ تاريخي حقيقت آهي تہ سورهيہ بادشاهہ جي پٽ مرحوم پير صاحب پاڳاري پنهنجي سياست جا بنياد اقتداري سياست تي رکيا، اهو ئي سبب آهي جو پاڪستان مسلم ليگ (ف) هڪ ننڍي پارٽي هئڻ باوجود سدائين حڪومتن جو حصو رهي آهي.

پير صاحب پاڳاري شاهہ مردان شاهہ جي وفات ڪانپوءِ جڏهن ان مسند تي سياسي ۽ روحاني طور موجوده پير صاحب پاڳارو ويٺو تہ خود سندس ئي ويجهن حلقن طرفان اهو تاثر اڀارڻ جي شعوري ڪوشش ڪئي ويئي تہ هو پنهنجي ڏاڏي سورهيہ بادشاهہ جي سوچ رکي ٿو ۽ هو پاڪستان مسلم ليگ (ف) جو سياسي ڪردار تبديل ڪرڻ چاهي ٿو. اهو بہ حسين اتفاق هو جو ان دور ۾ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي ناقص حڪمراني ۽ غلط فيصلي سنڌ ۾ اهو بحث پڻ اٿاريو تہ سنڌ ۾ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي متبادل پارلياماني سياسي پارٽي اڀرڻ گهرجي، خاص طور پاڪستان پيپلز پارٽيءَ پاران ٻٽي مڪاني نظام جو بل سنڌ اسيمبليءَ مان غير سنجيدگيءَ سان پاس ڪرائڻ ڪانپوءِ اهو بحث وڌيڪ تيز ٿيو. جيتوڻيڪ منهنجو ان وقت بہ اهو چٽو خيال هو تہ سنڌ ۾ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جو خال نہ تہ مسلم ليگ (ف) جهڙي اسٽيبلشمينٽ جي حامي پارٽي ڀري سگهي ٿي ۽ نہ ائين ٿيڻ گهرجي پر بهرحال موجوده پير پاڳاري جا سنڌ دوست بيان اچڻ لڳا، هن سنڌي ٽوپي پائڻ شروع ڪئي ۽ سندس پارٽيءَ سنڌ اسيمبليءَ ۾ ان ٻٽي نظام جي مخالفت شروع ڪئي ۽ نيٺ ان جو ڇيهہ حيدرآباد وارو تمام وڏو جلسو هو، جنهن ڪان اڳ هر هنڌ سورهيہ بادشاهہ جي تسلسل جي ڳالهہ ڪئي پئي ويئي ۽ اهو بہ پهريون ڀيرو هو جو پير پاڳارو هڪ "روحاني پير" طور نہ پر هڪ سياسي پارٽيءَ جي اڳواڻ جي حيثيت ۾ سمورن مهمانن سان گڏ هڪ ئي اسٽيج تي هيٺ ويٺو. ان جلسي ۾ مون هڪ اديب جي حيثيت ۾ تقرير ڪئي ۽ آئون اهو واحد مقرر هوس، جنهن پير صاحب ڪان وڏي مجموعي جي سامهون سندس آئيندي جي سياست بابت ڏکيا ۽ تکا سوال ڪيا (جنهن تي منهنجي

معلومات مطابق حر جماعت جا اڳواڻ سخت ناراض ٿيا ته پير صاحب ڪان عوامي جلسي ۾ پڇاڻي جي روايت درست نه آهي).

حقيقت اها آهي ته اهو جلسو جَرَ تي ڦوٽو ثابت ٿيو، ۽ اهي جيڪي مزاحمت جي تسلسل جون ڳالهيون هيون، ان جو بعد ۾ ڪو به ۽ ڪٿي به ذڪر پڌڻ ۾ نه آيو. لڳي ائين ٿو ته ماضيءَ جي شاندار مزاحمتي ڪردار ڪي به عوامي تحرڪ ۽ ساک جي بحران مان نڪرڻ لاءِ هڪ "ڪارڊ" طور استعمال ڪيو ويو. چاڪاڻ ته اقتداري سياست ڪو نه ڪو جذباتي سياست جو "ڪارڊ" استعمال ڪرڻ ڪانسواءِ شايد هلي به نه ٿي سگهي، پوءِ چاهي اهو شهيدن (پٽن) جي رت جو ڪارڊ هجي، سنڌ ڪارڊ هجي يا سورهيه بادشاهه جي تاريخي شخصيت ۽ ارڏي ڪردار جو ڪارڊ هجي. ان جلسي ڪانپوءِ پاڪستان مسلم ليگ (ف) ساڳين پيرن تي موٽي وئي. چيو وڃي ٿو ته اسٽيبلشمينٽ پنهنجي "ڏوري ڇڪي" ۽ ڳالهه اتي ئي ختم ٿي وئي. اليڪشن ڪان اڳ پيپلز پارٽيءَ خلاف ڏهه جماعتي اتحاد به ٺاهيو ويو پر پير صاحب ڪٿي به نظر نه آيو. حقيقت اها آهي ته اها ڳالهه ان جلسي ۾ ئي واضح ٿي وئي هئي، چاڪاڻ ته ان ۾ جتي پير صاحب پاڳاري اڳتي جي سياست لاءِ ڪوبه واضح لائحه عمل نه ڏنو اتي سندس ننڍي ڀاءُ صدر الدين شاهه راشدي ته واضح طور چيو هو ته ساڳي اسٽيبلشمينٽ ۽ فوج سان هم آهنگيءَ واري سياست کي جاري رکندا، هاڻي ڪٿي به سورهيه بادشاهه جي وارثي ۽ سنڌ جي حقن جي تحفظ جو نعرو ان پارٽيءَ جي پليٽ فارم تان پڌڻ ۾ نٿو اچي. نتيجي ۾ پاڪستان مسلم ليگ (ف) 2013ع جي چونڊن ۾ وڏيڪ سيٽون کٽڻ جي بجاءِ اڳ کان به ڪمزور حيثيت ۾سامهون آئي ۽ هاڻي ته پارٽيءَ مان اڪثر اڳواڻ نڪرڻ جو سلسلو شروع ٿي ويو آهي، جيڪو خبر ناهي ڪٿي وڃي دنگ ڪندو. هڪ قدم اڳتي وڌي ۽ ٽي قدم پٺتي هٽڻ واري سياست وڃي پارٽيءَ کي اليڪشن ڪان اڳ ۽ پوءِ سخت نقصان رسايو.

تازو امتياز شيخ سان اختلافن ڪانپوءِ صدالدين شاهه راشدي جيڪا ڪراچيءَ ۾ پريس ڪانفرنس ڪئي، ان ۾ هن اهو واضح ڪيو آهي ته پاڪستان مسلم ليگ (ف) حرن جي جماعت آهي ۽ ان کي ڪو به "غير حر" هائيجيڪ نٿو ڪري سگهي. هن جيڪو پريس ڪانفرنس ۾ واضح پاليسي بيان ڏنو ان جي پارٽيءَ طرفان ڪابه ترديد نه آئي آهي، انڪري ان کي پارٽيءَ جو ئي پاليسي بيان سمجهيو ويندو. هاڻي سوال اهو آهي ته جيڪڏهن مسلم ليگ (ف) دراصل حرن جي تنظيم آهي ته پوءِ ان کي هڪ سياسي پارٽي

چو سمجهيو وڃي؟ ڇاڪاڻ تہ حر جماعت ۾ تہ پير صاحب پاڳاري جو درجو هڪ "روحاني پير" وارو آهي ۽ هن سان اختلاف جي ڪابہ گنجائش ٿي نہ ٿي سگهي، جڏهن تہ سياست ۾ ڪوبہ مقدس ناهي هوندو ۽ هر اڳواڻ سان نہ رڳو اختلاف ڪري سگهجي ٿو پر ان جي راءِ کي پڙ رد ڪري سگهجي ٿو. ايڪويهين صديءَ ۾ پيري مريدي ۽ سياست گڏ ڪيئن ٿا هلي سگهن؟ ۽ ڇو هلڻ گهرجن؟ سياست جو بنياد تہ نظرين، تنظيم ۽ ان جي ادارن تي هوندو آهي، پر جيڪڏهن سياست ۾ بہ پيري مريدي هوندي تہ پوءِ ان سياست کي جمهوري يا عوامي سياست تہ سڏي نٿو سگهجي.

سنڌ جا باشعور ماڻهو تہ روايتي وڏيرڪي سياست کي بہ سنڌ لاءِ زهر قاتل ۽ عوام دشمن سمجهن ٿا، پر سياست ۾ پيري مريديءَ جو ڪلچر تہ ماڳهين وڌيڪ خطرناڪ آهي، جو اها سياست سماج ۽ قوم کي اڳتي وڌڻ بجاءِ اچا پوئتي ڌڪيندي. بيو تہ جي صدرالدين شاهہ راشديءَ مطابق پاڪستان مسلم ليگ (ف) رڳو حرن جي جماعت آهي تہ پوءِ بہ جماعتون رکڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي، حر جماعت کي بہ هڪ پارٽيءَ طور اليڪشن ڪميشن وٽ رجسٽرڊ ڪرائي سگهجي ٿو. ان سان تہ پارٽيءَ جو ڪم سولو ٿي پوندو، ان ۾ نہ ڪو ٻاهريون ماڻهو شامل ٿيندو ۽ نہ وري پارٽيءَ ۾ اندروني اختلاف پيدا ٿيندا. امتياز شيخ تہ "ذاتي مصروفيتن" تحت استعيفا ڏئي ڇڏي آهي پر صدرالدين شاهہ راشديءَ جي ڪراچيءَ واري پريس ڪانفرنس ۾ انهن سمورن پارٽي اڳواڻن ۽ ميمبرن کي واضح نياپو ڏنو ويو، جيڪي حر نہ آهن ۽ پاڪستان مسلم ليگ (ف) کي هڪ سياسي پارٽي سمجهي رهيا آهن.

*(روزاني ڪاوش حيدرآباد، اڱارو 25 فيبروري 2014ع)*

# ڇا نون صوبن جو قيام
# سنڌ جي حق ۾ آهي؟

پاڪستان جي رياست ۽ سياست تمام پيچيده صورتحال جو شڪار آهن. هن ملڪ ۾ هاڻي حقيقي جمهوريت ۽ عدم مرڪزيت تي مبني وفاقي پارلياماني نظام ئي بہ اهڙا نقطا آهن، جن تي شايد هڪ حد تائين قومن يا عوام جو اتفاق هجي، باقي هاڻي پاڪستان ۾ ڪنهن بہ نقطي تي اتفاق راءِ پيدا ڪرڻ لڳ ڀڳ ناممڪن بڻجي پيو آهي. جنهن ملڪ ۾ هاڻي عيد بہ هڪ ناهي ٿيندي، اُتي وڏن، متضاد ۽ تڪراري معاملن تي گڏيل راءِ تہ ڪنهن طور بہ جُڙندي ممڪن نظر نہ ٿي اچي ۽ ان صورتحال مان ئي رياست جو پيچيده بحران واضح آهي.

جيئن جيئن چونڊون ويجهيون ٿينديون پيون وڃن، تيئن تيئن سرائيڪي صوبي ۽ ملڪ ۾ ٻين صوبن جي قيام جو سوال تيزيءَ سان اُڀاريو پيو وڃي. ان ۾ ڪوبہ شڪ نہ آهي تہ پاڪستان پنهنجي ڍانچي، آباديءَ جي صوبائي تناسب توڙي ادارن ۾ سنڌن نمائندگيءَ جي لحاظ کان ڪنهن طور بہ هڪ متوازن ملڪ ناهي. جيتوڻيڪ اها صورتحال دنيا جي اڪثر وفاقي ملڪن سان لاڳو آهي، پر حقيقي جمهوريت ۽ وفاقي اُصولن تحت انهن اڻ برابرين، ناهموارين ۽ عدم توازن کي هميشہ نضيلت ۽ انصاف جي تقاضائن سان نبيريو ويندو آهي پر پاڪستان ۾ جيئن تہ حقيقي جمهوريت ۽ جمهوري وفاقيت جو نظام رهيو ئي نہ آهي تہ عملي تدبيرون بہ هتي ناپيد رهيون آهن. اوير پاڪستان جي ڌار ٿيڻ کان پوءِ باقي بچيل ملڪ ۾ پنجاب جي قطعي اڪثريتي عددي حيثيت شروع کان وفاق جي عدم توازن جو هڪ اهم سبب رهي آهي، جنهن جي جواب ۾ هڪڙو ئي حل ٻڌايو ويندو آهي تہ پنجاب کي ٽن حصن ۾ ورهائي پوٺوهار، وچولي پنجاب ۽ ڏکڻ پنجاب (سرائيڪي) کي صوبن جو درجو ڏنو وڃي، پر ملڪ ۾ نون صوبن جي قيام جو سلسلو يا مطالبو رڳو اُتي ئي دنگ نٿو ڪري، جو ٻين صوبن بابت بہ مختلف پارٽين جا مطالبا رڪارڊ تي موجود آهن مثال طور خيبر پختونخوا جي هزاره يا هندڪو

ڳالهائيندڙ آبادي، جن کي مقامي طور سواتي به چيو ويندو آهي ۽ جيڪي آباديءَ جي تناسب جي حساب سان لڳ ڀڳ صوبي جي 21 سيڪڙو آبادي آهن، اُهي به هڪ وڏي عرصي کان اهڙو مطالبو ڪندا رهن ٿا ته کين ڌار صوبو ڏنو وڃي، جڏهن ته معاشي ۽ سياسي طور اها آبادي صوبي جي ڪا پسمانده، به اڪيائيءَ جو شڪار يا مظلوم آبادي نه آهي. هزاره آباديءَ جو چڱو حصو فوج ۾ ڀرتي ٿيل آهي. اُنهن علائقن جا ماڻهو ڀُٽي صاحب جي دور ۾ وڏي پيماني تي وچ اوڀر جي ملڪن ڏانهن روزگار سانگي ويا، جنهن ان آباديءَ جي معاشي تقدير ۽ حيثيت ئي تبديل ڪري ڇڏي. پر بهرحال سندن اهو مطالبو ڏينهون ڏينهن سگهاري انداز سان سامهون اچي رهيو آهي. هاڻي ته اُهي ڪراچيءَ ۾ به پنهنجي مطالبي ۽ تحريڪ جي حق ۾ وڏا جلسا ڪري رهيا آهن، جنهن لاءِ چيو وڃي ٿو ته کين ڳُجهي نموني سنڌ جي ورهاڱي جي بدنيتي رکندڙ ڌر جي مڪمل حمايت ۽ مدد شامل هئي ۽ آهي.

عوامي نيشنل پارٽي جيتوڻيڪ هزاره صوبي جي حمايتي نه آهي پر سندن اهو مطالبو آهي ته فاٽا کي يا ته خيبر پختونخوا صوبي ۾ ضم ڪيو وڃي يا وري کين ڌار صوبي جو درجو ڏنو وڃي. پاڪستان پيپلز پارٽيءَ پاران سرائيڪي صوبي جي جواب ۾ وري مسلم ليگ (ن) اهو مطالبو ڪيو آهي ته ملڪ ۾ چار نوان صوبا ٺاهيا وڃن، يعني بهاولپور، ڏکڻ پنجاب، هزاره ۽ فاٽا کي الڳ الڳ صوبن جو درجو ڏنو وڃي ۽ ظاهر آهي ته مسلم ليگ (ن) تيسين ڏکڻ پنجاب کي الڳ صوبي جو درجو ڏيڻ جي حمايت نه ڪندي، جيسين چئن صوبن جي قيام واري مطالبي کي قبول نه ٿو ڪيو وڃي. بلوچستان جي 13 سيڪڙو ايراضيءَ تي مشتمل پختون آباديءَ جي هڪ نمائنده جماعت پختونخوا ملي عوامي پارٽيءَ جو مطالبو ته سيني کان نرالو آهي، جنهن تحت هو مطالبو ڪن ٿا ته پاڪستان ۾ چار پشتون وطن آهن ۽ انهن کي چئن ڌار صوبن جو درجو ڏنو وڃي ۽ ان فارمولا تحت بلوچستان جي پشتون علائقن تي مشتمل هڪ صوبو، موجوده خيبر پختونخوا ٻيو صوبو، فاٽا ٽيون صوبو ۽ پنجاب جي اٽڪ ۽ ميانوالي جي علائقن تي مشتمل چوٿون صوبو. سندن ان مطالبي مطابق ملڪ ۾ سيني کان گهڻا صوبا پشتونن جا هوندا. سنڌ جي حوالي سان ڏسجي ته جيتوڻيڪ متحده سڌيءَ ريت سنڌ جي ورهاڱي جي ڳالهه نه ٿي ڪري پر پارليامينٽ ۾ نون صوبن جي قيام بابت آئيني طريقه ڪار تبديل ڪرڻ لاءِ جمع ڪرايل بل مان ئي اهو واضح آهي ته سندن اصل ايجنڊا، نيت يا مفاد ڇا آهي؟ اهو ئي سبب آهي جو جنوريءَ ۾ سندن قومي اسيمبليءَ ۾ جمع

ڪرايل بل ڪانپور ڪراچيءَ ۾ ڪراچي / مهاجر صوبي جي چاڪنگ، پوسٽر هٽڻ ۽ هاٽي تہ جلوس ڪيڻ جو عمل بہ تيز ٿي ويو آهي. اها ئي ڳالهہ آهي تہ سنڌي عوام، سنڌي قومپرستن جي آواز ۽ سنڌي ميڊيا جي دٻاءَ تحت متحده في الحال رڳو ٻين صوبن جي قيام تي زور ڏئي رهي آهي پر حالتون سنڌن حق ۾ جي ٿِرِ جيترو بہ سازگار ٿيون تہ نانگ ٽيٽيءَ مان ٻاهر نڪرڻ ۾ دير ئي نہ ڪندو. هونئن بہ ڪين رنگ، نالو، نعرو يا موقف مٽائڻ ۾ دير ئي گهٽي لڳندي آهي!

ان سموريءَ صورتحال ۾ ڏسجي تہ اهو سڄو ڊسڪورس ۽ معاملو پس و پيش جيڪڏهن ڪنهن قوم جي خلاف وڃي ٿو تہ اها سنڌ ۽ سنڌي ماڻهو آهن، ڇاڪاڻ تہ پنجاب جي پاڪستان ۾ بالادست حيثيت جو بنيادي سبب رڳو سندن صوبائي عددي اڪثريت ناهي. پنجاب جي اصل سگهہ فوجي ۽ سول بيوروڪريسيءَ ۾ سندن قطعي اڪثريت، سندن اُسريل ۽ سگهارو مڊل ڪلاس، وڏا شهري مرڪز، پاڻيءَ جي ڦُرلٽ سبب زرعي اُپت جي سگهہ ۽ صنعتڪاري آهن. ٻيو تہ جن علائقن کي اسان سرائيڪي علائقا چئون ٿا، اُتي بہ گذريل ڪيترن ڏهاڪن کان پنجابي ڳالهائيندڙ آباديءَ جي وڏي پئماني تي آبادڪاري ٿي آهي. ٻئي طرف ڏکڻ پنجاب ۾ پوٺوهار ۽ وچولي پنجاب جي فوجي آفيسرن کي وڏي پئماني تي زرعي زمينون پڻ الاٽ ٿيون آهن، جنهن سبب پڻ اتي آبادڪاريءَ جي صورتحال تبديل ٿي آهي. رڳو گريٽر ٿل ڪئنال جو ئي مثال وٺجي تہ اهي رپورٽون بار بار ميڊيا ۾ اچي ويون آهن تہ اهو غيرقانوني طور ٺهيل ڪئنال جيڪا 15 لک ايڪڙ زمين آباد ڪندو، ان منجهان 12 لک ايڪڙ زمين پرويز مشرف دور ۾ فوجين کي الاٽ ڪئي وئي هئي. مطلب تہ ڏکڻ پنجاب يا سرائيڪي صوبي جي قيام سان وچولي پنجاب ۽ پوٺوهار جي علائقن جي بالادست حيثيت کي ڪو وڏو ڌڪ نہ لڳندو. ٻيو تہ وفاق ۾ جيڪو ادارو صوبن جي آباديءَ جي عدم توازن جو سدِباب ڪندو آهي، اهو ادارو يعني سينيٽ پاڪستان ۾ هونئن ئي بنيادي معاملن ۾ بي اختيار آهي. البتہ ان سان سرائيڪين کي شناخت ۽ ترقي ضرور ملندي. سرائيڪين جو وري مسئلو اهو آهي تہ اُهي گذريل چڱي وقت کان اڻ سڌيءَ ريت ڪراچي صوبي جي بہ ڳالهہ ڪن ٿا، جو کين معلوم آهي تہ شايد اڪيلي سر سندن صوبو نہ ٺهي سگهي. مطلب تہ جي صوبا ٺهيا تہ گهڻا ٺهندا، نہ تہ اڪيلي سر شايد ڪوبہ صوبو ٺهي نہ سگهي. متحده ڏانهن سرائيڪين جو "سافٽ ڪارنر" پڻ سنڌين لاءِ وڏي عرصي کان ڳڻتيءَ جو باعث آهي. حقيقت اها آهي تہ پاڪستان ۾ شروع کان سرائيڪين جي جيڪڏهن ڪنهن قوم حقيقي

حمايت ڪئي آهي تہ اهي سنڌي ماڻهو آهن. ان ڪري سرائيڪين کي جيڪڏهن سنڌ مان سنڌين جي ڪا وسيع حمايت گهرجي تہ پوءِ کين سنڌ جي حوالي سان واضح موقف اختيار ڪرڻو پوندو .ٻيءَ صورت ۾ سنڌين لاءِ سنڌن حمايت نهايت ڏکي ٿي پوندي، جو اهو عالمي دستور آهي تہ قومون پنهنجي سفارتي پاليسيءَ ۾ سڀ کان اڳ پنهنجا ڏور رس مفاد ڏسنديون آهن.

پشتون قوم جون تہ هن ملڪ ۾ هونئن بہ ڏهہ ٿي آڱريون گيهہ ۾ آهن. پنجاب کانپوءِ هيءَ واحد قوم آهي، جنهن جو ملڪ جي هر اداري ۾ هر سطح تي نہ رڳو جوڳو حصو آهي پر هيءَ آبادي سموري ملڪ ۾ پکڙيل آهي. خيبر پختونخوا صوبي ۾ 78 سيڪڙو آبادي پشتون آهي، بلوچستان ۾ 46 سيڪڙو آبادي سندن آهي ۽ هاڻي تہ هو اها بہ دعويٰ ڪن ٿا تہ دنيا ۾ پشتون آباديءَ جو وڏي ۾ وڏو شهر ڪراچي آهي. جي صوبا ٺهيا تہ بہ سندن وارا نيارا هوندا ۽ جي نہ ٺهيا تہ بہ کين نہ ڪو لهر نہ ڪو لوڏو. بلوچ ڪٽي في الحال وڏي عذاب ۾ آهن ۽ سندن معاشي ۽ سماجي ترقيءَ جي حيثيت تمام پوئتي پيل آهي پر کين اهو تہ خوف ڪونهي تہ بلوچ وطن ڪنهن ٻئي جي قبضي ۾ آهي يا سندن قدرتي وسيلا سڀ ڦُرجي ويا آهن. سندن ياڳ پلا جو هن رياست کي اها صلاحيت ئي نہ آهي، جو بلوچستان جا معدني وسيلا مڪمل طور ڪڍي يا ڪتب آڻي سگهي. اصل مسئلو اسان سنڌين جو آهي، جن جي اڪثريتي پارٽيءَ جو حال اهو آهي جو اُها مفاهمت جي نالي ۾ سڀ ڪجهہ ٻين حوالي ڪرڻ لاءِ تيار آهي. سنڌ جو وڏي ۾ وڏو شهر انهن گروهن جي قبضي ۾ آهي، جن جون نيتون سنڌ ڏانهن ميريون آهن. ان ڪري اسان کي ان سموري صورتحال جي پس منظر ۾ نون صوبن جي قيام جو جائزو وٺڻو پوندو. في الوقت اسان کي رڳو هڪ ٽيڪ آهي تہ ملڪ جي موجوده آئين ۾ نون صوبن جي قيام جي سوال جي ڪا گنجائش ئي نہ آهي ۽ صوبن جي حدن ۾ قيرڦار جو آئيني اختيار آرٽيڪل 239 تحت مرڪزي يا مرڪزي پارليامينٽ کي نہ پر واسطيدار صوبن جي صوبائي اسيمبلين جي ٻہ ٽياڳي ٽي اڪثريت کي آهي پر اسان کي ٺلهو آئين جي هڪ آرٽيڪل جي آسري تي بس ڪري اطمينان سان ويهي نہ رهڻ گهرجي، جو هن ملڪ ۾ هونئن ڪهڙا فيصلا آئين تحت ٿيا آهن؟ ان ڪري اسان کي نون صوبن جي ڊسڪورس تي وڏي گهرائيءَ سان غور ڪرڻ گهرجي. مون محسوس ڪيو آهي تہ عالمي طاقتن سان وابستہ اهم سفارتڪار ۽ ادارا پڻ پاڪستان ۾ گهڻن صوبن جي قيام جا حمايتي آهن. مون کي اهو اندازو 2009ع ۾ واشنگٽن ۾ پنج مهينا رهڻ دوران ٿيو، جتي مون هر اهم اداري ۾ ماڻهوءَ کي پاڪستان ۾

گهڻن صوبن جي قيام جي حمايت ڪندي ڏٺو. اسٽيفن ڪوهن ۽ جنرل آصف نواز جنجوعا جو ياءُ شجاع نواز ان ڏس ۾ تمام سرگرم هئا. اها ساڳي صورتحال اسلام آباد ۾ مختلف موقعن تي آمريڪي، برطانوي ۽ ٻين سفارتڪارن سان ملاقاتن ۾ محسوس ٿيندي آهي. ٻئي طرف اردو ڳالهائيندڙ دانشور ۽ ميڊيا ٽوٽي اين جي اوز سان وابسته هڪ وڏو حلقو وڏي وقت کان مٿين سطح تي اهو ڊسڪورس جاري رکندو اچي ۽ هاڻي ته ساڻن سرائيڪي ۽ هزاره به گڏ ۽ هم آواز آهن. ان ڪري اسان کي پڻ پنهنجي جاگرافيائي ۽ قومي وحدت جي معياري ۽ اثرائتي سفارتڪاريءَ جي عمل کي هر سطح تي تيز ڪرڻو پوندو ۽ اهو فرض رڳو سياسي پارٽين جو ناهي، هن ڪم ۾ قوم جي هر باشعور ماڻهوءَ کي هر سطح تي ۽ هر شعبي ۾ اثرائتو ڪردار ادا ڪرڻو پوندو. پ پ پ، جيڪا اڪثريتي ووٽ سنڌ مان کڻي ٿي، پل ته سياسي ڪارڊ طور سرائيڪي صوبي جو سوال اُٿاري وچولي پنجاب ۽ پوٺوهار جي نمائنده سياسي قوتن کي اکيون ڏيکاري پر ان کي اهو هر سطح تي واضح ڪرڻو پوندو ته سرائيڪي صوبي جو واسطو ٻين صوبن جي قيام سان مشروط ناهي ۽ سنڌ اندر ڪنهن صوبي جي سوال جو مطلب سواءِ مستقل گهرو ويڙهه جي ٻيو ڪجهه به نه هوندو. پ پ پ کي سياسي ڪارڊ کيڏڻ وقت هن اشوءَ جي سياسي حساسيت جو ادراڪ هئڻ گهرجي، نه ته سرائيڪي صوبو ته ٺهي يا نه پر سنڌ به سنڌن هٿن مان ويندي.

ذاتي طور مان سمجهان ٿو ته سرائيڪين کي صوبو ملڻ جي جائز مطالبي باوجود مجموعي طور ملڪ ۾ گهڻن صوبن جو قيام اسان سنڌين جي حق ۾ نه آهي. جنهن ملڪ ۾ اڳ ئي ناٺي ۽ پاڻيءَ سميت انيڪ معاملا صوبن وچ ۾ اڻ نبريل آهن، اُتي جيترا وڌيڪ صوبا هوندا، اوترا وڌيڪ حصيدار هوندا ۽ سنڌ جي حصي ۾ گهٽتائي ايندي. ارسا ۽ اين ايف سيءَ ۾ اسان اڳ ئي ڏسي چڪا آهيون ته پنجاب ته ٺهيو پر بلوچستان ۽ خيبر پختونخوا به سنڌ خلاف ٿي بيهندا آهن. سرائيڪي ته هونئن ئي چوندا آهن ته سنڌو درياهه تي سنڌين کان به وڌو حق سنڌن آهي، جو هو درياهه سان وڌيڪ پيار ڪن ٿا، جنهن جو ثبوت درياهه بابت سنڌن زبردست شاعري آهي. مون کي تجربي جي بنياد تي يقين جهڙو خدشو آهي ته گهڻن صوبن جي قيام سان سنڌي سيني کان وڌيڪ ڪُنڊائتا ٿيندا، جو وفاق اندر بنيادي معاملا نه نبرڻ سبب هر اشوءَ تي ٻهريون اعتراض سنڌ ڪندي آهي ۽ اڳتي به ڪندي. ارسا ۽ اين ايف سيءَ ۾ سنڌ جي اڪيلي حيثيت ان جو هڪ چِٽو ثبوت آهي. ان ڪري اسان کي صوبن جي

قيام جي ڊسڪورس ۾ اها ڳالهه تمام چٽائيءَ سان ۽ وڏيڪ اثرائتي نموني اُڀارڻي پوندي ته سنڌ جي وحدت جي سوال تي سمورين سياسي پارٽيون پنهنجي پوزيشن واضح ڪن ۽ اها ڳالهه پنهنجي ايندڙ اليڪشني منشور ۾ شامل ڪن. ٻي ڳالهه ته صوبن جي حدن ۾ ڦير ڦار بابت آئيني طريقہ ڪار جي تبديليءَ کي ڪالاباغ ڊيم جيان ايترو تڪراري بڻائجي، جو اهو عملي طور ناممڪن بڻجي وڃي.

*(روزاني ڪاوش حيدرآباد، 8 مئي 2012ع)*

# عمران خان جي سياست ۽ سنڌ جا مفاد!

هونئن تہ گذريل ڪجهہ سالن کان عمران خان ملڪي سياست ۾ تيزيءَ سان اُڀريو آهي، جنهن کي گهڻا ماڻهوان سان بہ تعبير ڪن ٿا تہ هن کي شعوري طور اُڀاريو ويو آهي. حقيقت ڪجهہ بہ هجي پر ان ۾ ڪو شڪ نہ آهي تہ هو ملڪ جي سياسي منظرنامي تي ٽين اهم ڌر طور اُڀري چڪو آهي. گذريل ڪجهہ مهينن کان نوازشريف خلاف اسلام آباد ۾ هنيل ڌرڻن ۽ پوءِ ملڪي سطح تي ٿيندڙ احتجاجي جلسن سبب عمران خان سڄي ملڪ ۾ مثبت توڙي منفي انداز ۾ بحث جو موضوع بڻيل آهي. سياست ۾ ماڻهو جيترو مٿي اُڀرندو آهي، سندس حمايتي ۽ مخالف بہ ساڳيءَ سگهہ ۽ تيزيءَسان سامهون ايندا آهن، ڇاڪاڻ تہ هڪ متضاد مفادن ۽ سوچن تي بيٺل سماج ۾ ڪوبہ سياسي اڳواڻ، سياسي پارٽي سمورن ماڻهن، گروهن ۽ طبقن جي نمائنده ٿي نہ ٿي سگهي. اها ئي ڳالهہ عمران خان ۽ سندس جماعت ۽ سياست سان بہ لاڳو آهي. مون کي پاڪستان جي مختلف يونيورسٽين ۾ پڙهائڻ ۽ ادارن ۾ ليڪچر ڏيڻ جي ڪري سڄي ملڪ ۾ سفر ڪرڻو پوي ٿو ۽ مون اهو هر هنڌ محسوس ڪيو آهي تہ گذريل ڪجهہ عرصي کان عمران خان پنهنجي حمايتين ۽ مخالفن جو هڪ وسيع حلقو پيدا ڪيو آهي، جنهن مان ظاهر آهي تہ هو ملڪي سياسي منظرنامي تي اثرانگيزيت سان اُڀريو آهي. عمران جي سموري سياسي تحريڪ جو سياسي حملو بہ ميان نوازشريف ۽ مسلم ليگ (ن) تي ٿيو آهي ۽ هو ان ۾ وڏيءَ حد تائين ڪامياب ويو آهي. پنجاب ۾ شهري نوجوانن ۽ ماين جو وڏو انگ سندس حمايتي بڻجي چڪو آهي. باقي ٻهراڙي ۽ هيٺيان پورهيت طبقا هن جي سياست جو محور ئي نہ آهن تہ هو انهن ۾ ايترو مقبول بہ ناهي. پنجاب ۾ جنهن تيزيءَ سان ۽ جنهن سطح تي گذريل ٽن ڏهاڪن کان وڏي پئماني تي صنعت ڪاري ٿي آهي ۽ وڏا وڏا شهر اُسريا آهن، ان جي نتيجي ۾ نہ رڳو خوشحالي آئي آهي پر هڪ اثرائتو وچون طبقو بہ پيدا ٿيو آهي، ۽ پنجاب جي سياست ۾ هيءَ سموري اُٿل پٿل ان ئي طبقي جي پيدا ڪيل آهي ۽ اهو طبقو ئي هاڻي پنجاب جي سياسي هوائن جا رخ متعين ڪري ٿو. عمران خان ان ئي طبقي کي پاڻ ڏانهن ڇڪڻ ۾ ڪامياب ويو آهي. ٻيو تہ پنجاب جي سياست ۾

هونئن به ساڄيءَ ڌر جو غلبو آهي ۽ عمران خان به هڪ ماڊريٽ ساڄيءَ ڌر جي سوچ جو حامل آهي. ايندڙ چونڊن ۾ پنجاب ۾ عمران خان يقيني طور هڪ وڏي سگهاري ڌر طور اُڀرندو، ان جا آثار هاڻي کان ئي بلڪل چِٽا نظر اچن ٿا.

گذريل اليڪشن ۾ خيبر پختونخواه ۾ هن کي مينڊيٽ ملڻ جو هڪ اهم سبب اِهو هو جو ماڻهن سمجهيو ٿي ته هو طالبان طرفان ٿيندڙ دهشتگرد ڪارروائين کي روڪڻ ۾ ان ڪري ڪامياب ويندو جو هڪ ته هو ڊرون حملن جي مخالفت ڪندو رهيو آهي ۽ هن وٽ طالبان لاءِ نرم گوشو ڏسڻ ۾ ٿي آيو. هونئن به گذريل چونڊن ۾ طالبان ساڄيءَ ڌر جي جماعتن کي نشانو نه پئي بڻايو جنهن مان اهو واضح نياپو مليو رهيو هو ته طالبان خيبر پختون خواهه ۾ عمران خان جي حڪومت سان سهڪار ڪندا. اها ئي ڳالهه آهي ته عمران خان طالبان کي ان صوبي ۾ ڪارروائين کان روڪي نه سگهيو ۽ نه وري اهو صوبي ۾ ڪو حڪمرانيءَ جو بهتر انداز متعارف ڪرائي ڪرپشن ۽ بدانتظاميءَ ۾ ڪو وڏو فرق آڻي سگهيو. ان ڪري مان سمجهان ٿو ته گذريل ڏيڍ سال ۾ عمران خان جو گراف خيبر پختون خواهه ۾ گهٽو گهٽ ٿيو آهي، جنهن جو ثبوت ايندڙ چونڊون هونديون. هونئن به خيبر پختونخواه صوبي جو مينڊيٽ هر پيري پيو تبديل ٿيندو آهي. پٺاڻ جيئن واپار ۾ بيحد سياڻا آهن، ساڳيءَ طرح هو سياست ۾ به جذباتيت بجاءِ مفادن کي اوليت ڏيندا آهن.

بلوچستان جي سياست ايتري ته حساس ۽ پيچيده مرحلي ۾ داخل ٿي چڪي آهي جو اُتي سياسي طور پير ڄمائڻ عمران خان لاءِ تمام ڏکيو آهي. عمران خان جي سياست جو انداز ۽ نقطه نظر بلوچستان جي سياست ۾ ايترو اثرانگيز ثابت نه ٿيندو. ملڪ کان بيزار بلوچستان ۾ علامه اقبال جي فڪر جي وارثيءَ جي دعويٰ ڪندڙ عمران ايتري آسانيءَ سان اُتي پير نه کوڙي سگهندو ۽ نه ئي هو ان بابت سنجيده نظر اچي ٿو.

عمران خان طرفان سنڌ جي سياست ۾ پير پائڻ جي ڇنڊڇاڻ هڪ بيحد دلچسپ موضوع آهي، جنهن تي اڄ ڪلهه هر محفل ۾ هر هنڌ بحث مباحثو ٿي رهيو آهي. منهنجون ذاتي طور عمران خان سان ٻه ملاقاتون آهن، پهريون پيرو ڏهاڪو سال اڳ هو حيدرآباد آيو هو ۽ ڪجهه سنڌي دانشورن سان مليو هو ۽ بيو مشرف جي دور ۾ هو پليجي صاحب سان ملڻ آيو هو ۽ پليجي صاحب مون کي به ان ڪچهريءَ ۾ مانجهاندي ۾ سڏيو هو. مون کي ٻئي پيرا محسوس ٿيو ته هن کي سنڌ جي سياست جي بنيادي تضادن، محرڪن ۽ پيچيدگين جي نه رڳو ڪا خبر نه آهي پر هو مفروضن جي بنيادن تي سنڌ جي سياست جو تجزيو

ڪري رهيو هو. بعد ۾ هن اهڙا بيان به جاري ڪيا، جن سبب هن بابت سنڌي ماڻهن جي هڪ وڏي حصي ۾ منفي تاثر اُڀريو. خاص طور تڏهن جڏهن هن ڪالاباغ ڊيم جي کُليل حمايت ڪرڻ شروع ڪئي ۽ ملڪ ۾ گهڻا صوبا ناهڻ جي ڳالهه ڪئي. هن کي اندازو ئي نه هو ته اِهي معاملا سنڌين لاءِ ڪيترا حساس آهن. تازو اسلام آباد ۾ به جڏهن هن ڌرڻا هنيا ته ان ۾ به سنڌ جي مسئلن جو ڪو ذڪر نه هو ۽ ان کي سنڌ جي ماڻهن شدت سان محسوس ڪيو ۽ ان کي ملڪي نه پر پنجاب جي سياست جو اندروني تضاد ڪوٺيو. ان کان اڳ به موقعا اهڙا آيا هئا جڏهن سنڌي ماڻهن جي هڪ حصي عمران خان بابت مثبت راءِ رکڻ شروع ڪئي هئي، هڪ تڏهن جڏهن مشرف جي دور ۾ 12 مئي جي واقعن کانپوءِ عمران خان متحده خلاف برطانيه ۾ مهم هلائي ۽ الطاف حسين تي ڪيس داخل ڪرڻ جي ڳالهه ڪئي ۽ ٻيو تڏهن جڏهن گذريل چونڊن ۾ هن ڪراچيءَ مان سُٺا ووٽ ڪنيا ۽ ايم ڪيو ايم جي ڳڙهه سمجهيو ويندڙ علائقن مان به وڏي انگ ۾ ووٽ حاصل ڪيا پر حقيقت اِها آهي ته عمران خان سنڌين طرفان پيدا ٿيندڙ مثبت راءِ کي اڳتي وٺي وڃڻ ۾ ڪامياب نه ٿيو ۽ نه ئي هن اهڙي ڪا سنجيده ڪوشش ڪئي.

نظر ائين پيو اچي ته اسلام آباد جي ڌرڻي دوران هن کي يا ته پاڻ اهو خيال آيو يا هن کي اِها صلاح ڏني وئي ته هن کي سنڌ ۾ سياسي طور پير کوڙڻ گهرجن، ڇاڪاڻ ته جيڪڏهن هن جي سموري مخالفت جو رخ رڳو نوازشريف يا مسلم ليگ (ن) ڏانهن رهيو ته ان جو لازمي فائدو پنجاب جي حد تائين پاڪستان پيپلز پارٽيءَ کي به ويندو، ان ڪري هو هاڻي جڏهن مسلم ليگ (ن) جي سياست کي سَنڌائتو ڌڪ هڻي چڪو آهي ته هن پاڪستان پيپلز پارٽيءَ کي به سوڙهو ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي، جنهن جي شروعات هو لاڙڪاڻي ۾ جلسي ڪرڻ سان ڪرڻ وڃي رهيو آهي. سنڌ جي سياست پنجاب جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ پيچيده آهي ۽ عمران خان ائين بلڪل نه سمجهي ته ڪو وڏا جلسا ڪرڻ سان هو سنڌ جي پارلياماني سياست ۾ وڏو ڪو ڇال ڏئي سگهندو. وڏا جلسا ته سنڌ ۾ اُهي قومپرست جماعتون ۽ گروهه به ڪري ويندا آهن، جن کي هڪ سيٽ به نه ٿي ملي، ان ڪري سنڌ جي پس منظر ۾ وڏا جلسا ڪرڻ ڪنهن به ريت عوامي پذيرائيءَ جو پئمانو نه ٿا ٻڌجي سگهن. خود چونڊن کان اڳ حيدرآباد ۾ مسلم ليگ (ف) سنڌ جي تاريخ جو وڏي ۾ وڏو جلسو ڪري ڏيکاريو پر چونڊن ۾ نتيجا ان جي اُبتڙ هئا. مان سمجهان ٿو ته عمران خان ۽ سندس پارٽيءَ کي سنڌ ۾ هيٺين اهم ڏکيائين کي منهن ڏيڻو پوندو. مثال طور:

(1) سنڌ ۾ پارلياماني سياست ۾ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ ۽ متحده قومي موومينٽ اڳ ئي موجود آهن، جيڪي هزار ڪمزورين باوجود بهرحال پنهنجي پنهنجي دائري ۾ تمام مضبوط آهن ۽ اُهي هن جماعت کي نہ برداشت ڪنديون ۽ نہ سؤلو هضم ڪنديون.

(2) سنڌ ۾ قومپرست پارٽيون ۽ گروهہ ڀل تہ پارلياماني محاذ تي ڪمزور هجن پر انهن جو سنڌ جي سياست ۾ اهم ۽ اثرائتو ڪردار يقيني طور آهي ۽ هنن جي سياسي مخالفت جو بنياد يا حمايت سنڌ جا مستقل مفاد آهن. ڀل تہ عمران جو سڌو ٽڪر متحده ۽ پ پ سان هجي پر اهو بہ اهم سوال آهي تہ عمران خان جا لاڳاپا قومپرست جماعتن سان ڪهڙا آهن ۽ اُهي هن بابت ڪهڙي راءِ هموار ڪن ٿيون.

(3) عمران خان ڀل تہ بظاهر ماڊريٽ ۽ ماڊرن ماڻهو نظر ايندو هجي پر هو بنيادي طور ساڄيءَ ڌر جو موقف رکندڙ ماڻهو آهي. سنڌ ۾ ساڄيءَ ڌر جي سياست ڪڏهن بہ عوامي سطح تي ڪامياب نہ رهي آهي. ان ڪري اهو چئلينج هن لاءِ رهندو ۽ هن کي سنڌ ۾ اچي علامہ اقبال جا خواب ٻڌائڻ بدران سنڌ سان نهڪندڙ موقف پيش ڪرڻو پوندو.

(4) سنڌ جو عوام گذريل پنجن ڏهاڪن کان وڏا وڏا تجربا ڪري ويٺو آهي. هن ڀُٽي ۽ بينظير جي سياست ڏٺي آهي، هن جي ايم سيد ۽ رسول بخش پليجي کي آزمايو آهي. سنڌ جي شهرن ۾ اردو آبادي بہ ائين جماعت اسلامي، جمعيت علماءَ پاڪستان کان وٺي ويندي متحده کي ڏسي چڪي آهي. ظاهر آهي تہ اهڙو سماج سياسي طور سؤلو نہ هوندو ۽ ڪا تڪڙي تبديلي نہ آڻي سگهندو. سنڌ ۾ جتي هڪ طرف نين قوتن لاءِ سياسي خال موجود آهي، اُتي سنڌ جو عوام نهايت ڏکيو بہ آهي، جو هو تجربن جي انيڪ مرحلن مان گذريو آهي. ان ڪري عمران خان ائين نہ سمجهي تہ ڪو ماڻهو سندس انتظار ۾ ويٺا آهن، جن کي هو ايندو ۽ ميڙي ويندو. نانگ ڪاڌل نوڙيءَ کان بہ ڊڄندو آهي، سو سنڌي ماڻهو بہ ڪنهن نئين قوت ڏانهن وڃڻ کان اڳ سئو ڀيرا سوچيندا.

اهي سڀ چئلينج پنهنجيءَ جاءِ تي پر سوال آهي تہ ڇا عمران لاءِ سنڌ جي سياست ۾ مڪمل طور جاءِ موجود نہ آهي يا نہ هوندي؟ مان سمجهان ٿو تہ ائين ناهي. عمران خان بلڪل سنڌ ۾ سياسي طور پير کوڙي سگهي ٿو، جيڪڏهن هيٺيان نقطا هن جي ايجنڊا تي هجن:

(1) عمران خان کي سڀ کان اول سنڌ جي سياست جي معروضيت کي سمجهڻو پوندو ۽ داخليت جي بنياد تي مفروضن کان پاسو ڪرڻو پوندو.

چاڪاڻ تہ سنڌ جي سياست ايتري سولي ناهي جو "گو زرداري گو!" ۽ "گو الطاف گو" جي نعرن سان انهن قوتن جي سياسي ديوارن ۾ ڏار وجهي سگهجن. نعري بازي هتي اڳ ئي هر قسم جي موجود آهي، سو عمران جي نئين نعري بازي ڪو ڀوتو ڀاري نہ سگهندي.

(2) عمران خان جي پهرين سياسي وِڪ سندس سنڌ بابت موقف هوندو. ماڻهو پهرين ڏڪ سان ڪيس سندس موقف مان پرکيندا. هن کي سمجهڻو پوندو تہ سنڌ جي وحدت، مڪمل صوبائي خودمختياري، قومي ٻولين جي حيثيت، وسيلن تي مڪمل مالڪي، سنڌين جو حق حڪمراني ۽ دائمي اڪثريتي حيثيت ۽ سنڌ لاءِ ترقيءَ جو خاڪو ئي اُهي نقطا آهن، جيڪي سندس سياست جو بنياد بڻجي سگهن ٿا. رڳو ملڪي سياست بابت ڳالهيون سنڌ ۾ اثرائتيون ثابت نہ ٿينديون، چاڪاڻ تہ انهن سان گڏ سنڌ جا ڪجهہ مخصوص مسئلا بہ آهن. هتي تہ انهن جماعتن کي بہ ڪڏهن ڪڏهن قومي معاملا ڪڻڻا پون ٿا، جيڪي قومي سوال جا ئي انڪاري آهن.

(3) عمران خان بہ جيڪڏهن ساڳي غلطي ڪندو، جيڪا سنڌ ۾ نوازشريف ڪئي تہ يقيني طور ڏڪ کائيندو. يعني هن کي اڳ ئي بدنام ۽ مُدي خارج وڏيرن بجاءِ سنڌي عوام، نوجوانن ۽ سنڌ ۾ سندس اثرائتي تنظيم ڪاريءَ تي ڀاڙڻو پوندو. سنڌ ۾ اقتداري سياست جي ڏنڊَ جا پکي تہ هن وٽ اچي سگهن ٿا پر ان سان هو عوامي سياست ۾ لهي سگهي يا پنهنجي جاءِ جوڙي سگهي، اِهو ممڪن نہ آهي. مون نوازشريف کي بہ ڪراچيءَ ۾ تفصيلي ملاقات ۾ غوث علي شاهہ، ممنون حسين، الاهي بخش سومري ۽ احسن اقبال جي روبرو اها صلاح ڏني هئي، جيڪا هن کي ظاهر آهي تہ سمجهہ ۾ نہ آئي. عمران خان کي بہ طئي ڪرڻو پوندو تہ هو ڪنهن جي معرفت سنڌ جي سياست ۾ پير کوڙيندو؟ ساڳين سنڌي وڏيرن معرفت يا سنڌي عوام ۽ منظم تنظيم ذريعي؟

(4) عمران خان هڪ ملڪي اڳواڻ آهي، سنڌي ماڻهو اهو بہ ڏسڻ چاهيندا تہ جيڪو موقف هو سنڌ ۾ رکي ٿو، ڇا هو ساڳيو موقف سنڌ کان ٻاهر بہ ساڳيءَ سگهہ ۽ اوليت سان رکي ٿو؟ مثال طور هو کُليل طور ڪالاباغ ڊيم جي مخالفت پنجاب ۾ بہ ڪري، هو سنڌ جي وحدت جو سوال ڪراچي ۽ سڄي ملڪ ۾ زور سان کڻي، هو سنڌي ٻوليءَ جي قومي حيثيت جو سوال هر فورم تي کڻي ۽ سنڌ ۾ سنڌين جي دائمي اڪثريتي حيثيت جو سوال هر هنڌ کڻي ۽ سنڌ ۾ ٿيندڙ ڪرپشن، بدانتظامي ۽ اقرباپروريءَ کي سڄي ملڪ ۾ پڌرو

ڪري. سنڌ ۾ سياسي ڪارڪنن کي گم ڪري سندن ڇڃريل لاش ملڻ تي هو سڄي ملڪ ۾ احتجاج ڪري.

(5) عمران خان جو اسٽيبلشمينٽ ڏانهن نهايت نرم گوشو آهي ۽ هو "راولپنڊيءَ" ۽ ايجنسين جي تعريف ڪندو رهي ٿو يا سندن ڪردار بابت خاموش رهي ٿو. جڏهن ته سنڌ جي سياست جو مزاج ئي اسٽيبلشمينٽ مخالف آهي. سوال آهي ته ڇا هو ان انداز سان سنڌ ۾ سياست ڪري سگهندو، جتي اهو سِڪو ئي نه هلندو هجي؟

مان سمجهان ٿو ته جي هن اُنهن نقطن تي غور ڪيو ۽ انهن جو عملي اظهار پنهنجيءَ سياست ۾ ڪيو ته هو سنڌ جي سياست ۾ هڪ حد تائين پير ڪوڙڻ ۾ ڪامياب ويندو، ڇاڪاڻ ته ان ۾ ڪوبه شڪ ناهي ته باشعور ماڻهو پ پ پ، متحده ۽ فنڪشنل ليگ جي سياست کان وڏيءَ حد تائين بيزار آهن، جو سنڌ جي هن حالت لاءِ اِهي جماعتون ذميوار آهن ۽ سنڌ جون قومپرست جماعتون پارلياماني سياست جي محاذ تي انهن جماعتن سان مقابلو ڪرڻ جي سگهه ۽ صلاحيت ۾ بيحد ڪمزور آهن. پر ظاهر آهي ته عمران خان کي سنڌ جي سياست ۾ پير کوڙڻ لاءِ عملي طور اهو سڀ ڪرڻو ۽ ثابت ڪرڻو پوندو،جنهن تي مون مٿي ويچار پيش ڪيا آهن. هو سنڌ جي سياست ۾ ڪامياب ٿو وڃي يا ناڪام، ان جو دارومدار جتي حالتن تي آهي اُتي هن جي موقف، سياسي ڪردار، تنظيمي سگهه ۽ سرزمين تي عملي ڪردار تي به آهي. سندس ڪاميابيءَ ۽ ناڪاميءَ جو تعين ظاهر آهي ته بنيادي طور سندس سياسي ڪردار ڪندو!

*(روزاني ڪاوش حيدرآباد، جمعو 21 نومبر 2014ع)*

# سنڌ ۾ ملندڙ چڙيل لاش
# ڪهڙا نتيجا آڻيندا؟

پاڪستان جي قيام کان وٺي هيستائين رياست نه هوندئن به ڪڏهن سنڌ تي مهربان نه رهي آهي. ملڪ ٺهڻ شرط سنڌ جو خودمختيار وجود ويو هليو، سنڌي هندو ڏرتيءَ ڏڪاٽا تي پاڙئون پٽجي ويا، ڪراچيءَ کي ملڪ جو دارالحڪومت بڻائي ان کي سنڌ کان ڌار ڪيو ويو، سنڌي هندن جون ڇڏيل املهه ملڪيتون، محلن جهڙا گهرَ، شهرن اندر پاڙن جا پاڙا ڪُوڙن ڪليمن ذريعي ڪسجي ويا. سنڌي ٻوليءَ جي دفتري حيثيت وٺي هلي. 1955ع ۾ ون يونٽ مڙهي سنڌ جو وجود ٺي ميساريو ويو ۽ شيخ اياز چواڻي "سنڌڙي تنهنجو نانءُ ورتو، جڻ ڪاريهر تي پير پيو" واري صورتحال رهي. ون يونٽ جو سڄو دور رياست جڻ نه ڏاڻڻ تي بيهي رهي. اڪثر اديب، شاعر، دانشور ۽ سياسي ڪارڪن جيل ۾! جنهن جنهن پنهنجي وطن، قوم، عوام ۽ ٻوليءَ جي ڳالهه ڪئي، اهو غدار ليکيو ويو. ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي مَڇَ جيل ۾ سَڙِي سَڙِي صحت وڃائي آيو. سائين جي ايم سيد زندگيءَ جو چوٿون حصو نظربنديءَ ۾ گذاريو، رسول بخش پليجو يارنهن سال ڪاٽَ ۾ رهيو. ڪامريڊ غلام محمد لغاري نه ملڪي تاريخ جو ڊگهي ۾ ڊگهو عرصو ڪاٽَ ۾ رهيو. ٻيو نه ٺهيو پر سنڌ جا معصوم صفت شاعر ۽ اديب شيخ اياز، ابن حيات پنهور، رشيد ڀٽي ۽ ٻيا انيڪ مدبر ڪال ڪوٺڙين ۾ رهيا. سنڌ جي املهه ماڻهن جي شهادت جي وِڇوڙَ تي ڪٽجي نه آندا واتَ ۾ ٽا اچن. شهيد ذوالفقار علي ڀٽو، شهيد فاضل راهو، شهيد نذير عباسي، ٺوڙهي ڦاٽڪ جا شهيد، شهيد بينظير ڀٽو، شهيد مير مرتضيٰ ڀٽو ۽ سنڌ جو ارڏو پُٽ بشير خان قريشي ۽ ٻيا انيڪ ڪارڪن. ضياءَ شاهيءَ دوران ايم آر ڊيءَ جي تحريڪ ۾ رياست جو ڏاڍ ۽ سنڌ مٿان ڪڙڪيل قهر سنڌ تاريخ ۾ ڇا ڪڏهن به وساري سگهندي؟

رياست جو ڏاڍ رڳو سنڌ جي سياسي اڳواڻن ۽ ڪارڪنن جي شهادتن جي صورت ۾ ئي ظاهر نه ٿيو پر سنڌ جي سياست کي ڪرپٽ ڪرڻ، سياسي پارٽين ۾ ڀيچ ڊاهه ڪرائڻ، ڪوڙا ۽ نقلي سُورما پيدا ڪرائي حقيقي سياسي

جدوجهدن کي مسخ ڪرڻ سان گڏوگڏ معاشي ڦرلٽ، سماجي انتشار کي هٿ وٺي پيدا ڪرڻ، سنڌ ۾ قومي ۽ طبقاتي جمهوري سوچ کي ڪاپاري ڌڪ هڻڻ لاءِ ذات پرستيءَ ۽ قبائليت جهڙي بدعت کي وڌائڻ جي حڪمت عملين تي عمل ڪرائڻ جهڙا حربا شامل رهيا آهن. سنڌ پنهنجي حال سارو مسلسل انهن بحرانن مان نڪرندي ۽ وري وري اُٿي بيهي ڪُرُ ڪڍندي رهي آهي، ڇاڪاڻ ته حقيقت ۾ سماجن کي انهن جا معروضي محرڪ اڳتي وٺي ويندا آهن ۽ سنڌ جا معروضي محرڪ ان کي ڪڏهن به وِرچي ويهڻ نٿا ڏين ۽ نه ڪڏهن ڏيندا. سنڌ جي تاريخ ۾ ڪڏهن حڪمرانن به آڻ نه مڃي، هي ته وري به سنڌ جو جديد قومي شعور آهي. اُهو ائين وطن، قوم جي دائمي بقا ۽ اڪثريتي حيثيت توڙي تاريخ ۾ پنهنجيءَ حيثيت کان ائين ڪيئن دستبردار ٿيندو! ان حقيقت باوجود ته سنڌي قومپرست ۽ وطن دوست جماعتن جي ڪمزورين ۽ اندروني بحرانن سبب سنڌ جي قومي ۽ طبقاتي تحريڪ وسيع تر عوامي تحريڪن ۾ تبديل ٿي نه سگهي آهي پر حقيقت اِها آهي ته انهن سمورين پيچيدگين باوجود سنڌ ۾ قومي شعور انهن ئي جدوجهدن توڙي وطن دوست دانشورن، شاعرن ۽ اديبن جي ڪردار ۽ قلم سبب ڏاڪي به ڏاڪي مسلسل وڌيو آهي. جيتوڻيڪ بظاهر اهو تنظيمي صورت ۾ منظم ڪٿي نه به آهي پر اُهو هر حساس موقعي تي پنهنجو ڀرپور مزاحمتي ۽ متحرڪ اظهار ڪندو رهيو آهي. اهو سنڌ جو اجتماعي قومي شعور هو جنهن ڪالاباغ ڊيم کي ٺهڻ نه ڏنو جنهن ٻٽي مڪاني نظام کي واپس ڪرايو، جنهن سنڌ جي هر حساس موقعي تي اُڇل ۽ اُٿل کاڌي آهي. سنڌ بابت اسٽيبلشمينٽ جي پاليسين، رويـن ۽ حڪمت عملين مان صاف نظر اچي ٿو ته رياست کي اهو شدت سان محسوس ٿي چڪو آهي ته هڪ نڊڻڪي، سماجي انتشار ۾ مختلف گروهن ۾ ورهايل سماج جو قومي شعور وڏي اجتماعي سَگهه رکي ٿو. اهو نيٺ پنهنجي اندروني بحرانن کي ڏاڪي به ڏاڪي حل ڪري وٺندو، جو انهن کي تاريخ جا معروضي محرڪ پس و پيش هڪ رخ ۾ وٺي ويندا. نتيجي ۾ جڏهن کان سنڌ جي قومي شعور جون انيڪ سگهاريون شڪليون ظاهر ٿيون آهن تڏهن کان اسٽيبلشمينٽ جون حڪمت عمليون وڌيڪ بي رحميءَ سان سامهون آيون آهن. اِهي حڪمت عمليون ضياءَ جي دور کان ئي تيز ٿي چڪيون هيون. ڇا شهيد فاضل جهڙي متير مڙس کي ائين شهيد ڪرائڻ پنيان اها سوچ ۽ هٿ نه هو ته هو واحد سنڌي وطن دوست اڳواڻ هو، جيڪو قومي ۽ طبقاتي سياست جي ڌارا ۾ هڪ حقيقي عوامي اڳواڻ طور اُڀري رهيو هو؟ ڇا شهيد نظير عباسيءَ جهڙي ڪاهوڙي ڪارڪن ۽ اڳواڻ کي ائين

بيدرديءَ سان شهيد ڪرڻ پٺيان اهو خيال نہ هو تہ هو ڪاڀي ڏر جو واحد اهڙو ماڻهو هو، جيڪو ان تحريڪ کي پورهيتن ۾ هڪ عوامي تحريڪ طور اُڀارڻ جو اهل هو؟ ڇا مير مرتضيٰ ڀُٽي کي ائين رستي تي اجل جو شڪار بڻائڻ پٺيان اِهو اُلڪو نہ هو تہ هو پنهنجي باغيانہ مزاحمتي مزاج سبب ڪنهن بہ ڏاڪي تي اسٽيبلشمينٽ کي ڳچيءَ ۾ پئجي سگهيو ٿي. ويندي تازو شهيد بشير خان قريشيءَ جي ڳجهارت جهڙي موت مان اهو واضح هو تہ هن جي عوامي انداز ۾ لکين ماڻهن کي گڏ ڪرڻ جي سياسي صلاحيت کان اُهي قوتون خائف هيون، جيڪي سنڌ جي قومي شعور جي ڪابہ سگهاري صورت ڏسڻ نہ ٿيون چاهين.

گذريل ڪجهہ سالن کان رياست سنڌ ۾ بہ اهو ڪجهہ ڪرڻ جي روايت وڌي آهي، جنهن جي نتيجي ۾ اڄ بلوچستان عملي طور ملڪ جي هٿن مان ڇڄڻ تہ نڪري چڪو آهي. اڳ بلوچستان ۾ روز سياسي ڪارڪن اغوا ٿيندا هئا ۽ سندن ڇچريل ۽ مسخ ڪيل ڇهرن وارا لِڱ ڪانداريندڙ لاش رستن تي ڦٽا ڪيا ويندا هئا پر هاڻي ڪجهہ سالن کان سنڌ ۾ بہ اهو سلسلو نہ رڳو شروع ٿيو آهي پر تيز پڻ ٿيو آهي. ڪهڙو قانون ۽ آئين ٿو اجازت ڏئي تہ توهان مظفر ڀُٽي جهڙي ڪارڪن جا سينا چيري ڪين لاوارثن جيان رستن تي اُڇليو؟ ڪهڙو ڏوهہ آهي جنهن جي پاداش ۾ روپلي چولياڻي، سرائي قربان کهاوڙ مقصود قريشي ۽ ٻين کي دهشتناڪ طريقي سان ماري ۽ پوءِ ساڙي سندن خاڪ ڪيل جسم سنڌ کي موٽائي ڏيو؟ هاڻي تہ هر مهيني پريل شاهہ جهڙن نوجوان سياسي ڪارڪنن جا ڇچريل لاش ملڻ جو سلسلو معمول ٿي ويو آهي. حقيقت ۾ رياستي ادارن طرفان اهڙيون ڪارروائيون سنڌي سماج کي وڌيڪ انتهاپسنديءَ جي ڏهڻ ۾ ڪيرائڻ جو سبب بڻجي رهيون آهن ۽ شايد اِهو ئي اُهي ڌريون چاهين ٿيون، ڇاڪاڻ تہ جسماني طور ماڻهن کي مارڻ سان سندن سوچ کي تہ ماري نہ ٿو سگهجي. ٿيڻ تہ ائين گهرجي ها تہ رياست انهن سببن تي غور ڪري ها، جن سنڌ جي نوجوانن جي هڪ حصي کي ان پَدَ تي پُهچايو آهي، پر رياستي ادارن ان جي اُبتڙ اهو ڏِگ ورتو آهي، جيڪو پس و پيش رياست جا بنياد لوڏيندو آهي.

ان ڏس ۾ سنڌ حڪومت جي مجرماڻي ماٺ جو بہ نوٽيس وٺڻ گهرجي. ڇا اهو سنڌ جي حڪومت جو فرض ناهي تہ اها انهن ادارن وٽ آواز اُٿاري، جيڪي سنڌ جي نوجوان سياسي ڪارڪنن جا ڇچريل لاش مسلسل موڪلي رهيا آهن پر هيستائين سنڌ جي وڏي وزير جنهن وٽ سنڌ جي گهرو وزارت جو قلمدان بہ آهي، ان بابت ڪو اکر بہ ناهي ڪُڇيو. سنڌ حڪومت کي ڇو خبر نہ ٿي پوي يا ان مصلحت تحت اکيون ٻوٽي ڇڏيون آهن تہ اِهي ڪهڙيون غيبي

قوتون آهن، جيڪي ڏينهن ڏٺي جو مقصود قريشي، روپلي چولياڻي ۽ سرائي قربان کهاوڙ کي ساڙي رستن تي اُڇلائين ٿيون يا ڏوڪريءَ ويجهو آڌيءَ رات جو شڪيل ڪونهاري کي گهر مان کنيي ڪٽي وڃن ٿيون ۽ ڪجهه ڏينهن ڪانپوءِ سندس لاش ملي ٿو. مون کي ذاتي طور معلوم آهي ته هو معصوم، سادو ۽ وطن دوست شاگرد هو. هن جو ڏوهه ڇا هو؟ وطن جو آجپو گهُرڻ هن جو ڪائناتي حق هو ۽ وطن جي آجپي جي خواب جي سزا اها جو ڪيس گهر مان کنيي ڪٽي وڃي ۽ سندس چچريل لاش رستن تي ڦِٽي ڪيو ويو. جڏهن سنڌ حڪومت ان سنگين مسئلي تي مجرماڻي ماٺ سبب اکيون ٻوٽي ڇڏي ٿي ته دراصل اُها پنهنجي عوامي نمائندگيءَ جو استحقاق وڃائي ويهي ٿي. حڪومت جو اولين فرض پنهنجن ماڻهن جو تحفظ هوندو آهي. پاڪستان پيپلز پارٽيءَ ۽ مسلم ليگ (ن) جي صوبائي ۽ وفاقي حڪومت جي اِها مجرمانه ماٺ سنڌ جو ماڻهو نوٽ ڪري رهيو آهي. عمران خان کي ملڪ جي نظام ۾ هر خرابي نظر اچي ٿي پر هو ڇو نه ٿو اهو سوال اُٿاري ته بيگناهه سياسي ڪارڪنن جون شهادتون رياستي دهشتگرديءَ جي زمري ۾ اچن ٿيون. جيڪڏهن سندن ڇپ ائين سِبيل رهيا ته پوءِ ڇا ان کي جمهوريت چئبو؟

جيتوڻيڪ هيومن رائيٽس ڪميشن آف پاڪستان مسلسل ان مسئلي تي آواز اُٿاريو آهي پر سنڌ جي سول سوسائٽيءَ جو به فرض آهي ته اُها انساني حقن لاءِ پتوڙيندڙ ادارن سان لهه وچڙ ۾ اچي، ساڻن مسلسل لک پڙهه ڪن، ڪين ميڊيا جون رپورٽون موڪلين ته جيئن اهو سنگين مسئلو عالمي فورمز تي کڄي سگهي. ڇاڪاڻ ته جيڪڏهن اهو مسئلو گهربل سطح تي نه اُٿيو ته رياستي ادارن جي اهڙين ڪارروايين ۾ وڌيڪ تيزي ۽ شدت اچي سگهي ٿي. مان سمجهان ٿو ته ان ڏس ۾ سنڌ جي ٻين سياسي جماعتن، دانشورن، اديبن ۽ سماج جي سمورن حصن کي به خاموش ٿي نه ويهڻ گهرجي. ياد رکڻ گهرجي ته رياستي ۽ غيررياستي ڦاسي قوتن هٿان ڪاچ ڪير به بڻجي سگهي ٿو. اهي نوجوان جنهن جماعت سان لاڳاپيل آهن، انهن سان سياسي اختلاف ڪري سگهجي ٿو. سندن موقف ۽ حڪمت عمليءَ تي بحث ٿي سگهي ٿو پر انهن جو اهڙو ڪو ڏوهه ناهي جو انهن کي نڌڻڪو ڪري ماري سندن چچريل لاش رستن تي ڦِٽو ڪيا وڃن ۽ اُهو به 21هين صديءَ ۾. ان ڪري هن مسئلي تي سموري سماج جي باضمير ۽ باشعور حصن کي هڪ آواز تي اُٿي بيهڻ گهرجي، ڇاڪاڻ ته اها ئي اسان جي گڏيل سگهه آهي، جيڪا رياستي دهشتگرديءَ کي روڪڻ جي اهل ٿي سگهي ٿي. *(روزاني ڪاوش حيدرآباد، 11 نومبر 2014ع)*

# چريل لاش ۽ سنڌ لاءِ
# درست حڪمت عمليءَ جو سوال!

جيتوڻيڪ اهو ڪو پهريون واقعو نه هو، پر راجا ڏاهر جهڙي نوجوان جي شهادت سچي سنڌ کي رڳو ڏکيو ئي نه آهي پر سچيءَ سنڌ جي هيانءَ ۾ ڇڙ ته چڪ پيل آهي. اهو تڏو رڳو سائين عطا محمد ڀنڀري جي گهر ۾ ئي نه پر اسان جي دل توڙي روح ۾ به وچايل آهي. جمهوريت لاءِ بار بار وڙهندڙ ۽ قربانيون ڏيندڙ سنڌ جو هر ماڻهو سوال ڪري ٿو ته هيءَ ڇا ٿي رهيو آهي، جو "اڻ ڄاتل" قوتون سنڌ جي سياسي ڪارڪنن کي ڪو به ڏوهه ٻڌائڻ کانسواءِ کڻيو کڻي وڃن ٿيون، ڪين 21 هين صديءَ ۾ به بدترين اذيتون ڏئي ويران رستن تي تشدد شده لاشن جي حالت ۾ ڦٽو ڪيو وڃي ٿو ۽ پوليس ڪين "لاوارث" ڄاڻائي ايڌيءَ جي حوالي ڪري ٿي ۽ پوءِ راجا ڏاهر جو لاش حاصل ڪرڻ لاءِ سائين عطا محمد ڀنڀري جي خاندان کي درخواستون ڏيڻيون پون ٿيون. اغوا ڪرڻ، تشدد ڪري، نوجوان سياسي ڪارڪنن کي شهيد ڪرڻ مهل ڪو به قانون پڙ تي نٿو هجي، پر لاش وصول ڪرڻ لاءِ قانون حرڪت ۾ ٿو اچي.

سنڌ جا ماڻهو وڏي حيرت ۽ گهري صدمي سان ويچارين ٿا ۽ سنڌن ڪاوڙ ڏک ۽ مزاحمت سان ڀريل نيڻ سوال ڪن ٿا ته ڇا هيءُ اهو ملڪ آهي، جنهن لاءِ 13 مارچ 1943ع ۾ سائين جي ايم سيد سنڌ اسيمبليءَ مان سنڌ جي پاڪستان ۾ شموليت جو ٺهراءُ بحال ڪرايو هو؟ ڇا هي اهو ملڪ آهي، جنهن جي جمهوريت لاءِ سڀ ڪان وڏيڪ جدوجهد، قربانيون سنڌ ۽ ان جي عوام ڏنيون آهن؟ ڇا جمهوريت ۾ ائين ٿيندو آهي، جو بغير ڪنهن قانوني جواز جي نوجوان سياسي ڪارڪنن کي کڻيو کڻي وڃجي ۽ ڪين "لاوارث لاشن" جي صورت ۾ رستن تي اڇلائجي؟ ڇا ڪنهن کي اهو ڏسڻ ۾ نه ٿو اچي ته اهي نوجوان "لاوارث" نه، پر هن ملڪ جي خالق قوم جو اولاد آهن. جيڪڏهن هيءَ واقعي جمهوريت آهي ته پوءِ وزير اعظم ۽ سنڌ جو وڏو وزير ڇو خاموش آهن؟ ڇا انهن اسيمبلين کي عوام جون حقيقي نمائنده اسيمبليون سڏجي، جيڪي هن نسوري ناحق تي خاموش آهن؟ متحده پنهنجن انهن ماڻهن جي لاءِ اسيمبلين ۾

دعائون گهرائيندي آهي، جن تي دهشتگرديءَ ۾ ڏوهن جا سنگين الزام هوندا آهن پر اسيمبليءَ جا سنڌي ميمبر هڪ عالم، محقق ۽ اديب سائين عطا محمد ڀنڀري جي ڳيرو پٽ جي شهادت تي ڇو خاموش آهن؟ ڇو سنڌ اسيمبليءَ جو هنگامي اجلاس نه سڏايو ويجي ۽ هڪ ڀيرو وري اهو سوال اٿاريو وڃي ته سنڌ کي هن باهه ۾ ڇو پيا اڇلايو؟ سنڌ ۾ ته ڪا به دهشتگردي جي تحريڪ نه پئي هلي. باقي نظريو اختيار ڪرڻ جمهوريت ۾ هر فرد ۽ گروهه يا تنظيم جو بنيادي حق آهي، جنهن کان انڪار جمهوريت جي روح جي نفي ٿيندي. ڪينيڊا ۾ فيڊريشن آهي، جتي جڏهن فرينچن جي ڪيوبڪ تحريڪ تحريڪ زور ورتو ته اتي ان کي ڏاڍ سان ڇيپائڻ بدران آئين ۾ ترميم ڪري قومن ۽ سنڌن رياست کي ريفرنڊم ذريعي آئيني حق ڏنو ويو. ڀارت ۾ ٻن وزير اعظمن يعني اندرا گانڌي ۽ سندس پٽ راجيو گانڌي کي ٻن تحريڪن يعني سکن ۽ تاملن ماري ڇڏيو پر هنن تاريخ مان سبق سکيو ۽ انهن تحريڪن جي آواز کي سنجيدگيءَ سان ٻڌو ۽ اهو اسان ڏٺو ته هڪ سک گذريل ڏهه سال ڀارت جو وزير اعظم رهيو. ٻيو ته ٺهيو پر ڏکڻ آفريڪا ۾ ڪانگو جهڙي پسمانده ملڪ ۾ به قومي سوال جي شدت کي ڏسي آئين ۾ ترميم ڪئي وئي ۽ هاڻي ڪانگو جي آئين تحت ڪنهن به صوبي يا قوم جي آئيني حقن کي مڃيو ويو آهي.

هيءَ 21 هين صدي آهي، جنهن ۾ انهن رياستن به تاريخ مان سبق حاصل ڪيو آهي، جن جا نظام نه رڳو گذريل صديءَ ۾ بدترين هئا، پر انساني حقن جون سنگين ڀڃڪڙيون ڪندڙ به هئا پر انهن تاريخ ۽ پنهنجي ماضيءَ مان سکيو آهي. 1971ع ۾ بنگلا ديش ٺهي ويو، پر اسان تاريخ مان ڪو به سبق سکڻ لاءِ تيار نه آهيون. سنڌ ۾ سر زمين تي ڪا به هٿياربند جدوجهد نه پئي هلي، باقي ڪو به نقطءِ نظر رکڻ ڪنهن به فرد، گروهه يا جماعت جو جمهوري حق آهي، جنهن کان انڪار نٿو ڪري سگهجي. جيڪڏهن ڪنهن شهري بابت ڪنهن وٽ ڪو ثبوت يا شهادت آهي ته ان لاءِ عدالتون موجود آهن. جمهوري حڪومتن، انتظامي سرشتي ۽ عدالتن هوندي نوجوانن کي اغوا ڪري، ڪين تشدد ذريعي شهيد ڪري لاوارثن جيان رستن تي ڦٽو ڪرڻ کي ڇا چئجي؟ هن طريقي ۽ نظام لاءِ ڪو نالو تجويز ڪريو! پوءِ جمهوريت، ادارن، اسيمبلين ۽ عدالتن جو ايڏو تڪلف ڇو؟ ڇا ڪنهن کي اندازو آهي ته جن نوجوانن کي هو لاوارث ڄاڻائي رستن تي اڇلائي رهيا آهن، انهن جا وارث ڪيترا آهن؟ سنڌن ڪوتاهه نظر اهو ڏسڻ کان قاصر آهي ته اهڙن واقعن جو نفسياتي ۽ سياسي ردعمل هڪدم نه سهي، پر مرحلي ڇا تي سگهي ٿو ۽ ڇا تي رهيو آهي؟ هيءَ 21 هين

صدي آهي، جنهن ۾ جانورن جا به حق آهن، ويندي غير قانوني پرڏيهين ۽ ويندي مجرمن جا به انساني حق آهن. ڌرتي ڌڻين سان هن سلوڪ کي ڇا سڏجي؟

اسان جي سياسي پارٽين کي به پنهنجين پنهنجين حڪمت عملين تي ٻيهر ويچارڻو پوندو. تاريخ ۾ ويڙهه ۽ هٿياربند جدوجهد جي اهميت کان انڪار نٿو ڪري سگهجي. خاص طور گذريل 20 هين صدي ته هٿي ئي اهڙين تحريڪن جي صدي. پر ياد رکڻ گهرجي ته هيءَ 21 هين صدي آهي، جنهن ۾ هڪ طرف مقامي، ملڪي ۽ علائقائي توڙي عالمي سياست جو محرڪ، رخ ۽ نتيجا تبديل ٿي رهيا آهن، ٻئي پاسي جدوجهد جا نوان نوان ميدان پڻ سامهون اچي چڪا آهن. پرامن عوامي تحريڪ وڏي سگهه سان اپاريل نقطهءِ نظر (Narrative) ۽ سفارتي محاذ پڻ وڏا اثرائتا مورچا تصور ڪيا وڃن ٿا. 21 هين صديءَ جا اصل سگهارا هٿيار علم، راءِ عامه، عوامي تحرڪ ۽ پرامن جدوجهد آهن، جنهن کي اسان هيستائين هڪ سيڪڙو به استعمال نه ڪيو آهي. هٿياربند جدوجهد ملڪي جدوجهدن جو آخري ڏاڪو هوندو آهي، سنڌ ته اڃا پنهنجو پهريون ڏاڪو به پار نه ڪيو آهي. سنڌين جو گهٽ ۾ گهٽ هڪ سيڪڙو به چار يا پنج لک ماڻهو ٿيندا. اسان جون سموريون تنظيمون گڏائجن ته به انهن وٽ هڪ لک ڪارڪن به نه هوندا. ٻيو ته ملڪن جو ٽُٽڻ يا بچڻ هاڻي رڳو مقامي معاملو نه آهي، اهو علائقائي ۽ عالمي مسئلو پڻ آهي. اهو ئي سبب هو، جو سمورن نظرياتي فرقن باوجود جديد سنڌ جي سياسي اڏاوت ڪندڙ اڳواڻن ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي، سائين جي ايم سيد ۽ سائين رسول بخش پليجو هميشه پرامن سياسي جدوجهد تي زور ڏنو ۽ اهو ئي طريقو آهي، جنهن سان پنهنجي مقصد ڏانهن ڏاڪي به ڏاڪي وڌي سگهجي ٿو. مهم جوئي اسان کي وڏو قومي نقصان ڏيندي، جنهن کان اسان سمورن فردن، گروهن ۽ تنظيمن کي ضرور بچڻ گهرجي.

هڪ ٻي ڳالهه اهم آهي ته ڪي به نظريا رکڻ هر فرد يا تنظيم جو حق ۽ استحقاق آهي پر سياسي جدوجهدن ۾ حڪمت عملين جي بنيادي اهميت آهي. ڪن حالتن ۾ ته حڪمت عمليون نظرين کان وڌيڪ اهم ڪردار ادا ڪنديون آهن. اهي اسان جي سگهه کي وڌائي سگهن ٿيون ۽ اهي اسان جي سگهه کي ڪمزورين ۾ به تبديل ڪري سگهن ٿيون. درست حڪمت عمليون فڪرن کي موقعن ۾ تبديل ڪري سگهن ٿيون ۽ اڻ ٺهڪندڙ حڪمت عمليون اسان جي موقعن کي خطرن ۾ تبديل ڪري سگهن ٿيون. مان سمجهان ٿو ته اسان جي گذريل اڌ صديءَ جي سفر ۾ اسان کان حڪمت عملي جي لحاظ کان

بہ انيڪ سنگين غلطيون ٿيون آهن ۽ بدستور ٿي رهيون آهن، جن تي تدبر ۽ ڏاهپ توڙي حقيقت پسنديءَ سان غور ڪرڻ جي ضرورت آهي.

ياد رکڻ گهرجي تہ پنهنجو پاڻ کي هميشہ حالتن آهر درست ڪندو رهڻ وڏي اخلاقي، سياسي ۽ روحاني بهادري آهي، ان سان اسان جو شان وڌندو پر گهٽبو ڪونہ! دنيا ۾ وڏين وڏين تحريڪن ۽ اڳواڻن وقت ۽ حالتن آهر پنهنجي حڪمت عملين کي تبديل ڪيو آهي ۽ ان سان هنن پنهنجي سگهہ جو دائرو وسيع ڪيو آهي. اسان تہ اڃا قومي سياسي سگهہ جي حوالي سان بانبڙا پائيندڙ قوم آهيون، ان ڪري اسان کي هر قدم سوچي سمجهي ۽ ڇنڊي ڦوڪي کڻڻو پوندو. اسان کي پنهنجي ڳڀرو نوجوانن جا لاش نہ پر زندگيون گهرجن، سندن جيئرا ۽ باشعور متحرڪ وجود گهرجن، جيڪي سنڌ لاءِ سوچين، لوچين ۽ سياست سميت زندگيءَ جي مختلف شعبن ۾ سنڌ لاءِ ٿنڀا ۽ ٿونڀيون بڻجن.

ڏاڍ سان اسان جا لاش نٽا وڙهي سگهن پر اسان جي لکين ۽ ڪروڙين نوجوانن ۽ ماڻهن جي ذهني، ثقافتي، سياسي، معاشي، فڪري ۽ اخلاقي سگهہ وڙهي سگهي ٿي ۽ سوڀون ماڻي سگهي ٿي. ٻيو تہ اصول اهو آهي تہ مخالف کي ويڙهہ جو ميدان سولو نہ ڪري ڏيو ان کي ڏوڪو ڏيو. ان کي سيڙايو ۽ پنهنجي سگهہ ڏاڪي بہ ڏاڪي وڌايو ۽ حقيقت پسنديءَ ۽ عملي طور ڪري سگهڻ جهڙا ڪم هٿ ۾ کڻي اڳتي وڌو. مون کي اندازو آهي تہ سنڌ جو ماڻهو مخصوص حالتن ۽ تاريخ جي جبر سبب جن ڪيفيتن ۽ پيڙائن جو شڪار آهي، ان ۾ حقيقت پسندي شايد ماڻهن کي نہ آئڙي. اهو اهڙو نفسياتي بحران آهي، جنهن تي مان اڳ لکي چڪو آهيان پر اسان کي ياد رکڻ گهرجي تہ اسان جا جذبا، جوش، ڪاوڙ، مزاحمت، جدوجهد هميشہ نظرين سان گڏ عقل، علم، صحيح عمل ۽ درست حڪمت عملين جي تابع هئڻ گهرجن، ڇاڪاڻ تہ اهو ئي انساني تاريخ ۾ حقيقي قومي، نظرياتي ۽ جمهوري جدوجهد جو سبق آهي، جيڪو اسان کي بہ حاصل ڪرڻ گهرجي.

*(اربع 29 جولاءِ 2015ع)*

# سنڌ مان ڪنهي گم ڪيل ڪارڪن
# ۽ انساني حقن جي سنگين لتاڙ

بلوچستان کانپوءِ سنڌ ۾ سياسي ڪارڪنن ۽ شهرين کي ڪنهي اغوا ڪرڻ، مٿن تارچر ڪرڻ ۽ وينڌي سنڌن چچريل لاش لاوارثن جيان رستن تي ڦٽي ڪرڻ ڪا نئين ڳالهه نه آهي. اهو سلسلو گذريل ڪيترن سالن کان جاري آهي. ان ڏس ۾ مختلف سطحن تي مختلف فورمن تي مسلسل آواز اُٿندو رهيو آهي. هن سال ان اهم ڪم کي جسقم (آريسر) ۽ انساني حقن لاءِ جاکوڙيندڙ ڪارڪن پنهل ساريي هٿ ۾ ڪنيو ۽ ان حوالي سان تازو حيدرآباد کان ڪراچي تائين لانگ مارچ پڻ ڪئي وئي. اها صورتحال ايترو سنگين ٿي وئي آهي، جو جيڪو پنهل ساريو بين ڪارڪنن جي بازيابي لاءِ ۽ سنڌن انساني حقن لاءِ جاکوڙ ڪري رهيو آهي، اهو هاڻي پاڻ ڪنهي گم ڪيو ويو آهي. پنهل ساريي کي مان گذريل ٽن ڏهاڪن کان سڃاڻان اهو هڪ سادو ۽ فقير صفت ڪارڪن آهي، جنهن ڪڏهن به ڪو غير قانوني ڪم ناهي ڪيو ۽ سماج ۾ انصاف لاءِ اٿندڙهر آواز سان هم آواز هوندو آهي. ان ڪري ظاهر آهي ته جن ڌرين هن کي اغوا ڪيو آهي، انهن جي هن سان ڪا ذاتي ويڙهه نه آهي، پر دراصل هن جي اغوا جو مقصد ان آواز کي دٻائڻ آهي، جيڪو هو اٿاري رهيو هو ۽ ساڳئي وقت ان عمل جو مقصد خوف جو ماحول پيدا ڪرڻ پڻ آهي ته جيئن اهڙي حساس ڪم ۾ بيا هٿ نه وجهن. منهنجي خيال ۾ اها انهن ڌرين جي ڪوتاهه نظري آهي، جي کين سنڌ جي سياسي مزاج جي خبر هوندي ته پوءِ اهڙي توقع ڪرڻ ته هي سماج اظهار جي آزادي ۽ سياسي حقن لاءِ خوف ۾ وڪوڙجي خاموش ٿي ويندو، اها غلط ڪٿ آهي، ان سان ويتر شديد ردعمل سامهون ايندو.

بلوچستان ۾ اهڙن روين صورتحال کي وڌيڪ سنگين ڪيو ۽ ان جا نتيجا سموري ملڪ جي سامهون آهن. سنڌ جي ته بلوچستان سان ڪا به ڀيٽ نٿي ڪري سگهجي، جو سنڌ ۾ ملڪ خلاف ڪا به تحريڪ ڪونه پئي هلي. هتي ڪنهن به هٿياربند جدوجهد جو ڪو وجود نه آهي. باقي مختلف سياسي تنظيمن جو جيڪڏهن ڪو سياسي موقف آهي ته اهو انهن جو بنيادي سياسي

حق آهي، جيڪو ڪنهن به فرد ۽ گروهه جو عالمي طور مڃيل بنيادي حق آهي شرط اهو آهي ته اهو پرامن هجي. سنڌ ۾ ته سائين جي ايم سيد جو موقف نهايت واضح هو ته سياست کي اهنسا ۽ عدم تشدد جي اصولن تي رهڻ گهرجي. ان باوجود جيڪڏهن رياست وٽ ڪنهن فرد يا گروهه بابت ڪا اهڙي معلومات آهي، جيڪا آئين ۽ قانون جي خلاف هجي ته ملڪ ۾ عدالتون موجود آهن- پر هتي گذريل ڏهاڪي کان ان جو حل اهو ڳوليو ويو آهي ته ماڻهن جي آواز کي ٻڌڻ بدران انهن کي دهشتگردي ذريعي دٻايو. کين اغوا ڪيو. مٿن غير انساني وحشياڻو تشدد ڪيو ۽ ڪن صورتحالن ۾ انهن جا چچريل لاش رستن تي ڦٽي ڪيو. اهو مسئلو ايترو سنگين آهي، جو ملڪ جون حڪومتون ۽ اسيمبليون به بي وس ۽ هيسيل نظر اچن ٿيون. سوال آهي ته پوءِ جمهوريت ڇا جي آهي؟ آئيني ادارن ۽ عدالتن جو ڪارج ڇا آهي؟ ملڪ جي سپريم ڪورٽ هڪ چونڊيل وزيراعظم کي به جڏهن آئين جي آرٽيڪل 184 تحت "صادق ۽ امين" نه هجڻ سبب گهر پيڙو ڪري سگهي ٿي ته انهن جو به پڇاڻو ڪري، جيڪي ماوراءِ آئين ۽ قانون پرامن شهرين جي اغوائن ۾ ملوث آهن. پاڪستان جي آئين جو آرٽيڪل 19 اظهار جي آزادي کي شهرين جو بنيادي حق ڄاڻائي ٿو. انهن جو تحفظ رياست جي ذميواري آهي ۽ گڏيل قومن جي انساني حقن جي عالمي پڌرنامي جو ساڳيو آرٽيڪل 19 اظهار جي آزادي کي هڪ اهڙو بنيادي حق ڄاڻائي ٿو، جنهن کي ڪنهن به صورت ۾ سلب نٿو ڪري سگهجي. ويندي ڏوهارين، قاتلن ۽ جيلن ۾ پيل يا سزا ڪاٽل ماڻهن کان به اهو حق کسي نٿو سگهجي.

ان حوالي سان سنڌ ۾ صورتحال نهايت ڳڻتيءَ جوڳي آهي، جو هيستائين رپورٽ ٿيل انگن اکرن موجب سنڌ ۾ جسقم جا 19، جيئي سنڌ محاذ جا 12، مختلف تنظيمن جا 5 ۽ 6 عام شهري هيستائين گم آهن. انهن جا خاندان مسلسل سراپا احتجاج آهن، عدالتن جا در ڪڙڪائي ڪڙڪائي ٿڪجي ۽ احتجاج ڪري ساڻا ٿي پيا آهن، پر مجال آهي جو اسان جي ادارن جي ڪن تي جونءِ به چري. ان حوالي سان ملڪ جي سياسي پارٽين ۽ خاص طور سنڌ جي سياسي پارٽين جي خاموشي معنيٰ خيز آهي. سوال اهو نه آهي ته ڪو اغوا ڪيل سياسي ڪارڪن ڪهڙي جماعت جو آهي يا هن جو سياسي نظريو ڪهڙو آهي. سوال هڪ سماج ۾ اظهار جي آزاديءَ واري حق جي تحفظ جو آهي. اسان کي پنهنجي بدترين مخالف جي به اظهار جي آزاديءَ جي حق لاءِ اٿي بيهڻ گهرجي. هي ته قوم جا ٻچا ۽ سياسي ڪارڪن آهن. انهن سان جائز

اختلاف ضرور ڪبو، پر انهن جو تحفظ توڙي سوچ ۽ اظهار جي آزادي هنن جو بنيادي حق آهي، جنهن لاءِ سموري باشعور ۽ باضمير سماج کي اٿي بيهڻ گهرجي.

ان حوالي سان ملڪ جي پارليامينٽ، سينيٽ ۽ صوبائي ۽ خاص طور سنڌ اسيمبليءَ جي خاموشي تي آواز اٿارڻ گهرجي. جيڪا پارليامينٽ پنهنجي شهرين جي بنيادي آئيني حقن جو تحفظ ڪرڻ تہ پري رهيو، ان لاءِ تلهو آواز بہ نٿي اٿاري سگهي، اها وفاقي يا سياسي عوامي پارليامينٽ سڏرائڻ جو حق نٿي رکي. سينيٽ تہ ايوان ئي صوبن جو آهي. شاباس هجي سنڌ مان ٻن سينيٽرن (تاج حيدر ۽ سسئي پليجو) کي جن ويجهڙ ۾ اهو آواز اٿاريو، پر باقي سينيٽ ڪٿي گم آهي ۽ سنڌ جا ٻيا ميمبر ڇو نٿا گڏجي ان بابت ڪو موشن آڻين؟ سنڌ اسيمبلي اڳ بہ سول سوسائٽي جي ڀرپور احتجاج ڪانپوءِ 2013ع ۾ ٺهراءُ پاس ڪيو هو، پر ان ڪانپوءِ هن معاملي تي مڪمل خاموشي آهي. سنڌ اسيمبليءَ ۾ موجود باضمير ميمبرن کي اهو سوال وڏي سگهہ سان ان آئيني فورم تي اٿارڻ گهرجي. ساڳيو فرض سنڌ حڪومت جو بہ آهي. سنڌ حڪومت پنهنجو اخلاقي جواز ۽ سياسي استحقاق وڃائي ويهندي، جيڪڏهن اها پنهنجي شهرين جو تحفظ نٿي ڪري سگهي ۽ انهن ادارن آڏو احتجاج نٿي ڪري، جيڪي مبينا طور سنڌ جي سياسي ڪارڪنن ۽ شهرين جي ماوراءِ عدالت اغوائن، تشدد ۽ قتل جي وارداتن ۾ ملوث رهيا آهن. سنڌ حڪومت پنهنجي ڪرپٽ وزيرن خلاف ڪارروايون سبب تہ رينجرس جي اختيارن جا فائيل مهينو مهينو روڪي ڇڏيندي آهي، پر اها سنڌ ۾ هن قسم جي سنگين وارداتن تي قدم ڇو نٿي کڻي يا واسطيدار ڌرين سان ڇو نٿي ڳالهائي؟

حقيقت اها آهي تہ سنڌ سدائين هن ملڪ ۾ آئين، حقيقي وفاقي نظام، آئين جي بالادستي، پارلياماني راڄ، قانون جي حڪمراني يعني مجموعي طور جمهوريت جي بحالي ۽ سگهہ لاءِ جدوجهد ڪئي آهي ۽ قربانيون ڏنيون آهن، پر جيڪڏهن ملڪ جا آئيني ادارا، پارليامينٽ، سنڌ اسيمبلي، عدالتون ۽ قانون لاڳو ڪندڙ سويلين ادارا خاموش رهيا تہ يقيني طور ماڻهن جو اهڙي جمهوريت مان ويساهہ کڄي ويندو. جيڪڏهن سنڌ جا باضمير ماڻهو اظهار جي آزاديءَ لاءِ جدوجهد ڪن ٿا تہ ان کي ساڳي جمهوري جدوجهد جو تسلسل سمجهڻ گهرجي، ڇاڪاڻ تہ جمهوريت جو مطلب وردي جي جاءِ تي فقط بظاهر سويلين حڪومتن جو اچڻ نہ هوندو آهي، پر جمهوريت جو روح ئي سوچ ۽ اظهار جي آزادي آهي ۽ جنهن نظام ۾ شهري پنهنجي سوچ ۽ ان جي پرامن اظهار جي پاداش ۾ کنيا، گهليا ۽ ماريا وڃن تہ ان کي جمهوريت ڪيئن چئبو؟

ان حوالي سان هڪ اهم سوال اهو به آهي ته پاڪستان اجا تائين گڏيل قومن جي اغوا وارين وارداتن بابت پڌرو ڪيل چارٽر، جيڪو 18 ڊسمبر 1992ع تي پاس ڪيو ويو هو تي صحيح نه ڪئي آهي. معنيٰ ته اجا تائين پاڪستان گڏيل قومن وٽ ان حوالي سان پاڻ کي جوابدار پڻ ناهي بڻايو. ان ڪري ملڪ ۾ وڏي پيماني تي دهاءَ پيدا ڪرڻ جي ضرورت آهي ته ان تي صحيح ڪئي وڃي ۽ ان جي توثيق ڪئي وڃي. 18 هين آئيني ترميم ڪانپوءِ وفاقي سطح تي هڪ خودمختيار انساني حقن جي ڪميشن جوڙيل آهي، جنهن جو ڪو به فعال ڪردار نظر نٿو اچي. پارليامينٽ ۾ ان تي ڳالهائڻ جي ضرورت آهي. سنڌ ۾ صوبائي سطح تي انساني حقن جي هڪ ڪميشن جوڙي وئي آهي، جنهن جو سر زمين تي ڪو به ڪردار نظر نٿو اچي. اهڙن فورمن تي سماج جي حقيقي آوازن کي شامل ڪرڻ بدران بي اثر ماڻهو کنيا وڃن ٿا، جن جي هنن سنجيده ۽ حساس معاملن ۾ ڪا به دلچسپي نه آهي. ٽيون ته ائين گهرجي ته سنڌ ۾ صوبائي سطح تي ان ڏس ۾ هڪ ايڪٽ پاس ڪيو وڃي، جنهن تحت هر ضلعي ۽ تعلقي سطح تي پوليس ۽ ٻين واسطيدار شعبن ۽ انساني حقن جي ڪارڪنن جي گڏيل اشتراڪ سان ڪو سرشتو هئڻ گهرجي. جيڪڏهن سنڌ ۾ هڪ هزار اربن کان وڌيڪ بجيٽ هئڻ باوجود اهڙو ڪو ادارو به نٿو جڙي سگهي ته پوءِ جمهوريت جي روح يعني اظهار جي آزاديءَ جو سوال ڪهڙي معنيٰ رکندو؟ هن وقت زوري کنيجي ويل ماڻهن جا گهر ڀاتي احتجاج ڪري رهيا آهن ۽ جيڪڏهن هنن کي اڪيلائي ۽ نااميديءَ جو احساس حتمي طرح ٿي ويو ته ان سان نه رڳو هنن جو سماج مان ويساهه کڄي ويندو، پر ان سان ردعمل ۾ انتها پسندي پڻ جنم وٺندي. ان ڪري اهو رڳو انهن خاندانن جو نه، پر اسان سموري سماج جو گڏيل فرض آهي ۽ اهڙا فرض نڀائڻ جي ڏوهه ۾ ئي پنهل کي گم ڪيو ويو آهي، جنهن جي آزاديءَ لاءِ آواز اٿارڻ سموري سماج جو فرض آهي.

*(روزاني ڪاوش حيدرآباد، ڇنڇر 05 آگسٽ 2017ع)*

# تعليم جو بحران
# سنڌ جو آئيندو

# سنڌ يونيورسٽيءَ کي ڪيئن بچائجي؟

سنڌ يونيورسٽي، اسان جي مادرِ علميءَ جي زخمي جسم تہ چا پر گهايل روح مان اڄا تائين رت ڳڙي رهيو آهي، ۽ حڪمرانن جي بيحسيءَ جي حد اها آهي تہ ڪا بہ خبر نٿي پوي تہ اُهي مُرڪو هن سنگين ترين قومي الميي کان رڳو باخبر بہ آهن يا نہ: يا تہ وري سنڌ يونيورسٽيءَ جي تباهي سنڌن جمهوري ايجنڊا جو حصو آهي. سنڌ جو وزيرِ تعليم پير مظهرالحق جيڪو هر طرف کان ڊڪارپل وائيس چانسلر نذير مغل جي ڪرسي بچائڻ لاءِ تہ سرگرمِ هو، پر اهو هاڻي بہ چُپ ۽ گم آهي. سنڌ جي وڏي وزير کي تہ ميار ئي ڪهڙي ڏجي جيڪو ٺلهو يونيورسٽين کي گورنر کان کسي پنهنجي ۽ سنڌ اسيمبلي جي انتظام هيٺ بہ نہ ٿو آڻي سگهي. مون اڳ بہ لکيو هو تہ جڏهن حڪومتون ايتريون نا اهل، لاتعلق ۽ غير ذميوار هجن، اُتي سموري سماج کي پنهنجي آئيندي جي محافظ ادارن کي بچائڻ لاءِ اُٿي بيهڻ گهرجي. ان پنڌ ۾ پنهنجن طرفان جيڪي بہ گاريون ملن، پٿر لڳن يا طوفانِ بدتميزي اُٿاريو وڃي، ان کي پنهنجي لاءِ اگهاڙو سچ چوڻ جي پاداش ۾ انعام ۽ اعزاز سمجهي اڳتي وڌڻ گهرجي.

چڱا ڪن چڱايون، مدايون مدن،
جو وَڙُ جُڙي جن سين، سو وڙُ سي ئي ڪن.

جيئن تہ قومي ادارا بچائڻ جي جدوجهد جي سفر آڏو پنهنجن جي اڏنگن روين جي ڪا بہ اهميت ۽ حيثيت نہ آهي. اُن رستي ۾ جيڪي بہ اڻ وڻندڙ ۽ چسا آواز اچن، "فقيرن" کي انهن کان بي نياز ٿي اڳتي وڌڻ گهرجي.

سنڌ يونيورسٽيءَ جي موجوده سنگين بحران بابت يونيورسٽيءَ جي استادن جي تنظيم سوٽا طرفان سماج جي سمورن ذميوار فردن کي ڪوٺ ڏني وئي آهي تہ اُهي سنڌ يونيورسٽيءَ اندر 27هين مارچ تي ڪونايل گڏجاڻيءَ ۾ اچي پنهنجا پنهنجا ويچار پيش ڪن. مان سمجهان ٿو تہ اها هڪ نهايت مثبت ۽ وقتائتي پيش قدمي آهي، جنهن کي هر صورت ۾ لاڀائتو ۽ نتيجا خيز ٿيڻ گهرجي. اِن ڏِس ۾ مان ڪجهہ ويچار ۽ تجويزون پيش ڪيان ٿو:

(الف) سڀ کان پهرين ڳالهہ تہ سوٽا کي کُليل دل سان سماج اندر يونيورسٽيءَ بابت سمورن راين ۽ تجويزن کي ٻڌڻ گهرجي. ڪنهن بہ مقصد

جي حاصلات لاءِ جدوجهد جا انيڪ ڏڳ، واٽون، حڪمتِ عمليون ۽ سوچن جا انداز ٿي سگهن ٿا، ۽ انهن جو احترام لازم آهي، سواءِ انهن جي جيڪي دشمن جي ڪيمپ مان هجن. ويجهي ماضيءَ ۾ پروفيسر بشير چنڙ جي شهادت کان پوءِ سوٽا جيڪا جدوجهد ڪئي، ان ڏِس ۾ سنڌن مطالبن جي مخالفت ڪنهن به نہ ڪئي، بلڪ سماج جي سمورن ذميوار حصن انهن جي مڪمل حمايت ڪئي. البتہ ڪلاسن جي بائڪاٽ جي حڪمتِ عمليءَ تي واضح طور بہ متضاد رايا سامهون آيا. اها ڳالهہ رڪارڊ تي آهي تہ سائين محمد ابراهيم جويو، ميڊم مهتاب اڪبر راشدي، ڊاڪٽر عيسيٰ دائودپوٽي، نصير ميمڻ، عزيز ناريجي، خالد هاشماڻي، مونس اياز، ڊاڪٽر محمد نواز بروهي، ابرار قاضي، انعام شيخ، ڊاڪٽر ايوب شيخ، رئوف نظاماڻي ۽ مون سميت ڪيترن ليکڪن ڪلاسن جي بائڪاٽ جي حڪمتِ عمليءَ جي حمايت نہ ڪئي، جيڪو انهن جو حق هو. پر سوٽا جي صفن مان ڪجهہ عهديدارن ۽ استادن اظهار جي آزاديءَ جي حق جي انڪار جون سڀ حدون اورانگهي سنڌ يونيورسٽيءَ بابت سنجيده بحث کي نہ رڳو ذاتيات پر ڪردارڪشيءَ ڏانهن موڙي ڇڏيو. مان سمجهان ٿو تہ اهڙي رويي سوٽا جي جدوجهد ۽ مجموعي طور سنڌ يونيورسٽيءَ کي بحران مان ڪڍڻ ۽ بچائڻ جي ڪوشش کي سخت نقصان رسايو. اهو ڪهڙو رويو آهي تہ سماج ۾ حڪومتن، سياسي پارٽين، سماجي تنظيمن، مذهبي اڳواڻن، ميڊيا، دانشورن ۽ اديبن، مطلب تہ هر ڪنهن تي تنقيد ڪري سگهجي ٿي، پر استادن جي گهربل ڪردار تي مثبت انداز سان تعميري بحث مباحثو بہ نٿو ڪري سگهجي؟ ۽ جي ڪبو تہ پوءِ موٽ ۾ ذاتيات تي ڇوهہ ۽ بي شناس طوفانِ بدتميزي! جڏهن محمد علي جناح، سائين جي ايم سيد، شهيد ذوالفقار علي ڀُٽي، محترم رسول بخش پليجي ۽ محترمہ شهيد بينظير ڀٽو توڙي شيخ اياز جهڙي عظيم شاعر تي بہ تنقيد ڪري سگهجي ٿي، پر سوٽا جي حڪمتِ عملي يا استادن تي نٿي ڪري سگهجي، معنيٰ استاد تنقيد کان بالاتر آهن ۽ انهن ۾ ڪي بہ اهڙيون ڪمزوريون نہ آهن جن کي صحتمند تنقيد سان دُرست ڪري يونيورسٽيءَ جي تعليمي ماحول کي وڌيڪ معياري بڻائي سگهجي؟

اهڙو اَڻڳو رويو ڏسي ڪيترا سنجيده ماڻهو هن سموري صورتحال کان لاتعلق ٿي بيهي رهيا. جنهن جو نقصان پس و پيش سوٽا جي جدوجهد کي ٿيو. ان ڪري منهنجي تجويز آهي تہ هن ڀيري سوٽا جي ذميوار استادن کي کُليل ذهن ۽ دل سان سمورن ماڻهن کي نہ رڳو ٻڌڻ گهرجي پر اختلافِ راءِ جو احترام بہ

ڪرڻ گهرجي ته جيئن اهو ڊسڪورس ۽ اثرائتو قدم غير سنجيدگيءَ، ابهرائيءَ ۽ مهم جوئيءَ جي ور چڙهي بي اثر نه ٿي وڃي.

(ب) پاڪستان جي رياست ۽ خاص طور سنڌ ۾ روشن خيال فرد ۽ ڌريون ايترا سگهارا نه آهن، جو اُهي سموري سماج کان ڪٽجي اڪيلي سر ڪا ڪاميابي ماڻي سگهن. منفي مفاد ۽ قوتون انهن جي پيٺ ۾ وڏيڪ سگهاريون ۽ منظم آهن، ان ڪري منهنجي نظر ۾ سوٿا جو اهو قدم نهايت مثبت ۽ وقتائتو آهي، جنهن ۾ ذميوار استادن، سماج جي سمورن باشعور فردن ۽ حصن کي هڪ ڇت هيٺ ويهي هن ڳنڀير صورتحال جو ڪو حل ڪڍڻ جو سڏ ڏنو آهي. جدوجهدون تمام نازڪ ۽ حساس معاملا ٿين ٿا، انهن کي ناڪام ڪرڻ لاءِ رڳو غلط مفاد يا نِيتُون ئي نه، پر منفي رويا، مُهم جوئي، انتهاپسندي، اڻ سهپ ۽ حقيقي عمل کان وڌيڪ ڏيکاءَ پسندي جهڙا رويا ئي ڪافي هوندا آهن. سوٿا جي ذميوار دوستن کي بهرحال اهو ميٺو پوندو ته هن پيري سندن صفن مان ڪجهه استادن جي اهڙن روين هن سموري جدوجهد کي سخت ڇيهو رسايو .سوٿا جو صدر اظهر شاهه هڪ بيحد سنجيده ۽ قابل استاد آهي، ۽ مان سمجهان ٿو ته هو پنهنجي بردباريءَ ۽ متوازن سوچ ۽ ڏُور-رس نظريءَ سان سنڌ يونيورسٽيءَ کي بچائڻ جي هن جدوجهد جو دائرو وسيع ڪرڻ لاءِ سهپ جي رويي کي هٿي ڏيندو. جيڪڏهن هڪڙي نا اهل ۽ ڪرپٽ وائيس چانسلر کي بچائڻ لاءِ پي پي حڪومت ۽ ايم ڪيو ايم جو گورنر ائين اتحادي ٿي بيهي سگهن ٿا ته پوءِ اسان سڀ مادرِ علمي سنڌ يونيورسٽيءَ کي بچائڻ لاءِ گڏ ڇو نه ٿا ٿي سگهون؟ جيستائين سنڌ جو هر سنجيده ۽ قومي گهڻ گُهرو ماڻهو هن وسيع تر جدوجهد ۾ شامل نه ٿيندو، تيسين وقتي طور ڪو وائيس چانسلر ته تبديل ڪرائي سگهجي ٿو پر سنڌ يونيورسٽيءَ کي انيڪ مافيائن جي ڇهتيل ڇورن مان آجو ڪرائي هڪ نئين دور ۾ داخل نٿو ڪرائي سگهجي. اُميد ڪري سگهجي ٿي ته 27هين مارچ وارو اجلاس ڪنهن گڏيل وسيع ۽ واضح حڪمتِ عمليءَ سان سامهون اچي.

(ڀ) سنڌ يونيورسٽيءَ کي بچائڻ لاءِ اسان کي جتي حڪومت جي مجرمانه لاپرواهيءَ ۽ سياسي بنيادن تي آنڌل ڪرپٽ انتظاميائن خلاف جدوجهد ڪرڻي پوندي، اُتي اسان کي انهن سياسي پارٽين يا عنصرن خلاف به بيباڪيءَ سان لڳاتار جدوجهد ڪرڻي پوندي، جن جا شاگرد يا شاگرد تنظيمون يونيورسٽين ۾ هٿيار کڻي اچن ٿا، ۽ شاگرد سياست جي نالي ۾ دهشتگردي ڪن ٿا. ان حقيقت کي آخر ڪيترو لڪائبو ته حڪومتن ۽

ڪرپٽ انتظاميائن سان گڏ هٿيار بند غنده گردي ڪندڙ شاگرد ۽ ڪين تحفظ ڏيندڙ نام نهاد شاگرد تنظيمون به اوترئي ذميوار آهن. اسان کي انهن جو به گهيرو تنگ ڪرڻو پوندو يا حتمي طور ساڻن ويهي ڳالهائڻو پوندو ته خدارا هاڻي اهو قوم-دشمن ڏنڌو بند ڪريو. قوم جا انيڪ نسل تباهه ٿي چڪا آهن، شاگرد ته ٺهيو پر استادن، وڪيلن، ججن ۽ صحافين جي وڏي گهڻائيءَ کي به صفحا به انگريزيءَ ۾ صحيح لکڻ نٿا اچن. هن ايڪيهين صديءَ ۾ بي معنيٰ ۽ اَڪارج ڊگرين جا لاش ڪلهن تي کڻي اسان جا نوجوان ڪيڏانهن ويندا ۽ نيٺ ڇا ڪندا؟ ڪهڙي قوم آزاد ڪرائيندا سين، يا ڪهڙي قوم لاءِ انقلاب آڻيندا سين جيڪا بي علم هوندي ۽ ايڪيهين صديءَ ۾ به جنهن جي تعليم مرٽينگ تي چڪي هوندي! سنڌ جي آزاديءَ جو مرحلو ته گهڻو اڳتي آهي، پهرين سنڌ جي مادرِ علمي ته نااهل انتظاميائن، ڪرپشن، اقرباپروري، بد انتظامي، غنده گردي ۽ هٿيار بند دهشتگردن کان آزاد ڪرايون.

(پ) سوتا جتي سنڌ يونيورسٽيءَ جي سُڌاري جي جيڪا مبارڪ جدوجهد شروع ڪئي آهي، ان سندن ڪلهن تي اهو بار پڻ وجهي ڇڏيو آهي ته اُهي پنهنجن استادن جو به احتساب ڪن. ڇا اسان کي اها خبر نه آهي ته ڪيترا استاد آهن جيڪي ڪلاس نٿا وٺن ۽ رڳو يونين بازي ٿا ڪن؟ ڪيترا استاد آهن جيڪي يونين بازيءَ جي ڪري يونيورسٽيءَ جي اندر ناجائز مراعاتون وٺن ٿا، ۽ نه پڙهائڻ ڪري اُهي پڙهن به نٿا، ۽ نتيجي ۾ سندن اهليت هڪ سواليه نشان بڻيل آهي. مان اميد ڪيان ٿو ته سوتا جي اهل نوجوان قيادت پاڪستان اندر اهو مثال ٺهي قائم ڪري ته اها جتي يونيورسٽيءَ جي ڪرپٽ ۽ نااهل انتظاميائن جو احتساب ڪندي اُتي اها پنهنجي صفن ۾ ويٺل استادن جو به سموري اصول پسنديءَ سان احتساب ڪندي.

ڇا اسان پنهنجي يونيورسٽين ۾ اهو ڪلچر نٿا جوڙي سگهون ته وڌيڪ احترام لائق اهو آهي، جيڪو بهترين استاد آهي، جيڪو شاگردن کي معياري تعليم ڏيڻ سان واڳيل آهي، جيڪي استاد تحقيقي مقالا لکن ٿا، جيڪي تعليم ڏيڻ کي رڳو نوڪري نه پر پنهنجو اخلاقي ۽ شعوري فرض سمجهن ٿا.

(ت) هن اجلاس جي ڪاميابيءَ جو دارو مدار ٽن ڳالهين تي هوندو. هڪ ته اهو اجلاس اهڙي سنجيده ۽ جمهوري ماحول ۾ ٿئي جنهن ۾ اظهار جي آزادي ۽ اختلافِ راءِ جي حق جو احترام ڪيو وڃي. ٻيو ته ڪنهن گڏيل ايجنڊا تي اتفاق ڪيو وڃي جنهن ۾ نه رڳو سنڌ يونيورسٽيءَ جي حوالي سان ٿوري ۽ ڊگهي

مُدي وارا لائحہ عمل، مطالبا ۽ نقطا شامل هجن پر ان ۾ هڪ نئون ضابطہ اخلاق بہ جوڙيو وڃي. ڊاڪٽر نذير مغل کي تہ ڪنهن بہ صورت ۾ واپس نہ اچڻ گهرجي ۽ نہ ئي ڪيس ان منصب تي قبول ڪيو وڃي. پر سنڌ يونيورسٽيءَ جو سنگين ۽ گهڻ-طرفو بحران ڪنهن هڪ نااهل وي سيءَ جي چهري جي تبديليءَ جو نالو نہ آهي. اُهو هڪ نااهل، ڪرپٽ ۽ تعليم دشمن سرشتي جو اشو آهي. ان ڪري ايجنڊا ۾ بنيادي سوال کڻڻ گهرجن. هن اجلاس جي ٽين ڪاميابي ڪنهن گڏيل جدوجهد جي حڪمت عمليءَ تي اتفاق هوندو. مون کي ويساهہ آهي تہ جڏهن هيترا سارا سنجيده، تعليم دوست ۽ قوم جا هڏڏوکي گڏجي ويهندا تہ پوءِ ذاتي ۽ گروهي انائن کان بالاتر ٿي گڏيل ايجنڊا ۽ جدوجهد تي اتفاق اٽڪر ٿي پوندو.

ظاهر آهي تہ سوتا پڻ اهڙي سوچ تحت ئي سماج جي سمورن ذميوار ماڻهن کي سنڌ يونيورسٽيءَ کي بچائڻ جي جدوجهد ۾ اڳتي اچڻ ۽ ساٿ ڏيڻ جو سڏ ڏنو آهي.

مونکي يقين جهڙو ويساهہ آهي تہ سوتا طرفان ڪوٺايل اهو اجلاس نہ رڳو وقتائتو لاياڻتو ۽ اثرائتو ثابت ٿيندو پر اهو اسان جي گڏيل ڏاهپ، سنجيدگيءَ، تعليم دوستيءَ ۽ قومي درد جي احساس جو امتحان پڻ آهي.

*(روزاني ڪاوش حيدرآباد، 27 مارچ 2012ع)*

# سنڌ يونيورسٽيءَ جي
# نئين سر اڏاوت جي ايجنڊا!

سنڌ يونيورسٽيءَ جي موجوده بحران بلڪ ڏاڪن کان هلندڙ سنگين بحران بابت ڪجهہ جذبا ۽ ويچار مون پنهنجي گذريل مضمون ۾ پيش ڪيا هئا، جنهن ۾ ٿلهي ليکي بحران جي سببن ۽ نتيجن تي ڳالهہ ٻولهہ ڪئي وئي هئي. ڪنهن بہ اهم مسئلي جا جتي محرڪ، سبب ۽ نتيجا صحيح تناظر ۾ سمجهڻ ضروري آهن، اُتي تِهائين وڏيڪ اهميت ان ڳالهہ جي بہ آهي تہ ان جي پائدار حل بابت بہ نہ رڳو گهربل غور ڪيو وڃي پر ان لاءِ سَڀَ-طرفي حڪمت عمليءَ تي بہ ڪم شروع ڪيو وڃي.

هيءَ 21هين صدي آهي، جنهن ۾ دنيا جون اڳتي وڌيل قومون تہ پنهنجيءَ جاءِ تي پر ٽين دنيا جون پس مانده قومون بہ نئين دؤر جي تقاضائن مطابق پنهنجيءَ پنهنجيءَ نئين سر صف بنديءَ ۾ مصروف آهن. پري ڇو وڃجي ڏکڻ ايشيائي قومن کي ئي ڏسجي تہ ڪالهہ جو اوير پاڪستان، اڄ بنگلاديش جي صورت ۾ تعليم، صنعت ۽ معاشي ترقيءَ جي ميدانن ۾ حيرت انگيز ترقي ڪري رهيو آهي. هندوستان جي ڪيترين ئي قومن جو تہ هتي مثال ڏيڻ ئي اجايو آهي. خود پاڪستان ۾ پنجاب ۽ خيبر پختونخواه جو تعليمي معيار ڏسو تہ هو ڪٿان کان ڪٿي وڃي رسيا آهن. جڏهن تہ ورهاڱي کان اڳ سنڌ جو تعليمي معيار ملڪ ۾ سمورن صوبن کان مٿانهون هو. اڄ حالت اها آهي جو يونيورسٽيءَ ۾ روز لاش ڪِرن ٿا ۽ سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ ٻيو سڀ ڪجهہ آهي، سواءِ امن ۽ معياري تعليم جي. هاڻي سوال اهو آهي تہ آخر سنڌ يونيورسٽيءَ کي هن ڏيهڻ مان ڪيئن ٻاهر ڪڍي نہ رڳو بچائجي پر هڪ اهڙي تعليمي اداري ۾ تبديل ڪجي جو اهو سنڌ جي تعليمي ۽ قومي ترقيءَ توڙي نئين سجاڳيءَ (Renaissance) جو هندورو بڻجي سگهي. اچو تہ ان حوالي سان ڪجهہ بنيادي ڳالهين تي نہ رڳو غور ڪجي پر ان ڏس ۾ پنهنجو پنهنجو ڪردار بہ متعين ڪجي.

(1) هن جديد دؤر ۾ معاشري جي هر شعبي جي پس و پيش سياسي حيثيت ۽ اهميت هجي ٿي، ڇاڪاڻ تہ جنهن بہ شعبي جو تعلق رياست سان آهي ، ان

ڪي غيرسياسي نٿو چئي سگهجي. سنڌ جي مجموعي تعليم هجي يا سنڌ يونيورسٽيءَ جو ڏهاڪن کان هلندڙ بحران، اهو بنيادي طور تي هڪ سياسي اِشو آهي. سنڌ جون اُهي سياسي پارٽيون جيڪي حڪومت سازيءَ جي عمل ۾ واري واري سان حصو وٺنديون رهن ٿيون. انهن جي اوليتن جي ڊگهي لسٽ ۾ هر قيمت تي اقتدار حاصل ڪرڻ، ڪرپشن ۽ اقرباپروري ڪرڻ ۽ پنهنجي ذاتي ۽ خانداني ترقي تہ شامل آهن پر تعليم نالي ڪابہ شيءِ نہ آهي. ساڳئي ملڪ ۾ پنجاب ۾ بہ حڪومتون ڪرپٽ آهن، اُتي بہ اُهي سڀ ڏنڊا ڪن ٿيون، جيڪي اسان جو حڪمران طبقو ڪري ٿو پر اُهي پنهنجي ذاتي ۽ گروهي مفادن سان گڏوگڏ پنهنجيءَ قوم جو مفاد بہ ڏسن ٿا. پنجويهہ سال اڳ جي پنجاب کي ڏسو ۽ اڄوڪي پنجاب کي ڏسو! زمين آسمان جو فرق آهي. مسئلو اِهو آهي تہ انهن وچ ۾ مقابلو پنهنجيءَ قوم ۽ ان جي ادارن کي ٺاهڻ ۽ مجموعي طور ترقيءَ جي رفتار کي تيز ڪرڻ جو آهي پر اسان وٽ سڄو مقابلو بدترين حڪمرانيءَ، ادارن کي تباهہ ڪرڻ، اقرباپروريءَ ذريعي ميرٽ کي ختم ڪرڻ ۽ مجرمانہ لاپرواهيءَ سان قوم جي ترقيءَ جي امڪانن کي تباهہ ڪرڻ جو آهي. ڏاڍڻ بہ هڪ گهر ٿاريندي آهي پر اسان جو حڪمران طبقو سنڌ جي تعليم جو اُهو هڪ گهر بہ ٿارڻ لاءِ تيار نہ آهي ۽ پوءِ نتيجا اسان جي سامهون آهن.

ان ڪري سنڌ يونيورسٽيءَ کي بچائڻ ۽ اڳتي وڌائڻ لاءِ سڀ کان اول حڪومت سازيءَ جي عمل ۾ حصو وٺندڙ سنڌ جي سياسي ليڊرشپ جي سياسي وِل يعني ارادو گهرجي. جي مٿين سطح تي ان سياسي سوچ، اوليت ۽ ارادي جي اڻ هوند يا کوٽ هوندي تہ سنڌ يونيورسٽيءَ جهڙن اعليٰ تعليمي ادارن جو سڌرڻ ۽ اڳتي وڌڻ ممڪن نہ آهي. پنجاب ۽ سنڌ ۾ فرق اهو آهي تہ اُتي ليڊرشپ جون واڳون قومي سرمائيدار طبقي وٽ آهن پر سنڌ وٽ اقتداري سياست جي حوالي سان ليڊرشپ اُها آهي جيڪا جيڪڏهن تاريخي ۽ سماجي طور فيوڊل نہ بہ آهي تہ بہ سندس حڪمرانيءَ جو انداز اهڙو ضرور آهي. ڀلا آصف زرداريءَ کان وٺي قائم علي شاهہ تائين ۽ منظور وساڻ کان پير مظهرالحق ۽ اياز سومري تائين ڪهڙا روايتي جاگيردار پ پ پ ۾ ويٺا آهن؟ اصل سوال سوچ ۽ سياسي ڪردار جو آهي. سنڌ اسيمبليءَ ۾ هاڻي سنڌي ميمبرن جي گهڻائيءَ جو تعلق مٿين وچولي طبقي سان آهي، پر آهي ڪا سوچ قوم جي تقدير بدلائڻ جي؟ ان ڪري سنڌ جي دانشورن، سول سوسائٽي ۽ سمورن ساڃاهہ وندن کي ان ڏس ۾ ايترو آواز بلند ڪرڻو پوندو جو اسان جي حڪمران طبقي جي اوليتن ۾ اسان جي تعليم شامل ٿي سگهي. خود سنڌ اسيمبليءَ ۾ اقتداري پارٽين جي صفن ۾ ويٺل ڪيترن ئي وطن دوست ۽ قوم

دوست ماڻهن کي ان ڏس ۾ اڳتي وڌي متحرڪ ڪردار ادا ڪرڻو پوندو ۽ مان سمجهان ٿو تہ اُهي اهڙو ڪردار ادا ڪري سگهن ٿا. سوال گهربل حساسيت، سوچ ۽ ڏياءُ پيدا ڪرڻ جو آهي. مان ذاتي طور سنڌ اسيمبليءَ ۽ قومي اسيمبليءَ ۾ اهڙن تمام گهڻن ميمبرن کي سڃاڻان، جيڪي پنهنجيءَ قوم ۽ ان جي آئيندي سان پيار ڪن ٿا پر جيڪو مجموعي ماحول سطحي، غير سنجيده ۽ مجرمانہ لاپرواهيءَ جو آهي، ان جو شڪار اُهي بہ ٿين ٿا. ان ڪري مان سمجهان ٿو تہ سنڌ يونيورسٽيءَ جي حوالي سان اُها ننڍي ٽورائي پڻ وڏو اهم ڪردار ادا ڪري سگهي ٿي تہ جيئن اسان جي حڪومتي سطح تي تعليم حڪومت جي اوليتن ۾ شامل ٿي سگهي ٿي ۽ ان لاءِ گهربل سياسي وِل يعني ارادو پيدا ٿئي.

(2) سنڌ يونيورسٽيءَ جي حوالي سان ٻيو اهم ڪردار ان جي انتظاميہ جو آهي. سنڌيءَ ۾ چوندا آهن تہ "ڏڻ تہ ڏٽي، نہ تہ وِڪڻ ڪٽي!" آخر ڪهڙا سبب آهن جو انهيءَ ساڳيءَ سنڌ ۾ آءِ بي اي (IBA) سڪر زبردست تعليمي اداري ۾ تبديل ٿي ويو آهي؟ ظاهر آهي تہ اُتي نثار صديقيءَ جهڙو ماڻهو انتظامي سربراهہ آهي، جيڪو اداري کي پنهنجي روزگار جو ذريعو نہ پر قوم جي امانت سمجهي هلائي ٿو. ساڳيءَ سنڌ ۾ محترمہ بي نظير ڀٽو SZABIST جهڙو ادارو ٺاهيو، اهو ڇو ان معيار کي رسيو جو ان ۾ ميرٽ جو لحاظ رکيو ويو. اِسرا يونيورسٽيءَ ٿوري وقت ۾ اوڄ ڇو ماڻيو جو ان جو سربراهہ ڊاڪٽر اسد الله قاضيءَ جهڙو قابل ۽ فرض شناس استاد ۽ منتظم هو. هڪ ڀيري منهنجي روبرو فون تي تڏهوڪي وڏي وزير ارباب غلام رحيم کي سِڌو جواب ڏنائين تہ هو ميرٽ کانسواءِ ڪاٻہ داخلا نہ ڏيندو.

سنڌ يونيورسٽي هڪ وڏي عرصي کان ليڊرشپ جي بحران جو شڪار آهي. وچ وچ ۾ يقيناً سُٺا ۽ ايماندار ماڻهو بہ سنڌ يونيورسٽيءَ کي منتظم طور مليا پر مجموعي طور انتظامي سربراهہ سياسي طور اچن ٿا ۽ هاڻي تہ متحده جي گورنر عشرت العباد کانپوءِ اهو ٻُڌڻ ۾ اچي ٿو تہ يونيورسٽين جي سربراهيءَ جون پوسٽون ڪروڙين روپيين ۾ گورنر پاران نيڪي تي ڏنيون وڃن ٿيون. جڏهن جمهوريت ۾ ملڪ جا حاڪم بہ چونڊجي اچن ٿا تہ پوءِ آخر يونيورسٽين جا وائيس چانسلر شفاف طريقي سان ميرٽ تي ڇو نہ اچڻ گهرجن؟ پر اهو تڏهن ٿي سگهندو جڏهن ٻين صوبن جيان يونيورسٽيون ۽ تعليمي بورڊ گورنر کان کسي نہ رڳو سنڌ جي وڏي وزير حوالي ڪيا وڃن پر انهن بابت حتمي فيصلن جا اختيار سنڌ جي چونڊيل اسيمبليءَ حوالي ڪيا وڃن. هونئن بہ 18هين آئيني ترميم ۽ ڪنڪرنٽ لسٽ جي خاتمي کانپوءِ انهن جو گورنر وٽ

رهڻ جو ڪو بہ آئيني، سياسي ۽ اخلاقي جواز نہ آهي. ڇاڪاڻ تہ گورنر صوبي ۾ وفاق جو نہ پر رياست جو نمائندو هوندو آهي ۽ ان جو تعليم يا صوبي جي ڪنهن بہ انتظامي ذميواريءَ سان ڪو بہ لاڳاپو نہ هئڻ گهرجي. يونيورسٽين جهڙن اهم ترين ادارن جي انتظامي سربراهن جي تقرريءَ جو اختيار ڪنهن بہ فردِ واحد وٽ هئڻ نہ گهرجي. گهٽ ۾ گهٽ بہ صوبي جي چونڊيل ڪيبنيٽ کي اهو اختيار هئڻ گهرجي، جنهن جي تقرري رسمي طور وڏو وزير ڪري. سنڌ يونيورسٽيءَ کي گهٽ ۾ گهٽ ٻن ٽرمس لاءِ اهڙو/ اهڙي لائق ماڻهو وائيس چانسلر طور گهرجي، جيڪو ميرٽ تي اچي ۽ جنهن جي بنيادي اوليت ڪرسي نہ پر يونيورسٽيءَ جو تعليمي ماحول، معيار ۽ شاگردن جو مستقبل هجي. ڇا ڊاڪٽر پرويز هودڀائيءَ، ڊاڪٽر رسول بخش رئيس، ميڊم مهتاب اڪبر راشديءَ، ڊاڪٽر سليمان شيخ، ڊاڪٽر اسد الله قاضيءَ، ڊاڪٽر اسحاق انصاريءَ يا خود سنڌ يونيورسٽيءَ مان ڊاڪٽر پروين شاهہ يا ڊاڪٽر پرويز پٺاڻ جهڙن ماڻهن کي ميرٽ تي اها ذميواري نہ ٿي ڏئي سگهجي؟

اصل ۾ وائيس چانسلرن جا پنهنجا ناجائز مفاد هوندا تہ اُهي ظاهر آهي تہ انهن سمورن عنصرن جو بہ تحفظ ڪندا، جيڪي سنڌ يونيورسٽيءَ کي ڇوڙن جيان چُهٽيل آهن. رت پياڪ ۽ ڪرپٽ ڇوڙن جو هڪڙو ٽاڄي پيٽو آهي، جيڪو سنڌ يونيورسٽيءَ کي ساهہ پٽڻ نہ ٿو ڏئي. ان ڪري سنڌ يونيورسٽيءَ جي نئين سِر اڏاوت ۽ ان جي خوشگوار آغاز لاءِ لازمي آهي تہ ان کي هڪ ايماندار، قابل، مضبوط ۽ ڪميٽيڊ وائيس چانسلر ڏنو/ ڏني وڃي. يقيناً اعليٰ تعليمي ادارا نسلن جي تربيت ڪندا آهن ۽ قومن جي ترقيءَ جا بنياد ثابت ٿيندا آهن پر انهن کي ان مقام تائين رسائڻ لاءِ ڀهرين ليڊرشپ جي سطح جا اهڙا فرد گهرجن، جيڪي صحرائن کي گلزار ۾ تبديل ڪري سگهڻ جا اهل ۽ ارادي جا مالڪ هجن. سنڌ يونيورسٽيءَ جو سمورو انتظامي ڍانچو ناڪاره يا مُدي خارج آهي، جيڪو ڪرپشن ۽ اقرباپروريءَ تي هلي ٿو. ان ڪري جيسين ان جي سموري تعليمي ۽ انتظامي سرشتن کي ڪمپيوٽرائزڊ نہ ڪبو تيسين نااهلن، ٺڳن ۽ ڇوڙن جا جاوا جاري هوندا.

(3) سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ ڪرمنل ۽ غنڊه گرديءَ تي مبني نام نهاد شاگرد سياست بہ ڏاڍڪن ڪان هڪ ناسور بڻيل آهي. قومپرستيءَ ۽ جمهوريت جي مقدس نالن ۾ ڪرمنل شاگرد سياست هڪ ڏائڻ جيان اسان جي ڪيترن ڳڀرو نوجوانن جون حياتيون ۽ نسلن جا مستقبل ۽ سندن والدين جا ارمان ڳهي وئي آهي پر ان جي ناپاڪ خوني چنبن کي اڃا تسڪين نہ ٿي اچي.

جيتوڻيڪ منهنجيءَ نظر ۾ نوجوانن جو سياسي ڪردار تمام اهم آهي پر

سنڌ يونيورسٽيءَ جي مخصوص حالتن جي ڪري مان سمجهان ٿو ته هاڻي يونيورسٽين ۾ شاگرد يونينون بحال ڪري شاگرد سياست کي مڪمل طور بند ڪرڻ گهرجي. تعليمي ادارا صرف تعليمي ۽ صحتمند غيرنصابي سرگرمين لاءِ هئڻ گهرجن. سياسي پارٽين کي تعليمي ادارن جي جند ڇڏي سنڌ جي عوام ۾ وڃي ڪم ڪرڻ گهرجي. جيڪڏهن سياسي پارٽين سان وابسته شاگرد يونيورسٽيءَ ۾ سياسي ڪم ڪرڻ چاهين ٿا ته اهو به سياسي تعليم جو هئڻ گهرجي. سنڌ جي ساڃاهه وند ماڻهن کي انهن سمورين سياسي پارٽين سان ملي ڪو ضابطءِ اخلاق هڪ پيرو وري طئي ڪرڻ گهرجي، جن جون شاگرد تنظيمون تعليمي ادارن ۾ هٿيار آڻي غنڊه گردي ۽ دهشتگردي ڪن ٿيون. وقت اچي ويو آهي ته جيڪڏهن ڪي سياسي پارٽيون اڃا به ان ڏنڌي کان نه ٿيون مُڙن ته پوءِ سنڌن خلاف هڪ سماجي تحريڪ هلڻ گهرجي ۽ هر سطح تي سنڌن سماجي بائيڪاٽ جي روايت وجهڻ گهرجي. هاڻي گهڻو ٿيو! سنڌ کي تعليمي ادارن جي تباهيءَ جي قيمت تي جيڪا آزادي ملڻي هئي اُها اسان کي ملي چڪي يا جمهوريت کي جيڪا سگهه تعليمي ادارن جي رت سان ملڻي هئي، اُها سيني جي سامهون آهي. ان ڪري جن سياسي پارٽين جا ميمبر يا شاگرد يونٽ سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ اهو قوم دشمن ڌنڌو ڪن ٿا، انهن جو گهيرو تنگ ڪرڻ ڪانسواءِ يونيورسٽي مستقل طور هن خوني راند مان نڪري ڪنهن آزاد فضا ۾ ساهه نه کڻي سگهندي. شاگردن جي گهڻائي پڙهڻ چاهي ٿي پر هڪ ننڍڙي ٽورائيءَ جي لوفرپائيءَ، هٿيارن ۽ غنڊه گرديءَ سموري تعليمي ماحول کي يرغمال بڻائي رکيو آهي. ان ڪري جيستائين سنڌ يونيورسٽيءَ کي هٿيارن ۽ غنڊه گرديءَ کان پاڪ ماحول فراهم نٿو ڪيو وڃي، تيستائين صورتحال ۾ ڪو بنيادي ڦيرو نه ايندو. ان ڳالهه کي يقيني بڻائڻو پوندو ته هاسٽلن ۾ رجسٽرڊ شاگردن ڪانسواءِ ٻيو ڪو به ٻاهريون ماڻهو رهي نه سگهي. يونيورسٽي ڪيمپ ۾ ڪي به پرائيويٽ گاڏيون هلي نه سگهن، انهن لاءِ جدا پارڪنگ هئڻ گهرجي. ڇا ادارن اندر مڪمل سيڪيورٽي ڪا اهڙي راڪٽ سائنس آهي، جنهن تي عمل ڪرائڻ ناممڪن ٿي پيو آهي؟ سنڌ يونيورسٽيءَ وٽ پاڻ به ان ڏس ۾ سوين ملازم آهن، جن جو ڪم سيڪيورٽي آهي، سوال آهي ته آخر اُهي ڇا ٿا ڪن ۽ ڇا جون پگهارون ٿا کڻن؟ جيسين پڙهندڙ شاگردن ۽ پڙهائيندڙ استادن کي مڪمل طور تحفظ نه ملندو، تيسين "ساڃيا ڪُنا ساڳ جا" هوندا. آخر پرائيويٽ يونيورسٽين کي ڪهڙا سُرخابَ جا پَرَ لڳل آهن جو اُهي محفوظ تعليمي ماحول کي يقيني بڻائين ٿيون! ان ڪري سنڌ يونيورسٽيءَ جو مستقبل ان جي هٿيارن ۽ غنڊه گرديءَ کان پاڪ ۽ محفوظ تعليمي ماحول سان مشروط آهي.

(4) جيتوڻيڪ سنڌ يونيورسٽيءَ جي تعليمي زوال ۾ بنيادي طور استادن جو ڪو عمل دخل نہ آهي يا اهو ڪو بنيادي فيڪٽر ناهي، جنهن ڪي ان ڏس ۾ ڏوهہ ڏجي، پر جيڪڏهن سنڌ يونيورسٽيءَ جي نئين سر اڏاوت جي ايجنڊا ڪي هٿ ۾ ڪڻڻو آهي تہ پوءِ يقيناً سندن ڪردار ڪي بہ بحث هيٺ آڻڻو پوندو. ڪو وقت هو يعني پنهنجي ابتدائي ڏهاڪن ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ جي استادن جو معيار تمام مثالهين سطح جو هو. علامہ آءِ آءِ قاضي، ڊاڪٽر احسن فاروقي، سيد وڏل شاهہ، ڊاڪٽر امينہ خميساڻي، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، پروفيسر محرم خان، ڊاڪٽر غلام علي الانا، پروفيسر ايم اي قاضي، ڊاڪٽر اقبال پٺي، ڊاڪٽر حميده کهڙو، ڊاڪٽر مبارڪ علي، ڊاڪٽر تقي احمد، پروفيسر فريدالدين احمد، پروفيسر اي آر ناگوري، ڊاڪٽر فيروز احمد سميت سوين نالا هئا، جن کي ڏسي ماڻهوءَ جو علميت ۾ ويساهہ وڌي ويندو هو. استادن جي حوالي سان اهو علمي زوال تڏهن شروع ٿيو جڏهن سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ استادن جي ڀرتيءَ ۾ ميرٽ جو لحاظ نہ ڪيو ويو. اڳتي هلي وري سائين غلام مصطفيٰ شاهہ جي زماني ۾ استادن جي ڀرتيءَ ۾ "قومپرستيءَ" جو رجحان بہ متعارف ٿيو يعني استادن جي سنڌي هجڻ کي اوليت ڏني ويندي هئي. ڪيترا پروفيسر اسان پاڻ ڏٺا، جيڪي سياسي بنيادن تي ڀرتي ٿيا ۽ زندگيءَ ۾ آخر تائين اڌ ڪلاڪ بہ انگريزي ۾ ليڪچر ڏيڻ جي قابل نہ هئا. پٺي صاحب جي حڪومت کان پوءِ اهو سياسي ڀرتين جو رجحان وڌيو ۽ سنڌ يونيورسٽيءَ اهو عذاب گذريل ٽيهہ چاليهہ سال ڀوڳيو. جيسين وچي اُهي سياسي بنيادن تي ڀرتي ٿيل استاد رٽائر نہ ٿيا. هاڻي صورتحال ۾ وري بهتري اچي رهي آهي. مظهرالحق صديقي صاحب کي اهو ڪريڊٽ يقيناً وڃي ٿو جنهن استادن جي ڀرتي ميرٽ تي ڪرڻ جي روايت کي وري بحال ڪيو ۽ گذريل ڏهاڪي ۾ گهڻائي اهڙن نوجوانن جي ڀرتي ٿي، جيڪي ميرٽ تي آيا ۽ انهن مان وڏي گهڻائي ميرٽ تي اسڪالرشپ وٺي دنيا جي سُٺين يونيورسٽين مان ڊگريون ورتيون. مان جيڪڏهن سنڌ يونيورسٽيءَ جي استادن کي پنهنجي دؤر جي استادن سان ڀيٽيان تہ مجموعي طور ان حوالي سان گهڻي ڀلائي ٿي آهي، پر اهو ڪافي ناهي. يونيورسٽيون (Universe-city) سچيءَ ڪائنات جي علم جا گهر هئڻ گهرجن ۽ انهن جي استادن جو علمي ۽ عملي ڪردار مثالي هئڻ گهرجي. بدقسمتيءَ سان اسان جي استاد کي پنهنجي سبجيڪٽ ۽ مجموعي طور علم سان گهربل عشق نظر نہ ٿو اچي. اهو ئي سبب آهي جو اسان جون يونيورسٽيون هاڻي وڏا اسڪالر، محقق، مدبر، سائنسدان ۽ ٽيڪنوڪريٽس تہ ٺهيو پر مثالي استاد بہ نہ ٿيون پيدا ڪن. سنڌ يونيورسٽيءَ جا گهڻا استاد اهڙا آهن، جن کي

ملڪي سطح تي پنهنجن پنهنجن شعبن ۾ ڀرپور ڀرپور ڀلا ڀلا هجي يا ڪين وڏن فورمن تي گهرايو ويندو هجي؟ اتي ۾ لوڻ به اچا وڏيڪ هوندو آهي، انهن جو انگ ايترو به نه هوندو. گهڻا استاد اهڙا آهن جيڪي شاگردن ۾ معاشري لاءِ علمي رول ماڊل هجن؟ ڪيترا استاد ڪلاس نه وٺڻ ۾ رڳو استادن جي ٽريڊ يونين سياست لاءِ مشهور آهن. جيڪي استاد ٻاهران پي ايڇ ڊي ڪري اچن ٿا، انهن مان اڪثر وري موٽي اچي نه گهڻو پڙهائين ٿا ۽ نه وري ڪو تحقيقي ڪم ڪن ٿا. اسان وٽ غلط فهمي اها آهي ته شايد پي ايڇ ڊي جي ڊگريءَ سان ماڻهو ڪو وڏو اسڪالر ٿي ويندو آهي. اهڙي ڪا به ڳالهه ناهي. پي ايڇ ڊي ته بس تحقيق جي هڪ بنيادي تربيت آهي ۽ ان جي ڊگري ملي ٿي. پي ايڇ ڊي ڪانپوءِ ته ماڻهو تحقيق ڪرڻ جي لائق ٿيندو/ ٿيندي آهي. اسان وٽ پي ايڇ ڊي معنيٰ علم دنگ ٿي ويو. دنيا ۾ پنج سال اڳ ڪيل پي ايڇ ڊي متروڪ ٿي وڃي ٿي. تحقيق ته هڪ مسلسل ڪم آهي. ٻي ڳالهه ته جيڪي استاد ٻاهران پڙهي ڊگريون وٺي اچن ٿا، انهن مان گهڻن جي ترجيح يونيورسٽيءَ ۾ پڙهائڻ يا تحقيق ڪرڻ نه پر يونيورسٽيءَ اندر يا ٻاهر ڪي سٺيون انتظامي پوسٽون وٺڻ هوندو آهي. عوام جي ٽيڪس تي ڪروڙين روپين جي خرچ سان حاصل ڪيل ڊگريون ۽ علم يونيورسٽين اندر ۽ شاگردن لاءِ استعمال ٿيڻ گهرجي. گهٽ ۾ گهٽ ڏهن سالن لاءِ ٻاهران پڙهي آيل استاد کي قانوني طور پابند ڪيو وڃي ته اُهي نه ته نوڪري ڇڏي سگهن ٿا ۽ نه وري موڪل وٺي ٻين ادارن ۾ ڪم ڪري سگهن ٿا. سنڌ قابليت انهن ادارن جي امانت هئڻ گهرجي، جيڪي سنڌ ڊگرين جو خرچ ڀرين ٿا.

ان ڪري جڏهن اسان سنڌ يونيورسٽيءَ جي نئين اڏاوت جي ڳالهه ٿا ڪريون ته پوءِ ان ۾ استادن کي به پنهنجو وڌيڪ ذميوار ڪردار متعين ڪرڻو پوندو. ڪين صحيح معنيٰ ۾ رول ماڊل ٿيڻو پوندو ۽ سچ پچ به تعليمي اڳواڻيءَ وارو ڪردار ادا ڪرڻو پوندو، ٻيءَ صورت ۾ جي سنڌ جو استاد علم، تحقيق ۽ پنهنجي شعبي سان ڪمٽمينٽ بجاءِ ٻين اوليتن ۾ اُلجهيل رهندو ته پوءِ نه ته سنڌ اڳواڻيءَ وارو ڪردار اُڀري سگهندو ۽ نه وري اُهي سنڌ يونيورسٽيءَ جي ڪا نئين سڃاڻپ پيدا ڪري سگهندا! يونيورسٽيون پنهنجي انتظامي سربراهن سبب نه پر پنهنجن اسڪالرن، محققن، مدبرن، عالمن ۽ سنڌ تحقيق ۽ تخليق جي ڪري سڃاتيون وينديون آهن. سوال آهي ته ڇا اسان جي سنڌ يونيورسٽيءَ جو استاد اها ذميواري کڻڻ ۽ پنهنجو نئون ڪردار متعين ڪرڻ لاءِ تيار آهي؟ مظاهرا ۽ جلوس ڪيڻ سولي ڳالهه آهي جو اهو ڪم ته سڄو سماج پيو ڪري ۽ ڪنهن به بهاني ڪلاسن جا بائيڪاٽ ڪا بهتر روايت ناهي، جو

اها روايت بہ شاگرد تنظيمن طرفان ڏهاڪن کان جاري آهي. استادن لاءِ اصل چئلينج معيار وڌائڻ ۽ علم سان محبت جي روايت کي نئين سِر جيارڻ جو آهي. ڏسجي تہ موجوده نسل مان گهٽا استاد اهڙا نڪرن ٿا، جن کي ايندڙ دؤر ائين ذڪر ۾ آڻين جيئن اڄ اسان ڊاڪٽر بلوچ، احسن فاروقي، پروفيسر محرم خان، پروفيسر ايم اي قاضي، پروفيسر فريد، سيد وڏل شاھہ ۽ ٻين کي مثال طور پيش ڪريون ٿا.

(5) ان ڏس ۾ اسان بطور معاشري جي پنهنجي ڪردار کي بہ نظرانداز نٿا ڪري سگهون، اسان جي ٻي حسي ۽ لاتعلقي بہ هن صورتحال لاءِ ذميوار آهي. سماج جيترو پنهنجن ادارن کان لاتعلق هوندو، ادارا اوترو ئي راھہ روي ۽ ڇڙواڳيءَ توڙي نڌڻڪائيءَ جو شڪار ٿيندا. سماج جو ذميوارانہ ڪردار ان ڪري بہ اهم آهي جو رياست جو عوام سان ڪوبہ تعلق نہ آهي. ادارا ٻُڏن يا ترن، ماڻهو مرن يا بچن، تعليم معياري هجي يا نہ، رياست جو ان سان ڪجھہ نہ وڃي. رياست رڳو انهن مفادن لاءِ حساس ۽ ذميوار آهي، جيڪي مٿس قابض حڪمران طبقي لاءِ اهم آهن. سنڌ جي والدين، ميڊيا، سياسي پارٽين، سول سوسائٽي مطلب تہ معاشري جي سمورن ذميوار حصن کي سنڌ جي تعليمي ادارن ۽ خاص طور تي سنڌ يونيورسٽيءَ لاءِ اڳيان اچڻو پوندو، ان کي پنهنجي سموري ڪمٽمينٽ سان پنهنجو (Own) ڪرڻو پوندو، ان جي انتظاميہ، استادن، شاگردن، سياسي تنظيمن توڙي سمورن معاملن تي گهربل نظر رکڻي پوندي ۽ ان جي ائين واهر ڪرڻي پوندي، جيئن ماڻهو پنهنجي گهر جي ڪندو آهي، پر سنڌ يونيورسٽيءَ جي اهميت ٽِهائين وڌيڪ ان ڪري آهي جو اهو اسان جي نوجوان نسل ۽ ايندڙ سوين هزارين نسلن جو گڏيل تعليمي گهر آهي. اسان کي مصلحت پسنديءَ کان ٻاهر نڪرڻو پوندو. صحيح کي ڀَلو ۽ بُري کي بُڇڙو چوڻو پوندو. سنڌ جي تعليمي مفاد کان مٿانهون ڪوبہ نہ آهي. سنڌ يونيورسٽيءَ جي تعليمي تباهيءَ جي هن حمام ۾ جيڪو بہ اُگهاڙو آهي، اُن کي اُگهاڙو چوڻو پوندو. 21هين صديءَ ۾ اسان جي مادر علمي ڪيئن هجي، اهو اسان کي پاڻ طئي ڪرڻو پوندو. اهو ئي واحد طريقو آهي، جنهن سان اسان سنڌ يونيورسٽيءَ کي بچائي ان کي هڪ نئين دؤر ۾ داخل ڪرڻ جي عمل کي ممڪن بڻائي سگهون ٿا ۽ اهو ڪم اسان کي هر قيمت تي ڪرڻو پوندو.

*(روزاني ڪاوش، 15 ۽ 16 مارچ 2012ع)*

# سنڌ يونيورسٽيءَ جو ڪو ڌڻي آهي؟

سنڌ يونيورسٽي جنهن کي سنڌ جا شاگرد مادر علمي سڏيندا آهن، هڪ ڀيرو وري خون ۾ رڱجي بند ٿي چڪي آهي. خبر مطابق ٻن شاگرد تنظيمن جي جهيڙي جي نتيجي ۾ هڪ نوجوان دين محمد دل قتل ٿي ويو، جڏهن ته ٻه ٻيا نوجوان سخت زخمي ۽ ڪُٽيءَ جوڳي حالت ۾ آهن. ٻه مهينا اڳ سنڌ يونيورسٽيءَ جي هڪ سينئر استاد پروفيسر بشير چنڙ جو ڏينهن ڏٺي قتل ٿيو. ويجهي ماضيءَ ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ اندر بابر سنڌيلي ۽ رميز سهاڳ جا خون رڪارڊ تي آهن ۽ گهڻا سال اڳ عاشق جوڻيجي جي سفاڪ قتل جي دهشت اڃا تائين سنڌ يونيورسٽيءَ مان نه وئي آهي. ان جي شاهدي پروفيسر ممتاز ڀُٽو ڏيندي، جنهن جي آفيس جي واش روم ۾ ڪيس شهيد ڪيو ويو هو. شهيد بشير چنڙ ۽ دين محمد دل جي قتل جي وچ واري عرصي ۾ لڳ ڀڳ ڏيڍ مهينو سنڌ يونيورسٽي بند رهي ۽ هن ڀيري ڪلاسن ۽ تعليمي عمل جي بائيڪاٽ جي روايت کي استادن جي تنظيم سوٽا ورجايو، جڏهن ته احتجاج ۽ وي سيءَ کي هٽائڻ جي جدوجهد جا ٻيا ٻه متبادل ڏڳَ ٿي سگهيا ٿي پر بهرحال سنڌ يونيورسٽيءَ جي استادن کي اهو ئي طريقو بهتر ۽ مناسب نظر آيو. اهو ئي سبب آهي جو سنڌ مطالبن جي ته حمايت ڪئي وئي پر سنڌ ڪلاسن جي بائيڪاٽ جي حڪمت عمليءَ جي ڪنهن به ذميوار ماڻهوءَ حمايت نه ڪئي. سنڌ يونيورسٽيءَ جي استادن جي احتجاج ۽ بائيڪاٽ جي پَنجَ نُڪاتي جدوجهد جو گهڻو زور رڳو هڪ نقطي تي ئي رهيو ۽ اهو نقطو وي سي ڊاڪٽر نظير مغل جي برطرفي هو. حقيقت اِها آهي ته وي سي نظير مغل پنهنجي اڳوڻي دؤر ۾ به ڪا بهتر ساک ڪٽي واپس نه ويو هو ۽ هن ڀيري هڪ پروفيسر جي قتل ۽ استادن جي گڏيل احتجاج ڪانپوءِ ڪيس پارٽ مرادو ئي استعيفيٰ ڏئي مهذب انداز ۾ عزت سان واپس هليو وڃڻ گهربو هو پر "ڪجهه" ته آهي جو ڪُرسي ماڻهوءَ کي آخر پنهنجي عزت ۽ اداري جي مفاد کان وڌيڪ ٿي پياري لڳي؟ نظير مغل بهرحال نه جو نه ويو ۽ ويندي اڄ تائين هو عارضي موڪل تي آهي. نتيجو ڇا؟ هڪ طرف سنڌ يونيورسٽي لڳ ڀڳ ڏيڍ مهينو بند رهي ته ٻئي طرف پروفيسر بشير چنڙ جو قتل پس منظر ۾ هليو ويو ۽ صورتحال سوٽا بمقابله وي

سي جي صورت ۾ قائل رهي. وي سيءَ جي جبري موڪل ۽ معطل ڪيل استادن جي بحاليءَ ڪانپوءِ سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ اڃا تعليمي عمل مَس وڃي بحال ٿيو ته هاڻي هيءَ نئين صورتحال پيدا ٿي آهي، جنهن ۾ ٻن شاگرد تنظيمن ۾ هٿياربند جهيڙي جي نتيجي ۾ هڪ نوجوان جو قتل ٿيو آهي ۽ يونيورسٽي وري خوف ۽ دهشت جي ڪيفيت ۾ غيريقيني صورتحال ڏانهن ڌِڪجي رهي آهي.

سوال آهي ته آخر اهو سڀ ڇا آهي؟ ۽ آخر هڪ عرصي کان سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ اهو ڇا ٿي رهيو آهي؟ استاد پنهنجي ڪلاسن جي بائيڪاٽ کي اهو چئي جسٽيفاءِ ڪندا رهيا ته گذريل سال ته هتي سنڌن پاران ڪوبه بائيڪاٽ نه ڪيو ويو پوءِ آخر سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ سال جي اڌ ڏينهن کان وڌيڪ وقت لاءِ ڪلاس ڇو نه هليا؟ ۽ ان جو نوٽيس ڇو نه ورتو ويو؟ مان سمجهان ٿو ته وقت اچي ويو آهي ته سنڌ يونيورسٽيءَ جو ڏٽي سمورو سماج ٿئي ۽ ان ڏس ۾ ڪا لڳاتار جدوجهد هلي، جيڪا رڳو ڪنهن فرد خلاف يا عارضي مطالبن کان اڳتي وڌي بنيادي سوال هٿ ۾ کڻي ۽ ڪنهن نُوس نتيجي تائين وڃي. ڇاڪاڻ ته دراصل عاشق جوڻيجي، بابر سنديلي، رميز سهاڳ، پروفيسر بشير چنڙ ۽ هاڻي وري دين محمد دل جا قتل رڳو ڪجهه فردن جا نه پر سنڌ يونيورسٽي، ان جي تعليم، هزارين شاگردن جي مستقبل ۽ مجموعي طور سنڌي ماڻهن جي قومي اڏاوت جي عمل جا قتل آهن. جيڪي ڏريون انهن ۾ ملوث آهن، انهن کي سوين خونن جي پاداش ۾ هزارين پيرا ڦاهيون به ڏنيون وڃن، ته به سنڌن ڏوهه وڌيڪ سنگين آهن، ڇاڪاڻ ته هيءَ ته قوم جي آئيندي جو قتل آهي.

منهنجيءَ نظر ۾ ان ڏس ۾ هڪ بنيادي سوال تي غور ڪرڻ گهرجي ۽ ان جي سدِباب ۽ حل لاءِ ڪا ٺريڊ يونين ٽائيپ ۽ اُڀهرائيءَ واري مهم جو ئي نه پر ڊگهي ۽ سنجيده جدوجهد هلڻ گهرجي. ظاهر آهي ته اهو ڪم سؤلو ناهي ۽ نه وري ڪنهن هڪ اڌ فرد يا گروهه جي وَسَ جو آهي، پر گهٽ ۾ گهٽ ان لاءِ صورتحال کي صحيح تناظر ۾ سمجهڻ ضروري آهي.

مان نه ٿو سمجهان ٿو ته سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ اهي سڀ واقعا ڪو محض اتفاق آهن. ڀل ته ڪو ان کي Conspiracy Theory سان تعبير ڏئي پر حقيقت ۾ نظر اهو ٿو اچي ته سنڌ يونيورسٽيءَ کي ڪي "هٿ" ڏاهڪن کان لڳل آهن، انهن جو هدف ڪو هڪ اڌ واقعو نه پر ان ڳالهه کي يقيني بڻائڻ آهي ته سنڌ يونيورسٽي ڪڏهن به فضيلت سان هڪ ذميوار تعليمي اداري طور نه هلي ۽ اُها سنڌ جي غريب ۽ هيٺين وچين طبقي جي نوجوانن جي مستقبل جي تباهيءَ جي ضمانت بڻجي. ڇا اهو اتفاق آهي ته سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ شاگرد سياست

جي نالي ۾ دهشتگردن کي مڪمل آزادي حاصل هجي ته اُهي جڏهن چاهين سنڌ يونيورسٽيءَ کي هٿيارن ۽ دهشتگرديءَ جي زور تي يرغمال بڻائين، خوف ۽ دهشت جو راڄ قائم ڪن، تعليمي ادارن ۽ هاسٽلن ۾ ڪتابن بجاءِ هٿيارن جا انبار گڏ ڪن، عام شاگردن ۽ فرض شناس استادن کي دباءُ ۽ غنډه گرديءَ ذريعي بليڪ ميل ڪن ۽ ڪين ڪوبه چوڻ، جهلڻ، پلڻ ۽ لغام ڏيڻ وارو نه هجي؟ سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ اِها صورتحال ڏهاڪن کان قائم آهي، رڳو ان جا ڪردار ۽ دؤر تبديل ٿيا آهن پر انهن پُتلين پويان "هٿ" ساڳيا آهن. ضياءَ جي دؤر ۾ جڏهن ٻاهر پنج ماڻهو گڏ ٿي نه سگهندا هئا، تڏهن به سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ ڪشمير خان ۽ جانو آرائينءَ جهڙا ڏاڙيل رهندا هئا. سوال آهي ته ڇا اهو سڀ اتفاق آهي؟ شهيد عاشق جوڻيجي جو قاتل اهو ساڳيو قومپرست شاگرد اڳواڻ هو جنهن پروفيسر اعجاز قريشيءَ کي امتحان جي بائيڪاٽ جي اجازت نه ڏيڻ جي ڏوهه ۾ کُلي عام چماٽ هنئي هئي. شفيق ڪوسي جهڙو لائق ماڻهو حيدرآباد جو ڪمشنر هو. معلوم ڪري ڏسو ته ان شاگرد اڳواڻ جو وارُ به ونگو ڇو نه ٿيو؟ معلوم ٿيو ته اهو شاگرد اڳواڻ ايجنسين جو دادلو هو. اهڙن سوين واقعن جا حوالا ڏئي سگهجن ٿا پر هر واقعي ۾ ملوث شاگردن جي نالي ۾ ڏوهارين پنيان ساڳيا هٿ نظر ايندا.

ڏسڻ اهو گهرجي ته ڪهڙا عنصر آهن، جيڪي انهن "ڳجهن هٿن" جا آله ڪار بڻجن ٿا. اُهي ڪڏهن وائيس چانسلرن جي صورت ۾ هجن ٿا ته ڪڏهن نام نهاد شاگرد اڳواڻن جي صورت ۾. آخر ڇا هيو جو نظير مغل کي هٽائڻ لاءِ چونڊيل حڪومت به بلڪل بي وس نظر آئي؟ هيڏا احتجاج ٿيا ۽ ڪير هو جيڪو ڪيس مضبوطيءَ سان ويهاريو ويٺو هو؟ ڇا رڳو پير مظهرالحق ۽ گورنر؟ بس! يقيناً اُهي به هئا پر اصل هٿ ڪي ٻيا هئا. سنڌ يونيورسٽيءَ بابت هڪ گڏجاڻيءَ ۾ سينيٽر تاج حيدر، وائيس چانسلر نذير مغل ۽ منهنجي روبرو هڪ ڊويزنل سطح جي ذميوار پوليس آفيسر اهو چيو ته پروفيسر بشير چنڙ جي قاتلن جي گرفتاريءَ ۾ وائيس چانسلر سنجيده ناهي. گڏجاڻيءَ کانپوءِ جڏهن سينيٽر تاج حيدر جنهن کي گڏجاڻيءَ لاءِ وڏي وزير اُماڻيو هو، کي مون يونيورسٽيءَ جي بحران جي حل لاءِ پهرين وِک طور وائيس چانسلر کي هٽائڻ جي سفارش ڪئي ته هن چيو ته حڪومت لاچار آهي، سندن وَسُ نه ٿو هلي. سوال آهي ته اُهي ڪي معمولي هٿ آهن، جن آڏو چونڊيل جمهوري حڪومت بلڪل بي وس نظر آئي. اهي ته رڳو چند واقعا آهن، جن مان اِها ڳوٺ پڇي سگهجي ٿي ته اُهي ڪهڙا هٿ آهن، جيڪي شاگردن جي صورت ۾ پيشه ور ڏوهاري عنصرن ۽ اهڙن عنصرن کي پاليندڙ وائيس چانسلرن کي تحفظ ڏين ٿا؟ اجا وڌيڪ اهم

"سنڌي سماج جون قوتون نہ رڳو محدود آهن پر اُهي منتشر ۽ هڪ ٻئي سان تضاد ۾ پڻ آهن. ان ڪري سنڌ جي سڄاڻ طبقي کي ڀرپور ۽ اثرائتو ڪردار ادا ڪرڻو پوندو. سنڌي سماج جي موجوده قوم پرست، وطن دوست ۽ ترقي پسند ڌرين مان ڪابہ هڪ اهڙي سگهاري ڌر نہ آهي، جيڪا اڪيلي سر سنڌ جو هي سڄو بار کڻي سگهي، انڪري هر ڳالهہ قوم پرستن تي ڀاڙڻ بدران سنڌ جي سمورن ساڃاهہ وند ماڻهن کي پنهنجي پنهنجي شعبي ۽ دائري ۾ هر سطح تي سماج جي سُونهين جو ڪردار ادا ڪرڻو پوندو.

جيسين سنڌ ۾ ڪا وڏي سگهاري سياسي پارٽي اُسري اچي، تيسين هن عبوري دور ۾ سماج جي سمورن شعبن جي سُڄاڻ ماڻهن کي اڳيان اچڻو پوندو. سنڌ جو سڄاڻ طبقو عوام کان گهڻي ڀاڱي ڪٽيل آهي. انجي سوچ، عمل، تحرڪ ۽ سرگرميءَ جو دائرو تمام محدود آهي، انجو وڏو حصو نہ تہ دنيا جي وڏين ڌارائن سان لاڳاپي ۾ آهي ۽ نہ عوام سان. وچيون طبقو هوندئن بہ پنهنجن طبقاتي مفادن جي اڻ اعلانيل حدبندين ڪري ڪڏهن بہ عوام جي اورچ ۽ توڙ تائين رهبري ناهي ڪندو، جو سندس عارضي طبقاتي مفاد سندس غير معمولي ڪردار اُڀرڻ نہ ڏيندا آهن. پر ان باوجود هڪ حد تائين ئي سهي پر وچين طبقي جو قومي اڏاوت جي عمل ۾ اثرائتو ڪردار ضرور هوندو آهي. جي سنڌ جو وچيون طبقو بيو ڪجهہ نہ ڪري پر پنهنجي ذهني، تعليمي، فڪري ۽ پيشيورانہ سگهہ اسٽيٽسڪو بجاءِ عوام ۽ وطن جي نجات جي گهڻ طرفي عمل ۾ خرچ ڪري، تڏهن بہ سنڌي سماج ۾ معياري سياسي، معاشي ۽ سماجي تبديليءَ جي عمل جي رفتار تيز ٿيندي." (ص-23)

هن وقت سنڌ ۾ ڪرپشن خلاف وٺ پڪڙ سبب، سياسي منظر نامي ۾ ٿورو فرق آيو آهي، ڪامورا ۽ وڏيرا سر بچائڻ ۾ پورا آهن. سندن سوچ ۽ تدبيرون بدلجي رهيون آهن، ڪين هاڻي سنڌ ۽ اَهنجن ۾ ورتل سنڌي ماڻهو ڏاڍو ياد اچي رهيا آهن. اسان جي ڪاموري جي اها نفسيات رهي آهي تہ جڏهن هو ڪرسيءَ تي هوندو آهي تہ کيس عوام ۽ غريب ماڻهو زهر لڳندا آهن، ڪرسي ڇڏڻ کان پوءِ کين مارونڙا ۽ جهانگيئڙا ياد ايندا آهن، سنڌ جي حقن بابت يادگيرين ڀريا ڪتاب لکي شاندار پروگرام ڪرائي پنهنجي پذيرائي ڪندا آهن ۽ عوام کي نصيحتون ڪندا آهن تہ سنڌ اتم آهي، سنڌ اهم آهي، اسان سيني کي گڏجي سنڌ جي ڳوٺن ۽ غريب عوام جي ڀرگهور لهڻ گهرجي.

ڪرپشن خلاف اهڙا اپاءَ تہ اڳ بہ ورتا ويا هئا، ڇا انهن عارضي اپائن سان، سنڌ جي اصل مسئلن: پاڻي جي کوٽ، تعليم جي تباهي، زراعت جو

ان لاءِ سمورا گهربل انتظام ڪن ٿا. ان ڳالهه ۾ هاڻي ڪو به شڪ نه هئڻ گهرجي ته جيڪو به گروهه ڪنهن به نالي ۾ جيڪڏهن تعليمي ادارن ۾ خاص طور سنڌ يونيورسٽيءَ اندر هٿيار آڻي ٿو ۽ دهشتگردي ڪري ٿو ته اُهو دراصل سياست نه پر سنڌ جي تعليم جي قتل ۽ سنڌ جي تباهيءَ جي عمل ۾ انهن "ڳجهن هٿن" جو پگهاردار آهي. ڇا دنيا ۾ ڪتاب، علم ۽ قلم کان وڌيڪ خطرناڪ ڪو هٿيار آهي، جنهن سان پنهنجيءَ قوم جي بقا جي جنگ وڙهي سگهجي!

وقت اچي ويو آهي ته معاشرو هن سموري قوم دشمن صورتحال کان به پنهنجي لاتعلقي ۽ بي حسيءَ کي ٽوڙي. اسان جي خاموشي يا مصلحت به هن صورتحال لاءِ ڏهاڪن کان ذميوار آهي. اهو سوال اسان جي سموري قوم لاءِ اهم هئڻ گهرجي ته آخر هيءَ ڪنهن جي بازار پئي لُٽجي؟ هيءَ ڪنهن جو آئيندو آهي جيڪو روز روز قتل ڪيو وڃي ٿو؟ اُهي ڪهڙا نظر ايندڙ ۽ نظر نه ايندڙ هٿ آهن، جيڪي چاليهن سالن کان سنڌ يونيورسٽيءَ کي فضيلت سان هلڻ نٿا ڏين؟

چرچل چيو هو ته جنگ ايڏو حساس معاملو آهي جو ان کي رڳو جنرلن حوالي نه ٿو ڪري سگهجي. اهڙيءَ ريت تعليم به ايڏو حساس معاملو آهي، جنهن کي بي اختيار حڪومتن، ڪرپٽ انتظاميائن، شاگرد سياست جي نالن ۾ ڏوهاري عنصرن ۽ استادن يا ملازمن جي ٽريڊ يونينز جي حوالي نه ٿو ڪري سگهجي. وقت اچي ويو آهي ته سمورو معاشرو اُٿي بيهي، آگر کڻي، اڳيان اچي ۽ سنڌ يونيورسٽيءَ جو ڏٿي ٿئي.

ڇا شهيد عاشق جوڻيجي، بابر سنديلي ۽ رميز سهاڳ يا دين محمد دل کي والدين ان لاءِ يونيورسٽيءَ موڪليو هو ته اُهي اعليٰ تعليم حاصل ڪري يونيورسٽيءَ مان بهتر مستقبل جي ضامن حقيقي ڊگرين آڻڻ بدران قبرستان آباد ڪن؟ ڇا پروفيسر بشير چنڙ ان لاءِ سموري زندگي يونيورسٽيءَ جي تعليم کي ارپي ته ڪيس ساڳي مادر علميءَ جي رستن تي کُلي عام قتل ڪيو وڃي ۽ سندس قاتل به گرفتار نه ٿين! ڇا اهو رڳو چند فردن جو وحشي قتل آهي يا اهو انهن سمورن شاگردن ۽ شاگرديائين جي اُتساهه جو به قتل آهي، جيڪي سچ پچ به پڙهڻ چاهين ٿا. ان کان به وڌيڪ ڇا اهو سندن والدين جي خوابن جو قتل ناهي، جيڪي پنهنجو نور نچوئي پنهنجن ٻچن کي انهن ادارن ۾ اُماڻين ٿا ته من سندن زندگيءَ ۽ قسمت ۾ ڪو ڦيرو اچي؟! هيءَ ته سڄيءَ قوم جي آئيندي جو وحشتناڪ قتل آهي ۽ سموري قوم کي هن خوني ناچ خلاف هاڻ حتمي طور اُٿي بيهڻ گهرجي.

*(روزاني ڪاوش حيدرآباد، 8 مارچ 2012ع)*

# سنڌ جي خانگي ۽ شهري اسڪولن ۾ سنڌي ٻولي ڇو نہ ٿي پڙهائي وڃي؟

سنڌ ۾ تعليم جي موجوده وزير نثار احمد کهڙي جي اچڻ کانپوءِ بہ تعليم کاتو جيتوڻيڪ پنهنجي ڪردار ۽ عمل ۾ ساڳيو ئي آهي پر ان ۾ ڪجهہ فرق بہ آيو آهي. مثال طور تعليم جي وزير جي ڪرپشن ۾ ملوث هجڻ جا داستان ائين عام نہ آهن، جيئن اُهي گذريل حڪومتي دور ۾ هئا. "ماستريون" ائين کُلي عام ڪونہ پيون وڪامجن جيئن گذريل روايتي دور ۾ ان جي بازار گرم هئي. ضلعي سطح تي تعليم کاتي جا آفيسر ائين سَوَن جي تعداد ۾ ڪوڙا نوڪرين جا آرڊر جاري نہ پيا ڪن، جيئن گذريل پنجن سالن ۾ جاري ٿيا. ڀلا ڀيو نہ تہ نثار احمد کهڙي پنهنجيءَ وزارت جي صورتحال بابت گهٽ ۾ گهٽ سچ ڳالهائڻ تہ شروع ڪيو آهي، جيڪو هڪ مثبت قدم آهي. هن ان ڏس ۾ ڪجهہ اهم قدم بہ کڻڻ شروع ڪيا آهن. مثال طور ڪالهہ سنڌ اسيمبليءَ جي فلور تي ڳالهائيندي هن چيو آهي تہ سنڌ ۾ جيڪي خانگي اسڪول سنڌي ٻولي نہ ٿا پڙهائين، انهن کي شوڪاز نوٽيس جاري ڪيا ويا آهن. هن ان ڏس ۾ سرڪاري انگ اکر پڌرا ڪندي دعويٰ ڪئي تہ سنڌ ۾ رجسٽرڊ 9 هزار 866 خانگي اسڪولن مان 9 هزار 343 اسڪول سنڌي پڙهائين ٿا ۽ فقط 523 اسڪول سنڌي نٿا پڙهائين، جن کي تعليم جي وزارت پاران شوڪاز نوٽيس جاري ڪيا ويا آهن. هن اهو بہ چيو تہ ڪراچي صوبائي ڊائريڪٽوريٽ ۾ رجسٽرڊ 6 هزار 215 اسڪولن مان 5 هزار 825 اسڪول سنڌي پڙهائين ٿا ۽ 390 اسڪول سنڌي نٿا پڙهائين. ڪراچي ڊويزن ۾ 74، حيدرآباد ڊويزن ۾ 30، سکر ڊويزن ۾ 16، ميرپورخاص ڊويزن ۾ 13 اسڪول سنڌي نٿا پڙهائين.

هڪ طرف جتي سنڌ جي تعليم جي وزارت طرفان اهڙو سروي ڪرڻ ۽ اِهي انگ اکر پڌرا ڪرڻ هڪ سُٺي ڪوشش آهي، اُتي منهنجي خيال ۾ نثار احمد کهڙي کي اهڙن سرڪاري انگن اکرن جي درست هجڻ تي اعتبار نہ ڪرڻ گهرجي، ڇاڪاڻ تہ اِها ڪيس بہ خبر آهي تہ هيءُ سڄو ڪرپٽ، نااهل ۽ ڪم چور سرشتو ڪيتري ايمانداريءَ سان اهڙا انگ اکر گڏ ڪندو هوندو. سنڌ جي

خانگي ۽ وڏن شهرن جي سرڪاري اسڪولن ۾ سنڌي ٻوليءَ کي لازمي ۽ ثانوي مضمون طور نہ پڙهائڻ ڪواڄ جو مسئلو نہ آهي. اهو مسئلو ورهاڱي کان وٺي هلندو اچي، جنهن جي صورتحال ڏينهون ڏينهن بدتر ٿيندي وڃي. 1972ع ۾ سنڌ اسيمبليءَ مان ٻوليءَ جو بل پاس ٿيو ۽ ان ڪانپوءِ بہ سنڌ اسيمبليءَ ان ڏس ۾ بہ ٻيپرا اڳ بہ ٺهراءُ پاس ڪرائي چڪي آهي ۽ پهريون ٺهراءُ 1994ع ۾ بہ نثار احمد کهڙي پيش ڪري پاس ڪرايو هو پر ان جو اڄ تائين ڪوبہ نتيجو نہ نڪتو آهي. سبب اِهو آهي جو حڪومتون اهڙيون اچن ٿيون، جن کي سواءِ پنهنجا پيٽ ڀرڻ جي، ٻيو ڪوبہ ڪم نہ آهي. جڏهن تہ ان ٺهراءُ تي عمل ڪرائڻ لاءِ وڏو ارادو، ايمانداري ۽ تعليم جي اهميت جو احساس گهرجي، جيڪو ڪرپٽ ۽ نااهل حڪومتن کي ٿي ئي نہ ٿو سگهي.

جيتوڻيڪ ورهاڱي کانپوءِ سنڌي ٻوليءَ کي مختلف شڪلين ۾ ڪاپاري ڌڪ لڳا آهن پر وڏن شهرن جي سرڪاري ۽ خانگي اسڪولن ۾ سنڌي ٻوليءَ کي لازمي مضمون طور نہ پڙهائڻ سان پڻ سنڌي ٻوليءَ جي واڌ ويجهہ، ترقيءَ ۽ اوسر کي سخت هاڃو رسيو آهي، جنهن جو مڪمل سدِباب تہ هاڻي ممڪن نہ آهي پر هلندڙ ۽ ايندڙ وقت ۾ ٿيندڙ امڪاني بلڪ يقيني نقصان کي هڪ حد تائين گهٽائي يا بچائي سگهجي ٿو. جيتوڻيڪ ان لاءِ سڄي معاشري جي ذميواري بڻجي ٿي پر سڀ کان اهم ڪردار سنڌ جي سرڪار ۽ تعليم جي وزارت جو جُڙي ٿو. ان ڏس ۾ جن 523 اسڪولن کي شوڪاز نوٽيس جاري ڪيا ويا آهن، اهو هڪ سُٺو قدم آهي پر ان جي ڪابہ ضمانت نہ آهي تہ انهن جي نتيجي ۾ هاڻي سياڻي کان انهن اسڪولن ۾ سنڌي لازمي طور پڙهائي ويندي. جنهن صوبي ۾ سنڌ اسيمبليءَ جي ٻيپرا ٺهراءُ پاس ڪرڻ کانپوءِ بہ ان تي عمل نہ ٿو ٿئي، اُتي شوڪاز نوٽيس جاري ٿيڻ سان بہ ڪو ڪڙ تيل نہ نڪرندو. ان لاءِ وڏي سنجيدگيءَ سان گهربل رٿابندي ۽ حڪمت عملي تيار ڪري ان تي گهٽ ۾ گهٽ پنج سال ڪم ڪرڻ سان وڃي عملي طور صورتحال ۾ ڪو ڦيرو ايندو. مون اهي تجويزون اڳ بہ نثار کهڙي کي حيدرآباد ۾ روبرو ڏنيون هيون، جنهن جي هن مثبت موٽ پڻ ڏني پر انهن تي عمل ٿيڻ اڃا باقي آهي.

ان ڏس ۾ هيٺين تجويزن تي عمل ڪرڻ سان نُوس نتيجا حاصل ڪري سگهجن ٿا:

(1) مون اڳ بہ لکيو هو تہ جيسين سرڪار وٽ حقيقت تي ٻڌل انگ اکر ۽ رپورٽون نہ هونديون تيسين سڄي پاليسي يا رٿابندي لازمي طور ناڪام ٿيندي. نثار کهڙي صاحب کي گهرجي تہ آءِ بي اي سڪر يا زيبسٽ ڪراچيءَ جهڙي

ڪنهن ساک رکندڙ اداري کان اهو تڪڙو سروي ڪرايو وڃي تہ سنڌ ۾ ڪيترن ۽ ڪهڙن خانگي ۽ شهرن جي سرڪاري اسڪولن ۾ سنڌيءَ کي لازمي مضمون طور نہ ٿو پڙهايو وڃي. جي هنگامي طور اهڙي جاچ ڪرائي وئي تہ لازمي طور انگ اکر وڏيڪ سنگين سامهون ايندا.

(2) سنڌ جي تعليم جي وزارت ساک وارن، ايماندار ۽ فرض شناس آفيسرن ۽ تعليمي ماهرن تي مشتمل هڪ ڪُل وقتي شڪايتي سيل قائم ڪري، جتي سڄيءَ سنڌ جا والدين يا عام شهري اهڙن اسڪولن بابت حڪومت کي سڌيءَ ريت چاڻ ڏين، جتي يا تہ سنڌي نہ ٿي پڙهائي وڃي يا مورڳو اسڪول ئي بند آهن. اهڙو شڪايتي سيل هفتيوار بنياد تي تعليم جي وزير ۽ سيڪريٽريءَ کي باضابطہ رپورٽ ڪري، جنهن جي بنياد تي ٺوس عملي قدم کنيا وڃن.

(3) سنڌ جو تعليم جو وزير ۽ سيڪريٽري ميڊيا ۽ سول سوسائٽيءَ جي ساک رکندڙ فردن سان گڏجي سنڌ جي مختلف خانگي ۽ سرڪاري اسڪولن جا اوچتا دورا ڪن ۽ اهڙيون هدايتون چيف سيڪريٽريءَ معرفت ضلعي ڊپٽي ڪمشنرن ۽ ڊويزنل ڪمشنرن کي پڻ جاري ڪرڻ گهرجن. حيدرآباد ڊويزن ۾ گذريل ڪجھ مهينن کان ڪمشنر جمال مصطفيٰ شاھ اهڙي مهم اڳ ئي هلائي رهيو آهي، جنهن جا بهتر نتيجا سامهون آيا آهن. اهو ڪم سڄيءَ سنڌ ۾ ٿيڻ گهرجي. سنڌ ۾ ايماندار، فرض شناس ۽ قوم جا هڏڏوکي آفيسر اهو ڪم پاڻ مرادو بہ ڪري سگهن ٿا، جيئن حيدرآباد ۾ ڪمشنر جمال مصطفيٰ شاھ ڪري رهيو آهي.

(4) سنڌ ۾ پرائمري ۽ سيڪنڊري تعليم جي تباهي ۽ خانگي توڙي شهرن جي سرڪاري اسڪولن ۾ سنڌي لازمي مضمون طور نہ پڙهائڻ جو هڪ سبب تعليم کاتي طرفان اثرائتي مانيٽرنگ جو نظام نہ هئڻ بہ آهي. موجوده نظام جا سپروائيزر ساڳئي نااهل ۽ ڪرپٽ سسٽم جو حصو آهن، ان ڪري هو ڪڏهن بہ ايمانداريءَ سان مانيٽرنگ نہ ڪندا. ان لاءِ لازمي آهي تہ تعليم کاتو اهڙو ڪانٽريڪٽ وري بہ آءِ بي اي سکر يا زيبسٽ ڪراچيءَ جهڙي ڪنهن ساک رکندڙ اداري کي ڏئي، جيڪو ماهوار بنياد تي حڪومت کي رپورٽ ڏئي تہ خانگي ۽ شهرن جي سرڪاري اسڪولن ۾ سنڌي مضمون لازمي طور پڙهائڻ جي ڇا صورتحال آهي.

(5) نثار احمد کهڙي اسيمبليءَ ۾ چيو آهي تہ 9 هزار 866 خانگي اسڪولن مان 9 هزار 343 اسڪول سنڌي پڙهائي رهيا آهن ۽ رڳو 523

اسڪول سنڌي نہ ٿا پڙهائين. سوال آهي تہ اها جاچ ڪرڻ گهرجي تہ جيڪي 9 هزار 344 خانگي اسڪول سنڌي پڙهائي رهيا آهن، اُهي گهٽين وارا ڪُڏين نما اسڪول آهن يا اُهي واقعي معياري اسڪول آهن؟ سنڌ ۾ اهو هڪ کُليل راز آهي تہ اِهي هڪ ٻن ڪمرن وارا ننڍا اسڪول مڙئي نالي ماتر غيرمعياري تعليم ڏيئي رهيا آهن ۽ گهڻن اسڪولن ۾ سنڌي پڙهائيندڙ استادن يا ماسترياڻين جي مادري ٻولي بہ سنڌي ڪونهي ۽ اُتي مڙئي رسم پورائي لاءِ سنڌي پڙهائي وڃي ٿي. جڏهن تہ ان ڳالهہ جي پڻ جاچ ٿيڻ گهرجي تہ جيڪي 523 اسڪول سنڌي پڙهائڻ کان انڪار ڪيو ويٺا آهن، اُهي ملڪ جا ناميارا وڏا معياري خانگي اسڪول تہ نہ آهن، جتي اسڪول اندر سنڌي ڳالهائڻ تي بہ ڏنڊ رکيل هوندو آهي يا رسمي طور منع ڪيل هوندي آهي؟ جيئن تہ سنڌ ۾ ڪم ڪندڙ وڏا گرامر خانگي اسڪول صوبي جي قانون تحت ڪم ڪرڻ جا پابند آهن، اُن ڪري اُنهن کي مڪمل طور پابند بڻائي سگهجي ٿو تہ اُهي سنڌيءَ کي لازمي مضمون طور سنڌي ٻارن کي ئي نہ پر غيرسنڌين کي بہ پڙهائين، پر ڪانئن ڪوبہ ان ڏس ۾ سختيءَ سان پڇاڻو ڪرڻ وارو ناهي. ان ڏس ۾ ڪيمبرج ۽ آڪسفورڊ سان سنڌيءَ ريت لهہ وچڙ ۾ اچي سگهجي ٿو ۽ سندن نصاب تحت ڪم ڪندڙ وڏن اسڪولن کي پابند بڻائي سگهجي ٿو. مثال طور هاٽي سٽي اسڪول ڪجهہ جاين تي سنڌيءَ کي پڙهائڻ شروع ڪيو آهي پر ان باوجود سنڌيءَ جو امتحان ٻارن کان نہ ٿو ورتو وڃي، جنهن ڪري ظاهر آهي تہ ٻار ۽ سندن والدين بہ دلچسپي نہ ٿا وٺن. منهنجي تجويز آهي تہ نثار کهڙو ۽ سيڪريٽري تعليم جلد اهڙن سمورن وڏن اسڪولن جي انتظاميہ جي هڪ ڪانفرنس ڪوٺائي ۽ کين آگاهہ ڪيو وڃي تہ جيڪڏهن سنڌ اسيمبليءَ جي پاس ڪيل ٺهراءُ جي انحرافي ڪندي، سنڌيءَ کي لازمي مضمون طور نہ پڙهايو ويو تہ سندن لائسنس منسوخ ڪيا ويندا. جيڪڏهن اهڙا لائسنس منسوخ ڪرڻ جو مثال قائم ڪيو وڃي تہ پوءِ اهي خانگي ادارا بہ اهڙي اعلان کي گهربل سنجيدگيءَ سان وٺندا. نثار کهڙي کي مون اها ڳالهہ چئي هئي تہ حڪومتي اختيار ۽ قانون آڏو ڪاروبار ڪندڙ اهڙن خانگي اسڪولن جي ڪابہ مجال نہ آهي جو اُهي ان جي انحرافي ڪن پر سوال انهن کان سختيءَ سان پڇاڻي جو آهي، جيڪو ڪوبہ نٿو ڪري.

(6) بدقسمتيءَ جي ڳالهہ اها بہ آهي تہ جنهن سنڌي مڊل ڪلاس جا ٻار اهڙن معياري خانگي اسڪولن ۾ پڙهن ٿا، انهن جا والدين بہ لاڳاپيل اسڪولن تي ڪو دٻاءُ نہ ٿا وجهن تہ جيڪڏهن اِهي اسڪول سنڌي لازمي طور نہ

پڙهائيندا ته پوءِ اهڙن اسڪولن ۾ نه رڳو ٻار داخل نه ڪيا ويندا پر اهڙن اسڪولن جو سماجي سطح تي بائيڪاٽ پڻ ڪيو ويندو. سنڌ جي تعليم جي وزارت سنڌي ميڊيا ۽ سول سوسائٽيءَ سان گڏ والدين ۾ مجموعي طور معاشري ۾ سنڌي ٻوليءَ لاءِ حساسيت پيدا ڪرڻ جي ڪا هڪ مهيني جي اثرائتي مهم پڻ هلائي سگهن ٿا. ان ڏس ۾ ميڊيا جي هٿيار کي وڏي پيماني تي استعمال ڪري سگهجي ٿو. عوام ۾ خاص طور وچولي طبقي ۾ پنهنجي ٻوليءَ لاءِ اها حساسيت پيدا ڪرڻ لاءِ ضلعي ڪانفرنسون پڻ ڪوٺائي سگهجن ٿيون.

(7) سنڌ جي خانگي ۽ وڏن شهرن جي سرڪاري اسڪولن ۾ سنڌي ٻولي نه پڙهائڻ جو معاملو ايترو حساس آهي جو ان کي رڳو حڪومتن جي حوالي نه ٿو ڪري سگهجي. اهو معاملو سڄي سماج جو آهي ۽ ان کي يقيني بڻائڻ جي بنيادي جوابداري به سموري سماج جي آهي. منهنجيءَ نظر ۾ سنڌ جون وطن دوست سياسي پارٽيون، سماجي ادارا، استادن جون تنظيمون، صحافي ۽ ادبي تنظيمون وڏو اهم ڪردار ادا ڪري سگهن ٿيون. سنڌي ادبي سنگت ۽ سگا جهڙيون وڏيون تنظيمون سنڌ ۾ موجود آهن. ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته دانهن ڪرڻ کان اڳتي وڌي ان ڏس ۾ ڪو اثرائتو طريقو ۽ حڪمت عملي اختيار ڪئي وڃي. سنڌ جي ادبي، سماجي ۽ سياسي تنظيمن جون سڄيءَ سنڌ ۾ شاخون ۽ ڪارڪن آهن ۽ سنڌي ميڊيا به هر ننڍي شهر ۽ ويندي ڳوٺن تائين موجود آهي، ته ڇا اهي تنظيمون ۽ سنڌن ڪارڪن سنڌ جي اسڪولن جي مالڪن کي نه ٿا ڪري سگهن ۽ ڇا جيڪو خانگي يا سرڪاري اسڪول سنڌي لازمي مضمون طور معياري انداز ۾ نٿو پڙهائي ان کي اثرائتي عوامي مهم ذريعي ان لاءِ مجبور نه ٿو ڪري سگهجي؟ مان سمجهان ٿو ته ائين بلڪل ڪري سگهجي ٿو. شرط اهو آهي ته اهو اسان جو اٽل فيصلو هجي ته سنڌ ۾ خانگي اسڪولن کي يا ته تڏا ويڙهه ڪرڻي پوندي يا سنڌي ٻوليءَ کي لازمي طور پڙهائڻو پوندو.

*(روزاني ڪاوش حيدرآباد، 5 فيبروري 2014ع)*

# سنڌ ۾ تعليمي ايمرجنسي
# لاڳو ڪرڻ جي ضرورت!

مون پنهنجي گذريل مضمون ۾ سنڌ ۾ تعليمي زوال جي انگن اکرن سان هڪ جامع تصوير پيش ڪئي هئي، جيڪا ظاهر آهي تہ بيحد مايوس ڪندڙ هئي، پر اِها حتمي ان ڪري نہ هئڻ گهرجي جو انساني سماج هڪ زندهہ ۽ متحرڪ وجود آهي، جيڪڏهن ان جو ڪوبہ شعبو يا مجموعي طرح سڄو سماج عروج کان زوال جي پاتال ۾ ڪِري سگهي ٿو تہ زوال مان اُٿي ۽ ڪَڇي وَري بُلنديِن کي بہ رسي سگهي ٿو. شرط رڳو اِهو آهي تہ اُن لاءِ واسطيدار ڌرين کي حقيقت پسنديءَ سان حالتن جو ادراڪ هجي، پنهنجي صلاحيتن ۽ وسيلن جي ساڃاهہ هجي ۽ سڀ کان وڌي ڳالهہ تہ ان صورتحال مان نڪرڻ جو پڪو ارادو ۽ گهربل رٿابندي توڙي حڪمت عملي هجي. جيستائين اسان جون چونڊيل حڪومتون پاڻ ۾ اهڙي فضيلت پيدا ڪن، تيسين اسان کي بہ بطور هڪ سماج ۽ قوم جي اِهو بارُ پنهنجن ڪلهن تي کڻڻو پوندو. لطيف سائينءَ تڏهن ئي تہ چيو هو تہ:

"تيسين پڳي سان ئي پير، جيسين رَتو راس ٿئي."

سڀ کان پهرين ڳالهہ تہ سنڌ حڪومت جي تعليم جي وزارت تي گهربل دٻاءُ وجهجي تہ اُها سنڌ ۾ گهٽ ۾ گهٽ پنجن سالن لاءِ تعليمي ايمرجنسي لاڳو ڪري، ڇاڪاڻ تہ ان کانسواءِ هيءُ سنگين مسئلو گهربل اهميت نہ ماڻي سگهندو. جيستائين حڪومت ۽ معاشرو سنڌ جي هن اهم معاملي کي گهربل سنجيدگيءَ سان هَٿ ۾ نہ کڻندا تيسين اِنَ ڏس ۾ ڪا بنيادي اُڪِيرائي بہ ٿي نہ سگهندي. اُنَ هڪ نقاطي ايجنڊا تي سمورين سنڌ دوست سياسي پارٽين، اُستادن جون تنظيمون، سماجي ادارا ۽ سماج جا ٻيا سجاڳ حصا متفق ٿين ۽ ان ڏس ۾ گهربل دٻاءُ پيدا ڪرڻ ۾ سنڌي ميڊيا ۽ سنڌ جا باضمير ليکڪ وڏو اهم ڪردار ادا ڪري سگهن ٿا. سنڌ جي تباهہ حال تعليمي سرشتي جي بحالي ۽ پوءِ مرحليوار ترقيءَ جي سلسلي ۾ واسطيدار سمورين ڌرين ڪهڙا قابل عمل قدم کڻي سگهن ٿيون، مان ان تي هيٺ ترتيبوار پنهنجا رايا پيش ڪري رهيو آهيان.

## سنڌ جي تعليم جي وزارت کي ڇا ڇا ڪرڻ گھرجي؟

سنڌ ۾ تعليم جي شعبي کي هن تباهہ حاليءَ مان ڪڍي، پھرين بحال ڪرڻ ۽ پوءِ نئين سر اُڀارڻ جو بنيادي فرض سنڌ جي تعليم جي وزارت جو آهي، ڇاڪاڻ تہ عوام جي پورهيي ۽ پگھر جي ڪمائيءَ جا 134 ارب هن وزارت کي ملن ٿا. بين الاقوامي ادارن طرفان اربين روپين جي گرانٽ ان کان الڳ آهي. منهنجي خيال ۾ سنڌ جي تعليم جي وزارت کي هيٺيان ڪم هنگامي بنيادن تي ڪرڻ گھرجن:

(1) سنڌ ۾ تعليمي سرشتي جي بحاليءَ ۽ ترقيءَ لاءِ ساک وارن تعليمي ماهرن، ٽيڪنوڪريٽس ۽ دانشورن تي ٻڌل هڪ خودمختيار اعليٰ سطحي ڪميشن جوڙڻ گھرجي، جيڪا هن سڄي عمل جي نہ رڳو نگراني ڪري پر ان ڏس ۾ گھربل عملي رٿابندي ڪري.

(2) سنڌ جي تعليم جي وزارت تعليم جي موجوده صورتحال بابت هڪ حقيقي رپورٽ عوام آڏو پڌري ڪري تہ جيئن تعليم جي وزارت توڙي سڄي معاشري کي تعليم جي زوال جو حقيقي اندازو ٿي سگھي.

(3) جيئن تہ 18هين آئيني ترميم کانپوءِ تعليم هاڻي مڪمل طور هڪ صوبائي معاملو آهي ۽ هر صوبو پنهنجي جدا پاليسي ٺاهڻ جو مجاز آهي، ان ڪري سنڌ حڪومت جي تعليم جي وزارت کي تعليمي ماهرن، سياسي پارٽين، استادن، شاگردن ۽ سول سوسائٽيءَ جي گڏيل صلاح سان ڏهن سالن لاءِ هڪ صوبائي تعليمي پاليسي ٺاهي، جاري ڪرڻ گھرجي، جنهن تي عمل لاءِ تعليمي ڪميشن کي پابند بڻايو وڃي. نئين تعليمي پاليسيءَ تي عمل لاءِ مرحليوار رٿابندي ڪئي وڃي، جنهن ۾ سولا ۽ فوري طور عمل جوڳا قدم پھرين مرحلي ۾ شامل هجن.

(4) جيتوڻيڪ موجوده تعليم واري وزير پرائمري ۽ سيڪنڊري تعليم جي نصاب ۾ گھربل تبديلين لاءِ آغا خان يونيورسٽيءَ جي لائق استاد ڊاڪٽر محمد ميمڻ جي سربراهيءَ ۾ هڪ ڪميٽي جوڙي آهي، جيڪا موجوده نصاب جو جائزو وٺندي ۽ ان کي نئين سر تيار ڪندي. اِهو هڪ سُٺو قدم آهي پر ضرورت ان ڳالهہ جي آهي تہ اُها ڪميٽي پنهنجين سفارشن کي حتمي شڪل ڏيڻ کان اڳ سنڌ جي ٻين تعليمي ماهرن، سياسي پارٽين، استادن جي تنظيمن، سول سوسائٽي ۽ ساڃاهہ وندن کان بہ رايا وٺي. مجموعي طور تي نصاب کي سائنسي، سيڪيولر ۽ ماحول دوست هئڻ گھرجي ۽ ان ۾ سنڌ جي تاريخ، ڪلچر ۽ تهذيب جي مثبت پاسن، روايتن ۽ املھہ هيرن بابت ڄاڻ کي

ان ۾ شامل ڪرڻ گهرجي.

(5) سنڌ ۾ بنيادي تعليم جي عمل ۾ ڪوبہ سُڌارو تيسين ممڪن نہ آهي، جيسين ان جي چڪاسَ وارو سرشتو درست ناهي. موجوده نظام ۾ سپروائيزرز جو سڄو شعبو ناڪاره، نااهل ۽ ڪرپٽ آهي ۽ جيڪڏهن ڪِٿي ڪِٿي ڪو ايماندار ۽ فرض شناس ماڻهو آهي تہ بہ اُهو مجموعي سرشتي سبب ڪو اثرائتو ڪردار ادا ڪرڻ کان قاصر آهي. سنڌ ۾ تعليمي سرشتي جي مانيٽرنگ لاءِ ڪو مڪمل جدا ادارو جوڙڻ گهرجي، جنهن ۾ سڀ ماڻهو ميرٽ تي رکيا وڃن، نہ تہ ٻي صورت ۾ ان جو ڪوبہ ڪڙ تيل نہ نڪرندو. مانيٽرنگ جي ان سرشتي ۾ والدين، ساک رکندڙ سماجي ڪارڪنن ۽ سول سوسائٽيءَ جي نمائندن کي بہ هيٺين توڙي مٿين سطح تي ان ۾ شامل ڪري سگهجي ٿو. هندوستان جي ڪيرالا صوبي ۽ سريلنڪا ۾ اِهو طريقو نهايت ڪامياب ثابت ٿيو آهي.

(6) تعليم کاتي ۾ استادن جي ڀرتين کي مڪمل طور شفاف ۽ خالص ميرٽ جي بنياد تي يقيني بڻايو وڃي ۽ اهو ڪم آءِ بي اي سڪر جهڙي ڪنهن ساک رکندڙ اداري کي ڏنو وڃي. ڇاڪاڻ تہ سنڌ ۾ تعليمي نظام جي سڄي تباهيءَ جو هڪ اهم سبب نااهل ماڻهن جا لشڪر رشوت، اقرباپروري ۽ سياسي بنيادن تي ڀرتيون ڪرڻ آهي. اِهو ڪلچر سنڌ ۾ گهڻي ڀاڱي پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي حڪومتن جو پيدا ڪيل آهي ۽ ان جي خاتمي کانسواءِ تعليمي نظام ۾ ڪنهن بہ سڌاري جو ڪوبہ امڪان نہ آهي.

(7) سنڌ ۾ گهٽ ۾ گهٽ پنجن سالن لاءِ تعليم کاتي ۾ نئين ڀرتين تي پابندي مڙهي وڃي، ڇاڪاڻ تہ نااهلن جا نوان لشڪر ڀرتي ڪرڻ بدران بهتر ٿيندو تہ موجوده سرشتي کي سُڌارڻ تي وڌيڪ ڌيان ڏنو وڃي. سنڌ ۾ هن وقت تعليمي وزارت جي 134 اربن جي بجيٽ مان 118 ارب تہ رڳو استادن، آفيسرن جي پگهارن ۽ مجموعي طور انتظامي مَدَ ۾ خرچ ٿيو وڃن، پوءِ باقي ڇا ٿو بچي جنهن مان تعليمي سرشتو بهتر ٿيندو؟ ان ڪري گهٽ ۾ گهٽ پنجن سالن لاءِ وڌيڪ نوان اسڪول کولڻ، نيون عمارتون ٺاهڻ، نوان استاد ڀرتي ڪرڻ تي مڪمل طور بندش وڌي وڃي تہ جيئن موجوده سرشتي کي بهتر ڪرڻ تي سمورو ڌيان ڏئي سگهجي.

(8) سنڌ سان تعليم جي شعبي ۾ وڏو ظلم اِهو ٿيو آهي تہ گذريل لڳ ڀڳ ٽن ڏهاڪن کان استادن جون ڀرتيون 95 سيڪڙو رشوت، اقرباپروريءَ، ميرٽ جي لتاڙ ۽ سياسي بنيادن تي ٿيون آهن، نتيجي ۾ 146000 هزار پرائمري ۽ سيڪنڊري استادن مانَ وڏو انگ آهي، جن جو تعليم سان ڪوبہ تعلق نہ آهي،

جن کي بنيادي تاريخ، سماجيات، رياضي، سائنس، جاگرافي ۽ ويندي ٻوليءَ جي به ڪا ڄاڻ نه آهي. اهڙا/ اهڙيون استاد اسڪول ۾ ويا ته ڇا ۽ جي نه ويا ته ڇا؟ اُصولي طور تي ته سمورن ميرٽ ڪانسواءِ ڀرتي ٿيل نااهل استادن کي فارغ ڪرڻ گهرجي پر شايد ايتري اخلاقي جرئت جو مظاهرو هڪ سياسي حڪومت نه ڪري سگهي پر ان ڏس ۾ هڪ اهڙي رٿا تي عمل ڪري، ڪنهن بهتر رخ ۾ وڃي سگهجي ٿو. حڪومت آءِ بي اي سکر جي نگرانيءَ ۾ استادن جي ترتيب لاءِ هڪ بنيادي ڪورس ترتيب ڏياري ۽ ان جو ڪانٽريڪٽ به آءِ بي اي سکر کي ڏئي، جنهن تحت استادن لاءِ اِهو لازمي قرار ڏنو وڃي ته اُهي اِهو ڪورس مڪمل ڪري، گهربل امتحان پاس ڪن ۽ جيڪي "استاد" اِهو ڪورس پورو ڪري امتحان پاس نه ڪري سگهن، انهن کي بلڪل ۽ فوري طور تي فارغ ڪيو وڃي. جيڪا حڪومت پنهنجي حڪومتي مفادن لاءِ ٻئي مڪاني نظام آڻڻ جهڙا غيرمقبول فيصلا ڪري سگهي ٿي، اُها سنڌ جي آئيندي جي سوال خاطر اهڙا غيرمقبول فيصلا ڪرڻ جي جرئت ڇو نه ٿي ڪري؟ هيءَ مڪمل طور تباهه حال سرشتو رواجي ۽ ڪمپرومائيزنگ روين ۽ قدمن سان ڪڏهن به ٺيڪ نه ٿيندو. مان ته سمجهان ٿو ته نااهل ۽ رشوت تي ڀرتي ٿيل استادن کي فارغ ڪرڻ جي سماج ۾ وڏي پئماني تي آجيان ٿيندي.

(9) سنڌ ۾ لڳ ڀڳ 49000 سرڪاري اسڪولن جي حالت کي بهتر بڻائڻ لاءِ هڪ جامع رٿابندي تيار ڪئي وڃي. اسڪول جو مطلب رڳو ڪلاس روم ناهي هوندو پر اسڪولن ۾ ننڍڙيون ۽ ڪارائتيون لائبريريون، آرٽ گيلريون، راندين جا ميدان، وڻڪاري، پيئڻ جو صاف پاڻي، چوڪيداري انتظام، بجلي (سولر سسٽم ذريعي اِهو مسئلو هميشه لاءِ حل ڪري سگهجي ٿو) ۽ واش روم لازمي طور هئڻ گهرجن. اسڪولن لاءِ هڪ معيار مقرر ڪيو وڃي، جنهن ۾ مٿي ڄاڻايل سموريون سهولتون هئڻ گهرجن. اهو ڪم ڪرڻ لاءِ جيڪڏهن حڪومت وٽ گهربل سنجيدگي ۽ ارادو هجي ته ڪيترا عالمي ادارا ۽ سفارتخانا وڏي مدد ڪري سگهن ٿا، شرط اِهو آهي ته اهو عمل سنجيده ۽ شفاف هجي. اهڙا اسڪول هوندا ته ٻار دلچسپيءَ سان اسڪولن ۾ ايندا ۽ والدين جي به خواهش هوندي ته سندن ٻار اهڙن اسڪولن ۾ وڃن. اُصولي طور ته سرڪاري اسڪولن ۾ ٻارن کي رسيس يا منجهند جو معياري کاڌو ملڻ گهرجي ۽ ان ڏس ۾ جيڪڏهن حڪومت وٽ ڪا جامع رٿا هجي ته سڄي دنيا مان مدد ملي سگهي ٿي پر سڄو مسئلو گهربل سنجيدگيءَ جو آهي. مطلب ته اسڪول اهڙا هئڻ گهرجن، جتي ٻار خوشيءَ سان وڃي ۽ روئيندو واپس اچي ته

اسڪول جو وقت ختم ٿيو ٿيو پر اسان وٽ ناڪاره اسڪولن سبب ٻار روئندا اسڪول وڃن ٿا ۽ کلندا واپس اچن ٿا تہ سنڌن ڇند ڇُٽي. ٻارن جي سڀ کان پسنديده جاءِ اسڪول هئڻ گهرجي، پر ان لاءِ اسڪولن کي اهڙو بڻائڻو پوندو.

(10) موجوده تعليمي سرشتي جو بنيادي محور ۽ زور شاگرد ۽ معياري تعليم نہ پر بيروزگارن ۽ نااهلن جا لشڪر پالڻ تي آهي، جڏهن تہ شاگرد ۽ معياري تعليم ان جو اصل محور هئڻ گهرجي. اسان وٽ تعليم جي معيار کي بهتر ڪرڻ بدران سڄو زور رڳو استادن جي ڀرتين ۽ اسڪولن جي عمارتن جي تعمير تي رهيو آهي، جيڪو ڪرپشن، اقرباپروريءَ ۽ ڪميشن خوريءَ جو مُک ذريعو آهي. پرائمري ۽ سيڪنڊري تعليم ۾ اڳي ڪاپي ڪلچر نہ هوندو هو (ويندي اسان جي نسل تائين بہ ائين نہ هو) پر هاڻي ان سطح تي بہ ڪاپي ڪلچر عام آهي. امتحانن جي چڪاس جو انتظام بہ گهٽ ۾ گهٽ پنجن سالن لاءِ آغا خان يا آءِ بي اي سڪر جهڙن ادارن حوالي ڪيو وڃي يا وري ضلعي سطح تي ڊپٽي ڪمشنر جي ماتحت خاص ٽيمون جوڙيون وڃن، جيڪي امتحانن ۾ ڪاپي ڪلچر جي خاتمي کي يقيني بڻائين. گوسڙو استادن کي نہ رڳو فارغ ڪيو وڃي پر مٿن ڪيس هلايا وڃن ۽ مٿن ڳرا ڏنڊ وڌا وڃن، ڇاڪاڻ تہ تعليم جي شعبي ۾ جيڪا بجيٽ آهي، اُها عوام جي پگهر ۽ پورهيي جي امانت آهي. ضلعي سطح تي فرض شناس ڊپٽي ڪمشنر يا ڊويزن سطح تي ڪمشنر پڻ پاڻ مرادو سنڌ ۾ تعليم جي سڌاري لاءِ وڏا قدم کڻي سگهن ٿا. سوال رڳو قومي درد ۽ گهربل اوليت ۽ عمل جي آهي.

(11) سرڪار سان گڏوگڏ سماج جا ٻيا ذميوار شعبا ۽ ادارا پڻ سنڌ ۾ تعليم جي تباهہ حاليءَ کي سڌارڻ ۾ وڏو اهم ۽ اثرائتو ڪردار ادا ڪري سگهن ٿا. مثال طور :

استادن جون تنظيمون هاڻي قوم تي رحم ڪن ۽ مفاد پرست يونين بازيءَ جي چڪر ۾ نااهل ۽ گوسڙو استادن جو بچاءُ ڪرڻ جو سلسلو بند ڪن. سنڌ جي تعليم جو دشمن سنڌ جي آئيندي جو دشمن آهي ۽ انهن جو تحفظ بہ قوم دشمنيءَ جي زمري ۾ اچي ٿو. اُصولي طور تي استادن جي تنظيمن کي اسڪولن جي غيرسرڪاري مانيٽرنگ جو ڪم ڪرڻ گهرجي، ڇاڪاڻ تہ سندن تنظيمن جو نيٽ ورڪ تمام وڏو ۽ اثرائتو آهي. جيڪڏهن پ ٽ الف ۽ گسٽا رڳو سچائيءَ تي اچن تہ بہ سنڌ ۾ تعليمي تباهيءَ جي صورتحال ۾ وڏو ڦيرو اچي سگهي ٿو. عام طور استاد اڳواڻ ڪلاس يا اسڪول ۾ وڃن ئي نہ ٿا ۽ اِهو قومي ڏوهہ آهي. استاد تنظيمون چاهين تہ استادن جي معيار کي بهتر ڪرڻ لاءِ

سجاڳيءَ جي وڏي تحريڪ هلائي سگهن ٿيون ۽ اهڙي ڪم ۾ سنڌن ساٿ سچو سماج ڏيندو پر ان لاءِ کين روايتي يونين باز ڪلچر مان نڪري تعليم دوست ڪردار اختيار ڪرڻو پوندو.

(12) سنڌ ۾ تعليم جي سڌاري لاءِ وطن دوست ۽ عوام دوست روشن خيال سياسي پارٽين جو ڪردار تمام اهم ٿي سگهي ٿو. سڀ کان پهرين ڳالهه ته سياسي پارٽيون، خاص طور اُهي جيڪي پاڻ کي قومپرست سڏائين ٿيون، پنهنجين صفن مان ڏوهاري عنصرن کي مڪمل طور نيڪالي ڏين، ڇاڪاڻ ته ڪوبه ڏوهاري نه ته قومپرست ٿي سگهي ٿو ۽ نه سياسي ڪارڪن. هاڻي ته هاءِ اسڪولن جي سطح تي به شاگرد سياست جي نالي ۾ غنڊه گردي ۽ لوفرائپ عام ٿي چڪي آهي، جنهن پڻ سنڌ جي تعليم کي ڪاپاري ڌڪ هنيو آهي. پيو ته سنڌ سان محبت جون دعويدار سياسي پارٽيون تعليم کي سنڌ جي آجپي ۽ ترقيءَ جو سڀ کان اهم ذريعو ۽ هٿيار سمجهي، ان کي گهربل اهميت ڏين. اُهي تعليمي پاليسيون ٺاهڻ سان گڏ تعلقي ۽ ضلعي سطح تي اسڪولن جي مالڪي ڪري سگهن ٿيون ته ڇا انهن اسڪولن ۾ تعليمي عمل هلي رهيو آهي يا نه؟ سياسي پارٽيون تعليمي سڌاري جي ايجنڊا تحت حڪومت تي دٻاءُ پيدا ڪرڻ جي سلسلي ۾ به وڏو اهم ڪردار ادا ڪري سگهن ٿيون. سياسي پارٽيون جا مقامي يونٽ سماج جي باشعور ماڻهن جي ساٿ سان اسڪولن جي مانيٽرنگ جو وڏو اثرائتو سرشتو قائم ڪري سگهن ٿا.

(13) سنڌ ۾ تعليم جي نالي ۾ ڪروڙين ته ڇا اربين روپيا هڙپ ڪندڙ اين جي اوز جا ته سوين دڪان کُليا پيا آهن پر جيڪڏهن سماجي ادارا تعليم جي زوال کي "ڌنڌي" بجاءِ هڪ اهم قومي مفاد سمجهي، متحرڪ ڪردار ادا ڪن ته سنڌ ۾ تعليمي ميدان ۾ وڏيون اڳڀرائيون ٿي سگهن ٿيون. ڀارت، بنگلاديش ۽ سريلنڪا ۾ تعليمي بهتريءَ لاءِ غيرسرڪاري ادارن جو وڏو اهم ۽ اثرائتو ڪردار آهي پر سنڌ ۾ ڏهاڪن کان تعليم جي شعبي ۾ هزارين "پراجيڪٽن" باوجود سرزمين تي ڪا وڏي تبديلي نظر نه ٿي اچي، جيڪو ان ڳالهه جو ثبوت آهي ته غيرسرڪاري شعبي جي اڪثريتي ادارن لاءِ تعليم هڪ مقدس قومي فرض نه پر هڪ "ڌنڌو" آهي. سنڌ اسيمبلي ان ڏس ۾ قانون سازي ڪري غيرسرڪاري ادارن جي تعليمي پروگرامن جي مانيٽرنگ ۽ آڊٽ لاءِ به ڪا رٿا جوڙي سگهي ٿي پر سرڪار اهو ڪم تڏهن ڪري سگهندي جڏهن ان جا پنهنجا هٿ به صاف هوندا. مان سمجهان ٿو ته تعليمي شعبي ۾ ڪرپشن ڪندڙ سرڪاري توڙي غيرسرڪاري فردن ۽ ادارن کان ته جسم فروشي ڪندڙ ويشيائون به وڌيڪ معتبر

آهن، جيڪي گهٽ ۾ گهٽ قوم جو آئيندو ته ڪونه ٿيون وڪڻن.

(14) ميڊيا ۽ خاص طور سنڌي ميڊيا موجوده دور ۾ تمام متحرڪ ۽ اثرائتي آهي پر افسوس جو ان به سنڌ جي تعليم جي شعبي تي ڪو خاص ڌيان نه ڏنو آهي. جيڪڏهن سنڌي ميڊيا جو رڳو ڪو هڪ حصو به گهربل سنجيدگيءَ سان سنڌ جي تعليم جي تباهيءَ کي گهربل اهميت ڏئي ته تعليمي سڌاري جي ڏس ۾ وڏي بنيادي پيش قدمي ٿي سگهي ٿي. ڇا ڪي سنڌي چئنل ۽ اخبارون هڪ پاليسيءَ تحت تعليم کي گهٽ ۾ گهٽ پنجن سالن لاءِ گهربل اهميت ۽ اوليت نه ٿا ڏئي سگهن؟

مجموعي طور جيئن ته تعليمي زوال سنڌ جو قومي مسئلو آهي، ان ڪري اسان کي هن مسئلي جي ڏاڪي به ڏاڪي سڌاري لاءِ رڳو هڪ خواهش ۽ سوچ نه پر هڪ قومي رويو اختيار ڪرڻو پوندو ۽ جيڪڏهن سنڌ جا ليکڪ، ساڃاهه وند، سياسي پارٽيون، ميڊيا، استاد ۽ مجموعي طور سول سوسائٽي تعليم جي ڊسڪورس کي هڪ حقيقي قومي سجاڳيءَ جي عمل ۾ منتقل ڪري سگهن ته سنڌ جي تعليم جو ٻُڏل ٻيڙو وري تاري سگهجي ٿو پر ان لاءِ سچيءَ سنڌ جي هر باضمير، سنڌ دوست ۽ باشعور ماڻهوءَ کي نلهو دل ۾ درد رکڻ بجاءِ عملي طور پنهنجي پنهنجي سطح تي اُٿي بيهڻو پوندو. منهنجو پختو ويساهه آهي ته جيڪڏهن چينين ۽ جپانين جهڙيون آفيمي قومون رڳو اڌ صديءَ ۾ دنيا جون عظيم قومون بڻجي سگهن ٿيون ته سنڌ جي تعليم کي به رڳو هڪ ڏهاڪي اندر زوال کان عروج تي پُڄائي سگهجي ٿو پر شايد سنڌ کي به ڪنهن راجا رام موهن راءِ ۽ سوامي وويڪانند جي ضرورت آهي.

*(روزاني ڪاوش، 29 نومبر 2013ع)*

# سنڌ ۾ تعليمي زوال جو
# ازالو ڪيئن ٿيندو؟

هونئن ته سنڌ جو هر شعبو بدترين حالت ۾ آهي پر سنڌ ۾ بنيادي تعليم جي مڪمل تباهي جڙ ته سڄيءَ سنڌ جي آئيندي کي سواليه نشان بڻائي ڇڏيو آهي. ايڪويهين صديءَ جي هن قابليت، مهارت ۽ ڄاڻپڻيءَ جي دور ۾ ڪهڙي قوم ۽ ڪهڙو سماج آهي، جيڪو تعليم ۽ معياري تعليم کانسواءِ اڳتي وڌڻ جو تصور به ڪري سگهي ٿو؟ سنڌ ۾ بنيادي تعليم جي هيءَ تباهي ڪا هڪ ڏڏ حڪومت ۾ نه ٿي آهي پر گذريل ڪيترن ڏهاڪن کان مرحليوار ٿي آهي ۽ اڄ حالت اِها آهي ته تعليمي رپورٽ 2012ع جي ساليانى سروي مطابق، سنڌ ۾ چوئيتاليهه هزار پرائمري اسڪول ۽ پنج هزار مڊل ۽ سيڪنڊري اسڪول آهن، جن ۾ داخل ٿيل ٻارن (پنجن کان سورنهن سالن جي عمر) جو ڳاڻيٽو لڳ ڀڳ چاليهه لک آهي پر رپورٽ ۾ ڄاڻايو ويو آهي ته سنڌ جي سرڪاري اسڪولن جا ٽي درجا پاس ڪيل ڇاهٺ سيڪڙو ٻار پنهنجي مادري ٻوليءَ ۾ پڙهي به نه ٿا سگهن ۽ انهتر سيڪڙو ٻار بنيادي حساب يعني جوڙ ۽ ڪٽ به نه ٿا ڪري سگهن. سرڪاري اسڪولن ۾ پڙهندڙ پنجهتر سيڪڙو ٻارن کي انگريزيءَ جو هڪ جملو به پڙهڻ نه ٿو اچي. اِهي ته ويچارا پنجن کان سورنهن سالن جي عمر جا معصوم ٻار ٿيا، جن کي جيڪڏهن ڪجهه نه ٿو اچي ته ان ۾ سندن ڪو ڏوهه ناهي، جو سندن اسڪولن جي گهٽائيءَ ۾ تعليم آهي ئي ڪانه پر حقيقت ته اِها آهي ته پرائمري، سيڪنڊري ۽ وينڊي ڪاليج جي استادن جي اَسي سيڪڙو کان به گهٽائيءَ کي انگريزيءَ جا ٻه صفحا به لکڻ نه ٿا اچن. سنڌ جي موجوده تعليم واري وزير نثار احمد کهڙي کي گهٽ ۾ گهٽ اِها شابس آهي، جو هو اخلاقي جرئت سان هر هنڌ اِهو تسليم ڪري ٿو ته سنڌ ۾ بنيادي تعليم بلڪل تباهه حال آهي. هن جا اِن ڏس ۾ ڪنيل ڪجهه قدم (خاص طور تي نصاب کي نئين سر تيار ڪرڻ بابت) ٻُڌائين ٿا ته اڳوڻي دور جي ڀيٽ ۾ هو ڪجهه سنجيده آهي، پر سنڌ ۾ تعليمي تباهيءَ ۾ بهتريءَ لاءِ جيڪا وسيع تر ۽ ڊگهي مُدي واري حڪمت عملي گهرجي، اُها نظر نه ٿي اچي.

پاڪستان جي آئين جي آرٽيڪل A-25 تحت پنجن کان سورنهن سالن جي ٻارن لاءِ بنيادي تعليم مفت ۽ لازمي هئڻ گهرجي، جڏهن ته 1973ع جي آئين جي باب ٻئي جي آرٽيڪل 38 ۽ B-37 تحت به مفت ۽ لازمي تعليم جي ضمانت ڏنل آهي. گڏيل قومن جي انساني حقن جي عالمي پڌرنامي جي آرٽيڪل 26 (1) ۾ به بنيادي تعليم کي 1948ع ۾ انسان جو بنيادي حق تسليم ڪيو ويو هو. 1989ع جي ٻارن جي حقن جي عالمي چارٽر ۾ پڻ آرٽيڪل 28 ۾ تعليم کي ٻارن جو بنيادي حق مڃيو ويو. اپريل 2000ع ۾ جيڪي ملينيم ترقياتي هدف طئي ڪيا ويا هئا، اُنهن مان ٻيو نمبر هدف اهو ئي آهي ته 2015ع جي آخر تائين دنيا ۾ بنيادي تعليم يا گهٽ ۾ گهٽ خواندگي سئو سيڪڙو هجي پر اهو خواب ساڀيان ٿيندي نه ٿو ڏسجي. سرڪاري شعبي جي تعليم ۽ خاص طور بنيادي تعليم جي ميدان ۾ پاڪستان جو حال ان ڪري به تمام بڇڙو آهي، جو گڏيل قومن جي اداري هڪڙو عالمي معيار مقرر ڪيو هو ته هر ملڪ تعليم جي شعبي ۾ گهٽ ۾ گهٽ قومي آمدنيءَ جو چار سيڪڙو ضرور خرچ ڪري، پر پاڪستان گذريل ڇاهٺ سالن کان سراسري طور قومي آمدنيءَ جو صرف ٻه سيڪڙو تعليم تي خرچ ڪندو رهيو آهي. ان حوالي سان دنيا جا غريب ترين ملڪ به پاڪستان کان بهتر حالت ۾ آهن. ڏکڻ ايشيا ۾ سريلنڪا ۽ بنگلاديش ان جو خاص مثال آهن، جڏهن ته پاڪستان ۾ 2009ع ۾ جيڪا قومي تعليمي پاليسي جوڙي وئي، ان ۾ اهو طئي ڪيو ويو هو ته پاڪستان ۾ تعليم تي قومي آمدني يعني جي ڊي پيءَ جو سَتَ سيڪڙو خرچ ڪيو ويندو پر هن ملڪ ۾ سواءِ "دفاعي" بجيٽ جي، ٻيو ڪنهن به مَدَ ۾ وڌيڪ وسيلا خرچ ڪرڻ جي روايت نهايت ڪمزور رهي آهي، ان ڪري ان تي ڪوبه عمل نه ٿي سگهيو. ان جو سبب اِهو آهي ته تعليم ۽ خاص طور تي غريبن لاءِ معياري ۽ مفت تعليم هن ملڪ ۾ ڪڏهن به سياست ۽ حڪومتن جي اوليت نه رهي آهي. ان جو رڳو هڪڙو مثال ئي ڪافي آهي ته 1951ع ۾ پاڪستان ۾ ٻه ڪروڙ ٻار اسڪول جي تعليم کان محروم هئا ۽ 1998ع جي سروي مطابق اِهو انگ هاڻي گهٽ ۾ گهٽ پنج ڪروڙ (55 ملين) آهي. پاڪستان ۾ ڏهن سالن جي عمر جا ساڍا پنج ڪروڙ ٻار ايڪويهين صديءَ ۾ به لکي ۽ پڙهي نه ٿا سگهن. ملڪ ۾ پنجن کان سورنهن سالن جي عمر جون 52 سيڪڙو ڇوڪريون اسڪولن ۾ داخل ئي نه آهن ۽ نتيجي ۾ ملڪ جون 67 سيڪڙو مايون لکي پڙهي سگهڻ جي صلاحيت کان محروم آهن. (PSLM سروي 09-2008ع)

پاڪستان ۾ پنجاب ۽ خيبر پختونخوا صوبن جو حال بنيادي تعليم جي

سلسلي ۾ وري به نيڪ آهي پر سنڌ، بلوچستان، فاٽا ۽ فانا جو حال تمام خراب آهي. الميو ته اهو آهي ته اُها سنڌ، جنهن جي تعليم جو معيار ورهاڱي تائين ۽ ان کانپوءِ به سڀ جي ڏهاڪي تائين پاڪستان ۾ سيني کان مٿي هو، ان جي پيٽ هاٿي پاڪستان ۾ بلوچستان، فاٽا ۽ فانا سان ٿي رهي آهي، ان کان وڌيڪ سنڌ سان هاجو ٿيو ڇا ٿيندو؟

سنڌ ۾ پرائمري ۽ سيڪنڊري اسڪولن جو ڳاڻيٽو 59000 آهي، جن مان ڇيو وڃي ٿو ته لڳ ڀڳ 18 هزار اسڪول بلڪل بند پيل آهن، يا اُهي عملي طرح وڏيرن ۽ مقامي با اثر ماڻهن جون اوطاقون يا گودام بڻيل آهن. اخبارن ۾ ته اهي تصويرون به شايع ٿيون ته ڪيترن اسڪولن ۾ گڏهه، گهوڙا ۽ ٻيا جانور ٻڌل هوندا آهن. سنڌ ۾ پرائمري ۽ سيڪنڊري جا لڳ ڀڳ 146000 استاد آهن، پر هڪ سروي مطابق پنجاهه هزار کان مٿي استاد اسڪول اچن ئي نه ٿا ۽ گهر ويٺي رشوت ڏئي پگهارون کڻن ٿا. سنڌ ۾ سرڪاري انگن اکرن مطابق خواندگيءَ جي شرح شهرن ۾ 55 سيڪڙو ۽ ٻهراڙين ۾ 42 سيڪڙو آهي، جڏهن ته سنڌ ۾ پنجن کان سورنهن سالن جي عمر جي ٻارن مان رڳو 39 سيڪڙو ٻار سرڪاري اسڪولن ۾ وڃن ٿا. سنڌ پاڪستان جو واحد صوبو آهي، جتي صوبي جي مجموعي بجيٽ يعني 617 اربن مان ايڪويهه سيڪڙو حصو يعني 134 ارب تعليم تي خرچ ٿين ٿا ۽ ارڙهين آئيني ترميم کانپوءِ هاڻي تعليم مڪمل طور صوبائي معاملو آهي پر جيڪڏهن سنڌ ۾ ان جو حال ڏسجي ته سنڌ جي هڪ ڪروڙ ڏهه لک (11 ملين) ٻارن مان رڳو ٻائيتاليهه لک ٻار اسڪولن ۾ داخل آهن ۽ سرڪاري اسڪولن ۾ ايتري گنجائش ئي ناهي، جو رهيل ستر لک ٻارن کي اسڪولن ۾ داخل ڪري سگهجي، جيڪو آئين جي آرٽيڪل 25-A تحت ٻارن جو بنيادي حق آهي. پر ساڳئي وقت اهو سوال به اهم آهي ته ماڻهو پنهنجن ٻارن کي اهڙن اسڪولن ۾ ڇو موڪليندا، جتي تعليم جو تصور ئي ناهي؟ سرڪاري انگن اکرن مطابق سنڌ جي چوويهه هزار سرڪاري پرائمري اسڪولن ۾ بجلي ناهي، ڏهه هزار اسڪولن ۾ چوديواري ناهي، پندرهن هزار اسڪولن ۾ باٿ روم ناهن ۽ ويهه هزار اسڪولن ۾ پيئڻ جو پاڻي ناهي. هڪ سروي مطابق سنڌ ۾ 19 سيڪڙو اسڪول نهايت زبون حالت ۾ آهن، جن جون عمارتون ٻارن لاءِ مستقل خطرو بڻيل آهن ۽ 58 سيڪڙو اسڪول مرمت لائق آهن ۽ جي اُها نه ٿي ته ايندڙ ڪجهه سالن ۾ انهن جي حالت بدتر ٿي ويندي. سوال آهي ته پوءِ آخر والدين پنهنجن ٻارن ۽ خاص طور تي ڇوڪرين کي اهڙن اسڪولن ۾ ڇو ۽ ڪيئن موڪليندا؟ جڳ مشهور

معاشيات جي ماهر ۽ نوبل انعام يافته سماجي سائنسدان ڊاڪٽر امرتيا سين پنهنجي هڪ ٿيسز ۾ چار معيار ڄاڻايا آهن، جن ڪانسواءِ والدين ۽ خاص طور تي غريب والدين ڪڏهن به پنهنجن ٻارن کي اسڪول ۾ نه موڪليندا ۽ اُهي هي آهن ته، (1) اسڪول ٻارن جي گهرن جي ويجهو هجن، (2) تعليم مفت ۽ معياري هجي، (3) اسڪولن جو ماحول محفوظ هجي (4) تعليم ٻارن جي بهتر مستقبل جي ضمانت هجي. هاڻي جيڪڏهن انهن معيارن مطابق سنڌ جي بنيادي تعليم جي صورتحال ڏسجي ته لڳي ٿو ته سنڌ جي هڪ ڪروڙ ڏهه لک ٻارن کي مفت ۽ معياري تعليم ڏيڻ جي صلاحيت نه ته سرڪار ۾ آهي ۽ نه وري مٿي بيان ڪيل حالتن ۾ والدين پنهنجن ٻارن کي اهڙن اسڪولن ۾ موڪليندا، ڇوته پل ته آئين ۾ ڪهڙيون به ضمانتون ڏنل هجن.

برطانوي حڪومت جي اداري DFID جي هڪ تحقيقي رپورٽ جيڪا ڪيترن تعليمي ماهرن ۽ يونيورسٽين جي مدد سان تيار ڪئي وئي آهي، ان ۾ پاڪستان ۾ تعليم جي صورتحال جو ڳهڻ رخن کان جائزو ورتو ويو آهي. ان رپورٽ ۾ مرڪز، صوبن ۽ ضلعن جي صورتحال جا به تفصيلي انگ اکر ڏنا ويا آهن، جن ۾ سنڌ جي صورتحال نهايت ڏکوئيندڙ ۽ خطرناڪ حد تائين تباهه حال ڏيکاري وئي آهي. مثال طور ملڪي سطح جي درجه بنديءَ ۾ تعليمي انڊيڪس ۾ سنڌ جو تعليمي اسڪور 51.67، ٻارن جي داخلا جو اسڪور 68.33 سيڪڙو، ڪاميابيءَ جو اسڪور 35.78 سيڪڙو ۽ سروائيول اسڪور 36.40 سيڪڙو آهي، يعني سنڌ ۾ ٻارن جي داخلا ڪانپوءِ ڊراپ آئوٽ جو تناسب ايترو گهڻو آهي، جو اُهو 68.33 تان ڪِري وڃي 36.40 تائين پهچي ٿو. ڊراپ آئوٽ جا سبب اهي ئي آهن، جيڪي مون مٿي ڄاڻايا آهن. پاڪستان جي ايجوڪيشن انڊيڪس ۾ سنڌ رڳو بلوچستان ۽ فاٽا کان بهتر حالت ۾ آهي، باقي پنجاب ۽ خيبر پختونخوا کان تمام پوئتي آهي. ساڳي رپورٽ ۾ ملڪي سطح تي جيڪا ضلعي انڊيڪس پڌري ڪئي وئي آهي، ان مطابق سنڌ جو وڏي ۾ وڏو ترقي يافته شهر يعني ڪراچي به پاڪستان جي 141 مان 56 نمبر تي آهي، جڏهن ته حيدرآباد 73، خيرپور 77، نوشهرو فيروز 80، لاڙڪاڻو 81، دادو 88، نوابشاهه 90، سکر 98، شڪارپور 101، ٿرپارڪر 102، سانگهڙ 105، عمرڪوٽ 106، گهوٽڪي 110، ڪشمور 112، ڄامشورو 116، ميرپورخاص 117، قمبر- شهداد ڪوٽ 119، جيڪب آباد 120، بدين 122، مٽياري 135، ٽنڊو الهيار 130، ٺٽو 133 ۽ ٽنڊو محمد خان 134 نمبر تي آهن. هن سروي مطابق پاڪستان جي پهرين پنجاهه ضلعن ۾ سنڌ جو ڪوبه ضلعو شامل ناهي، جڏهن ته سنڌ جا پندرهن ضلعا ملڪ جي

تعليمي انڊيڪس ۾ ملڪ جي بدترين ضلعن ۾ شامل آهن.

هن سروي رپورٽ مطابق ملڪ جي اسڪول انڊيڪس ۾ 144 ضلعن مان لاڙڪاڻو 42، ڪراچي 44، حيدرآباد 45، سکر 56، ٽنڊو الهيار 58، قمبر شهداد ڪوٽ 60، خيرپور 65، نوشهرو فيروز 68، ڄامشورو 70، شڪارپور 72، نوابشاهه77، سانگهڙ 80، گهوٽڪي 82، ٽنڊو محمد خان 83، عمر ڪوٽ87، دادو91، بدين93، خيرپور 98، ٿرپارڪر117، جيڪب آباد 125، ڪشمور 127ع ٺٽو 140 نمبر تي آهن. جڏهن ته سنڌ جي صوبائي انڊيڪس ۾ ڪراچي 1، حيدرآباد 2، خيرپور3، نوشهرو فيروز 4، لاڙڪاڻو 5، دادو 6، نوابشاهه7، سکر 8، شڪارپور 9، ٿرپارڪر 10، سانگهڙ 11، عمرڪوٽ 12، گهوٽڪي 13، ڪشمور 14، ڄامشورو 15، ميرپورخاص 16، قمبر- شهدادڪوٽ 17، جيڪب آباد 18، بدين 19، مٽياري 20، ٽنڊو الهيار 21، ٺٽو 22 ۽ ٽنڊو محمد خان 23 نمبر تي آهن.

مٿي بيان ڪيل سمورن انگن اکرن مان سنڌ جو هڪ نهايت پوائتو تعليمي منظرنامو سامهون اچي ٿو ۽ هي ان صوبي جي تعليم جو حال آهي، جنهن جي صوبائي بجيٽ جو 21.8 سيڪڙو يعني 134 ارب تعليم تي خرچ ٿين ٿا. سنڌ جي تعليم جي وزير نثار احمد کهڙي حيدرآباد ۾ عوامي جمهوري پارٽيءَ جي ٿيل تعليمي ڪانفرنس ۾ پاڻ اسان کي ٻڌايو ته انهن 134 اربن مان 118 ارب ته رڳو استادن ۽ آفيسرن جون پگهارون ۽ ٻيا انتظامي خرچ آهن. سوال آهي ته پوءِ هن سڄي تعليمي وهنوار ۾ تعليم ڪٿي آهي؟ ۽ استاد يا آفيسر ڇا جون پگهارون کٽي رهيا آهن؟ بجيٽ جي انگن اکرن مان اهو صاف ظاهر آهي ته هيءُ نظام تعليم لاءِ نه پر بيروزگارن جا لشڪر پالڻ ۽ ڪرپٽ آفيسرن جا کيسا ڀرڻ لاءِ جوڙيو ويو آهي. سنڌ ۾ جيڪڏهن تعليم تي ٿيندڙ مجموعي خرچ کي اسڪولن ۾ داخل ٻارن جي انگ سان ونڊ ڪجي ته معلوم ٿيندو ته اسان هڪ فرسوده، ڄڃاڙي ۽ گوسڙو تعليمي نظام ۾ به هر ٻار تي ماهوار اڍائي هزار کان وڌيڪ خرچ ڪريون ٿا. جنهن جي نتيجي ۾ ڪجهه هزار معياري تعليم وارا ٻار به انهن اسڪولن مان نه ٿا نڪرن. ڀارت ۾ حڪومت هر سال اسڪول ۾ داخل هڪ ٻار تي سورنهن هزار خرچ ڪري ٿي، جنهن تحت ٻارنهن ڪروڙ ڀارتي ٻارن کي اسڪولن ۾ مفت ۽ سُٺي ماني ملي ٿي ۽ رڳو ان هڪ پاليسيءَ سان ڀارت ۾ گذريل ڏهاڪي ۾ ٻارن جي داخلا ۾ 22 سيڪڙو اضافو ٿيو آهي.

جيڪڏهن هن ايڪويهين صديءَ ۾ سنڌ جي تعليم جو اهو حال هوندو، جيڪو مٿي بيان ڪيو ويو آهي ته پوءِ سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن جي آئيندي جي تباهي ۽ زوال جي صورتحال جي ٻي ڪهڙي ثابتي ٿيندي؟ سنڌ ۾ نام نهاد

مٿئين ۽ وچولي طبقي جا ٻار تہ وري بہ سُٺن پرائيويٽ اسڪولن ۾ تعليم حاصل ڪري ويندا ۽ گھٽي پاڻي انهن جو وڏو انگ وڏو ٿي مهمان پکين وانگر ٻاهرين ملڪن ڏانهن اُڏامي هليو ويندو پر سنڌ جي اڪثريتي غريبن جي ٻارن جو ڇا اهو ئي نصيب هوندو تہ هو هن ايڪويهين صديءَ ۾ بہ تعليم جي بنيادي حق کان عملي طور ائين ئي محروم رهندا؟ جيئن تازو حيدرآباد ۾ ڪمشنر جمال مصطفيٰ شاهہ گوسڙو استادن خلاف وڏي وَٺُ پڪڙ شروع ڪئي آهي، ائين سڄيءَ سنڌ ۾ فرض شناس آفيسر توڙي ميڊيا ۽ سول سوسائٽيءَ ۽ سياسي پارٽين جا ذميوار ماڻهو بہ ڪا اثرائتي مهم شروع ڪري سگھن ٿا. سنڌ ۾ هر اُهو فرد ۽ ادارو جيڪو سنڌ جي تعليمي زوال ۽ تباهيءَ لاءِ ذميوار آهي، اُهو حقيقت ۾ سنڌ جو قومي مجرم آهي. پوءِ ڇاهي اُهي حڪومتي نمائندا هجن، ڪرپٽ ڪامورا هجن يا گوسڙو ۽ نا اهل استاد هجن. سنڌ ۾ تعليمي انقلاب ڪانسواءِ ٻيو ڪوبہ انقلاب ممڪن ناهي ۽ جي سنڌ جي تعليم ائين ڏاڪي بہ ڏاڪي زوال هيٺ ويندي رهي تہ پوءِ ڪهڙي سنڌ؟ ۽ ڪهڙو ان جو آئيندو؟ اسان معاشري جا اُهي سڀ سڄاڻ ماڻهو جن اڄ تائين ان مسئلي کي گهربل اهميت ڏئي ان لاءِ ڪو بہ عملي ڪردار ادا نہ ڪيو آهي، اُهي بہ ان قومي ڏوهہ ۾ ڀاڱي ڀائيوار آهيون. جس هجي عوامي جمهوري پارٽيءَ کي جنهن گذريل ٻن سالن کان لڳاتار هن مسئلي تي جدوجهد ڪئي آهي ۽ ٻھريون پيرو هڪ سياسي پارٽيءَ جي پليٽ فارم تان پنهنجي واضح ۽ عمل جوڳي تعليمي پاليسيءَ جو اعلان ڪيو آهي. ٻين سياسي پارٽين کي بہ ان ڏس ۾ اڳتي اچڻ گهرجي.

مان سمجهان ٿو تہ وقت اچي ويو آهي تہ سنڌ ۾ تعليم جي تباهيءَ جي سوال کي گھربل سنجيدگيءَ سان هٿ ۾ کڻجي ۽ ان ڏس ۾ حڪومت، سياسي پارٽين، ميڊيا، سول سوسائٽي ۽ مجموعي طور سڄي معاشري کي پنهنجو پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻو پوندو. هن مضمون ۾ مون صرف صورتحال جي حقيقي تصوير پيش ڪئي آهي پر ايندڙ مضمون ۾ "ڇا ڪجي؟" جي سوال تي مان پنهنجا ويچار پيش ڪندس.

*(روزاني ڪاوش، اڱارو 26 نومبر 2013ع)*

سندي بولي و
سندي اديب

# آئين جي نظر انداز ٿيل اهم شق ۽
# قومي ٻولين جو اڻ نِبريل تضاد

تازو سپريم ڪورٽ هڪ هدايت ڪئي آهي تہ اردوءَ کي وفاقي ۽ سمورن صوبن جي انتظامي وهنوار ۾ واحد دفتري ٻوليءَ طور لاڳو ڪرڻ کي يقيني بڻايو وڃي. جيتوڻيڪ موجوده آئين تحت وفاقي سطح تي اردوءَ جي اڪيلي قومي حيثيت پڻ ناجائز، وفاقي اُصولن جي اُبتڙ ۽ قومن جي تاريخي حق جي خلاف آهي پر ان باوجود آئين جي آرٽيڪل 251 تحت جتي اردوءَ کي وفاقي سطح تي دفتري ٻوليءَ طور لاڳو ڪرڻ جي ڳالهہ ڪئي وئي آهي، اُتي ساڳئي آرٽيڪل 251 جي ٽين ذيلي شق ۾ اهو بہ چيو ويو آهي تہ صوبائي اسيمبليون ساڳئي وقت پنهنجي صوبائي ٻولين کي پڻ پنهنجن صوبن ۾ تعليم، واڌاري ۽ استعمال هيٺ آڻي سگهن ٿيون. سپريم ڪورٽ جي ٽہ رڪني بينچ جيڪا 9 نقاطي هدايت جاري ڪئي آهي، اُن ۾ ڪٿي بہ آئين جي آرٽيڪل 251 جي ذيلي شق (3) جو ڪوبہ ذڪر نہ ڪيو ويو آهي. سپريم ڪورٽ جي ٽہ رڪني بئنچ مادري ٻوليءَ جي اهميت جي بنياد تي اردوءَ جي اطلاق تي زور پريو آهي، جڏهن تہ اردو ورهاڱي وقت سموري ملڪ جي رڳو 3 سيڪڙو ماڻهن جي مادري ٻولي هئي ۽ اوير پاڪستان جي آزاديءَ کانپوءِ هاڻي اُها 7 سيڪڙو ماڻهن جي مادري ٻولي آهي ۽ اُن 7 سيڪڙو مان بہ 6.3 آبادي صرف سنڌ صوبي ۾ رهي ٿي ۽ ٻين صوبن ۾ اُهي ماڻهو اٽي ۾ لوڻ برابر بہ نہ آهن، جن جي مادري ٻولي اردو آهي.

گذريل سال جولاءِ ۾ قومي اسيمبليءَ جي اسٽينڊنگ ڪميٽيءَ اِهو چئي ماروي ميمڻ طرفان پيش ڪيل قومي ٻولين جو بل رد ڪيو هو تہ ان سان قومي وحدت خطري ۾ پئجي ويندي. ملڪ هلائيندڙ فردن ۽ ادارن جو وفاقيت جي نظام کان اڻ ڄاڻائيءَ تي ڪيترو ماتم ڪجي!؟ ملڪ جي باني محمد علي جناح ملڪ ٺهڻ شرط 1948ع ۾ ڍاڪا ۾ وڃي اهو اعلان ڪيو تہ ملڪ جي قومي ٻولي صرف اردو هوندي. حقيقت ۾ بنگال ان ئي ڏينهن ملڪ جي هٿن مان وڃي چڪو هو جڏهن جناح اهڙو اعلان ڍاڪا ۾ ڪيو. جيتوڻيڪ پوءِ 1956ع جي آئين ۾ اردوءَ سان گڏ بنگاليءَ کي پڻ قومي ٻوليءَ جو درجو ڏنو ويو پر

تيستائين دلين جي ديوارن ۾ ڏار پئجي چڪا هئا. پاڪستان ٺهڻ کانپوءِ هندوستان مان لڏي آيل حڪمران طبقو هڪ طرف ملڪ جي اچي ڪاري جو مالڪ هو ته ٻئي طرف اهو عددي ٿورائيءَ سبب پنهنجي ثقافتي ۽ سياسي بالادستيءَ کي خطري ۾ ڏسي رهيو هو. دنيا جي تاريخ ۾ ٻاهران لڏي آيلن جي ثقافتي يلغار ۽ پس و پيش قائم ٿيندڙ ثقافتي سامراجيت انساني تاريخ جا اهم موضوع رهيا آهن. تاريخ ۾ اهڙا انيڪ مثال موجود آهن جتي ٻاهران لڏي آيل ماڻهن جي ثقافتي بالادستيءَ ۽ سامراجيت اصلوڪين قومن جون رڳو ٻوليون ئي نه، پر اُنهن جا وجود ئي فنا ڪري ڇڏيا. عبراني، يوناني ۽ سنسڪرت جهڙيون عظيم ٻوليون ڌارين ٻولين جي ثقافتي سامراجيت سبب تاريخ مان ميسارجي ويون. اڄوڪي برطانيه ۽ فرانس ۾ جيڪي انگريزي ۽ فرانسيسي ٻوليون ڳالهايون وڃن ٿيون، اُهي ڌارين جون آهن جن اُتي جي اصلوڪي ڪيلٽ ٻوليءَ کي ختم ڪري ڇڏيو. جنهن انگريزي ٻوليءَ پهرين برطانيه ۾ پنهنجي بالادستي قائم ڪئي، ان ارڙهين، اڻويهين ۽ ويهين صدين ۾ آمريڪا، ڪينيڊا ۽ آسٽريليا توڙي نيوزيلينڊ جي اصلوڪين ٻولين جي نسل ڪشي ڪري ڪين ڪتابن تائين محدود ڪري ڇڏيو. ستين ۽ اٺين صدين ۾ اهو ساڳيو حشر مصر، شام، عراق، لبيا، تيونس، مراڪش ۽ ٻين ملڪن سان ٿيو، جن مٿان عربي ٻولي ڌارين ڪاهن سبب مڙهي وئي. اڄ مصر، لبيا، مراڪش ۽ تيونس جون اصلوڪيون ٻوليون ڊيموٽڪ، ڪوپٽڪ ۽ بربر تاريخ مان ميسارجي چڪيون آهن. (ان ڏس ۾ سنڌيءَ ۾ يوسف شاهين جو ڪتاب "فاتحن جي دنيا" ضرور پڙهڻ گهرجي).

پاڪستان جي تاريخ جو اهو به الميو آهي جو بنگال جي آزاديءَ کانپوءِ قومي ٻولين جي سوال تي سنڌ اڪيلي رهجي وئي، ڇاڪاڻ ته پنجاب جي حڪمران طبقي اقتدار ۽ ملڪ تي هڪ هٽيءَ جي چڪر ۾ پنهنجي ٻوليءَ ۽ ثقافت کي ڪا به اهميت نه ڏني ۽ اردوءَ جي ثقافتي بالادستيءَ کي فخر سان اکين تي رکيو. افسوس جو پشتون ۽ بلوچ ليڊرشپ به ائين ئي ڪيو. ان ڪري اڪيلي سنڌ جو قومي ٻولين بابت اُٿاريل سوال ملڪي سطح تي گهربل اهميت نه ماڻي سگهيو. ويتر اهو ظلم ٿيو جو گڏريل چئن ڏهاڪن کان جيڪا سياسي پارٽي سنڌ جي نمائندگيءَ جي دعويدار آهي، اُن به ڪڏهن قومي ٻولين جي تاريخي حيثيت کي تسليم نه ڪيو ۽ 1973ع جي آئين ۾ اردوءَ کي اڪيلي قومي ٻوليءَ جي حيثيت ملي وئي. سنڌ ۾ سنڌي ادبي سنگت ۽ سماج جي ٻين ساڃاهه وند حصن هميشه ٻوليءَ جي سوال کي ڀرپور انداز ۾ کنيو آهي پر

افسوس جو اهڙو تحرڪ ٻين صوبن ۽ ويندي بلوچن ۽ پشتونن ۾ به نظر نه ٿو اچي. پاڪستان ۾ بنگال ڪانپوءِ ٻولين جي سوال کي وري به سنڌين ۽ سرائڪين پئي ڪنيو آهي پر اهو آواز اجا ملڪي سطح تي گهربل حيثيت نه ماڻي سگهيو آهي. ان ڪري مان سمجهان ٿو ته ان ڏس ۾ پنجابين، پشتونن ۽ بلوچن کي پڻ سجاڳ ڪرڻ ۽ متحرڪ ڪرڻ جي ضرورت آهي. سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو ۽ سنڌي ادبي سنگت ان ڏس ۾ مُنهنداري ڪري سگهن ٿا.

حقيقت اِها آهي ته دنيا ۾ پاڪستان ڪانسواءِ ڪوبه اهڙو وفاقي ملڪ نه آهي جتي ڪنهن به هڪ يا ٿورڙائيءَ جي ٻوليءَ کي رياستي جبر سان اڪيلي قومي ٻوليءَ طور مڙهيو ويجي. وفاق جو مطلب ئي گهڻ قومي، گهڻ علائقائي، گهڻ مذهبي ۽ گهڻ ٻوليائي ملڪ هوندو آهي ۽ ان جي بنيادي تقاضا ئي اِها هوندي آهي ته اُتي سمورين وفاقي وحدتن، سندن ٻولين، علائقن ۽ ڪلچر توڙي اقتصادي ۽ سياسي مفادن جو بچاءُ ڪيو وڃي. پاڪستان جيئن ته عملي طور وحداني وفاقيت ۽ اختيارن جي مرڪزيت تي ٻڌل رهيو آهي، ان ڪري هتي اجا تائين وفاقي وحدتن کي قومي ٻولين جو آئيني درجو ڏيڻ جو سوال اُتي جو اُتي رهيل آهي. پاڪستان ۾ اجا تائين اهو سوال حڪمران طبقي کي سمجهه ۾ نه ٿو اچي ته وفاقي نظام ۾ اڪثيريت ۽ تنوع (Diversity) کي ميڄڻ سان ملڪ ڪمزور ٿيڻ بجاءِ وڌيڪ سگهارا ٿيندا آهن. مثال طور پاڙيسري ملڪ ڀارت جون 22 قومي ٻوليون آهن، نائجيريا ۾ ٽي قومي ۽ دفتري ٻوليون آهن، جڏهن ته 450 ٻولين کي آئيني تحفظ حاصل آهي. ايٿوپيا ۾ جيتوڻيڪ به مکيه ٻوليون دفتري ٻوليون آهن پر 11 ٻولين کي آئيني حيثيت حاصل آهي ۽ 83 ٻولين کي قومي ٻوليون چيو وڃي ٿو. ڏکڻ آفريڪا ۾ به ٻوليون دفتري حيثيت جون حامل آهن ته ساڳئي وقت 9 اصلوڪين ٻولين کي قومي ٻولين جو درجو حاصل آهي. دنيا جي قديم ترين ڪنفيڊريشن يعني سئٽزرلينڊ ۾ جيتوڻيڪ جرمن آباديءَ جي شرح 82 سيڪڙو آهي پر ان باوجود مرڪزي سطح تي 3 دفتري ٻوليون آهن. جڏهن ته هر وفاقي وحدت (ڪينٽن) جون جدا جدا هڪ يا هڪ کان وڌيڪ دفتري ٻوليون آهن. بيلجيم ۾ به ٻوليون قومي ۽ دفتري ٻوليون آهن. ڪينيڊا آئيني طور به ٻولياڻي ملڪ آهي، جڏهن ته انگريزي ڳالهائيندڙ اُتي قطعي اڪثريت ۾ آهن پر تڏهن به فرينچ کي برابرحيثيت حاصل آهي، جو ڪيوبيڪ صوبي ۾ قطعي گهڻائي انهن جي آهي. اسپين ۾ ڪيسٽيلين (Castilian) معنيٰ هسپانوي جيتوڻيڪ دفتري ٻولي آهي پر ساڳئي وقت 3 ٻولين کي آئيني طور قومي ٻوليءَ جو درجو حاصل آهي.

پاڪستان ۾ الميو اهو آهي جو وفاقي پارٽيون وحداني طرز (Unitary) کي وفاقيت سمجهن ٿيون، جيڪا اصل ۾ وفاقيت جي نفي آهي. هتي قومپرست جماعتن جي گهٽائي وفاقيت جي نظام کي قومن جي وجود جو انڪاري سمجهي ٿي، جيڪو پڻ درست ناهي، ڇاڪاڻ ته وفاقيت جو حقيقي مطلب ئي برابري ۽ خودمختياريءَ جي بنياد تي هڪ الحاق آهي. جيئن ته پاڪستان ۾ حقيقي وفاقي ڪلچر جڙي ئي نه سگهيو آهي، تنهنڪري عملي طور لاڳو ٿيل نام نهاد وفاقيت کي غلط فهمي سان حقيقي وفاقيت سان تعبير ڪيو وڃي ٿو.

آئين جي آرٽيڪل 5 تحت، آرٽيڪل 251 جي ذيلي شق 3 جو اطلاق به لازمي آهي ۽ جيڪڏهن ڪو صوبو ائين نه ڪندو ته اُهو آئين جي نفيءَ جي مترادف هوندو. ان لحاظ کان سنڌ ۾ سنڌي ٻوليءَ کي 1972ع جي ٻوليءَ جي بل ۽ 1994ع جي سنڌ اسيمبليءَ جي ٺهراءَ تحت سنڌ ۾ دفتري ٻوليءَ جي حيثيت حاصل آهي، جنهن جو اطلاق لازمي آهي پر 43 سال گذرڻ باوجود ان تي عمل ڇو نه ٿي سگهيو آهي؟ منهنجيءَ نظر ۾ ان ڏس ۾ هيٺيان قدم کڻڻ گهرجن:

(1) سنڌ اسيمبليءَ ۾ هڪ نئون ٺهراءُ آندو وڃي، جنهن ۾ هڪ طرف ملڪ جي قومي وحدتن جي ٻولين کي وفاقي سطح تي قومي ٻولين جو درجو ڏيڻ جو مطالبو ڪيو وڃي ته ٻئي طرف سنڌي ٻوليءَ کي سنڌ ۾ دفتري ٻوليءَ طور لاڳو ڪرڻ جي گهُرَ ڪئي وڃي. ياد رکڻ گهرجي ته سنڌي ٻوليءَ جي وفاقي سطح تي قومي ٻوليءَ طور تسليمي جدا ڳالهه آهي ۽ ان جو سنڌ ۾ دفتري ٻوليءَ طور اطلاق ان کان به وڌيڪ اهم معاملو آهي. سنڌي ٻوليءَ کي 1853ع ۾ سربارٽل فريئر سنڌ جي دفتري ٻوليءَ جو درجو ڏنو هو. جيڪو پاڪستان جي قيام کانپوءِ کسجي ويو.

(2) سنڌي ٻولي اٿارٽي، سنڌ ۾ سنڌي ٻوليءَ جي دفتري حيثيت جي تسليميءَ کي سڀ کان وڌيڪ اهميت ۽ اوليت ڏئي، ڇاڪاڻ ته ان جو اصل ۽ بنيادي مقصد اهو ئي آهي. ان ڏس ۾ هڪ جامع پنج ساله رٿا جوڙي وڃي ۽ ان جي مڪمل اطلاق لاءِ ڀرپور ڪوششون ورتيون وڃن.

(3) سنڌ اسيمبلي فوري طور اهو ٺهراءُ پاس ڪري ته سنڌ ۾ جيڪي به نجي اسڪول ۽ ڪمپنيون سنڌيءَ کي لازمي سبجيڪٽ طور نه پڙهائينديون ۽ ان جو لازمي واهپو نه ڪنديون اُنهن جا لائسنس رد ڪيا وڃن.

(4) سنڌي ادبي سنگت هڪ سفارتي مهم شروع ڪري ملڪ جي سمورن صوبن جا دورا ڪري، اتي جي سياسي پارٽين، ميڊيا، سول سوسائٽي، اسيمبلي ميمبرن، تعليم ادارن، اديبن ۽ دانشورن کي قومي ٻولين جي سوال تي سجاڳ

ڪرڻ جي شروعات ڪري.

(5) سنڌ جون سياسي پارٽيون پڻ سنڌي ٻوليءَ جي قومي ۽ دفتري حيثيت جي سوال کي گهربل اهميت سان کڻن.

(6) اثرائتي حڪمت عمليءَ طور ٻوليءَ جي مهم جا ٻه اهم پاسا هئڻ گهرجن، يعني سنڌ سطح تي سنڌي ٻوليءَ جي دفتري حيثيت جي اطلاق لاءِ دٻاءُ پيدا ڪجي ۽ وفاقي سطح تي وفاقي وحدتن جي ٻولين جي قومي حيثيت بابت گهربل آواز اُٿارجي، جيڪو آئيني ترميم ذريعي ئي ممڪن آهي. وقت اچي ويو آهي ته سپريم ڪورٽ جي هن فيصلي جو فائدو وٺي پاڪستان ۾ قومي ٻولين ۽ صوبن ۾ وفاقي وحدتن جي اصلوڪين تاريخي ٻولين جي دفتري ٻولين واري حيثيت جو سوال پوريءَ شدت سان اُڀارجي.

*(چنچر 12 سيپٽمبر 2015ع)*

# سنڌي ٻوليءَ جي جياپي لاءِ
# گهربل حڪمت عملي!

اسان وٽ عرب دور کان اڳ سنڌ جي تاريخ جو گهڻو رڪارڊ نہ ٿو ملي، پر سنڌ ۾ عربن جي حڪومت کان وٺي ويندي سومرن، سمن، ارغونن، ترخانن، مغلن، ڪلهوڙن ۽ ميرن جي دورن ۾ بہ سنڌ جي دفتري ٻولي، عربي ۽ فارسي رهيون. اهو ڪريڊٽ سنڌ جي تاريخ ۾ هڪ انگريز عملدار سر بارٽل فريئر کي ٿو وڃي، جنهن 1853ع ۾ سنڌي ٻوليءَ کي سنڌ جي دفتري ٻولي طور رائج ڪيو، پر ورهاڱي کانپوءِ سنڌي ٻوليءَ کان اهو درجو بہ کسيو ويو. ان جو مطلب تہ گذريل هزارين سالن کان سنڌي ٻوليءَ سان جتي پراون ۽ پنهنجن حڪمرانن بہ اکيائيءَ جو سلوڪ ڪيو آهي، اُتي سنڌ جي ايري سيري سماج پنهنجي ٻوليءَ جي هميشہ حفاظت ڪئي آهي، ان ڪري پاڪستان ۾ سنڌي ٻوليءَ کي جيستائين پنهنجي گهربل حيثيت ملي، تيسين اسان کي پنهنجي تاريخي ٻوليءَ جي حفاظت ۽ واڌاري لاءِ هر سطح تي وڏيون ڪوششون وٺڻيون پونديون. جيتوڻيڪ رياست ٻولين جي ترقيءَ ۽ زوال ۾ ڪردار ادا ڪندڙ سڀني کان اهم شعبو آهي، پر اڄوڪي جديد دور ۾ سماجن وٽ بہ پنهنجين پنهنجين ٻولين جي بچاءَ جا غير معمولي ذريعا ۽ طريقا اُسري چڪا آهن، جن جو ڀرپور فائدو وٺڻ لاءِ اسان کي سجاڳيءَ ۽ گهربل حڪمت عمليءَ توڙي رٿابنديءَ جي ضرورت آهي. ان ڏس ۾ هيٺين تجويزن تي غور ڪري سگهجي ٿو:

(1) سماج جيترو پنهنجين ٻولين سان واڳيل هوندو، اوترو ٻوليون نہ رڳو محفوظ هونديون، پر مسلسل ۽ تخليقي انداز سان وڌنديون ويجهنديون. ان حوالي سان سنڌ جي سماج جو پنهنجيءَ ٻوليءَ جي بقاءَ ۽ واڌاري بابت رويي جو جائزو وٺڻ ضروري آهي. جيئن تہ سماج ڪنهن هڪ گروهہ يا مفاد جو نالو نہ آهي، ان ڪري سماج جي هر طبقي جو رويو پنهنجو ٿئي ٿو. ان لحاظ کان سنڌ جي نام نهاد مٿئين طبقي جي پنهنجي وطن، ماڻهن ۽ ٻوليءَ سان وابستگيءَ تي تہ ڳالهائڻ ئي فضول آهي. سنڌ جو عام ماڻهو ئي دراصل سنڌي ٻوليءَ جي وجود جو محافظ، منهندار، خالق ۽ ترقيءَ جو ذريعو آهي، پر ان ڏس ۾ سنڌ جي شهري

وچولي طبقي جي رويي جو جائزو وٺڻ بيحد ضروري آهي. الميو اهو آهي تہ جنهن تعليم يافتہ، خوشحال ۽ ترقيءَ جي جديد پيشيوارانہ شعبن سان واڳيل سنڌ جي وچولي طبقي کي سنڌ جي مجموعي مفادن سان گڏ سنڌي ٻوليءَ جو محافظ هئڻ گهرجي ها، ان جو وڏو حصو عملي طور پنهنجيءَ ٻولي بابت گهربل حساسيت کان وانجهيل آهي. سندن ٻار سنڌي ٻولي لکي پڙهي نہ ٿا سگهن ۽ کين ان جو ڪو اُلڪو نہ آهي. سندن گهرن ۾ سنڌي ڪتاب ۽ رسالا نہ هئڻ جي برابر اچن ٿا. مون اڪثر خاندان اهڙا بہ ڏٺا آهن، جيڪي گهرن ۾ سنڌيءَ بجاءِ اردو ڳالهائين ٿا. (اسان کي اردوءَ سان ڪو بہ تعصب ڪونهي، پر سنڌي ماڻهن جو گهرن ۾ اردو ڳالهائڻ هڪ عجيب ۽ افسوسناڪ ڳالهہ آهي) وچولي طبقي جو سماجي رابطہ ڪاريءَ جي لحاظ کان ٻين ٻن طبقن جي ڀيٽ ۾ دائرو وسيع ٿئي ٿو پر جيڪڏهن اهو طبقو پنهنجيءَ ٻوليءَ کان لاتعلق رهندو تہ ان ٻوليءَ جي بقا ۽ واڌاري جا دڳ بند ٿيندا. اها سنگين غلطي اڳ ۾ پنجابي، پٺاڻ ۽ بلوچ، پر خاص طور تي پنجابي وچولو طبقو ڪري چڪو آهي ۽ اڄ جا نتيجا اسان جي سامهون آهن، جو پنجابي ٻولي شهرن مان بلڪل تڙجي چڪي آهي. ان لحاظ کان سنڌي وچولي طبقي ۾ پنهنجيءَ ٻوليءَ بابت حساسيت پيدا ڪرڻ جي ضرورت آهي.

(2) جاگيرداراڻي ۽ زرعي سماجن کانپوءِ صنعتي دور ۾ هاڻي عالمي طور اهو هڪڙو مڃيل اصول آهي تہ مارڪيٽ ٻولين جي واهپي، ڪارج ۽ واڌ ويجهہ جو اهم ترين ذريعو آهي ۽ اهو ڪي جديد دور ۾ اهي ٻوليون ئي بچنديون ۽ اڳتي وڌنديون، جن جو معاشي وهنوار ۾ ڪارج هوندو. اسان کي ان خوشفهميءَ مان نڪري اچڻ گهرجي تہ ڪو ٻولين جي بقا ۽ واڌاري جو اڪيلو ذريعو ادب ۽ شاعري آهي. عبراني، يوناني، لاطيني ۽ سنسڪرت سميت دنيا ۾ انيڪ عظيم ٻوليون پنهنجو سياسي، معاشي ۽ سماجي ڪارج نہ رکڻ سبب دنيا ۾ مري ويون، جيتوڻيڪ انهن جو ادب اڄ بہ زندهہ آهي. ان حوالي سان سنڌي ٻوليءَ جو مارڪيٽ جو وهنوار ۽ واهپو خاص طور وڏن شهرن ۾ تمام گهٽ آهي. ٻيو تہ ٺهيو پر سڄي سنڌ ۾ ريلن ۽ بسن ۾ هوڪا بہ اردوءَ ۾ ٻڌڻ ۾ نہ ايندا. اسان کي سمجهڻ گهرجي تہ مارڪيٽ ۾ سنڌي ٻوليءَ جي واهپي کي يقيني بڻائڻ کانسواءِ اسان جي ٻوليءَ جو مستقبل اونداهو رهندو.

(3) موجوده آئين جي آرٽيڪل 251 جي ذيلي شق 3 تحت ٻڻ سنڌ سميت صوبي کي اهو حق حاصل آهي، پر ڪيڏي نہ بدقسمتي آهي، جو سنڌ کي 1972ع کان وٺي هڪ بہ اهڙي صوبائي حڪومت نصيب نہ ٿي، جيڪا آئين

تحت مليل هن حق کي ۽ سنڌ اسيمبليءَ جي پاس ڪيل بل ۽ ٺهراءَ تحت سنڌي ٻوليءَ کي سنڌ ۾ دفتري ۽ تعليمي ٻوليءَ طور رائج ڪرائي سگهي ها. 43 سال گذري ويا آهن، پر اهو قانون لاڳو نہ ٿو ٿئي. مان سمجهان ٿو تہ ان ڏس ۾ سنڌ جي سڄاڻ فردن ۽ ڌرين کي ٻہ طرفي حڪمت عملي اختيار ڪرڻي پوندي يعني هڪ طرف وفاقي پارليامينٽ تي دٻاءُ تہ اُها وفاق جي وحدتن جي تاريخي ٻولين کي قومي ٻولين جو درجو ڏئي، ٻيو تہ سنڌ حڪومت سنڌي ٻوليءَ کي سنڌ ۾ دفتري ٻوليءَ طور رائج ڪري ۽ ٿيون تہ نجي شعبي جي ادارن کي ۽ خاص طور اسڪولن ۽ ڪاليجن کي پابند بڻائين تہ جي اهي سنڌيءَ کي لازمي طور نہ پڙهائيندا تہ سندن لائسنس رد ٿي سگهن ٿا ۽ ڪرڻ بہ گهرجن. حڪومت رڳو هڪ اڌ وڏن پرائيويٽ اسڪولن جي انتظاميا کي چتاءُ ڏيڻ ۽ ڪجهہ اسڪولن جا لائسنس رد ڪري ڏيکاري تہ ڏسو تہ ڪيئن نہ اهي پنهنجا متعصبي رويا تبديل ڪن ٿا. مان سمجهان ٿو تہ اهو دٻاءُ پيدا ڪرڻ جو ڪم اسان جون سياسي پارٽيون ۽ ٻيا گروهہ يا ذميوار فورم بہ ڪري سگهن ٿا. منهنجو ناهي خيال تہ منافع خوري ۽ ڪاروبار جي بنياد تي هلندڙ اهي ادارا سنڌي پڙهائڻ کان انڪار ڪرڻ جو ساهس ساري سگهندا. سنڌ ۾ مختلف سطحن تي ڪم ڪندڙ فرض شناس آفيسر، جج ۽ تعليمي ادارن جا سربراهہ ان ڏس ۾ پنهنجي سر بہ پيش قدمي ڪري سنڌي ٻوليءَ جي ڪارج ۽ واهپي کي پنهنجن پنهنجن ادارن ۾ يقيني بڻائي سگهن ٿا ۽ ان ڏس ۾ ڪين ڪو بہ قانوني ۽ آئيني طور جهلي نہ سگهندو. ڳالهہ صرف جرئت ۽ پيش قدميءَ جي آهي.

(4) اجوڪو دور سائبر ٽيڪنالاجيءَ جي ڪارنامن ۽ معجزن جو دور آهي ۽ سنڌي ٻوليءَ کي ڊجيٽل ۽ سائبر دنيا جي ٻولي بڻائي، غير معمولي ڪم ڪري سگهجي ٿو. سنڌ جي هڪ حلالي فرزند سائين عبدالماجد ڀرڳڙي ۽ ٻين ماهرن جي انيڪ ڪوشش سان هاڻي سنڌي ٻولي يوني ڪوڊ تي اچي چڪي آهي، يعني دنيا جو هر اهو ڪم جيڪو دنيا جي ٻي ڪا بہ ٻولي ڪري سگهي ٿي، سنڌيءَ ۾ بہ اهو ڪم ڪري سگهجي ٿو. ان ڏس ۾ سٺيون پيش قدميون پڻ ٿيون آهن، خاص طور سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري ويجهي عرصي ۾ ان حوالي سان سٺو ڪم ڪيو آهي، پر ضرورت ان ڳالهہ جي آهي تہ اسان جون يونيورسٽيون، ادبي ۽ ثقافتي ادارا، سماجي تنظيمون توڙي پرڏيهہ ۾ ويٺل سنڌي سڄاڻ فرد ۽ ادارا نوس رٿابنديءَ تحت گهڻو ڪجهہ ڪري سگهن ٿا. اسان جو هر ڪتاب، رسالو، اخبار ۽ ٻيو مواد جتي ڇپجي ٿو، اُتي انٽرنيٽ تي ضرور اچڻ گهرجي. حيرت جي ڳالهہ آهي تہ ڪيترين اين جي اوز رڳو ڊونرز کي

خوش ڪرڻ لاءِ ننڍين ننڍين ڳوٺن ۽ شهرن ۾ بہ پنهنجا رسالا، پمفليٽ ۽ پوسٽر رڳو اردوءَ ۽ انگريزيءَ ۾ شايع ڪن ٿيون، جيڪي اصولي طور سنڌي ۾ شايع ٿيڻ گهرجن ۽ جيڪڏهن ان تي ڪي ڊونر ادارا اعتراض ڪن ٿا تہ کين سمجهايو وڃي تہ سنڌي ٻوليءَ ۾ ان مواد جو شايع ٿيڻ ڇو ضروري آهي؟

(5) سنڌ ۾ اڪثر ڏٺو ويو آهي تہ جيڪڏهن ڪنهن پروگرام ۾ سوين سنڌين جي وچ ۾ ڪو هڪ اڌ ماڻهو غير سنڌي مهمان طور ويٺل هوندو تہ سڄو پروگرام سنڌيءَ بدران اردو ۾ هلايو وڃي ٿو، جيڪا ڳالهہ سمجهہ کان ٻاهر آهي. سنڌ ۾ ٿيندڙ پروگرامن کي سنڌيءَ ۾ هلائڻ کي يقيني بڻائڻ گهرجي.

(6) سڄيءَ سنڌ ۾ دڪانن جا بورڊ، رستن تي پبلسٽي بورڊ گهڻي ڀاڱي سنڌيءَ بدران اردو ۾ لکڻ جو رواج تيزيءَ سان وڌي رهيو آهي. اسان کي ان بابت ماڻهن ۾ حساسيت پيدا ڪرڻ گهرجي تہ اهي پنهنجي ڪاروبار جي معاملن ۾ بہ هر لحاظ کان سنڌي ٻوليءَ جي واهپي کي يقيني بڻائين. مان تہ سمجهان ٿو تہ اسان کي وزٽنگ ڪارڊ، ليٽر ڪارڊ بہ انگريزيءَ سان گڏ سنڌيءَ ۾ پڻ شايع ڪرڻ گهرجن. اهو سمورو مواد ٻن ٻولين ۾ آسانيءَ سان ساڳئي وقت شايع ٿي سگهي ٿو.

(7) سنڌ ۾ سوشل ميڊيا جو استعمال ڏينهون ڏينهن وڌي رهيو آهي ۽ مان حيران آهيان تہ رومن ٻوليءَ ۾ ايس ايم ايس سنڌين پاران اردوءَ ۾ لکيا وڃن ٿا، جڏهن تہ ساڳيا نياپا يا پيغام رومن لکت ۾ سنڌيءَ ۾ بہ لکي سگهجن ٿا. ٿيو تہ ٺهيو پر ٻهراڙين ۽ ننڍين شهرن مان ايندڙ 90 سيڪڙو اهڙا موبائيل ايس ايم ايس پڻ رومن اردو ۾ هوندا آهن. مان گذريل ڪجهہ سالن کان اهڙي ڪنهن بہ سنڌيءَ کي ايس ايم ايس جو جواب ناهيان ڏيندو، جيڪا/جيڪو اهو پيغام رومن اردوءَ ۾ لکي موڪليندو آهي، نتيجي ۾ ڪيترن ماڻهن پنهنجو رويو تبديل ڪيو آهي. ائين جي اسان سڀ ڪرڻ شروع ڪيون تہ اهو رويو مرحليوار تبديل ٿي سگهي ٿو.

(8) سنڌي ٻوليءَ کي اصل خطرو ٻهراڙين ۽ ننڍين شهرن بجاءِ وڏن شهرن ۾ آهي. اسان کي پنهنجي علمي، ادبي، سماجي، ثقافتي ۽ سياسي سرگرمين جو دائرو وڏن شهرن ۾ وسيع ڪرڻو پوندو. جيتوڻيڪ اها روايت اڳ جي پيٽ ۾ وڌيڪ سگهاري ٿي آهي، پر ان کي اڃا وڌيڪ سگهارو ۽ وسيع ڪرڻ جي ضرورت آهي. اهو سوال ان ڪري بہ تيزيءَ سان هٿ ۾ کڻڻ جي ضرورت آهي، جو سنڌ ۾ ڏارين جي ٻاهرين آبادڪاريءَ جو تناسب ملڪ ۾ سيني صوبن کان مٿي آهي. ظاهر آهي تہ اهي آباديون سياسي ۽ معاشي مفادن سان گڏ اسان جي

ثقافتي مفادن ۽ خاص طور ٻوليءَ لاءِ پڻ خطرا پيدا ڪن ٿيون.

(9) سنڌ جي شهرن ۾ جيڪي ڪڇي، ميمڻ، گجراتي، بلوچ يا ٿر ۾ پارڪري، ڍاٽڪي ۽ سنڌ جي هيٺاهين پٽيءَ ۾ مارواڙي ڳالهائيندڙ سنڌي ذاتيون آهن، انهن کان تيزيءَ سان سنڌي ٻولي ڇڏائجي رهي آهي ۽ ان جو اسان قومي سطح تي گهربل نوٽيس ئي نه ورتو آهي. اهي آباديون سنڌين جي آباديءَ جو اهم ۽ عددي طور چڱو حصو آهن ۽ جيڪڏهن اهو سلسلو جاري رهيو ته مان نه ٿو سمجهان ته ٽن ڏهاڪن کانپوءِ سندن ايندڙ نسل سنڌي ٻولي ڳالهائي به سگهندو. ٿرپارڪر جا اهي ڪولهي جيڪي مذهب مٽائي عيسائي ٿيا، انهن جو وڏو وانگ هاڻي ئي سنڌي ۽ پارڪري ٻولي ڇڏي گهرن ۾ صرف اردو ڳالهائي ٿو. ميرپورخاص ۾ آباد وسندي "رتن آباد" ان جو هڪ مثال آهي. اجا ته صورتحال ۾ ڦيرو آڻي سگهجي ٿو، پر اها ايجنڊا ڪٿي به عمل هيٺ ايندي نظر نه ٿي اچي. ان ڪم کي سياسي پارٽين ۽ ٻين شعبن طرفان هنگامي طور هٿ ۾ کڻڻ جي ضرورت آهي.

ياد رکڻ گهرجي ته بي وطن قومون ته تاريخ ۾ بچي سگهن ٿيون، پر بي زبان يا پنهنجيءَ ٻوليءَ کان لاتعلق قومون ڪڏهن بچي نه ٿيون سگهن. تڏهن ته ڪنهن ڏاهي شاعر چيو آهي ته،

"قوم ٿي زنده رهي پر جي زبان زنده رهي!"

*(آچر 13 سيپٽمبر 2015ع)*

# سنڌي ادبي سنگت جو ڪارج
# ڇا هئڻ گهرجي؟

مجموعي طور سڄي سماج ۾ ڀڃ ڊاهه جي ڪيفيت واضح طور محسوس ڪري سگهجي ٿي، سو ان کان بچيل سنڌي ادبي سنگت به نه آهي. تنظيمن ۾ تنظيمي، فڪري، آئيني بحران ايندا رهندا آهن، سو سنڌي ادبي سنگت جو موجوده تنظيمي بحران به ڪو نئون نه آهي ۽ نيٺ نبرجي ويندو. شرط فقط اهو آهي ته ان بُحران کي نبيرڻ ۾ ڀنهي پاسي فردن کي نه، پر تنظيم، ادارن ۽ آئيني فيصلن ۽ آئين موجب تڪرار نبيرڻ کي اوليت ڏني وڃي. سنڌي ادبي سنگت جي موجوده بحران ۾ ڀنهي ڌرين طرفان اوليت گروهي مفادن، شخصي انا بجاءِ تنظيم جي آئيني ادارن ۽ جمهوري ڪلچر کي ملڻ گهرجي. ماڻهو ايندا ۽ ويندا، پر ادارا قائم رهندا آهن ۽ ڪين قائم رهڻ گهرجي. هڪ جمهوري ڪلچر ئي سنڌي ادبي سنگت جهڙين تنظيمن جي تنظيمي بقا جي ضمانت بڻجي سگهي ٿو. مان سمجهان ٿو ته سنڌي ادبي سنگت جي بحران جي حوالي سان اسان کي اچوڪي دور ۾ سنڌي ادبي سنگت ۽ سنڌي اديبن، ليکڪن ۽ شاعرن جي مجموعي ڪردار جو سنجيدگيءَ سان جائزو وٺڻ گهرجي. وقتي بُحرانن کي ان طريقي سان ئي ڪنهن مثبت ڇنڊڇاڻ ذريعي ڪنهن درست رُخ ۾ وٺي وڃي سگهجي ٿو. مان سمجهان ٿو ته سنڌي ادبي سنگت جي موجوده تنظيمي بُحران کان قطع نظر ان جي ميمبرن ۽ عهديدارن توڙي سماج جي سنجيده ماڻهن کي هيٺين ڳالهين تي غور ڪرڻ گهرجي:

(1) ماڻهن يا سماج کي ان سان ڪا به دلچسپي ناهي ۽ نه ئي ٿي سگهي ٿي ته سنگت جا ميمبر گهڻا آهن، ان جون شاخون ڪهڙيون ۽ گهڻيون آهن يا ان ۾ ڪهڙا پينل يا دوست گڏ اچن ٿا. ماڻهو يا سماج هميشه ان جو ڪارج ۽ ڪردار ڏسندا. اسان کي سمجهڻ گهرجي ته تنظيمون جيڪڏهن مڪمل طور به پنهنجي آئيني اصولن تحت هلن، تڏهن به اهي تنظيمي وجود ته برقرار رکي سگهن ٿيون پر سماج ۾ پنهنجي ڪارج ۽ حالتن سان ٺهڪندڙ ڪردار کان سواءِ زنده رهي نٿيون سگهن.

(2) تنظيمون، ادارا، فڪري لاڙا، ادبي تحريڪون سماج سان واڳيل هونديون آهن، انهن جو وجود، ڪارج، ڪردار، ڪاميابيون ۽ ناڪاميون پڻ سماج سان مشروط هوندو آهي. ان نسبت جو بنياد ان ڳالهه تي هوندو آهي ته انهن تنظيمن جو ادراڪ، موقف ۽ تنظيمي ڪردار ان سماج جي معروضي حالتن سان ڪيترو نهڪندڙ ان کي سمجهندڙ ۽ ان ۾ اهم ڪردار ادا ڪندڙ آهي. اڄوڪي دور ۾ گڏجاڻين ۾ رڳو شعر يا پيون لکڻيون پڙهڻ سان ڪنهن ادبي تنظيم جو ڪو ڪارج جڙي نٿو سگهي. سنڌي ادبي سنگت جي سمورن دوستن کي ان ڳالهه تي سنجيدگيءَ سان غور ڪرڻو پوندو.

(3) سنڌي ادبي سنگت جو عروج ون يونٽ جو دور هو، ڇاڪاڻ ته ان دور ۾ سنڌي اديب، شاعر ۽ دانشور سنڌ جي سماج جي نمائندگي ڪندڙ هر اول دستو هُئا. ان دور ۾ سنڌي ادبي سنگت رڳو ڪا نِلهي تنظيم نه، پر هڪ تحريڪ هُئي ۽ تنظيمون تحريڪن ۾ تڏهن پڻ تبديل ٿي سگهنديون آهن، جڏهن انهن جو هٿ پنهنجي سماج جي محرڪن جي نبض تي هوندو آهي. اهي پاڻ کي داخليت، ذاتي ۽ گروهي تڪرارن مان ڪڍي سماج جي معروضي محرڪن سان سلهاڙي ان جون ترجمان بڻبيون آهن ۽ پنهنجو تاريخي ڪردار ادا ڪنديون آهن. اڄ سنڌي ادبي سنگت هڪ وڏي تنظيم ته آهي، پر ڪا اثرائتي تحريڪ ناهي. سبب ظاهر آهي ته اهو ئي آهي ته جڏهن تنظيم جي دوستن جو نوي سيڪڙو زور ذاتي، گروهي معاملن يا رڳو تنظيمي معاملن تي هوندو ته پوءِ تنظيمون پنهنجو اثرائتو ۽ بنيادي سماجي ڪارج وڃائي ويهن ٿيون. سنڌي ادبي سنگت کي ان پاسي سوچڻو پوندو.

(4) ماضيءَ ۾ سنڌي ادبي سنگت جي هڪ وڏي خصوصيت يا اهميت اها به هُئي ته اها نه رڳو نون سيڪڙن شاعرن ۽ اديبن يا ادب دوستن لاءِ هڪ نرسري ۽ سکيا گهر هو پر هڪ اهڙو رضاڪارانه ادارو هو، جيڪو هر دور جي نئين ادبي نسل لاءِ سونهين جو ڪردار ادا ڪري رهيو هو. نئين ادبي نسل جي اها رهنمائي فني به هئي ته لسانياتي به، فڪري ۽ ادبي به هُئي ته سماجي ۽ سياسي به. ان ڪردار جو هڪ سبب اهو به هو جو سينيئر ٿهي، علمي، فڪري ۽ ادبي طور به سگهاري هئي ته انهن جو مجموعي ڪردار به سگهارو هو ۽ نئين نسل ۾ به حقيقي ادبي اُڃ هُئي، ادب ۾ دلچسپي هئي ۽ اهو نئون نسل سکڻ کي پنهنجو ڀاڳ سمجهندو هو. ڇا اڄوڪي سنڌي ادبي سنگت دعويٰ ڪري سگهندي ته اها نئين نسل جي ادبي سکيا جو هڪ سگهارو ادارو آهي؟ مان سمجهان ٿو ته ادبي سنگت جي سمورن دوستن کي ان تي سوچڻو پوندو.

22 افسانوي ۽ فڪري ادب 2007ع
سنڌي ادب ۾ تنقيد (اينٿالاجي) حصو ٽيون (مرتب: جامي چانڊيو)
23 لبرل ازم: هڪ اڀياس - سنڌيڪار: جامي چانڊيو

## جامي چانڊيي جا اڻ ڇپيل ڪتاب

2 پاڪستان جي رياست ۽ سياست جا تضاد
3 نئيي ڪنڊ ۾ وفاقيت ۽ پاڪستان جو رياستي بحران
4 منهنجا پرڏيهي سفر (28 ملڪن جا سفري احوال)
5 روشن خيالي، ادب اور سماج (اردو)
6 سنڌي ادب جو تنقيدي اڀياس

# جامي چانڊيي جا ڇپيل ڪتاب

1 تنهن پاڙيءَ پُنا ڏينهڙا (پاڪستان ۾ رياستي بحران ۽ قومي سوال) 2006ع
2 تبديليءَ جا محرڪ ۽ سنڌ جو آئيندو (2007ع)
3 جمهوريت، صحافتي اخلاقيات ۽ ميڊيا (2007ع)
4 ايم ڪيو ايم جي سياست ۽ سنڌ (ڇاپو ٽيون) 2007ع
5 ڪي ماڻهو تاريخ ٽين ٽا (2007ع)
6 ادب، سياست ۽ سنڌي سماج (چونڊ فڪري ليڪچر)
7 پاڪستان ۾ جمهوري وفاقيت جو بحران ۽ قومي خود مختياري (2012ع)
8 پاکستان میں جمہوری وفاقیت کا بحران اور قومی خود مختیاری (اپریل 2011ع)
9 سنڌ ۾ قبيلائي ۽ شهري دهشتگرديءَ کي ڪيئن منهن ڏجي؟ (آڪٽوبر 2010ع)
11 ڦريا ڀَسي ڦيڻَ! (2016ع)
(پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي سياست جو تاريخي ۽ تنقيدي جائزو)
12 سَنڌي جوڳيان ذاتِ (ڊسمبر 2016ع) فڪري، ادبي ۽ علمي پرک
13 سنڌي سماج (تاريخي ۽ تنقيدي اڀياس) 2018ع
14 وفاقیت ایک تعارف جارج اینڈرسن / ترجمہ: جامی چانڈیو
15 رسول بخش پليجي جون مڪمل تحريرون (2005ع
سياسي ادب (ياڳو پهريون جلد 1)، مرتب: جامي چانڊيو
16 رسول بخش پليجي جون مڪمل تحريرون (2006ع)
سياسي ادب (ياڳو پهريون جلد 2)، مرتب: جامي چانڊيو
17 رسول بخش پليجي جون مڪمل تحريرون (2007ع)
سياسي ادب (ياڳو پهريون جلد 3)، مرتب: جامي چانڊيو
18 رسول بخش پليجي جون مڪمل تحريرون (2012ع)
تنقيدي ۽ تخليقي ادب (ياڳو پهريون جلد 4) مرتب: جامي چانڊيو
19 سنڌ ڪيس (نومبر 2009ع) سهيڙيندڙ: جامي چانڊيو
20 پاکستان میں قومی تضاد اور سندھ کا مقدمہ (دسمبر 2010ء)- مرتب: جامی چانڈیو
21 شيخ اياز (فيبروري 1998ع) سنڌي ادب ۾ تنقيد، (اينٿالاجي) حصو پهريون
(مرتب: جامي چانڊيو)
22 ڪلاسيڪي ۽ جديد سنڌي شاعري 2007ع
سنڌي ادب ۾ تنقيد (اينٿالاجي) حصو ٻيو (مرتب: جامي چانڊيو)

جي احترام جا قدر هاڻي عالمي انساني اخلاقيات جو حصو ٿي چڪا آهن. اسان کي پنهنجي سياسي فڪر ۽ سماجي روين يا سوچڻ جي انداز کي انهن قدرن سان هم آهنگ ڪرڻو پوندو.

دنيا تيزيءَ سان بدلجي ۽ اڳتي وڌي رهي آهي. اسان دنيا کي پنهنجي رفتار سان هم آهنگ ڪرڻ تي مجبور نٿا ڪري سگهون. اسان جا موجوده تعليمي، فڪري، سياسي، سماجي ۽ معاشي ڍانچا اسان کي تيزيءَ سان اڳتي وڌڻ وڃڻ جي قابل نه آهن. ماضي پرستي ۽ پراڻ پسنديءَ جو رومانس اڃا سماج تي حاوي آهي. ان مان عملي طور ڪيئن نڪرجي؟ ان سوال کان اڳ گهٽ ۾ گهٽ آئيندي جو سوال اسان جي قومي يا سياسي ۽ فڪري ايجنڊا تي ته اچي. اهو ڪم ڪو به هڪ فرد يا گروهه نٿو ڪري سگهي. اهو سوال وڏي پيماني تي سماج ۾ حقيقت پسنديءَ، سائنسيت ۽ معروضيت سان ڪٿبو. تڏهن ئي اسان انهن تقاضائن تي پورو لهڻ جي شروعات ڪري سگهنداسين.

*(روزاني ڪاوش حيدرآباد، اڱارو 17 اپريل 2018ع)*

۾ انگريزي ٻوليءَ يا ڪنهن به عالمي ٻوليءَ جون هنري مهارتون نه آهن ته اهو فرد يا سماج هن عالمي ڊوڙ ۾ پُٺي نه سگهندو.

(3) زرعي سماج ادارن بجاءِ فردن يا راڄوڻي گروهن جي آسري تي هلندو آهي، پر جديد انساني سماج جو هلڻ ۽ ترقي ڪرڻ پيشي ورانہ طور منظم ادارن کانسواءِ ممڪن نه آهي. اسان وٽ هڪ ته ادارا نهايت گهٽ آهن پر جيڪي آهن، اهي نااهلي، بدانتظامي، ڪرپشن، اقرباپروري ۽ سياسي مداخلت سبب بيحد ڪمزور ۽ گهربل معيار کان گهٽ هيٺ ڪريل آهن. اهڙا ادارا سنڌ جي محفوظ مستقبل جي ضمانت نٿا بڻجي سگهن. انهن ادارن ۾ نه رڳو حڪومتن، پر اتي ڪم ڪندڙ وچولي طبقي به پينگ ڪرڻ ۾ وسان نه گهٽايو آهي. اسان کي ادارن جي مالڪي ڪرڻي پوندي ۽ انهن جي معيار ۽ ڪارج کي 21 هين صديءَ جي تقاضائن سان هم آهنگ ڪرڻو پوندو.

(4) دنيا ۾ هاڻي انساني ترقي يعني تعليم ۽ صحت کانسواءِ ڪنهن به ملڪ يا سماج جي محفوظ مستقبل تي سواليہ نشان لڳي چڪو آهي. جنهن ملڪ يا سماج جي ذهني ۽ جسماني صحت درست نه هوندي، اهو صحتمند انداز ۾ سوچي، پورهيو ڪري، رٿابندي ۽ ڪم ڪري اهو ممڪن ئي نه آهي. دنيا ۾ 1960ع جي ڏهاڪي کان پوءِ ٿيل سمورا عالمي ترقياتي اڀياس اهو واضح ڪن ٿا ته انساني ترقي (Human Development) سڀ طرفي ترقيءَ جو لازمي شرط آهي. ان حوالي سان سنڌ کي ٿو ڏسجي ته اسان جي انساني ترقيءَ جي صورتحال ڀيانڪ حد تائين ڳڻتي جوڳي آهي. ظاهر آهي ته ان لاءِ رٿابندي ذميوار حڪومتون ڪري سگهن ٿيون پر اسان وٽ حڪومتون اڃا بهتر حڪمرانيءَ کي عوام جو بنيادي حق ۽ سندن فرض سمجهڻ کان قاصر آهن. ان ڏس ۾ حڪومتن کي سوڙهو ڪرڻو پوندو.

(5) جيتوڻيڪ دنيا ۾ انيڪ تضاد ۽ فرق آهن پر پوءِ به دنيا ۾ هڪ گڏيل عالمي سماجي ۽ سياسي ڪلچر پڻ تيزيءَ سان جڙي رهيو آهي، جنهن جا هاڪاري ۽ ناڪاري ٻئي پاسا موجود آهن. ناڪاري پاسا ننڍين قومن، ثقافتن، مقامي هنرن، شناختن، مفادن ۽ سماجي شڪلين کي تيزيءَ سان لتاڙي رهيا آهن، جنهن کي سرمائيدارانہ عالمگيريت سڏيو وڃي ٿو. اسان جهڙن سماجن کي هڪ طرف عالمگيريت جي انهن ناڪاري ۽ هاڪاري پاسن جي مزاحمت ڪرڻي پوندي ته ٻئي طرف دنيا ۾ ابرندڙ عالمي سياسي اخلاقيات سان پاڻ کي هم آهنگ ڪرڻو پوندو. مثال طور انساني حق، صنفي برابري، ٻارن، پوڙهن، پناهگيرن ۽ مذهبي ٿورائين جا حق توڙي ماحول، سماج، ٻولين، مذهبن ۽ تنوع

آئيندي ۾ ان جي معروضيت تي هُجي. ماضيءَ جي نسبت تاريخيت ۾ ان مان سبق حاصل ڪرڻ ۾ ان جي فخر جوڳن عنصرن کي اڳتي وڌائڻ کان وڌيڪ نه هئڻ گهرجي. اسان جو سڀ ڪجهه حال ۾ آئيندي سان وابسته آهي. اسان جي سوچ، ڇنڊڇاڻ، رٿابندي توڙي حڪمت عملين جو تعلق آئيندي جي تقاضائن مطابق هئڻ گهرجي. منهنجي نظر ۾ اهي تقاضائون هيٺيون ٿي سگهن ٿيون:

(1) ايندڙ دور جي ترقيءَ جو وڏي ۾ وڏو محرڪ علم آهي. جڏهن مان علم چوان ٿو ته ان جو مطلب صرف ۽ صرف سائنسي علم آهن، پوءِ چاهي اهي فطري سائنسون هجن يا سماجي- علم صرف سائنس کي ئي چئي سگهجي ٿو. اسان جو سماج هڪ طرف علم پيدا ڪرڻ ۾ نهايت پوئتي پيل آهي، ڇاڪاڻ ته سائنسي علم صرف سائنسي تحقيق ذريعي ئي حاصل ۽ پيدا ڪري سگهجي ٿو ۽ اسان جي اعليٰ تعليمي ادارن ۾ علم ڪيترو پيدا ٿئي ٿو اهو اسان جي سامهون آهي. پر جديد دور جي ڊجيٽل انقلاب اها سولائي اسان جهڙن سماجن لاءِ پيدا ڪري ڇڏي آهي ته جيڪڏهن اسان جو سماج عالمي سطح جو حقيقي سائنسي علم پيدا ڪرڻ کان في الوقت قاصر آهي ته اهو ڪو بهانو نٿو ٿي سگهي. دنيا جو سمورو علم سموري انسانذات جو آهي ۽ ان تائين رسائي جيتري اڄ آسان آهي، ايتري اڳ تاريخ ۾ ڪڏهن به نه هُئي، ان ڪري هڪ طرف اسان جي ادارن کي ان سلسلي ۾ خاص طور ڪوششون وٺڻيون پونديون، ته ٻئي طرف نوجوان طبقي ۾ مجموعي طور پوري سماج ۾ علم جي اهميت جي تصور کي اپارڻو پوندو. ماهرن ڳالهه ڪئي آهي ته ڄاڻ تي هلندڙ عالمي انساني سماج ۾ ڄاڻ کانسواءِ اسان پنهنجو جياپو ۽ ترقيءَ جا گس ڳوليون، اهو ممڪن نه آهي.

(2) هنر يا ميڪانڪي هنر (Technology) هر زماني جي انسان وٽ رهيو آهي پر وقت سان گڏ ان جا تصور بدلجندا رهيا آهن. اڄوڪي دور جي هنر جو مطلب ٽيڪنالاجي آهي. اسان جو سماج اڃا تائين زرعي سماج جي ٽيڪنالاجيڪل تصور کان اڳتي وڌي نه سگهيو آهي. ڪٿي ڪٿي جديد ٽيڪنالاجيءَ جا فرد ۽ ادارا موجود آهن پر انهن جو دائرو اڃا محدود آهي. سنڌ جو ماڻهو ۽ خاص طور نوجوان جيڪو سنڌ جو آئيندو آهي، جيستائين هنر (Skill) جي جديد وصفن مطابق 21 هين صديءَ جي تقاضائن سان هم آهنگ نه ٿيندو، تيستائين هنر جا روايتي تصور ۽ صلاحيتون اسان کي هلائي نه سگهنديون. اڄوڪي دور ۾ عالمي ٻولين ۾ خاص طور انگريزي ٻولي به هڪ عالمي هنر آهي. اڄوڪي دور ۾ جنهن به فرد ۽ سماج ۾ ڪمپيوٽر ٽيڪنالاجي

ويهين صديءَ ۾ بہ مهاڀاري لڙائيءَ کان پوءِ اڀريو. ڇاڪاڻ تہ ويهين صديءَ جي پهرين اڌ ۾ ٻن وڏين جنگين انسان جي مستقبل کي سواليہ نشان بڻائي ڇڏيو. انساني سماج جي آئيندي جو سوال ويهين صدي جي ٻئي اڌ کان پوءِ تيزيءَ سان اُڀريو. ان ۾ سائنس ۽ ٽيڪنالاجيڪل چالن بہ وڏو اهم ڪردار ادا ڪيو. ستر جي ڏهاڪي جي آخر ۾ جڏهن ايلون ٽافلر "فيوچر شاڪ" نالي ڪتاب لکيو هو تہ دنيا ۾ ٿرٿلو مچي ويو هو. پر جنهن تيزيءَ سان هنيئر دنيا ۾ سائبر ۽ ٽيڪنالاجيڪل انقلاب اچي رهيا آهن، جيڪڏهن اهي ٽافلر اڄ پڙهي ۽ ڏسي سگهي ها تہ خود شاڪ ۾ اچي وڃي ها. موجوده دور ۾ ٽيڪنالاجيءَ جا جيترا گهڻ طرفا منفي ۽ مثبت اثر انساني سماجن ۽ انساني نفسيات تي پئجي رهيا آهن، انهن جو اڳ هزارين سالن تائين ڪو تصور بہ نہ هو.

اسان جو سماج بہ ٿلهي ليکي ماضيءَ ۾ ئي قائل رهيو آهي. اسان جا هيرا بہ رڳو ماضيءَ مان، اسان کي فخر بہ رڳو ماضيءَ تي، اهنج ۽ شڪايتون بہ ماضيءَ سان لاڳاپيل ۽ حل بہ ماضيءَ سان مشروط. يقيني طور دنيا جي ڪنهن بہ سماج وانگر اسان بہ پنهنجي ماضيءَ کان مثبت توڙي منفي حوالي سان ڪتجي نٿا سگهون، پر رڳو ماضيءَ ۾ قائل رهڻ ڪو ترقي پسند يا سماجن کي اڳتي وٺي ويندڙ رويو نہ آهي. اسان کي ماضيءَ مان سبق ضرور حاصل ڪرڻ گهرجي، پر ان ۾ ذهني ۽ نفسياتي طور قائل نہ رهڻ گهرجي. سنڌ جي مستقبل جو سوال نہ اسان جي سياست جي ايجنڊا تي آهي ۽ نہ ادب، صحافت، مختلف شعبن جي ماهرن ۽ يونيورسٽين جي ايجنڊا تي- سڄو سماج مڙئي ڪم ٽپائڻ ۾ پورو آهي. سوال آهي تہ ڇا اسان کي اندازو آهي تہ عالمي انساني سماج ايندڙ پنجاهہ سالن ۾ ڪتي هوندو ۽ انساني سماج، رياست، حڪومت، واپار، ٽيڪنالاجيءَ، هنر جي شڪلين ۽ تقاضائن ۽ مجموعي طور انساني علم جون بلنديون ڪٿي هونديون ۽ ڇا هيءُ اسان جو سماج موجوده بيهڪ، انساني وسيلن جي معيار، علم جي ڏڪار، سياست جي روايتي انداز، جديد دور جي عالمي قدرن، روين ۽ معيارن کان ڪوهين ڏور آخر ايندڙ دور جي تقاضائن سان ڪيئن منهن ڏيندو. اسان انهن تقاضائن سان ڪيترو پُڇي سگهنداسين، ان کان قطع نظر سوال اهو آهي تہ مستقبل جو ادراڪ اسان وٽ ڪيترو آهي ۽ اها ايجنڊا اسان جي سوچ ۽ ويچار ۾ رتابنديءَ تي ڪڏهن ايندي؟ ان حوالي سان مان ڪجهہ بنيادي نقطا سنڌ جي باشعور ماڻهن آڏو رکي رهيو آهيان تہ جيئن انهن تي غور ويچار ٿي سگهي. سڀ کان پهرين ڳالهہ تہ سنڌ کي سوچ جو هڪ اهڙو فريم ورڪ گهرجي، جيڪا ماضيءَ ۾ قائل نہ هجي ۽ جنهن جو بنياد

# آئيندو سنڌ جي ايجنڊا تي ڪڏهن ايندو؟

انسانذات هزارين سال ماضيءَ ۾ قائل رهي آهي. ظاهر آهي ته ڪو به فرد يا سماج ماضيءَ مان مڪمل طرح جند ڇڏائي نه ٿو سگهي، ڇاڪاڻ ته ان جا مثبت ۽ منفي اثر تمام شديد ۽ گهڻ طرفا هوندا آهن. قومون، طبقا يا سماج هزارين سالن تائين پنهنجي حال يا آئيندي بجاءِ مجموعي طرح ماضيءَ ۾ پڻ قائل رهيا آهن. قديم دور جي شاعري توڙي مذهبن جا قصا يا پنهنجون ڳالهيون به ٿلهي ليکي ماضيءَ بابت رهيا آهن. مذهبن مستقبل جو سوال هٿ ۾ ڪنيو ته به اهو هن دنيا بابت نه، پر موت کان پوءِ جي تصور ڪيل دنيا بابت هو ان ڪري مذهبي سماجن وٽ آئيندي جو تصور هن دنيا جي حوالي سان يعني سيڪيولر نه هو.

افلاطون جهڙن فلسفين هڪ خيالي رياست جو خاڪو پيش ڪيو، ته به اهو اتي يوٽوپيائي هو. ويندي وچولي دور ۾ سر ٿامس مور (1478-1535) جڏهن هڪ خيالي سماج جو تصور پيش ڪيو ته ان پاڻ به ان کي يوٽوپيائي سڏيو. نئين سجاڳيءَ يا عقليت پسنديءَ جي دور جي پهرئين وڏي انگريز مفڪر فرانسس بيڪن (1621ع-1561ع) جڏهن سائنس ۽ فلسفي جي ڪارج تي لکيو ته هن نه رڳو عقليت پسنديءَ کي بنيادي اهميت ڏني پر هن چيو ته، سمورن علمن ۽ انساني عقل جو ڪارج انساني زندگيءَ ۾ بهتري آڻڻ آهي. انسان جي آئيندي بابت سوچ ويچار ڏانهن ان جي اها پهرين عقلي وک هُئي، جنهن علم جي ڪارج کي انسان جي حقيقي زندگيءَ سان جوڙڻ جي ڪوشش ڪئي. مجموعي طور قديم ادب، مذهبن ۽ غلاميءَ توڙي جاگيرداريءَ جي دورن ۾ انسان جي سوچ جو بنيادي محور ماضي رهيو. جيئن ته خيال پسندي حقيقت کان ڪٽيل هوندي آهي، ان ڪري اها گهٽي ياڳي ماضيءَ ۾ پناهه وٺندي آهي ۽ جيڪڏهن آئيندي جو سوال هٿ ۾ کڻندي به آهي ته خيالي ۽ غير حقيقت پسنديءَ سان. يورپ ۾ 18 هين صديءَ ۾ آيل صنعتي انقلاب نه رڳو دنيا کي معاشي طور هڪ نئين دور ۾ وٺي ويو پر ان جا انسان جي فڪر، سماجي بيهڪ، سياسي نظام ۽ زندگيءَ جي هر شعبي تي غير معمولي اثر پيا ۽ ان طرح انساني سماج ۽ رياست جي حال ۽ آئيندي جو سوال انساني فڪر جي ايجنڊا تي تيزيءَ سان اڀري آيو. انسان جي مستقبل جو گهڻ طرفو سوال وڏي تيزيءَ سان

به ڪم ڪيو ويو. اُهي ان وقت جي حڪومتن جا سهولتڪار ڇئبا؟ اهڙا ٻيا به انيڪ مثال ڏئي سگهجن ٿا. حقيقت ۾ اسان کي جتي هڪ طرف حڪومتن جي ڪرپٽ حڪمرانيءَ ۽ وسيلن جي ڦيلَ جي پُرامن جمهوري انداز سان سخت مزاحمت ڪرڻ گهرجي، اُتي سماج کي هر قسم جي انتهاپسنديءَ ۽ انارڪيءَ کان پڻ بچائڻ گهرجي.

هونئن به سنڌ جو سماج جنهن گهڻ طرفي بحران، ذهني انتشار، نِراجيت ۽ نِراسائيءَ جو شڪار آهي، ان ۾ شهاب اوستي جهڙا ڏسٽا وائسٽا ماڻهو به ان انتهاپسنديءَ جو شڪار ٿي رهيا آهن. جيڪا اسان کي بند گهٽيءَ ڏانهن وٺي ويندي. هيءُ جيڪو سنڌي سماج ٿورو گهڻو شهرن ۾ مختلف شعبن ۾ اڳتي آيو آهي، اهو ڪُنڊائتي سوچ جو نه پر شرڪت جي گهڻ طرفي عمل جو نتيجو آهي. هيءَ وڌندڙ انتهاپسندي ۽ انارڪي اسان جي اڳ ئي بيحد ڪمزور سماج کي وڌيڪ Isolation ۾ وٺي ويندي.

*(روزاني ڪاوش حيدرآباد، 10 نومبر 2017ع)*

آخري ڳالهه تہ آمريتن جي دورن ۾ سول نافرماني بہ ٿيندي آهي تہ سماجي بائيڪاٽ بہ. دنيا ۾ ڪٿي بہ اِهي رويا آئيني ۽ چونڊيل حڪومتي دورن ۾ عقلي ۽ جمهوريت پسند نہ سمجهيا ويندا آهن. آئيني ۽ سياسي طور چونڊيل حڪومتي دورن ۾ حڪمران طبقي ۽ حڪومتن جي سخت ترين مزاحمت، مخالفت ڪرڻ باوجود گڏيل فورمز جا دَر بند نہ ڪبا آهن. ڊائلاگ، رابطي، مخالفت، مزاحمت، جدوجهدن، تحريڪن جون سموريون شڪليون پُرامن جمهوري جدوجهد يا ڪلچر جون صورتون هونديون آهن. اهو ئي سچيءَ دنيا ۾ جمهوري ڪلچر جو روح سمجهيو ويندو آهي.

سنڌ سميت ٽئين دنيا جا لڳ ڀڳ سڀ زرعي يا پُنتي پيل سماج اهڙن ئي عوام دشمن حڪمران طبقن جي ڪرپٽ، عوام دشمن ۽ پوءِ ڏاول حڪمرانيءَ جي انداز جو شڪار آهن. سنڌ ۽ پاڪستان ۾ بہ جيڪي پارٽيون يا حڪمران ٽولا موجوده وقت ۾ اقتدار ۾ آهن ۽ جيڪي ٽولا مستقبل ۾ سنيريل آهن، اُنهن ۾ ڪو گهڻو فرق نٿو ڏسجي. خاص طور تي سنڌ جي تناظر ۾ تہ اڻين ئي آهي. سنڌ ۾ معياري سياسي تبديلي سچي سماج جو خواب آهي ۽ اُها رڳو فيس بُڪ تي نعراءُ هڻڻ سان ڪونہ ايندي ۽ نہ ئي اسان جي انارڪسٽ روين يا ڪُنڊ جي ڪُوئي ٿيڻ سان ايندي. مان سمجهان ٿو تہ سنڌي سماج تيزيءَ سان ان خواب جي ساڀيان ڏانهن وِڪون وڌائي رهيو آهي ۽ نيٺ اهو خواب پنهنجي ساڀيان ماڻيندو. پر سوال آهي تہ ڇا ان عبوري دور ۾ سڀ ڪجهہ بند ڪري ڇڏجي؟ رياست ۽ حڪومتن يا پارلياماني عمل توڙي سمورن حڪومتي ادارن جو حتمي بائيڪاٽ ڪري ڇڏجي؟ مثال طور سنڌ جو وڏو وزير سمورين يونيورسٽين جو چانسلر آهي ۽ اُهو يونيورسٽين جي وڏن پروگرامن ۾ هميشہ شريڪ ٿيندو آهي، تہ پوءِ ڇا اهڙين سرگرمين کي تيستائين معطل ڪري ڇڏجي جيستائين حڪمرانيءَ جي انداز ۾ تبديلي اچي؟ مثال طور شاهہ لطيف ايوارڊ اڳ بہ ڪو مدر ٽيريسا، ڪاسترو يا نيلسن منڊيلا هٿان ڪونہ ڏنا ويا هئا تہ ڇا پوءِ جيستائين اسان جا حقيقي نمائندا اقتدار ۾ اچن، تيستائين اهي ايوارڊ ۽ سرگرميون بند ڪري ڇڏجن؟ سنڌ جا سمورا ادبي ۽ ثقافتي ادارا ظاهر آهي تہ حڪومت وٽ ئي آهن ۽ حڪومتن جو عمل دخل ان جو لازمي حصو آهي ۽ انهن جي سرگرمين ۾ حڪومتي وزير هميشہ شامل ٿيندا رهيا آهن ۽ ٿيندا رهندا، تہ ڇا جيستائين سنڌ ۾ ڪنهن وڏي تبديليءَ ۽ انقلاب جو سجُ اُڀري تيستائين انهن ادارن کي بند ڪري ڇڏجي؟ ڊاڪٽر بلوچ ۽ سائين محمد ابراهيم جويي سميت انيڪ وڏن ماڻهن بدترين حڪومتن جي ماتحت ادارن ۾

مان سمجهان ٿو تہ سوال هڪ بنيادي سوچ جو آهي تہ پوتار طبقي مان نجات Isolation ۾ آهي يا سماج جي گهڻ طرفي تحرڪ ۾ شرڪت جي عمل ۾؟ دانشور جو اهو ڪم نہ هئڻ گهرجي تہ سڄو ڏينهن ويٺو سوشل ميڊيا تي رينگٽ ڪري. دانشور سماج سان بيهي، روز بيهي، هر هنڌ بيهي، انهن جي تحريڪن جو پرجهلو ٿئي، پنهنجي قلم، فڪر ۽ عمل جو استعمال ڏاهپ، عقليت ۽ ايڪويهين صديءَ جي تقاضائن مطابق ڪري. سوال آهي تہ دانشور هن معاشري جي تربيت ڪري يا ان جي انتهاپسند ۽ ناڪاري روين ۾ محدود حلقن جي عقل کان وانجهيل واهہ واهہ جو شڪار ٿئي؟ دانشور ڪو مشڪرو يا مداري ناهي هوندو، جنهن جو ڪم سڄو ڏينهن سوشل ميڊيا جي رونشي بازن جي خوشنودي حاصل ڪرڻ هوندو آهي. دانشور تاريخ ۽ سماج جو ادراڪ رکندو آهي، رڳو رينگٽ باز نہ پر مستقبل ڏانهن نهاريندڙ هوندو آهي. هن جو هڪ هٿ پنهنجي سماج جي نبض تي هوندو آهي تہ هن جو ٻيو هٿ وقت ۽ تاريخ جي نبض تي هوندو آهي. هو Trend جوڙيندو آهي، پر اڳ ئي موجود منفي رجحانن جو شڪار نہ ٿيندو آهي.

سنڌ جي سماج جو الميو ئي اهو آهي تہ اهو صدين کان ڪُنڊائتو رهيو آهي، ڇا هن کي اڄا بہ اهو درس ڏجي يا هن کي دنيا جو هڪ متوازن، روشن خيال ۽ متحرڪ سماج ٿيڻ ڏانهن وٺي هلجي؟ سماج جو اهو پنڌ ٻُٽ مان بيزاريءَ، انارڪيءَ، هر شيءِ کي رد ڪرڻ ۽ هر شيءِ مان وِڏون ڪڍڻ سان ٿيندو يا ان جي اُبتڙ ان جي صلاحيت وڌائڻ، ان کي پيرن تي بيهارڻ، دنيا سان ڳنڍڻ، ايڪويهين صديءَ جون گهرجون پوريون ڪرڻ ۽ پنهنجيءَ سگهہ کي سڃاڻڻ سان ٿيندو؟ Isolation ۾ هميشہ ڪمزور ويندو آهي، ۽ اهو عمل ڪمزور کي ويتر ڪمزور ڪندو آهي.

اسان کي دانشورن بابت اهو موقف رکڻ تہ اهو ڪُنڊ جو ڪُوئو ٿي ويهي رهي، ان بجاءِ اهو چوڻ ۽ ڏسڻ گهرجي تہ سندن نظريو ڪهڙو آهي، سندن اُصول ۽ قدر ڪهڙا آهن، سماج ۾ سندن ڪردار ڪهڙو آهي، سندن علم ۽ فڪر ڪيترو گِهرو آهي، سندن عمل ڪيترو شفاف آهي. حقيقي دانشور ڪو پَيلو مَٿ ناهي هوندو، جيڪو ڪنهن گڏيل فورم تي مخالفن سان ويهڻ سان پُري پوندو. گڏيل فورمن تي گڏ ويهڻ مان خوف تہ اُهي کائين جن جو منُ ميرو آهي، ڪردار صاف ناهي، نقطہ نظر عوام دوست ۽ ترقي پسند ناهي، جن جا مفاد ناجائز آهن. اندر ۽ ڪردار جي اُجري ماڻهوءَ کي ڪنهن بہ فورم تي خوف کائڻ نہ گهرجي.

ويهندو پنهنجي آدرش، ويساهن ۽ نظرين يا ڪردار جو ڀرم رکندو ۽ بي ڪردار ماڻهو نہ بہ ويهندو تہ بہ ڪم اُهو ئي ڪندو، جيڪو سندس ڪردار جي تقاضا هوندو آهي. هاڻي بنيادي سوال آهي تہ هن ايڪويهين صديءَ ۾ سنڌ جي دانشور يا ليکڪ کي بُت مان بيزار، رڳو رينگٽ باز، پاسيرو، ڪُنڊ جو ڪُوئو، ڍڳو، هيسيل، چوويهہ ڪلاڪ نِراس ۽ ويچارو هئڻ گهرجي يا هن کي پنهنجي سموري دانشورانہ، علمي، فڪري ۽ ادبي وقار سان سنڌ، ملڪ ۽ دنيا جي هر فورم تي پنهنجو حقيقي ڪيس پيش ڪرڻ گهرجي؟ هن کي عوام ۽ سماج جي تربيت ڪرڻ گهرجي يا پاڻ جيان سماج کي بہ Isolate ڪرڻ گهرجي؟ مان سمجهان ٿو تہ سوال ڪٿي بہ ڪنهن سان بہ ويهڻ يا نہ ويهڻ جو نہ پر موقف، اُصول، ڪردار ۽ حق گوئيءَ جو آهي. ايڪويهين صديءَ ۾ سنڌ جي سماج کي پاسيرو ٿيڻ سيکاريو تہ ان سان حڪمران طبقن کي ڪهڙو ڇيهو رسندو؟ حڪمران طبقي کي خطرو عوام ۽ سماج جي شرڪت مان ٿيندو يا لاتعلقيءَ ۽ هر شيءِ مان هٿ ڪيڻ سان؟ اها سنڌي سماج جي مرحليوار ۽ ڏاڪي بہ ڏاڪي ٿيندڙ شرڪت آهي، جيڪا نہ رڳو سنڌين کي خارجي مخالف قوتن سان مقابلي ۾ اڳتي آڻيندي پر اُها سنڌ ۾ طاقت جو توازن پڻ تبديل ڪندي. در اصل اهو ئي دنيا ۾ جمهوري عمل جو روح ۽ جوهر هوندو آهي. سرمائيدار طبقو ارڙهين ۽ اُڻويهين صدين ۾ مزدور طبقي لاءِ جيترو بدترين ظالماڻو ۽ بي رحم هو، اُهو اڄ اولهہ جي جمهوريت ۾ اوترو ظالماڻو ڇو نہ آهي؟ ڇاڪاڻ تہ عوام جي جمهوري عمل ۾ شرڪت کين هڪ حد تائين پوئتي هٽڻ تي مجبور ڪيو آهي ۽ وڏيڪ ڪندي. جمهوري عمل ڪيترو بہ ڪمزور ڇو نہ هجي، پر اهو پس و پيش عوام کي سگهارو ڪري ٿو ۽ حڪمران طبقن کي ڪمپرومائيز ڪرڻ يا پوئتي هٽڻ تي مجبور ڪري ٿو. ڇا 1983ع ۾ اسان کي خبر نہ هئي تہ ان تحريڪ جي نتيجي ۾ جيڪو سياسي عمل بحال ٿيندو، ان ۾ عوام نہ پر پوتار ۽ سرمائيدار اقتدار ۾ ايندو؟ پر سماج اهو ڄاڻو ٿي تہ اهو هڪ ڏکهي مُدي وارو پنڌ آهي ۽ ان جو ڪمال ان جي تسلسل ۾ آهي ۽ اهو تسلسل ۽ شرڪت عوام کي سگهہ بخشيندا. جنهن جمهوري عمل لاءِ سنڌ سڀ کان وڏيڪ جدوجهد ڪئي ۽ قربانيون ڏنيون، ان سنڌ کي مزاحمت جون وڏيڪ پُرامن ۽ جمهوري شڪليون سيکارجن يا بُت مان بيزاري، پاسيرو ٿيڻ ۽ هڪ اهڙو Passive رينگٽ سيکارجي جو ان مان حڪمران طبقو بہ خوش هجي تہ اهو محدود سوچ وارو انارڪسٽ رينگٽ سندن ناجائز مفادن جي ديوار ۾ ڪوبہ ڏار وجهي نہ سگهندو.

نهايت سُست هوندي آهي، جو جمهوريت ڪو انقلاب ناهي هوندي، جنهن ۾ تبديليون رات وچ ۾ اچن. آئيني ۽ جمهوري حڪومتن ۾ تبديليون ڏاڪي به ڏاڪي ايندي آهن. يورپ کي موجوده حڪمرانيءَ جي انداز، عوام ڏانهن جوابدار ٿيڻ ۽ سماجن کي تبديل ٿيڻ ۾ اڍائي سئو سال لڳي ويا آهن. اڄ به اُتي ڪيترن ملڪن ۾ انيڪ مسئلا آهن، جن ۾ ڪرپشن پڻ شامل آهي. ٽين دنيا جي معاشرن ۽ رياستن يا حڪومتن جو ٿوري ٿوري فرق سان لڳ ڀڳ ساڳيو حال آهي. ان جو حل مايوس ٿي يا بس ڪري ويهڻ يا رياست ۽ سماج ۾ مڪمل Disconnect پيدا ڪرڻ ۾ نه پر سماج جي گهڻ طرفي جدوجهد، پُرامن جمهوري مزاحمت توڙي مرحليوار طاقت جي توازن کي تبديل ڪرڻ ۾ هوندو آهي. انقلابن ڪانسواءِ ارتقائي انداز ۾ جمهوري نظام ۾ عوام جي طاقت ۽ حڪمرانيءَ جي خواب جي ساپيان جو اهو ئي طريقو سڄيءَ دنيا ۾ مروج آهي.

هاڻي سوال آهي ته جيستائين اهو سمورو نظام بهتر ٿئي ۽ حڪمران طبقا عوام دوست ٿين يا عوام جي چند چڏين يا انهن جو رت پيئڻ بند ڪن، تيسين ڇا رياستن ۽ حڪومتن جو مڪمل طور بائيڪاٽ ڪجي يا رياستن ۽ حڪومتن جي عوام دشمن ڪردار جي سخت مخالفت ڪندي، ان ۾ ضروري جاين تي شرڪت جو عمل به جاري رکجي؟ جمهوريت جو مطلب ئي شرڪت آهي. جي رياست ۽ حڪومتن سان ڪن موقعن تي ٿلهو ويهڻ به سندن سهولتڪاري آهي ته پوءِ وڏي ۾ وڏي سهولتڪاري ته ووٽ وجهڻ ۽ اليڪشن ۾ حصو وٺڻ آهي، ڇا ان جو مڪمل بائيڪاٽ ڪجي، سرڪاري نوڪرين ۽ سمورن ادارن سان تعلق قطعي طور ختم ڪري ڇڏجي؟ جيڪڏهن ڪو اتفاق سان باضمير ميمبر ڪنهن اسيمبليءَ ۾ چونڊجي اچي ته پوءِ ان کي قطعي طور به اسيمبلين ۾ ويهي ڪرپٽ حڪومتن جي سهولتڪاري نه ڪرڻ گهرجي. دنيا ۾ ڪو مثال آهي ته ڪنهن مخالف سان ويهڻ جو مطلب ان جي حمايت يا سهولتڪاري هوندي آهي؟ اها هڪ بدنيت منفي پروپيگنڊا آهي، جيڪا سنڌ ۾ هڪ محدود ٽولي شعوري طور شروع ڪئي آهي.

هاڻي اچون ٿا سماج ۾ دانشور جي ڪردار تي ته دنيا جي هر سماج ۾ هر قسم جا باضمير ۽ موقعي پرست يا ويڪائو سياستدان، دانشور، اديب، اسڪالر يا هر شعبي سان وابسته ماڻهو هوندا آهن. اها شيءِ سنڌ تي به لاڳو رهي آهي. جيڪو رجعت پرست، ويڪائو، موقعي پرست يا مفاد پرست هوندو، اهو ڪنهن سان به ڪنهن به فورم تي ويهڻ يا نه ويهڻ جو محتاج نه هوندو آهي. باڪردار ماڻهو ڪهڙي به فورم تي ويهي سگهي ٿو ۽ هو جتي به

سيمينارن، ثقافتي ميڙن، ادبي گڏجاڻين، فڪري ويهڪن يا مباحثن، جلسن، جلوسن يا ڪٺي به وقتي ۽ جزوي طور گڏ ويهن ٿا يا ڪنهن به ريت هڪٻئي سان رابطي ۾ اچن ٿا ته ڇا اُهي هڪٻئي جا سهولتڪار ٿي پيا؟ اها ڪِلڻ جوڳي وصف سنڌ ۾ شهاب اوستي ۽ اهڙن ٻين دوستن متعارف ڪرائي آهي. هي جيڪي سڄيءَ دنيا ۾ دانشور، سياستدان، اسڪالر، ايڪٽيوسٽ، اديب، شاعر يا عام ماڻهو بدترين اختلاف هوندي به گڏ ويهن ٿا ته ڇا اُهي ويهڻ شرط هڪٻئي جا سهولتڪار ٿي وڃن ٿا؟ دنيا جي سفارتڪاريءَ يا سماجي وهنوار ۽ رابطن جي علم ۾ اهو هڪ نئين نظريي جو واڌارو آهي، جنهن جو ورجاءُ شهاب اوستو ۽ ٻيا ڪجهه دوست سوشل ميڊيا تي روز ڪندا رهن ٿا. ويهڻ ته معمولي ڳالهه آهي، شهاب اوستو ته بدترين آمرن جي دورن ۾ سرڪاري ڪامورو رهيو آهي، پوءِ ڇئجي ته هو انهن حڪومتن جو سهولتڪار رهيو؟ شهاب اوستي جي مضمون ۾ اِها هڪ بنيادي ۽ شعوري منطقي چُڪ آهي، جنهن تي مان پنهنجا ويچار پيش ڪرڻ لازمي سمجهان ٿو.

اصل مسئلو هيءُ به آهي ته اسان جن سماجن ۽ رياستن ۾ رهون ٿا، اُتي جمهوريت نالي ماتر ۽ تمام محدود آهي، ان ڪري اسان جي گڏيل تربيت اهڙن سماجن ۽ رياستن ۾ ٿي آهي، جتي جمهوري قدر اجا تائين اسان جي سمجهه، روين ۽ مجموعي طور سماجي ڪردار ۾ پاڙون نه هٽي سگهيا آهن. ان ڪري جمهوريت جو مطلب اسان وٽ پنهنجن پنهنجن شخصي، گروهي ۽ انتهاپسند روين جي صورت ۾ ٿئي ٿو. اسان جي سماج ۾ جيئن ته مجموعي طور پيچ ڊاهه، انتشار، اَويساهي ۽ نااُميدي گهڻي آهي يا هن ڪوڙهيل نظام کان بيزاريءَ جو گراف گهڻو چڙهيل آهي، ان ڪري اڪثر جمهوريت جي نالي ۾ اسان جا رويا انارڪيءَ يعني نِراجيت جي صورت ۾ ظاهر ٿين ٿا. هاڻي اچو ته شهاب اوستي جي مضمون جي عنوان نه پر سندس مضمون ۾ پيش ڪيل نُقطن جي ڇنڊڇاڻ ڪريون.

پاڪستان هڪ اهڙي رياست آهي، جتي ملڪي تاريخ جي ستر سالن مان ساڍا ٽيتيهه سال ته سڌي آمريت رهي آهي، ملڪ جي قيام کانپوءِ پهريون ڏهاڪو هڪ اهڙو سياسي سرشتو رهيو، جنهن ۾ ڪو به چٽو نظام موجود نه هو. ويندي آئين به 1935ع وارو هو. ملڪي تاريخ جا باقي سال ملڪ ۾ جمهوري نه سهي پر چونڊيل يا انڊيون منڊيون چونڊيل حڪومتون رهيون آهن. سڄيءَ دنيا ۾ جمهوريت جي انيڪ خوبين سان گڏ هڪ خرابي اِها هوندي آهي ته جمهوريتن ۾ سماجن يا حڪمرانيءَ جي عوام دشمن انداز ۾ تبديليءَ جي رفتار

# ڇا دانشور ڪي انارڪسٽ هئڻ گهرجي؟

سنجيده بحث مباحثا ڪنهن به سماج جي فڪري زندگيءَ ۾ اؤسر لاءِ بيحد اهم ۽ ضروري هوندا آهن، ڇاڪاڻ ته ان سان سماج ڪي بنيادي سوالن تي گهڻن رُخن کان سوچڻ، انهن جي سڀ طرفي ڇنڊڇاڻ ڪرڻ ۽ ڪي نتيجا ڪڍڻ ۾ سولائي ٿيندي آهي. ذاتيات کان پاڪ سنجيده بحث مباحثا سماج ۾ متحرڪ شعور ۽ زندگيءَ جي علامت هوندا آهن.

ڪاوش ۾ شايع ٿيل شهاب اوستي جو مضمون ڇا دانشور ڪي سرڪار جي 'فرينڊلي اپوزيشن' هئڻ گهرجي؟" سنڌ جي موجوده سياسي ماحول ۾ هڪ اهم نقطو اُٿاري ٿو جنهن تي فضيلت ۽ سنجيدگيءَ سان سوچڻ ۽ ان جي ڇنڊڇاڻ ڪرڻ جي ضرورت آهي. شهاب اوستي هڪ درست عنوان ڏئي، ان جو اطلاق شعوري طور غلط بيانيءَ ۽ غيرواسطيدار مثالن ۽ ڳالهين سان ڪيو آهي. مون سميت هر ماڻهو سمجهي ٿو ته هڪ دانشور جو ڪنهن به طور وقت جي سرڪار سان "فرينڊلي اپوزيشن" جو ڪردار نه هئڻ گهرجي، ڇاڪاڻ ته دانشور يا ليکڪ بنيادي طور رياست ۽ حڪومت جو نه پر پنهنجي سماج جي روح ۽ روشن خياليءَ توڙي سماجي انصاف جي تقاضائن جي ترجماني ڪندو آهي. شهاب اوستي ان عنوان ۾ هڪ درست ڳالهه ڪري ان جو استعمال غلط مثالن سان ڪيو آهي. سوال آهي ته ڇا ڪنهن به فورم تي هڪ چونڊيل سرڪار سان ويهڻ ۽ پنهنجي بااُصول موقف سميت ويهڻ سرڪار جي حمايت جي مترادف آهي؟ دنيا جي وڏن وڏن فورمز تي هڪٻئي جا بدترين مخالف گڏ ويهن ٿا ته ڇا اُهي هڪٻئي جا حمايتي ٿي پيا؟ ڇا اپوزيشن جو مطلب رياست ۽ حڪومت کان قطعي لاتعلقي ۽ مڪمل Disconnect آهي؟ جي ائين آهي ته پوءِ دنيا جي سمورين پارليامينٽس ۾ هڪٻئي جا بدترين مخالف هڪٻئي سان گڏ ڇو ٿا ويهن؟ ميڊيا سميت انيڪ موقعن تي ملڪ ۾ ۽ سڄيءَ دنيا ۾ هڪٻئي جا سخت مخالف ڪنهن فورم تي گڏ ويهن ٿا ته پوءِ ڇا ٿيتال مچائبو ته اُهي هڪٻئي جا حمايتي هئا؟ ڇا مخالف سان ڪنهن به فورم تي نه ٿو ويهي سگهجي؟ ڇا ڪنهن مخالف سان ڪنهن به فورم تي ويهڻ ان جي حمايت يا سهولتڪاري آهي؟ دنيا ۾ جيڪي به مخالف پارليامينٽ، ڪانفرنسز،

وٺي ويڃڻ آهي. لبرل ازم سمجهي ٿي تہ فرد ۽ مارڪيٽ جي آزادي هڪ جمهوري رياست ۽ سماج جي اڏاوت ڪري سگهن ٿا، مارڪسي ليننني سماج واديت سمجهي ٿي تہ طبقاتي سماج جو خاتمو ۽ ان لاءِ ڦورو طبقن جي هٿيار بٽيل رياست کي تبديل ڪرڻ سان ئي هڪ انصاف ڀريو سماج قائم ٿي سگهندو، جڏهن تہ نِراجيت سمجهي ٿي تہ هر قسم جي رياست، قانون، آئين ۽ طاقت جي شڪل مان جند ڇڏائڻ سان ئي انسان فطري سماج ڏانهن موٽي سگهي ٿو، ڇاڪاڻ تہ اوائلي انساني سماج ذاتي ملڪيت ۽ رياست کان اڳ اهڙو ئي هو. هاڻي سوال آهي تہ سنڌ کي نِراجيت جو فڪر ۽ لاڙو هن رياست ۽ سماج جي گهڻ طرفي دٻاءَ ۽ بحران مان ڪڍي سگهندو يا ان کي قومي، طبقاتي ۽ جمهوري فڪر جو اهو امتزاج ۽ توازن گهرجي، جيڪو ان کي آجپي ۽ ترقيءَ جي نئين دَڳَ ڏانهن وٺي وڃي؟ ڇا دنيا ۾ ڪو هڪ بہ مثال آهي، جتي گذريل اڍائي سئو سالن کان نِراجيت جو فڪر ڪنهن بہ سماج جي نجات ۽ تبديليءَ جو بنيادي محرڪ بڻيو هجي؟ نِراجيت جي طاقت جي ظالماڻين شڪلين خلاف وقتي مزاحمت يقيني طور عوام سان گڏجي سندن تحريڪن کي سَگهہ بخشي سگهي ٿي پر اُها پاڻ پنهنجي سِر نجات جي واٽ ۽ ذريعو بڻجي، ان جو دنيا ۾ ڪوبہ مثال نہ آهي. سوشلزم ۽ نِراجيت ۾ ڪجهہ گڏيل قدر هئڻ باوجود اهو ئي بنيادي فرق آهي. سنڌ کي جيڪي گهڻ طرفا چئيلنج آهن ۽ سنڌ کي جنهن آئيندي ڏانهن وِکون کڻڻيون آهن اهو پنڌ سنڌ نِراجيت سان ڪري سگهندي يا سنڌ کي وطن دوست، جمهوريت پسند، قومي، طبقاتي ۽ سامراج دشمنيءَ جي فڪر جي توازن سان اڳتي وڌڻو پوندو- ان تي اسان مان هر سڄاڻ فرد کي سوچڻو پوندو.

*(روزاني ڪاوش حيدرآباد، 15نومبر 2017ع)*

نِراجيت جي فڪر جا بنياد سنڌي سماج جي معروضي محرڪن سان ڪابہ نسبت نہ ٿا رکن. مثال طور نِراجيت پاور جي هر شڪل کي رد ڪري ٿي، جڏهن تہ سنڌي سماج کي طاقت جي توازن ۾ پنهنجي سَگهہ کي وڌائڻو آهي. نِراجيت ڪنهن بہ منظم سياسي قوت جي مستقل حيثيت جي خلاف آهي، جڏهن تہ سنڌ کي سگهاريون، ترقي پسند، روشن خيال قومي، طبقاتي ۽ جمهوري سياسي قوتون منظم ۽ ذميوار سياسي پارٽين جي صورت ۾ گهرجن. نِراجيت رياست جي وجود جي ئي خلاف آهي، جڏهن تہ سنڌ کي يا تہ پنهنجي خودمختيار رياست گهرجي يا اهڙي وفاقي رياست گهرجي، جنهن ۾ ان جي سياسي خودمختياري يقيني هجي. لبرل نِراجيت صرف فرد جي آزاد ۽ خودمختيار حيثيت تي زور ڏئي ٿي، جڏهن تہ سنڌ ۾ فرد جي آزاد ۽ خودمختيار حيثيت سان گڏوگڏ اسان کي قومي خودمختياري ۽ پورهيت طبقن يا مجموعي طور عوام جي نجات جو مقصد سامهون آهي. سوشلسٹ نِراجيت جنهن انساني برابريءَ جي ڳالهہ ڪري ٿي، اُهو تصور تہ حَسين آهي پر اُهو هتي عملي طور ڪيئن ممڪن بڻائجي، ان لاءِ نِراجيت وٽ ڪي بہ گهربل حڪمت عمليون، ڏِگَ يا واٽون نہ آهن.

نِراجيت وٽ رياست ۽ سماج بابت بنيادي اعتراض آهن، جن جي وڏي اهميت آهي پر ان وٽ نہ رڳو واٽ نہ آهي پر سندن منزل يعني رياست ۽ سماجي ادارن جي مڪمل نفي هم عصر دور جي حوالي سان ڪو حقيقت پسند فڪر نہ ٿو لڳي. نِراجيت وقتي مزاحمت کي پيدا ڪرڻ جو زبردست هٿيار تہ ٿي سگهي ٿي پر نجات جو رستو هرگز نہ. سنڌي سماج گذريل ڇهن ڏهاڪن کان انيڪ سياسي ۽ فڪري پنڌ ڪري چڪو آهي. ان جي گهڻ طرفي جدوجهد ۾ قومپرستيءَ، روشن خيال وطن دوستيءَ، ترقي پسند ۽ سوشلسٽ توڙي گهڻ طبقاتي جمهوري جدوجهد ۽ فڪر جون ڌارائون شامل رهيون آهن. ان پنڌ ۾ سنڌ ۽ سنڌي سماج گهڻن سوالن تي اڳ جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ چِٽو ٿيو آهي تہ ڪيترن معاملن ۾ اهو وڌيڪ فڪري ۽ سياسي مونجهارن جو شڪار پڻ ٿيو آهي، ڇاڪاڻ تہ هر دور ماضيءَ سان گڏ نوان چئلينج پڻ اُڀاري ٿو ۽ ان جا حل ڳولڻ جي جستجو ڪري ٿو. سوال اهو آهي تہ اسان کي انهن اڳ ئي موجود روايتن کي وڌيڪ حقيقت پسند، حالتن سان ٺهڪندڙ معروضي ۽ وسيع بڻائڻ گهرجي يا انهن جي جاءِ تي نِراجيت پسنديءَ جو روپ اُڀارڻ گهرجي، جنهن سان ڪابہ تحريڪ زمين تي پيرَ کوڙي نہ سگهندي؟

نِراجيت جي فڪر جو بنيادي جوهر انسان کي قديم فطري سماج ڏانهن

يا وڌ ۾ وڌ وقتي مزاحمت پيدا ڪرڻ جو باعث بڻجي ٿو. مان اڄ به نِراجيت جي پيٽ ۾ انقلابي سماجواديت کي جاگيرداريءَ، سرمائيداريءَ ۽ سامراجيت جو بهتر حل سمجهان ٿو. شرط اهو آهي ته ان کي 21هين صديءَ جي تقاضائن مطابق وڌيڪ جمهوري بڻايو وڃي ۽ ان ۾ ڪجهه بنيادي واڌارا ڪيا وڃن. انارڪزم هڪ سگهارو، پاڻ ۾ چڪ رکندڙ پر بنيادي طور هڪ يوٽوپيائي تصور آهي، جنهن ۾ رياست، حڪومت، قانون، تنظيم، سياسي قوت توڙي سماجي بيهڪ جي سمورين طاقتور شڪلين کي مڪمل طور رد ڪرڻ ۾ ئي انساني آزادي ۽ برابريءَ جي خواب جي ساڀيان ڏٺي وڃي ٿي. ظاهر آهي ته پوءِ اهڙيون بي نتيجه تحريڪون وقتي مزاحمت سان گڏوگڏ پس و پيش سماج ۾ رڳو انتشار جو محرڪ بڻجن ٿيون. برابريءَ جا گڏيل قدر رکڻ باوجود اهو ئي بنيادي فرق آهي سوشلسٽ نِراجيت ۽ مارڪسي سماج واديت ۾.

سنڌ ۾ انارڪيءَ جي تحريڪ ڪڏهن به موجود نه رهي آهي. هتي يا ته قومي تحريڪ رهي يا طبقاتي ۽ سوشلسٽ تحريڪ ۽ وسيع تر معنيٰ ۾ قومي جمهوري تحريڪ. اسان وٽ انهن ٽنهي تحريڪن جو مزاج پنهنجي بنيادي سرشت ۾ سامراج دشمن رهيو آهي. مون کي حيرت آهي ته ڪي دوست محمد ابراهيم جويي کي به انارڪسٽ سڏي رهيا آهن. سائين جويو صاحب هڪ ماديت پسند، سيڪيولر سوچ رکندڙ روشن خيال قومپرست دانشور هو. هن ڪڏهن به پاڻ کي انارڪسٽ نه سڏرايو. سندس رفاقت ۾ مون گذريل ٽن ڏهاڪن ۾ هن کي ڪڏهن به پاڻ کي نِراجيت سان واڳيندي نه ڏٺو. هو ڪروپاٽڪن جو وڏو مداح هو، جيڪو دنيا ۾ هر سوشلسٽ آهي. نوم چومسڪيءَ جي سامراج دشمنيءَ ۽ سامراج سان وابسته سياسي طاقت جي نفيءَ جي حوالي سان ڪيس انارڪسٽ سڏيو ويندو آهي پر هو رڳو انارڪسٽ نه آهي، هو هڪ گهڻ طرفو مفڪر ۽ فيلسوف آهي. پنهنجي مجموعي مزاج ۾ سنڌ ۾ مون کي به ماڻهو اهڙا سُجهن، جن کي انارڪزم جي جوهر جي حوالي سان انفرادي طور انارڪسٽ سڏي سگهجي ٿو، اُهي هٿا حشو ڪيولراماڻي ۽ حليم بروهي.

هن وقت دنيا ۾ ڪٿي به ڪا سگهاري انارڪسٽ تحريڪ موجود نه آهي، فرد ۽ گروهه اڄ به سڄيءَ دنيا ۾ ان فڪر سان واڳيل ضرور آهن. سنڌ ۾ نِراجيت جو فڪر اسان جي معروضي حالتن جي نسبت سان ان ڪري به مثبت ڪارج نه ٿو رکي جو هڪ ته سنڌ جهڙي اڳ ئي منتشر سماج ۾ نِراجيت جهڙي بند گهٽيءَ ڏانهن وٺي ويندڙ فڪر سان اهو انتشار اڃا وڌيڪ تيز ٿيندو. ٻيو ته

مارڪس، لينن، اينتونيو گرامچيءَ، مائوءَ ۽ هوچي منهه سميت ڪنهن به وڏي سوشلسٽ انقلابيءَ پاڻ کي ڪڏهن به انارڪسٽ نه سڏرايو. انارڪسٽ جيئن ته هر قسم جي منظم سياسي طاقت کي رد ڪندا رهيا، ان ڪري اُهي سياسي طور دنيا ۾ ڪٿي به ڪامياب ٿي نه سگهيا، البته اديبن، دانشورن، مفڪرن ۽ ڪارڪنن جي هڪ حصي لاءِ اڄ به هن فڪر ۾ هڪ جذباتي ڇڪ ضرور موجود آهي. ان ڇڪ جو بنيادي سبب اِهو آهي ته مجموعي طور انارڪسٽ پاور کي چئلينج ڪن ٿا ۽ جتي پاور عوام دشمن يا ظالماڻي شڪل ۾ آهي، اُتي انارڪزم جو فطري اتحاد عوام دوست مزاحمتي قوتن سان ٿئي ٿو، جنهن جا ڪجهه مثال مون مٿي ڏنا آهن. عوام دشمن باطل نظام کان بيزار اديبن ۽ دانشورن لاءِ سڄيءَ دنيا ۾ انارڪزم لاءِ ڇڪ انهيءَ ڪري رهي آهي جو اهو فڪر طاقت کي چئلينج ڪري ٿو ۽ ان جا قدر انسان دوست آهن پر هن فڪر وٽ پنهنجي خواب جي ساپيان جو ڪوبه عملي خاڪو يا واٽ موجود نه آهي، ان حوالي سان سوشلزم کي هن لاڙي تي هميشه فوقيت حاصل رهي آهي، جو ان وٽ طاقت جي عوام دشمن شڪلين خلاف رڳو بيزاري يا نلهي مزاحمت نه پر ان جو گهرو تجزيو به آهي ته ان جي متبادل واٽ ۽ هڪ مڪمل نظام پڻ.

مٿي ذڪر ڪيل سموري تفصيل کانپوءِ اصل سوال اِهو آهي ته ڇا انارڪزم جو 21هين صديءَ ۾ ڪو اثرائتو ڪردار يا ڪارج موجود آهي يا ٿي سگهي ٿو؟ ۽ ان سان لاڳاپيل سوال ته ڇا سنڌ ۾ قومي، طبقاتي ۽ جمهوري يا سامراج دشمنيءَ جي سوال لاءِ اسان کي انارڪزم گهرجي يا ڪو بيو متوازن ۽ حقيقت پسند فڪر گهرجي؟ اسان کي سمجهڻ گهرجي ته رياست، سماج ۽ مارڪيٽ توڙي فرد 19هين ۽ ويهين صدين کان گهڻو اڳتي وڌي چُڪا آهن. هيءَ فڪر دراصل هزارين سالن جي رياستي جبر جي ردعمل ۾ اُڀريو هو. ڇاڪاڻ ته انهن هزارين سالن جي بدترين رياستي جبر فرد جي حيثيت ۽ آزاديءَ کي پُرڪائي ڇڏيو هو. ساڳيءَ طرح جاگيردار يا غلاميءَ جي طبقاتي سماجن ۾ ويندي نام نهاد آزاديءَ تي ٻڌل سرمائيدار سماجن پڻ ان جبر کي سماجي ۽ معاشي شڪلين ۾ جاري رکيو. ان جو حقيقي حل نِراجيت بجاءِ سوشلزم پيش ڪيو، جنهن هڪ خواب جي تعبير جو عملي ۽ سائنسي رستو ڏنو. اڄوڪي دور ۾ رياست، حڪومت، تنظيم، سماجي ڍانچن، قانون يا ادارن کي مڪمل طور رد ڪرڻ جو تصور خيال ۽ خواب طور ته وٽي سگهي ٿو پر سوال اِهو آهي ته ڇا ان سان دنيا جي مظلوم قومن، طبقن، سماجن ۽ عوام کي حقيقي نجات ملي سگهي ٿي؟ يا اهو فردن ۽ گروهن جي ذهني ۽ احساساتي تسڪين

کي قائم ڪرڻ نہ هئڻ گهرجي، پر ان جو مطلب رياست جو مڪمل خاتمو هئڻ گهرجي. جيتوڻيڪ ڪميونزم جو فڪر پس و پيش غيررياستي سماج جي ڳالهہ ڪري ٿو پر سوشلسٽ انارڪسٽ سوشلزم واري عبوري ڏاڪي کي بہ مڪمل طور رد ڪن ٿا. اهو ئي سبب هو جو سوشلسٽ انارڪسٽن کي پڻ خيال پسند سماج وادي چيو ويو. جيئن ڪانئن اڳ 19هين صديءَ جي شروعات ۾ 1827ع ۾ رابرٽ اوون کي برطانيہ ۾ ۽ سينٽ سائمن کي فرانس ۾ يوٽوپيائي سوشلسٽ سڏيو ويو هو.

مجموعي طور ڏسجي تہ انارڪسٽ فڪر ۾ مزاحمتي مزاج سبب گهڻي جذباتي ڇڪَ هئڻ باوجود اهو فڪر دنيا ۾ ڪٿي بہ گهڻي ڪاميابي ماڻي نہ سگهيو. ڇاڪاڻ تہ انارڪزم جيڪو مقصد رکي ٿو اهو انساني تاريخ جي هن ڏاڪي تي حاصل ڪرڻ ممڪن نہ آهي، ڇاڪاڻ تہ رياست يا طاقت جي هڪ شڪل يا ڍانچي کي ڊاهبو تہ ٻيو متبادل ضرور اُڀارڻو پوندو. جڏهن تہ انارڪزم طاقت جي هر ڍانچي کي حتمي طور ڊاهڻ سان گڏوگڏ ٻئي ڪنهن بہ متبادل طاقتور شڪل کي اُڀارڻ جي خلاف آهي. اُها ئي ڳالهہ آهي تہ ڪميونسٽ فڪر مطابق پڻ غيرطبقاتي سماج ۾ رياست يا پاور جي ڪنهن بہ شڪل جي ضرورت ۽ ڪارج نہ رهندو پر عبوري دور ۾ نِراجيت جو اهو مقصد حاصل ڪرڻ ناممڪن حد تائين ڏکيو آهي. ها البتہ 19هين ۽ 20هين صدين جي ڪجهہ دورن ۾ انهن تحريڪن جو ڪٿي ڪٿي اثرائتو ڪردار ضرور رهيو. مثال طور فرانسيسي انارڪسٽ ۽ مارڪس جي نقاد پروڌان جي شاگردن مارڪس سان گڏجي پهرين انٽرنيشنل (72-1864ع) ٺاهي، جيڪا ڪجهہ وقت اثرائتو ڪردار ادا ڪرڻ کانپوءِ انتهاپسند انارڪسٽن جهڙوڪ ميخائيل باڪونن وغيره جي ڪري ٽُٽي وئي. انارڪسٽ تحريڪ فرانس، اٽلي ۽ اسپين جي ٽريڊ يونين تحريڪ ۾ بہ گهڻو سرگرم رهي ۽ ان وڏو مثبت ڪردار ادا ڪيو. ساڳيءَ طرح لاطيني آمريڪا ۾ ويهين صديءَ ۾ يوروگئائي ۽ ارجنٽينا سان گڏ ميڪسيڪو جي انقلاب ۾ بہ اهم ڪردار ادا ڪيو. جنهن جي اڳواٽي زپاٽا ڪئي هئي. حقيقت اِها آهي تہ سوشلسٽ انقلابن انارڪزم جي فڪر ۽ تحريڪ کي وڏو ڌڪ هنيو. جو ان وٽ انارڪزم وانگر برابريءَ واري تصور جو نہ رڳو خواب هو پر ان لاءِ هڪ سائنسي فڪر ۽ سياسي واٽ بہ هئي، جنهن کي انارڪسٽن مڪمل طور رد ٿي ڪيو. سوشلسٽ انارڪسٽ انقلابي سياست، انقلابي پارٽيءَ، انقلابي رياست يا انقلابي نظام جي تصورن کي مڪمل طور رد ڪن ٿا ۽ ان کي مفروضا قرار ڏين ٿا. اهو ئي سبب آهي جو

هو لبرل تصور رکڻ باوجود لبرل ازم جي مختصر اختيارن واري رياست جي تصور کي مڪمل طور رد ڪن ٿا. هو ان حوالي سان وري به بُذمت يا تائوازم جي حمايت ڪن ٿا، ڇاڪاڻ ته ان فلسفي ۾ رياست يا حڪومت جو ڪوبه تصور موجود نه آهي. لبرل انارڪسٽ سرمائيدار توڙي عوامي جمهوريت جا پڻ سخت مخالف آهن ۽ ان ڪري هو سياسي پارٽين، چونڊن، پارليامينٽس يا چونڊيل حڪومت جي تصور کي مڪمل طور رد ڪن ٿا. مشهور آمريڪي انارڪسٽ رينڊولف بورن (Randolph Bourne 1886-1918) ته ان حد تائين چيو هو ته ڪابه رياست جنگ ۽ جبر کانسواءِ زنده رهي نه ٿي سگهي. هونئن انگريز مفڪر ۽ ناولسٽ وليم گوڊون (1756-1836ع) کي ان روايت جو ابو سڏيو ويندو آهي. جيئن ته انارڪسٽ هر قسم جي اٿارٽيءَ کي رد ڪن ٿا، ان ڪري انهن وڏي زور سان چرچ کي به رد ڪيو ۽ اهو ئي سبب هو جو يورپ ۾ انارڪسٽ تحريڪ اُتي وڌيڪ سگهاري ٿي جتي ڪيٿولڪ اسپين، فرانس، اٽلي ۽ لاطيني آمريڪا وانگر چرچ جو زور گهڻو هو. انارڪسزم جي هن وڏن مفڪرن پروڌان ۽ روسي انارڪسٽ ميخائيل باڪونن اهو واضح طور بار بارچيو ته رياست ۽ چرچ جي مڪمل خاتمي کانسواءِ فرد جي آزادي ممڪن ناهي. مجموعي طور انارڪسٽ ان لبرل چوٽي ته "قطعي اختيار ماڻهوءَ کي ڪرپٽ ڪري ٿو" جي پيٽ ۾ اهو تصور ڪٽي آيا ته "قطعي نه پر هر قسم جو اختيار ماڻهوءَ کي ڪرپٽ ڪري ٿو ۽ رياست جو بنيادي ڪم ڪرپشن ۽ جبر کي ادارتي شڪل ڏيڻ آهي."

سوشلسٽ انارڪسٽن ڪڏهن به طبقاتي سوال کي ائين نه کنيو جيئن ان کي مارڪس، لينن، مائو، گرامچي يا ٻين مارڪسي مفڪرن ۽ انقلابين کنيو پر ان باوجود هنن جو زور برابريءَ تي آهي ۽ هو سمجهن ٿا ته رياست، حڪومت، قانون، تنظيم يا پاور جي هر صورت برابريءَ جي تصور جي نفي ڪري ٿي. اهو ئي سبب آهي جو هڪ عظيم سوشلسٽ انارڪسٽ پرنس پيٽر ڪروپاٽڪن (1842-1921) جهڙي ماڻهوءَ به سماجواديت جي ڳالهه ضرور ڪئي ۽ ان کي پنهنجي عظيم ڪتاب "گڏيل سهڪار" (Mutual Aid) ذريعي سائنسي طور به ثابت ڪيو ۽ ڊارون جي اُبتڙ سهڪاري نظريو پيش ڪيو پر هن لينن يا مارڪس جي ان ڳالهه سان سخت اختلاف رکيو ته ڪو غيرطبقاتي سماج جي اڏاوت رياستي طاقت يا بقول سندس نام نهاد انقلابي حڪومت ذريعي ممڪن آهي. سوشلسٽ انارڪسٽ سمجهن ٿا ته گڏيل سهڪار سان غيرطبقاتي معاشرو وجود ۾ ايندو ۽ سوشلسٽ انقلاب جو مطلب هڪ رياست کي ڊاهي ٻيءَ

آهي، جنهن جي ڪابہ هڪ صورت موجود نہ آهي. مجموعي طور دنيا ۾ نِراجيت جا ٽي قسم رهيا آهن ۽ اُنهن جا فڪري بنياد سواءِ هڪ ڳالهہ جي هميشہ مختلف رهيا آهن ۽ اُهو هڪ گڏيل بنياد اُهو ئي آهي، جيڪو مون مٿي بيان ڪيو آهي، يعني ڪنهن بہ رياست، حڪومت، قانون، پاور جي شڪل، تنظيم، ضابطي يا سماجي ڍانچي کي تسليم نہ ڪرڻ. انارڪسٽ سمجهن ٿا تہ دنيا جي ڪابہ رياست پنهنجي جوهر ۽ ڪردار ۾ ناجائز ۽ آزاديون کسيندڙ يا ڦريندڙ ۽ جبر ڪندڙ آهي. ڪابہ حڪومت، پوءِ اُها ڪٿي سوشلسٽ يا انقلابي ڇو نہ هجي پر بنيادي طور جبر جي هڪ صورت آهي، ان ڪري ناجائز آهي. ان ڪري انارڪسٽ هابس ۽ روسو جي سماجي معاهدي جي تصور کي مڪمل طور رد ڪن ٿا ۽ سمجهن ٿا تہ ماڻهن جي وچ ۾ آئين، رياست يا چونڊيل پارليامينٽ ۽ حڪومت جي صورت ۾ سماجي معاهدو ٿي نہ ٿو سگهي ۽ ويندي اُهي انقلابي حڪومتون جيڪي پاڻ کي پورهيت طبقن جون محافظ ۽ سوشلسٽ سڏائين ٿيون، اُهي بہ اوتريون ئي جابر، ناجائز ۽ انسان دشمن آهن، جيتريون بادشاهتون، شهنشاهتون يا سرمائيدار ۽ جاگيردار حڪومتون ۽ رياستون.

دنيا ۾ جيستائين نِراجيت جي قسمن يا انارڪسٽن جي قسمن جو تعلق آهي تہ هڪ طرف مجموعي طور هر قسم جي انتشار کي انارڪي چئبو آهي تہ ٻئي طرف ان جا واضح بہ نظرياتي قسم آهن يا بہ روايتون آهن. هڪ روايت جو تعلق لبرل ازم يعني سرمائيداريءَ سان آهي تہ ٻي روايت ڪجهہ نقطن ۾ سماج واديت سان ملي ٿي. لبرل يا سرمائيداريءَ سان نسبت رکندڙ انارڪسٽ سمجهن ٿا تہ سماج هڪ غيرفطري تنظيم ۽ ضابطو آهي، جڏهن تہ اصل حقيقت مڪمل انفرادي آزادي آهي. هو سمجهن ٿا تہ مڪمل طور آزاد ۽ خودمختيار فرد ئي هڪ بهتر جياپي کي ممڪن بڻائين ٿا ۽ اجتماعيت جون تنظيمي يا طاقت تي ٻڌل شڪليون، جن ۾ سماج، تنظيم، رياست، حڪومت، سياسي پارٽيون ۽ پاور جون سموريون صورتون اچي وڃن ٿيون، اُهي فرد جي آزاد ۽ خودمختيار حيثيت ۽ بنيادي حق جي نفيءَ تي قائم آهن. اهو نقطءِ نظر هڪ طرف فرد جي مڪمل آزاد ۽ خودمختيار حيثيت تي زور ڏئي ٿو تہ اُتي ٻئي پاسي رياست يا حڪومت جي ڀيٽ ۾ مڪمل طور آزاد منڊين جي وڪالت ڪري ٿو. پرساڳئي وقت لبرل انارڪسٽ لبرل ازم جي ان ڳالهہ سان متفق نہ آهن تہ ڪو مختصر اختيارن جي حامل رياست فرد جي آزادي يا آزاد منڊيءَ جي ضمانت ٿي سگهي ٿي. جيئن تہ انارڪسٽ پنهنجي بنيادي جوهر ۾ هر قسم جي تنظيم، پاور، رياست ياحڪومت جا سخت انڪاري آهن، ان ڪري

# انارڪزم، 21هين صدي ۽ سنڌي سماج !

انارڪزم يعني نِراجيت جو اصطلاح سنڌ جي سُجاڻ حلقن ۾ ڪا نئين ڳالهه نه آهي، اُهو مختلف دورن ۾ مختلف حوالن سان استعمال ٿيندو رهيو آهي ۽ اڄ به ٿي رهيو آهي. سنڌ ۾ علمي ۽ فڪري ڏڪار سبب اڪثر ماڻهو سياسي نظرين جون تشريحون ۽ تاويلون پنهنجي حساب سان ۽ گهڻي ڀاڱي داخليت تحت ڪندا رهن ٿا. اهڙن اصطلاحن ۾ انقلاب، سيڪيولرزم، دهريت، لبرل ازم ۽ سوشلزم سان گڏ انارڪزم يعني نِراجيت جو تصور پڻ اچي وڃي ٿو.

نِراجيت جو لفظ يوناني ٻوليءَ مان نڪتو آهي، جنهن جي لفظي معنيٰ آهي ڪنهن به قاعدي کانسواءِ. مجموعي طور انارڪسٽ به هڪ اهڙي ماڻهوءَ کي چئبو آهي، جيڪو ڪنهن به رياستي يا سماجي قاعدي کي نه مڃي. اهو اصطلاح ويجهي انساني تاريخ ۾ فرينچ انقلاب جي زماني ۾ استعمال ۽ مشهور ٿيو. اهو اصطلاح ان دور ۾ ٻن قسمن جي ماڻهن سان منسوب ٿيو. هڪڙا اُهي جيڪي لوئي سورهين (بادشاهه) جي نظر ۾ "انتشار" پيدا ڪري رهيا هئا، يعني انقلابي هئا ۽ ٻيا جيڪي روسو جي "پاڻ مٿان حڪمرانيءَ" يعني Self Rule جي تصور جي مڪمل نفي ڪري رهيا هئا پر انهن پاڻ کي پاڻ ڪڏهن به انارڪسٽ نه چيو هو. جنهن جو هڪ وڏو مثال وليم گوڊون (William Godwin) هو. جنهن 1793ع ۾ سياسي انصاف جي تصور بابت جڳ مشهور ڪتاب لکيو هو پر هن پاڻ کي ڪڏهن به انارڪسٽ نه سڏايو. پهريون ڀيرو جنهن شخص پاڻ کي انارڪسٽ سڏرايو اُهو فرينچ مفڪر ۽ مارڪس جو نقاد جوزف پروڌان هو. جنهن 1840ع ۾ "ملڪيت ڇا آهي؟" جي نالي سان ڪتاب لکيو ۽ پاڻ کي انارڪسٽ سڏرايو.

بنيادي طور نِراجيت هڪ سياسي فلسفو آهي، جنهن جو بنياد انساني مزاج تي اعتبار تي رکيل آهي. هن فلسفي مطابق انسان پيدائشي طور آزاد به آهي ۽ گڏوگڏ گروهن ۾ رهندڙ به آهي ۽ انسان کي زندگي گذارڻ لاءِ ڪنهن به رياست، تنظيم، قانون، حڪومت، سماجي ڍانچي يا پاور جي ڪنهن به صورت جي ڪا به ضرورت نه آهي، انسان انهن کانسواءِ ئي بهتر نموني پاڻ کي سنڀالي ۽ هلائي سگهي ٿو. دلچسپ ڳالهه اِها به آهي ته هيءَ دنيا جو واحد جديد سياسي فلسفو

فكري تنقيد

ڪرڻ ۾ به ڪامياب نه ويو آهي. اڄوڪي اديب کي موجوده عالمي ۽ مقامي دور جي تقاضائن مطابق پنهنجي ڪردار جي نئين سر جوڙجڪ ڪرڻي پوندي. روايتي فڪر، معمولي ڪردار ۽ مڙيوئي قلمي ڪم ڇپائڻ سان اڄوڪو اديب پنهنجي دور جي شعور، ضمير ۽ زندگيءَ جو ترجمان ۽ سُونهون نه ٿو بڻجي سگهي. اڄوڪي سماج جو دور هوبهو ماضيءَ وارو ناهي، سماج جون پيڙائون رڳو ساڳيون ناهن، تنهنڪري اڄوڪي دور جي اديب کي جيڪا نئين دور جي حساب سان اُلٽي اَکِ گهرجي، جيڪا هن دور کي سمجهڻ جي اهل هجي، ان کي بيان ڪرڻ جي تخليقي صلاحيت ۽ شعور جي حامل هجي. سڀ کان وڏي ڳالهه ته اديب رڳو حقيقتن جو محتاج ناهي هوندو. اهو رڳو پنهنجي دور ۾ زنده ڪردارن تي اڪتفا ناهي ڪندو. پر اهو نوان اتساهيندڙ ڪردار، رويا، سوچڻ ۽ محسوس ڪرڻ جا انداز پڻ تخليق ڪندو آهي. اياز قادريءَ جو "بلو دادا"، جمال ابڙي جو "پشو پاشا"، آغا سليم جو "سارنگ" توڙي ارغون ۽ تُرخان دور ۾ سنڌ جي مزاحمت جا ارڏا ڪردار جيڪي سراج تخليق ڪيا، اُهي سڀ ڪي حقيقي ڪردار نه هئا پر اُهي مختلف حوالن سان پنهنجي دورن جا ترجمان هئا. شيخ اياز ۽ استاد بخاريءَ جيڪو شعور شاعريءَ ۾ آندو، اُهو سنڌ سماج ۾ عوامي سطح تي موجود ڪونه هو پر اُهو هنن پاڻ پيدا ڪيو. سنڌ جي اديب کي هن اَويساهيءَ ۾ ورتل سماج ۾ اتساهه ۽ اميد کي تخليق ڪرڻو پوندو.

سوال آهي ته ڇا اسان اڄوڪي دور ۾ اهڙي فڪر ۽ ڪردار جا حامل آهيون؟ جيڪڏهن نه ته پوءِ اسان کي سماج جي تنقيد تي ارهو ٿيڻ بجاءِ پنهنجي ڪردار تي غور ڪرڻ گهرجي ۽ ان جي نئين سر اڏاوت ڪرڻ گهرجي ۽ قلم جي حُرمت جو نه رڳو اڳوڻو اوج واپس ورائڻ گهرجي پر ان کي اڃا به وڏيءَ سَگهه سان نئين تقاضائن موجب اُڀارڻ گهرجي. اهو دور جي گهري فڪر، شعور جي بلندين، احساس جي گهرائين ۽ شفاف ڪردار کانسواءِ ممڪن نه آهي.

*(روزاني ڪاوش حيدرآباد، اربع 28 فيبروري 2018ع)*

۽ متاچرين حقيقتن ۽ جذبن تي ٻڌل آهي. نتيجي ۾ سندس لکيل ادب بہ ٿلهي ليکي نہ تہ پنهنجي دور جو ترجمان ٻڻجي ٿو سگهي ۽ نہ ئي ان تي وڏي پئماني تي اثرانداز ٿي سگهي ٿو. اسان کي سمجهڻ گهرجي تہ سَٺ جي ڏهاڪي ۾ اسان وٽ مزاحمتي ادب جو رجعت پسنديءَ سان ٽَڪر هو، جنهن ۾ شيخ اياز، سائين جي ايم سيد، ابن حيات پنهور، غلام محمد گرامي ۽ رسول بخش پليجي جهڙن اديبن ۽ عالمن غيرمعمولي ڪردار ادا ڪيو. ون يونٽ جي دور ۾ مزاحمت جو رُخ رياست طرف هو. آمريتن ۾ ان مزاحمت جو جوهر جمهوري ۽ آمريتن خلاف هو پر اڄوڪي دور ۾ رياست يا حڪومتن سان گڏوگڏ سماج ۾ اُڀري آيل هر قسم جي انتهاپسنديءَ ۽ منفي لاڙن خلاف ادبي مزاحمت ڪرڻي پوندي، پر اهو سڀ اديب تڏهن ڪري سگهندو جڏهن ان وٽ پنهنجي دور کي سمجهڻ جو گِهرو ادراڪ هوندو، جنهن جي وڏي کوٽ نظر اچي ٿي.

(2) ادب رڳو ڪمرن ۾ ويهي ڪتابن جي ڳوڙهي مطالعي جي پيداوار نہ هوندو آهي، اُهو علم، شعور ۽ فڪر سان گڏوگڏ سماج ۽ عوام سان سڌي لاڳاپي ۽ سندن گهري مشاهدي جو بہ تخليقي نتيجو هوندو آهي. سوال آهي تہ اڄوڪو اديب مجموعي طور سماج ۽ عوام يا زندگيءَ جي تلخ حقيقتن سان ڪيترو واڳيل آهي ۽ جيڪڏهن آهي تہ بہ هن وٽ انهن حقيقتن بابت ڪو تنقيدي نقطهءِ نظر جوڙڻ جي ڪيتري شعوري ۽ تخليقي توڙي تخيلاتي صلاحيت آهي؟ اڄوڪي دور ۾ سنڌي اديبن جي ڪردار جي حوالي سان اهو هڪ اهم سوال آهي. ظاهر آهي تہ جيڪڏهن اديب علم، ادب ۽ فڪر سان بہ واڳيل نہ هوندو ۽ اُهو سماج ۽ عوام کان بہ بنيادي طرح ڪٽيل هوندو يا ان بابت ڪو نقطهءِ نظر جوڙڻ جي فڪري صلاحيت نہ رکندو تہ پوءِ ادب جو مطلب ڳالهين، خيالن ۽ احساسن جو ورجاءُ ئي هوندو. اردو شاعريءَ ۾ لکين غزل لکيا ويا، پوءِ ڇو مير، غالب، اقبال ۽ فيض کي اهو درجو مليو، ڇو تہ انهن ۾ تفڪر سان گڏوگڏ سماج ۽ زندگيءَ کي پروڙڻ جي غيرمعمولي فڪري صلاحيت بہ هئي. اسان کي سمجهڻ گهرجي تہ اديب سماج، عوام ۽ روشن خيال فڪر کان ڪٽجي ويندو تہ پوءِ ان جو لکيل لفظ بي روح هوندو ۽ سماج ۾ ڪا اُٿل پُٿل پيدا ڪري نہ سگهندو.

(3) ون يونٽ جي دور ۾ سنڌي اديب ان ڪري بہ سماج جي اتساهہ جو سرچشمو هو، جو اُهو روشن خياليءَ، ترقي پسنديءَ، وطن دوستيءَ، طبقاتي سوال ۽ مزاحمتي ڪردار جو منهندار هو ۽ هاڻي هم عصر دور ۾ اهو نئين حالتن مطابق پنهنجي منهنداريءَ وارو تہ ڇا، پر اثرائتو ۽ سُونهين وارو ڪردار سمجهڻ ۽ ادا

# اڄوڪو اديب سنڌي سماج جي
# ترجماني ڪري ٿو؟

گذريل مضمون ۾ ان نقطي تي ڳالهايو ويو هو تہ اديب جو سماج ۾ ڪردار هجڻ گهرجي، ان نقطي جي تسلسل ۾ اڄ اهو جائزو وٺبو تہ سنڌي سماج ۾ جيڪا اٿل پٿل ۽ بيچيني آهي، ان ۾ اسان جو اديب ڪٿي بيٺل آهي؟ عالمي طور ايندڙ تبديلين کان هو ڪيترو واقف آهي؟ هن اڄوڪي مضمون کي ڪالهوڪي مضمون سان ڳنڍي ئي پڙهڻ گهرجي. اڄو تہ ان جو مختصر نموني نقطي وار جائزو وٺون.

(1) ياد رکڻ گهرجي تہ هر دور ۾ جڏهن ڪا ادبي، فڪري يا فني روايت خاص تي اُڀرندي آهي تہ اُها ٻئي دور ۾ عام تي ويندي آهي ۽ ائين هر دور کي عام سان گڏ ڪي نہ ڪي خاص روايتون پڻ گهربل هونديون آهن. اڄوڪي دور جي حوالي سان اهم سوال اهو آهي تہ سنڌي ادب ۾ اُهي خاص لاڙا ڪهڙا آهن؟ منهنجيءَ نظر ۾ ان جي ڪوٽ جو هڪ اهم سبب اِهو بہ آهي تہ هن هم عصر دور جو اديب ٿلهي ليکي پنهنجي هم عصر عالمي ۽ مقامي دور جي پيچيدگين کي فڪري طور سمجهڻ کان قاصر آهي. جڏهن تہ موجوده دور ۾ ٿلهن جذبن يا فڪر کان وانجهيل تخيل جي بنياد تي ادب جو تخليق ٿيڻ ممڪن نہ آهي، ڇاڪاڻ تہ ان ۾ اُها وسعت ۽ گهرائي نہ هوندي. اهو ئي تہ عنصر هو جيڪو شيخ اياز کي پنجاهہ، سَٺ ۽ سَتر جي ڏهاڪن ۾ بلندين تي ڪٺي ويو. شيخ اياز اُن دور ۾ اهو ان لاءِ ڪري سگهيو هو جو هن جو ادبي مطالعو بيحد وسيع هو. اڄوڪو سنڌي اديب ٿلهي ليکي محدود ادبي ۽ فڪري مطالعو رکي ٿو. جڏهن تہ اڄوڪو اديب اهو سمجهڻ کان وانجهيل آهي تہ هن نام نهاد "جديديت پڇاڙان" (Post Modernism) دورَ فڪري، سماجي، سياسي ۽ داخلي طور انساني سماج ۾ ڪهڙيون پيچيدگيون پيدا ڪيون آهن ۽ هڪ اديب انهن کي ڪيئن بيان ڪري سگهي ٿو يا ان جي مزاحمت ڪري سگهي ٿو. سٺ، ستر ۽ اَسيءَ جا ادبي فريم ورڪ ايڪويهين صديءَ ۾ بہ ائين جو ائين هلن، اهو ممڪن نہ آهي. اڄوڪي سنڌي اديب جو فڪري دائرو ڏاڍو محدود ۽ رڳو مقامي محرڪن

قادريءَ جو بلو دادا، جمال ابڙي جو پشو پاشا، آغا سليم جو سارنگ، ارغون ۽ تُرخان دور ۾ سنڌ جي مزاحمت جا ارڏا ڪردار جيڪي سراج تخليق ڪيا، اُهي سڀ ڪي حقيقي ڪردار نہ هئا پر اُهي مختلف حوالن سان پنهنجي دورن جا ترجمان هئا. جڏهن تہ شيخ اياز ۽ استاد بخاريءَ جيڪو شعور شاعريءَ ۾ آندو، اُهو سنڌن سماج ۾ عوامي سطح تي موجود ڪونہ هو، اُهو هنن پاڻ پيدا ڪيو. تنهنڪري اهڙوڪي سنڌ جي اديب کي هن اَويساهيءَ ۾ ورتل سماج ۾ اتساهہ ۽ اميد کي تخليق ڪرڻو پوندو.

سڀ کان آخر ۾ اسان کي سمجهڻو پوندو تہ حقيقي اديب ۽ ليکڪ پنهنجي سماج جي هِينئين جي ڌُوٽي هوندو آهي، اُهو خوابن جي تعبير پل تہ نہ ڏئي سگهي پر سماجن کي خواب ڏيندو آهي، اُنهن جي اندر ساپيائن جا ٻجَ پوکيندو آهي، اهو اَويساهيءَ جي مُونجهہ ۾ ويساهہ تخليق ڪندو آهي، فرار جي چوواٽي تي ڏَڳ ڏسيندو آهي، اهو ڪِرڻ نہ پر اُٿڻ سيکاريندو آهي، اهو لطيف چواڻي گوندر کي پرينءَ جي گَس ۾ تبديل ڪري ڏيکاريندو آهي. سوال آهي تہ ڇا اسان اهڙوڪي دور ۾ اهڙي فڪر ۽ ڪردار جا حامل آهيون؟ جي نہ تہ پوءِ اسان کي سماج جي تنقيد تي ارهو ٽيڻ بجاءِ پنهنجي ڪردار تي غور ڪرڻ گهرجي ۽ ان جي نئين سر اڏاوت ڪرڻ گهرجي ۽ قلم جي حُرمت جو نہ رڳو اڳوڻو اوج واپس وراڻڻ گهرجي پر ان کي اڃا بہ وڌيڪ سَگهہ سان نئين تقاضائن موجب اُپارڻ گهرجي. اهو دور گهري فڪر، شعور جي بلندين، احساس جي گهرائين ۽ شفاف ڪردار کانسواءِ ممڪن نہ آهي.

*(روزاني ڪاوش حيدرآباد، 27 فيبروري 2018ع)*

هوندو، جنهن جي وڏي ڪوت نظر اچي ٿي.

(5) ادب رڳو ڪمرن ۾ ويهي ڪتابن جي ڳوڙهي مطالعي جي پيداوار نه هوندو آهي، اُهو علم، شعور ۽ فڪر سان گڏوگڏ سماج ۽ عوام سان سڌي لاڳاپي ۽ سندن گهري مشاهدي جو به تخليقي نتيجو هوندو آهي. سوال آهي ته اڄوڪو اديب مجموعي طور سماج ۽ عوام يا زندگيءَ جي تلخ حقيقتن سان ڪيترو واڳيل آهي؟ جي آهي ته به هن وٽ انهن حقيقتن بابت ڪو تنقيدي نقطه نظر جوڙڻ جي ڪيتري شعوري ۽ تخليقي توڙي تخيلاتي صلاحيت آهي؟ اڄوڪي دور ۾ سنڌي اديبن جي ڪردار جي حوالي سان اهو هڪ اهم سوال آهي. ظاهر آهي ته جيڪڏهن اديب علم، ادب ۽ فڪر سان به واڳيل نه هوندو ۽ اُهو سماج ۽ عوام کان به بنيادي طرح ڪٽيل هوندو يا ان بابت ڪو نقطه نظر جوڙڻ جي فڪري صلاحيت نه رکندو ته پوءِ ادب جو مطلب ڳالهين، خيالن ۽ احساسن جو ورجاءُ ٿي هوندو. اردو شاعريءَ ۾ لکين غزل لکيا ويا، پوءِ ڇو مير، غالب، اقبال ۽ فيض کي اهو درجو مليو، ڇو ته انهن ۾ تفڪر سان گڏوگڏ سماج ۽ زندگيءَ کي پروڙڻ جي غير معمولي فڪري صلاحيت به هئي. اسان کي سمجهڻ گهرجي ته اديب سماج، عوام ۽ روشن خيال فڪر کان ڪٽجي ويندو ته پوءِ ان جو لکيل لفظ بي روح هوندو ۽ سماج ۾ ڪا اُٿل پُٿل پيدا ڪري نه سگهندو.

(6) ون يونٽ جي دور ۾ سنڌي اديب ان ڪري به سماج جي اتساهه جو سرچشمو هو جو اُهو روشن خيالي، ترقي پسنديءَ، وطن دوستيءَ، طبقاتي سوال ۽ مزاحمتي ڪردار جو منهندار هو ۽ هاڻي هم عصر دور ۾ اهو نين حالتن مطابق پنهنجي منهنداريءَ وارو ته ڇا پر اثرائتو ۽ سُونهين وارو ڪردار سمجهڻ ۽ ادا ڪرڻ ۾ به ڪامياب نه ويو آهي، تنهنڪري اڄوڪي اديب کي موجوده عالمي ۽ مقامي دور جي تقاضائن مطابق پنهنجي ڪردار جي نئين سر جوڙجڪ ڪرڻي پوندي. روايتي فڪر، معمولي ڪردار ۽ مڙيوئي قلمي ڪم ٽپائڻ سان اڄوڪو اديب پنهنجي دور جي شعور، ضمير ۽ زندگيءَ جو ترجمان ۽ سُونهون نه ٿو بڻجي سگهي. اڄوڪي سماج جو دور هوبهو ماضيءَ وارو ناهي، سماج جون پيڙائون رڳو ساڳيون ناهن، تنهنڪري اڄوڪي دور جي اديب کي نئين انداز ۽ نئين دور جي حساب سان اُلٽي آڪِ گهرجي، جيڪا هن دور کي سمجهڻ جي اهل هجي، ان کي بيان ڪرڻ جي تخليقي صلاحيت ۽ شعور جي حامل هجي. سڀ کان وڏي ڳالهه ته اديب رڳو حقيقتن جو محتاج ناهي هوندو. اهو رڳو پنهنجي دور ۾ زنده ڪردارن تي اڪتفا ناهي ڪندو. اهو نوان اتساهيندڙ ڪردار، رويا، سوچڻ ۽ محسوس ڪرڻ جا انداز تخليق ڪندو آهي. اياز

تائين سنڌي ادب تي ترقي پسند، روشن خيال ۽ وطن دوست مزاحمتي ادب جا لاڙا حاوي آهن، جو سماج جون حقيقتون اهڙيون رهيون آهن. پر موجوده دور جو ادب ٿُلهي ليکي پنهنجي دور جي محرڪن کي اچا موضوع بڻائي نہ سگهيو آهي.

(4) ياد رکڻ گهرجي تہ هر دور ۾ جڏهن ڪا ادبي، فڪري يا فني روايت خاص تي اُبرندي آهي تہ اُها ٻئي دور ۾ عام تي ويندي آهي ۽ ائين هر دور کي عام سان گڏ ڪي نہ ڪي خاص روايتون پڻ گهربل هونديون آهن. اڄوڪي دور جي حوالي سان اهم سوال اهو آهي تہ سنڌي ادب ۾ اُهي خاص لاڙا ڪهڙا آهن؟ منهنجيءَ نظر ۾ ان جي کوٽ جو هڪ اهم سبب اِهو بہ آهي جو هن هم عصر دور جو اديب ٿلهي ليکي پنهنجي هم عصر عالمي ۽ مقامي دور جي پيچيدگين کي فڪري طور سمجهڻ کان قاصر آهي. موجوده دور ۾ ٿلهن جذبن يا فڪر کان وانجهيل تخيل جي بنياد تي ادب جو تخليق ٿيڻ ممڪن نہ آهي، ان ۾ اُها وسعت ۽ گهرائي نہ هوندي. اهو ئي تہ عنصر هو جيڪو شيخ اياز کي پنجاهہ، سَٺ ۽ سَتر جي ڏهاڪن ۾ بلندين تي کڻي ويو. شيخ اياز اُن دور ۾ اهو ان لاءِ ڪري سگهيو هو جو هن جو ادبي مطالعو بيحد وسيع هو. جيڪڏهن تہ اڄوڪو سنڌي اديب ٿلهي ليکي محدود ادبي ۽ فڪري مطالعو رکي ٿو. اڄوڪو اديب اهو سمجهڻ کان وانجهيل آهي تہ هن نام نهاد "جديديت پڇاڙان" (Post Modernism) دوَر فڪري، سماجي، سياسي ۽ داخلي طور انساني سماج ۾ ڪهڙيون پيچيدگيون پيدا ڪيون آهن ۽ هڪ اديب ان کي ڪيئن بيان ڪري سگهي ٿو يا ان جي مزاحمت ڪري سگهي ٿو. سٺ، ستر ۽ اَسيءَ جا ادبي فريم ورڪ ايڪويهين صديءَ ۾ بہ ائين جو ائين هلن، اهو ممڪن نہ آهي. اڄوڪي سنڌي اديب جو فڪري دائرو ڏاڍو محدود ۽ رڳو مقامي محرڪن ۽ متاثري حقيقتن ۽ جذبن تي ٻڌل آهي. نتيجي ۾ سندس لکيل ادب بہ ٿلهي ليکي نہ تہ پنهنجي دور جو ترجمان بڻجي ٿو سگهي ۽ نہ ئي ان تي وڏي پئماني تي اثرانداز ٿي سگهي ٿو. اسان کي سمجهڻ گهرجي تہ سَٺ جي ڏهاڪي ۾ اسان وٽ مزاحمتي ادب جو رجعت پسنديءَ سان ٽَڪر هو. جنهن ۾ شيخ اياز، سائين جي ايم سيد، ابن حيات پنهور، غلام محمد گرامي ۽ رسول بخش پليجي جهڙن اديبن ۽ عالمن غيرمعمولي ڪردار ادا ڪيو. ون يونٽ جي دور ۾ مزاحمت جو رُخ رياست طرف هو. آمريتن ۾ ان مزاحمت جو جوهر جمهوري ۽ آمريتن خلاف هو پر اڄوڪي دور ۾ رياست يا حڪومتن سان گڏوگڏ سماج ۾ اُڀري آيل هر قسم جي انتهاپسنديءَ ۽ منفي لاڙن خلاف ادبي مزاحمت ڪرڻي پوندي پر اهو سڀ اديب تڏهن ڪري سگهندو جڏهن ان وٽ پنهنجي دور کي سمجهڻ جو ڳهرو ادراڪ

ٿو سڄو ڏينهن رستن تي احتجاج لاءِ بيٺو هجي، ڪو چوي ٿو سرڪار جو پُڇ لٽڪائو هجي، ڪو چوي ٿو اديب ڀِراجيت جو رول ماڊل هجي، پر ڪوبہ نٿو چوي ٿو تہ اُهو ڪو معياري ادب بہ تخليق ڪري ۽ پنهنجي سوچ ۽ ضمير مطابق آزاد فرد هجي. نتيجو اهو آهي تہ اڄوڪي دور جو اديب متضاد فرمائشي پروگرامن جي چوواٽي تي واٽڙو بيٺو آهي.

(3) مان سمجهان ٿو تہ اڄوڪي دور جي سمورن اديبن، ليکڪن ۽ شاعرن تي تنقيد جي وڏي گنجائش موجود آهي پر اُها مختلف گروهن جي داخليت تي ٻڌل فرمائشي پروگرام تي نہ پر سماج جي معروضيت جي بنياد تي هئڻ گهرجي. ادب بظاهر هڪ مڪمل طور داخلي، تخليقي، فڪري ۽ فني لقاءُ آهي پر حقيقت ۾ ان جو تمام وڏو تعلق سماج جي معروضيت سان بہ آهي. ادب جو تعلق لازوال عالمي ۽ دائمي قدرن سان بہ آهي پر ان جو تعلق پنهنجي هم عصر دور ۽ حالتن سان بہ آهي ۽ انهن ٻنهي محرڪن ۾ هڪ تخليقي ۽ جمالياتي توازن هئڻ گهرجي. اسان وٽ جڏهن سومرن ۽ سمن جي دور ۾ رزميہ شاعريءَ جو عروج هو تہ ان جو سبب سنڌ تي خلجين، پورچوگيزن ۽ ارغونن جون ڪاهون هيون. سورهين صديءَ کان سنڌ ۾ تصوف جي شاعريءَ جي دور پٺيان ارغونن، ترخانن ۽ مغلن جي زماني ۾ مذهبي انتهاپسنديءَ جي شڪل ۾ سنڌ جي خودمختياريءَ تي هلائون هيون ۽ سنڌي تصوف جي شڪل مزاحمتي هئي، اُها خانقاهي نہ هئي (نقشبندين ۽ سهروردين کي ڇڏي ڪري). اُڻويهين صديءَ ۾ سنڌي ادب ۾ روشن خيال نثري توڙي شعري ادب جو لاڙو ان ڪري بہ وڌيو جو ان دور ۾ نئيي ڪنڌ جي نام نهاد مسلم اشرافيہ پنهنجي متروڪ ۽ زوال پذير سياسي طاقت ۽ سماجي حيثيت کي بچائڻ لاءِ جديد دور جي روشن خياليءَ سان هم آهنگ ٿيڻ بجاءِ مذهبي انتهاپسنديءَ ۾ پنهنجو جياپو ڳولي رهي هئي ۽ سنڌ جو روشن خيال ناصحانہ ادب ان جو هڪ ردعمل هو جنهن جو منهندار مرزا قليچ بيگ هو. ويهين صديءَ جي پهرين اڌ ۾ سنڌي ادب ۾ ترقي پسند روشن خياليءَ ۽ انقلابيت جي لاڙن کي ان ڪري بہ هٿي ملي جو اُهو عالمي طور انهن لاڙن جو دور هو جن جي اهميت کي سنڌي اديبن پڻ محسوس ڪري ورتو هو. ان دور ۾ سنڌ جي سنڌي مسلمان توڙي هندو وچولي طبقي پڻ زرعي سماج جي موضوعاتي دائري مان نڪري شهري سماج جا موضوع ادب ۾ آڻڻ جي ڪامياب ڪوشش ڪئي. ورهاڱي کانپوءِ ۽ خاص طور تي ون يونٽ جي قيام کانپوءِ سنڌي ٻوليءَ ۾ ترقي پسنديءَ سان گڏوگڏ وطن دوستيءَ ۽ مزاحمت جا لاڙا شامل ٿيا ۽ سنڌي ادب جو هڪ شاندار دور سامهون آيو. اڄ

سڪون ۽ آدرشي خوابن بجاءِ اجاين ڪُوڙين ضرورتن، تي ويءَ جي اسڪرين جهڙين تڪڙين تبديلين ۾ هڪ اهڙي گوڙ گهمسان جو حصو ٿي ويو آهي، جتي هو ڪنهن به ڳالهه يا لقاءَ تي گهڻو وقت نه ٿو بيهي سگهي ۽ ڪنهن به ڳالهه تي ويساهه نه ٿو ڪري. "جديديت پڄاڻان" جي ان بدحواسيءَ اسان جي سياست، ادب سميت هر شعبي تي وڏا ناڪاري اثر ڇڏيا آهن. پر ڏٺو وڃي ته سماج جي بدلجندڙ روين، قدرن ۽ لاڙن تي رڳو عالمي حالتون ئي نه پر ان سماج جا داخلي محرڪ ۽ معروضي حالتون به اثرانداز ٿين ٿيون ۽ ڪن حالتن ۾ اُهي وڌيڪ اهم ٿين ٿيون. ان حوالي سان اسان کي سنڌي سماج ۾ اچوڪي دور جي حوالي سان سنڌي اديبن ۽ شاعرن جي مجموعي ڪردار توڙي انهن ڏانهن سماج جي تبديل ٿيندڙ لاڙن جي ڇنڊ ڇاڻ ڪرڻي پوندي. ان ڏس ۾ هيٺين ڳالهين تي اسان کي سنجيدگيءَ سان ويچار ڪرڻ گهرجي:

(1) اديب، ليکڪ ۽ شاعر جي اهميت انهن جي ادب، فن ۽ فڪر جي سبب ئي آهي، جي ادب ثانوي اهميت اختيار ڪري ويندو يا ادب جي تخليق بدران اديب گهڻو بحث هيٺ ايندو ته پوءِ ذاتي ۽ گروهي تڪرارن جو اُپرڻ عام ٿي ويندو آهي. هن وقت سنڌي سماج ۾ ادب بحث هيٺ گهٽ پر اديب وڌيڪ بحث هيٺ آهي. ان ۾ اسان اديبن، ليکڪن ۽ شاعرن جو به ڏوهه آهي، جو اسان ادب کان وڌيڪ پاڻ کي اهميت ڏيڻ شروع ڪئي آهي، جڏهن ته اهميت اديب کان وڌيڪ ادب کي هئڻ گهرجي. اڳوڻن قديم دورن جي اديبن، شاعرن ۽ ليکڪن جي باري ۾ تاريخ ۾ گهٽ معلومات ملي ٿي پر اُهي پنهنجي تخليق ڪيل ادب، فن، فڪر ۽ ٻوليءَ جي ڪري زنده آهن. اديب هڪ انسان آهي، سماج جو فرد آهي، ان ۾ انيڪ ڪمزوريون ٿي سگهن ٿيون پر ان جي تخليق ڪيل ادب کي وڌيڪ اهميت آهي ۽ ملڻ گهرجي. ان حوالي سان سنڌ ۾ ادب بجاءِ گهڻو اديبن تي بحث مباحثي جي لاڙي تي غور ٿيڻ گهرجي. موجوده حالتن ۾ اديب جي ڀيٽ ۾ ادب ثانوي اهميت اختيار ڪري ويو آهي.

(2) موجوده دور ۾ ادب جي ڀيٽ ۾ اديب ان ڪري به وڌيڪ بحث هيٺ آهي جو سماج ۾ هر سوچ رکندڙ گروهہ هن کان پنهنجي پنهنجي تقاضائن مطابق مخصوص ڪردار جي گهُر ڪن ٿا. اديب کان معياري ادب کانسواءِ ٻي هر شيءِ جي تقاضا ڪئي وڃي ٿي. ان ۾ ڪوبه شڪ يا ٻه رايا نه آهن ته هڪ سچي اديب کي هميشه سچ، عوام، انصاف ۽ مظلوم جي پاسي هئڻ گهرجي پر هتي هر گروهه وٽ پنهنجو فرمائشي پروگرام آهي ۽ ان آڌار هر گروهه وٽ فتوائون آهن. ڪو گروهه چوي ٿو ته اديب سياست جو ڪم ڪري، ڪو چوي

# سنڌي اديبن جو ڪردار ڪهڙو هئڻ گهرجي؟

گذريل مضمون مون سنڌي ادبي سنگت جي بحران جي پس منظر ۾ لکيو هو پر جيئن تہ سنڌ جا سمورا ليکڪ، اديب ۽ شاعر سنڌي ادبي سنگت ۾ تنظيمي طور موجود نہ آهن، ان ڪري موجوده دور جي حوالي سان اسان کي پنهنجو مجموعي طور بہ تنقيدي ۽ حقيقت پسند جائزو وٺڻ جي ضرورت آهي. سنڌ ان لحاظ کان هڪ ياڳ وارو سماج آهي، جو هتي ملڪ جي ٻين ٻولين جي سماجن جي ڀيٽ ۾ نہ رڳو ادب گهڻو لکيو ويو آهي (اردوءَ کي ڇڏي) پر هتي لکيل لفظ ۽ مجموعي طور ادب، اديب ۽ تخليقڪار کي ميڄتا بہ وڌيڪ ملندي رهي آهي. اديبن ۽ شاعرن جي اهڙي حيثيت ملڪ جي ٻين ٻولين جي سماجن ۾ گهٽ آهي. ان جو هڪ سبب اهو بہ ٿي سگهي ٿو تہ سنڌي سماج اڃا ذهني ۽ تعليمي اوسر جي ان ڏاڪي تي نہ پهتو آهي جو اُهو سائنسدانن، سماجي علمن جي ڄاڻن ۽ ٻين شعبن جي لائق ماڻهن کي بہ قومي ۽ سماجي سطح تي ساڳيءَ طرح گهربل اهميت ڏئي سگهي. "جديديت پُڄاڻان" جي هن انتشار واري دور ۾ سماج ۾ هر شيءِ کي رد ڪرڻ جو جيڪو ناڪاري رويو اُڀريو آهي، ان کان سنڌي اديب، شاعر، ليکڪ ۽ اسڪالر بہ بچيل نہ آهن. ويجهي عرصي ۾ ان صورتحال ۾ ڪجهہ فرق ايندي نظر اچي ٿو يعني سنڌ ۾ اديبن، شاعرن ۽ ليکڪن جي مجموعي اهميت جي اڳوڻي حيثيت ۽ احترام ۾ ڪجهہ گهٽتائي آئي آهي. ان جو سبب اهو هرگز نہ آهي تہ ڪو هاڻي سنڌي سماج ٻين شعبن جي وڌيڪ اهميت محسوس ڪرڻ شروع ڪئي آهي، جنهن جو ذڪر مون مٿي ڪيو آهي، پر ان جا بنيادي طور ٻہ سبب آهن، يعني هڪ مٿي ڄاڻايل ۽ ٻيو سماج ۾ سنڌي اديب جو گهربل سگهارو ڪردار نہ هجڻ. ضرورت آهي تہ ان پيش منظر ۾ هن سوال جو حقيقت پسند جائزو ورتو وڃي.

ان صورتحال جو هڪ اهم سبب تہ نام نهاد "جديديت پڄاڻان" جو واتڙو ۽ انتشار وارو دور آهي، جنهن ۾ هر شيءِ ٽڪڙو پنهنجي اهميت وڃائي ويهي ٿي. هن جديد سرمائيداريءَ جي نيو لبرل دور مجموعي طور انسانذات کي اهڙيءَ اجائي هڻ هڻان ۽ بي مقصد ڊوڙ ۽ وَٽ وَٽان ۾ وجهي ڇڏيو آهي، جو هن دور جو انسان ۽ سماج مجموعي طور فڪر ۽ باشعور خيالن، فطري احساسن، دلي

فرق ڪرڻو پوندو، پنهنجون اوليتون تبديل ڪرڻيون پونديون ۽ سڀ کان وڏيڪ ڳالهه ته پنهنجي قلم جي حرمت، ضمير جي سچائي، فڪر جي چٽائي ۽ ڪردار جي شفافيت کي بحال ڪرڻو ۽ ڪرائڻو پوندو. ڇا اسين سنڌ جا سمورا سڄاڻ اديب، ليکڪ، شاعر ان لاءِ ذهني ۽ علمي طور تيار آهيون؟ انهن سوالن جو جواب اسان جي انفرادي ۽ گڏيل ڪردار مان اچڻ گهرجي.

*(روزاني ڪاوش حيدرآباد، آچر 25 فيبروري 2018ع)*

بہ هوندي آهي ۽ مجموعي طور سنڌي سماج جي آهي. جڏهن علم، فڪر، نظريا، ادب، گڏيل جائز مفاد ۽ خواب غيراهم بڻجي ويندا تہ پوءِ سماج ذاتي، گروهي مفادن ۽ تڪرارن جي ڪڌ ۾ وڃي ڪرندو آهي.

(7) اسان کي اهو بہ سوچڻو پوندو تہ ڪجهہ ڏهاڪا اڳ سنڌي ادبي سنگت جهڙا فورم ننڍن شهرن، ڳوٺن جي شاعرن، اديبن ۽ ليکڪن لاءِ ان ڪري بہ وڌيڪ اهم هوندا هئا، جو شاعرن ۽ اديبن کي پنهنجو لکيل مواد پڌائڻ لاءِ گهڻا فورم موجود نہ هئا ۽ سنڌي ادبي سنگت اها کوٽ پوري پئي ڪئي، پر هاڻي تہ سوشل ميڊيا جو دور آهي ۽ ليکڪ اڄ پنهنجي اظهار لاءِ ڪنهن تنظيم جو محتاج نہ رهيو آهي. سوال آهي تہ پوءِ اهڙي بدلجندڙ صورتحال ۾ ادبي تنظيمون صرف ساڳئي ڪارج سان ساڳيو ڪردار ادا ڪري سگهن اهو ممڪن نہ آهي. تنظيمن ۽ ادارن کي وقت ۽ حالتن آهر پنهنجي ڪردار کي تبديل ۽ بهتر ڪندو رهڻ گهرجي. اهو رڳو ادبي سنگت جو ئي نہ، پر اسان جي قومپرست ۽ وطن دوست سياسي تنظيمن جو حال بہ آهي. حالتون سرد جنگ مان نڪري نام نهاد "جديديت پڄاڻان" جي دور ۾ داخل ٿي چڪيون آهن، پر اسان جي تنظيمن جي سوچ، فڪر، حڪمت عملين، جدوجهد جي طريقن يا مجموعي ڪارج ۽ ڪردار ۾ ڪا تبديلي يا چاڙهہ نظر نہ ٿو اچي. منهنجي نظر ۾ سنڌي ادبي سنگت پڻ انهيءَ بحران ۽ تضاد جو شڪار آهي.

آخري ڳالهہ:

مان سمجهان ٿو تہ سنڌي ادبي سنگت جو ڪارج اڄ بہ آهي ۽ تمام گهڻو ٿي سگهي ٿو، پر شرط اهو آهي تہ اها پنهنجي سوچ، تنظيمي ڪلچر، ڪارج ۽ ڪردار ۾ بنيادي مثبت تبديليون آڻي. سنڌ جو سماج اڳ ئي سياسي، سماجي ۽ فڪري انتشار جو شڪار آهي. ڪو ماڻهو يا گروهہ ٻئي سان ڳنڍڻ، ويهڻ، ڳالهائڻ ۽ حقيقت پسند ٿيڻ لاءِ تيار ناهي. هر طرف انيڪ هجوم آهن ۽ هر هجوم هڪ ٻئي لاءِ غداريءَ جا ٺپا ٺپيل ڪهاڙين جيان کنيو وتي. هر علمي، فڪري، سياسي ۽ ادبي اختلاف ذاتي دشمني، گارگند، ڪردار ڪشي ۽ الزام تراشيءَ ۾ تبديل ٿيو وڃي. اهڙي صورتحال ۾ اديب، شاعر، ليکڪ ۽ عالم سنجيده ڪردار ادا ڪري سگهن ٿا ۽ سنڌي ادبي سنگت جهڙين متحرڪ تنظيمن جي صورت ۾ اهي وڌيڪ بهتر طور ڪري سگهن ٿا. ان لاءِ اسان جي اديب، شاعر، عالم کي هڪڙي فضيلت پريي علمي، فڪري ۽ ادبي ڪلچر کي جوڙڻو پوندو، پنهنجي علمي ۽ فڪري سطح کي بلند ڪرڻو پوندو، تنقيد ۽ اختلاف جي وقار کي بحال ڪرڻو ۽ ڪرائڻو پوندو. اختلاف ۽ ذاتي دشمني ۾

(5) سنڌي ادبي سنگت ۾ اسيءَ جي ڏهاڪي ۾ هڪ غلط ڊوڙ شروع ٿي، جيڪا اڃا تائين جاري آهي. هر گروهه جي ڪوشش آهي ته ان وٽ گهڻي ۾ گهڻا ووٽ ۽ شاخون هجن ته جيئن اهي چونڊون کٽي سگهن. نتيجي ۾ سنڌي ادبي سنگت ۾ "پنهنجا ماڻهو" ڀرتي ڪرڻ جو هڪ سخت غلط ۽ هاڃيڪار لاڙو پيدا ٿيو. جيڪو اڃا هلندڙ آهي. جڏهن ته حقيقت ۾ ادبي تنظيمون يا تحريڪون، ميمبرن ۽ شاخن جي تعداد جي بنياد تي نه پر ميمبرن جي معيار، ڪمٽمينٽ ۽ شاخن جي سرگرم ڪردار جي بنياد تي سگهاريون ٿينديون آهن. مون ته ڪيترن هنڌن تي اهڙا به ميمبر ڏٺا آهن، جن کي ادب جي الف جي به خبر ناهي هوندي. ان اجائي مقداري ڇنا ڀيٽي پڻ سنڌي ادبي سنگت جي معيار، ڪردار ۽ ڪارج کي سخت ڌڪ رسايو آهي ۽ ظاهر آهي ته ان جو ازالو به اها تنظيم اندروني طور ڪري سگهي ٿي، جيڪڏهن گروهي مفادن بجاءِ تنظيم ۽ ان جي ڪردار ۽ ڪارج کي اوليت ڏني وڃي. سنڌي ادبي سنگت مان ميمبرن ۽ شاخن جي اجائين ڀرتين تي ڪنٽرول ڪرڻ کانسواءِ ان جي معيار ۾ تبديلي اچي اهو ممڪن ناهي. سنگت جي ٻنهي گروپن جا سنجيده دوست ان ڏس ۾ ڪو متفق طريقو اختيار ڪري اهو مسئلو حل ڪري يا گهٽائي سگهن ٿا.

(6) سنڌي ادبي سنگت جي هڪ غير معمولي خوبي ماضيءَ ۾ انجو تنقيدي ۽ صحت مند ادبي ڪلچر هو. سنجيده اديب، شاعر ۽ عالم تنقيدي گڏجاڻين ۾ هڪ ٻئي جون فني، فڪري ۽ ادبي ڪلون لاهي ڇڏيندا هئا پر اهي تنقيدون ڪڏهن به ذاتي ۽ گهريلو اختلافن ۾ تبديل نه ٿيون. ڇا اڄوڪي دور ۾ تصور به ڪري سگهجي ٿو ته تنقيد ۽ تنقيدي ڪلچر کي اهڙي مثبت موٽ ملي؟ جيتوڻيڪ ان حوالي سان سموري سماج جو اهو حال آهي پر سماج جي روين ۾ عدم توازن ۽ بحرانن باوجود سنجيده تنظيمون ان کوٽ کي پورو ڪنديون آهن. اهو تنقيدي ڪلچر پڻ ادبي سنگت جي سونهن ۽ حقيقي ڪردار جي ساک هئي. اڳي به اختلاف ۽ تنقيدون بيحد هئا پر انهيءَ جي نوعيت نظرياتي، فڪري، ادبي، علمي ۽ فني هئي. هاڻي به اهي چوٽ چڙهيل آهن پر افسوس جو انهن جي نوعيت علمي، ادبي يا فڪري ۽ فني نه، پر شخصي ۽ گروهي آهي، ۽ اهو زوال اسي جي ڏهاڪي کان شروع ٿيو. جيڪو هاڻي اتي وڃي پهتو آهي جو سنڌي ادبي سنگت جي وحدت بابت ڳڻتي وڌي رهي آهي. اسان کي سمجهڻو پوندو ته جڏهن تنظيمن يا ادارن مان علمي، فڪري، ادبي ۽ فني يا سماجي جوهر يا ڪارج نڪري ويندو ته پوءِ شخصي ۽ گروهي ٽڪرائن جو اڀرڻ اٽل ٿي پوندو آهي. اها ساڳي صورتحال سماج جي



ساٿيھ جي سُرت پرئي سَڏ جهڙو سپرين جامي چانڊيو اسانجي فڪري ۽ ادبي قبيلي جي هينين جي ٽوٽي آهي. سنڌ ۾ روشن خيال فڪر جو ٻجُ ڇٽيندڙ دانشور اڳواڻن جي نظرياتي تسلسل کي پوري ذميواري سان قائم رکندڙ جامي چانڊيئي پنهنجي ٻالڪپڻ واري ڇمار کان ئي انهن عظيم انسانن جي صحبت اختيار ڪرڻ کي شايد انڪري بہ ضروري سمجهيو هوندو جو ڪائنئن پوءِ اونداهي واٽ تي ٻاريل سندن ڏيئي جي حفاظت جي ذميواري مٿس ئي اچڻي هئي ڏيئي جي لاٽ وسامي وئي تہ ڇا بچندو.؟

اجان تہ ڪيئي محبت جا مرحلا ايندا. سنڌ ۽ پاڪستان کانسواءِ سڄي دنيا جي ڪيترن ئي ملڪن ۾ 'شمشمير' جي ان شاعراڻي سرگوشي جو پڙاڏو ٻڌجي گوجندڙ جامي چانڊيئي اڄوڪي ڏينهن تائين پنهنجي اظهار يا عمل ۾ ڪڏنهن بہ اهڙو تيز نہ ڪاڏو جيڪو روشن خيال فڪري قافلي کي مهٽي هاب ڪري. بلڪ هن جيڪو بہ اکر لکيو ۽ جيڪا بہ وِڪَ ڪنئي آهي اها ان ئي واٽ تي مشتمل آهي جيڪا هن جي عشقَ ۽ عقلَ پاڻ چونڊي آهي. ان نظرياتي واٽَ تي جڏنهن بہ فڪري گمراهين جا واچوڙا برپا ٿيا آهن تہ هو پنهنجن معقول دليلن سان سانوڻ رت جي وڏڦڙي وانگر وَسي گمراهين جي اها گرد صاف ڪري پنهنجي واٽَ جا حد نشان واضح ڪندو رهيو آهي. جامي چانڊيئي جا مستقل پڙهندڙ منهنجي اها ڳالهہ کي سولائي سمجهي سگهن ٿا تہ هن هيل تائين جيڪو بہ لکيو آهي بامقصد ئي لکيو آهي. سندس نثر جي پيرن ۾ 'سمبارا' جي ڇير پاتل هجي يا هن جي لهجي ۾ دودي جي مياڻ مان نڪتل تلوار جهڙي تکي ڌار هجي پر تحرير جي ڪنهن بہ دلڪش جلوي کي هو روشن خيال ۽ وطن دوست فڪري ڪينواس مان ٻاهر نڪرڻ نٿو ڏي. هن جي سُڇيت قلم سان گڏ سدا متحرڪ قدم سندس منفرد ڪردار ۾ جيڪو توازن پيدا ٿا ڪن اهو سندس دوستن لاءِ اتساهہ ۽ دشمنن لاءِ ڳڻتي جو باعث بڻيل آهي. هو زندگي جي حُسناڪين ۾ ويساهہ رکندڙ اهڙو دانشور آهي جنهنجي رهاڻ مان اٿي روانو ٿيڻ وقت ماڻهو جو جهول نڪور آئيڊياز جي تازن گلن سان ڀريل ٿو هجي. معصوم دل ۽ نفيس طبيعت واري دوست جامي چانڊيئي جي ڪٿن ۽ اڙانگي واٽ واري هي مسافري ان شاعراڻي ڳالهہ تي منڊي جي ٽڪ وانگر فٽ ٿي اچي تہ: 'پڙڪڻ ۾ ٻاهہ سي مرڪڻ موتي مثل'. جامي چانڊيئي جو نثراڻو حسن ۽ تجزياتي حس جي ڇٽائي بنا ڪنهن شڪ جي وطن واسين لاءِ سڪار جو سبب بڻبي.

**ميرحسن آريسر**

ISBN # 978-969-9543-84-5

Rs. 800/-